إِنَّا نَحْنُ نَزَّلْنَا الذِّكْرَ وَإِنَّا لَهُ لَحَافِظُونَ ○ الحجر: 15/9

شرح البیان فی فہم القرآن

جلد ③

سُورَةُ یُونُس ـــ سُورَةُ الْکَهْفِ

ترجمو ءِ تشریح

کپتان غلام حسین "مشتاق" سچاروی

إِنَّا نَحْنُ نَزَّلْنَا الذِّكْرَ وَإِنَّا لَهُ لَحَافِظُونَ ○ الحجر: 15/9

شرح البيان في فهم القرآن

جلد ③ سُورَةُ يُونُس کان سُورَةُ الْكَهْفِ تائين

ترجمو تشريح
کپتان غلام حسين "مشتاق" سچاروي

سروار پبليڪيشن حيدرآباد - سنڌ

سپ حق ءِ واسطا محفوظ

نالو: شَرحُ البَيانِ في فَهمِ القُرآنِ (جلد3)
ترجموءِ تشريح: کپتان غلام حسين 'مشتاق' سچاروي'
کمپوزنگ: اسدالله پٹو (0321-3010894)
چاپو پهريون: دسمبر 2024ع
هديه: تقسيم في سبيل الله
تعداد: 500/-
چپائيندڑ: سرواڻ پبليڪيشن
بنگلو 53/3، لياقت روڈ، سول لائين حيدرآباد
موبائيل فون: 03009371724 - 03411234577
چاپيندڑ: ڪاڇو پبليڪيشن، ڪراچي. 0300-2879794

ملڻ جوهنڌ

سرواڻ پبليڪيشن
بنگلو 53/3، لياقت روڈ، سول لائين حيدرآباد
فون: 0222108020 - 0222781712
موبائيل فون: 03009371724 - 03411234577
www://mushtaqsacharvi.com/books/

فهرست

عنوان	صفحو
• سورة يونس	1164
• سورة هود	1257
• سورة يوسف	1342
• سورة الرعد	1417
• سورة ابراهيم	1463
• سورة الحِجر	1506
• سورة النحل	1551
• سوره بني اسرائيل	1658
• سورة الْكَهف	1761

سُوْرَةُ يُونُس

هن سورة جو نالو ٻه حسب دستور محض علامت طور آيت نمبر 98 کان ورتو ويو آهي، حالانڪ سورة جو موضوع بحث حضرت يونس عليه السلام جو قصو مقصود ناهي. هيءَ مڪي سورت آهي ۽ هڪ مضمون وانگر مربوط تقرير آهي ۽ مڪي جي آخري دور جي آهي. سورة جي آيت 98 ۾ حضرت يونس عليه السلام جي قوم جو ذڪر آهي، جنهن سان مڪي وارن کي نصيحت ڪرڻ مقصود آهي ته يونس عليه السلام جي قوم بروقت ايمان آندو ته سندن ايمان کين نفعو ڏنو ۽ الله جي عذاب کان بچي ويا. اهڙيءَ طرح اهلِ مڪه ٻه حضور ﷺ تي ايمان آڻيندا ته فائدي ۾ هوندا. قرآن جي ترتيب مطابق هيءَ ڏهين سورت آهي، پر نزول جي لحاظ سان 84 نمبر آهي. هن کان اڳ 83 سورتون نازل ٿي چڪيون هيون ۽ هن کان بعد 30 سورتون نازل ٿيون. مدني سورتن ۾ صلوٰة، زڪواة، حج، جهاد، نڪاح، ۽ ميراث وغيره جا مسئلا آهن، پر مڪي سورتن ۾ توحيدِ رسالت، آخرت ۽ جزا سزا جو بيان آهي.

جڏهن ڪافرن اسلام جي وڌندڙ قوت ڏسي ان کي دٻائڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ هاڻي سندن اصلاح جي ڪابه اميد نه رهي ته کين سندن انجام ڪار کان آگاهه ڪيو ويو. اهڙا دليل جيڪي توحيد خداوندي کي سمجهڻ ۾ مددگار ثابت ٿين ۽ عقل و ضمير کي مطمئن ڪري سگهن، اهي پيش ڪيا ويا. دور جاهليت جي غلط رسمن ۽ رواجن کان روڪڻ ۽ آخرت جو عقيدو پيش ڪرڻ ۽ سندن بيشمار شبهن ۽ اعتراضن جو روشن دليلن سان جواب ڏنو ويو. هن دنيا جي بي بقا زندگي ۽ آخرت جي بقادار حيات جاويد جو چٽو تصور ڏنو ويو. سمجهاڻي لاءِ حضرت نوح ۽ حضرت موسىٰ عليهما السلام جي قصن جو ذڪر ڪري ياد دهاني ڪرائي وئي آهي ته جنهن الله انهن جي مدد ڪرڻ فرمائي، اهو الله ئي هن آخري رسول ﷺ ۽ ان جي ساٿين جو مددگار هوندو ۽ ڪافرن جا سڀ منصوبا، شرارتون ۽ سازشون خاڪ ۾ ملي ويندیون. جنهن آخري تنبيهه تي ڌيان نه ڏنو ته ان جو دنيا ۽ آخرت ۾ برو انجام هوندو. هيءَ سورة ٻه سورة هود جي مضمون ۽ مفهوم ۾ جوڙ آهي. ٻنهي سورتن ۾ انذار ۽ بشارت تاريخي دليلن سان پيش ڪيل آهن. ٻنهي سورتن کي گڏ پڙهڻ سان چڱي طرح معلوم ٿي ويندو ته ٻه سورتون هڪ موضوع ۽ مقصد بيان ڪري رهيون آهن. ڪجهه مضمون سوره هود ۾ وڌيڪ وضاحت سان آيل آهن.

آيتون ١٠٩ | سُورَه يُونُس (مكي سورت) | رکوع ١١

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

الٓرٰ ۚ تِلۡكَ اٰيٰتُ الۡكِتٰبِ الۡحَكِيۡمِ ۝١ اَكَانَ لِلنَّاسِ عَجَبًا اَنۡ اَوۡحَيۡنَاۤ اِلٰى رَجُلٍ مِّنۡهُمۡ اَنۡ اَنۡذِرِ النَّاسَ وَ بَشِّرِ الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡۤا اَنَّ لَهُمۡ قَدَمَ صِدۡقٍ عِنۡدَ رَبِّهِمۡ ؕ قَالَ الۡكٰفِرُوۡنَ اِنَّ هٰذَا لَسٰحِرٌ مُّبِيۡنٌ ۝٢

وقف النبي صلى الله عليه وسلم — المنزل الثالث

الله جي (بابرڪت) نالي سان شروع جيڪو تمام گهٽو مهربان ۽ لڳاتار رحم ڪرڻ وارو آهي.

الف لام را يا الله عظيم ۽ رحيم جو ارشاد آهي: "منم خدائے می بينم" مان الله ڏسان ٿو تہ هي حڪمت واري ڪتاب جون آيتون آهن.(1) ڇا ماڻهن کي اها حيرانگي ٿي آهي تہ اسان انهن مان هڪ مرد ڪامل تي وحي ڪئي آهي تہ هو ماڻهن کي (سندن اعمال جي نتيجن کان) خبردار ڪري ۽ ايمان وارن کي خوشخبري ٻڌائي تہ هنن لاءِ سندن پروردگار پاران وڏي عزت وارو مرتبو ۽ مقام آهي پر ڪافر چوڻ لڳا تہ هي (شخص جو بيان ڪري رهيو آهي) وڏو جادوگر آهي. (2)

الف لام را يا مخدوم نوح سرور رحمة مطابق: الله عظيم ۽ رحيم جو ارشاد آهي: "منم خدائے می بينم و می دانم" مان الله ڏسان ٿو تہ هي (ڪتاب جادوگر ي ناهي، پر) اهڙي ڪتابِ حڪيم جون آيتون ۽ احڪام آهن، جيڪو سراپا حڪمت سان لبريز ۽ ماڻهن ۾ فيصلاڪن محڪم حڪم ڏيندڙ آهي. "آيتون" انهيءَ ڪري چيو ويو آهي، جو "آيت" جي معنيٰ آهي "نشاني". "آيات" (نشانيون) "آيت" جو جمع آهي. اهي الله تعالىٰ جي

توحيد ۾ حضور خَاتَمُ النَّبِيِّين صلی اللہ علیہ وسلم جي حقانيت لاءِ دليل ۾ نشانيون آهن. "تِلْكَ اٰيٰتُ الْكِتٰبِ" ۾ "تِلْكَ" اشارو پري لاءِ هوندو آهي. هت قرآن جي عظمت ۾ حڪمت جي لحاظ سان وڏي شان وارو چيو ٿو وڃي. (هن کان اڳ سورت البقره جي ابتداء ۾ "الٓمّٓ" مان اهو الله آهيان جو ڄاڻان ٿو ۾ سورة الاعراف ۾ "الٓمّٓصٓ" "منم خدائے می دانم و ہویدا می کنم" مان الله ڏسان پيو ۾ هويدا(ظاهر) ڪيان ٿو. هڪ الڳ آيت آهي، پر سوره يونس ۾ "الٓرٰ" "منم خدائے می بینم" "مان خدا ڏسان ٿو" ۾ آيت جو حصو آهي، الڳ آيت ناهي. انهن حروف مقطعات جو علم صرف الله کي آهي. ڪن جو خيال آهي ته انهن جو علم الله ۾ ان جي رسول خَاتَمُ النَّبِيِّين صلی اللہ علیہ وسلم کي آهي ۾ انهن جو علم حضور خَاتَمُ النَّبِيِّين صلی اللہ علیہ وسلم وٽان اولياء الله کي مليو آهي. ڪن جو خيال آهي ته رڳو سورتن جا نالا آهن. کي چون ٿا ته اهي حروف مقطعات الله جا نالا مبارڪ آهن. معلوم ٿيو ته "الٓرٰ" الله عليم ر حيم (جو ارشاد آهي) الله جا اسم گرامي آهن. رسول الله خَاتَمُ النَّبِيِّين صلی اللہ علیہ وسلم طرفان انهن جو علم اولياء الله کي عطا ٿيو آهي ۾ اولياء الله ان کي عوام الناس جي هدايت ۾ سمجهه لاءِ بيان ڪيو آهي. (والله اعلم بالصواب)

هن قرآن حڪيم کي وحي ذريعي هڪ ڪامل ۾ مڪمل شخص تي نازل ڪيو ويو آهي ته جيئن پليل پٽڪيل انسانن جي اصلاح ۾ رهبري ٿي سگهي. جنهن الله هن انسان کي فهم و شعور ۾ عقل وفراست ڏئي بارِ امانت عنايت ڪيو آهي ۾ اشرف المخلوقات جو مرتبو ڏنو آهي، ان کي شتر بي مهار ڇڏي نٿو سگهجي. انهي الله ئي حڪمت ۾ دانائيءَ سان لبريز ڪتاب جيڪو ماڻهن ۾ حق ۾ انصاف وارا محڪم فيصلا ڪندڙ آهي. قرآن شريف جي ڪتاب الله هڻڻ ۾ الله طرفان نازل هجڻ جو ذڪر ڪيترين ئي سورتن ۾ آيل آهي، جنهن کي الله تعالىٰ پنهنجي رسول خَاتَمُ النَّبِيِّين صلی اللہ علیہ وسلم تي نازل ڪرڻ فرمايو آهي، جيڪو اوهان جو همدرد ۾ خيرخواهه آهي ۾ اوهان مان ئي آهي جنهن جا شب و روز هڪ ڪليل ڪتاب وانگر اوهان جي اڳيان آهن. جيڪو صادق ۾ امين مشفق ۾ مهربان آهي. افسوس آهي جو اوهان کي هن حڪمت پري آيتن تي غور وفڪر ڪرڻ بدران اها حيرانگي آهي ته هڪ انسان تي اهي آيتون خدا طرفان نازل ڪيئن ٿيون ۾ انسان ته پيغمبر ٿي نٿو سگهي. ڪافرن جو هي تعجب انڪاري آهي، يعني نبي انسان ٿي نٿو سگهي، پر اهو شخص هڪ هوشيار جادوگر آهي، جو جادوءَ جي زور تي پنهنجو

تسلط قائم ڪرڻ گهري ٿو. هي شخص نه دولتمند آهي ۽ نه وري سرمائيدار يا رئيس آهي، پر يتيم آهي. خدا کي جيڪڏهن انسانن مان ڪنهن کي رسول ڪرڻو هيو تہ "لَوْلَا نُزِّلَ هٰذَا الْقُرْاٰنُ عَلٰى رَجُلٍ مِّنَ الْقَرْيَتَيْنِ عَظِيْمٍ" (الزخرف: 31/43) يعني مڪي ۽ طائف ۾ وڏا ماڻهو وليد بن مغيره، مسعود بن عمر ثقفي موجود هيا. خدا هنن جادوگر ۽ ساحر کي نبي ڪيئن بنايو. ڪافرن جو اهو خيال غلط آهي، ڇوتہ نہ هو جادوگر آهي، جو قرآن سندس جادوگريءَ جو نتيجو آهي، نہ شاعر آهي، جو قرآن شاعرانہ تخيل هجي ۽ نہ ڪاهن آهي، جو عالمِ بالا جون ڳالهيون ڪري. هو تہ حق ۽ سچ جو پيغمبر آهي هو توهان جو هڏڙوکي ۽ همدرد آهي ڪيس اوهان جو هميشہ فڪر رهي ٿو. (التوبه: 128/9) الله جو مؤمنن تي وڏو احسان آهي. (البقره: 151/2، آل عمران: 164/3-159، النساء: 65/4-64، الاعراف: 158/7، الانفال: 33/8، سبا: 28/34، (الحجرات: 49/1 ڪان 5)

هي خُلق عظيم جو مالڪ جڏهن خطاب ڪري ٿو تہ پٿر جهڙيون دليون بہ ميڙ ٿيو پون. هي جادوگر جي فن جو ڪمال نہ پر هڪ خدا جي رسول جي طرفان پيغام رباني جي تاثير آهي. هو انسانن کي بداعماليءَ جو هولناڪ نتيجن کان خبردار ڪرڻ (ڊيڄارڻ) وارو آهي. مؤمنن لاءِ خوشخبري ڏيندڙ آهي تہ ايمان وارن جو الله وٽ وڏو مان مرتبو ۽ عزت آبرو آهي، مگر ڪافر کيس خدا جو رسول مڃڻ بدران هڪ وڏو ماهر جادوگر چون ٿا. "قَدَمَ صِدْقٍ" جي معنىٰ آهي اهڙو مرتبو، جنهن ۾ عزت، بلندي ۽ لازوال سرفرازي هجي. ان جهڙو لفظ سورة القمر:54/ 55 ۾ "مَقْعَدِ صِدْقٍ" ۽ سوره بني اسرائيل: 80/17 ۾ "مُدْخَلَ صِدْقٍ" ۽ "مُخْرَجَ صِدْقٍ" بہ آيو آهي جنهن جو مفهوم بہ ساڳيو آهي.

اِنَّ رَبَّكُمُ اللّٰهُ الَّذِيْ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضَ فِيْ سِتَّةِ اَيَّامٍ ثُمَّ اسْتَوٰى عَلَى الْعَرْشِ يُدَبِّرُ الْاَمْرَ ؕ مَا مِنْ شَفِيْعٍ اِلَّا مِنْۢ بَعْدِ اِذْنِهٖ ؕ ذٰلِكُمُ اللّٰهُ رَبُّكُمْ فَاعْبُدُوْهُ ؕ اَفَلَا تَذَكَّرُوْنَ ۝ اِلَيْهِ مَرْجِعُكُمْ جَمِيْعًا ؕ وَعْدَ اللّٰهِ حَقًّا ؕ اِنَّهٗ يَبْدَؤُا الْخَلْقَ ثُمَّ يُعِيْدُهٗ لِيَجْزِيَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَ عَمِلُوا

الصّٰلِحٰتِ بِالْقِسْطِ ؕ وَالَّذِيْنَ كَفَرُوْا لَهُمْ شَرَابٌ مِّنْ حَمِيْمٍ وَّ عَذَابٌ اَلِيْمٌۢ بِمَا كَانُوْا يَكْفُرُوْنَ ۝٤

انسانؤ! اوهان جو پروردگار حقيقت ۾ اهو الله آهي جنهن آسمانن ۽ زمين کي ڇهن ڏينهن يعني ڇهه (6) تجليات، تنزلات يا تنوّعات سان مرحليوار پيدا ڪيو ۽ عرش (جي تختِ حڪومت) تي متمڪن يا جلوه افروز ٿي ويو اهو ئي هر ڪم جي تدبير ڪرڻ فرمائي ٿو. هن جي حضور سندس اجازت کان سواءِ ڪوئي سفارش ڪرڻ وارو ناهي. اهو (عزت ۽ قدرت وارو) الله ئي توهان جو رب (پروردگار) آهي، ان ڪري ان جي بندگي ڪريو. ڇا اوهان حق ۽ سچائي قبول ڪرڻ لاءِ غور نٿا ڪريو. (3) اوهان سيني کي انهيءَ الله طرف واپس هلڻو آهي. اهو خدا جو سچو وعدو آهي. بلاشڪ اهو ئي تخليق جي ابتدا ڪري ٿو ۽ وري اهو ئي ان جو اعادو (وري آڻڻ) ڪري ٿو، اهو ان ڪري ڪندو ته جيئن نيڪوڪارن کي سندن چڱن ڪمن جو انصاف سان معاوضو ڏئي، پر جن ماڻهن ڪفر ڪيو انهن کي پيئڻ جي لاءِ ٻڙڪندڙ پاڻي ڏئي ۽ دردناڪ عذاب ۾ مبتلا ڪري، چو ته هي لڳاتار انڪار ڪندا رهيا آهن. (4)

هن کان اڳ وارين آيتن ۾ قرآن ڪريم ۽ رسول الله ﷺ جو ذڪر هيو، هاڻي حمد و ثنا سان الله جل شانه جو ذڪر آهي. حق کان انڪار ڪندڙ انسانو! اوهان يقين ڪريو ته اوهان جو پروردگار اهو آهي، جنهن جي طرفان هي حڪمت ڀريو ڪتاب نازل ٿيو آهي، جنهن آسمانن ۽ زمين کي ڇهن ادوار ۾ (تنزلات، تجليات ۽ تعينات سان) پيدا ڪيو آهي. (هود: 7/11، السجده: 4/32، الملڪ: 3/67) هنن جي پيدا ڪرڻ کانپوءِ خاموش گوشه نشين نه ٿيو آهي ۽ پنهنجي مخلوقات جا معاملا بين جي حوالي نه ڪيا اٿس، پر مرڪزي هنڌ عرش جي تخت (حڪومت) تي جلوه افروز ٿي، ڪائنات جو نظام

حڪمت پرئي امر واري تدبير سان بغير ڪنهن جي مدد يا شرڪت جي پاڻ هلائي رهيو آهي. سوره هود:11/ 7 ۾ آهي: "وَ كَانَ عَرْشُهٗ عَلَى الْمَآءِ" يعني سندس عرش (تخت حڪومت) پاڻيءَ تي هيو. "اسْتَوٰى عَلَى الْعَرْشِ" استوىٰ معنىٰ غلبو ۽ استقرار يعني نهايت بلند، اعلىٰ مقام تي مُتمڪّن ٿيو. ڪوبہ الله تعالىٰ جي اجازت ڪانسواءِ سفارش ڪري نہ ڪهندو. رڳو اهي سفارش ڪندا، جن کي الله پسند فرمائي. "لَا تُغْنِيْ شَفَاعَتُهُمْ شَيْـًٔا اِلَّا مِنْۢ بَعْدِ اَنْ يَّاْذَنَ اللّٰهُ لِمَنْ يَّشَآءُ وَ يَرْضٰى" (النجم: 53/ 26) "وَ لَا يَشْفَعُوْنَ ۙ اِلَّا لِمَنِ ارْتَضٰى" (الانبياء: 21/ 28) "يَوْمَئِذٍ لَّا تَنْفَعُ الشَّفَاعَةُ اِلَّا مَنْ اَذِنَ لَهُ الرَّحْمٰنُ وَ رَضِيَ لَهٗ قَوْلًا" (طٰهٰ: 20/ 109)

هن پوري نظام تي نظر وجهڻ سان عقل حيران ۽ هوش سرگردان ٿي وڃي ٿو. (البقره: 2/ 255) ڪائنات جي تدبير ۽ انتظام ۾ ڪنهن جو دخل انداز هجڻ تہ ناممڪن آهي، پر ڪوبہ سندس اذن ۽ اجازت کان سواءِ ڪنهن جي سفارش بہ ڪري نٿو سگهي. (البقره: 2/ 254، طٰهٰ: 109/20، الانبياء: 28/21، سبا: 34/ 23، النجم: 53/ 26، النبا: 78/ 38) اوهان جو پروردگار اهو الله ئي آهي، ان ڪري ان جي عبادت، اطاعت ۽ حڪمن جي ادائگي ڪريو. ڇا اهو مناسب ۽ ممڪن آهي تہ جيڪو پيدا ڪري، ان جي نشوونماء لاءِ ربوبيت ۽ رحمت جو لڳاتار اهتمام ڪري ان کي ڇڏي، ٻين جي آڏو سرنگون ۽ سجده ريز ٿجي. قرآن جي نزول ۽ رسول ڪريم ﷺ جي بعثت جو مقصد بہ اهوئي آهي تہ نوع انسان کي الله جي عبادت طرف وٺي اچي، جيڪو انسان جو مقصدِ حيات آهي. "وَ مَا خَلَقْتُ الْجِنَّ وَ الْاِنْسَ اِلَّا لِيَعْبُدُوْنِ" (الذاريات: 51/ 56) هنن روز روشن طرح چٽين نصيحتن جي باوجود توهان قبول ڪرڻ لاءِ آماده ناهيو. هتي "سِتَّةِ اَيَّامٍ" کان مراد هي رات ڏينهن نہ آهن (النحل: 56/16، الانبياء: 108/21، الزخرف: 25/43، الحديد: 4/57) چو تہ جڏهن سج چند ئي پيدا نہ ٿيا هيا تہ پوءِ ڏينهن ڪٿان هوندو، ان ڪري انهن مان مراد الله جي مرتبہِ احديت مان تنزلاتِ سته يعني خداوند ڪريم جون پنهنجي مرتبي وراءِ الوراء، جنهن کي احديت ۽ لاتعين بہ سڏيو ٿو وڃي. هو "كُنْ" چئي، پوري ڪائنات هڪدم بہ پيدا ڪري هيو ٿي، مگر سنة الله مطابق عالمِ ظهور ۾ اچڻ لاءِ 6 تنزلات، تجليات يا تعينات جو طريقو اختيار ڪيو آهي، جنهن جو تفصيل منهنجي ڪتاب "روائح ريحاني شرح لوائح جامي" ۾ ڏسي سگهجي ٿو. سورة المعارج: 4/70 ۾ "فِيْ يَوْمٍ كَانَ مِقْدَارُهٗ خَمْسِيْنَ اَلْفَ سَنَةٍ"

۾ هڪ يوم ڪي 50 هزار سال جي برابر چيو ويو آهي. اهڙي طرح سورة السجده: 32/ 5 "يَعْرُجُ اِلَيْهِ فِيْ يَوْمٍ كَانَ مِقْدَارُهٗٓ اَلْفَ سَنَةٍ مِّمَّا تَعُدُّوْنَ" ۾ يوم جو مقدار هزار سال چيو ويو آهي. سورة الحج: 22/ 47 "اِنَّ يَوْمًا عِنْدَ رَبِّكَ كَاَلْفِ سَنَةٍ مِّمَّا تَعُدُّوْنَ" ۾ يوم ڪي هڪ هزار سال جي برابر سڏيو ويو آهي. تخليق ڪائنات جن ڇهن مرحلن (تجليات) مان گذري آهي، ان جون ڪجهه جهلڪيون هن طرح ته آهن آسمانن ۽ زمينن جي پيدا ڪرڻ وقت الله جو عرش پاڻيءَ تي هيو. (هود: 11/ 7) هر شيءِ ڪي پاڻيءَ مان پيدا ڪيو ويو آهي. (الانبياء: 30/21) آسمان جي نهڙ ڪان اڳ دونهون هيو. "ثُمَّ اسْتَوٰٓى اِلَى السَّمَآءِ وَهِيَ دُخَانٌ" (حٰم السجده: 11/41) زمين پيدا ڪئي ۽ ان ۾ سموريون توانائيون ۽ قوتون داخل ڪيون ڇئن ڏينهن ۾. (حٰم السجده: 9-10/41) ستن آسمانن کي ۽ انهن اندر تمام اشياء کي ٻن ڏينهن ۾ پيدا ڪيو. (حٰم السجده: 12/41)

ياد رکواوهان جيڪا به روش اختيار ڪيو ۽ الله طرفان عطا ڪيل اختيار ۽ ارادي جو جهڙيءَ طرح به استعمال ڪيو، بهرحال اوهان جي هر عمل جو نتيجو قانونِ مڪافات مطابق مرتب ٿيندو ۽ نتيجه آور ٿيندو. هن مُهلت واري وقت ۾ اوهان کي پنهنجي دنيا ۽ عاقبت جو سوچڻ گهرجي. اوهان سڀ جا سڀ هن جي قدرت ۽ قانون طرف موٽايا ويندا، جنهن ۾ ڪو به شڪ ناهي. مختلف اشياءِ عالم جي تدبيرِ امر، ابداع ۽ تخليق ۽ تنظيم و تربيت هن جي ڪائناتي قانون جي مرهون منت آهي. "يُدَبِّرُ الْاَمْرَ" اها اسٽيج آهي، جتي اشياءِ عالم جي تدبير (Planning) پوءِ ابداع آهي، جنهن ۾ بغير ڪنهن وجود يا مواد جي، عدم کان وجود يا نيست کان هست ۾ آڻڻ آهي. (السجده: 25/32) پوءِ تخليق يعني ڪنهن شيءِ مان بي شيءِ يا هڪ وجود مان بيو وجود جو تخليق ڪرڻ ۽ آخري مرحلو تنظيم ۽ ترتيب آهي، يعني ان پيدا ٿيل شيءِ کان ڪمال عروج تائين پهچائڻ لاءِ ضروري سامان مهيا ڪرڻ، جنهن ۾ ربوبيت جو به ڪردار آهي، جنهن ۾ تخليق کان بعد متعدد ارتقائي منزلون طئي ڪري پنهنجي تڪميل تي پهچي وڃي ٿو، پوءِ "وَقَدْ خَلَقَكُمْ اَطْوَارًا" (نوح: 71/ 14) انسان جي وجود ۾ به هڪبئي پويان مختلف حالتون گذريون آهن ۽ ان دوران سندس پوري ڪارڪردگيءَ جو جائزو ونڻ ۽ مناسب جزا ۽ سزا ڏيڻ لاءِ ڪيس ڏُهري زندگي موت کان بعد جي زندگي عطا ڪئي وڃي ٿي. ياد رکو ته جنهن نيست مان هست ڪيو آهي، ان

ڪي دوباره هست ڪرڻ يعني وري زندگي ڏيڻ ڪا اڻ ٽيٽي يا مشڪل ڳالهه نه آهي. مؤمنن ڪي سندن نيڪ اعمال جو انصاف ۾ عدل سان بدلو ڏنو ويندو، جنهن ۾ ذرو پر به ناانصافي نه ٿيندي، پر جن ماڻهن ڪفر ڪيو ۽ ايمان آڻڻ کان صاف انڪار ڪيو، انهن جي بڇڪندڙ گرم پاڻيءَ سان خاطر تواضع ڪئي ويندي (ابراهيم: 15/14، الڪهف: 18/ 28، الحج: 19/2، محمد: 17/47، الرحمٰن: 55/ 43، الواقعه: 55/56- 54، النبا: 78/ 24) ڪفر جي بدلي ۾ ڪين دردناڪ عذاب ۾ مبتلا ڪيو ويندو. قيامت جو اچڻ، جزا سزا جو فيصلو ٿيڻ ۽ گنهگارن ڪي دوزخ موڪلڻ جو ذڪر قرآن ۾ اڪثر آيو آهي. يعني مؤمن ڪي سندس نيڪ اعمال جو انصاف سان اجورو ملندو، جنهن ۾ سندس محنت جو ذرو به ضايع نه ٿيندو ۽ ڪافرن ڪي انهن جي بد اعمالي‌ءَ جو پورو پورو بدلو (عذاب) ملندو ۽ ڪنهن به قسم جي زيادتي نه ٿيندي. جيڪڏهن نيڪي ۽ بدي، حق ۽ ناحق، ظلم ۽ انصاف جي نتيجن ۾ فرق نه هجي ته پوءِ هن ڪائنات جو هجڻ يا نه هجڻ به بي سود ٿي ويندو. ان ڪري انسانن لاءِ اختيار ۽ ارادو آهي، جبر ۽ مجبوري ناهي ۽ ان مطابق سندن ڪارڪردگيءَ جو بدلو آهي. (الاحزاب: 24/33، سبا: 34/4-3، الجاثيه: 45 /22، النجم: 31/53)

هُوَ الَّذِیْ جَعَلَ الشَّمْسَ ضِیَآءً وَّ الْقَمَرَ نُوْرًا وَّ قَدَّرَهٗ مَنَازِلَ لِتَعْلَمُوْا عَدَدَ السِّنِیْنَ وَ الْحِسَابَ ؕ مَا خَلَقَ اللّٰهُ ذٰلِكَ اِلَّا بِالْحَقِّ ۚ یُفَصِّلُ الْاٰیٰتِ لِقَوْمٍ یَّعْلَمُوْنَ ۝۵ اِنَّ فِی اخْتِلَافِ الَّیْلِ وَ النَّهَارِ وَ مَا خَلَقَ اللّٰهُ فِی السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ لَاٰیٰتٍ لِّقَوْمٍ یَّتَّقُوْنَ ۝۶

هي اهو الله آهي، جنهن سج ڪي درخشنده (روشني) پيدا ڪندڙ ۽ چند ڪي تابناڪ روشني منعڪس ڪندڙ بڻايو آهي. هن چند جون منزلون مقرر ڪيون آهن ته جيئن اوهان سالن جو شمار ڪري سگهو ۽ حساب رکي سگهو. الله تعالىٰ ئي هي سڀ ڪجهه هڪ درست تدبير سان حق ۽ سچ ڪري پيدا ڪيو

آهي الله پنهنجي قدرت جون نشانيون انهن لاءِ وضاحت سان بيان ڪري ٿو، جيڪي علم و دانش وارا آهن. (5) بيشڪ رات ۽ ڏينهن جي تبديليءَ واري نظام ۾ جو ڪجهه آسمانن ۽ زمين ۾ الله شيون پيدا ڪرڻ فرمايون آهن، اصحاب تقويٰ وارن لاءِ نشانيون موجود آهن. (6)

هن کان اڳ واري آيت ۾ زمين ۽ آسمانن جي تخليق ذريعي الله جو معبود بالحق هجڻ بيان ڪيو ويو آهي. هت سج چنڊ جي تخليق کي الله جي معبود بالحق هجڻ جو اظهار ڪيو ٿو وڃي. الله تعالىٰ هن ڪائنات جو نظام جنهن دانائي ۽ حڪمت سان رکيو آهي، ان تي غور و فڪر ڪري حقيقت تائين رسائي حاصل ڪرڻ لاءِ عقل و شعور رکندڙ لاءِ وڏيون نشانيون موجود آهن. هي ان خدا جو قانون آهي، جنهن سج کي درخشنده يعني روشني پيدا ڪندڙ ضياء ڪيو آهي ۽ چنڊ کي نور يعني روشني منعڪس ڪندڙ بنايو آهي. چنڊ جون منزلون بنايون آهن "وَالْقَمَرَ قَدَّرْنٰهُ مَنَازِلَ حَتّٰى عَادَ كَالْعُرْجُوْنِ الْقَدِيْمِ" (يٰسٓ: 39/36) اسان چنڊ جون منزلون مقرر ڪيون، جيڪو نيٺ وڃي ڪجيءَ جي سڪل پراڻي مڙيل ڇڙهي (ڳڻيءَ) وانگر ٿئي ٿو. اصل ذڪر سج ۽ چنڊ جو هيو، يعني ٻه عناصر، پر "قَدَّرَهٗ" ۾ "هٗ" جو ضمير ڇئي، رڳو چنڊ مراد ورتو آهي. اها تبديلي هلال ۽ بدر ۾ آهي، وري ڪجيءَ جو ڦرهو ٽيڙ رڳو چنڊ جي علامت آهي. "وَالشَّمْسُ تَجْرِيْ لِمُسْتَقَرٍّ لَّهَا" (يٰسٓ: 38/36) ۽ سج به پنهنجي مدار تي مقرر ڪيل رستي تي گردش ۾ آهي. "يَسْـَٔلُوْنَكَ عَنِ الْاَهِلَّةِ قُلْ هِيَ مَوَاقِيْتُ لِلنَّاسِ وَ الْحَجِّ" (البقره: 2/ 189) هو توکان چنڊ جي گهٽ وڌ ٽيڙ بابت معلوم ڪن ٿا انهن کي ٻڌاءِ ته هي ماڻهن جي اوقات معلوم ڪرڻ ۽ حج جي تاريخن جي ڄاڻ بابت آهي. الله تعالىٰ سج ۽ چنڊ جي ايرڻ ۽ لهڻ واري نظام جي بيشمار فائدن مان هي فائدو به بيان ڪيو ته انهن سان رات ڏينهن مهينن سالن جو حساب رکيو وڃي ٿو. (الانعام: 6/ 96، بني اسرائيل: 17/ 12)

چنڊ 360 ڊگرين واري مدار کي هڪ مهيني ۾ پورو ڪري ٿو. 28 ڏينهن ظاهر ٿئي ٿو ۽ ٻه ڏينهن سج جي روشنيءَ ۾ گم رهي ٿو ۽ پوءِ وري پهرين تاريخ تي هلال (سنهي لڪير) ۾ ظاهر ٿئي ٿو. اهڙيءَ طرح سال ۾ پورا 12 ڀيرا هلال ٿي نڪري ٿو، ان ڪري

سال جا 12 مهينا ٿين ٿا. چنڊ جي تاريخي نظام ۾ اها حڪمت آهي ته ان ۾ قمري مهينا مختلف موسمن ۽ ڏينهن ۾ اچن ٿا. روزا، حج، نمازون ڪڏهن سيارو ته ڪڏهن اونهارو ته ڪڏهن بهار ته ڪڏهن خزان ۾ ڦرندا گهرندا رهن ٿا. اهڙي طرح ڪجهه ملڪن ۾ گرمي جي موسم آهي ته ڪن ۾ وري سرديءَ جي موسم آهي. سردي گرمي جا ڏينهن ۽ راتيون ٻه ننڍا وڏا ٿين ٿا . ان ڪري انهن عبادتن کي تمام ملڪن ۽ سمورن انسانن لاءِ يڪسان بنائڻ لاءِ چنڊ هلال مان وڌندو، بدر ٿئي ٿو ۽ وري بدر کان ننڍو ٿي، ڪجيءَ جي سڪل ڦرهي وانگر نظر اچي ٿو. هن هير ڦير سبب تقريبًا 6 مهينا 30 ڏينهن جا ۽ 6 مهينا 29 ڏينهن جا ٿين ٿا ۽ سال جي 365 ڏينهن بدران 354 ڏينهن ٿين ٿا، جنهن ڪري هر سال 11 ڏينهن گڏٽا پوندا آهن. ٻئي طرف سج انهن 360 ڊگري واري مدار کي 364 ڏينهن ۾ پورو ڪري ٿو ۽ هڪ ڏينهن ان ۾ ملايو وجي ٿو. شمسي سال جا 7 مهينا 31-31 ڏينهن جا ۽ چار مهينا 30 ڏينهن جا ۽ هڪ فيبروري 3 سال 28 ڏينهن جو ۽ هر چوٿين سال 29 ڏينهن جو آهي. شمسي نظام ۾ گرمي وارا مهينا هميشه گرمي ۽ سردي وارا مهينا هميشه سرديءَ ۾ هوندا آهن، پر چنڊ ۾ تمام انسانن ۽ ملڪن کي هر موسم مان فائدو حاصل ڪرڻ جو اهتمام آهي، جيڪو شمسي نظام ۾ ناهي. الله تعالىٰ جو هي نظام برحق آهي ۽ سچي حقيقت تي مبني آهي. الله سائين جل شانه پنهنجن انهن آيتن کي وضاحت ۽ تفصيل سان بيان ڪري رهيو آهي اهڙن ماڻهن لاءِ جيڪي عقل ۽ شعور رکن ٿا ۽ الله سائين جل شانه جي نظام ۾ پڪو پختو، غير متزلزل ايمان رکڻ وارا متقي انسان آهن.

بيشڪ رات ۽ ڏينهن جي بدلجڻ ۾ ۽ ان سمورين شين ۾ جيڪي الله سائين آسمانن ۽ زمينن ۾ پيدا ڪيون آهن، انهن ماڻهن جي حقيقت رسائيءَ لاءِ نشانيون موجود آهن. هت "آيات" مان مراد الله تعالىٰ جي وجود، وحدانيت ۽ خالقيت جا روشن دليل آهن. (البقره: 164/2، آل عمران: 27/3) جن مان ثابت ٿئي ٿو ته هن عظيم الشان ڪائناتي نظام جو خالق اهڙو الله آهي، جنهن جي حڪمراني ۽ اقتدار هيٺ هي سارو جهان ازل کان ابد تائين ۽ بنا نقص ۽ خاميءَ جي هلي رهيو آهي. سج چنڊ زمين سڀ پنهنجي مدار ۾ گردش ڪري رهيا آهن، جنهن ۾ هڪ تر پر به فرق يا تفاوت نظر نٿو اچي. (الملڪ: 3-4/67) اهڙيءَ طرح رات ڏينهن جي هڪ ٻئي پٺيان هير ڦير، گهٽ وڌ ٿيڻ

مختلف ملڪن ۾ جدا جدا وقت ۽ ڏينهن رات جي ننڍي وڏي ٿيڻ ۾ به هڪ عظيم حڪيم جي حڪمت جو اظهار نمايان آهي. هنن تمام نشانين مان اهي ماڻهو سبق حاصل ڪرڻ جا مستفيض ٿي سگهن ٿا، جن جي اندر حق شناسيءَ جو جذبو موجود آهي ۽ ان جي ناشڪري ۽ ناشناسي جي گرفت کان پاڻ بچائڻ جا ذريعا اختيار ڪري رهيا آهن. رات ۽ ڏينهن هڪ ٻئي جا ضد هجڻ باوجود هڪ مشترڪ مقصد ۾ مشغول هجڻ (الانعام: 9/6، بني اسرائيل: 12/17) جو حيرت انگيز ڪارنامو هڪ قادر قيوم جي قدرت جي حڪمت جي نشاندهي ڪري ٿو.(6)

ستاروں سے آگے جہاں اور بھی ہیں
زمین اور بھی آسمان اور بھی ہیں
قناعت نہ کر عالم رنگ و بو پر
تیرے عشق کے امتحان اور بھی ہیں
(اقبال رحمۃ اللہ علیہ)

اِنَّ الَّذِيْنَ لَا يَرْجُوْنَ لِقَآءَنَا وَ رَضُوْا بِالْحَيٰوةِ الدُّنْيَا وَ اطْمَاَنُّوْا بِهَا وَالَّذِيْنَ هُمْ عَنْ اٰيٰتِنَا غٰفِلُوْنَ ۙ﴿۷﴾ اُولٰٓئِكَ مَاْوٰىهُمُ النَّارُ بِمَا كَانُوْا يَكْسِبُوْنَ ﴿۸﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَ عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ يَهْدِيْهِمْ رَبُّهُمْ بِاِيْمَانِهِمْ ۚ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهِمُ الْاَنْهٰرُ فِيْ جَنّٰتِ النَّعِيْمِ ﴿۹﴾ دَعْوٰىهُمْ فِيْهَا سُبْحٰنَكَ اللّٰهُمَّ وَ تَحِيَّتُهُمْ فِيْهَا سَلٰمٌ ۚ وَ اٰخِرُ دَعْوٰىهُمْ اَنِ الْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿۱۰﴾ ع ۱۰

بيشڪ جيڪي ماڻهو اسان جي ملاقات جي اميد نٿا رکن ۽ دنياوي زندگي

مان خوش ۽ مطمئن آهن، هي اُهي ماڻهو آهن جيڪي اسان جي آيتن کان غافل آهن.(7) هنن ماڻهن جو ٺڪاڻو جهنم آهي، سندن انهن عملن جي ڪري جيڪي هو ڪندا رهيا آهن(8) بيشڪ جن ماڻهن ايمان آندو ۽ نيڪ عمل ڪندا رهيا، انهن کي ايمان جي دولت سبب سندن رب جنت جي باغن ۾ پهچائيندو، جن جي دامن ۾ نهرون جاري آهن (۽ اهي خدائي نعمتن جو تحفو آهن). (9) اتي انهن جي صدا هوندي ته اي الله! تنزيه ۽ پاڪائي تنهنجو شان آهي ۽ هنن جو پاڻ ۾ دعاءِ خير سلامن جو تحفو هوندو ۽ هر طرف نعمتن ۽ نوازشن جي بهار ڏسي (سندن زبان مان بي اختيار) آخري الفاظ ادا ٿيندا ته شڪر آهي، ان الله جو جيڪو ساري عالم جو پروردگار آهي.(10)

گذريل آيتن ۾ قيامت قائم ڪرڻ جو ذڪرهيو. هت جيڪي ماڻهو ان تي غور نٿا ڪن، ۽ جزا سزا جي سموري عمل جو انڪار ڪن ٿا، انهن جو بيان ٿي رهيو آهي ۽ ان بعد مؤمنن جو بيان آهن. ڪائنات ۾ قدرت جي آشڪار حقيقتن کان اهي ماڻهو ئي فائدو حاصل ڪري سگهن ٿا، جيڪي هن حقيقت تي يقين رکن ٿا ته جهڙي طرح خارجي ڪائنات ۾ خدا جا قانون ڪار فرما آهن، اهڙي طرح انساني عمل به هن جي مقرر ڪيل قانون مطابق نتيجا خيز آهن. اهو يقين به هجي ته زندگي صرف ۽ صرف دنيا جي طبعي زندگيءَ جو نالو نه آهي، حيات جو سلسلو مرڻ کان پوءِ به جاري رهي ٿو-

تو اسے پیمانۂ امروز فردا سے نہ ناپ
جاوداں پیہم رواں ہردم جواں ہے زندگی

(اقبال)

مرڻا اڳي جي مئا مري ٿيا نہ مات،
هوندا سي حيات جئڻا اڳي جي جيا

(شاهه لطيف رحمۃ اللہ علیہ)

ان جاودان زندگي جو ثمر ۽ سرمايو هن زندگي ۾ ئي ناهي اڳتي ڪٽي هلٽو آهي. "اَلدُّنْيَا مَزْرَعَةُ الْآخِرَةِ" هيءَ دنيا، آخرت جي لاءِ کيتي آهي، جيڪو هت پوکبو اهو ئي اتي لُٽبو، پر ڪجھ ماڻھو هن دنيا کي ئي سڀ ڪجھ سمجھن ٿا. هو آخرت جي ابدي زندگيءَ جا انڪاري آهن. هت آيتن مان مراد اهڙي غفلت آهي، جيڪا انڪار تي پهچائي ٿي. ان ڪري عيش و عشرت جي نشي ۾ مدهوش رهن ٿا.

تُو ہی ناداں چند کلیوں پر قناعت کرگیا
ورنہ گلشن میں علاجِ تنگیِ داماں بھی ہے

(اقبال رحمۃ اللہ علیہ)

جنهن سناسي سانڊيو گندي ۽ گراهه
انهيءَ کان الله اجان آڳاهون ٿيو

————*

گولا جي گراهه جا، جونا سي جوڳي،
قتل سي قوڳي جن شڪم سانڊيا

(شاهه لطيف رحمۃ اللہ علیہ)

سورة البقره: 200/2 ۾ دنيا جي طالبن جي تصوير پيش ٿي آهي ۽ البقره: 202/2-201 ۾ دنيا سان گڏ آخرت جي شائقين جو ذڪر به موجود آهي. اهڙي طرح سورة العنڪبوت: 64/29 ۾ آهي: "وَ اِنَّ الدَّارَ الْاٰخِرَةَ لَهِيَ الْحَيَوَانُ ۘ لَوْ كَانُوْا يَعْلَمُوْنَ "۽ يقيناً آخرت جو گهر ئي اصل زندگي آهي، پر جن ماڻھن جي ذهني سطح تنگ ۽ سوچ محدود آهي، اهي هن عارضي ۽ مختصر وقفي واري زندگيءَ کي اصلي ۽ آخري زندگي سمجهي ان جي رنگينين ۾ گم رهن ٿا ۽ اصل حقيقت کان بي خوف هجن ٿا.

کافر کی یہ پہچان کہ آفاق میں گم ہے
مؤمن کی یہ پہچان کہ گم اس میں ہیں آفاق!

(اقبال رحمۃ اللہ علیہ)

"وَرَضُوْا بِالْحَيٰوةِ الدُّنْيَا وَاطْمَاَنُّوْا بِهَا وَالَّذِيْنَ هُمْ عَنْ اٰيٰتِنَا غٰفِلُوْنَ" ۽ هو دنيا جي زندگي تي راضي ۽ مطمئن ٿي ويا آهن ۽ اهي ماڻهو اسان جي آيتن ۽ هدايت واري حڪمن کان غافل آهن ۽ خواب غفلت ۾ مدهوش آهن. کين پٽائي گهوٽ جي للڪار آهي:

ستا اُٿي جاڳ ننڊ نہ ڪجي ايتري،
سلطاني سهاڳ ننڊون ڪندي نہ ملي.

————*

هي تان ٿوريون، جي تون پورا پسي پلئين،
راتيون ٻيون گهٽيون جي تو ايندين هيڪلي.

پر اهي نفساني خواهشن جي چڪر ۾ ايندڙ بوالهوس انسان ان حد تائين گمراهي ۽ غفلت ۾ غلطان ۽ غرق آهن، جو هنن جون اندر واريون اکيون انفس ۽ آفاق ۾ پکڙيل لاتعداد آيات الاهي تي هڪ نظر وجهڻ لاءِ تيار نہ آهن. هت "آيات" مان مراد قرآني آيتون ۽ نبي اڪرم خَاتَمُ النَّبِيِّيْنَ ﷺ جي مقصد حيات آهي. هاڻي جن ماڻهن جو مقصد طبعي زندگي جو مفاد حاصل ڪرڻ هوندو آهي، الله جي آيتن کي پنهنجي تاويل سان پيش ڪري پاڻ سان گڏ ٻين کي بہ گمراهہ ڪرڻ وارا هوندا آهن. جن ماڻهن پنهنجي پوري زندگيءَ الله طرف رجوع نہ ڪيو آهي ۽ نہ وري کين ايندڙ حيات جاويد ۽ آخرت جي حساب ڪتاب جو فڪر آهي. هنن جي خيال ۾ تہ زندگي اها آهي، جيڪا پيريءَ تي پهچي ختم ٿئي ٿي، جنهن جو ذڪر سورة النمل: 70/16 ۾ "لِكَيْ لَا يَعْلَمَ بَعْدَ عِلْمٍ شَيْئًا" آهي، پر حقيقت ۾ انساني زندگي ڪڏهن بہ ختم ٿيڻ واري سلسلي جو نالو آهي. هيءَ چئن ڏينهن جي ماهہ و سال واري شيءِ نہ آهي، بلڪ "اَلْمَوْتُ جَسَرٌ يُّوْصِلُ الْحَبِيْبَ اِلَى الْحَبِيْبِ" موت تہ رب سان ملڻ ۽ هميشہ رهڻ جو ذريعو آهي. دراصل هي دنياوي زندگي ان وڏي لمبي زندگيءَ جو مختصر وقفو آهي، جنهن ۾ اصل زندگيءَ جو ثمر ۽ سامان گڏ ڪرڻو آهي. "اَلَّذِيْ خَلَقَ الْمَوْتَ وَ الْحَيٰوةَ لِيَبْلُوَكُمْ اَيُّكُمْ اَحْسَنُ عَمَلًا" (الملک: 2/67) جڏهن تہ اصل زندگي وڏي طويل آهي. "اِنَّ الدَّارَ الْاٰخِرَةَ لَهِيَ الْحَيَوَانُ لَوْ كَانُوْا يَعْلَمُوْنَ" (العنڪبوت: 64/29) مگر جن ماڻهن جي سوچ جو دائرو محدود ۽ تنگ آهي،

اهي هن دنيا جون پرفريب رعنايون ۾ رونقون ڏسي، انهيءَ جي رنگينين ۾ گم ٿي وڃن ٿا ۽ اصل زندگيءَ جي عظمت ۽ حقيقت اهڙن ماڻهن جي نظرن ۾ نٿي اچي. پر مؤمن جو اصل هدف آخرت جي زندگي آهي.

کھول آنکھ، زمين ديکھ، فلک ديکھ فضا ديکھ
مشرق سے ابھرتے ہوئے سورج کو ذرا ديکھ
(اقبال رحمۃ اللہ علیہ)

هو حلال حرام، جائز ناجائز جي حدن ۽ قيود کان بي نياز آهن ۽ وقتي عارضي خوشين جا خواهان آهن، انهن لاءِ هدايت جي راهه بند آهي. هر گمراهي ۽ ضلالت واري رستي تي هلي پنهنجي جهنم واري ٽڪاٽي تي ايندا، جيڪو هنن جي بداعماليءَ جو نتيجو آهي. مٿي ذڪر ڪيل بدبخت ٽولي جي برعڪس جن ماڻهن کي ايمان جي نعمت نصيب ٿي ۽ انهن پنهنجي زندگي خرافات ۽ شهوات کان بچائي نيڪ اعمال ڪيا ۽ ڪندا رهيا ۽ انهيءَ سڌي ۽ سچي راهه تي مضبوطيءَ سان قائم رهيا ۽ پنهنجي ايماني قوت کي ڪائنات ۽ انسان ذات جي ڀلائي لاءِ استعمال ڪندا رهيا تہ الله تعالىٰ به اهڙن ايمان وارن ماڻهن جي رهنمائي زندگي جي صحيح ۽ سڌي رستي طرف ڪندو، جيڪو کين هن زندگي ۽ آخرت جي زندگي ۾ اهڙين خوشگوار شادابين ۽ ڪاميابين ڏي وٺي ويندو، جتي خدا جي نعمتن وارا سدا بهار باغ هوندا، جن جي آبپاشي لاءِ سندن دامن ۾ نهرون جاري هونديون ۽ جن جي آسائشن ۽ سڪون وراحت ۾ ڪنهن به قسم جي ڪمي واقع نہ ٿيندي. اهڙين نعمتن جو ذڪر قرآن مجيد ۾ گهڻو آيل آهي. جتي هنن جي زبان تي سبحان الله جا ترانا هوندا. خدا جي بي حساب رحمتن ۽ نوازشن کي ڏسي چوندا، اي اسان جا الله! تنزيه ۽ پاڪائي تنهنجو شان آهي، جنهن جو اظهار هن طرح آهي تہ ڪنهن جي به نيڪ عمل کي پلايو نہ ويو آهي. هنن جي ڪيڪارڻ ۽ پليڪار چوڻ لاءِ سلام ۽ سلامتي جو پيغام هوندو (الاحزاب: 44/33، يٰس: 58-38/36، الزمر: 73/39) ۽ خدا جي بي انتها نعمتن ۽ نوازشن جي برسات جا مزا ماڻڻ وقت سندن دعا ۾ "الحمدلله رب العالمين" جي لاءِ شڪراني جا جملا هوندا. کين معلوم آهي تہ خدا جو شڪر وڌيڪ

نعمتن جو كارڻ ٿيندو. "لَئِنْ شَكَرْتُمْ لَأَزِيدَنَّكُمْ" (ابراهيم: 7/14) جيڪڏهن شڪر ڪندا رهندا ته نوازشن جا انبار لڳي ويندا. "لَا يَسْمَعُونَ فِيهَا لَغْوًا وَّ لَا تَأْثِيمًا○ اِلَّا قِيلًا سَلٰمًا سَلٰمًا○" (الواقعه: 56/26- 25) اتي نه بيهوده بات ٻڌندا ۽ ڪابه زباني گار گند نه هوندو، رڳو سلامتيءَ وارا سلام هوندا.

وَ لَوْ يُعَجِّلُ اللّٰهُ لِلنَّاسِ الشَّرَّ اسْتِعْجَالَهُمْ بِالْخَيْرِ لَقُضِيَ اِلَيْهِمْ اَجَلُهُمْ ؕ فَنَذَرُ الَّذِيْنَ لَا يَرْجُوْنَ لِقَآءَنَا فِيْ طُغْيَانِهِمْ يَعْمَهُوْنَ ⑪ وَ اِذَا مَسَّ الْاِنْسَانَ الضُّرُّ دَعَانَا لِجَنْۢبِهٖۤ اَوْ قَاعِدًا اَوْ قَآئِمًا ۚ فَلَمَّا كَشَفْنَا عَنْهُ ضُرَّهٗ مَرَّ كَاَنْ لَّمْ يَدْعُنَاۤ اِلٰى ضُرٍّ مَّسَّهٗ ؕ كَذٰلِكَ زُيِّنَ لِلْمُسْرِفِيْنَ مَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ⑫

جيڪڏهن الله انسانن لاءِ عذاب بابت به اهڙيءَ طرح جلدي ڪري ها، جهڙيءَ طرح هو انهن سان رحمت ۾ جلدي ڪندو آهي ته پوءِ انهن جي مدت پوري ٿي وڃي ها. پر اسان (جلدي حساب چڪتائڻ بجاءِ انهن ماڻهن کي جيڪي اسان سان مرڻ بعد ملاقات جي توقع نٿا رکن، سندن سرڪشي ۾ ڇڏڪ لاءِ ڇڏي ڏنو آهي.(11) انسان جو معاملو اهو آهي ته جڏهن ان تي ڪوئي سخت وقت اچي ٿو ته هو ليٽي، ويني ۽ بيني هر حال ۾ اسان کي سڏي ٿو. پوءِ جڏهن اسان هن جي تڪليف ختم ڪريون ٿا ته پوءِ هو ائين منهن موڙي هليو وڃي ٿو، جڻ جيڪا تڪليف هن کي پهتي هئي ان ۾ هن گويا اسان کي (مدد لاءِ) پڪاريو ئي ڪو نه هيو. حد کان گذرڻ وارن جا اعمال اهڙيءَ طرح هنن لاءِ خوبصورت ناهيا ويا آهن.(12)

پوين آيتن ۾ ڪافرن جي ڪفر جو انجام ۽ مؤمنن جي ايمان جي انعام جو ذڪر هيو. هاڻي ڪافرن جي ان سوال جو جواب آهي ته جيڪڏهن توهان الله جا نبي آهيو ته پوءِ اسان تي عذاب ڇو نٿو اچي؟ اي نبي محترم ﷺ! جڏهن تون هنن ڪافرن کي خدا جي قانون مڪافات واري عمل کان آگاهه ڪرڻ لاءِ چوين ٿو ته جيڪڏهن اوهان پنهنجي اها اڍنگي ضد ۽ حسد واري روش نه بدلي ته اوهان کي هنن برن ڪمن ۽ آيات الاهي جي ڪوڙي ڪرڻ جي عيوض دردناڪ عذاب اچي ويندو ته اهو عذاب اچي ڇو نه ٿو؟ ڪين ٻڌائي ڇڏ ته اوهان جنهن عذاب جي معاملي ۾ تڪڙ ڪري رهيا آهيو، اهو خدا جي قانون مهلت سبب پنهنجي وقت تي اچڻو آهي، جنهن کي الله کانسواءِ ڪو به ٽاري نٿو سگهي. (بني اسرائيل: 11/17) پوڪ جي پوڪڻ ۽ لٽڻ ۾ به وقفو هوندو آهي. سو اوهان کي به اختيار ۽ ارادي جي مهلت مليل آهي. حق ۽ باطل به صاف صاف بيان ڪيل آهي. پوءِ به اوهان غلط راهه اختيار ڪيو ٿا ۽ الله جي آيتن کي ڪوڙو سڏيو ٿا ته ان جو عذاب پنهجي وقت تي ضرور ايندو، ان جو هن سان مقابلو نه ڪيو ته جڏهن اوهان کي ڪا مصيبت پيش اچي ٿي ۽ الله کي مدد لاءِ ٻاڏايو ٿا، عجزو نيزاري سان دعائون گهرو ٿا ته الله بنا دير اوهان جي تڪليف دور ڪري ٿو. اها خدا جي ٻانهي تي رحمت آهي. پر بداعمالي جو بدلو مهلت ختم ٿيڻ بعد ظهور پذير ٿيندو آهي. ان ڪري جيڪي مرڻ بعد اسان وٽ ملاقات لاءِ اچڻ جي توقع نٿا رکن، انهن کي گمراهي ۽ غفلت ۾ حيران ۽ سرگردان ڇڏي ڏنو آهي. هن آيت جي ٻي معنيٰ اها به آهي ته جهڙيءَ طرح انسان پنهنجي لاءِ خير جي دعا گهري ٿو ته ڪڏهن غصي ۽ ڪاوڙ ۾ پاڻ لاءِ يا اولاد لاءِ بدعا به گهري ٿو، جيڪڏهن اجابت جو وقت آهي ته بدعا قبول ٿي ويندي، ان ڪري حديث ۾ بددعا ڪرڻ کان روڪيو ويو آهي. (احسن البيان: صلاح الدين يوسف)

انسان جي ڪيفيت به عجيب آهي ۽ سندس ناشڪري جي به ڪا حد ناهي. جڏهن هن تي ڪا مصيبت نازل ٿئي ٿي ته هو باقي سمورن حيلن وسيلن کان نااميد ٿي ۽ پنهنجي مصنوعي خدائن کي ڇڏي، جنهن به حالت ۾ آهي پاسي پر ليٽيل هجي، ويٺل هجي يا بيٺل هجي، هر حال ۾ اسان کي (يعني الله کي) پڪاري ٿو (هود: 9/11)، الزمر: 8-49/39، الشوريٰ: 51/42) ۽ جڏهن اسان هن تي رحم ڪري هن جي تڪليف کي دور

ڪريون ۽ مصيبت کان نجات ڏياريون ٿا تہ پوءِ هو چڪيلائيءَ وقت اسان کان ائين منهن موڙي هليو ٿو وڃي تہ جڏهن اسان کي ان تڪليف ۽ مصيبت وقت گويا ٻاڏايو ئي نہ هيو. اسان سندس انهيءَ ناقدري ۽ ناشڪري تي بہ سندس جلداز جلد گرفت نٿا ڪريون، مهلت جو وقت ڏيون ٿا تہ جيئن توبہ ڪري نيڪيءَ جي راهہ اختيار ڪري، پر اهڙن حد کان گذري ويندڙن کي پنهنجي بداعمالي ۽ گمراهي پسند اچي ٿي ۽ هو ان ۾ اجان وڌندا وڃن ٿا. پوءِ جڏهن هنن جي سڌرڻ جي کا بہ اميد نہ ٿي رهي تہ پوءِ مدت مهلت ختم ٿيڻ شرط سندن مؤاخذو ۽ گرفت ٿئي ٿي. اڳتي آيت يونس: 22/10 ۾ بہ اها ڳالهہ ملندي. پر متئين رنگ ۽ اسلوب ۾. سوره بني اسرائيل: 11/17 ۾ آهي: "وَ يَدْعُ الْاِنْسَانُ بِالشَّرِّ دُعَآءَهٗ بِالْخَيْرِ وَ كَانَ الْاِنْسَانُ عَجُوْلًا " انسان اهڙو تہ تڪڙو آهي، جو خير جو انتظار ڪرڻ بدران شر ونڊ گهري ٿو. شيطان وسوسن ذريعي انسان کي برائيءَ طرف آماده ڪري ٿو. "اِنَّ النَّفْسَ لَاَمَّارَةٌۢ بِالسُّوْٓءِ " (يوسف: 53/12) نفس امارو برائيءَ طرف زوريءَ گهلي اچي ٿو.

وَ لَقَدْ اَهْلَكْنَا الْقُرُوْنَ مِنْ قَبْلِكُمْ لَمَّا ظَلَمُوْا ۙ وَ جَآءَتْهُمْ رُسُلُهُمْ بِالْبَيِّنٰتِ وَ مَا كَانُوْا لِيُؤْمِنُوْا ؕ كَذٰلِكَ نَجْزِي الْقَوْمَ الْمُجْرِمِيْنَ ﴿١٣﴾ ثُمَّ جَعَلْنٰكُمْ خَلٰٓئِفَ فِي الْاَرْضِ مِنْۢ بَعْدِهِمْ لِنَنْظُرَ كَيْفَ تَعْمَلُوْنَ ﴿١٤﴾ وَ اِذَا تُتْلٰى عَلَيْهِمْ اٰيَاتُنَا بَيِّنٰتٍ ۙ قَالَ الَّذِيْنَ لَا يَرْجُوْنَ لِقَآءَنَا ائْتِ بِقُرْاٰنٍ غَيْرِ هٰذَآ اَوْ بَدِّلْهُ ؕ قُلْ مَا يَكُوْنُ لِيْٓ اَنْ اُبَدِّلَهٗ مِنْ تِلْقَآئِ نَفْسِيْ ۚ اِنْ اَتَّبِعُ اِلَّا مَا يُوْحٰٓى اِلَيَّ ۚ اِنِّيْٓ اَخَافُ اِنْ عَصَيْتُ رَبِّيْ عَذَابَ يَوْمٍ عَظِيْمٍ ﴿١٥﴾

اوهان کان اڳ ڪيتريون ئي امتون گذري چڪيون آهن، جڏهن هنن ظلم جي راهه اختيار ڪئي تہ اسان هنن کي (پاداش عمل ۾) هلاڪ ڪيو. هنن وٽ سندن رسول روشن دليلن سان آيا هئا، پر ايمان آڻڻ لاءِ آماده نہ ٿيا، اسان ڏوهارين کي سندن ڏوهہ جو ائين بدلو ڏيندا آهيون.(13) انهن امتن کان پوءِ اسان اوهان کي انهن جو جانشين بڻايو جيئن ڏسون تہ اوهان جي ڪارڪردگي ڪهڙي آهي. (14) اي اسان جا پيغمبر ﷺ! جڏهن تون اسان جون واضح آيتون هنن (ڪافرن) کي پڙهي ٻڌائين ٿو تہ جيڪي ماڻهو مرڻ بعد اسان سان ملاقات جي توقع نٿا رکن، اهي توکي چون ٿا تہ هن قرآن کانسواءِ ٻيو قرآن کين ٻڌايو، يا ان کي ردوبدل ڪر. تون کين چؤ تہ اهو منهنجي مقدور (وس، طاقت) ۾ ناهي تہ مان پنهنجي طرفان ان ۾ ڪو ردو بدل ڪري سگهان. مان تہ ان حڪم جو تابع آهيان، جيڪو مون تي وحي ڪيو وڃي ٿو. جيڪڏهن مان سرتابي (انحرافي) ڪيان تہ سخت عذاب واري ڏينهن کان ڊڄان ٿو. (15)

پوين آيتن ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ ڪافرن کي سندن برا اعمال ڏاڍا پسند آهن. هاڻي کين ٻڌايو وڃي ٿو تہ انهن براين جو انجام نهايت خراب آهي. هي احتساب جي دنيا آهي، جنهن ۾ افراد جي اعمال جي ڪارڪردگيءَ جو رڪارڊ رهي ٿو تہ قومن جو بہ حساب ڪتاب جمع ٿيندو رهي ٿو. هن کان اڳ گذري ويل قومن کي پنهنجي پنهنجي دور ۾ ڪم ڪرڻ جو موقعو ڏنو ويو ۽ انهن ڏانهن انبياء عليهم السلام خدا جو پيغام ڪٽي آيا ۽ ماڻهن کي راهہ راست جو درس ڏنو، پر هنن نصيحت حاصل ڪرڻ بدران ۽ راهہ راست قبول ڪرڻ بدران ظلم ۽ بغاوت جي روش اختيار ڪئي. حق جي دعوت قبول نہ ڪئي تہ اسان انهن کي هٽائي اوهان کي انهن جي جاءِ تي جانشين ڪيو آهي. "خَلآئِفَ" جمع آهي "خَليفَة" جو، جنهن جي معنيٰ آهي جاءِ نشين. هينئر اوهان هڪ امتحان گاهہ ۾ آهيو. افراد پنهنجي چار روزه زندگيءَ دوران ۽ قومون وقفهِ مهلت دوران امتحان ۾ هوندیون آهن.

قلزمِ ہستی سے تو ابھرا ہے مانند حباب
اس زیاں خانہ میں تیرا امتحان ہے زندگی
(اقبال رحمۃ اللہ علیہ)

اسان اوهان جي اعمال تي نظر رکي رهيا آهيون تہ اوهان کهڙي راهہ عمل اختيار کيو ٿا. ان جا نتيجا بہ اهي ئي نڪرندا جهڙا عمل هوندا. مشرڪينِ عرب کي پيغمبر اسلام خَاتَمُ النَّبِيِّينَ صلی اللہ علیہ وسلم جي صداقت ۽ فضيلت جو انڪار ڪو نہ هيو. ان ڪري چوندا هئا تہ اسان تنهنجي ڳالهہ مڃڻ لاءِ تيار آهيون، پر تون اهڙيون آيتون ٻڌائين ٿو، جيڪي اسان جي عقيدي ۽ سوچ سمجهہ جي خلاف آهن، جن کي قبول ڪرڻ اسان لاءِ ممڪن ناهي، پر جيڪڏهن تون هن قرآن ۾ ڪجهہ ردو بدل ڪري، اسان جي عقيدن مطابق پيش ڪرين تہ اسان تنهنجو ساٿ ڏيڻ لاءِ تيار آهيون. تون کين چؤ تہ هي قرآن منهنجي من گهڙت نہ آهي، جو مان ان ۾ ردو بدل ڪري سگهان. (البقره: 106/2، الاعلیٰ: 6/87) مون تي جو ڪجهہ الله طرفان وحي ٿي رهيو آهي، اهو ئي مان اوهان کي ٻڌائي رهيو آهيان، جيڪڏهن مان ان جي خلاف ورزي ڪيان تہ ان جي پڪڙ کان مون کي ڪير بہ بچائي نہ سگهندو. "وَدُّوْا لَوْ تُدْهِنُ فَيُدْهِنُوْنَ" (القلم: 9/68) جيڪڏهن نرمي ڪرين تہ اسان بہ نرمي ڪنداسون. اسان کي اسان جي حال تي ڇڏي ڏي تہ اسان پنهنجي دنياداريءَ جا ڪم پنهنجي خواهشن سان ڪيون. پر تون اسان کي توحيد ۽ آخرت جي عقيدي ۽ شريعت جي ضابطي ۾ بند ڪرڻ گهرين ٿو. (هود: 113/11، بني اسرائيل: 74/17-73، الطلاق: 9/65)

وہ بجلی کا کڑکا تھا یا صوتِ ہادی
عرب کی زمیں جس نے ساری ہلادی
اتر کر حرا سے سوئے قوم آیا
اور اک نسخۂ کیمیا ساتھ لایا
(مسدّس حالي)

قُلْ لَّوْ شَآءَ اللّٰهُ مَا تَلَوْتُهٗ عَلَيْكُمْ وَ لَاۤ اَدْرٰىكُمْ بِهٖ ۖ فَقَدْ لَبِثْتُ فِيْكُمْ عُمُرًا مِّنْ قَبْلِهٖ ؕ اَفَلَا تَعْقِلُوْنَ ﴿۱۶﴾ فَمَنْ اَظْلَمُ مِمَّنِ افْتَرٰى عَلَى اللّٰهِ كَذِبًا اَوْ كَذَّبَ بِاٰيٰتِهٖ ؕ اِنَّهٗ لَا يُفْلِحُ الْمُجْرِمُوْنَ ﴿۱۷﴾ وَ يَعْبُدُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ مَا لَا يَضُرُّهُمْ وَ لَا يَنْفَعُهُمْ وَ يَقُوْلُوْنَ هٰۤؤُلَآءِ شُفَعَآؤُنَا عِنْدَ اللّٰهِ ؕ قُلْ اَتُنَبِّـُٔوْنَ اللّٰهَ بِمَا لَا يَعْلَمُ فِي السَّمٰوٰتِ وَ لَا فِي الْاَرْضِ ؕ سُبْحٰنَهٗ وَ تَعٰلٰى عَمَّا يُشْرِكُوْنَ ﴿۱۸﴾

تون هنن کي چؤ تہ جيڪڏهن الله گهري ها تہ مان قرآن توهان کي ٻڌايان ئي نہ ها ۽ توهان کي انهيءَ بابت خبردار ئي نہ ڪيان ها (مگر الله اوهان کي اقوام عالم جي رهبري جو ذريعو بنائي) مان اوهان جي اندر هن کان اڳ پوري عمر گذري چڪو آهيان، ڇا توهان سمجهڻ نٿا گهرو.(16) پوءِ توهان ٻڌايو تہ ان کان وڌيڪ ظالم ڪير ٿي سگهي ٿو، جيڪو پنهنجي من مان ڪوڙ گهڙي الله تي بهتان مڙهي ۽ الله جي آيتن کي ڪوڙو سمجهي. يقيناً ڏوهاري ڪڏهن بہ ڪاميابي حاصل ڪري نٿا سگهن. (17) هي مشرڪ الله کانسواءِ اهڙي شين جي پرستش ڪن ٿا، جيڪي نہ هنن کي نقصان ڏئي سگهن ٿا ۽ نہ کو فائدو. هو چون ٿا تہ اسان انهن بتن جي پوڄا ان ڪري ڪيون ٿا تہ اهي الله وٽ اسان جي سفارش ڪندا. اي پيغمبر خَاتَمُ النَّبِيِّين صلی الله تعالیٰ علیه وسلم ! تون هنن کي چؤ تہ توهان الله لاءِ اهڙيون ڳالهيون ڪيو ٿا، جيڪي الله کي نہ آسمانن ۾ معلوم آهي، نہ زمين ۾ الله جي ذات ان شرڪ کان نهايت پاڪ ۽ بلند بالا آهي، جو ڪجهہ هي ماڻهو ڪئي رهيا آهن.(18)

هن کان اڳ ٻڌايو ويو ته خدا جي رسولن سڳون جي تعليم جو انڪار ڪري پاڻ سان ظلم ڪيو ته انهن جي جاءِ تي صالح ماڻهن کي خليفو ڪري آندو ويو ته چڱا ڪم ڪن. ڪافرن جو اهو چوڻ ته هي قرآن تو پاڻ ٺاهي پيش ڪيو آهي، ان جي جواب ۾ چيو وجي ٿو ته هي مخالف ماڻهو چون ٿا ته هي الله جو ڪلام ناهي، پر پيغمبر عليه الصلواة والسلام پاڻ گهڙي ٻڌائي رهيو آهي. ان ڪري تون هنن کي چؤ ته جيڪڏهن هي قرآن الله جي طرفان نه هجي ها ته الله جي مشيت خلاف مان اوهان آڏو ان جي نه تلاوت ڪريان ها ۽ نه وري خبردار ڪيان ها. اوهان ٻيون سڀ ڳالهيون ڇڏي رڳو هن حقيقت تي غور ڪريو ته مان اوهان ۾ ڪو نئون يا اوپرو انسان نه آهيان، جنهن جي خصلتن، عادتن ۽ اخلاق کان اوهان اڻ ڄاڻ هجو، مون زندگيءَ جا چاليهه سال اوهان جي درميان گذاريا آهن. منهنجي پوري زندگي اوهان جي آڏو هڪ ڪليل ڪتاب وانگر آهي. ايڏي وڏي عرصي دوران منهنجي صداقت، امانت، شرافت، اخلاق ۽ ڪردار ۾ توهان کي ڪا ڪمي ڪوتاهي نظر آئي. (المؤمنون: 68/23) جڏهن هن مدت دوران مان انساني معاملن ۾ ڪو ڪوڙ نه ڪيان ته هاڻي هن پختہ عمر ۾ الله تي بهتان ڪٽي هٽي ٿو سگهان. اوهان پاڻ مون کي صادق ۽ امين جا لقب ڏنا آهن. اوهان خود اقرار ڪريو ٿا ته مان سچ ڪانسواءِ ڪجهه به نٿو ڳالهايان. "وَمَا يَنْطِقُ عَنِ الْهَوٰى ۝ اِنْ هُوَ اِلَّا وَحْيٌ يُّوْحٰى ۝ " (النجم: 3-4/53) هو پنهنجي خيال سان نٿو ڳالهائي پر اهو الله جو حڪم آهي جو ان تي وحي ڪيو ويو.

وہ شمع اجالا جس نے کیا چالیس برس تک غاروں میں
اک روز جھلکنے والی تھی سب دنیا کی درباروں میں
جو فلسفیوں سے کھل نہ سکا، جو نکتہ وروں سے حل نہ ہوا
وہ راز اک کملی والے نے بتلادیا چند اشاروں میں

(مولانا حالي رحمۃ اللہ علیہ)

ياد رکو ته جيڪو شخص الله تي بهتان مڙهي ته اهو ڪيڏو وڏو مجرم هوندو، پر جيڪو صادق ۽ امين کي ڪوڙو سمجهي، اهو به گهٽ مجرم ناهي، پر ظالم آهي. فيصلو الله جي هٿ ۾ آهي ۽ ان جو قانون آهي ته اهو مجرمن کي ڪاميابي نه ڏيندو آهي. الله تي

ڪوڙو بهتان هٽندڙ ۽ الله جي آيتن کي ڪوڙو چوندڙ هي ٻئي ڏريون برابر جون مجرم آهن، ان ڪري توهان پنهنجي پروگرام مطابق ڪم ڪيو، مون کي منهنجي مطابق ڪم ڪرڻ ڏيو. ان بعد نتيجا خود بخود ٻڌائيندا تہ اسان مان ڪير ڪوڙو ۽ مجرم آهي، جيڪو ناڪام ٿيو، اهوئي ڪوڙو ۽ مجرم آهي. ڪافر تباهہ ۽ برباد ٿي ويندو، پر حضرت محمد ڪريم ﷺ صادق ۽ امين جو نام ۽ پيغام هميشہ هميشہ لاءِ نمايان ۽ نشانبر هوندو.

وَاَحْسَنُ مِنْكَ لَمْ تَرَ قَطُّ عَيْنِیْ
وَاَجْمَلُ مِنْكَ لَمْ تَلِدِ النِّسَآءُ
خُلِقْتَ مُبَرَّاً مِّنْ كُلِّ عَيْبٍ
كَاَنَّكَ قَدْ خُلِقْتَ كَمَا تَشَآءُ

(حضرت حسان بن ثابت رضی اللہ تعالیٰ عنہ)

سورة الانعام 6/144-106-21 سورة الاعراف: 7/37 ۾ بہ ساڳيو بيان اچي چڪو آهي. هي مشرڪ الله کانسواءِ اهڙين شين جي پوڄا ڪن ٿا، جيڪي نہ هنن کي نقصان پهچائي سگهن ٿيون ۽ نہ وري کين ڪو فائدو ڏئي سگهن ٿيون. سندن خيال آهي تہ هي مورتيون جن هستين جي نالي تي ناهيون ويون آهن، اهي هستيون کين خدا وٽ ڏڪ سڪ جو وسيلو بڻبيون. مڪي جي مشرڪن جو اهو اعتقاد هيو تہ ڪائنات جو خالق ۽ مالڪ الله آهي، پر هي بت الله وٽ سفارش جو وسيلو آهن، حالانڪہ کين چڱيءَ طرح معلوم آهي تہ هي مورتيون خود پاڻ تان مڪ کي بہ روڪڻ جي قوت نٿيون رکن ۽ نہ ڪا سندن اهڙي هستي زمين ۽ آسمانن ۾ موجود آهي، جيڪا کين الله جي عذاب کان بچائي ۽ ان جي نعمتن ۽ نوازشن کي هنن تائين پهچائي سگهي. جيڪڏهن اهڙي ڪا شيءِ زمين يا آسمانن ۾ هجي ها تہ الله کي ان جو ضرور پتو هجي ها. "يَعْلَمُ مَا بَيْنَ اَيْدِيْهِمْ وَمَا خَلْفَهُمْ ۚ وَلَا يُحِيْطُوْنَ بِشَيْءٍ مِّنْ عِلْمِهٖٓ اِلَّا بِمَا شَآءَ" (آية الكرسي) جيڪا شيءِ آهي ئي ڪونہ ان جو علم الله کي ڪيئن هوندو. توهان جن شين کي الله جو شريڪ بنائي رهيا آهيو، الله سبحانه و تعالىٰ هنن سڀ شين کان پاڪ آهي. يعني الله سان گڏ بتن جي پوڄا بہ ڪيو ٿا. يا الله کي ڇڏي رڳو بتن جي پوڄا ڪيو ٿا. الله تعالىٰ اهڙي شرڪ کان پاڪ آهي.

وَ مَا كَانَ النَّاسُ اِلَّاۤ اُمَّةً وَّاحِدَةً فَاخْتَلَفُوْا ؕ وَ لَوْ لَا كَلِمَةٌ سَبَقَتْ مِنْ رَّبِّكَ لَقُضِیَ بَیْنَهُمْ فِیْمَا فِیْهِ یَخْتَلِفُوْنَ ﴿۱۹﴾ وَ یَقُوْلُوْنَ لَوْ لَاۤ اُنْزِلَ عَلَیْهِ اٰیَةٌ مِّنْ رَّبِّهٖ ۚ فَقُلْ اِنَّمَا الْغَیْبُ لِلّٰهِ فَانْتَظِرُوْا ۚ اِنِّیْ مَعَكُمْ مِّنَ الْمُنْتَظِرِیْنَ ﴿۲۰﴾ ع ۲

ابتدا ۾ انسانن جي هڪ امت هئي، پوءِ الڳ الڳ ٿي ويا، جيڪڏهن تنهنجي رب جي طرفان هڪ ڳالهه پهريائين ئي طئي ٿيل نه هجي ها (قانون مهلت) ته هنن جي درميان ان ڳالهين جو فيصلو ٿي وڃي ها، جنهن ۾ هو اختلاف ڪري رهيا آهن.(19) ۽ هي ماڻهو چون ٿا ته هن (رسول ﷺ) تي ڪا (فيصلو ڪندڙ) آيت (نشاني) چو نه نازل ٿي، اي پيغمبر ﷺ! چؤ ته غيب جو علم الله وٽ آهي، سو اوهان به انتظار ڪريو ۽ مان به اوهان سان گڏ انتظار ڪيان ٿو.(20)

پوين آيتن ۾ بت پرستيءَ جو ذڪر هيوتہ اهي جاهل هٿ جي جوڙيل بتن آڏو سجده ريز آهن ۽ انهن کي پنهنجو حاجت روا ۽ مشڪل ڪشا سمجهن ٿا، جنهن جي هنن وٽ ڪا سَنَدَ نہ آهي. هو پاڻ ٽولا ٽولا ٿي ويا آهن، حالانڪہ اصل ۾ هڪ الله يا الله جي وحدانيت به انسانن جي وحدت جي خواهشمند آهي. رسول خدا ﷺ جي تعليم به اجتماعيت جو درس آهي. هن جي ڪوشش آهي تہ ماڻهن جي ٽولن ٽولن ۾ ورهائجڻ کي ملت جي عالمگير دائري ۾ هڪ ڪجي.

نہ افغانیم و نے ترک و تتاریم
چمن زادیم از یک شاخساریم

تميزِ رنگ و بو بر ما حرام است
كه ما پروردهٔ يک نوبهاريم

(اقبال رحمۃ اللہ علیہ)

يعني: اسان نہ افغان آهيون نہ ترڪ نہ تاتاري آهيون، پر باغ جي هڪ شجر (درخت) جي شاخ آهيون. رنگ ۽ بو جو فرق رکڻ حرام آهي. ڇو تہ اسان سڀ هڪ نوبهار جا پاليل آهيون.

وحدانيت جي تقاضا آهي تہ انسانن جي عالمگير برادري ۾ آڻڻ لاءِ ضروري آهي تہ ڪين هڪ عالمگير ضابطي ۾ آڻجي، جهڙي طرح سمورا انسان اختلافن جو شڪار ٿيڻ کان اڳ هڪ انساني برادري ۾ گڏ رهندا هئا. (البقره: 213/2، الانعام: 35/6) ان کان پوءِ ذاتي مفادپرستي ۽ خودغرضي انهن ۾ اختلافات پيدا ڪرڻ شروع ڪيا ۽ هڪ ٻئي جا دشمن بڻجي ويا. (البقره: 113/2) ڪجهہ تفسيرن ۾ آهي تہ حضرت آدم عليہ السلام کان حضرت نوح عليہ السلام تائين ماڻهو امتِ واحده هيا ۽ حضرت نوح عليہ السلام جي زماني ۾ ماڻهو اختلاف ڪرڻ لڳا. (تفسير احسن البيان) پر ڪجهہ تفسيرن اختلافِ امت جو آغاز ڪڏهن ٿيو هو، اهو ناهي ٻڌايو. اسان لاءِ اهو بہ ممڪن هيو تہ سندن پيدائش ئي اهڙي ڪجي جو پاڻ ۾ اختلاف نہ ڪن. يا اگر اختلاف ڪن تہ جبر ذريعي سندن اختلاف ختم ڪري ڇڏيون، پر اسان جبر جي بدلي ڪين آزادي سان اختيار ۽ ارادي جي استعمال جو موقعو مهيا ڪيو ۽ اهڙي تعليم عطا ڪئي، جنهن سان تفرقا ۽ اختلاف ختم ٿي وڃن. (البقره: 38/2، آل عمران: 103/3، الدهر 3-29/76، النازعات: 37-41/79، الشمس: 8-10/91) هنن ڪافرن کي جيڪا مهلت ملي رهي آهي، اهي ان جو ناجائز فائدو حاصل ڪندي چون ٿا تہ جيڪڏهن هي رسول خاتم النبيين صلى الله عليہ وسلم واقعي الله جو موڪليل آهي ۽ جو ڪجهہ هو وحي ڪري ٻڌائي ٿو اهو واقعي الله طرفان وحي آهي تہ پوءِ اسان کي يقين ڏيارڻ لاءِ ڪا نشاني (معجزو) پيش ڇو نٿو ڪري، جنهن کي ڏسي اسان ايمان آڻيون. معجزو اهڙو ڇٽو هجي، جهڙيءَ طرح ثمود جي قوم لاءِ ڏاڇي موڪلي وئي. جيڪڏهن هي نبي آهي تہ مڪي جي جبلن کي سونو ڪري ڏيکاري. يا هي سمورا جبل غائب ٿي وڃن ۽ زمين هموار ٿي وڃي تہ اسان باغ ۽ زراعت ڪريون. اي نبي مڪرم خاتم النبيين صلى الله عليہ وسلم! تون ڪين چؤ تہ هي

جيڪي اوهان گهر ڪري رهيا آهيو، ان جي بدلي مان اوهان ڪي اهڙي دعوت ڏئي رهيو آهيان، جنهن جا نتيجا اوهان جي لاءِ ڳجها (غيب) آهن، پر اهو سڀ خدا جي علم ۾ آهي، جنهن جي ڪا به خبر ناهي، پر هر حال ۾ وقوع پذير ٿيندا. مان خدا جو برحق رسول آهيان. اوهان منهنجي ۽ خدائي آئين جا منڪر آهيو. ڪير سچو ڪير ڪوڙو آهي. ان لاءِ مان به توهان سان گڏ (ان وقت جو) انتظار ڪيان ٿو ۽ توهان به مون سان گڏ انتظار ڪريو. هن جا نتيجا ضرور نڪرندا، جنهن مان منهنجي صداقت جو نشان ثابت ٿيندو. اها نشاني اوهان لاءِ عذاب جي صورت ۾ هوندي يا منهنجي نبوت جي تصديق ۽ تائيد هوندي. ان لاءِ وقت جو انتظار ڪريو.

وَ اِذَاۤ اَذَقْنَا النَّاسَ رَحْمَةً مِّنْۢ بَعْدِ ضَرَّآءَ مَسَّتْهُمْ اِذَا لَهُمْ مَّكْرٌ فِیْۤ اٰیَاتِنَا ؕ قُلِ اللّٰهُ اَسْرَعُ مَكْرًا ؕ اِنَّ رُسُلَنَا یَكْتُبُوْنَ مَا تَمْكُرُوْنَ ﴿۲۱﴾ هُوَ الَّذِیْ یُسَیِّرُكُمْ فِی الْبَرِّ وَ الْبَحْرِ ؕ حَتّٰۤی اِذَا كُنْتُمْ فِی الْفُلْكِ ۚ وَ جَرَیْنَ بِهِمْ بِرِیْحٍ طَیِّبَةٍ وَّ فَرِحُوْا بِهَا جَآءَتْهَا رِیْحٌ عَاصِفٌ وَّ جَآءَهُمُ الْمَوْجُ مِنْ كُلِّ مَكَانٍ وَّ ظَنُّوْۤا اَنَّهُمْ اُحِیْطَ بِهِمْ ۙ دَعَوُا اللّٰهَ مُخْلِصِیْنَ لَهُ الدِّیْنَ ۚ لَىِٕنْ اَنْجَیْتَنَا مِنْ هٰذِهٖ لَنَكُوْنَنَّ مِنَ الشّٰكِرِیْنَ ﴿۲۲﴾

۽ جڏهن اسان ماڻهن کي تڪليف پهچڻ بعد رحمت سان لذت آشنا ڪيون ٿا تہ فورًا (اسان جي احسان کي وساري) اسان جي آيتن ۾ مڪر ۽ فريب ڪرڻ لڳن ٿا. کين چؤ تہ الله توهان جي تدبير (مڪر) ۾ توهان کان تيز آهي، بيشڪ اسان جا موڪليل فرشتا اوهان جيڪي مڪرو فريب ڪيو ٿا، لکندا رهن ٿا. (21) اهو الله ئي آهي جيڪو خشڪي (زمين) ۽ پاڻي (سمنڊ) ۾ اوهان کي

گهمائي ڦيرائي ٿو. ايتري قدر جو اوهان ٻيڙين ۾ سوار ٿيو ٿا ۽ اهي ٻيڙيون موافق هوا سان هلنديون آهن، جنهن جي ڪري هو ڏاڍا خوش ٿيندا آهن ته اوچتو ئي اوچتو انهن ٻيڙين کي طوفان گهيري ونيو ٿو ۽ چوڌاري موجون رونما ٿيندیون آهن ته هو الله کي پڪارڻ شروع ڪندا آهن ته اسان کي هن (مصيبت) کان نجات عطا ڪر ته يقيناً اسان شڪر گذار ٻانها ٿيندا سون.(22)

گذريل آيتن ۾ هيو ته اهي ڪافر هڪ امت مان فرقا فرقا ٿي ويا. هوالله جي عذاب جا حقدار ٿي ويا. کين جلد عذاب ۾ نه وٺو، چوته الله جو اهڙو فيصلو آهي ته هو مهلت واري وقت ۾ مهلت جو فائدو وٺن، مگر اهي الله تعالىٰ لاءِ چون ٿا ته اسان جي انڪار ڪرڻ تي ڪا آيت نازل ڇو نٿي نازل ٿئي ۽ ناشڪرا ٿي وڃن ٿا. هن آيت سڳوري وارو مضمون هن کان اڳ آيت نمبر 11 ۽ 12 ۾ اچي چڪو آهي، هتي توڙي هُتي ڪافرن جي ناشڪري ۽ احسان فراموشي جي حقيقت بيان ڪئي ٿي وڃي ته جڏهن هنن کي ڪا تڪليف پهچي ٿي يا ڪنهن مصيبت جو منهن ڏسڻو پوي ٿو ته ان بي بسي ۽ بي ڪسيءَ جي حالت ۾ اسان کي دانهون ڪوڪون ڪري پڪارين ٿا. پنهنجن انهن ديوين ۽ ديوتائن ڏانهن متوجه نٿا ٿين، جن جي سفارش کي هو تيربهدف سمجهندا آهن ۽ جن کي راضي رکڻ لاءِ سندن نام تي نذر و نياز ۽ قربانيون ڪندا آهن. کين چڱي طرح معلوم آهي ته اهي مصنوعي خدا ته هنن کان به وڌيڪ مجبور ۽ محتاج آهن. اهڙي طرح جڏهن مڪه مڪرمه ۾ سخت قحط پيو ۽ ماڻهو بک ۽ بدحالي کان پريشان ٿي ويا، جانور مرڻ لڳا ته هنن الله کي مدد ۽ نجات لاءِ پڪارڻ شروع ڪيو. جڏهن خداوند ڪريم پنهنجي ربوبيت ۽ رحمت وارين صفتن سان سندن مصيبت ۽ مشڪلات کي هٽائي وري خوشحالي ۽ سکون مهيا ڪيو ته هو وري الله کي وساري وينا ۽ چوڻ لڳا ته هي ته زماني جي گردش آهي. ڏکن پٺيان سک ايندا آهن. هن ۾ خدا جو ڪو به عمل دخل نه آهي، پر جيڪڏهن هي شخص محمد ﷺ سچ ٿو چوي ۽ اسان کي عذاب جا ڊڙڪا ٿو ڏئي ته پوءِ عذاب ڇو نٿو آڻي. کين ٻڌايو ته هي خدا جو قانون مهلت آهي، اوهان کي کلي اجازت آهي. پلي

مکر ۽ فريب جا داوَ آزمائيندا رهو. الله اوهان جي هنن تدبيرن جو ٽوڙ رکي ٿو. ڇؤ ته الله جي تدبير اٽٽر آهي. (الانعام: 41/6) "مکر" شر واري خفيہ تدبير ۽ حڪمت عمليءَ کي چوندا آهن. هت ڪافرن جي انهن مکر جي نسبت، شر ۽ شرارت واري چالبازي مراد آهي، پر مکر جي الله تعالىٰ ڏانهن نسبت سڻي خفيہ تدبير آهي، جنهن جو نتيجو اوهان کي ضرور ملندو ۽ اسان جا فرشتا توهان جي هر مکر ۽ بدعمل جو حساب رکي رهيا آهن، جن جو جلد حساب بہ ضرور ٿيندو.

خدا جي هنن زندهہ جاويد چٽين ۽ واضح نشانين کي ڏسي بہ اوهان کي نبي برحق محمد ﷺ تي يقين نٿو اچي. حالانڪ هن جي پوري زندگي اوهان آڏو هڪ ڪليل ڪتاب وانگر آهي، هن کي صادق ۽ امين بہ سمجهو ٿا، پر بغض ۽ حسد جي ڪري پنهنجون تاويلون ناهي، ڪفر تي رهڻ گهرو ٿا. هي اهو الله ئي ته آهي جنهن اوهان جي لاءِ بري ۽ بحري سفر جون سهولتون پيدا ڪيون آهن، جنهن لاءِ انسان نيون نيون ايجادون ڪري رهيو آهي. الله تعالىٰ مختلف طبعي قانون ماتحت سڀ شيون انسان لاءِ مسخر ڪيون آهن. اٺ ۽ گهوڙي جي سواريءَ کان جهازن ۽ راکيٽن جو سفر مزيد سهولتون پيدا ڪري رهيو آهي. سمنڊ ۽ دريائن ۾ ڪشتيون روان دوان آهن، جيڪي موافق هوا لڳڻ ڪري مسافرن جي خوشي ۽ شادماني جو سامان پهچائي رهيون آهن، پر وري اوچتو ئي اوچتو تيز هوا جو طوفاني جهٽڪو اچي ٿو ۽ مسافرن لاءِ هر طرف کان موجون ايري رهيون آهن. ڪشتي لوڏن ۾ آهي ۽ هنن کي يقين ٿئي ٿو ته هو طوفان جي زد ۾ ورتل آهن ۽ ان وقت بيو سڀ ڪجهہ وساري هڪ الله کي مدد لاءِ پڪارن ٿا ۽ ان جي عبادت جو ارادو ڏيکارين ٿا ۽ چون ٿا ته اسان کي هتان نجات ملي وئي ته اسان زندگيءَ ۾ شڪرگذار ٿي رهنداسون. الله تعالىٰ هنن مثالن سان گهري ٿو ته انسان جي زندگي ۾ اهڙي پختگي پيدا ٿئي، جو مشڪلات ۽ مصيبت جي گهڙي هجي يا راحت ۽ سرور جو عالم، هر حال ۾ دل خدا جي ياد کان غافل نہ هجي. ان ڪري سمنڊ اندر خطرناڪ سفر جو ذڪر ڪيو ويو يا ڪا بہ مصيبت هجي ماڻهو خود فريبي جو شڪار نہ ٿئي. هن کان اڳ واري آيت ۾ تڪليف ۽ مصيبت ۾ الله کي پڪاريندا هيا، ان جو ذڪر آهي، پر هن آيت ۾ ان ناشڪريءَ جو ذڪر آهي، جيڪا هو نجات ملڻ بعد ڪندا هيا.

فَلَمَّآ اَنْجٰىهُمْ اِذَا هُمْ يَبْغُوْنَ فِى الْاَرْضِ بِغَيْرِ الْحَقِّ ؕ يٰٓاَيُّهَا النَّاسُ
اِنَّمَا بَغْيُكُمْ عَلٰٓى اَنْفُسِكُمْ ۙ مَّتَاعَ الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا ۫ ثُمَّ اِلَيْنَا مَرْجِعُكُمْ
فَنُنَبِّئُكُمْ بِمَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ﴿٢٣﴾ اِنَّمَا مَثَلُ الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا كَمَآءٍ اَنْزَلْنٰهُ
مِنَ السَّمَآءِ فَاخْتَلَطَ بِهٖ نَبَاتُ الْاَرْضِ مِمَّا يَاْكُلُ النَّاسُ وَالْاَنْعَامُ ؕ
حَتّٰٓى اِذَآ اَخَذَتِ الْاَرْضُ زُخْرُفَهَا وَ ازَّيَّنَتْ وَ ظَنَّ اَهْلُهَآ اَنَّهُمْ
قٰدِرُوْنَ عَلَيْهَآ ۙ اَتٰىهَآ اَمْرُنَا لَيْلًا اَوْ نَهَارًا فَجَعَلْنٰهَا حَصِيْدًا كَاَنْ لَّمْ
تَغْنَ بِالْاَمْسِ ؕ كَذٰلِكَ نُفَصِّلُ الْاٰيٰتِ لِقَوْمٍ يَّتَفَكَّرُوْنَ ﴿٢٤﴾

ياد رهي ته پوءِ جڏهن الله هنن کي نجات ڏئي ٿو ته هو (سپ عهد و پيمان وساري) ناحق سرڪشي اختيار ڪن ٿا. اي انسانؤ! انهيءَ سرڪشي ۽ بغاوت جو وبال ته اوهان تي اچڻو آهي. هي دنيا جي زندگيءَ جو سازو سامان آهي، (جنهن جو فائدو حاصل ڪريو) آخرڪار اوهان کي اسان ڏانهن موٽي اچڻو آهي. ان وقت اوهان کي ٻڌائينداسون ته اوهان جو ڪجهه (دنيا ۾) ڪندا رهيا آهيو. ان جي اصل حقيقت ڇا هئي.(23) دنيا جي زندگيءَ جو مثال ان پاڻيءَ وانگر آهي، جيڪو اسان آسمان طرفان وسايون ٿا، پوءِ ان (پاڻيءَ) سان زمين جا لا ملجي وڃن ٿا، جنهن ڪري زمين خوب سرسبز ٿئي ٿي، جنهن سان انسان ۽ جاندار (چوپايا وغيره) خوب کائن پيئن ٿا ۽ زمين خوب منظر پيش ڪري ٿي ۽ زمين جا مالڪ سمجهن ٿا ته هاڻي فصل اسان جي قبضي ۾ آهي ته اوچتو اسان جو حڪم رات جو يا ڏينهن جو نمودار ٿيو ۽ اسان ان جي جڙ (پاڙ) اهڙي طرح ڪٽي ڇڏي جو گويا ڪالهه اهو فصل موجود ئي ڪو نه هيو،

اهڙي طرح اسان حق ۽ سچ تي مبني دليل کولي کولي پيش ڪيون ٿا تہ جيئن غور فڪر ڪرڻ وارا ان مان نصيحت حاصل ڪن.(24)

هن کان اڳ وارين آيتن ۾ هيو تہ هو مصيبت وقت مصنوعي خدائن کي ڇڏي الله جل شانه کي نجات لاءِ پڪارين ٿا. انسان بہ عجيب مخلوق آهي. هو هن طبعي زندگيءَ جي وقتي فائدن لاءِ اصل زندگيءَ جا دائمي فائدا وساري ويهي ٿو، حالانڪ الله جا احسان ۽ ان جون نوازشون رات ڏينهن هن تي جاري و ساري رهن ٿيون، پر انهن سيني کان غافل ٿي دنياداري جي لذتن ۽ عياشين ۾ ايترو تہ محو ۽ مگن ٿي وڃي ٿو، جو جيستائين کيس دنيا ۾ هڪ ڪَڪَ برابر سهارو بہ نظر اچي ٿو تہ ان جي آسري لڳي، عروة الوثقىٰ (مضبوط سهاري) کي پلائي ڇڏي ٿو، پر جڏهن سڀ وسيلا کيس جواب ڏئي وڃن ٿا ۽ مشڪلات پنهنجا تيز چنبا هن جي گردن تي وجهي ٿي تہ پوءِ هو الله طرف متوجه ٿئي ٿو. پر جڏهن ان بي بسي ۽ بي ڪسيءَ جي حالت کان ٻاهر اچي ٿو تہ يڪدم ناحق، ناشڪري ۽ احسان فراموشي ڪري وري سرڪشي ۽ بغاوت تي لهي اچي ٿو، جنهن ۾ هو ٻئي ڪنهن جو ڪجهہ نٿو بگاڙي، پر اصل ۾ پنهنجي ذات جي خلاف بغاوت آهي. مشڪل وقت خدا سان ڪيل سمورا عهد و پيمان وساري، دنياوي وقتي فائدي پٺيان سرگردان ٿئي ٿو. کيس معلوم هئڻ گهرجي تہ هو جيڪو ڪجهہ ڪري رهيو آهي، ان جو الله کي پورو پرو علم آهي. عڪرمه پٽ ابوجهل فتح مڪه بعد مڪه کان فرار ٿي نڪتو ۽ هڪ ٻيڙيءَ ۾ سوار ٿيو. ٻيڙي سخت طوفان جي گهيري ۾ اچي وئي. ملاح چيو تہ توهان الله واحد کان دعا گهرو، ان کان سواءِ ڪو نجات ڏيڻ وارو ناهي. عڪرمه سوچيو تہ سمنڊ ۾ نجات ڏيڻ وارو صرف هڪڙو الله آهي تہ پوءِ خشڪيءَ تي بہ اهو نجات ڏيندو. محمد ﷺ بہ تہ ائين ئي چوي ٿو. چنانچہ هن دل ۾ فيصلو ڪيو تہ هتان بچي نڪتس تہ ضرور محمد ﷺ تي ايمان آڻيندس. پوءِ هو نبي اڪرم ﷺ وٽ حاضر ٿي ايمان آندو ۽ حضرت ابوبڪر صديق رضی الله تعالیٰ عنه جي دور ۾ منڪرين زڪوات خلاف جهاد ڪيو.

آخرڪار هن کي الله طرف رجوع ڪرڻو آهي ۽ اتي کيس ٻڌايو ويندو تہ تنهنجي

دنياوي زندگي لاءِ تگ و دو جي اصل حقيقت چا آهي. آيت شريف ۾ لفظ بَغْيُ (يَبْغُوْنَ) استعمال ٿيو آهي، جنهن جي اصل معنىٰ سرڪشي آهي، پر جڏهن بَغْيُ فِي الاَرْضِ اچي تہ ان مان مراد آهي تہ مال و دولت ۽ اقتدار و اختيار جي فراواني، انسان ۾ غرور ۽ سرڪشي پيدا ڪري ٿي، جنهن جي ڪري فساد في الارض جو سبب بڻجي ٿو.

ياد رهي تہ هن دنيا جي مال و دولت جو مثال هن طرح آهي تہ جيئن آسمان طرفان بادل وسڻ لڳن ۽ ان جي پاڻيءَ سان زمين سرسبز ۽ شاداب ٿي وڃي. (الكهف: 44/18، الزمر: 21/39، الحديد: 20/57) هر طرف هريالي ئي هريالي جو منظر هجي. باغ ڪيت سڀ آباد ٿي وڃن ۽ ماڻهو سمجهڻ لڳن تہ هاڻي اجهو فصل لهڻ وارو آهي ۽ اسان جي خوشحالي ۽ خوشنودي جو دؤر شروع ٿيڻ وارو آهي ۽ زمين جو حسن ۽ سونهن ڪيڏي نہ وڌندڙ ٿي وئي آهي. انهن خيالن دوران رات جي وقت يا ڏينهن جو اهڙو عذاب نازل ٿئي، جو اهو سمورو نـاڻ نا ٿي وڃي، باغ، ڪيت ۽ سبزيون سڀ ائين اجڙي وڃن، جو جڙ پيدا ئي نہ ٿيون هيون. "حَصِيْدًا" جو وزن "فَعِيْل" بمعنىٰ مفعول "مَحْصُوْدًا" آهي، يعني جڏهن پوک کي ڪٽي الڳ ڪري ڇڏجي. دنياوي زندگيءَ جي وقتي ۽ بي بقا فائدن جو اصل اخروي جاويد حيات سان مثال ڏئي بار بار ان ڪري بيان ڪري رهيا آهيون تہ جيئن انسان ان مان سبق حاصل ڪري تہ دنياوي زندگيءَ جون هي سڀ رونقون ۽ رعنائيون بي ثبات ۽ بي بقا آهن. هڪ تہ زندگي چند ڏينهن جي آهي، ٻيو ان جو سمورو سازو سامان ۽ مال متاع عارضي ۽ وقتي آهي، جنهن کي ڪو جٽاءُ ناهي. اڄ عياشي ۽ آرام تہ حاصل آهي، پر سياڻي هوندو يا نہ هوندو، ان جو يقين ناهي، جنهن جو تجربو هر ذي شعور انسان کي ٿيندو رهي ٿو. ڏک ۽ سک هڪ ٻئي پٺيان رات ڏينهن وانگر گردش ۾ آهن. ٻئي طرف آخرت جي زندگي دائمي ۽ بقادار آهي. اتي جا ڏک ۽ سک هن طبعي زندگي جو ثمر آهن. "اَلدُّنْيَا مَزْرَعَةُ الْآخِرَةِ" دنيا آخرت جي کيتي آهي، هت جيڪي پوکبو اڳتي اهو ئي لڻبو. هي سڀ بيان انهن لاءِ آهي جيڪي غور فڪر ۽ دور انديشيءَ کان ڪم وٺي رهيا آهن. گذريل آيتن ۾ دارالفنا جو ذڪر هيو، هاڻي دارالبقا جو ذڪر اچي ٿو.

وَ اللّٰهُ يَدْعُوْٓا اِلٰى دَارِ السَّلٰمِ ؕ وَ يَهْدِيْ مَنْ يَّشَآءُ اِلٰى صِرَاطٍ
مُّسْتَقِيْمٍ ﴿٢٥﴾ لِلَّذِيْنَ اَحْسَنُوا الْحُسْنٰى وَ زِيَادَةٌ ؕ وَ لَا يَرْهَقُ
وُجُوْهَهُمْ قَتَرٌ وَّ لَا ذِلَّةٌ ؕ اُولٰٓئِكَ اَصْحٰبُ الْجَنَّةِ ۚ هُمْ فِيْهَا
خٰلِدُوْنَ ﴿٢٦﴾ وَ الَّذِيْنَ كَسَبُوا السَّيِّاٰتِ جَزَآءُ سَيِّئَةٍ بِمِثْلِهَا ۙ وَ تَرْهَقُهُمْ
ذِلَّةٌ ؕ مَا لَهُمْ مِّنَ اللّٰهِ مِنْ عَاصِمٍ ۚ كَاَنَّمَآ اُغْشِيَتْ وُجُوْهُهُمْ قِطَعًا
مِّنَ الَّيْلِ مُظْلِمًا ؕ اُولٰٓئِكَ اَصْحٰبُ النَّارِ ۚ هُمْ فِيْهَا خٰلِدُوْنَ ﴿٢٧﴾

الله سلامتيءَ جي گهر ڏانهن سڏي ٿو ۽ جنهن کي گهري ٿو (کاميابي ۽ نجات جي) سڌي رستي تي هدايت ڪري ٿو. (25) جن ماڻهن نيڪي ڪئي انهن لاءِ نيڪي آهي ۽ ان کان به ڪجهه زياده، هن جي چهرن تي نه (محرومي جي) ڪاراڻ لڳندي ۽ نه ذلت نظر ايندي. اهڙا ماڻهو جنتي آهن ۽ هميشه جنت ۾ هوندا.(26) جن ماڻهن برائيون ڪمايون تہ برائيءَ جو بدلو برائي برابر هوندو. انهن تي خواري ڇانئجي ويندي. الله (جي قانون) کان انهن کي ڪو بچائڻ وارو نہ هوندو(ڪاراڻ جي ڪري) ائين محسوس ٿيندو تہ گويا هنن جي چهرن کي انڌيري رات جي ٽڪري سان ڍڪي ڇڏيو آهي. اهي ماڻهو جهنمي آهن ۽ ان ۾ هميشہ رهندا.(27)

اڳين آيتن ۾ هيو تہ هو مصيبت وقت الله تعالىٰ سان نجات لاءِ ڪيل وعدا وساري ڇڏيندا هيا. ڪين ٻڌايو ويو تہ دنيا جي زندگي اهڙي آهي، جهڙي طرح برسات پوڻ بعد زمين زرخيز ٿي ويندي آهي ۽ هو سمجهندا آهن تہ هاڻي ڪو خطرو ناهي، پر اوچتو

اهڙو طوفان ايندو آهي، جو سڀ ڪجهه ختم ڪري ڇڏيندو آهي. دنيا ۾ زندگي گذارڻ جو هڪ طريقو اهو آهي ته صرف دنياوي مفاد کي پنهنجو نصيب العين يا مقصود حيات سمجهي مايا ميڙڻ ۾ ڪنهن قانون يا اخلاقي پابنديءَ جو خيال نه ڪري ۽ پنهنجي طاقت ۽ اقتدار جي نشي ۾ جائز ۽ ناجائز جون حدون پار ڪري وڃي. هن جي برعڪس ٻيو طريقو اهو آهي، جنهن طرف خدا دعوت ڏئي رهيو آهي. جنهن جو نتيجو دارالسلام يعني هر قسم جي تباهي کان سلامتي ۽ عافيت جو مقام آهي، جيڪو جنت آهي ۽ جنت کان وڌيڪ رضوان الله جي خوشنودي ۽ رضا آهي، جنهن جي ڪا حد حاصل نه آهي. جنت لاءِ حديث شريف ۾ آهي. "لَا عَيْنٌ رَاَتْ وَلَا اُذُنٌ سَمِعَتْ وَلَا خَطَرَ عَلٰى قَلْبِ بَشَرٍ (الْمُسْلِمِ)" جنت ۾ اهو ڪجهه آهي، جو ڪنهن اک نه ڏٺو آهي ۽ نه ڪنهن ڪن ٻڌو آهي ۽ نه ڪنهن جي دل ۾ خيال آيو آهي. حضرت عبدالله بن عباس رضی اللہ تعالیٰ عنہ کان مروي آهي ته جنت جي نعمتن کي دنيا جي شين سان ڪا مشابهت ناهي (رڳو سمجهائڻ لاءِ) نالي جي مشابهت (هم نام هجڻ) آهي. سورة التوبه: 72/9 ۾ مؤمنن لاءِ جنت سان گڏ "رِضْوَانٌ مِّنَ اللّٰهِ اَكْبَرُ" ۽ آيت نمبر 100 "رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمْ وَ رَضُوْا عَنْهُ" ۾ خدا جي انهيءَ رضا، خوشنودي ۽ قربت جو بيان آهي، جيڪو ايمان، عمل صالح ۽ تقويٰ واري زندگيءَ مان حاصل ٿئي ٿو ۽ جنت جي نعمتن کان به وڌيڪ انعام ۽ نوازش جو مقام آهي. جيڪي ماڻهو عمل صالح ڪندي احسان جي مقام تي پهچن ٿا ته انهن احسان ڪندڙ انسانن لاءِ سندن نيڪين جي بدلي ۾ جيڪو بدلو الله جي طرفان ملندو، اهو سندن نيڪين کان به زياده هوندو. حديث شريف آهي: "اِذَا اَحْسَنَ اَحَدُكُمْ اِسْلَامَهٗ فَكُلُّ حَسَنَةٍ يَّعْمَلُهَا تُكْتَبُ لَهٗ بِعَشْرِ اَمْثَالِهَا اِلٰى سَبْعِ مِاٰةِ ضِعْفٍ وَ كُلُّ سَيِّئَةٍ يَّعْمَلُهَا تُكْتَبُ لَهٗ بِمِثْلِهَا" (الصحيح البخاري) حضرت ابوهريره رضی اللہ تعالیٰ عنہ کان روايت آهي ته جنهن به نيڪي ڪئي ته ان کي هڪ نيڪي جي بدلي ڏهوڻو اجر يا ست سؤ دفعا اجر يا اجان وڌيڪ ڏنو ويندو. پر جيڪو برائي ڪندو ان کي برائيءَ جي برابر بدلو (سزا) ڏنو ويندو. هنن جي چهرن تي نه محرومي ۽ مايوسي جي سياهي نظر ايندي ۽ نه وري ذلت ۽ خواريءَ جو ڪوئي اثر يا نشان نمايان هوندو. اهڙا ماڻهو ئي جنتي آهن ۽ هميشه جنت ۾ عيش و آرام جي زندگي بسر ڪندا. نيڪوڪارن لاءِ خدا طرفان آخرت ۾ ته بيشمار اجر جو وعدو آهي ئي آهي، پر الله تعالیٰ کين هن دنياوي زندگيءَ ۾

بہ خوشگوار لمحا ۾ ڪامراني جون واڌايون ڏيندو. هنن کي ڪنهن بہ قسم جي محرومي يا ذلت ڏسڻي نہ پوندي. (البقره: 257/2، آل عمران: 107/3-106، النحل: 30/16، الرحمان 60/55، القيامة: 25/75-23، عبس: 38/80 کان 42، المطففين: 83/ 24، الغاشية: 9/88 کان 16 تائين)

پر جن ماڻهن پنهنجي زندگي فسق و فجور ۾ گذاري ۽ پنهنجي ڪاتي ۾ براين جا انبار لڳايا، انهن جي بري عمل جو نتيجو بہ برو نڪرندو، جنهن جي نتيجي ۾ هنن تي ذلت ۽ خواريءَ جو راڄ رهندو. ڪٿي بہ عزت ۽ احترام جي نگاهن سان نہ ڏٺو ويندو ۽ سندن بداعماليءَ جي نتيجي ۾ الله واري مڪافات عمل جي عذاب کان کين ڪير بہ بچائي نہ سگهندو، جو تہ ان وٽ نہ ڪنهن جي سفارش هلندي نہ مالي بدلو قبول ڪيو ويندو ۽ نہ وري ڪو سندن ضمانت ڏيڻ وارو هوندو. محرومي ۽ نااميديءَ کان سندن چهرو اهڙو سياهہ نظر ايندو جو جڻ ڪنهن انڌيري رات جي ٽڪرو هن جي منهن تي مليو ويو هجي. يقينًا ڪاميابي ۽ ڪامراني ۾ چهرا ٻهڪندا چمڪندا آهن ۽ خواري ۽ ذلت ۾ ڪارا ٿي ويندا آهن. اهڙا نامراد ۽ ناڪام انسان دوزخ جو ٻارڻ هوندا ۽ اهي هميشہ لاءِ دوزخ جو ڪاڇ رهندا. "يَوْمَ تَبْيَضُّ وُجُوْهٌ وَّتَسْوَدُّ وُجُوْهٌ" (آل عمران: 106/3)

وکر سو وهاءِ، جو پئي پراڻو نہ ٿئي،
ويچيندي ولايت ۾ ذرو ٿئي نہ ضياع
سا ڪا هڙ هلاءِ آڇه جنهن جي ابهين

(شاهہ لطيف رحمۃ اللہ علیہ)

يعني اهڙووکر جو سودو ڪر، جيڪو پراڻو نہ ٿئي ۽ جنهن جي آڌار تي ڇوٽڪارو پائين.

وَ يَوْمَ نَحْشُرُهُمْ جَمِيْعًا ثُمَّ نَقُوْلُ لِلَّذِيْنَ اَشْرَكُوْا مَكَانَكُمْ اَنْتُمْ وَ شُرَكَآؤُكُمْ ۚ فَزَيَّلْنَا بَيْنَهُمْ وَ قَالَ شُرَكَآؤُهُمْ مَّا كُنْتُمْ اِيَّانَا تَعْبُدُوْنَ ﴿٢٨﴾ فَكَفٰى بِاللّٰهِ شَهِيْدًا بَيْنَنَا وَ بَيْنَكُمْ اِنْ كُنَّا عَنْ عِبَادَتِكُمْ لَغٰفِلِيْنَ ﴿٢٩﴾

هُنَالِكَ تَبْلُوْا كُلُّ نَفْسٍ مَّآ اَسْلَفَتْ وَ رُدُّوْٓا اِلَى اللّٰهِ مَوْلٰىهُمُ الْحَقِّ وَضَلَّ عَنْهُمْ مَّا كَانُوْا يَفْتَرُوْنَ ﴿٣٠﴾ ع

النصف ٣٠ ع ٨

۽ جنهن ڏينهن اسان هنن سيني کي پنهنجي حضور ڪنو ڪنداسون ۽ پوءِ جن ماڻهن شرڪ ڪيو آهي ۽ سندن شريڪ ڪار کي چونداسون تہ پنهنجي پنهنجي جڳهہ تي بيهي رهو (اڳتي نہ وڌو) پوءِ انهن کي هڪبئي کان الڳ ڪنداسون (يا اختلاف پيدا ڪنداسون تہ پوءِ انهن جا هٿ جا ٻڌايل شريڪ (معبود بت) چوندا تہ اوهان اسان جي عبادت نہ ڪندا هئا. (28) پوءِ اسان جي ۽ توهان جي درميان الله گواهہ ڪافي آهي، الله کي خبر آهي تہ اسان کي تہ خبر ئي نہ هئي تہ اوهان اسان جي پوڄا پاٺ ڪندا آهيو. ان ڏينهن هر شخص (پنهنجي اعمال جي حقيقت) ڄاڻي ونڊندو تہ هن اڳتي ڇا موڪليو آهي. ڪين الله طرف واپس آندو ويندو، جيڪو هنن جو مالڪ حقيقي آهي، هو جيڪي بهتان تراشيون ڪندا هئا، سي سڀ گم ٿي ويندیون.(30)

هن کان اڳ ٻڌايو ويو آهي تہ قيامت ۾ ڪافرن جو ڪهڙو برو حال هوندو. پر هتي قيامت جي ڏينهن واري ان روائداد جو منظر پيش ٿي رهيو آهي، جنهن ڏينهن مشرڪن کي ۽ سندن جعلي معبودن کي جن کي هو الله جو شريڪ بنائيندا رهيا ۽ پنهنجي حاجت روائي ۽ مشڪل ڪشائي جو ذريعو سمجهندا هئا، الله جي حضور گڏ ڪنو ڪيو ويندو. "وَحَشَرْنٰهُمْ فَلَمْ نُغَادِرْ مِنْهُمْ اَحَدًا○" (الكهف: 47/18) اسان انهن سيني کي گڏ ڪنداسون ۽ ڪنهن هڪ کي بہ نہ ڇڏيندا سون. ان وقت ايمان وارن کي الڳ ۽ ڪفر ۽ شرڪ وارن کي الڳ ڪنداسون جهڙيءَ طرح يٰس: 59/36 ۾ آهي: "وَامْتَازُوا الْيَوْمَ اَيُّهَا الْمُجْرِمُوْنَ○" دنيا ۾ جيڪو هنن جي درپان تعلق هيو اهو ختم ڪيو ويندو. "يَوْمَئِذٍ

يَّصَّدَّعُوْنَ○" (الروم: 43/30) ان ڏينهن هنن کي ٽولين ۾ وندبيو ويندو. هو هڪ ٻئي جي آمهون سامهون هوندا ۽ مشرڪن کي معلوم ٿي ويندو تہ جن هستين کي هو الله جو درجو ڏئي مدد ۽ سفارش جي اميد رکندا هئا، اهي هنن جي ڪنهن بہ ڪم نہ اچي سگهيا. اهي خود هنن سان گڏ خدا جي حضور ۾ جوابده آهن. پوءِ الله تعالىٰ مشرڪن ۽ انهن جعلي معبود بتن کي حڪم ڪندو تہ الڳ الڳ پنهنجي جاءِ تي بيهي رهو. اڳتي وک بہ نہ وڌايو. مشرڪ پنهنجن معبودن جي پاڻ وانگر بي بسي ۽ بي ڪسي ڏسي رهيا هوندا. ان وقت اهي معبود بت ديويون ۽ ديوتا چوندا تہ اسان کي تہ خبر ئي نہ آهي تہ هي اسان جي عبادت ڪندا هئا. پلا پٿر يا لڪڙي جي بي حس ۽ بي جان مجسمن کي ڪهڙي خبر تہ ڪو ماڻهو ان جي پوڄا ڪري رهيو آهي. پر هنن عقل جي انڌن مشرڪن کي ايترو شعور بہ نہ هيو تہ سندن هٿ جا ٺاهيل مجسما خدا ڪيئن ٿي سگهندا. اهي بت هجن يا سندن اڳواڻن جا مجسما، سمورا چوندا تہ الله کان ڪهڙي حقيقت ڳجهي آهي. هن کي هر ڏري ڏري جي پوري معلومات آهي تہ اسان جيڪي ڇئي رهيا آهيون تہ اسان کي هنن جي عبادت جي ڪا بہ خبر ناهي. خدا ان جو گواهہ آهي تہ واقعي جيڪو ڇئون ٿا سو سچ آهي ۽ اسان هنن جي هن جهالت کان بلڪل بي خبر آهيون. هنن پنهنجي طرفان اسان کي اهي حق ڏنا، جيڪي الله جا آهن. هنن جا نذر نياز سڀ رائگان ويا.

هر انسان هن دنيا ۾ جيڪو عمل ڪري پاڻ سان گڏ ڪٽي ويندو، اهو برو هجي يا چڱو هجي، اهو ان وقت نڪري سامهون نروار ٿي ايندو ۽ انسان پنهنجي هڪ هڪ عمل جي جاچڻي هلندي چلندي حقيقي تصوير ڏسي سگهندو. "بَلَا يَبْلُوْ " جي معنىٰ آهي جاچڻ، پرکڻ، تجربوکرڻ. هت بہ هر ماڻهو پنهنجو عمل چڪاسي ونندو. (بني اسرائيل: 13/17، الكهف: 44/18، الطارق: 8/86) جنهن کان نہ هو انڪار ڪري سگهندو ۽ نہ منهن موڙي سگهندو. سندس عضوا، هٿ، پير، اکيون، دل ۽ دماغ سڀ سندس بداعمالي ۽ جي گواهي ڏيندا. کين الله جي حضور واپس آندو ويندو ۽ حقيقي ميزان جي مالڪ آڏو سندس اعمال نامي جو ڪاتو کوليو ويندو ۽ حساب چڪتو ٿيندو. ان ڏينهن سندس ڪوڙا بهانا، تاويلون، تعبيرون سڀ گم ٿي ويندیون ۽ هڪ مجرم جي حيثيت ۾ هڪو ٻڪو رهجي ويندو.

خواب تھا جو کچھ کہ دیکھا جو سُنا، افسانہ تھا

کو بہ هن جو نہ حامي هوندو نہ مددگار هوندو. سندس اعمال جو نتيجو اهو ئي نڪرندو، جيڪو خدا جي قانون موجب هوندو. (يٰس: 62 کان 67، حٰم السجده: 41/ 18 کان 22 ، الاحقاف: 26/46، الزلزال: 99/8-7، القارعة: 6/101 کان 11)

تانگهي ۾ تاڻي، بڌ پنهنجو ترهو،
اونهيءَ ۾ آڻي کو نہ ڏيندوءِ کو ٻيو.

(شاھ لطيف رحمۃ اللہ علیہ: سر سريراڳ)

قُلْ مَنْ يَّرْزُقُكُمْ مِّنَ السَّمَآءِ وَ الْاَرْضِ اَمَّنْ يَّمْلِكُ السَّمْعَ وَ الْاَبْصَارَ وَ مَنْ يُّخْرِجُ الْحَيَّ مِنَ الْمَيِّتِ وَ يُخْرِجُ الْمَيِّتَ مِنَ الْحَيِّ وَ مَنْ يُّدَبِّرُ الْاَمْرَ ؕ فَسَيَقُوْلُوْنَ اللّٰهُ ۚ فَقُلْ اَفَلَا تَتَّقُوْنَ ﴿٣١﴾ فَذٰلِكُمُ اللّٰهُ رَبُّكُمُ الْحَقُّ ۚ فَمَا ذَا بَعْدَ الْحَقِّ اِلَّا الضَّلٰلُ ۖۚ فَاَنّٰى تُصْرَفُوْنَ ﴿٣٢﴾ كَذٰلِكَ حَقَّتْ كَلِمَتُ رَبِّكَ عَلَى الَّذِيْنَ فَسَقُوْٓا اَنَّهُمْ لَا يُؤْمِنُوْنَ ﴿٣٣﴾ قُلْ هَلْ مِنْ شُرَكَآئِكُمْ مَّنْ يَّبْدَؤُا الْخَلْقَ ثُمَّ يُعِيْدُهٗ ؕ قُلِ اللّٰهُ يَبْدَؤُا الْخَلْقَ ثُمَّ يُعِيْدُهٗ فَاَنّٰى تُؤْفَكُوْنَ ﴿٣٤﴾

اي پيغمبر حق خاتم النبيين صلی اللہ تعالیٰ علیہ وآلہ وسلم! هنن مشرکن کان پڇ فرمايو تہ آسمان ۽ زمين تان اوهان کي رزق ڪير مهيا ڪري ٿو ۽ اوهان جا ڪن (سماع) ۽ اکيون (بصارت) ڪنهن جي دست قدرت ۾ آهن ۽ ڪير جاندار کي بي جان مان پيدا ڪري ٿو ۽ ڪائنات جي نظام جي تدبير ڪير ڪري رهيو آهي؟ جواب ۾ هو

چوندا تہ الله ڪري رهيو آهي. ڇا اوهان ان خدا کان (جيڪو اوهان جي ڪائنات جي پوري نظام جو يڪتا ۽ واحد مالڪ آهي، ان جي حڪمن کان منهن موڙڻ ۾) نٿا ڊجو. (31) تہ پوءِ انهيءَ عظمت ۽ قدرت وارو الله ئي اوهان جو رب حقيقي آهي، ان سچي حق کان سواءِ گمراهي ئي گمراهي آهي، ٻيو ڪجهہ ناهي، سو اوهان ڪيڏانهن ڦٽڪي رهيا آهيو. (32) اهڙيءَ طرح اوهان جي رب جو حڪم انهن نافرمان ماڻهن لاءِ ثابت ٿي چڪو آهي تہ هو ڪڏهن بہ ايمان آڻڻ وارا نہ آهن. (33) توهان هنن کان دريافت ڪرڻ فرمايو تہ ڇا اوهان جي جعلي شريڪ بتن ۾ کو اهڙو آهي، جو تخليق جي ابتدا ڪري ۽ زندگي جي ختم ٿي وڃڻ بعد ان کي دوباره واپس آڻي. اي پيغمبر ﷺ! توهان هنن کي ٻڌايو تہ حيات کي عدم کان وجود ۾ آڻڻ ۽ زندگي بخشڻ جو آغاز اهوئي ڪري ٿو ۽ اهوئي ان جو اعادو (واپس گهرائڻ) ڪندو. ان حقيقت ڄاڻڻ باوجود اوهان ڪهڙيءَ طرح ڦٽڪي رهيا آهيو.(34)

هن کان اڳ واري آيت ۾ هيو تہ هر شخص پنهنجن عملن کي برا هجن يا چڱا هجن، خود ڏسي سگهندو. هت بہ ان الله تعالىٰ جي قدرت ۽ طاقت جو ذڪر آهي. مڪي (مڪرمه) جي مشرڪن جو برهان ذريعي ربوبيت طرفان ڏيان ڇڪايو ۽ دليل پيش ڪيو ٿو وڃي ۽ توحيد ربوبيت مان توحيد الوهيت جي گواهي ڏياري ٿي وڃي تہ اي رسول ﷺ! هنن مشرڪن کان پڇ تہ هي زمين ۽ آسمانن جو نظام نهايت اهتمام ۽ پوري حڪمت ۽ تدبير سان ڪير هلائي رهيو آهي ۽ انهيءَ زمين ۽ آسمان مان پوري ڪائنات جي ربوبيت جو نظام جاري و ساري رکي، اوهان کي رزق ڪير مهيا ڪري رهيو آهي، جنهن سان هر ذي جان جي زندگيءَ جون ضرورتون پوريون ٿي رهيون آهن. (المؤمنون: 23 /84، الدخان: 44/86) اهو ڪير آهي، جنهن اوهان کي ٻڌڻ ۽ ڏسڻ جي بي مثال قوت سان نوازيو آهي. اها سماعت ۽ بصارت جي نعمت ئي آهي، جنهن سان اوهان

جا ارادا ۾ منصوبا جنم ونن ٿا. پلا اهو ٻڌايو ته عدم مان وجود ۾ ڪير آڻي ٿو. يعني بي جان مان جاندار ڪي ڪير جنم ڏئي ٿو ۽ اهو ڪير آهي، جيڪو زندگيءَ جي معدوم هجڻ بعد زندگي عطا ڪري ٿو ۽ اها ڪهڙي غير مرئي قوت آهي، جيڪا هن ڪائنات جو پورو نظام اهڙي طرح هلائي رهي آهي، جو هر شيءِ ۾ ان جو جلوو نظر اچي ٿو. (**المؤمنون:** 23 /84، **الدخان:** 44/86)

ہر گیاہے کہ از زمین روید وحدہ لا شریک لہ گوید

هر سلو جيڪو زمين مان نڪري ٿو، اهو به وحده لاشريڪ له جا گيت ڳائيندو اچي ٿو.

اهي سڀ شيون پنهنجي وجود سان برملا اظهار ڪري رهيا آهن، ته هي سڀ ڪجهه الله جو ئي آهي. هت نبي اڪرم ﷺ کي تسلي ۽ اطمينان ڏنو ٿو وڃي ته هنن مشرڪن جي فڪر و عمل ۾ تضاد تي پريشان نه ٿيو. سنت الاهي آهي ته ايمان ۽ هدايت جي راهه ان تي ڪلندي آهي، جيڪو ان جو طالب هجي. انهن سمورين چٽين نشانين جي باوجود هي مشرڪ غلط ڪاري کان ۽ شرڪ کان بچڻ جي ڪوشش نٿا ڪن. ياد رکو جنهن جو هن خارجي ڪائنات تي اقتدار ۽ اختيار آهي، انسان جي معاشي ۽ معاشرتي زندگي به ان جي قانون جي تابع آهي. (**الانعام:** 6/3-2، **النحل:** 16/52-51، **الانبياء:** 21/22-21، **العنڪبوت:** 29/64-60)

ڪوڙيين ڪايائون تنهنجون، لکن لک هزار،
جيءَ سي ڪنهن جيءَ سين درسن ڏارون ڏار،
پريم تنهنجا پار ڪهڙا ڇئي ڪهڙا چوان

***

جڙ تڙ تک تنوار وڻ ٽڻ واهي هيڪڙي

(شاهه لطيف رحمه الله)

جيڪا قوت ۽ هستي هن خارجي نظام جي ڪارفرمائي حسن و تدبير سان هلائي رهي آهي، جنهن ۾ ذرا پر به فرق نظر نٿو اچي، رات ڏينهن پنهنجي مقرر اوقات ۾ هڪ ٻئي پٺيان ڊوڙندا اچن، سج چند ۽ زمين، سڀ پنهنجي پنهنجي مدار ۾ نهايت

حسن وخوبيءَ سان گردش ڪري رهيا آهن ۽ هيڏو وڏو نظام ڪنهن انسان يا مخلوق جي وس کان ٻاهر آهي. هن نظام جو بنا نقص ۽ خامي مڪمل طور محفوظ هلڻ ئي الله جي ذات پاڪ جي گواهي ڏئي رهيو آهي. چون ٿا ته واقعي اهو الله ئي آهي ته پوءِ تون هنن کي چؤ ته اي الله جا انڪاريو! الله (جي عذاب)کان نٽا ڏجو، جڏهن ته هي سڀ حق ۽ سچ آهي. انهيءَ حق ۽ سچ کانسواءِ ٻيو سڀ ضلالت ۽ گمراهي آهي. ان ڪري اي مشرڪو! اوهان هن الله کان منهن موڙي ڪهڙي طرح ڦري رهيا آهيو.

وحده لا شريک له اي هيڪڙائي حق
ٻيائي کي ٻک جن وڏو سي ورسيا

(شاهه لطيف رحمه الله: سر ڪلياڻ)

جڏهن ڪائنات جي هر شيءِ وحده لاشريک له جو اقرار ڪري رهي آهي ۽ اهو سراپا حق ۽ سچ آهي، ان هوندي بہ جن ماڻهن الله کي ڇڏي ٻيائي کي ٻک وڏو ۽ پاڪر پائي ڇاتي لڳايو ته اهي يقينًا گمراهه ٿي ويا. (البقره: 255/2، آل عمران: 2/3، الحشر: 21/59 کان 24، الاخلاص: 1-4/112) نهايت واضح ۽ غيرمبهم دليلن سان حقيقت جي آگاهي ڏني وڃي ٿي. جيڪڏهن عقل ۽ شعور جو استعمال ڪن ۽ ڪائنات جي نظام ۾ غور و فڪر ڪن ته کين حق آگاهي ٿي ويندي. الله جا نصيحت ڀريا حڪم هنن نافرمان ماڻهن تي ثابت ٿي چڪا آهن، پر هنن هر حالت ۾ "مين نہ مانون" يعني نہ مڃڻ جي رٽ لڳائي رکي آهي، هو پنهنجي ضد ۽ حسد جي ڪري ڪنهن بہ صورت ۾ مڃڻ وارا ۽ ايمان آڻڻ وارا نہ آهن. هو عقل ۽ شعور جي رهبري حاصل ڪرڻ بدران گمراهه روين، رسمن ۽ رواج طرف لاڙو رکن ٿا ۽ ان طرف ڇيرايا وڃن ٿا. ان ڪري "وَلٰكِنْ حَقَّتْ كَلِمَةُ الْعَذَابِ عَلَى الْكٰفِرِيْنَ ○" (الزمر: 71/39) پر عذاب جو فيصلو ڪافرن تي ثابت ٿي چڪو آهي.

سا ستڻ نہ سارين، الف جنهن جي اڳ ۾،
ناحق نهارين، پنا ٻيا پرين لئي

———***———

اکر پڑھ الف جو ورق سپ وسار
اندر تون اجار پنا پڑھندين کيترا

(شاھ لطيف رحمه الله: سر يمن کلياڻ)

جڏھن اوھان اھو اقرار بہ کريو ٿا تہ کائنات جو خالق ۽ مالک ھک الله آھي تہ پوءِ اي نبي خاتم النبيين صلى الله عليه وسلم! ھنن کان پڇڻ فرمايو تہ اوھان جن کي خدا جو شريک بنائي رھيا آھيو، انھن ۾ کو ھکڙو بہ اھڙو آھي، جيکو کنھن شيءِ کي عدم کان وجود ۾ آڻي يا بي جان مان جيتي جاڳتي زندگي پيدا کري ۽ وري جڏھن ھن جي دنياوي زندگي معدوم ٿي وڃي تہ ان کي دوباره واپس زندگيءَ ۾ آڻي. جڏھن اھو اوھان جا ديويون ديوتا کري نٿا سگھن. مشرکن کي اھا خبر ھئي تہ سندن بت زمين، آسمان، سج، چند وغيره تي کابہ دسترس نٿا رکن. اھي ۽ کائنات جون سموريون شيون الله پيدا کيون آھن ۽ ان جي حڪم ھيٺ ھلن ٿيون. (المؤمنون: 84/23، الدخان: 86/44) ۽ اھا اوھان کي بہ خبر آھي تہ اھو الله وحده لا شريک له جو حڪمت پريو کارنامو آھي تہ پوءِ ھک حق ۽ حقيقت کي اکين آڏو ڏسي عقل و شعور کان ڪم چو نٿا ونو ۽ حيات بعد الموت جو اقرار کري الله تي ايمان آڻڻ بدران کيڏانھن ڀٽکي رھيا آھيو. اوھان کي معلوم آھي تہ اوھان جي ابتدا بہ ھک الله جي ھٿ وس آھي ۽ اوھان جي انتھا بہ ان جي قانون مطابق آھي تہ پوءِ باقي وچ وارن چند ڏينھن جي زندگيءَ غير الله طرف چو ٿا منسوب کريو ۽ غلط فيصلا کريو ۽ ڀٽکي وڃو. (الرعد: 16/13، الفرقان: 30/25، الروم: 40/30، الفاطر: 3/35)

قُلْ هَلْ مِنْ شُرَكَآئِكُمْ مَّنْ يَّهْدِيْٓ اِلَى الْحَقِّ ؕ قُلِ اللّٰهُ يَهْدِيْ لِلْحَقِّ ؕ
اَفَمَنْ يَّهْدِيْٓ اِلَى الْحَقِّ اَحَقُّ اَنْ يُّتَّبَعَ اَمَّنْ لَّا يَهِدِّيْٓ اِلَّآ اَنْ يُّهْدٰى ۚ
فَمَا لَكُمْ ۫ كَيْفَ تَحْكُمُوْنَ ۝٣٥ وَمَا يَتَّبِعُ اَكْثَرُهُمْ اِلَّا ظَنًّا ؕ اِنَّ الظَّنَّ لَا
يُغْنِيْ مِنَ الْحَقِّ شَيْـًٔا ؕ اِنَّ اللّٰهَ عَلِيْمٌۢ بِمَا يَفْعَلُوْنَ ۝٣٦ وَمَا كَانَ هٰذَا

الْقُرْاٰنُ اَنْ يُّفْتَرٰى مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ وَ لٰكِنْ تَصْدِيْقَ الَّذِيْ بَيْنَ يَدَيْهِ وَ
تَفْصِيْلَ الْكِتٰبِ لَا رَيْبَ فِيْهِ مِنْ رَّبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿٣٧﴾ اَمْ يَقُوْلُوْنَ افْتَرٰىهُ ؕ
قُلْ فَاْتُوْا بِسُوْرَةٍ مِّثْلِهٖ وَادْعُوْا مَنِ اسْتَطَعْتُمْ مِّنْ دُوْنِ اللّٰهِ اِنْ كُنْتُمْ
صٰدِقِيْنَ ﴿٣٨﴾ بَلْ كَذَّبُوْا بِمَا لَمْ يُحِيْطُوْا بِعِلْمِهٖ وَ لَمَّا يَاْتِهِمْ تَاْوِيْلُهٗ ؕ
كَذٰلِكَ كَذَّبَ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ فَانْظُرْ كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ
الظّٰلِمِيْنَ ﴿٣٩﴾ وَ مِنْهُمْ مَّنْ يُّؤْمِنُ بِهٖ وَ مِنْهُمْ مَّنْ لَّا يُؤْمِنُ بِهٖ ؕ وَ رَبُّكَ
اَعْلَمُ بِالْمُفْسِدِيْنَ ﴿٤٠﴾ ع ٤

هنن کان پڇو تہ اوهان جي جعلي شرڪاءَ (شريڪ جو جمع) ۾ ڪوئي آهي جيڪو حق طرف رهنمائي ڪري؟ ڪين ٻڌاءِ تہ رڳو الله ئي آهي جيڪو حق طرف رهنمائي ڪري ٿو. پوءِ ٻڌايو تہ ڪير وڌيڪ حقدار آهي جو ان جي پيروي ڪئي وڃي، جيڪو حق طرف رهنمائي ڪري ٿو يا اهو جو رهنمائي تہ نٿو ڪري پر ڪيس رهنمائي جي ضرورت آهي، (جو هن کي هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ کڻي وڃجي) سو اوهان کي ڇا ٿي ويو آهي جو کهڙا فيصلا ڪيو ٿا. (35) حقيقت اها آهي تہ انهن مان اڪثر محض گمان جي پيروي ڪن ٿا ۽ گمان ذرا پر بہ حق جي جاءِ نٿو والاري. الله خوب ڄاڻي ٿو جو ڪجهہ هي ڪري رهيا آهن.(36) هي قرآن اهڙي شيءِ ناهي جو الله (جي وحي) کان سواءِ تصنيف ڪيو وڃي، پر انهن ڪتابن جي تصديق ڪرڻ وارو آهي، جيڪي هن کان اڳ نازل ٿي چڪا آهن ۽ قانون الاهي (الڪتاب) جو تفصيل آهي. هن ۾ ڪو

شڪ ناهي تہ هي پروردگار عالم جي طرفان آيو آهي.(37) ڇا هي چون ٿا تہ هن کي پيغمبر پاڻ گھڙيو (ناهيو) آهي؟ هنن کي چؤ تہ جيڪڏهن اوهان سچا آهيو تہ هن جهڙي هڪ سورت ناهي ونو ۽ الله کانسواءِ ٻئي جنهن کي ٻہ مدد لاءِ سڏي سگھو ٿا سڏي ونو.(38) ائين ناهي، پر هو انهيءَ کي ڪوڙو سڏي رهيا آهن، جيڪو هنن جي علم جي گرفت (احاطي) ۾ نہ آيو آهي ۽ جنهن جي اصل حقيقت اجان انهن تي ظاهر نہ ٿي آهي. هنن کان اڳ وارن ماڻهن ٻہ اهڙي طرح ڪوڙو سڏيو هيو، پوءِ ڏسو تہ انهن ظالمن جو ڪهڙو انجام ٿيو.(39) (اي پيغمبر ﷺ! تون مطمئن رهہ) هنن ماڻهن ۾ اهي ٻہ آهن جيڪي هن قرآن کي مجيندا ۽ اهي ٻہ آهن جيڪي نہ مجيندا. (هي فسادي ٽولو آهي ۽) تنهنجو الله اهڙن مفسد ماڻهن کان پوريءَ طرح آگاهہ آهي.(40)

هن آيت سڳوريءَ ۾ هدايت ۽ حق تي بحث ڪيو ويو آهي، جنهن جي تشريح ۾ گھڻن مفسر حضرات کان آيت ڪريمہ جي حقيقي مفهوم سمجھڻ ۾ حق ادائي نہ ٿي آهي. هنن بزرگن جو خيال آهي تہ هدايت مان مقصود وحي جي هدايت آهي ۽ حق کان مقصود دين حق آهي. جيڪڏهن هن کان اڳ آيل آيتن تي غور ڪجي تہ انهن ۾ تخليق جي ابتدا يعني عدم مان وجود ۾ آڻڻ ۽ وري وجود کي معدوم ڪرڻ ۽ انهن ڳالهين کي سمجھڻ لاءِ سماعي ۽ بصارت جي قوت عطا ڪرڻ مان معلوم ٿو ٿئي تہ هت مشرڪن کي سماعت ۽ بصارت واري استدلال ڏانهن ڏيان ڇڪايو ٿو وڃي. مشرڪ تہ وحي ۽ دين جي هدايت جا تہ انڪاري هئا، ان ڪري کين پهريان چيو ويو: "هَلۡ مِن شُرَكَآئِكُم مَّن يَهۡدِيٓ إِلَى ٱلۡحَقِّ" ڇا اوهان جي جعلي شريڪ مورتين ۾ ڪو اهڙو آهي، جو حق جي رهنمائي ڪري؟ هو اقرار ڪندا تہ ڪو ٻہ ناهي. (الرعد: 16/13، الفرقان: 2/25، الروم: 40/30، الفاطر: 3/35، الملک: 21/67) ڇو تہ مشرڪ هنن کان رڳو پنهنجي حاجتن جي پوري ٿيڻ ۽ آفتن ۽ مصيبتن کان بچڻ جا سوال ڪندا هئا ڇو تہ راهہ حق طرف رهنمائي ڪرڻ جي

صلاحيت کان عاري هئا. جڏهن مشرکن تسليم کيو تہ هنن جي مصنوعي معبودن ۾ رهنمائي جي صلاحيت ناهي تہ پوءِ "قُلِ اللّٰهُ يَهْدِيْ لِلْحَقِّ" کان انکار ممکن ناهي. هن مان اهو استدلال کيو ويو تہ "اَفَمَنْ يَّهْدِيْٓ اِلَى الْحَقِّ اَحَقُّ اَنْ يُّتَّبَعَ اَمَّنْ لَّا يَهِدِّيْٓ اِلَّآ اَنْ يُّهْدٰى"... الخ هت هدايت مان مراد اهڙي شيءِ آهي، جنهن کان هو انکار ڪري نہ سگهن. "هدايت" جو لفظ قرآن ۾ مختلف معنىٰ ۾ مطلب لاءِ استعمال ٿيو آهي. هت هدايت مان حواس، عقل ۽ وجدان مراد آهي ۽ حق مان مراد سچو (سڏو) رستو آهي. جهڙيءَ طرح ربوبيت انسان لاءِ اشياءِ عالم جو ظهور کيو آهي تہ هن کي ان جي سمجهڻ لاءِ عقل شعور ۽ وجدان جي دولت سان بہ سرفراز کيو آهي ۽ جيکڏهن اوهان وحي ۽ دين حق جو انکار کيو ٿا تہ اوهان جو عقل، شعور ۽ وجدان تہ ڪائنات جي مظاهر کان انکار نٿو ڪري سگهي. (الاحقاف: 26/46) اهڙيءَ طرح آيو آهي: "رَبُّنَا الَّذِيْٓ اَعْطٰى كُلَّ شَيْءٍ خَلْقَهٗ ثُمَّ هَدٰى" (طٰهٰ: 50/20) "الَّذِيْ خَلَقَنِيْ فَهُوَ يَهْدِيْنِ" (الشعراء: 78/26) "الَّذِيْ خَلَقَ فَسَوّٰى ۙ وَالَّذِيْ قَدَّرَ فَهَدٰى ۖ" (الاعلىٰ: 2-3/87) هت بہ هدايت انهيءَ مفهوم ۾ آيو آهي. يعني توهان جو عقل شعور وجدان سچي رستي جي پرک ڪري سگهي ٿو، توڙي ڪٽي اوهان وحي ۽ دين جا انڪاري هجو. (ترجمان القرآن : آزاد) اڪثر تفسيرن ۾ آيو آهي تون هنن کي چؤ تہ اوهان جن هستين کي ان جو شريڪ بنايو ٿا، انهن ۾ اهڙي قوت آهي، جو توهان جي رهنمائي اهڙي پروگرام طرف ڪن، جيڪو برحق هجي ۽ حقيقت تي مبني هجي ۽ نہ نتيجا ظاهري ڪري، اهڙو ڪوبہ ناهي، پر اهڙي رهنمائي رڳو الله تعالىٰ کان ملي سگهي ٿي. هنن کان پڇو تہ پوءِ جيڪو رهنمائي ڪري اهو اطاعت جو مستحق آهي يا جيڪو پاڻ بہ سنياليِ نہ سگهي، اهو مستحق آهي. هنن چٽن دليلن باوجود اوهان غلط فيصلا کيو ٿا.

هنن جا اڪثر ماڻهو رڳو شڪ ۽ گمان جي پيروي ڪن ٿا. هو حق حاصل ڪرڻ لاءِ تحقيق کان عاري آهن. هي پنهنجن وڏڙن جي ريتن رسمن ۽ پنهنجي امير طبقي جي طور طريقن تي اکيون ٻوٽي عمل ڪرڻ وارا آهن. سندن خيال آهي تہ اهي وڏا ماڻهو غلط ٿي نٿا سگهن. بس انهي گمان ۾ هو حق کان پري ۽ ناحق جي ويجهو آهن. "يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اجْتَنِبُوْا كَثِيْرًا مِّنَ الظَّنِّ ۫ اِنَّ بَعْضَ الظَّنِّ اِثْمٌ " (الحجرات: 12/49) مؤمنو! بدگمانين جي ڪثرت کان بچو هميشہ يقين تي اعتقاد رکو، چو تہ ڪجهہ بدگمانيون گناهہ آهن. حديث

شريف ۾ آهي تہ "اِيَّاكُمْ وَالظَّنَّ" (صحيحين) پاڻ کي وهم و گمان کان بچائي رکو، ڇو تہ اهو اکذب الحديث آهي. گمان کوڙ تي ٻڌل خيال آهي. ان کري اهل تقويٰ ۽ خير و اصلاح جي طالبن کي گمان کرڻ کان روکيو ويو آهي. مشرڪ قرآن کي وحي ذريعي الله پاران نازل کيل ڪتاب کونہ سمجهندا هئا ۽ هميشہ نبي مڪرم خَاتَمُ النَّبِيِّينَ ﷺ کي چوندا هئا تہ هن کانسواءِ ڪو ٻيو قرآن ناهي اڇ. مگر حقيقت اها آهي تہ هي قرآن اهڙو صحيفو ناهي، جيڪو الله جي وحي کانسواءِ گهڙيو ويو هجي. هي سراپا الله جو فرمان آهي، جيڪو حق ۽ باطل جي وچ ۾ فرقان يعني فيصلو ڪرڻ وارو آهي. هي ڪو نئون حڪم الاهي نہ آهي، پر هن کان اڳ آيل آسماني ڪتابن ۽ صحيفن جي تصديق ڪرڻ وارو آهي تہ اهي سڀ اصل ۾ برحق هئا ۽ جو ڪجهہ الله وٽ انسانن جي هدايت لاءِ قانون ۽ شريعت جو هدايت نامو "الڪتاب" لکيل آهي، ان جو تفصيلي لب لباب آهي، جنهن جي حقانيت ۾ ذرا پر شڪ ناهي. (البقره: 23/2، النساء: 82/4، الانعام: 19/6، يونس 57/10، هود: 13/11، بني اسرائيل: 89/17-82، الڪهف: 54/18، طٰهٰ: 113/20، الفرقان: 32/25، الروم: 58/30، الزمر: 28/39، حٰمٓ السجده: 44/41 ، الاحقاف: 12/46) اهو "الڪتاب" قانون و شريعتِ الاهي جو تفصيل آهي، جيڪو دين ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَامُ ۽ باقي انبياء تي نازل ٿيو.

هي ڪافر اهو الزام لڳائن ٿا هيءُ قرآن الله طرفان وحي ذريعي نازل نہ ٿيو آهي پر هو (حضور خَاتَمُ النَّبِيِّينَ ﷺ) پاڻ آيتون گهڙي ٿو. اي نبي محترم خَاتَمُ النَّبِيِّينَ ﷺ! هنن جي هن بي بنياد الزام جي جواب ۾ کين چؤ تہ جيڪڏهن اوهان هن قرآن کي آيات الاهي نٿا سمجهو ۽ اوهان جي خيال ۾ هي انساني ڪاوش آهي تہ پوءِ اوهان پاڻ يا اوهان ۾ موجود وڏا وڏا شاعر، زبان جا ماهر موجود آهن، الله کانسواءِ انهن کان مدد ونو، هڪ اهڙي سورت ناهي ڏيکاريو، جيڪڏهن اوهان پنهنجي دعويٰ ۾ سچا آهيو. پر اوهان لاءِ ممڪن ئي ناهي. هن بينظير ۽ بي مثال ڪلام رباني جي برابر اوهان ڪجهہ پيش ڪري سگهو. (البقره: 24/2، هود: 13/11، يوسف: 110/12، بني اسرائيل: 105/17- 87، الشعراء: 210/26) الله طرفان هي چئلينج هر منڪر حق لاءِ تاقيامت موجود آهي. (حوالن لاءِ آيت 38 جي آخر جا حوالا ڏسو) هن ڪلئي چئلينج کان ناڪام ٿيڻ جي صورت ۾ هو بنا ڪنهن ثبوت ۽ دليل جي جڏهن هن ڪتاب جي حقائق جو احاطو ۽ ڪري نٿا سگهن تہ محض ضد ۽ حسد

جي بنياد تي هن کي ڪوڙو چئي رهيا آهن، نہ هنن هن حڪمت ۽ دانائي سان لبريز ڪتاب تي غور ڪيو آهي ۽ نہ وري هن ڪتاب جي حقيقت هنن کي واضح طور سمجهہ ۾ آئي آهي. هنن کا تحقيق نہ ڪئي، جنهن سان هو پنهنجي دعويٰ جو ثبوت ڏئي سگهن ۽ نہ وري هن ڪتاب جي مضامين ۾ ڪو تضاد يا اختلاف ڏٺو. اها روش جيڪا هنن اختيار ڪئي آهي، هن کان اڳ بہ ماڻهو انهيءَ طرح حق ۽ سچائي جا منکر رهيا ۽ ڪوڙ چوندا رهيا ۽ بنا ڪنهن غور و فڪر جي آهن. اهڙن ظالمن جو انجام ڪهڙو نہ برو نڪتو (النمل: 27/ 84، يونس: 41/10). هينئر هي بہ حق جا انڪاري ٿي ساڳي عذاب کي گلي لڳائي رهيا آهن. هن ۾ سپ هڪجهڙا نہ آهن، کي هن تي ايمان رکن ٿا تہ کي ايمان نٿا رکن. جيڪي ايمان نٿا رکن، اهي مُفسد (فسادي) آهن ۽ چون ٿا تہ اسان کي کا خاص شيءِ نظر نٿي اچي. پر الله جيڪو دل جا ڳجها راز بہ ڄاڻي ٿو، هو هنن جي اصل حقيقت کان پوريءَ طرح آگاهہ آهي. هنن دراصل پنهنجي دل ۽ دماغ کي تالا هڻي ڇڏيا آهن. گمراهي ۽ غفلت ۾ گم ٿي چڪا آهن. پنهنجي ضمير جي آواز کي دٻائي رکيو آهي ۽ حق جي شاهدي ڏيڻ واري صلاحيت کان محروم ٿي چڪا آهن. پنهنجي تعصب ۽ ذاتي مفادن ۽ نفس جي خواهش جا غلام ٿي ويا آهن ۽ مفسد جهڙي بري مقام تي پهچي چڪا آهن، جيڪو الله کي معلوم آهي.

وَ اِنْ كَذَّبُوْكَ فَقُلْ لِّيْ عَمَلِيْ وَ لَكُمْ عَمَلُكُمْ ۚ اَنْتُمْ بَرِيْٓـُٔوْنَ مِمَّآ
اَعْمَلُ وَ اَنَا بَرِيْٓءٌ مِّمَّا تَعْمَلُوْنَ ﴿٤١﴾ وَ مِنْهُمْ مَّنْ يَّسْتَمِعُوْنَ اِلَيْكَ ؕ
اَفَاَنْتَ تُسْمِعُ الصُّمَّ وَ لَوْ كَانُوْا لَا يَعْقِلُوْنَ ﴿٤٢﴾ وَ مِنْهُمْ مَّنْ يَّنْظُرُ
اِلَيْكَ ؕ اَفَاَنْتَ تَهْدِى الْعُمْىَ وَ لَوْ كَانُوْا لَا يُبْصِرُوْنَ ﴿٤٣﴾ اِنَّ اللّٰهَ لَا
يَظْلِمُ النَّاسَ شَيْـًٔا وَّ لٰكِنَّ النَّاسَ اَنْفُسَهُمْ يَظْلِمُوْنَ ﴿٤٤﴾ وَ يَوْمَ
يَحْشُرُهُمْ كَاَنْ لَّمْ يَلْبَثُوْٓا اِلَّا سَاعَةً مِّنَ النَّهَارِ يَتَعَارَفُوْنَ بَيْنَهُمْ ؕ

قَدْ خَسِرَ الَّذِيْنَ كَذَّبُوْا بِلِقَآءِ اللّٰهِ وَ مَا كَانُوْا مُهْتَدِيْنَ ﴿٤٥﴾ وَ اِمَّا نُرِيَنَّكَ بَعْضَ الَّذِیْ نَعِدُهُمْ اَوْ نَتَوَفَّيَنَّكَ فَاِلَيْنَا مَرْجِعُهُمْ ثُمَّ اللّٰهُ شَهِيْدٌ عَلٰى مَا يَفْعَلُوْنَ ﴿٤٦﴾

هي جو توکي ڪوڙو چون ٿا، تون کين چؤ تہ منهنجي لاءِ منهنجو عمل آهي ۽ توهان لاءِ توهان جو عمل آهي. اوهان تي منهنجي عمل جي ڪا ذميداري نہ آهي ۽ مون تي اوهان جي عمل جي ڪا ذميواري نہ آهي.(41) ۽ هنن مان ڪجهہ اهي ماڻهو آهن، جيڪي ظاهري طرح توڏانهن ڪن لڳائي ٻڌن ٿا. ڇا تون ٻوڑن کي ڪجهہ ٻڌائي سگهندين ؟ توڙي ڪٽي هو ڪجهہ عقل نٿا رکن (42) هنن مان ڪجهہ اهڙا آهن، جيڪي بظاهر تو ڏانهن نهارين ٿا، ڇا تون انڌن کي راهہ ڏيکاريندين ؟ توڙي ڪٽي هو بصارت نٿا رکن. (43) بيشڪ الله ماڻهن تي ٿورڙو بہ ظلم نٿو ڪري، پر ماڻهو پاڻ تي پاڻ ظلم ڪن ٿا.(44) ۽ جنهن ڏينهن هو انهن کي جمع ڪندو تہ ان ڏينهن هي محسوس ڪندا تہ هو دنيا ۾ هڪ گهڙي کن لاءِ هئا. هو هڪ ٻئي کي سڃاڻي رهيا هوندا. (ان ڏينهن کين واضح ٿي ويندو) تہ هو في الواقع سخت گهاٽي ۾ هئا، جن ماڻهن الله سان ملاقات کي ڪوڙو سمجهيو هيو ۽ اهي سڌي رستي تي نہ اچي سگهيا.(45) اسان جنهن شيءِ جو انهن سان وعدو ڪري رهيا آهيون، ان جو ڪجهہ حصو توکي ڏيکارينداسون (يا اي پيغمبر خَاتَمُ النَّبِيِّيْن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَسَلَّمَ ! تنهنجي وصال بعد انهن سان حساب ڪتاب ڪيون) هر حال ۾ هنن کي موٽڻو اسان ڏانهن ئي آهي ۽ الله ان جو گواهہ آهي جو ڪجهہ هي ڪري رهيا آهن.(46)

الله پنهنجي پياري رسول خَاتَمُ النَّبِيِّينَ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ جي دل جوئي ۽ تسلي خاطر، ڪافرن بابت ٻڌائي رهيو آهي ته تنهنجو پروردگار هنن جي ڪٽن ڪرتوتن کان خوب واقف آهي ۽ هڪ ڏينهن هنن کي سندن شرارتن جو مزو ضرور چکائيندو. ان هوندي به هي ماڻهو جيڪڏهن تنهنجي اطاعت ڪرڻ بدران توکي ڪوڙو ڪوٺين ٿا ۽ چون ٿا ته تون اسان کي خواهہ مخواهہ ڏمڪيون ڏئي رهيو آهين ته اسان جي روش جو نتيجو تباهہ ڪن نڪرندو ۽ تنهن جو نظام ڪاميابي حاصل ڪندو. هو اهڙا سوال ڪڙا ڪري توکي بحث ۾ الجهائڻ گهرن ٿا. تون هنن سان ڪنهن به بحث ۾ الجهڻ واري نہ ڪر. ڪين چٽو چٽو چئي ڇڏ ته مان پنهنجي پروگرام مطابق عمل پيرا آهيان. منهنجو ڪم الله جو پيغام پهچائڻ آهي ۽ ان جي نتيجن کان خبردار ڪرڻ ۽ خوشخبري ڏيڻ آهي. ان ڪري مون کي منهنجو ڪم ڪرڻ ڏيو، ان ۾ ڪا رندڪ يا رڪاوٽ نہ وجهو، جنهن جو نتيجو مون کي ملندو. توهان پنهنجي عمل جا پاڻ جوابدار آهيو. ان جو نتيجو توهان جي آڏو اچي ويندو. "قُلْ يٰٓاَيُّهَا الْكٰفِرُوْنَ○ لَآ اَعْبُدُ مَا تَعْبُدُوْنَ ○ وَلَآ اَنْتُمْ عٰبِدُوْنَ مَآ اَعْبُدُ ○ وَلَآ اَنَا عَابِدٌ مَّا عَبَدْتُّمْ ○ وَلَآ اَنْتُمْ عٰبِدُوْنَ مَآ اَعْبُدُ○ لَكُمْ دِيْنُكُمْ وَلِيَ دِيْنِ○" رڳو وقت جو انتظار ڪريو. خدا جو قانون مڪافات عمل جاري آهي. ۽ جلد معاملو صاف ٿي ويندو. (الممتحنه: 4/60، الكافرون: 1-6/109) هي سڀ هڪجهڙا نہ آهن. هنن ۾ اهڙا به ماڻهو آهن، جيڪي تو وٽ اچي مجلس ۾ ويهن ٿا ۽ ائين محسوس ٿئي ٿو ته هو تنهنجون ڳالهيون غور سان ٻڌن ٿا، حالانڪ هو غور سان ٻڌي نہ رهيا آهن، پر رڳو جانورن وانگر ٻڌڻ وارا آهن ۽ آواز سندن ڪنن تي پوي ٿو. هنن جا ظاهري طور ڪن توڙانهن آهن، پر سندن دليون ۽ خيال ڪنهن ٻئي هنڌ هوندا آهن. (البقره: 7/2، الانفال:8/22-21، النحل: 16/108-78، الجاثيه: 45/23، الاحقاف: 46/26، محمد: 47/16، المطففين: 83/14) هو ڪجهہ به نٿا ٻڌن ۽ سمجهن، هو تعصب جو شڪار آهن ۽ پنهنجن موروثي عقيدن ۽ طريقن خلاف ڪجهہ ٻڌڻ نٿا گهرن، هنن وٽ معقول ڳالهہ به غير معقول آهي. هنن ۾ اهي به آهن جو ظاهري طور توجه سان توڏي نهارين ٿا، پر حقيقت ۾ سمجهڻ لاءِ نٿا ڏسن ته پوءِ تون اهڙن انڌن کي راهہ ڏيڪارينديں، حالانڪ هو ڪجهہ به ڏسي نہ رهيا آهن، چو ته ظاهري طرح ته نهاري رهيا آهن، پر دل سان ڏسڻ لاءِ تيار نہ آهن. حقيقت اها آهي ته الله ڪنهن تي به ذرو پر به ظلم نٿو ڪري، پر هو پنهنجي عمل

سان پاڻ پنهنجي مٿان ظلم ڪن ٿا. (البقره: 281/2-229-231، آل عمران: 116/3، الانفال: 51/8، ابراهيم: 34/14، قٓ: 29/50) "وَمَا رَبُّكَ بِظَلَّامٍ لِّلْعَبِيْدِ" (حٰم السجده: 46/41) جڏهن هو آخرت جي بي پايان زندگي جون خوشگوار رونقون ڏسندا تہ کين پنهنجي دنياوي زندگي حقير نظر ايندي ۽ افسوس ڪندي چوندا تہ هنن هن ابدي مستقل زندگيءَ کي دنيا جي ٿورڙين لذتن تي قربان ڪيو. جڏهن هو الله جي آڏو جمع ٿيندا تہ ان وقت هنن کي ائين محسوس ٿيندو تہ جڻ دنيا ۾ هو گهڙي ساعت مس رهيا هئا. (المؤمنون: 113/23، الروم: 55/30، الاحقاف: 35/46) سورة النازعات: 46/79 ۾ آهي: "لَمْ يَلْبَثُوْٓا اِلَّا عَشِيَّةً اَوْ ضُحٰهَا○" هو ڏينهن جي پهرين پهر يا آخري پهر کان وڌيڪ (دنيا ۾) رهيا ئي نہ آهن. واقعي دنيا جي زندگي آخرت جي حياتِ جاويد جي مقابلي ۾ پل پهر مثل آهي، ان وقت هو هڪ ٻئي کي سڃاڻي رهيا هوندا، (المؤمنون: 10/23) هنن درميان قيامت ۾ مختلف حالتون بيان ٿيون آهن. ڪٿي آهي هڪ ٻئي کي سڃاڻندا ۽ ڪٿي آهي هڪ ٻئي تي الزام هڻندا ۽ ڪٿي آهي تہ هنن تي دهشت طاري هوندي. "فَلَآ اَنْسَابَ بَيْنَهُمْ يَوْمَئِذٍ وَّلَا يَتَسَآءَلُوْنَ ○" (المؤمنون: 101/23) نہ هڪ ٻئي جي رشتيداريءَ جو پتو هوندو ۽ نہ وري هڪ ٻئي کان پڇندا. پر هر انسان نفسا نفسي ۾ مبتلا هوندو. خاص طرح اهي ماڻهو، جن آخرت ۾ الله سان ملاقات کي ڪوڙو ڪوٺيو هو، اهي وڏي خساري ۽ نقصان ۾ هوندا. "وَالْعَصْرِ○ اِنَّ الْاِنْسَانَ لَفِيْ خُسْرٍ○" (البقره: 27/2، الانعام: 31/6، الاعراف: 199/7-198، الحج: 11/22، المؤمنون: 105/23، الزمر: 15/39، الشوریٰ: 45/42، العصر: 2/103-1) اهي سچي ۽ سڌي راهہ تي هلڻ وارا نہ هئا، پر گمراهي ۽ ضلالت جي انڌيرن ۾ سرگردان هيا. ياد رهي تہ قرآن حڪيم ۾ "لِقَآءِاللّٰهِ" يعني الله سان ملاقات جو جتي بہ ذڪر ٿيو آهي ان مان مراد آخرت جي ڏينهن الله آڏو هڪ مجرم جي حيثيت ۾ پيش ٿيڻ آهي، جيڪي ماڻهو آخرت جو انڪار ڪن ٿا، گويا اهي الله سان ملاقات جا انڪاري آهن ۽ راهہ راست تي نہ آيا آهن.

اي رسول محترم ﷺ! تنهنجي دل ۾ اهو خيال ضرور پيدا ٿيندو تہ جنهن گهڙي نتائج ظاهر ٿيڻ وارا آهن، جنهن کان مان ڪافرن کي بار بار آگاهہ ڪري رهيو آهيان تہ اها گهڙي يا وقت ڪڏهن ايندو، جن برن ڪمن جي نتيجن کان تون هنن کي

آگاھ ڪري رھيو آھين، ٿي سگھي ٿو تہ ان مان ڪجھ تنھنجي زندگي ۾ ئي رونما ٿين يا ائين ٻہ ٿي سگھي ٿو تہ تنھنجي وصال مبارڪ بعد ھنن کي اھي نتيجا پوڳٽا پون. (المومن: 77/40، الزخرف: 42/43-41) الله جي قانون ۾ مھلت آھي، ان ڪري دير يا سوير ھر حال ۾ نتيجا ضرور ظاھر ٿيندا. اھو مڪافات عمل جو قانون آھي، جيڪو ھر حال ۾ ٿي رھندو، جنھن کان ڪو بہ بچي ڪونہ سگھندو. الله ھنن جي ڪارنامن جو گواھ آھي ۽ الله کان وڌيڪ ڪير سچو گواھ ھوندو. (الرعد: 40/13، المومنون: 95/23، الزخرف: 42/43)

اي تان توريون، جي مون پورا ڏسي پليين،
راتيون ٻيون گھٽيون جي تو ايندين ھيڪلي

(شاھ لطيف رحمۃ اللہ علیہ)

وَ لِكُلِّ اُمَّةٍ رَّسُوْلٌ ۚ فَاِذَا جَآءَ رَسُوْلُهُمْ قُضِيَ بَيْنَهُمْ بِالْقِسْطِ وَ هُمْ لَا يُظْلَمُوْنَ ﴿٤٧﴾ وَ يَقُوْلُوْنَ مَتٰى هٰذَا الْوَعْدُ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ﴿٤٨﴾ قُلْ لَّاۤ اَمْلِكُ لِنَفْسِيْ ضَرًّا وَّ لَا نَفْعًا اِلَّا مَا شَآءَ اللّٰهُ ؕ لِكُلِّ اُمَّةٍ اَجَلٌ ؕ اِذَا جَآءَ اَجَلُهُمْ فَلَا يَسْتَاْخِرُوْنَ سَاعَةً وَّ لَا يَسْتَقْدِمُوْنَ ﴿٤٩﴾ قُلْ اَرَءَيْتُمْ اِنْ اَتٰىكُمْ عَذَابُهٗ بَيَاتًا اَوْ نَهَارًا مَّاذَا يَسْتَعْجِلُ مِنْهُ الْمُجْرِمُوْنَ ﴿٥٠﴾

۽ ھر امت لاءِ ھڪ رسول آھي. پوءِ جڏھن سندس رسول اچي ٿو تہ انھن جي درميان انصاف سان فيصلو ڪيو وڃي ٿو. انھن تي ڪو ظلم نہ ڪيو ويندو. (47) ۽ ھو چون ٿا تہ جيڪڏھن اوھان سچا آھيو تہ اھو عذاب جو وعدو ڪڏھن پورو ٿيندو. (48) ھنن کي چؤ تہ (مان چا ٿو چئي سگھان) مان پنھنجي ذات لاءِ ٻہ ڪنھن نفعي ۽ نقصان جو اختيار نٿو رکان، مگر جيڪا مشيت خداوندي ھجي، جنھن وٽ ھر قوم جي لاءِ ھڪ وقت مقرر آھي. جڏھن ھنن جو وقت

اچي وجي ٿو ته پوءِ نه هڪ گهڙي پوئتي ٿين ٿا ۽ نه اڳتي ٿين ٿا.(49) هنن کي چئي ڏيو ته جيڪڏهن هن جو عذاب اوهان تي رات يا ڏينهن جي ڪنهن وقت ۾ اچي ڪڙڪي ته مجرم ان عذاب مان ڪهڙي شيءِ جي جلدي ڪري رهيا آهن ؟(50)

هر اُمَّت جي لاءِ رسول رهيو آهي. "وَلَقَدْ بَعَثْنَا فِيْ كُلِّ اُمَّةٍ رَّسُوْلًا" (النحل: 36/16) "وَاِنْ مِّنْ اُمَّةٍ اِلَّا خَلَا فِيْهَا نَذِيْرٌ○" (الرعد: 7/13، الفاطر: 24/35، يٰس: 6/36) هت "اُمَّت" جو لفظ "قوم" کان وڌيڪ وسيع مفهوم ۾ آهي. رسول جي آمد بعد هن جي دعوت جن جن ماڻهن تائين پهچي ٿي، اهي سڀ هن جي امت آهن. لازمي ناهي ته رسول انهن ۾ زندهه موجود هجي، پر رسول کان بعد ۾ جيستائين هن جي تعليم موجود رهي ۽ هر شخص کي معلوم هجي ته اها ان رسول جي تعليم آهي ۽ ان جي اطاعت ڪري ٿو ته اهو ۾ امت ۾ داخل هوندو، جڏهن ته 'قوم' ۾ رڳو رسول جي قوم هوندي. ان ڪري "لِكُلِّ رَسُوْلٍ" نه چيو ويو. ٻيو ته "اُمَّت" لاءِ رسول آهي، اهو ناهي ته هر امت ۾ رسول آهي. رسول جي اچڻ بعد هو ماڻهن ۾ خدا جي عدالت ٻڌجي ايندو آهي. (يونس: 47/10) سندس دعوت ۾ انذار (خبردار ڪرڻ) ۽ بشارت هوندي آهي. يعني زندگيءَ جي سڌي راهه تي هلڻ ۽ نه هلڻ جي نتيجي جو ذڪر هوندو آهي. "وَّلِكُلِّ قَوْمٍ هَادٍ○" (الرعد: 7/13) انهيءَ دوران ڪيس ان وقت جي سرڪش ۽ ضدي ماڻهن جي سخت مزاحمت ڏسڻي پوي ٿي. ان دوران هجرت ۽ جنگين جو مرحلو ۾ پيش اچي ٿو، پر آخرڪار نصرت ۽ فتح حق جي لشڪر کي ٿيندي آهي. پر مشرڪن جون سازشون نبي اڪرم ﷺ جي زندگيءَ ۾ ۽ هوندين آهن ته ان کان پوءِ ۾ جاري رهنديون آهن، جنهن جي ڪري ملڪ ۾ فتنو فساد، بدامني، ظلم ۽ زيادتي جو راڄ قائم رهندو آهي. ان وقت رسول جي حڪمن جي خلاف ورزي ۽ اتمام حجت بعد رسول الله جي عدالت جي قانون مڪافات جو مشاهد هوندو آهي ۽ اهي قومون عذاب الاهي جو شڪار ٿي ويندين آهن. "وَمَا كُنَّا مُعَذِّبِيْنَ حَتّٰى نَبْعَثَ رَسُوْلًا○" (يونس: 47/10، بني اسرائيل: 15/17، الزمر: 69/39) يعني رسول جي اچڻ بنا عذاب نه ڏيندا آهيون. قوم نوح، قوم هود، قوم صالح، قوم لوط ۽ قوم شعيب (عليهم السلام) ۽ ٻيون قومون ان جو

زندهه مثال آهن. پر ياد رهي ته خدا جو اهو فيصلو ڪنهن تي ظلم ۽ زيادتي وارو نه هوندو. ڪڏهن اهو مجاهدن جي تلوارن سان ظهور پذير ٿيندو ته ڪڏهن آسماني يا زميني آفتن جي اچڻ سان واقع ٿيندو. رسول پنهنجي دعوت ۾ خبردار ڪندو آهي ته ناجائز ۽ غلط ڪمن کان گريز ڪريو. هن وقت اوهان کي خبر نٿي پوي، پر آخرڪار هن جا نتيجا نهايت پيانڪ هوندا، جيڪي انصاف تي مبني هوندا، ڪنهن سان به ظلم زيادتي نه هوندي. ان وقت اوهان جو ڪير به حامي يا مددگار نه هوندو. اهو ٻڌي هي ڪافر تو کان پڇن ٿا ته جيڪڏهن واقعي تون پنهنجي قول ۾ سچو آهين ته پوءِ ٻڌاءِ ته اها تباهي ڪڏهن ايندي، جنهن جي تون ڳالهه ڪري رهيو آهين. تون هنن کي ٻڌاءِ ته اها تباهي يا بربادي منهنجي هٿ وس ناهي ۽ نه منهنجي اختيار ۾ آهي. هر عمل جي نتيجي لاءِ وقت مقرر آهي، جهڙي طرح ڪيت ۾ پوک پوکي ويندي آهي، پر ان جي لٽڻ لاءِ ڪجهه وقت درڪار هوندو آهي. خدا جو قانون مهلت به يڪدم گرفت ڪرڻ بدران ڏڪهي رسي ڏيندو آهي. جيتري قدر منهنجو سوال آهي، مون کي ته پنهنجي نفعي نقصان جي به خبر ناهي. پر اهو يقين آهي ته هر عمل هڪ نتيجي تي پهچڻ وارو آهي، جيڪو خدا جي قانون مهلت ۽ قانون مشيت مان گذري، مڪافات عمل جي صورت ۾ رونما ٿيندو، جنهن جو وقت مقرر آهي ۽ ان جي خبر خدا کي آهي. جڏهن فيصلي جو وقت ايندو آهي ته پوءِ اهو هڪ پل به نه پنٽتي ٿي سگهي ٿو ۽ نه وري اڳتي ٽئي ٿو. (آل عمران: 144/3، الاعراف: 34/7، الرعد: 40/13-38، المؤمنون: 43/23، فاطر: 11/35) پر ان وقت کان اڳ فيصلو ان ڪري صادر نٿو ٽئي، جو الله جلد باز نه آهي ۽ هر فرد ۽ قوم کي پورو پورو وقت ڏئي پوءِ گرفت ۾ وٺي ٿو. اوهان هن ڳالهه کي معمولي سمجهي عذاب گهرڻ لاءِ تڪڙ ڪريو ٿا، حالانڪه ماڻهو عذاب کان پناهه گهرندا آهن، پر توهان پنهنجي دل ۾ سمجهو ٿا ته اهڙا مطالبا ڪري رسول کي دل شڪسته ڪرڻ گهرو ٿا. پر خدا جي هر رسول مڪرم کي پنهنجي خدا جي وعدن تي سؤ فيصد يقين هوندو آهي. ان ڪري سندس هي انتباهه هڪ مضبوط يقين تي مبني آهي، ان ڪري اهو ٻڌايو ته جيڪڏهن الله طرفان عذاب رات جو اچي يا ڏينهن جو اچي، ان کي ڪير روڪي سگهندو. خبر ناهي ته اوهان ان عذاب جي جلدي اچڻ جا ڇو خواهشمند آهيو.

اَثُمَّ اِذَا مَا وَقَعَ اٰمَنْتُمْ بِهٖ ؕ آٰلْـٰٔنَ وَ قَدْ كُنْتُمْ بِهٖ تَسْتَعْجِلُوْنَ ﴿٥١﴾ ثُمَّ قِيْلَ لِلَّذِيْنَ ظَلَمُوْا ذُوْقُوْا عَذَابَ الْخُلْدِ ۚ هَلْ تُجْزَوْنَ اِلَّا بِمَا كُنْتُمْ تَكْسِبُوْنَ ﴿٥٢﴾ وَ يَسْتَنْۢبِـُٔوْنَكَ اَحَقٌّ هُوَ ؕ قُلْ اِيْ وَ رَبِّيْۤ اِنَّهٗ لَحَقٌّ ؕ وَ مَاۤ اَنْتُمْ بِمُعْجِزِيْنَ ﴿٥٣﴾

وقف النبی صلی اللہ علیہ وسلم

چا جڏهن اهو (عذاب) اچي ڪڙڪندو، تڏهن توهان ان تي ايمان آڻيندا. چا هاڻي (ايمان آڻيو ٿا) ۽ انهيءَ جي توهان تہ جلدي مچائي رهيا هيا. (51) پوءِ انهن ظالمن کي چيو ويندو، هاڻي هميشہ واري عذاب جو مزو چکو. هي توهان کي توهان جي ڪرتوتن جو بدلو آهي. (52) ۽ اي نبي برحق ﷺ! هي توکان پڇن ٿا تہ چا هي واقعي حق سچ آهي. تون چؤ تہ ها، مون کي منهنجي رب جو قسم! يقيناً اهو حق آهي ۽ توهان (الله کي) عاجز نٿا ڪري سگهو. (53)

مشرڪ جنهن عذاب کي ڏڙڪا ڏهمان سمجهي رهيا هئا ۽ بار بار چٿر ۽ ٽوڪ جي نيت سان ان جو مطالبو ڪري رهيا هئا، انهن کي ٻڌايو ٿو وڃي تہ چا واقعي جنهن وقت عذاب اچي ويو ۽ اوهان پنهنجن اکين سان تباهي کي ڏسڻ لڳا تہ پوءِ ايمان آڻيندا، پر توبه جو وقت گذري چڪو هوندو ۽ اوهان کي چيو ويندو تہ چا هاڻي ايمان آڻڻ ٿا گهرو. هن وقت ايمان آڻڻ مان ڪو فائدو نہ آهي. (يونس: 90/10) حديث شريف ۾ آهي: "اِنَّ اللّٰهَ يَقْبَلُ تَوْبَةَ الْعَبْدِ مَالَمْ يُغَرْغِرْ" (جامع ترمذي، مسند احمد) الله تعالىٰ ٻانهي جي ان وقت تائين توبه قبول ڪندو آهي، جيستائين هن تي حالتِ نزع طاري نہ ٿئي. "آٰلْـٰٔنَ" جو جملو فرعون بہ ان وقت ڏهرايو هو، جڏهن هو سمنڊ ۾ غرق ٿي رهيو هو. هي اهو وقت آهي جڏهن توبه جا دروازا بند ٿي ويندا آهن ۽ مڪافات عمل جو اجراءُ ٿي ويندو آهي. پوءِ ان وقت انهن کي چيو ويندو تہ پنهنجي ظلم و زيادتي، هٹ ۽ سرڪشيءَ جو، جيڪا هميشہ رهڻ واري آهي، ان جو مزو چکي ونو. هي اوهان جي عملن جو نتيجو آهي ۽ جيڪا

ڪمائي ڪئي آهي، ان جو تحفو آهي. هو هر طرف ڪان ناميد ٿي دائمي عذاب بابت معلوم ڪرڻ گهرندا ته واقعي هي هميشہ رهڻ وارو عذاب آهي ۽ اها ڳالهہ سچ آهي. توهان هنن کي ٻڌايو ته مون کي رب جو قسم! اها ڳالهہ بلڪل سچ آهي، جنهن جو گواهہ الله آهي ۽ توهان پنهنجي انڪار سان الله جي حڪم ۽ فيصلا ٽاري نٿا سگهو. حقيقت حال اها هئي ته هي ماڻهو منڪر ۽ جاهل نہ هئا، مگر حق ۽ سچ جي تصديق ڪرڻ ۾ مونجهہ جو شڪار هئا. هو جڏهن نبي اڪرم ﷺ جي صداقت، ديانت ۽ امانت تي غور ڪندا هئا، جيڪا پوري قوم ۾ يوم اول کان تسليم شده هئي ته هنن جي دل گواهي ڏيندي هئي ته هن شخص جي زبان کان ڪوڙي ڳالهہ نڪري ئي سگهي، وري جڏهن پنهنجي آباء واجداد جي روش تي نظر وجهندا هئا ته حيرت ۾ مبتلا ٿي ويندا هئا ۽ پاڻ ڪريمن ﷺ کان پڇندا هئا ته واقعي اصل حقيقت اها آهي ته اي نبي ﷺ کين ٻڌاءِ ته منهنجي پوري عمر جي سچائي ۾ اوهان کي شڪ ناهي ته پوءِ هاڻي هن حقيقت تي شڪ ڇو ٿا ڪريو. مان جو ڪجهہ چوان ٿو حق ۽ سچ آهي. توهان رب العالمين کي عاجز نٿا ڪري سگهو. پوري قرآن مجيد ۾ الله تعالىٰ پنهنجي رسول کي ٽن جاين تي معاد (قيامت) جي اچڻ جو قسم کڻي تصديق ڪرائي آهي: (1) "قُلْ اِیْ وَ رَبِّیْۤ اِنَّهٗ لَحَقٌّ" (يونس: 53/10) ڇؤ ته هائو منهنجي رب جو قسم ته اها ڳالهہ سچ آهي. (2) "قُلْ بَلٰى وَ رَبِّیْ لَتَاْتِیَنَّكُمْ" (سبا: 3/34) ڇؤ ته هائو منهنجي رب جو قسم! اها توهان وٽ ضرور ايندي. (3) "قُلْ بَلٰى وَ رَبِّیْ لَتُبْعَثُنَّ ثُمَّ لَتُنَبَّؤُنَّ بِمَا عَمِلْتُمْ" (التغابن: 7/64) ڇؤ ته هائو قسم منهنجي رب جو! ضرور اڻاريا ويندؤ، پوءِ توهان کي خبر ڏني ويندي پنهنجي عملن جي.

وَ لَوْ اَنَّ لِكُلِّ نَفْسٍ ظَلَمَتْ مَا فِی الْاَرْضِ لَافْتَدَتْ بِهٖ ؕ وَ اَسَرُّوا النَّدَامَةَ لَمَّا رَاَوُا الْعَذَابَ ۚ وَ قُضِیَ بَیْنَهُمْ بِالْقِسْطِ وَ هُمْ لَا یُظْلَمُوْنَ ﴿۵۴﴾ اَلَاۤ اِنَّ لِلّٰهِ مَا فِی السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ ؕ اَلَاۤ اِنَّ وَعْدَ اللّٰهِ حَقٌّ وَّ لٰكِنَّ اَكْثَرَهُمْ لَا یَعْلَمُوْنَ ﴿۵۵﴾ هُوَ یُحْیٖ وَ یُمِیْتُ وَ اِلَیْهِ تُرْجَعُوْنَ ﴿۵۶﴾ یٰۤاَیُّهَا

النَّاسُ قَدْ جَآءَتْكُمْ مَّوْعِظَةٌ مِّنْ رَّبِّكُمْ وَ شِفَآءٌ لِّمَا فِي الصُّدُوْرِ ۙ۬ وَ هُدًى وَّ رَحْمَةٌ لِّلْمُؤْمِنِيْنَ ﴿٥٧﴾

۽ جيڪڏهن گنهگار شخص وٽ زمين جي ساري دولت ۾ هجي ته هو اها هن (عذاب) جي بدلي ۾ ڏئي ڇڏي، هو جڏهن عذاب کي اکين سان ڏسندا ته دل ئي دل ۾ ندامت ۽ حسرت ۾ پڇتائيندا ۽ انهن جي درميان انصاف سان فيصلو ڪيو ويندو ۽ انهن سان ڪو ظلم نه ٿيندو.(54) معلوم هجي ته جو ڪجهه به آسمانن ۽ زمين ۾ آهي، اهو سڀ الله جو آهي. خبردار ٿيو بيشڪ الله جو وعدو سچو آهي، پر انهن مان گهڻا ماڻهو نٿا ڄاڻن (55) اهو ئي زندهه ڪري ٿو، ماري ٿو ۽ توهان ان طرف ئي واپس موٽايا ويندا.(56) اي انسانؤ! بيشڪ توهان وٽ توهان جي رب جي طرفان پندو نصيحت ۽ انهن روحاني (سيني جي) بيمارين جي شفا اچي وئي آهي، جيڪي (بيماريون) اوهان جي سينن ۾ پوشيده آهن ۽ هو هدايت ۽ رحمت به آهي ته اهلِ ايمان لاءِ.(57)

انهيءَ تباهي جو اڃڙ جيترو يقيني آهي، اوترو ئي اها سخت گير ٿي ظالم تي ڪڙڪندي، جنهن کي هو عمر پر حقيقت معلوم هجڻ جي باوجود ڪوڙو ڪونيندو رهيو ۽ غلط ڪمن ۾ رڌل رهيو، حالانڪ جنهن صادق ۽ امين انهن کي هن جي خبر ڏني، جنهن جي صداقت ۽ ديانت ۾ هنن کي ڪو به شڪ نه هيو، پر پوءِ به غلط روش تي قائم رهيا. پوءِ جڏهن هنن جي اميدن ۽ توقعات جي برخلاف اچانڪ اها تباهي رونما ٿيندي ته هنن جون متيون منجهي ويندیون، بدحواسيءَ جي عالم ۾ حيران ۽ پريشان هوندا، ندامت ۽ پريشاني ظاهر ڪندا. اهڙي وقت جيڪڏهن هو دنيا پر جي ساري دولت ڏئي، عذاب کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ گهرن ته ڪري نه سگهندا. ان وقت هنن جي اعمال جو انصاف سان فيصلو ڪيو ويندو، جنهن ۾ هنن سان ذرا پر به ظلم يا زيادتي نه ٿيندي.

متو آهين مڃ نلهو ٿو ٿونان هٽين
جا تو ڏني اڃ، تنهن پاڻي پنا ڏينهڙا

(شاھ لطيف ﷺ: سر ڏھر)

هي گناهگار ماڻهو بي بسيءَ جي حالت ۾ جڏهن پنهنجي کابه مدد ڪري نه سگهندا ته ان وقت هو خدا جي فيصلي کان بچڻ لاءِ به ڪجهه ڪري ڪونه سگهندا، چوته هنن جو معاملو اهڙي هستيءَ سان آهي، جنهن جي حڪمراني ۽ فرمان رواني بنا چون و چرا آسمانن ۽ زمين تي قائم آهي. انهيءَ حڪمران آڏو هو ڪهڙو حيلو هلائي سگهندا. ان ڪري جيڪو به الله جو فيصلو هوندو، اهو ضرور عمل ۾ ايندو، اهو الله جو وعدو آهي جو سراپا سچ ۽ حق آهي. پر اڪثر ماڻهو پنهنجي جهالت سبب لاعلم آهن. اهي ماڻهو عقل ۽ بصيرت کان ڪم ڪونه ٿا وٺن، پر رڳو پراڻين روايتن ۽ ذاتي خواهشن جا علمبردار آهن، سو سمجهن ٿا ته هنن کان ڪو پڇڻ وارو ناهي، حالانڪ سندن زندگي ۽ موت جو مالڪ الله آهي، اهو ئي دنيا ۾ به مرده قوم کي زنده ۽ زنده قوم کي مرده ڪرڻ جو اختيار رکي ٿو، جيڪو مڪافات عمل جي قانون موجب هر حال ۾ رو پذير ٿيندو رهي ٿو. آخرڪار ان الله طرف ئي واپس ورڻو آهي، جيڪو هنن قوتن ۽ طاقتن جو واحد مختيار ڪل آهي.

اي تمام انسانؤ! اوهان طرف توهان جي رب پاران پند و نصيحت جو خزانو ۽ روحاني بيمارين جي شفا جو ذريعو (قرآن ڪريم) اچي ويو آهي، جيڪو سيني اندر ڇپيل بيمارين جو علاج به آهي ۽ هدايت به آهي ۽ اهل ايمان لاءِ رحمت جو سامان به آهي. هت قرآن ڪريم جون چار صفتون بيان ڪيون ويون آهن: (1) "مَوْعِظَةٌ" موعظت آهي، يعني دل ۽ جان گزين ٿيڻ وارا دليل ۽ روح کي متاثر ڪرڻ وارا طريقا خير و حق جي ترغيب ڏين ٿا. اهڙي نصيحت جيڪا دل نشين ۽ پرتاثير هجي. (2) "شِفَآءٌ لِّمَا فِي الصُّدُوْرِ" دل جي سمورين بيمارين لاءِ نسخه ڪيميا ۽ شفا آهي. تڪبر، غرور، حسد، بغض ۽ ڪوڙ جهڙين بيمارين جو علاج آهي. حبّ دنيا کان بچاءَ جو ذريعو آهي. آل عمران: 14/3 ۾ حب دنيا جي شين جو ذڪر آهي، جن کان بچائڻ لاءِ قرآن ڪيميا جو نسخو آهي يا روحاني بيماريءَ جي علاج لاءِ تارياق آهي. جيڪو به هن قرآن تي عمل ڪندو ته ان جو قلب ۽ اندر هر طرح جي مفاسد ۽ رذائل کان محفوظ رهندو. اهڙن موقعن تي جڏهن به "قلب"، "فؤاد"

۽ "صدر" جا الفاظ چيا وڃن تہ ان مان مراد ذهن ۽ فڪر جي قوت عقل ۽ ادراڪ اخلاق ۽ ڪردار جذبات ۽ لطائف مراد آهي، لفظي معنىٰ گوشت جو ٽڪرو دل نہ آهي. (3) "وَ هُدًى وَّ رَحْمَةٌ لِّلْمُؤْمِنِيْنَ" يقين ڪرڻ وارن لاءِ هدايت جو سرمايو آهي ۽ يقين ڪرڻ وارن لاءِ دائمي رحمت جو سرچشمو آهي. (4) قرآن الله جي فضل ۽ رحمت جو مظهر آهي. هي نوعِ انسان تي الله جو وڏو احسان آهي ۽ الله جي وڏي دولت آهي، جيڪا انسان کي عطا ٿي. (ترجمان القرآن) وڌيڪ حوالن لاءِ ڏسو سوره يونس: 37/10)

قُلْ بِفَضْلِ اللّٰهِ وَ بِرَحْمَتِهٖ فَبِذٰلِكَ فَلْيَفْرَحُوْا ؕ هُوَ خَيْرٌ مِّمَّا يَجْمَعُوْنَ ﴿۵۸﴾ قُلْ اَرَءَيْتُمْ مَّاۤ اَنْزَلَ اللّٰهُ لَكُمْ مِّنْ رِّزْقٍ فَجَعَلْتُمْ مِّنْهُ حَرَامًا وَّ حَلٰلًا ؕ قُلْ آٰللّٰهُ اَذِنَ لَكُمْ اَمْ عَلَى اللّٰهِ تَفْتَرُوْنَ ﴿۵۹﴾ وَ مَا ظَنُّ الَّذِيْنَ يَفْتَرُوْنَ عَلَى اللّٰهِ الْكَذِبَ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَذُوْ فَضْلٍ عَلَى النَّاسِ وَ لٰكِنَّ اَكْثَرَهُمْ لَا يَشْكُرُوْنَ ﴿۶۰﴾ ع ١١

اي پيغمبر حق خَاتَمُ النَّبِيِّيْنَ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَسَلَّمَ ! هنن کي ٻڌايو (هي سڀ ڪجهہ) الله جي فضل ۽ ان جي رحمت جي باعث آهي، سو مسلمانن کي گهرجي تہ هنن تي خوشيون ملهائن. هي ان (نعمت مال ۽ دولت) کان گهڻو بهتر آهي، جيڪو هو جمع ڪري رهيا آهن.(58) هنن کان پڇو ذرا اهو تہ ٻڌايو تہ الله جيڪو (حلال) رزق اوهان لاءِ نازل ڪيو، اوهان ان مان ڪجهہ کي حرام ۽ ڪجهہ کي حلال قرار ڏئي ڇڏيو. هنن کان پڇڻ فرمايو تہ ڇا الله اوهان کي اجازت ڏني آهي يا توهان الله تي بهتان هڻي رهيا آهيو.(59) هنن ماڻهن جو قيامت جي ڏينهن جي باري ۾ ڇا خيال آهي جو هو الله تي ڪوڙو بهتان هڻن ٿا. درحقيقت الله تہ ماڻهن تي فضل ڪرڻ وارو آهي، پر انهن جي اڪثريت (خدا جو) شڪر نٿي ڪري.(60)

قرآن الله جي فضل، ڪرم ۽ رحمت جو مظهر آهي. هي نوع انسان تي الله جو وڏو احسان آهي ۽ الله جي طرفان انمول دولت آهي، جيڪا انسان کي عنايت ٿي آهي، جيڪا حضور خَاتَمُ النَّبِيِّيْنَ ﷺ جي بعثت "لَقَدْ مَنَّ اللّٰهُ عَلَى الْمُؤْمِنِيْنَ اِذْ بَعَثَ فِيْهِمْ رَسُوْلًا مِّنْ اَنْفُسِهِمْ" (آل عمران: 164/3) ذريعي الله طرفان اوهان تي نازل ٿي آهي، جيڪا مؤمنن جي دنيا توڙي آخرت ۾ سرفرازي ۽ ڪامراني جي ضمانت آهي. ان ڪري مسلمانن کي هن نعمت تي خوش ٿيڻ گهرجي. هي اهڙي بي بها نعمت آهي، جيڪا مال ۽ دولت ميڙڻ کان گهڻو بهتر آهي. "مَنْ اُوْتِيَ الْقُرْآنُ فَرَاٰى اَحَدًا اُوْتِيَ مِنَ الدُّنْيَا اَفْضَلَ مِمَّا اُوْتِيَ فَقَدْ صَغَّرَ عَظِيْمًا وَ عَظَّمَ صَغِيْرًا" (حضرت عبدالله بن عمر رضي الله تعالى عنهما) جنهن کي قرآن جو علم آهي، پر هو دولت کي افضل سمجهي ٿو تہ هن عظيم شيءِ (قرآن) کي ننڍڙو ڪيو ۽ ننڍڙي شيءِ (دنيا ۽ دولت) کي وڏو ڪيو.

جَمِيْعُ الْعِلْمِ فِي الْقُرْآنِ لٰكِنْ
تَقَاصَرَ عَنْهُ اِفْهَامُ الرِّجَالِ

قرآن ۾ تہ سمورو علم موجود آهي، مگر ماڻهن جي سمجهہ گهٽ آهي.

لَهَا مَعَانٍ كَمَوْجِ الْبَحْرِ فِيْ مَدَدٍ
وَفَوْقَ جَوْهَرِهٖ فِي الْحُسْنِ وَالْقِيَمِ

قرآن جون اهڙيون تہ بيشمار معنائون آهن، جيئن سمنڊ جي چولين پٽيان چوليون مدد لاءِ ايندیون آهن، پر اهي آيتون حسن، لطافت ۽ قيمت ۾ موتين کان وڌيڪ قدر ۽ مانَ واريون آهن.

"فَلْيَفْرَحُوْا" ۾ هت فرح، خوشي ملهائڻ ۽ جشنِ نزول قران ڪرڻ آهي، پر اهو فرح يعني اهڙي شيءِ، جيڪا فخر ۽ غرور ۾ بدلجي وڃي، اها ممنوع آهي. "اِنَّ اللّٰهَ لَا يُحِبُّ الْفَرِحِيْنَ○" (القصص: 76/28)

اي نبي محترم خَاتَمُ النَّبِيِّيْنَ ﷺ! ذرا هنن کان اهو تہ پڇ تہ الله اوهان لاءِ رزق نازل ڪيو تہ اوهان خدا جي هن نعمت کان پورو پورو فائدو حاصل ڪيو، پر اوهان جو اهو حال آهي جو اوهان رب العالمين جي صلهِ عام مان ڪجهہ کي حرام ڪري ڇڏيو ۽ ڪجهہ کي

حلال ڪيو. حلال ۽ حرام جو حق تہ صرف الله کي آهي. (المائده: 5/5-3، الانعام: 118/6 کان 121، النحل: 114/16 کان 116) هنن کان معلوم ڪر تہ اهڙي فيصلي ڪرڻ جو حڪم اوهان کي الله طرفان مليو آهي يا توهان ان کي الله ڏانهن منسوب ڪري، خدا تي ڪوڙو بهتان مڙهي رهيا آهيو. هي باغيانہ روش وارو وڏو جرم آهي. الله جي واضح حڪمن ۾ هٿرادو حدبنديون ڪرڻ خدا جي غضب کي دعوت ڏيڻ برابر آهي. الله تہ پنهنجن بانهن تي فضل و ڪرم ڪرڻ وارو آهي، پر هنن مان اڪثر ناشڪرا آهن. هنن پاران اهڙي ڪوڙي بهتان بازي بابت قيامت واري ڏينهن بابت ڪهڙو گمان آهي. افسوس آهي هنن جي حال تي جو هو الله جي ايڏي وڏي فضل و ڪرم لاءِ شڪرگذار نہ آهن. "رزق" جو لفظ عربي زبان يا قرآن ڪريم جي بيان ۾ رڳو کاڌي پيتي جي شين لاءِ نہ، پر ان کان وسيع معنيٰ رکندڙ آهي. رزق مان مراد الله جي هر ذات رزق آهي. اولاد، علم، مال، دولت، عهدا وغيره سڀ الله جو رزق آهن. ان ڪري الله جي قانونن يا کاڌي پيتي جي شين يا ڪنهن بہ بي نعمت کي حلال يا حرام ڪرڻ جو حق انسان کي ناهي. اهڙو فعل الله سان سنگين بغاوت وارو جرم آهي.

هنن کان پڇو تہ هي جو اوهان خدا جي مقرر ڪيل حدن ۽ فيصلن کي ڇڏي وڏي ڏٺائي ۽ بي باڪي سان پنهنجا فيصلا مسلط ڪري، انهن کي خدا ڏانهن منسوب ڪيو ٿا. آخرڪار اوهان قيامت جي ڏينهن بابت ڇا سمجهي رکيو آهي. ڇا هنن جو خيال آهي تہ هو ڇڙواڳ ٿي جيڪو گهرن، اهو ڪندا رهن ۽ هنن کان ڪو پڇڻ وارو بہ نہ هجي؟ ڇا هو سمجهن ٿا تہ سدائين سندن ڊگر ۽ انا قائم رهندي؟ ۽ ڪو اهڙو وقت اچڻ وارو ناهي، جو هنن جا سڀ منصوبا سراب ثابت ٿين. هنن وٽ مڪافات عمل جو تصور ئي ناهي. حالانڪ کين خبر هئڻ گهرجي تہ اهو الله جو ڪيڏو نہ وڏو فضل آهي، جو اوهان کي گناهه سان گڏ سزا ملڻ بدران مهلت ملي رهي آهي تہ ان مدت ۾ سڌري وجو. نہ رڳو اهو، پر الله اوهان کي برن نتيجن ظاهر ٿيڻ کان اڳ بار بار خبردار ڪري رهيو آهي. انسانن تي اهو الله جو وڏو فضل و ڪرم آهي، خدا جي اهڙي همدردانہ رويي ۽ اصلاح لاءِ موقعا ڏيڻ تي خدا جو شڪر ڪرڻ گهرجي، پر هنن جي اڪثريت شڪرگذار نہ، پر الٽو نافرمان آهي.

وَ مَا تَكُوْنُ فِیْ شَاْنٍ وَّ مَا تَتْلُوْا مِنْهُ مِنْ قُرْاٰنٍ وَّ لَا تَعْمَلُوْنَ مِنْ
عَمَلٍ اِلَّا كُنَّا عَلَیْكُمْ شُهُوْدًا اِذْ تُفِیْضُوْنَ فِیْهِ ؕ وَ مَا یَعْزُبُ عَنْ
رَّبِّكَ مِنْ مِّثْقَالِ ذَرَّةٍ فِی الْاَرْضِ وَ لَا فِی السَّمَآءِ وَ لَاۤ اَصْغَرَ مِنْ ذٰلِكَ وَ
لَاۤ اَكْبَرَ اِلَّا فِیْ كِتٰبٍ مُّبِیْنٍ ﴿۶۱﴾ اَلَاۤ اِنَّ اَوْلِیَآءَ اللّٰهِ لَا خَوْفٌ عَلَیْهِمْ وَ لَا
هُمْ یَحْزَنُوْنَ ﴿۶۲﴾ الَّذِیْنَ اٰمَنُوْا وَ كَانُوْا یَتَّقُوْنَ ﴿۶۳﴾ لَهُمُ الْبُشْرٰی فِی
الْحَیٰوةِ الدُّنْیَا وَ فِی الْاٰخِرَةِ ؕ لَا تَبْدِیْلَ لِكَلِمٰتِ اللّٰهِ ؕ ذٰلِكَ
هُوَ الْفَوْزُ الْعَظِیْمُ ﴿۶۴﴾ ؕ وَ لَا یَحْزُنْكَ قَوْلُهُمْ ۘ اِنَّ الْعِزَّةَ لِلّٰهِ جَمِیْعًا ؕ
هُوَ السَّمِیْعُ الْعَلِیْمُ ﴿۶۵﴾

وقف لازم

اي حبيب مُڪرّم ﷺ! توهان جنهن حال ۾ به هوندا آهيو ۽ قرآن جو جيترو حصو به پڙهي ڪري ٻڌايو ٿا ۽ توهان جيڪو به ڪم مشغول ٿي ڪريو ٿا، اسان توهان کي ڏسي رهيا آهيون ۽ اوهان جي الله کان ذرو پر ڪا شيءِ نه زمين ۾ پوشيده آهي ۽ نه وري آسمانن ۾، نندڙي هجي يا وڏي سڀ ڪتاب مبين ۾ داخل آهي. (61) خبردار! اولياءَ الله کي نه ڪو خوف آهي ۽ نه وري رنجيده يا غمگين ٿيندا.(62) هي اهي انسان آهن، جن ايمان آندو ۽ هميشه محتاط زندگي گذاري. (63) هنن جي لاءِ دنيا جي زندگي ۾ به خوشخبري آهي ۽ آخرت جي زندگيءَ ۾ به. الله جا فرمان تبديل نه ٿيندا آهن. اها ئي وڏي ڪاميابي آهي. (64) هي جو ڪجهه چئي رهيا آهن، اهو اوهان کي ڏڪارو نه ڪري، بيشڪ ساري عزت ۽ غلبو سڀ الله کي سونهي ٿو. هو سڀ ڪجهه ٻڌي ۽ ڄاڻي ٿو.(65)

الله تعالىٰ پنهنجي پياري حبيب خَاتَمُ النَّبِيِّيْنَ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَسَلَّمَ کي تسلي ۽ تسڪين ڏيڻ ۽ مخالفن کي تنبيه (خبردار) ڪرڻ لاءِ فرمائي ٿو ته جڏهن اوهان تن من ڏن هر شيءِ کان بي پرواهه ٿي ڪري خدا جي ڪلمهِ حق جي سربلندي لاءِ جدوجهد ۾ لڳل رهو ٿا ته الله ان وقت اوهان جي حفاظت ۽ اعانت جي نگراني ڪري رهيو آهي. ائين نه سمجهو ته هن اهم ذميداري تي لڳائي پرخطر ماحول ۾ اوهان کي توهان جي حال تي تنها ڇڏي ڏنو آهي. جو ڪجهه اوهان ڪري رهيا آهيو ۽ مشغول آهيو ۽ ان جي موٽ ۾ جو ڪجهه اوهان سان ٿي رهيو آهي، ان تي اسان جي پوري پوري نگاهه آهي. ٻئي طرف حضور خَاتَمُ النَّبِيِّيْنَ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَسَلَّمَ جي مخالفن کي آگاهه ڪيو ٿو وڃي ته حق جي داعي انسانن جي خير خواهه جي اصلاحي ڪوشش ۾ رڪاوٽ وجهي، ائين نه سمجهو ته ڪو اوهان کي ڏسي نه رهيو آهي. جو ڪجهه ڪرتوت ڪري رهيا آهيو، اهو خدا جي دفتر ۾ دخل آهي. خبردار! بيشڪ اولياءَ الله کي نه ڪوئي خوف آهي، نه وري هو غمگين ٿيندا. 'خوف' جو تعلق مستقبل سان ۽ 'حزن' جو ماضيءَ سان آهي. هي اهي خوشقسمت انسان آهن، جيڪي حقيقي ايمان جي لذتن سان آشنا آهن. دليون يقين ۽ اطمينان سان لبريز آهن. احسان جي مقام تي فائز آهن. الله انهن کي انڌيرن کان ڪڍي روشني سان جلوه گر ڪري ٿو. (البقره: 257/2) هنن جا شب وروز تقويٰ ۽ پرهيزگاريءَ ۾ گذرن ٿا. قرآن انهن جي واقفيت متقين، صالحين، عبادالرحمان، فلاح پائيندڙ، ابرار ۽ مُقرَّبين جي لقبن سان ڪرائي ٿو. هي الله جا دوست اولياءَ الله آهن ۽ الله هنن جو دوست آهي. "اَللّٰهُ وَلِيُّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا" هو الله جي غيرت ۽ حاڪميت جا مظهر، دين جا محافظ ۽ نگهبان، شعائر الله جي حرمت جا رکوالا ۽ الله جي دين کي غالب رکڻ لاءِ رات ڏينهن جدوجهد ۾ مصروف آهن. اولياءَ الله جو دشمن الله جو دشمن آهي. "مَنْ عَادٰى اَوْلِيَآءَ اللّٰهِ فَقَدْ بَارَزَ اللّٰهُ بِالْمُحَارَبَةِ" (حديث) جيڪو ماڻهو به ولي الله سان دشمني ڪندو ته گويا هن الله سان جنگ جو مقابلو ڪيو آهي. ٻي حديث شريف آهي: "مَنْ عَادٰى لِيْ وَلِيًّا فَقَدْ آذَنْتُهُ بِالْحَرْبِ" جنهن شخص به منهنجي وليءَ کي اذيت ڏني ته مان ان سان جنگ جو اعلان ڪريان ٿو. اهي پلاريون شخصيتون آهن، جن دل جي اٿاهه گهرائين سان ايمان آندو آهي ۽ محتاط زندگي گذاري، اهڙن ڪمن کان پاڻ کي بچائن ٿا، جن ۾ الله جو ناراضپو هجي. "اِذَا مَا اتَّقَوْا وَّ اٰمَنُوْا وَ عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ ثُمَّ اتَّقَوْا وَّ اٰمَنُوْا ثُمَّ اتَّقَوْا وَّ اَحْسَنُوْا

وَاللّٰهُ يُحِبُّ الْمُحْسِنِيْنَ○" (المائده: 93/5)

يک زمانے صحبت باا ولیا بهتر از صد ساله طاعت بے ریا

اولياء الله سان هڪ گهڙي جي صحبت سو سالن جي خالص ۽ بي ريا عبادت کان افضل آهي.

وينـي جنين وٽ ڏکندو ڏور ٽئي
تون تنين سين ڪٽ اوڏا اڏي پڪڙا

(شاهه لطيف رحمه الله)

جن ماڻهن جي زندگي تقويٰ ۽ محتاط طرز حيات ۾ گذري، انهن لاءِ زندگيءَ ۾ عزت ۽ آبروءَ جي بشارت آهي. "هَلْ تَرَبَّصُوْنَ بِنَآ اِلَّآ اِحْدَى الْحُسْنَيَيْنِ " (التوبه: 52/9) اسان لاءِ ٻئي (غازي يا شهيد) نيڪيءَ جي بشارت آهن. هر شيءِ تہ الله وٽان اچي ٿي. "قُلْ لَّنْ يُّصِيْبَنَآ اِلَّا مَا كَتَبَ اللّٰهُ لَنَا هُوَ مَوْلٰىنَا" (التوبه: 51/9) کين زندگي ۾ پريشاني ۽ ناڪاميءَ جا ڏينهن ڏسڻا نہ پوندا. هو نفس جي خواهشن ۽ شيطان جي وسوسن کان محفوظ رهي، پاڪيزه زندگي گذارين ٿا. هي پنهنجي زندگيءَ کي ايترو تہ پاڪ صاف رکن ٿا، جو آخرت ۾ انهن لاءِ مرحبا جا گيت ڳايا وجن ٿا. هو هميشہ روحاني مشاهدات ۾ محو ۽ مگن رهن ٿا، ان ڪري آخرت ۾ بہ الله جي نوراني جلون سان نوازيا ويندا. الله جو اهڙو فرمان آهي ۽ ان جا فرمان تبديل نہ ٿيندا آهن. اها عظيم ڪاميابي آهي. (التوبه: 52/9) زندگي جي ڏک سک تي هر حال ۾ راضي رهن ٿا. (الانشراح: 5/94)

ڏک سکن جي سونهن گهوريا سک ڏکن رئ.

پريان سنڌي پار جي مڙيو ئي منائي،
ڪانهي ڪڙائي چکين جي چٽ ڪري

(شاهه لطيف رحمه الله)

اي حبيب محترم ﷺ! رسالت جي فرائض جي بجاآوري ۽ الله جا احڪام عوام تائين رسائڻ گلن جي سيج نہ، پر ڪنڊن جو بستر آهي. هن ۾ توکي مخالفن جي طعنن، الزامن ۽ خطرن جو مقابلو ڪرڻو ٿو پوي. هنن جو عناد ۽ ضد بہ تولاءِ مشڪلاتن

جو سبب بڌجي ٿو، پر تون انهن سيني تڪليفن ۽ مخالفتن کان دل رنجيده نہ ٿيءُ. الله جي حمايت تنهنجي حفاظت ڪري رهي آهي. مخالف تنهنجو ڪجهہ بگاڙي نہ سگهندا. ناڪامي ۽ نامرادي مخالفن جو مقدر آهي. ياد رهي تہ قوت غلبو ۽ اقتدار الله کي حاصل آهي. هو تنهنجي ڪوششن ۽ ڪاوشن کي عزت ۽ وقار سان ڏسي رهيو آهي، تنهنجي هر عمل کي ٻڌي ۽ ڄاڻي ٿو. اهڙيءَ طرح مخالفن جي هر عمل بد کان آگاهہ آهي، انهن جون سرگوشيون ٻہ ٻڌي ٿو تہ انهن جي منصوبن کان ٻہ آگاهہ آهي ۽ ان مطابق کين بدلو ملڻ وارو آهي. (الانعام: 59/6-38، هود: 5/11)

اَلَآ اِنَّ لِلّٰهِ مَنْ فِي السَّمٰوٰتِ وَمَنْ فِي الْاَرْضِ ؕ وَمَا يَتَّبِعُ الَّذِيْنَ يَدْعُوْنَ
مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ شُرَكَآءَ ؕ اِنْ يَّتَّبِعُوْنَ اِلَّا الظَّنَّ وَاِنْ هُمْ اِلَّا يَخْرُصُوْنَ ﴿٦٦﴾
هُوَ الَّذِيْ جَعَلَ لَكُمُ الَّيْلَ لِتَسْكُنُوْا فِيْهِ وَالنَّهَارَ مُبْصِرًا ؕ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ
لَاٰيٰتٍ لِّقَوْمٍ يَّسْمَعُوْنَ ﴿٦٧﴾ قَالُوا اتَّخَذَ اللّٰهُ وَلَدًا سُبْحٰنَهٗ ؕ هُوَ الْغَنِيُّ ؕ
لَهٗ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَمَا فِي الْاَرْضِ ؕ اِنْ عِنْدَكُمْ مِّنْ سُلْطٰنٍ بِهٰذَا ؕ
اَتَقُوْلُوْنَ عَلَى اللّٰهِ مَا لَا تَعْلَمُوْنَ ﴿٦٨﴾ قُلْ اِنَّ الَّذِيْنَ يَفْتَرُوْنَ عَلَى اللّٰهِ
الْكَذِبَ لَا يُفْلِحُوْنَ ﴿٦٩﴾ ؕ مَتَاعٌ فِي الدُّنْيَا ثُمَّ اِلَيْنَا مَرْجِعُهُمْ ثُمَّ نُذِيْقُهُمُ
الْعَذَابَ الشَّدِيْدَ بِمَا كَانُوْا يَكْفُرُوْنَ ﴿٧٠﴾ ع ١٠ الثلثة ١٢

معلوم هئڻ گهرجي تہ جو ڪجهہ آسمانن ۾ آهي ۽ جو ڪجهہ زمين ۾ آهي اهو الله جو ئي آهي، پر اهي ماڻهو جيڪي الله کانسواءِ ٻين کي پڪارين ٿا اهي (انهن جعلي شريڪ بتن جي علم و بصيرت تي مبني پيروي نٿا ڪن مگر هو) وهم و گمان جي پيروي ڪن ٿا ۽ هو محض غلط اندازا ۽ اٽڪل بازيون ڪن

ٿا.(66) هي الله ئي آهي، جنهن رات کي اوهان جي آرام لاءِ بنايو ۽ ڏينهن کي روشن کيو (ته جيئن اوهان ان ۾ ڪم ڪار ڪري سگهو.) بيشڪ ان ۾ انهن ماڻهن لاءِ نشانيون آهن، جيڪي (دل جي ڪنن سان) ٻڌندا آهن.(67) هو چون ٿا ته الله اولاد بنائي آهي، حالانڪ هو ان (اولاد) کان پاڪ آهي. هو هر اهڙي نسبت کان بي نياز آهي، جيڪو ڪجهه آسمان ۾ ۽ جو ڪجهه زمين ۾ آهي، سڀ انهيءَ جو ئي آهي. اوهان وٽ هن (قول باطل) لاءِ ڪو دليل ناهي. ڇا توهان الله ڏانهن اهڙي ڳالهه منسوب ڪيو ٿا، جنهن کي توهان پاڻ نٿا ڄاڻو.(68) اي حبيب ﷺ! تون هنن کي ٻڌاءِ ته جيڪي ماڻهو الله تي ڪوڙو بهتان لڳائين ٿا، اهي ڪڏهن به ڪامياب ڪونه ٿيندا.(69) انهن لاءِ هي ٿورڙو فائدو آهي، جيڪو هو دنيا ۾ ئي حاصل ڪن، پوءِ هنن کي اسان ڏانهن واپس اڇو آهي. هنن کي هن ڪفر جي سزا ۾ اسان سخت عذاب جو مزو چکائينداسون.(70)

منافقن جون اهي ڏنوليون ته جن ماڻهن (مسلمانن) جي گهرن ۾ فاقه ڪشي جو عالم آهي ۽ ڪين به وقت جي ماني به ميسر ناهي، اهي حڪومت ۽ سلطنت جا خواب ڏسڻ لڳا آهن، مسلمانن جي دل شڪني ڪرڻ لاءِ غليظ زبان استعمال ڪري رهيا آهن. هنن جي اهڙي بي بنياد تبصري سبب اوهان کي ڏکارو ٿيڻ نه گهرجي. حڪومت ۽ سلطنت هنن جي هٿن ۾ ناهي، اها قوتِ اختيار ۽ اقتدار جي مالڪ جي حڪم هيٺ آهي. ذرا ڪائنات جي آسمانن ۽ زمين تي جاري نظام تي غور ڪريو، اهو سارو نظام بنا شڪ شبهي جي الله جي دست قدرت ۾ آهي. ان ڪري الله جو اوهان سان وعدو آهي ته اوهان کي ڪاميابي ۽ سرفرازي ملندي. ياد رهي ته هي منافق به جن جعلي شريڪ بتن جي تابعداري ڪن ٿا، سندن اها تابعداري علم و بصيرت، عقل و دانش جي بنياد تي ناهي، هو پنهنجي وهم گمان جي پيروي ڪري رهيا آهن، جنهن گمراهي ۾ هو غلط اندازا لڳائي ٻڌڪي رهيا آهن. هنن جي وهم و گمان تي ٻڌل پيرويءَ جي ڪا وقعت ۽ حيثيت ناهي. عزت اقتدار و حڪومت، خوشحالي ان الله جي هٿ ۾ آهي، جنهن جي حڪمراني زمين

۽ آسمان ۽ ڪائنات جي ذري ذري تي آهي. ان ڪري توهان الله جي مدد ۽ حمايت تي يقين رکندي، پنهنجي جدوجهد جاري رکو. هي گمراهه ماڻهو علم و بصيرت سان ڪائنات جي هن عظيم نظام مان رڳو هڪ گوشي تي تحقيقي نظر وجهن ها تہ خدا جي باڪمال قانون جي عظمت هنن جي اکين آڏو اچي وجي ها، جنهن قادر مطلق چند ۽ سج جهڙن پاري سماوي اجزاء (اجرام) کي هڪ مضبوط نظام جي زنجير ۾ ڪهڙيءَ طرح جڪڙي رکيو آهي، جيڪي هر وقت برابر گردش ۾ مصروف عمل آهن، جنهن جي گردش سان رات جي اونداهي اچي ٿي وجي، جيڪا سڪون ۽ آرام جو سبب آهي. وري روشن ڏينهن نمودار ٿئي ٿو، جنهن ۾ ڪاروبار جاري رهي ٿو. رات ۽ ڏينهن ٻئي هڪ ٻئي جا ضد آهن، پر اهي ٻئي ڪائناتي نظام جا اهم حصا آهن. قرآن آثار ڪائنات کي پيش ڪري حقيقت تائين رسائي حاصل ڪرڻ جي باقاعده تربيت ڏني آهي تہ انفس ۽ آفاق ۾ غور فڪر ڪريو، جنهن ۾ دل جي ڪنن سان ٻڌڻ وارن لاءِ آيتون (نشانيون) آهن. هنن پنهنجن وهم و گمان تي ٻڌل عقيدن مطابق اها ڳالهہ بہ گهڙي رکي آهي تہ الله کي اولاد يعني پٽ بہ آهي، جيڪو ڪائنات جي هن نظام کي هلائڻ لاءِ ان جي مدد ڪري رهيو آهي. الله تعالىٰ جي ذات، پاڪ ۽ منزّه آهي. هو اصلي، قديم ۽ هميشہ رهڻ وارو، حيّ، قيوم آهي، جنهن جون صفات "قُلْ هُوَ اللّٰهُ اَحَدٌ○ اَللّٰهُ الصَّمَدُ○ لَمْ يَلِدْ وَلَمْ يُوْلَدْ○وَ لَمْ يَكُنْ لَّهٗ كُفُوًا اَحَدٌ○" آهن، اهڙي لاشريڪ الله سان اولاد جي نسبت ڪرڻ ڪيڏو وڏو جرم آهي. "تَكَادُ السَّمٰوٰتُ يَتَفَطَّرْنَ مِنْهُ وَتَنْشَقُّ الْاَرْضُ وَتَخِرُّ الْجِبَالُ هَدًّا○ اَنْ دَعَوْا لِلرَّحْمٰنِ وَلَدًا○" (مريم: 19/91- 90) هو چون ٿا تہ الله کي اولاد آهي، جنهن سبب آسمان ڦاٽي پون. زمين ڏري پوي ۽ پهاڙ ريزه ريزه ٿي وڃن. ڪهڙي نہ تعجب جي ڳالهہ آهي جو هو الله لاءِ پٽ هجڻ ۽ خدا جي ڪمن ۾ ان جي مدد ڪرڻ جو الزام لڳائي رهيا آهن. حالانڪ هنن کي پوري ڄاڻ آهي تہ الله کي ڪنهن جي مدد جي ضرورت ناهي. هو هر شيءِ کان بي نياز آهي ۽ پٽ رکڻ يا ان کي پنهنجن معاملن ۾ شريڪ رکڻ کان هو پاڪ آهي. آسمان جي بلندين ۽ زمين جي پستين ۾ جو ڪجهہ آهي، سڀ خدا جي مضبوط ۽ مربوط نظام جو حصو آهي. اهڙي بااختيار ۽ بااقتدار الله کي ڪنهن جي مدد جي ڪهڙي ضرورت آهي. هنن جي دعوىٰ شڪ ۽ گمان تي رکيل آهي، پر جيڪڏهن هن عقيدي لاءِ هنن وٽ ڪا

سند يا ثبوت موجود آهي تہ پيش ڪن يا هو اهڙي ڳالهہ ڪري رهيا آهن، جنهن جو هنن ڪي ڪو يقيني ثبوت يا دليل نہ آهي.

هنن کي چؤ تہ جيڪي ماڻهو پنهنجي ذهن جا گهڙيل عقيدا بنا ڪنهن ثبوت ۽ دليل جي خدا ڏانهن منسوب ڪن ٿا، اهي ڪڏهن بہ ڪامياب ڪونہ ٿيندا. ڪاميابي تہ حق ۽ سچ تي هوندي آهي، جنهن جو ثبوت عقل ۽ دليل تي رکيل هجي. باقي رهيا جهالت جا خيال ۽ گمان، اهي هرگز ڪاميابي حاصل ڪري نہ سگهندا. هو پنهنجي هن باطل پرستي جي حيلي بهاني سان ڪجهہ دنياوي مفاد تہ حاصل ڪري سگهن ٿا ۽ پنهنجي ڪوڙن ۽ نامراد عقيدن جي اوٽ ۾ ماڻهن کي گمراهہ بہ ڪري سگهن ٿا، پر سندن اهو بي بنياد ڪاروبار يا نٽ ڦانگر گهڻو عرصو رهڻ وارا نہ آهن ۽ نہ وري کين آخرت ۾ ڪنهن ڪم ايندا. هنن جي انهن سمورن معاملن جو آخرڪار فيصلو الله جي حضور ۾ ٿيڻو آهي. ان وقت هنن کي معلوم ٿي ويندو تہ هو جيڪي وهم و گمان تي مبني ڪفر ۾ بت پرستيءَ جا هوڪا هڻي رهيا هئا، سڀ بي سود ۽ بيڪار هئا، جنهن جي ڪري هو ذلت واري عذاب ۾ گرفتار آهن.

وَ اتْلُ عَلَيْهِمْ نَبَاَ نُوْحٍ ۘ اِذْ قَالَ لِقَوْمِهٖ يٰقَوْمِ اِنْ كَانَ كَبُرَ عَلَيْكُمْ مَّقَامِيْ وَ تَذْكِيْرِيْ بِاٰيٰتِ اللّٰهِ فَعَلَى اللّٰهِ تَوَكَّلْتُ فَاَجْمِعُوْٓا اَمْرَكُمْ وَ شُرَكَآءَكُمْ ثُمَّ لَا يَكُنْ اَمْرُكُمْ عَلَيْكُمْ غُمَّةً ثُمَّ اقْضُوْٓا اِلَيَّ وَ لَا تُنْظِرُوْنِ ﴿٧١﴾ فَاِنْ تَوَلَّيْتُمْ فَمَا سَاَلْتُكُمْ مِّنْ اَجْرٍ ؕ اِنْ اَجْرِيَ اِلَّا عَلَى اللّٰهِ ۙ وَ اُمِرْتُ اَنْ اَكُوْنَ مِنَ الْمُسْلِمِيْنَ ﴿٧٢﴾ فَكَذَّبُوْهُ فَنَجَّيْنٰهُ وَ مَنْ مَّعَهٗ فِي الْفُلْكِ وَ جَعَلْنٰهُمْ خَلٰٓئِفَ وَ اَغْرَقْنَا الَّذِيْنَ كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا ۚ فَانْظُرْ كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ الْمُنْذَرِيْنَ ﴿٧٣﴾

وقف لازم

اي پيغمبر حق خَاتَمُ النَّبِيِّينَ ﷺ هنن کي نوح عليه السلام جو حال ٻڌايو. جڏهن هن پنهنجي قوم (اولادِ قابيل) کي چيو تہ اي منهنجي قوم جيڪڏهن اها ڳالهہ اوهان کي گران گذري ٿي جو مان (دعوت ۽ هدايت لاءِ) جمي ٻينو آهيان ۽ الله جي آيتن جي نصيحت کيان ٿو تہ منهنجو پروسو صرف الله تي آهي، توهان منهنجي خلاف جو ڪجهہ ڪرڻ گهرو ٿا، ڪري گذرو ۽ پنهنجن انهن جعلي شريڪ معبودن کي بہ پاڻ سان ملائي ونو. پنهنجي منصوبي کي سوچي سمجهي پڪو پختو ڪري ونو تہ جيئن کا ڪمي رهجي نہ وڃي، پوءِ جيڪي منهنجي خلاف ڪرڻ گهرو، ڪري ونو ۽ مون کي ٿورڙي بہ مهلت نہ ڏيو (۽ پوءِ نتيجي جو انتظار ڪريو.)(71) پوءِ بہ جيڪڏهن اوهان منهنجي دعوت کان منهن موڙيو تہ مان اوهان کان ڪو معاوضو نٿو گهران. منهنجو اجر تہ الله جي ڪرم سان وابستہ آهي. ۽ مون کي اهو حڪم مليو آهي تہ مان ان جي حڪمن آڏو سر تسليم خم ڪيان. (72) ان هوندي بہ هنن (نوح) کي ڪوڙو سمجهيو تہ پوءِ اسان هنن کي ۽ جيڪي هن سان ڪشتي ۾ گڏ هئا (طوفان جي عذاب) کان نجات ڏني ۽ اسان هنن کي جانشين (خليفو) بنايو ۽ جن ماڻهن اسان جي آيتن کي ڪوڙو سڏيو، انهن کي سيلاب ۾ غرق ڪيو. ڏسو انهن ماڻهن جو آخر ڪهڙو انجام ٿيو جن کي خبردار ڪيو ويو هو.(73)

هنن آيتن کان اڳ يهودين جي غلط عقيدن ۽ توحيد جي چٽن دليلن تي مبني بيان هيو. هت حضرت نوح عليه السلام کي نبي تسليم نہ ڪندڙن جي ذلت ۽ خواريءَ جو ذڪر آهي. ياد رهي تہ تبليغي ڪم لاءِ پهريون نبي سڏورو حضرت نوح عليه السلام آهي. قرآن جو انداز بيان ڪجهہ هن طرح آهي تہ هو پهريان بيان ۽ موعظت کي دليل ۽ ثبوت سان پيش ڪندو آهي ۽ ان کان بعد ان جي تائيد ۾ تاريخي واقعن کي آڻيندو آهي تہ جيئن نصيحت مؤثر طريقي سان سامعين جي گوش گذار ٿئي. انبياءَ اڪرام جي صداقت جو اهو نهايت واضح دليل آهي، جو کين "مُرْسَلٌ مِّنَ الله" الله جو سچو رسول هجڻ جو يقين ڪامل آهي.

حضرت نوح عليه السلام جي 950 سالن جي ڪاوش دوران ڪين پنهنجي قوم کي چوٽو پيو ته جيڪڏهن توهان کي منهنجي دعوت ۽ انتباهه گران گذرن ٿا ۽ مون کي پنهنجي بيان ۾ سچو نٿا سمجهو ته پوءِ اوهان کي اجازت آهي ته اوهان پاڻ ۽ پنهنجن هم نوا ساٿين کي ملائي زياده مان زياده جو ڪجهه ڪري سگهو، اهو منهنجي خلاف ڪريو. پنهنجن منصوبن ۾ ڪا ڪوتاهي نه ڪيو. زياده مان زياده اهتمام ڪري پنهنجي منصوبي تي عمل پيرا ٿيو ۽ مون کي ذرا مهلت نه ڏيو. پوءِ نتيجن جو انتظار ڪريو ته اوهان منهنجي دعوت کي روڪي سگهيا آهيو يا نه ۽ توهان جي مخالفت جو ڪهڙو انجام نڪتو آهي. نوح عليه السلام چيو ته مون اوهان جي آڏو ڪليو چئلينج رکيو آهي. جيڪڏهن اوهان ان جو مقابلو ڪري نٿا سگهو ۽ مون کي منهنجي دعوت کان روڪڻ جي همت به نٿا رکو ۽ نه وري منهنجي دعوت تي عمل پيرا ٿيو ٿا ته پوءِ ٺڏي دماغ سان سوچيو ته مان اوهان کان نه ڪنهن اجوري جو تقاضا ڪري رهيو آهيان ۽ نه وري ڪنهن ذاتي غرض لاءِ اوهان کي دعوت ڏئي رهيو آهيان. منهنجي دعوت اخلاق ۽ همدردي جو نتيجو آهي ۽ اجر جي اميد به پنهنجي الله کان آهي، جنهن جو حڪم آهي ته مان هڪ مسلمان جي حيثيت ۾ ان جي آڏو سرنگون ٿيان. حضرت نوح عليه السلام جي قوم ڪيس مارڻ يا اذيت ڏيڻ کان به ڏڃندي هئي ته متان ڪو الله جو عذاب نازل ٿي ۽ نه وري پنهنجي هٺ ۽ ضد سبب وڏڻن جي روش ڇڏڻ لاءِ تيار هئي. هيڏي وڏي واضح هدايت جي باوجود ۽ اهو محسوس ڪندي ته نوح عليه السلام جي دعوت مخلصانا ۽ بنا لوڀ ۽ لالچ جي آهي، پر ان هوندي به پنهنجي آڪڙ ۽ انا کي برقرار رکندي ماٺهن آڏو ڪيس ڪوڙو ڪوڙڻ لڳا. جڏهن رسولن جي دعوت اتمام حجت جي مراحل ۾ داخل ٿيندي آهي ته پوءِ الله جو عذاب اڇڻ شروع ٿيندو آهي. الله جي عذاب هڪ وڏي طوفاني سيلاب جي صورت اختيار ڪئي، جنهن دوران اسان (الله) حضرت نوح کي ۽ جيڪي ان سان ڪشتي ۾ سوار ٿيا، تن کي بچائي ورتو، پر جن اسان جي آيتن کي ڪوڙو سمجهيو انهن کي غرق آب ڪيو ۽ هي عبرتناڪ منظر ڏسڻ جوڳو آهي ته جن کي خبردار ڪيو ويو، پر ان هوندي به نه سڌريا ته انهن جو انجام ڪهڙو ٿيو.

حضرت نوح عليه السلام جي هن قصي مان معلوم ٿيو ته سمورن نبين سڳورن جو دين هڪ آهي، توڙي ڪٽي وقت ۽ حالتن مطابق شريعت ۽ منهاج هڪ جهڙا نه رهيا. "لِكُلٍّ

جَعَلْنَا مِنْكُمْ شِرْعَةً وَّ مِنْهَاجًا " (المائده: 48/5) پر دين اسلام ساڳيو رهيو. (البقره: 132/2-131، المائده: 111/5- 44، الانعام: 163/6- 162، الاعراف: 126/7، يونس: 84/10، يوسف: 101/12، النمل: 91/27-44) تمام انبياءِ ڪرام پنهنجي دعوت دوران چيو تہ "مَا سَاَلْتُكُمْ مِّنْ اَجْرٍ اِنْ اَجْرِيَ اِلَّا عَلَى اللّٰهِ" يعني انسانن جي ڀلائي ۽ اصلاح خاطر بنا ڪنهن لالچ ۽ اجر جي ڪم ڪيو. متقدمين وٽ تراويح جي اجرت ناجائز آهي. متاخرين علماءِ امام ۽ مؤذن کي نماز پڙهائڻ، اذان ڏيڻ ۽ تراويح پڙهائڻ لاءِ مناسب اجوري کي جائز ڪيو آهي، مگر اهو تڏهن، جڏهن آمدنيءَ جو ڪو ذريعو نہ هجي، ورنہ درست ناهي تہ اجورو ونڻي. مولوي حافظ محمد بلال انڍڙ صاحب هن سلسلي ۾ فقهي تفصيل مهيا ڪيو آهي، جيڪو سندس مهرباني‌ءَ سان هيٺ ڏجي ٿو:

تعليم قرآن ۽ اذان و امامت جي اجرت جائز آهي. ڪجهہ بزرگن تہ اجرت کي سنو قرار ڏنو آهي، البتہ تراويح ۽ قرآن ڪريم جي قرائت جي اجرت ناجائز آهي. فتاویٰ شامي ۾ علامه شامي رحمه الله لکي ٿو تہ "وَيُفْتَى الْيَوْمَ بِصِحَّتِهَا لِتَعْلِيمِ الْقُرْآنِ وَقَالَ فِي الْهِدَايَةِ: وَبَعْضُ مَشَائِخِنَا اسْتَحْسَنُوا الِاسْتِئْجَارَ عَلَى تَعْلِيمِ الْقُرْآنِ الْيَوْمَ لِظُهُورِ التَّوَانِي فِي الْأُمُورِ الدِّينِيَّةِ فَفِي الِامْتِنَاعِ تَضْيِيعُ حِفْظِ الْقُرْآنِ وَعَلَيْهِ الْفَتْوَى" (الرد المحتار: ج6 ص55) فَالْحَاصِلُ مَا شَاعَ فِي زَمَانِنَا مِنْ قِرَاءَةِ الْأَجْزَاءِ بِالْأُجْرَةِ لَا يَجُوزُ لِأَنَّ فِيهِ الْأَمْرَ بِالْقِرَاءَةِ وَإِعْطَاءِ الثَّوَابِ لِلْآمِرِ وَالْقِرَاءَةُ لِأَجَلِ الْمَالِ فَإِذَا لَمْ يَكُنْ لِلْقَارِئِ ثَوَابٌ لِعَدَمِ النِّيَّةِ الصَّحِيحَةِ فَأَيْنَ يَصِلُ الثَّوَابُ إِلَى الْمُسْتَأْجِرِ (شامي: ج6 ص56)

يعني اڄ جي دور ۾ قرآن جي تعليم جي اجرت ونڻ جي فتویٰ ڏيڻ گهرجي. هدايه ۾ آهي تہ اڄ جي دور ۾ بعض مشائخن قرآن جي اجرت ونڻ کي سنو ڄاڻايو آهي، جو تہ ديني معاملات ۾ سستي ۽ لاپرواهي اچي چڪي آهي. اجرت کي ناجائز قرار ڏيڻ سبب قرآن مجيد جي تعليم جي ضايع ٿيڻ جو خطرو آهي. انهيءَ ڪري ان جي جواز جي فتویٰ ڏني وئي آهي. اسان جي زماني ۾ تہ قرآن پڙهڻ جي اجرت ونڻ جي رسم پڪڙجي وئي آهي، سا ناجائز آهي، ڇوتہ قرآن پڙهڻ جو اصل مقصد ثواب حاصل ڪرڻ آهي ۽ هيءَ رسمي قرائت مال حاصل ڪرڻ لاءِ آهي. جيئن تہ قاريءَ جي نيت صحيح نہ هئڻ جي صورت ۾ ڪيس ثواب نٿو ملي تہ پوءِ اجرت ونندڙ کي قرآن پڙهڻ جو ثواب ڪيئن ملندو؟

ثُمَّ بَعَثْنَا مِنْۢ بَعْدِهٖ رُسُلًا اِلٰى قَوْمِهِمْ فَجَآءُوْهُمْ بِالْبَيِّنٰتِ فَمَا كَانُوْا لِيُؤْمِنُوْا بِمَا كَذَّبُوْا بِهٖ مِنْ قَبْلُ ؕ كَذٰلِكَ نَطْبَعُ عَلٰى قُلُوْبِ الْمُعْتَدِيْنَ ﴿٧٤﴾
ثُمَّ بَعَثْنَا مِنْۢ بَعْدِهِمْ مُّوْسٰى وَ هٰرُوْنَ اِلٰى فِرْعَوْنَ وَ مَلَا۟ئِهٖ بِاٰيٰتِنَا فَاسْتَكْبَرُوْا وَ كَانُوْا قَوْمًا مُّجْرِمِيْنَ ﴿٧٥﴾ فَلَمَّا جَآءَهُمُ الْحَقُّ مِنْ عِنْدِنَا قَالُوْۤا اِنَّ هٰذَا لَسِحْرٌ مُّبِيْنٌ ﴿٧٦﴾ قَالَ مُوْسٰۤى اَتَقُوْلُوْنَ لِلْحَقِّ لَمَّا جَآءَكُمْ ؕ اَسِحْرٌ هٰذَا ؕ وَ لَا يُفْلِحُ السّٰحِرُوْنَ ﴿٧٧﴾

نوح عليه السلام کان پوءِ ڪيترن ئي رسولن کي سندن قومن ڏانهن موڪليو. اهي هنن ڏانهن روشن دليلن سان آيا پوءِ هو جنهن کي اڳ ۾ ئي ڪوڙو چئي چڪا هئا، اهي دليل ڏسي قبول ڪرڻ وارا نه هوندا آهن. سو جيڪي ماڻهو سرڪشي ۽ فساد ۾ حد کان گذري وڃن ٿا تہ اسان انهي طرح سندن دلين تي مهر لڳائي ٿا ڇڏيون. (74) ان رسولن کان پوءِ اسان موسىٰ ۽ هارون عليهما السلام کي فرعون ۽ ان جي خاص درٻارين ڏانهن نشانيون ڏئي موڪليو. هنن تڪبر ڪيو هو، مجرم ماڻهو هئا.(75) پوءِ جڏهن اسان جي طرفان هنن تي سچائي (حق) ظاهر ٿي وئي تہ ان کي چوڻ لڳا تہ ڇنو جادو آهي. (۽ اسان ايمان نہ آڻيندا سين)(76) (کين جواب ۾) موسىٰ عليه السلام چيو تہ اوهان سچائي (حق) کي جادو چئي رهيا آهيو. جادوگر ڪڏهن بہ فلاح ۽ ڪاميابي نٿا حاصل ڪن.(77)

حضرت نوح عليه السلام جي ذڪر کان بعد ڪيترائي رسول پنهنجي پنهنجي قومن ڏانهن موڪليا ويا، انهن سان سندن قوم جو رويو بہ ساڳيو ئي رهيو، ان کان بعد حضرت موسىٰ عليه السلام جي بعثت ٿي. حضرت نوح ۽ حضرت موسىٰ عليهما السلام پنهنجي نصيحت ۽

موعظت ۾ چيو ته جيڪو الله تي ڪوڙا بهتان گهڙي ٿو، اهو ڪڏهن به ڪامياب نه ٿيندو ۽ نه وري هو الله جي رسول ﷺ جو مقابلو ڪري سگهندو. هدايت دل سان قبول ڪرڻ جو نالو آهي. ڪنهن کي زبردستي گهوٽي پياري نٿي سگهجي. جيڪي ماڻهو ضد ۽ هٺ ڏرمي سبب پنهنجي غلطيءَ تي اڙيا رهن ۽ هڪ دفعو انڪار ڪرڻ بعد کا به نصيحت ۽ فرمائش قبول ڪرڻ جا انڪاري هجن، اهڙن ماڻهن تي آخرڪار الله جي اهڙي ڦٽڪار پوندي جو کين راهه راست تي اچڻ جي توفيق ئي نه ملندي.

منهن ته آهريان ئي اجرو قلب ۾ ڪارو،
ٻاهر زيب زبان سين دل ۾ هچارو،
ان پر ويچارو ويجهو ناهه وصال جي.

(شاهه لطيف رحمه الله: سر آسا)

انبياءَ ۽ رسولن جي سلسلي کي قومن جي هدايت لاءِ جاري رکندي، اسان موسيٰ ۽ هارون عليهما السلام کي فرعون ۽ ان جي مشير درٻارين جي هدايت لاءِ نهايت صريح ۽ واضح نشانين سان موڪليو، جن جي معجزن آڏو ملڪ جا ماهر جادوگر به بي بس ٿي ويا ۽ نبي جي طرفان دلڪشا نشانيون ڏسي نه رڳو شڪست فاش آڏو سر نگون ٿيا، پر موسيٰ عليه السلام جي حقيقي الله تي ايمان آڻي مسلمان ٿي ويا ۽ فرعون جي قهر ۽ دهشت کان بي نياز ٿي ڪيس چيو ته اسان ايمان جي نعمت سان مشرف ٿيا آهيون. هاڻي توکي جيڪو ڪرڻو آهي، ڪري وڃ، مگر اسان تنهنجا عبادتگذار ۽ فرمانبردار نه ٿيندا سون. فرعون ۽ انهن جي ساٿين تڪبر ڪيو ۽ پنهنجي شڪست کي تسليم ڪرڻ بدران ان کي سازش سڏيو، چو ته هو مجرم ماڻهو هئا. انهن کان حق ۽ سچ جي کا اميد نه ٿي رکي سگهجي. جڏهن به هنن ماڻهن ڏانهن اسان جي طرفان حق آيو ته ان تي غور فڪر ڪرڻ بدران پنهنجي پراڻي روش کي قائم رکندي ان جو انڪار ڪيو ۽ چيو ته هي زبردست جادو آهي. موسيٰ عليه السلام جو تذڪرو ڪيترين ئي سورتن ۾ آيو آهي. (تفصيل لاءِ ڏسو سورة الاعراف: رکوع 13 کان 21، طٰه: 20: 9 کان 40، النازعات: 79/ 17 کان 26، الشعراء: 7/26، القصص: 3/28 کان 44 تائين) فرعون ۽ ان جي سردارن پنهنجي دولت، حڪومت، شوڪت ۽ حشمت جي نشي ۾ مدهوش ٿي، پاڻ کي بندگيءَ جي مقام کان بلند سمجهيو ۽ اطاعت ۾ سر

جهكائڻ بدران اكثر، انا ۾ تكبر جو اظهار كيو ۽ جڏهن حق پوري آب و تاب سان هن جي آڏو درخشان ٿيو تہ هن ان کي هڪ زبردست جادو جو نالو ڏئي چڏيو. موسيٰ عليه السلام چيو تہ اوهان حق بابت اهو چئو ٿا تہ اهو جادو آهي، جڏهن تہ اوهان وٽ (روشن دليل سان) آيو آهي. اوهان ۾ ايتري صلاحيت بہ نہ رهي آهي جو اوهان حق، سچ، جادو ۽ سحر ۾ فرق رکي سگهو. جادوگري تہ اکين کي متاثر ڪرڻ جو وقتي کيل آهي، جنهن کي کو بقا ۽ ثبات ناهي. ان جي مقابلي ۾ انبياءَ طرفان پيش ڪيل آيتون روشن دليل ۽ باقي رهڻ واريون حقيقتون آهن. ڇا جادوگر جي مجال آهي جو هو موسيٰ عليه السلام وانگر وقت جي فرعون جي دربار ۾ سندس سردارن جي سامهون چوي تہ تون معبود نہ، پر خدا جو بندو آهين. خدا جي وحدت ۽ يوم آخرت تي ايمان آڻ. اهڙو بي باڪ پيغام اهو ڏئي سگهي ٿو، جنهن کي الله چوي تہ اوهان فرعون ڏانهن وڃو کو خوف محسوس نہ ڪريو. مان اوهان سان هر حالت ۾ شامل حال آهيان. وڌيڪ ڏسو النازعات: 26/79-15، الاعراف: 155/7-150، البقره: 11/2-6، القصص: 28/ 1 كان 44)

قَالُوْٓا اَجِئْتَنَا لِتَلْفِتَنَا عَمَّا وَجَدْنَا عَلَيْهِ اٰبَآءَنَا وَ تَكُوْنَ لَكُمَا الْكِبْرِيَآءُ فِي الْاَرْضِ ؕ وَ مَا نَحْنُ لَكُمَا بِمُؤْمِنِيْنَ ﴿٧٨﴾ وَ قَالَ فِرْعَوْنُ ائْتُوْنِيْ بِكُلِّ سٰحِرٍ عَلِيْمٍ ﴿٧٩﴾ فَلَمَّا جَآءَ السَّحَرَةُ قَالَ لَهُمْ مُّوْسٰٓى اَلْقُوْا مَآ اَنْتُمْ مُّلْقُوْنَ ﴿٨٠﴾ فَلَمَّآ اَلْقَوْا قَالَ مُوْسٰى مَا جِئْتُمْ بِهِ ۙ السِّحْرُ ؕ اِنَّ اللّٰهَ سَيُبْطِلُهٗ ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَا يُصْلِحُ عَمَلَ الْمُفْسِدِيْنَ ﴿٨١﴾ وَ يُحِقُّ اللّٰهُ الْحَقَّ بِكَلِمٰتِهٖ وَ لَوْ كَرِهَ الْمُجْرِمُوْنَ ﴿٨٢﴾ ع ٨ ١٣

انهن جواب ۾ چيو ڇا توهان اسان وٽ انهيءَ لاءِ آيا آهيو تہ اوهان اسان کي انهن طريقن کان ڦيرايو، جن تي اسان پنهنجن ابن ڏاڏن کي ڏٺو هو ۽ توهان

ٻنهي جي زمين تي وڏيرپ قائم ٿي وجي. اسان هرگز اوهان کي تسليم ڪرڻ وارا نہ آهيون.(78) فرعون حڪم ڏنو تہ مون وٽ ماهر جادوگر وٺي اچو. (79) پوءِ جڏهن جادو گر اچي ويا تہ موسىٰ عليه السلام انهن کي چيو تہ جيڪو جادو جو داءُ لڳائڻ گهرو ٿا لڳايو.(80) پوءِ جڏهن هنن پنهنجا داءَ هنيا تہ موسىٰ عليه السلام کين چيو تہ اوهان جيڪو ڪجهہ ڪٽي آيا آهيو، اهو جادو آهي، يقيناً الله ان کي اجهو باطل (ناڪام) ڪري ڇڏيندو، بيشڪ الله فسادي ماڻهن کي ڪامياب نہ ڪندو آهي.(81) الله پنهنجي قانون محڪم (ڪلمات) جي ذريعي حق ۽ انصاف واري نظام کي مضبوط طريقي سان قائم ڪندو، جنهن سان فساد برپا ڪندڙن جا منصوبا ناڪام ٿيندا، خواهہ اهو ان مجرم ٽولي تي گران گذري (جن ظلم و ستم جي بازار گرم ڪري رکي آهي.)(82)

گذريل آيتن ۾ نوح عليه السلام جي نافرمان، ضدي ۽ هٺيلن ماڻهن جو ذڪر هيو، هن بعد ايندڙ قومن جو ذڪر آهي، جن نبين سڳورن جي تعليم جو انڪار ڪيو. جادوگر پلي ڪيترائي حربا هلائين، مگر هو ڪامياب ٿي نٿا سگهن. موسىٰ عليه السلام جو جادوگرن جي جادو وارين نوڙين ۽ لڪڙين کي نيست ۽ نابود ڪرڻ بعد جڏهن فرعون ۽ ان جي مشيرن وٽ ٻيو ڪو دليل نہ رهيو تہ چوڻ لڳا تہ موسىٰ عليه السلام تون اسان وٽ انهيءَ لاءِ آيون آهين تہ اسان کي ان طريقي کان ڦيرائي ڇڏين، جنهن تي اسان پنهنجن ابن ڏاڏن کي ڏٺو. هڪ طرف هنن جي آڏو الله جا احڪام ۽ نشانيون هيون، جن جي خلاف هنن وٽ ڪو دليل ڪو نہ هيو، ٻئي طرف وڏڙن جي روش ۽ طريقو هيو، هنن حق ۽ سچائي جو رستو ڇڏي آباء و اجداد جو طريقو اختيار ڪيو ۽ چوڻ لڳا تہ تون گهرين ٿو تہ زمين تي توهان ٻنهي جي وڏيرپ هجي. دراصل فرعون ۽ ان جي سردارن کي محسوس پئي ٿيو تہ جيڪڏهن موسىٰ عليه السلام جو پروگرام ڪامياب ويو تہ پوءِ نہ فرعون جي خدائي واري دعوىٰ رهندي ۽ نہ وري فرعوني نظام رهندو. ان ڪري هو هن پروگرام کان خوفزده ٿي پنهنجي پراڻي نظام کي باقي رکڻ جو اهتمام ڪيو ۽ موسىٰ عليه السلام کي چوڻ لڳا تہ اسان توهان کي

مڃڻ وارا نہ آهيون. فرعون پنهنجي ماڻهن کي حڪم ڏنو تہ موسىٰ عليه السلام جي جادوءَ جو ٽوڙ ڪرڻ لاءِ ملڪ جا ماهر جادوگر وٺي اچو تہ هنن سان موسىٰ عليه السلام جو مقابلو ڪرائي ڪين ناڪام ڪيون. ٻي صورت ۾ ماڻهو موسىٰ عليه السلام جي تعليم کان متاثر ٿي، ان جي پيروي ڪرڻ لڳندا ۽ اسان جو سارو نظام حڪومت ۽ حڪمراني سڀ ختم ٿي ويندا. فرعون جي ان حڪم جي پيروي ڪندي، ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان ماهر جادوگرن کي آندو ويو ۽ هڪ ڪلي ميدان تي وڏي عوام جي ميڙ ۾ موسىٰ عليه السلام جي مقابلي ۾ پيش ڪيو ويو. ڪين ڪاميابيءَ جي صورت ۾ مقربين جو مقام ڏيڻ ۽ انعامن سان نوازڻ جا واعدا ڪيا ويا، جڏهن تجربيڪار ماهر جادوگر موسىٰ عليه السلام جي آڏو مقابلي لاءِ آيا تہ جادوگرن ۽ موسىٰ عليه السلام جي وچ ۾ جيڪا گفتو ٿي، اها هن طرح آهي: موسىٰ عليه السلام جادوگرن کي چيو تہ اوهان پنهنجي جادوءَ جا داءَ لڳايو، جيڪي لڳائي سگهو ٿا. ائين نہ ٿئي تہ بعد ۾ افسوس ڪيو تہ فلاڻو داءُ رهجي ويو. جڏهن جادوگرن وقت جي نزاڪت کي ڏسندي، پنهنجي فن جو وڏي مان وڏو جادوءَ جو مظاهرو پيش ڪيو، جنهن سان هنن ڏسندڙن جي اکين کي مدهوش ڪيو، پر اها حقيقت تہ پنهنجي جاءِ تي موجود هئي تہ اهو سڀ جادو هيو. جادو حقيقت نہ پر اکين جو وقتي دوکو آهي، جهڙي طرح رڄ يا سراب کي پاڻي سمجهيو ويندو آهي. جادوگرن جون لنيون ۽ رسيون ازدها ٻڌجي دهشت پيدا ڪرڻ لڳيون، جنهن تي موسىٰ عليه السلام کين چيو تہ هي سڀ جادوءَ جو کيل آهي. الله جلد انهيءَ کي ناڪام ۽ باطل ڪرڻ وارو آهي. الله ڪڏهن بہ فسادي ماڻهن جي منصوبن کي ڪڏهن بہ درست نٿو ڪري. (الاعراف: 7/ 119-118، طٰهٰ: 20/ 65 کان 70) موسىٰ عليه السلام چيو جيڪي مون آيات پيش ڪيون، اهو جادو نہ آهي. جادو تہ هي هيو، جنهن جو حشر توهان پنهنجي اکين سان ڏٺو. الله پنهنجي ڪلمات (فرمان) سان حق کي حق ۽ سچ کي سچ ثابت ڪندو آهي. "ڪلمات" مراد آهي دلائل ۽ برهان آهن. جو الله پنهنجن ڪتابن ۾ نازل ڪرڻ فرمائي ٿو ۽ جن جو اظهار پيغمبرن جي هٿن هٿان ڪرائي ٿو. انهن کي الله جو حڪم بہ ڇڏجي ٿو تہ انبياءَ ڪرام جا معجزا بہ سڏجي ٿو ۽ ڪتاب الله جي تصديق لاءِ فرمان الاهي بہ سڏجي ٿو.

فَمَآ اٰمَنَ لِمُوْسٰٓى اِلَّا ذُرِّيَّةٌ مِّنْ قَوْمِهٖ عَلٰى خَوْفٍ مِّنْ فِرْعَوْنَ وَ مَلَا۟ئِهِمْ
اَنْ يَّفْتِنَهُمْ ؕ وَ اِنَّ فِرْعَوْنَ لَعَالٍ فِى الْاَرْضِ ۚ وَ اِنَّهٗ لَمِنَ الْمُسْرِفِيْنَ ﴿۸۳﴾
وَ قَالَ مُوْسٰى يٰقَوْمِ اِنْ كُنْتُمْ اٰمَنْتُمْ بِاللّٰهِ فَعَلَيْهِ تَوَكَّلُوْٓا اِنْ كُنْتُمْ
مُّسْلِمِيْنَ ﴿۸۴﴾ فَقَالُوْا عَلَى اللّٰهِ تَوَكَّلْنَا ۚ رَبَّنَا لَا تَجْعَلْنَا فِتْنَةً لِّلْقَوْمِ
الظّٰلِمِيْنَ ﴿۸۵﴾ وَ نَجِّنَا بِرَحْمَتِكَ مِنَ الْقَوْمِ الْكٰفِرِيْنَ ﴿۸۶﴾

پوءِ موسىٰ عليه السلام تي سندس قوم جي ماڻهن (جوانن) کانسواءِ ڪنهن ۾ ايمان نہ آندو، سو به فرعون ۽ ان جي سردارن کان ڊجندي ته هو انهن کي ڪنهن مصيبت ۾ نہ مبتلا ڪري ڇڏين. بيشڪ فرعون (مصر جي) سرزمين تي وڏو جابر ۽ سرڪش حڪمران هيو ۽ ظلم ۽ زيادتي ۾ حد کان وڌندڙ هيو.(83) موسىٰ عليه السلام چيو اي منهنجي قوم (برادري) توهان الله تي ايمان آندو آهي ته انهيءَ تي توڪل ڪريو، جيڪڏهن توهان (واقعي سچا) مسلمان آهيو.(84) تہ انهن (جواب ۾) چيو اسان الله تي ئي توڪل ڪيو آهي. اي اسان جا رب! تون اسان کي ظالم ماڻهن جي ظلم جو نشانو نہ بناءِ (85) ۽ تون اسان کي پنهنجي رحمت سان ڪافرن جي قوم کان نجات عطا ڪر.(86)

هن جي چند ماڻهن (نوجوانن) کانسواءِ بني اسرائيل جي پوري قوم يا فرعون جي قوم مان ڪير به ان ڳالهه تي آماده نہ ٿيو ته هو موسىٰ عليه السلام کي پنهنجو رهبر ۽ پيشوا تسليم ڪري ان جي پيروي اختيار ڪري ۽ هن اسلامي دعوت مان ان جو ساٿ ڏئي. "مِنۡ قَوۡمِهٖ" يعني هن جي قوم ۾ "ه" جو ضمير فرعون ڏانهن به ٿي سگهي ٿو ۽ موسىٰ عليه السلام ڏانهن به ٿي سگهي ٿو. تفسيرن ۾ ٻئي آيا آهن، پر گهٽوڪري قوم فرعون مراد آهي.

بني اسرائيل جي باقي ماڻهن جو خاص طرح اڪابر ۽ اشراف جو اهو خيال هو ته هو حضرت موسىٰ عليه السلام جو ساٿ ڏئي، فرعون جي سرڪشي ۽ سخت گيريءَ جو خطرو قبول ڪرڻ لاءِ تيار نه هئا. توڙي ڪٽي هو حضرت ابراهيم، حضرت اسحاق ۽ حضرت يعقوب عليهم السلام جا امتي هئا، پر وقت جي گردش ۽ غلاميءَ جي زندگي ۾ هو دينِ ابراهيم کان پري نڪري چڪا هئا.

غلامی میں نہ کام آتی ہیں شمشیریں نہ تدبیریں
جو ہو ذوق یقین پیدا تو کٹ جاتی ہیں زنجیریں

(اقبال)

ان کان علاوه حڪمرانن جو مراعتن ۽ خطابن جا نوازيل پنهنجون وفاداريون بني اسرائيل کان هٿائي ان وقت جي قبطي حڪمرانن جا همدردي ۽ هم نوالا هئا. پاڻ ته ايمان قبول ڪرڻ کان محروم هيا، پر نوجوانن کي به فرعون جي عذاب ۽ ظلم کان ڊيڄاريندا هئا، چو ته فرعون حد کان وڌيڪ سرڪش ۽ ظالم هيو. اهڙي سنگين ۽ صبر آزما دور ۾ موسىٰ عليه السلام انهن جوشيلن جوانن کي چيو ته اي منهنجي قوم جا نوجوانو! اوهان همت ۽ جرئت جو مظاهرو ڪندي ايمان جو سڏو رستو اختيار ڪيو آهي ۽ جنهن الله تي پختو ايمان آندو اٿو، ان تي توڪل ڪريو. الله اوهان کي ناڪام ٿيڻ نه ڏيندو، جيڪڏهن اوهان سچا مسلمان آهيو ته توڪل جو ترهو ٻڌي وڌندا رهو.

سيئي سبحان جي ڪر حوالي ڪم،
ٿي تحقيق تسليم ۾ لاهي غم وهم،
ته قادر سان ڪرم حاصل ڪري حاج تو.

(شاهه لطيف رحمه الله)

الاعراف: 7/ 129-128 ۾ آهي: "اُوْذِيْنَا مِنْ قَبْلِ اَنْ تَاْتِيَنَا وَ مِنْۢ بَعْدِ مَا جِئْتَنَا" اي موسىٰ عليه السلام! تنهنجي اچڻ کان اڳ به اسان اذيت جو شڪار رهيا آهيون ۽ تنهنجي اچڻ بعد به (ساڳيو حال آهي). موسىٰ عليه السلام جي تسلي ۽ تشفي کان مطمئن ٿي، انهن حق جو ساٿ ڏيندڙ نوجوانن چيو ته اسان جنهن الله تي ايمان آندو آهي، هاڻي انهيءَ تي توڪل ڪريون ٿا. "وَ مَنْ يَّتَوَكَّلْ عَلَى اللّٰهِ فَهُوَ حَسْبُهٗ" (الطلاق: 20/65) جيڪو به الله تي توڪل

ڪري ٿو تہ ان لاءِ الله جي حمايت ڪافي آهي. هنن نوجوانن الله جي بارگاهہ عالي ۾ عرض پيش ڪيو تہ اي اسان جا پروردگار! اسان کي ظالمن جي ظلم جو نشانو بنائڻ کان بچائي رک ۽ اسان کي پنهنجي رحمت سان ڪافر قوم کان عزت آبروءَ سان نجات عطا ڪر. ياد رهي تہ جڏهن ڪجهہ ماڻهو قيام حق لاءِ نڪرن ٿا تہ انهن کي معاشري جي مفاد پرست ظالم ٽولي سان واسطو پوي ٿو. باطل جا علمبردار حق جي دعويدارن کي ڪچلڻ لاءِ پوري قوت سان حملو ڪندا آهن، ان جي مقابلي ۾ دين حق جا جان نثار سپاهي هر مصيبت جو مردانہ وار مقابلو انهي يقين سان ڪندا آهن تہ اصل ڪاميابي حق ۽ سچائي جي ٿيٽي آهي. ان ڪري هو صبر ۽ استقلال سان مدمقابل رهندا آهن. هن آيت مان نبي اڪرم ﷺ کي بہ تسلي ڏياري پئي وجي تہ منهنجا اهي شير دل نوجوان اصحاب سڳورا بہ الله جا سچا سپاهي آهن. باقي مراعات يافتہ ماڻهو يا پوڙها مصلحت پسند آهن. اهي حق کي حق سمجهندي بہ ان جو ڪلمہ ڪلا ساڻ ڏيڻ کان ڪيبائين ٿا تہ متان وقت جا طاقتور طبقا هنن کان ناراض ٿي وڃن. پر الله تي توڪل ڪرڻ وارا ۽ ان جي حمايت سان دشمن کان نجات حاصل ڪرڻ وارا الله کان ضرور ڪاميابيون ۽ نيڪ مرادون حاصل ڪندا.

وَاَوْحَيْنَآ اِلٰى مُوْسٰى وَ اَخِيْهِ اَنْ تَبَوَّاٰ لِقَوْمِكُمَا بِمِصْرَ بُيُوْتًا وَّاجْعَلُوْا بُيُوْتَكُمْ قِبْلَةً وَّ اَقِيْمُوا الصَّلٰوةَ ؕ وَ بَشِّرِ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿٨٧﴾ وَ قَالَ مُوْسٰى رَبَّنَآ اِنَّكَ اٰتَيْتَ فِرْعَوْنَ وَ مَلَاَهٗ زِيْنَةً وَّ اَمْوَالًا فِى الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا ۙ رَبَّنَا لِيُضِلُّوْا عَنْ سَبِيْلِكَ ۚ رَبَّنَا اطْمِسْ عَلٰٓى اَمْوَالِهِمْ وَاشْدُدْ عَلٰى قُلُوْبِهِمْ فَلَا يُؤْمِنُوْا حَتّٰى يَرَوُا الْعَذَابَ الْاَلِيْمَ ﴿٨٨﴾ قَالَ قَدْ اُجِيْبَتْ دَّعْوَتُكُمَا فَاسْتَقِيْمَا وَلَا تَتَّبِعٰٓنِّ سَبِيْلَ الَّذِيْنَ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿٨٩﴾

۽ اسان موسيٰ عليه السلام ۽ ان جي ياءُ طرف وحي ڪئي تہ توهان ٻئي مصر ۾ پنهنجي قوم لاءِ چند مڪان تيار ڪريو ۽ پنهنجن انهن گهرن کي قبلو بنايو ۽ اقامت صلواة جو اهتمام ڪيو ۽ ايمان وارن کي (خدا جي نعمتن جي) خوشخبري ڏيو. (87) موسيٰ عليه السلام درخواست گذار ٿيو تہ اي اسان جا رب! بيشڪ تو فرعون ۽ ان جي سردارن کي دنياوي زندگي جا سازو سامان، مال دولت جي ڪثرت ڏني آهي تہ جيئن ان مال و دولت جي لالچ حڪومت ۽ سلطنت جي خوف کان ماڻهن کي گمراهہ ڪن، اي اسان جا رب! تون انهن جي دولت کي برباد ڪر ۽ انهن جي دلين کي ايترو سخت ڪر جو هو ڪڏهن بہ ايمان آڻي نہ سگهن تہ جيئن هو درد ناڪ عذاب اکين سان ڏسن. (88) الله عزو جل پاران ارشاد ٿيو تہ توهان ٻنهي جي دعا قبول ڪئي وئي، سو توهان ثابت قدم رهجو ۽ اهڙن ماڻهن جي رستي جي پيروي نہ ڪجو، جيڪي بي سمجهہ آهن.(89)

غلاميءَ ۾ سالها سال رهڻ بعد بني اسرائيل جي قوم ۾ مايوسي ۽ نااميدي جي ڪيفيت طاري هئي، ان کي دور ڪرڻ ۽ اميد، همت ۽ حوصلي پيدا ڪرڻ لاءِ موسيٰ عليه السلام ۽ سندس ياءُ (هارون عليه السلام) ڏانهن وحي ڪئي تہ اوهان مصر ۾ ڪجهہ مقام انهيءَ لاءِ تعمير ڪيو تہ ان ۾ نماز باجماعت جو اهتمام ٿي سگهي ۽ انهن جاين کي قبلي جو درجو ڏئي يعني مرڪزي مقام جو مرتبو ڏئي سڀني کي مرڪز تي گڏ ٿي باجماعت نظام جو انتظام ڪجي. "وَ لَقَدْ بَوَّاْنَا بَنِيٓ اِسْرَآءِيْلَ مُبَوَّاَ صِدْقٍ" ياد رهي تہ باجماعت نماز قوم جي اجتماعي اتحاد طرف پهريون قدم آهي. انبياء عليهم السلام ۾ قوم جي اصلاح ۽ تربيت جو اهو نظام هميشہ کان قائم رهيو آهي، جڏهن موسيٰ عليه السلام بہ هڪ اهڙي قوم جي جيڪا ضعيف ايمان سبب نماز باجماعت جي برڪتن کان محروم ٿي چڪي هئي، جنهن جي ڪري سندن ديني روح تي موت طاري ٿي چڪو هو. ان ڪري توهان قوم جي اهڙي طرح نئين سر سان تعمير ڪيو تہ مرده قوم بہ زندهہ ٿي ويندي ۽ اهڙن ايمان وارن ساڻين کي روشن مستقبل جي خوشخبري ڏئي ڇڏ. قوم جي نئين سر تعمير ڪرڻ جا احڪام ان

اولين دور جا آهن، جڏهن موسىٰ عليه السلام پنهنجي قوم جي اصلاح ۽ تربيت شروع ڪئي، پر اڳتي هلي جڏهن فرعون ۽ ان جي ظالم سردارن جا ظلم حد کان وڌي ويا ۽ هو ڪنهن به نصيحت ٻڌڻ لاءِ بلڪل تيار نه هئا ۽ پنهنجي مال ۽ دولت جي نشي ۾ خود ته مدهوش هئا، پر قوم کي گمراهه ڪرڻ لاءِ به لالچون ڏئي رهيا هئا ۽ طاقت جي زور تي کين هيسائي ۽ ڏيڃاري رهيا هئا. هي هجرت کان اڳ مصر وارو دور آهي، جڏهن موسىٰ عليه السلام ڏٺو ته فرعون ۽ سندس سردار سڌرڻ بدران وڌيڪ سرڪش ۽ ظالم ٿيندا ٿا وڃن ۽ بني اسرائيل جي ڪمزور ذهن ماڻهن کي گمراهه ڪري، پاڻ سان ملائي رهيا آهن. هامان به قوم موسىٰ عليه السلام مان هوندي فرعون جو حمايتي ٿي ويو ته اهڙي آخري وقت نبي سڃورا الله جو عذاب ٻڌجي عذاب جا درخواست گذار ٿيندا آهن. جهڙيءَ طرح نوح عليه السلام 950 سال پنهنجي قوم کي تبليغ ڪرڻ فرمائي ۽ بعد ۾ بددعا ڪئي: "رَبِّ لَا تَذَرْ عَلَى الْأَرْضِ مِنَ الْكٰفِرِيْنَ دَيَّارًا○" (نوح: 71/ 26) اي رب! امين تي ڪافرنن جي ڪابه بستي باقي رهڻ نه ڏي. موسىٰ عليه السلام به بارگاهه الاهي ۾ عرض ڪيو ته يا الله! فرعون ۽ ان جو ٽولو مال متاع جي زور تي ظلم ڪري رهيو آهي. سڌرڻ جي ڪا اميد ناهي، ان ڪري هنن جي مال دولت کي برباد ڪر ۽ هنن کي عذاب الاهيءَ جو نشانو بنائڻ لاءِ اجان وڌيڪ سخت دل ٿيڻ جي مهلت عطا ڪر ته جيئن هو دردناڪ عذاب ڏسي سگهن. الله تعالىٰ فرمايو ته اوهان جي دعا قبول ڪئي وئي آهي. اوهان پنهنجي ايمان ۾ پڪا پختا رهو. هنن ناشڪرن تي ڪجهه وقت لاءِ ڏنل خوشحالي ۽ آسودگي کي ائين نه سمجهو ته الله تعالىٰ هنن کي سندن اعمال جي بدلي اهي سهولتون ڏئي رهيو آهي، پر حقيقت ۾ اهو مهلت جو وقت آهي. کين ڪجهه وقت لاءِ ڍڳهي رسي ڏني وئي آهي ته هو سڌري پون، پر جڏهن اتمام حجت جا سڀ در بند ٿي ويندا ۽ هنن جي سڌرڻ جو ڪو امڪان نه هوندو ته پوءِ کين سندن پوري زندگي ۽ خدا جي ڏنل نعمتن جي ناشڪريءَ جو پورو پورو حساب ڏيڻو پوندو. ان ڪري اوهان هن گمراهه ٽولي جي پيروي ڪرڻ ۽ سندن نقش قدم تي هلڻ کان بچو. هي بي سمجهه بي عقل ۽ گمراهه ٽولو آهي. توهان صبر ۽ استقامت کان ڪم وٺو ۽ پنهنجو ڪم جاري رکو، نتيجا اوهان جي حق ۾ نڪرندا، ان ڪري توهان جلد بازي نه ڪريو. (طٰه: 20/42-36)

وَ جٰوَزْنَا بِبَنِيْۤ اِسْرَآءِيْلَ الْبَحْرَ فَاَتْبَعَهُمْ فِرْعَوْنُ وَ جُنُوْدُهٗ بَغْيًا وَّ عَدْوًا ؕ حَتّٰۤى اِذَاۤ اَدْرَكَهُ الْغَرَقُ ۙ قَالَ اٰمَنْتُ اَنَّهٗ لَاۤ اِلٰهَ اِلَّا الَّذِيْۤ اٰمَنَتْ بِهٖ بَنُوْۤا اِسْرَآءِيْلَ وَ اَنَا مِنَ الْمُسْلِمِيْنَ ۝٩٠ آٰلْـٰٔنَ وَ قَدْ عَصَيْتَ قَبْلُ وَ كُنْتَ مِنَ الْمُفْسِدِيْنَ ۝٩١ فَالْيَوْمَ نُنَجِّيْكَ بِبَدَنِكَ لِتَكُوْنَ لِمَنْ خَلْفَكَ اٰيَةً ؕ وَ اِنَّ كَثِيْرًا مِّنَ النَّاسِ عَنْ اٰيٰتِنَا لَغٰفِلُوْنَ ۝٩٢ ع ١٢

اسان بني اسرائيل کي درياءُ پار ڪرايو. فرعون ۽ ان جي لشڪر ظلم ۽ زيادتي ڪرڻ لاءِ هنن جو پيڇو ڪيو، جڏهن فرعون ٻڏڻ لڳو تہ چوڻ لڳو تہ مان ان (الله) تي ايمان آڻيان ٿو، جنهن کانسواءِ ڪو معبود ناهي. جنهن الله تي بني اسرائيل ايمان آندو آهي، مان بہ ان تي ايمان آڻي مسلمانن مان ٿيان ٿو.(90) ها، هاڻي ايمان آڻين ٿو حالانڪہ تون هن کان اڳ نافرماني ڪندو رهيو آهين ۽ تون فساد ڪندڙن مان هئين.(91) (اي فرعون!) اڄ اسان تنهنجي بي جان جسم کي بچايون ٿا تہ جيئن تون بعد ۾ ايندڙن لاءِ عبرت جو نشان ٿي وڃين. اڪثر ماڻهو اسان جي نشانين کي سمجهڻ کان غافل آهن.(92)

موسىٰ عليه السلام جي عزمِ مُصَمَّم ۽ سندس دعوت ۽ تبليغ جي تاثير کي ڏسي آخرڪار فرعون بني اسرائيل کي وڃڻ جي اجازت ڏني. موسىٰ عليه السلام پنهنجي قوم سان مصر کان روانو ٿيو تہ فرعون موڪل ڏيڻ جي باوجود سندن پيڇو ڪيو ۽ الله تعالىٰ موسىٰ عليه السلام ۽ سندس قوم کي سلامتيءَ سان درياءُ يا سمندر پار ڪرايو. فرعون ۽ ان جو لشڪر جيڪو هنن جو پيڇو ڪري رهيو هو تہ جيئن هنن کي پڪڑي، ظلم ۽ زيادتيءَ جو نشانو بنائي. هو پنهنجي طاقت ۽ سرڪشيءَ جي نشي ۾ مدهوش ٿي سمندر ۾ ڪاهي

پيو ۽ غرق ٿيڻ لڳو. موت کي پنهنجي سامهون ڏسي ۽ بچڻ جي کا بہ اميد نہ رهي تہ پڪارڻ لڳو تہ مان موسيٰ عليه السلام جي الله تي ايمان آڻيان ٿو ۽ اقرار ڪيان ٿو تہ ان الله کانسواءِ ٻئي ڪنهن جو اختيار ۽ اقتدار ناهي. الله هڪ آهي جنهن تي ايمان آڻيان ٿو ۽ ان جي آڏو پنهنجي بي بسي جو اقرار ڪري سر تسليم خم ڪريان ٿو. فرعون جي هن بي وقتي، شرمندگي ۽ توبه تي ارشاد رباني ٿيو تہ چا هاڻي موت اکين آڏو ڏسي توکي خدا ياد آيو آهي، حالانڪہ هن کان اڳ تہ تون پاڻ خدائيءَ جو دعويدار هئين. مال دولت، طاقت ۽ سلطنت جي نشي ۾ ظلم ۽ قهر جي علامت بڻيل هئين. ملڪ ۾ فساد ۽ ناانصافيءَ جو راڄ قائم ڪيو هيئي. توکي بار بار خبردار ڪيو ويو تہ هٺ ۽ ضد ڇڏي، عجز ۽ انڪساري اختيار ڪر. تنهنجي هن روش جو نتيجو تباهي آهي، پر تو توجه نہ ڏنو، جنهن جو نتيجو عبرتناڪ موت آهي، جيڪو فساد، ظلم ۽ زيادتي ڪندڙن جو مقدر آهي. فرعون! تنهنجي بچڻ جي اميد ڪانهي، پر اسان تنهنجي مرده جسم کي بچائينداسون. ان کي سمنڊ ۾ غرق ٿيڻ نہ ڏينداسون تہ جيئن تنهنجو لاش ايندڙ نسلن لاءِ عبرت جو نشان بڻجي. خدا جو اهو فيصلو حرف بحرف پورو ٿيو. سمنڊ بہ هن منحوس جو لاش قبول نہ ڪيو ۽ ان کي باهر (زمين تي) اڇلي ڇڏيو. جنهن لاش کي بعد ۾ ماڻهن ڏٺو، جيڪو اڄ بہ مصر جي عجائب گهر ۾ ممي‌ءَ جي صورت ۾ موجود آهي، جتان لاش هٽ آيو، ان کي جبل فرعون ۽ حمام فرعون جي نالن سان اڄ بہ سڏيو ٿو وڃي. 1907ع ۾ جڏهن آثار قديمہ وارن ان ممي‌ءَ جون پٽيون کوليون تہ لاش تي نمڪ جي تهہ نظر آئي، جيڪا سمنڊ جي نمڪين پاڻي جي نشاني آهي.

وَ لَقَدْ بَوَّاْنَا بَنِيْۤ اِسْرَآءِيْلَ مُبَوَّاَ صِدْقٍ وَّ رَزَقْنٰهُمْ مِّنَ الطَّيِّبٰتِ ۚ فَمَا
اخْتَلَفُوْا حَتّٰى جَآءَهُمُ الْعِلْمُ ؕ اِنَّ رَبَّكَ يَقْضِيْ بَيْنَهُمْ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ
فِيْمَا كَانُوْا فِيْهِ يَخْتَلِفُوْنَ ﴿۹۳﴾ فَاِنْ كُنْتَ فِيْ شَكٍّ مِّمَّاۤ اَنْزَلْنَاۤ اِلَيْكَ
فَسْـَٔلِ الَّذِيْنَ يَقْرَءُوْنَ الْكِتٰبَ مِنْ قَبْلِكَ ۚ لَقَدْ جَآءَكَ الْحَقُّ مِنْ رَّبِّكَ

فَلَا تَكُوْنَنَّ مِنَ الْمُمْتَرِيْنَ ﴿٩٤﴾ وَ لَا تَكُوْنَنَّ مِنَ الَّذِيْنَ كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِ اللّٰهِ فَتَكُوْنَ مِنَ الْخٰسِرِيْنَ ﴿٩٥﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ حَقَّتْ عَلَيْهِمْ كَلِمَتُ رَبِّكَ لَا يُؤْمِنُوْنَ ﴿٩٦﴾ وَ لَوْ جَآءَتْهُمْ كُلُّ اٰيَةٍ حَتّٰى يَرَوُا الْعَذَابَ الْاَلِيْمَ ﴿٩٧﴾

اسان بني اسرائيل کي سڀني عزت واري رهائش ڏني ۽ انهن کي نهايت عمدو رزق عطا ڪيو. هنن پاڻ ۾ اختلاف تڏهن ڪيا، جڏهن انهن ڏانهن الله طرفان عطا ڪيل علم اچي چڪو هو. يقين رکو ته اوهان جو الله قيامت واري ڏينهن انهن جي درميان انهن شين ۾ فيصلو ڪندو، جنهن ۾ هو اختلاف ڪندا رهيا آهن.(93) اي مخاطب قوم! جيڪڏهن توهان کي هن شيءِ (قرآن) جيڪو اسان توهان ڏانهن نازل ڪيو آهي، ان ۾ شڪ آهي ته پوءِ انهن ماڻهن کان دريافت ڪريو، جيڪي اوهان کان اڳ پڙهي رهيا آهن. اي نبي محترم ﷺ بيشڪ تو ڏانهن تنهنجي رب طرفان حق آيو آهي، سو تون شڪ ڪندڙن مان هرگز نه ٿيءُ. (ڪجهه تفسيرن ۾ آهي، اي نبي محترم ﷺ! يعني خطاب حضور ﷺ کي آهي، پر اصل ۾ خطاب انهن کي آهي جيڪي پاڻ ڪريمن جي دعوت ۾ شڪ ڪري رهيا آهن. ڪن لکيو آهي، اي سامعين!) (94) (ساڳئي انداز گفتگو کي جاري رکندي چيو ويو) ۽ هرگز انهن ماڻهن مان نه ٿجو، جيڪي الله جي آيتن کي ڪوڙو سمجهن ٿا. ورنه تون خساري وارن مان هوندين.(95) بيشڪ جن ماڻهن بابت تنهنجي رب جو فرمان صادق ثابت ٿيو آهي، اهي ايمان آڻڻ وارا نه آهن،(96) توڙي ڪٽي انهن ڏانهن سموريون نشانيون اچي به وجن، جيستائين هو درد ناڪ عذاب ڏسي وٺن.(97)

فرعون ۽ ان جي لشکر جي تباهي ۽ بني اسرائيل جي ظالماڻي نظام کان ڇوٽڪاري بعد اسان بني اسرائيل کي اهڙي جڳهه آباد ڪيو، جتي زندگيءَ جون آسائشون هيون ۽ اهڙي طرح کين خوشگوار ۽ باوقار رزق جي فراواني هئي. (الدخان: 25-26/44) اسان ته هنن کي انهن نعمتن ۽ نوازشن سان نوازيو، علم و دانش جا دروازا کوليا ويا. هڪ ٻئي پٺيان انبيا مبعوث ٿيندا رهيا، جن رشد و هدايت جو فريضو جاري رکيو، پوءِ به هنن پنهنجي دين ۾ فرقا پيدا ڪيا ۽ نوان نوان مذهب ايجاد ڪيا، جنهن ڪري قوم تقسيم درتقسيم ٿي وئي. اتحاد ۽ اتفاق جو نالو نشان نه رهيو. هي سموري خرابي، بگاڙ ۽ تفرقو اڀاڻائي جي ڪري نه ڪيو هو، جو سندن مجبوري سڏجي، پر اهو سڀ ڪجهه سوچي سمجهي شرارتن جو ثمر هيو. هنن کي واضح طور ٻڌايو ويو هو ته دين جو رستو هي آهي، ان جا اصول ۽ تقاضا صاف صاف پڌرا آهن، پر هو پنهنجي معصيت کي عين طاعت سمجهندا هئا ۽ خدا جي ڏنل هدايت جي ابتڙ پنهنجون مذهبي فرقا بنديون ڪيون، جن جو فيصلو ٿيندو ۽ حساب ڪتاب ڏيڻو پوندو.

قرآن جو اسلوبِ بيان ڪجهه هن طرح آهي ته اصل خطاب جو مقصود مؤمن هوندا آهن، پر مخاطب پيغمبر اسلام ﷺ هوندو آهي. مثال طور: "يَاأَيُّهَا النَّبِيُّ إِذَا طَلَّقْتُمُ النِّسَاءَ" (الطلاق: 1/65) اهڙي طرح آيت 94 ۾ به خطاب پيغمبر ﷺ سان آهي پر مقصود مؤمنن جي اها ابتدائي جماعت آهي، جنهن آغاز دعوت جي مظلومي ۽ بيچارگي واري حالت ۾ ايمان آندو هيو يا جيڪي به شڪ ڪري رهيا هئا. ان ڪري کين چيو ويو آهي، اوهان ۾ اهل ڪتاب موجود آهن، انهن ۾ جيڪي سڀني ڪردار جا مالڪ ديندار ۽ منصف مزاج هجن، انهن کان تصديق ڪرائي سگهو ٿا ته هي تعليم جو اهو ئي سلسلو آهي، جيڪو تمام انبياء ڏيندا آيا آهن، جيڪي ڪتاب مان پڙهي ٻڌائي سگهن ٿا. هي سراپا حق ۽ سچ آهي، جو الله جي طرفان نازل ڪيو ويو آهي، ان ۾ ڪنهن به شڪ شبهي جي ڪا به گنجائش نه آهي، سو تون شڪ ڪندڙن مان نه ٿيءُ. آيت 96 ۾ واضح ڪيو ويو آهي ته بظاهر مخاطب حضور ﷺ آهي، پر اصل خطاب انهن کي آهي، جيڪي شڪ ۽ تردد ۾ مبتلا آهن، چوته نبي سڳوري کي وحيءَ بابت شڪ ٿي نٿو سگهي. "جيڪي ڪتاب پڙهن ٿا انهن کان پڇ" مان مراد آهي نبي اڪرم ﷺ

بابت اڳين ڪتابن توريت ۽ انجيل ۾ هن قرآن ۽ رسول ڪريم ﷺ بابت نشانيون موجود آهن، شڪ ڪندڙ اهي پڙهي ڏسن تہ سندن شڪ شبها دور ٿي ويندا. هتي ب ساڳئي اسلوب ۽ انداز کي اختيار ڪيو ويو آهي تہ تون هرگز انهن ماڻهن مان نہ ٿي وڃجانءِ جيڪي الله جي آيت کي ڪوڙو ڪوڙين ٿا، ورنہ تنهنجو شمار نقصان ڪندڙن ۾ ٿيندو، جنهن جو ڪاٽو دوزخ آهي. اي حبيب ﷺ جن ماڻهن ڏانهن رسول سڳورا ۽ الله جا احڪام اچي چڪا آهن، پر پوءِ ب هو حق ۽ سچ جي راهہ اختيار ڪرڻ، ان تي سنجيدگي سان غور کان وانجها آهن ۽ پنهنجي ضد ۽ هٺ تي قائم آهن، الله جي حجت جو اتمام ٿي چڪو آهي ۽ ان جا نتيجا ظاهر ٿيڻ شروع ٿيا آهن ۽ خدا جو قانون مڪافات عمل صادر ثابت ٿيو آهي ۽ هاڻي هنن جي سڌرڻ جي ڪا ب اميد نہ رهي آهي، هو ايمان نہ آڻيندا. (البقره: 6/2، يونس: 100/10-97، يوسف: 105/12 ، يٰس: 46/36) هنن طرف پلي سپ آيتون ۽ نشانيون آڻيو، مگر هو ڪڏهن ب ان تي ڌيان ڏرڻ وارا ۽ عمل ڪرڻ وارا نہ آهن. هو پنهنجن وڏن جي روشن ڇڏڻ لاءِ تيار نہ آهن ۽ نہ وري هٺ، حسد ۽ ضد ڇڏي غور ڪرڻ وارا آهن. هنن جي دلين، اکين ۽ ڪنن کي تالا لڳي ويا آهن. (البقره: 10/2) هاڻي هو دردناڪ عذاب جو مزو چکڻ وارا آهن. "فَلَمْ يَكُ يَنْفَعُهُمْ اِيْمَانُهُمْ لَمَّا رَاَوْا بَاْسَنَا" (المؤمن: 85/40) جڏهن هنن اسان جو عذاب ڏٺو، ان بعد سندن ايمان ڪو فائدو نہ ڏنو. هي ب عذاب ڏسڻ بعد فرعون وانگر ايمان آڻيندا.

فَلَوْ لَا كَانَتْ قَرْيَةٌ اٰمَنَتْ فَنَفَعَهَاۤ اِيْمَانُهَاۤ اِلَّا قَوْمَ يُوْنُسَ ؕ لَمَّاۤ
اٰمَنُوْا كَشَفْنَا عَنْهُمْ عَذَابَ الْخِزْيِ فِي الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا وَ مَتَّعْنٰهُمْ اِلٰى
حِيْنٍ ﴿٩٨﴾ وَ لَوْ شَآءَ رَبُّكَ لَاٰمَنَ مَنْ فِي الْاَرْضِ كُلُّهُمْ جَمِيْعًا ؕ اَفَاَنْتَ
تُكْرِهُ النَّاسَ حَتّٰى يَكُوْنُوْا مُؤْمِنِيْنَ ﴿٩٩﴾ وَ مَا كَانَ لِنَفْسٍ اَنْ تُؤْمِنَ
اِلَّا بِاِذْنِ اللّٰهِ ؕ وَ يَجْعَلُ الرِّجْسَ عَلَى الَّذِيْنَ لَا يَعْقِلُوْنَ ﴿١٠٠﴾ قُلِ انْظُرُوْا

مَا ذَا فِي السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ ؕ وَ مَا تُغْنِي الْاٰيٰتُ وَ النُّذُرُ عَنْ قَوْمٍ لَّا يُؤْمِنُوْنَ ﴿١٠١﴾ فَهَلْ يَنْتَظِرُوْنَ اِلَّا مِثْلَ اَيَّامِ الَّذِيْنَ خَلَوْا مِنْ قَبْلِهِمْ ؕ قُلْ فَانْتَظِرُوْۤا اِنِّيْ مَعَكُمْ مِّنَ الْمُنْتَظِرِيْنَ ﴿١٠٢﴾ ثُمَّ نُنَجِّيْ رُسُلَنَا وَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا كَذٰلِكَ ۚ حَقًّا عَلَيْنَا نُنْجِ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿١٠٣﴾ ع ١٥

يونس عليه السلام جي قوم کانسواءِ بي کا اهڙي بستي چو نہ هئي، جو ايمان آڻي فائدو حاصل ڪري ها. يونس عليه السلام جي قوم ايمان آندو تہ اسان سندن دنيا جي زندگيءَ ۾ رسوا ڪندڙ عذاب هٽائي ڇڏيو ۽ هڪ عرصي تائين هنن کي مال و متاع سان نوازيو.(98) جيڪڏهن اوهان جي پروردگار جي اها مشيت هجي ها تہ زمين تي آباد سمورا انسان ايمان آڻين ها. (جڏهن الله هنن کي زور زبردستيءَ سان مؤمن نہ ڪيو آهي) تہ ڇا پوءِ تون هنن تي جبر ڪندين تہ هو ضرور مؤمن ٿي وڃن. (99) ڪوبہ شخص الله جي مشيت يعني قانون قدرت تي عمل پيرا ٿيڻ بغير ايمان آڻي سگهي، الله ڪفر جي گندگي انهن کي ڏيندو آهي، جيڪي عقل و شعور کان ڪم نہ وٺندا آهن.(100) تون هنن کي چؤ تہ زمين ۽ آسمان جي وسعت ۾ قدرت الاهي جون ڪهڙيون ڪهڙيون نشانيون آهن، جيڪي ماڻهو بلڪل ايمان آڻڻ نٿا گهرن تہ هي آيات (نشانيون) ۽ پيغمبر انهن کي ڪو فائدو ڏئي نٿا سگهن.(101) ڇا هي ماڻهو بہ انهن ماڻهن وارا واقعا گهرن ٿا، جيڪي هنن کان اڳ گذري (تباهہ ٿي) چڪا آهن. هنن کي چؤ تہ اوهان بہ انتظار ڪريو، مان بہ نتيجي جو انتظار ڪيان ٿو.(102) پوءِ اسان پنهنجن رسولن کي بچائي ونون ٿا ۽ مؤمنن کي بہ

جن اهڙي طرح ايمان قبول ڪيو اهو اسان جي ڪرم جو لازمي جز آهن تہ اسان ايمان وارن کي بچائي ونون. (103)

تاريخ اهڙن واقعن سان ڀريل پئي آهي تہ جڏهن قومن انبياءَ سڳورن جي دعوت کي رد ڪري ڇڏيو تہ کين الله جي عذاب گهيري ورتو. يونس عليه السلام جي قوم جو مرڪز نينويٰ جو شهر هيو، جيڪو 60 ميل جي فاصلي تي پکڙيل هيو، جن جي بداعمالين کان تنگ ٿي پيو. جڏهن ڪيس يقين ٿي ويو تہ هاڻي هن جي قوم ايمان نہ آڻيندي تہ هن کين چيو تہ اوهان منهنجي نصيحت قبول ڪرڻ کان انڪار ڪيو آهي، اوهان تي 3 ڏينهن بعد سخت عذاب اچڻو آهي. ائين چئي، حضرت يونس عليه السلام اتان هليو ويو. ان وقت تائين عذاب جا آثار نظر آيا هئا، عذاب اچان شروع نہ ٿيو هو. قوم تي عذاب جا بادل آيا تہ پوري قوم عجز و نيزاريءَ سان الله آڏو معافيءَ لاءِ سربسجود ٿي وئي تہ عذاب وارا بادل هٽي ويا. اهي عذاب جا بادل هنن جي عجز و نيزاري، توبه استغفار جي ڪري هٽيا. ڇا عذاب اچڻ کان پوءِ قومِ يونس جي معافي گهرڻ تي معافي ملي، جيڪا مڪافات عمل اچڻ بعد نہ هوندي آهي يا "اِلّا" ڇئي قوم يونس عليه السلام کي قانونِ مڪافات کان استثنيٰ ڏنو ويو. والله اعلم بالصواب

بهرحال قوم يونس تان عذاب هٽي ويو. هي قصو قرآن ۾ تفصيل سان تہ نہ آيو آهي، پر اشاري سان سورة الانبياء: 21/ 88-87، الصافات: 37/148-139، القلم: 68/ 50-48 ۾ موجود آهي، يقين سان نٿو چئجي تہ هي قوم ڪهڙي سبب عذاب کان بچي وئي. جنهن جي ڪري نہ رڳو الله جي عذاب کان بچي وئي پر هڪ عرصي تائين زندگي جي خوشگوار لمحن ۾ شاداب رهي. جيڪڏهن الله جي اها مشيت هجي ها تہ سيني ماڻهن کي راهہ راست تي زبردستي لڳائڻو آهي تہ الله جي قدرت کان ٻاهر نہ هيو. هن فرشتن کي بہ پيدا ڪيو آهي، پر انهن کي انسان وانگر اختيار ۽ ارادو نہ ڏنو آهي. اهي حڪم جا پابند آهن. "لَّا يَعْصُوْنَ اللّٰهَ مَآ اَمَرَهُمْ وَ يَفْعَلُوْنَ مَا يُؤْمَرُوْنَ○" (التحريم: 6/66) اختيار ارادو انسان کي آهي، ان ڪري ان جي احتساب جو حڪم آهي. "خَلَقَ الْمَوْتَ وَ الْحَيٰوةَ

لِيَبْلُوَكُمْ اَيُّكُمْ اَحْسَنُ عَمَلًا" (الملک: 2/67) پر الله جبر جي بدران ارادي ۽ اختيار جي اجازت ڏني آهي ته پوءِ جڏهن الله جبر نٿو ڪري ته تون ڪين جبر ذريعي مؤمن ڪيئن ڪندين؟ (المائده: 41/5، الاعراف: 186/7) جڏهن ته "لَآ اِكْرَاهَ فِي الدِّيْنِ" جو واضح اصول آهي. الله تبارڪ وتعالىٰ جي حبيب حضرت محمد مصطفىٰ خَاتَمُ النَّبِيِّيْنَ ﷺ کي تسلي ڏيڻ ته جيئن سندن دل مبارڪ تي بوجھ (بار) محسوس نه ٿئي، ان ڪري چيو ويو ته "فَلَا يَكُنْ فِيْ صَدْرِكَ حَرَجٌ" (الاعراف: 2/7) حالانڪ الله گهري ها ته سندس حڪمن جي انحرافي نه ٿئي ۽ سندس آيات جي قانون شڪني نه ٿئي ته هو سيني کي هڪ اشاري سان ايمان ۽ اطاعت لاءِ قيري سگهي ها، پر انسان جي خلافت جو راز هڪ "اِكْرَاهَ" سان ختم ٿي وڃي ها، ان ڪري ڪنهن کي جبر ۽ زور ذريعي ايمان آڻڻ لاءِ آماده ڪرڻ صريحًا ناجائز آهي. نبي اڪرم خَاتَمُ النَّبِيِّيْنَ ﷺ ته ڪڏهن به جبر نه ڪيو آهي، هت به مخاطب سندن ذات گرامي آهي، پر مقصود خطاب عام الناس کي آهي. ڪو به ماڻهو تيستائين ايمان جي دولت سان بهره ور نٿو ٿي سگهي، جيستائين هو عقل و فڪر کي استعمال ڪندي، قانون خدا جي پابندي نٿو ڪري، جنهن جي نتيجي ۾ باذن الله هو ايمان وارو ٿي سگهي، پر جيڪي ماڻهو الله جي هدايت واري رستي کان پري رهن ٿا ۽ کا به نصيحت دل جي ڪنن سان ٻڌڻ گورا نٿا ڪن ته اهڙن بي عقل ۽ بي شعور ماڻهن جي زندگي گندگيءَ جو ڊير آهي. (الانعام: 6/6-5، يونس 39/10) تون هنن کي چؤ ته ذرا زمين ۽ آسمان جي وسعت تي نظر وجهو ته انهن ۾ الله جي قدرت ۽ حڪمت جون ڪيتريون دلڪش نشانيون موجود آهن. (حٰمٓ السجده: (الانعام: 53/41) هي جو اوهان بار بار نشانيون طلب ڪري رهيا آهيو، ڇا ڪائنات جو هي عقل حيران ڪندڙ نظام اوهان جي هدايت ۽ رهبري لاءِ ناڪافي آهي. سماوي ۽ ارضي نظام جو هر هڪ نشان غور فڪر جي دعوت ڏئي ٿو.

ہر گیاہے کہ از زمیں روید وحدہ لاشریک لہ گوید

هر سلو جو زمين کان نڪري ٿو، اهو الله جي وحدت جي گواهي ڏئي ٿو. بحر بر جهنگ جهر، وڻ ٽڻ، ڪيت باغات، چشما، نديون، سمنڊ، جهاز، ٻيڙيون، چنڊ تارا، سج چنڊ جي گردش رات ڏينهن، گرمي سردي ۽ ٻيون اٽ ڳٽيون شيون موجود آهن، جيڪي ايمان

جي دعوت ڏين ٿيون، پر جن کي ايمان آڻڻو ئي نہ آهي، ان کي اهي سڀ نشانيون ڪو نفعو نہ ڏيندیون. (البقره: 2/6-7, حٰمٓ السجده: 53/41) جن ماڻهن انهيءَ روش کي پنهنجي زندگي جي منزل مقصود ناهيو هجي، انهن لاءِ هن کانسواءِ ٻيو ڇا ڇئي سگهجي ٿو تہ هو ان انتظار ۾ رهن ٿا تہ تاريخ پنهنجو پاڻ دهرائي ۽ اهڙن عملن جي نتيجي ۾ جو ڪجهہ اڳين قومن سان ٿي گذريو آهي، جنهن ۾ قومِ نوح، قومِ هود، قومِ صالح، قومِ لوط ۽ آل فرعون نمايان آهن، اهوئي هنن سان ٿئي. هنن جي سڌرڻ جي ڪا اميد نظر نٿي اچي، پر هر روز سرڪشي ۽ زيادتي ۾ اڳئين کان اڳرا ۽ ماضيءَ کان مزيد آهن. هن آيت ۾ قريش لاءِ ترغيب آهي تہ توهان بہ قوم يونس وانگر خدا جي رسول ﷺ تي ايمان آڻي، پاڻ کي عذاب کان بچائي سگهو ٿا. حضور ﷺ کي بہ تسلي ڏني ٿي وڃي تہ هن کان اڳ قومن بہ پنهنجن رسولن سڳورن کي نہ ميجيو آهي. جيڪڏهن قريش بہ انڪار ڪن ٿا تہ توکي دل رنجيده نہ هڻڻ گهرجي. ان ڪري اي رسول ﷺ تون هنن کي چؤ تہ اوهان بہ نتيجن جو انتظار ڪريو ۽ مان بہ ڪريان ٿو. (هود: 93/11) پوءِ جڏهن عذاب جو نزول ٿيندو آهي تہ ان وقت منڪرن کي تہ مڪمل تباهي ۽ بربادي ڏسڻي پوندي آهي. سندن توبه يا دانهن ڪوڪ ڪا نہ ٻڌي ويندي آهي، ڇو تہ هدايت ۽ مهلت جو وقت گذري وڃڻ کان پوءِ بخشش جي گنجائش نہ آهي، پر ان عذاب ۽ تباهيءَ کان الله پنهنجي رسولن ۽ ان جي ساٿين کي بچائي وڻندو آهي، ڇو تہ قانون خداوندي ۾ انهن جو بچائڻ واجب هوندو آهي.

قُلْ يٰٓاَيُّهَا النَّاسُ اِنْ كُنْتُمْ فِيْ شَكٍّ مِّنْ دِيْنِيْ فَلَآ اَعْبُدُ الَّذِيْنَ تَعْبُدُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ وَلٰكِنْ اَعْبُدُ اللّٰهَ الَّذِيْ يَتَوَفّٰىكُمْ ۖ وَاُمِرْتُ اَنْ اَكُوْنَ مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿١٠٤﴾ وَاَنْ اَقِمْ وَجْهَكَ لِلدِّيْنِ حَنِيْفًا ۚ وَلَا تَكُوْنَنَّ مِنَ الْمُشْرِكِيْنَ ﴿١٠٥﴾ وَلَا تَدْعُ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ مَا لَا يَنْفَعُكَ وَلَا يَضُرُّكَ ۚ فَاِنْ

فَعَلْتَ فَاِنَّكَ اِذًا مِّنَ الظّٰلِمِيْنَ ﴿١٠٦﴾ وَ اِنْ يَّمْسَسْكَ اللّٰهُ بِضُرٍّ فَلَا كَاشِفَ لَهٗۤ
اِلَّا هُوَ ۚ وَ اِنْ يُّرِدْكَ بِخَيْرٍ فَلَا رَآدَّ لِفَضْلِهٖ ؕ يُصِيْبُ بِهٖ مَنْ يَّشَآءُ مِنْ
عِبَادِهٖ ؕ وَ هُوَ الْغَفُوْرُ الرَّحِيْمُ ﴿١٠٧﴾ قُلْ يٰۤاَيُّهَا النَّاسُ قَدْ جَآءَكُمُ الْحَقُّ مِنْ
رَّبِّكُمْ ۚ فَمَنِ اهْتَدٰى فَاِنَّمَا يَهْتَدِيْ لِنَفْسِهٖ ۚ وَ مَنْ ضَلَّ فَاِنَّمَا يَضِلُّ
عَلَيْهَا ۚ وَ مَاۤ اَنَا عَلَيْكُمْ بِوَكِيْلٍ ﴿١٠٨﴾ ؕ وَاتَّبِعْ مَا يُوْحٰۤى اِلَيْكَ وَاصْبِرْ حَتّٰى
يَحْكُمَ اللّٰهُ ۚ ۖ وَ هُوَ خَيْرُ الْحٰكِمِيْنَ ﴿١٠٩﴾ ع ١١ ١٢

اي پيغمبر خَاتَمُ النَّبِيِّين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ! هنن کي چؤ تہ اي انسانؤ! جيڪڏهن اوهان منهنجي دين جي حقانيت ۾ ذرا پر بہ شڪ ۾ آهيو تہ (ڪن کولي ٻڌو تہ) مان انهن بتن جي اطاعت ڪري نٿو سگهان، جن جي اوهان الله کانسواءِ عبادت ڪريو ٿا. مان تہ ان الله جي عبادت ڪريان ٿو، جيڪو اوهان کي ماري ٿو ۽ مون کي (الله طرفان) حڪم مليو آهي تہ مان هميشہ اهل ايمان مان هجان. (104) ۽ تون (باطل کان بچي) يڪسو ٿي پنهنجو رخ دين تي قائم رک ۽ هرگز شرڪ ڪرڻ وارن مان نہ هجين. (105) ۽ الله کانسواءِ انهن کي نہ پڪار جو نہ توکي نفعو پهچائي سگهن ٿا نہ وري نقصان ئي سگهن ٿا، پر جيڪڏهن تو ائين ڪيو تہ پوءِ تنهنجو شمار ظالمن ۾ هوندو.(106) جيڪڏهن الله توکي ڪا تڪليف پهچائي تہ ان کانسواءِ ٻيو ڪير دور ڪرڻ وارو ناهي ۽ جيڪڏهن هو توسان ڀلائيءَ جو ارادو ڪري تہ ڪير بہ ان جي فضل کي روڪڻ وارو نہ آهي. هو وڏو بخشڻهار ۽ مهربان آهي.(107) اي رسول خَاتَمُ النَّبِيِّين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ! تون هنن کي ٻڌاءِ تہ اوهان ڏانهن الله طرفان حق اچي ويو آهي. پوءِ جنهن هدايت جي راهہ اختيار

ڪئي تہ بس هو پنهنجي لاءِ ئي هدايت اختيار ڪندو آهي ۽ جيڪو گمراهہ ٿي ويو، اهو پنهنجي هلاڪت لاءِ ئي گمراهہ ٿيندو آهي. مان اوهان متان داروغو نہ آهيان. مان تہ بشارت ڏيندڙ ۽ خبردار ڪندڙ آهيان. (108) اي رسول محترم ﷺ! اوهان ان جو اتباع ڪريو جو تو ڏانهن وحي ڪيو ٿو وڃي. صبر ڪندا رهو جيستائين الله فيصلو صادر ڪرڻ فرمائي ۽ هو سڀ کان وڌيڪ بهتر فيصلو ڪرڻ وارو آهي.(109)

اي نبي محترم ﷺ! تون هنن کي چؤ تہ جيڪڏهن اوهان منهنجي دعوت دين جي حقيقت کي نيڪ طرح نہ سمجهيو آهي ۽ هن وهم ۾ مبتلا آهيو تہ شايد ڪجهہ توهان جي مطلب جون ڳالهيون بہ مڃي ونان تہ هي خام خيال پنهنجي دماغ مان ڪڍي ڇڏيو. "وَدُّوْا لَوْ تُدْهِنُ فَيُدْهِنُوْنَ" القلم: 9/68) هو گهرن ٿا تہ جيڪڏهن تون هنن سان نرمي ڪرين تہ اهي بہ تو سان نرمي ڪن يا گهرن ٿا هنن کي سندن حالت تي ڇڏيو وڃي تون پنهنجي دين تي قائم رهہ ۽ اسان کي پنهنجي دين تي رهڻ ڏي. "لَكُمْ دِيْنُكُمْ وَ لِيَ دِيْنِ" (الكافرون: 6/109) ياد رکو تہ منهنجو اعلان صاف صاف هي آهي تہ مان توهان جي هٿن جي گهڙيل معبودن کي نٿو مڃان، صرف پروردگار عالم جي عبادت ڪيان ٿو ۽ ان طرف اوهان کي دعوت ڏيڻ لاءِ مامور آهيان. هن ڳالهہ کي پوري طرح سمجهڻ کان بعد جو ڪجهہ اوهان جي جيءَ ۾ اچي، ڪيو. منهنجي دعوتِ دين جو طريقو منهنجو فريضو آهي ۽ توهان پنهنجي طريقہ حيات جا پاڻ ذميدار آهيو. آخري فيصلو الله وٽ آهي. "يَتَوَفّٰكُمْ" جو مفهوم آهي، جنهن جي هٿ ۾ اوهان جي جان آهي. يعني جستائين هن جي مشيت هجي تہ ساهہ ڪٽي سگهو ۽ جڏهن گهري تہ اوهان جان، جان آفرين جي حوالي ڪري ڇڏيو. ائين نہ آهي تہ مان ان جي عبادت ڪريان ٿو، جنهن جي هٿ ۾ منهنجي جان آهي. ايئن چوڻ سان پوءِ عبادت بہ اهو ڪري، جنهن جي جان جان آفرين جي هٿ ۾ آهي. پر هت آيو تہ مان ان جي عبادت ڪيان ٿو، جنهن جان آفرين جي هٿ اوهان جي جان آهي. مطلب ٿيو تہ اوهان کي بہ ان جي عبادت ڪرڻ گهرجي جيڪو اوهان جي حيات و موت جو

اختيار رکي ٿو، نہ انهن هٿ گهڙيل معبودن جي، جن جو حيات و موت اوهان جي هٿ ۾ آهي. اوهان پنهنجي رخ کي دين طرف اهڙي طرح قائم ڪيو، جو اوهان جو رخ ان هڪ طرف ڄمائي رکو جو هِن هُن طرف هرگز نہ ٽئي، پر سدائين سڌو انهيءَ هڪ طرف رهن.

اتي ئي آهين جتي اوهان ڇڏيون
اکيون عبداللطيف چئي ماڳ نہ مٽائين
جي ٻئي در واجهائين ڪڍي ڪانگن کي ڏيان

(شاھ لطيف رحمۃ اللہ علیہ)

اکين کي ڄمائي دين متين طرف رک ۽ اهو به بلڪل يڪسوئي سان هجي. هت "اَقِمْ" ۽ "حَنِيْفًا" مان مراد آهي يڪ سوئي سان اکين کي دين متين لاءِ ڄمائي رک، انهن ماڻهن ۾ هرگز شامل نہ ٽيءُ، جو الله جي ذات ۽ صفات ۾، ان جي حقوق و فرائض ۾، اختيار ۽ اقتدار ۾ يا کنهن به اسماءُ الحسنىٰ ۾ ٻين کي شريڪ ڪن ٿا، تڏهن ته علامہ اقبال فرمايو آهي.

چوں می گويم مسلمانم بترسم

توحيد پرستي ۽ بت پرستي جو پاڻ ۾ ڪو جوڙ ناهي، ان ڪري شرڪ جلي ۽ شرڪ خفي ٻئي شرڪ آهن ۽ انهن جو مرتڪب مشرڪ ٿيندو. هي حڪم به حضور خاتم النبيين صلی اللہ علیہ وسلم جي معرفت پوري امت کي ڏنو ٿو وڃي ته الله کانسواءِ انهن (بتن جعلي معبودن) جي عبادت نہ ڪريو، جيڪي نہ توهان کي نفعو پهچائي سگهن ٿا ۽ نہ وري نقصان رسائي سگهن ٿا. هو ته بي بس بي حس بت آهن. هنن کي پنهنجي وجود جي خبر ناهي، اهي نہ توهان جي حاجت ۽ ضرورتن کي پوري ڪرڻ لاءِ ڪا مدد ڪري سگهن ٿا ۽ نہ وري اوهان کي مشڪل ۽ مصيبت کان ڇڏائي سگهن ٿا. (القصص: 88/28) نفعو نقصان الله جي مشيت سان مشروط آهي ۽ ان جي قدرت ۽ حڪمت جو اظهار آهي. ان هوندي به توهان انهن بتن، مورتين ۽ جعلي خدائن جي عبادت ڪئي ته ظالمن ۾ شمار ٿي ويندو. ياد رهي ته الله جي حڪمن جي مقابلي ۾ پنهنجا حڪم هلائڻ، خدا جي ذات ۽ صفات جو کنهن ٻئي اظهار ڪرڻ به شرڪ آهي ۽ شرڪ وڏو ظلم آهي. "اِنَّ الشِّرْكَ

لَظُلْمٌ عَظِيْمٌ " (لقمان: 13/31)

وحده لاشريڪ له اي هيڪڙائي حق
ٻيائي ڪي ٻڪ جن وڏو سي ورسيا

(شاھ لطيف رحمه الله: سر ڪلياڻ)

جيڪڏھن اوھان خدا جي قانون جي انحرافي ڪيو ۽ الله کي ناراض ڪيو ۽ ان جي نتيجي ۾ اوھان کي ڪا تڪليف پھچي تہ الله کانسوءِ ھن پوري ڪائنات ۾ ڪنھن کي بہ ايتري قدرت حاصل ناھي، جو ھو پنھنجي زور ۽ طاقت تي ان کي ٽاري سگھي، جيڪڏھن ان جو ڪو علاج آھي تہ اھو بہ قانون خداوندي ۾ رقم آھي، پر جيڪڏھن الله جي انھن قانون ۽ سنت الاھي مطابق توھان کي ڪوئي نفعو پھچڻ وارو ھجي تہ الله کانسواءِ ڪو ٻيو اھڙو ڪو نہ آھي جو ان کي روڪي سگھي. ھن ۾ ڪنھن جي تخصيص نہ آھي، پر جيڪو بہ نفعو حاصل ڪرڻ گھري تہ ان لاءِ بہ روشن راھ موجود آھي ۽ ان تي ھلي ھن کي نفعو ضرور ملندو. نفعو نقصان ان جي قانون مشيت سان جڙيل آھي. الله جي طرفان وحي جي ذريعي نبين سڳورن جي معرفت توھان جي پروردگار طرفان توھان ڏانھن سچائي اچي وئي آھي، جيڪا ھر شڪ و شبہ کان بالاتر آھي، جيڪو ماڻھو بہ ان سچائي واري ھدايت جي راھ اختيار ڪندو تہ اھو ھو پنھنجي پلي لاءِ ئي ڪندو، پر جيڪو ان سچائيءَ واري سڌي راھ کي ڇڏي، ٻيا رستا اختيار ڪندو تہ سندس ان گمراھيءَ جو وبال ان جي سر پوندو. مان اوھان لاءِ نگھبان يا وڪيل ناھيان، جو اوھان کي زبردستي ڇڪي سڌي راھ تي وڌي اچان. مان صرف خبردار ڪرڻ وارو آھيان. توھان جي ايمان نہ آڻڻ جي بازپرس مون کان ڪانہ ٿيندي. " اِنَّآ اَرْسَلْنٰكَ بِالْحَقِّ بَشِيْرًا وَّ نَذِيْرًا ۙ وَّ لَا تُسْـَٔلُ عَنْ اَصْحٰبِ الْجَحِيْمِ " (البقره:119/2) ھي اھا حقيقت آھي جيڪا اڳين نبين ۽ رسولن جي دور کان ھلندي اچي ٿي، جنھن ۾ دين جي سمجھڻ، پرکڻ ۽ پروڙڻ لاءِ چيو ويو آھي. سڄو ايمان بہ اھو آھي، جو عقل و شعور ۽ فھم و فراست جي روشني ۾ دل جي گھراين کان ايري نڪري. " وَ الَّذِيْنَ اِذَا ذُكِّرُوْا بِاٰيٰتِ رَبِّهِمْ لَمْ يَخِرُّوْا عَلَيْهَا صُمًّا وَّ عُمْيَانًا " (الفرقان: 73/25) ۽ جڏھن کين آيات الاھي سان نصيحت ڏبي آھي تہ ان ۾ ٻوڑا ۽ انڌا ٿي نٿا ڪرن، پر غور

۽ فڪر ڪري دل جي اطمينان سان تصديق ڪن ٿا. انسان ارادي ۽ اختيار جو مالڪ آهي، پلائي جي راهه هلي يا برائي جو رستو اختيار ڪري اهو هن جو پنهنجو اختيار ۽ عمل آهي. نبي سڳورا رڳو سڌي ۽ سچي رستن جا فائدا ۽ ڏنگي ۽ غلط رستن جا نقصان کولي بيان ڪندا آهن. (ق: 45/50) تون خدا جي هن پيغام کي عام ماڻهن تائين پهچائي ڇڏ ۽ تون پاڻ به وحي الاهي جي حڪم جي اتباع ۾ لڳو رهه دل شڪسته نه ٿيءُ، جيڪڏهن انڪاري ٽولو سڌرڻ جي نڪو ڪري ته تون کو غم ۽ فڪر نه ڪر، تنهنجي ذمي دين حق جي دعوت عام ڪرڻ آهي، ڪنهن کي زوري زبردستي حلقه اسلام ۾ نه آڻڻو آهي. هن راهه ۾ مشڪلاتون ۽ تڪليفون آهن، جيڪي تنهنجي راهه ۾ رڪاوٽ وجهڻ لاءِ ڪيون ويندیون، تون انهن جو صبر ۽ استقلال سان مقابلو ڪندو رهه ، ان گهڙيءَ جو انتظار ڪر جڏهن الله جو قانون مڪافات تنهنجي ۽ هنن جي درميان بهترين فيصلو صادر ڪري. "اِذَا جَآءَ نَصۡرُ اللّٰهِ وَالۡفَتۡحُ ۙ﴿۱﴾ وَ رَاَيۡتَ النَّاسَ يَدۡخُلُوۡنَ فِىۡ دِيۡنِ اللّٰهِ اَفۡوَاجًا ۙ﴿۲﴾ فَسَبِّحۡ بِحَمۡدِ رَبِّكَ وَ اسۡتَغۡفِرۡهُ ؕ اِنَّهٗ كَانَ تَوَّابًا ۧ﴿۳﴾" (النصر: 110) "اِنَّا فَتَحۡنَا لَكَ فَتۡحًا مُّبِيۡنًا ۙ﴿۱﴾" (الفتح: 48/ 1)

•••

الحمد لله! بفضله تعالىٰ و توفيقه تمت سورة يونس اليوم
اللهم اجعله هدي و نورا لي وللمسلمين بارک الله لي ولكم في القرآن العظيم
و نفعني و اياكم بالآيات والذكر الحكيم (آمين) يآ ارحم الراحمين

حيدرآباد

31-8-2022

سُورَہ هُود

سوره هود جي مضمون تي غور ڪجي ٿو ته هن جي نزول جو زمانو ۽ سوره يونس وارو آهي. ٻنهي جو موضوع تقريبًا ساڳيو آهي. البته هن ۾ تنبيه جو انداز ڪجهه سخت آهي. قرآن جي ترتيب ۾ هن سورة جو نمبر 11 آهي، پر نزول جي حساب سان75هين نمبر تي آهي. يعني هن کان اڳ 74 سورتون مڪي ۾ نازل ٿي چڪيون هيون. هن بعد 39 سورتون مڪي ۽ مديني ۾ نازل ٿيون آهن. حديث شريف ۾ آهي ته حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعالىٰ عنه پاڻ ڪريم خاتم النبيين صلى الله تعالىٰ عليه وسلم کي عرض ڪيو ته مان محسوس ڪيان ٿو ته اوهان پوڙها ٿي رهيا آهيو، جنهن تي پاڻ ڪريمن خاتم النبيين صلى الله تعالىٰ عليه وسلم فرمايو: "شَيَّبَتْنِيْ هُوْدُ وَاَخَوَاتُهَا" مون کي سورت هود ۽ ان جي هم مضمون سورتن پوڙهو ڪري ڇڏيو آهي. (هود، واقعه، مرسلات، عَمَّ يتسالون، اذا الشمس کورت ۽ ٻيون اهڙيون. (جامع ترمذي) هي اهو دور آهي، جڏهن ڪافرن جا حملا ۽ مخالفت تيز کان تيز تر ٿيندي وئي ۽ اهڙين سورتن جو نزول ٻ ٿيو، جن ۾ لڳاتار تنبيه جو عنصر هيو. حضور خاتم النبيين صلى الله تعالىٰ عليه وسلم کي اهو فڪر دامن گير هيو ته فيصلي جي گهڙي اچي نه وڃي؟ دعوت اها هئي ته پيغمبر جي اطاعت ڪريو، شرڪ ۽ ڪفر کان باز اچو، خدا جا نيڪ ٻانها ٿيو ۽ آخرت لاءِ دنيا ۾ ڪجهه ثمر گڏ ڪيو، جيڪڏهن اوهان نه سڌريا ته عذاب الاهي اچي ويندو. جنهن ۾ چند مسلمانن کي ڇڏي، باقي کي برباد ڪيو ويندو ۽ ڪين صفحه هستي تان مٽائي ڇڏيندو. براهه راست خطاب ۾ قوم نوح، عاد، ثمود، قوم لوط، اصحاب مدين ۽ قوم فرعون جا وار ڪانداريندڙ قصا موجود آهن، ڪنهن سان رعايت نه ٿيندي آهي. رعايت صرف انهن کي ملندي، جيڪي ايمان آڻيندڙ آهن. باقي نافرمان قومن جو سندن اعمال مطابق سزا جو فيصلو ٿيندو.

سوره يونس ۽ هن سورة جي شروعات "الٓرٰ" سان ٿي آهي، جنهن جي معنىٰ "اَنَا اللّٰهُ اَرٰى" مان الله آهيان، ڏسان ٿو (جيڪو ڪجهه ڪيو ٿا) هڪ اهو قول ٻ آهي ته "الٓرٰ"، "حٰمٓ" ۽ "نٓ" الله جل جلاله جي الرحمان صفاتي نالن جا جدا جدا حروف آهن. (احسن البيان في تفسيرالقرآن: مولانا محمد ادريس ڏاهري) ڪن مفسر حضرات جو چوڻ آهي ته انهن جو مفهوم ۽ مطلب رڳو الله تعالىٰ ۽ نبي ڪريم خاتم النبيين صلى الله تعالىٰ عليه وسلم ڄاڻين ٿا ۽ ان جي فيض سان اولياء ڪرام ڄاڻن ٿا. ڪن "الٓرٰ" کي الله تعالىٰ جي اسماءِ حُسنىٰ مان ڄاڻايو آهي.

آيتون ١٢٣ | سُورَه هُود (مكي سورت) | رکوع ١٠

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

الٓرٰ ۟ كِتٰبٌ اُحۡكِمَتۡ اٰيٰتُهٗ ثُمَّ فُصِّلَتۡ مِنۡ لَّدُنۡ حَكِيۡمٍ خَبِيۡرٍ ۙ﴿۱﴾ اَلَّا
تَعۡبُدُوۡۤا اِلَّا اللّٰهَ ؕ اِنَّنِىۡ لَكُمۡ مِّنۡهُ نَذِيۡرٌ وَّ بَشِيۡرٌ ۙ﴿۲﴾ وَّ اَنِ اسۡتَغۡفِرُوۡا رَبَّكُمۡ
ثُمَّ تُوۡبُوۡۤا اِلَيۡهِ يُمَتِّعۡكُمۡ مَّتَاعًا حَسَنًا اِلٰٓى اَجَلٍ مُّسَمًّى وَّ يُؤۡتِ كُلَّ ذِىۡ
فَضۡلٍ فَضۡلَهٗ ؕ وَ اِنۡ تَوَلَّوۡا فَاِنِّىۡۤ اَخَافُ عَلَيۡكُمۡ عَذَابَ يَوۡمٍ كَبِيۡرٍ ﴿۳﴾ اِلَى
اللّٰهِ مَرۡجِعُكُمۡ ۚ وَ هُوَ عَلٰى كُلِّ شَىۡءٍ قَدِيۡرٌ ﴿۴﴾ اَلَاۤ اِنَّهُمۡ يَثۡنُوۡنَ صُدُوۡرَهُمۡ
لِيَسۡتَخۡفُوۡا مِنۡهُ ؕ اَلَا حِيۡنَ يَسۡتَغۡشُوۡنَ ثِيَابَهُمۡ ۙ يَعۡلَمُ مَا يُسِرُّوۡنَ وَ مَا
يُعۡلِنُوۡنَ ۚ اِنَّهٗ عَلِيۡمٌۢ بِذَاتِ الصُّدُوۡرِ ﴿۵﴾

الله جي نالي سان شروع جو نهايت مهربان ۽ هميشہ رحم ڪرڻ وارو آهي.

الف لام را يا الله عليم حڪيم جو ارشاد آهي هي اهو ڪتاب آهي، جنهن جون آيتون مستحڪم آهن ۽ پوءِ حڪمت واري باخبر (رب) طرفان تفصيل سان بيان ڪيون ويون آهن.(1) تہ الله کانسواءِ ڪنهن جي بہ عبادت نہ ڪريو، بيشڪ مان اوهان ڏانهن اُن (الله) طرفان (برن ڪمن ڪان) خبردار ڪرڻ وارو ۽ (سنن ڪمن جي) بشارت ڏيڻ لاءِ موڪليو ويو آهيان. (2) تہ جيئن اوهان

پنهنجي رب کان مغفرت طلب ڪريو، پوءِ ان جي حضور توبه ڪريو، هو توهان کي هڪ مقرر وقت تائين سڻي مال متاع سان لطف اندوز رکندو ۽ هر فضيلت واري کي هن جي فضليت جي جزا ڏيندو، پر جيڪڏهن توهان روگرداني ڪئي تہ مان وڏي ڏينهن اوهان تي عذاب کان ڊڄان ٿو.(3) توهان کي الله طرف ئي موٽڻو آهي ۽ هو هر شيءِ تي قدرت رکي ٿو.(4) هنن جو حال تہ ڏسو هي پنهنجا سينا موڙي ٻيٽا ڪن ٿا تہ سيني جا راز الله کان لڪائي سگهن، ڏسو هي پنهنجي مٿان ڪپڙو ويڙهين ٿا تڏهن بہ الله کي معلوم آهي تہ هو جو ڪجهہ لڪائي رهيا آهن ۽ جو ڪجهہ ظاهر ڪري رهيا آهن تہ هو سڀ ڪجهہ ڄاڻي ٿو جيڪو هنن جي سيني اندر آهي.(5)

الف لام را يا الله عليم خبير جو ارشاد گرامي آهي. يا مخدوم نوح سرور ﷺ مطابق تہ هن ڪتاب (فرمان) جون آيتون مستحڪم آهن. نهايت جامع ۽ وسيع مفهوم واريون آهن. (الاعراف: 7 / 2، يونس: 2/10، يوسف: 12 /20، طٰهٰ: 20 /2 كان 4، الشعراء: 2/26، القصص: 28 /2، المؤمن: 40 /) حروف مقطعات بابت اڪثر مفسرين حضرات چون ٿا تہ اهي الله ذوالجلال والاڪرام ۽ حضور خَاتَمُ النَّبِيِّينَ ﷺ جي درميان راز آهن، جن جي ڪنهن کي خبر ناهي. بقول شاعر:

ميان عاشق و معشوق رمزيست
كراماً كاتبين را خبر نيست

پر هن جمود کي حضرت مخدوم نوح سرور ﷺ ٽوڙيو ۽ هر لفظ جو اصل مفهوم بيان ڪيو آهي. ياد رهي تہ رسول الله خَاتَمُ النَّبِيِّينَ ﷺ وٽان کين اهڙو علم عطا ٿيو آهي. ڪجهہ تفسيرن جيڪي منهنجي نظر کان گذريا آهن، تن ۾ اهي الله تعالىٰ جا اسماءِ گرامي جي نالن سان تعبير ٿيل آهن. تفسيرالبيان جاويد غامدي مطابق هر حرف

مُقطّع ان سورة جو نالو آهي. سنڌ جي هڪ وڏي معتبر عالم فاضل مفسر هن تي ڪجهه وضاحت سان لکيو آهي، پر اهو به اُڃ اجهائي نه سگهيو آهي. تفسير احسن البيان في تفسير القرآن ۾ لکڻ فرمائين ٿا ته "الٓرٰ" هن قسم جا حروف جيڪي ڪن سورتن جي ابتدا ۾ آيا آهن، انهن کي "حروفِ مقطعات" سان سڏيو ويو آهي. ڪجهه مفسرن جو قول آهي ته اهي حروف سورتن جا نالا آهن، جن جي اڳيان هي آندا ويا آهن. سيدنا ابن عباس رضي الله تعالى عنهما جو هڪ قول آهي ته اهي الله جل جلاله جا نالا آهن. (اهو درست آهي، پر ان جو ايندڙ آيت سان ڪهڙو ربط آهي؟) ٻيو قول آهي ته "الٓرٰ" جي معنىٰ آهي: "اَنَا اللهُ اَرٰى" مان الله آهيان، ڏسان ٿو. ٽيون قول آهي ته "الٓرٰ"، "حٰمٓ"، "قٓ" الله جل جلاله جي نالي "الرحمان" جا جدا جدا حروف آهن. اڳتي لکن ٿا ته انهن حرفن جي معنىٰ، مفهوم ۽ مراد حضور ڪريم خاتم النبيين صلى الله تعالى عليه وسلم جاڻن ٿا ۽ سندن ئي فيض ۽ برڪت ۽ ولي ان لله جل جلاله جا ولي ۽ ڪامل ٻانها به جاڻن ٿا. بس اولياء الله وٽ مطلب، مفهوم ۽ اڳتي جو ڪوبه ذڪر ناهي. حديث شريف ۾ آهي: "مَنْ كَتَمَ عِلْمًا تُلْجَمُ بِلِجَامِ النَّارِ يَوْمَ الْقِيَامَةِ" جا اولياءُ الله هن حديث کان واقف نه هيا، بلڪل واقف هيا ۽ جو ڪجهه الله تعالىٰ ۽ سندس پياري رسول خاتم النبيين صلى الله تعالى عليه وسلم طرفان مليو، اهو هنن پاڻ وٽ لڪائي نه رکيو، پر حرف حرف ايندڙ نسل کي مستقل عطا ڪيو. جهڙيءَ طرح حضرت مخدوم نوح سرور رحمة الله عليه قرآن مجيد جي ترجمي ۾ ڪيو آهي.

هڪ سچو قصو آهي ته هڪ شخص گرهوڙ شريف کان لنواري شريف سلطان الاولياء حضرت محمد زمان رحمة الله عليه لنواري وارن وٽ مريد جي حيثيت ۾ آيو ٿي. حضرت مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي رحمة الله عليه ان شخص کي چيو ته پنهنجي مرشد کان پڇيو ايندا ته نبي ڪريم خاتم النبيين صلى الله تعالى عليه وسلم معراج تي عرش تائين بارگاهه رب تعالىٰ پهچي ملاقات جو شرف حاصل ڪيو. ڇا هاڻي اهو رستو سندس امت لاءِ به آهي يا هميشه لاءِ بند ٿي ويو. درويش حضرت لنواري شريف رحمة الله عليه وٽ ڪجهه وقت رهي، الوداعي زيارت واري ملاقات ڪري موٽڻ جي اجازت گهري. کانئس گرهوڙي شريف جو پيغام ڏيڻ وسري ويو. حضرت سلطان الاولياء رحمة الله عليه کيس فرمايو ته اڇو وقت توکي ڪنهن کو پيغام ڏنو هو؟ چيائين ته

هائو سائين! پوءِ هن درويش اکر اکر اهو پيغام سلطان الاولياء ﷺ کي ڏنو. پاڻ ان درويش کي فرمايو تہ گرهوڙي ﷺ کي ٻڌاءِ تہ نوشيروان بادشاهہ پنهنجي محل کي شهر سان ملائڻ لاءِ دجله درياءَ تي پنهنجي لاءِ پل ٺهرائي هئي. پر هينئر ان تان عوام اچي وجي ٿو. سائين ٻڌائي سرڪار ﷺ فرمايو آهي:

جتي عرش، نہ اُپ زمين ناهہ ذرو
نڪو چارو چند جو، نڪو سج سرو
اتي آديسين جو لڳو ڏڳ ڏرو
پري پين پرو ناڻ ڏنائون ناهہ ۽

هن فقير بہ حضرت قلندر لال شهباز ﷺ بابت لکيو آهي:

عقل کان اعليٰ قلندر جو مقام
گودڑي کي تاج شاهي ڪن سلام
جت نہ آهن ڏينهن راتيون صبح و شام
۽ نڪي هي شمسي و قمري مقام
ان جڳهہ شهباز جي پرواز آهہ
جت نہ ڪو انعام آ، آفاق آهہ

(مشتاق سچاروي)

نندين سورتون مثال طور: "قُلْ هُوَ اللّٰهُ اَحَدٌ"، "وَالْعَصْرِ" ۽ "اِنَّآ اَعْطَيْنٰكَ الْكَوْثَرَ" ۽ اجمال آهي، يعني ڪوزي ۾ دريا بند آهي. تفصيل وڏين سورتن ۾ آهي. هي حڪمت واري ڪتاب جوون آيتون آهن. يعني اهڙيون فصاحت، بلاغت ۽ مفهوم مضبوط ۽ مستحڪم آهن، جيڪي نہ منسوخ يا گهٽ وڌ ٿي سگهن ٿيون، نہ مٽجي سگهن ٿيون. "اِنَّا نَحْنُ نَزَّلْنَا الذِّكْرَ وَاِنَّا لَهٗ لَحٰفِظُوْنَ" قرآن نازل بہ اسان ڪيو آهي ۽ ان جي حفاظت بہ اسان ڪنداسون. سورة العصر لاءِ امام شافعي ﷺ جو قول آهي: "لَوْ لَمْ يَنْزِلْ مِنَ الْقُرْآنِ

سِوَاهَا لَكَفَتِ النَّاسَ" يعني سورت العصر كانسواءِ قرآن مان ٻيو ڪجهہ ٻہ نازل نہ ٿئي ها تہ ماڻهن جي هدايت لاءِ هيءَ سورت ئي ڪافي هئي. "لَوْ تَدَبَّرَ النَّاسُ هٰذِهِ السُّوْرَةَ لَوَسِعَتْهُمْ" جيڪڏهن قرآن مان ٻيو ڪجهہ نازل نہ ٻہ ٿئي ها تہ هيءَ سورت ماڻهن جي هدايت لاءِ ڪافي هئي. اهڙيءَ طرح سورة الاخلاص کي قرآن جو ٽيون حصو چئبو آهي. پر اهڙين ننڍين سورتن ۾ آيتن بعد انهن جو تفصيل بيان ڪيو ويو آهي. يعني پهريان اعجاز جامعيت ۽ اختصار جو طريقو اختيار ڪيو ويو ۽ وري پوءِ ان کي تفصيل سان بيان ڪيو ويو. هي عليم و خبير الله جي حڪمت جو شاهڪار آهي، جيڪو انساني فطرت کان ٻہ آگاهہ آهي ۽ ان هدايت جي طريقن کي ٻہ ڄاڻي ٿو. (النحل: 6/16، الانبياءِ: 21 /108- 76-25، الزخرف: 43 /13) "فَاَوْحٰۤى اِلٰى عَبْدِهٖ مَاۤ اَوْحٰى" (النجم: 53 /10) پوءِ هن الله پنهنجي ٻانهي تي جيڪي گهريو، اهو نازل ڪيو. "اَلرَّحْمٰنُ ○ عَلَّمَ الْقُرْاٰنَ○" رحمٰن ئي قرآن سيکاريو. "وَمَا يَنْطِقُ عَنِ الْهَوٰى" (النجم: 53 /3)

هن ڪتاب جي تعليم جو بنيادي نقطو ۽ هن آيت جو مطلوب مفهوم اهو آهي تہ عبادت رڳو الله جي ڪجي ۽ ان جي حڪمت جي اطاعت ڪجي. هن کان اڳ جيترا ٻہ رسول سڏگورا آيا آهن ۽ هي رسول خَاتَمُ النَّبِيِّيْنَ ﷺ اوهان کان پنهنجي اطاعت نٿو ڪرائي. هو خدا جي دين ۽ حڪم جي فرمان جي اطاعت ڪرائي ٿو ۽ اوهان کي صاف طور ٻڌائي ٿو تہ سندس ٻڌايل رستي تي زندگي بسر ڪرڻ جا نتيجا ڪيترا خوشگوار ۽ شاداب آهن ۽ ان جي خلاف ورزي ڪرڻ جا ڪهڙا هولناڪ انجام آهن. الله جو رسول خَاتَمُ النَّبِيِّيْنَ ﷺ اوهان کي آگاهہ ڪري ٿو تہ جيڪڏهن اڄ تائين اوهان بيشمار ڏوهہ ۽ ڏاڍايون ڪيون آهن ۽ سچي دل سان توبہ ڪري يعني ان گناهگار زندگيءَ کي ڇڏي، الله جي حفاظت جو استغفار سان سامان طلب ڪريو. (المائدہ: 66 /5، النحل: 16 /67، نوح: 71 /15) ۽ زندگيءَ جي باقي گوناگون رنگينين کي ڇڏي، يڪسوئيءَ سان پنهنجو پاڻ کي ان ڏانهن پوري طرح متوجہ ڪيو تہ هو توهان کي هڪ معينہ مدت تائين اوهان جي اعمال و ڪردار جي روشنيءَ ۾ نهايت خوشگوار ۽ پسنديده سامان زندگيءَ سان بهره ياب ڪندو ۽ جيڪو ماڻهو ٻہ ان جي فضل جو مستحق هوندو، هو ان کي پنهنجي فضل سان نوازيندو. عزت ۽

شرف سان هوندا ذلت ۽ خواري کان محفوظ هوندا. "مَنْ عَمِلَ صَالِحًا مِّنْ ذَكَرٍ اَوْ اُنْثٰى وَ هُوَ مُؤْمِنٌ فَلَنُحْيِيَنَّهٗ حَيٰوةً طَيِّبَةً" (آل عمران: 3 / 195، النساء: 124/4، النحل: 16 /9 المؤمن: 40/ 40) مرد هجي يا عورت هجي، سڀ سان يڪسان سلوڪ ڪيو ويندو. هن راهه راست کي اختيار ڪرڻ سان نه رڳو توهان جي آخرت ڪامياب ۽ ڪامران ٿيندي، پر دنيا ۾ به سڪ ۽ خوشحاليءَ واري زندگي نصيب رهندي، پر جيڪڏهن توهان هن راهه کان هٽي، گمراهيءَ جو رستو اختيار ڪيو تہ پوءِ مان اوهان لاءِ ڏاڍي درد ناڪ عذاب واري ڏينهن جو خوف ڪيان ٿو.

ياد رکو الله جي قانون کان روگرداني ڪري توهان ڪٿي به پناهه حاصل ڪري نٿا سگهو. اوهان جي زندگيءَ جو هر لمحو، هر فعل، هر چرپر انهيءَ طرف ئي آهي ۽ اوهان جي هر عمل جو نتيجو ان مطابق مرتب ٿيندو آهي. هن وٽ هر عمل ۽ ان جي نتيجي جا پورا پورا پيمانا، مقدار ۽ اندازا مقرر آهن ۽ انهن تي هن جو پورو پورو تسلط ۽ قبضو آهي. گويا پنهنجي عملن سان ان جي حضور ۾ ئي پيش ٿيڻو پوندو. انسان جو هر عمل الله جي قانون مڪافات جي گرفت کان بچيل ناهي. هنن جي احمقانہ حال تي تہ نظر وجهو، جو هي دهري شخصيت جي زندگي بسر ڪن ٿا. سيني ۾ لڪائي هڪ راز رکن ٿا تہ ٻاهر ڪجهہ ظاهر ڪن ٿا. هو سمجهن ٿا تہ اهڙي طرح دغلي ڏوڪي ڏيڻ واري روش جنهن ۾ سندن سيني جي ٻيائي نظر اچي ٿي، پنهنجي خيال ۾ خوش رهن ٿا. نہ هو الله جي نگاهہ کان بچي ويا آهن يا پنهنجي شخصيت تي پردو وجهڻ لاءِ پاڻ کي بچائڻ گهرن ٿا. (المائده: 5 /66، الاعراف: 7/7، يونس: 10 /61، النحل: 97/16، ق: 50 /16، نوح:71 /7) هنن کي معلوم هئڻ گهرجي تہ هو پنهنجن هنن ناڪام ڪوششن ۾ ڪڏهن ب ڪامياب نہ ويندا. ان ڪري جو هو ڪهڙي طرح ب ڪجهہ لڪائڻ جي ڪوشش ڪن ۽ ظاهر ڪجهہ ڪن، خدا وٽ اهو سڀ ڪجهہ عيان آهي. هو تہ اکين جي جنبش ۽ دل ۾ ايندڙ خيالن کان واقف آهي. "يَعْلَمُ خَآئِنَةَ الْاَعْيُنِ وَمَا تُخْفِي الصُّدُوْرُ" (المؤمن: 19/40) منافقتن ۽ ٻيائي واري منافقن جي انهيءَ عمل کي سورت نوح 71/7 ۾ ب ساڳي طرح بيان ڪيو ويو آهي.

وَمَا مِنْ دَآبَّةٍ فِي الْاَرْضِ اِلَّا عَلَى اللّٰهِ رِزْقُهَا وَ يَعْلَمُ مُسْتَقَرَّهَا
وَمُسْتَوْدَعَهَا ؕ كُلٌّ فِيْ كِتٰبٍ مُّبِيْنٍ ۝۶ وَهُوَ الَّذِيْ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ
فِيْ سِتَّةِ اَيَّامٍ وَّ كَانَ عَرْشُهٗ عَلَى الْمَآءِ لِيَبْلُوَكُمْ اَيُّكُمْ اَحْسَنُ عَمَلًا ؕ
وَلَئِنْ قُلْتَ اِنَّكُمْ مَّبْعُوْثُوْنَ مِنْۢ بَعْدِ الْمَوْتِ لَيَقُوْلَنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْٓا اِنْ
هٰذَآ اِلَّا سِحْرٌ مُّبِيْنٌ ۝۷ وَلَئِنْ اَخَّرْنَا عَنْهُمُ الْعَذَابَ اِلٰٓى اُمَّةٍ مَّعْدُوْدَةٍ
لَّيَقُوْلُنَّ مَا يَحْبِسُهٗ ؕ اَلَا يَوْمَ يَاْتِيْهِمْ لَيْسَ مَصْرُوْفًا عَنْهُمْ وَحَاقَ بِهِمْ
مَّا كَانُوْا بِهٖ يَسْتَهْزِءُوْنَ ۝۸ ع

ۼ زمين جي بحر و بر ۾ فضا ۾ اڏامندڙ (رهندڙ) کو به جاندار ناهي، مگر ان جو رزق الله جي ذمي آهي. هو ان جي مستقل رهائش ۽ ان جي عارضي طور سپرد ڪرڻ واري هنڌ کان به واقف آهي، هي سڀ ڪجهه ڪلئي ڪتاب ۾ درج آهي. (6) هي اهو الله آهي، جنهن آسمانن ۽ زمين کي ڇهن ڏينهن يا ڇهن تنزلات، تجليات ۽ تعينات جي مرتبن ۾ پيدا ڪيو. ان جو تخت پاڻي تي هيو، پاڻيءَ مان ئي زندگيءَ جا آثار رونما ٿيڻ شروع ٿيا ته جيئن هو اوهان کي آزمائش مان گذاري معلوم ڪري ته توهان مان ڪير چڱا ڪم ڪرڻ وارو آهي. جڏهن تون هنن کي چوين ٿو ته توهان کي مرڻ بعد وري زندهه ڪيو ويندو ته هو ڪافر چون ٿا ته هي ڪليو جادو آهي.(7) پر جيڪڏهن اسان قانون مهلت مطابق هنن کي ڏکهي رسي ڏيون ٿا ته چون ٿا ته ڪهڙي شيءِ(عذاب) کي روڪي رکيو آهي، خبردار! جڏهن اهو ڏينهن انهن تي اچي ڪڙڪندو ته اهو هنن کان ٻئي طرف

موڙيو نہ ويندو ۽ هنن کي اها حرڪت گهيري ونندي، جنهن کي هو ڪل پوڳ، چرچو ۽ ننڍول سمجهندا هئا.(8)

هن کان اڳ آيت نمبر 11/3 ۾ آيو آهي تہ جيڪو استغفار ڪندو، الله جي حفاظت جا اسباب طلب ڪندو ۽ گناهہ ۽ غلط طريقي کان پاڻ کي بچائيو، سڌي راهہ تي ايندو تہ ان کي زندگيءَ جون خوشگوار بهارون نصيب ٿيندیون. خدا جي ربوبيت جون نوازشون عام آهن ۽ هر ذي جان تائين پهچي وڃن ٿيون. روءِ زمين تي ڪوبہ اهڙو جاندار موجود ناهي، جنهن جي رزق جي ذميداري الله جي ڪرم جو عطيو نہ هجي.(العنڪبوت: 29/60-17) "عَلَى اللهِ رِزْقُهَا" ۾ "عَلٰى" مان مراد وجوب آهي. يعني الله تعالىٰ هنن کي پنهنجي مشيت موجب رزق ڏيڻ وارو آهي. اهڙيءَ طرح آهي: "وَ كَانَ حَقًّا عَلَيْنَا نَصْرُ الْمُؤْمِنِيْنَ" (الروم: 47/30) اسان تي مؤمنن جي مدد ڪرڻ حق آهي. يعني هر حالت ۾ ٿيندي، نہ ٿيڻ جو ڪو امڪان نہ آهي. نبي ڪريم ﷺ جي هڪ دعا آهي: "بِحَقِّ نَبِيِّكَ وَالْاَنْبِيَآءِ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِيْ" (پنهنجي نبي ﷺ ۽ پوين نبين جي مهابي) ان ڪري "بِحَقِّ لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللهِ" وانگر چوڻ درست آهي. (احسن البيان)

جنهن کي پوريءَ طرح معلوم آهي تہ ڪنهن کي هڪ معلوم منزل تي رهڻ ۽ ان کان بعد اڳتي ارتقائي منزل طئي ڪرڻ لاءِ جنهن جنهن شيءِ جي ضرورت آهي، اها مهيا ڪري ٿو. ڪنهن جي زندگيءَ جي پچاڻي ۽ ان بعد ٻئي زندگي طرف ارتقائي قدم کڻڻ جي الله کي سڀ اهڙيءَ طرح معلوم آهي، جو هن جي ڪتاب تقدير ۾ سڀ ڪجهہ محفوظ آهي.(الانعام: 152/6-99، العنڪبوت: 69/29، يٰس: 47/36، حٰم سجده: 10/41، الرحمان: 29/55) هي ان الله جو نظام آهي، جنهن هيٺ هر ذي جان جي زندگي جي بقا لاءِ رزق جو اهتمام ڪيو ويو ۽ هن کان اڳ آسمان ۽ زمين ڇهن مرحلن (ادوار) يا ڇهن مرتبن جي تنزلات، تجليات ۽ تعينات سان وجود ۾ آيا، هن کان اڳ دخان (انڌيري) ۾ هيا (المؤمنون: 115/23، ص: 27/38، النَّازعات: 56/51) ۽ ان وقت نظام پاڻيءَ تي موجود هو، جتان عرش الاهي جا احڪام جاري ٿيندا هئا.(يونس: 9/10، الملڪ: 3/67) اهو سلسلو هلندو هلندو هن عالم ناسوت يعني موجوده عالم ڪائنات تي پهتو ۽ انسان کي قانون

خداوندي کي زمين تي رائج ڪرڻ جو فريضو سونپيو ويو تہ جيئن ڪيس آزمائش جي مرحلن مان گذاري ڏسي تہ ڪير نڪري چندن ٽيو آهي ۽ حيات جاويد جو حقدار بڻيو آهي. (الملک: 2/67) ۽ رزق جا دروازا عوام لاءِ کليل رکي ٿو. (الليل: 18/92-7-5) ۽ جڏهن هنن ماڻهن کي چئجي ٿو تہ دنيا جي هن چند روزه زندگيءَ جي ختم ٿيڻ بعد هڪ حيات جاويد جو ظهور ٿيڻو آهي. (الملک: 2/67) جنهن کي وري عدم جو منهن ڏسڻو نہ پوندو تہ هي ڪافر چون ٿا تہ اهو هڪ پڌرو جادو آهي. يعني هو نہ رڳو حيات بعد موت جو انڪار ڪن ٿا، پر الله جي هن پوري نظام جا منڪر آهن، جنهن نظام هيٺ ڪائنات جي ابتدا ٿي. آسمان زمين ناهيا ويا. حديث ۾ آهي تہ الله تعالىٰ آسمان ۽ زمين جي تخليق کان پنجاهہ هزار سال اڳ مخلوقات جي تقدير لکي سندس عرش پاڻيءَ تي هو، يعني سڀ کان اول پاڻي هيو. حيات کي پاڻي (Liquid) يا اهڙي رطوبت جي مادي سان پيدا ڪيو ويو ۽ زندگيءَ جو مرحلو خدا جي ربوبيت ۽ رحمت واري نظام هيٺ جاري رهيو. انسان کي هن ڪائنات جو روح بنايو ويو. انسان عالم صغير ۽ ڪائنات عالم ڪبير آهي، جتي انسان کي آزمائش مان نڪاري، نيڪ اعمال پرکڻ جو موقعو ملي ٿو. جتي هو پاڻ سان گڏ ٻين جي پلائي لاءِ پاڻ پتوڙي ٿو. (الليل: 19/92) هن پوري نظام تي غور و فڪر ڪرڻ بدران کي اهڙا بہ عقل جا انڌا آهن، جو نبي اڪرم ﷺ پاران ٻڌايل دين حق پيغام کي قبول نٿا ڪن ۽ چون ٿا تہ اهو چٽو پٽو جادو آهي. (المائده: 24/5)

نوٽ: ست ايام بابت ڏسو سورت يونس جي آيت نمبر 3 جو تفسير. هت ان کي ڌهرائڻ بدران ان تي قناعت ڪجي ٿي.

جڏهن الله جو رسول ﷺ هنن ڪافرن ۽ مشرڪن کي دين حق جي دعوت ڏيڻ لاءِ آيات الاهي بيان ڪري ٿو، جنهن ۾ ڪين خبردار ڪيو ٿو وڃي تہ جيڪڏهن اوهان راهہ حق ختيار ڪرڻ کان انڪار ڪيو ۽ پنهنجي بداعمالي بداخلاقي ۽ بي اعتمادي واري روش تي قائم رهيا تہ پوءِ اوهان جي انهيءَ روش جو نتيجو هولناڪ عذاب هوندو. ان تي هو چون ٿا تہ پوءِ ان عذاب کي هينئر ڪنهن روڪيو آهي. پلي هينئر اچي جيڪڏهن اوهان سچا آهيو. هنن کي چئو تہ هن حقيقت کي هوش جي ڪنن سان ٻڌو، سمجهو تہ اها تباهي هر حال ۾ اچي رهندي ۽ حجت تمام ٿيڻ بعد جڏهن آئي تہ ان کي

ڪير بہ روڪي نہ سگھندو ۽ ان جو رخ ٻئي طرف موڙي سگھندو ۽ اوھان پاڻ پنھنجين اکين سان ڏسندا تہ جنھن شيءِ تي اوھان ننوليون ڪندا ھئا، ان اوھان کي ڪھڙي طرح چارئي طرفن کان گھيري ورتو آھي.

"امة" جو لفظ مدت لاءِ بہ استعمال ٿئي ٿو. (يوسف: 45/12) پيشوا جي معنيٰ ۾ بہ (النحل: 120/16) "اِنَّ اِبْرٰهِيْمَ كَانَ اُمَّةً" بمعنيٰ پيشوا، اڳواڻ. دين جي معنيٰ ۾ بہ "اِنَّا وَجَدْنَآ اٰبَآءَنَا عَلٰٓى اُمَّةٍ (الزخرف: 23/43) جماعة جي معنيٰ ۾ بہ. (القصص:23/28، الاعراف:159/7) "لِكُلِّ اُمَّةٍ رَّسُوْلٌ" (يونس(: 47/10) "كَانَ النَّاسُ اُمَّةً وَّاحِدَةً "

وَ لَئِنْ اَذَقْنَا الْاِنْسَانَ مِنَّا رَحْمَةً ثُمَّ نَزَعْنٰهَا مِنْهُ ۚ اِنَّهٗ لَيَـُٔوْسٌ كَفُوْرٌ ۝۹ وَ لَئِنْ اَذَقْنٰهُ نَعْمَآءَ بَعْدَ ضَرَّآءَ مَسَّتْهُ لَيَقُوْلَنَّ ذَهَبَ السَّيِّاٰتُ عَنِّيْ ؕ اِنَّهٗ لَفَرِحٌ فَخُوْرٌ ۝۱۰ اِلَّا الَّذِيْنَ صَبَرُوْا وَ عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ ؕ اُولٰٓئِكَ لَهُمْ مَّغْفِرَةٌ وَّ اَجْرٌ كَبِيْرٌ ۝۱۱ فَلَعَلَّكَ تَارِكٌۢ بَعْضَ مَا يُوْحٰٓى اِلَيْكَ وَ ضَآئِقٌۢ بِهٖ صَدْرُكَ اَنْ يَّقُوْلُوْا لَوْ لَآ اُنْزِلَ عَلَيْهِ كَنْزٌ اَوْ جَآءَ مَعَهٗ مَلَكٌ ؕ اِنَّمَآ اَنْتَ نَذِيْرٌ ؕ وَ اللّٰهُ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ وَّكِيْلٌ ۝۱۲ ؕ

جيڪڏھن انسان کي اسان پنھنجي رحمت جو مزو چکايون پوءِ واپس وٺون تہ ھو نھايت مايوس ۽ ناشڪرو ٿي وڃي ٿو(9) ۽ جيڪڏھن اسان ھن کي تڪليف رسڻ کان بعد نعمتن جو مزو چکايون تہ ضرور چوندو تہ منھنجون سڀ تڪليفون مون کان پري ٿي ويون. بلاشڪ ھو خوش ٿيڻ ۽ فخر ڪندڙ ٿئي ٿو.(10) سواءِ انھن ماڻھن جي، جن صبر ڪيو ۽ نيڪ عمل ڪندا رھيا. اھڙن ماڻھن لاءِ مغفرت ۽ اجر عظيم آھي.(11) سو مخالفن جي خواھش ۽

ارادي سبب شايد توکي ان مان ڪجھ ڇڏڻ جو خيال اچي ۽ ان مان تنھنجو سينو تنگ ٿيڻ لڳي، ڪافرن جي ھن چوڻ تي تہ ھن رسول خَاتَمُ النَّبِيِّيْنَ صلى الله عليه وسلم تي خزانو ڇو نازل نہ ٿيو آھي. ھن سان گڏ ڪو فرشتو ڇو نہ آيو، بيشڪ تون خراب نتيجن اچڻ کان اڳ کين ڊيڄارين ۽ خبردار ڪرڻ وارو آھين (ڪا دنيا جي لالچ يا رعب تاب مقصود ناھي). (12)

ھن آيت ۾ انسان تي گذرڻ وارين مختلف حالتن ۽ ڪيفيتن جو ذڪر آھي. ڪڏھن خوشي تہ ڪڏھن غمي، ڪڏھن تندرست ۽ توانا آھي تہ ڪڏھن بيمار ۽ لاچار. انھن ٻنھي حالتن ۾ ڪافر جو ردعمل پنھنجو ھوندو آھي ۽ مؤمن جو ردعمل پنھنجو ھوندو آھي. "اَلْاِنْسَانُ" مان مراد انسان جي جنس آھي، ڪو خاص شخص يا قوم نہ آھي. انسان ڏاڍو جلد باز آھي. "وَكَانَ الْاِنْسَانُ عَجُوْلًا"، ڪوتاھ نظر "خُلِقَ الْاِنْسَانُ ضَعِيْفًا" ۽ ناشڪرو آھي، "لَئِنْ شَكَرْتُمْ لَاَزِيْدَنَّكُمْ" جڏھن ھن کي الله جي رحمت سان ڪا خوشي ۽ ڪاميابي نصيب ٿئي ٿي ۽ پوءِ ڪنھن سبب ڪري ان کي ڪا مشڪل يا تڪليف پيش اچي ٿي تہ ھو يڪدم مايوس ۽ ناشڪرو ٿي وڃي ٿو. اھو نٿو سوچي تہ ھي اھو سڀ ڪجھ ھن جو پنھنجو ڪارنامو آھي، جنھن جي نتيجي ۾ نعمتن کان محرومي نصيب ٿي آھي.(ھود: 11/11) ھو اھو سڀ ڪجھ پلجي وڃي ٿو. ھن تي الله جي نظر، ڪرم ھئي ۽ اھو اطمينان رکي تہ ڪالھ سڪ ھئا، اڄ ڏک آھن تہ سياڻي وري سک ايندا. "فَاِنَّ مَعَ الْعُسْرِ يُسْرًا ۝ اِنَّ مَعَ الْعُسْرِ يُسْرًا ۝" (الم نشرح: 94 / 6 - 5)

ڏک سکن جي سونھن گوريا سک ڏکن ري.

سکر سي ئي ڏينھن، جي مون گھارا بند ۾.

(شاھ رحمۃ الله عليه)

پر وري ان ساڳئي انسان جو ھي حال آھي، جڏھن ھر طرف کان ھن تي مصيبتن جي برسات ٿئي ٹي تہ ھر وقت پريشان رھي ٿو، پر جڏھن ھن کي وري نعمتن ۽ نوازشن

جو مزو چکايو ٿو وجي ۽ هن جا ڏينهن رات خوشگوار ۽ شاداب گذرن ٿا ته هو سمجهي ٿو ته منهنجون سڀ مصيبتون رفع دفع ٿي ويون ۽ وري واپس نه ايندیون. اهڙي طرح هو پاڻ تي فخر کري ٿو ۽ خوشيون ملهائي ٿو. گويا هن زندگيءَ جو مقصود حاصل کري ورتو آهي ۽ هاڻي هن جي زندگيءَ جو چمن سدا بهار آهي، جنهن کي خزان جو کو خطرو ناهي. بس گردش زمانہ جو دور هيو، گذري ويو. "جيڪي انسان خوشيءَ ۾ خوشيون ملهائين ٿا ۽ مصيبت ۾ روڄ راڙو کن ٿا" مان اصل مراد اهي ماڻهو آهن، جن جو ذکر ٿي رهيو آهي. پر اهي ماڻهو جيڪي صبر ۽ ثبات جو مظاهرو کن ٿا، يعني خوشيءَ وقت بہ حد کان ٻاهر نٿا ٿين ۽ صبر ۽ ثبات کان کم ونن ٿا، پر جڏهن کين تکليفن بعد خوشحالي نصيب ٿئي ٿي ته ان تي ناز کرڻ، فخر ۽ غرور جو مظاهرو کرڻ بدران شکر صبر ۽ ثبات کان کم ونن. هي انهن ماڻهن جو شيوه آهي، جيڪي نيڪ عمل کن ٿا ۽ پاڻ کي الله جي رضا ۽ قضا تي هر حال ۾ متوازن رکن ٿا. اهڙن ماڻهن لاءِ الله طرفان سندن کوتاهين ۽ کمزورين لاءِ مغفرت جي نويد آهي ۽ کين اجر عظيم سان نوازيو ويندو.

مکي جا قريش کعبة الله جا خدمتگار هجڻ کري معاشري ۾ نهايت عزت و احترام سان ڏٺا ويندا هئا، تجارت پيشه هئڻ کري معاشي طور بہ مستحکم هئا. کعبة الله جي زيارت لاءِ ايندڙ قبيلن جي ميزبانيءَ جو شرف هئڻ سبب وقت جي سرفرازي ۽ بلندي سموري سندن حصي ۾ هئي. اهڙي بااثر خوشحال ۽ معزز قبيلي جو هک انسان کامل کين چوي ٿو ته هي اوهان جا رسم و رواج عقيدا ۽ طريقا وڌج واپار سڀ غلط ۽ گمراهيءَ جي رستي تي آهن، جنهن جو نتيجو نهايت دردناک عذاب آهي. آءٌ الله جو رسول ﷺ آهيان، اوهان کي گمراهيءَ کان کڍي، سچي ۽ سڌي رستي تي آڻڻ گهران ٿو. هي انقلابي پيغام ان معاشري لاءِ هک ڏماکو هيو، ان کري پنهنجا پراوا سڀ دشمن ٿي ويا، ظلم و ستم جا نوان باب کلي ويا، جادوگر، شاعر ۽ مجنون جا لقب ڏنا ويا. کِل مذاق، ٺٺولي جا آواز کسڻ لڳا. رستي ۾ کندا، نماز ۾ حملا ۽ دعوت حق ڏيڻ وقت بي هودا جملا بکڻ لڳا. سڌي رستي تي اچڻ بدران الٽي راهہ تي هلڻ لڳا، جنهن جي کري سندن بداعماليءَ تي شدت اختيار کرڻ سبب حضور ﷺ جن تي گران گذري رهيو هو ۽ قوم جي عاقبت جو سوچي غمگين رهندا هئا. ان وقت الله پنهنجي

رسول خاتم النبيين ﷺ جي دلجوئي ۽ همت افزائي خاطر کين چيو تہ هنن جو مطالبو تہ توکي وڏو خزانو چو نہ مليو آهي. فرشتو تصديق لاءِ چو نازل نہ ٿيو آهي. هنن جي طعنن، تنڪن بد زباني، بدخوئي جهالت ۽ ضلالت تي دل ڏڪاري نہ ڪر.

عشق نہ آهي راند، ٿرڪي ڪنبس ڳيرو
حي حبسي ۽ جان جي ڇڄي جو هيڪاند
سسي نيزي پا اچل تہ اڏ ٿئي

* * *

پهرين ڪاتي پاءِ، پڇج پوءِ پريتڙ،
ڏک پريان جو ڏيل ۾ واڃڻ جيئن وڃاءِ
سيخن ماهہ پچاءِ جي نالو ڪپڻ نينهن جو

(شاهہ رحمۃ اللہ علیہ)

تنهنجو فريضو انداز و تبشير آهي. هنن کي خوش ڪرڻ لاءِ انتباهہ ۽ خبردار ڪرڻ واري ڪم کي ڇڏي ناهي ڏيڻو ۽ نہ وري حق ۽ سچائي جي پيغام کي نرم ڪرڻو آهي. "لَوْ تُدْهِنُ فَيُدْهِنُوْنَ" (القلم: 9/68) اوهان بي فڪر ۽ باهمت ٿي دعوت حق جو پيغام جاري رکو، ڪاميابي اوهان جي ٿيندي. الله تي توڪل ڪريو ۽ الله ڪافي ڪار ساز آهي.(الم نشرح: 94/3-2-1)

کارسازِ ما بفکر کارِ ما
کار ما در فکر ما آزار ما

اسان جو ڪار ساز اسان جي پلائيءَ جي فڪر ۾ آهي، پر اسان جو پنهنجن معاملن ۾ فڪر اسان جي آزار جو سبب آهي.

سيئي سبحان جي ڪر حوالي ڪم
ٿي تحقيق تسليم ۾ لاهي غم وهم
تہ قادر ساڻ ڪرم حاصل ڪري حاج تو (شاهہ رحمۃ اللہ علیہ)

اَمْ يَقُوْلُوْنَ افْتَرٰىهُ ؕ قُلْ فَاْتُوْا بِعَشْرِ سُوَرٍ مِّثْلِهٖ مُفْتَرَيٰتٍ وَّ ادْعُوْا مَنِ
اسْتَطَعْتُمْ مِّنْ دُوْنِ اللّٰهِ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ﴿١٣﴾ فَاِلَّمْ يَسْتَجِيْبُوْا لَكُمْ
فَاعْلَمُوْٓا اَنَّمَآ اُنْزِلَ بِعِلْمِ اللّٰهِ وَ اَنْ لَّآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ۚ فَهَلْ اَنْتُمْ
مُّسْلِمُوْنَ ﴿١٤﴾ مَنْ كَانَ يُرِيْدُ الْحَيٰوةَ الدُّنْيَا وَ زِيْنَتَهَا نُوَفِّ اِلَيْهِمْ
اَعْمَالَهُمْ فِيْهَا وَ هُمْ فِيْهَا لَا يُبْخَسُوْنَ ﴿١٥﴾ اُولٰٓئِكَ الَّذِيْنَ لَيْسَ لَهُمْ فِي
الْاٰخِرَةِ اِلَّا النَّارُ ۖ وَ حَبِطَ مَا صَنَعُوْا فِيْهَا وَ بٰطِلٌ مَّا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿١٦﴾

يا هي چون ٿا ته هن اهو قرآن پاڻ ناهيو آهي، هنن کي چؤ ته جيڪڏهن قرآن هٿ سان ناهڻ ممڪن آهي ته اوهان ان جهڙيون هٿ سان ناهيل ڏهه سورتون آڻي ڏيکاريو ۽ جنهن کي به الله کان سواءِ (مدد لاءِ) سڏي سگهو ته سڏي ونو، جيڪڏهن سچا آهيو. (13) پوءِ جيڪڏهن هو اوهان جو چئلينج قبول نه ڪن، پوءِ علم اليقين سان ڄاڻو ته اهو الله جي علم سان نازل ڪيو ويو آهي ۽ يقين ڄاڻو ته الله کان سواءِ عبادت جو ڪوبه لائق نه آهي، پوءِ ڇا اوهان هن حقيقت کي تسليم ڪريو ٿا، جيڪڏهن حق کي قبول ڪندڙ آهيو. (14) جيڪو ماڻهو هن دنياوي زندگيءَ جي زيب و زينت جو ارادو ڪري ٿو ته اسان هنن کي سندس ڪمائيءَ مان پورو پورو بدلو دنيا ۾ ئي ڏيون ٿا ۽ هن ۾ ڪجهه گهٽ ڪري نقصان نه ڏينداسون. (15) پر آخرت ۾ هنن کي باهه کان سواءِ ڪجهه نه آهي، هن دنيا ۾ سندن سمورا عمل برباد ٿي ويا ۽ هنن جو هر عمل باطل ئي آهي. (16)

هنن مخالفن جي آڏو حضور خَاتَمُ النَّبِيِّيْنَ ﷺ جن جي حيات طيبه تہ هڪ ڪليل ڪتاب وانگر آهي، جنهن جو ورق ورق، لفظ لفظ، حرف حرف نقطو ۽ زير زبر سڀ صاف شفاف روشن ۽ بي داغ آهن. ڪين دشمن بہ صادق ۽ امين مڃڻ جا فيصلا ڪرائن ٿا. امانتون رکائن ٿا، هو يتيم رهيو آهي، امين آهي، ڪنهن وٽ پڙهيو ناهي، پر وحي الاهي جي تعليمات سان سرفراز آهي. "اَلرَّحْمٰنُ ○ عَلَّمَ الْقُرْاٰنَ○ " (الرحمان: 1-2/55) رحمان رب ئي آهي، جنهن ڪيس قرآن جي علم سان نوازيو آهي.

بے حساب و بے کتاب و بے ادیب
عاشقان را حق کند درس نصیب

* * *

یتیمے کہ ناکرد قرآن درست
کتب خانہِ دیہائے شکست

(شيخ سعدي رحمۃ اللہ علیہ)

جنهن پڙهايو حريت جو سبق ساري دنيا کي
سو نبي اُمّي مُحَمَّد مصطفىٰ پيدا ٿيو

* * *

آيو سايهِ ڪان سواءِ دنيا جو بني سائبان
پرجهلو بيڪس جو همدم همنوا پيدا ٿيو

(مشتاق سچاروي)

ڪلام الاهي کي هو انساني تخليق سمجهي رد ڪن ٿا. ڪين چئو تہ جيڪڏهن اوهان پنهنجي دعويٰ ۾ سچا آهيو تہ اوهان سڀ پنهنجن ديوين ۽ ديوتائن جي مدد سان گڏجي اهڙيون ڏهہ آيتون تہ ناهي ڏيکاريو. (البقره: 23/2) بار بار انهيءَ چئلينج کي ڌهرائڻ باوجود هو جواب ڏيڻ کان قاصر آهن تہ پوءِ منهنجي ڪالهہ مجو مان هن ڪتاب جو مصنف

نہ آهيان پر الله جو رسول ﷺ آهيان ۽ اوهان کي گمراهي ۽ ضلالت کان بچائڻ لاءِ دعوت دين ڏئي رهيو آهيان، اوهان جو مخلص همدرد ۽ خيرخواهه آهيان. قرآن مجيد جي ان وقت بہ اهي ماڻهو مخالفت ڪري رهيا هئا، جن جي دل و دماغ تي دنيا پرستي، مال و متاع ۽ جاهه و جلال جو غرور چانيل هو، هنن وٽ وعده فردا لاءِ حاضر وقت جون لذتون قربان ڪرڻ ۾ ڪهڙي دانشمندي آهي، جن تي هو آزادي سان قائم ۽ قابض آهن. هو هن وقتي خمار ۾ مدهوش آهن، جيڪڏهن هي توکي هن چئلينج جو جواب نٿا ڏين تہ پوءِ يقين ڪريو تہ هي انساني ڪلام ناهي، پر اهو الله جي علم سان نبي اڪرم ﷺ تي نازل ٿيو آهي. هي ان الله طرفان هدايت ۽ رهبريءَ جو آخري فرقان ۽ صحيفو آهي، جنهن کان سواءِ ڪو ٻيو عبادت جي لائق نہ آهي. ڇا اوهان هن حقيقت کي تسليم ڪرڻ لاءِ تيار آهيو تہ قبول ڪريو ۽ پنهنجي عاقبت سنوارجو. (يونس: 38/10) قرآن مجيد جي الله طرفان نازل هجڻ جا حوالا (البقره: 23/2 ۽ يونس: 38/10) ۾ ڏسو. معلوم ٿئي ٿو تہ سورت هود وارو ڏهه سورتن جو چئلينج سورت يونس 10/38 واري هڪ سورت جي چئلينج کان اڳ جو آهي، پهريان ڏهه سورتون بعد ۾ هڪ سورت جو چئلينج ڏنو ويو.

جيڪي ماڻهو دنيا جي زيب و زينت ۽ رنگينين ۾ گم ٿي وڃن ٿا ۽ سندن ساري تگ و دو ۽ جدوجهد دنياوي زندگي کي بهتر کان بهترين ڪرڻ جي سوچ ۾ گذري ٿي تہ انهن کي طبعي زندگيءَ جا پورا پورا فائدا ملي وڃن ٿا، جن ۾ ذرا پر ڪوتاهي يا حق تلفي نہ ٿي ڪئي وڃي. (البقره: 201/2-200، بني اسرائيل: 88/17-82، الشوریٰ: 20/42) پر آخرت ۾ ان جو ڪو حصو ناهي جو اتي ڪو فائدو ڏئي سگ تباهه ۽ برباد ٿي وڃي ٿو. (النساءِ: رڳو دنيا جي چار روز جي زندگيءَ ۾ خوشيون ملن ٿيون بس.

عمر دراز مانگ کر لائے تھے چار دن
دو آرزو میں کٹ گئے، دو انتظار میں

(بهادر شاهه ظفر)

باقي آخرت جي لمبي حياتي انهن فائدن کان محروم رهي ٿي. هنن فائدن جو تعلق دنياوي مفادن سان هيو، جيڪو ملي چڪو، پر آخرت ۾ انهن ڪارنامن جو ڪو

عمل دخل نہ هوندو. آخرت ۾ دوزخ جي باهه هنن جو استقبال ڪندي، جنهن ۾ هو هميشہ لاءِ جلندا رهندا ۽ دنيا ۾ جو ڪجهہ ڪيو هيو، اهو غارت ٿي ويو، ڇو تہ اهو هيو ئي دنيا جي لاءِ، جنهن جو آخرت سان ڪو واسطو نہ هيو. (بني اسرائيل: 19/17) اڄ بہ قرآن مجيد کي 14 سو سال پراڻو ڪتاب يا نظام سمجهڻ وارا نالي چڙهيا دنشور اهي پراڻا دليل ڏئي ان جي حقانيت کي رد ڪرڻ گهرن ٿا ۽ قرآن مجيد جي غور فڪر، تدبر ۽ تحقيق واري پيغام کان بي بهره آهن. ڪافرن کي انڪار ۽ سرڪشيءَ باوجود دنياوي فائدا ملن ٿا، ان تي هنن کي مغرور ۽ مسلمانن کي مرعوب يا متعجب هئڻ نہ گهرجي. اهو قانون مهلت مطابق آهي. مهلت جو وقت ختم ٿيو تہ درد ناڪ عذاب شروع ٿي ويندو.

اَفَمَنْ كَانَ عَلٰى بَيِّنَةٍ مِّنْ رَّبِّهٖ وَ يَتْلُوْهُ شَاهِدٌ مِّنْهُ وَ مِنْ قَبْلِهٖ كِتٰبُ
مُوْسٰۤى اِمَامًا وَّ رَحْمَةً ؕ اُولٰٓئِكَ يُؤْمِنُوْنَ بِهٖ ؕ وَ مَنْ يَّكْفُرْ بِهٖ مِنَ الْاَحْزَابِ
فَالنَّارُ مَوْعِدُهٗ ۚ فَلَا تَكُ فِيْ مِرْيَةٍ مِّنْهُ ۫ اِنَّهُ الْحَقُّ مِنْ رَّبِّكَ وَ لٰكِنَّ اَكْثَرَ
النَّاسِ لَا يُؤْمِنُوْنَ ﴿۱۷﴾ وَ مَنْ اَظْلَمُ مِمَّنِ افْتَرٰى عَلَى اللّٰهِ كَذِبًا ؕ اُولٰٓئِكَ
يُعْرَضُوْنَ عَلٰى رَبِّهِمْ وَ يَقُوْلُ الْاَشْهَادُ هٰۤؤُلَآءِ الَّذِيْنَ كَذَبُوْا عَلٰى رَبِّهِمْ ۚ
اَلَا لَعْنَةُ اللّٰهِ عَلَى الظّٰلِمِيْنَ ﴿۱۸﴾ الَّذِيْنَ يَصُدُّوْنَ عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ وَ يَبْغُوْنَهَا
عِوَجًا ؕ وَ هُمْ بِالْاٰخِرَةِ هُمْ كٰفِرُوْنَ ﴿۱۹﴾ اُولٰٓئِكَ لَمْ يَكُوْنُوْا مُعْجِزِيْنَ فِي
الْاَرْضِ وَ مَا كَانَ لَهُمْ مِّنْ دُوْنِ اللّٰهِ مِنْ اَوْلِيَآءَ ؔ يُضٰعَفُ لَهُمُ الْعَذَابُ ؕ
مَا كَانُوْا يَسْتَطِيْعُوْنَ السَّمْعَ وَ مَا كَانُوْا يُبْصِرُوْنَ ﴿۲۰﴾

وقف لازم

جيڪو شخص پنهنجي رب پاران روشن دليل تي هجڻ ۽ الله طرفان هڪ

گواھ (قرآن) بہ ان جي تائيد ۾ تصديق ڪري ۾ ھن کان اڳ موسيٰ عليه السلام جي رحمت ۾ رھنمائيءَ واري ڪتاب بہ آيو ھجي تہ پوءِ ڪو شخص ان کان انڪار ڪري سگھي ٿو. ھرگز نٿو ڪري سگھي، اھي ماڻھو ئي آھن، جيڪي ھن قرآن ۾ پيغمبر خاتم النبيين صلي الله عليه وسلم تي ايمان آڻين ٿا. پر ان جي برخلاف جيڪي ماڻھو ان جو انڪار ڪن ٿا، انھن جو ڪنھن بہ جماعت سان تعلق ھجي انھن جي رھائش تباھي ۾ بربادي واري جھنم آھي. اوھان کي ھنن جي بري انجام ۾ ڪو شڪ نہ ھجي. ھي ھڪ حقيقت آھي، جا ھر حال ۾ وقوع پذير ٿيندي، پر اڪثر ماڻھو ايمان نٿا رکن. (17) ان شخص کان وڌيڪ بيو ڪير ظالم ھوندو، جيڪو الله تي ڪوڙو بھتان مڙھي. اھي پنھنجي پروردگار جي حضور پيش ڪيا ويندا ۾ شاھد شاھدي ڏينداتہ ھي اھي ساڻيا ماڻھو آھن، جن پنھنجي پروردگار تي ڪوڙو بھتان لڳايو ھو. ياد رکو تہ ظالمن تي الله جي لعنت آھي. (18) جيڪي ماڻھو بين کي الله جي سڌي رستي تي ھلڻ کان روڪين ٿا ۽ ان ۾ ڪجي ۾ ڏنگائي تلاش ڪن ٿا ۾ اھي ماڻھو ئي آخرت جا انڪاري آھن. (19) اھي زمين ۾ خدا جي گرفت کان ٻاھر ڪونہ ھئا ۾ نہ وري الله کان سواءِ اتي ھنن جو ڪو حمايتي ھيو. انھن کي ھاڻي بيٽو عذاب ڏنو ويندو، ان ڪري جو ھو نہ ٻڌي سگھندا ھئا ۾ نہ وري ڏسي سگھندا ھئا.(20)

قرآن مجيد جي صداقت: سورت يونس جي آيت 39 ۾ ٻڌايو ويو آھي تہ قرآن مجيد جي صداقت کي سمجھڻ جا ٽي طريقا آھن: (1) ھڪ علم و بصيرت جي ذريعي. (2) بيو ان جي عملي پروگرام جي نتيجن جي لحاظ سان ۾ (3) ٽيون تاريخي شھادت سان. ھاڻي جيڪڏھن ڪو شخص عقل و بصيرت کان ڪم ونندي قرآن مجيد ۾ تدبر ۾ تفڪر ڪري ٿو، انفس ۾ آفاق جو گھرو مظاھرو ڪري ٿو ۾ ان جي ھدايت ۾ حڪمن جي حڪمت ۾ فائدن تي نظر وجھي ٿو، يا ھو انھن ماڻھن جي زندگي تي نگاھ وجھي ٿو، جن قرآن

مجيد جي حڪمن ۽ هدايتن تي عمل ڪري، ان مان خوشگوار نتيجا حاصل ڪيا آهن، دنيا ۾ سربلندي ۽ سرفرازي سان نوازيا ويا آهن. هنن جو ڪردار ۽ قول و فعل سراپا سچ ۽ خيرخواهي جو مظهر آهي. هو دنيا جي براين ۽ بدين کان بچيل صاف ستڙا فرشتا نما انسان آهن ۽ پنهنجي ڪردارن سان قرآن جي صداقت جي عملي شهادت پيش ڪري رهيا آهن، اهڙن پاڪ باز ۽ نيڪوڪار ماڻهن جو وجود يا تاريخي شهادتون ٻڌائي رهيون آهن ته سرڪش، مغرور ۽ ظالم ماڻهن جو انجام هي آهي ۽ نيڪوڪار پرهيزگار متقي ماڻهن جو مقام هي آهي. اهڙيون شهادتون موجود آهن. (يونس: 39/10) مثال طور هن کان اڳ موسىٰ عليه السلام بہ اهڙي هدايت نامي (توريت) سان آيو، جيڪو روشن دليل آهي. هدايت ۽ رهنمائي جو خزانو هيو، جنهن تي عمل ڪرڻ وارن جي زندگي ڪيتري خوشحال ۽ شاداب رهي ۽ انڪار ڪندڙن جو ڪهڙو برو انجام ٿيو. (الانعام: 19/6، الاعراف: 158/7، الفرقان: 1/25، سبا: 28/31) ته پوءِ ڪوبہ صاحب عقل انسان هن جي صداقت کان انڪاري ٿي نٿو سگهي. اهي ئي نيڪ بخت انسان آهن، جيڪي هن قرآن تي ايمان آڻين ٿا، ان جي برعڪس اهي ماڻهو بہ آهن جيڪي عقل و شعور قرآني نتائج ۽ ماضي جي شهادتن مان ڪو فائدو حاصل ڪو نہ ٿا ڪن ۽ پنهنجي ضد، حسد، جهالت ۽ ضلالت جي ڪري انڪاري رهن ٿا. اهي ڪنهن بہ طبقي يا جماعت سان تعلق رکندا هجن، انهن جو نڪاڻو تباهي ۽ بربادي واري دوزخ آهي. (الانعام: 116/6، يوسف: 103/12، الصّافّات: 71/37) تون هنن جي دنياوي نڪ نانگر ۽ شان شوڪت جو خيال نہ ڪر ۽ ڪنهن بہ قسم جو شڪ نہ ڪر، هنن جا نتيجا مڪافات عمل مطابق ضرور ظاهر ٿيندا. پر اڪثر ماڻهو هنن ڇڻن دليلن ۽ ثبوتن جي باوجود ايمان نٿا آڻين. پر يهودي ۽ نصاریٰ جا مذهبي پيشوا ماڻهن کي گمراهہ رکڻ ۽ حق جي راهہ کان دور رکڻ لاءِ پنهنجي خود ساختہ مسلڪ کي شريعت خداوندي جو نالو ڏئي ماڻهن کي چون ٿا تہ قرآن جنهن کي الله جو ڪتاب چيو ٿو وڃي، اهو الله جو ڪتاب ناهي، الله جو ڪتاب هجي ها تہ اسان جي شريعت جي تصديق ڪري ها. هو ماڻهن کي هن قرآن جي پڙهڻ، سمجهڻ، ٻڌڻ ۽ غور ڪرڻ کان روڪين ٿا. پلا ان شخص کان وڌيڪ ڪير ظالم هوندو جيڪو الله جي ڪتاب توريت ۾ تحريف ڪري پنهنجي دنياوي مفاد ۽ دنيادارن کي خوش ڪندڙ شڪون وجهي، ان کي الله جو ڪتاب

سڏي، الله تي ڪوڙو بهتان مڙهين ٿا ۽ ان جي روشني الله جي آخري ڪتاب قرآن کي ڪوڙو قرار ڏين ٿا. هنن ماڻهن کي الله جي حضور هڪ مجرم جي حيثيت ۾ پيش ڪيو ويندو ۽ شاهد شاهدي ڏيندا تہ هي اهي ماڻهو آهن، جن پنهنجي الله تي ڪوڙو بهتان هنيو، الله جي اهڙن ظالمن تي لعنت آهي. هي اهي ماڻهو آهن جيڪي پاڻ تہ حق ۽ سچ جي راهہ تي اچڻ لاءِ تيار نہ آهن، پر هو پنهنجي خودساخته مسلک جا حوالا ڏئي، قرآن جي سڏي ۽ سچي پروگرام کان ٻين کي روڪين ٿا ۽ ان ۾ خاميون ظاهر ڪري ماڻهن کي گمراهہ ڪن ٿا. هو پاڻ تہ گمراهہ آهن، پر ٻين کي بہ گمراهہ ڪري پنهنجي مٿي هنن جا گناهہ بہ مڙهڻ گهرن ٿا. هي ماڻهو آخرت جو انڪار ڪن ٿا. هي انڪاري ٽولو پنهنجي هٿ ڏرميءَ سان خدا جي گرفت يعني قانون مڪافات جي پڪڙ کان بچي ڪو نہ ٿو سگهي، دنيا ۾ پلي چند ڏينهن غفلت ۽ گمراهيءَ ۾ گذارين، ڪين هڪ مقرر وقت تائين مهلت ملندي تہ ان ۾ سڌري سگهن پر جڏهن سڌرڻ جي ڪا بہ اميد نہ رهي ۽ حجت جو اتمام بہ ٿي ويو تہ پوءِ هو پنهنجن عملن جو نتيجو ضرور ڏسندا، ان وقت الله کان سواءِ سندن ڪو بہ والي وارث، حمايتي ۽ مددگار نہ هوندو. هو ٻيٽي عذاب ۾ هوندا، هڪ پنهنجي گمراهيءَ جو ۽ ٻيو ٻين کي گمراهہ بنائڻ جو، جيتري قدر هنن جي سرڪشي ۽ گمراهي ۾ اضافو ايندو. (البقره: 6/2، النساء: 155/4، الانعام: 110/6، الاعراف: 38/7، التوبه: 125/9، الكهف: 87/18، الحج: 72/22، حٰم السجده: 26/41، الاحقاف: 26/46، الصَّفّ: 5/61، نوح: 7/71) ايتري قدر سندن عذاب وڌندو رهندو ۽ سزا ۾ اضافو ٿيندو رهندو. اهو ان ڪري هوندو، جو هن پنهنجي ضد ۽ هٺ سبب اهڙي حالت پيدا ڪئي، جو انهن جو حق ٻڌڻ جي صلاحت نہ رهي ۽ نہ وري عقل ۽ بصيرت ڪم آئي. (الاحقاف: 26/46، الملک: 10/67)

أُولَٰئِكَ الَّذِينَ خَسِرُوا أَنفُسَهُمْ وَضَلَّ عَنْهُم مَّا كَانُوا يَفْتَرُونَ ﴿٢١﴾ لَا جَرَمَ
أَنَّهُمْ فِي الْآخِرَةِ هُمُ الْأَخْسَرُونَ ﴿٢٢﴾ إِنَّ الَّذِينَ آمَنُوا وَعَمِلُوا الصَّالِحَاتِ وَ
أَخْبَتُوا إِلَىٰ رَبِّهِمْ أُولَٰئِكَ أَصْحَابُ الْجَنَّةِ هُمْ فِيهَا خَالِدُونَ ﴿٢٣﴾ مَثَلُ

الْفَرِيْقَيْنِ كَالْاَعْمٰى وَ الْاَصَمِّ وَ الْبَصِيْرِ وَ السَّمِيْعِ ؕ هَلْ يَسْتَوِيٰنِ مَثَلًا ؕ
اَفَلَا تَذَكَّرُوْنَ ﴿۲۴﴾ ع ٢

هي اهي ئي آهن، جن پاڻ کي نقصان ۾ وڌو ۽ جو ڪجهه افتراء ڪندا هئا ڪوڙ گهڙيندا هئا، اهو سڀ انهن کان هليو ويو. (21) هن حقيقت ۾ ڪو شڪ ناهي تہ آخرت ۾ اهي ئي سڀ کان وڌيڪ گهاٽي ۾ هوندا. (22) بيشڪ جن ماڻهن ايمان آندو ۽ نيڪ عمل ڪندا رهيا ۽ پنهنجي رب جي حضور عاجزي ڪندا رهيا، اهي ماڻهو ئي جنتي آهن ۽ ان ۾ هميشہ رهڻ وارا آهن.(23) ڪافر ۽ مسلم ٻنهي فريقن جو مثال انڌي ۽ ٻوڑي (اکين واري) ڏسندڙ ۽ ٻڌندڙ جو مثال آهي. ڇا ٻنهي جو حال برابر آهي؟ پوءِ بہ توهان نصيحت قبول نٿا ڪيو.(24)

هي اهي ماڻهو آهن جن پنهنجو پاڻ کي برباد ڪيو آهي ۽ پاڻ پنهنجي پير تي ڪهاڙو هنيو آهي. هو هن خوشفهميءَ ۾ آهن تہ هو جو ڪجهه ڪري رهيا آهن، درست آهي ۽ هو جن کي پنهنجو معبود سمجهي رهيا آهن، اهي ضرورت وقت هنن جي مشڪل ڪشائي لاءِ ضرور ايندا. پر هنن جا اهي سڀ منصوبا ۽ خواهشون خاڪ ۾ ملي ويون، هنن جيڪي الله ۽ ڪائنات لاءِ نظريا قائم ڪري رکيا هئا، اهي اڄ غلط ثابت ٿيا ۽ جن نقلي ۽ جعلي معبودن تي اعتماد ۽ پروسا ڪيا هئا، اهي سمورا ناڪام ٿيا. دنيا ۾ ڪين ڪجهه ذاتي فائدا بہ پهتا هجن. شايد اهي بہ وقتي هجن ۽ بقادار نہ هجن، پر آخرت ۾ اهڙا انسان سڀ کان وڌيڪ نقصان برداشت ڪرڻ وارا هوندا، ڪير بہ هنن جي مدد لاءِ نہ هوندو، سندن مستقبل بيحد خراب ۽ اونداهو نظر ايندو. ان وقت سندن دنياداري وارو گهمنڊ ۽ غرور خاڪ ۾ ملي ويندو ۽ سواءِ نقصان ۽ خساري جي ڪجهه هٿ نہ ايندو. پر ٻيا اهي ماڻهو آهن، جيڪي نيڪوڪار آهن ۽ ايمان جي دولت سان سرفراز آهن ۽ وحي الاهي جي تمام

حڪمن جي دل و جان سان تصديق ۽ تعميل ڪرڻ وارا آهن. تڪبر، غرور کان پڇندڙ آهن ۽ الله جي آڏو عاجزي ۽ انڪساريءَ سان جهڪندا رهندا آهن ۽ الله سندن صلاحيتن کي اجاگر ڪري، سندن بگڙيل ڪم سنواريندو آهي ۽ کين پنهنجي حفاظت ۾ اعليٰ درجات ڏانهن آڻيندو آهي، انهن لاءِ ئي زندگيءَ جون خوشگوار بهارون ۽ آخرت ۾ جنت جي باغن جا لطف ۽ آرام هميشہ لاءِ هوندا.

اصل حقيقت سمجهڻ لاءِ هت مثال پيش ڪيو ٿو وڃي تہ ڇا ڪافر ۽ مسلمان جيڪي پنهنجي اعتقاد، ايمان ۽ يقين ۾ بلڪل مختلف آهن، اهي پاڻ ۾ برابر ٿي نٿا سگهن. هڪ گروهہ انڌو ۽ گونگو آهي، اهو نہ حق ڏسڻ لاءِ تيار آهي ۽ نہ وري حق جي دعوت ٻڌڻ ۽ قبول ڪرڻ گهري ٿو. اهو ڪافرن جو ٽولو آهي. ٻي جماعت اها آهي، جيڪا ٻڌڻ جي صلاحيت ۽ اکين جي بصارت ۽ بصيرت رکي ٿي. اها جماعت حق جي دعوت ۽ دين جي تعليم کي دل جي ڪنن سان ٻڌي ٿي ۽ اندر جي بصيرت سان ان جي تصديق بہ ڪري ٿي ۽ تعميل بہ ڪري ٿي. ڇا اهي ٻئي برابر ٿي سگهن ٿا؟ هرگز نٿا ٿي سگهن. (الرعد: 19/13، النمل: 80/27، الفاطر: 19-22/35، الحشر: 20/59) ڇا توهان مان ڪو هيڏي فرق جو اندازو لڳائي ۽ پنهنجي گمراهيءَ جو ادراڪ ڪري ٿو. توهان تہ نصيحت حاصل ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهيو.

اڳين ڇهن رڪوعن ۾ انبياءَ ۽ رسل جي ۽ سندن قومن جي باري ۾ بيان آهي، جيڪو هن کان اڳ سورت الاعراف ۽ يونس ۾ بہ پڙهي آيا آهيون، يعني حضرت نوح، حضرت هود، حضرت صالح، حضرت شعيب، حضرت لوط ۽ حضرت موسيٰ عليهم السلام. هنن ڇهن رسولن سڳورن جو ذڪر بار بار آيو آهي. اهل عرب انهن رسولن ۽ سندن قومن جي انجام ڪار کان واقف هئا. انهن رسولن سڳورن جو ڪجهہ احوال هت بيان ٿي رهيو آهي.

وَ لَقَدْ اَرْسَلْنَا نُوْحًا اِلٰى قَوْمِهٖۤ ۫ اِنِّیْ لَكُمْ نَذِیْرٌ مُّبِیْنٌ ﴿۲۵﴾ۙ اَنْ لَّا تَعْبُدُوْۤا
اِلَّا اللّٰهَ ؕ اِنِّیْۤ اَخَافُ عَلَیْكُمْ عَذَابَ یَوْمٍ اَلِیْمٍ ﴿۲۶﴾ فَقَالَ الْمَلَاُ الَّذِیْنَ

كَفَرُوْا مِنْ قَوْمِهٖ مَا نَرٰىكَ اِلَّا بَشَرًا مِّثْلَنَا وَ مَا نَرٰىكَ اتَّبَعَكَ اِلَّا الَّذِيْنَ
هُمْ اَرَاذِلُنَا بَادِيَ الرَّاْيِ ۚ وَ مَا نَرٰى لَكُمْ عَلَيْنَا مِنْ فَضْلٍ بَلْ نَظُنُّكُمْ
كٰذِبِيْنَ ﴿۲۷﴾ قَالَ يٰقَوْمِ اَرَءَيْتُمْ اِنْ كُنْتُ عَلٰى بَيِّنَةٍ مِّنْ رَّبِّيْ وَ اٰتٰىنِيْ
رَحْمَةً مِّنْ عِنْدِهٖ فَعُمِّيَتْ عَلَيْكُمْ ؕ اَنُلْزِمُكُمُوْهَا وَ اَنْتُمْ لَهَا كٰرِهُوْنَ ﴿۲۸﴾ وَ
يٰقَوْمِ لَاۤ اَسْـَٔلُكُمْ عَلَيْهِ مَالًا ؕ اِنْ اَجْرِيَ اِلَّا عَلَى اللّٰهِ وَ مَاۤ اَنَا بِطَارِدِ الَّذِيْنَ
اٰمَنُوْا ؕ اِنَّهُمْ مُّلٰقُوْا رَبِّهِمْ وَ لٰكِنِّيْۤ اَرٰىكُمْ قَوْمًا تَجْهَلُوْنَ ﴿۲۹﴾ وَ يٰقَوْمِ مَنْ
يَّنْصُرُنِيْ مِنَ اللّٰهِ اِنْ طَرَدْتُّهُمْ ؕ اَفَلَا تَذَكَّرُوْنَ ﴿۳۰﴾

۽ بيشڪ اسان نوح عليه السلام کي سندس قوم طرف موڪليو (جنهن قوم کي چيو) تہ مان توهان ڏانهن خبردار ڪرڻ ۽ ڊڄارڻ وارو ڪري آيو آهيان.(25) اوهان الله کان سواءِ ڪنهن ٻئي جي عبادت نہ ڪريو. مان اوهان لاءِ هڪ دردناڪ ڏينهن واري وڏي عذاب کان ڊڄاريان ٿو.(26) سو ان جي قوم جي ڪفر ڪندڙ سردارن چيو تہ اسان توکي پاڻ جهڙو بشر سمجهون ٿا ۽ اسان ڪنهن معزز ۽ معتبر ماڻهوءَ کي تنهنجي تابعداريءَ ۾ نہ ڏٺو آهي. سواءِ معاشري ۾ حقير ۽ گهٽ حيثيت وارن ماڻهن جي، جيڪي بي سمجهہ ٻولا ٻالا تنهنجي پيرويءَ ۾ اچي ويا آهن ۽ نہ وري اسان تو ۾ پاڻ کان وڌيڪ ڪا فضيلت يا رتبو ڏسون ٿا. اسان توکي ڪوڙو سمجهون ٿا.(27) نوح عليه السلام چيو تہ منهنجي قوم جيڪڏهن مان پنهنجي پروردگار پاران روشن دليل تي آهيان ۽ ان مون کي پنهنجي رحمت سان بہ نوازيو آهي، پر اها حقيقت اوهان تي انڌن وانگر پوشيده ڪري ڇڏي آهي. جڏهن اوهان ان کي پسند بہ نٿا ڪريو تہ پوءِ ڇا

اسان ان کي اوهان تي زبردستي مسلط ڪريون ۽ توهان ان کي ناپسند ڪيو ٿا.(28) اي منهنجي قوم! مان هن دعوت جي بدلي اوهان کان ڪو مال نہ گهري رهيو آهيان. منهنجو اجر تہ الله وٽ آهي ۽ جن ماڻهن ايمان قبول ڪيو آهي، انهن کي آءٌ ڏڪاري نٿو سگهان. بيشڪ هي ماڻهو پنهنجي پروردگار سان ملاقات جو شرف حاصل ڪرڻ وارا آهن. آءٌ اوهان کي هڪ بي سمجهہ ماڻهو سمجهان ٿو.(29) اي منهنجي قوم! جيڪڏهن (اوهان جي چوڻ تي) هنن کي ڏڪاري ڪيان تہ پوءِ الله جي غضب کان بچڻ لاءِ منهنجي مدد ڪير ڪندو. ڇا توهان غور نٿا ڪريو.(30)

جيڪڏهن علم و دانش تي مبني دعوت حق هنن جي سمجهہ ۾ نہ آئي آهي ۽ نہ وري اهو ڏسي ۽ محسوس ڪري رهيا آهن تہ جن ماڻهن ايمان آندو آهي ۽ عمل صالح اختيار ڪيا آهن، انهن جي الله طرفان ڪيتري حمايت ٿي رهي آهي. هو مالي طور ڪمزور معاشرتي طور گهٽ حيثيت وارا غريب ۽ مسڪين ڪهڙي طرح وڌي ويجهي رهيا آهن. جيڪڏهن انهن چٽن دليلن کي سمجهڻ کان قاصر آهن تہ پوءِ ڪين تاريخي شهادتن کان آگاهہ ڪر. (يونس: 39/10) اسان ماڻهن جي هدايت ۽ رهبري لاءِ نوح عليه السلام کي موڪليو، جنهن 950 سال پوري عمر سندن رهبري ۽ رهنمائي ۾ گذاري، سورت نوح ۾ پوري تفصيل موجود آهي. پر قوم جي ضد ۽ هٺ سبب ڪيس قوم کان مايوس ٿي چوٽو پيو، "رَّبِّ لَا تَذَرْ عَلَى الْاَرْضِ مِنَ الْكٰفِرِيْنَ دَيَّارًا" (نوح: 26/71) "اي منهنجا پروردگار! نہ ڇڏ ڪافرن جو روءِ زمين تي ڪو جهڳو." حالانڪہ هن کان اڳ هن ڪين چيو هو تہ مان توهان جو همدرد ۽ خيرخواهہ آهيان ۽ اوهان لاءِ ڪليو انتباهہ ڪرڻ ۽ ڊيڄارڻ وارو آهيان. وڌيڪ تفصيل سورت الاعراف آيت 59 کان 64 ۽ سورت يونس آيت 71 کان 73 تائين ڏسو. اوهان الله کان سواءِ ڪنهن جي بہ عبادت نہ ڪريو ۽ انهن جي حڪمن کي خدا جي حڪمن تي ترجيح نہ ڏيو. پنهنجي شريعت کي الله جي شريعت نہ بڻايو. دين ۽ شريعت ۾ الله جي حڪمن کي ڇڏي، غير الله جي حڪمن کي تسليم ڪرڻ شرڪ آهي. شرڪ کان بچو ۽

پنهنجن سمورين حاجتن، مشڪلاتن ۽ ضرورتن لاءِ الله طرف رجوع ڪريو ۽ ان جي حڪمن جي اطاعت ڪريو. (المائده: 5/ 144 کان147) هت ان پيغام کي ورجايو ويو آهي، جيڪو هن سورت جي شروع ۾ حضور خَاتَمُ النَّبِيِّين ﷺ جي زبان مبارڪ کان ادا ٿيا آهن ته الله کان سواءِ ڪنهن جي به عبادت نه ڪريو ۽ مان اوهان کي برن ڪمن جي هاڃيڪار نتيجن کان خبردار ڪرڻ ۽ ڊيڄارڻ وارو آهيان ۽ چڱن ڪمن جي سڻن نتيجن جي خوشخبري ڏيڻ وارو آهيان. اهو توحيد جو پيغام حضرت نوح عَلَيْهِ السَّلَام کان وٺي خاتم الانبياءِ و الرسل حضرت محمد مصطفيٰ خَاتَمُ النَّبِيِّين ﷺ جي عهد مبارڪ تان ۽ سيني رسولن ۽ نبين طرفان ايندو رهيو، پر ان جي قوم جي سردارن ۽ اڳواڻن چيو ته اسان پاڻ ۾ ۽ تو ۾ ڪو فرق نٿا ڏسون. تون به اسان جهڙو بشر آهين. ڪائڻ پيئڻ، هلڻ چلڻ ۾ اسان وانگر آهين. اهو خدا جو رسول ڪيئن ٿي سگهي ٿو، جڏهن ته نه هن کي مالي فوقيت آهي ۽ نه وري فرشتن جي مدد سان سلطنت ۽ دٻدٻو آهي. اهڙو اعتراض ماڻهن حضرت محمد خَاتَمُ النَّبِيِّين ﷺ جي ذات اقدس تي به لڳايو هئو. (ڏسو سورت يٰس آيت 3 کان 24 تائين) اها ساڳئي روئداد بين نبين ۽ رسولن سان به رهي آهي. ڪافر اهو طعنو ڏيندا هئا ته هن رسول سان خسيس ۽ گهٽ حيثيت وارا مسڪين ۽ غريب ماڻهو گڏ آهن. (الشعراء: 113/26 - 111) معاشري جا معتبر ۽ اثر رسوخ وارا سڀ ماڻهو مخالفت ڪري رهيا آهن ۽ نه وري هن کي فرشتا موڪلي يا خزانا عطا ڪري اسان تي ڪا فضيلت ڏني وئي آهي، جنهن مان معلوم ٿئي ته هي الله جو برگزيده انسان آهي، هي جيڪي اسان کي خوفناڪ عذاب جون ڌمڪيون ڏئي رهيو آهي، اهو سڀ ڪوڙ آهي. اسان هن ڪوڙي شخص جي ڪري چو پنهنجي دنيا جون لذتون برباد ڪيون.

کافر کی یہ پہچان کہ آفاق میں گم ہے
مومن کی یہ پہچان کہ گم اس میں ہے آفاق

(اقبال رحمۃ اللہ علیہ)

نوح عَلَيْهِ السَّلَام کين چيو ته اي منهنجي برادري جا ماڻهو! ذرا سوچيو ته جيڪڏهن مان پنهنجي پروردگار پاران عطا ڪيل بينة يعني ايمان ۽ يقين جي روشن دليل تي آهيان،

جنهن جي مُنَزَّل مِنَ اللّٰهِ ۾ کو شک ناهي ۽ الله جي حڪم ۽ هدايت کان وڌيڪ کا بہ معتبر شيءِ نہ آهي ۽ الله تعالىٰ پنهنجي خاص عنايت مان مون تي وحي الاهي جي رحمت (مراد نبوت) بہ نازل ڪئي آهي، جيڪا اوهان کي نظر نٿي اچي، چو تہ اوهان جي اندر جون اکيون اجهايل آهن، يعني بي بصيرت آهن ۽ اوهان بغير سوچي سمجهي يا غور فڪر ڪئي، انهن کي سمجهڻ ۽ سوچڻ پرکڻ ۽ پروڙڻ کان عاري آهيو. هنن جي هن مغالطي تي سنت الاهي جو حوالو ڏيندي چيو تہ جيڪڏهن ماڻهو دنيا جا طالب هوندا آهن ۽ ان جي لاءِ جيئندا ۽ مرندا آهن ۽ آخرت کان بلڪل بي پرواهہ ٿي زندگي گذارينداآهن، انهن جو حساب الله تعالىٰ دنيا ۾ ئي بي باق ڪري چڏيندو آهي ۽ سندن تمام ڪارنامن جو معاوضو هتي ئي ملي ويندو آهي، پر هو سمجهندا آهن تہ هت اسان تي نوازشون آهن تہ پوءِ آخرت ۾ بہ اسان جو سڪو هلندو ۽ اسان ئي خدا جا محبوب هونداسون، پر ڪين چڱي طرح معلوم هئڻ گهرجي تہ آخرت ۾ انهن لاءِ دوزخ جي باهہ کان سواءِ ڪجهہ ناهي، جيڪا "هَلۡ مِنۡ مَزِيۡد" جا هوڪا ڏيندي رهندي. هت بنية آيت نمبر 17 جي بينة جي مزيد تشريح آهي. (الشورىٰ: 20/42) ياد رکو تہ اوهان جي ڀلائي ۽ خير خواهي واري ڪم ۾ مون کي اوهان کان ڪا مالي لالچ يا غرض ناهي، نہ ڪو مان اوهان کان هن ڪارِ خير جو ڪو معاوضو طلب ڪريان ٿو. (الانعام: 90/6، الفرقان: 57/25، الشعراء: 109/26، سبا: 47/34، ص: 86/38، الزخرف: 23/42، الطور: 40/52) مان الله جي طرفان اوهان جي رهبري ۽ رهنمائي لاءِ هڪ ناصح آهيان، هي تمام مشقتون ۽ تڪليفون اوهان جي فائدي لاءِ برداشت ڪري رهيو آهيان. منهنجو هن ۾ ڪو ذاتي مفاد نہ آهي. اوهان مون کي منهنجي هن ساري ديني دعوت واري سفر ۾ پرخلوص، بي غرض ۽ خير خواهہ ڏسندا. (المومنون: 72/23، يٰس: 2/36 كان 11، الشورىٰ: 42/53) جيڪي ماڻهو ايمان آڻي چڪا آهن ۽ مؤمنن جي جماعت جو حصو بڻجي دين جي ڪم ۾ مشغول آهن، مان انهن کي توهان جي چوڻ يا ناپسند ڪرڻ تي ڌڪاري ڪڍي نٿو سگهان. اهي سڀ پنهنجي الله جي حضور ۾ پيش ٿيندا ۽ الله سان ملاقاتي ٿيندا. جيڪڏهن مان اڄ هنن کي غريب، مسڪين، ڪمزور ۽ گهٽ حيثيت وارا سمجهي، جماعت مان ڌڪاري ڪڍان تہ ان ڏينهن الله وٽ ڪهڙو جواب ڏيندس. اوهان جي هنن مطالبن، روش ۽ رويي کي ڏسي اهو ئي چئي سگهان ٿو،

مان اوهان کي هڪ بي سمجهه ۽ جاهل قوم سمجهان ٿو. اوهان پاڻ کي معاشري جا معزز ۽ معتبر ماڻهو سمجهو ٿا ۽ جن غريب مسڪين ماڻهن ايمان آندو آهي ۽ عمل صالح جي دولت سان بهره ور ٿيا آهن، اهي اوهان جي نظرن ۾ خسيس ۽ ڪم حيثيت جا ماڻهو آهن ۽ اوهان جي بقول جيستائين آءٌ انهن کي تڙي نٽو ڪيان، تيستائين اوهان هنن سان گڏ مجلس ۾ ويهڻ لاءِ تيار نہ آهيو ۽ ان کي پنهنجي شان جي خلاف سمجهو ٿا. يقين ڪريو تہ الله وٽ مال دولت جي ڪثرت کان وڌيڪ ايمان ۽ عمل صالح جو مان مرتبو آهي. (الانعام: 52/6، الكهف: 28/18) حديث شريف ۾ آهي."اِنَّ اللّٰهَ لَا يَنْظُرُ اِلٰى صُوَرِكُمْ وَلَا اِلٰى اَمْوَالِكُمْ وَلٰكِنْ يَّنْظُرُ اِلٰى قُلُوْبِكُمْ وَ اَعْمَالِكُمْ " (صحيح بخاري) الله اوهان جي صورت ۽ مال کي نٽو ڏسي، پر هو اوهان جي دل ۽ اعمال کي ڏسي ٿو. "اَلْمَالُ وَالْبَنُوْنَ زِيْنَةُ الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا" (البقره: 212/2، آل عمران: 14/3) جيڪڏهن مان هنن سچن مؤمنن کي جن سخت ظلم ۽ جبر واري ماحول ۾ سر جو سانگو لاهي ايمان جو رستو اختيار ڪيو آهي، اي منهنجي برادري جا ماڻهو! هاڻي ٻڌايو تہ اهڙن مخلص جان نثار مؤمنن کي جيڪڏهن مان اسلام جي جماعت کان الڳ ڪري ڇڏيان تہ پوءِ الله جي گرفت کان بچڻ لاءِ منهنجي ڪير مدد ڪندو، اوهان هن ڳالهه تي غور ڪري سمجهڻ جي ڪوشش ڇو نٿا ڪريو.

وَ لَاۤ اَقُوْلُ لَكُمْ عِنْدِیْ خَزَآىٕنُ اللّٰهِ وَ لَاۤ اَعْلَمُ الْغَیْبَ وَ لَاۤ اَقُوْلُ اِنِّیْ مَلَكٌ
وَّ لَاۤ اَقُوْلُ لِلَّذِیْنَ تَزْدَرِیْۤ اَعْیُنُكُمْ لَنْ یُّؤْتِیَهُمُ اللّٰهُ خَیْرًا ؕ اَللّٰهُ اَعْلَمُ
بِمَا فِیْۤ اَنْفُسِهِمْ ۖۗ اِنِّیْۤ اِذًا لَّمِنَ الظّٰلِمِیْنَ ﴿۳۱﴾ قَالُوْا یٰنُوْحُ قَدْ جٰدَلْتَنَا
فَاَكْثَرْتَ جِدَالَنَا فَاْتِنَا بِمَا تَعِدُنَاۤ اِنْ كُنْتَ مِنَ الصّٰدِقِیْنَ ﴿۳۲﴾ قَالَ
اِنَّمَا یَاْتِیْكُمْ بِهِ اللّٰهُ اِنْ شَآءَ وَ مَاۤ اَنْتُمْ بِمُعْجِزِیْنَ ﴿۳۳﴾ وَ لَا یَنْفَعُكُمْ
نُصْحِیْۤ اِنْ اَرَدْتُّ اَنْ اَنْصَحَ لَكُمْ اِنْ كَانَ اللّٰهُ یُرِیْدُ اَنْ یُّغْوِیَكُمْ ؕ هُوَ

رَبُّكُمْ ۫ وَ اِلَيْهِ تُرْجَعُوْنَ ﴿۳۴﴾ اَمْ يَقُوْلُوْنَ افْتَرٰىهُ ؕ قُلْ اِنِ افْتَرَيْتُهٗ فَعَلَيَّ
اِجْرَامِيْ وَ اَنَا بَرِيْٓءٌ مِّمَّا تُجْرِمُوْنَ ﴿۳۵﴾ ع ۴ ۴

۽ مان اوهان کي اهو نٿو چوان تہ مون وٽ الله جا خزانا آهن ۽ نہ مان پاڻ غيب جو (ذاتي) علم رکان ٿو، پر مون کي الله تعالىٰ طرفان عطائي علم آهي ۽ نہ مان چوان ٿو تہ مان فرشتو آهيان ۽ جيکي (مؤمن) اوهان جي اکين ۾ حقير لڳن ٿا، مان انهن لاءِ اهو نٿو چئي سگهان تہ الله ب انهن تي کو خير و عنايت نہ ڪندو، جيکو ڪجهہ هنن جي دلين ۾ آهي، الله ان کي چڱي طرح ڄاڻي ٿو. مان هنن کي دور ڪري ڇڏيان تہ يقينًا مان پاڻ ظالمن ۾ شمار ٿي ويندس. (31) ۽ چون ٿا تہ اي نوح (عليه السلام) تو اسان سان جهڳڙو ڪيو ۽ واهہ جو جهڳڙو ڪيو، هاڻي اسان تي اهو عذاب ڪٽي اڇ، جنهن جو وعدو ڪرين ٿو، جيڪڏهن تون واقعي سچو آهين.(32) نوح عليه السلام فرمايو تہ اوهان تي اهو عذاب تہ الله ئي آڻيندو، جڏهن هن جي مشيت هوندي ۽ اوهان هن جي گرفت مان نڪري نہ سگهندا.(33) منهنجي نصيحت اوهان کي نفعو نہ ڏيندي توڙي ڪٽي مان اوهان کي نصيحت ڪرڻ ب گهران، جيڪڏهن الله جي قانون مشيت ۾ اوهان جي گمراهيءَ جو فيصلو ٿي چڪو آهي. اهوئي توهان جو رب آهي ۽ آخرڪار اوهان کي ان طرف ئي واپس موٽڻو آهي. (34) ڇا هي ماڻهو اهو چون ٿا تہ محمد رسول خاتم النبيين صلى الله عليه وسلم پاڻ پنهنجي طرفان افتراءُ ڪيو آهي (گهڙي رکيو آهي) هنن کي چئو تہ جيڪڏهن مون پاڻ گهڙيو آهي تہ پوءِ ان جو وبال منهنجي سر تي آهي، پر جيڪو جرم اوهان ڪري رهيا آهيو، مان ان کان بيزار آهيان.(35)

مخالفين حضرت نوح عليه السلام تي عجيب و غريب اعتراض ڪندي چوندا هئا تہ تون تہ اسان جھڙو انسان آهين. توکي اسان تي ڪا فضيلت ناهي. نہ خزانا مليا آهن ۽ نہ فرشتا، توکي معتبر ۽ معزز ماڻهن جي حمايت حاصل ناهي. توسان تہ حقير نيچ طبقي وارا گڏ آهن. جواب ۾ حضرت نوح عليه السلام فرمايو تہ مان تہ واقعي انسان آهيان، پر مون کي وحي الاهي طرفان علم و عمل جو سڏو رستو ڏيکاريو ويو آهي. اوهان ڪڏهن غيب جون خبرون پڇو تا ۽ ڪڏهن عجيب و غريب مطالبا ڪيو تا تہ جڏ خدا جي خزانن جون ڪنجيون منهنجي هٿن ۾ آهن. ڪڏهن چئو تا تہ مان انسانن وانگر ڪانوان پيئان ٿو. نہ مون وٽ غيب جو ذاتي علم آهي، جو علم آهي، اهو عطائي آهي. ۽ نہ مان فرشتو آهيان، اهڙن بي جا سوالن بدران منهنجي اخلاق، عقائد ۽ نيڪيءَ تي رهنمائي ڪندڙ دعوت تي غور ڪريو. مان هنن غريب پر شريف ۽ ايماندار ماڻهن کي پنهنجي جماعت مان نيڪالي نٿو ڏئي سگهان، جن کي اوهان حقارت جي نظرن سان ڏسو تا ۽ انهن سان مجلس ۾ گڏ ويهڻ کي پنهنجي شان جي خلاف سمجهو تا. الله ئي هنن جي اندر ۽ باطن کان آگاھ آهي ۽ اهو ئي کين ان مطابق درجات عطا ڪندو. "فَرَوْحٌ وَّرَيْحَانٌ ۙ وَّجَنَّتُ نَعِيْمٍ" (الواقعه: 89/56 ۽ 24) مان اوهان کي خوش ڪرڻ لاءِ هنن کي پري ڪري ڇڏيان تہ منهنجو شمار ظالمن مان ٿيندو.

چائت پائي چت ۾ سنهو ڪتيو جن،
تن جو صرافن وڪو دخل نہ ڪيو.

محبت پائي من ۾ رندا روڙيا جن،
تن جو صرافن اڻ توريوائي اگهائيو.

(شاھ لطيف رحمه الله: سر ڪاپائتي)

جڏهن نوح عليه السلام جي هنن علمي عقلي ۽ منطقي دليلن جي جواب ڏيڻ کان مخالف قاصر رهيا ۽ پنهنجي شڪست کي سامهون ڏسندي ضد ۽ هٺ ڏرمي تي اچي ويا ۽ چوڻ لڳا تہ بس حد ٿي وئي اي نوح عليه السلام! تو پنهنجي دعوت تي اسان کي آڻڻ لاءِ خوب جهڳڙو ڪيو آهي ۽ بحث مباحثي جي ڪا حد هوندي آهي. اسان تنهنجي دعوت قبول

ڪرڻ وارا نہ آهيون. هاڻي تو وٽ فقط هڪ حربو رهيو آهي تہ جيڪڏهن واقعي تون سچو آهين تہ پوءِ پلي اهو عذاب آڻي ڏيکار، جنهن جو تو وعدو ڪري رکيو آهي. هي اهو ئي حماقت وارو جواب آهي، جيڪو شروع کان ئي گمراهہ قومون ڏيندیون رهيون آهن ۽ پنهنجي پيغمبر کي چوندیون آيون آهن تہ پلي عذاب اچي، جيڪڏهن هي ڪم عقل ڪم سمجهہ ماڻهو اهو چون ها تہ هينئر تائين اسان ايمان نہ آندو آهي، باقي تون پنهنجي الله کان دعا گهر تہ جيڪڏهن ايمان آڻڻ اسان جي حق ۾ چڱو آهي تہ الله اسان جو سينو کولي ڇڏي. جنهن عذاب جي اوهان مون کان گهر ڪري رهيا آهيو، اها منهنجي هٿ وس ناهي، ان جو آڻڻ يا نہ آڻڻ منهنجي اختيار ۾ ناهي، اهو عذاب تہ خدا جي قانون مطابق ايندو، پر ايترو معلوم آهي تہ دير سوير اهو ضرور اچڻ وارو آهي، جنهن جي اچڻ ۽ پوري وقت تي اچڻ ۾ ڪو شڪ ناهي. اوهان پنهنجي طور هن عذاب کي شڪست ڏيڻ وارا نہ آهيو ۽ نہ وري ان جو منهن موڙي ٻئي طرف ڪري سگهو ٿا. الله جي مشيت واري فيصلي تي اوهان جو ڪو اختيار ناهي.

اهو بہ ياد رکو تہ جيڪڏهن اوهان هدايت جي سيني طريقن ۽ دليلن جا انڪاري آهيو ۽ اوهان جو اهو اٽل فيصلو آهي تہ ڪنهن بہ صورت ۾ الله سچي رستي کي قبول ناهي ڪرڻو ۽ انبياءَ ڪرام جي تعليمات جو اتمام حجت بہ ٿي چڪي آهي تہ پوءِ جيڪڏهن اوهان جي هٺ ڏرمي، شرپسندي ۽ خير کان دوري ۽ بي رغبتيءَ جي ڪري الله اوهان کي راست روي جي توفيق عطا نہ ڪري ۽ جنهن طرف توهان پٺڪي وڃي رها آهيو، ان طرف پٺڪندا رهو، اوهان کي ڏکهي رستو ڏئي ٿو تہ پوءِ اوهان جي ٻلائي، خيرخواهي ۽ اصلاح لاءِ منهنجي ڪا بہ ڪوشش ڪارگر ثابت نہ ٿيندي. "اِغْوَآءُ" بمعنیٰ "اِضْلَال" يعني گمراهہ ڪرڻ آهي. بعض مفسرين جي خيال ۾ هي افتراءَ وارو مڪالمو قوم نوح ۽ حضرت نوح عليه السلام جي درميان ٿيو. بعض جو خيال آهي تہ هي جملو معترضه طور تي مشرڪين مڪه ۽ نبي اڪرم خاتم النبيين صلى الله عليه وسلم جي درميان ٿيو. مشرڪن جو خيال هو تہ محمد ڪريم خاتم النبيين صلى الله عليه وسلم قوم نوح جا قصا بيان ڪري، انهن کي اسان تي چسپان ڪرڻ گهري ٿو. احوال ۾ عذاب تہ قوم نوح جي نالي سان بيان ڪري ٿو، پر ان عذاب جي نسبت اسان ڏي ڪري، خود قصا گهڙي رهيو آهي ۽ اسان تي چوٽ لڳائي رهيو آهي.

مشرڪن جي اها گهٽيا سوچ، پست ذهن جي نشاني آهي، جن جي نظر هميشہ برائيءَ طرف وڃي ٿي. هنن کي حڪمت ۽ نصيحت جو پهلو نظر نٿو اچي.

نیک نے نیک بد نے بد جانا مجھے
جو تھا جیسا ویسا پہچانا مجھے

چڱا ڪن چڱايون منايون منن،
جو وڙ جڙي جن سين سو وڙ سي ئي ڪن.

(شاھ لطيف رحمۃ اللہ علیہ)

مشرڪين مڪه چون ٿا تہ نبي اڪرم خاتم النبيين صلی اللہ علیہ وسلم هي قصا پاڻ گهڙي، اسان تي چسپان ڪري ٿو، تون هنن کي چئو جيڪڏهن هي قرآن منهنجي هٿ جو ٺاهيل آهي ۽ مان ان کي الله طرف منسوب ڪري رهيو آهيان تہ انهيءَ جرم جو مان ذميوار آهيان، جنهن ۾ اوهان جو ڪجهہ بہ ناهي، پر جيڪڏهن مان سچو آهيان تہ پوءِ توهان جي هن ڪوڙي الزام جو وبال اوهان جي سر آهي، جنهن کان مان بلڪل بري الذمه آهيان.

وَ اُوْحِیَ اِلٰی نُوْحٍ اَنَّهٗ لَنْ یُّؤْمِنَ مِنْ قَوْمِكَ اِلَّا مَنْ قَدْ اٰمَنَ فَلَا تَبْتَىِٕسْ
بِمَا كَانُوْا یَفْعَلُوْنَ ۚ۬ ﴿۳۶﴾ وَ اصْنَعِ الْفُلْكَ بِاَعْیُنِنَا وَ وَحْیِنَا وَ لَا تُخَاطِبْنِیْ فِی
الَّذِیْنَ ظَلَمُوْا ۚ اِنَّهُمْ مُّغْرَقُوْنَ ﴿۳۷﴾ وَ یَصْنَعُ الْفُلْكَ ۫ وَ كُلَّمَا مَرَّ عَلَیْهِ مَلَاٌ
مِّنْ قَوْمِهٖ سَخِرُوْا مِنْهُ ؕ قَالَ اِنْ تَسْخَرُوْا مِنَّا فَاِنَّا نَسْخَرُ مِنْكُمْ كَمَا
تَسْخَرُوْنَ ﴿۳۸﴾ فَسَوْفَ تَعْلَمُوْنَ ۙ مَنْ یَّاْتِیْهِ عَذَابٌ یُّخْزِیْهِ وَ یَحِلُّ عَلَیْهِ
عَذَابٌ مُّقِیْمٌ ﴿۳۹﴾ حَتّٰۤی اِذَا جَآءَ اَمْرُنَا وَ فَارَ التَّنُّوْرُ ۙ قُلْنَا احْمِلْ فِیْهَا مِنْ

كُلٍّ زَوْجَيْنِ اثْنَيْنِ وَ اَهْلَكَ اِلَّا مَنْ سَبَقَ عَلَيْهِ الْقَوْلُ وَ مَنْ اٰمَنَ ؕ وَ مَاۤ اٰمَنَ مَعَهٗۤ اِلَّا قَلِيْلٌ ﴿۴۰﴾

پوءِ نوح عليه السلام کي وحي ڪئي وئي تہ تنهنجي قوم مان جن ماڻهون ايمان آندو آهي، هاڻي انهن کان سواءِ ڪو بہ ايمان آڻڻ وارو نہ آهي، سو انهن جي ڪارگذاري تي رنجيده نہ ٿيءُ. (36) ۽ اسان جي نگراني ۾ هدايت موجب ڪشتي ٺاهہ، هن ظالمن بابت مون سان ڪا ڳالهہ نہ ڪجانءِ هي هاڻي (هر حالت ۾) غرق ٿي ويندا. (37) نوح عليه السلام ڪشتي ٺاهڻ لڳو ۽ هن جي قوم جا سردار جڏهن هن وٽان گذرندا هئا تہ ان سان مسخريون ڪندا هئا. نوح عليه السلام هنن کي جواب طور چوندو هو تہ جيڪڏهن توهان اسان تي چٽرون ڪيو ٿا ۽ جنهن رنگ ۾ اوهان کلو ٿا تہ اسان بہ توهان تي کلنداسون. (38) عنقريب اوهان کي معلوم ٿي ويندو تہ اهي ڪير آهن، جن تي عذاب ايندو آهي ۽ کين رسوا ڪندو ۽ اهو قهر انهن تي رهڻ وارو هوندو. (39) هو غفلت ۾ ئي هئا تہ اسان جو حڪم (عذاب) اچي ويو ۽ تنور جوش مان پاڻي ڪيڻ لڳو تہ اسان نوح عليه السلام کي چيو تہ پنهنجي هن ڪشتيءَ ۾ تمام جاندار جو هڪ هڪ جوڙو بہ رک ۽ پنهنجي اهل و عيال کي بہ رک، سواءِ انهن جي، جن جو اڳ ۾ فيصلو ٿي چڪو آهي ۽ انهن ماڻهن کي بہ سوار ڪر جن ايمان آندو آهي. اگرچہ هن سان گڏ ايمان آڻڻ وارا ٿورڙا هئا.(40)

جڏهن الله جي قانون مهلت مطابق مهلت جو وقت بہ گذري ويو ۽ نبي سڳوري ياران رشدو هدايت جي سلسلي ۾ ڪيل دعوت جو نتيجو بہ اختتام تي پهتو تہ ان وقت اسان نوح عليه السلام ڏانهن وحي ڪئي تہ تنهنجي ڪوشش جي باوجود هنن ٿورڙن ماڻهن جي

ايمان آڻڻ کان سواءِ تنهنجي قوم مان ٻيو ڪير به ايمان آڻڻ وارو نہ آهي. هو ڪفر جي زندگيءَ تي ڪي حق ۽ سچائي جي راهہ حيات تي ترجيح ڏين ٿا. هاڻي هنن جي عاقبت جي فڪر تي تون زياده رنجيده ۽ غمگين نہ ٿيءُ. هنن ڪي انهي مسخري ۽ ٺٺولي واري حالت تي ڇڏي ڏي. تنهنجي جانگدازي ۽ رنجيده دلي هاڻي هنن جي حالت ابتر ۾ ڪا تبديلي نہ آڻيندي. "ثُمَّ قَسَتْ قُلُوْبُكُمْ" (البقره: 74/2، الانعام: 43/6) "كَلَّا بَلْ ۜ رَانَ عَلٰى قُلُوْبِهِمْ (المطففين: 14/83) پر ڪٽ (زنگ) سندن دلين تي جمي وئي آهي. "خَتَمَ اللّٰهُ عَلٰى قُلُوْبِهِمْ وَعَلٰى سَمْعِهِمْ ۭ وَعَلٰٓى اَبْصَارِهِمْ غِشَاوَةٌ ۠ وَّلَهُمْ عَذَابٌ عَظِيْمٌ" (البقره: 7/2) هنن جي دلين ۽ ڪنن تي مهر ۽ اکين تي پردا پيل آهن. هاڻي انهن جي سڌرڻ جي ڪا اميد نہ رهي آهي. ان ڪري اسان جي نگراني ۾ ۽ ڏنل هدايت ۽ هنر جي روشنيءَ ۾ تون هڪ ٻيڙي تيار ڪر. هنن سرڪش ظالمن جي باري (سفارش) ۾ اسان کي ڪجهہ نہ چئجان، ان ڪري جو هنن جي اعمال جي نتيجي ۾ سندن تباهيءَ جو پڪو فيصلو ٿي چڪو آهي، هي سڀ غرق ڪيا ويندا. (المؤمنون: 27/23) نوح عليه السلام ٻيڙي ٺاهڻ شروع ڪئي. جڏهن سردارن مان ڪو اتان گذرندو هو تہ ٺوڪرون ڪندو هو. هنن ڪڏهن نہ سوچيو تہ هن شخص جو ڪردار ڪهڙو آهي ۽ اهو الله تي اهڙو بهتان مڙهي سگهي ٿو؟ پر هنن جو انهيءَ طرف ڪو خيال نہ ويو، ٺٺوليون ۽ مسخريون ڪندا رهيا، نوح عليه السلام هنن کي سندن جواب ۾ چيو تہ اڄ توهان اسان تي چٽرون ڪري رهيا آهيو، سياڻي اسان توهان جي هن بي وقوفيءَ تي کلنداسون. هاڻي اهو وقت گهٽو پري ناهي، عنقريب اوهان پنهنجي اکين سان ڏسي سگهندو تہ اهو ڪنهن تي نازل ٿيڻ وارو آهي ۽ ڪنهن کي هن دنيا اندر رسوا ۽ خوار ڪرڻ وارو عذاب آهي. الله جو اهو عذاب ڪو وقتي يا عارضي نہ هوندو پر اهڙو تہ هولناڪ ۽ سخت هوندو، جو جنهن تي به ايندو تہ ان کي هميشه لاءِ نيست و نابود ڪري ڇڏيندو.

هيءَ ڳالهہ غور ڪرڻ واري آهي تہ ڪافر نوح عليه السلام کي ٻيڙي ٺاهيندي ظاهري حالتن کي ڏسي رهيا هئا تہ هن پهاڙي علائقي ۾ ايڏو وڏو سيلاب ايندو، جو ڪين ٻيڙي تي چڙهي بچڻ ڪان سواءِ ٻيو ڪو رستو نہ هوندو. هنن کي ناممڪن ٿي لڳو، پر نوح عليه السلام جون حقيقت آگاهہ اکيون ڏسي رهيون هيون، اهو طوفان ۽ بارش ڪٿان ۽ ڪيترو ايندو.

هي ظاهري نگاهہ ۾ حقيقت شناس نگاهہ جو فرق آهي، جنهن جو اظهار حضرت موسيٰ ۽ حضرت خضر عليهما السلام جي قصي ۾ سورة الكهف ۾ ذڪر آهي. نوح عليه السلام جي قوم نہ رڳو سندس شدت سان مخالفت ڪئي، پر ڪيس ٻيڙي ناهيندي ڏسي ٻہ ان کي سنجيدگي سان نہ ورتو. بس مسخري ۽ ٺٺولي ڪرڻ ۾ لڳل رهيا. پوءِ جڏهن قانونِ خداونديءَ مطابق اهو مقرر وقت اچي ويو تہ خاص تنور چشمو پاڻيءَ جي جوش سان اتلي پيو، آسمان جي لڳاتار تيز برسات، طوفان، هوائن ۽ سونامي سبب آس پاس جا سمنڊ ٻہ اتلي پيا ۽ زمين مان پاڻي چشمن جي صورت ۾ ڦوهارا ڪري نڪرڻ لڳو، جنهن وڏي طوفاني سيلاب جي صورت اختيار ڪري ورتي، اسان نوح عليه السلام کي چيو تہ موجوده ضرورت وارين شين جو جوڙو جوڙو (نر ۽ ماده) ۽ پنهنجي اهل و عيال کي گڏ ٻيڙي ۾ ڪڻ، سواءِ انهن جي، جن بابت اڳ ۾ حڪم اچي چڪو آهي. (هود: 46/11) جن ۾ نوح عليه السلام جي زوجہ ۽ سندس پٽ يام (ڪنعان) شامل هئا، جڏهن تہ سندس ٽي پٽ حام، سام ۽ يافث ٻيڙي ۾ سوار هئا. حضرت سام جي اولاد جيڪا سامي سڏرائي ٿي، ان علائقي ۾ رهي، عاد، ثمود ۽ حضرت ابراهيم عليه السلام سڀ سامي نسل آهن. جن ايمان آندو آهي، انهن کي ٻہ ساڻ ڪڻ. اهي ايمان آڻڻ وارا ٿورڙا ماڻهو هئا. هن بارش واري طوفان بابت ڏسو سورة القمر 94/54، الحاقه: 11-12/69) ٻيڙي ۾ رڳو اهل ايمان سوار ٿيا، باقي ڪافر ۽ مشرڪ طوفان جي زد ۾ اچي نيست و نابود ٿي ويا. اهڙي طرح الله هڪ غليظ ۽ سرڪش قوم کان مؤمنن کي آزاد ۽ پاڪ ڪري ڇڏيو(سبحان الله وبحمده) (بني اسرائيل: 3/17، المؤمنون: 23/28-27، مريم: 58/19، التحريم: 10/66)

وَقَالَ ارْكَبُوْا فِيْهَا بِسْمِ اللّٰهِ مَجْرٖىهَا وَ مُرْسٰىهَا ؕ اِنَّ رَبِّيْ لَغَفُوْرٌ
رَّحِيْمٌ ﴿٤١﴾ وَ هِيَ تَجْرِيْ بِهِمْ فِيْ مَوْجٍ كَالْجِبَالِ ۫ وَ نَادٰى نُوْحُ ِۨابْنَهٗ وَ كَانَ
فِيْ مَعْزِلٍ يّٰبُنَيَّ ارْكَبْ مَّعَنَا وَ لَا تَكُنْ مَّعَ الْكٰفِرِيْنَ ﴿٤٢﴾ قَالَ سَاٰوِيْۤ اِلٰى
جَبَلٍ يَّعْصِمُنِيْ مِنَ الْمَآءِ ؕ قَالَ لَا عَاصِمَ الْيَوْمَ مِنْ اَمْرِ اللّٰهِ اِلَّا مَنْ

س قرء حفص بفتح الميم وما كلة الرّاء

رَّحِمَ ۚ وَ حَالَ بَيْنَهُمَا الْمَوْجُ فَكَانَ مِنَ الْمُغْرَقِيْنَ ﴿٤٣﴾ وَ قِيْلَ يٰۤاَرْضُ
ابْلَعِيْ مَآءَكِ وَ يٰسَمَآءُ اَقْلِعِيْ وَ غِيْضَ الْمَآءُ وَ قُضِيَ الْاَمْرُ وَ اسْتَوَتْ عَلَى
الْجُوْدِيِّ وَ قِيْلَ بُعْدًا لِّلْقَوْمِ الظّٰلِمِيْنَ ﴿٤٤﴾ وَ نَادٰى نُوْحٌ رَّبَّهٗ فَقَالَ رَبِّ اِنَّ
ابْنِيْ مِنْ اَهْلِيْ وَ اِنَّ وَعْدَكَ الْحَقُّ وَ اَنْتَ اَحْكَمُ الْحٰكِمِيْنَ ﴿٤٥﴾

نوح عليه السلام چيو تہ هن ٻيڑي ۾ سوار ٿي وڃو، هن جو هلڻ ۽ رکجڻ الله جي مبارڪ ناءُ سان آهي. منهنجو پروردگار گهٽي بخشڻ وارو ۽ دائمي شفقت وارو آهي.(41) اها ڪشتي ڇهاڙن جهڙين (طوفاني) لهرن ۾ انهن کي کڻي هلي ۽ نوح عليه السلام پنهنجي پٽ کي، جيڪو ڪناري تي ٻيٺل هيو، سڏ ڪيو تہ ٻچا! اسان سان ٻيڑي ۾ سوار ٿي ۽ ڪافرن سان گڏ نہ رهہ. (42) هن (يام) جواب ڏنو تہ مان ڪنهن ڇاڙ تي چڙهي پناهہ ونندس، اهو مون کي بچائي ونندو. نوح عليه السلام چيو تہ جنهن تي الله پنهنجو رحم ڪري، ان کان سواءِ ڪو ٻيو اڄ بچائڻ وارو ڪونهي. هڪ موج ٻنهي جي وچ ۾ حائل ٿي ۽ هو (يام) ٻڏي ويو.(43) (جڏهن قوم پوري ٻڏي وئي تہ) حڪم ٿيو تہ اي زمين پنهنجو پاڻي ڳهي وڃ ۽ اي آسمان رکجي وڃ ۽ پاڻي سڪي ويو ۽ فيصلو وقوع پذير ٿي ويو ۽ ٻيڑي جودي (ڇاڙ) تي ٻيهي رهي ۽ چيو ويو تہ هن ظالم قوم تي الله جي رحمت کان دوري هئي.(44) نوح عليه السلام پنهنجي پروردگار کي پڪاري عرض ڪيو تہ منهنجا رب! منهنجو پٽ (يام) بہ تہ منهنجي اهل يعني گهر وارن مان آهي، يقيناً تنهنجو وعدو سچو آهي ۽ تون حاڪمن جو بہ حاڪم آهين. (45)

نوح عليه السلام پنهنجي اهل و عيال ۽ ايمان آڻيندڙ ماڻهن کي چيو ته هن ٻيڙي ۾ سوار ٿي وڃو. طوفاني برسات جي پاڻيءَ جون جبلن جهڙيون موجون ڏسي چوڙ لڳا ته هي ٻيڙي ڪٽي ست سهي سگهندي، پاڻي تمام گهڻو زوردار آهي، نوح عليه السلام چيو ته بس اوهان سوار ٿي ونو. جڏهن ويهي وڃو ته چئو: "اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِیْ نَجّٰىنَا مِنَ الْقَوْمِ الظّٰلِمِیْنَ○ وَقُلْ رَّبِّ اَنْزِلْنِیْ مُنْزَلًا مُّبٰرَكًا وَّ اَنْتَ خَیْرُ الْمُنْزِلِیْنَ○" (المؤمنون: 29/23- 28) سموريون تعريفون الله لاءِ آهن، جنهن اسان کي ظالم ماڻهن کان نجات ڏياري ۽ چؤ ته اي منهنجا رب! مون کي برڪتن سان ٻيڙي لاهجان ۽ تون ئي بهتر طريقي لاهڻ وارو آهين. اهڙيءَ طرح سورة الزخرف: 12/43 ۾ جيڪا دعا آهي، اها پڙهڻ پڻ ثابت آهي. هن ڪشتي جو ڪنٽرول هاڻي منهنجن هٿن ۾ ناهي. هاڻي هن ٻيڙي جو سڙهه صاحب ستار جي هٿ آهي، ان ڪري هاڻي هن جو هلڻ يا ڪٽي رکجڻ سڀ انهيءَ جي نانو مبارڪ سان وابسته آهي. هي ڪو منهنجي هٿن يا سوچ جو ڪرشمو نه آهي. هي سمورو پلان وحي جي روشني نگراني ۽ رهنمائي ۾ ٿي رهيو آهي. اهو يقين ڪريو ته هاڻي ڪا مصيبت اچڻ واري نه آهي. هي سارو انتظام الله جي ربوبيت ۽ رحمت واري منصوبي هيٺ رونما ٿي رهيو آهي. اهوئي انساني ڪمين ڪوتاهين کي بخشڻ ۽ حفاظت ۾ ڏيڻ وارو آهي، جنهن جي شفقت ۽ رحمت دائمي آهي. نوح عليه السلام جي توڪل ۽ تفويض الاهي الله هڪ صالح مؤمن جي صفت آهي.

سيئي سبحان جي ڪر حوالي ڪم
ٿي تحقيق تسليم ۾ لاهي غم وهم
ته قادر ساڻ ڪرم حاصل ڪري حاج ٿو.

(شاهه لطيف رحمه الله)

کشتگانِ خنجرِ تسليم را
هر زمان از غيب جانِ ديگر ست

يعني تسليم ۽ رضا جي ڪنل شهيدن لاءِ هر زماني ۾ نئين زندگي آهي.

ٻيڙي هنن کي کٽي پهاڙ جهڙين موجن ۾ هلڻ لڳي. (الشعراء: 63/26، القمر: 11/54) هن طوفاني برسات ۽ ٻوڏ ۾ هڪ ننڍڙي ٻيڙي الله جي حفاظت ۽ امان ۾ هلي رهي هئي. هن زبردست طوفاني برسات جو ذڪر هن طرح آيو آهي: "اِنَّا لَمَّا طَغَا الْمَآءُ حَمَلْنٰكُمْ فِي الْجَارِيَةِ ۙ لِنَجْعَلَهَا لَكُمْ تَذْكِرَةً وَّتَعِيَهَآ اُذُنٌ وَّاعِيَةٌ ۝" (الحاقه: 12/69-11) ٻيشڪ جڏهن پاڻي حدون پار ڪري ويو، تڏهن اسان توهان کي ٻيڙي ۾ سوار ڪيو ته جيئن هن کي هڪ يادگار حقيقت بڻايون ۽ محفوظ رکڻ وارا ڪن ٻڌي ياد رکن. "وَحَمَلْنٰهُ عَلٰى ذَاتِ اَلْوَاحٍ وَّدُسُرٍ ۝ تَجْرِيْ بِاَعْيُنِنَا ۚ جَزَآءً لِّمَنْ كَانَ كُفِرَ ۝" (القمر: 14/54-13) ۽ اسان هن کي تختن ۽ کيل واري ٻيڙي ۾ سوار ڪيو، جيڪا اسان جي نگراني ۾ محفوظ هلي رهي هئي. ڪافرن کي ڪفر جو بدلو مليو. (الحاقه: 12/69-11) ٻيڙي هلڻ کان ٿورو اڳ نوح عليه السلام پنهنجي پٽ يام (ڪنعان) کي سڏ ڪيو ته اڇ ٻيڙي ۾ سوار ٿيءُ. هو نوح عليه السلام جي ٻين اهل و عيال وارن سان گڏ نه آيو هيو، پر الڳ هم مشرب ڪافرن سان گڏ ڪناري تي بينل هيو. هنن ڪافرن جي صحبت ۽ سنگت ڇڏي ڏي. هن ٻيڙي تي چڙهڻ کان انڪار ڪيو ۽ چيائين مان اوهان سان گڏ ڪونه هلندس، توهان پلي هلو. هن چيو ته هن ٻيڙي کان وڌيڪ محفوظ ته پهاڙيءَ جي چوٽي آهي، سو هو پهاڙي ڏي ويو ۽ چيائين ته هي مون کي هن طوفان کان بچائي ونندي. مان ان ۾ پناهه ونان ٿو. نوح عليه السلام کيس چيو ته پٽ تون غلط فهمي جو شڪار آهين. هي طوفان الله جي فرمان هيٺ آيو آهي ۽ الله کان سواءِ توکي ڪير به بچائي نه سگهندو. خدا جي هن عذاب واري طوفان کان رڳو اهي بچي سگهندا، جيڪي سچي دل سان الله تي ايمان آڻين ٿا ۽ ان جي رحمت جي دامن ۾ پناهه ونن ٿا. ايتري ۾ وڏي موج اٿي ۽ سپ ڪافر ٻڏي غرق ٿي ويا. حديث شريف ۾ سواريءَ تي سوار ٿيڻ وقت جي دعا "سُبْحٰنَ الَّذِيْ سَخَّرَ لَنَا هٰذَا وَ مَا كُنَّا لَهٗ مُقْرِنِيْنَ ۝ وَ اِنَّآ اِلٰى رَبِّنَا لَمُنْقَلِبُوْنَ ۝" (الزخرف: 14/43-13) اهڙيءَ طرح المؤمنون: 29/23-28 ۾ جيڪا دعا آهي، اها ثابت آهي.

جڏهن ٻيڙي تي سوار ماڻهن ۽ جانورن مان سپ سلامت بچي ويا ۽ ڪافرن مان ڪو به هڪڙو باقي نه رهيو ته (الله طرفان) حڪم ڏنو ويو ته زمين تو پنهنجي پاڻيءَ کي چوسي وٺ ۽ آسمان وڌيڪ برسات کان رڪجي وڃ ۽ اهڙيءَ طرح زمين تان پاڻي خشڪ ڪيو ويو ۽ پورو ناٿ ڏيرتي ويو، فيصلو انجام تي پهتو ۽ ٻيڙي جودي جبل جي چوٽيءَ

تي رکجي وئي ۽ چيو ويو تہ تباهي بربادي ۽ دوري آهي، ظالم قوم جي لاءِ. جودي پهاڙي اڃ بہ موجود آهي. (العنکبوت: 15/29، الاعراف: 64/7-59) جڏهن فيصلو صادر ٿي ويو. ڪشتي صحيح سلامتي جودي جبل تي قرار پاتو. يام (ڪنعان) ۽ پوري نافرمان قوم نيست و نابود ٿي وئي تہ نوح عليه السلام پنهنجي رب جي بارگاهہ ۾ عرض گذار ٿيو تہ منهنجا رب! منهنجي اهل و عيال کي تہ ڪشتي ۾ سوار ٿيڻ جي اجازت ملي هئي، ڪنعان بہ منهنجي اهل و عيال مان هيو، تنهنجو وعدو تہ سراپا حق ۽ سچ آهي، پوءِ ڪنعان غرق ٿي ويو. تنهنجو حڪم هر حاڪم جي حڪم کان وڏيڪ آهي ۽ تنهنجو فيصلو هر فيصلي ڪندڙ کان بهتر آهي. هن فيصلي جي حڪمت کي تون ئي ڄاڻين ٿو، الله تعالىٰ جو فرمان ٿيو. "اِنَّهٗ عَمَلٌ غَيْرُ صَالِحٍ" هن جو عمل خراب آهي ۽ هي تنهنجي اهل مان نہ آهي، هن ڪفر جي راهہ اختيار ڪري تنهنجي اهل کان علحدگي ڪري ڇڏي آهي. نبي جي گهراٽي مان هجڻ سان نسب جي بنياد تي نجات نہ آهي، نجات عمل صالح سان آهي. حديث شريف ۾ آهي: "مَنْ بَطَأَ عَمَلُهٗ لَمْ يُسْرِعْ نَسَبُهٗ" جنهن کي عمل پٺتي هٽائي، ان کي نسب اڳتي نٿو آڻي. يام نبيءَ جي گهر ۾ پيدا ٿيو، هن کي بين کان وڏيڪ سنو معاشرو مليو، هن کي تہ اڳ ۾ ايمان آڻڻ گهرجي ها. پر هن اهڙي سونهري موقعي کي بہ ضايع ڪيو، ان ڪري خدا جي غضب جو وڏيڪ مستحق ٿيو. اهل بيت جو ذڪر القصص: 12/26 ۽ الاحزاب: 33/33 ۾ آيو آهي. نبي اڪرم خاتم النبيين صلى الله تعالىٰ عليه وسلم جو فرمان مبارڪ آهي: "مَثَلُ اَهْلُ بَيْتِيْ كَمَثَلِ سَفِيْنَةِ نُوْحٍ مَنْ رَكِبَ فِيْهَا نَجَا وَمَنْ تَخَلَّفَ عَنْهَا غَرَقَ" (ضياءُ القرآن: ج4 ص377) منهنجي آل اهل بيت نوح جي ڪشتيءَ وانگر آهي، جيڪو ان ۾ سوار ٿيو، اهو غرق ٿيڻ کان بچي ويو.

قَالَ يٰنُوْحُ اِنَّهٗ لَيْسَ مِنْ اَهْلِكَ ۚ اِنَّهٗ عَمَلٌ غَيْرُ صَالِحٍ ۖ فَلَا تَسْـَٔلْنِ مَا لَيْسَ لَكَ بِهٖ عِلْمٌ ؕ اِنِّيْۤ اَعِظُكَ اَنْ تَكُوْنَ مِنَ الْجٰهِلِيْنَ ﴿۴۶﴾ قَالَ رَبِّ اِنِّيْۤ اَعُوْذُ بِكَ اَنْ اَسْـَٔلَكَ مَا لَيْسَ لِيْ بِهٖ عِلْمٌ ؕ وَ اِلَّا تَغْفِرْ لِيْ وَ تَرْحَمْنِيْۤ اَكُنْ مِّنَ الْخٰسِرِيْنَ ﴿۴۷﴾ قِيْلَ يٰنُوْحُ اهْبِطْ بِسَلٰمٍ مِّنَّا وَ بَرَكٰتٍ عَلَيْكَ وَ عَلٰۤى اُمَمٍ مِّمَّنْ

مَّعَكَ ؕ وَاُمَمٌ سَنُمَتِّعُهُمْ ثُمَّ يَمَسُّهُمْ مِّنَّا عَذَابٌ اَلِيْمٌ ﴿۴۸﴾ تِلْكَ مِنْ اَنْۢبَآءِ الْغَيْبِ نُوْحِيْهَآ اِلَيْكَ ۚ مَا كُنْتَ تَعْلَمُهَآ اَنْتَ وَلَا قَوْمُكَ مِنْ قَبْلِ هٰذَا ؕ فَاصْبِرْ ؕ اِنَّ الْعَاقِبَةَ لِلْمُتَّقِيْنَ ﴿۴۹﴾

ارشاد خداوندي ٿيو تہ اي نوح! هو تنهنجي اهل مان نہ آهي، هن جا اعمال سڀا نہ آهن، سو جنهن ڳالهہ جو توکي پتو ناهي، ان بابت مون کان سوال نہ ڪر. آءٌ توکي نيڪ نصيحت ڪيان ٿو، تون نادانن ۾ نہ ٿي وڃجانءِ(46) نوح عليه السلام فورًا چيو اي پروردگار! مان تنهنجي پناهہ ۾ اچان ٿو، جو تو کان اهڙي شيءِ لاءِ عرضگذار ٿيان، جنهن جو مون کي علم ناهي. هاڻي جيڪڏهن تون مون کي معاف نہ ڪندين ۽ مون تي نظر رحم نہ ٿيندي تہ مان نامراد ٿي ويندس.(47) الله جو فرمان ٿيو تہ اي نوح عليه السلام! اسان جي طرفان نهايت سلامتي ۽ برڪتن سان هيٺ لهي اچو، جن ۾ توهان ۽ شامل هوندا ۽ جيڪي توهان سان گڏ آهن، انهن جي اولاد جي نسلن ۾ وجود ۾ ايندا. پر انهن کان سواءِ ٻيون قومون ۽ هونديون، جن کي دنياوي فائدا ۽ ڏينداسون، پر انهن کي اسان جي طرفان دردناڪ عذاب اچي پڪڙيندو.(48) اي حبيب خاتم النبيين صلى الله تعالى عليه وسلم! هي غيب جون خبرون آهن، جيڪي توڏانهن وحي ٿي رهيون آهن. هن کان اڳ تون ۽ تنهنجي قوم هن کان ناواقف هئي. صبر کان ڪم وٺ، يقينًا اهل تقويٰ جو ئي سيني کان انجام بهتر آهي.(49)

جتي پيءُ جي پدري شفقت ۽ محبت پنهنجي اولاد جي نجات لاءِ تڙپڻ لڳي ۽ الله جي بارگاهہ ۾ ڪنعان جي غرق آب ٿيڻ کان بچاءَ لاءِ ليلائڻ لڳي، اتي ارشاد رباني آيو تہ ڪنعان تنهنجي اهل ۾ شمار نٿو ٿئي. هن جو تو سان نسبي ۽ نسلي سلسلو ضرور

آهي، پر هن جو اخلاقي ۽ ديني سلسلو علحده آهي. هو ڪردار ۽ عمل جي لحاظ سان بگڙي چڪو آهي. ان ڪري هي بگڙيل ۽ پٽڪيل انسان تنهنجي صالح خاندان جو فرد نہ آهي. هي توهان جي نسب جو رڪن تہ آهي، پر نبوت جي صالح، پاڪيزه ۽ پرهيزگار خاندان جو حصو ناهي، هي نہ رڳو پاڻ گمراهہ ٿي چڪو آهي، پر هو ٻين کي گمراهہ ڪرڻ لاءِ مثال بڻبو، هي جسم جي ان ناڪاره حصي وانگر آهي، جنهن جو آپريشن ڪري ڪڍڻ ضروري آهي، نہ تہ ساري جسم کي خراب ڪندو. ڪفر ايمان جو ضد آهي ۽ بہ ضد گڏ نہ رهي سگهندا. انڌيرو ۽ روشني گڏ نہ هوندا. مؤمن وٽ ڪافر رشتيدار هڪ اجنبي شخص آهي. نوح عليہ السلام تنهنجي نگاهہ ۾ اولاد آهي ۽ اهو نسلي رشتو آهي، پر الله وٽ نسلي رشتو نہ، پر ايماني رشتي جي قدر و قيمت آهي. يار ايماني رشتي ۾ تنهنجو غير آهي. هن کي نبوت جي خاندان ۾ پيدا ٿيڻ، پلجڻ ۽ وڏي ٿيڻ جو موقعو ڏنو ويو، پر هن اهڙي مقبول ترين درسگاهہ مان بہ ڪجهہ نہ پرايو. ان جي ڪري خدا جي غضب جو وڏيڪ مستحق ٿي چڪو آهي، جنهن جو توکي علم ناهي. آءٌ توکي هنن ڳالهين جي ان ڪري نصيحت ڪيان ٿو تہ توکي اصل حقيقت معلوم ٿي وڃي. نوح عليہ السلام چيو تہ منهنجا پروردگار! جيڪڏهن مان ڪو اهڙو مطالبو ڪريان ٿو، جنهن جو مون کي علم ناهي منهنجي ناواقفيءَ جو نتيجو آهي، ڪنهن ٻئي خيال سان نہ آهي تہ مون کي ڪو شڪ ۽ وهم و گمان آهي ۽ نہ وري جاڻي واڻي سوال ڪرڻ جي جسارت آهي. پروردگار! مان تنهنجي پناهہ ۾ اچان ٿو تہ جيئن تو کان ڪا اهڙي شيءِ طلب ڪيان، جنهن جو مون کي سوال ڪرڻ نہ گهرجي. هينئر بہ جيڪڏهن مون کان تقصير ٿي آهي تہ مان ان لاءِ بخشش جو طلبگار آهيان ۽ پنهنجي حفاظت لاءِ درخواست گذار آهيان، جيڪڏهن تنهنجي طرفان مون تي رحم جي برسات نہ ٿي تہ مان نقصان ۽ خساري وارن ۾ شامل هوندس.ارشاد رباني ٿيو تہ اي نوح عليہ السلام! تون هن پهاڙ جودي جي چوٽيءَ تان جتي ٻيڙي لنگر انداز ٿي آهي، هيٺ لهي اچ، الله جي برڪتن ۽ سلامتي سان جيڪي توتي منهنجي رب طرفان آهي ۽ ان امتين تي بہ جيڪي تنهنجي ساڻين جي اولاد ۾ ايندیون. هاڻي سيلاب جو ڪو خطرو باقي نہ رهيو آهي ۽ معاشرو بدڪار ٽولي کان پاڪ صاف ٿي چڪو آهي. اوهانکي زندگيءَ جي بقا لاءِ پورو سازو سامان مهيا ٿيندو. باقي اهي جماعتون جيڪي اوهان جو

دين ۾ ايمان جي سلسلي ۾ ساڻ نہ ڏيندیون، انهن کي بہ قانون طبعي مطابق دنياوي زندگي جو سهولتون ميسر هوندیون، پر انهن جو مستقبل تاريڪ هوندو ۾ آخرڪار دردناڪ تباهيءَ ۾ مبتلا ٿيندیون. (هود: 11/15-16) خدا جي انهيءَ برڪت ۾ سلامتيءَ جو ظهور هن طرح بہ ٿيو تہ بعد ۾ انهن چند ماڻهن جي اولاد دنيا ۾ هر طرف پکڙجي وئي. حضرت سام انهيءَ علائقي ۾ قيام پذير ٿيو، جنهن جو نسل سامي سڏجي ٿو. يافث ۾ ان جي اولاد روس ۾ چين طرف آباد ٿي ۾ پوءِ يورپ طرف پکڙجي وئي. حضرت حام جو نسل ايران، هندستان، پاڪستان ۾ مشرقي يورپ تائين پهچي ويو. اهڙيءَ طرح خدا جو سلامتي ۾ برڪت وارو وعدو پايۂ تڪميل تي پهتو.

اي حبيب ﷺ! هي سڀ غيب جون خبرون آهن، جيڪي اسان اوهان ڏانهن وحيءَ ذريعي نازل ڪري رهيا آهيون، جن جي توکي هن کان اڳ ڪا خبر ڪانہ هئي. (يوسف: 12/3، الصّافّات: 37/173-171، المؤمن: 40/51) هن ساري روئيداد پيش ڪرڻ مان مراد آهي تہ جهڙيءَ طرح آخرڪار نوح عليه السلام ۾ ان جي ساٿين کي ڪاميابي نصيب ٿي ۾ سندن مخالف ماڻهن کي تباهي ۾ بربادي ڏسڻي پئي، هي سنة الله ۾ قانون خداوندي آهي تہ ڪاميابي صرف انهن ماڻهن جي حصي ۾ هوندي آهي، جيڪي خدا جي عذاب کان بچڻ لاءِ غلط راهہ تي هلڻ کان پاڻ کي بچائي رکن ٿا ۾ حق جي لاءِ جدوجهد ۾ رهن ٿا. سو هن وقت جيڪي مصيبتون ۾ مشڪلاتون جن سان اوهان ۾ اوهان جي قوم منهن ڏئي رهيا آهيو، بظاهر هينئر هو پنهنجي سازشن ۾ رڌل آهن، ان ۾ توهان کي رنجيده دل ٿيڻ نہ گهرجي، آخرڪار ڪاميابي ۾ ڪامراني اوهان جي حصي ۾ هوندي. تباهي ۾ بربادي ڪافرن جو مقدر آهي ۾ ائين ئي ٿي رهندو. اوهان صبر ۾ استقلال سان دعوت دين جاري رکو ۾ آخرڪار ڪاميابي ۾ فتح و نصرت انهن جي آهي، جيڪي اهل تقویٰ يعني زندگي محتاط ذريعي گذاري پاڻ کي عذاب الاهي کان بچائي رهيا آهن.

وَ اِلٰى عَادٍ اَخَاهُمْ هُوْدًا ؕ قَالَ يٰقَوْمِ اعْبُدُوا اللّٰهَ مَا لَكُمْ مِّنْ اِلٰهٍ غَيْرُهٗ ؕ اِنْ اَنْتُمْ اِلَّا مُفْتَرُوْنَ ۝۵۰ يٰقَوْمِ لَاۤ اَسْـَٔلُكُمْ عَلَيْهِ اَجْرًا ؕ اِنْ

اَجۡرِیَ اِلَّا عَلَی الَّذِیۡ فَطَرَنِیۡ ؕ اَفَلَا تَعۡقِلُوۡنَ ﴿۵۱﴾ وَ یٰقَوۡمِ اسۡتَغۡفِرُوۡا رَبَّکُمۡ
ثُمَّ تُوۡبُوۡۤا اِلَیۡہِ یُرۡسِلِ السَّمَآءَ عَلَیۡکُمۡ مِّدۡرَارًا وَّ یَزِدۡکُمۡ قُوَّۃً اِلٰی قُوَّتِکُمۡ وَ لَا
تَتَوَلَّوۡا مُجۡرِمِیۡنَ ﴿۵۲﴾ قَالُوۡا یٰہُوۡدُ مَا جِئۡتَنَا بِبَیِّنَۃٍ وَّ مَا نَحۡنُ بِتَارِکِیۡۤ
اٰلِہَتِنَا عَنۡ قَوۡلِکَ وَ مَا نَحۡنُ لَکَ بِمُؤۡمِنِیۡنَ ﴿۵۳﴾ اِنۡ نَّقُوۡلُ اِلَّا اعۡتَرٰىکَ بَعۡضُ
اٰلِہَتِنَا بِسُوۡٓءٍ ؕ قَالَ اِنِّیۡۤ اُشۡہِدُ اللّٰہَ وَ اشۡہَدُوۡۤا اَنِّیۡ بَرِیۡٓءٌ مِّمَّا تُشۡرِکُوۡنَ ﴿۵۴﴾
مِنۡ دُوۡنِہٖ فَکِیۡدُوۡنِیۡ جَمِیۡعًا ثُمَّ لَا تُنۡظِرُوۡنِ ﴿۵۵﴾ اِنِّیۡ تَوَکَّلۡتُ عَلَی اللّٰہِ رَبِّیۡ
وَ رَبِّکُمۡ ؕ مَا مِنۡ دَآبَّۃٍ اِلَّا ہُوَ اٰخِذٌۢ بِنَاصِیَتِہَا ؕ اِنَّ رَبِّیۡ عَلٰی صِرَاطٍ
مُّسۡتَقِیۡمٍ ﴿۵۶﴾ فَاِنۡ تَوَلَّوۡا فَقَدۡ اَبۡلَغۡتُکُمۡ مَّاۤ اُرۡسِلۡتُ بِہٖۤ اِلَیۡکُمۡ ؕ
وَ یَسۡتَخۡلِفُ رَبِّیۡ قَوۡمًا غَیۡرَکُمۡ ۚ وَ لَا تَضُرُّوۡنَہٗ شَیۡئًا ؕ اِنَّ رَبِّیۡ عَلٰی کُلِّ
شَیۡءٍ حَفِیۡظٌ ﴿۵۷﴾

اهڙيءَ طرح عاد ڏانهن اسان سندس ياءُ هود کي عليه السلام کي موڪليو، هن چيو ته اي منهنجي قوم! الله جي عبادت ڪريو، ان کان سواءِ توهان جو ڪو معبود ناهي. اوهان الله تي محض بهتان مڙهڻ وارا آهيو. (50) اي منهنجي قوم! مان هن دعوت تي ڪو اجورو نٿو گهران، منهنجو اجر فقط ان وٽ آهي، جنهن مون کي پيدا ڪيو آهي، ڇا توهان عقل کان ڪم نٿا وٺو. (51) اي منهنجي قوم! توهان پنهنجي رب کان (گناهن جي سزا کان) بخشش طلب ڪريو (حفاظت گهرو) ۽ ان طرف رجوع ڪريو. هو توهان ڏانهن آسمان طرفان تيز بارش

وسائيندو ۽ توهان جي قوت کي وڌيڪ قوت ڏيندو. اوهان مجرم ٿي هن کان منهن نہ موڙيو.(52) هو چوڻ لڳا تہ اي هود! تون اسان وٽ کو واضح دليل سان نہ آيو آهين ۽ اسان تنهنجي چوڻ تي پنهنجن معبودن کي ڇڏڻ وارا نہ آهيون ۽ نہ وري توتي ايمان آڻڻ وارا آهيون. (53) اسان هن کان سواءِ کجهہ ڇئي نٿا سگهون تہ اسان جي معبودن جي توکي مار پئي آهي. هود عليه السلام چيو تہ مان الله کي گواهہ کيان ٿو ۽ اوهان بہ گواهہ رهجو تہ منهنجو انهن سان کو تعلق نہ آهي، جنهن کي اوهان (الله جو) شريڪ بنايو ٿا. (54) ان الله کان سواءِ توهان سڀ پنهنجن معبودن سان ملي منهنجي خلاف تدبيرون جوڙيو ۽ مون کي کا بہ مهلت نہ ڏيو.(55) بيشڪ مان الله تي پروسو کيان ٿو، جيکو منهنجو رب آهي ۽ توهان جو بہ رب آهي، هر جاندار جي چوٽي ان جي قبضي ۾ آهي، بيشڪ منهنجو رب سڌي راهہ تي هلندڙن کي ملي ٿو.(56) پوءِ بہ جيڪڏهن اوهان منهن موڙي ڇڏيو تہ مون اوهان تائين اهو سڀ پهچائي ڇڏيو آهي، جنهن سان مان توهان ڏانهن موڪليو ويو آهيان. منهنجو رب اوهان جي جاءِ تي کنهن بي قوم کي جانشين کندو ۽ توهان ان جو کجهہ بہ بگاڙي نہ سگهندا. بيشڪ هر شيءِ منهنجي رب جي نگاهہ ۾ آهي.(57)

۽ اهڙي طرح اسان قوم عاد ڏانهن سندن برادريءَ مان حضرت هود عليه السلام کي سندن هدايت ۽ رهبري جي لاءِ موڪليو. هن بہ پنهنجي قوم کي توحيد جي دعوت ڏني، جيکا تمام نبي ۽ رسول ڏيندا رهيا آهن. هن پنهنجي قوم کي چيو تہ صرف الله جي عبادت کريو، ان جي احڪام جي اطاعت کريو، ان کان سواءِ کا بہ اهڙي هستي ناهي، جنهن کي اوهان پنهنجو معبود بڻايو، معبود هجڻ جو حقدار تہ اهو آهي، جنهن جي هٿ ۾ اوهان جا تمام معاملا آهن، رزق، عزت، سطوت ۽ شهرت سڀ ان جي هٿ وس آهن. جن کي اوهان پنهنجو معبود بنائي رهيا آهيو، اهي خود بيوس ۽ بي اختيار بت آهن، اوهان

انهن بتن، ديوين ۽ ديوتائن کي پنهنجو ڪارساز سمجهي، الله جي ذات ۽ صفات ۾ شريڪ ڪري الله تي ڪوڙو بهتان نه هڻو. ڪڏهن هن حقيقت تي اوهان غور ڪيو آهي ته مان هر قسم جون تڪيلفون برداشت ڪري، اوهان جي ناراضگيءَ باوجود اوهان جي خيرخواهي ۽ پلائيءَ لاءِ ڪوشان آهيان، جنهن ۾ منهنجي ذاتي مفاد جي ذرا جهلڪ ب نظر نه ٿي اچي ۽ نه وري آءٌ اوهان کان ان ڪم لاءِ ڪنهن اجر جو طلبگار آهيان. مون ڪڏهن ائين نه چيو آهي ته مان جيڪو اوهان جي بهتري ۽ بهبود جو ڪم ڪري رهيو آهيان، ان جو ڪجهه اجورو ڏيو. منهنجي هن ڪم جو اجورو ان ذات پاڪ وٽ آهي، جنهن مون کي پيدا ڪيو آهي ۽ دعوتِ دين جي فريضي جي ادائگيءَ لاءِ مقرر ڪيو آهي. مان ان جي حڪمن مطابق اوهان جي اصلاح گهران ٿو ۽ ان جو اجورو ب اهو ئي ڏيندو، جنهن مون کي هن ڪم لاءِ منتخب ڪيو آهي. اوهان اهڙي چٽي ڳالهه سمجهڻ کان ب قاصر آهيو. چو؟

هي اها ساڳي ڳالهه آهي، جيڪا هن سورت جي شروعات ۾ پاڻ ڪريمن خَاتَمُ النَّبِيِّيْنَ ﷺ طرفان چورائي وئي آهي (هود: 1/11 کان 4) ته اوهان پنهنجي رب کان پنهنجن گناهن جي بخشش طلب ڪريو ۽ انهن جي خوفناڪ نتيجن جي اچڻ کان حفاظت لاءِ عرض گذار ٿيو ۽ پنهنجن غلط روين ۽ سوچن کي ڇڏي پنهنجي الله طرف رجوع ڪريو. (نوح: 10/71، الطلاق: 1-3/65) ياد رکو جيڪو ب گناهن ۽ غلطين جا راهه رستا ڇڏي الله طرف سڏي ۽ سچي رستي تي قدم جمائي هلي ٿو ته ان کي الله آسمان طرفان رحمتن ۽ نعمتن جي تيز برسات سان لبريز ڪري ڇڏي ٿو ۽ اوهان جي قوت کي اجان وڌيڪ قوت ڏئي ٿو. الله جي هنن نعمتن ۽ نوازشن کي ڇڏي، گناهه ۽ غفلت جي غار طرف نه وجو. ياد رهي ته عاد عرب جي قديم ترين قوم آهي. هي سامي نسل سان تعلق رکي ٿي، هو پنهنجي شان و شوڪت، قوت ۽ طاقت لاءِ مشهور هئي. هود عَلَيْهِ السَّلَامُ کي سندس قوم چيو ته تون اسان وٽ ڪو واضح دليل ڪٽي ڪو نه آيو آهين، جو اسان تنهنجون ڳالهيون قبول ڪرڻ لاءِ تيار نه آهيون ۽ نه وري تنهنجي هڪ الله واري نظرئي تي هلي، اسان پنهنجن معبودن کي ڇڏڻ وارا آهيون ۽ اسان توتي ايمان آڻڻ وارا نه آهيون، حالانڪ نبي سڳورو ڪا ب نصيحت ۽ دعوت بنا دليل جي نه ڏيندو آهي. ڪيس وحي الاهي جي پوري طرح

رهنمائي هوندي آهي، پر شب ڪوره کي ڪجھ نظر نہ اچي تہ ان ۾ ڪنھن جو قصور ناهي، سو اھڙي طرح ھو ھود جي دليل سمجھڻ جي صلاحيت کان محروم ٿي چڪا ھئا. ان ڪري ھو ايمان آڻڻ وارا نہ ھئا. ھنن چيو تہ تو اسان جي معبودن جي شان ۾ گستاخي ڪئي آهي ۽ انھن کي دوزخ جو ٻارڻ سڏين ٿو. اسان کي لڳي ٿو تہ تون اسان جي معبودن جي گرفت ۽ ايذاءَ ۾ وائڙو ٿي ويو آهين. تڏھن تہ تون اھڙيون بي تڪيون ڳالھيون ڪري رهيو آهين. حالانڪہ ھن کان اڳ معاشري ۾ توکي ڪيتري عزت ۽ توقير سان ڏٺو ويندو ھو ۽ ھاڻي تنھنجي ھنن ڳالھين ڪري توتي پٽر وسايا وجن ٿا. ھنن جي چٽي انڪار ۽ شرڪ تي مضبوط رھڻ جي جواب ۾ حضرت ھود عليہ السلام چيو تہ مان الله کي گواھ بنايان ٿو ۽ اوھان بہ ان کي گواھ بڻايو، اھو اسان ٻنھي جي درميان حق ۽ سچائي جو فيصلو ڏيندو. مان پنھنجي پروردگار کان سواءِ انھن سيني کان بيزار آهيان، جن کي اوھان خدا جو شريڪ بنائي رهيا آهيو. مان اھادعوىٰ ڪلمہ ڪلا ڪيان ٿو تہ ھڪ الله کان سواءِ ڪوبہ عبادت ۽ اطاعت جي لائق نہ آهي ۽ نہ وري ڪو نفعو ۽ نقصان ڏئي سگھي ٿو، سڀ الله جي مخلوقات آھن، عبادت لائق صرف ھڪ الله آهي، جنھن جو مان اطاعت گذار ۽ فرمانبردار بندو آهيان. نفعو نقصان رڳو ان الله طرفان سمجھان ٿو. ھن کان سواءِ باقي اوھان سڀ منھنجي خلاف ڪابہ ڪارروائي ڪريو. مون کي ڪا بہ مھلت نہ ڏيو، مان اوھان کان نہ ٿو ڊڄان ۽ نہ توھان کان مھلت گھران ٿو. مان الله تي توڪل ڪريان ٿو، جيڪو منھنجو بہ رب آهي ۽ اوھان جو رب بہ آهي. ڪائنات جي ڪا بہ شيءِ ھن جي دست قدرت کان ٻاھر ناهي، بلڪ ھر شيءِ جي، ھر جاندار جي پيشانيءَ مٿان وارن واري ڇڳ (چوٽي) ھن جي قبضي ۾ آهي، يعني ڪو بہ جاندار يا ڪا بہ شيءِ ھن جي قبضي کان ٻاھر ناهي. بيشڪ منھنجي رب جو رستو سڌو ۽ سچي راھ وارو آهي، جيڪو ان راھ جو طلبگار ھوندو، ان کي اھو رستو نصيب ٿيندو. خدا جو پورو نظام عدل ۽ توازن تي آهي، جنھن جي ذريعي پوري ڪائنات جو نظام بغير ڪنھن نقص ۽ خلل جي هلي رهيو آهي.

جڏھن قوم اھو جواب ڏنو تہ اسان ڪنھن بہ صورت ۾ توتي ايمان آڻڻ وارا نہ آھيون ۽ نہ وري پنھنجن معبودن کي ڇڏڻ وارا آھيون. تون ھنن کي آگاھ ڪر تہ جيڪڏھن اوھان حق ۽ سچ جي راھ قبول ڪرڻ کان انڪار ڪيو ٿا ۽ منھن موڙيو ٿا تہ اھو

اوهان جو فعل آهي، جنهن جو نتيجو اوهان کي ملندو. جيتري قدر منهنجي ڳالهه آهي تہ مون کي جنهن رسالت جي ڪم سان موڪليو ويو هيو، اهو سمورو مون اوهان تائين پهچائي ڇڏيو آهي. حق ۽ ناحق، ظلم ۽ انصاف، ڪوڙ ۽ سچ ۾ فرق چٽو ٿي چڪو آهي، ان هوندي بہ اوهان خدا جي حڪمن جي خلاف ورزي اختيار ڪئي ۽ الله سان بغاوت جو سلسلو جاري رکيو تہ الله اوهان جو وجود ختم ڪري، اوهان جي جاءِ تي ڪنهن ٻئي قوم کي جان نشين ڪندو، جيڪي اوهان جو غير هوندا. اهو الله بنا ڪنهن تڪليف جي ڪري ڇڏيندو ۽ توهان هن کي ڪو بہ ضرر يا نقصان پهچائي ڪونہ سگهندا. اوهان ڪمزور مخلوق آهيو، الله بي پرواهه بادشاهه آهي ۽ هر شيءِ تي سندس نگاهه ڪرم آهي.

وَ لَمَّا جَآءَ اَمْرُنَا نَجَّيْنَا هُوْدًا وَّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا مَعَهٗ بِرَحْمَةٍ مِّنَّا ۚ وَ نَجَّيْنٰهُمْ مِّنْ عَذَابٍ غَلِيْظٍ ﴿۵۸﴾ وَ تِلْكَ عَادٌ ۫ جَحَدُوْا بِاٰيٰتِ رَبِّهِمْ وَ عَصَوْا رُسُلَهٗ وَ اتَّبَعُوْۤا اَمْرَ كُلِّ جَبَّارٍ عَنِيْدٍ ﴿۵۹﴾ وَ اُتْبِعُوْا فِيْ هٰذِهِ الدُّنْيَا لَعْنَةً وَّ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ ؕ اَلَاۤ اِنَّ عَادًا كَفَرُوْا رَبَّهُمْ ؕ اَلَا بُعْدًا لِّعَادٍ قَوْمِ هُوْدٍ ﴿۶۰﴾ ع ۵ ۴

۽ جڏهن اسان جو فيصلو صادر ٿي ويو تہ اسان هود کي ۽ انهن ماڻهن کي جن هن سان گڏ ايمان آندو هو، پنهنجي رحمت سان نجات ڏني، اهڙي طرح هنن کي هڪ سخت عذاب کان بچائي ورتو.(58) ۽ هي قوم عاد آهي، جنهن پنهنجي رب جي آيتن جو انڪار ڪيو ۽ پنهنجي رسولن جي نافرماني ڪئي ۽ هر جابر متڪبر حق جي دشمن جي حڪم جي پيروي ڪئي.(59) هن دنيا ۾ بہ هنن جي پويان لعنت لڳائي وئي ۽ قيامت جي ڏينهن پڻ لعنت ۾ هوندا. ياد رکو تہ عاد جي قوم پنهنجي رب جو ڪفر ڪيو. خبردار! هود عليه السلام جي قوم عاد لاءِ رحمت کان دوري آهي.(60)

جڏهن عاد جي قوم خود سري، سرڪشي، غرور ۽ تڪبر ۾ انسانيت جون تمام حدون پار ڪري وئي ۽ حضرت هود عليه السلام جي تعليم جو صاف صاف انڪار ڪيو ۽ سندن اصلاح ۽ ايمان جي ڪا اميد باقي نہ رهي تہ پوءِ سندن اعمال جي نتيجي ۾ فيصلو صادر ٿي ويو ۽ سخت عذاب "اَلرِّيۡحُ الۡعَقِيۡمُ" جي صورت ۾ رونما ٿيو، جيڪو سرديءَ جي موسم ۾ گرجندڙ برف وارن بادلن جي صورت ۾ آندي ۽ طوفان بڻجي آيو ۽ هر شي کي تباهہ و برباد ڪري ڇڏيو، پر ايڏي وڏي خوفناڪ عذاب کان الله هود عليه السلام ۽ ان سان گڏ ايمان آڻڻ وارن کي بچائي ورتو. (حٰم السجده: 16/41، الذاريات: 41/51، الحاقه: 6/49، العصر: 19/54) عاد جي قوم اها آهي، جن الله جي آيتن جو انڪار ڪيو ۽ پنهنجي پراڻي روش جي گمراهي ۾ گم رهيا ۽ رسولن جي حڪمن جا انڪاري ٿيا ۽ کين ڪوڙو ڪوٺ لڳا. عاد جي قوم ڏانهن هڪ نبي هود عليه السلام آيو، پر هتي "رَسُوۡل" جي بجاءِ "رُسُل" يعني جمع جو لفظ استعمال ڪري چيو ويو تہ هنن هود عليه السلام جو انڪار ڪري، گويا پوري رسولن جي سلسلي جو انڪار ڪيو، ڇو تہ تمام رسولن جي دعوت حق ساڳي آهي. هنن جي ناداني رڳو انهيءَ حد تائين نہ هئي تہ هنن رسول جي هدايت جو انڪار ڪيو، پر الله جي حڪمن جي خلاف جابر ۽ ظالم حاڪمن جي حڪم کي ترجيح ڏني، ان تي عمل پيرا رهيا ۽ سخت عذاب جو شڪار ٿيا. عاد جي قوم تي هن دنيا ۾ بہ لعنت پيڇو ڪندي رهي ۽ قيامت ۾ بہ لعنت سان نوازيا ويندا. يعني سندن گمراهي ۽ بي راهہ روي جي ڪري هن دنيا ۾ بہ جيڪي ڪين طبعي زندگي ۾ خوشحالي ۽ عزت و احترام حاصل هيو، اهو هنن جي عياشي، فضول خرچي جي نذر ٿي ويو، مٿن تنگ دستيءَ جي تلوار لٽڪندي رهي ۽ قيامت ۾ بہ هنن جي مٿان لعنت ۽ ڦٽڪار هوندي، جنهن ڪري قيامت ۾ بہ هو ذلت ۽ خواريءَ جي زندگيءَ ۾ غرق رهندا. اهو سڀ انهن بد اعمالين جو لازمي نتيجو هيو، جيڪو هنن پنهنجي رب جي نعمتن جي ناشڪري ۽ ڪفران نعمت ڪيو. انهيءَ ڪري عاد جي قوم خدا جي رحمت، نوازش ۽ نعمتن کان گهٽو پري نڪري وئي. مزيد ڏسو سورة الاعراف آيت 65 کان آيت 72 تائين.

وَ اِلٰى ثَمُوْدَ اَخَاهُمْ صٰلِحًا ؕ قَالَ يٰقَوْمِ اعْبُدُوا اللّٰهَ مَا لَكُمْ مِّنْ اِلٰهٍ
غَيْرُهٗ ؕ هُوَ اَنْشَاَكُمْ مِّنَ الْاَرْضِ وَ اسْتَعْمَرَكُمْ فِيْهَا فَاسْتَغْفِرُوْهُ ثُمَّ تُوْبُوْۤا
اِلَيْهِ ؕ اِنَّ رَبِّيْ قَرِيْبٌ مُّجِيْبٌ ﴿۶۱﴾ قَالُوْا يٰصٰلِحُ قَدْ كُنْتَ فِيْنَا مَرْجُوًّا
قَبْلَ هٰذَاۤ اَتَنْهٰىنَاۤ اَنْ نَّعْبُدَ مَا يَعْبُدُ اٰبَآؤُنَا وَ اِنَّنَا لَفِيْ شَكٍّ مِّمَّا
تَدْعُوْنَاۤ اِلَيْهِ مُرِيْبٍ ﴿۶۲﴾ قَالَ يٰقَوْمِ اَرَءَيْتُمْ اِنْ كُنْتُ عَلٰى بَيِّنَةٍ مِّنْ
رَّبِّيْ وَ اٰتٰىنِيْ مِنْهُ رَحْمَةً فَمَنْ يَّنْصُرُنِيْ مِنَ اللّٰهِ اِنْ عَصَيْتُهٗ ۫ قف
فَمَا تَزِيْدُوْنَنِيْ غَيْرَ تَخْسِيْرٍ ﴿۶۳﴾

اهڙي طرح اسان ثمود جي قوم طرف انهن جي برادريءَ مان صالح عليه السلام کي رسول ڪري موڪليو. هن انهن کي دعوت ڏني تہ منهنجي قوم جا ماڻهؤ! الله جي عبادت ڪريو. توهان جو ان کان سواءِ ڪو معبود ناهي. انهيءَ اوهان کي زمين مان پيدا ڪيو، ان زمين ۾ ئي آباد ڪرڻ فرمايو، سو اوهان ان در استغفار ڪيو، بخشش گهرو ۽ برن نتيجن کان بچڻ جي حفاظت ۾ اچو ۽ ان جي حضور توبه ڪريو، بيشڪ منهنجو رب دعا قبولڻ ۾ نهايت قريب آهي. (61) هنن جواب ۾ چيو تہ صالح عليه السلام ! هن کان اڳ تون اسان جي اميدن جو مرڪز هئين، ڇا هاڻي تون اسان کي انهن بتن جي پرستش ڪرڻ کان روڪين ٿو، جن جي اسان جا ابا ڏاڏا پرستش ڪندا رهيا آهن ۽ جنهن توحيد طرف تون اسان کي دعوت ڏئي رهيو آهين، يقينًا اسان کي ان ۾ وڏا اضطراب انگيز شڪ شبها آهن.(62) صالح عليه السلام چيو اي منهنجي قوم! ذرا سوچو تہ سهي، جيڪڏهن مان پنهنجي رب جي طرفان روشن دليل تي قائم آهيان ۽ مون کي

هن جي طرفان خاص رحمت نصيب ٿي آهي. ان کان پوءِ به ان جا احڪام اوهان تائين نہ پهچايان تہ پوءِ اهو ڪهڙو شخص آهي جو مون کي ان جي نافرماني ڪرڻ بعد منهنجي مدد ڪري سگهي. سو جيڪو ڪجهہ اوهان گهرو ٿا ان سان تہ اوهان منهنجي بربادیءَ ۾ اضافو ڪري سگهندا.(63)

عاد جي قوم مان جيڪي ٿورا ماڻهو بچيا، اهي نقل مڪاني ڪري حجر ۾ آباد ٿيا، جن جي اولاد ثمود جي نالي سان مشهور ٿي. جڏهن ثمود جي قوم ۾ به اهي خرابيون پيدا ٿي ويون ۽ هو بت پرستي ۽ شرڪ جي لعنت ۾ مبتلا ٿي ويا تہ انهن جي اصلاح لاءِ سندن برادريءَ مان حضرت صالح عليه السلام کي منتخب ڪيو ويو. هن به پنهنجي قوم کي توحيد جي دعوت ڏيندي چيو تہ هڪ الله جي عبادت ڪريو ۽ ان جي حڪمن جي روشنيءَ ۾ زندگي بسر ڪريو. ڪنهن ٻئي جي حڪمن تي نہ هلو، چو تہ هڪ الله کان سواءِ ٻيو ڪو به معبود موجود ناهي. پلا اوهان ان الله کان ڪهڙيءَ طرح روگرداني ڪري سگهو ٿا، جنهن الله اوهان کي زمين جي بي جان مادي مان ترتيب ڏئي توهان کي هي انساني وجود بخشيو ۽ ان الله اوهان کي انهيءَ زمين تي آباد ڪيو ۽ ان ۾ اوهان جي زندگي کي برقرار رکڻ واسطي تمام ضروري وسيلا مهيا ڪيا آهن. سو ان الله کان ئي پنهنجن ڏوهن ۽ قصورن جي معافي ونو ۽ خدا جي عذاب کان حفاظت ۾ اچو ۽ ان الله طرف رجوع ڪريو ۽ توبه تائب ٿيو. بيشڪ اهو مهربان ۽ دعائون قبولينڌڙ الله نهايت قريب آهي. اوهان جن مغرور ۽ متڪبرن سان الله کي حوالي طور ملايو ٿا، اهو سراسر غلط آهي، چو تہ منهنجو رب ساهہ جي رڳ کان به قريب آهي ۽ دعائون قبول ڪندڙ آهي. "وَنَحْنُ اَقْرَبُ اِلَيْهِ مِنْ حَبْلِ الْوَرِيْدِ " (ق: 16/50) اسان هن کي ساهہ جي رڳ کان به وڌيڪ ويجها آهيون. "وَاِذَا سَاَلَكَ عِبَادِیْ عَنِّیْ فَاِنِّیْ قَرِيْبٌ اُجِيْبُ دَعْوَةَ الدَّاعِ اِذَا دَعَانِ" (البقره: 186/2) اي پيغمبر خاتم النبيين صلى الله عليه وسلم جيڪڏهن تو کان منهنجا ٻانها منهنجي پچا ڪن، تڏهن کين چئو آءٌ ويجهو آهيان، جيڪڏهن ڪو پڪارينڌڙ مون کي پڪاري ٿو تہ ان جي پڪار ورنايان ٿو. صالح عليه السلام کي مخاطب ٿي چوڻ لڳا تہ تنهنجي ذڪاوت، فراست، سنجيدگي،

متانت ۽ عقل و دانش کي ڏسي اسان تو ۾ وڏيون اميدون لڳايو ويٺا هئاسون تہ تون هڪ ڏينهن وڏو انسان ٿي قوم جو وقار بہ بلند ڪندين ۽ اسان تنهنجي تدبر، عقل و دانش کان مستفيض ٿيندا سون، پر تو تہ اسان جي سمورين اميدن تي پاڻي ڦيري ڇڏيو. توحيد ۽ آخرت جو بحث ڇيڙي، اسان جون سڀ اميدون خاڪ ۾ ملائي ڇڏيون. تو پنهنجي ابن ڏاڏن جو نالو روشن ڪرڻ بدران انهن جي دين ۽ طور طريقن کي ئي تنقيد جو نشانو بنايو. خبر ناهي تہ هن کي ڪهڙو جنون لاحق ٿيو آهي جو پنهنجي زندگي تہ برباد ڪيائين ۽ اسان جي اميدن جو بہ جنازو ڪڍي ڇڏيائين. هاڻي اسان کي روڪي ٿو تہ ابن ڏاڏن جن جي اطاعت ڪئي انهن کي ڇڏي ڏيون. حالانڪ اسان تنهنجي ان دعوت کان جنهن طرف تون اسان کي سڏين ٿو، ان بابت اسان کي اضطراب انگيز خدشا ۽ شڪ شبها آهن.

صالح عليه السلام کين چيو تہ اي منهنجي برادري! جيڪڏهن مان نهايت روشن دليلن تي بينو آهيان (هود: 88/11) ڪا ڪچي اڻ ٽيٽي يا غلط ڳالهہ ڪو نہ ڪري رهيو آهيان. هي جيڪو ڪجهہ مان اوهان کي چوان ٿو اهو سڀ ڪجهہ مون کي پنهنجي پروردگار جي رحمت سان نصيب ٿيو آهي. هي دعوت خدا جي طرفان آيل آهي. مان ان کي اوهان تائين پهچائڻ جو ذميوار آهيان. پر جيڪڏهن سستي ڪاهلي يا ڪنهن ٻئي سبب جي مان خدا جا احڪام توهان تائين نہ پهچايان تہ ان جي نافرماني جو مرتڪب ٿي ويندس، پوءِ ڪير هوندو جو مون کي انهيءَ جرم جي سزا کان بچائي سگهي ۽ منهنجي مدد ڪري؟ اوهان رڳو مون کي نقصان طرف ڌڪيلي رهيا آهيو ۽ ان کي وڌيڪ وڌائڻ گهرو ٿا.

وَ يٰقَوْمِ هٰذِهٖ نَاقَةُ اللّٰهِ لَكُمْ اٰيَةً فَذَرُوْهَا تَاْكُلْ فِيْۤ اَرْضِ اللّٰهِ وَ لَا تَمَسُّوْهَا بِسُوْٓءٍ فَيَاْخُذَكُمْ عَذَابٌ قَرِيْبٌ ﴿۶۴﴾ فَعَقَرُوْهَا فَقَالَ تَمَتَّعُوْا فِيْ دَارِكُمْ ثَلٰثَةَ اَيَّامٍ ؕ ذٰلِكَ وَعْدٌ غَيْرُ مَكْذُوْبٍ ﴿۶۵﴾ فَلَمَّا جَآءَ اَمْرُنَا نَجَّيْنَا صٰلِحًا وَّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا مَعَهٗ بِرَحْمَةٍ مِّنَّا وَ مِنْ خِزْيِ يَوْمِئِذٍ ؕ اِنَّ رَبَّكَ هُوَ الْقَوِيُّ

الْعَزِيْزُ ﴿٦٦﴾ وَ اَخَذَ الَّذِيْنَ ظَلَمُوا الصَّيْحَةُ فَاَصْبَحُوْا فِيْ دِيَارِهِمْ جٰثِمِيْنَ ﴿٦٧﴾
كَاَنْ لَّمْ يَغْنَوْا فِيْهَا ؕ اَلَاۤ اِنَّ ثَمُوْدَا كَفَرُوْا رَبَّهُمْ ؕ اَلَا بُعْدًا لِّثَمُوْدَ ﴿٦٨﴾ ع ١٤

۽ اي منهنجي برادري جا ماڻهؤ! هي الله جي ڏاچي آهي. توهان لاءِ هڪ نشاني آهي، هن کي الله جي زمين تي چرندو قرندو ڇڏي ڏيو ۽ کنهن به بري ارادي سان هن کي ڇهجو به نہ، ورنہ اوهان کي ويجهڙائي ۾ عذاب اچي ويندو. (64) پوءِ هن جون ٽنگون کپي ماري وڌائون. جنهن تي صالح عليه السلام کين چيو تہ هاڻي اوهان پنهنجن گهرن ۾ بس ٿي ڏينهن رهي ونو. هي خدا جو وعدو آهي، جيکو کڏهن به کوڙو ناهي ٽيڙو.(65) تہ پوءِ جڏهن اسان جو فيصلو اچي ويو تہ پوءِ اسان پنهنجي رحمت ۽ ڪرم نوازي سان صالح عليه السلام ۽ جن ان سان گڏ ايمان آندو، انهن کي نجات ڏني ۽ ان ڏينهن جي رسوائيءَ کان هنن کي بچائي ورتو، بيشڪ اوهان جو رب تمام وڏو زبردست طاقت وارو آهي.(66) ۽ ظالم ماڻهن کي هولناڪ رڙ پکڙي ورتو ۽ هو پنهنجن گهرن ۾ اونڌو پيل (مئل) نظر آيا.(67) ائين محسوس ٿيو تہ جڻ هو کڏهن هت هيا ئي ڪونہ. ثمود پنهنجي رب جو ڪفر ڪيو، خبردار! ثمود لاءِ خدا جي رحمت کان دوري آهي.(68)

حضرت صالح عليه السلام پنهنجي قوم کي تنبيه ڪندي خبردار ڪيو تہ هيءَ ناقة الله يعني الله جي ڏاچي آهي، جيکا الله تعالىٰ اوهان جي عرض جي جواب ۾ توهان جي اکين آڏو پهاڙ کان برآمد ڪئي آهي. هي خالص الله جي حڪم سان معجزاتي طور ظاهر ٿي آهي ۽ "ناقة الله" سڏجي ٿي. ان کي ڪو ايذاءُ يا تڪليف نہ ڏني وجي، نہ تہ اوهان تي الله جي ناراضگي سبب سخت عذاب ڪڙڪندو. هن کي خدا جي زمين تي کلي اجازت آهي تہ جتي چاهي گهمي ڦري کائي پيئي ۽ هن جي پاڻي پيئڻ وقت کو ان کي نہ روڪي. (الشمس: 91/14-13) هنن ٻڌي اڻ ٻڌي ڪري ان ڏاچي جون ٽنگون ڪاٽي ماري

ڇڏيو. حضرت صالح عليه السلام جي تنبيه کي نظرانداز ڪندي، هنن الله جي هڪ معجزاتي علامت کي به ماري ڇڏيو ۽ اخلاق ۽ قانون جون سڀ حدون اورانگهي ويا. ان بعد حضرت صالح عليه السلام کين چيو ته اوهان ظلم ۽ سرڪشيءَ جو اظهار ڪندي "ناقة الله" کي به ماري ڇڏيو ۽ اوهان کي ڪو خوف به نه آيو، حالانڪ مون اوهان کي خبردار ڪيو هو ته هن ڏاچي کي ايذاءُ ڏيڻ جي خيال سان ڇهڻ جي به اجازت ناهي. هاڻي تي ڏينهن پنهنجن گهرن ۾ رهو، بس ان بعد الله جو عذاب ايندو ۽ اوهان کي تهس نهس ڪري ڇڏيندو ۽ هي الله جو فيصلو آهي، جيڪو هر حال ۾ سچ ثابت ٿيندو. ان ڪري جن لاءِ عذاب جو فيصلو ٿي چڪو هو، امر الله يعني الله جي حڪم سان اچي ويو ۽ صالح عليه السلام جي قوم کي "فَاَخَذَتْهُمُ الرَّجْفَةُ فَاَصْبَحُوْا فِيْ دَارِهِمْ جٰثِمِيْنَ" (الاعراف: 7/99-75) پوءِ هنن کي زلزلي جي عذاب ورتو ۽ پنهنجن گهرن ۾ ئي اونڌا ٿي مري ويا ۽ صالح عليه السلام پنهنجن مؤمن ماڻهن سان اتان هليو ويو. الله پنهنجي فيصلن ۾ نهايت طاقتور ۽ غالب آهي. صالح عليه السلام کي امن ۽ سلامتي سان اتان ڪڍيو ويو ۽ ظالم ماڻهن کي عبرت، انجام ۾ گرفتار ڪيو ويو. ان عذاب جي زد ۾ اهڙا ته آيا جو هن جو ڪو نام نشان به باقي نه رهيو. هر طرف تباهي ۽ بربادي جا منظر هئا. ائين محسوس ٿي رهيو هو ته جڙ هتي ڪو آباد ئي ڪو نه هو. چو ته زندگيءَ جو ڪٽي به نشان نظر نٿي آيو. هي هيو هنن جي ان ڪفر جو نتيجو، جيڪو هنن اختيار ڪيو هو. يادرکو ثمود جي قوم خدا جي رحمت کان تمام گهڻو دوريءَ تي آهي.

وَ لَقَدْ جَآءَتْ رُسُلُنَآ اِبْرٰهِيْمَ بِالْبُشْرٰى قَالُوْا سَلٰمًا ؕ قَالَ سَلٰمٌ فَمَا لَبِثَ اَنْ جَآءَ بِعِجْلٍ حَنِيْذٍ ﴿۶۹﴾ فَلَمَّا رَاٰۤ اَيْدِيَهُمْ لَا تَصِلُ اِلَيْهِ نَكِرَهُمْ وَ اَوْجَسَ مِنْهُمْ خِيْفَةً ؕ قَالُوْا لَا تَخَفْ اِنَّاۤ اُرْسِلْنَاۤ اِلٰى قَوْمِ لُوْطٍ ﴿۷۰﴾ وَ امْرَاَتُهٗ قَآئِمَةٌ فَضَحِكَتْ فَبَشَّرْنٰهَا بِاِسْحٰقَ ۙ وَ مِنْ وَّرَآءِ اِسْحٰقَ يَعْقُوْبَ ﴿۷۱﴾ قَالَتْ يٰوَيْلَتٰۤى ءَاَلِدُ وَ اَنَا عَجُوْزٌ وَّ هٰذَا بَعْلِيْ شَيْخًا ؕ اِنَّ هٰذَا

لَشَيْءٌ عَجِيْبٌ ﴿٧٢﴾ قَالُوْٓا اَتَعْجَبِيْنَ مِنْ اَمْرِ اللّٰهِ رَحْمَتُ اللّٰهِ وَ بَرَكٰتُهٗ عَلَيْكُمْ اَهْلَ الْبَيْتِ ؕ اِنَّهٗ حَمِيْدٌ مَّجِيْدٌ ﴿٧٣﴾

اسان جا فرشتا ابراهيم عليه السلام وٽ خوشخبري کٹي آيا، هنن چيو سلامتي هجي. ابراهيم عليه السلام ب چيو اوهان تي ب سلامتي هجي. ٿوري دير ۾ ئي ابراهيم عليه السلام هڪ ڀُنل/ڀڳل گابو ضيافت لاءِ کٹي آيو.(69) پر جڏهن ڏنائين ته انهن جا هٿ (کاڌي لاءِ) نه ٿا وڌن ته کين اجنبي سمجهڻ لڳو ۽ دل ۾ ڪجهه خوف محسوس ڪرڻ لڳو. هنن جواب ڏنو ته ڪو خوف نه ڪر، اسان لوط عليه السلام جي قوم لاءِ موڪليا ويا آهيون. (70) سندس زال (ساره) ب پرسان بيٺي هئي ۽ ڪلي ڏنائين. پوءِ اسان هن (ساره عليها السلام) کي اسحاق عليه السلام ۽ اسحاق عليه السلام کان بعد يعقوب عليه السلام جي بشارت ڏني.(71) جنهن تي (ساره عليها السلام) چوڻ لڳي ڪهڙي عجيب ڳالهه آهي جو مان ٻار کي جنم ڏيندیس، حالانڪ مان پوڙهي ٿي چڪي آهيان ۽ منهنجو مڙس ب پوڙهو آهي. واقعي هي حيران ڪن بشارت آهي. (72) فرشتن چيو ته ڇا تون الله جي حڪم تي حيرت ڪري رهي آهين، اي اهل بيت! اوهان تي الله جون رحمتون ۽ برڪتون هجن، بيشڪ هو هر طرح جي حمد و ثنا جي لائق ۽ بزرگي وارو آهي.(73)

هن کان اڳ ٽن جليل القدر رسولن يعني حضرت نوح، حضرت هود ۽ حضرت صالح عليهم السلام جو ۽ سندن قوم جو ذڪر آيو آهي. هت مختصر طور حضرت ابراهيم عليه السلام جو ذڪر آيو آهي ۽ ان بعد سندس پائيٽي حضرت لوط عليه السلام جو ذڪر آيو آهي. حضرت لوط عليه السلام جي قوم تي عذاب جو فيصلو ٿيو ته فرشتا سڏو حضرت لوط عليه السلام وٽ ڪو نه آيا، پر پهريان حضرت ابراهيم عليه السلام وٽ پهتا ۽ ان کي خبر ڏني ته هو لوط عليه السلام جي قوم تي عذاب نازل ڪرڻ لاءِ آيا آهن. هتي هنن حضرت ساره عليها السلام کي اولاد جي بشارت ڏني،

حضرت ابراهيم عليه السلام وٽ اسان جا فرشتا بشارت کڻي آيا، انهن ابراهيم عليه السلام تي سلام ورايو ۽ چيو اوهان تي سلامتي هجي، ابراهيم عليه السلام به کين جواب ۾ "اوهان تي سلامتي هجي" چيو. دراصل "السلام عليکم" ۾ ٻئي ڏر کي سلامتي جي دعا به آهي ته کيس اول خيرعافيت جو پيغام به آهي، ته اسان خير خواهه آهيون، دشمن نه آهيون. هي گويا Password آهي. پوءِ ٿوري دير نه گذري ته حضرت ابراهيم عليه السلام ٻڇل گابو ضيافت طور پيش کيو. (الذاريات: 24/51) وڌيڪ سورت الاعراف آيت 59 کان 64 حضرت نوح عليه السلام جو بيان ۽ آيت 65 کان 72 تائين حضرت هود عليه السلام، آيت 73 کان 79 تائين حضرت صالح عليه السلام، آيت 80 کان 84 تائين حضرت لوط عليه السلام، آيت 84 کان 93 تائين حضرت شعيب عليه السلام جو ذکر آيو آهي. الذاريات 51 ۾ آيت 24 کان 32 تائين حضرت ابراهيم عليه السلام ۽ ان بعد حضرت موسيٰ ۽ هارون عليهما السلام جو تفصيل سان بيان آهي. اهڙي طرح سورت يونس ۾ به انهن رسولن جو ذکر آهي. ابراهيم عليه السلام کين معتبر ۽ اجنبي مهمان سمجهي، سندن مانَ مطابق ٻڇل گابو ضيافت ۾ پيش کيو، پر ڏٺائين ته هنن جا هٿ کاڏي طرف نه وڌيا ۽ سندس کائڻ کان سرد مهري ڏسي، ابراهيم عليه السلام جي دل ۾ اڻ ڏٺو خوف محسوس ٿيو. ان جي کري ته عربن جي مزاج مطابق جيڪڏهن مهمان کاڌو نه کائي ۽ دعوت قبول نه کري ته شايد بري نيت سان حملو کرڻ آيو آهي. پر مان سمجهان ٿو ته ابراهيم عليه السلام کي محسوس ٿي ويو هو ته هي الله جا موکليل فرشتا آهن، ان کري کيس دل ۾ اهو ڊپ ٿيو ته اسان کان يا بستي وارن کان کا غلطي ته نه ٿي آهي، جو فرشتا (عذاب الاهي لاءِ) اچي ويا آهن، پر ابراهيم عليه السلام جي اهڙي پريشانيءَ واري حالت ڏسي، فرشتن کيس چيو ته تون خوف نه کر. اسان کي لوط عليه السلام جي قوم لاءِ موکليو ويو آهي. انهي ساري روئداد کي حضرت ابراهيم عليه السلام جي زوجه حضرت سارهه عليها السلام غور سان ڏسي رهي هئي ۽ فرشتن جي کاڏي نه کائڻ سبب هو پنهنجي شوهر جي بغل ۾ اچي بيني هئي، ان کان کل نکري وئي ته اسان ان (سارهه عليها السلام) کي فرشتن جي واتان حضرت اسحاق عليه السلام جي ولادت جي خوشخبري ڏني ۽ وڌيڪ حضرت اسحاق کان پوءِ حضرت يعقوب جي پيدا ٿيڻ جي خوشخبري ڏني. دراصل فرشتن جي انساني شڪل ۾ اچڻ ۽ ضيافت نه کائڻ سبب حضرت ابراهيم عليه السلام سميت پورو گهر فکر مند ٿي ويو هو ته الله خير کري، خبر ناهي

هن بستيءَ ۾ ڪنهن کان ڪا اهڙي غلطي ٿي آهي، جو فرشتا آيا آهن. ان پريشانيءَ ۾ حضرت سارھ عليها السلام مڙس جو ساٺ ڏيڻ لاءِ سندس پر ۾ اچي بيني، پر بعد ۾ فرشتن جي اطمينان ڏيڻ بعد سندس خوف ختم ٿي ويو ۽ حضرت ساره عليها السلام کي سندس پشت مان حضرت اسحاق ۽ حضرت يعقوب جهڙن بن جليل القدر رسولن جي بشارت ڏني. (الحجر آيت 51 کان 60، ابراهيم: 14/39) حضرت ساره عليها السلام اولاد جي خوشخبري ٻڌي حيرت ۾ اچي وئي ۽ چوڻ لڳي هاءِ هاءِ! ڇا مان ٻار کي جنم ڏينديس جڏهن ته مان پوڙهي ٿي چڪي آهيان، منهنجي هن عمر ۾ مون کي اولاد ڪيئن ٿو ٿي سگهي. نہ رڳو مان، پر منهنجو مڙس بہ پوڙهو ٿي چڪو آهي، جڏهن مون ۾ اولاد پيدا ڪرڻ جي صلاحيت ئي نہ رهي آهي تہ پوءِ هن خوشخبريءَ جو ڇا مطلب آهي، هي نهايت عجيب معاملو آهي. الله جيڪو هن عمر ۾ اولاد عطا ڪري ٿو، اهو ٻانجهہ (سَنڊ) ۽ پوڙهي عورت ۾ صلاحيت پيدا ڪرڻ جي قوت ۽ قدرت بہ رکي ٿو. (الانبياء: 90/21، الذاريات: 29/51)

حضرت ساره عليها السلام جو اهو حيرت ۾ريو سوال ٻڌي ڪيس فرشتن چيو تہ ڇا توکي الله جي حڪم تي حيرت ٿي رهي آهي. الله "كُنۡ فَيَكُونُ" جو مالڪ آهي. اهو نيست مان هست يعني عدم مان ڪنهن کي وجود ۾ آڻي ٿو. هت تہ اهڙو مشڪل معاملو نہ آهي، ميان بيوي ٻئي زنده آهن، جيڪڏهن پوڙها بہ ٿي ويا آهن تہ اولاد جي صلاحيت پيدا ڪرڻ ۾ الله کي ڪهڙي دير آهي، هي رڳو ان جو امر هوندو ۽ سي ڪجهہ ٿي ويندو. ان ڪري نااميديءَ جي ڪا ضرورت ناهي. (هود: 45/11، القصص: 12/28، الاحزاب: 13/33) اي اهل بيت! اوهان تي الله جون رحمتون ۽ برڪتون هجن، هي ان الله جي ڪرم نوازي آهي، جيڪو هر حمد و ثنا جي لائق ۽ وڏي بزرگي ۽ ڪبريائيءَ جو مالڪ آهي. (الذاريات: 30/51-29)

فَلَمَّا ذَهَبَ عَنۡ اِبۡرٰهِيۡمَ الرَّوۡعُ وَ جَآءَتۡهُ الۡبُشۡرٰى يُجَادِلُنَا فِىۡ قَوۡمِ لُوۡطٍ ؕ﴿۷۴﴾ اِنَّ اِبۡرٰهِيۡمَ لَحَلِيۡمٌ اَوَّاهٌ مُّنِيۡبٌ ﴿۷۵﴾ يٰۤاِبۡرٰهِيۡمُ اَعۡرِضۡ عَنۡ هٰذَا ۚ اِنَّهٗ قَدۡ جَآءَ اَمۡرُ رَبِّكَ ۚ وَ اِنَّهُمۡ اٰتِيۡهِمۡ عَذَابٌ غَيۡرُ مَرۡدُوۡدٍ ﴿۷۶﴾ وَ لَمَّا

جَآءَتْ رُسُلُنَا لُوْطًا سِیْٓءَ بِهِمْ وَ ضَاقَ بِهِمْ ذَرْعًا وَّ قَالَ هٰذَا یَوْمٌ
عَصِیْبٌ ﴿۷۷﴾ وَ جَآءَهٗ قَوْمُهٗ یُهْرَعُوْنَ اِلَیْهِ ؕ وَ مِنْ قَبْلُ كَانُوْا یَعْمَلُوْنَ
السَّیِّاٰتِ ؕ قَالَ یٰقَوْمِ هٰۤؤُلَآءِ بَنَاتِیْ هُنَّ اَطْهَرُ لَكُمْ فَاتَّقُوا اللّٰهَ وَ لَا تُخْزُوْنِ
فِیْ ضَیْفِیْ ؕ اَلَیْسَ مِنْكُمْ رَجُلٌ رَّشِیْدٌ ﴿۷۸﴾

پوءِ جڏهن حضرت ابراهيم عليه السلام جو خوف ختم ٿي ويو ۽ هن کي بشارت بہ ملي وئي تہ اسان جي فرشتن سان قوم لوط عليه السلام جي باري ۾ جهڳڙو ڪرڻ لڳو. (74) بيشڪ ابراهيم عليه السلام بردبار عجز و نيزاري ڪرڻ وارو ۽ اسان ڏانهن رجوع ڪرڻ وارو هو. (75) فرشتن چيو تہ اي ابراهيم عليه السلام! هن راز کي ڇڏي ڏي، بلاشبہ هاڻي تنهنجي رب جو حڪم (عذاب) اچي چڪو آهي. هنن تي عذاب اچڻ وارو ئي آهي، جنهن کي ڪوبہ ٽاري نٿو سگهي.(76) ۽ جڏهن اسان جا فرشتا لوط عليه السلام وٽ آيا تہ هو هنن جي اچڻ تي پريشان ۽ تنگ دل ٿي ويو ۽ چوڻ لڳو تہ اڄ نهايت سخت ڏينهن آهي.(77) ۽ لوط عليه السلام جي قوم هن ڏانهن ڊوڙندي آئي. هو اڳي ئي برا ڪم ڪندڙ هئا. لوط عليه السلام کين چيو تہ اي منهنجي قوم جا ماڻهو، هي منهنجون نياڻيون آهن، جيڪي اوهان لاءِ (نڪاح سان) پاڪيزه ۽ حلال آهن، سو الله جي عذاب کان ڊجو ۽ منهنجي مهمانن ۾ مون کي رسوا نہ ڪريو، ڇا توهان ۾ ڪو هڪ بہ نيڪ انسان نہ آهي ؟(78)

جڏهن ابراهيم عليه السلام جي دل مان خطرو ختم ٿي ويو ۽ کيس اولاد جي بشارت بہ ملي وئي تہ کيس اطمينان آيو تہ هي خدا جا فرشتا سندس آبادي لاءِ عذاب نہ آڻي رهيا آهن، پر کيس فرشتن ٻڌايو تہ هو لوط عليه السلام جي قوم لاءِ تباهيءَ جو سامان کڻي آيا آهن، جنهن تي ابراهيم عليه السلام هنن سان جهڳڙو ڪرڻ لڳو. (العنكبوت: 32/29، الذاريات:

36/51) هت جهڳڙي مان مراد خدا جي هڪ عظيم پيغمبر جيڪو نهايت برد بار به آهي، عجز و نيزاري، ايثار ۽ قرباني جو پيڪر به آهي ۽ پنهنجي هر معاملي ۾ الله ڏانهن رجوع ڪندڙ آهي، ان جو الله سان جهڳڙو ناز و انداز جو نيارو نمونو آهي. بار بار رب جي بارگاهه ۾ ٻاڏائي رهيو آهي. لوط عليه السلام جي قوم تان عذاب ٽري وڃي. الله به پنهنجي پياري فرمانبردار بندي کي پنهنجي خدائي شان ۽ رحمت پرئي آواز ۾ جواب ڏئي رهيو آهي. آخرڪار اهو طئي ٿيو ته فيصلو ٿي چڪو آهي، اهو هرگز ٽري نٿو سگهي. ۽ ابراهيم عليه السلام جي ذاتي صفات ۽ درجات به خدا جي فيصلي کي رد ڪري يا موقوف ڪرائي نٿا سگهن. ڇو ته قوم لوط عليه السلام جي سڌرڻ جي اميد نه رهي هئي ۽ براين جي انتها تي پهتل هئا. اهي عذاب کان بچڻ وارا نه هئا. توڙي ڪٽي سندس نرم نفيس مزاج تحمل ۽ برد باريءَ جي صفات باوجود به جو ٿيٽو هيو، سو ٿي ويو. فرشتن ابراهيم عليه السلام کي چيو ته خدا جو فيصلو ٿي چڪو آهي، لوط عليه السلام جي قوم پنهنجن بيڙڻ عملن جي ڪري عذاب جي مستحق ٿي چڪي آهي. هاڻي ان بابت تون پنهنجي وڌيڪ عرضداشت کي درگذر ڪر ۽ هن ظالم قوم تي عذاب اچڻو ئي اچڻو آهي، جيڪو ڪنهن به صورت ۾ هٽايو نه ويندو. (الفرقان: 40/25، الشعراء: 173/26) ياد رهي ته هي تاريخي واقعا جيڪي زندهه حقيقتون آهن، جن ۾ قوم لوط عليه السلام ، قوم نوح عليه السلام وغيره جا قصا گويا مڪي جي قريش لاءِ عبرت جو سبق آهن ته ڪعبة الله جي نگراني ۽ خادمي ان عذاب کان بچائي نه سگهندي، جيڪو عذاب شرڪ، ظلم ۽ فساد جي نتيجي ۾ اچڻ وارو هوندو، پر الله پنهنجن فرمانبردار ۽ اطاعت گذار بانهن جي سندِ عورتن کي به اولاد ڏئي سگهي ٿو ۽ هيڏي طوفان جي پهاڙ جيڏين لهرن ۽ طوفان کان ٻيڙي کي به بچائي رکي ٿو ۽ ابراهيم عليه السلام ۽ لوط عليه السلام جي حفاظت جو به انتظام ڪري ٿو. اهڙي قادر قدير، حڪيم ۽ خبير خدا کان منهن موڙڻ جا نقصان ۽ اطاعت ڪرڻ جا فائدا ظاهر آهن. جڏهن فرشتا لوط عليه السلام وٽ آيا، هو ڏاڍو غمگين ٿيو ۽ تنگ دل ٿيڻ لڳو ڇو ته فرشتا خوبصورت ۽ حسين هئا، هن جي قوم هم جنس پرستيءَ جي بيماري ۾ مبتلا هئي، ڪيس اهو خطرو هو ته اهي بدڪردار ڇورا لفنگا نوجوان هنن خوبصورت انسانن تي بدنيت ٿي حملو نه ڪري ڏين. ان ڪري چوڻ لڳو ته اڄ جو ڏينهن نهايت سخت ڏينهن آهي. (الحج: 15/68) نوح عليه السلام کي

جيڪو خدشو ۽ خطرو محسوس ٿي رهيو هو تہ ٿيو ہ ائين ئي، سندس قوم جا شودا بدمعاش ماڻهو سندس بينڪ ڏانهن ڊوڙندا آيا، هو هن کان اڳ بدڪاري (هم جنس پرستي) جي ڪم ۾ ڄاتل سجاتل هئا، جڏهن هنن بدمعاشن لوط عليه السلام تي زور پريو تہ هي مهمان انهن جي حوالي ڪر تہ ان وقت حضرت لوط عليه السلام کين چيو، هي منهنجي قوم جون نياڻيون جيڪي نڪاح ۾ اوهان لاءِ پاڪيزه ۽ حلال آهن ۽ اوهان جي عين فطرت مطابق آهن.

"هٰٓؤُلَآءِ بَنَاتِيۡ هُنَّ اَطۡهَرُ" هن ۾ "بَنَاتِيۡ" ۽ "هُنَّ" جمع جا صيغا آهن، جن مان مراد آهي قوم جون نياڻيون آهن. "بَنَاتِيۡ" منهنجون ڏيئرون دراصل نسبت اضافي آهي، پر مراد قوم جون نياڻيون آهن. حضرت لوط عليه السلام کي تہ رڳو ہ نياڻيون هيون، جنهن لاءِ "بَنَاتِيۡ" جو صيغو نڪو اچي گهي. هونئن ہ نبي سڳورو قوم جي والد وانگر هوندو آهي ۽ سندن ازواج مطهرات قوم جون مائرون آهن. (الحجر: 67/15، الشعراء: 165/26، الاحزاب: 6 ۽ 53/33) اوهان غير فطري طور عورتن جي بدران مردن سان شهوت راني جو بيڙو ڪم ڪيو ٿا، جنهن جو نتيجو نهايت هولناڪ آهي، الله جي انهيءَ عذاب کان پاڻ بچايو ۽ هي بيحرو ڏنڏو ڇڏي ڏيو ۽ مون کي منهنجن مهمانن بابت ذليل و خوار نہ ڪريو. ڪجهہ عقل ۽ هوش کان ڪم وٺو، ان هوندي ہ هو پنهنجي هوڏ تي قائم رهيا ۽ بيڙائيءَ لاءِ زور پري رهيا هئا. جنهن تي لوط عليه السلام کين چيو تہ اوهان ۾ ڪو هڪ ماڻهو ہ نيڪ سيرت ناهي، جو منهنجي نصيحت تي غور ڪري.

قَالُوۡا لَقَدۡ عَلِمۡتَ مَا لَنَا فِىۡ بَنٰتِكَ مِنۡ حَقٍّ ۚ وَ اِنَّكَ لَتَعۡلَمُ مَا نُرِيۡدُ ﴿۷۹﴾
قَالَ لَوۡ اَنَّ لِىۡ بِكُمۡ قُوَّةً اَوۡ اٰوِىۡۤ اِلٰى رُكۡنٍ شَدِيۡدٍ ﴿۸۰﴾ قَالُوۡا يٰلُوۡطُ اِنَّا رُسُلُ
رَبِّكَ لَنۡ يَّصِلُوۡۤا اِلَيۡكَ فَاَسۡرِ بِاَهۡلِكَ بِقِطۡعٍ مِّنَ الَّيۡلِ وَ لَا يَلۡتَفِتۡ
مِنۡكُمۡ اَحَدٌ اِلَّا امۡرَاَتَكَ ؕ اِنَّهٗ مُصِيۡبُهَا مَاۤ اَصَابَهُمۡ ؕ اِنَّ مَوۡعِدَهُمُ
الصُّبۡحُ ؕ اَلَيۡسَ الصُّبۡحُ بِقَرِيۡبٍ ﴿۸۱﴾ فَلَمَّا جَآءَ اَمۡرُنَا جَعَلۡنَا عَالِيَهَا سَافِلَهَا وَ

اَمۡطَرۡنَا عَلَيۡهَا حِجَارَةً مِّنۡ سِجِّيۡلٍ ۙ مَّنۡضُوۡدٍ ﴿۸۲﴾ مُّسَوَّمَةً عِنۡدَ رَبِّكَ ؕ وَ مَا هِىَ مِنَ الظّٰلِمِيۡنَ بِبَعِيۡدٍ ﴿۸۳﴾

النصف ٥٠

هو چوڻ لڳا تہ توکي چڱي طرح معلوم آهي تہ اسان کي تنهنجن نياڻين سان کو غرض نہ آهي، تون يقينًا ڄاڻين ٿو جو ڪجهہ اسان گهرون ٿا.(79) لوط عليه السلام چيو ڪاش مون ۾ اوهان سان مقابلي ڪرڻ جي قوت موجود هجي ها يا ڪوئي مضبوط سهارو هجي ها، جنهن جي پناهہ ۾ اچان ها.(80) تڏهن ڪيس فرشتن چيو تہ اي لوط عليه السلام اسان کي تنهنجي الله موڪليو آهي. هي ماڻهو تو تائين پهچي ڪو نہ سگهندا، بس تون رات جي ڪنهن حصي ۾ پنهنجن گهر وارن کي وٺي نڪري وڃ ۽ توهان مان ڪو مڙي بہ پٺتي نہ نهاري، مگر پنهنجي زال کي گڏ نہ وٺجو، اها بہ عذاب وارن ۾ آهي، جن کي عذاب پهچڻو آهي، بيشڪ عذاب جو مقرر ٿيل وقت صبح جو وقت آهي. ڇا صبح ويجهي نہ آهي.(81) پوءِ جڏهن اسان جو حڪم (عذاب) اچي پهتو تہ اسان ان بستيءَ کي الٽ پلٽ ڪري ڇڏيو ۽ اسان هن تي پٿر ۽ نڪر جون ڪنڪريون (پٿريون) وسايون، جيڪي لڳاتار انهن تي برسات وانگر وسنديون رهيون.(82) جيڪي اوهان جي رب طرفان نشان ڪيل هيون ۽ هي سنگ باريءَ جو عذاب ظالمن کان پري نہ آهي.(83)

حضرت لوط عليه السلام جي سبق آموز نصيحت بعد بہ هنن ڪيس چيو تہ توکي چڱي طرح معلوم آهي تہ اسان تنهنجي نياڻين ۾ ڪا دلچسپي نٿا رکون، نہ وري انهن ۾ ڪا اسان لاءِ ڪشش آهي. توکي خبر آهي تہ اسان ڇا ٿا گهرون. هنن جا اهي لفظ ٻڌائين ٿا تہ هو خباثت ۾ ڪيترو غرق ٿي چڪا آهن، جو نوبت انهيءَ حد تائين پهچي چڪي آهي،

جو سندن ساري رغبت ۽ دلچسپي گندي ۽ غليظ راھ تي آھي ۽ انھن جي آڏو فطرت ۽ پاڪيزگي وارو رستو ڪنھن صورت قبول ناھي. ھي ماڻھو نہ رڳو ھن گندي ڪم ۾ مصروف آھن، پر ڪين پنھنجي ھن روش تي ڪو شرم ۽ نڻو محسوس ٿئي. ھنن نادان ماڻھن ۾ ھاڻي سڌرڻ جي ڪا اميد ناھي. ھنن جو شمار انسانن ۾ ڪري نڻو سگھجي. ھي ڪنا ڪيڙا آھن، جن کي ختم ڪرڻ ضروري آھي، نہ تہ اھي پوري معاشري کي غلاظت ۽ خباثت جي انڌيرن ۾ ڌڪيلي ڇڏيندا. لوط عليه السلام پنھنجي قوم جي انھن فحش ۽ خبيث ماڻھن کان ھر حالت ۾ خباثت ڪرڻ تي بضد ڏسي نھايت پريشاني ۽ مايوسيءَ جي حالت ۾ چوڻ لڳو تہ ڪاش مون ۾ اوھان سان مقابلو ڪرڻ جي ھمت ھجي ھا، يا ڪو اھڙو سھارو ھجي ھا، جتي مان پنھنجي مھمانن جو دفاع ڪري سگھان ھا. اڄ ھنن ظالمن جي اڳيان پنھنجن مھمانن جي عزت محفوظ رکڻ مشڪل مسئلو ٿي ويو آھي، ان تي فرشتن چيو تہ اي لوط عليه السلام! گھبرائڻ جي ضرورت ناھي، اسان تنھنجي پروردگار جي ياران موڪليا ويا آھيون. ھي اسان کي تہ ڇا، توکي بہ ڪو نقصان ڏئي نہ سگھندا، الله توکي بچائي ونندو ۽ ھي تو تائين پھچي بہ نہ سگھندا. الله جو عذاب اچڻ وارو آھي. ھاڻي اوھان کي جلد از جلد ھتان پنھنجي اھل و عيال جي ماڻھن سان نڪري وڃڻ گھرجي، ائين نہ ٿئي تہ پنڻي ڏماڪن، شور شرابي ۽ روڇ راڙي جو ٻڌي پنڻي موٽي اچو. اوھان پنڻي مڙي نھارجو بہ نہ. جنھن حصي تي عذاب الاھي جو فيصلو ٿي چڪو آھي، ان ۾ دير ناھي، عذاب جو وقت صبح جو وقت آھي ۽ صبح نھايت قريب آھي. اوھان ھتان نہ نڪتا تہ ساوا بہ سڪن سان گڏ سڙي ويندا. (الحجر: 15/66-65) مقرره وقت ايندي ئي الله جو عذاب اچي ويو، اھو اھڙو سخت زلزلو ھيو، جنھن پوري بستي ۽ ارد گرد کي الٽ پلٽ ڪري ڇڏيو. (الذاريات: 51/33) زمين جو ھيٺيون تھ مٿي اچي ويو ۽ مٿيون حصو ھيٺ ڏبجي ويو ۽ اسان ھنن تي پٿرن ۽ نڪرن جون ڪنڪريون (ننڍڙيون پٿريون) انھن تي مينھن وانگر وسايون، جيڪي لڳاتار وسنديون رھيون. ھي سخت زلزلي ۽ آتش فشانيءَ جو زوردار طوفان ھو. اڄ بہ بحر لوط وٽ اھي آثا موجود آھن. ھي اھي ڪنڪريون ۽ پٿريون ھيون، جيڪي نشان لڳل ھيون تہ ھي واقعي الله تعالىٰ طرفان آھن تہ انھن کي ڪھڙي جڳھ ۽ ڪنھن جي مٿان سنگ باري ڪرڻي آھي. ياد رھي تہ الله جو ھر حڪم

منصوبہ بندي سان عمل پذير ٿيندو آهي، اهو عذاب جيڪو ظالمن جي لاءِ آهي، ڪڏهن بہ هنن کان دور نہ رهيو آهي، هاڻي بہ موجود آهي. (الحجر: 76/15، العنڪبوت: 35/29، الصَّافَّات: 138/37، محمد: 10/47، النَّازعات: 37/79)

وَ اِلٰى مَدْيَنَ اَخَاهُمْ شُعَيْبًا ؕ قَالَ يٰقَوْمِ اعْبُدُوا اللّٰهَ مَا لَكُمْ مِّنْ اِلٰهٍ
غَيْرُهٗ ؕ وَ لَا تَنْقُصُوا الْمِكْيَالَ وَ الْمِيْزَانَ اِنِّيْۤ اَرٰىكُمْ بِخَيْرٍ وَّ اِنِّيْۤ اَخَافُ
عَلَيْكُمْ عَذَابَ يَوْمٍ مُّحِيْطٍ ﴿۸۴﴾ وَ يٰقَوْمِ اَوْفُوا الْمِكْيَالَ وَ الْمِيْزَانَ بِالْقِسْطِ
وَ لَا تَبْخَسُوا النَّاسَ اَشْيَآءَهُمْ وَ لَا تَعْثَوْا فِى الْاَرْضِ مُفْسِدِيْنَ ﴿۸۵﴾
بَقِيَّتُ اللّٰهِ خَيْرٌ لَّكُمْ اِنْ كُنْتُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ۚ وَ مَاۤ اَنَا عَلَيْكُمْ بِحَفِيْظٍ ﴿۸۶﴾ قَالُوْا
يٰشُعَيْبُ اَصَلٰوتُكَ تَاْمُرُكَ اَنْ نَّتْرُكَ مَا يَعْبُدُ اٰبَآؤُنَاۤ اَوْ اَنْ نَّفْعَلَ فِىْۤ
اَمْوَالِنَا مَا نَشٰٓؤُا ؕ اِنَّكَ لَاَنْتَ الْحَلِيْمُ الرَّشِيْدُ ﴿۸۷﴾ قَالَ يٰقَوْمِ اَرَءَيْتُمْ اِنْ
كُنْتُ عَلٰى بَيِّنَةٍ مِّنْ رَّبِّىْ وَ رَزَقَنِىْ مِنْهُ رِزْقًا حَسَنًا ؕ وَ مَاۤ اُرِيْدُ اَنْ
اُخَالِفَكُمْ اِلٰى مَاۤ اَنْهٰىكُمْ عَنْهُ ؕ اِنْ اُرِيْدُ اِلَّا الْاِصْلَاحَ مَا اسْتَطَعْتُ ؕ وَ مَا
تَوْفِيْقِىْۤ اِلَّا بِاللّٰهِ ؕ عَلَيْهِ تَوَكَّلْتُ وَ اِلَيْهِ اُنِيْبُ ﴿۸۸﴾

ءِ مدين وارن ڏانهن سندن برادري مان شعيب عليه السلام کي (رسول ڪري) موڪليو، هن کين دعوت ڏني تہ اي منهنجي قوم جا ماڻهو! الله جي بندگي ڪريو، هن کان سواءِ اوهان جو ڪو بہ معبود ڪونهي ءِ ناپ تور ۾ ڪمي نہ ڪريو، مان اوهان کي آسوده حال ڏسان ٿو، مگر مون کي توهان تي اهڙي

عذاب جو انديشو آهي، جيڪو گهيري ونڻ وارو آهي. (84) اي منهنجي قوم جا افراد! ماپ ۽ تور کي ٺيڪ انصاف موجب پورو رکو ۽ ماڻهن کي سندن شيون گهٽائي نہ ڏيو ۽ زمين تي فساد پکيڙيندا نہ رهو. (85) الله طرفان ڏنل (جائز) منافعو ئي اوهان جي لاءِ بهتر آهي، جيڪڏهن اوهان سچا مؤمن آهيو، مان اوهان تي نگران ڪري مقرر نہ ڪيو ويو آهيان.(86) هنن جواب ۾ چيو تہ شعيب! ڇا تنهنجي نماز توکي اهو سيکاري ٿي تہ اسان ان کي ڇڏي ڏيون، جن کي اسان جا ابا ڏاڏا پوڄيندا آيا آهن ۽ پنهنجي مال ۾ جو ڪجهہ اسان گهرون، اهو نہ ڪيون (اسان جا ابا ڏاڏا سڀ گمراهہ هئا) رڳو تون دانشمند ۽ راهہ راست تي آهين.(87) شعيب عليه السلام چيو تہ اي منهنجي قوم! ذرا غور تہ ڪريو جيڪو مان پنهنجي رب جي طرفان روشن دليل سان آيو آهيان ۽ ان مون کي پنهنجي ڪرم نوازي سان عمده رزق عطا ڪيو آهي تہ پوءِ ان کان سواءِ ڪهڙي شيءِ جي دعوت ڏيان، مان هرگز نٿو گهران تہ اوهان کي جنهن ڪم کان منع ڪريان، اهو مان پاڻ ڪيان، مان تہ صرف اصلاح جو طلبگار آهيان، جيتري بہ ڪري سگهان، الله کان ئي هن جي توفيق مون کي ملندي، مون ان تي پروسو ڪيو آهي ۽ ان طرف ئي رجوع ڪيان ٿو.(88)

مدين حضرت ابراهيم عليه السلام جي پوٽي جو نالو هيو، ان جي قبيلي جي ماڻهن جو ۽ بستي جو نالو مدين پئجي ويو. اهل مدين کي "اصحاب الئيكة" بہ سڏيو ويو آهي. (الشعراء: 207/26-176) اسان اهل مدين ڏانهن شعيب عليه السلام کي هدايت ۽ رهبريءَ جي لاءِ رسول ڪري موڪليو تہ جيئن هو هنن جي ناجائز غلط شين کان روڪي سچي ۽ صحيح ڀالهين طرف سڏي. شعيب عليه السلام بہ پنهنجي قوم کي سڀ کان پهريان توحيد جو سبق ڏنو، چوتہ الله جو تصور ۽ حساب ڪتاب جو خوف انسان کي چڱن ڪمن طرف راغب ڪري ٿو. ان ڪري چيو تہ اي منهنجي قوم! الله جي عبادت ۽ اطاعت ڪريو، ان کان

سواءِ ٻئي ڪنهن کي ٻ معبود جو مقام نہ ڏيو، معاشري جي خوشحالي ۽ استحڪام، حقدار کي حق ڏيڻ ۽ انصاف کي قائم ڪرڻ ۾ آهي. اوهان پنهنجي مال ۾ ناجائز اضافو آڻڻ لاءِ ماڻهن سان ماپ تور ۾ ناانصافي ڪيو ٿا، کين ڏنل سرمائي جي بدلي گهٽ شيون ڏيو ٿا ۽ جڏهن هن کان خريد ڪيو ٿا تہ وڌيڪ وزن ڪري ونو ٿا. (المطففين: 1-4/83) اوهان معاشي ۽ مالي طور خوشحال ۽ آسوده آهيو، اوهان جي هن ناانصافيءَ جي ڪري معاشري ۾ فساد برپا ٿي رهيو آهي، جنهن جي ڪري مان اوهان تي ان ڏينهن کان ڊڄان ٿو، جيڪو عذاب بڻجي اوهان تي ايندو ۽ توهان سمورن کي پنهنجي گهيري ۾ آڻي بلڪل تباهہ ۽ برباد ڪري ڇڏيندو. (وڌيڪ ڏسو سورة الاعراف: رڪوع 11 ۽ سورت الشعراء: 176-207/26) اي منهنجي قوم! انهيءَ سخت عذاب کان بچڻ لاءِ اوهان پنهنجي ماپ تور جو انتظام عدل ۽ انصاف مطابق قائم ڪيو، جنهن ۾ چند ماڻهن جي خوشحاليءَ بدران قوم جي اجتماعي حالت سڌري ويندي، ان ڪري ماڻهن کي سندن شيون اصل مقدار کان گهٽ ڪري نہ ڏيو. امن ۽ سلامتيءَ وارو ماحول پيدا ڪيو ۽ الله جي زمين تي فتنو ۽ فساد پيدا نہ ڪيو، جنهن جا نتيجا هولناڪ هوندا. جيڪڏهن اوهان سچا مؤمن آهيو ۽ پنهنجي رب تي پورو يقين ۽ ايمان رکو ٿا تہ پوءِ يقين ڪريو تہ جيڪو ڪجهہ توهان فريبڪاري، ڏوڪي ۽ ٺڳيءَ سان گڏ ڪيو ٿا ۽ سمجهو ٿا تہ اوهان جي مال ۾ اضافو ٿي رهيو آهي، پر اهو اوهان لاءِ هرگز نفع بخش ٿي نٿو سگهي. (الرعد: 17/13) بقا ۽ جڙ ان سرمائي ۽ مال متاع کي آهي، جيڪو قانون خداوندي جي ذريعي حاصل ٿئي. (هود: 95/11) الله طرفان منافعو يعني موڙي تي جائز طريقي بچايل يا واڌو رقم ڪافي آهي. حضرت شعيب عليه السلام نماز تمام گهٽي پڙهندو هو. يعني عبادت ۾ گهٽو وقت گذاريندو هو، ان ڪري ماڻهو کين نيڪ ۽ پارسا سمجهندا هيا، پر جڏهن هن زور شور سان توحيد جي تبليغ شروع ڪئي تہ اها ماڻهن کي پسند نہ آئي. هن پنهنجي قوم کي چيو تہ مان اوهان تي ڪو ئي زور نٿو ڪيان، مان الله جو رسول آهيان ۽ اوهان جو نهايت پرخلوص خيرخواهہ آهيان، مان صرف نصيحت ڪري سگهان ٿو ۽ منهنجي اصل ذميواري دين جي دعوت ڏيڻ آهي، قبولڻ نہ قبولڻ جو اوهان کي اختيار آهي، مان نگران

نہ آهيان، جو زبردستي ڪريان.(86) هنن شعيب عليه السلام جي هن نصيحت جو جواب ڏيندي چيو تہ ڇا تنهنجي نماز توکي اهو حڪم ڏئي ٿي ڇا تہ اسان جيڪو ابن ڏاڏن جو دين اختيار ڪيو آهي، ان کي ترڪ ڪريون ۽ مالي معاملا يا ڏيتي ليتي ۽ وٽج واپار ۾ اسان پنهنجي مرضي ۽ پسند مطابق نہ ڪري سگهون. ڇا هينئر تائين اسان جا وڏڙا جن ديوتائن ۽ ديوين جي رضامندي حاصل ڪرڻ لاءِ سندن اطاعت ۽ پيروي ڪندا رهيا آهن، اهي سڀ جا سڀ گمراهه ۽ غافل هئا، هاڻي رڳو تون هڪ شخص سنجيده عقل مند ۽ راهه راست تي هلندڙ آهين، جنهن جي اسان پيروي ڪريون، جيڪا ناممڪن آهي. دراصل هي هڪ طعنه آميز جملو هيو تہ تون پاڻ کي پاڪباز ٿو سمجهين ۽ اسان سڀني کي ابن ڏاڏن سميت بي سمجهه، بي وقوف ٿو سمجهين. هي اهو جواب آهي جو هر دور جي اڪڙيل فاسق انهن جملن سان حق جي داعين کي جواب ڏيندو رهيو آهي ۽ ڏيندو رهي ٿو. شعيب عليه السلام چيو تہ اي منهنجي قوم! اهڙا طعنا چو ٿا ڏيو تہ اوهان سڀ جاهل آهيو ۽ مان رڳو عقلمند آهيان. پر ذرا هن حقيقت تي ٻہ غور ڪريو تہ منهنجي پروردگار عقل ۽ بصيرت جا رستا منهنجي آڏو نمايان ۽ ڪشاده ڪيا آهن (هود: 11/63) ۽ روشن دليلن سان مون کي تقويت بخشي آهي ۽ بي ايماني، لٽ مار ۽ بددياڻتي سان حاصل ڪيل روزيءَ بدران مون کي خوشگوار ۽ تمام عمده رزق عطا ڪيو آهي. (يا حق ۽ هدايت وارو سهڻو طريقو عطا ڪيو آهي) خدا جي انهن نعمتن جي باوجود ۽ انساني همدرديءَ جي ناتي اوهان کي دعوت حق نہ ڏيان، جيڪو مان ڪري نٿو سگهان چو تہ اهو منهنجو فرض منصبي آهي ۽ مان الله جو رسول آهيان، مون کان ائين ٿي نٿو سگهي تہ جنهن ڳالهہ کان مان اوهان کي روڪيان ۽ خود ان جو مرتڪب ٿيان. (البقره: 44/2، الصَّف: 3/61) منهنجي پوري ڪوشش رهندي تہ مان توهان جي بگڙيل معاشري جي اصلاح ڪريان. آءٌ پنهنجي سر دست ذرائع مان هن دعوت کي جاري رکندس ۽ اميد ڪيان ٿو تہ الله جي توفيق سان مون کي مطلوب اسباب مهيا ٿي ويندا. مون کي ان تي پورو پورو پروسو آهي ۽ منهنجو هر قدم ان راهہ تي هلندي انهي سرچشمه هدايت ڏي وجي ٿو.

وَ يٰقَوْمِ لَا يَجْرِمَنَّكُمْ شِقَاقِيْٓ اَنْ يُّصِيْبَكُمْ مِّثْلُ مَآ اَصَابَ قَوْمَ نُوْحٍ اَوْ
قَوْمَ هُوْدٍ اَوْ قَوْمَ صٰلِحٍ ؕ وَ مَا قَوْمُ لُوْطٍ مِّنْكُمْ بِبَعِيْدٍ ﴿٨٩﴾ وَ اسْتَغْفِرُوْا
رَبَّكُمْ ثُمَّ تُوْبُوْٓا اِلَيْهِ ؕ اِنَّ رَبِّيْ رَحِيْمٌ وَّدُوْدٌ ﴿٩٠﴾ قَالُوْا يٰشُعَيْبُ مَا نَفْقَهُ
كَثِيْرًا مِّمَّا تَقُوْلُ وَ اِنَّا لَنَرٰىكَ فِيْنَا ضَعِيْفًا ۚ وَ لَوْ لَا رَهْطُكَ لَرَجَمْنٰكَ ۖ
وَمَآ اَنْتَ عَلَيْنَا بِعَزِيْزٍ ﴿٩١﴾ قَالَ يٰقَوْمِ اَرَهْطِيْٓ اَعَزُّ عَلَيْكُمْ مِّنَ اللّٰهِ ؕ
وَاتَّخَذْتُمُوْهُ وَرَآءَكُمْ ظِهْرِيًّا ؕ اِنَّ رَبِّيْ بِمَا تَعْمَلُوْنَ مُحِيْطٌ ﴿٩٢﴾ وَ يٰقَوْمِ
اعْمَلُوْا عَلٰى مَكَانَتِكُمْ اِنِّيْ عَامِلٌ ؕ سَوْفَ تَعْلَمُوْنَ ۙ مَنْ يَّاْتِيْهِ عَذَابٌ
يُّخْزِيْهِ وَ مَنْ هُوَ كَاذِبٌ ؕ وَ ارْتَقِبُوْٓا اِنِّيْ مَعَكُمْ رَقِيْبٌ ﴿٩٣﴾ وَ لَمَّا جَآءَ اَمْرُنَا
نَجَّيْنَا شُعَيْبًا وَّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا مَعَهٗ بِرَحْمَةٍ مِّنَّا وَ اَخَذَتِ الَّذِيْنَ ظَلَمُوا
الصَّيْحَةُ فَاَصْبَحُوْا فِيْ دِيَارِهِمْ جٰثِمِيْنَ ﴿٩٤﴾ ۙ كَاَنْ لَّمْ يَغْنَوْا فِيْهَا ؕ اَلَا بُعْدًا
لِّمَدْيَنَ كَمَا بَعِدَتْ ثَمُوْدُ ﴿٩٥﴾ ع ١٢

اي منهنجي قوم جا ماڻهو (ائين نہ ٿئي جو) مون سان اوهان جي دشمني توهان
کي انهيءَ انجام تائين نہ پهچائي جو اوهان تي بہ اهوئي عذاب اچي وجي
جيڪو عذاب قوم نوح، قوم هود ۽ قوم صالح تي آيو. قوم لوط تہ اوهان کان
گهڻو پري بہ نہ آهي.(89) ۽ پنهنجي رب کان مغفرت ۽ حفاظت طلب ڪريو ۽
(پراڻي روش ڇڏي) ان ڏانهن رجوع ڪريو. منهنجو رب نهايت مهربان ۽
محبت ڪرڻ وارو آهي.(90) هنن جواب ۾ چيو تہ اي شعيب عليه السلام! تنهنجون

اکثر ڳالهيون اسان جي سمجهه ۾ نٿيون اچن ۽ اسان توکي پنهنجي درميان ڪمزور انسان ڏسون ٿا، جيڪڏهن تنهنجي برادري (قبيلو) نه هجي ها تہ اسان توکي سنگسار ڪريون ها، تون اسان لاءِ ايڏو طاقتور نہ آهين.(91) شعيب عليه السلام چيو تہ اي منهنجي قوم! ڇا منهنجو قبيلو توهان وٽ الله کان بہ وڌيڪ معزز آهي. ان الله (عزو جل) کي تہ توهان پس پشت ڪري ڇڏيو آهي، بيشڪ منهنجي رب توهان جي ڪارنامن کي پنهنجي قبضي هيٺ رکيو آهي.(92) اي منهنجي قوم! توهان پنهنجو ڪم جاري رکو، مان پنهنجو ڪم ڪيان ٿو. توهان کي عنقريب معلوم ٿي ويندو تہ اهو عذاب جيڪو ذليل ۽ رسوا ڪري ڇڏيندو، ڪنهن تي آيو آهي ۽ ڪير ڪوڙو (ڪير سچو) آهي اوهان بہ انتظار ڪندا رهو مان بہ اوهان سان گڏ انتظار ڪيان ٿو.(93) پوءِ جڏهن اسان جو عذاب وارو حڪم اچي ويو تہ اسان شعيب عليه السلام ۽ ان سان گڏ ايمان وارن کي پنهنجي رحمت سان بچائي ورتو ۽ ظالمن کي هڪ هولناڪ آواز (چيخ) پڪڑي ورتو، هو صبح جي وقت پنهنجن گهرن ۾ اوندا (مرده) ڏنا ويا.(94) اهڙيءَ طرح تهس نهس ٿيا، جو ڇٽ ڪڏهن سندن وجود ئي ڪو نہ هيو، ياد رکو اهل مدين لاءِ بہ اها ئي هلاڪت آهي، جهڙي طرح قوم ثمود هلاڪ ٿي. (95)

حضرت شعيب عليه السلام پنهنجي خلاف قوم جي هٺ ڏرمي ۽ ضد سبب سخت مخالفت ڏسي کين چيو تہ ياد رکو، ائين نہ ٿئي جو اوهان مون سان دشمنيءَ سبب پاڻ کي ان عذاب جو مستحق ڪريو ۽ اهو عذاب اوهان کي پڪڑي ونيو، جهڙي طرح هن کان اڳ نوح عليه السلام، جي قوم، هود عليه السلام جي قوم ۽ صالح عليه السلام جي قوم کي پهتو هو. ها لوط عليه السلام جي قوم جي تباهيءَ جا قصا تہ ايترا پراڻا ناهن، اهي اوهان جي قريب ٿي گذري چڪا آهن، جن تي غور فڪر ڪري ان جا اسباب معلوم ڪريو، باقي مونسان اوهان جي ذاتي دشمني اوهان کي هنن عبرتناڪ واقعن جي نتيجن ڇاڻڻ کان رکاوٽ نہ بڻجي. (المائده:

8/5) توهان ذاتي عناد ۽ تعصب سبب جو دعوت حق کي نڪرائي، راهہ نجات کان محروم رهڻ جو ناداني ۽ ۾ فيصلو ڪري رهيا آهيو، ان جو مون کي ڪو نقصان پهچڻ وارو ناهي، پر توهان پاڻ کي برباد ڪري رهيا آهيو. هينئر به وقت موجود آهي، پنهنجي رب کان مغفرت طلب ڪريو ۽ ان کان معافي ونڊي پنهنجن گناهن جي مضر نتيجن کان پاڻ کي حفاظت ۾ رکو ۽ پنهنجي پراڻي روش ۽ طور طريقن کي ڇڏي، قانون خداوندي جي سڌي ۽ سچي رستي ڏانهن رجوع ڪريو. بيشڪ منهنجو رب نهايت مهربان آهي. هن جي رحمت جا در هميشہ کليل آهن. هو پنهنجن فرمانبردار ٻانهن سان نهايت گهٽي محبت ڪندو آهي. (البقره: 186/2، الزمر: 53-55/39) "وَرَحْمَتِيْ وَسِعَتْ كُلَّ شَيْءٍ" منهنجي رحمت هر شيءِ کان وڌيڪ وسعت واري آهي. "وَنَحْنُ اَقْرَبُ اِلَيْهِ مِنْ حَبْلِ الْوَرِيْدِ" (ق: 16/50) اسان ٻانهي کي ان جي ساهہ واري رڳ کان ويجها آهيون. "وَمَا رَبُّكَ بِظَلَّامٍ لِّلْعَبِيْدِ" (حم السجده: 141/46) تنهنجو رب ڪنهن به ٻانهي تي ظلم نٿو ڪري. شعيب عليه السلام جون پر خلوص ۽ خيرخواهي سان لبريز ڳالهيون ٻڌي چيائيون تہ شعيب! تنهنجون اڪثر ڳالهيون سمجهہ کان ٻاهر آهن، اسان قبول ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهيون، حالانڪہ شعيب عليه السلام کين سندن ٻولي ۾ ۽ ۾ نهايت سليس ۽ سبق آموز طريقي سان سيکاري رهيو هو، پر شب ڪوره (رات جو ڏسي نہ سگهڻ) کي ڪجهہ نظر نہ اچي تہ ان ۾ ڪنهن ٻئي جو ڪو قصور ناهي. ڳالهيون تہ نهايت صاف ستريون ۽ سڌيون هيون، پر هنن جي ذهن تي تالا لڳي ويا، جو هو ڪجهہ ڏسڻ، ٻڌڻ ۽ سوچ ويچار ڪرڻ وارين صلاحيتن کان محروم ٿي ويا. هنن شعيب عليه السلام کي ڏمڪي ۾ ڏني تہ تون ڪمزور شخص آهين، جيڪڏهن تنهنجو قبيلو نہ هجي ها تہ اسان توکي هن جرم ۾ سنگسار ڪريون ها، تون ڪو اسان لاءِ ڏاڍو مڙس نہ آهين، تو سان نبري سگهون ٿا، پر تنهنجي قبيلي جو خيال آهي. (التوبه: 71/9، الحجرات: 10/41) شعيب عليه السلام کين چيو تہ اوهان منهنجي قبيلي کي الله کان وڌيڪ معزز سمجهو ٿا؟ مان تہ اوهان کي وحي الاهي جون ڳالهيون ڪري رهيو آهيان. اوهان کي ان کي عزت ڏيڻ گهرجي، پر الٽو توهان ان کان وڌيڪ منهنجي قبيلي جو خيال ڪري رهيا آهيو. ياد رهي تہ نبي اڪرم خاتم النبيين صلى الله عليه وسلم کي به قريش مڪه ۽ مشرڪين جي مخالفت ۾ سندن چاچو ابو طالب جيڪو قريش جو سردار هيو، هر حال ۾ سندن حمايتي ۽ مددگار

هو. اوهان خدا جي حڪمن کي پنيءَ پنيان اچلائي ڇڏيو آهي. الله اوهان جي سموري ڪارڪردگيءَ کي پوري طرح پنهنجي احاطي (قبضي) ۾ رکيو آهي. شعيب عليه السلام کين چيو ته اوهان پنهنجي جاءِ تي جيڪي وڻيو، منهنجي خلاف ڪندا رهو، جيڪي سازشون ۽ منصوبا جوڙڻ گهرو ٿا، ڪري ونو، جيڪو به قدم منهنجي خلاف کڻڻ گهرو ٿا، اهي کڻو. مون کي ان جو ڪو ڊپ ڊاءِ ناهي، مان اوهان جي خوف کان الله جي ڏنل ڏيوتيءَ کان غافل ٿي نٿو سگهان. ان ڪري مان پنهنجي طور جو ڪري سگهان ٿو، ڪندو رهندس. رسول سڳورن پاران اهڙي ڇٽيلينج جو سلسلو سورة الانعام، سورة الاعراف کان هلندو اچي ٿو. حضرت موسىٰ حضرت هارون عليهما السلام کي جڏهن فرعون ڏانهن موڪليو ويو ته انهن فرعون جي ظلم جو خدشو ڏيڪاريو، کين الله تعالىٰ فرمايو: "لَا تَخَافَآ إِنَّنِيْ مَعَكُمَآ" (طٰهٰ: 49/20) اهڙيءَ طرح غار ثور ۾ پاڻ ڪريم عليه السلام فرمايو: "لَا تَحْزَنْ إِنَّ اللّٰهَ مَعَنَا" (التوبه: 40/9) توهان کي جلد معلوم ٿي ويندو ته ڪنهن تي عذاب نازل ٿيڻ وارو آهي ۽ ڪير ڪوڙو (ڪير سچو) آهي. اوهان به ان ڏينهن جو انتظار ڪريو، جنهن ڏينهن ڪوڙن تي خدا جو عذاب ناول ٿيندو ۽ مان به انتظار ڪريان ٿو. جڏهن وقت معين تي اهو عذاب آيو ته اسان شعيب عليه السلام ۽ ان سان گڏ ايمان آڻڻ وارن کي پنهنجي رحمت سان بچائي ورتو ۽ ظالمن کي سخت چيخ (ڪڙڪيدار آواز) پکڙي ورتو، جنهن جي دهشت ۽ خوف کان ظالمن جون دليون ريزه ريزه ٿي ويون ۽ پنهنجن گهرن ۾ مرده صورت ۾ اونڌا ڏنا ويا، هنن مان ڪو به زندهه باقي نه رهيو ۽ سڀ جا سڀ ائين نيست ۽ نابود ٿي ويا، جڙ هنن جو وجود ئي ڪو نه هيو. (الاعراف: 85/7-93، العنكبوت: 37/29) حضرت نوح عليه السلام کان ونئي اڄ تائين ظالم ۽ سرڪش قومن جو جيڪو انجام رهيو آهي، اهو تاريخ جي صفحن تي نمايان نظر اچي ٿو، پر ان هوندي به گمراهه ۽ نافرمان انسانن جو سلسلو به ساڳي طرح ساڳي طور طريقن تي موجود رهيو آهي ۽ رهندو اچي، جن جو انجام به سنت الله جي طريقي ساڳيو رهيو آهي. شعيب عليه السلام جي قوم به ان انجام کان گذري ۽ نتيجو دنيا آڏو ظاهر آهي ته هو بلڪل تباهه ۽ برباد ٿي ويا ۽ اهل مدين جي الله جي رحمتن کان اها دوري آهي، جيڪا ثمود جي حصي ۾ دوري ۽ محرومي آئي هئي.

وَ لَقَدْ اَرْسَلْنَا مُوْسٰى بِاٰيٰتِنَا وَ سُلْطٰنٍ مُّبِيْنٍ ﴿٩٦﴾ اِلٰى فِرْعَوْنَ وَ مَلَاْئِهٖ
فَاتَّبَعُوْۤا اَمْرَ فِرْعَوْنَ ۚ وَ مَاۤ اَمْرُ فِرْعَوْنَ بِرَشِيْدٍ ﴿٩٧﴾ يَقْدُمُ قَوْمَهٗ يَوْمَ
الْقِيٰمَةِ فَاَوْرَدَهُمُ النَّارَ ؕ وَ بِئْسَ الْوِرْدُ الْمَوْرُوْدُ ﴿٩٨﴾ وَ اُتْبِعُوْا فِيْ هٰذِهٖ لَعْنَةً
وَّ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ ؕ بِئْسَ الرِّفْدُ الْمَرْفُوْدُ ﴿٩٩﴾ ذٰلِكَ مِنْ اَنْۢبَآءِ الْقُرٰى نَقُصُّهٗ
عَلَيْكَ مِنْهَا قَآئِمٌ وَّ حَصِيْدٌ ﴿١٠٠﴾ وَ مَا ظَلَمْنٰهُمْ وَ لٰكِنْ ظَلَمُوْۤا اَنْفُسَهُمْ فَمَاۤ
اَغْنَتْ عَنْهُمْ اٰلِهَتُهُمُ الَّتِيْ يَدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ مِنْ شَيْءٍ لَّمَّا جَآءَ اَمْرُ
رَبِّكَ ؕ وَ مَا زَادُوْهُمْ غَيْرَ تَتْبِيْبٍ ﴿١٠١﴾ وَ كَذٰلِكَ اَخْذُ رَبِّكَ اِذَاۤ اَخَذَ الْقُرٰى
وَ هِيَ ظَالِمَةٌ ؕ اِنَّ اَخْذَهٗۤ اَلِيْمٌ شَدِيْدٌ ﴿١٠٢﴾

ع بيشڪ اسان موسيٰ عليه السلام کي به پنهنجن نشانين ع روشن دليلن سان موڪليو. (96) فرعون ع ان جي سردارن ڏانهن پوءِ به سردارن فرعون جي حڪم جي پيروي ڪئي، حالانڪ فرعون جو حڪم درست نه هيو. (97) هو قيامت واري ڏينهن پنهنجي قوم جي قيادت ڪندو ع آخرڪار هنن کي دوزخ جي باهه ۾ اچي وجهندو ع اها رهڻ لاءِ ڪيتري بري جڳه آهي. (98) هن دنيا ۾ به لعنت هنن جو پيڇو ڪندي رهندي ع قيامت جي ڏينهن به هنن جو پيڇو ڪندي، ڪيترو برو عطيو آهي، جو هنن کي ڏنو ويو آهي. (99) اي رسول معظم خاتم النبيين صلى الله عليه وآله وسلم! هي انهن آبادين جون ڪجهه حالتون ع احوال آهن، جيڪي اسان توکي ٻڌائي رهيا آهيون، انهن مان ڪجهه (اڃ به) موجود آهن ع ڪجهه مٽجي نيست و نابود ٿي ويون آهن.(100) اسان هنن تي ظلم نه ڪيو هو، پر

هنن پاڻ پنهنجي پاڻ تي ظلم ڪيو هو، سو انهن جا اهي ڪوڙا معبود جن کي هو الله جي بدران پوجيندا هئا، اهي انهن جي ڪنهن ڪم نہ اچي سگهيا. جڏهن الله جو عذاب آيو تہ اهي ديوتا هنن جي عذاب ۾ اضافي کان سواءِ ڪجهہ (مدد) نہ ڪري سگهيا. (101) تنهنجي رب جي پڪڙ اهڙي طرح هوندي آهي، جڏهن هو بستين کي پڪڙيندو آهي ۽ هو ظلم ۾ رڌل هوندا آهن. بيشڪ هن جي گرفت نهايت درد ناڪ ۽ سخت هوندي آهي.(102)

اهڙيءَ طرح موسىٰ عليه السلام کي به پنهنجن آيتن (نشانين) ۽ هڪ ڪلي مضبوط سند (حجت دليل) سان موڪليو، بين نون معجزن سان گڏ ڪيس عصا جو هڪ مضبوط معجزو عطا ڪيو، جنهن سان موسىٰ عليه السلام ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ کان آيل تجربيڪار ماهر جادوگرن کي ذلت آميز شڪست سان خاڪ آلوده ڪيو. فرعون ۽ ان جي سردارن جا سمورا داؤ ۽ پيچ رائگان ڪري ڇڏيا. اهڙن واضح ۽ بي بدل دليلن ۽ برهان جي باوجود هن جا امراءَ، سردار ۽ اڳواڻ فرعون جي حڪم جا تابعدار ٿيا ۽ حق ۽ سچائي جي رستي تي اچڻ کان انڪاري ٿيا ۽ موسىٰ عليه السلام کي وڏو جادوگر سڏي، حق ۽ راهہ جي رستي تي اچڻ بدران فرعون جي حڪمرانيءَ جي تابعداري قبول ڪئي، حالانڪ فرعون جا احڪام ۽ فرمان چٽا گمراهيءَ تي مبني هئا. موسىٰ عليه السلام جو بيان سورت يونس 10 ۾ آيت 75 کان 92 تائين، سورت طٰہٰ 20 ۾ آيت 77 کان آيت 98 تائين ڪافي تفصيل سان آيل آهي. فرعون جهڙي طرح هن دنيا ۾ قوم کي تباهيءَ طرف ڏڪيلي رهيو هو، قيامت جي ڏينهن بہ هو پنهنجي گمراهہ قوم جي آڏو آڏو هلي، قيادت ڪري رهيو هوندو ۽ آخرڪار هنن سيني کي پاڻ سان گڏ دوزخ جي باهہ ۾ ڪيرائيندو ۽ اها رهائش لاءِ ڪهڙي نہ بري جڳهہ هوندي. "اَلْوِرْدُ" پاڻيءَ پيئڻ جو گهاٽ. "اَلْمَوْرُوْدُ" اها جڳهہ، جتي پاڻي پيئڻ لاءِ اچجي. گويا خراب هنڌ جو تاڪيد آهي. "اَلرِّفْدُ" انعام، عطيو، بخشش. هت لعنت کي "اَلرِّفْدُ" چيو ويو آهي، يعني برو عطيو. "اَلْمَرْفُوْدُ" جنهن کي اهو برو عطيو ڏنو وجي، گويا "اَلرِّفْدُ" جو تاڪيد آهي. "حَصِيْد" ڪٽيل، اها بستي، جيڪا ڪٽيل پوک وانگر هجي.

معلوم ٿيو تہ جيڪو هن دنيا ۾ ماڻهن کي بدي ۽ گمراهي طرف وٺي وڃڻ ۾ انهن جي اڳواڻي ۽ سرپرستي ڪندو تہ قيامت جي ڏينهن بہ هو پنهنجي ان گمراهہ جماعت جي اڳواڻي ڪندي، کين دوزخ جي باهہ ۾ داخل ڪندو، جتي هو هميشہ ٻرندا ۽ سڙندا رهندا. (ابراهيم: 28/14) پر جيڪڏهن ڪو ماڻهو ڪنهن جماعت کي فلاح ۽ بهبود ڏانهن وٺي وڃڻ ۾ سربراهيءَ جو ڪردار ادا ڪندو تہ ان کي قيامت جي ڏينهن بہ نيڪن ۽ پرهيزگار انسانن جي اڳواڻيءَ جو موقعو ملندو، جيئن هو هنن سڀني کي جنت جي باغن ۾ داخل ڪندو، جن جي دامن ۾ نهرون جاري هونديون ۽ هو هميشہ ان ۾ شاد آباد رهندا. (النساء: 85/4، الزلزال: 7-8/99 حديث شريف ۾ آهي: "اِمْرَؤُ الْقَيْسِ حَامِلُ اللِّوَآءِ لِشُعَرَآءِ الْجَاهِلِيَّةِ" قيامت جي ڏينهن امرؤالقيس دور جهالت جو وڏو شاعر سبع معلقات جو خالق، دور جهالت جي شاعرن جو اڳواڻ ئي جهنڊو کڻي کين دوزخ ۾ داخل ڪندو. هن دنيا ۾ بہ لعنت هنن جو پيڇو ڪندي رهندي ۽ قيامت ۾ بہ هنن کي جيڪو عطيو ملندو، اهو نهايت برو هوندو. قيامت ڏينهن دنيا ڏسي رهي هوندي تہ هڪ گروهہ ڪهڙي شان و شوڪت سان جنت ۾ داخل ٿي رهيو آهي ۽ کيس جنت جون نعمتون هنن لاءِ بهترين تحفظ ۽ عطيو هوندا، وري ٻئي طرف هڪ ملعون ٽولو پنهنجي انجام کي پهچي ڪهڙي نہ خراب عطيي ۽ تحفي جو حصيدار ٿيو آهي.

اي نبي مڪرم ﷺ! هي انهن آبادين ۽ بستين جا احوال ۽ حالات آهن، جيڪي اسان اوهان جي قوم لاءِ بيان ڪري رهيا آهيون، هنن سبق آموز قصن جا ڪجهہ آثار متجي ويا آهن، پر ڪجهہ اڄ بہ موجود آهن، جيڪي ڏسندڙن جي لاءِ عبرت جو مقام آهن، جيڪڏهن منهنجي قوم بہ هن واضح دليلن مان رهبري حاصل نٿي ڪري ۽ اڳين قومن وارو رستو اختيار ٿي ڪري تہ هنن جو نتيجو بہ اهڙو ئي هولناڪ هوندو، جيڪو هن ڪان اڳ گذري ويل قومن جو رهيو آهي. هنن قومن جي تباهي ۽ بربادي سندن ڪارنامن جو نتيجو هيو، باقي الله جي طرفان هنن سان ڪا بہ زيادتي نہ ڪئي وئي هئي، نہ هنن جي حق تلفي ٿي ۽ نہ وري ناانصافي ڪئي وئي. هي سندن اعمال جو پورو پورو نتيجو هيو، جيڪو کين مليو. "فَمَنْ يَّعْمَلْ مِثْقَالَ ذَرَّةٍ خَيْرًا يَّرَهٗ" (الزلزال: 7-8/99، القارعة 6/101 کان 11) هنن جي ڪوڙن معبودن جن کي هو پوڄيندا هئا، اهڙي ڏکئي وقت ۾ بہ

سندن کا حمايت کا نہ ڪئي، جڏهن رب جو هنن تي عذاب نازل ٿيو تہ هنن ديوتائن جو وجود هنن جي هلاڪت ۽ بربادي ۽ جي اضافي جو سبب بڻيا، چو تہ اهي مصنوعي خدا هئا ۽ انهن جو ان وقت هجڻ بہ هنن خلاف چارج شيٽ جو ظاهري مظاهرو هو. تنهنجي رب جي نافرمان ۽ سرڪش قوم خلاف اهڙي قسم جي سخت پڪڙ هوندي آهي، جڏهن ڪنهن بستي ۽ ۾ گناهہ ۽ معصيت جو ڪاروبار عام جام ٿي وڃي ٿو ۽ ماڻهو الله جي موڪليل رسولن جي تعليم کي نڪرائي، پنهنجن ذاتي مفادن جا قانون جاري ڪندا آهن ۽ ڪمزور ۽ مسڪين ماڻهن جي زندگي اجيرن بڻجي ويندي آهي ۽ مهلت جو وقت ختم ٿي ويندو آهي ۽ هدايت جا سمورا وسيلا بيڪار ثابت ٿيندا آهن تہ پوءِ اهڙي ظالم نظام تي خدا جي گرفت سخت ٿي ويندي ۽ پوري بستي ۽ کي تباهہ ۽ برباد ڪري ڇڏيندي آهي. (البروج: 12/85 ۾ آهي: "اِنَّ بَطْشَ رَبِّكَ لَشَدِيْدٌ" الله جي گرفت سخت گرفت آهي. حديث شريف ۾ آهي: "اِتَّقِ دَعْوَةَ الْمَظْلُوْمِ فَاِنَّهَا لَيْسَ بَيْنَهَا وَبَيْنَ اللّٰهِ حِجَابٌ" مظلوم جي دانهن کان بچو، چوتہ هن جي دانهن ۽ الله درميان ڪا رندڪ ناهي. "اِنَّ اللّٰهَ لَيُمْلِيْ لِلظَّالِمِ حَتّٰى اِذَا اَخَذَهٗ لَمْ يُفْلِتْهُ" (صحيحين) الله ظالم کي مهلت ڏيندو آهي، پر جڏهن پڪڙ ڪندو آهي تہ پوءِ کو بچي نٿو سگهي.

اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيَةً لِّمَنْ خَافَ عَذَابَ الْاٰخِرَةِ ؕ ذٰلِكَ يَوْمٌ مَّجْمُوْعٌ ۙ لَّهُ النَّاسُ وَ ذٰلِكَ يَوْمٌ مَّشْهُوْدٌ ۝۱۰۳ وَ مَا نُؤَخِّرُهٗۤ اِلَّا لِاَجَلٍ مَّعْدُوْدٍ ۝۱۰۴ يَوْمَ يَاْتِ لَا تَكَلَّمُ نَفْسٌ اِلَّا بِاِذْنِهٖ ۚ فَمِنْهُمْ شَقِيٌّ وَّ سَعِيْدٌ ۝۱۰۵ فَاَمَّا الَّذِيْنَ شَقُوْا فَفِي النَّارِ لَهُمْ فِيْهَا زَفِيْرٌ وَّ شَهِيْقٌ ۝۱۰۶ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا مَا دَامَتِ السَّمٰوٰتُ وَ الْاَرْضُ اِلَّا مَا شَآءَ رَبُّكَ ؕ اِنَّ رَبَّكَ فَعَّالٌ لِّمَا يُرِيْدُ ۝۱۰۷ وَ اَمَّا الَّذِيْنَ سُعِدُوْا فَفِي الْجَنَّةِ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا مَا دَامَتِ السَّمٰوٰتُ وَ الْاَرْضُ اِلَّا مَا شَآءَ رَبُّكَ ؕ عَطَآءً غَيْرَ مَجْذُوْذٍ ۝۱۰۸ فَلَا تَكُ فِيْ مِرْيَةٍ مِّمَّا يَعْبُدُ هٰۤؤُلَآءِ ؕ

مَا يَعْبُدُوْنَ اِلَّا كَمَا يَعْبُدُ اٰبَآؤُهُمْ مِّنْ قَبْلُ ؕ وَ اِنَّا لَمُوَفُّوْهُمْ نَصِيْبَهُمْ غَيْرَ مَنْقُوْصٍ ﴿۱۰۹﴾ ع ۱۴

بيشڪ هن ۾ انهن لاءِ نشاني آهي، جيڪي آخرت جي عذاب کان ڊڄن ٿا، اهو هڪ اهڙو ڏينهن آهي، جنهن ڏينهن ماڻهن کي جمع ڪيو ويندو ۽ اهو ڏينهن ئي هوندو پيشي جو. (103) اسان ان ڏينهن کي هڪ مقرر وقت تائين مؤخر ڪيو آهي.(104) جڏهن اهو ڏينهن اچي ويندو تہ ڪو بہ ساهہ وارو گفتگو ڪري نہ سگهندو، سواءِ الله جي اذن جي، انهن انسانن مان ڪجهہ ماڻهو بدبخت تہ ڪجهہ ماڻهو نيڪ بخت هوندا. (105) پوءِ جيڪي ماڻهو بدبخت هوندا، اهي باهہ حوالي ٿيندا، جتي اهي رڙيون ۽ رانباها ڪندا. (106) اهي ان ۾ هميشہ رهندا، جيستائين هي زمين ۽ آسمان آهن ۽ سواءِ ان جي جيڪو تنهنجي رب جي مشيت ۾ هجي. بيشڪ تنهنجو رب جيڪو ارادو ڪري ٿو، اهو ٿي وڃي ٿو. (107) پوءِ جيڪي نيڪ بخت هوندا، اهي جنت ۾ هوندا، ان ۾ هميشہ رهندا. سواءِ ان جي جيڪي توهان جي رب جي مشيت هوندي، هي اهڙي بخشش آهي، جو ڪڏهن بہ ختم نہ ٿيندي. (108) پوءِ اي نبي مڪرم خَاتَمُ النَّبِيِّيْن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! جن جي هي ماڻهو پوڄا ڪن ٿا، انهن جي باري ۾ ڪنهن شڪ ۾ نہ ٿيءُ. هي انهن جي اهڙي طرح پوڄا ڪري رهيا آهن، جهڙي طرح هنن جا ابا ڏاڏا پوڄيندا آهن، (يعني هي لڪير جا فقير آهن) ۽ بيشڪ اسان هنن کي سندن عذاب جو پورو پورو حصو ڏينداسين، جيڪو ڪٽل نہ هوندو. (109)

تاريخ انساني جون هي شهادتون ۽ واقعا جيڪي پيش ڪيا وڃن ٿا، انهن ماڻهن لاءِ جيڪي آخرت جي عذاب کان ڊڄن ٿا، انهن لاءِ سبق آموز آهن. هن ڏهاڙي تي سپ

ماڻهن کي هڪ هنڌ جمع ڪيو ويندو ۽ اهو ڏينهن خدا آڏو پيشي جو ڏينهن هوندو، جتي سمورن ماڻهن کي گڏ ڪيو ويندو. "وَحَشَرْنٰهُمْ فَلَمْ نُغَادِرْ مِنْهُمْ اَحَدًا" (الكهف: 18/ 47) هي اهڙي علامت آهي، جيڪا غور ۽ فڪر ڪرڻ سان سمجهه ۾ اچي وجي ٿي. خدا جا جيترا به رسول ڪرام آيا، انهن سڀني جي دعوت جو نمونو هڪ جهڙو هيو، بت پرستي ڇڏي الله جي توحيد تي قائم ٿيو، نيڪ عمل ڪريو، آخرت ۾ انهن عملن جو حساب ٿيندو ۽ جزا سزا ان جي مطابق هوندي. حضرت نوح عليه السلام کان وٺي خاتم النبيين صلى الله عليه وسلم تائين جيڪي به رسول ڪرام آيا، انهن اها ئي تبليغ ڪئي، جنهن جي نتيجي ۾ هميشه انبياءَ ڪرام ۽ جن ايمان آندو، اهي صحيح سلامت محفوظ رهيا ۽ عذاب الاهي کان بچايا ويا، پر جن نافرماني ڪئي ۽ ڪفر و شرڪ جو رستو اختيار ڪيو، انهن تي هميشه هولناڪ عذاب نازل ٿيو ۽ اهو هر دؤر ۾ بالڪل انهن سنت الاهي مطابق ٿيندو آيو آهي. هن کان وڌيڪ ٻيو ڪهڙو ثبوت يا دليل هوندو. قرآن حڪيم ۾ ان ڏينهن جو بار بار ذڪر آيو آهي.(البقره: 2/234-123-48، آل عمران: 3/106، طٰه: 20/106، لقمان: 31/33، فاطر: 35/18، الحاقه: 69/32-25، التكوير: 81/36-34) اسان ان ڏينهن کي مقرر وقت کان مؤخر (پنتي) نٿا ڪريون، هن جو وقت مقرر آهي ۽ ان وقت تي اهو ظهور پذير ٿيندو، جڏهن ظهور پذير ٿيندو ته نافرمان، ظالم ۽ سرڪش قومن ۽ بستين کي اهڙي طرح اجاڑي ڇڏيندو ته گويا هن کان اڳ نه اتي ڪو بني بشر رهندو هو ۽ نه وري ڪا بستي زمين تي موجود هئي. ان ڏينهن ڪوبه شخص ان جي اجازت کان سواءِ گفتگو ڪري نه سگهندو. اهو ڏينهن اهڙو سخت هوندو، جو "وَلَا يَتَكَلَّمُ يَوْمَئِذٍ اِلَّا الرُّسُلُ وَ دَعْوَى الرُّسُلِ يَوْمَئِذِ اللّٰهُمَّ سَلِّمْ سَلِّمْ" (صحيحين) ان ڏينهن انبياءِ کانسوا ۽ کنهن کي به گفتگوءَ جي همت نه هوندي. انبياء به ان ڏينهن رڳو اهو چوندا ته الله! مون کي بچاءِ، مون کي بچاءِ. "يَوْمَ تُبَدَّلُ الْاَرْضُ غَيْرَ الْاَرْضِ وَ السَّمٰوٰتُ" (ابراهيم: 14/48) ان وقت سندن زبان کان وڌيڪ هن جا ٻيا عضوا هن جي خلاف گواهي ڏيڻ شروع ڪندا. (الشعراء: 26/102، يٰس: 36/65، حٰم سجده: 41/21-20، الاحقاف: 46/26) ۽ انهن جي اهڙي پڪي شاهدي هوندي، جو ماڻهو پاڻ انهن جو انڪاري نه ٿي سگهندو ۽ حيرت ڪندو ته هنن اکين، هٿن، پيرن کي ڳالهائڻ ۽ گواهي ڏيڻ جي ڪيئن صلاحيت ٿي، جنهن تي هن جا عضوا چوندا ته اسان کي ڳالهائڻ جي

قوت الله طرفان آئي آهي. هن ڏينهن ماڻهن جا ٻه گروهه ٿهي ويندا، هڪ بدبخت ۽ منحوس ماڻهن جو گروپ هوندو ته ٻيو وري نيڪ بخت ۽ مسرور ماڻهن جو گروپ هوندو، جيڪو پنهنجي پنهنجي اعمال مطابق جزا ۽ سزا جو حقدار هوندو. جن مصنوعي ديوتائن ۾ سندن آسرا اميدون هيون، سي ناڪاره ۽ ناڪام ثابت ٿيندیون. پوءِ جيڪو بدبخت ماڻهن جو ٽولو هوندو، انهن کي جهنم رسيد ڪيو ويندو، جنهن جي باهه ۾ هو سڙندا ۽ لٽڪندا رهندا. سخت عذاب سبب رڙيون ۽ دانهون ڪندا رهندا ۽ ڪير ٻه سندس مدد ۽ نجات ڏيارڻ لاءِ نه ايندو. هو ان دوزخ جي باهه ۾ هميشه هميشه لاءِ رهندا، يعني جيستائين آسمان ۽ زمين موجود آهن، هي ان باهه جا مهمان هوندا. سواءِ انهن جي، جن کي مشيت خداوندي نصيب ٿئي. (بني اسرائيل: 97/17، ص: 54/38، النبا: 23/78)

ياد رهي ته الله جو ڪجهه ڪرڻ گهري ٿو، اهو ڪري ڇڏي ٿو. هت چيو ويو ته "جيستائين آسمان زمين هوندا" ان مان مراد دائمي عذاب آهي، چو ته هي زمين، آسمان ته قيامت کان بدليا ويندا. (ابراهيم: 48/14) پر اهو يقين آهي ته هر حال ۾ عذاب ايندو، جنهن کي ڪو ٽاري نه سگهندو ۽ اهو دائمي عذاب هوندو. پر جيڪي نيڪ بخت هوندا اهي جنت ۾ هوندا ۽ اتي هميشه هوندا، جيستائين آسمان ۽ زمين موجود آهن، يعني دائمي جنت ۾ رهندا. الله جي اها عنايت دائمي هوندي ۽ هو هميشه هميشه جنت جي باغن ۾ خوشگوار زندگيءَ گذاري رهيا هوندا. سواءِ ان جي جيڪو رب جي مشيت ۾ هوندو. هيءَ خدا جي اهڙي عطا آهي، جيڪا ڪڏهن ٻه منقطع نه ٿيندي، پر مسلسل هلندي رهندي. "غَيْرَ مَجْذُوْذٍ" بمعنيٰ غيرمقطوع يعني ختم نه ٿيندڙ. (الواقعه: 33/56) مقربين ۽ اهل يمين جي نعمتن جو تفصيلي ذڪر سورت الواقعه ۾ آهي. هنن جو جنت ۾ هميشه هجڻ محض الله جي عنايت هوندو. (التين 95/7-6) اي عقلمندو! ذرا هوش ڪريو، هي ماڻهو جن بتن جي پوڄا ڪن ٿا، انهن جي نقلي ۽ مصنوعي هجڻ ۾ اوهان کي ڪو شڪ هئڻ نه گهرجي، هي هت جا گهڙيل بت، ديويون يا ديوتا بنايا ويا آهن، جيڪي ڪنهن جي مدد ڪرڻ يا ڪنهن کي رنج رسائڻ جي سڪت نٿا رکن. اوهان کي ڪڏهن اهو خيال ٻه دل ۾ نه اچڻ گهرجي ته آخرڪار هنن ماڻهن بتن يا ديوتائن ۾ ڪجهه ته ڏنو آهي جو هو ان جي پوڄا ڪن ٿا. هنن ڪنهن غور و فڪر يا سمجهه ۽ سوچ سان اهو

ضعيف عقيدو نہ رکيو آهي، پر هو وڏڻ جي انڌي پيروي ۽ ذاتي عناد ۽ تعصب جي ڪري انڌي تقليد ڪري رهيا آهن، جنهن ڪري هو دوزخ جي باهه جو ٻارڻ هوندا. اسان هنن کي سندن بداعمالين واري حصي ۾ ذرا پر ڪمي ڪونہ ڪنداسون، يعني "غَيْرَ مَنْقُوْصٍ" هوندي.

وَ لَقَدْ اٰتَيْنَا مُوْسَى الْكِتٰبَ فَاخْتُلِفَ فِيْهِ ؕ وَ لَوْ لَا كَلِمَةٌ سَبَقَتْ مِنْ رَّبِّكَ لَقُضِيَ بَيْنَهُمْ ؕ وَ اِنَّهُمْ لَفِيْ شَكٍّ مِّنْهُ مُرِيْبٍ ﴿۱۱۰﴾ وَ اِنَّ كُلًّا لَّمَّا لَيُوَفِّيَنَّهُمْ رَبُّكَ اَعْمَالَهُمْ ؕ اِنَّهٗ بِمَا يَعْمَلُوْنَ خَبِيْرٌ ﴿۱۱۱﴾ فَاسْتَقِمْ كَمَاۤ اُمِرْتَ وَ مَنْ تَابَ مَعَكَ وَ لَا تَطْغَوْا ؕ اِنَّهٗ بِمَا تَعْمَلُوْنَ بَصِيْرٌ ﴿۱۱۲﴾ وَ لَا تَرْكَنُوْۤا اِلَى الَّذِيْنَ ظَلَمُوْا فَتَمَسَّكُمُ النَّارُ ۙ وَ مَا لَكُمْ مِّنْ دُوْنِ اللّٰهِ مِنْ اَوْلِيَآءَ ثُمَّ لَا تُنْصَرُوْنَ ﴿۱۱۳﴾ وَ اَقِمِ الصَّلٰوةَ طَرَفَيِ النَّهَارِ وَ زُلَفًا مِّنَ الَّيْلِ ؕ اِنَّ الْحَسَنٰتِ يُذْهِبْنَ السَّيِّاٰتِ ؕ ذٰلِكَ ذِكْرٰى لِلذّٰكِرِيْنَ ﴿۱۱۴﴾ ۚ وَ اصْبِرْ فَاِنَّ اللّٰهَ لَا يُضِيْعُ اَجْرَ الْمُحْسِنِيْنَ ﴿۱۱۵﴾

اسان موسيٰ عليه السلام کي به ڪتاب عطا ڪيو پوءِ ان ۾ به اختلاف ڪيو ويو. تنهنجي پروردگار پاران جيڪڏهن هڪ شيءِ پهريان ئي طئي نہ ڪئي وئي هجي ها تہ هنن جي درميان ضرور فيصلو ٿي چڪو هجي ها. يقيناً هو هن (قرآن) جي باري ۾ منجهائيندڙ شڪ ۾ مبتلا آهن.(110) بيشڪ توهان جو رب هنن سڀني کي سندن اعمال جو پورو پورو بدلو ڏيندو ۽ هو جو ڪجهہ ڪري رهيا آهن، هو ان کان پوري طرح آگاهہ آهي. (111) پوءِ تون ثابت قدم

رهڻ، جهڙيءَ طرح توکي حڪم ڏنو ويو آهي ۽ اهي ٻه ثابت قدم رهن، جن توسان گڏ الله طرف رجوع ڪيو آهي. اوهان حد کان تجاوز نہ ڪجو. توهان جو ڪجهہ ڪيو ٿا، هو ان کان آگاهہ آهي.(112) ۽ ظالمن طرف پنهنجو جهڪاءُ نہ ڪجو، ورنہ اوهان کي باهہ پکڙي ونندي ۽ پوءِ الله کان سواءِ توهان جا ڪي حمايتي نہ هوندا، پوءِ اوهان جي ڪا مدد نہ ڪئي ويندي.(113) اي نبي اڪرم ﷺ! ڏينهن جي ٻنهي ڪنارن تي ۽ رات جي ڪجهہ حصي ۾ نماز قائم رک، بيشڪ نيڪيون براين کي مٽائي ڇڏين ٿيون. هي ياد دهاني آهي، ياد رکندڙن جي لاءِ. (114) صبر اختيار ڪريو، بيشڪ الله نيڪو ڪارن جو اجر ضايع نٿو ڪري.(115)

هي ڪا نئين ڳالهہ ناهي، جو هن وقت مختلف ماڻهن هن قرآن جي سچي هجڻ ۽ الله طرفان نازل ٿيڻ ۾ مختلف قسم جون چہ مي گويون ڪري رهيا آهن، ڪي چون ٿا تہ هي جادوگر جي جادوگري آهي، ڪي ڪيس شاعريءَ جو نالوڏين ٿا تہ ڪي وري هٿ جوڙيل آيتون سڏين ٿا. ماڻهن جا اهڙا الزام هن کان اڳ ۾ بہ لڳندا رهيا آهن. موسيٰ عليه السلام کي اسان ڪتاب (توريت) عطا ڪيو تہ ان ۾ بہ اختلاف پيدا ڪيو ويو ۽ هينئر توريت اصلي صورت ۾ ملڻ ناممڪن ٿي ويو آهي. جيڪڏهن تنهنجي رب طرفان هڪ ڳالهہ طئي نہ ٿيل هجي ها تہ انهن جي درميان فيصلو ٿي وڃي ها. اي پيغمبر ﷺ! تون ان ڳالهہ تي رنجيده نہ ٿيءُ ۽ دل شڪسته نہ هج تہ هي ماڻهو قرآن جي صاف ستري تعليم هڪ صادق امين پاران نهايت خلوص، همدردي ۽ اصلاح خاطر ڪئي وڃي ٿي ۽ پوءِ بہ هي حق جو انڪار ڇو ڪري رهيا آهن ۽ هن تعليم کي قبول ڪرڻ کان باغي ڇو آهن. بيشڪ تنهنجو پروردگار انهن مان هر هڪ کي سندن اعمال جو پورو پورو بدلو ڏيندو. بظاهر هنن جي گناهن، ظلمن ۽ زيادتين کي ڏسجي ٿو تہ هو ڪنهن بہ رعايت جا مستحق نہ آهن ۽ ڪين آناً فاناً عذاب جي گرفت ۾ ورتو وڃي، مگر الله تعالىٰ جو قانون آهي، هر

فرد ۽ هر قوم کي آخري وقت تائين مهلت ڏيندو آهي تہ شل ٻانهو واپس اچي وڃي. پر جيڪڏهن هو ان رعايت ۽ مهلت واري وقت کان ٻہ ڪو فائدو نٿو ونيءِ اتمام حجت ٿي وڃي ٿو تہ پوءِ مدت پوري ٿيندي ئي عذاب جي پينٽ چڙهي وڃي ٿو. انهي دوران هو جو ڪجهہ ڪري ٿو، الله ان کان پوري طرح آگاهہ آهي. اي نبي مڪرم ﷺ! خدا جو هيءُ قانون وقت مقرره تي جنبش ۾ اچي ويندو آهي ۽ ظالمن کي سندن بستين سميت نيست و نابود ڪري ڇڏيندو آهي. ان ڪري تون ڪوبہ فڪر نہ ڪر. توکي جيڪي حڪم ملي رهيو آهي، تون ان تي ثابت قدم ٿي، مضبوطيءِ سان جميو رهہ ۽ تنهنجا اهي جان نثار ساٿي جيڪي ايمان جي دولت سان سرفراز ٿيا آهن، اهي ٻہ سچ وهم گمان ڇڏي، مضبوطيءَ سان الله جي حڪم(قرآن) کي جهلي رکن هت استقامت سان هوندي، استقامت جي امر ڪرڻ مان مراد استقامت تي دائم قائم رهڻ آهي ۽ الله طرف رجوع ڪن ۽ اوهان ڪنهن ٻہ صورت ۾ سرڪشي يا زيادتيءَ کان پاڻ کي بچائي رکو، الله کي اوهان جي پوري ڪارگذاريءَ جي خبر آهي، ڪا ٻہ شيءِ هن جي علم کان ٻاهر نہ آهي. جيڪي ماڻهو ظلم ۽ زيادتيءَ جي ڪمن ۾ رات ڏينهن مشغول آهن ۽ حق ۽ انصاف جي رستي تي اچڻ لاءِ تيار نہ آهن، تنهنجو انهن طرف ڪنهن ٻہ صورت ۾ جهڪاءُ نہ هڻ گهرجي. هو ٻاهہ جو ٻارڻ آهن ۽ انهن سان لاڳاپا رکڻ ۾ توهان کي ٻہ اها ٻاهہ پکڙي ونندي. (يونس: 15/10، بني اسرائيل: 74/17، القلم: 9/68) اهڙي دردناڪ ۽ ڀيانڪ صورت ۾ ٻہ الله کان سواءِ اوهان جا ڪي ٻہ حامي ۽ مددگار نہ هوندا ۽ توهان جي ڪنهن طرف کان ڪنهن ٻہ حالت ۾ مدد "مَنْ مَشٰى مَعَ ظَالِمٍ لِّيُقَوِّيَهٗ وَهُوَ يَعْلَمُ اَنَّهٗ ظَالِمٌ فَقَدْ خَرَجَ مِنَ الْاِسْلَامِ" جيڪو شخص ڇاڻڻ جي باوجود تہ هي شخص ظالم آهي ۽ هو ان سان گڏجي ٿو هلي تہ جيئن هو ڏيڪ طاقتور ٿئي تہ اهو گڏ هلڻ وارو اسلام کان نڪري ويو. حضرت امام اوزاعي رحمہ الله جو فرمان آهي: "مَا مِنْ شَيْءٍ اَبْغَضَ اِلَى اللهِ مِنْ عَالِمٍ يَّزُوْرُ ظَالِمًا" الله وٽ ان ڳالهہ کان وڌيڪ ڪابہ ناپسنديده ڳالهہ ناهي، تہ ڪو عالم ظالم سان ميل ميلاپ ۽ ملاقات لاءِ وڃي. (احسن البيان في تفسير القرآن: حضرت مولانا محمد ادريس ڏاهري رحمہ الله)

وينيءِ جنين وٽ ڏکندو ڏاڍو ٿئي،
سا مجلس ئي مٽ جي حاصل هوءِ هزار جو

وينـي حسن وٽ ڏکندو ڏور ٿئي
جنين تنين سين ڪٽ اوڏا اڏي پڪڙا

(شاھ لطيف رحمۃ اللہ علیہ: سر يمڻ ڪلياڻ)

"يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لِمَ تَقُوْلُوْنَ مَا لَا تَفْعَلُوْنَ ○ كَبُرَ مَقْتًا عِنْدَ اللّٰهِ اَنْ تَقُوْلُوْا مَا لَا تَفْعَلُوْنَ○"(الصّفّ: 2·3/61) اي ايمان وارؤ! جيڪي اوهان پاڻ نٿا ڪيو، اهو (زبان سان) ٻين کي چو چوندا آهيو. الله وٽ بيزاري (ناپسنديده) آهي، جو توهان ٻين کي اها ڳالهه چئو، جيڪا پاڻ نٿا ڪريو. "اَتَاْمُرُوْنَ النَّاسَ بِالْبِرِّ وَ تَنْسَوْنَ اَنْفُسَكُمْ" (البقره: 46/2) چا ٻين کي ته نيڪيءَ جوحڪم ڏيو ٿا،پر پاڻ کي وساريو ٿا. اي مسلمان! الله تعالىٰ جي امر پوري ڪرڻ لاءِ استقامت ضروري آهي، ان ڪري اهڙا ڪم ڪريو، جنهن تي الله راضي رهي. معاشري جي تطهير ۽ افراد جي اصلاح لاءِ لازمي آهي، ان ڪري دعوت دين جي تبليغ ڪرڻ وارن جو ڪردار مثالي هئڻ گهرجي. جنهن لاءِ سڀ کان بهترين طريقو اجتماعي نماز جو پابندي سان اهتمام ڪرڻ گهرجي. ان ڪري ڏينهن جي ٻنهي سرن شروعاتي ۽ آخري حصي ۾ يعني صبح ۽ شام جي نماز سان گڏ رات جي ڪجهه حصن ۾ نماز قائم ڪرڻ جو حڪم ٿي رهيو آهي. جنهن ۾ ڏينهن جي حصي ۾ فجر، ظهر ۽ عصر اچي وڃن ٿا ۽ رات ۾ مغرب ۽ عشاء مراد آهن. حضرت ابوهريره رضی اللہ تعالیٰ عنہ نبي اڪرم خاتم النبیین صلی اللہ تعالیٰ علیہ وسلم جن کان ٻڌو ته پاڻ فرمايائون: "اِذَا اَمَّنَ الْاِمَامُ فَاَمِّنُوْا فَاِنَّ الْمَلَآئِكَةَ تُؤَمِّنُ فَمَنْ وَافَقَ تَاْمِيْنَ الْمَلَآئِكَةِ غُفِرَ لَهٗ مَا تَقَدَّمَ" جڏهن امام "آمّين" چوي ته اوهان به "آمّين" چئو ۽ ملائڪ به "آمّين" چون ٿا. پوءِ جنهن جي "آمّين" ملائڪن جي "آمّين" سان ملي وئي، ان جا پويان گناهه معاف ٿي وڃن ٿا. جيڪي برائيون دنيا ۾ پکڙيل آهن، جن جي زور تي دين حق جي راهه روڪڻ لاءِ ڪوششون ٿي رهيون آهن، انهن جو مقابلو ڪرڻ لاءِ اوهان نيڪيءَ جي راهه اختيار ڪري، نيڪي ذريعي براين کي شڪست ڏيو. "اِنَّ الْحَسَنٰتِ يُذْهِبْنَ السَّيِّاٰتِ" نيڪيون براين کي شڪست ڏين ٿيون، ان ڪري اوهان رات ڏينهن الله طرف رجوع ٿيڻ ۽ ان جو قرب حاصل ڪرڻ سان نماز جو اهتمام ڪري، معاشري جي اصلاح ڪريو، هيءَ نصيحت انهن لاءِ آهي، جيڪي نصيحت قبول ڪرڻ وارا آهن. هن راهه ۾ توکي ڪيتريون ئي مشڪلاتون پيش ايندیون. (البقره: 152/2 کان 156، العصر: 3/103)

هڪ بگڙيل معاشري ۾ جتي ذاتي مفادن کي حق ۽ سچائيءَ جي اصولن تي ترجيح ڏني وڃي ۽ ٻين جي حق تلفي ڪري، پنهنجا خزانا وڌايا وڃن، اتي نيڪيءَ جو هي ڪم گلن جي سيج نه، پر ڪنڊن وارو بسترو آهي، ان ۾ صبر ۽ استقلال سان مصيبتن کي منهن ڏيڻ آهي. "يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اسْتَعِيْنُوْا بِالصَّبْرِ وَالصَّلٰوةِ" (البقره: 153/2) نماز ۽ صبر سان ڪاميابي حاصل ڪريو. حديث شريف ۾ آهي: "اِذَا حَزَبَهٗ اَمْرٌ فَزَعَ اِلَى الصَّلٰوةِ" (سنن ابوداؤد، مسند احمد) پاڻ ڪريمن ﷺ کي جڏهن ڪو شديد معاملو پيش ايندو هو تہ پاڻ نماز جو اهتمام ڪندا هئا. الله تعالىٰ صبر ڪرڻ وارن نيڪوڪارن جو اجر ضايع نٿو ڪري.

فَلَوْ لَا كَانَ مِنَ الْقُرُوْنِ مِنْ قَبْلِكُمْ اُولُوْا بَقِيَّةٍ يَّنْهَوْنَ عَنِ الْفَسَادِ فِي
الْاَرْضِ اِلَّا قَلِيْلًا مِّمَّنْ اَنْجَيْنَا مِنْهُمْ ۚ وَاتَّبَعَ الَّذِيْنَ ظَلَمُوْا مَآ اُتْرِفُوْا فِيْهِ
وَكَانُوْا مُجْرِمِيْنَ ﴿۱۱۶﴾ وَمَا كَانَ رَبُّكَ لِيُهْلِكَ الْقُرٰى بِظُلْمٍ وَّاَهْلُهَا مُصْلِحُوْنَ ﴿۱۱۷﴾
وَلَوْ شَآءَ رَبُّكَ لَجَعَلَ النَّاسَ اُمَّةً وَّاحِدَةً وَّلَا يَزَالُوْنَ مُخْتَلِفِيْنَ ﴿۱۱۸﴾ اِلَّا
مَنْ رَّحِمَ رَبُّكَ ؕ وَلِذٰلِكَ خَلَقَهُمْ ؕ وَتَمَّتْ كَلِمَةُ رَبِّكَ لَاَمْلَـَٔنَّ جَهَنَّمَ
مِنَ الْجِنَّةِ وَالنَّاسِ اَجْمَعِيْنَ ﴿۱۱۹﴾ وَكُلًّا نَّقُصُّ عَلَيْكَ مِنْ اَنْۢبَآءِ الرُّسُلِ مَا
نُثَبِّتُ بِهٖ فُؤَادَكَ ۚ وَجَآءَكَ فِيْ هٰذِهِ الْحَقُّ وَمَوْعِظَةٌ وَّذِكْرٰى
لِلْمُؤْمِنِيْنَ ﴿۱۲۰﴾ وَقُلْ لِّلَّذِيْنَ لَا يُؤْمِنُوْنَ اعْمَلُوْا عَلٰى مَكَانَتِكُمْ ؕ اِنَّا عٰمِلُوْنَ ﴿۱۲۱﴾
وَانْتَظِرُوْا ۚ اِنَّا مُنْتَظِرُوْنَ ﴿۱۲۲﴾ وَلِلّٰهِ غَيْبُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَاِلَيْهِ يُرْجَعُ
الْاَمْرُ كُلُّهٗ فَاعْبُدْهُ وَتَوَكَّلْ عَلَيْهِ ؕ وَمَا رَبُّكَ بِغَافِلٍ عَمَّا تَعْمَلُوْنَ ﴿۱۲۳﴾ ع ۱۰

(هي حقيقت به قابل غور آهي تہ) ائين چونہ ٿيو، جو توهان کان اڳ وارين قومن ۾ اهل خير سمجهه وارا ماڻهو هجن ها، جيڪي ٻين کي زمين ۾ فساد

ڪرڻ کان روڪين ها؟ انهن مان اهڙا چڱا ماڻهو بچيا تہ اهي بہ ٿورڙا، جن کي اسان انهن مان نجات ڏني. ۽ ظالمن عيش و عشرت جي انهيءَ رستي جي پيروي ڪئي جنهن ۾ هو هئا ۽ هو عادي مجرم هئا.(116) اوهان جو رب اهڙو ناهي جو هو آبادين(بستين) کي ظلم سان تباهہ ڪري ۽ هو نيڪوڪار هجن. (117) جيڪڏهن تنهنجي رب جي مشيت هجي ها تہ سمورن ماڻهن کي هڪ امت بڻائي ڇڏي ها. ان ڪري هو هاڻي هميشه اختلاف ڪندا رهندا.(118) سواءِ ان شخص جي جنهن تي تنهنجو رب رحم ڪرڻ فرمائي ۽ انهيءَ لاءِ ئي هن انهن کي پيدا ڪيو آهي ۽ توهان جي رب جو فرمان پورو ٿي چڪو. بيشڪ دوزخ کي جنن ۽ انسانن جي باطل ٽولي سان ضرور پرينداسون.(119) ۽ اسان رسولن جي خبر مان سڀ حالتون توکي ٻڌائي رهيا آهيون، جنهن سان اسان تنهنجي قلب مطهر کي تقويت ڏيون ٿا ۽ هن سورت ۾ حق ۽ نصيحت آيل آهي، جيڪا اهل ايمان لاءِ ياددهاني آهي. (120) اي نبي محترم ﷺ! تون انهن ماڻهن کي جيڪي ايمان نٿا آڻن، چؤ تہ اوهان پنهنجي جاءِ تي پنهنجي طريقي سان عمل پيرا رهو ۽ اسان بہ پنهنجي مقام تي عمل پيرا آهيون. هاڻي نتيجن جو انتظار ڪريو تہ ڪير عذاب جو مستحق آهي ۽ ڪير الله جي نوازش، رحم ۽ ڪرم جو حقدار آهي. ڪوڙي ۽ سچي جو فرق وقت مقرر تي ظاهر ٿي ويندو.(121) توهان بہ انتظار ڪريو، اسان بہ منتظر آهيون.(122) زمين ۽ آسمانن جي اندر سمورن غيبن جي اصل خبر الله کي ئي آهي ۽ هر ڪم نتيجي لاءِ انهيءَ طرف واپس ورٽو آهي. سو ان جي عبادت ڪندا رهو ۽ ان تي ئي توڪل قائم ڪيو. توهان جو رب توهان جي عملن کان غافل ناهي.(123)

هينئر تائين مٿي ذڪر ڪيل آيتن ۾ قومن جي حالتن جو تفصيل سان بيان ٿي چڪو آهي ۽ انهن مان اوهان ڪنهن نتيجي تي پهتا آهيو؟ هنن آيتن ۾ نهايت سبق آموز

طريقي سان ان اسباب جو ذڪر ڪيو ويو آهي، جيڪي سندن تباهيءَ جو ڪارڻ ٿيا. تاريخ گواهه آهي تہ الله انهن قومن کي پنهنجن نوازشن ۽ نعمتن سان نوازيو ۽ خوشحالي ۽ آسودگيءَ ۾ زندگيءَ جون بهارون حاصل ڪرڻ لڳا تہ ان وقت خدا جي نعمتن جو شڪر ادا ڪرڻ لاءِ سر بسجود ٿيڻ بدران، هو دولت ۽ اقتدار جي نشي ۾ مست ٿي پنهنجي انسان برادري جي ڪمزور ۽ ضعيف طبقي تي ظلم جي يلغار ۽ ملڪ ۾ فتني فساد برپا ڪرڻ جو ذريعو بڻجي ويا. اهڙي فتنه انگيز دؤر ۾ خدا جي نيڪ بانهن جي ضرورت هئي تہ اهي ان فتني ۽ فساد جي باهه کي وسائي ڇڏين. جيڪڏهن ڪجهه نيڪ ماڻهو هئا بہ تہ انهن جو آواز ايترو ڪمزور هيو، جو انهن سان ڪو انقلاب نہ آيو. (هود: 86/11) جنهن جي ضرورت هئي، پوءِ جڏهن نيڪي جو آواز مدهم ٿيندو وڃي ۽ برائي جو نظام زور پڪڙيندو وڃي تہ پوءِ مڪافات عمل جي بڻي گرم ڪئي وڃي تي ۽ ظالمن کي سندن عمل جو بدلو عذاب جي صورت ۾ ڏنو ٿو وڃي، جيڪو سندن اعمال جي نتيجي جو سبب هوندو آهي. الله ڪڏهن بہ اهڙي قوم، قبيلي يا بستيءَ کي باهه ۾ هلاڪ نہ ڪندو آهي، جنهن جا باشندا اصلاح ڪندڙ ۽ نيڪ هجن. (الذاريٰت: 60/51)

جيڪڏهن الله جي مشيت اها هجي ها تہ هو سمورن انسانن کي امت واحد بنائي رکي، ڪنهن کي بہ جبر ۽ اڪراهه سان زبردستي هڪ رستي تي رکڻ الله لاءِ ڪو مشڪل ڪم نہ هيو، پر هن انسانن کي اختيار ۽ ارادي جي صلاحيت ڏني آهي، جنهن سان هو پنهنجي لاءِ رستي جو انتخاب ڪرڻ ۾ آزاد آهي، انهيءَ آزاديءَ جي ڪري ماڻهو اختلاف ڪندا رهن ٿا. اهو چوڻ تہ پوءِ الله اهڙا اهل، خير خواهه چو نہ پيدا ڪيا، جيڪي معاشري کي نظامِ خداوندي مطابق هلائن ها، هن جو جواب اهو آهي تہ الله پنهنجا احڪام رسولن ۽ نبين جي معرفت هر دؤر جي انسانن کي ڏنا، جنهن ۾ ڪين سڏي راهه تي هلڻ جي خوشگوار نتيجن ۽ غلط راهه تي هلڻ جي ڪري هولناڪ نتيجن جو بار بار وضاحت ۽ روشن دليلن سان ذڪر ڪيو ويو آهي. انسانن کي عقل ۽ شعور جي نعمتن سان بہ نوازيو آهي ۽ ڪيس ارادي ۽ اختيار جي صلاحيت سان نوازيو آهي، ٻين ساهه وارن وانگر ڪيس مجبور نہ ڪيو آهي. "لَآ اِكۡرَاهَ فِى الدِّيۡنِ ۙ قَد تَّبَيَّنَ الرُّشۡدُ مِنَ الۡغَىِّ ۚ" (البقره: 256/2) جيڪڏهن جبر ۽ اڪراهه هجي ها تہ پوءِ انبياء ۽ رسول جي اچڻ جي ضرورت نہ هئي. ان ڪري انسان کي پنهنجي راهه منتخب ڪرڻ ۾ آزاد ڇڏيو ويو. پر انهن مختلف راءِ رکڻ وارن

مان بہ جن کي الله رحم فرمائي ۽ کين ان راھ تي لڳائڻ جي توفيق عطا ڪري، جنھن لاءِ ھو پيدا ڪيا ويا آھن. (البقره: 39/2-38) ھو قانون خداوندي جا پابنديءَ سان عمل پيرا ٿي، اختلاف کي ختم ڪري سگھن ٿا. (هود: 86/11) هي خدا جي رحمت آهي، جنھن انسان لاءِ اھا آساني رکي آهي ۽ انسان کي انھيءَ مقصد سان پيدا ڪرڻ ۾ به اھا ئي حڪمت ڪارفرما آهي ته هو الله جي قانون تي ڪاربند ٿي وحدت انسانيت کي مضبوط ڪري. (البقره: 213/2، يونس: 19/10) پر جيڪڏھن علم و بصيرت کي ڇڏي، جذبات ۽ جوش ۾ اچي تباهي ۽ بربادي جو مرتڪب ٿي، جهنم واصل ٿئي ٿو ته ان جو ڪيس اختيار آهي. (الاعراف: 179/7) هي اسان جو قانون آهي، جنھن جي تصديق ۾ تاريخ جا احوال شهادت ڏين ٿا ته اهي ڪھڙي طرح سچ ثابت ٿيا. بيشڪ جهنم کي جنن ۽ انسانن جي باطل ٽولي سان پرينداسون ۽ جهنم هميشه چوندي رهندي: "هَلۡ مِنۡ مَّزِيۡدٍ" (ق: 50/ 30، الذاريات: 56/51)

"انباءِ الرسل" جي اصلاح واري پروگرام جو ذڪر هن ڪان اڳ بار بار آيو آهي. يعني حضرت نوح، حضرت هود، حضرت صالح، حضرت لوط، حضرت شعيب ۽ حضرت موسىٰ عليهم السلام جي حالتن ۽ سندن قومن جي رويي ۽ روش کي بار بار ان ڪري ٻڌائي رهيا آهيون ته جيئن تنهنجي دل کي مضبوط رکون. هنن سمورن داستانن جي روئداد ۽ ان جي نتيجن تي غور ڪرڻ سان تنهنجي ساڻين جي دل جو اطمينان وڌندو ۽ وڌيڪ مضبوط ٿيندو. هنن مذڪور بالا رسولن جي به سندن قومن پاران سخت مخالفت ڏسڻي پئي، ڪجھ انبياءَ کي شهيد به ڪيو ويو، باقي جي زندگيءَ ۾ مصيبتن ۽ مشڪلاتن جا انبار لڳائي ڇڏيا. پر هر دؤر ۾ الله پنهنجن رسولن ۽ ايمان آڻيندڙ مؤمنن جي مدد ڪئي، ڪاميابي ۽ ڪامراني نصيب ڪئي ۽ مخالفن جي بستين ۽ قوم کي تباهه ۽ برباد ڪيو ويو، ياد رهي ته مڪي جي مشرڪن ۽ ڪافرن ڪڏجي تنهنجي ذات اقدس لاءِ ۽ تنهنجي ساڻين لاءِ مصيبتن جا پهاڙ ڪيرائي ڇڏيا آهن، پر اها ڪا نئين ڳالهه ناهي. هر رسول جي اهڙي طرح مخالفت ٿيندي رهي آهي، پر جهڙي طرح هن ڪان اڳ رسولن جي الله مدد ڪئي ۽ سندن مخالفن کي تباهيءَ ۾ مبتلا ڪيو، بلڪل ساڳيءَ طرح الله اوهان کي به سرفرازي ۽ ڪاميابي عطا ڪندو ۽ توهان جا مخالف تباهه ۽ برباد ٿي ويندا. (هود: 93/11) فتح ۽ ڪاميابي توکي ۽ تنهنجي جان نثار ساڻين کي نصيب ٿيندي، اهو الله جو وعدو

آهي. هن قرآن ۾ تو ڏانهن الله جي طرفان حق اچي چڪو آهي. "وَقُلْ جَآءَ الْحَقُّ وَزَهَقَ الْبَاطِلُ ۚ إِنَّ الْبَاطِلَ كَانَ زَهُوقًا" (بني اسرائيل: 81/17) حق جي شمع روشن ٿيڻ شرط ڪفر ۽ شرڪ جون اونداهيون ختم ٿي ويندیون ۽ سندن بتيون گل ٿي ويندیون. هن سان تنهنجي ساڻي مؤمنن لاءِ نصيحت ۽ رهنمائي جو سامان آهي. ان ڪري انهن مخالفن کي جيڪي ايمان نٿا آڻين، صاف صاف چئو تہ جيڪڏهن اوهان منهنجي دعوت کي موت نٿا ڏيو ۽ دعوت اڇڻ باوجود ان کان انحراف ڪيو ٿا تہ پلي اوهان پنهنجي جاءِ تي پنهنجي خيالن ۾ مضبوط رهو ۽ انتظار ڪيو ، مان بہ پنهنجي جاءِ تي پنهنجي قول و فعل، عقيدي ۽ عمل تي قائم آهيان. وقت جو انتظار ڪيون ٿا. وقت پاڻهي اسان ٻنهي جي درميان فيصلو صادر ڪندو تہ ڪير سچو آهي ۽ ڪير ڪوڙو آهي. عذاب هميشہ ڪوڙن جو پيڇو ڪندو رهندو آهي. (اوهان کي اجازت آهي، پلي منهنجي مخالفت ۽ دشمني ۾ ڪا ڪسر نہ ڇڏيو. پنهنجا پورا وسيلا استعمال ڪريو تہ جيئن بعد ۾ ڪا حسرت باقي نہ رهي).

ڪفر ۽ اسلام جي هن ڪشمڪش ۾ ٻنهي ڌرين کان جو ڪجهہ ٿي رهيو آهي، اهو سڀ الله جي نگاهہ ۾ آهي. الله جي سلطنت ۾ انڌيرنگري ناهي، جو ڪجهہ ٿيندو رهي ٿو، ان جي الله کي خبر نہ هجي. الله جي حڪمن جي تعميل ۾ بہ جلد بازي نہ آهي. هو هر هڪ کي پورو پورو موقعو ڏئي ٿو ۽ پوءِ مهلت جي مدت بعد عذاب جي پينٽ چڙهي وڃن ٿا. الله آسمانن ۽ زمين يعني پوري ڪائنات جي غيب کان پوري طرح آگاهہ آهي ۽ سمورا اعمال ۽ ڪارڪردگيون هت ختم ٿي نٿيون وڃن، پر سڀ جون سڀ انهن ڏانهن رجوع ڪن ٿيون ۽ نتيجا ان مطابق ظاهر ٿين ٿا. ائين هرگز نہ ٿو ٿئي، تہ جؤ پوکي ڪڻڪ ڪٽي. "وَجَزَٰٓؤُا سَيِّئَةٍ سَيِّئَةٌ مِّثْلُهَا" (الشورىٰ: 40/42) بري ڪم جو نتيجو سؤ فيصد ساڳيو ملي ٿو، نہ گهٽجي ٿو نہ وڌي ٿو. ان ڪري ان الله جي عبادت ڪريو، ان تي پروسو ڪريو، اوهان جو ڪجهہ ڪيو ٿا، الله ان کان غافل نہ آهي.

بَارَكَ اللّٰهُ لِيْ وَلَكُمْ فِي الْقُرْآنِ الْعَظِيْمِ وَنَفَعَنِيْ وَإِيَّاكُمْ بِالْآيَاتِ وَالذِّكْرِ الْحَكِيْمِ

الحمد لله! اڄ بروز آچر 14 صفر المظفر 1444ھ بمطابق 11 سيپٽمبر 2022ع تي صبح 10 لڳي سوره هود جو ترجمو ۽ تفسير پورو ٿيو. وَمَا تَوْفِيْقِيْ اِلَّا بِاللّٰهِ

سُورَة يُوسف

هيءَ سورت مڪي دور جي آخري ڏينهن ۾ نازل ٿي هوندي، جڏهن قريش نبي اڪرم ﷺ کي قتل ڪرڻ، جلاوطن ڪرڻ يا قيد ڪرڻ جو سوچي رهيا هئا. انهيءَ دوران يهودين جي چوڻ تي پاڻ ڪريمن ﷺ کان پڇيائون تہ حضرت ابراهيم، حضرت اسحاق ۽ حضرت يعقوب عليهم السلام فلسطين جي زمين تي رهيا، پر اهو ٻڌاءِ تہ انهن جو اولاد مصر ڪيئن پهتو، سندن خيال هو تہ نبي ڪريم ﷺ ان جو جواب نہ ڏئي سگهندو. الله تعالىٰ فورًا سورة يوسف جي نزول سان پورو قصو ٻڌائي ڇڏيو، جنهن سان سندس نبوت جو ثبوت آيت 3 ۽ 7 ۽ آيت 102 ۽ 103 ۾ بيان ٿيو. حضرت يوسف عليه السلام جو قرآن مجيد ۾ 26 پيرا ذڪر آهي، جنهن مان 24 پيرا سوره يوسف ۾، هڪ پيرو سورة الانعام ۾ ۽ هڪ پيرو سوره مؤمن ۾ آيو آهي. قرآن جي ترتيب ۾ هن سورت جو نمبر 12 آهي ۽ نزول جي لحاظ سان 77 نمبر آهي. يعني هن کان اڳ 76 سورتون نازل ٿي چڪيون هيون. هيءَ سورت مڪي ۾ نازل ٿي. اهڙيءَ طرح هجرت کان اڳ مڪه مڪرمه ۾ هن سورت بعد 13 سورتون نازل ٿيون، باقي 24 سورتون مدينه منوره ۾ هجرت بعد نازل ٿيون. ٻيو ان وقت قريش مڪ جو معاملو پاڻ ڪريمن ﷺ سان برادران يوسف وارو هلي رهيو هو. "لَقَدْ كَانَ فِيْ يُوْسُفَ وَاِخْوَتِهٖٓ اٰيٰتٌ لِّلسَّآىِٕلِيْنَ" يوسف عليه السلام کي سندس يائرن هٿان کوهه ۾ اڇلڻ، قافلي وارن جو کيس مصر جي بازار ۾ وڪڻ، مصر ۾ قيد ڪاٽڻ ۽ بعد ۾ 80 سال ڪن مصر تي حڪمراني ڪرڻ ۽ يائرن کي معاف ڪرڻ وارو قصو ٻڌائي ٿو تہ قريش جي برادري، برادران يوسف وارو ڪم ڪري رهي هئي. پر حضور اڪرم ﷺ غار ثور کان مديني پهچي اسلامي رياست جو بنياد وجهي مڪو فتح ڪيو ۽ قريش برادريءَ کي "لَا تَثْرِيْبَ عَلَيْكُمُ الْيَوْمَ" چئي، حضرت يوسف عليه السلام وانگر معاف ڪري ڇڏيو.

سورت هود ۽ سورت يونس ۾ نبين ۽ رسولن جا قصا بيان ٿيا آهن. اهڙي طرح سورة الاعراف ۾ ٻہ، پر سورت يوسف ۾ رڳو هڪ نبيءَ جو قصو آهي، جنهن جو پورو تفصيل ڏنو ويو آهي. ۽ ان کي "احسن القصص" سڏيو ويو آهي، جوتہ هن قصي ۾ عبرت ۽ موعظت، نصيحت ۽ پند جو ذڪر خوبصورت رنگ ۾ ڪيو ويو آهي. "احسن

القصص" ۾ "القصص" قَصَّ جو مصدر آهي، يعني ڪنهن شيءِ جو پيڇو (تتبع) ڪرڻ. "قَالَتۡ لِأُخۡتِهِۦ قُصِّيهِ" يعني حضرت موسىٰ عليه السلام جي پيڻ کي چيو ويو تہ موسىٰ جي درياءَ ۾ وڏل صندوق جو پيڇو ڪر. قصي ۾ بہ قصي خوان پوري قصي جو داستان بيان ڪندو آهي، گويا پوري قصي جو پيڇو (تتبع) ڪندو آهي. (ضياءُ القران) سورت طٰہٰ کانسواءِ ڪنهن بہ سورت ۾ ڪنهن هڪ نبيءَ متعلق پوري سورت موجود ناهي، سورت طٰہٰ ۾ حضرت موسىٰ عليه السلام جو بيان تفصيل سان آهي. هن قصي ۾ هڪ طرف حضرت يوسف عليه السلام جي بي داغ ڪردار جو بيان آهي ۽ الله جي نوازشن جو ذڪر آهي تہ ٻئي طرف عزيز مصر ۽ ان جي زال جو ڪردار، جيل ۽ ٻيون تهمتون هيون، جن کي الله ناڪام ۽ نامراد بنايو. حضرت يوسف عليه السلام جي ڪڙتي جو 3 دفعا ذڪر آهي. هڪ پائرن خون آلود ڪڙتو حضرت يعقوب کي ڏيکاريو. ٻيو عورت جي الزام وقت ڪڙتو پٺيان ڦاٽل نڪتو ۽ ٽيون حضرت يعقوب عليه السلام کي ڪڙتو موڪليو ويو، جنهن کي اکين تي رکڻ سان سندس نور واپس اچي ويو. حضرت يوسف عليه السلام کي خواب جي تعبير جو خصوصي علم عطا ڪيو ويو. هو هڪ غريب وڪائيل غلام مان مصر جو بادشاھ ٿيو. حضور اڪرم خاتم النبيين صلى الله عليه وسلم سورت الضحىٰ مطابق اُمّيَ ،مسڪين، غريب ۽ يتيم مان اسلامي رياست جو سربراھ ٿيو ۽ جزيره عرب تان ڪفر ۽ شرڪ جي هميشه هميشه لاءِ پاڙ پٽي.

مَوۡلَایَ صَلِّ وَ سَلِّمۡ دَآئِمًا اَبَدًا

سورت يوسف سان بني اسرائيل جو فسلطين کان مصر پهچڻ جو احوال ملي ٿو تہ سورت طٰہٰ ۾ وري حضرت موسىٰ عليه السلام کي مصر ۾ قبطي حڪمرانن جي قيد مان ڪڍي، مصر کان فلسطين آڻڻ جو بيان آهي ۽ اها ئي هن ٻن سورتن ۾ هڪجهڙائي آهي، جهڙي طرح سورت يوسف ۽ سورت هود هڪ ٻئي جو جوڙ آهن، اهڙي طرح سورت يوسف ۽ سورت الرعد پاڻ ۾ جوڙ آهن. سورة هود ۾ جن نبين سڳورن جو ذڪر آهي، انهن کي سندن قومن کان ۽ جن ۾ حضرت نوح، حضرت هود، حضرت صالح، حضرت لوط، حضرت شعيب عليهم السلام جو ڪجهہ تفصيلي ذڪر ۽ حضرت ابراهيم ۽ حضرت موسىٰ عليهم السلام جو مختصر ذڪر آهي. حضرت هود عليه السلام ۽ حضرت شعيب عليه السلام کي سندن قوم کان تڪليف پهتي تہ سوره يوسف ۾ حضرت يوسف عليه السلام کي سندن سڳن پيئتي پائرن کان رنج پهتو. اها هن ٻن سورتن ۾ هڪجهڙائي آهي.

آيتون ۱۱۱ | سُورَه يُوسف (مكي سورت) | رکوع ۱۲

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

الٓرٰ ۚ تِلۡكَ اٰيٰتُ الۡكِتٰبِ الۡمُبِيۡنِ ۚ﴿۱﴾ اِنَّاۤ اَنۡزَلۡنٰهُ قُرۡءٰنًا عَرَبِيًّا لَّعَلَّكُمۡ
تَعۡقِلُوۡنَ ﴿۲﴾ نَحۡنُ نَقُصُّ عَلَيۡكَ اَحۡسَنَ الۡقَصَصِ بِمَاۤ اَوۡحَيۡنَاۤ اِلَيۡكَ هٰذَا
الۡقُرۡاٰنَ ۖ وَ اِنۡ كُنۡتَ مِنۡ قَبۡلِهٖ لَمِنَ الۡغٰفِلِيۡنَ ﴿۳﴾ اِذۡ قَالَ يُوۡسُفُ لِاَبِيۡهِ
يٰۤاَبَتِ اِنِّىۡ رَاَيۡتُ اَحَدَ عَشَرَ كَوۡكَبًا وَّ الشَّمۡسَ وَ الۡقَمَرَ رَاَيۡتُهُمۡ لِىۡ
سٰجِدِيۡنَ ﴿۴﴾ قَالَ يٰبُنَىَّ لَا تَقۡصُصۡ رُءۡيَاكَ عَلٰۤى اِخۡوَتِكَ فَيَكِيۡدُوۡا لَكَ
كَيۡدًا ؕ اِنَّ الشَّيۡطٰنَ لِلۡاِنۡسَانِ عَدُوٌّ مُّبِيۡنٌ ﴿۵﴾ وَ كَذٰلِكَ يَجۡتَبِيۡكَ رَبُّكَ وَ
يُعَلِّمُكَ مِنۡ تَاۡوِيۡلِ الۡاَحَادِيۡثِ وَ يُتِمُّ نِعۡمَتَهٗ عَلَيۡكَ وَ عَلٰۤى اٰلِ يَعۡقُوۡبَ
كَمَاۤ اَتَمَّهَا عَلٰۤى اَبَوَيۡكَ مِنۡ قَبۡلُ اِبۡرٰهِيۡمَ وَ اِسۡحٰقَ ؕ اِنَّ رَبَّكَ عَلِيۡمٌ
حَكِيۡمٌ ﴿۶﴾ ع ۱

الله جي (بابرڪت) نالي سان شروع جيڪو تمام گهڻو مهربان ۽ لڳاتار رحم ڪرڻ وارو آهي.

(الف لام را) الله عليم رحيم جو ارشاد آهي هي هڪ روشن ڪتاب جون آيتون آهن. (1) اسان هن ڪتاب کي قرآن ڪري عربي زبان ۾ نازل ڪيو آهي تہ اوهان سمجهي سگهو. (2) اي حبيب خَاتَمُ النَّبِيِّين صلي الله عليه وآله وسلم! هيءُ قرآن جيڪو تو

تي وحي ڪيو وجي ٿو، ان جي ذريعي اسان بهترين قصو سان بيان ڪري رهيا آهيون. توڙي ڪٽي تون هن کان اڳ بي خبر آهين. (3) (اهو قصو هي آهي تہ) جڏهن يوسف عليه السلام پنهنجي پيءُ کي چيو اي منهنجا والد گرامي! مون (خواب ۾) يارهن ستارن کي ۽ سج ۽ چنڊ کي پنهنجي لاءِ سجدو ڪندي ڏٺو آهي. (4) هن کيس چيو تہ منهنجا ٻچا! هيءُ خواب پنهنجي ڀائرن کي نہ ٻڌائجانءِ، ورنہ هو تنهنجي خلاف پر فريب سازش سٽيندا، بيشڪ شيطان انسان جو پڌرو دشمن آهي. (5) اهڙيءَ طرح تنهنجو رب توکي منتخب ڪندو ۽ توکي خوابن جي تعبير سيکاريندو. تو تي ۽ يعقوب عليه السلام جي اولاد تي پنهنجي نعمت جو اتمام ڪندو، جهڙيءَ طرح هن ان کان اڳ تنهنجي ٻنهي والد حضرت اسحاق ۽ پڑڏاڏي ابراهيم عليه السلام تي نعمت جو اتمام ڪيو هو، بيشڪ تنهنجو رب خوب ڄاڻڻ وارو ۽ وڏو حڪمت وارو آهي.

ا-ل- ر يا مون الله عليم رحيم جو ارشاد آهي، يا حضرت مخدوم نوح سرور رحمة الله عليه جي ترجمي موجب "منم خدائے کہ می بینم و می دانم" هي ڪتاب يعني قرآن روشن ترين آيتن تي مشتمل آهي، جيڪي هر ابهام ۽ خطا کان خالي آهن ۽ پنهنجو مدعا بيان ڪرڻ ۾ نهايت واضح ۽ مفصل آهن، جنهن ڪري هر قاريءَ کي سمجهڻ ۾ سولائي ٿئي ٿي. "اِنَّاۤ اَنْزَلْنٰهُ" ۾ "هُ" جو ضمير ڪتاب ڏانهن ٻہ آهي تہ هي ڪتاب توهان جي سهولت لاءِ عربي زبان ۾ نازل ڪيو آهي يا هي يوسف عليه السلام جو قصو عربي زبان ۾ نازل ڪيو آهي. "مُبِيْنٌ" جو لفظ "بَانَ" ۽ "بَيَّنَ" جي معنيٰ ۾ اچي ٿو. جيڪڏهن "بَانَ" کان آهي تہ فعل لازم معنيٰ "ظَهَرَ" يعني هي اظهر مِنَ الشَّمسِ آهي، پر جيڪڏهن "بَيَّنَ" کان فعل متعدي آهي تہ هي ڪتاب حق ۽ باطل کي ظاهر ڪرڻ وارو آهي، جو هن ۾ ڪو بہ شڪ ناهي تہ هي الله طرفان نازل ٿيل آهن. (البقره: 24/2) اهي اسان عربي زبان ۾ قرآن جي صورت ۾ نازل ڪيون آهن، جيڪو هن کان اڳ لوح محفوظ ۾ محفوظ هيو، جنهن ۾ ان وقت سورت جا مخاطب قريش هئا، جنهن ۾ هنن لاءِ خدا جي احسان ۽ امتنان جو اظهار آهي تہ اوهان

جي معاشي ۽ معاشرتي مسائل حل ڪرڻ بابت لايلاف قريش 106 پوري سورت نازل ٿي. سندن اخلاقي، اعتقادي، ديني، دنياوي زندگي خوشگوار ڪرڻ لاءِ هن قرآن کي سندن زبان عربي ۾ نازل ڪيو ويو آهي. جيئن هو هن قرآن جي سڌي راهه اختيار ڪري پنهنجي آخرت کي خير ۽ عافيت وارو بنائي سگهن. (بني اسرائيل: 17/82-71-9) ۽ ان کي چڱيءَ طرح سمجهي سگهن ۽ آخري رسول خَاتَمُ النَّبِيِّيْنَ ﷺ جي دعوت دين يعني دعوت قرآن کان مستفيض ٿي سگهن. هي قرآن آهي يعني اهڙو ڪتاب، جو بار بار پڙهيو وڃي ٿو. وَرَتِّلِ الْقُرْآنَ تَرْتِيلًا (المزّمّل: 4/73) ۽ قرآن ناهي ناهي ترتيل سان پڙهو. (الفرقان: 25/ 32-73) قرآن جا اولين مخاطب ته قريش عرب هئا، ليڪن هو پوري نوع انسان لاءِ هدايت جو نور آهي. (بني اسرائيل: 17/ 9) جنهن جي حفاظت الله تعالىٰ ڪنئي آهي. (الحجر: 5/15) هنن مخالفن توکي ڪمتر ۽ بي خبر ڏيکارڻ لاءِ بدنيتيءَ تي مبني هي سوال ڪيو آهي، اسان توکي بهترين طريقي سان بيان ٻڌائي رهيا آهيون. ياد رهي ته هت "قَصَص" ق جي زبر سان مصدر جي معنىٰ ۾ بيان ٿيو آهي. "قِصَصَ" ق جي زير سان قصه جو جمع آهي، يعني قصا. "اَلْقَصَصِ" "قَصَّ" يعني ڪنهن شيءِ جو پيڇو ڪرڻ. حضرت موسىٰ عَلَيْهِ السَّلَامُ جي والده جڏهن ننڍپڻ ۾ ڪيس تابوت ۾ رکي، درياءَ ۾ اڇليو ته پنهنجي ڌيءُ کي چيائين: "قَالَتْ لِاُخْتِهٖ قُصِّيْهِ" هن جو پيڇو ڪر. هت مراد قصو بيان ڪرڻ نه آهي، پر ان بابت اهڙي طريقي سان بيان ڏيڻ آهي، جنهن ۾ سوال جو جواب به اچي وڃي ۽ ان ۾ ان جا اهي حصا نمايان نظر اچن، جن جو حضور خَاتَمُ النَّبِيِّيْنَ ﷺ ۽ سندس برادري قريش جو ڪردار هيو ۽ ان جو جواب "لَا تَثْرِيْبَ عَلَيْكُمُ الْيَوْمَ" چئي، هن بيان جي هم مثال هجڻ تي مهر تصديق چسپان ڪري ڇڏي، جنهن جو مخاطب بظاهر پاڻ ڪريمن خَاتَمُ النَّبِيِّيْنَ ﷺ جي ذات گرامي آهي، پر اصل مخاطب مخالفين مڪه آهن. هي سمورو بيان وحيءَ جي معرفت توکي ڏنو ويو آهي. هن کان اڳ توکي هن قصي جي خبر نه هئي، پر هاڻي هت ڏجي ٿي. (هود: 49/11) يوسف عَلَيْهِ السَّلَامُ سان پائرن دشمني ڪئي، ڪيس قتل ڪرڻ يا جلاوطن ڪرڻ جو منصوبو جوڙيو، ڪين بي يارو مددگار ٿيڻو پيو. زنان مصر ۽ عزيز مصر جي زال هن جي ظاهري حسن تي ته شيدا ٿي پيون. اهي حضرت يوسف عَلَيْهِ السَّلَامُ جي اندر اخلاقي قوت کي ڏسي نه سگهيون. سندس ڪردار ۽ اخلاق ايري سامهون آيو ۽ هن برائيءَ واري جنگ

نيڪيءَ سان جيتي ۽ آخرڪار ڪاميابي، ڪامراني، سرفرازي سندس حصي ۾ آئي ۽ پائرن کي "لَا تَثْرِيْبَ عَلَيْكُمُ الْيَوْمَ" چئي معاف ڪري ڇڏيو. يوسف عليه السلام جي بيان جا اهي سارا مرحلا حضور خاتم النبيين صلى الله عليه وسلم کي پيش آيا. مطلب ته هي "احسن القصص" ان ڪري آهي، جو هن ۾ انساني زندگيءَ جا سمورا ڪردار اچي ويا آهن، جن جو انساني معاشري سان تعلق آهي.

جڏهن يوسف عليه السلام پنهنجي والد يعقوب عليه السلام کي چيو ته ابا جان مون خواب ۾ ڏٺو آهي ته يارنهن ستارا ۽ چند سج آهن، مون ڏٺو ته اهي مون کي سجدو ڪري رهيا آهن. ياد رهي ته حضرت يعقوب عليه السلام کي بي زال (يا ٻين ٽن زالن) مان ڏهه پٽ هئا، جيڪي جوان ٿي چڪا هئا، پر ڪيس بي زال مان حضرت يوسف عليه السلام ۽ بن يامين ٻه فرزند هئا. حضرت يوسف عليه السلام جي اهڙن دلڪشا خواب ۽ سندس ٻيون حالتون ڏسي، هڪ نبيءَ جي نظر اچڻ واري نبي سڳوري تي هئي ۽ سمجهي ۽ پرکي ويو هو ته سندس نبوت واري نعمت سندس هن فرزند کي ٻه ملڻ واري آهي، جنهن تي حضرت يعقوب عليه السلام ڪيس چيو ته اي منهنجا پيارا پٽ! پنهنجو اهو خواب پنهنجن پائرن کي نه ٻڌائجانءِ. حضرت يعقوب عليه السلام کي يارنهن ستارن مان يوسف عليه السلام جي يارنهن پائرن ۽ چند سج مان ماڻُ پيءُ جو اشارو معلوم ٿيو. ان ڪري هن يوسف عليه السلام کي پائرن کي خواب ٻڌائڻ کان روڪيو ته هو تنهنجي خلاف سازش ڪندا. هنن ۾ حسد جي باهه ٻڙڪندي ۽ توکي نقصان پهچائڻ جي ڪوشش ڪندا. بلاشڪ شيطان انسان جو ڪلمڪلا دشمن آهي ۽ اهو ڪنهن کي به ڪنهن وقت به گمراهه ڪري غلط ڪم ڪرائي سگهي ٿو. هابيل ۽ قابيل وارو قصو به شيطان ڪرايو هيو. حضرت يعقوب عليه السلام پنهنجي فرزند ارجمند کي چيو ته الله تنهنجو انتخاب ڪري رهيو آهي. (نبوت عطا ڪرڻ لاءِ) ۽ هو توکي ان سلسلي ۾ معاملا فهمي ۽ حقيقت رسائي جي تعليم ڏيندو، جنهن سان تون خوابن جي تعبير به ٻڌائي سگهندين ۽ ڳنڀير ۽ مشڪل معاملن جو عقل و دانش سان حل به بيان ڪري سگهندين. الله توکي فهم و فراست جي ايتري ته گهرائي ۽ حقيقت شناسي ڏيندو، جو تون ان جي اصل مخفي راز تائين پهچي، ان کي فاش ڪرڻ جي قابل هوندين. (يوسف: 12/56-21) الله توتي انهن نعمتن جون نوازشون ڪرڻ گهري ٿو ۽ پوري آل يعقوب تي به، جيڪي هن کان اڳ هن

تنهنجي آباء اجداد حضرت اسحاق عليه السلام ۽ حضرت ابراهيم عليه السلام تي ڪيون آهن. "اَحَادِيْث" ان ڪري سڏيو آهي، جهڙيءَ طرح المرسلات: 50/70 ۾ آهي: "فَبِاَيِّ حَدِيْثٍ بَعْدَهٗ يُؤْمِنُوْنَ" يا الزمر: 23/39 ۾ آهي: "اَللّٰهُ نَزَّلَ اَحْسَنَ الْحَدِيْث" هت حضرت يعقوب عليه السلام پنهنجو نالو نه ورتو آهي. ممڪن آهي ته ڪسر نفسي جي ڪري، ورنه هو به جليل القدر انبياء مان هو. هن ۾ حيرت جي ڪا ڳالهه ناهي. تنهنجو رب نهايت عليم ۽ حڪيم آهي، يعني سڀ ڪجهه ڄاڻڻ وارو ۽ حڪمت وارو آهي. گويا حضرت يوسف عليه السلام جي قصي کان اڳ قرآن ڪريم جي حقانيت ۽ نزول من الله بيان ڪيو ويو آهي.

لَقَدْ كَانَ فِيْ يُوْسُفَ وَ اِخْوَتِهٖۤ اٰيٰتٌ لِّلسَّآئِلِيْنَ ۝٧ اِذْ قَالُوْا لَيُوْسُفُ وَ اَخُوْهُ اَحَبُّ اِلٰۤى اَبِيْنَا مِنَّا وَ نَحْنُ عُصْبَةٌ ؕ اِنَّ اَبَانَا لَفِيْ ضَلٰلٍ مُّبِيْنِ ۚ ۝٨ اِقْتُلُوْا يُوْسُفَ اَوِ اطْرَحُوْهُ اَرْضًا يَّخْلُ لَكُمْ وَجْهُ اَبِيْكُمْ وَ تَكُوْنُوْا مِنْۢ بَعْدِهٖ قَوْمًا صٰلِحِيْنَ ۝٩ قَالَ قَآئِلٌ مِّنْهُمْ لَا تَقْتُلُوْا يُوْسُفَ وَ اَلْقُوْهُ فِيْ غَيٰبَتِ الْجُبِّ يَلْتَقِطْهُ بَعْضُ السَّيَّارَةِ اِنْ كُنْتُمْ فٰعِلِيْنَ ۝١٠ قَالُوْا يٰۤاَبَانَا مَا لَكَ لَا تَاْمَنَّا عَلٰى يُوْسُفَ وَ اِنَّا لَهٗ لَنٰصِحُوْنَ ۝١١ اَرْسِلْهُ مَعَنَا غَدًا يَّرْتَعْ وَ يَلْعَبْ وَ اِنَّا لَهٗ لَحٰفِظُوْنَ ۝١٢

بيشڪ يوسف عليه السلام ۽ هن جي ڀائرن جي هن سرگشت ۾ سوال پڇندڙن لاءِ ڪيتريون ئي نشانيون موجود آهن. (7) جڏهن هنن چيو ته يوسف عليه السلام ۽ سندس ڀاءُ (بن يامين) اسان جي والد کي اسان کان زياده محبوب آهن. حالانڪه اسان طاقتور جماعت آهيون. يقيناً اسان جو والد صريح غلطيءَ تي آهي. (8) ان ڪري قتل ڪريو يوسف (عليه السلام) کي يا ان کي ڪنهن ڏورانهين

ڏيهه ۾ اڇلائي اڇو ته جيئن اوهان جي والد جو توجه رڳو اوهان ڏانهن ٿئي. ان کان پوءِ توهان صالحين واري جماعت بڻجي ويندو. (9) انهن مان هڪ چوڻ واري چيو ته يوسف (عليه السلام) کي قتل نه ڪريو، پر ان کي ڪنهن اونهي کوهه جي گهراين ۾ وجهو ته جيئن ان کي ڪو قافلي وارو کڻي ويندو. جيڪڏهن واقعي ڪجهه ڪرڻ گهرو ٿا ته ائين ئي ڪريو.(10) هنن چيو ته ابا جان! ڇا سبب آهي جو تون يوسف (عليه السلام) جي باري ۾ اسان تي ڀروسو نٿو ڪرين، حالانڪ اسان هن جا وڏا خير خواهه آهيون.(11) سياڻي هن کي ذرا اسان سان هلڻ ڏي خوب کائي ۽ کيڏي ۽ بيشڪ اسان هن جي حفاظت ڪرڻ وارا آهيون. (12)

هاڻي هت اصل قصي جو بيان آهي،جنهن کي "احسن القصص" سڏيو ويو آهي. مڪي جي مخالفن يهودين سان سازش ڪري، جيڪو سوال پڇيو هيو ته بني اسرائيل فلسطين کان مصر ڪهڙي نموني پهتا، ان جي جواب ۾ جيڪي ضروري وضاحتون گهربل هيون، ان سان گڏ حضرت يوسف عليه السلام جي ڪردار اعليٰ اخلاق ۽ انتظامي صلاحيتن سان گڏ معامله فهمي، سخن سخي جو بيان به اچي ويو. هن بيان جي انهن خاص حصن جو ذڪر ڪيو ويو، جن ۾ پائرن جو تعصب ۽ يوسف عليه السلام جي مارڻ جا منصوبا جيڪي ان دؤر ۾ قريش پاڻ خاتم النبيين صلى الله عليه وسلم سان ڪري رهيا هئا ۽ ان جي جواب ۾ خلق عظيم جي عظيم رهبر، جيڪو غلامي، قيد ۽ حڪومت، ديانت، امانت ۽ صداقت جو پيڪر ٿي ڪامياب ۽ ڪامراني حاصل ڪئي، ان جو اظهار حضرت يوسف عليه السلام جي بيان ۾ ڪيو ويو. زليخا ۽ زنانِ مصر جو ڪردار، بعد ۾ عورتن جو قصور تسليم ڪرڻ ۽ يوسف عليه السلام قيد مان نڪرڻ لاءِ رڳو عورتن کان پڇڻ جو چيو ۽ زليخا جو نانءُ نه ورتو، چوته ان گهر ۾ پليو هيو، ان جي وقار کي مجروح ڪرڻ نٿي گهريو. جيڪو هڪ ترتيب وار قصي جي صورت ۾ نه، پر ضروري حصي جو بيان پيش ٿيو. جيڪو خود مخالفن لاءِ ڪيترين ئي نشانيون موجود آهن. بشرطيڪ هو ان تي انصاف جي نظر سان غور ڪن. جڏهن هن جي پائرن پاڻ ۾ چيو ته يوسف (عليه السلام) ۽ ان جو ڀاءُ (بن يامين) اسان جي والد کي اسان کان وڌيڪ محبوب آهن، حالانڪ اسان هڪ مضبوط گروپ

آهيون. دنيا ۾ دشمنن سان مقابلو ٿي پوي، يا ڪا بي اهڙي مصيبت اچانڪ اچي وجي تہ ان وقت اسان ئي ڪم اچون ٿا. اسان جي هڪ ميجيل طاقتور حيثيت آهي، پر ان هوندي بہ اسان جو والد اکيون ٻوٽي ڪمزور ۽ ننڍڙن ٻارن کي اسان تي ترجيح ڏئي رهيو آهي ۽ پوري محبت هنن جي پلڙي ۾ وجهي رهيو آهي. جيڪي ضرورت وقت هن جي ڪا بہ مدد ڪري ڪو نہ سگهندا. الٽو پاڻ حفاظت لاءِ واجهائيندا ۽ اسان کي نظرانداز ڪري بابا کان وڌي غلطي ۽ گمراهہ ڪن فيصلو ٿيو آهي.

ياد رهي تہ حضرت يوسف عليه السلام ۽ بن يامين جي والده فوت ٿي چڪي هئي، هڪ تہ ان ڪري حضرت يعقوب عليه السلام جو هنن ننڍڙن ٻارن تي وڌيڪ توجهہ هيو، ٻيو حضرت يوسف عليه السلام جي خواب ۽ ٻين خصلتن سان حضرت يعقوب عليه السلام کي اندازو هيو تہ نبوت جي عطيہ سان نوازيو ويندو. هن جي مقابلي ۾ سندن ڏهن پائرن ۾ اهڙيون صلاحيتون ڏسڻ ۾ نٿي آيون، ان ڪري والد جو هنن ٻن پٽن تي وڌيڪ راز هيو. يوسف عليه السلام جي ڏهن پائرن اهو فيصلو ڪيو تہ هنن کي قتل ڪريو يا ڪنهن ڏورانهين ڏيهہ اڇلائي اچوس تہ جيئن اوهان جي پيءُ جو سمورو توجهہ اوهان ڏانهن ٿي وجي. هن کان پوءِ ئي اوهان جا معاملا نيڪ ٿي ويندا، سڀ پريشانيون ختم ٿي ويندیون ۽ هي ڪندو جيڪو اسان جي ڪک ۾ لڳل آهي، اهو نڪري ويندو. ڪن مفسرن هيءَ معنیٰ بہ لکي آهي تہ هينئر هيءُ گناهہ ڪريو، بعد ۾ نيڪ ٿي پوندا سين، اجان عمر پئي آهي. هت "صالحين" مان مراد پائرن جي صالح ٿي وڃڻ مراد ناهي، پر سندن معاملا نيڪ ٿي ويندا جو مطلب آهي. هي انساني نفسياتي ڪمزوري آهي، جڏهن هو حق ۽ سچ کي ڇڏي، غلط راهہ جو فيصلو ڪندو آهي تہ اندر جي ضمير کي خاموش رکڻ لاءِ چوندا آهن تہ ٿورو صبر ڪر ۽ ڪوڙي تسلي ڏيندي چوندا آهن تہ هي ناگزير گناهہ جنهن جي ڪري اهم معاملو رکيل آهي، في الحال ڪرڻ ڏي بعد ۾ توبہ ڪنداسون. اهڙيءَ طرح سوره مائده: 30/5 ۾ هابيل ۽ قابيل جو قصو بيان ٿي چڪو آهي، جنهن ۾ قابيل جي نفس ان کي ڪوڙيون تسليون ڏئي هابيل کي قتل ڪرڻ تي آماده ڪيو. "فَطَوَّعَتْ لَهٗ نَفْسُهٗ قَتْلَ اَخِيْهِ" اهڙي طرح يوسف عليه السلام جي پائرن بہ پنهنجي ضمير کي ڏبائي يوسف عليه السلام جي قتل ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. هن گناهہ سان معاملا نيڪ ٿي وڃن تہ ڪو حرج ناهي. ان ڪري هڪ مشورو ڏنو تہ يوسف

عليه السلام کي قتل نہ ڪريو، پر ڪيس هڪ اونداهي ڪوهہ جي تري ۾ اڇلائي اچو، هن ٻاڻ جي دل ۾ يوسف عليه السلام جي لاءِ ڪجهہ ترس هيو، سو مارڻ بدران اونهي ڪوهہ ۾ اڇلڻ جو مشورو ڏنو. "غَيٰبَتِ" مان مراد ڪوهہ جو اونداهو تَر ۽ "اَلْجُبِّ" مان مراد گهرو ڪوهہ آهي. ان کي قافلي وارا مسافر ڪوهہ مان ڪڍي ڪٽي ويندا، جيڪڏهن جان ڇڏائڻ لاءِ ڪجهہ ڪرڻ گهرو ٿا تہ پوءِ هي مناسب منصوبو آهي، ان تي عمل ڪريو. مقصد بہ پورو ٿي ويندو ۽ قتل جهڙي ڀيانڪ عمل کان بہ بچي ويندا سون. يوسف عليه السلام ٻنهي ڀائرن ۾ وڏو بہ آهي ۽ بابا جو زياده منظور نظر بہ آهي، سو يوسف عليه السلام جي ختم ڪرڻ سان معاملا سڌري ويندا. اهو منصوبو جوڙي ڏهہ ئي ڀائر حضرت يعقوب عليه السلام وٽ آيا ۽ ڪيس چيائون تہ اي ابا جان! توکي ڇا ٿي ويو آهي جو تون يوسف عليه السلام جي باري ۾ اسان تي اعتبار نٿو ڪرين، حالانڪہ هو اسان جو ننڍڙو لاڏلو ٻاڻ آهي ۽ اسان هن جا وڏيڪ خير خواهہ آهيون. ڀلا ڀائرن کان وڏيڪ ٻيو ڪير ٿي سگهي ٿو، جو هن جو وڏيڪ خير خواهہ ۽ همدرد هجي. سياڻي هن کي اسان سان هلڻ ڏي تہ هو بہ ٻاهر جي فضا جو مزو وٺي. ڪائي پيئي ۽ ڪيڏي دل وندرائي. گهر ۾ ويهي ويهي مايوسيءَ جو شڪار ٿئي ٿو. هن جي هي عمر بہ آهي تہ هو ٻاهر نڪري ۽ ٻاهر جي ماحول جا مزا ماڻي. "يَّرْتَعْ" ڪائي پيئي "يَلْعَبْ" ۽ ڪيڏي شڪار وغيره ڪري، گهمي ڦري خدا جا نرالا رنگ ڏسي. اسان ڏهہ ڇٽا هن جي حفاظت جا ذميوار آهيون. هن جو وار بہ ونگو ٿيڻ نہ ڏينداسون. هو پنهنجي منصوبي ۾ ڪامياب بنائڻ لاءِ والد کي هر قسم جي تسلي ڏئي رهيا هئا ۽ خير عافيت سان واپس آڻڻ جو يقين ڏياري رهيا هئا.

قَالَ اِنِّيْ لَيَحْزُنُنِيْٓ اَنْ يَّذْهَبُوْا بِهٖ وَ اَخَافُ اَنْ يَّاْكُلَهُ الذِّئْبُ وَ اَنْتُمْ عَنْهُ غٰفِلُوْنَ ﴿۱۳﴾ قَالُوْا لَئِنْ اَكَلَهُ الذِّئْبُ وَ نَحْنُ عُصْبَةٌ اِنَّآ اِذًا لَّخٰسِرُوْنَ ﴿۱۴﴾ فَلَمَّا ذَهَبُوْا بِهٖ وَ اَجْمَعُوْٓا اَنْ يَّجْعَلُوْهُ فِيْ غَيٰبَتِ الْجُبِّ ۚ وَ اَوْحَيْنَآ اِلَيْهِ لَتُنَبِّئَنَّهُمْ بِاَمْرِهِمْ هٰذَا وَ هُمْ لَا يَشْعُرُوْنَ ﴿۱۵﴾ وَ جَآءُوْٓ اَبَاهُمْ عِشَآءً يَّبْكُوْنَ ﴿۱۶﴾ قَالُوْا يٰٓاَبَانَآ اِنَّا ذَهَبْنَا نَسْتَبِقُ وَ تَرَكْنَا يُوْسُفَ عِنْدَ مَتَاعِنَا

فَاَكَلَهُ الذِّئْبُ ۚ وَمَآ اَنْتَ بِمُؤْمِنٍ لَّنَا وَلَوْ كُنَّا صٰدِقِيْنَ ﴿۱۷﴾ وَجَآءُوْ عَلٰى
قَمِيْصِهٖ بِدَمٍ كَذِبٍ ؕ قَالَ بَلْ سَوَّلَتْ لَكُمْ اَنْفُسُكُمْ اَمْرًا ؕ فَصَبْرٌ جَمِيْلٌ ؕ
وَاللّٰهُ الْمُسْتَعَانُ عَلٰى مَا تَصِفُوْنَ ﴿۱۸﴾ وَجَآءَتْ سَيَّارَةٌ فَاَرْسَلُوْا وَارِدَهُمْ فَاَدْلٰى
دَلْوَهٗ ؕ قَالَ يٰبُشْرٰى هٰذَا غُلٰمٌ ؕ وَاَسَرُّوْهُ بِضَاعَةً ؕ وَاللّٰهُ عَلِيْمٌۢ بِمَا
يَعْمَلُوْنَ ﴿۱۹﴾ وَشَرَوْهُ بِثَمَنٍۭ بَخْسٍ دَرَاهِمَ مَعْدُوْدَةٍ ۚ وَكَانُوْا فِيْهِ مِنَ
الزّٰهِدِيْنَ ﴿۲۰﴾ ع

يعقوب عليه السلام چيو تہ مون کي اهو ٻڪ (ڊپ) ٿو ٿئي تہ توهان هن کي ونڻي وڃو ۽ توهان جي غفلت ڪري هن کي بکهڙ کائي وڃن.(13) هنن چيو تہ (اسان جي هوندي) هن کي بکهڙ کائي وڃي ۽ اسان جي طاقتور جٿي هوندي ائين ٿئي تہ ٻوءِ اسان نڪما (بيڪار) ثابت ٿيندا سون. (14) ٻوءِ جڏهن هو ان کي ونڻي ويا ۽ سيني جو اتفاق ٿيو تہ هن کي اونهي کوهہ جي گهرائيءَ ۾ وڃهن تہ ان وقت اسان يوسف عليه السلام کي وحي ڪئي تہ تون هڪ ڏينهن هنن کي هن فعل بابت ضرور ٻڌائيندين ۽ هنن کي انهيءَ جو اندازو به نہ هوندو.(15) هو (يوسف عليه السلام کي کوهہ ۾ اڇلائي) پنهنجي پيءُ وٽ رات جو روئندا آيا. (16) چوڻ لڳا اسان جا بابا! اسان ڊوڙڻ جي مقابلي ۾ هليا وياسون ۽ يوسف عليه السلام کي پنهنجي سامان وٽ ڇڏي وياسون تہ ان کي بکهڙ کائي ويو، اسان ڪيترو به سچ چئون تون اسان تي اعتبار ڪونہ ڪندين.(17) ۽ هو هن جي قميض تي ڪوڙ جو خون لڳائي آيا. يعقوب عليه السلام چيو حقيقت ائين نہ آهي، پر اوهان جي نفس جي گمراهہ سوچ (فيصلي) خوشنما ڪري گهڙي ورتو آهي. هن حال ۾ صبر ئي

بهتر آهي، جيڪي اوهان چئي رهيا آهيو، ان لاءِ الله جي مدد جو طلبگار آهيان. (18) ۽ ان بعد هڪ قافلو آيو. انهن ۾هڪ پخالي (پاڻي ڪڍي اڇڻ واري) کي موڪليو تہ هن پنهنجو ٻوکو (پخال) کوهہ ۾ لٽڪايو. هن زوردار آواز ۾ چيو خوشخبري هجي. اجهو هي ڇوڪر آهي، سو هنن ان کي قيمتي تجارت جو اثاثو سمجهي لڪائي رکيو. الله اوهان جي ڪمن کي جيڪي ڪيو ٿا، خوب ڄاڻي ٿو.(19) ۽ ڪيس ٿورڙي قيمت ۾ وڪڻي ڇڏيائون، چند درهمن جي عيوض ۽ هو ان بابت گهٽ رغبت رکڻ وارا هئا. (20)

يعقوب عليه السلام کين چيو تہ يوسف عليه السلام کي اوهان سان گڏ هلڻ ۽ جنگل ۾ گهمڻ ڦرڻ، کائڻ پيئڻ ۽ کيڏڻ لاءِ اجازت نٿو ڏئي سگهان. تي سگهي ٿو تہ اتي اوهان پنهنجي مصروفيتن ۾ محو تي وجو ۽ يوسف عليه السلام کي اڪيلو ڇڏي وجو ۽ ڪو وحشي بگهڙ اچي ۽ هن معصوم ٻارکي کائي وجي. هي ان جي لائق ٻہ نہ آهي تہ پنهنجو دفاع ڪري سگهي ۽ اوهان تي ٻہ مون کي گهٽو پروسو نٿو ٿئي. هن جي دل ۾ اهو پؤ وينل آهي تہ يوسف عليه السلام کي اوهان جي غفلت سبب بگهڙ کائي وجي. هنن پنهنجي والد جو فيصلو ٻڌو تہ حيران ٿي ويا تہ سندن اندر جي ڳالهہ هنن جي والد واتان ڪيئن نڪتي؟ پر پنهنجي والد کي تسلي ڏيڻ لاءِ ڪيس چيائون تہ اسان جو هيڏو مضبوط گروهہ آهي، جيڪڏهن انهن جي هوندي ٻہ هن کي بگهڙ کائي ٿو وجي تہ پوءِ اسان بلڪل نڪما ۽ ناڪاره سڏباسون. ان ڪري اسان تي پورو پروسو ڪري، يوسف عليه السلام کي اسان سان هلڻ ڏي تہ هو هن سنهري موقعي جو فائدو حاصل ڪري. گهمي ڦري تازو توانو تي اچي. جڏهن هو يوسف عليه السلام کي گڏ وني وڃڻ ۾ ڪامياب تي ويا ۽ سيني اتفاق راءِ سان فيصلو ڪيو تہ هن کي انڌيري اونهي کوهہ ۾ ڦٽو ڪجي ۽ قتل نہ ڪجي تہ اسان ان وقت ئي هن ڏانهن وحي ڪئي تہ پريشان ٿيڻ جي ضرورت ناهي، الله طرفان اهڙو انتظام ڪيو ويو آهي، جو هڪ ڏينهن تون اهڙي حيثيت ۾ هوندين جو کين هي سمورو مامرو ٻڌائيندين ۽ هو توکي ان وقت سجاڻي نہ سگهندا. (يوسف: 58/12) هي اطلاع وحي يا الهام هيو. وحي ٻہ هت دل ۾ پکو خيال اچڻ آهي. هي اڄ هڪ غلط حرڪت ڪري رهيا آهن. کين هن جي نتيجن جي

خبر بہ ناهي ۽ اهو بہ نٹا ڄاڻن تہ وحي الاهي تنهنجي تسلي ۽ تشفي جو سامان مهيا ڪيو آهي ۽ يوسف عليه السلام هڪ ڏينهن الله جي منصوبي تحت هڪ اهڙي مرتبي تي پهچندو، جتي سندس اهي حاسد پائر هڪ سوالي ۽ جي حيثيت ۾ هوندا. هو رات جو پنهنجي والد وٽ روئندا آيا ۽ مصنوعي غم ۽ ڏک جو اظهار ڪري ٻڌائڻ لڳا تہ غضب ٿي ويو ۽ چيائون تہ بابا سائين! اسان (ڏهئي پائر) پاڻ ۾ دوڙڻ جو مقابلو ڪرڻ نڪتاسون ۽ يوسف عليه السلام کي پنهنجي سامان تي حفاظت لاءِ ڇڏيوسون ۽ واپس آياسون تہ ڏٺوسون ادي کي بگهڙ کائي چڪو هو. اسان کيترا بہ سچا هجون تون اسان جي ڳالهہ تي اعتبار ڪرڻ وارو نہ آهين. هنن پائرن بہ بگهڙ جو ان ڪري چيو، جو اتي بگهڙ جا اهڙا حادثا ٿيا هئا ۽ کين اهو بہ پتو هو تہ سندن والد بہ اهو خدشو ظاهر ڪيو هو. سو اهو ڪوڙو منصوبو ڪامياب ويندو. ان ڪري هنن چيو تہ يوسف عليه السلام کي بگهڙ کائي ويو. انڌيرو ڪري رات جو پيءُ وٽ آيا تہ جيئن هو ان جي تصديق نہ ڪري ونې، جيڪا رات جي وقت ممڪن نہ هئي. پنهنجي هن منصوبي کي سچو ثابت ڪرڻ لاءِ هو يوسف عليه السلام جي خون آلوده قميص بہ پاڻ سان کنيو آيا. هنن اها قميص بہ يعقوب عليه السلام کي ڏيکاري. يعقوب عليه السلام کي مطمئن ڪري نہ سگهيا، چوتہ قميص صحيح سلامت هئي ۽ بگهڙ جي کاڌل ۽ قاتل نہ هئي. يعقوب عليه السلام کين چيو تہ اوهان پنهنجي منصوبي کي حقيقت جو رنگ ڏيڻ لاءِ خوب خوشنما نالهہ ٺاهيو آهي، جيڪو حقيقت تي مبني نہ آهي. پر في الحال خانداني وحدت کي برقرار رکندي، صبر کان ڪم ونان ٿو ۽ پنهنجي الله کان مدد طلب ڪريان ٿو. اهو ئي منهنجي مشڪل ڪشائي ڪندو ۽ هن منصوبي جو سمورو ڳجهو راز کولي ظاهر ڪندو. ان ڪري اوهان جي هن قول تي صبر سان خدا جي مدد جو طلبگار آهيان. هن ايڏي وڏي غم واري خبر ٻڌي بہ پنهنجو توازن برقرار رکيو. حالانڪہ حضرت يوسف عليه السلام جو غم هن لاءِ هڪ وڏي مصيبت کان گهٽ ڪونہ هو. پر پوءِ بہ اطمينان ۽ استقلال سان خبر ٻڌي صبر و ضبط جو مظاهرو ڪندي، پنهنجي الله جي غيبي مدد جو درخواستگذار رهيو.

هت يعقوب عليه السلام جي گهر غم واندہ جو ماحول هيو تہ ٻئي طرف وري تجارتي قافلو رات پوڻ سبب ان کوهہ جي آس پاس لنگرانداز ٿيو. قافلي وارن هڪ پخاليءَ (وارد) کي پاڻي کڻي اڇڻ لاءِ موڪليو، جيڪو ان کوهہ تي پهتو ۽ پنهنجو ٻوکو

(مشڪيزه) پاڻي ڪڍڻ لاءِ ڪوهه ۾ موڪليو تہ هن ڪي چوڪري جو آواز آيو، جنهن تي هن قافلي وارن ڪي وڏي آواز سان سڏ ڪري خوشخبري ڏني تہ هي نهايت خوبصورت چوڪرو آهي. قافلي وارن اهڙو حسين ڪِيرو جوان ڏسي ان کي قيمتي سامان "بِضَاعَة" سمجهي لڪائي رکيو. پر الله هن سموري عمل جي نگهداري ڪري رهيو هو. الله جڏهن ڪنهن کي حد ڪمال تائين پهچائڻ چاهيندو آهي تہ ان کي آزمائش جي اهڙن ڪنن مرحلن مان گذاري خالص سون بنائي ڇڏيندو آهي. يوسف عليه السلام جي پائرن ڪيس چند محدود درهمن جي عيوض وڪٽي ڇڏيائون، ڪن مفسرن جو خيال آهي تہ قافلي وارن مصر پهچي، ان کي چند درهمن جي عيوض وڪيو. پر ڪن مفسرن موجب هن جا پائر ٻئي ڏينهن ڪوهه تي آيا ۽ قافلي وارن کي پنهنجو پاڻ وڪٽي ڏنو. وڌيڪ درست قافلي وارن کيس مصر ۾ ٿورڙن ڳڻڻ جيترن درهمن ۾ وڪيو. چو تہ هڪ تہ هن کي مفت ۾ مليو هو، ٻيو ڪين ڊپ هو تہ ڪو هن جو والي وارث نہ نڪري اچي ان ڪري گهٽي لالچ بدران ٿورڙي قيمت تي ئي وڪٽي ڇڏيو، جو ڪين هن سان ايتري رغبت نہ هئي. پائرن جو حضرت يوسف عليه السلام کي قافلي وارن کي ٿورڙي رقم تي وڪڻڻ جي ڪا روايت قرآن مان ڪا نہ تي ملي. "وَ شَرَوْهُ بِثَمَنٍ بَخْسٍ دَرَاهِمَ" ۾ "شَرَوْهُ" جو فاعل قافلي وارا آهن يا حضرت يوسف عليه السلام جا پائر، مفسر حضرات اهي ٻئي جدا جدا ورتا آهن، پر معلوم ٿئي ٿو تہ قافلي وارن هنن کي وڪيو.

وَ قَالَ الَّذِی اشْتَرٰىهُ مِنْ مِّصْرَ لِامْرَاَتِهٖۤ اَكْرِمِیْ مَثْوٰىهُ عَسٰۤی اَنْ یَّنْفَعَنَاۤ
اَوْ نَتَّخِذَهٗ وَلَدًا ؕ وَ كَذٰلِكَ مَكَّنَّا لِیُوْسُفَ فِی الْاَرْضِ ۫ وَ لِنُعَلِّمَهٗ مِنْ
تَاْوِیْلِ الْاَحَادِیْثِ ؕ وَ اللّٰهُ غَالِبٌ عَلٰۤی اَمْرِهٖ وَ لٰكِنَّ اَكْثَرَ النَّاسِ لَا
یَعْلَمُوْنَ ﴿۲۱﴾ وَ لَمَّا بَلَغَ اَشُدَّهٗۤ اٰتَیْنٰهُ حُكْمًا وَّ عِلْمًا ؕ وَ كَذٰلِكَ نَجْزِی
الْمُحْسِنِیْنَ ﴿۲۲﴾ وَ رَاوَدَتْهُ الَّتِیْ هُوَ فِیْ بَیْتِهَا عَنْ نَّفْسِهٖ وَ غَلَّقَتِ الْاَبْوَابَ وَ

قَالَتْ هَيْتَ لَكَ ؕ قَالَ مَعَاذَ اللّٰهِ اِنَّهٗ رَبِّيْۤ اَحْسَنَ مَثْوَايَ ؕ اِنَّهٗ لَا يُفْلِحُ
الظّٰلِمُوْنَ ﴿۲۳﴾ وَ لَقَدْ هَمَّتْ بِهٖ ۚ وَ هَمَّ بِهَا لَوْ لَاۤ اَنْ رَّاٰ بُرْهَانَ رَبِّهٖ ؕ
كَذٰلِكَ لِنَصْرِفَ عَنْهُ السُّوْٓءَ وَ الْفَحْشَآءَ ؕ اِنَّهٗ مِنْ عِبَادِنَا الْمُخْلَصِيْنَ ﴿۲۴﴾

ءِ مصر جي جنهن شخص يوسف عليه السلام کي خريد کيو، هن (پنهنجي زال کي) چيو تہ هن کي سڻي طريقي سان رکجانءِ، هي اسان جي لاءِ نفعي وارو ثابت ٿئي يا اسين هن کي پنهنجو پٽ بنايون. اهڙيءَ طرح اسان يوسف عليه السلام کي اتي ان ملک ۾ اقتدار عطا کيو ۽ اسان ان کي معاملہ فهمي ۽ حقيقت بيني جو علم عطا کيو. الله پنهنجي هر فيصلي تي عمل درآمد ڪرائڻ لاءِ غلبو ۽ قوت رکي ٿو، پر ماڻهو اها ڳالهہ سمجهڻ کان قاصر آهن.(21) ۽ جڏهن هو پنهنجي ڀوهہ جوانيءَ کي پهتو تہ اسان ان کي حڪم (نبوت) ۽ علم (علم وحي) عطا ڪيا. اهڙي طرح اسان نيڪوڪارن کي سندن اعمال جو صلو (اجورو) بخشيون ٿا. (22) جنهن عورت جي گهر ۾ رهندو هيو، ان عورت (زليخا) ان کي ورغلائڻ جي ڪوشش ڪئي. هن (عورت) دروازا بند ڪيا ۽ ڪيس گناهہ جي دعوت ڏيندي چيو جلدي اچ. حضرت يوسف عليه السلام چيو تہ مان الله جي پناهہ طلب ڪريان ٿو. تنهنجو شوهر منهنجو مربي رهيو آهي. هن مون کي سڻي نموني رکيو آهي. بيشڪ ظالم ماڻهو فلاح نہ پائيندا آهن. (ٻيو ترجمو) يوسف عليه السلام چيو تہ معاذ الله! مون کان اهو نہ ٿيندو، منهنجي پروردگار مون کي احسن مقام تي پهچايو. مان ان جي شڪرگذاري بدران احسان فراموشي ڪيان تہ الله اهڙن احسان فراموش ماڻهن کي پسند نٿو ڪري (والله اعلم بالصواب - پر ايندڙ آيت جو بيان زياده مناسب آهي). (23) يوسف عليه السلام صريح انڪار

ڪيو. عورت ته ورغلائڻ جو پڪو ارادو ڪيو هو، جيڪڏهن يوسف عليه السلام جي آڏو الله جي نهايت روشن درخشنده ۽ تابنده اخلاقي اقدار ۽ اعليٰ ڪردار جي روشني نه هجي ها يا ٻيو ماڻهو هجي ها ته هن دلفريب دعوت لاءِ تيار ٿي وجي ها. الله جي طرفان عطا ٿيل انهيءَ خلق ڪريم جي ڪري هو انهيءَ برائي ۽ بي حيائي کان بچي ويو. هو اسان جي مخلص ٻانهن مان هيو.(24)

مصر ۾ جنهن شخص قافلي وارن کان حضرت يوسف عليه السلام کي خريد ڪيو هو، سو ان وقت ئي سمجهي ويو هو ته هي روشن چهرو غلام جو ٿي نٿو سگهي. هي ڪنهن عمدي خاندان جو فرد آهي ۽ قافلي وارن کي چيائين ته هي غلام قبيلي جو جوان نه آهي، اوهان هن کي ڪٽان ۽ ڪيئن هٿ ڪيو آهي. قافلي وارن جي جواب کان نامطمئن ٿي يوسف عليه السلام کي خريد ڪري گهر وٺي آيو. ان وقت هن شخص جو عهدو عزيز مصر طور رهيو. هن پنهنجي زال کي چيو ته هن ٻار جو خيال رکجانءِ، هي وڏي فائدي وارو شخص ڏسجي ٿو. هن جي پالنا ۾ پورو خيال رکجانءِ، ٿي سگهي ٿو ته اسان هن کي پنهنجو پٽ (متبنيٰ) بنايون، شايد عزيز مصر ان وقت بي اولاد هيو. اهڙي طرح اسان يوسف عليه السلام کي اول جواني ۾ ئي هڪ بدوي ۽ صحرائي زندگي کان تهذيب و تمدن جي مرڪز پهچائي ڇڏيو ته جيئن هن جون خداداد صلاحيتون نکري اچن. اهڙي طرح اسان يوسف عليه السلام جا مصر جي سرزمين تي پير مضبوط ڪيا ۽ سندس سکيا ۽ تعليم لاءِ مناسب ماحول مهيا ڪيو ته جيئن هن ۾ معاملہ فهمي ۽ واقعات جي صحيح جاڻ اچي وجي ۽ هن کي اسان رازن جي تهہ تائين پهچڻ جي صلاحيت ڏني. الله پنهنجن منصوبن ۽ حڪمن کي تڪميل تي پهچائڻ لاءِ پوري طرح غالب آهي ۽ قوت رکي ٿو، پر اڪثر انسان خدا جي انهن مخفي رازن کان بي خبر آهن. (يوسف: 6·101/12)

وقت گذرندو ويو ۽ يوسف عليه السلام جوانيءَ طرف وڌي رهيو هو. سندس حسنِ جمال ۽ خوبصورتي ڪمال، روز بروز وڌندي رهي ۽ سندس سيرت ۽ اخلاق جو بنياد ۽ مضبوط ڪان مضبوط تر ٿيندو ويو ۽ جڏهن قوهہ جوانيءَ تي پهتو ته اسان هن کي

"حڪم" ۽ علم جي دولت سان سرفراز ڪيو. هت "حڪم" مان مراد اقتدار، فيصلي جي قوت ۽ معاملا فهمي جي صلاحيت عطا ڪرڻ آهي، نبوت به آهي. "علم" مان مراد "علمِ وحي" به آهي. يعني اهو آسماني علم، جو انسان جي رهنمائيءَ لاءِ نازل ٿيندو آهي، جنهن جو بظاهر ڪو معلم يا استاد نه هوندو آهي.

بے حساب و بے کتاب و بے ادیب
عاشقان را حق کند درسِ نصیب

بنا ڪنهن حساب ڪتاب، ادیب استاد جي عاشقن کي الله آسماني علم (علم لدني) سان نوازيندو آهي.

الله جي اها نوازش ۽ عنايت نيڪو ڪارن جي نصيب ۾ هوندي آهي. جنهن گهر ۾ يوسف عليه السلام عزت و احترام، پيار ۽ محبت سان پرورش وني رهيو هو تہ ان گهر جي عورت يعني عزيز مصر جي گهر واري دروازا بند ڪري، هن کي ورغلائڻ واري دعوت گناهہ ڏني ۽ چوڻ لڳي تہ ڪو به خوف خطرو نہ ڪر. دروازا بند آهن، ڪو ڏسڻ وارو نہ آهي، بس جلدي ڪري هليو اچ. حضرت يوسف عليه السلام گهر جي اهڙي طاقتور عورت طرفان گناهہ جي آڇ ٻڌي حيران ٿي ويو ۽ عورت (زليخا) کي چيائين تہ الله جي پناهہ! اهو گندو ڪم مون کان نہ ٿيندو. جنهن الله مون کي پنهنجن نوازش سان نوازي، هن مقام تي پهچايو آهي، ان جي احسان فراموشي ڪرڻ کان ڏڃان ٿو. يقيناً احسان فراموش فلاح نہ پائيندا آهن. ڪن تفسيرن ۾ هتي "اِنَّهٗ رَبِّیْۤ اَحْسَنَ مَثْوَایَ" مان مراد عزيز مصر ورتو آهي، جنهن جي احسان سان آيا، ان جي گهر ۾ پلجي رهيو هيو. (ضياءُ القرآن) پر مولانا مودودي رحمه الله تفهيم القرآن ۾ لکيو آهي تہ هت "رَبِّیْ" مان مراد "الله تعالىٰ" آهي جهڙيءَ طرح اڳتي آيت 41-42 ۽ 50 ۾ يوسف "رب" مان مراد "الله" وني ٿو. "رَبّ" جو لفظ گهر جي مالڪ لاءِ به استعمال ٿيندو آهي. جيڪڏهن زليخا عزيز مصر جي زال آهي ۽ اهڙي طرح بي حيائي ۽ فحاشي جي دعوت ڏئي ٿي، تہ ٻئي طرف حضرت يوسف عليه السلام هڪ نبي آهي. ان سان شادي ڪيئن ڪندو. جڏهن الله جو قانون "اَلْخَبِیْثٰتُ لِلْخَبِیْثِیْنَ وَالْخَبِیْثُوْنَ لِلْخَبِیْثٰتِ وَالطَّیِّبٰتُ لِلطَّیِّبِیْنَ وَالطَّیِّبُوْنَ لِلطَّیِّبٰتِ" (النور: 26/24) جو واضح موجود آهي. عزيز مصر جي

زال پنهنجو پڪو پختو ارادو ڪيو تہ اڄ يوسف عليه السلام سان داد عيش ڪرڻو آهي، جنهن لاءِ هوءَ هار سينگار ڪري، گهر جا دروازا بند ڪرايا ۽ يوسف عليه السلام کي ورغلائڻ لاءِ دعوت گناهہ ڏني ۽ هن جي خيال ۾ تہ دروازا بند آهن ۽ ڪو ڏسڻ وارو بہ ناهي يوسف عليه السلام ضرور مطالبو ميجي ونندو. پر يوسف عليه السلام الله جي چٽن دليلن ۽ واضح حڪمن جي روشنيءَ ۾ ڪيس چيو معاذ الله! آءٌ هن بي حيائي ۽ بي شرمي جي بري ڪم کان الله جي پناهہ گهران ٿو، جنهن الله مون کي هيترو ڏنو آهي ۽ مان ان جي احسانن جو بدلو اهڙي ڪڌي ڪردار سان ڏيان، ناممڪن، جيڪڏهن يوسف عليه السلام جي دل ۾ خدا جو اهو خوف نہ هجي ها ۽ هو نبي نہ پر عام انسان هجي ها تہ شايد جيئن عورت ارادو ڪيو هو تہ هي بہ ارادو ڪري ها. پر نبي جيڪي تلميذالرحمان آهن، انهن کي وحي الاهي جي ڀرپور رهنمائي ۽ حمايت حاصل هوندي آهي. ان ڪري هن جو هن بي حيائي ۽ بي شرمي طرف ڏيان نہ ويو ۽ خدا کيس ان کان ڇيري بچائي ورتو، چو تہ هو اسان جي مخلص ۽ نيڪ ڪردار انسانن مان هيو.

هتان بہ ڀگالهيون ثابت ٿيون: هڪ تہ يوسف عليه السلام جو گناهہ کان بچي وڃڻ الله جي توفيق، اعانت ۽ هدايت سان ٿيو، چو تہ الله پنهنجي منتخب نمائندي کي بي حيائي ۽ بي شرميءَ جهڙي ڪبيره گناهہ کان بچائي رکندو آهي. ٻيو تہ الله پنهنجي حڪمت ۽ مصلحت سان ڪيس هڪ نهايت ڪڙي امتحان مان گذاري، سعادت ۽ نيڪ بختي جي حد ڪمال تي پهچائڻ لاءِ پوري پرهيزگاري ۽ تقويٰ سان پاڻ بچائي ورتو، تہ جيئن هو منتخب نمائندي جو مستحق قرار پائي. جڏهن زليخا چيو تہ دروازا بند آهن، ڪو ڏسڻ وارو ڪونهي تہ يوسف ڏنو تہ هي ماڻهن کان ايترو ڊڄي ٿي، جو دروازا بند ڪيا اٿس، پر جنهن بت جي پوڄا ڪندي هئي، ان کي ڏيکيو اٿس تہ جيئن هو نہ ڏسي تہ پوءِ منهنجو الله تہ هر وقت ڏسي رهيو آهي، آءٌ ان کان ڇو نہ ڊڄان؟ هن بعد اچڻ واري جملي "لِنَصْرِفَ عَنْهُ السُّوْٓءَ وَ الْفَحْشَآءَ اِنَّهٗ مِنْ عِبَادِنَا الْمُخْلَصِيْنَ" مان ظاهر آهي تہ سندس دل ۾ خوفِ خدا آيو. هاڻي جملي جو مطلب ٿيو "لَوْ لَا اَنْ رَّاٰ بُرْهَانَ رَبِّهٖ وَهُوَ هَمَّ بِهَا" يعني الله جي اهڙي آيت، نشاني ڏنائين، جنهن جي ڪري گناهہ جي ارادي کان بچي ويو. دراصل نبيءَ جي ضمير ۾ اهڙي قوت وديعت هوندي آهي، جو بشريت جون تمام قوتون رکڻ جي باوجود غلط ڪمن ڪرڻ کان باز رهندو آهي. نبيءَ کان گناهہ جي قوت سلب نہ ڪئي ويندي

آهي، پر سندس ضمير ۽ اهڙي قوت فيصل هوندي آهي، جيڪا هن کي براين کان روڪيندي آهي يا ائين سمجهو تہ نبيءَ کي اهڙي ڪڙي امتحان مان گذاري، طهارت ۽ پاڪيزگيءَ جو پيڪر ڪرڻو هوندو آهي.

وَاسْتَبَقَا الْبَابَ وَقَدَّتْ قَمِيْصَهٗ مِنْ دُبُرٍ وَّاَلْفَيَا سَيِّدَهَا لَدَا الْبَابِ ؕ قَالَتْ مَا جَزَآءُ مَنْ اَرَادَ بِاَهْلِكَ سُوْٓءًا اِلَّآ اَنْ يُّسْجَنَ اَوْ عَذَابٌ اَلِيْمٌ ﴿۲۵﴾ قَالَ هِيَ رَاوَدَتْنِيْ عَنْ نَّفْسِيْ وَشَهِدَ شَاهِدٌ مِّنْ اَهْلِهَا ۚ اِنْ كَانَ قَمِيْصُهٗ قُدَّ مِنْ قُبُلٍ فَصَدَقَتْ وَهُوَ مِنَ الْكٰذِبِيْنَ ﴿۲۶﴾ وَاِنْ كَانَ قَمِيْصُهٗ قُدَّ مِنْ دُبُرٍ فَكَذَبَتْ وَهُوَ مِنَ الصّٰدِقِيْنَ ﴿۲۷﴾ فَلَمَّا رَاٰ قَمِيْصَهٗ قُدَّ مِنْ دُبُرٍ قَالَ اِنَّهٗ مِنْ كَيْدِكُنَّ ؕ اِنَّ كَيْدَكُنَّ عَظِيْمٌ ﴿۲۸﴾ يُوْسُفُ اَعْرِضْ عَنْ هٰذَا ۫ وَاسْتَغْفِرِيْ لِذَنْۢبِكِ ۖ اِنَّكِ كُنْتِ مِنَ الْخٰطِـِٕيْنَ ﴿۲۹﴾ ع ۳ ۱۳

۽ هو ٻئي هڪ ٻئي پٺيان دروازي طرف دوڙيا ۽ عورت، سندس قميص پٺيان ڦاڙي وڌي ۽ دروازي وٽ ٻنهي عورت جي شوهر کي ڏٺو ۽ هو عورت فورًا چوڻ لڳي تہ اهڙي شخص جي ڪهڙي سزا هئڻ گهرجي جنهن تنهنجي زال سان برائيءَ جو ارادو ڪيو هجي يا تہ کيس جيل حوالي ڪجي يا ڪو ٻيو دردناڪ عذاب ڏجي. (25) يوسف عليه السلام چيو (ائين ناهي) هن (عورت) پاڻ مون کي بري ڪم تي ورغلائڻ جي ڪوشش ڪئي هئي، عورت جي گهر وارن مان ڪنهن شاهدي ڏني تہ جيڪڏهن يوسف عليه السلام جي قميص آڏو ڦاٽل آهي تہ پوءِ هي عورت سچي آهي ۽ هو ڪوڙن مان آهي. (26) ۽ جيڪڏهن قميص پٺيان

قاتل آهي تہ پوءِ هيءَ عورت ڪوڙي آهي ۽ هو سچو آهي.(27) پوءِ جڏهن عزيز مصر پاڻ ڏٺو تہ قميص پٺيءَ کان قاتل آهي تہ ان تي (عورت کي مخاطب ٿي) چيائين تہ بيشڪ هي اوهان عورتن جو فريب آهي. يقيناً توهان عورتن جو فريب نهايت خطرناڪ هوندو آهي.(28) وري يوسف عليه السلام کي چيو تہ تون هن ڳالهہ کي درگذر ڪر ۽ زليخا! تون پنهنجي گناهہ جي معافي طلب ڪر، بيشڪ تون ئي ڏوهاري آهين.(29)

جڏهن حضرت يوسف عليه السلام عورت کي پنهنجي مطلب پوري ڪرڻ لاءِ حد کان زياده آماده ڏٺو تہ پنهنجي جان بچائڻ لاءِ ٻاهر نڪرڻ لاءِ دروازي طرف ڊوڙيو تہ عورت بہ هن کي هر حالت ۾ پڪڙڻ لاءِ سندس پٺيان ڊوڙڻ لڳي ۽ هن جي قميص کي پٺيان پڪڙي جهلڻ جي ڪئي تہ ڪٽجي ڪٽا ۾ قميص پويان ڦاٽي پئي. دروازو ڪليو تہ دروازي آڏو عورت جو شوهر عزيز مصر ٻيٺو هو. عورت جو خيال هو تہ سندس مڙس موجود ناهي، سو هن اوچتي حادثي تي پاڻ کي پاڪيزه ۽ پاڪدامن ڏيکارڻ لاءِ پنهنجي شوهر کي ڏسندي ئي فوراً کيس غيرت ڏيارڻ جي جملي ۾ چيو تہ هن چوڪري منهنجي غيرت کي للڪاريو آهي. هن مون سان دست درازيءَ جي ڪوشش ڪئي آهي ۽ مان وڏي ڪشمڪش سان پاڻ کي بچائي ورتو آهي. سو هاڻي هن جي ڪهڙي سزا هئڻ گهرجي، منهنجي خيال ۾ تہ هن کي جيل موڪليو وڃي يا ڪو ٻيو دردناڪ عذاب ڏنو وڃي. هن عزيز مصر جي گهر تي بدنظر وجهي ناقابل تلافي نقصان ڪيو آهي ۽ ڪنهن بہ رحم، نرمي ۽ رعايت جو مستحق ناهي. حضرت يوسف عليه السلام چيو تہ هن جي ڳالهہ درست ناهي، هن پاڻ مون کي ورغلائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. آءٌ بلڪل بي قصور آهيان. هي جيڪا تهمت هڻي رهي آهي، آءٌ ان جو تصور بہ ڪري نٿو سگهان. آءٌ هن گهر ۾ متبنیٰ ٿي پليو آهيان، مون کان اهڙو برو ڪم ٿي نٿو سگهي. ٻنهي ڏرين جي پاڪدامن هجڻ ۽ هڪٻئي کي ڏوهاري سڏڻ سبب معاملو نازڪ صورتحال اختيار ڪري ويو. هڪ طرف عزيز مصر جي زال جي حرمت جو سوال هيو تہ ٻئي طرف هڪ پاڪ سيرت ۽ بلند ڪردار جي

نوجوان جو معاملو هيو، جيڪو پنهنجي دفاع ۾ ڪهاڙي جو ٻيو رخ پيش ڪري رهيو هو. انهيءَ دوران عورت جي خاندان مان هڪ معتبر ۽ صاحب بصيرت شخص آيو ۽ هن سارو معاملو ٻڌي چيو ته جيڪڏهن قميص آڏو سيني جي طرف کان ڦاٽل آهي ته پوءِ عورت سچي آهي ۽ هو سچو ناهي، بلڪ ڪوڙو آهي. پر جيڪڏهن قميص پٺيان پنيءَ واري پاسي کان ڦاٽل آهي ته پوءِ هيءَ عورت ڪوڙي آهي ۽ يوسف عليه السلام سچو آهي. هي گواهي عقل سليم ۽ تسليم ڪري ٿو، چو ته يوسف عليه السلام جان بچائڻ لاءِ ڀڳو ته عورت کيس پٺيان قميص کان پڪڙي جهلڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ قميص ڦاٽي پئي، جيڪا حضرت يوسف جي ڪردار ۽ اخلاق لاءِ ڍال ثابت ٿي. ڪن جو چوڻ آهي ته اها شاهدي هڪ ڪير پياڪ معصوم ننڍڙي ٻار ڏني هئي، جنهن کي گويائيءَ جي قوت ڏئي شهادت ثبوت سان پيش ڪرائي ۽ هي اهڙي پکي گواهي هئي، جا اکين ڏني شاهد جي شاهدي کان ۽ وڌيڪ مضبوط گواهي هئي. اکين ڏنو شاهد ته هيري ڦيري ڪري سگهي ٿو، پر هي واقعاتي شهادت ته نه ڦري سگهي ٿي نه ڪوڙي ٿي سگهي ٿي.

هن فيصلي اڇڻ کانپوءِ عزيز مصر ۽ ٻيا سڀ ماڻهو مطمئن ٿي ويا ۽ کين يقين آيو ته فيصلو درست ٿيو آهي ۽ جيڪو ڏوهي آهي، اهو ڏوهي ثابت ٿيو آهي ۽ جيڪو بي ڏوهي آهي، اهو عزت سان محفوظ ٿيو آهي. عزيز مصر ۽ يوسف عليه السلام کي مخاطب ٿيندي چيو ته اوهان ۽ هن معاملي کي هتي ئي درگذر ڪيو. وڌيڪ ڪنهن کي ۽ نه ٻڌايو ۽ ساڻئي وقت هن پنهنجي زال کي ۽ چيو ته تون پنهنجي گناهه جي معافي گهر، چو ته ڏوهه تو ڪيو آهي ۽ ڏوهاري تون آهين. توهان عورتن جو مڪر ۽ فريب نهايت خطرناڪ آهي. اهڙي طرح حضرت يوسف عليه السلام نه رڳو فحاشي ۽ بي حيائيءَ جهڙي ڪبيره گناهه کان پاڪ صاف ٿي نڪتو، پر عورت جي هڪ وڏي بهتان ۽ فريب جو ۽ پاندو ڦاٽي پيو. قرآن مجيد حضرت يوسف عليه السلام بابت بائيبل جي بيان جي نفي ڪئي آهي، جنهن ۾ حضرت يوسف عليه السلام کي قصور وارو ٻڌايو ويو آهي، پر قرآن حضرت يوسف عليه السلام کي متقي، ديانتدار ۽ ايماندار شخص سڏيو آهي، جنهن اهڙي نهايت سخت امتحان ۾ پنهنجو دامن بچايو آهي.

وَ قَالَ نِسْوَةٌ فِي الْمَدِيْنَةِ امْرَاَتُ الْعَزِيْزِ تُرَاوِدُ فَتٰىهَا عَنْ نَّفْسِهٖ ۚ قَدْ
شَغَفَهَا حُبًّا ؕ اِنَّا لَنَرٰىهَا فِيْ ضَلٰلٍ مُّبِيْنٍ ﴿٣٠﴾ فَلَمَّا سَمِعَتْ بِمَكْرِهِنَّ
اَرْسَلَتْ اِلَيْهِنَّ وَ اَعْتَدَتْ لَهُنَّ مُتَّكَاً وَّ اٰتَتْ كُلَّ وَاحِدَةٍ مِّنْهُنَّ سِكِّيْنًا
وَّ قَالَتِ اخْرُجْ عَلَيْهِنَّ ۚ فَلَمَّا رَاَيْنَهٗۤ اَكْبَرْنَهٗ وَ قَطَّعْنَ اَيْدِيَهُنَّ وَ قُلْنَ
حَاشَ لِلّٰهِ مَا هٰذَا بَشَرًا ؕ اِنْ هٰذَاۤ اِلَّا مَلَكٌ كَرِيْمٌ ﴿٣١﴾ قَالَتْ فَذٰلِكُنَّ الَّذِيْ
لُمْتُنَّنِيْ فِيْهِ ؕ وَ لَقَدْ رَاوَدْتُّهٗ عَنْ نَّفْسِهٖ فَاسْتَعْصَمَ ؕ وَ لَئِنْ لَّمْ يَفْعَلْ مَاۤ
اٰمُرُهٗ لَيُسْجَنَنَّ وَ لَيَكُوْنًا مِّنَ الصّٰغِرِيْنَ ﴿٣٢﴾ قَالَ رَبِّ السِّجْنُ اَحَبُّ اِلَيَّ مِمَّا
يَدْعُوْنَنِيْۤ اِلَيْهِ ۚ وَ اِلَّا تَصْرِفْ عَنِّيْ كَيْدَهُنَّ اَصْبُ اِلَيْهِنَّ وَ اَكُنْ مِّنَ
الْجٰهِلِيْنَ ﴿٣٣﴾ فَاسْتَجَابَ لَهٗ رَبُّهٗ فَصَرَفَ عَنْهُ كَيْدَهُنَّ ؕ اِنَّهٗ هُوَ السَّمِيْعُ
الْعَلِيْمُ ﴿٣٤﴾ ثُمَّ بَدَا لَهُمْ مِّنْۢ بَعْدِ مَا رَاَوُا الْاٰيٰتِ لَيَسْجُنُنَّهٗ حَتّٰى حِيْنٍ ﴿٣٥﴾ ع ١٤

شهر ۾ عورتن چيو عزيز مصر جي زال پنهنجي غلام کي ورغلائي رهي آهي ۽ هو هن جي محبت ۾ گرفتار ٿي چڪي آهي. اسان ڏسون ٿيون سچ پچ اها پٽڪي وئي آهي.(30) پوءِ جڏهن هن عورت (زليخا) هنن عورتن جي مکر فريب واري تدبير ٻڌي تہ هن انهن سمورن عورتن کي دعوت تي سڏايو ۽ گاڏ تکيہ واري مجلس جو اهتمام کيو ۽ هر هڪ عورت کي ڇري پکڙائي ۽ يوسف عليه السلام کي چيو تہ هاڻي تون هنن جي سامهون نمودار ٿيءُ، پوءِ يوسف عليه السلام سامهون آيو تہ هنن عورتن مان هر هڪ کيس متوجه ڪرڻ لاءِ جو ڪجهہ ڪرٽو هيو، اهي ڪري گذريون، پر يوسف عليه السلام پنهنجي سيرت جي پختگيءَ

جو مظاهرو ڪندي ڪنهن هڪ ڏانهن ۾ پسند جي نظر سان نہ ڏٺو ۽ چوڻ لڳيون تہ واقعي ڪو عزت وارو فرشتو آهي ۽ پنهنجي ناڪامي کي لڪائڻ لاءِ هنن هڪٻئي تدبير تي عمل ڪرڻ شروع ڪيو تہ جيئن پاڻ کي پاڪدامن ۽ يوسف عليه السلام کي مجرم قرار ڏئي سگهن. هنن پنهنجا هٿ زخمي ڪيا. ۽ تهمت يوسف عليه السلام تي هنئي. (31) عزيز جي زال ۾ هنن عورتن کي چيو تہ اوهان ۾ سمورا داءُ هلايا آهن پر ڪجهہ ۾ حاصل نہ ٿيو ۽ مون کي طعنا ڏيندیون هيون تہ مان هڪ غلام کي ۾ راضي ڪري نہ سگهي آهيان. هاڻي مان جيل موڪلينداس. رڳو منهنجو الزام آهي، پر هينئر توهان تي ۾ هن دست درازي ڪئي آهي ۽ توهان جا هٿ ۾ زخمي ڪيا اٿس، هي وڏو ثبوت آهي. يوسف عليه السلام کي مجرم قرار ڏيڻ ۽ جيل موڪلڻ لاءِ هنن عورتن پاران لڳايل تهمت ۽ هٿ زخمي ٿيڻ کي يوسف عليه السلام جي خلاف هڪ سٽيل سازش تحت تهمت ڏيڻ ۽ ذليل ڪرڻ جي وڏي تدبير هئي.(32) جڏهن يوسف عليه السلام ڏٺو تہ عزيز مصر جي زال سميت سڀ عورتون يڪمشت ٿي منهنجي خلاف بهتان مڙهي رهيون آهن تہ ان وقت حضرت يوسف عليه السلام دعا گهري تہ اي منهنجا رب! مون کي جنهن طرف هي عورتون آڻڻ گهرن ٿيون، ان کان جيل منهنجي لاءِ بهتر آهي، جيڪڏهن منهنجا پروردگار تون مون کي هنن عورتن کان يا انهن جي سازشي چالن کان پري نہ ڪيو تہ مان خدانخواستہ هنن جي چال جو شڪار ٿي وڃان ۽ انهن ڏانهن مائل ٿي جاهل ٿي وڃان. (33) الله سندس دعا قبول ڪرڻ فرمائي ۽ انهن عورتن جون چالون هن کان ڦيري ڇڏيون. يقيناً اهو ئي آهي ٻڌڻ ۽ ڄاڻڻ وارو.(34) پوءِ حالت کي ڏسندي اهو فيصلو ٿيو تہ ڪجهہ وقت حضرت يوسف کي جيل موڪلي منظرعام تان پري رکيو وڃي.(35)

جڏهن عزيز مصر جي زال جو اهو واقعو شهر ۾ پکڙجڻ لڳو تہ ڪجهہ امراءَ ۽

اهل ثروت جي عورتن ۾ اهو بحث ٿيڻ لڳو تہ عزيز مصر جي زال کي سندس غلام جي محبت پاڳل ڪري ڇڏيو آهي. هن چريءَ جيڪو طريقو اختيار ڪيو تہ پنهنجي غلام کي پنهنجي دام ۾ آڻي اهو طريقو ئي غلط هيو، جنهن جو نتيجو اهو نڪتو جو پاڻ مجرم ثابت ٿي ۽ غلام بي قصور نڪتو. هن کي اهڙي چال هلڻ گهرجي ها جو يا تہ هو ڪامياب ٿي وڃي ها يا ڪم از ڪم پاڻ بي قصور ۽ غلام ڏوهي ثابت ٿئي ها. اسان هجون تہ مطلب پوري ڪري وٺون ها. جڏهن عزيز جي زال هنن عورتن جون مختلف چالون ٻڌيون ۽ چيائين تہ چو نہ هنن جي تدبيرن کي بہ آزمائي ڏسجي. ان ڪري هن رازدارانہ طريقہ سان هنن عورتن کي دعوت ڏئي ڪاڏي تي گهرايو. انهن کي گاؤ تڪين تي ويهاريو ويو ۽ کين ڪائڻ جي بهاني سان چريون بہ سندن هٿن ۾ ڏنيون. پوءِ يوسف عليہ السلام کي انهن عورتن جي هڪ هڪ جي اڳيان اچڻ جو چيو ويو. هنن فنڪار ۽ تجربيڪار عورتن بہ پنهنجا ناز نخرا، داو ۽ پيچ سپ لڳايا ۽ اهي سپ چالون آزمايون، جيڪي هو ستي آيون هيون. هنن جون سپ تدبيرون ناڪام ويون. هنن تسليم ڪيو تہ يوسف عليہ السلام سيرت ۽ ڪردار جو پيڪر آهي. هو انساني شڪل ۾ عزت دار فرشتو آهي. هن آزمائش ۾ ناڪام وڃڻ بعد هنن منصوبي تحت پنهنجا هٿ چرين سان زخمي ڪري يوسف عليہ السلام کي حملي آور مجرم ۽ پاڻ کي دفاع ۾ زخم زده ڏيکاري معصوم هجڻ جو ڊرامو رچايو. (يوسف: 50/12) عزيز جي زال پنهنجن رازدار سهيلين کي چيو تہ اوهان بہ پنهنجون سپ تدبيرون استعمال ڪيون تہ حضرت يوسف عليہ السلام کي پنهنجي دام ۾ آڻي مقصد پورو ڪريو، هي اهو غلام آهي، جنهن جي باري ۾ اوهان مون کي طعنا ڏنا هئا تہ مان هڪ غلام کي بہ رام ڪري نہ سگهي آهيان. مون تہ پنهنجا پورا حربا هلايا، مگر هن تي ڪو اثر ڪو نہ ٿيو. هاڻي مون فيصلو ڪيو آهي تہ جيڪڏهن اجان بہ منهنجي ڳالهہ نٿو مڃي ۽ پنهنجي ضد تي قائم رهي ٿو تہ پوءِ ڪيس جيل ۾ موڪلي ذليل ۽ خوار ڪندس. هاڻي تہ هن جو مون تي حملي جو ثبوت بہ ملي ويو تہ هن اوهان تي بہ بدنيتيءَ جو ارادو ڪيو، مگر اوهان مزاحمت ڪري پاڻ بچايو ۽ پنهنجا هٿ زخمي ڪري ڇڏيا.

عزيز مصر جي زال مصر جي رئيس خاندان ۽ وڏن عهدن تي مقرر آفيسرن جي زالن کي بہ پاڻ سان ملائي ڇڏيو هو ۽ سيني گڏجي يوسف عليہ السلام جي خلاف بهتان ۽ الزام کي وڏي تشهير ڏني ۽ هر حال ۾ هو پنهنجي مقصد برائي لاءِ ڪوشش ۾ مصروف آهن

تہ يوسف عليه السلام پنهنجي پروردگار کي پکاريندي چيو تہ اي منهنجا رب! هي عورتون جنهن طرف مون کي دعوت گناهہ ڏئي رهيون آهن، ان کان مون لاءِ بهتر جيل آهي. جيڪڏهن پنهنجي مدد سان تو مون کي هنن عورتن جي تدبير کان محفوظ نہ رکيو تہ پوءِ مان نادان ۽ ناسمجهہ ٿي ويندس. ان کري مون کي جيل موکلڻ لاءِ غيبي مدد گهرجي. هڪ طرف بااثر طاقتور رئيس ۽ امير ماڻهن جون زالون زليخا جي مدد ۾ اچي ويون آهن، پر اهي سڀ گڏجي مون کي گمراهہ کرڻ ۾ مصروف عمل آهن. هڪ ويهہ سالن کن جو حسين ترين نوجوان، جيڪو صحرائي زندگيءَ جي ڪشالن کان نکري زندگي جي خوشگوار لمحن ۾ پلجي رهيو هو، ان لاءِ پنهنجي محسن جي گهر ۾ هڪ سازش تيار ٿي وئي تہ پوءِ اهو جيل کان ٻي ڪهڙي جڳهہ هوندي، جتي امن سان رهي سگهندو.

ڪاڪ نہ جهليا ڪاپڙي نڪي موهيا مال
جي چورين ڏنا چال تہ بہ لاهوتي لنگهي ويا.

الله حضرت يوسف عليه السلام جي التجائن کي قبول کرڻ فرمايو ۽ کيس هنن عورتن جي مکر ۽ فريب کان آزاد ڪيو. الله پنهنجي اهڙن نيڪ ٻانهن جي هميشہ مدد ڪندو آهي. يوسف عليه السلام کي تہ هڪ عظيم مقصد لاءِ مشيت ايزدي طرفان آزمائش مان گذاري، نکاري نبوت جي اعليٰ مقام طرف آڻڻو هو، سو سندس دعا قبول ٿي ۽ هو عورتن جي الزامن ۽ تهمتن کان آزاد ٿي (jail custody) جيل جي حوالات ۾ هليو ويو. جهڙي طرح اسان جي ملڪ ۾ پوليس جي تفتيش دوران ملزم Police custody پوليس حوالات بدران Judicial custody کي ترجيح ڏيندا تہ جيئن پوليس جي زيادتين کان بچي اچن. اهڙيءَ طرح حضرت يوسف عليه السلام بہ روز روز جي تهمتن، الزامن، طعنن ۽ حاڪمن آڏو صفائي پيش کرڻ کان بچڻ لاءِ جيل وڃڻ کي ترجيح ڏني، جيڪا الله عزو جل قبول کري ورتي، هو وڏو ٻڌڻ ۽ ڄاڻڻ وارو آهي. آخرڪار حڪمران طبقي بهتر سمجهيو تہ يوسف عليه السلام کي جيل موکلي، ملڪي ماحول ۾ ڪجهہ مانار آڻجي ۽ روز روز امراء، رؤساء جي زالن بابت بحث ٻي جا کين معاشري ۾ خوار بہ ڪيو هيو تہ سندن وقار تي حرف بہ آيا هئا. هنن هڪ طرف يوسف عليه السلام جي پاڪ دامني جا چٽا اسباب ڏنا، ٻئي طرف وري عورتن جي مجموعي مکر جي شدت سبب فيصلو کري يوسف عليه السلام کي ڪجهہ عرصي لاءِ جيل موکلي ڇڏيو.

وَ دَخَلَ مَعَهُ السِّجْنَ فَتَيٰنِ ؕ قَالَ اَحَدُهُمَآ اِنِّيْٓ اَرٰىنِيْٓ اَعْصِرُ خَمْرًا ۚ وَ
قَالَ الْاٰخَرُ اِنِّيْٓ اَرٰىنِيْٓ اَحْمِلُ فَوْقَ رَاْسِيْ خُبْزًا تَاْكُلُ الطَّيْرُ مِنْهُ ؕ نَبِّئْنَا
بِتَاْوِيْلِهٖ ۚ اِنَّا نَرٰىكَ مِنَ الْمُحْسِنِيْنَ ﴿۳۶﴾ قَالَ لَا يَاْتِيْكُمَا طَعَامٌ تُرْزَقٰنِهٖٓ اِلَّا
نَبَّاْتُكُمَا بِتَاْوِيْلِهٖ قَبْلَ اَنْ يَّاْتِيَكُمَا ؕ ذٰلِكُمَا مِمَّا عَلَّمَنِيْ رَبِّيْ ؕ اِنِّيْ تَرَكْتُ
مِلَّةَ قَوْمٍ لَّا يُؤْمِنُوْنَ بِاللّٰهِ وَ هُمْ بِالْاٰخِرَةِ هُمْ كٰفِرُوْنَ ﴿۳۷﴾ وَ اتَّبَعْتُ مِلَّةَ
اٰبَآءِيْٓ اِبْرٰهِيْمَ وَ اِسْحٰقَ وَ يَعْقُوْبَ ؕ مَا كَانَ لَنَآ اَنْ نُّشْرِكَ بِاللّٰهِ مِنْ
شَيْءٍ ؕ ذٰلِكَ مِنْ فَضْلِ اللّٰهِ عَلَيْنَا وَ عَلَى النَّاسِ وَ لٰكِنَّ اَكْثَرَ النَّاسِ لَا
يَشْكُرُوْنَ ﴿۳۸﴾ يٰصَاحِبَيِ السِّجْنِ ءَاَرْبَابٌ مُّتَفَرِّقُوْنَ خَيْرٌ اَمِ اللّٰهُ الْوَاحِدُ
الْقَهَّارُ ؕ﴿۳۹﴾ مَا تَعْبُدُوْنَ مِنْ دُوْنِهٖٓ اِلَّآ اَسْمَآءً سَمَّيْتُمُوْهَآ اَنْتُمْ وَ اٰبَآؤُكُمْ
مَّآ اَنْزَلَ اللّٰهُ بِهَا مِنْ سُلْطٰنٍ ؕ اِنِ الْحُكْمُ اِلَّا لِلّٰهِ ؕ اَمَرَ اَلَّا تَعْبُدُوْٓا اِلَّآ
اِيَّاهُ ؕ ذٰلِكَ الدِّيْنُ الْقَيِّمُ وَ لٰكِنَّ اَكْثَرَ النَّاسِ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿۴۰﴾ يٰصَاحِبَيِ
السِّجْنِ اَمَّآ اَحَدُكُمَا فَيَسْقِيْ رَبَّهٗ خَمْرًا ۚ وَ اَمَّا الْاٰخَرُ فَيُصْلَبُ فَتَاْكُلُ الطَّيْرُ
مِنْ رَّاْسِهٖ ؕ قُضِيَ الْاَمْرُ الَّذِيْ فِيْهِ تَسْتَفْتِيٰنِ ؕ﴿۴۱﴾ وَ قَالَ لِلَّذِيْ ظَنَّ اَنَّهٗ
نَاجٍ مِّنْهُمَا اذْكُرْنِيْ عِنْدَ رَبِّكَ ۖ فَاَنْسٰىهُ الشَّيْطٰنُ ذِكْرَ رَبِّهٖ فَلَبِثَ فِي
السِّجْنِ بِضْعَ سِنِيْنَ ﴿۴۲﴾ ع ۵ ۱۵

۽ هن (يوسف عليه السلام) سان گڏ ٻه نوجوان ٻه جيل ۾ داخل ٿيا، انهن مان هڪ چيو ته مان خواب ۾ ڏسان ٿو ته شراب ڪشيد ڪري رهيو آهيان ۽ ٻئي چيو ته مان ڏسان ٿو ته مان پنهنجي مٿي تي ماني کنيو ٿو وڃان ۽ پکي ان مان کائي رهيا آهن، اسان کي هنن خوابن جي تعبير ٻڌايو، اسان توکي نهايت نيڪو ڪار ڏسون ٿا.(36) يوسف عليه السلام فرمايو ته اوهان ماڻهن کي جو کاڌو کائڻ لاءِ ڏنو ويندو ته ان جي اچڻ کان اڳ ۾ هن جي تعبير ٻنهي کي ٻڌائي ڇڏيندس. هي انهيءَ علم مان آهي، جيڪو منهنجي رب مون کي سيکاريو آهي. ڏسو! مون ان قوم جو رستو ترڪ ڪيو آهي، جيڪي الله تي ايمان نٿا رکن ۽ اهي ماڻهو آخرت جا ٻه منڪر آهن. (37) ۽ مان پيروي ڪيان ٿو پنهنجي ابن ابراهيم، اسحاق ۽ يعقوب عليهم السلام جي طريقي جي، ياد رکو! اسان لاءِ هرگز جائز ناهي جو اسان الله سان ڪنهن ٻه شيءِ کي شريڪ ڪريون، هي الله جو اسان تي وڏو فضل آهي ۽ سمورن انسانن تي، پر اڪثر ماڻهو شڪر نٿا ڪن. (38) اي منهنجا ٻئي ساٿي (توهان ٻڌايو) ته مختلف ڪمن لاءِ مختلف رب سٺا آهن يا اڪيلو الله بهتر آهي، جيڪو هنن سمورن تي حاوي ۽ غالب آهي.(39) الله کان سواءِ توهان جن جي ٻه پوڄا ڪريو ٿا، اهي چند ٻلها نالا آهن، جن کي اوهان جي پيءُ ڏاڏن انهيءَ نالي سان موسوم ڪري رکيو آهي. الله انهن لاءِ ڪوئي ثبوت يا ڪا سند نازل نه ڪئي آهي. اختيار مطلق يعني سارو اختيار ته الله جو آهي. ان جو حڪم آهي ته توهان ان کانسواءِ ڪنهن ٻئي جي عبادت نه ڪريو. اهو ئي سڌو دين آهي جو هميشه قائم رهندو پر اڪثر ماڻهو بي سمجهه آهن ۽ سمجهن نٿا. (40) اي منهنجا جيل جا ٻئي ساٿيو! هڪ ته اوهان مان پنهنجي مالڪ کي شراب پيارينڊو ۽ ٻئي کي ڦاسي ڏني ويندي ۽ پکي ان جي منڊي (سر) مان نوچ نوچ ڪري کائي رهيا هوندا. جنهن معاملي بابت اوهان مون کان پڇي

رهيا هئا، ان بابت فيصلو ٿي چڪو آهي. (41) ۽ يوسف عليه السلام ان شخص کي چيو جنهن بابت سندس گمان هيو تہ چوٽڪارو پائيندو تہ پنهنجي آقا سان منهنجو ذکر بہ ڪجانءِ. شيطان ان کي ياد ڏيارڻ کان ويسر ۾ رکيو ۽ ان بابت بادشاهہ سان نہ ڳالهايو، ان ڪري يوسف عليه السلام کي ڪجهہ سال جيل ۾ رهڻو پيو.(42)

جنهن وقت يوسف عليه السلام کي جيل موڪليو ويو تہ اتفاقًا ان وقت بہ بيا قيدي بہ هن سان گڏ جيل ۾ موڪليا ويا هئا. انهن مان هڪ مئي خاني جو سربراهہ هيو تہ ٻيو بورچي خاني جو هيڊ هيو. شراب جي گلاس ۾ مڪ ملڻ ۽ ڪاڏي ۾ ڪجهہ ڪوڙاڻ هجڻ جي ڪري شاهي دعوت ۾ خلل ٿي ويو هيو، ان ڪري کين جيل موڪليو ويو هو. جڏهن هو قيد جي ڪوٺڙين ۾ رهيا تہ يوسف عليه السلام جي انسان همدردي، خيرخواهي ۽ اصلاح وارو رويو ڏسي قيد خاني ۾ کيس وڏي عزت ۽ اڪرام سان ڏٺو ويندو هيو ۽ کين اها خبر بہ پهچي چڪي هئي تہ هن هڪ بيگناهہ پارسا آدميءَ کي هڪ غلط الزام ۽ ڪوڙي تهمت تي جيل موڪليو ويو. جيل جي داروغي تہ يوسف عليه السلام کي قيد جو نگهبان بنائي ڇڏيو. هتان يوسف عليه السلام قيد (جيل) مان ئي تبليغ جو ڪم شروع ڪيو. سندن سيرت ۽ ڪردار کي ڏسي، سمورن قيدين سندس موجودگي کي پاڻ لاءِ خير و برڪت سمجهيو ۽ پنهنجا معاملا هن وٽ پيش ڪري انهن جو حل طلب ڪيو. انهن ۾ن قدين مان هڪ چيو تہ مان خواب ۾ ڏسان ٿو تہ مان شراب ڪشيد ڪري رهيو آهيان ۽ ٻئي قيدي چيو تہ مان خواب ۾ ڏسان ٿو تہ پنهنجي مٿي تي مانيون کنيو ٿو وجان ۽ پکي ان مان کائي رهيا آهن. مهرباني ڪري اسان ٻنهي کي خوابن جي تعبير ٻڌايو اسان توکي نهايت نيڪوڪار ۽ صالح شخص سمجهون ٿا. اسان جي رهنمائي ڪر، اسان هنن خوابن جي ڪري پريشان آهيون. يوسف عليه السلام کين چيو تہ اوهان کي جو هاڻي کاڌو کائڻ لاءِ ڏيندا، ان کان اڳ ۾ ئي هنن ٻنهي خوابن جي تعبير اوهان کي ڏسي ڇڏيندس. هي ان تبليغ جا جملا آهن، جيڪا هن قيدخاني ۾ شروع ڪئي يعني حاجتمندن جي سوال جا جواب ڏيڻ کان اڳ سلسلهءِ تبليغ شروع ڪري ڏني. جيڪا تعبير ٻڌائيندس منهنجو ذاتي خيال نہ آهي. هي ان علم جو حصو آهي، جيڪو منهنجي رب مون کي سيکاريو آهي ۽ ان الله جو هر حڪم ۽ جاڻ

بلڪل سچي ۽ درست آهي. مون انهيءَ الله جو رستو اختيار ڪرڻ ڪري، انهن سيني ماڻهن جي طريقي ۽ دين کي ترڪ ڪيو آهي، جن جو الله تي ايمان نہ آهي ۽ آخرت جو انڪار ڪن ٿا. اوهان حضرت ابراهيم حضرت اسحاق ۽ حضرت يعقوب عليهم السلام جي دين جو تہ ٻڌو هوندو، مان انهن بزرگن (آباء ۽ اجداد) جي دين جو پيروڪار آهيان. مون اهو دين ٻين انهن ماڻهن وانگر قبول نہ ڪيو آهي، جيڪي انڌي تقليد ۾ بنا غورو فڪر ۽ عقل و شعور استعمال ڪرڻ جي، پنهنجن ابن ڏاڏن جي پيروي ڪندا آهن، پلي اها پيروي گمراهي ۽ غفلت جو رستو هجي، مان ان بزرگن جي دين تي آهيان، جن کي الله پنهنجي نبوت سان نوازيو ۽ مان پورو شعوري طور مسلمان ۽ ان دين جو پيروڪار آهيان، جيڪو سچو دين ۽ دين حق آهي. اسان الله سان سندس ذات يا صفات ۾ ڪنهن کي شريڪ نٿا ڪريون. هو اڪيلو آهي ۽ اڪيلو ئي ڪائنات جو نظام هلائي رهيو آهي. اسان جنهن عقيدي تي آهيون، اهو الله جو جو فضل آهي، جيڪو فضل اسان تي ۽ سمورن انسانن تي يڪسان آهي. پر اڪثر ماڻهو الله جي انهيءَ فضل جا شڪرگذار نہ آهن. اي منهنجا قيد جا ساٿيو! توهان خود غور ڪريو تہ گهڻن معبودن، ديوين ديوتائن جي آڏو سر ٽيڪڻ سنو آهي، يا انهيءَ هڪ الله جي اطاعت اختيار ڪجي جو هر شيءِ تي پنهنجو غلبو ۽ دٻدٻو رکي ٿو. "وَ مَا يُؤْمِنُ اَكْثَرُهُمْ بِاللّٰهِ اِلَّا وَ هُمْ مُّشْرِكُوْنَ" (يوسف: 106/12) الله تي ايمان رکڻ وارن جي اڪثريت مشرڪ آهي. "وَ مَاۤ اَكْثَرُ النَّاسِ وَ لَوْ حَرَصْتَ بِمُؤْمِنِيْنَ" (يوسف: 105/12) اي پيغمبر! تنهنجي خواهش باوجود هي ماڻهو ايمان آڻڻ وارا نہ آهن.

وہ ایک سجدہ جسے تو گراں سمجھتا ہے،
ہزار سجدوں سے دیتا ہے آدمی کو نجات

(اقبال رحمۃ اللہ علیہ)

هي سمورا معبود بي بس ۽ محتاج آهن. جڏهن تہ الله جو پوري ڪائنات تي حڪم هلي ٿو. اوهان الله جي مقابلي ۾ جن بتن کي پوڄيو ٿا ۽ گمراهہ مذهبي اڳواڻن جي حڪمن جي پيروي ڪيو ٿا، اهي سڀ توهان جا پنهنجا هٿ جا ٻڌايل بت آهن. انهن جي معبود هجڻ يا سندن حڪم مڃڻ جي ڪا سَنَدَ يا ثبوت موجود ناهي. ڪڏهن توهان پاڻ انهن جي اصليت ۽ حقيقت تي غور ڪيو آهي. بس رڳو چند نالا آهن، جن کي اوهان

۽ اوهان جي ابن ڏاڏن انهن تي ركيا آهن تہ هي برسات جو خدا آهي، هي بيماري كان بچاءَ جو خدا آهي. هي رزق ڏيڻ وارو آهي، هي دشمن كان بچائڻ وارو آهي. پلا كڏهن هنن اوهان جي كا حاجت روائي كئي يا اوهان كي مصيبت كان محفوظ كيو آهي. بس توهان پاڻ كي ڏوكو ڏئي رهيا آهيو تہ هي اسان جا مشكل مشكل كشا ۽ خدا وٺ سفارشي هوندا. هي تہ ايترو لاچار آهن جو پنهجي جسم تان مك بہ ٽاري نٽا سگهن. پر حقيقي الله اوهان جون سڀ خواهشون ضرورتون بہ پوريون ٿو كري ۽ اوهان جون سڀ مصيبتون بہ دور ٿو كري. پوري كائنات ان جي حكمرانيءَ هيٺ هلي رهي آهي. اوهان بہ انهن غلط ۽ بي بس معبودن كي ڇڏي هك الله جي عبادت ۽ اطاعت كريو. اهو ئي حقيقي ۽ سچو دين ۽ نظام حيات آهي. ان تي غور كري قبول كريو، مگر افسوس آهي جو اكثر ماڻهو عقل ۽ فهم كان كم ونڻ بدران پوين جي پيروي ۽ انڌي تقليد تي اكيون ٻوڙي هلي رهيا آهن. اهي بي سمجهه ۽ بي عقل انسان آهن.

وحده لا شريك له اي هيكڙائي حق،
ٻيائي كي ٻك جنهن وڏو سي ورسيا

(سر كلياڻ: شاهه لطيف رحمۃ اللہ علیہ)

توحيد جي هن تبليغ ۽ دعوت كان بعد يوسف عليہ السلام كين چيو تہ هاڻي پنهنجن خوابن جي تعبير بہ ٻڌو. اي منهنجا جيل جا ساٿيو! توهان مان هك جي سزا معاف ٿي ويندي ۽ كيس پراڻي عهدي تي بحال كيو ويندو ۽ هميشہ وانگر پنهجي آقا كي شراب پيارينديو، هت "رب" جو لفظ بادشاهه لاءِ استعمال ٿيو آهي. جهڙيءَ طرح "رب البيت" ۽ "رَبُّ المال" وغيره استعمال ٿيندو آهي. سو هك قيدي كي جيكو هن كان اڳ بہ مئہ خاني جو انچارج آفيسر هو، ان تي لڳل الزام ثابت نہ ٿيو، ان كري كيس ساڳي عهدي تي يعني بادشاهه جي ساقي خاني جو سربراهه هيو ۽ بادشاهه سان سندس ويجهي قرابت هئي. پر ٻيو جيل جو ساٿي الزام ۾ مجرم ثابت ٿي ويندو ۽ ان ڏهه ۾ كيس سوليءَ تي چاڙهيو ويندو ۽ مرڻ بعد سندس سر ۽ لاش كي ڳڄهون ۽ ٻيا پرندا كائيندا. هي جيكو خواب جي تعبير طور اوهان كي ٻڌايو آهي، اهو فيصلو ٿي چكو آهي، جيكو ڦرڻ يا نہ هٽڻ وارو ناهي. يوسف عليہ السلام جنهن كي آزاد ٿيڻ ۽ وري ساقي خاني جي منتظم ٿيڻ جي

خوشخبري ڏني هئي، ان کي چيو تہ تون جڏهن بادشاهہ جي قريب هجين تہ بادشاهہ وٽ منهنجو تذکرو ضرور ڪجانءِ ۽ منهنجي جيل جي روئداد، خواب جو احوال ۽ منهنجي بي گناهيءَ جو بيان پيش ڪجانءِ. مگر هن کان ٻاهر اچڻ بعد اها ڳالهہ ئي وسري وئي. گويا شيطان هن کان يادگيري وسارائي ڇڏي. اهڙيءَ طرح الله جي حڪمت ۽ مصلحت هيٺ يوسف عليه السلام اجان ڪجهہ سال وڌيڪ جيل ۾ گذاريا. "بِضْع" ٽن کان نو سالن جي عرصي کي چوندا آهن. سندس صحبت جو بين قيدين تي ڪهڙو اثر ٿيو، سندس نرم ۽ دلفريب دعوت تہ جيل جو ماحول ئي بدلي ڇڏيو هو. يوسف عليه السلام جي مشوري سان جيل جو ڪاروبار هلندو رهيو ۽ جيل جي داروغي کيس قيدين جي اصلاح لاءِ جيل جو کليو قيدي ڪري ڇڏيو هو. حضرت يوسف عليه السلام گهريو تي تہ هي سورو احوال هڪ اکين ڏٺي شاهد طرفان بيان ٿئي ۽ ان سان کيس کو فائدو حاصل ٿئي، پر کيس 8 سال کن جيل ۾ گذارڻا پيا.

وَ قَالَ الْمَلِكُ اِنِّيْۤ اَرٰى سَبْعَ بَقَرٰتٍ سِمَانٍ يَّاْكُلُهُنَّ سَبْعٌ عِجَافٌ وَّ سَبْعَ
سُنْۢبُلٰتٍ خُضْرٍ وَّ اُخَرَ يٰبِسٰتٍ ؕ يٰۤاَيُّهَا الْمَلَاُ اَفْتُوْنِيْ فِيْ رُءْيَايَ اِنْ كُنْتُمْ
لِلرُّءْيَا تَعْبُرُوْنَ ﴿۴۳﴾ قَالُوْۤا اَضْغَاثُ اَحْلَامٍ ۚ وَ مَا نَحْنُ بِتَاْوِيْلِ الْاَحْلَامِ
بِعٰلِمِيْنَ ﴿۴۴﴾ وَ قَالَ الَّذِيْ نَجَا مِنْهُمَا وَ ادَّكَرَ بَعْدَ اُمَّةٍ اَنَا اُنَبِّئُكُمْ بِتَاْوِيْلِهٖ
فَاَرْسِلُوْنِ ﴿۴۵﴾ يُوْسُفُ اَيُّهَا الصِّدِّيْقُ اَفْتِنَا فِيْ سَبْعِ بَقَرٰتٍ سِمَانٍ
يَّاْكُلُهُنَّ سَبْعٌ عِجَافٌ وَّ سَبْعِ سُنْۢبُلٰتٍ خُضْرٍ وَّ اُخَرَ يٰبِسٰتٍ ۙ لَّعَلِّيْۤ اَرْجِعُ اِلَى
النَّاسِ لَعَلَّهُمْ يَعْلَمُوْنَ ﴿۴۶﴾ قَالَ تَزْرَعُوْنَ سَبْعَ سِنِيْنَ دَاَبًا ۚ فَمَا حَصَدْتُّمْ
فَذَرُوْهُ فِيْ سُنْۢبُلِهٖۤ اِلَّا قَلِيْلًا مِّمَّا تَاْكُلُوْنَ ﴿۴۷﴾ ثُمَّ يَاْتِيْ مِنْۢ بَعْدِ ذٰلِكَ سَبْعٌ
شِدَادٌ يَّاْكُلْنَ مَا قَدَّمْتُمْ لَهُنَّ اِلَّا قَلِيْلًا مِّمَّا تُحْصِنُوْنَ ﴿۴۸﴾ ثُمَّ يَاْتِيْ مِنْۢ
بَعْدِ ذٰلِكَ عَامٌ فِيْهِ يُغَاثُ النَّاسُ وَ فِيْهِ يَعْصِرُوْنَ ﴿۴۹﴾ ع ١٢/٦

هڪ ڏينهن بادشاهه چيو ته مون خواب ۾ ست موٽيون ڳئون ڏٺيون آهن، جن کي ست هيٽيون ڳئون کائي رهيون آهن ۽ ٻيا ست سنگ آهن ۽ ٻيا ست سنگ خشڪ آهن. اي منهنجي دربار جا دانشورو! جيڪڏهن اوهان کي خواب جي تعبير جي ڄاڻ آهي ته پوءِ منهنجي خواب جي تعبير ٻڌايو. (43) سندس سردارن چيو ته اهي پريشان خواب لڳن ٿا، توڙي اسان کي خوابن جي تعبير جو ذرا علم ناهي.(44) ۽ اهو شخص جيڪو قيد مان ڇٽي آيو هو، ان کي ڪجهه دير بعد ياد آيو ۽ چيائين ته مون کي قيد خاني وڃڻ ڏيو، بس مان اوهان کي ان خواب جي تعبير ٻڌائيندس.(45) يوسف عليه السلام کي چيائين اي پيارا سچا دوست! اسان کي تعبير ٻڌايو ته ست ڏٻريون ڳئون آهن، جيڪي ستن ٿلهين ڳُئن کي کائي رهيون آهن ۽ ست سبز سنگ آهن ۽ ٻيا ست خشڪ سنگ آهن. تعبير ٻڌايو ته مان ماڻهن کي وڃي ٻڌايان ته هنن کي به خبر پئجي وڃي. (46) يوسف عليه السلام چيو ته توهان ست سال پوڪ پوکيندؤ، ان دوران جيڪو فصل لهي، ان مان ضرورت جيترو ڪڍي باقي ان کي سنگن ۾ رهڻ ڏيو. (47) ان کان پوءِ ست سال ڏڪار ايندو ۽ ست سال خوشحال وارو سنگن ۾ بچايل ان ضرورت مطابق استعمال ڪندا رهو ۽ باقي ڪجهه بچ لاءِ رکي ڇڏيو. (48) هن کان بعد اهڙو سال ايندو جو ان ۾ خوب بارش ٿيندي ۽ ماڻهو پوڪ پوکيندا ۽ ميون جو رس ڪشيد ڪندا. (49)

مصر تي فرعوني بادشاهن جو دور نه هيو، پر صحرائي اڳواڻن حملو ڪري بادشاهي حاصل ڪئي هئي. (ڊاڪٽر اسرار احمد) بادشاهه جيڪو خواب ڏٺو هو ته ست ٿلهيون متاريون ڳئون آهن، انهن کي ست ڏٻريون ۽ ڪمزور ڳئون کائي رهيون آهن ۽ ست سر سبز سنگ آهن ۽ ست سڪل سنگ آهن. هي اهڙو خواب نه هيو جو بادشاهه انهي کي درگذر ڪري وساري ڇڏي. ان ڪري هن پهريان پنهنجي مجلسِ شوريٰ يعني اهي

امير وزير ۽ مشير جيڪي محفل جا مور هئا انهن کان هن خواب جي تعبير جو پڇيو، ان بعد اعلان عام ذريعي ملڪ جي دانشورن، عالمن، جادوگرن، ڪاهنن ۽ مذهبي پيشوائن جي سامهون ساڳيو سوال رکيو. مگر ڪٽان به ڪيس تسلي بخش جواب نه مليو. انهن وڌ مان وڌ اهو جواب ڏنو ته هي پريشان ڪن خواب "اَضْغَاثُ اَحْلَامٍ " آهي. هنن تي زياده سوچڻ پريشاني ۾ اضافو آڻيندو. روز هڪجهڙا خواب نظر نٿا اچن. ڪڏهن ڪهڙا ته ڪڏهن ڪهڙا، ان ڪري بادشاهه سلامت کي گهٽو فڪر نه ڪرڻ کپي. هي سڀ اسان جي سمجهه کان ٻاهر آهن. ان ڪري انهن جي تعبير ٻڌائڻ جو علم نٿا رکون جو بادشاهه سلامت جي خدمت ۾ پيش ڪريون. هن ڳالهه جي مشهور ٿيڻ بعد اهو شخص جنهن کي قيد کان آزادي ملي وئي هئي ۽ ساڳي طرح بادشاهه جي ساقي خاني جو منتظم اعليٰ هيو، تنهن کي ياد اچي ويو ته يوسف عليه السلام جنهن سندس خواب جي تعبير ٻڌائي هئي ۽ اها سؤ فيصد صحيح نڪتي هئي، چونه ڪانئس هن خوابن جي تعبير بابت معلوم ڪجي، ان کي اها ڳالهه ڪجهه وقت گذرڻ بعد ياد آئي ۽ چيائين مون کي جيل وڃي يوسف عليه السلام سان ملڻ ڏيو ۽ مان ان کان هن خوابن جي تعبير معلوم ڪري اوهان کي ٻڌائيندس. بس مون کي رڳو وڃڻ ڏيو. اهو ساقئ ميخانه اجازت ملڻ بعد جيل ۾ حضرت يوسف عليه السلام وٽ حاضر ٿيو چوڻ لڳو اي منهنجا صديق سچا سائين! مون کي هن خواب جي تعبير کان آگاهه ڪر ته مان وڃي بادشاهه ۽ ٻين ماڻهن کي انهن جي تعبير ٻڌايان ته جيئن هنن کي اصل حقيقت جو علم ٿي وڃي ۽ سندس پريشاني دور ٿئي. ٻڌاءِ ته ست موٽيون متاريون ڳئون آهن ۽ ٻيو ست ڏٻريون ۽ ڪمزور ڳئون آهن، جيڪي انهن موٽين کي کائي رهيون هيون ۽ ست سر سبز سنگ آهن ۽ ست ٻيا سڪل سنگ آهن. هنن جي صحيح تعبير ٻڌايو ته مان موٽي وڃي سيني ماڻهن ۽ بادشاهه سلامت کي آگاهه ڪريان ڪين تنهنجي اصل مقام ۽ مرتبي کان به خبردار ٿي وڃن ۽ توکي بيجا قيد کان نجات ملي وڃي. يوسف عليه السلام کين نه رڳو انهن خوابن جي تعبير ۽ تدبير واري حقيقت کان آگاهه ڪيو پر گڏوگڏ ڪيس انهن مشڪلاتن ۽ ڏکيائين کي دور ڪرڻ جو حل به ٻڌائي ڇڏيو ته جيئن هو انهن خوابن جي نتيجي بري اثر کان بچي سگهن. يوسف عليه السلام چيو ته پهريان ست سال خوب کيت باغ آباد ٿيندا. ان ڪري پنهنجي سال جيترو اناج ڪيڊي باقي بيا داڻا سنگ ۾

رهڻ ڏيو ۽ ايندڙ ڏکيا ڏکر وارا ست سال انهن گڏ ڪيل سنگن مان اَنُ حاصل ڪندا رهو. انهن ستن سالن کان بعد خوب برسات پوندي، ان ڪري ڪجهہ ڏاڍا ٻج خاطر بچائي رکجو ۽ مينهن واري سال ۾ پرپور فصل لڳايو ۽ ميون جو رس گڏ ڪيو. اهڙيءَ طرح اوهان سڀ ڪار ۾ دانشمنديءَ سان گڏ ڪيل اناج ڏڪار جي سالن ۾ استعمال ڪري، هن آساني آفت کان نجات حاصل ڪري سگهندو ۽ ٻج لاءِ ڇڏيل اناج سان وري برسات واري سال ۾ پوکي ڏهوڻو اناج حاصل ڪريو ۽ انگور ۽ ٻين ميون جو رس ڪڍي استعمال ڪريو. هي آهي هن ساري آفت جو حل ۽ اوهان جي خوابن جي سچي ۽ صحيح تعبير. ياد رهي تہ هي اهڙو علم غيب آهي، جو الله جي ذات پاڪ کي ان جو ذاتي علم آهي، ان جو عارضي علم الله پنهنجن جن برگزيده ٻانهن نبين ۽ صالح مومنين کي عطا ڪندو آهي. وما توفيقي الا بالله.

بے حساب و بے کتاب و بے ادیب
عاشقان را حق کند درسِ نصیب

الف اسان نون يار پڙهايا، بي دي بانس نہ بوءِ

(بلهي شاهہ)

وَ قَالَ الْمَلِكُ ائْتُوْنِيْ بِهٖ ۚ فَلَمَّا جَآءَهُ الرَّسُوْلُ قَالَ ارْجِعْ اِلٰى رَبِّكَ فَسْـَٔلْهُ مَا
بَالُ النِّسْوَةِ الّٰتِيْ قَطَّعْنَ اَيْدِيَهُنَّ ؕ اِنَّ رَبِّيْ بِكَيْدِهِنَّ عَلِيْمٌ ۝۵۰ قَالَ مَا
خَطْبُكُنَّ اِذْ رَاوَدْتُّنَّ يُوْسُفَ عَنْ نَّفْسِهٖ ؕ قُلْنَ حَاشَ لِلّٰهِ مَا عَلِمْنَا عَلَيْهِ مِنْ
سُوْٓءٍ ؕ قَالَتِ امْرَاَتُ الْعَزِيْزِ الْـٰٔنَ حَصْحَصَ الْحَقُّ ۫ اَنَا رَاوَدْتُّهٗ عَنْ نَّفْسِهٖ
وَ اِنَّهٗ لَمِنَ الصّٰدِقِيْنَ ۝۵۱ ذٰلِكَ لِيَعْلَمَ اَنِّيْ لَمْ اَخُنْهُ بِالْغَيْبِ وَ اَنَّ اللّٰهَ لَا
يَهْدِيْ كَيْدَ الْخَآئِنِيْنَ ۝۵۲

بادشاهه پنهنجي خواب جي تعبير ٻڌندي ئي چيو تہ يوسف عليه السلام کي فورًا مون وٽ وٺي اچو، جڏهن يوسف عليه السلام وٽ قاصد آيو تہ هن کي ان چيو تہ پنهنجي بادشاهه وٽ موٽي وڃ ۽ هن کان اهو پڇي اڇ تہ انهن عورتن جو هاٿي ڇا حال آهي، جن عورتن پنهنجا هٿ زخمي ڪري وڌا هئا. بيشڪ منهنجو رب هنن جي مڪر ۽ فريب کي خوب ڄاڻي ٿو.(50) هن عورتن کان پڇيو تہ اوهان جو اصل معاملو ڇا هيو جو اوهان سيني يوسف عليه السلام کي ورغلائڻ (ڦاسائڻ) ٿي گهريو. هنن (عورتن) جواب ڏنو تہ الله گواهه آهي، اسان کي ان جي ڪنهن بہ برائيءَ جو علم ناهي، يعني هو هر تهمت ۽ الزام کان پاڪ صاف آهي، اهو ٻڌي (مجبورًا) عزيز جي زال بہ چئي ڏنو تہ هاٿي حقيقت واضح ٿي وئي آهي. مون ئي هن کي ورغلائڻ جي ڪوشش ڪئي هئي ۽ هو بلڪل سچو آهي. (51) (يوسف عليه السلام هي تفتيش ان ڪري ڪرائي تہ) عزيز مصر کي پوري طرح معلوم ٿي وڃي تہ سندس غير حاضريءَ ۾ مون هن جي خيانت ناهي ڪئي ۽ يقينًا الله خيانت ڪرڻ وارن جي چال کي پسند نٿو ڪري. (52)

بادشاهه جڏهن پنهنجي خواب جي تعبير بہ ٻڌي ۽ خواب ۾ ذڪر ڪيل خدشن ۽ خطرن جو نهايت سڻي تدبير وارو حل بہ معلوم ڪيو تہ بادشاهه نهايت متاثر ٿيو ۽ سوچڻ لڳو تہ هي ڪو نهايت ذهين فطين شخص آهي، جو خوابن جو اڪر بہ اڪر جواب بہ ڏنو آهي ۽ اصلاح ۽ تدبير پريا مشورا بہ ڏنا آهن. اهڙي نبغه يگانہ کي قيد ۾ هجڻ نہ گهرجي. پر هي تہ حڪومتي امور ۾ بہ نهايت سودمند مشورا ڏيندو، ان ڪري بادشاهه حڪم ڏنو تہ هن کي مون وٽ وٺي اچو. هن کي تہ بادشاهه جو مشير خاص هئڻ گهرجي. پوءِ جڏهن بادشاهه جو ايلچي (عملدار) يوسف عليه السلام وٽ آيو تہ هن ايلچي جا سمورا حال احوال ٻڌي ڪيس چيو تہ اوهان بادشاهه وٽ واپس وڃو ۽ ڪيس چئو تہ عورتن جيڪو مون تي الزام مڙهيو هو ۽ هڪ خاص منصوبي هيٺ پنهنجا هٿ زخمي ڪري مون کي ڪوڙي تهمت ۽ بهتان ۾ مجرم قرار ڏياري جيل موڪليو ويو هو، سڀ کان اول ان معاملي جي صحيح

تفتيش ڪرائي وجي. مون کي يقين آهي تہ مان بي قصور آهيان ۽ بي قصور ثابت ٿي پوءِ جيل کان ٻاهر ايندس. باقي بادشاهہ سلامت جي نوازشن طور اڄ کان اڳ معاملي جي تفتيش ۽ تحقيق گهران ٿو. جڏهن اهو معاملو بادشاهہ تائين پهچي ويو ۽ ڪيس يوسف عليه السلام جي ديانت ۽ امانت جو بہ پتو پئجي ويو تہ هن عورتن کي گهرائي پنهنجي نگراني ۾ تفتيش شروع ڪئي ۽ يوسف عليه السلام جي انهيءَ سوال تي عورتن کان پڇا ڳاڇا ڪرڻ لاءِ گهرايو. بادشاهہ عورتن کي چيو تہ جڏهن اوهان يوسف عليه السلام کي ورغلائڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ پاڻ ڏانهن گناهہ جي دعوت ڏني تہ پوءِ ڇا ٿيو. ڇا يوسف عليه السلام اوهان جي دام ۾ اچي ويو يا هن اوهان تي وحشياڻو حملو ڪري اوهان جا هٿ زخمي ڪيا، يا اوهان ناڪامي‌ءَ جي صورت ۾ هن کي تهمت ڏيڻ لاءِ پنهنجا هٿ پاڻ زخمي ڪيا. هي باقي عورتن جا هٿ ڪٽڻ کو منصوبي تحت هيو، يا يوسف جي حسن جي تاب ۾ مدهوش ٿي هٿ ڪٽيا هيا. اصل حقيقت ڇا آهي. عورتن مان هر هڪ وڏي واڪي چيو تہ يوسف عليه السلام ۾ اسان کا برائي نہ ڏٺي آهي. هو تہ هڪ فرشتہ صفات اعليٰ ڪردار جو انسان آهي. اسان عزيز مصر جي زال جي مدد ۾ اهو سڄو تماشو ڪيو هو تہ جيئن هن کي بدڪرداري واري الزام کان بچائي سگهون. عزيز مصر جي زال هي اقراري بيان ٻڌي پنهنجو سڄو منصوبو ڍهندو ڏسي اقرار ڪيو تہ هاڻي حقيقت حال کلي پڌري ٿي آهي، حقيقت اها آهي تہ مون يوسف عليه السلام کي ورغلائڻ ۽ پنهنجي بري مقصد لاءِ استعمال ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪئي. قصور منهنجو آهي ۽ يوسف عليه السلام سڄو آهي.

جڏهن اصل حقيقت حال ظاهر ٿي وئي ۽ هر هڪ کي معلوم ٿي ويو تہ يوسف عليه السلام پاڪدامن ۽ امين آهي تہ ان کان بعد يوسف عليه السلام جيل کان ٻاهر آيو ۽ چيائين تہ مون اها تفتيش ان ڪري ڪرائي آهي تہ منهنجي مربي ۽ محسن عزيز مصر کي يقين ٿي وڃي تہ سندس غير حاضري ۾ مون کا بہ خيانت ناهي ڪئي. دراصل جنهن سچ ۽ حق جو يوسف عليه السلام دعويدار هيو، اهو عورتن ۽ عزيز مصر جي گهر واري جي اقراري بيان سان خود بخود سچو ٿي ويو. ياد رکڻ گهرجي تہ يوسف عليه السلام پنهنجي مربي ۽ محسن عزيز مصر کان تفتيش جي گهر نہ ڪئي، چو تہ هي ان گهر ۾ پلجي وڏو ٿيو هو. ان جي خواري جو سبب بنجڻ نٿي گهريائين. ان ڪري بادشاهہ کان رڳو عورتن جي تفتيش جو مطالبو ڪيو.

وَ مَآ اُبَرِّئُ نَفْسِیْ ۚ اِنَّ النَّفْسَ لَاَمَّارَةٌۢ بِالسُّوْٓءِ اِلَّا مَا رَحِمَ رَبِّیْ ؕ اِنَّ
رَبِّیْ غَفُوْرٌ رَّحِیْمٌ ﴿۵۳﴾ وَ قَالَ الْمَلِكُ ائْتُوْنِیْ بِهٖۤ اَسْتَخْلِصْهُ لِنَفْسِیْ ۚ فَلَمَّا
كَلَّمَهٗ قَالَ اِنَّكَ الْیَوْمَ لَدَیْنَا مَكِیْنٌ اَمِیْنٌ ﴿۵۴﴾ قَالَ اجْعَلْنِیْ عَلٰی خَزَآىِٕنِ
الْاَرْضِ ۚ اِنِّیْ حَفِیْظٌ عَلِیْمٌ ﴿۵۵﴾ وَ كَذٰلِكَ مَكَّنَّا لِیُوْسُفَ فِی الْاَرْضِ ۚ یَتَبَوَّاُ
مِنْهَا حَیْثُ یَشَآءُ ؕ نُصِیْبُ بِرَحْمَتِنَا مَنْ نَّشَآءُ وَ لَا نُضِیْعُ اَجْرَ
الْمُحْسِنِیْنَ ﴿۵۶﴾ وَ لَاَجْرُ الْاٰخِرَةِ خَیْرٌ لِّلَّذِیْنَ اٰمَنُوْا وَ كَانُوْا یَتَّقُوْنَ ﴿۵۷﴾ ع ۷

ءِ زليخا چيو تہ مان پنهنجي نفس کي پاڪ صاف (بري) قرار نٿي ڏيان، يقيناً (انسان جو) نفس برائيءَ تي آماده ڪري ٿو. ها مگر منهنجي الله طرفان رحم ٿئي بيشڪ منهنجو رب گهڻو بخش ڪرڻ وارو ۽ هميشہ رحم ڪرڻ وارو آهي.(53) بادشاهہ حڪم ڪيو تہ يوسف عليه السلام کي مون وٽ وٺي اچو، مان ان کي پنهنجو مشير خاص مقرر ڪندس، تہ پوءِ جڏهن هن سان گفتگو شروع ڪئي تہ نهايت متاثر ٿيو ۽ چوڻ لڳو تہ اي يوسف عليه السلام! اڄ کان تون اسان جو خاص معتقد ۽ مقتدر آهين. يعني توکي اختيار ۽ اقتدار ۾ شريڪ ڪري ڇڏيو آهي.(54) حضرت يوسف عليه السلام چيو تہ مون کي ملڪ جي خزانن تي مقرر ڪريو. مان خوب تر حفاظت ڪرڻ وارو ۽ آهيان ۽ ان جو پورو پورو علم ۽ رکان ٿو.(55) ۽ اهڙي طرح يوسف عليه السلام جا مصر جي زمين تي پير مضبوط ڪيا ۽ ڪيس اختيار ڏنو تہ جتي گهري اتي پنهنجو اقتدار قائم ڪري، اسان پنهنجن رحمتن سان جنهن کي گهرون ٿا، نوازيون ٿا ۽ احسان ۽ چڱائي ڪندڙن جو اجر ڪڏهن ضايع نٿا ڪريون.(56) ۽ آخرت جو اجورو رڳو انهن جي

حصي ۾ آهي جن ايمان آندو ۽ زندگي ۾ سنيالي قدم کنيا ۽ محتاط زندگي گذاري.(57)

زليخا چيو ته مان پنهنجي نفس کي بري الذمه نٿي سمجهان، بيشڪ نفس اماره ته زبردستي برائي طرف آماده ڪندو آهي. انسان جا وحشي ۽ حيواني جذبا هن کي برائي تي آماده ڪندا رهندا آهن. انهن نفساني خواهشن کان رڳو اهو بچي سگهي ٿو، جنهن کي الله پنهنجي خاص رحم سان حفاظت ۽ امان ۾ رکي.

ستر ڪر ستار آءٌ اگهاڙي آهيان،
ڏکين ڏکڻ هار ڏئي پاند پناهه جو

(شاهه لطيف رحمه الله)

منهنجي مداين جي ڪل پريان پيئي،
ڪڏهن ڪوسا نه ٽيا ڏوراپا ڏئي،
سڄڻ سيوئي ڏکيون ڏول ڏلائيون

(شاهه لطيف رحمه الله)

ڪجهه تفسيرن ۾ "وَمآ اُبَرِّئُ نَفۡسِيۡ" جو بيان حضرت يوسف عليه السلام ڏانهن منسوب ڪيو آهي، پوءِ آيت 52 ۽ 53 جو مطلب اهو هوندو ته حضرت يوسف عليه السلام تفتيش تي زور ان ڪري ڏنو ته عزيز مصر کي يقين ٿي وڃي ته ان جي غير حاضريءَ ۾ خيانت نه ڪئي آهي ۽ اهو ثابت ٿئي ته الله خيانت ڪندڙن کي ڪامياب نه ڪندو آهي. منهنجي دل ۾ ذرا پر به ڪنهن کي ذليل ڪرڻ مقصود نه هو، پر حق جو ظاهر هجڻ به لازمي هيو. بادشاهه حڪم ڏنو ته يوسف عليه السلام کي مون وٽ وٺي اچو، آءٌ ڪيس پنهنجو مشير خاص بڻائيندس، پوءِ جڏهن يوسف عليه السلام بادشاهه وٽ آيو ته بادشاهه سندس ذهانت، فطانت ۽ بصيرت کان ڏاڍو متاثر ٿيو ۽ ڪيس مڪين، مرتبي وارو، امين، قابل اعتماد، نهايت ديانتدار، امين ۽ وفادار سمجهي پنهنجي اقتدار ۾ حصيدار ڪري ڇڏيو. يوسف عليه السلام بادشاهه کي چيو ته ڏڪار ۽ قحط سالي جو خطرو آهي، جنهن ۾ خاص طرح کاڌي جي اناج جي ضرورت وڌي ويندي ۽ خاص طرح سان ديهاتي علائقن ۾ اناج محفوظ ڪرڻ جا

وسيلا نہ آهن. مصر جي خوشحاليءَ جو دارومدار بہ زرعي اجناس جي گھٽي انداز ۾ پيدا ٿيڻ تي آهي، مون کي ان جو تجربو ۽ معلومات آهي، مون کي ملڪ جي انهن خزانن تي مامور ڪريو، جن جي مان ڄاڻ بہ رکان ٿو ۽ امين بہ آهيان، مون کي چڱي طرح معلوم آهي تہ مان ان سان ڪهڙي طرح وڌ مان وڌ فائدو حاصل ڪريان. "خَزَآئِنُ" جمع آهي "خَزَآنَةٌ" جو، جنهن جي معنىٰ آهي اهڙي جڳهہ، جتي قيمتي شيون محفوظ ڪيون وڃن. اهڙي طرح اسان يوسف عليه السلام کي مصر جي سرزمين تي بااختيار ڪيو ۽ هن جا پير مضبوط ڄمايا. اهو آهي الله، جو ابتلاءَ يعني مختلف مرحلن کان گذاري ميل ڪچيل ختم ڪري ڪيس ڪندن يا ڪيما بڻايو. ڪيس صحرائي زندگي کان تهذيب و تمدن جي مرڪز تائين پهچڻ لاءِ پائرن هٿان اونهي کوهہ ۾ رهڻو پيو، قافلي وارن تجارت جو مال سمجهي غلامن وانگر مصر جي بازار ۾ وڪيو، عزيز مصر خريد ڪيو، سڀني تعليم ۽ تربيت ڏني، پر سندس زال يوسف عليه السلام کي پنهنجي دام ۾ آڻڻ لاءِ جنسي رابطا وڌائڻ لڳي. جڏهن ڪيس دروازا بند ڪري بيحيائيءَ لاءِ مجبور ڪيو ويو تہ پڇي جان ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪئي تہ دروازي وٽ عزيز مصر موجود هيو ۽ زليخا سڃو ڏوهہ يوسف عليه السلام تي مڙهيو ۽ ڪيس ذليل و خوار ڪرڻ لاءِ دڙڪا دهمان ڏنا ويا. شهر جي بااثر امير خاندان جي عورتن جي شرارت ۽ سازش سان ڪيس وڌيڪ تهمت هيٺ آندو ويو ۽ آخرڪار جيل حوالي ٿيو. هيڏن وڏن طوفان کان بچڻ ۽ ديانت ۽ امانت جو اعلىٰ پيڪر بڻجڻ لاءِ الله تعالىٰ سندن هر موڙ تي نگهبان ۽ محافظ رهيو ۽ آخرڪار مصر جي سرزمين تي هڪ طاقتور بااختيار حڪمران ثابت ٿيو. اهو سڀ مشيت خداوندي جي طفيل ئي ممڪن آهي ۽ اهي الله جون رحمتون ۽ نوازشون آهن، جنهن کي هو چاهي نصيب ڪري ٿو ۽ ڪڏهن بہ اهو احسان ڪندڙ نيڪو ڪارن جو اجر ضايع نٿو ڪري. اهي هن دنيا جون نعمتون آهن، جن سان زندگي خوشگوار ۽ شاداب رهي ٿي. امن ۽ سڪون جي ماحول ۾ سلامتي ۽ خيرو عافيت سان رهي ٿو. هنن سمورين آزمائشن مان ڪاميابيءَ سان ڪڍي، ڪيس ڪُندن بنائي، نبوت جهڙي اهم عهدي لاءِ تيار ڪرڻ کي الله تعالىٰ پاڻ ڏانهن منسوب ڪندي فرمائي ٿو: "وَكَذٰلِكَ مَكَّنَّا لِيُوْسُفَ" ۽ اهڙيءَ طرح يوسف کي مختلف مرحلن مان گذاري، اقتدار جي ايوانن تائين پهچايو. (سبحان الله وبحمده ۔

سبحان الله العظيم) هر نيڪوڪار لاءِ هيءَ راهِ هدايت آهي ته الله تعالىٰ جنهن کي تڪليفن ۽ آزمائشن جي آڏاهه مان گذاري، بشريت واري ميل مر کان پاڪ ڪري، نڪاري، نبوت جي اعلىٰ مقام تي پهچائي، ان ڪري نيڪوڪارن کي الله جي مشيت کي چمي، اکين تي رکڻ گهرجي.

پريان سندي پار جي مڙوئي
ڪانهي ڪڙائي چکين جي چيت ڪري

* * *

ڏک سکن جي سونهن، گهوريا سک ڏکن ري

* * *

سکر سي ئي ڏينهن، جي مون گهاريا بند ۾.

(شاهه لطيف رحمۃ اللہ علیہ)

مٹادے اپنی ہستی کو اگر کچھ مرتبہ چاہے
کہ دانہ خاک میں مل کر گل و گلزار ہوتا ہے۔

* * *

عروجِ آدمِ خاکی سے تارے سہم جاتے ہیں
کہ یہ ٹوٹا ہوا تارا مہِ کامل نہ بن جائے

(اقبال رحمۃ اللہ علیہ)

"اِنَّمَا الْعُسْرِ يُسْرًا" (الم نشرح) گويا خاڪ جي ذري کي رشڪِ خورشيد بڻايو. جيڪو ڪجهه ڏينهن اڳ مصر ۾ قيدي هيو، اڄ مصر جو حڪمران آهي. (آل عمران: 26/3) پر جيڪي الله تي دل جي يقين سان ايمان آڻين ٿا ۽ ايمان جي انهي روشن مشعل جي روشني ۾ نيڪ عمل ڪري پنهنجي ايمان جو عملي مظاهرو ڪن ٿا ۽ زندگي جو هر قدم ڦوڪي ڦوڪي رکن ٿا، نهايت محتاط رهي براين کان بچي نيڪي ۽ پرهيزگاري جو مظهر

ٿي خدا جي رحمتن جا حقدار ٿين ٿا ۽ پنهنجن اعمال جي برن نتيجن کان پاڻ کي بچائين ٿا الله وٽ اهڙن نيڪ ۽ متقي انسانن جو اجر عظم آهي، جيڪو کين الله جي وعدي مطابق هر حال ۾ ملڻ وارو آهي.

وَ جَآءَ اِخْوَةُ يُوْسُفَ فَدَخَلُوْا عَلَيْهِ فَعَرَفَهُمْ وَ هُمْ لَهٗ مُنْكِرُوْنَ ﴿۵۸﴾ وَ لَمَّا
جَهَّزَهُمْ بِجَهَازِهِمْ قَالَ ائْتُوْنِيْ بِاَخٍ لَّكُمْ مِّنْ اَبِيْكُمْ ۚ اَلَا تَرَوْنَ اَنِّيْٓ
اُوْفِي الْكَيْلَ وَ اَنَا خَيْرُ الْمُنْزِلِيْنَ ﴿۵۹﴾ فَاِنْ لَّمْ تَاْتُوْنِيْ بِهٖ فَلَا كَيْلَ لَكُمْ
عِنْدِيْ وَ لَا تَقْرَبُوْنِ ﴿۶۰﴾ قَالُوْا سَنُرَاوِدُ عَنْهُ اَبَاهُ وَ اِنَّا لَفٰعِلُوْنَ ﴿۶۱﴾ وَ قَالَ
لِفِتْيٰنِهِ اجْعَلُوْا بِضَاعَتَهُمْ فِيْ رِحَالِهِمْ لَعَلَّهُمْ يَعْرِفُوْنَهَآ اِذَا انْقَلَبُوْٓا
اِلٰٓى اَهْلِهِمْ لَعَلَّهُمْ يَرْجِعُوْنَ ﴿۶۲﴾ فَلَمَّا رَجَعُوْٓا اِلٰٓى اَبِيْهِمْ قَالُوْا يٰٓاَبَانَا مُنِعَ
مِنَّا الْكَيْلُ فَاَرْسِلْ مَعَنَآ اَخَانَا نَكْتَلْ وَ اِنَّا لَهٗ لَحٰفِظُوْنَ ﴿۶۳﴾ قَالَ هَلْ
اٰمَنُكُمْ عَلَيْهِ اِلَّا كَمَآ اَمِنْتُكُمْ عَلٰٓى اَخِيْهِ مِنْ قَبْلُ ؕ فَاللّٰهُ خَيْرٌ حٰفِظًا ۪ وَّ
هُوَ اَرْحَمُ الرّٰحِمِيْنَ ﴿۶۴﴾ وَ لَمَّا فَتَحُوْا مَتَاعَهُمْ وَجَدُوْا بِضَاعَتَهُمْ رُدَّتْ
اِلَيْهِمْ ؕ قَالُوْا يٰٓاَبَانَا مَا نَبْغِيْ ؕ هٰذِهٖ بِضَاعَتُنَا رُدَّتْ اِلَيْنَا ۚ وَ نَمِيْرُ اَهْلَنَا
وَ نَحْفَظُ اَخَانَا وَ نَزْدَادُ كَيْلَ بَعِيْرٍ ؕ ذٰلِكَ كَيْلٌ يَّسِيْرٌ ﴿۶۵﴾ قَالَ لَنْ اُرْسِلَهٗ
مَعَكُمْ حَتّٰى تُؤْتُوْنِ مَوْثِقًا مِّنَ اللّٰهِ لَتَاْتُنَّنِيْ بِهٖٓ اِلَّآ اَنْ يُّحَاطَ بِكُمْ ۚ
فَلَمَّآ اٰتَوْهُ مَوْثِقَهُمْ قَالَ اللّٰهُ عَلٰى مَا نَقُوْلُ وَكِيْلٌ ﴿۶۶﴾ وَ قَالَ يٰبَنِيَّ لَا تَدْخُلُوْا

مِنۡۢ بَابٍ وَّاحِدٍ وَّادۡخُلُوۡا مِنۡ اَبۡوَابٍ مُّتَفَرِّقَةٍ ؕ وَمَاۤ اُغۡنِیۡ عَنۡكُمۡ مِّنَ اللّٰهِ مِنۡ شَیۡءٍ ؕ اِنِ الۡحُكۡمُ اِلَّا لِلّٰهِ ؕ عَلَیۡهِ تَوَكَّلۡتُ ۚ وَعَلَیۡهِ فَلۡیَتَوَكَّلِ الۡمُتَوَكِّلُوۡنَ ﴿۶۷﴾ وَلَمَّا دَخَلُوۡا مِنۡ حَیۡثُ اَمَرَهُمۡ اَبُوۡهُمۡ ؕ مَا كَانَ یُغۡنِیۡ عَنۡهُمۡ مِّنَ اللّٰهِ مِنۡ شَیۡءٍ اِلَّا حَاجَةً فِیۡ نَفۡسِ یَعۡقُوۡبَ قَضٰىهَا ؕ وَاِنَّهٗ لَذُوۡ عِلۡمٍ لِّمَا عَلَّمۡنٰهُ وَلٰكِنَّ اَكۡثَرَ النَّاسِ لَا یَعۡلَمُوۡنَ ﴿۶۸﴾ ع ۷

ء (قحط جي زماني ۾) يوسف عليه السلام جا پائر (اناج) ونڻ مصر آيا تہ هن وٽ به حاضر ٿيا تہ هن انهن کي سجاڻي ورتو، پر هو يوسف عليه السلام کي سجاڻي نہ سگهيا. (58) پوءِ جڏهن يوسف عليه السلام سندن سامان کين ڏئي چڏيو تہ پوءِ کين چيائين تہ آئنده پنهنجي پئتي پاءُ کي به مون وٽ وٺي اچجو، توهان پاڻ ڏسو ٿا تہ مان سيني کي پورو پورو مقدار ۾ ڏيان ٿو ۽ مزيد مهمان نواز به آهيان.(59) پر جيڪڏهن آئنده هن کي مون وٽ نہ آڻيندو تہ پوءِ نہ مون وٽ اوهان لاءِ اناج هوندو ۽ نہ وري منهنجي ويجهو اچجو.(60) هنن وراڻيو تہ سندس پيءُ کان ان بابت ضرور تقاضا ڪنداسون ۽ يقين ڪريو تہ اسان پوري ڪوشش ڪنداسون. (61) يوسف عليه السلام پنهنجن ڪارندن کي چيو تہ هن اناج عيوض جيڪا موڙي هنن ڏني آهي سا سموري سندن سامان ۾ لڪائي رکي چڏيو تہ جيئن هو پنهنجن گهرن ۾ پهچن تہ پنهنجي موڙي سجاڻي وٺن ۽ وري اچڻ جي حامي پرين.(62) سوجڏهن هو پنهنجي والد طرف موٽي آيا تہ چيائون ابا جان! آئنده اسان جي رسد (مال-غلہ) روکي وئي آهي، سو اسان جي پاءُ بن يامين کي به هلڻو پوندو تہ جيئن (سچا ثابت ٿيون ۽) وڌيڪ سامان آڻيون ۽ اسان ان جا محافظ هونداسون.(63) يعقوب عليه السلام کين چيو تہ مان هينئر به هن بابت توهان

تي اهو ئي اعتماد يا پروسو ڪريان، جيڪو مون هن کان اڳ يوسف عليه السلام جي باري ۾ اوهان تي اعتماد ڪيو هو. الله ئي حفاظت ڪرڻ وارو آهي ۽ اهو سمورن مهربانن کان وڌيڪ مهربان آهي. (64) جڏهن هنن پنهنجو سامان کوليو تہ انهن پنهنجي اها رقم واپس موٽايل ڏٺي جنهن عوض هنن هي سامان خريد ڪيو هو. چوڻ لڳا بابا اجان وڌيڪ ڇا گهرجي. هي اسان جي موڙي بہ سموري اسان کي واپس ڏني وئي آهي. هاڻي تہ اسان پنهنجي گهر وارن لاءِ مزيد غله (سامان) آڻينداسون ۽ پنهنجي ڀاءُ جي حفاظت بہ ڪنداسون ۽ هڪ اٺ جي ڪٺڻ جيترو بار وڌيڪ آڻينداسون. هي جيڪو غله آندو آهي اهو ٿورڙو آهي.(65) يعقوب عليه السلام کين (پٽن کي) چيو تہ جيستائين اوهان الله جو قسم ڪٽي مون سان پڪو وعدو نٿا ڪريو تہ اوهان هن کي صحيح سلامت واپس مون وٽ وٺي ايندؤ، تيستائين بن يامين کي اوهان سان هلڻ جي اجازت ڪو نہ ڏيندس، سواءِ هن جي جو اوهان سيني کي ڪٽي گهيري ۾ ورتو وجي پوءِ جڏهن هنن يعقوب عليه السلام کي پڪو قسم تي وعدو ڏنو تہ يعقوب عليه السلام چيو تہ اسان ٻئي ڏريون جيڪو ڪجهہ چئون ٿا، ان جو الله نگهبان (گواهہ) آهي.(66) پوءِ وڃڻ وقت هن کين هدايت ڪئي تہ منهنجا ٻچڙؤ! توهان سمورا هڪ وقت ئي شهر جي هڪ دروازي کان داخل نہ ٿجو، پر مختلف دروازن کان الڳ الڳ ٿي داخل ٿجو. ها مان الله جي ڪنهن بہ حڪم (فيصلي) کان اوهان کي بچائي نٿو سگهان، سمورا فيصلا الله پاران صادر ٿين ٿا. مان ان الله تي پورو پروسو ڪريان ٿو ۽ هر پروسو ڪندڙ کي ان تي پروسو ڪرڻ گهرجي.(67) ۽ جڏهن هو پيءُ جي چوڻ مطابق کين جيڪو حڪم مليو هيو داخل ٿيا تہ والد جي مشاورتي حڪم سان داخل ٿيڻ کين قانونِ قدرت جي فيصلي کان ڪير بہ کين بچائي نٿي سگهيو، پر اها يعقوب عليه السلام جي دل جي خواهش هئي، جيڪا

هنن پوري ڪئي. (هن مشوري کي بلڪل لغو ۽ بي معنيٰ نہ سمجهڻ گهرجي) هو صاحب علم آهي، جنهن کي مون علم جي دولت سان نوازيو هو. پر اڪثر ماڻهو اهو نٿا ڄاڻن.(68)

هي اهو دؤر معلوم ٿئي ٿو، جنهن ۾ يوسف عليه السلام قحط سالي جو خدشو ظاهر ڪيو هو، جنهن ڏڪار مصر ۽ ان جي پاڙيسري ملڪن شام، فلسطين وغيره کي به سخت متاثر ڪيو هو ۽ ماڻهو پريشان هئا. شيخ سعدي رحمه الله به اهڙي قحط جو ذڪر ڪندي چيو آهي:

چنان قحط سالی شد اندر دمشق
که یاران فراموش کردند عشق

دمشق ۾ اهڙو ته سخت ڏڪار آيو جو عاشقن کان عشق ڪرڻ به وسري ويو.

پر يوسف عليه السلام جي انتظامي صلاحيتن سبب مصر ۾ نہ رڳو پنهنجي ملڪ لاءِ اناج پورو هيو، پر آس پاس جي رياستن کي به ڪجهہ سامان ڏيندا هئا. گويا ان وقت ڪاڏي جي شين تي راشن بندي هئي. يوسف عليه السلام جا ڀائر به راشن ونڻ لاءِ مصر آيا ۽ حضرت يوسف عليه السلام جي آڏو حاضر ٿيا ۽ پنهنجي راشن جي حصي مطابق غله خريد ڪرڻ جي خواهش ڏيکاري. هو يوسف عليه السلام کي سڃاڻي نہ رهيا هئا، پر يوسف عليه السلام کين سڃاڻي ورتو هو. يوسف عليه السلام جي عمر ڪوهہ ۾ اڇلڻ وقت 7 سال هئي ۽ هاڻي 38 سالن جو جوان هو ۽ ڀائرن جو اهو خيال به نہ هوندو ته يوسف غلاميءَ مان هيڏي اقتدار جو مالڪ هوندو. يوسف عليه السلام کانئن خاندان بابت معلومات ڪئي، هنن ٻڌايو ته هڪ پوڙهو والد آهي ۽ هڪ جوان ڀاءُ به آهي، ان ڀاءُ جي نالي تي به راشن ڏنو وجي ته مهرباني. اسان اناج لاءِ سخت ضرورتمند آهيون. کين سندن راشن ۽ ڀاءُ بن يامين جي نالي جو به راشن ڏنو وجي ۽ سمورو اناج هنن کي ڏئي کين چيو ته هن دفعي اوهان جي چوڻ تي بن يامين جو به حصو ڏنو آهي، جيڪڏهن سچا آهيو ته آئنده ان ڀاءُ کي گڏ آڻيندا ته پوءِ ان جو ۽ اوهان جو راشن جاري ڪيو ويندو پر جيڪڏهن ڀاءُ کي نہ وٺي آيا ته سمجهيو ويندو، اوهان کوڙو راشن ڪارڊ نهرايو آهي، جنهن جي سزا طور اوهان کي اناج نہ ملندو، جيڪو هن پيري اوهان جي قول تي يقين ڪري ڏنو آهي. ان ڪري هن کي پيءُ کان اجازت وٺي آڻجو.

ڏسو نٿا تہ اسان هڪ هڪ ماڻهو کي ان مطابق راشن ڏنو آهي، جنهن جو اسان کي پورو حساب ڪتاب رکڻو ٿو پوي. منهنجو اوهان سان هڪ بهترين ميزبان جو رويو آهي. پر جيڪڏهن اوهان هن جو غير حاضري ۾ راشن جو ڪاتو ڪولي آئنده تصديق لاءِ ان کي مون وٽ حاضر نہ ڪندو تہ پوءِ اسان جي قريب بہ نہ اچجو. اسان ڪوڙ هٽندڙن کي پسند نہ ڪندا آهيون. توهان هن جي نالي تي راشن ورتو آهي تہ ان کي حاضر بہ ڪرڻو پوندو. جنهن تي پائرن چيو تہ اسان سندس والد کي مجرائڻ جي پوري ڪوشش ڪنداسون ۽ يقين ڏياريون ٿا تہ اسان ان کي ضرور ونڊي اينداسون. پائرن لاءِ هي هڪ ڏمڪي بہ هئي تہ وري کين پنهنجي فياضي ۽ ميزباني جي يقين دهاني بہ ڪرائي وئي تہ نہ رڳو اوهان جي حصي جو راشن ملندو پر اوهان غريب مسافر معلوم ٿيو ٿا ۽ ڏورانهين ڏيهہ کان آيا آهيو، اوهان کي اجان وڌيڪ ڏنو ويندو. جڏهن هنن پائرن جو سامان ٻورين ۾ بند ٿي رهيو هو تہ يوسف عليه السلام پنهنجن ڪارندن (فِتْيَان، فَتٰی نوجوان ڪارڪن) کي چيو تہ هنن جيڪا هن مال جي قيمت ادا ڪئي آهي، اها سموري موڙي هنن جي سامان ۾ اهڙيءَ طرح لڪائي رکي ڇڏيو جو هنن کي هتي ذرو پر شڪ نہ پوي. پر جڏهن هو پنهنجن گهرن ڏانهن واپس وڃن تہ پنهنجي رقم (موڙي) کي سجاڻي ونڻن. هي بہ هڪ ترغيب آهي تہ آئنده هو پنهنجي ياءُ کي بہ ونڊي اچن.

جڏهن سامان کڻي قافلي سان گڏ پنهنجي گهر پهتا تہ پنهنجي والد کي چيائون ابا جان! اسان کي اڳتي اناج ڏيڻ کان روڪيو ويو آهي، ان ڪري آئنده بار اسان جي ياءُ کي اسان سان گڏ هلڻ جي اجازت ڏي تہ اسان پوري خاندان جي ضرورت پوري ڪرڻ لاءِ گهٽو اناج آڻي سگهنداسون، باقي جيڪو اوهان کي هن جي سلامتي ۽ خير و عافيت جو فڪر دامن گير آهي، اسان ان جي پوري حفاظت ڪنداسون ۽ صحيح سلامت تو وٽ ونڊي اينداسون. يعقوب عليه السلام پنهنجن (نامراد) پٽن جي تسلي ٻڌي ذرا پر مطمئن نہ ٿيو ۽ کين چيائين تہ هن پيري بہ اوهان تي اهو اعتبار ڪريان، جيڪو هن کان اڳ اوهان جي وعدي تي سندس ياءُ يوسف عليه السلام جي باري ۾ اعتبار ڪيو هو. مطلب تہ اوهان جي تسلي جو ڪو اعتبار نہ آهي، الله لاءِ تہ سڀ کان وڌيڪ الله حفاظت ڪرڻ وارو آهي ۽ اهو ئي سمورن مهربانن کان وڌيڪ شفيق ۽ مهربان آهي. والد ۽ پٽن ۾ ايندڙ چڪر جو بحث جاري هيو تہ

پائرن پنهنجو سامان کوليو ۽ سامان سان گڏ اها موڙي جيڪا هنن ملهه طور ڏني هئي واپس مال ۾ موجود ڏسي چوڻ لڳا ته ابا جان اجان ٻيو ڇا کپي!! هي اها موڙي هئي جيڪا اسان اناج خريد ڪرڻ وقت ڏني هئي، اسان جي اها پوري موڙي ۾ اسان کي موٽائي ڏني وئي آهي ۽ مال ۾ مليو آهي. هاڻي ويندا سون ته پنهنجي اهل و عيال لاءِ مزيد غلہ اناج ۾ آڻيندا سون ۽ هن جي حفاظت ۾ ڪندا سون. تقريبًا هڪ اٺ جي بار ڪٺڻ جيترو سامان وڌيڪ آڻيندا سون ۽ اهو وڌيڪ اٺ جي بار جيترو اناج آڻڻ ۾ آساني هوندي. يعقوب عليه السلام کين چيو ته مان هن (بن يامين) کي تيستائين اوهان سان گڏ هلڻ ۽ پنهنجي حصي جو راشن ونڻ لاءِ تڏهن توهان سان اجازت ڏيندس، جڏهن اوهان الله جو قسم کڻي مون سان عهد ڪريو ته توهان هن کي مون وٽ صحيح سلامت واپس آڻيندؤ. اها بي ڳالهه آهي ته اوهان کڻي اچانڪ ڪنهن جي گهيري ۾ اچي وجو، جڏهن هنن قول و اقرار پورو ڪيو ته حضرت يعقوب عليه السلام چيو اسان جي هن معاهدي جو الله نگهبان آهي. حضرت يعقوب عليه السلام جڏهن سندس پٽ وڃڻ لڳا ته حضرت يعقوب عليه السلام پنهنجي پٽن کي هڪ مشورو ڏنو ته منهنجا ٻچڑؤ! جڏهن شهر ۾ داخل ٿيو ته سمورا هڪ وقت هڪ دروازي کان گڏجي داخل نه ٿجو، شايد يعقوب عليه السلام کي انديشو لاحق ٿيو ته ڏکار جا ڏينهن آهن، جيڪڏهن 11 جوان مرد گڏجي داخل ٿين ته ڪنهن بري نيت سان ته نه آيا آهن. ان کان بچڻ لاءِ مختلف دروازن کان الڳ الڳ ٿي داخل ٿجو. هيءَ هڪ تدبير آهي، جيڪا الله جي فيصلي آڏو رڪاوٽ ڪا نه ٿيندي. دراصل سمورو اختيار، اقتدار ۽ قوت الله وٽ آهي. اسان ان تي توڪل ڪريون ٿا ۽ مؤمنن کي گهرجي ته هو ان (الله) تي پروسو ڪن. يعقوب عليه السلام کي تدبير ڏيڻ وقت اهو يقين هو ته ڪا به انساني تدبير مشيت خداوندي مطابق وقوع پذير ٿيندڙ ڪنهن به امر ۽ حڪم کي روڪي نٿي سگهي، پر انسان پنهنجي بساط مطابق مشورو ڏيڻ جو حق رکي ٿو. پوءِ جڏهن هي يارنهن پائر شهر ۾ پنهنجي پيءُ جي عين مشوري مطابق داخل ٿيا ته کين يقين هو ته الله کانسواءِ سندن ڪير به حاجت روا ناهي. هي خدشو يا مشورو حضرت يعقوب عليه السلام جو اولاد لاءِ محبت ۽ شفقت جو اظهار هو. اسان يعقوب عليه السلام کي عظيم علم عطا ڪيو هو، جنهن کان هو بهره مند هيو، مگر اڪثر ماڻهن کي اهو معلوم ناهي.

وَ لَمَّا دَخَلُوْا عَلٰى يُوْسُفَ اٰوٰۤى اِلَيْهِ اَخَاهُ قَالَ اِنِّيْۤ اَنَا اَخُوْكَ فَلَا تَبْتَىِٕسْ
بِمَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿۶۹﴾ فَلَمَّا جَهَّزَهُمْ بِجَهَازِهِمْ جَعَلَ السِّقَايَةَ فِيْ رَحْلِ
اَخِيْهِ ثُمَّ اَذَّنَ مُؤَذِّنٌ اَيَّتُهَا الْعِيْرُ اِنَّكُمْ لَسٰرِقُوْنَ ﴿۷۰﴾ قَالُوْا وَ اَقْبَلُوْا
عَلَيْهِمْ مَّاذَا تَفْقِدُوْنَ ﴿۷۱﴾ قَالُوْا نَفْقِدُ صُوَاعَ الْمَلِكِ وَ لِمَنْ جَآءَ بِهٖ حِمْلُ
بَعِيْرٍ وَّ اَنَا بِهٖ زَعِيْمٌ ﴿۷۲﴾ قَالُوْا تَاللّٰهِ لَقَدْ عَلِمْتُمْ مَّا جِئْنَا لِنُفْسِدَ فِي
الْاَرْضِ وَ مَا كُنَّا سٰرِقِيْنَ ﴿۷۳﴾ قَالُوْا فَمَا جَزَآؤُهٗۤ اِنْ كُنْتُمْ كٰذِبِيْنَ ﴿۷۴﴾ قَالُوْا
جَزَآؤُهٗ مَنْ وُّجِدَ فِيْ رَحْلِهٖ فَهُوَ جَزَآؤُهٗ ؕ كَذٰلِكَ نَجْزِي الظّٰلِمِيْنَ ﴿۷۵﴾ فَبَدَاَ
بِاَوْعِيَتِهِمْ قَبْلَ وِعَآءِ اَخِيْهِ ثُمَّ اسْتَخْرَجَهَا مِنْ وِّعَآءِ اَخِيْهِ ؕ كَذٰلِكَ
كِدْنَا لِيُوْسُفَ ؕ مَا كَانَ لِيَاْخُذَ اَخَاهُ فِيْ دِيْنِ الْمَلِكِ اِلَّاۤ اَنْ يَّشَآءَ اللّٰهُ ؕ
نَرْفَعُ دَرَجٰتٍ مَّنْ نَّشَآءُ ؕ وَ فَوْقَ كُلِّ ذِيْ عِلْمٍ عَلِيْمٌ ﴿۷۶﴾ قَالُوْۤا اِنْ يَّسْرِقْ
فَقَدْ سَرَقَ اَخٌ لَّهٗ مِنْ قَبْلُ ۚ فَاَسَرَّهَا يُوْسُفُ فِيْ نَفْسِهٖ وَ لَمْ يُبْدِهَا
لَهُمْ ۚ قَالَ اَنْتُمْ شَرٌّ مَّكَانًا ۚ وَ اللّٰهُ اَعْلَمُ بِمَا تَصِفُوْنَ ﴿۷۷﴾ قَالُوْا يٰۤاَيُّهَا
الْعَزِيْزُ اِنَّ لَهٗۤ اَبًا شَيْخًا كَبِيْرًا فَخُذْ اَحَدَنَا مَكَانَهٗ ۚ اِنَّا نَرٰىكَ مِنَ
الْمُحْسِنِيْنَ ﴿۷۸﴾ قَالَ مَعَاذَ اللّٰهِ اَنْ نَّاْخُذَ اِلَّا مَنْ وَّجَدْنَا مَتَاعَنَا عِنْدَهٗۤ ۙ
اِنَّاۤ اِذًا لَّظٰلِمُوْنَ ﴿۷۹﴾ ع

۾ جڏهن هو (پائر) يوسف عليه السلام وٽ حاضر ٿيا تہ يوسف عليه السلام پنهنجي سڳي پاءُ بن يامين کي پاڻ وٽ ويهاريو ۽ ان کي ٻڌائي ڇڏيو تہ مان تنهنجو پاءُ (يوسف عليه السلام) آهيان. هي جو ڪجهہ توسان اڄ تائين ڪندا رهيا آهن، ان کان افسرده نہ ٿيءُ (69) پوءِ جڏهن هن پائرن جو سامان تيار ڪرائي ڇڏيو تہ هڪ پاڻي پيئڻ جو پيالو سڳي (پيئتي) پاءُ جي سامان ۾ مخفي طور لکائي ڇڏيو. پوءِ هڪ پڪارڻ واري پڪار هنئي تہ اي قافلي وارا! اوهان چور آهيو.(70) هنن ڪاردارن کان سامهون اچي پڇيو تہ ڪهڙي شيءِ گم ٿي آهي.(71) هنن چيو تہ شاهہ جو پيالو (يا ماپ ڪرڻ وارو ٿويو) گم آهي، جيڪو بہ آڻي ڏيندو ان کي هڪ اٺ جي ڪٺڻ جيترو اناج (غلو) ڏنو ويندو ۽ آءٌ ان جو ذميوار آهيان.(72) جنهن تي پائرن چيو تہ الله جو قسم تہ اوهان پاڻ ڄاڻو ٿا اسان ملڪ ۾ فساد پيدا ڪرڻ نہ آيا آهيون ۽ نہ وري اسان چور آهيون.(73) تنهن تي شاهي ملازمن چيو تہ جيڪڏهن اوهان ڪوڙا ثابت ٿيا تہ پوءِ ان جي ڪهڙي سزا هوندي؟ (74) چيائون ان جي سزا اهو ماڻهو هوندو، جنهن جي سامان مان پيالو دستياب ٿئي. اسان پنهنجي قانون ۾ ظالمن کي اها سزا ڏيندا آهيون.(75) سو تفتيش ۽ تلاش ڪندڙ عملي پهريان پائرن جي سامان جي تلاشي ورتي ۽ بن يامين جي سامان کي بعد ۾ ڏسڻ جو فيصلو ڪيو، پوءِ اهو پيالو بن يامين جي سامان مان نڪتو. اهڙي طرح اسان (مشيت خداوند) يوسف عليه السلام لاءِ تدبير ڪئي، بادشاهہ جي قانون ۾ بہ هو هن کي پڪڑي قيد ۾ رکي نہ ٿي سگهيو، پر الله تعالىٰ جي مشيت جو ڪجهہ هيو ٿي ويو. (هن کان اڳ بن يامين جي پائرن ٻڌايو هو تہ دين ابراهيمي ۽ هنن جي رائج الوقت قانون ۾ سزا ان کي ملندي جنهن چوري ڪئي هوندي. يوسف عليه السلام الله جي هن مصلحت ۽ حڪمت واري فيصلي تي عمل ڪيو.) اسان درجا بلند ڪندا آهيون، جنهن جا گهرون ٿا ۽ هر صاحب علم کان مٿي صاحب علم

به آهن.(76) پائرن چيو ته جيڪڏهن هن چوري ڪئي آهي ته هن کان اڳ هن جي سڳي ياءُ (يوسف عليه السلام) به چوري ڪئي هئي. يوسف عليه السلام اهو ٻڌي خاموش رهيو ۽ پنهنجو راز ڪنهن تي به ظاهر ٿيڻ نه ڏنو. پر دل ۾ پائرن لاءِ چيو ته اوهان ته بلڪل بري ڪردار وارا آهيو، الله اهو سڀ ڪجهه ڄاڻي ٿو جيڪو اوهان بيان ڪري رهيا آهيو.(77) هنن يوسف عليه السلام کي چيو ته هن جو والد وڏي عمر وارو بزرگ شخص آهي، جيڪو هن سان گهڻو پيار ڪري ٿو، ان ڪري هن جي عوض اسان مان ڪنهن هڪڙي کي تفتيش لاءِ روڪي رکو توکي اسان نهايت محسن ۽ شفيق ڏسون ٿا.(78) حضرت يوسف عليه السلام چيو ته معاذالله اسان هن جي بدلي ٻئي کي پڪڑي رکون ته اسان جو شمار ظالمن مان ٿيندو.(79)

۽ جڏهن سمورا پائر يوسف عليه السلام جي حضور ۾ پيش ٿيا ته يوسف عليه السلام پنهنجي سڳي ياءُ (بن يامين) کي پاڻ وٽ جڳهه ڏني ۽ کيس چيو ته مان تنهنجو ياءُ يوسف آهيان. کيس پنهنجي پوري حقيقت ٻڌائي ته هنن پائرن حسد ۽ ساڙ سبب ڪهڙيءَ طرح مون کي اونداهي کوهه ۾ اڇلايو، ڪهڙي طرح قافلي وارن اتان ڪڍي مصر جي بازار ۾ هڪ غلام ڪري وڪيو ۽ ڪهڙي طرح هو عزيز مصر جي گهر ۾ پلجي جوان ٿيو ۽ پوءِ عزيز جي زال ۽ شهر جي معتبر ماڻهن جي زالن گڏجي هڪ منصوبي هيٺ کيس غلط تهمت لڳائي جيل موڪليو ۽ ڪهڙي طرح جيل جي زندگي گذاري ۽ پنهنجي نڪرڻ کان اڳ عورتن واري معاملي جي تفتيش ڪرائي پاڻ کي بي ڏوهي ثابت ڪرڻ بعد الله جي منشا ۽ ڪرم سان مصر جو اقتدار حاصل ڪيو. هن کان اڳ هي پائر جو تو سان زيادتي ڪندا آيا آهن، ان تي زياده دل رنجيده نه ٿيءُ، تون هاڻي مون وٽ محفوظ آهين. انهيءَ تنهائي واري ملاقات ۾ پنهنجي ياءُ بن يامين کي آئنده جي پروگرام کان به آگاهه ڪيو هوندو ته ڪهڙي طرح بن يامين جي مرضيءَ سان هو کيس پاڻ وٽ رکي سگهي ٿو ۽ ڪهڙي طرح بعد ۾ هو پنهنجي بزرگ والد محترم يعقوب عليه السلام سميت سموري خاندان کي مصر

گهرائي وڃندو. ٻئي طرف هن جا ڏهه پائر پسند جو سامان وڻڻ ۾ مصروف ٿي ويا ۽ جڏهن هنن جو سمورو سامان تيار ٿي ويو ۽ هو سڀ ڪوچ ڪرڻ وارا هئا تہ هن پنهنجي ڪارڪنن جي معرفت بن يامين جي اجازت سان بن يامين جي سامان ۾ شاهي ماپ تور وارو ٿويو ۽ پاڻي پيئڻ وارو "اَلسِّقَايَةُ" هن جي سامان ۾ لڪائي رکي ڇڏيو. جڏهن هو هلڻ لڳا تہ ڪارندن چيو تہ ذرا ترسو اي قافلي وارؤ! اوهان شاهي ٿويو چورايو آهي ۽ يقيناً اوهان ئي چور لڳو ٿا. هي يقين ٻنهي سڳن پائرن جي مشوري ۽ رضامندي سان پيش آيو. توڙي ڪٽي ٿورڙي وقت لاءِ بن يامين کي چوريءَ جي الزام ۾ روڪيو ويو، جنهن ۾ هن جي ڪجهہ نہ ڪجهہ سبڪي ظاهري طرح ضرور محسوس ٿي پر هڪ تہ ان ڪانسواءِ ٻيو ڪو طريقو نہ هيو جو هو بن يامين کي پاڻ وٽ رکي سگهي ۽ بن يامين کي مشورو قبول ڪرڻو پيو. پر بعد ۾ راز افشان ٿيڻ وقت بن يامين جي اها ٿوري شرمندگي بہ مصلحت ۽ حڪمت جو روپ وني وئي. ڪارندن جي الزام تي سڀ پائر گڏجي ڪارندن کي چوڻ لڳا تہ چا گم ٿي ويو آهي ۽ چا ڳولي رهيا آهيو. درباري ملازمن جواب ۾ وراڻيو تہ شاهي پيالو گم آهي، ڳولڻ باوجود نٿو ملي، اوهان مان جيڪو بہ اهو ڳولي ڪڍي اڇي تہ ان کي هڪ اٺ جي ڪٽڻ جيترو اناج انعام ۾ مفت ڏنو ويندو ۽ ان کي وڌيڪ ڪجهہ بہ نہ چيو ويندو. ڪاردار کين تسلي ڏيندي چيو تہ مان ان جو ذميدار آهيان. ان ڪري منهنجي ڳالهہ تي يقين ڪري همت ڪري پيالو ڳولي وٺو. سيني پائرن خدا جو قسم ڪٽي يقين ڏياريو تہ اسان کي پيالي جي ڪا بہ خبر ناهي. اوهان چڱي طرح ڄاڻو ٿا تہ اسان ايترا ڪشالا ڪڍي هت فساد پيدا ڪرڻ نہ آيا آهيون. اسان تہ ڏڪار جا ستايل آهيون ۽ شاهہ جي فياضيءَ جو فائدو وڃندي اناج (غلہ) حاصل ڪرڻ لاءِ آيا آهيون تہ جيئن پنهنجي خاندان جي معاشي ضرورت پوري ڪري سگهون. اسان نيڪ ارادي سان آيا آهيون، ڪڏهن بہ چور نہ آهيون ۽ نہ چوريءَ جو سوچي سگهون ٿا. جنهن تي شاهي دربار جي ملازمن چيو تہ جيڪڏهن اوهان جو اهو بيان تہ توهان چور ناهيو پر امن پسند شهري آهيو ۽ شاهي پيالو (ٿويو) اوهان وٽان نڪري اڇي تہ پوءِ جنهن جي مال مان نڪري اڇي ان جي ڪهڙي سزا تجويز ڪيو ٿا. هن چيو تہ جنهن جي مال مان بہ اهو پيالو ملي، اهو ماڻهو ان جي بدلي ۾ سزا جو حقدار هوندو. "لَا تَزِرُ وَازِرَةٌ وِّزْرَ اُخْرٰى" ڪنهن ٻئي تي ان جو بار نہ وڌو ويندو. يلي

تلاشي ونو. اسان بہ انهيءَ قانون مطابق ڏوهي کي سزا ڏيندا آهيون، ان ڪري اوهان بہ ان کي ڏوهاري سمجهي سزا ڏيڻ ۾ حق بجانب هوندا.

ياد رهي تہ يوسف عليه السلام جا پائر دين ابراهيمي جا پيرو ڪار هئا. دين ابراهيم ۾ بہ اهڙي شق شامل هئي ۽ هنن جي لوڪل قانون ۾ بہ اهو طئي ٿيل هو تہ سزا رڳو ڏوهاريءَ کي ڏني ويندي. ڪاردارن پائرن جو سامان کولرائي پهريان ان جي جاچ پڙتال ڪئي ۽ سندن پاءُ يامين جي سامان کي هٿ بہ نہ لاتو. پائرن جي سامان مان پيالو هٿ نہ آيو. آخر ۾ بن يامين جو سامان کولي ان جي تفتيش ڪئي وئي تہ ان مان پيالو نڪري آيو. بس هي ئي اهڙو طريقو هو، جنهن سان يوسف عليه السلام بن يامين کي پاڻ وٽ روڪڻ ۽ رهائڻ جو قانوني وجه نڪري آيو، حالانڪ بادشاهہ جي قانون (دين الملڪ) ۾ سزا هجي بہ، پر نبي دين الله کي ڇڏي، دين الملڪ تي عمل ڪيئن ڪندو؟ پائرن وٽ مروجہ قانون ۽ قانون ابراهيم موجب بن يامين کي روڪيو ويو، جو تہ اهو دين الله جي برابر هو. اهو سڀ الله جي قانون مشيت سان ترتيب وار ٿي رهيو هو. اصل ۾ الله ئي صاحب اختيار ۽ اقتدار آهي. هو جنهن کي گهري ان جا درجات بلند ڪري ٿو ۽ ان ۾ ڪيس ڪا رڪاوٽ نہ آهي. الله هر اهل علم کان وڌيڪ علم رکي ٿو ۽ جنهن بہ ذي علم کي ڪجهہ علم عطا ڪئي ٿو تہ اهو ان عليم ۽ خبير رب جي ذات آهي. اصل کان الله وٽ دين اسلام آهي. "اِنَّ الدِّيْنَ عِنْدَ اللّٰهِ الْاِسْلَامُ" (آل عمران: 3/ 19) "وَمَنْ يَّبْتَغِ غَيْرَ الْاِسْلَامِ دِيْنًا فَلَنْ يُّقْبَلَ مِنْهُ" (آل عمران: 3 / 85) ان ڪري يوسف عليه السلام دين الملڪ بدران دين الله کي ترجيح ڏني ۽ بن يامين کي روڪي پاڻ وٽ رکيو. پائرن پاڻ کي پارسا ڏيکارڻ لاءِ چيو تہ جيڪڏهن هن چوري ڪئي آهي تہ ڪا تعجب جي ڳالهہ نہ آهي. هي اسان جو پيئتو پاءُ آهي، هن جو سڳو پاءُ بہ اهڙي طرح چوري ۾ پڪڙيو ويو هو. هي ٻئي پائر غلط صحبت ۽ تربيت جا شڪار آهن. اسان ڏهہ پائر الڳ آهيون، اسان اهڙي ماحول ۾ نہ پليا آهيون ۽ نہ رهيا آهيون. يوسف عليه السلام پائرن جا اهي بي جا الزام ٻڌي پنهنجي دل تي قابو ڪيو ۽ هنن جي غلط بياني کي راز رهڻ ڏنو ۽ پائرن تي ذرا پر ظاهر نہ ڪيو، پر دل ۾ چوڻ لڳو تہ اوهان جو نهايت برو ڪردار آهي ۽ الله ان جو خوب علم رکي ٿو جيڪو ڪجهہ هو ڪري رهيا آهن. جڏهن پائرن ڏنو تہ بن يامين جي چٽڻ جو ڪو رستو ناهي تہ هنن سمورن گڏجي

هم آواز ٿي يوسف عليه السلام کي درخواست ڪئي ته هن جو والد بزرگ (وڏي عمر وارو) آهي. جو بن يامين کي گهٽو پيار ڪري ٿو. هو بن يامين جي جدائيءَ جو صدمو برداشت ڪري ڪونہ سگهندو. ان ڪري مهرباني فرمائي بن يامين کي ڇڏي ان جي بدلي اسان مان ڪنهن هڪ کي روڪيو وڃي ۽ اسان هن گناهه جي سزا پوڳڻ لاءِ تيار آهيون. اسان توکي نهايت محسن ۽ مشفق ڏسون ٿا. اسان تي مهرباني ڪري هن کي ڇڏي، اسان مان ڪنهن بہ هڪ کي روڪي رکيو وڃي ۽ تفتيش ڪري فيصلو ڏنو وڃي. يوسف عليه السلام چيو ته معاذالله! آءٌ الله جي پناهه گهران ٿو، اهو ممڪن ناهي ته پيالو جنهن جي سامان مان ملي ان کي ڇڏي، ڪنهن ٻئي بيگناهه کي هن ڏوهه ۾ روڪي سزا ڏيون. اهو معاملو عدل ۽ انصاف جي سراسر غلط ۽ ناجائز هوندو. توڙي ڪٽي اهو پيالو مصلحتًا بن يامين جي رضا ۽ يوسف عليه السلام جي خواهش سان بن يامين جي سامان ۾ رکيو ويو هجي، پر سرڪاري عملدارن کي ته ان راز جي ڪا خبر نہ آهي. ان ڪري انهن وٽ ته بن يامين ئي چوري جي الزام ۾ اچي ٿو ۽ اهو ئي پائرن فيصلو ڏنو هو، ان ڪري ظاهر طرح الزام ۽ اندروني طرح بن يامين کي روڪڻ جو جواز انهي راز ۾ رکيل هو. ان ڪري سرڪاري عملدارن جو اصرار رهيو ته جنهن جي سامان مان پيالو مليو آهي، ان کانسواءِ يا ان جي بدلي ڪنهن ٻئي کي چور ڪري روڪڻ ناممڪن آهي ۽ اهو ظالمن ۽ قانون شڪني ڪندڙن جو عمل آهي ۽ اسان اهڙو عمل ڪري ظالم نٿا ٿيڻ گهرون.

فَلَمَّا اسْتَيْـَٔسُوْا مِنْهُ خَلَصُوْا نَجِيًّا ؕ قَالَ كَبِيْرُهُمْ اَلَمْ تَعْلَمُوْۤا اَنَّ اَبَاكُمْ
قَدْ اَخَذَ عَلَيْكُمْ مَّوْثِقًا مِّنَ اللّٰهِ وَ مِنْ قَبْلُ مَا فَرَّطْتُّمْ فِيْ يُوْسُفَ ۚ فَلَنْ
اَبْرَحَ الْاَرْضَ حَتّٰى يَاْذَنَ لِيْۤ اَبِيْۤ اَوْ يَحْكُمَ اللّٰهُ لِيْ ۚ وَ هُوَ خَيْرُ
الْحٰكِمِيْنَ ﴿۸۰﴾ اِرْجِعُوْۤا اِلٰۤى اَبِيْكُمْ فَقُوْلُوْا يٰۤاَبَانَاۤ اِنَّ ابْنَكَ سَرَقَ ۚ وَ مَا
شَهِدْنَاۤ اِلَّا بِمَا عَلِمْنَا وَ مَا كُنَّا لِلْغَيْبِ حٰفِظِيْنَ ﴿۸۱﴾ وَ سْـَٔلِ الْقَرْيَةَ الَّتِيْ

كُنَّا فِيْهَا وَ الْعِيْرَ الَّتِيْۤ اَقْبَلْنَا فِيْهَا ؕ وَ اِنَّا لَصٰدِقُوْنَ ﴿۸۲﴾ قَالَ بَلْ سَوَّلَتْ
لَكُمْ اَنْفُسُكُمْ اَمْرًا ؕ فَصَبْرٌ جَمِيْلٌ ؕ عَسَى اللّٰهُ اَنْ يَّاْتِيَنِيْ بِهِمْ جَمِيْعًا ؕ
اِنَّهٗ هُوَ الْعَلِيْمُ الْحَكِيْمُ ﴿۸۳﴾ وَ تَوَلّٰى عَنْهُمْ وَ قَالَ يٰۤاَسَفٰى عَلٰى يُوْسُفَ وَ
ابْيَضَّتْ عَيْنٰهُ مِنَ الْحُزْنِ فَهُوَ كَظِيْمٌ ﴿۸۴﴾ قَالُوْا تَاللّٰهِ تَفْتَؤُا تَذْكُرُ
يُوْسُفَ حَتّٰى تَكُوْنَ حَرَضًا اَوْ تَكُوْنَ مِنَ الْهٰلِكِيْنَ ﴿۸۵﴾ قَالَ اِنَّمَاۤ اَشْكُوْا بَثِّيْ
وَ حُزْنِيْۤ اِلَى اللّٰهِ وَ اَعْلَمُ مِنَ اللّٰهِ مَا لَا تَعْلَمُوْنَ ﴿۸۶﴾

جڏهن هو يوسف عليه السلام کان بلڪل مايوس ٿي ويا تہ پوءِ الڳ پاڻ ۾ مشورو ڪرڻ لڳا. هنن مان وڏي ياءُ چيو تہ اوهان کي پوري خبر آهي تہ بابا اسان کان الله جو قسم کڻائي وعدو ورتو آهي، اوهان کي خود معلوم آهي تہ يوسف عليه السلام جي معاملي ۾ هن کان اڳ جيڪا زيادتي ڪئي آهي. مان تہ هن جڳهہ کان ڪو نہ چرندس جيستائين مون کي بابا جو حڪم يا اجازت ملي، يا الله منهنجي باري ۾ ڪو فيصلو ڪري ۽ يقيناً هو بهترين فيصلو ڪرڻ وارو آهي.(80) اوهان والد صاحب وٽ موٽي وجو ۽ چئو تہ بابا جان! تنهنجي پٽ چوري ڪئي اسان تہ اها گواهي ڏني جنهن جو اسان کي علم هيو ۽ اسان غيب جا نگهبان نہ آهيون.(81) توهان ان بستي وارن کان پڇو جنهن ۾ اسان هياسون ۽ ان قافلي وارن کان معلوم ڪيو جنهن سان اسان گڏ آيا آهيون ۽ اسان بلڪل سچا آهيون. (82) حضرت يعقوب عليه السلام چيو تہ حقيقت ائين ناهي پر توهان جي نفسن توهان لاءِ اها ڳالهہ سٿي آهي، ان ڪري في الحال صبر ڪرڻ ئي بهتر آهي. اميد آهي تہ جلد الله مون کي انهن سمورن سان ملائيندو. بيشڪ

منهنجو الله هر شيءِ جو علم رکي ٿو ۽ سندس هر حڪم حڪمت سان لبريز آهي.(83) ان بعد هن انهن کان پڻي ڦيري ورتي ۽ رڙ ڪري چيائين هاءِ يوسف هاءِ (۽ روئڻ لڳو). هن صدمي ۾ سندس اکيون بلڪل سفيد ٿي ويون هيون. چو ته يوسف عليه السلام جو غم کيس اندر ئي اندر ۾ کوکلو ڪري رهيو هو.(84) يعقوب عليه السلام کي پٽن چيو ابا جان! الله جو قسم تون يوسف عليه السلام جي ياد ۾ اهڙي طرح ڳرندو جهرندو رهندين يا وفات ڪري وجين(85) يعقوب عليه السلام چيو ته مان پنهنجي پريشاني ۽ غم جو فرياد الله کي ئي ڪريان ٿو ۽ مون کي الله وٽان اهو ڪجهه معلوم آهي جيڪو اوهان نٿا ڄاڻو.(86)

جڏهن يوسف عليه السلام کان بن يامين جي آزادي بابت بلڪل مايوس ٿي ويا ۽ کين کا اميد باقي نه رهي ته هنن اڪيلائي ۾ ويهي پاڻ ۾ مشورو ڪيو. پائرن جو وڏو ڀاءُ يهود جنهن کي يوسف عليه السلام جي لاءِ دل ۾ نرم گوشو موجود هيو ۽ جنهن جي مشوري سان ئي يوسف عليه السلام کي قتل نه ڪيو ويو پر اتفاق راءِ پيدا ڪري کوهه ۾ وڏو ويو هو. ان چيو ته معاملو سخت ڳنڀير آهي. بن يامين کي اسان جي حوالي ڪرڻ کان اڳ اسان جي بابا اسان کان الله جو قسم کٽائي عهد ۽ اقرار ورتو هو ۽ هر حالت ۾ بن يامين کي صحيح سلامت واپس والد وٽ آندو ويندو. ٻڌايو ته بابا کي ڪهڙو جواب ڏيون جو هو اسان جي ڳالهه تي اعتبار ڪري مطمئن ٿي وجي. مان ته همت نه ٿو رکان جو بابا وٽ پيش ٿيان. مان هتي ئي رهان ٿو. جيستائين مون کي بابا پاڻ نٿو گهرائي يا الله پاران منهنجي حق ۾ ڪو فيصلو اچي وجي. هن کان اڳ اوهان يوسف عليه السلام جي باري ۾ به وڏي زيادتي ڪري چڪا آهيو. هاڻي بابا وٽ وجو ۽ کيس پنهنجي بي قصوري جي پوري داستان بيان ڪيو. هن کان اجازت ملي ته مان واپس ايندس يا خدا جي پنهنجي حق ۾ فيصلي جو انتظار ڪيان ٿو. جيڪو احڪم الحاڪمين آهي. بن يامين کي تلوار جي زور تي ته وٺي نٿا سگهون. باقي الله رحم ڪري هن کي بي قصور ظاهر ڪري نجات ڏياري. ان کانسواءِ بابا کي منهن ڏيڻ مون لاءِ ممڪن ناهي. پر اوهان بابا کي چئو ته اسان جيڪو بن يامين کي سلامت واپس آڻڻ جو عهد ڪيو هو. ان سان اسان جي مراد ظاهري خطرن کان

حفاظت ڪرڻ هئي، چوري ته هن جو مخفي ڏوهه آهي، ان ۾ اسان جو ڪهڙو قصور، اسان پنهنجي عهد تي قائم آهيون ۽ بلڪل سچا آهيون. جيڪڏهن اجا به اسان جي ڳالهه تي توکي اعتبار نڻو اچي ته پلي ان شهر وارن کان حقيقت حال معلوم ڪريو، جنهن بستي ۾ اسان هياسون ۽ هي واقعو پيش آيو. "اَلْعِيْرُ" مان مراد "اصحاب العير" آهي، يعني ان قافلي وارن کان به معلوم ڪريو، جنهن قافلي سان اسان گڏ واپس آيا آهيون. اسان ته جو ڪجهه چئون ٿا اهو سچ آهي، جنهن ۾ ڪو شڪ شبهو ناهي.

يعقوب عليه السلام پنهنجن پٽ جي واتان بن امين کي چور چوڻ ٻڌو نه لڳو. هن چيو ته اوهان جي هي سموري ڳالهه هڪ سٽيل تدبير جو نتيجو آهي. اوهان ڪيئن چئو ٿا ته هن هڪ پيالو چرايو ۽ اوهان ان جي مقام کي هينانهون ڏيکاريو. اوهان اهي آهيو جن هن کان اڳ يوسف عليه السلام کي بگهڙ هٿان کارائڻ جو چئي سندس قميص تي رت جا ڪوڙا داغ لڳايا هئا ۽ هينئر وري هڪ ديانتدار ايماندار سڻي ڪردار جي ڀاءُ کي چور سڏي رهيا آهيو ۽ يوسف عليه السلام سان ظالمانه سلوڪ ڪرڻ بعد وري هن جي ڀاءُ تي هي ڪوڙو الزام لڳائي مون کي مطمئن ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيو. افسوس آهي اوهان جي حال تي. هاڻي صبر ڪرڻ ئي بهتر آهي. اهو وقت دور ناهي جو الله عزوجل انهن سيني کي مون وٽ وڻي اچي. بيشڪ هو وسيع علم وارو ۽ وڏي حڪمت وارو آهي. يعقوب عليه السلام پنهنجي پٽن کي اهو چئي ڪانئن منهن موڙي ٻئي طرف سوچڻ لڳو، صبر ڪرڻ سان گڏ ڪيس خدا جي حڪمت ۾ به غير متزلزل يقين هو. "وَمَنْ يَّقْنَطُ مِنْ رَّحْمَةِ رَبِّهٖٓ اِلَّا الضَّآلُّوْنَ" (الحج: 56/22، الزمر: 52/39) پنهنجي پروردگار جي رحمت کان گمراهه ماڻهن کانسواءِ ڪوبه ناميد ناهي. سندس منهن مان دانهن نڪري وئي. "هاءِ افسوس يوسف جاني" غم ۽ اندوهه سبب گهڻو وقت رئندو رهيو، جنهن ڪري هن جون اکيون سفيد ٿي ويون هيون ۽ غم تي قابو پائي رهيو هو. پر اندر دونهون دکي رهيو هو، جنهن جي گرمي ڪيس بي قرار ڪري رهي هئي.

نهائين کان نينهن سک منهن جا سپرين،
سڙي سارو ڏينهن ٻاهر ٻاف نه نڪري

(شاهه لطيف رحمه الله)

پٽ پيءُ جي حالت زار ڏسي کين کا همدردي ٿي نہ ٿي، پر الٽو يوسف عليه السلام جي پراٽي ويهن سالن واري غم کي ياد ڪري بي هوش ٿي ٿئي ويو. جيڪا صورتحال (پائرن/پٽ) کي سڻي نٽي لڳي ۽ پيءُ کي چوٽ لڳا ٿي تو پنهنجي حالت اهڙي بنائي آهي جو ويهه سالن بعد به يوسف عليه السلام جي جدائي وساري نہ سگهيو آهين ۽ اڄ به ان غم ۾ ڳري جهري رهيو آهين يا هن غم جي سبب وفات ڪري وڃين.

مرا دردیست اندر دل اگر گویم زبان سوزد
وگر دم در کشم ترسم کہ مغزو استوان سوزد

هنن جي اندر ۾ اهو درد آهي، جنهن کي ظاهر ڪيان ٿو ته زبان سڙي ٿي، پر جيڪڏهن اندر رکان ٿو ته مغز ۽ هڏا سڙي ويندا.

حقيقت هن حال جي ظاهر ڪريان ڏري،
لڳي ماڻ مرن کي ڏونگر پون ڏري،
اوچن وڻ ٻري اوير ايري کين کي.

(شاهه لطيف رحمه الله: سر ڪوهياري)

باقي اسان جي همدردي، خلوص ۽ خدمت تنهنجي نظرن ۾ نہ هجڻ برابر آهي. حضرت يعقوب عليه السلام کين جواب ڏنو ته مان پنهنجا ڏک درد غم گوندر ۽ پريشانيون الله آڏو ئي عرض رکي رهيو آهيان، جنهن وٽ ئي منهنجن ڏکن ڏولاون جو حل موجود آهي. اهو ئي منهنجي مدد لاءِ ڪافي آهي. "حَسْبُنَا اللّٰهُ وَنِعْمَ الْوَكِيْلُ نِعْمَ الْمَوْلٰى وَ نِعْمَ النَّصِيْرُ" "اَلَيْسَ اللّٰهُ كَافٍ بِعَبْدِهٖ" ڇا الله پنهنجي ٻانهن جي مدد لاءِ ڪافي ناهي، بلڪل ڪافي آهي. مون کي الله جي طرفان اهي ڳالهيون معلوم آهن، جيڪي اوهان نٿا ڄاڻو. انهن جو سبب يوسف عليه السلام جو اهو خواب آهي، جيڪو هن پنهنجي والد کي ٻڌايو هو ۽ حضرت يعقوب عليه السلام ان کي الله جي بشارت سمجهي يقين ڪيو ته حضرت يوسف عليه السلام زندهه آهي ۽ ان سان الله ملاقات ڪرائيندو.

يٰبَنِيَّ اذْهَبُوْا فَتَحَسَّسُوْا مِنْ يُّوْسُفَ وَ اَخِيْهِ وَ لَا تَايْـَٔسُوْا مِنْ رَّوْحِ اللّٰهِ ؕ
اِنَّهٗ لَا يَايْـَٔسُ مِنْ رَّوْحِ اللّٰهِ اِلَّا الْقَوْمُ الْكٰفِرُوْنَ ﴿٨٧﴾ فَلَمَّا دَخَلُوْا عَلَيْهِ
قَالُوْا يٰۤاَيُّهَا الْعَزِيْزُ مَسَّنَا وَ اَهْلَنَا الضُّرُّ وَ جِئْنَا بِبِضَاعَةٍ مُّزْجٰىةٍ فَاَوْفِ
لَنَا الْكَيْلَ وَ تَصَدَّقْ عَلَيْنَا ؕ اِنَّ اللّٰهَ يَجْزِى الْمُتَصَدِّقِيْنَ ﴿٨٨﴾ قَالَ هَلْ
عَلِمْتُمْ مَّا فَعَلْتُمْ بِيُوْسُفَ وَ اَخِيْهِ اِذْ اَنْتُمْ جٰهِلُوْنَ ﴿٨٩﴾ قَالُوْۤا ءَاِنَّكَ لَاَنْتَ
يُوْسُفُ ؕ قَالَ اَنَا يُوْسُفُ وَ هٰذَاۤ اَخِىْ ۫ قَدْ مَنَّ اللّٰهُ عَلَيْنَا ؕ اِنَّهٗ مَنْ يَّتَّقِ وَ
يَصْبِرْ فَاِنَّ اللّٰهَ لَا يُضِيْعُ اَجْرَ الْمُحْسِنِيْنَ ﴿٩٠﴾ قَالُوْا تَاللّٰهِ لَقَدْ اٰثَرَكَ اللّٰهُ
عَلَيْنَا وَ اِنْ كُنَّا لَخٰطِـِٕيْنَ ﴿٩١﴾ قَالَ لَا تَثْرِيْبَ عَلَيْكُمُ الْيَوْمَ ؕ يَغْفِرُ اللّٰهُ
لَكُمْ ۫ وَ هُوَ اَرْحَمُ الرّٰحِمِيْنَ ﴿٩٢﴾ اِذْهَبُوْا بِقَمِيْصِىْ هٰذَا فَاَلْقُوْهُ عَلٰى وَجْهِ اَبِىْ
يَاْتِ بَصِيْرًا ۚ وَ اْتُوْنِىْ بِاَهْلِكُمْ اَجْمَعِيْنَ ﴿٩٣﴾ ع ١٢

اي منهنجا پٽڑؤ! هاڻي وڃو يوسف عليه السلام ۽ سندس پاءُ جو پتو لڳايو ۽ الله جي رحمت کان مايوس نه ٿيو. يقيناً الله جي رحمت کان مايوس ته بس ڪافر ئي هوندا آهن.(87) پوءِ جڏهن هو وري يوسف عليه السلام وٽ آيا. انهن چيو ته اي عزيز (صاحب اختيار) اسان تي ۽ اسان جي اهل و عيال تي وڏي سختي اچي وئي آهي ۽ اسان نهايت ٿورڙي رقم ساڻ کڻي آيا آهيون، پر ڪرم نوازي ڪري اسان جو پيمانو پورو پورو ڏيڻ فرمايو ۽ ان ۾ ڪجهه خيرات (صدقو) به شامل ڪريو. الله صدقو ڏيندڙن کي جزاءِ خير ڏيندو آهي.(88) حضرت يوسف عليه السلام کانئن پڇيو ته اوهان کي ڪجهه ياد آهي ته اوهان يوسف عليه السلام ۽ سندس پاءُ سان

ڪهڙو ورتاءُ ڪيو هو، جڏهن توهان نادان ۽ بي سمجهه هئا.(89) ان تي هنن (پائرن) چيو تہ ڇا تون يوسف عليه السلام آهين؟ يوسف عليه السلام چيو هائو مان يوسف آهيان ۽ هي منهنجو پاءُ (بن يامين) آهي، الله عزو جل اسان تي وڏو احسان ڪيو آهي. يقينًا جو شخص تقويٰ اختيار ڪري ٿو ۽ صبر ڪري ٿو تہ الله اهڙن نيڪوڪارن جو اجر ضايع نٿو ڪري.(90) تنهن تي هنن (پائرن) چيو تہ الله جو قسم الله توکي اسان تي فضيلت عطا ڪئي آهي، يقينًا اسان ئي خطا وارا هياسون (91) يوسف عليه السلام ڪين چيو تہ اڄ جي ڏينهن اوهان تي ڪا بہ ملامت نہ آهي. الله اوهان کي معاف ڪري ۽ هو سمورن رحم ڪندڙن کان وڌيڪ رحم ڪرڻ وارو آهي.(92) توهان منهنجي هيءَ قميص کڻي وڃو ۽ وڃي منهنجي والد محترم جي چهري مبارڪ تي وجهو، جنهن سان سندس بصارت واپس اچي ويندي ۽ منهنجي پوري گهراڻي کي مون وٽ وٺي اچو.(93)

يعقوب عليه السلام پنهنجن پٽن جي پيش ڪيل بيان کان مطمئن ڪو نہ هيو. يوسف عليه السلام کي بگهڙ جو کائي وڃڻ ۽ خون آلوده قميص والد محترم کي ڏيکارڻ تي بہ حضرت يعقوب عليه السلام جو خيال هيو تہ اصل حقيقت تي پردو رکڻ لاءِ هي ناهه ناهيو ويو آهي ۽ يوسف عليه السلام زندهه آهي. ڪيس يوسف عليه السلام جو خواب بہ ياد هيو، جنهن ۾ هن کي الله وٽان وڏي فضيلت (نبوت) عطا ٿيڻ جو الهام هيو. جيڪو هر حال ۾ سچو ٿيڻو هو، چو تہ اهو رب پاڪ جي پاران هيو. اهڙي طرح هو بن يامين جي سيرت ۽ ڪردار کان پوري طرح مطمئن هيو. ان تي پيالي جي چوري جو الزام سچ تي نٿو سگهي، ان ڪري يعقوب عليه السلام پنهنجن پٽن کي مشورو ڏنو تہ ٻچڑؤ! وڃي يوسف عليه السلام ۽ سندس پاءُ (بن يامين) جي تلاش جاري رکو. هنن بابت جيڪا بہ ڪهاڻي اوهان بيان ڪئي آهي، ان کان پلجي وڃو. تلاش ڪريو، الله وڏو رحمان رحيم آهي، اهو اوهان جي مدد ڪرڻ فرمائيندو. الله جي اميد جو دامن مضبوط پکڙي رکو. الله جي رحمت کان نااميد تہ رڳو اهي ٿين ٿا، جيڪي ڪافر آهن. حضرت يعقوب عليه السلام جي مشوري تي عمل پيرا ٿيندي وري جڏهن اناج ونڻ

لاءِ مصر وٽ آيا ۽ يوسف عليه السلام جي حضور پيش ٿيا تہ چوڻ لڳا: اي عزيز وقت جا طاقتور حڪمران! اسان کي ۽ اسان جي اهل و عيال يعني پوري خاندان تي سخت ڏڪر ۽ تنگيءَ جو وقت آهي. قحط سالي جي ڪري اسان گهر جو سامان مال متاع بہ وڪٽي ڇڏيو آهي، هينئر ڏاڍي تنگ دستي ۾ وقت گذاري رهيا آهيون. اناج ۽ غلہ جي سخت ضرورت آهي، اسان وٽ پنهنجي راشن جيترو اناج خريد ڪرڻ جي بہ مالي استطاعت نہ آهي، اسان ٿورڙي موڙي آندي آهي، "بِضَاعَةٍ" مال جو حصو پتي، قيمت يا ملهہ. "مُزْجَاةٌ" پري اڇلائڻ، گهٽ وقت يا ملهہ. پر اسان جو پورو حصو عنايت ڪر، ان ۾ ڪجهہ هي رقم آهي ۽ ڪجهہ صدقو خيرات ڪري ڏي، اسان بلڪل صدقي وٺڻ جا حقدار آهيون. اسان تي صدقو ڪندين تہ الله صدقي ڪندڙن سان محبت ڪري ٿو ۽ انهن کي ان جي بدلي اجر عظيم ڏئي ٿو. يائرن جي اهڙي بي بسي ۽ بي ڪسي واري رقت انگيز رحم جوڳي حالت ڏسي، جنهن ۾ پوڙهي ضعيف والد جي بن پٽن ۾ جدائي جو درد انگيز بيان بہ هيو. يوسف عليه السلام جي اکين مان نير جاري ٿي ويا، رحم ۽ پيار جو پيالو سرشار ٿي ڇلڪڻ لڳو ۽ وڌيڪ کين مخمصي ۽ دلدل ۾ ڇڏڻ بدران پاڻ کي ظاهر ڪرڻ جو فيصلو ڪيائين ۽ ڪانئن پڇائين تہ توهان کي ڪجهہ ياد آهي تہ توهان يوسف (عليه السلام) ۽ سندس ياءُ سان ڪهڙو رويو اختيار ڪيو هو ۽ جهالت ۽ ناداني ۾ ظلم تي ظلم ڪندا رهيا. يوسف عليه السلام جو يائرن کان هي سوال آيت نمبر 15 جنهن ۾ الله تعالىٰ حضرت يوسف عليه السلام کي وحي ڪئي تہ "ڪو فڪر نہ ڪر، هڪ ڏينهن تون انهن کي هيءُ ڏينهن ياد ڏيارينديں" نهايت نرم دهيمي ۽ پرسوز آواز ۾ سندن زيادتين جي ياد دهاني سان گڏ اخلاق ڪريمانہ جو اظهار بہ ڪيو. نهايت شرمساري ۽ عجز و انڪساري سان يائرن چيو تہ ادا تون يوسف عليه السلام آهين؟ جنهن تي هن چيو تہ هائو مان يوسف عليه السلام آهيان ۽ هي منهنجو ياءُ بن يامين آهي، يقيناً اسان تي الله عزو جل پنهنجو احسان ڪرڻ فرمايو آهي. اوهان تہ پنهنجن منحوس منصوبن ۾ ڪا ڪمي ڪا نہ ڇڏي هئي. اسان بنهي کي الله انهن مان عزت سان سرخرو ڪيو ۽ جيڪو ماڻهو بہ الله جي حڪمن جي پوري پوري نگهباني ڪري ٿو، تقويٰ اختيار ڪري پاڻ کي خدا جي عذاب کان بچائي ٿو ۽ هر وقت صبر ۽ شڪر ۾ ڪامل مڪمل رهي ٿو تہ الله اهڙن محسن ۽ نيڪوڪار ماڻهن جو اجر ضايع نہ ڪندو

آهي. پائرن جڏهن کوهه وارو واقعو ۽ ياد ڪيو ۽ ان وقت پنهنجي ڏاڍ، ڏمر ۽ وڏائيءَ سان گڏ حضرت يوسف عليه السلام جي مجبوري ۽ ڪمزوري ۽ اڪين آڏو تري آئي ۽ هينئر وري 20-22 سالن کان پوءِ اچانڪ اقتدار ۽ اختيار جي ڪرسيءَ تي يوسف عليه السلام کي سرفراز ڏسي ۽ پاڻ کي ان جي آڏو مسڪين، عاجز، خيرات ۽ صدقي جو حقدار سڏي، حمايت گهري ته سواءِ شرمساري ۽ ندامت جي ٻيو ڪجهه هٿن وٽ باقي نه رهيو ته هٿن ڏڪندڙ زبان ۽ وهندڙ ڳوڙهن ۾ چيو ته الله جو قسم ته الله توکي اسان تي وڏي فضيلت ڏني آهي ۽ اسان کي اسان جي نيتن جو نتيجو مليو آهي. يوسف عليه السلام ۽ پيغمبرانه تدبر ۽ تحمل اختيار ڪندي کين ڪنهن ملامتي جملي سان ياد نه ڪيو، پر چيو ته اڄ توهان تي ڪا ملامت ناهي. اوهان لاءِ منهنجي من ۾ ڪا مدائي نه آهي. اوهان جيڪي عمل ڪيا آهن، الله کان دعا آهي ته هو اوهان جي ڪوتاهين کمين، ڏوهن ۽ ڏاڍاين جي دردناڪ نتيجن کان اوهان کي محفوظ رکي، اوهان سان درگذر جو معاملو ڪري، بيشڪ هو وڏو ارحم الراحمين يعني هر رحم ڪندڙ کان وڌيڪ رحم ڪرڻ وارو آهي. اوهان جا ديرينه درد و غم دور ٿي ويا. هاڻي جلدي ڪريو، منهنجي هي قميص ڪٽي وجو ۽ منهنجي والد محترم جي چهري مبارڪ تي وجهو، الله پنهنجي ڪرم ۽ نوازش سان سندس بصارت بحال ڪندو ۽ هو نئون نوبنو ٿي پوري طرح ڏسي ٻڌي ڳالهائي سگهندو ۽ ان کان پوءِ ساري گهراٽي يعني يعقوب عليه السلام جي پٽن پوٽن نياڻين نياڻن سڀ کي اولاد سميت مون وٽ وٺي اچو.

دراصل هي آهي جواب ان سوال جو، جيڪي مخالفن يهودي علماء جي شرار تين پچيو هيو ته آل ابراهيم ڪنعان کان مصر ڪيئن پهتي هئي. هن کان علاوه ان قميص يا ڪڑتي جي اهميت ۽ وساري نٿي سگهجي ته اهو ڪڑتو هيو، جيڪو خون آلوده ڪري يائرن يوسف عليه السلام کي بگهڙ کان ڪارايل ڏيکاريو هو. اهو ڪرتو هيو جيڪو پٽيان قاتل هٿ سبب يوسف عليه السلام جي برائت ۽ زليخان جي ملامت جو سبب بڻيو ۽ وري اهو ساڳي ڪڑتو آهي جيڪو يعقوب عليه السلام جي اکين ۾ بصارت جو سبب بڻيو. هي معجزو آهي، جيڪو الله طرفان يوسف عليه السلام کي آزمائش مان گذاري نڪاري خالص سون بنائي صحرا کان قيد ۽ قيد کان تخت مصر عطا ڪيو. "ذٰلِكَ فَضْلُ اللّٰهِ يُؤْتِيْهِ مَنْ يَّشَآءُ ۭ وَاللّٰهُ ذُو الْفَضْلِ الْعَظِيْمِ".

وَ لَمَّا فَصَلَتِ الْعِيْرُ قَالَ اَبُوْهُمْ اِنِّيْ لَاَجِدُ رِيْحَ يُوْسُفَ لَوْ لَآ اَنْ
تُفَنِّدُوْنِ ﴿۹۴﴾ قَالُوْا تَاللّٰهِ اِنَّكَ لَفِيْ ضَلٰلِكَ الْقَدِيْمِ ﴿۹۵﴾ فَلَمَّآ اَنْ جَآءَ الْبَشِيْرُ
اَلْقٰىهُ عَلٰى وَجْهِهٖ فَارْتَدَّ بَصِيْرًا ۚ قَالَ اَلَمْ اَقُلْ لَّكُمْ ۚ اِنِّيْٓ اَعْلَمُ مِنَ اللّٰهِ
مَا لَا تَعْلَمُوْنَ ﴿۹۶﴾ قَالُوْا يٰٓاَبَانَا اسْتَغْفِرْ لَنَا ذُنُوْبَنَآ اِنَّا كُنَّا خٰطِـِٕيْنَ ﴿۹۷﴾ قَالَ
سَوْفَ اَسْتَغْفِرُ لَكُمْ رَبِّيْ ؕ اِنَّهٗ هُوَ الْغَفُوْرُ الرَّحِيْمُ ﴿۹۸﴾ فَلَمَّا دَخَلُوْا عَلٰى
يُوْسُفَ اٰوٰٓى اِلَيْهِ اَبَوَيْهِ وَ قَالَ ادْخُلُوْا مِصْرَ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ اٰمِنِيْنَ ﴿۹۹﴾

جڏهن قافلو (ڪڙتو ڪٽي) مصر کان روانو ٿيو تہ سندس والد يعقوب عليه السلام (ڪنعان ۾) چيو تہ مون کي يوسف عليه السلام جي خوشبوء محسوس ٿئي پئي، جيڪڏهن اوهان مون کي پيرسنيءَ جي ڪري سودائي نہ سمجهو. (94) ڪيس ماڻهن چيو تہ تون پنهنجي انهيءَ پراڻي خبط يا ماليخوليا ۾ مبتلا آهين.(95) پوءِ جڏهن قافلي مان بشارت ڏيڻ وارو آيو ۽ ان ڪڙتي کي يعقوب عليه السلام جي چهري مبارڪ تي وڌو تہ اتي جو اتي بصارت وارو ٿي ويو ۽ ماڻهن کي چيائين تہ مان الله وٽان اهو علم رکان ٿو، جنهن کان اوهان محروم آهيو.(96) (ايتري ۾ پٽن گڏجي هم آواز ٿي معافيءَ جي انداز ۾) چيو تہ ابا جان! اسان جي لاءِ اسان جي گناهن لاءِ مغفرت طلب ڪريو، يقينًا اسان ڪان ئي غلطي ٿي آهي. (97) جواب ۾ حضرت يعقوب عليه السلام چيو تہ پنهنجي رب کان اوهان جي لاءِ مغفرت جي درخواست ڪندس، يقينًا اهو ئي بخشڻ وارو ۽ دائمي رحم وارو آهي. (98) پوءِ جڏهن هو يوسف عليه السلام وٽ پهچي ويا تہ هن پنهنجي والدين کي پاڻ سان گڏ ويهاريو ۽ باقين کي چيائين تہ مصر (شهر) ۾ ان شاءَ الله امن ۽ اطمينان سان رهو.(99)

جڏهن قافلو يوسف عليه السلام جو پيءُ ڏانهن موڪليل پنهنجي جسم جو ڪڙتو (قميص) ڪٽي مصر کان نڪتو ته حضرت يعقوب عليه السلام چيو ته مون کي يوسف عليه السلام جي خوشبوء اچي رهي آهي. توهان منهنجي هيءَ خبر ٻڌي مون کي سودائي يا عقل کان وانجهيل انسان نه سمجهو. (لَوْ لَا اَنْ تُفَنِّدُوْنِ) پر اها حقيقت آهي. يعقوب عليه السلام انبياءَ بني اسرائيل جو سرخيل ۽ نهايت جليل القدر نبي ۽ رسول آهي. حضرت يوسف عليه السلام ويهه سالن کان بنفس نفيس خود موجود هيو ته به يعقوب عليه السلام کي ان جي ڪڏهن به خوشبوءَ محسوس نه ٿي. هن کان اڳ ڪنعان جو ڪوهه ۾ چند ميلن جي فاصلي تي موجود هيو ته به سندس خوشبوءِ حضرت يعقوب عليه السلام کي محسوس نه ٿي، پر هاڻي سوين ميل دور قافلي ۾ رڳو يوسف عليه السلام جو ڪڙتو ڪٽي شهر کان نڪري ئي مس ٿو ته يعقوب عليه السلام کي ان ڪڙتي جي خوشبوءِ اچي وجي ٿي ۽ هو هن کي خوشخبري سمجهي خوش ٿئي ٿو. تڏهن ته شيخ سعدي هن عجيب واقعي جي منظرڪشي ڪندي فرمائي ٿو:

گہے بر تارِ اعلیٰ می نشینم
گہے بر پشتِ پائی خود نہ بینم

(گلستان: شيخ سعدي رحمه الله)

الله وارن جي ڪيفيت ۽ استطاعت اهڙي آهي جو هو آسمان جون خبرون پيا ڏين ته وري ڪڏهن ڪين سندن پير جي پنيءَ تي چا پيو ٿئي، ان جي خبر ناهي.

ان مان معلوم ٿيو ته نبين سڳورن کي به سندن حد بشريت تائين الله پنهنجي ذاتي علم سان ڪين عارضي علم جنهن وقت مشيت ايزدي ۾ مناسب هوندو آهي ته عنايت ٿيندو آهي. يعقوب عليه السلام کي به قميص مان ئي تڏهن خوشبوءِ محسوس ٿي، جڏهن پوري ڪهاڻيءَ ۾ رنگ پرجي آيو ۽ ان جي اظهار جو معجزانه طور ظهور فرمايو، جيڪو بنهي نبين يعقوب عليه السلام ۽ يوسف عليه السلام جي مان مرتبي، عزت ۽ اڪرام لائق هيو. (سبحان الله وبحمده) يعقوب عليه السلام جي اها دعوىٰ هڪ معنىٰ خيز معجزو به هيو ته والد جي پنهنجي سليم الطبع پٽ لاءِ انتهائي محبت جو اظهار پڻ. يعقوب عليه السلام جي دعوىٰ ٻڌي ٻيا ماڻهو ته چڏيو پر خود گهر جا ڄاتي به ڪيس مڃڻ بدران چوڻ لڳا ته تون پنهنجي

پراٹي پدرانہ شفقت جو شڪار آهين ۽ صحيح ڳالهه ڪرڻ کان قاصر ٿي چڪو آهين. پر ظاهربين اکين کي ڪهڙي خبر تہ دل جي حساسيت ۽ قربت جون ڪهڙيون ڪرامتون آهن، جن جي آڏو وقت ۽ فاصلو رڪاوٽ نہ هوندو آهي.

دل کے آئینے میں ہے تصویرِ یار
جب ذرا گردن جھکائی، دیکھ لی۔

وسارڻ سان نٽو وسرين حقيقت هي اٽئي پيارا
اکين آڏو ڏئي هر هر تنهنجي تصوير لامارا

پٽائي سرڪار ﷺ بہ تہ اها ڳالهه ڪئي آهي:

اتي آئي آهين جتي اوهان ڇڏيون
اکيون عبداللطيف چئي، ماڳ نہ مَٽائين
جي ٻيو در واجهائين تہ ڪڍي ڪانگن کي ڏيان

جڏهن خوشخبري ڏيڻ وارو آيو ۽ يعقوب عليه السلام وٽ پهچي سندس چهري مبارڪ تي قميص ڏڪي تہ آناً فاناً يعقوب عليه السلام بي نوريءَ مان صاحب بصيرت ٿي ويو. سوين ميل دور جنهن ڪڙتي جي ڪيس خوشبوءِ محسوس ٿي، ان ڪڙتي جي معجزاتي اثر ۽ الله جي حڪم سان اکين ۾ نور اچي ويو. بصارت جي ڪري پورو عالم روشن نظر اچڻ لڳو. يعقوب عليه السلام چيو تہ مان اهو چوندو هئس تہ الله طرفان مان اهو سپ ڪجهه ڄاڻان ٿو، جنهن کان اوهان بي خبر آهيو. ياد رهي تہ تقريباً ويهه ٻاويهه سال اڳ انهيءَ خون آلوده ڪڙتي کيس زندگي جي سپ کان اندوهناڪ حادثي غم ۽ اندوه جو سما پيدا ڪيو. انهيءَ ڪڙتي ئي يوسف عليه السلام کي عزيز مصر جي زال ۽ زنان مصر جي الزام ۽ بهتان کان بچايو ۽ هينئر زندگيءَ جي آخري موڙ تي جڏهن ظاهري سپ اسباب ۽ وسيلا معدوم ٿي چڪا هئا تہ هڪ ڪڙتي سوين ميل دور يعقوب عليه السلام کي خوشيءَ جي خوشخبري خوشبوءِ ذريعي ڏني.

صاحب تنهنجي صاحبي عجب ڏني سون
پن ٻوڙين پاتال ۾، پهڻ تارين تون.

يعقوب عليه السلام جي پٽن کيس عرض ڪيو ته ابا جان! اسان جي غلطيءَ کي درگذر ڪري تون اسان لاءِ پنهنجي رب کان استغفار ۽ معافي طلب ڪر ته جيئن الله اسان کي برن اعمال جي نتيجن جي ظاهر ٿيڻ کان اڳ پنهنجي حفاظت ۾ رکي ۽ اسان جا گناهه نهايت وڏا آهن ۽ اسان غلط راهه تي هلندي، ڏوهن مٿان ڏوهه ڪيا آهن. ان لاءِ اسان کي رب کان معافي ونيي ڏي. يعقوب عليه السلام کين شرمندو ڏسي چيو ته عنقريب اوهان جي لاءِ پنهنجي رب کان مغفرت جي درخواست ڪندس ته جيئن هو اوهان جي گناهن کي درگذر ڪري معافي ڏئي ڇڏي. يعقوب عليه السلام عنقريب جو لفظ ممڪن آهي ته ان ڪري چيو ته هو يوسف عليه السلام ۽ بن يامين سان ملي پوري حقيقت معلوم ڪري ۽ جيڪا زيادتي پائرن يوسف عليه السلام ۽ بن يامين سان ڪئي آهي، ان جي معافي لاءِ انهن کي چئجي ۽ بعد ۾ قبوليت وارن وقتن ۾ هنن لاءِ دعا مغفرت ڪجي. هي پدرانہ شفقت جو اظهار آهي. الله نهايت بخش ڪرڻ وارو ۽ گناهن جي هولناڪ نتيجن کان محفوظ رکڻ وارو آهي ۽ دائمي رحم ڪرڻ وارو آهي. جڏهن سمورو گهراٽو يوسف عليه السلام جي آڇ تي مصر پهچي ويو ته يوسف عليه السلام پنهنجي والدين کي سڏي پاڻ سان گڏ اقتدار واري ڪرسيءَ تي ويهاريو ۽ باقي قبيلي کي چيائين ته شهر ۾ جتي گهرو، اتي امن ۽ سکون سان رهائش اختيار ڪريو. اوهان هاڻي ڪنهن به غم ۽ فڪر ۾ مبتلا نہ ٿيو. اوهان لاءِ خوشحالي ۽ امن جا در کليل آهن. ان شاءَ الله اوهان سکون ۽ آرام جي زندگيءَ بسر ڪندا.

وَ رَفَعَ اَبَوَيْهِ عَلَى الْعَرْشِ وَ خَرُّوْا لَهٗ سُجَّدًا ۚ وَ قَالَ يٰۤاَبَتِ هٰذَا تَاْوِيْلُ رُءْيَايَ مِنْ قَبْلُ ۫ قَدْ جَعَلَهَا رَبِّيْ حَقًّا ؕ وَ قَدْ اَحْسَنَ بِيْۤ اِذْ اَخْرَجَنِيْ مِنَ السِّجْنِ وَ جَآءَ بِكُمْ مِّنَ الْبَدْوِ مِنْۢ بَعْدِ اَنْ نَّزَغَ الشَّيْطٰنُ بَيْنِيْ وَ بَيْنَ اِخْوَتِيْ ؕ اِنَّ رَبِّيْ لَطِيْفٌ لِّمَا يَشَآءُ ؕ اِنَّهٗ هُوَ الْعَلِيْمُ الْحَكِيْمُ ۝ رَبِّ قَدْ

اٰتَيْتَنِيْ مِنَ الْمُلْكِ وَ عَلَّمْتَنِيْ مِنْ تَاْوِيْلِ الْاَحَادِيْثِ ۚ فَاطِرَ السَّمٰوٰتِ وَ
الْاَرْضِ ۫ اَنْتَ وَلِيّٖ فِي الدُّنْيَا وَ الْاٰخِرَةِ ۚ تَوَفَّنِيْ مُسْلِمًا وَّ اَلْحِقْنِيْ
بِالصّٰلِحِيْنَ ﴿١٠١﴾ ذٰلِكَ مِنْ اَنْۢبَآءِ الْغَيْبِ نُوْحِيْهِ اِلَيْكَ ۚ وَ مَا كُنْتَ لَدَيْهِمْ
اِذْ اَجْمَعُوْٓا اَمْرَهُمْ وَ هُمْ يَمْكُرُوْنَ ﴿١٠٢﴾ وَ مَآ اَكْثَرُ النَّاسِ وَ لَوْ حَرَصْتَ
بِمُؤْمِنِيْنَ ﴿١٠٣﴾ وَ مَا تَسْـَٔلُهُمْ عَلَيْهِ مِنْ اَجْرٍ ؕ اِنْ هُوَ اِلَّا ذِكْرٌ لِّلْعٰلَمِيْنَ ﴿١٠٤﴾ ع ١١

ع ۽ يوسف عليه السلام پنهنجي والدين کي مٿي تخت تي ويهاريو ۽ هو سمورا يوسف عليه السلام سامهون سجده زير ٿي ويا ۽ يوسف عليه السلام چيو ابا جان! هي آهي ان خواب جي تعبير، جيڪو مون بچپن ۾ ڏٺو هو. منهنجي رب ان (خواب) کي سچو ثابت ڪيو ۽ ان (الله) مون تي وڏو احسان ڪيو، جو مون کي قيدخاني مان آزاد ڪرايو ۽ مون کي بدوي (صحرائي) زندگي کان ڪڍي هت وٺي آيو. ان بعد جو شيطان منهنجي ۽ منهنجي ڀائرن جي درميان دشمني پيدا ڪئي. بيشڪ منهنجو رب غير محسوس ٽيڙ جي جيڪا تدبير گهري ٿو ڪري ٿو، يقينًا اهوئي هر طرح جو علم رکي ٿو ۽ حڪمت جو ڏاڍي آهي.(100) اي منهنجا پروردگار! تنهنجي طرفان مون کي حڪومت ۽ عطا ٿي آهي ۽ مون کي خوابن جي تعبير يا (معاملہ فهمي) جو علم ۽ عنايت ڪيو آهي. (يوسف: 6·21·101/12) اي زمين ۽ آسمان کي عدم کان وجود ۾ آڻيندڙ! واحد هستي، دنيا توڙي آخرت ۾ منهنجو تون ئي ڪارساز آهين. منهنجو موت مسلمان جي حيثيت ۾ ٿئي ۽ مون کي پنهنجي صالح بانهن ۾ شمار ڪرڻ فرماءِ. (101) اي حبيب مڪرم خاتم النبيين صلى الله عليه وسلم! هي غيب جون خبرون آهن، جيڪي اسان توڏانهن وحيءَ ذريعي موڪلي رهيا آهيون. جڏهن تہ تون ان وقت موجود نہ هئين جڏهن

برادران يوسف پنهنجي سازشي تدبيرن جوڙڻ لاءِ جمع ٿي رهيا هئا ۽ مكرو فريب كري رهيا هئا.(102) بيشڪ تون كيتري به خواهش كرين، هنن مان اكثر ماڻهو ايمان آڻڻ وارا نه آهن.(103) ۽ تون هنن كان هن (دعوت ۽ اصلاح) جو كو اجر يا صلو به نٿو گهرين. دراصل قرآن ئي دنيا وارن لاءِ سجاڳي جو سڌ (نصيحت) آهي. (104)

يوسف عليه السلام نهايت تعظيم ۽ احترام سان پنهنجي والدين كي (پاڻ سان گڏ) تخت تي ويهاريو ۽ سندن دلجوئي ۽ خاطر تواضع ڪئي ۽ سمورا يوسف عليه السلام آڏو سجدي ۾ جهكي پيا. هت سجده جي تشريح ۾ مختلف رايا آهن. ڪي چون ٿا اهو عبادت وارو سجده نه هيو، پر تعظيمي سجدو هيو، جيكو ان وقت جائز هيو، پر شريعت محمدي صلى الله عليه وسلم ۾ ممنوع قرار ڏنو ويو. اهو ان ڪري آهي جو لفظ "سجده" عربي آهي ۽ ان ڪي معنىٰ اسان پنهنجي نماز واري سجدي جي ڏيون ٿا. عربيءَ ۾ "سجده" جي معنىٰ آهي جهكڻ، پيشاني زمين تي رکڻ نه آهي. جهڙي طرح ماڻهو كنهن معزز شخصيت، استاد مرشد وغيره لاءِ سيني تي هٿ ركي، ٿورو جهكندا آهن، ان كي عربي ۾ "سجده" سڏبو آهي، جيكو عبادت لاءِ ناهي، پر تعظيم ۽ تكريم جو اظهار آهي. باقي پيشاني ۽ نك زمين تي ركي نماز وارو عبادت لاءِ سجدو ڪرڻ نه تعظيمي آهي نه وري اڳين شريعتن ۾ جائز آهي.

يوسف عليه السلام چيو ابا جان! هي ان خواب جي تعبير آهي، جيكو مون بچپن ۾ ڏٺو هو. منهنجي رب (اڄ) ان كي سچو ڪري ڏيكاريو. (يوسف: 4/12) اهو ائين به ٿي سگهي ٿو ته يوسف عليه السلام جي والدين كي ان تخت تي ويهاريو ويو، جيكو حضرت يوسف عليه السلام لاءِ هيو ۽ ٻيا اهل خانه اڳئين صف ۾ وينا، حسب معمول يوسف عليه السلام آيو ته سندن احترام ۾ پوري عملي ۽ حاضرين ٿورو جهكي سلام كيو ۽ اهڙي طرح اهل خانه به ساڳي طرح جهكي سلام كيو هوندو. يوسف عليه السلام مزيد چيو ته هن (الله) مون كي قيدخاني مان كڍيو. سموري اهل خانه كي صحرا مان هت آندو، حالانكه شيطان منهنجي ۽ منهنجي ڀائرن درميان بداعتمادي ۽ دشمني پيدا ڪئي ۽ الله تعالىٰ مون كي مصر جي حكومت

۾ صاحب اقتدار ۽ اختيار بنايو. بلاشڪ منهنجو رب پنهنجي مشيت سان جنهن تدبير کي آسان بڻائي ۽ منزل مقصود تي پهچائي تہ ڪري سگهي ٿو. بلاشڪ اهو عليم ۽ حڪيم آهي. هر شيءِ کي جاڻي ٿو ۽ ان حڪمت کان طوالت جي باوجود هت سجده آدم جو ذڪر بي جا نہ هوندو. "وَاِذْ قُلْنَا لِلْمَلٰٓئِكَةِ اسْجُدُوْا لِاٰدَمَ فَسَجَدُوْٓا اِلَّآ اِبْلِيْسَ اَبٰى وَاسْتَكْبَرَ وَكَانَ مِنَ الْكٰفِرِيْنَ" (البقره: 2/ 34) الله فرشتن کي حڪم ڪيو تہ آدم کي سجدو ڪيو، سيني فرشتن سجدو ڪيو، مگر ابليس سجدي ڪرڻ کان انڪار ڪيو. حافظ شيرزايءَ هن نهايت باريڪ ۽ نفيس راز کي هن لفظن ۾ بيان ڪيو آهي.

ملک در سجده آدم زمیں بوس، تو نیت کردند
که در حسن تو چیزے دید، غیر از طور انسانی

جڏهن فرشتن زمين بوس ٿي آدم کي سجدو ڪيو تہ ان ۾ نيت تنهنجي ڪئي هيائون، چو تہ هنن تنهنجي حسن ۾ ڪا بہ انساني خود خصلت نہ ڏني. يعني فرشتن سجدو ڪيو تہ ان ۾ بہ ڪين الله جي توانائي (روح) نظر آيو ۽ آدم عليه السلام جو خاڪي بوتو نيت ۾ نہ هيو. "اِنَّمَا الْاَعْمَالُ بِالنِّيَّاتِ" (صحيحين) الله آدم عليه السلام کي پنهنجن دست مبارڪ سان ناهيو هيو ۽ فرشتن کي چيائين: "وَنَفَخْتُ فِيْهِ مِنْ رُّوْحِيْ فَقَعُوْا لَهٗ سٰجِدِيْنَ" مون هن بوتي ۾ پنهنجو روح توانائي وڌي آهي تہ فرشتا ان روح يا توانائيءَ کي سجدو ڪري رهيا هئا چو تہ خاڪي بوتو تہ هنن کي نظر ئي نہ آيو، پر شيطان جي نگاهہ آدم عليه السلام جي خاڪي بوتي تي هئي. ان کي الله جو روح توانائي نظر نہ آئي. ان ڪري غرور ۽ تڪبر ۾ اچي سجدي کان انڪار ڪيو. وڌيڪ تفصيل منهنجي ڪتاب "آداب رسول صلى الله عليه وسلم ۾ ڏسو. سچن عاشقن جي اک اهو ڪجهہ ڏسندي آهي، جيڪو عام اک کان اوجهل هوندو آهي، محبت ادب ۽ تعظيم جي نگاهہ سان ڏسڻ واري دادن فقير جي اک چوي ٿي:

آهي بي ادبي چمڙ ۾ ان جي پيرن جون پنيون
چپ مٿان ٽين پير هينان، ان ڪري چمجن تريون.

يوسف عليه السلام جنهن جي اکين آڏو پوين ويهہ ٻاويهہ سالن جو دردناڪ ماضيءَ جو

منظر تري آيو، جنهن ۾ پائرن جون بيوفائيون ۽ ظالمانہ روش، قافلي وارن وٽ غلامي جا ڏينهن، زليخا ۽ بين خوش پوش عورتن جا الزام، تهمتون، طعنا ۽ جيل جي ڪوٺڙيءَ ۾ هڪ قيدي جي زندگيءَ گذارڻ، والد ماجد جي پيرسني ۾ ڪيس پيارن پٽن کان جدا ڪرڻ. سندس اکيون روئي روئي بي نور سفيد ٿي وڃڻ ۽ بن يامين کي بہ وقتي ۽ عارضي طور بہ چوري جي الزام هيٺ اچڻ جهڙا هانءُ ڏارينڊ حادثا هڪ ڊرامي جي اسٽيج وانگر سامهون هجن، پر پوءِ بہ نبوت جي نکار، اخلاق ۽ ڪردار جي بلندين اهي سڀ حادثا وسارائي، ڪيس پروردگار آڏو شڪراني ۽ حمد جي جذبن جو اظهار ڪرايو تہ اي منهنجا رب! تو مون کي صحرا جي ديهاتي زندگي مان ڪڍي مختلف مرحلن مان گذاري، ڪُندن ڪري مون کي حڪومت ۽ اقتدار سان نوازيو ۽ مون کي خوابن جي تعبير جهڙي معاملہ فهمي ۽ حقيقت داني جي علم سان سرفراز ڪيو. اي منهنجا رب! جنهن جي حڪمراني هيٺ آسمانن ۽ زمينن جو انتظام آهي، جنهن انهن کي پهرين پيري خلقيو ۽ ڪمال دانائي سان هلائي رهيو آهي، جنهن جي دستِ قدرت ۽ ڪائنات جو ذرو ذرو ڪارفرما آهي. اهو ئي منهنجو ڪارساز آهي. دنيا ۾ بہ منهنجي لاءِ آسانيون ۽ آسائشون مهيا ڪيون ۽ آخرت ۾ پنهنجو خيرو فلاح ان رب ڪريم حوالي آهي. اي منهنجا رب! منهنجو خاتمو بالخير هجي ۽ هڪ سچي مؤمن مسلمان جو موت نصيب ٿئي ۽ منهنجا رب! مون کي پنهنجي صالح ۽ نيڪ ماڻهن ۾ شامل ڪر.

اي خدا جا حبيب ﷺ! هي غيب جون خبرون آهن، جيڪي توکي وحيءَ جي ذريعي بيان ڪري رهيا آهيون، جنهن جي ڪنهن کي بہ پوري طرح ڄاڻ ناهي. اڳين ڪتابن ۾ بہ تحريف شده مواد موجود آهي ۽ ساري ڪهاڻيءَ جا خاص خاص جزا جن جو بيان ڪرڻ ضروري هيو، انهن کي تہ غائب ئي ڪيو ويو آهي. ان ڪري بني اسرائيل جو فسلطين کان مصر اچڻ جو تو کان سوال بہ حل ٿي ويو، تون پاڻ انهن وٽ ان وقت موجود نہ هئين، جڏهن يوسف عليه السلام جي پائرن پڪو ارادو ڪيو هو ۽ پنهنجي تدبير کي پوري ڪرڻ لاءِ يوسف عليه السلام کي اونهي ۽ انڌيري کوهہ ۾ اڇلايو هو. پوري حقيقت معلوم ڪرڻ کان پوءِ بہ هنن جي اڪثريت ايمان کا نہ آڻيندي، پلي تون ڪيتري بہ خواهش ۽ خيرخواهي جو مظاهرو ڪرين. هنن جي هٽ ڏرمي جو عجيب و غريب حال آهي. صاف

صاف دليل اڇڻ باوجود هو حق قبول ڪرڻ وارا نه آهن، هنن کي سَنَدَ يا دليل نه گهرجي، هو بهانا ڪري رهيا آهن. کين معلوم هئڻ گهرجي ته هي قرآن تنهنجو تصنيف ٿيل ناهي، پر وحي الاهي جي معرفت تو تي نازل ٿيو آهي. بظاهر هن ۾ خطاب پاڻ ڪريمن خَاتَمُ النَّبِيِّينَ ﷺ ڏانهن آهي، پر مقصود اهو مجموعو آهي، جيڪو سوال ڪري رهيو آهي. تنهنجي نهايت مخلصانه ۽ همدردانه خيرو خواهي واري ڪوشش آهي، جنهن جو مقصد آهي ته هنن کي سندن بدڪرداريءَ جي آڙاهه مان ڪڍي، امن و سلامتي جي خوشگوار ماحول ۾ آڻجي، پر هو پنهنجي ضد ۽ هٺ تي مضبوطيءَ سان قائم آهن، تنهنجون هي سموريون ڪوششون ۽ ڪاوشون انساني همدردي جي زمري ۾ اچن ٿيون. بنا ڪنهن لالچ جي تون هنن جي اصلاح ۾ رڌل آهين. تون هنن کان پنهنجي هن محنت جو اجورو به ڪونه ٿو گهرين، تنهنجو اصل هدف هنن جي هدايت آهي. هي جيڪو ڪجهه تون هنن کي بيان ڪري رهيو آهين، هي ته تمام جهانن لاءِ نصيحت ۽ هدايت جي راهه آهي.

وَ كَاَيِّنْ مِّنْ اٰيَةٍ فِي السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ يَمُرُّوْنَ عَلَيْهَا وَ هُمْ عَنْهَا
مُعْرِضُوْنَ ﴿۱۰۵﴾ وَ مَا يُؤْمِنُ اَكْثَرُهُمْ بِاللّٰهِ اِلَّا وَ هُمْ مُّشْرِكُوْنَ ﴿۱۰۶﴾ اَفَاَمِنُوْٓا
اَنْ تَاْتِيَهُمْ غَاشِيَةٌ مِّنْ عَذَابِ اللّٰهِ اَوْ تَاْتِيَهُمُ السَّاعَةُ بَغْتَةً وَّ هُمْ لَا
يَشْعُرُوْنَ ﴿۱۰۷﴾ قُلْ هٰذِهٖ سَبِيْلِيْٓ اَدْعُوْٓا اِلَى اللّٰهِ ۣ عَلٰى بَصِيْرَةٍ اَنَا وَ مَنِ
اتَّبَعَنِيْ ؕ وَ سُبْحٰنَ اللّٰهِ وَ مَآ اَنَا مِنَ الْمُشْرِكِيْنَ ﴿۱۰۸﴾ وَ مَآ اَرْسَلْنَا مِنْ قَبْلِكَ اِلَّا
رِجَالًا نُّوْحِيْٓ اِلَيْهِمْ مِّنْ اَهْلِ الْقُرٰى ؕ اَفَلَمْ يَسِيْرُوْا فِي الْاَرْضِ فَيَنْظُرُوْا
كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ ؕ وَ لَدَارُ الْاٰخِرَةِ خَيْرٌ لِّلَّذِيْنَ
اتَّقَوْا ؕ اَفَلَا تَعْقِلُوْنَ ﴿۱۰۹﴾ حَتّٰٓى اِذَا اسْتَيْـَٔسَ الرُّسُلُ وَ ظَنُّوْٓا اَنَّهُمْ قَدْ

قُلْ هٰذِهٖ سَبِيْلِيْٓ ... صلی اللہ علیہ وسلم

كُذِبُوْا جَآءَهُمْ نَصْرُنَا فَنُجِّيَ مَنْ نَّشَآءُ ؕ وَ لَا يُرَدُّ بَاْسُنَا عَنِ الْقَوْمِ الْمُجْرِمِيْنَ ۝۱۱۰ لَقَدْ كَانَ فِيْ قَصَصِهِمْ عِبْرَةٌ لِّاُولِي الْاَلْبَابِ ؕ مَا كَانَ حَدِيْثًا يُّفْتَرٰى وَ لٰكِنْ تَصْدِيْقَ الَّذِيْ بَيْنَ يَدَيْهِ وَ تَفْصِيْلَ كُلِّ شَيْءٍ وَّ هُدًى وَّ رَحْمَةً لِّقَوْمٍ يُّؤْمِنُوْنَ ۝۱۱۱ ع ۱۲

۽ ڪيتريون ئي نشانيون آهن، آسمانن ۽ زمينن ۾ جن تان هي گذرندا رهن ٿا، پوءِ بہ ان کان منهن موڙيو ڇڏين(105) هنن مان اڪثر ماڻهو الله تي ايمان نٿا رکن، مگر هو مشرڪن وارا ڪم ڪن ٿا.(106) ڇا هو هن عذاب جي خوف کان بي پرواهہ ٿي ويا آهن تہ الله طرفان انهن تي ڇانئجي وڃڻ واري ڇانئجي وڃي يا اچانڪ قيامت اچي وڃي. هنن کي ان جو شعور بہ نہ رهي.(107) اي حبيب مڪرم ﷺ! تون چؤ تہ اهائي منهنجي راهہ آهي، پوري بصيرت سان مان پاڻ ۽ اهي ماڻهو، جن منهنجي پيروي ڪئي اهي، انهن کي الله طرف سڏيان ٿو. الله تعالىٰ هر عيب کان پاڪ آهي ۽ مان مشرڪن ۾ شامل نہ آهيان. (108) اي نبي مڪرم ﷺ! اسان هن کان اڳ بستيءَ وارن ۾ رسول مردن کي بنائي موڪليو آهي، ڇا هي ماڻهو زمين تي گهميا ڦريا ناهن، جو هو انهن ماڻهن جو انجام ڏسن، جيڪي هن کان اڳ گذريا آهن. يقيناً آخرت جو گهر انهن ماڻهن لاءِ بهتر آهي، جن هن زندگي ۾ سنيالي احتياط سان تقويٰ واري راهہ گذاري آهي، ڇا توهان (سمجهڻ لاءِ) عقل ۽ هوش کان ڪم نٿا وٺو.(109) ايتري قدر جو رسول سڳورا مايوس ٿي ويا ۽ ماڻهن اهو سمجهيو تہ انهن سان (رسولن طرفان) ڪوڙ ڪيو ويو تہ انهن کي اسان جي

مدد پهچي وئي، پوءِ جن کي اسان گهريو قانون مشيت مطابق بچائي ورتو، مگر اسان جو عذاب مجرم قوم کي کان ٻئي طرف ڦيرائي نٿو سگهجي. (110) يقيناً پوين قومن جي واقعن بيان ڪرڻ ۾ هوش مند ماڻهن لاءِ عبرت جو سبق آهي، هي قرآن اهڙيءَ شيءِ ناهي، جيڪا گهڙي وجي، پر هي هن کان اڳ آيل ڪتابن جي تصديق ڪندڙ آهي ۽ تفصيل آهي هر شيءِ جي ۽ هدايت ۽ رحمت آهي، انهن ماڻهن جي لاءِ جيڪي هن ۾ ايمان رکن ٿا.(111)

هي ماڻهو تو کان پنهنجي تسلي ۽ اطمينان لاءِ پنهنجي پسند جون نشانيون طلب ڪن ٿا. حالانڪ زمين ۾ ڪيتريون ئي نشانيون آهن، جن تان هنن جو روزانو گذر ٿئي ٿو، مگر ان جي باوجود هو انهن آيتن ۽ نشانين مان عقل و شعور جي روشني ۾ ڪجهه حاصل ڪرڻ لاءِ تيار نه آهن. پر پنهنجي پراڻي روش ۽ وڏڙن جي انڌي تعليم کي ترجيح ڏئي حق ۽ سچائي کان منهن موڙي گهٽو دور گمراهي ۾ ڀٽڪي رهيا آهن. زمين ۽ آسمان ۾ ڪيتريون ئي نشانيون آهن، جن کي ڏسي غور ڪري سڌي راهه اختيار ڪري سگهن ٿا.

ہر گیاہے کہ از زمین روید
وحدہ لا شریک لہ گوید

زمين مان جيڪو به سلو نڪري ٿو اهو وحده لا شريڪ له جا گيت ڳائيندي ٻاهر اچي ٿو.

جانور جيڪي انساني عقل و شعور کان محروم آهن، اهي به فطرت جي نوازشن کان مسرور آهن. انسان ته عقل ۽ شعور جو شاهڪار آهي، اهو ته وڌيڪ صحيح طور فطرت جو مطالعو ڪري فائدا حاصل ڪري سگهي ٿو. پر ان هوندي به ماڻهن جي وڏي اڪثريت هنن نشانين تي غور ڪري، الله تي ايمان نٿي آڻي ۽ ان سان ٻين کي شريڪ ڪري، مشرڪن جي ٽولي ۾ شامل ٿيا آهن. "اِنَّ اللّٰهَ لَا يَغْفِرُ اَنْ يُّشْرَكَ بِهٖ وَيَغْفِرُ مَا دُوْنَ ذٰلِكَ لِمَنْ يَّشَآءُ ۚ وَمَنْ يُّشْرِكْ بِاللّٰهِ فَقَدِ افْتَرٰٓى اِثْمًا عَظِيْمًا " (النساء: 48/4) الله اهو ڏوهه نه بخشيندو ته هن سان ڪنهن کي شريڪ ڪيو وجي، باقي شرڪ کانسواءِ ٻيا گناهه جنهن

کي قانون مشيت موجب گهري تہ بخش ڪري ٿو. جنهن ماڻهوءَ ۾ خدا سان ڪنهن کي شريڪ ڪيو تہ سمجهو هن وڏو ظلم ڪيو آهي. ياد رکو تہ جيڪو ماڻهو نشان راهہ کان اکيون بند رکندو تہ هو ڪڏهن ۾ سڌي رستي تي نٿو اچي سگهي. ان کان پري هٽي ويندو. هي ڪائنات، هي زمين، هي آسمان، هي سج، چند، تارا، هي سمنڊ دريا ۽ آبشار جنهن نظام سان بنا نقص ۽ خرابي جي ڪارفرما آهن، اهي سڀ وحده لا شريڪ له جي صناعي، حڪمت ۽ دانائيءَ جو اظهار ڪري رهيا آهن. الله جي حڪمن تي ٻين جي حڪمن کي ترجيح ڏيڻ يا خدا جي قانون کان بچڻ لاءِ غير الله جو قانون قبول ڪرڻ ۾ شرڪ آهي. (المائده: 44/5 کان 47)

هنن واضح آيتن ۽ نشانين جي باوجود هو ڪڏا ڪرتوت ڪري ايمان جهڙي نعمت کان محروم آهن. ڇا هو پنهنجن بدبختي جي نتيجن ۾ ايترا بي خوف ٿي ويا آهن، جو هو زندگيءَ جي رعنائين ۽ عياشين ۾ مدهوش ٿي، اهو وساري وينا آهن تہ هنن تي الله جي عذاب جي ڇانئجي وڃڻ واري آفت اچي وڃي ۽ هنن کي پنهنجي گهيري ۾ آڻي نيست و نابود ڪري ڇڏي يا انهن تي اچانڪ قيامت اچي وڃي ۽ هنن کي ان جي خبر ۾ نہ پوي، ۽ هو زندگيءَ جي فرصت ۽ مهلت واري حياتي کي غنيمت سمجهي، غفلت جي انڌيرن ۾ سرگردان آهن. کين اها خبر ئي ناهي تہ هنن جي اعمال جي نتيجي ۾ اها گهيرو ڪري کين پڪڙي تباهہ ڪري ڇڏيندي يا هنن کي اها خبر ناهي تہ هنن تي قيامت ڪڙڪي پوي ۽ هنن کي ان جو شعور ۾ نہ هجي. ان ڪري ايندڙ حيات لاءِ هينئر ۾ وقت آهي. وقت گذري ويو تہ ٻيهر مهلت ملڻ ناممڪن هوندي. اي پيغمبر حق خَادِمُ النَّبِيِّ ﷺ ! تون هنن ايمان کان انڪاري ماڻهن کي واضح طور ٻڌائي ڇڏ تہ منهنجو رستو هي آهي، جنهن رستي تي هلڻ لاءِ اوهان کي دعوت ڏيان ٿو ۽ الله عزو جل طرف سڏيان ٿو. منهنجو هي رستو سڌو الله طرف وڃي ٿو. هن رستي تي مان توڙي منهنجي پيروي ڪرڻ وارا سڀ بصيرت ۽ شعور سان آيا آهن. هي علمي عقلي ۽ هوش و حواس واري سڌي ۽ سچي راهہ آهي، جنهن ۾ ڪنهن قسم جو ور وڪڙ يا اونچ نيچ ناهي. "لَا تَرٰى فِيْهَا عِوَجًا وَّلَآ اَمْتًا" (طٰهٰ: 20 /107) يعني هي رستو بصيرت ۽ شعور وارو آهي، جنهن تي مان پاڻ ۾ هلي رهيو آهيان ۽ جيڪي منهنجي پيروي ڪن ٿا، اهي ۾ انهي سڌي

رستي تي گامزن آهن. مان يا منهنجا پيروڪار انڌي تقليد ۾ پراٽين ريتن رسمن کان بيزار آهن. الله هر عيب کان پاڪ آهي ۽ مان مشرڪن مان ناهيان. ياد رهي ته اصل ايمان ئي شعوري ۽ بصيرت وارو ايمان آهي، باقي اسان جا مسلمان پائر مسلمانن جي گهر جاوا آهن ته آدمشماريءَ جا مسلمان آهن. الله ۽ الله جي رسول، يوم آخرت، فرشتن، ڪتابن سيني تي دل جي اٿاهه سچاين سان ايمان آڻڻ ئي ايمان آهي، باقي ظاهري رسومات ادا ڪري مسلماني جو چوغو ته پاتل آهي، پر اندر خالي آهي. چوٽي آهي ته اڇي پڳ ۾ پس اندر مڙيوئي اڇڙيون.

سورت الحجرات 49 جي آيت 17-18 ۾ ايمان ۽ اسلام جو بيان ايمان افروز آهي.

اِن پر نہ ايمان، جيئن ڪلمي گو ڪوٺائين
دغا تنهنجي دل ۾ شرڪ ۽ شيطان،
منهن ۾ مسلمان، اندر آزر آهئين.

(شاهه لطيف رحمۃ اللہ علیہ: سر آسا)

حديث شريف ۾ آهي: "اِنَّ اللّٰهَ لَا يَنْظُرُ اِلٰى صُوَرِكُمْ وَاَمْوَالِكُمْ وَلٰكِنْ يَّنْظُرُ اِلٰى قُلُوْبِكُمْ وَ اَعْمَالِكُمْ" الله توهان جي صورت ۽ مال نٿو ڏسي، پر هو توهان جي قلب ۽ اعمال کي ڏسي ٿو. "مَنْ بَطَّاَ عَمَلُهٗ لَمْ يُسْرِعْ نَسَبُهٗ" (حديث) جنهن کي اعمال پٺتي ڪندا ته اتي ان کي ان جو نسب اڳتي نہ ڪندو. اي پيغمبر خاتم النبيين صلی اللہ علیہ وسلم! تو کان اڳ جن رسولن کي وحي ڏئي انهن بستين ڏانهن موڪليو ويو هو، اهي سمورا مرد هئا ۽ انهن مان ئي هئا. (النمل: 13/16، الانبياء: 8/21) يعني جيڪي به رسول ڪرام وحي ڏئي موڪليا ويا، اهي انهن ماڻهن ۽ بستين مان هئا. ان ڪري هنن جو تو کان اهو سوال ڪرڻ ته تون اسان جهڙو بشر آهين. غلط فهميءَ تي مبني آهي. رسول هميشہ جنهن بستي ۽ علائقي ۾ آيا ته انهن ماڻهن مان ئي موڪليو ويو آهي. ڇا هنن زمين تي گهمي ڦري نہ ڏٺو آهي ته هنن کان اڳ وارين انڪار ڪندڙ قومن جي عاقبت ڪهڙي ٿي ۽ انهن جو برو انجام اکين آڏو آهي. پر جن ماڻهن بري ڪمن کان پرهيز ڪري پاڻ کي انهن جي نتيجن کان بچائي رکيو آهي ۽ تقويٰ جو رستو اختيار ڪيو، آخرت جو مقام ۽ گهر انهن لاءِ مخصوص آهي، پر ماڻهو ان هوندي به هن کي نڪا سمجهن ۽ هدايت حاصل ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهن. پوءِ جڏهن خدا جا

رسول هنن ڏانهن حق ۽ سچائيءَ جو پيغام پوري طرح پهچائي چڪا ۽ سندن اصلاح ۽ بهتري جا آثار نظر نہ آيا ۽ هو پنهنجي قوم جي جهالت هٹ ۽ جبر کان بلڪل مايوس ٿي ويا ۽ کنهن مان وڌيڪ ايمان آڻڻ جا امڪان بلڪل ختم ٿي ويا ۽ اتمام حجت پنهنجي انتها تي پهچي وئي ۽ ماڻهو رسولن ۽ نبين کي ڪوڙو چوڻ لڳا تہ جيڪڏهن اسان اوهان جي اطاعت ۽ پيروي نٿا ڪريون تہ پوءِ اهو عذاب ڪٿي آهي، جنهن جا روزانو ڊڙڪا ڏئي ڊيڄاري رهيا آهيو. جيڪڏهن عذاب آڻي نٿا سگهو تہ پوءِ اوهان جا انتباهہ ۽ ڊڙڪا دهمان ڪوڙ جو بندل آهن. اهڙي حالت ۾ جڏهن مؤمن چوڻ لڳا "مَتٰى نَصْرُ اللّٰهِ" (الله جي مدد ڪٿي آهي) تہ الله جي مدد سندن دستگيري ڪئي ۽ پوءِ مڪافات عمل جو وقت شروع ٿي وڃي ٿو، پوءِ جيڪي الله جي مدد جا حقدار آهن ۽ جن لاءِ مشيت خداوندي جي حمايت ۽ مدد پهچي کين پنهنجي حفاظت ۾ آڻي نجات عطا ڪري ٿي تہ ان ساڻئي وقت ڏوهاري ٽولو عذاب جي گرفت کان بچي نٿو وڃي، پر دردناڪ عذاب جو نشانو بڻجي وڃي ٿو.

رسولن ۽ نبين کي انهيءَ بستي جي ماڻهن مان کنهن کي منتخب ڪري الله وحي ۽ ڪتاب جي ذريعي ماڻهن جي رهبري ۽ هدايت لاءِ موڪليو ويندو آهي. هو نبوت کان اڳ چاليهہ سال کن هنن جي درميان رهندو آهي. سندس روزمره ۽ شب و روز هنن جي درميان گذرندو آهي، جيڪو خود انهن ماڻهن لاءِ هدايت جو سامان هوندو آهي ۽ بعد ۾ وحي جي تعليم سان قوم کي جهنم جي ٻرندڙ بنيءَ مان ڪڍي، جنت جي سرسبز باغن ۾ وڃي ايندو آهي. هو ڪو ڏاريو يا اڻ سڃاتو ماڻهو نہ هوندو آهي، جنهن جي نہ ماضي جو ڪجهہ پتو هجي ۽ نہ وري سندس مستقبل جي پروگرام جو يقين هجي. اهڙو مانوس معتبر ۽ مانوارو شخص جڏهن الله جي انتخاب ۾ اچي نبوت جي اعليٰ مقام تي فائز ٿيندو آهي تہ هو پنهنجي قوم جي ڪوتاهين، ڪمين، جذبن ۽ سوچن کان آگاهہ هوندو آهي. هڪ مصلح ۽ خيرخواهہ جي حيثيت ۾ بنا کنهن ذاتي غرض ۽ لالچ جي قوم جي اصلاح جو عزم مصمم ڪري هر مشڪلات جو مقابلو ڪندو آهي. پر جڏهن سندس قوم هن جو مذاق بنائي کيس ڪوڙو، جادوگر يا شاعر سڏي، سندس تعليم جي انڪاري ٿئي ۽ نبي يا رسول سڏورو پنهنجي قوم جي سڌرڻ يا ايمان آڻڻ کان مايوس ٿي وڃي ۽ قوم

بہ کیس کوڑو چوڻ لڳي تہ پوءِ الله جو عذاب ان قوم کي صفحہ هستيءَ تان مٹائي، ان جي جاءِ تي ٻي صالح قوم کي اڳتي آڻي ٿو. اها تباهہ ٿيل قوم ماضيءَ جو قصو ٿي وڃي ٿي. اهڙين قومن جي قصن ۾ عقل ۽ شعور وارن لاءِ عبرت جو مقام آهي. هيءُ قرآن اهڙو ڪتاب ناهي، جنهن کي انسان پاڻ جوڙي پيش ڪري. هي الله جي طرفان نوع انسان لاءِ هدايت جي ان سلسلي جو آخري ڪتاب آهي، جيڪو آدم عليہ السلام کان پاڻ ڪريم خاتم النبيين صلي الله عليہ وآلہ وسلم تائين جاري رهيو. هي انهن سمورن ڪتابن ۽ صحيفن جي تصديق ڪري ٿو، جيڪي هن کان اڳ رسولن تي نازل ٿيندا رهيا. هي سڀ شين جو تفصيل هدايت ۽ رحمت آهي، انهن ماڻهن لاءِ جيڪي ايمان آڻين ٿا. هر شيءِ جي تفصيل مان مراد انساني اصلاح، فلاح ۽ بهبود واري پيغام جون سڀ آيتون موجود آهن.

جَمِيْعُ الْعِلْمِ فِي الْقُرْآنِ لٰكِنْ
تَقَاصَرَ عَنْهُ اِفْهَامُ الرِّجَالِ

قرآن ۾ سمورا علم موجود آهن، رڳو انسانن جي فهم جي ان تائين رسائين ناهي.

"مَنْ اُوْتِيَ الْقُرْآنُ فَرَئٰى وَاحِدًا اُوْتِيَ مِنَ الدُّنْيَا اَفْضَلَ مِمَّا اُوْتِيَ فَقَدْ صَغَّرَ عَظِيْمًا وَ عَظَّمَ صَغِيْرًا" جنهن کي قرآن جو علم نصيب ٿئي ۽ پوءِ هو ان نعمت کي مال واري نعمت کان گهٽ سمجهي تہ هن هڪ عظيم کي صغير ۽ صغير کي عظيم قرار ڏنو. ياد رهي تہ سڀ رسول ڪرام پنهنجي پنهنجي قوم جي هدايت لاءِ موڪليا ويا، پر نبي ڪريم خاتم النبيين صلي الله عليہ وآلہ وسلم کي الله تعالىٰ پنهنجي مخلوق جي احمر ۽ اسود ڏانهن موڪليو ويو آهي. ان ڪري تمام قومون، قبيلا ۽ ملڪ جنهن بہ ايمان آندو، اهو امت رسول خاتم النبيين صلي الله عليہ وآلہ وسلم ۾ هوندو.

بَارَكَ اللّٰهُ لِيْ وَلَكُمْ فِي الْقُرْآنِ الْعَظِيْمِ وَنَفَعَنِيْ وَاِيَّاكُمْ بِالْاٰيَاتِ وَالذِّكْرِ الْحَكِيْمِ

الحمد لله! بفضله تعالىٰ اڄ بتاريخ 22 صفر المظفر 1444 بمطابق 19 سيپٽمبر 2022 ع تي سوره يوسف پوري ٿي.

حيدرآباد، سنڌ، پاڪستان

سُوْرَةُ الرَّعْدِ

هن سورت جو نالو "اَلرَّعْدُ" آيت 13 "وَيُسَبِّحُ الرَّعْدُ بِحَمْدِهٖ وَالْمَلٰٓئِكَةُ مِنْ خِيْفَتِهٖ" مان ورتل آهي. "اَلرَّعْدُ" بادل جي گرج (گجگوڙ) کي چوندا آهن. هن سورت ۾ بادل جي گرج تي بحث ٿيل نہ آهي، پر آيت13 ۾ آيل "اَلرَّعْدُ" جي لفظ تي هن سورت کي "سورة الرَّعد" سڏيو ويو آهي. هيءَ سورت سڳوري بہ مڪي سورت آهي. قرآني ترتيب ۾ هن جو نمبر13هون آهي، پر نازل ٿيڻ جي حساب سان هن جو نمبر 90 آهي. يعني هن کان اڳ مڪي ۾ 89 سورتون نازل ٿي چڪيون هيون ۽ هن کان بعد 24 سورتون مديني منوره ۾ نازل ٿيون. هن سورت جو مدعا پهرين آيت ۾ آهي تہ حضور خَاتَمُ النَّبِيِّيْنَ ﷺ جو ڪجھ پيش ڪري رهيا آهن، سراپا سچ آهي، ان ۾ ڪوبہ شڪ شبهو ناهي. خاص موضوع ۾ قرآن ڪريم جي حقانيت، حضور خَاتَمُ النَّبِيِّيْنَ ﷺ جي نبوت، رسالت ۽ الله جل شانه جي وحدت (توحيد) جو بيان آهي. هيءَ سورت سڳوري مڪي مڪرمه جي ان دؤر ۾ نازل ٿي، جنهن دؤر ۾ سورت يونس، سورت هود ۽ سورة الاعراف نازل ٿيون. حضور خَاتَمُ النَّبِيِّيْنَ ﷺ کي اسلام جي دعوت ڏيندي، هڪ مدت دراز ٿي هئي. مخالفن جون ارڏايون، ڏاڍايون، ظلم ۽ زيادتيون بہ زور پڪڙي رهيون هيون، مسلمان بہ سندن ڪارروائين جو نشانو ٿي رهيا هئا. سورة الرعد جي شروعات ۾ ئي هن سورت جو مدعا پيش ڪيو ويو هو تہ جو ڪجھ محمد مصطفىٰ خَاتَمُ النَّبِيِّيْنَ ﷺ پيش ڪري رهيو آهي، اهو ئي حق آهي. جيڪڏهن هي گمراهہ ماڻهو پنهنجي غلطي تسليم نٿا ڪن ۽ هن جي دعوت کي قبول نٿا ڪن تہ ان جا نتيجا بہ انهن کي ئي ڏسڻا پوندا. سورت جي ساري تقرير توحيد، يوم آخرت ۽ رسالت جي حقانيت بيان ڪرڻ سان پنهنجي مرڪزي موضوع دعوت رسول ڪريم خَاتَمُ النَّبِيِّيْنَ ﷺ کي قبول ڪرڻ جي مرڪزي بيان جي گرد بار بار اچي رهي آهي، جنهن ۾ ڪفر جي حماقت ۽

جهالت جي خلاف نهايت خلوص، اصلاح ۽ بهتري جي لاءِ آياتِ الاهي ۽ خلق نبوي جي روشني ۾ تخويف، ترهيب، ترغيب ۽ مشفقانا تلقين کي جاري رکيو ويو آهي. مخالف بدزباني ڪري رهيا آهن، پٺر وسائي رهيا آهن، پر رحمة للعالمين خَاتَمُ النَّبِيِّين ﷺ همدردي ۽ خيرخواهي جي پيغام کي لڳاتار جاري رکندا پيا اچن.

وہ بجلی کا کڑکا تھا یا صوتِ ہادی
عرب کی زمین جس نے ساری ہلادی

(مُسدّس حالي)

حضور خَاتَمُ النَّبِيِّين ﷺ جي صبر، استقلال ۽ والهانہ تڙپ عرب جي زمين کي ڪفر ۽ شرڪ کان پاڪ ڪري، بيت الله کي الله جي گهر ۽ هدايت جو مرڪز قرار ڏنو ۽ بت پرستي کان پاڪ ڪري توحيد خداوندي جو مينار بنايو.

وہ شمع اجالا جس نے کیا چالیس برس تک غاروں
اک روز چمکنے والی تھی سب دنیا کی درباروں میں
جو فلسفیوں سے کھل نہ سکا اور نکتہ وروں سے حل نہ ہوا
وہ راز اک کملی والے نے بتلادیا چند اشاروں میں

(مولانا حالي رحمۃ اللہ علیہ)

آيتون ۴۳ | سُورَةُ الرَّعْدِ (مكي سورت) | رکوع ۱۲

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

الٓمّٓرٰ ۚ تِلْكَ اٰيٰتُ الْكِتٰبِ ؕ وَ الَّذِيْۤ اُنْزِلَ اِلَيْكَ مِنْ رَّبِّكَ الْحَقُّ وَ لٰكِنَّ اَكْثَرَ النَّاسِ لَا يُؤْمِنُوْنَ ۝۱ اَللّٰهُ الَّذِيْ رَفَعَ السَّمٰوٰتِ بِغَيْرِ عَمَدٍ تَرَوْنَهَا ثُمَّ اسْتَوٰى عَلَى الْعَرْشِ وَ سَخَّرَ الشَّمْسَ وَ الْقَمَرَ ؕ كُلٌّ يَّجْرِيْ لِاَجَلٍ مُّسَمًّى ؕ يُدَبِّرُ الْاَمْرَ يُفَصِّلُ الْاٰيٰتِ لَعَلَّكُمْ بِلِقَآءِ رَبِّكُمْ تُوْقِنُوْنَ ۝۲ وَ هُوَ الَّذِيْ مَدَّ الْاَرْضَ وَ جَعَلَ فِيْهَا رَوَاسِيَ وَ اَنْهٰرًا ؕ وَ مِنْ كُلِّ الثَّمَرٰتِ جَعَلَ فِيْهَا زَوْجَيْنِ اثْنَيْنِ يُغْشِي الَّيْلَ النَّهَارَ ؕ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ لِّقَوْمٍ يَّتَفَكَّرُوْنَ ۝۳ وَ فِي الْاَرْضِ قِطَعٌ مُّتَجٰوِرٰتٌ وَّ جَنّٰتٌ مِّنْ اَعْنَابٍ وَّ زَرْعٌ وَّ نَخِيْلٌ صِنْوَانٌ وَّ غَيْرُ صِنْوَانٍ يُّسْقٰى بِمَآءٍ وَّاحِدٍ ۫ وَ نُفَضِّلُ بَعْضَهَا عَلٰى بَعْضٍ فِي الْاُكُلِ ؕ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ لِّقَوْمٍ يَّعْقِلُوْنَ ۝۴

الله جي نالي سان شروع جو نهايت مهربان ۽ هميشه رحم ڪرڻ وارو آهي.

(الف، لام، ميم، را) مان اهو الله آهيان جو ڏسان ٿو ۽ ڄاڻان ٿو ته هي ڪتاب جون آيتون آهن ۽ اي نبي مڪرم خَاتَمُ النَّبِيِّيْنَ صلى الله تعالى عليه وسلم! جيڪا شيءِ تو تي نازل ڪئي وئي آهي، اها تنهنجي رب جي طرفان حق آهي، پر اڪثر ماڻهو ايمان نٿا آڻين

يا ايمان نہ آڻيندا. (1) هي اهو الله آهي، جنهن آسمانن کي بنا کنهن ٿنڀ ٿوڙي جي بلند کيو آهي، جنهن کي اوهان پاڻ ڏسي رهيا آهيو، پوءِ عرش کي اقتدار جو مرکز کيو. سج ۽ چنڊ کي نظام شمسي جي مضبوط ۽ مربوط دائري ۾ جکڙي، کائنات جو کاروبار صدين کان روان دوان رکيو آهي. هر هک پنهنجي دائري ۾ وقت معين تائين مصروف عمل آهي. هي پورو نظام سندس تدبيرن سان قائم آهي، هو پنهنجن آيتن کي تفصيل سان بيان ڪري رهيو آهي تہ جيئن توهان کي پنهنجي رب سان ملاقات جو يقين پيدا ٿئي. (2) هي اهو الله آهي، جنهن زمين کي پکيڙي ڇڏيو آهي ۽ ان ۾ پهاڙ ۽ دريا ٺاهيا ۽ تمام قسم جي ميون ۾ هن زوجين (نر ماده) جا جوڙا بنايا، اهو ئي رات سان ڏينهن کي ڍڪي ٿو. يقيناً هن پوري نظام ۾ غور و فکر ڪندڙن لاءِ نشانيون موجود آهن.(3) ۽ زمين ۾ ڪجهہ ٽڪرا جيڪي هک ٻئي سان بلڪل مليل آهن، انگور جا باغات، کيت ۽ کجور جا درخت آهن، جيڪي ڪڏ کان شاخن وارا يا بغير شاخن وارا آهن، انهن سيني کي هک پاڻي سان ئي آبياري ڪئي ٿي، پر اسان انهن مان بعض کي بعض تي فضيلت ڏيون ٿا. بيشڪ ان ۾ عقلمندن لاءِ وڏيون نشانيون آهن.(4)

الف لام ميم را يا الله عليم رحيم جو ارشاد آهي يا قطب الاقطاب حضرت مخدوم نوح سرور رحمۃ اللہ علیہ جي فارسي ترجمي "منم خدائي کہ مي بينم ومي دانم، اين آيات آيات قرآن است" مان الله ئي آهيان، ڏسان ٿو ۽ ڄاڻان ٿو تہ هي آيتون آيات قرآني آهن ۽ جو ڪجهہ توتي تنهنجي رب پاران نازل ڪيو وجي ٿو، اهو سراپا حق آهي، پر اڪثر انسان ايمان نٿا آڻن. سورت جي شروعات ۾ روءِ سخن نبي ڪريم خاتم النبيين صلی اللہ علیہ وسلم جن جي ذات گرامي طرف آهي، ڪيس ٻڌايو ٿو وجي اي نبي محترم خاتم النبيين صلی اللہ علیہ وسلم ! هي تنهنجي قوم اڪثر هن تعليم کي قبول ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهي، حالانڪہ اهو مون (الله عزوجل)

توتي نازل ڪرڻ فرمايو آهي ۽ اهو ئي حق آهي. هو ايمان آڻين يا نہ آڻين، ڪو فرق نٿو پوي. ڪاميابي حق کي ٿيڻي آهي ۽ باطل کي هر حال ۾ ناڪامي ڏسڻي پوندي. ان ڪري رنجيده دل ٿيڻ جي ڪا ضرورت ناهي. حق جا انڪاري قرآن ڪريم جي بلاغت، فصاحت ۽ اعجاز بيان جو مقابلو نٿا ڪري سگهن ۽ نہ اهڙي هڪ آيت پيش ڪري سگهن ٿا، پر نبي اڪرم خَاتَمُ النَّبِيِّيْنَ صلی اللہ علیہ وسلم جي اها تعليم جن ٽن بنيادي اصولن تي رکي وئي آهي، ان جو انڪار ڪن ٿا. (1) هي پوري جي پوري خدائي الله جي آهي، ان کان سواءِ ڪو بہ عبادت ۽ اطاعت جو مستحق نہ آهي. (2) هن عارضي زندگيءَ کان بعد هڪ دائمي زندگي آهي، جنهن ۾ توکي پنهنجي اعمال جو جواب ڏيڻو آهي. (3) مان الله جو رسول آهيان، جو ڪجهہ بہ پيش ڪري رهيو آهيان، اهو منهنجي پنهنجي طرفان ناهي، پر سڀ الله جي طرفان پيش ڪري رهيو آهيان. انهن بنيادي ڳالهين طرف ماڻهن جو بار بار توجه ڪرايو ويو آهي ۽ سندن اعتراضن، شڪ شبهن ۽ غلط فهمين کي دور ڪيو ويو آهي. هي ڪافر چون ٿا تہ هيڏي وڏي جهان جو هڪ الله ڪاروبار نٿو هلائي سگهي. "اَجَعَلَ الْاٰلِهَةَ اِلٰهًا وَّاحِدًا اِنَّ هٰذَا لَشَیْءٌ عُجَابٌ" (صٓ: 38/ 5) هو نہ وري حياة بعد الممات جا قائل هيا "قَالَ مَنْ یُّحْیِ الْعِظَامَ وَ هِیَ رَمِیْمٌ" (یٰس: 36/ 78) ۽ هو "بَشَرٌ مِّثْلُكُمْ" کي نبي مجڻ ۽ ڪائنڪ وحيءَ جو پيغام ٻڌڻ لاءِ تيار نہ هيا. الله تعالیٰ جي ذات ۽ ان جي حقيقتن کي ڄاڻڻ تہ هنن جي وس جي ڳالهہ نہ هئي، پر رب پاڪ جون صفات تہ ڏسي سگهيا ٿي. ذرا آسمان ڏانهن نهاريو، انهن آسمانن کي بنا ڪنهن سهاري يا ٿنب ٽوٽي ڏيڻ جي غير محسوس ۽ غير مرئي ذريعن (ڪشش باهمي) سان پوري توازن سان قائم رکيو آهي. (الحج: 65/22، لقمان: 10/31) هن وسيع ڪائنات يا فضا ۾ ڪا بہ اهڙي شيءِ نظر نٿي اچي، جنهن جي سهاري سان هي قائم هجي. فلڪي نظام جي منظم قانون سبب هي اجرام فلڪي پنهنجن حدن ۾ رهي گردش ۾ آهن. رات ڏينهن، گرمي، سردي ۽ ماحول جو مختلف منظر بنا ڪنهن رندڪ رڪاوٽ جي نمايان نظر اچي رهيو آهي. هن الله هن ڪائنات کي رڳو پيدا نہ ڪيو آهي، پر هو پاڻ ان جي نگهباني ۽ حڪمراني ڪري رهيو آهي. هي ڪارخانو خود بخود وجود پذير ٿيڻ ۽ خود بخود هلڻ وارو ناهي ۽ نہ وري الله ان کي تخليق ڪري ائين ڇڏي ڏنو آهي، پر پوري طرح مرڪزي مقام ئي ڪائنات جو پورو نظام

هلائي رهيو آهي. "ثُمَّ اسْتَوٰى عَلَى الْعَرْشِ " عرش تي مُتمكّن ٿيو. "اَلْاِسْتَوَآءُ مَعْلُوْمٌ وَالْكَيْفُ مَجْهُوْلٌ وَالْاِيْمَانُ بِهٖ وَاجِبٌ وَالسُّؤَالُ عَنْهُ بِدْعَةٌ" (تفسير احسن البيان: مولانا حافظ صلاح الدين جهوناڳڙهي ﷺ) الله تعالىٰ جل شانه جو عرش تي متمكن ٿيڻ معلوم آهي، پر ان جي كيفيت ۽ حقيقت معلوم ناهي، ان تي ايمان آڻڻ واجب آهي، پر ان بابت سوال كرڻ بدعت آهي. "وَ الشَّمْسُ تَجْرِيْ لِمُسْتَقَرٍّ لَّهَا ذٰلِكَ تَقْدِيْرُ الْعَزِيْزِ الْعَلِيْمِ○ وَ الْقَمَرَ قَدَّرْنٰهُ مَنَازِلَ" (يٰس: 36/39-38) سج پنهنجي مدار تي ۽ چند پنهنجي مقرر كيل منزلن موجب گردش ۾ آهن. اهي سمورا اجسام فلكي الله عزوجل جي حكم سان پنهنجي پنهنجي مدار ۾ گردش ۾ آهن. "وَالشَّمْسَ وَ الْقَمَرَ وَ النُّجُوْمَ مُسَخَّرٰتٍ بِاَمْرِهٖ" (الاعراف: 54/7) هي سج چند ۽ تارا الله تعالىٰ جي حكم جا پابند آهن. "لَا تَسْجُدُوْا لِلشَّمْسِ وَ لَا لِلْقَمَرِ وَ اسْجُدُوْا لِلّٰهِ الَّذِيْ خَلَقَهُنَّ اِنْ كُنْتُمْ اِيَّاهُ تَعْبُدُوْنَ○" (حٰم السجده: 37/41) توهان سج چند كي سجدا نہ كريو، پر جنهن الله جل شانه هنن كي پيدا كيو آهي، ان آڏو سر بسجود ٿيو. هي سج، چند، تارا سڀ انهيءَ جي جوڙيل نظام (باهمي كشش) تي رات ڏينهن روان دوان آهن. هن سڀني جو به وقت مقرر ٿيل آهي. سمورو نظام ان جي حكم جي تدبير ۽ حكمت سان هلي رهيو آهي. اهو ئي هن كائنات جون نشانيون ۽ پنهنجون آيتون اوهان آڏو بيان كري رهيو آهي تہ اوهان كي يقين ٿي وجي تہ هن زندگيءَ كي خيرآباد چوڻ بعد هك بي دائمي زندگيءَ سان ملاقات كرڻي آهي ۽ هن زندگي جي حاصلات جو جواب ڏيڻو آهي.

اجرام فلكي جي حيرت انگيز نظام جي بيان بعد عالم ارضي طرف توجه ڏياريو ويو آهي، جيكو پوري طرح خدا جي قدرت، حكمت جو شاهكار آهي، انهيءَ الله هن زمين كي گول بيضوي شكل ڏئي سج، چند سان گڏ گردش ۾ ركيو آهي، جنهن جو ذرو ذرو توحيدِ خداوندي ۽ يوم آخرت جي نشاندهي كري رهيو آهي. هن كي پهاڙن ذريعي ميخون هڻي، مضبوط بنايو آهي ۽ ان ۾ هر طرف نهرون جاري آهن تہ جيئن زندگيءَ كي جنم ۽ سهارو ڏئي سگهي. "وَجَعَلْنَا مِنَ الْمَآءِ كُلَّ شَيْءٍ حَيٍّ" (الانبياء: 30/21) اسان زندگي جو دارومدار پاڻيءَ تي ركيو. اها انساني زندگي هجي، حيواني، پكين ۽ بري بحري مخلوق هجي، سڀني جو جياپو پاڻيءَ تي ركيو ويو. هن زمين تي باغات،

ڪيت، پاڃيون ۽ ميوات پيدا ڪيا، جن جا انسانن، جانورن، نباتات ۽ هر زندگي ڪي جوڙي جوڙي (نر ماده) ۾ رکيو، جنهن سبب هو وڌي ويجهي رهيا آهن ۽ خدا جي باقي مخلوق انسان، حيوان ۽ جاندار وانگر نباتات ميوا، گل ٻوٽن ۾ به جوڙا جوڙا بنايا، يعني نر ۽ ماده پيدا ڪيا. اهو الله سڄ، چند ۽ زمين جي باهمي ڪشش واري نظام ڪي اهڙي طرح بلڪل محفوظ ۽ مربوط رکيو آهي، جو ان ۾ ٿورڙو فرق به سڄي نظام ڪي ڊانوان ڊول ڪري ڇڏي. انهي هيٺ رات ڪي ڏينهن سان ڊڪڙ ۽ وري ڏينهن ڪي رات مان روشن ڪرڻ جو نظام قائم ڪيوآهي. خدا جي هن شمسي يا فلڪي نظام تي غور فڪر ڪريو يا هن ارضي ڪائنات جي ڪارخاني تي نظر وجهو ته هر طرف الله ئي الله يعني توحيد خداوندي جا جلوه نظر ايندا (سبحان الله و بحمده)

خدايا تنهنجي قدرت ٿي نمايان چند تارن ۾
زمين جي ذري ذري ڪوهسارن آبشارن ۾
سمندن جون مڇيون دريا جون موجون ريت جا ذرڙا
جهنگل جا جيت جٽيا حمد ڳائڻ تا هزارن ۾

(مشتاق سچاروي)

الله جي قدرت ۽ حڪمت هن زمين جي هر خطي ڪي الڳ الڳ نوازشن سان نوازيو آهي، جنهن ۾ هن زمين جا بيشمار ٽڪرا آهن، جيڪي هڪبئي سان مليل ۽ گڏوگڏ آهن، پر اهي پنهنجي خصوصيتن سبب هڪ بئي کان علحده ۽ فضيلت وارا آهن. هر ملڪ، هر علائقي، هر خطي جا ڪيت ميوا ۽ سبزيون ڏسڻ ۾ هڪجهڙيون، پر لذت ۽ چاشني ۾ هڪ بئي کان گهٽو مختلف آهن. انگورن جا باغ هجن، ڪيت ۽ ڪجين جا وڻ هجن، جن مان ڪي ٽڻ کان وڌيڪ شاخن لامن وارا آهن ته ڪي هڪ ٽڻ تي قائم آهن. هن سيني فصلن، باغن ۽ ڪيتن ڪي ساڳئي پاڻي سان سيراب ڪيو وجي ٿو، زمين به هڪ بئي سان جڙيل آهي، پر جڏهن انهن جي ڦل يا اناج ڪي ڪائجي ٿو ته بعض ڪي بعض تي ڪائڻ ۽ پيئڻ ۾ وڏي فضيلت آهي. الله تعالىٰ جل شانه ڪٽي انب، ڪيلا، چڪو وغيره پيدا ڪري ٿو ته ڪٽي ڪتل لاءِ ڪجيون اپايون اٽس ته وري ڪٽي نارنگي،

مالڻا ۽ ڪينو اپائي ٿو ته ڪٿي انار، انگور، خوباني وغيره اپائي ٿو ۽ هڪ ئي ٽڪري جا ساڳيا ٻه ڪيت هڪٻئي کان لذت ۽ تاثير ۾ الڳ آهن. هنن شين تي غور و فڪر ڪجي ته يقيناً عقلمند قومن ۽ ماڻهن لاءِ الله ڏانهن اڇٽ جون چٽيون چٽيون نشانيون آهن. زمين جي اندر لکل خزانا گيس، تيل پهاڙن جا هيرا لال، سمندن جا موتي، مرجان ۽ بي شمار شيون هر روز هويدا ٿي رهيون آهن. انسان کي عقل و شعور عطا ڪيو ويو آهي. جيڪڏهن هو آسمان جي فلڪي يا شمي نظام جا جلوا ڏسي يا زمين تي موجود پهاڙ، نديون، سمنڊ، آبشار جا نظارا پسي يا زمين تي سرسبز باغ، ڪيت، ڦل، ميوا، سبزيون ڏسي يا بري بحري جانور ۽ انهن جا فائدا ڳڻي ته هو ڪڏهن ٻه گمراهه ٿي نه سگهندو. الله جل شانه جون بيشمار نعمتون ڳڻي ڪونه سگهندؤ. (الكهف: 104/18، ابراهيم: 34/14، لقمان: 27/31) سموري سورة الرحمان مطابق الله جي رحمتن، نوازشن ۽ نعمتن جو اندازو لڳائي نٿو سگهجي. خود رياستِ خدادا پاڪستان ۾ ٻارنهن زون آهن، جن پيدائش ۽ لذت ۾ فرق آهي، حالانڪ ٻين ملڪن ۾ اهڙا هڪ يا ٻه زون مس موجود آهن. جيڪڏهن هن جي عقل، هوش حواس تي خودبيني جا تالا لڳي وڃن ته پوءِ هو ڏينهن جي روشن وقت کي آڏي رات جو انڌيرو سمجهندو. جڏهن باغن، ڪيتن ميون ۽ پاڇين جي مختلف ٽڪرن ۾ توڙي ڳڏوگڏ آهن، پر بعض جي بعض تي لذت ۾ فوقيت آهي، اهڙي طرح انسانن جا مزاج، صلاحيتون، خواهشون ٻه الڳ الڳ آهن، جن ۾ خدا جي قدرت ۽ حڪمت جو ڪمال آهي ۽ ڪارخاني جي نظام هلائڻ لاءِ خدا کان وڌيڪ حڪمت ۽ دانائي کي ڪير ڇاڻي ٿو. انسان پنهنجي وجود ڏانهن توجه ڪري ڏسي ته خدا هن کي مخلوقات ۾ ڪهڙيءَ طرح شاهڪار ٻڌايو آهي. نظام شمسي تي وڌيڪ تفصيلي بحث سورة البقره ۽ سورة الاعراف ۾ ٿي چڪو آهي.

وَ اِنْ تَعْجَبْ فَعَجَبٌ قَوْلُهُمْ ءَاِذَا كُنَّا تُرٰبًا ءَاِنَّا لَفِيْ خَلْقٍ جَدِيْدٍ ؕ
اُولٰٓئِكَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا بِرَبِّهِمْ ۚ وَ اُولٰٓئِكَ الْاَغْلٰلُ فِيْٓ اَعْنَاقِهِمْ ۚ وَ اُولٰٓئِكَ
اَصْحٰبُ النَّارِ ۚ هُمْ فِيْهَا خٰلِدُوْنَ ۝ وَ يَسْتَعْجِلُوْنَكَ بِالسَّيِّئَةِ قَبْلَ

الْحَسَنَةِ وَ قَدْ خَلَتْ مِنْ قَبْلِهِمُ الْمَثُلٰتُ ؕ وَ اِنَّ رَبَّكَ لَذُوْ مَغْفِرَةٍ لِّلنَّاسِ عَلٰى ظُلْمِهِمْ ۚ وَ اِنَّ رَبَّكَ لَشَدِيْدُ الْعِقَابِ ۝٦ وَ يَقُوْلُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لَوْ لَاۤ اُنْزِلَ عَلَيْهِ اٰيَةٌ مِّنْ رَّبِّهٖ ؕ اِنَّمَاۤ اَنْتَ مُنْذِرٌ وَّ لِكُلِّ قَوْمٍ هَادٍ ۝٧ ع ١٤

جيڪڏهن ڪافرن جي انڪار ڪرڻ تي توکي تعجب ٿئي ٿو تہ پوءِ ان ڪان وڌيڪ تعجب جي هيءَ ڳالھ آهي جو هو چون ٿا تہ اسان مري خاڪ ۾ خاڪ ٿي وينداسون ۽ پوءِ بہ اسان کي نئين سر جنم ڏنو ويندو. هي اهي ماڻهو آهن، جن پنهنجي رب کي مڃڻ کان انڪار ڪيو آهي ۽ انهن جي گردنن ۾ طوق هوندا. اهي ماڻهو ئي جهنمي آهن ۽ اهي هميشہ ان جهنم ۾ رهڻ وارا آهن (5) هي ماڻهو حسنة يعني چڱائي يا رب جي رحمت بدران سيئة برائي يعني جلد عذاب جو مطالبو ڪري رهيا آهن. حالانڪہ هن کان اڳ ڪيترا مثال گذري چڪا، اي رحمة للعالمين ﷺ بيشڪ انهن جو رب ماڻهن جي ظالمانا روش باوجود مغفرت ۽ بخشش ڪرڻ وارو آهي. پر (ان سان گڏوگڏ) تنهنجو رب سخت عذاب ڏيڻ وارو بہ آهي.(6) ۽ ڪافر ٿولو چوي ٿو تہ هن (رسول) تي سندس رب پاران ڪا نشاني ڇو نازل نہ ڪئي وئي آهي، حالانڪہ تون ڪين برن ڪمن جي نتيجن کان خبردار ڪرڻ وارو (ڊيڄارڻ وارو) آهين ۽ هر قوم لاءِ يا قوم جي هر فرد لاءِ هدايت پهچائڻ وارو آهين.(7)

قرآن جي حقانيت، ماڻهن جي جهالت ۽ الله جل شانه جي قدرت جنهن ۾ آسمانن جو بغير ٿنبي ٿوڙيءَ تي ڪڙو ڪرڻ ۽ زمين کي پکيڙي، ان کي پهاڙن سان مضبوط

ڪرڻ ۾ ان ۾ مختلف شيون ذخيرا ڪرڻ بعد هت بيان آهن تہ ڪافرن جو آخرت کان انڪار تعجب کان خالي ناهي ۾ هو چون ٿا تہ جيڪڏهن اسان غلط ۾ محمد ڪريم ﷺ حق تي آهي تہ پلي انساني عقوبت يا عذاب گهيري وڃي، ان ڪري ڪافرن جو ڏيان ڪائنات جي تخليق طرف ڇڪايو ويو آهي. زمين آسمان ۾ ڪائنات جو ذرو ذرو گواهي ڏئي رهيو آهي تہ هن نظام جو پيدا ڪرڻ وارو ۾ ان کي منظم ۾ مضبوط طريقي سان بنا ڪنهن نقص يا خرابي جي هلائڻ وارو هڪ بااختيار زبردست قوت ۾ حڪمت جو مالڪ آهي. خود انسان پنهنجي خلقت تي غور ڪري تہ ڇا زندگي ان شيءِ جو نالو آهي تہ ڪائي پيئي ۾ هميشہ لاءِ ختم ٿي وڃي. ڪافر جو مرڻ کان بعد دوباره زنده ٿيڻ تي تعجب ڪن ٿا، هنن جي تعجب ڪرڻ تي تعجب ڪجي تہ هو هڪ حقيقت جو انڪار ڪري، ان تي تعجب ڪيئن ڪري رهيا آهن. جنهن هيڏي وڏي فلڪي نظام ۾ ارضي نظام سان گڏ انساني تخليق جو شاهڪار ڪرشمو اکين آڏو ڏيکاريو آهي، ان اڻڄان مرڻ بعد زندهہ ڪرڻ ۾ ڪهڙي شيءِ رڪاوٽ آهي، جنهن بلڪل عدم کان وجود ۾ آندو، هاڻي ان بي جان وجود ۾ جان وجهڻ هن لاءِ ڪهڙي مشڪل آهي. هي احمق انسان سمجهن ٿا تہ زندگي بس طبعي جسم جي زندگي آهي. اهو عقيدو خدا جي قانون تخليق ۾ ربوبيت جو انڪار آهي. اهي ڪافر ماڻهو جهالت ۾ انڌي تقليد ۾ ڦاٽل آهن. هنن جي گردنن ۾ طوق پيل آهن، جنهن سبب نہ اڳ جو سوچين ٿا ۾ نہ پنڌتي جو خيال ڪن ٿا. (يٰسٓ: 36/11-8) سندن نگاهہ نہ آسمان طرف ڏسي ٿي ۾ نہ زمين ۾ غور ڪري ٿي، حالانڪہ انهن آفاق ۾ غور ڪرڻ جو تاڪيد ڪيو ويو آهي. اهو نٿا سوچين تہ انسان جهڙي اشرف المخلوقات کي الله رڳو چار ڏينهن جي زندگي ڏئي پوءِ بس خاڪ ۾ ملائي ڇڏيندو. حالانڪہ اصل ۾ هميشہ واري زندگي آخرت جي زندگي آهي، جنهن جو انڪار خود خدا جو انڪار آهي. آخرت جي انڪار بعد خدا جو اقرار ڪهڙو ٿي سگهي ٿو.

هنن ڪافرن جي جيتري بہ هدايت ۾ رهنمائي ڪجي تہ هو ان کي قبول ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهن، پر الٽو چون ٿا تہ جيڪڏهن اسان گمراهہ آهيون ۾ عذاب جا حقدار آهيون تہ پوءِ تو کان اهو مطالبو ڪريون ٿا تہ جنهن عذاب کان اسان کي ڊيڄاري رهيو آهين، اهو عذاب اسان تي اڇي ڇو نٿو. اهي ڪوڙا دڙڪا آهن. انهن ۾ دير ڇو ٿي رهي آهي ۾ چون

ٿا: "رَبَّنَا عَجِّلْ لَّنَا قِطَّنَا قَبْلَ يَوْمِ الْحِسَابِ" (صٓ: 16/38) يا الله قيامت کان اڳ ئي اسان جو جلدي حساب ڪر. "اَللّٰهُمَّ اِنْ كَانَ هٰذَا هُوَ الْحَقَّ مِنْ عِنْدِكَ فَاَمْطِرْ عَلَيْنَا حِجَارَةً مِّنَ السَّمَآءِ اَوِ ائْتِنَا بِعَذَابٍ اَلِيْمٍ" (الانفال: 32/8) يا الله هي ڪالهيون جيڪي محمد ڪريم ﷺ ڪري ٿو جيڪڏهن حق آهن ۽ تنهنجي طرف کان آهن تہ اسان تي آسمان کان پٿرن جو مينهن وساءِ. سندن هن جاهلانا خواهش جو جواب آهي تہ هي احمق انسان خير کان اڳ شر ۽ عافيت کان اڳ عقوبت (عذاب) جو مطالبو ڪن ٿا. (الانفال: 32/8، هود: 32/11، الحج: 47/22، العنڪبوت: 53/29، الشوریٰ: 8/42) الله طرفان جو هنن کي مهلت ڏني ٿي وڃي تہ هدايت حاصل ڪري عذاب کان بچي وڃن، ان مهلت واري وقت مان بہ فائدو وٺڻ جي ڪوشش نٿا ڪن. آخرڪار هنن جي اهڙي باغيانا رويي جي فورًا گرفت ڪئي ويندي. هن کان اڳ ڪيترا عذاب ڪيترين قومن تي اچي چڪا آهن. "اَلْمَثُلَاتُ" معنیٰ العقوبات، عذاب. مثلات مان اهڙو عذاب مراد آهي، جو ٻين قومن ۽ ماڻهن لاءِ مثالِ عبرت هجي. (البقره: 272/2، الحجر: 49/15) ماڻهن جي اهڙي ظالمانا روش باوجود بہ الله وٽ بخشش جا در کليل آهن. "وَ مَا كَانَ اللّٰهُ لِيُعَذِّبَهُمْ وَ اَنْتَ فِيْهِمْ" (الانعام: 160/6- 147-6) اي رحمة للعالمين ﷺ! جيستائين تنهنجي رحمت واري ذات گرامي هنن ۾ موجود آهي، الله تيستائين کين عذاب ڪيئن ڏيندو!!؟ پر جيڪڏهن ڪو ان بخشش جو فائدو نٿو وٺي ان لاءِ تنهنجي رب جو سخت عذاب آهي. هن ڪتاب جي روشن آيتن دليلن ۽ ثبوت جي بجاءِ ۽ ڪائنات جي روشن حقيقتن بجاءِ هو بار بار محمد ڪريم ﷺ کان اهڙي نشاني (معجزو) گهرن ٿا جنهن کي ڏسي هو ايمان آڻين ۽ يقين ڪن تہ هي خدا جو رسول مڪرم ﷺ آهي. ڇا تنهنجي سيرت، اخلاق، ڪردار ۽ پوري زندگيءَ جا شب وروز ۽ قرآن جون حڪمت ۽ هدايت واريون انساني فلاح ۽ بهبود جون آيتون ۽ آسمانن ۽ زمين پورو ڪائناتي نظام هنن جي لاءِ واضح دليل ۽ يقيني سَنَد جو درجو نٿا رکن، پر جيڪڏهن هو پنهنجي ضد ۽ حسد جي راهہ تي هلي، انڪار ڪري رهيا آهن تہ هنن کي خبر هئڻ گهرجي تہ تون کين سندن بداعمالن جي هولناڪ نتيجن کان آگاهہ ۽ خبردار ڪرڻ وارو ۽ چڱن ڪمن اختيار ڪرڻ واري کي سنو نتيجو ملڻ جي بشارت ڏيڻ وارو آهين. سمورا رسول ڪريم انهيءَ انداز ۽ بشارت جو پيغام ڪٽي آيا ۽ هينئر تنهنجو

فريضو بہ اهو ئي آهي. ان جي باوجود هو ضد تي آهن تہ ان جا نتيجا هنن کي ضرور ڏسڻا پوندا. (يونس: 10/ 47، النحل: 16/ 36، الفاطر: 35/ 23) الله تعالىٰ جي رحمت ۽ مغفرت تہ سج آهي، جيڪا هر چڱي ڪم لاءِ موجود آهي، پر برن ڪمن لاءِ بہ "وَاِنَّ رَبَّكَ لَذُوْ مَغْفِرَةٍ لِّلنَّاسِ عَلٰى ظُلْمِهِمْ" يعني ظلم ڪندڙ لاءِ بہ مغفرت جا دروازا کليل آهن۽ عذاب رڳو تڏهن ايندو، جڏهن انسان مغفرت ۽ رحمت جا دروازا پاڻ لاءِ پاڻ بند ڪندو آهي. الله جي رحمت ۽ مغفرت واري صفت سندس عقوبت ۽ احتساب واري صفت تي غالب آهي "وَلَوْ يُؤَاخِذُ اللّٰهُ النَّاسَ بِمَا كَسَبُوْا مَا تَرَكَ عَلٰى ظَهْرِهَا مِنْ دَآبَّةٍ" (فاطر: 35/ 45) جيڪڏهن الله تعالىٰ ماڻهن جي اعمال سبب مؤاخذو (گرفت) ڪرڻ لڳي ها تہ روءِ زمين تي هڪ ذي جان بہ نہ بچي ها. "اَلْاِيْمَانُ بَيْنَ الْخَوْفِ وَالرَّجَآءِ" مؤمن هميشہ اميد ۽ خوف جي درميان رهي ٿو. "" الله تعالىٰ جو جتي هيءُ حڪم آهي، اتي الله جي ذوانتقام صفت بہ آهي.

اَللّٰهُ يَعْلَمُ مَا تَحْمِلُ كُلُّ اُنْثٰى وَ مَا تَغِيْضُ الْاَرْحَامُ وَ مَا تَزْدَادُ ؕ وَ كُلُّ شَيْءٍ عِنْدَهٗ بِمِقْدَارٍ ۝۸ عٰلِمُ الْغَيْبِ وَ الشَّهَادَةِ الْكَبِيْرُ الْمُتَعَالِ ۝۹ سَوَآءٌ مِّنْكُمْ مَّنْ اَسَرَّ الْقَوْلَ وَ مَنْ جَهَرَ بِهٖ وَ مَنْ هُوَ مُسْتَخْفٍۭ بِالَّيْلِ وَ سَارِبٌۢ بِالنَّهَارِ ۝۱۰ لَهٗ مُعَقِّبٰتٌ مِّنْۢ بَيْنِ يَدَيْهِ وَ مِنْ خَلْفِهٖ يَحْفَظُوْنَهٗ مِنْ اَمْرِ اللّٰهِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَا يُغَيِّرُ مَا بِقَوْمٍ حَتّٰى يُغَيِّرُوْا مَا بِاَنْفُسِهِمْ ؕ وَ اِذَآ اَرَادَ اللّٰهُ بِقَوْمٍ سُوْٓءًا فَلَا مَرَدَّ لَهٗ ۚ وَ مَا لَهُمْ مِّنْ دُوْنِهٖ مِنْ وَّالٍ ۝۱۱ هُوَ الَّذِيْ يُرِيْكُمُ الْبَرْقَ خَوْفًا وَّ طَمَعًا وَّ يُنْشِئُ السَّحَابَ الثِّقَالَ ۝۱۲ۚ وَ يُسَبِّحُ الرَّعْدُ بِحَمْدِهٖ وَ الْمَلٰٓئِكَةُ مِنْ خِيْفَتِهٖ ۚ وَ يُرْسِلُ الصَّوَاعِقَ فَيُصِيْبُ بِهَا مَنْ يَّشَآءُ وَ هُمْ يُجَادِلُوْنَ فِي اللّٰهِ ۚ وَ هُوَ شَدِيْدُ الْمِحَالِ ۝۱۳ؕ

الله خوب ڄاڻي ٿو تہ هر ماده (عورت) جو ڪجهہ پنهنجي پيٽ ۾ رکي ٿي ۽ جنهن قدر حمل بعد رحم سڪڙي ٿو يا وڌي ٿو، هر شيءِ هن وٽ مقرر مقدار (حد) ۾ آهي. (8) هو هر مخفي ۽ ظاهر کي برابر ڄاڻي ٿو. هو سڀ کان برتر بالا ۽ اعليٰ رتبي وارو آهي. (9) اوهان مان جو شخص آهستہ گفتگو ڪري يا بلند آواز سان ڳالهائي، جو رات جو انڌيرن ۾ لڪل هجي ۽ ڏينهن جي روشني ۾ گهمي ڦري رهيو هجي، هن لاءِ سڀ برابر آهن.(10) هر انسان لاءِ هن جي آڏو ۽ هن جي پٺيان الله جا مؤڪّل (پهريدار) هن جي نگهباني ڪندا رهن ٿا (هي جلدي نہ ڪن) الله ڪنهن قوم سان پنهنجا معاملا (فيصلا) تيستائين تبديل نٿو ڪري، جيستائين هو پنهنجي رويي ۾ تبديلي نہ آڻي. پر جڏهن ڪنهن قوم تي شامت آڻڻ جو فيصلو ڪري ٿو تہ اهو ڪنهن جي ٽارڻ سان نٿو ٽري ۽ نہ اهڙي وقت هنن جو ڪو مددگار ٿي سگهي ٿو.(11) اهو ئي آهي، جيڪو اوهان کي بجلي ڏيکاري ٿو، جنهن سان خوف ۽ پيدا ٿئي ٿو ۽ اميد ۽ ڀڃجي ٿي ۽ اهو ئي آهي جيڪو پاڻيءَ سان پريل بادل هلائي ٿو. (12) هن جي الرعد گوڙ (گجگوڙ) حمد سان گڏ هن جي تسبيح ڪري ٿي ۽ خوف کائي ٿي، اهڙي طرح فرشتا ۽ هن جي خوف کان حمد ۽ تسبيح ڪن ٿا. هو ڪڙڪيدار بجليون موڪلي ٿو، پوءِ هو ڪيرائي ٿو انهن مٿان، جن تي سندن مشيت گهري ٿي ۽ هو انهيءَ قادر مطلق الله بابت جهگڙو ڪن ٿا. ان جي پڪڙ سخت آهي.(13)

الله تعالىٰ کي هر شيءِ جو علم آهي. ڪو ڳجهہ هن کان مخفي ناهي. هر شيءِ ان جي تعريف ڪري ٿي ۽ ڪنهن فرد يا قوم کي سندن اعمال موجب گرفت ڪري ٿو. ياد رکڻ گهرجي تہ عمل ۽ ان جي نتيجي ظاهر ٿيڻ ۾ هڪ وقفو هوندو آهي، اهو وقفو ڪيترو هڻڻ گهرجي، ان جو علم صرف الله کي آهي. هن جو هڪ مثال ماءُ جي پيٽ ۾ حمل قرار ونڻ وارو ٻار آهي. هن ٻار کي ماءُ جي رحم ۾ ڪيترو رهڻ گهرجي (آل عمران:

6/3، **الانعام:** 6/ 59، **لقمان:** 31/ 34، **فاطر:** 35/ 11، **حٰم السجده:** 41/ 47، **الاحقاف:** 46/ 15، **النجم:** 53/ 32، **الطلاق:** 65/ 4) اهو هن کي ئي معلوم آهي تہ هن ٻار جي جسماني اوسر سان گڏ ان ۾ عقل و دانش علم و بصيرت جون قوتون کيتريون کهڙي وقت رکڻيون آهن. هن جي صلاحيتن ۽ استعداد ۾ جو کجهہ کمي پيشي کرڻي آهي، ان جا اسباب قانون ربوبيت موجب الله جي طرفان براهہ راست نگراني ۾ رهن ٿا ۽ کهڙو ٻار انهن اسباب جي وقت تي مهيا ٿيڻ سان تکميل تائين پهچي، هڪ نارمل انسان جي صورت اختيار کري ٿو. پر اهو به الله کي معلوم آهي تہ کهڙو ٻار اسباب ربوبيت کان محروم يا نامکمل ملڻ سبب ان جي ناتمام پئدائش جو نشانو ٿي وڃي ٿو. کائنات جي هر شيءِ سندس انهيءَ تقدير ۽ انداز سان نوازيل آهي.

ذرا تقدیر کی گہرایوں میں ڈوب جا تو بھی
کہ اس جنگاہ سے میں بن کے تیغ بے نیام آیا

(اقبال رحمۃ اللہ علیہ)

"لَهُ الْخَلْقُ وَالْاَمْرُ" (الاعراف: 54/7) يعني عالم امر ۾ "يَخْلُقُ اللّٰهُ مَا يَشَآءُ" (النور: 45/24) "يَحْكُمُ مَا يُرِيْدُ" (المائده: 1/5) "يَفْعَلُ مَا يَشَآءُ" (آل عمران: 40/3، الحج: 18/22) "اَنْزَلْنَا مِنَ السَّمَآءِ مَآءً بِقَدَرٍ" (المؤمنون: 18/23، الزخرف: 11/43) "وَقَدَّرَ فِيْهَآ اَقْوَاتَهَا" (حٰم السّجده: 10/41) "فَقَدَّرَهٗ تَقْدِيْرًا" (الفرقان: 2/25) "ذٰلِكَ تَقْدِيْرُ الْعَزِيْزِ الْعَلِيْمِ" (يٰسٓ: 38/36) "اِنَّا كُلَّ شَيْءٍ خَلَقْنٰهُ بِقَدَرٍ" (القمر: 49/54) الله هر شيءِ کي هڪ خاص قدر انداز ۾ پيدا کيو آهي. ان کري الله طرفان خير ئي خير آهي.

کارسازِ ما بفکرِ کار ما
فکر ما در کارِ ما آزار ما

الله تہ اسان جي خير واري کم جي فکر ۾ آهي ۽ اسان جو فکر پنهنجي لاءِ آزار آهي، اهو ئي تہ "رضي الله عنهم و رضوا عنه" جو مقام آهي.

حسرت موهاني چوي ٿو:

مرضئ يار کے خلاف نہ ہو
لوگ ميرے ليے دعا نہ کريں

قرآن مجيد فرمائي ٿو:

اِنۡ اَحۡسَنۡتُمۡ اَحۡسَنۡتُمۡ لِاَنۡفُسِكُمۡ (بني اسرائيل: 7/17)

يعني:

لو اپنی سرنوشت اپنے قلم سے لکھو
خالی رکھی ہے خامہ حق نے تیری جبیں

(اقبال رحمۃ اللہ علیہ)

هاڻي تون پنهنجي تقدير پنهنجي قلم سان پاڻ لک، انهيءَ کري تہ الله تعالىٰ تنهنجي پيشاني پنهنجي قلم کان خالي رکي آهي.

اهو سڀ کجهہ ان الله جي قَدر يعني اندازن مطابق صورت وڻي ٿو. خدا کي معلوم آهي تہ کهڙي شيءِ کهڙن مرحلن مان گذري رهي آهي. هن جا کهڙا کهڙا پهلو ظاهر ٿي چکا آهن ۽ اجا کهڙا پوشيده آهن، جن کي وقت مقرره تي رو بہ کار آڻڻو آهي. کائنات جي هر شيءِ مخفي هجي يا ظاهر، اها هن جي علم ۾ هکجهڙي موجود آهي. هو وڏي قوت ۽ حڪمت جو مالڪ آهي، هو نهايت بلند ترين مقام تي آهي، جتي انسان جي عقل و شعور يا هوش و حواس جي رسائي نہ آهي.

دريں کنہہ گم گشت کشتئ ہزار
کہ پيدا نہ شد تخت اش برکنار

(شيخ سعدي رحمۃ اللہ علیہ)

هن راز جي رسائيءَ تائين رستي ۾ ئي کيترين (عقل و دانش جون) کشتيون غرق ٿي ويون، جن جو اڃ تائين کناري تائين کو تختو بہ ظاهر نہ ٿيو.

وڌيڪ ڏسو آيت الڪرسي، البقره: 255/2، سورة الحشر 22-24/59. الله جي علم ۽ قانون واري نگهداري کان ڪا بہ شيءِ لڪل نہ آهي، اوهان يلي پنهنجي ڳالهہ لکائي

تمام ڏيمي آواز ۾ ڪنهن کي چئو ته به هو ان کي ائين صاف چٽو ٻڌي سمجهي ٿو، جهڙي طرح اوهان بلند آواز سان گفتگو ڪريو. (هود: 5/11، طٰه: 7/20، المؤمن:19/40، ق: 16/50، الملک: 13/67) جيڪڏهن ڪو ماڻهو رات جي اوندهين ۾ ٻين انسانن کان لڪي ڪو ڪم ڪري ته اهو به الله جي نظرن ۾ صاف ظاهر آهي. توڙي ڪو ڏينهن جي روشنيءَ ۾ هلي چلي رهيو هجي، ٻنهي حالتن ۾ الله جي علم ۽ قانون جي نگاهه ۾ هڪجهڙو نظر اچي ٿو. غيب ۽ شهادت ته اسان لاءِ آهي. اسان تاريڪ راتين ۾ ڏسڻ ۽ سربر کي سڌ کان قاصر آهيون، پر الله لاءِ اهي سڀ هڪجهڙا آهن. هر انسان هر وقت جنهن به حالت ۾ هجي، الله آڏو عيان ۽ چٽو آهي. الله جي نگاهه ۽ علم براهه راست ان کي ڏسي پسي رهي آهي. پر ان کان سواءِ الله جا مُعقّبات آهن، جيڪي لڳاتار باري باري نگهداري ڪندا رهن ٿا. "مُعَقِّبَات" مُعَقِّبَة جو جمع آهي. هڪ ٻئي پٺيان اچڻ وارا، مراد اهي فرشتا آهن، جيڪي باري باري هڪ ٻئي پٺيان ايندا رهندا آهن. ڏينهن جا فرشتا وڃن ٿا ته شام جا فرشتا اچي وڃن ٿا وري شام وارا فرشتا وڃن ٿا ته ڏينهن واري فرشتا اچن ٿا، جيڪي الله پاران نگراني ڪن ٿا. (الانفطار: 10/82 کان 12) اهو مضمون سورة الانعام: 61/6 ۾ هن طرح آيو آهي: "وَ يُرْسِلُ عَلَيْكُمْ حَفَظَةً". هي سنت الاهي آهي، جنهن موجب جهڙي طرح افراد کي صبر ۽ شڪر جي آزمائش مان گذاريندو آهي، اهڙي طرح قومن جو به انتخاب ٿيندو رهندو آهي. (البقره: 157/2-155، الانفال: 53/8، الحج: 58/22) يقيناً ڪا به قوم جڏهن به هڪ دفعو سرفرازي ۽ اقتدار حاصل ڪري وڃندي آهي، جيستائين اها قوم اخلاقي، قانون حدن ۾ رهي علم و اخلاق جي لحاظ سان پاڻ کي مستحڪم رکي ٿي، تيستائين الله جو ان سان معاملو تبديل نٿو ٿئي، جيستائين بار بار جي تنبيه ۽ آگاهه ڪرڻ جي باوجود هو پاڻ پنهنجي لاءِ ذلت ۽ گمراهيءَ جو فيصلو ڪري ٿي ته پوءِ ان جي فيصلي مطابق نتيجن ظاهر ٿيڻ کي کو به روڪي نٿو سگهي ۽ پوءِ کو به ان قوم جي مدد ڪري نٿو سگهي ۽ ان جي جاءِ تي ٻي صالح ۽ نيڪ قوم اچي وڃي ٿي. (الانعام: 147/6، الشوریٰ: 30/42) انسان جي پوري تاريخ اهڙن مثالن سان پري پئي آهي، جو هميشه کان جاري و ساري آهي ۽ جاري و ساري رهندي. اهوئي اوهان کي بجليءَ (جي چمڪ) ڏيکاري ٿو، جنهن سان خوف به پيدا ٿئي ٿو ته اميد به پيدا ٿئي ٿي. (الانفال: 53/8، الروم: 24/30)

جن ماڻهن جا با غ ۾ کيت آهن، اهي خوش ٿين ٿا. انهن جي اميدن جي نويد ثابت ٿئي ٿي، پر راهگير، مسافر ۽ جهوپڙين ۽ ڪمزور گهرن وارن يا بنيون ۽ بنا هلائيندڙ يا هيناهين هنڌن تي رهڻ وارا خوف ۾ مبتلا ٿي وڃن ٿا. انهن بجلي جي نتيجي ۾ بادل پاڻي سان لبريز ٿي پکڙجي وڃن ٿا.

اڄ پٽ اتر پار ڏي ڪارا ڪڪر ڪيس
وڃون وسڻ آئيون ڪري لال لبيس
پرين جي پرديس مون کي منيهن ميڙيا.

(شاهه رحمۃ اللہ علیہ: سر سارنگ)

پٽائي صاحب هن آيت ۽ ايندڙ آيت جي تشريح ۾ سر سارنگ ۾ "سارنگ سار لهيج الله لڳ اجين جي" سارنگ کي سارين ماڙهو مرگهه ميهيون، "بر ونا ٿر ونا ونيون ترايون" ۾ ماروئڙن جي خوشين ۽ اميدن جو ذڪر ٻه آهي ته "جهڙ پسيو جهجن، جهوپو سهي نه سيءَ، الله جهري مَ شال" غريبن جي جهوپڙي جو ذڪر ڪري اميد ۽ خوف جو خوب منظر پيش ڪيو آهي.

گرج حمد ڪرڻ سان گڏ تسبيح ٻه ڪري ٿي ۽ الله جي خوف ۾ رهي ٿي ۽ فرشتا ٻه الله جي خوف کان حمد ۽ تسبيح ڪن ٿا. "وَاِنۡ مِّنۡ شَیۡءٍ اِلَّا یُسَبِّحُ بِحَمۡدِہٖ" (بني اسرائيل: 44/17) هر شيءِ الله جي حمد جي تسبيح ڪري ٿي، جهڙيءَ طرح حضرت دائود علیہ السلام سان گڏ پهاڙ ٻه تسبيح ڪندا هيا. (ص: 18/38) پهاڙ ٻه الله جي تسبيح ڪندي، خوفِ خدا ۾ ڪري پون ٿا. (البقره: 42/2) اهو ئي ڪڙڪيدار بجليون موڪلي ٿو ۽ انهن بجلين کي عذاب طور انهن ماڻهن تي بسا اوقات ڪيرائي ٿو، جڏهن هو خدا جي باري ۾ جهڳڙو ڪري رهيا هوندا آهن. هي ڪافر ٻه بار بار مطالبو ڪري رهيا آهن ته اسان رسول اڪرم خاتم النبیین صلی اللہ علیہ وسلم جي تعليم کي سچو نٿا سمجهون ۽ هو جيڪو عذاب الاهي جا ڊڙڪا ڏئي رهيو آهي، اهو عذاب پلي اچي، ڪين ٻڌايو ٿو وجي ته هي جو بجليون اوهان جي سرن مٿان ڪڙڪي رهيون آهن، اهي خدا جي خوف کان ڪنبي رهيون آهن ته الائي ڪڏهن ڪنهن جي مٿان ڪڙڪڻ جو حڪم ملندو، پر اوهان آهيو جو ذرا پر غور نٿا ڪريو ته هو (الله) نهايت وڏي قوت ۽ سگهه جو مالڪ آهي.

لَهٗ دَعْوَةُ الْحَقِّ ؕ وَ الَّذِيْنَ يَدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِهٖ لَا يَسْتَجِيْبُوْنَ لَهُمْ بِشَيْءٍ
اِلَّا كَبَاسِطِ كَفَّيْهِ اِلَى الْمَآءِ لِيَبْلُغَ فَاهُ وَ مَا هُوَ بِبَالِغِهٖ ؕ وَ مَا دُعَآءُ
الْكٰفِرِيْنَ اِلَّا فِيْ ضَلٰلٍ ﴿۱۴﴾ وَ لِلّٰهِ يَسْجُدُ مَنْ فِي السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ طَوْعًا وَّ
كَرْهًا وَّ ظِلٰلُهُمْ بِالْغُدُوِّ وَ الْاٰصَالِ ﴿۱۵﴾ السجدة ۲ قُلْ مَنْ رَّبُّ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ ؕ
قُلِ اللّٰهُ ؕ قُلْ اَفَاتَّخَذْتُمْ مِّنْ دُوْنِهٖۤ اَوْلِيَآءَ لَا يَمْلِكُوْنَ لِاَنْفُسِهِمْ نَفْعًا وَّ لَا
ضَرًّا ؕ قُلْ هَلْ يَسْتَوِي الْاَعْمٰى وَ الْبَصِيْرُ ۙ اَمْ هَلْ تَسْتَوِي الظُّلُمٰتُ وَ
النُّوْرُ ۚ اَمْ جَعَلُوْا لِلّٰهِ شُرَكَآءَ خَلَقُوْا كَخَلْقِهٖ فَتَشَابَهَ الْخَلْقُ عَلَيْهِمْ ؕ قُلِ
اللّٰهُ خَالِقُ كُلِّ شَيْءٍ وَّ هُوَ الْوَاحِدُ الْقَهَّارُ ﴿۱۶﴾ اَنْزَلَ مِنَ السَّمَآءِ مَآءً فَسَالَتْ
اَوْدِيَةٌۢ بِقَدَرِهَا فَاحْتَمَلَ السَّيْلُ زَبَدًا رَّابِيًا ؕ وَ مِمَّا يُوْقِدُوْنَ عَلَيْهِ فِي
النَّارِ ابْتِغَآءَ حِلْيَةٍ اَوْ مَتَاعٍ زَبَدٌ مِّثْلُهٗ ؕ كَذٰلِكَ يَضْرِبُ اللّٰهُ الْحَقَّ وَ
الْبَاطِلَ ؕ فَاَمَّا الزَّبَدُ فَيَذْهَبُ جُفَآءً ۚ وَ اَمَّا مَا يَنْفَعُ النَّاسَ فَيَمْكُثُ فِي
الْاَرْضِ ؕ كَذٰلِكَ يَضْرِبُ اللّٰهُ الْاَمْثَالَ ؕ ﴿۱۷﴾ لِلَّذِيْنَ اسْتَجَابُوْا لِرَبِّهِمُ
الْحُسْنٰى ؕ وَ الَّذِيْنَ لَمْ يَسْتَجِيْبُوْا لَهٗ لَوْ اَنَّ لَهُمْ مَّا فِي الْاَرْضِ جَمِيْعًا وَّ
مِثْلَهٗ مَعَهٗ لَافْتَدَوْا بِهٖ ؕ اُولٰٓئِكَ لَهُمْ سُوْٓءُ الْحِسَابِ ۙ وَ مَاْوٰىهُمْ
جَهَنَّمُ ؕ وَ بِئْسَ الْمِهَادُ ﴿۱۸﴾ ع

وقف النبی صلی اللہ علیہ وسلم

النصف ۸ ع ۲

انهيءَ کي ئي باڏائڻ حق آهي(يا انهيءَ جي دعوت حق آهي) هن (الله) کانسواءِ هو جنهن کي به پکارين ٿا، اهي هنن جي دعا (پکار) کي کنهن طرح به قبول نٿا کن (هو ائين آهي جيئن) کو ماڻهو پنهنجا ٻئي هٿ پاڻي طرف وڌائي ته پاڻي هن جي منهن تائين پهچي وجي، پر اهو پاڻي هن جي منهن تائين پهچڻ وارو ناهي. حقيقت ۾ هنن منکرن جي فرياد صدا بصحرا آهي.(14) آسمانن ۽ زمين ۾ جو کجهه به آهي، اهو الله کي طوعاً وکرهاً سجدو کري ٿو، خوشيءَ سان يا ناخوش ٿي(مجبورًا) ۽ انهن جا پاڇا به صبح و شام (ان کي سجدو کن ٿا) (15) هنن کان پڇو ته آسمانن ۽ زمين جو مالک کير آهي. چؤ الله ئي ته آهي، کين اهو به چئو ته چا اوهان هن (الله) کي ڇڏي پنهنجي لاءِ اهڙا حمايتي بنايا آهن، جيکي خود پنهنجي پاڻ لاءِ نفعي ۽ نقصان جو اختيار نٿا رکن. هنن کان اهو به پڇو ته چا انڌو ۽ اکين وارو برابر ٿي سگهن ٿا، چا اجالا ۽ انڌيرا برابر ٿي سگهن ٿا. چا هنن الله سان ٻين کي (عبادت ۾) شريک بڻايو آهي، جن اهڙي تخليق کئي آهي، جيکا هن جي تخليق جهڙي هجي، سو هنن ۾ ان تخليق ۾ مغالطو يا معاملو مُتشَبَّه ٿي ويو آهي. هنن کي چئو ته هر شيءِ جو اصل خالق الله ئي آهي. هو يڪتا ۽ وحده لا شريک له آهي، سڀ تي غالب آهي ۽ اهو ئي حڪمران ۽ کارساز آهي.(16) آسمان طرفان پاڻي (مينهن) وسائي ٿو، پوءِ سڀ نديون نالا پنهنجي وسعت مطابق وهڻ لڳن ٿا. پوءِ سيلاب متي ترندڙ جهاڳ کي کڻي هلي ٿو ۽ جيکي ڏاتو هي ماڻهو باهه ۾ تپائين ٿا ته زيور يا ٻيو کجهه ٺاهين، ان تي به ساڳيو جهاڳ ايري ٿو. اهڙي طرح الله حق ۽ باطل جا مثال پيش کري ٿو. جهاڳ ته خشک ٿي زائل ٿي وجي ٿي، پر جيکا شيءِ ماڻهن لاءِ مفيد هوندي آهي، اها زمين ۾ رهجي وجي ٿي. اهڙي طرح الله مثال پيش کري ٿو.(17) جن ماڻهن

پنهنجي رب جي دعوت کي لَبَّيک چيو، انهن لاءِ خير و پلائي آهي، پر جن ماڻهن هن دعوت کي قبول نہ کيو تہ پوءِ (هو پنهنجي نجات لاءِ) جيڪو ڪجهہ زمين ۾ موجود آهي ۽ ايترو ٻيو بہ ملي وڃي تہ هو اهو سمورو مال بدلي ۾ ڏئي ڇڏين. هي اهي ماڻهو آهن، جن جو حساب برو هوندو ۽ هنن جو ٺڪاڻو جهنم ۾ هوندو ۽ جهنم نهايت برو ٺڪاڻو (رهائشگاهہ) آهي. (18)

اها رڳو الله ذوالجلال جي واحد هستي آهي، جنهن کي ئي ٻاڏائڻ ۽ پڪارڻ گهرجي، يعني پنهنجن حاجتن ۽ مشڪلاتن کان نجات لاءِ يا ڪاميابين ۽ فائدا حاصل ڪرڻ لاءِ انهيءَ کي پڪارجي ۽ ان ڏانهن ئي متوجہ ٿي مدد ۽ حمايت طلب ڪجي، ڇو تہ سمورا اختيار انهيءَ هڪ اڪيلي الله جي قدرت ۽ طاقت جو مظهر آهن. اهوئي انسانن جي حاجت ۽ ضرورت کي ڄاڻي ٿو، پر ان هڪ ڪارساز کي پڪارڻ بدران هو جنهن بہ ٻئي کان مدد گهرن ٿا، اهي نہ هنن جي مدد ڪري سگهن ٿا ۽ نہ وري انهن ۾ مدد ڪرڻ جي ڪا صلاحيت بہ آهي. هنن بي بس ۽ ڪمزور بتن يا ديوين ديوتائن کان مدد گهرڻ اهڙي طرح آهي جيئن ايجايل پنهنجي ايڇ اجهائڻ لاءِ ٻئي هٿ پاڻي طرف ڪڍي ٿو تہ هاڻي پاڻي هن جي طلب تي سندس منهن يا وات تائين پهچي ويندو سو ڪو نہ ٽيندو. اهڙي طرح هنن بي بس معبودن کان مدد گهرڻ بہ اهڙي آهي جو هنن جي آڏو بين وڃائيندا رهو، مگر هو ڪا داد رسي ڪرڻ وارا نہ آهن. ڪافرن جي دعا بہ انهيءَ مثال وانگر آهي ۽ گمراهي آهي. "دعوة الحقّ" جي معنيٰ "ان جي دعوت ئي حق آهي" بہ ڪئي وئي آهي. آسمانن ۽ زمين ۾ جو ڪجهہ بہ آهي، اهي الله کي ئي سجدو ڪن ٿا. (النحل: 48/16، الحج: 18/22) يعني خدا جي مقرر ڪيل قانون جي پوري طرح پابندي ڪن ٿا ۽ ڪنهن بہ صورت ۾ هن جي مشيت کان انڪار نٿا ڪن، انسانن کان سواءِ ڪائنات جي باقي مخلوقات الله جي مقرر ڪيل اندازن (قدرن) هن خارجي ڪائنات جي هر شيءِ طبعي قانون جي اطاعت مطابق ڪارفرما آهي، سج، چند ۽ زمين سمورا قانونِ ڪشش ۾ جڪڙيل آهن، بادل، هوائون، برسات، موسمون سڀ الله جي مقرر ڪيل قانون فطرت جا

پابند آهن. (آل عمران: 83/3، حٰمٓ سجده: 111/61) اسان کي عقل و هوش فهم و فراست سان گڏ وحي الاهي جي هدايت ۽ رهنمائي لاءِ موجود آهي، سڏي راهه يا غلط رستو اختيار ڪرڻ انسان جي اختيار ۾ ارادي تي چسپيل آهي، پر سندس اعمال جا صحيح نتيجا هر حال ۾ وقت مقرر تي ضرور ظاهر ٿيڻ وارا آهن. (النساء: 122/4، التوبه: 54/9، الحج: 18/22) لهٰذا الله جي ان قانون مڪافات عمل کان انڪار ڪرڻ وارن جو خواهشون ۽ آرزون پوريون نٿيون ٿي سگهن.

ہزاریں خواہشیں ایسی کہ ہر خواہش پہ دم نکلے
بہت نکلے میرے ارمان لیکن پھر بھی کم نکلے

(غالب)

حديث شريف ۾ آهي: "جَاهِدُوْا اَهْوَآئَكُمْ كَمَا تُجَاهِدُوْنَ اَعْدَآئَكُمْ" پنهنجن بي جا خواهشن سان ۽ اهڙي طرح وڙهندا آهن، جهڙي طرح دشمن سان وڙهندا آهيو.(النساء: 123/4) ڪائنات جون اهي مذڪور بالا شيون طبعي قانون جي زير اثر ڪار فرما آهن. انهن جو پاڇو ۽ صبح شام مختلف سمتن طرف رهي ٿو. اهي سڀ مجبورًا يا فطرت جي مقرر ڪيل قانون مطابق ايرن لهن ٿا ۽ انهن جا سندن مختلف سمت ۾ پاڇا ظاهر ٿين ٿا. پاڇو روشنيءَ جو ضد آهي، هت "پاڇو" (ظِلَال) سج جي پاڇي کي سڏيو ويو آهي. سورة الفرقان: 45/25 ۾ آهي: "ثُمَّ جَعَلْنَا الشَّمْسَ عَلَيْهِ دَلِيْلًا" سايه جي گهٽجڻ يا وڌجڻ جو ذريعيو (دليل) سج جي روشني آهي. سايو سج جي مخالف سمت ۾ گهٽجي وڌي ٿو، جنهن جو پورو ڪنٽرول سج جي نظام ۾ آهي ۽ اهو ئي سايه جو دليل آهي. دليل اهڙي ذريعي کي سڏبو آهي، جنهن سان ڪنهن ڳالهه جو علم، غور و فڪر ڪرڻ بعد آهستي هستي معلوم ٿي وڃي. هت سج غور و فڪر بعد سايه لاءِ سمجهڻ جو ذريعو آهي. سج ۽ زمين ته طبعي قانون مطابق گردش ۾ آهن ۽ سايه ان سج جي علامت آهي ۽ اهو ۽ سج وانگر طبعي قانون جو محتاج آهي. خود اوهان جو سايو ۽ اوهان جي هٿ وس ناهي. عام طرح صبح جو زوال کان اڳ سج جو سايه (پاڇو) اوپر کان اولهه طرف هوندو آهي، ان کي عرب "ظِلَال" چوندا آهن ۽ زوال کان مغرب تائين سايه مغرب کان مشرق طرف هوندو آهي،

عرب ان کي "فيئ" چوندا آهن. زمين ۽ سج يعني بنهي جي گردش جو اهڙو انتظام آهي، جو هر شيءِ جو سايو سج جي نسبت سان گهٽجي وڌي ٿو. اهڙي طرح سج ان جي گهٽجڻ ۽ وڌڻ جو دليل ٿي وجي ٿو. يعني سج کي ڏسي اسان چئي سگهو ٿا ته هينئر سايو کيترو هوندو، پر جيڪڏهن الله زمين جي گردش نہ رکي ها ته سايو هڪ هنڌ هڪ جيترو رهي ها. اهڙي طرح رات ڏينهن سردي گرمي ڏينهن رات جي گهٽجڻ وڌڻ جو نظام جاري رهي ٿو.

وَفِيْ كُلِّ شَيْءٍ آيَةٌ
تَدُلُّ عَلٰى اَنَّهٗ وَاحِدٌ

* * *

ہر گیاہے کہ از زمین روید
وحدہ لا شریک لہ گوید

(شيخ سعدي رحمه الله)

زمين کان نکرندڙ هر سلو ۽ کائنات جي هر شيءِ الله تعالىٰ جي وحدت جي گواهي ڏئي ٿي.

احاديث مطابق جمادات ۽ نباتات ۾ به هڪ مخصوص قسم جو شعور موجود آهي، جنهن کي اسان ڏسي يا سمجهي نٿا سگهون. (احسن البيان: مولانا حافظ صلاح الدين يوسف) هنن کافرن کان اهو پڇو ته زمين ۽ آسمان جو اختيار، اقتدار ۽ حڪومت ڪنهن جي هٿ ۾ آهي.(المومنون: 23/90-89-85-84، العنڪبوت: 29/63-61) هنن کي معلوم آهي ته زمين ۽ آسمانن جو واحد مالڪ الله ئي آهي، پر ان هوندي به هو توکي اهڙو جواب ڏيڻ کان گهر سمر رهن ٿا. کين خبر آهي ته ائين چوڻ سان ته انهي جو مالڪ الله آهي ته پوءِ هنن لاءِ توحيد جو انڪار ناممڪن ٿي ويندو. ان ڪري هو جواب ڏيڻ کان لنوائين ٿا. اي پيارا حبيب خاتم النبيين صلى الله عليه وسلم! انهن جو حقيقي مالڪ الله ئي آهي، جنهن ۾ هن جو ڪو به شريڪ ناهي ته پوءِ توهان اهڙي بااختيار الله کي ڇڏي، اهڙن بي بس ۽ بي جان بوتن کي پنهنجو حمايتي ۽ مددگار ڇو ٿا بڻايو، جيڪي خود پنهنجي نفعي نقصان جو اختيار نٿا رکن، اهي اوهان جي ڪهڙي مشڪل حل ڪندا. (الانعام: 6/14- 12، الانبياء: 21/22، الزخرف:

87/43- 9) هن طرح مثال سمجهو ته انڈو ۽ اکين وارو برابر ٿي نٿا سگهن. (هود: 24/11، الفاطر: 19/35) ته پوءِ موحد ۽ مشرڪ پاڻ ۾ برابر ڪيئن ٿي سگهندا ۽ موحد جي دل ۾ الله جو نور آهي، جڏهن ته مشرڪ جو دل ڪارو انڌيرو ٽڪرو آهي. موحد کي الله اکين ۾ نور ڏنو آهي، جنهن سان هو حقيقت کي ڏسي سگهي ٿو، پر مشرڪ جون اکيون بي نور آهن. هن کي پنهنجو وجود به نظر نٿو اچي. اهڙي طرح انڌيرا ۽ نور به برابر نه آهن. ظلمات جو لفظ جمع ۾ آهي، چو ته انڌيرا بي حساب آهن ۽ ان جي مقابلي ۾ نور واحد آيو آهي، هتان معلوم ٿيو ته انڌيرا هزار رستن کان اچن ٿا مگر نور ۽ روشني جو مَنبع هڪ آهي، جيڪو نور السماوات والارض آهي ۽ ڪائنات جو پروردگار آهي. هت انڌي مان مراد اهڙا احمق ۽ نادان انسان آهن، جيڪي ڪائنات ۾ هر طرف پکڙيل شين تي غور ئي نٿا ڪن، جيڪي الله جي وحدت جو اقرار ڪري رهيون آهن. انهن کي علم حق جي اها روشني، جيڪا نبي خَاتَمُ النَّبِيِّينَ ﷺ ۽ سندس اطاعت ڪندڙ اصحاب سڳورن کي آهي، نظر نٿي اچي، پر هو جهالت ۽ انڌي تقليد جي اونداهين ۾ پٽڪي رهيا آهن. ڇا هنن جي جعلي معبودن به اهڙا زمين، آسمان، سج، چند، دريا، سمنڊ ناهيا آهن، جو هو الله جي ناهيل ۽ پنهنجن بتن جي ناهيل شين ۾ فرق ڪري نٿا سگهن ته ڪهڙو بتن جو آهي ۽ ڪهڙو خدا جو آهي. جڏهن هنن جعلي معبودن ڪجهه به نه بڻايو آهي ته پوءِ ڪهڙو شڪ شبهو آهي. حالانڪ هو چڱي طرح ڄاڻن ٿا ته هنن سيني شين جو خالق ۽ ڪارساز صرف هڪ الله آهي، جو هر شيءِ تي غلبو قدرت ۽ طاقت رکي ٿو، ان ڪري ان جي عبادت لازم آهي. (البقره: 21/2، الاعراف: 8/7، لقمان: 11/31، الفرقان: 3/35)

شروع کان ئي هتي حق ۽ باطل جي درميان ڪشمڪش جو قانون ڪارفرما آهي، جنهن جي وضاحت لاءِ به مثال پيش ڪيا ويا آهن ته جڏهن برسات ٿيندي آهي ته برسات جو پاڻي ندين نالن جي ذريعي وهڻ شروع ٿي ويندو آهي. مينهن جي خالص ۽ صاف پاڻي ۾ زمين تي پيل گند ڪچرو به شامل ٿي ويندو آهي، جيڪو جهاڳ جي صورت اختيار ڪري ندين نالين جي وهندڙ پاڻيءَ مٿان ترڻ شروع ڪندو آهي ۽ اها جهاڳ بلبلا ڪري ختم ٿي ويندي آهي ۽ خالص پاڻي ماڻهن جي اڄ اجهائڻ سان گڏ ڪيت ۽ باغ آباد ڪندو آهي. هت برسات کي قرآن يا وحي الاهي سان تشبيه ڏني آهي، جيڪو مؤمن ماڻهن جي دلين ۾

جاگزين ٿي انهن کي دنياوي گند ڪچري ۽ غلاظت کان پاڪ صاف ڪندو آهي ۽ ڪفر جي گمراهيءَ کان ڪڍي پاڪ صاف ڪندو آهي. اهڙيءَ طرح پاڻ ڪريمن خَاتَمُ النَّبِيِّيْنَ ﷺ جن "وَيُعَلِّمُهُمُ الْكِتٰبَ وَالْحِكْمَةَ وَيُزَكِّيْهِمْ" يعني ڪتاب الاهي جي تعليم سان سندن رهنمائي فرمائي. هنن کي شرڪ جي هر غلاظت ۽ گندگي کان پاڪ صاف ۽ ڪندو آهي ۽ نشو نما ڪري حد ڪمال تائين پهچائيندو آهي. اهڙي ٻئي مثال ۾ سون، چاندي، تامي، پتل، لوهه وغيره کي باهه ۾ گرم ڪيو ويندو آهي ته ان مان ۽ جهاڳ نڪرندي آهي، جهاڳ جي ختم ٿي وڃڻ سان سون، چاندي، پتل، تامو وغيره نکري خالص ٿي ويندا آهن. جهاڳ مان مراد جهاڳ ميل ڪچيل ۽ شامل آهي، جهاڳ جي ختم ٿي وڃڻ بعد برسات جو پاڻي توڙي ذات (سون چاندي وغيره) صاف ستڙا ٿي ويندا آهن. جهاڳ مان ڪو فائدو نه هوندو آهي، پر ان بعد رهيل پاڻي توڙي ذات فائديمند هوندا آهن. اهڙي طرح باطل ختم ٿي ويندو آهي ۽ حق باقي رهندو آهي. "وَقُلْ جَآءَ الْحَقُّ وَزَهَقَ الْبَاطِلُ ۭ اِنَّ الْبَاطِلَ كَانَ زَهُوْقًا" (بني اسرائيل: 81/17) حق آيو ۽ باطل غائب ٿي ويو، باطل غائب ٿيڻ وارو ئي آهي. (الرعد: 34/13، الانبياء: 18/21، الشوریٰ: 44/42) پنهنجي بيان کي وڌيڪ واضح ڪرڻ لاءِ اهڙا مثال ڏنا ويندا آهن. سورة البقره: 17-20/2 ۾ منافقن لاءِ مثال ۽ سورة النور 39-40/24 ۾ ڪافرن جا مثال ڏنل آهن. حق ۽ باطل جي نظام تي ڪجهه ماڻهو حق جي راهه تي هلي منزل مقصود تائين پهچي وڃن ٿا. اهي پنهنجي رب جي دعوت قبول ڪري پلائيءَ جا مستحق ٿين ٿا. انهن کي پنهنجي رب وٽان هن دنيا جو خوشگوار بهارون ۽ نصيب ٿين ٿيون ته آخرت ۾ جنت جي سرسبز باغن ۾ شاد آباد رهن ٿا، جو ته پنهنجي رب کان راضي آهن ۽ سندن رب ۽ هنن کان خوش آهي. پر جيڪڏهن ماڻهو الله جي دعوت ۽ رسول اڪرم خَاتَمُ النَّبِيِّيْنَ ﷺ جي سيرت مان ڪو فائدو حاصل نٿا ڪن ۽ قبول ڪرڻ کان انڪار ڪن ٿا ته پوءِ انهن تي ايتري ته مصيبت پوندي جو هو پنهنجي جان ڇڏائڻ لاءِ دنيا و ما فيها جي پوري دولت بدلي ۾ ڏيڻ ۾ ۽ دير نه ڪندا، مگر مڪافات عمل موجب مواخذو هر حال ۾ وقوع پذير ٿيندو، اهو سخت حساب هوندو. "مَنْ نُّوْقِشَ الْحِسَابُ عُذِّبَ" جنهن تي ان ڏينهن جرح ٿي، ان جو بچڻ مشڪل آهي، هو عذاب جي گرفت ۾ ضرور ايندو، هنن جو ٺڪاڻو جهنم هوندو، جيڪو نهايت برو ٺڪاڻو (جڳهه) آهي.

اَفَمَنْ يَّعْلَمُ اَنَّمَآ اُنْزِلَ اِلَيْكَ مِنْ رَّبِّكَ الْحَقُّ كَمَنْ هُوَ اَعْمٰى ؕ اِنَّمَا
يَتَذَكَّرُ اُولُوا الْاَلْبَابِ ۙ﴿۱۹﴾ الَّذِيْنَ يُوْفُوْنَ بِعَهْدِ اللّٰهِ وَ لَا يَنْقُضُوْنَ
الْمِيْثَاقَ ۙ﴿۲۰﴾ وَ الَّذِيْنَ يَصِلُوْنَ مَآ اَمَرَ اللّٰهُ بِهٖٓ اَنْ يُّوْصَلَ وَ يَخْشَوْنَ رَبَّهُمْ
وَ يَخَافُوْنَ سُوْٓءَ الْحِسَابِ ؕ﴿۲۱﴾ وَ الَّذِيْنَ صَبَرُوا ابْتِغَآءَ وَجْهِ رَبِّهِمْ وَ اَقَامُوا
الصَّلٰوةَ وَ اَنْفَقُوْا مِمَّا رَزَقْنٰهُمْ سِرًّا وَّ عَلَانِيَةً وَّ يَدْرَءُوْنَ بِالْحَسَنَةِ
السَّيِّئَةَ اُولٰٓئِكَ لَهُمْ عُقْبَى الدَّارِ ۙ﴿۲۲﴾ جَنّٰتُ عَدْنٍ يَّدْخُلُوْنَهَا وَ مَنْ
صَلَحَ مِنْ اٰبَآئِهِمْ وَ اَزْوَاجِهِمْ وَ ذُرِّيّٰتِهِمْ وَ الْمَلٰٓئِكَةُ يَدْخُلُوْنَ عَلَيْهِمْ
مِّنْ كُلِّ بَابٍ ۚ﴿۲۳﴾ سَلٰمٌ عَلَيْكُمْ بِمَا صَبَرْتُمْ فَنِعْمَ عُقْبَى الدَّارِ ؕ﴿۲۴﴾ وَ الَّذِيْنَ
يَنْقُضُوْنَ عَهْدَ اللّٰهِ مِنْۢ بَعْدِ مِيْثَاقِهٖ وَ يَقْطَعُوْنَ مَآ اَمَرَ اللّٰهُ بِهٖٓ اَنْ يُّوْصَلَ
وَ يُفْسِدُوْنَ فِى الْاَرْضِ ۙ اُولٰٓئِكَ لَهُمُ اللَّعْنَةُ وَ لَهُمْ سُوْٓءُ الدَّارِ ﴿۲۵﴾ اَللّٰهُ
يَبْسُطُ الرِّزْقَ لِمَنْ يَّشَآءُ وَ يَقْدِرُ ؕ وَ فَرِحُوْا بِالْحَيٰوةِ الدُّنْيَا ؕ وَ مَا
الْحَيٰوةُ الدُّنْيَا فِى الْاٰخِرَةِ اِلَّا مَتَاعٌ ﴿۲۶﴾ ع ۲۶

اي نبي محترم خَاتَمُ النَّبِيِّيْن صلی اللہ تعالیٰ علیہ وآلہ وسلم ! چا اهو شخص جو ڄاڻي ٿو ته جو ڪجهہ رب جي طرفان تو تي نازل ٿيو آهي، اهو حق آهي، ان جهڙو ٿي سگهي ٿو جيڪو انڌو آهي، يقينًا نصيحت ته عقل وارا ئي حاصل ڪن ٿا.(19) اهي ماڻهو جيڪي الله سان ڪيل عهد پورو ڪن ٿا ۽ ڪيل ميثاق (عهد و اقرار) جي عهد شڪني نٿا ڪن. (20) الله جن (تعلقات) کي ڳنڍي رکڻ جو چيو آهي، ان کي

هو ٽوڙن نٽا. هو پنهنجي رب کان ڊجن ٿا ۽ بري حساب کان خائف رهن ٿا. (21) جيڪي پنهنجي رب جي رضامندي لاءِ صبر ڪن ٿا ۽ نماز جي اقامت جو اهتمام ڪيو ۽ جو ڪجهه اسان هنن کي عطا ڪرڻ فرمايو آهي، ان مان ظاهر ۽ ڳجهه ۾ خرچ ڪن ٿا ۽ چڱائي سان برائي جي اثرات کي ختم ڪن ٿا، ايندڙ گهر جو انجام انهن لاءِ ئي آهي(22) سدا بهار باغات ۾ اهي شخص داخل ٿيندا ۽ ان جا ماءُ پيءُ، زالون ۽ اولاد مان جيڪي به نيڪوڪار هوندا، هنن سان گڏ هوندا، فرشتا روزانو هر دروازي کان هنن وٽ ايندا.(23) ۽ ڪين چوندا ته اوهان ماڻهن تي سلامتي هجي. ان ڪري جو اوهان ثابت قدم رهيا. سو اڳتي ايندڙ گهر جو انجام ڪهڙو نه خوب تر آهي.(24) ان جي برعڪس اهي ماڻهو جن الله سان مضبوط عهد ڪيو ۽ بعد ۾ ان عهد کي ٽوڙي ڇڏين ٿا، جنهن جي قائم رکڻ (جوڙي رکڻ) جو الله حڪم ڪيو آهي، ان کي قطع ڪن ٿا (ٽوڙي ڇڏين ٿا) ۽ زمين تي فساد پکيڙين ٿا. انهن تي ئي لعنت آهي ۽ جن جو نهايت برو انجام آهي. (25) الله جنهن کي گهري ان جي رزق جي ڪشادگي ڪري ٿو ۽ جنهن جو گهري ان جو رزق تنگ ڪري ٿو، هو دنيا جي زندگيءَ جون فرحتون حاصل ڪرڻ ۾ رڌل آهن، حالانڪ دنيا جي هيءَ زندگي آخرت جي مقابلي ۾ حقير متاع آهي.(26)

حق ۽ ناحق ۾ فرق ڪرڻ وارا ۽ فرق نه ڪرڻ وارا ۾ جدا گروهه آهن. خدا طرفان موڪليل هدايت ۽ تعليم ۽ رسول ﷺ طرفان ڏنل دعوت دين جيڪي ماڻهو قبول ڪن ٿا ۽ پنهنجي زندگيءَ ان مطابق گذرڻ جو عزمِ مُصَمَّم ٿا ڪن ۽ ان کي سراپا حق ۽ سچائي سمجهي ان جي عملي تصوير پيش ڪن ٿا، اهي ان ماڻهوءَ جي برابر نٿا ٿي سگهن، جيڪو انڌو آهي، يعني جيڪي عقل و شعور جي روشني ۾ دين حق قبولي اندر

جي بصيرت واري نور سان سڌي راهه اختيار ڪن ٿا، اهي عقل ۽ شعور جي انڌن جهڙا ٿي نٿا سگهن. هنن جي دنيا ۾ سيرت ۽ طرز حيات ۽ آخرت ۾ اجر عظيم جون بشارتون ڪين ممتاز ڪن ٿيون. قرآن جي حقانيت ۽ صداقت تي يقين ڪڻ وارن جو اندر اجرو ۽ روشن رهي ٿو. پر قرآن جي صداقت تي ئي شڪ ڪرڻ سان اندر اونداهو ٿي وڃي ٿو. پوءِ هنن ٻنهي کي برابر ڪٽي سڏي سگهبو. نصيحت ته عقلمنديءَ جي حصي ۾ ايندي. هي اهي نيڪوڪار اشخاص آهن، جيڪي الله سان ڪيل عهد کي پورو ڪن ٿا، ان ۾ ڪا خيانت يا عهد شڪني نٿا ڪن. سورة المائده: 1/5 ۾ ارشاد آهي: "يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اَوْفُوْا بِالْعُقُوْدِ" اي ايمان وارؤ! پنهنجن انجام و اقرار کي نياڻيو. حديث شريف ۾ آهي: "لَا دِيْنَ لِمَنْ لَّا عَهْدَ لَهٗ" جيڪو عهد اقرار پورو نٿو ڪري، ان جو دين ۾ نه آهي. وعده خلافيءَ کي منافق جي نشانين ۾ ڳڻيو ويو آهي.(احاديث نبوي) هن عهد مان مراد اهو ازلي عهد آهي، جيڪو الله تعالىٰ عالمِ ارواح ۾ تمام انسانن کان ورتو هيو، جنهن جو ذڪر سورة الاعراف: 7/173-172 ۾ آيو آهي. هت اهي باهمي معاهدا ۽ وعده جيڪي انسان هڪ ٻئي سان ڪن ٿا، يا انسان دين حق قبولڻ سان خود بخود جن وعدن ۽ اقرار جو پابند آهي، اهي پورا ڪرڻا آهن ۽ ڪڏهن به ڪنهن سان به ڪيل قول و قرار کي نٿا ٽوڙين. سورة البقره: 2/177 ۾ به آيو آهي: "وَالْمُوْفُوْنَ بِعَهْدِهِمْ اِذَا عٰهَدُوْا" اهڙي طرح سورة المؤمنون: 23/18، سورة المعارج: 70/32 ۾ پڻ آهي. هي انهن سيني واسطن ۽ تعلقن کي پاڻ سان جوڙي رکن ٿا. (البقره: 2/27) انهن کي توڙڻ يا صلہ رحمي کي ختم ڪرڻ کان پاڻ کي بچائي رکن ٿا. هو حقوق الله، حقوق الرسول ۽ حقوق العباد جو احترام ڪن ٿا ۽ انهن ۾ ڏار پوڻ کان پرهيز ڪن ٿا، صلہ رحمي جنهن لاءِ بار بار قرآن ۾ تاڪيد ٿيل آهي. ان جو پورو پورو خيال رکن ٿا ۽ ان کي جوڙي رکڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. هو انهن تعلقات ۾ ڪمي اچڻ کان الله جو خوف دل ۾ رکن ٿا ۽ انهن جي برن نتيجن جي ظاهر ٿيڻ کان خوف ۾ رهن ٿا. يعني هو سمورا معاشي، معاشرتي، تمدني، ملڪي توڙي بين الاقوامي جنگ توڙي صلح ۾ وعدا وفا ڪن ٿا، جن سان انسان جي انفرادي، يا اجتماعي زندگي جي اصلاح، فلاح ۽ بهبود مقصود آهي. جيڪي پنهنجي رب کي راضي رکڻ لاءِ يا سندس رضا طلب ڪرڻ لاءِ تڪليفن ۽ مشڪلاتن وقت صبر و استقلال سان رهن ٿا. هو الله جي

طرفان هر آيل شيءِ کي دل سان قبول ڪن ٿا، ڪين پورو يقين آهي تہ الله جي پاران خير ئي خير آهي.

پريان سنڊي پار جي مڙيو ئي منائي
ڪانهي ڪڙائي چکين جي چت ڪري

(شاهہ لطيف رحمۃ اللہ علیہ)

میرے ساقی نے عطا کی مئے بے درد و صاف
رنگ جو دیکھتے ہو میرے پیمانے کی ہے

هو هر وقت نماز قائم رکن ٿا. "وَاسْتَعِيْنُوْا بِالصَّبْرِ وَالصَّلٰوةِ" (البقره: 153/2) حديث شريف آهي: اِذَا حَزَبَهٗ اَمْرٌ فَزِعَ اِلَى الصَّلٰوةِ پاڻ ڪريمن خاتم النبيين صلی اللہ علیہ وسلم کي جڏهن ڪو بہ شديد معاملو پيش ايندو هو تہ نماز پڙهندا هئا. بي حديث آهي: كَانَ النَّبِيُّ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ اِذَا حَزَبَهٗ اَمْرٌ صَلّٰى . هو الله جي ڏنل رزق مان ظاهر ظهور يا ڳجهہ ڳوهہ ۾ الله جي راهہ ۾ فلاح ۽ بهبود جي ڪمن تي خرچ ڪن ٿا ۽ خدا جي ڏنل عطا کي پاڻ تائين محدود ڪري نٿا رکن، پر عوام ۽ رياست لاءِ سندن خزاني جا منهن کليل رهن ٿا. هو ٻين کي ترغيب ڏيڻ لاءِ بنا ريا ۽ ذاتي مفادن جي ڪلي عام خرچ ڪن ٿا، يا ريا کان بچڻ يا حاجت مند جي توقير قائم رکڻ لاءِ مخفي طرح بہ خرچ ڪرڻ کان نٿا ڪيڻائين. هنن جي ڪوشش رهي ٿي تہ هو پنهنجن نيڪين جي ذريعي پنهنجن براين کي دور ڪن ٿا. (هود:114/11، القصص: 54/28) ۽ سندن اعمال نامو نيڪين سان ڀريل هجي. برائيءَ جو جواب نيڪيءَ سان ڏين ٿا، جنهن ڪري سندن جاني دشمن بہ دوست ٿيو پون. (حٰمٓ السجده: 34-44/41) ان خيال ۽ طرز حيات وارا عمل انسان ئي آهن، جن لاءِ آخرت جو گهر راحت ۽ سڪون وارو آهي. اهڙن نيڪ ڪردار ۽ سڻي سيرت جي ماڻهن لاءِ الله وٽ درجا آهن، اهي برائيءَ جي بدلي نيڪي، ظلم جي بدلي انصاف، ڪوڙ جي بدلي سچ ۽ بددياڻتيءَ جي جڳهہ ديانتداري ۽ امانت جا علمبردار آهن. هنن لاءِ جنت جا سدا بهار باغ آهن. جنهن ۾ هو عزت و آبرو سان فرشتن طرفان "سلام عليڪم" جي خوشگوار جملن ۾ جنت ۾ داخل ٿيندا ۽ جتي هو هميشہ هميشہ لاءِ الله جي نعمتن ۽ نوازشن سان سرفراز ٿيندا رهندا. هنن

جي ماءُ، پيءُ، زال ۽ اولاد مان نيڪي ڪندڙ هنن سان گڏ جنت ۾ اجتماعي زندگي جا مزا حاصل ڪندا. جهڙيءَ طرح سورة الطور: 21/52 ۾ آيو آهي ته جنت ۾ داخلا حسب نسب جي بنياد تي نه، پر عمل جي بنياد تي داخلا ۽ گڏ رهڻ جي آساني ۽ نعمت نصيب ٿيندي. "مَنْ بَطَّاَ عَمَلُهٗ لَمْ يُسْرِعْ بِهٖ نَسَبُهٗ" (صحيح مسلم) جنهن کي سندس عمل پوئتي ڪندو، اتي ان کي سندس حسب نسبي اڳتي نه ڪندو. جنت جي هر دروازي کان فرشتا امن ۽ سلامتي جون واڌايون ڪٽي هنن وٽ داخل ٿيندا رهندا ۽ کين تسلي ڏينداته هاڻي نه اوهان تي موت ايندو ۽ نه وري کو عذاب يا تڪليف ايندي، اوهان هاڻي هر خطري، خوف، تڪليف ۽ مشقت کان امن ۽ سلامتي ۾ آهيو. فرشتا هنن کي خوش آمديد چوندا. سندن استقبال ڪندا ۽ کين چوندا ته آزمائش جي وقت ۾ دين جي ڪمن ۾ صبر و استقلال سان صعوبتون برداشت ڪرڻ جي عيوض اوهان لاءِ سلامتي جا پيغام آهن. هنن جي انهن نيڪ ڪمن جي بدلي ۾ کين آخرت جي گهر ۾ جيڪي نعمتون ۽ نوازشون آهن. اهي خوب کان خوبتر آهن. انهن جو کو مثال موجود ناهي.

هنن نعمت شده ماڻهن جي مقابلي ۾ ٻيا اهي انسان آهن، جن الله سان پکو عهد و اقرار ڪري ان کي نيائڻ ۽ وفا ڪرڻ بدران ٽوڙي ڇڏيو. يعني خدا جي قانون ۽ حڪمن جي انحرافي ڪري، ظلم زيادتي ۽ فتني فساد واري زندگيءَ اختيار ڪئي ۽ الله تعالىٰ جن جن شين جو جوڙڻ ۽ ڳنڍي رکڻ جو حڪم ڏنو هو، ان جي ڪلم ڪلا خلاف ورزي ڪن ٿا ۽ سمورا تعلق رشتا ۽ واسطا ٽوڙي ڇڏين ٿا. (البقره: 27/2، الرعد: 21/13) هو ذاتي مفاد ۽ خواهشن جا غلام ٿي ملڪ ۾ فتنو فساد پيدا ڪن ٿا. جيڪڏهن خدا جو کو نيڪ ٻانهو اصلاح ۽ فلاح جو ڪم ڪري تو ته ان جي مخالفت ۾ سرڪشي ۽ زور آوري ڪري، فتنو پيدا ڪن ٿا. هي اهي ملعون ماڻهو آهن، جن تي الله جي هر وقت لعنت ۽ ڦٽڪار رهي ٿي. هنن لاءِ کو به چڱائي يا نيڪي جو حصو ناهي. هنن جو نڪاڻو نهايت خراب آهي، جتي هو ذلت ۽ خواري جي زندگي گذارينداً. هو پنهنجي دنياوي دولت ۽ مال متاع تي فخر ڪن ٿا ۽ خوشيون ملهائن ٿا. هنن لاءِ دنيا جي هي عيش عشرت ئي سندن زندگي جو سرمايو آهي، جيڪو آخرت جي نتيجن جي مقابلي ۾ هيچ ۽ ڪمتر آهي.(بني اسرائيل: 18-21/17) "مَا لَا عَيْنٌ رَاَتْ وَلَا اُذُنٌ سَمِعَتْ وَلَا خَطَرَ عَلٰى قَلْبِ بَشَرٍ" (صحيح بخاري) جنت

جي نعمتن جھڙو منظر نہ ڪنهن اک ڏٺو آهي نہ ڪنهن ڪن ٻڌو آهي ۽ نہ ڪنهن بشر جي خيال ۾ ئي اهڙو تصور آيو هجي. هن دنيا ۾ جيڪي جنت جي باغن، ميون، نعمتن جا مثال ڏنا ويا آهن، اهي ماڻهن جي سمجهڻ لاءِ آهن، باقي جنت جون نعمتون دنيا جي نعمتن کان هزارها درجا بهتر آهن. حديث ۾ آهي تہ جهڙيءَ طرح توهان سمنڊ ۾ آڱر وجهي ٻاهر ڪيو، ان ۾ جيڪو پاڻي آڱر کي لڳو، جيڪا ان جي نسبت باقي سمنڊ جي پاڻيءَ سان آهي، اها دنيا جي سمورين نعمتن جي آخرت جي هڪ نعمت وانگر آهي.

هن آيت سڳوري ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ ڪفار، مڪ ۽ ٻيا جاهل انسان، عمل ۽ عقيدي بدران انسان جي اميري ۽ غريبي جي لحاظ سان ان جو قدر و قيمت حساب لڳائيندا آهن. جنهن کي دنيا ۾ خوب مال متاع آهي تہ اهو خدا جو محبوب آهي ۽ مسڪين ۽ غريب خدا جا مغضوب آهن. حالانڪ انسان جو معيار مال و دولت سان نہ، پر علم و تقويٰ سان ڏنو ويندو آهي. "اِنَّ اَكْرَمَكُمْ عِنْدَ اللّٰهِ اَتْقٰىكُمْ" (الحجرات: 13/49) هي دنياوي مال متاع ڪفار لاءِ ڏڳهي رسي بہ آهي ۽ ان مال متاع جو آخرت ۾ قدر نهايت حقير ۽ خسيس آهي. الله جنهن کي گهري تہ غني ڪري ڇڏي ۽ جنهن کي گهري تہ تنگ دست بنائي ڇڏي، اهو سڀ سندس قانون مشيت ۽ قانون مڪافات عمل جي ذريعي آهي.

امام شافعي چيو آهي:

رَضِيْنَا قِسْمَةَ الْجَبَّارِ فِيْنَا
لَنَا عِلْمٌ وَلِلْجُهَّالِ مَالٌ
فَاِنَّ الْمَالَ يَفْنِىْ عَنْ قَرِيْبٍ
وَاِنَّ الْعِلْمَ يَبْقٰى لَا يَزَالُ

وَ يَقُوْلُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لَوْ لَآ اُنْزِلَ عَلَيْهِ اٰيَةٌ مِّنْ رَّبِّهٖ ؕ قُلْ اِنَّ اللّٰهَ يُضِلُّ مَنْ يَّشَآءُ وَ يَهْدِيْٓ اِلَيْهِ مَنْ اَنَابَ ﴿۲۷﴾ اَلَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَ تَطْمَئِنُّ قُلُوْبُهُمْ

بِذِكْرِ اللّٰهِ ؕ اَلَا بِذِكْرِ اللّٰهِ تَطْمَئِنُّ الْقُلُوْبُ ﴿٢٨﴾ اَلَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَ عَمِلُوا
الصّٰلِحٰتِ طُوْبٰى لَهُمْ وَ حُسْنُ مَاٰبٍ ﴿٢٩﴾ كَذٰلِكَ اَرْسَلْنٰكَ فِيْٓ اُمَّةٍ قَدْ خَلَتْ
مِنْ قَبْلِهَآ اُمَمٌ لِّتَتْلُوَا عَلَيْهِمُ الَّذِيْٓ اَوْحَيْنَآ اِلَيْكَ وَ هُمْ يَكْفُرُوْنَ
بِالرَّحْمٰنِ ؕ قُلْ هُوَ رَبِّيْ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ۚ عَلَيْهِ تَوَكَّلْتُ وَ اِلَيْهِ مَتَابِ ﴿٣٠﴾ وَ لَوْ
اَنَّ قُرْاٰنًا سُيِّرَتْ بِهِ الْجِبَالُ اَوْ قُطِّعَتْ بِهِ الْاَرْضُ اَوْ كُلِّمَ بِهِ الْمَوْتٰى ؕ
بَلْ لِّلّٰهِ الْاَمْرُ جَمِيْعًا ؕ اَفَلَمْ يَايْـَٔسِ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اَنْ لَّوْ يَشَآءُ اللّٰهُ
لَهَدَى النَّاسَ جَمِيْعًا ؕ وَ لَا يَزَالُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا تُصِيْبُهُمْ بِمَا صَنَعُوْا
قَارِعَةٌ اَوْ تَحُلُّ قَرِيْبًا مِّنْ دَارِهِمْ حَتّٰى يَاْتِيَ وَعْدُ اللّٰهِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَا
يُخْلِفُ الْمِيْعَادَ ﴿٣١﴾ ع

ع ١٥ ٣

هو ڪافر ماڻهو چون ٿا تہ هن (رسول) تي سندس رب طرفان ڪا نشاني ڇو نہ آئي آهي. هنن کي چئو الله جنهن کي (گمراهي ۾ ڏسي تہ ان کي) گهري تہ گمراهہ قرار ڏئي پر جيڪو هن (الله) طرف رجوع ڪري ٿو تہ ان کي پنهنجي طرف رهنمائي نصيب ڪندو آهي.(27) جيڪي ايمان آڻين ۽ جن جون دليون الله کي ياد ڪرڻ(ذڪر) سان اطمينان حاصل ڪن ٿيون. ياد رکو الله جي ذڪر سان دلين کي اطمينان ملي ٿو. (28) جن ايمان آندو ۽ نيڪ عمل ڪيا انهن لاءِ خوشخبري آهي ۽ سنو نڪاٽو (رهائش) آهي. (29) اي حبيب ﷺ توکي بہ اهڙي طرح اسان موڪليو آهي، هڪ اهڙي امت ڏانهن، جنهن کان اڳ ڪيترين امتون گذري ڇڪيون آهن تہ تون هنن کي اهو ڪتاب تلاوت ڪري

ٻڌائين، جيڪو اسان تو ڏانهن وحي ڪيو آهي. حالانڪ اهي ماڻهو رحمان جو انڪار ڪري رهيا آهن، تون هنن کي چئو تہ اهو ئي منهنجو رب آهي ان کانسواءِ ڪو ٻيو معبود ناهي، ان تي ئي مون ڀروسو ڪيو آهي ۽ انهيءَ طرف ئي واپس اچڻو آهي.(30) جيڪڏهن اهڙو قرآن هجي، جنهن جي ذريعي پهاڙ هلڻ شروع ڪن يا زمين جا ٽڪرا ٽڪرا ٿي وڃن ها يا ان جي ذريعي مئلن سان گفتگو ڪرائي سگهجي ها.(تڏهن بہ اهو ايمان نہ آڻين ها) سڀ ڪم الله جي اختيار ۾ آهن، ڇا مؤمن هن ۾ مطمئن ناهن، جيڪڏهن الله گهري ها تہ سمورن انسانن کي هدايت ڏئي ها ۽ ڪافرن کي سندن اعمال جي ڪري پوري طرح آفت پهچندي رهندي يا انهن جي گهرن جي ويجهو ايندي رهندي، جيستائين الله جو وعدو (عذاب) اچي وڃي، بيشڪ الله وعده خلافي نٿو ڪري.(30)

الله تعالىٰ هدايت لاءِ وحي، ڪتاب ۽ رسول موڪليا ۽ ڪائنات جو ذرو ذرو بہ خدا تعالىٰ جي توحيد جي گواهي ڏئي رهيو آهي، پر پوءِ بہ ڪافر اهو اعتراض ڪن ٿا تہ هن رسول ﷺ تي رب جي طرفان سندس تائيد ۾ ڇو ڪا نشاني نازل نہ ٿي آهي، جو اسان ان کي ڏسي سندس نبي هجڻ جي تصديق ڪريون ۽ سمجهون تہ هي الله جي طرفان رسول ڪري موڪليو ويو آهي. هن کان اڳ آيت نمبر 27 ۾ "لَوْلَآ اُنْزِلَ عَلَيْهِ اٰيَةٌ مِّنْ رَّبِّهٖ" ۾ نشاني جي گهر ڪئي وئي هئي. (بني اسرائيل: 59/17، الانبياء: 5/21، العنڪبوت: 51/29) هنن کي چئو تہ جيڪو ماڻهو حق ۽ هدايت جي اچڻ بعد ۽ خدا جي رسول سڳوري جي دين جي واضح تعليم ڏيڻ باوجود غور و فڪر ڪري الله جي طرف رجوع نٿو ڪري ۽ فلاح و بهبود وارين نصيحتن کي قبول نٿو ڪري ۽ ان کان ڄاڻي واڻي روگرداني ڪري ٿو تہ ان کي زبردستي راهہ راست تي لڳائڻ الله جو طريقو نہ آهي. هو جنهن طرف پاڻ ويندو آهي، الله بہ ان کي ان طرف ڀڻڪڻ لاءِ وڃڻ ڏيندو آهي. "فَلَمَّا زَاغُوْٓا اَزَاغَ اللّٰهُ قُلُوْبَهُمْ" (الصف: 5/61) جڏهن هو پاڻ ڦري ويا تہ الله بہ انهن کي ڦرڻ ڏنو ان ڪري جو "لَآ اِكْرَاهَ فِي الدِّيْنِ" (البقره: 256/2) "اِنْ عُدْتُّمْ عُدْنَا" (بني اسرائيل: 8/17) "يُّوْفَكُ عَنْهُ مَنْ اُفِكَ"

(الذاريات: 9/51) جيڪو صحيح رستي کان منهن موڙي ٿو اسان ٻه ان جو منهن ان طرف ڪري ڇڏيون ٿا. "ثُمَّ انْصَرَفُوْا صَرَفَ اللّٰهُ قُلُوْبَهُمْ" (التوبه: 127/9) پوءِ جڏهن هو پاڻ صحيح رستي کان منهن موڙي ويا تہ الله ٻه انهن جي دلين کي ڦيري ڇڏيو. نشاني طلب ڪرڻ تہ ٻهانو آهي، دراصل هو پاڻ سڏي راهہ اختيار ڪرڻ نٿا گهرن، ورنہ زمين ۽ آسمان ۾ بيشمار آيتون ۽ نشانيون بلڪل واضح ۽ چٽيون موجود آهن، شمسي نظام، ارضي نظام، بادل، هوا، برسات، گل ڦل ٻوٽا، جنهن طرف ٻه نظر ڪجي ٿي تہ نشانيون ئي نشانيون آهن. "فَاذْكُرُوْنِيْٓ اَذْكُرْكُمْ" (البقره: 152/2) اوهان مون کي ياد ڪندا تہ مان ٻه توهان کي ياد رکندس. "اِنَّا هَدَيْنٰهُ السَّبِيْلَ اِمَّا شَاكِرًا وَّاِمَّا كَفُوْرًا" (الدهر: 3/76، بني اسرائيل: 20/17- 18، البقره: 38/2، الاحزاب: 20/33) "اِنْ اَنْتُمْ اِلَّا فِيْ ضَلٰلٍ مُّبِيْنٍ" (يٰسٓ: 47/36) توهان سخت گراهہ آهيو. پوءِ الله جي مشيت موجب جيڪو گمراهہ رهڻ گهري ٿو تہ الله ٻه ان کي ان حالت ۾ ڇڏي ڏئي ٿو، پر جيڪو الله طرف رجوع ڪري ٿو ۽ ان جي قوانين تي هلي ٿو تہ هن کي پاڻ ڏانهن رهنمائي ڪرڻ فرمائي ٿو. "وَكَانَ حَقًّا عَلَيْنَا نَصْرُ الْمُؤْمِنِيْنَ" (الروم: 47/30) مؤمنن جي مدد ڪرڻ اسان تي واجب آهي. "حَقًّا عَلَيْنَا نُنْجِ الْمُؤْمِنِيْنَ" (يونس: 103/10) مؤمن کي مشڪلاتن کان محفوظ رکڻ الله پاڻ تي واجب قرار ڏنو آهي. جيڪي ماڻهو الله تي دل جي سچائين سان ايمان آڻين ٿا ۽ الله جي ذاتي صفاتي الاسماءَ الحسنىٰ سان قربت پيدا ڪن ٿا تہ ان جي يادگيري ۾ رهن ٿا تہ الله جي ذڪر ڪرڻ يا ياد رکن سان هنن جي دلين کي قرار اچي ٿو. هو ڪنهن ٻه پريشاني، مايوسي، نااميدي کان محفوظ رهن ٿا ڇو تہ "فَاذْكُرُوْنِيْٓ اَذْكُرْكُمْ" اوهان مون کي پنهنجن يادن ۾ رکو تہ مان ٻه ياد رکندس. دل ۽ روح جي تسڪين لاءِ سڀ کان وڏو ذريعو الله جي يادگيري (ذڪر) آهي. روح خدا جو امر آهي.(بني اسرائيل 17/85) ۽ ان جو الله سان تعلق هجڻ روح جي غذا يا حيات آهي، جنهن سان روحاني توانائيون جنم ونن ٿيون ۽ هڪ خاڪي جسم عرش اعلىٰ ڏانهن پرواز ڪري ٿو.

دل کے آئینے میں ہے تصویر یار
جب ذرا گردن جھکائی دیکھ لی۔

پوءِ جيڪي دل ايمان جي نور سان منور ٿين ٿا، انهن جو روح جيڪو امر الاهي يا توانائي رباني آهي. اهو نوراني فيض سان فيض ياب ٿئي ٿو ۽ عمل صالح جو تسلسل باقي رکي ان کي وڌيڪ تقويت ۽ استطاعت ملي ٿي. اهڙن خوشبخت ماڻهن لاءِ الله طرفان مُسرّت جا پيغام آهن ۽ انهن لاءِ نهايت عمده ترين رهائش آهي. (آل عمران: 14/3) هن کان اڳ جهڙي طرح پوين قومن جي هدايت ۽ رهنمائي لاءِ رسول موڪليا ويا، جن پنهنجي پنهنجي قومن تائين الله جو پيغام پهچايو، بلڪل ساڳي طرح اي حبيب ﷺ! اسان به توکي هڪ قوم نہ، هڪ قبيلو نہ، هڪ ملڪ نہ ۽ نہ وري هڪ زمانو، پر تمام نوع انسان جي لاءِ جيڪي قيامت تائين ايندا رهندا، جو آخري نبي ۽ آخري رسول ڪري موڪليو آهي. عرب هجي يا عجم ، ڪارو هجي يا گورو، انهن سيني لاءِ تون ئي رسول آهين، ته جيئن تون هنن کي الله جون آيتون پڙهي ٻڌائين، جيڪي تو ڏانهن وحي جي ذريعي موڪليون ويون آهن. (البقره: 127/2-119، الاعراف: 157/7، التوبه: 33/9، سبا: 28/34، الفتح: 28/48، الصف: 9/61) جڏهن هنن جي اڳيان الله جو "الرحمان" نالو پڪاريو وڃي ٿو ته هو چون ٿا اسان کي خبر ناهي ته "الرحمان" ڪير آهي. (الفرقان: 60/25) صلح حديبيه ۾ جڏهن "بسم الله الرحمٰن الرحيم" لکيو ويو ته ڪافرن چيو ته اسان رحمٰن کي نٿا سڃاڻون، ان ڪري باسمک اللهم لک. تون هنن کي ٻڌاءِ ته اهو الله جي اسماءَ الحسنىٰ مان هڪ اهم اسم آهي. اهو ئي ته منهنجو پالڻهار آهي، جيڪو پنهنجي ربوبيت جي فيض سان هر شيءِ کي حد ڪمال تي پهچائيندو آهي، اهو ئي منهنجو پالڻهار به آهي ته اهو ئي منهنجو حقيقي معبود آهي، جنهن جي آڏو مان هميشہ سربسجود رهان ٿو ۽ ان کان علاوه ڪنهن کي به پنهنجو معبود نڪو سمجهان، انهي تي ئي پروسو ڪريان ٿو، جيڪو مون کي هر ڏکئي وقت ساڻ ڏئي ٿو ۽ منهنجي مدد ڪري ٿو ۽ هڪ ڏينهن مون کي ان ڏانهن ئي موڪلڻو آهي، جتي هر انسان جو حساب ٿي رهيو هوندو.

سيئي سبحان جي ڪر حوالي ڪم
ٿي تحقيق تسليم ۾ لاهي غم و هم
ته قادر سان ڪرم حاصل ڪري حاج تو

(شاهه لطيف رحمه الله)

کشتگانِ خنجرِ تسلیم را
ہر زمان از غیب جانِ دیگر است

جيڪي پاڻ کي الله جي حوالي ڪندا آهن ۽ تسليم يعني سپردگي جي خنجر سان شهيد ٿي ويندا آهن تہ انهن کي الله وٽان هر گهڙي نئين زندگي ملي ٿي.

شيخ سعدي رحمۃ اللہ علیہ چيو آهي:

سپردم بتو مایۂ خویش را
تو دانی حسابِ کم و بیش را
(بوستان)

مون پنهنجو پاڻ تنهنجي حوالي ڪري ڇڏيو آهي. منهنجي ڪمي بيشي کان تون پوري طرح آگاهہ آهين.

هن آيت سڳوريءَ ۾ بہ مشرڪن جي محسوس معجزي جي مطالبي جو جواب آهي تہ "جيڪڏهن اسان اهڙو قرآن نازل ڪيو هجي ها، جنهن جي تاثير سان طرح طرح جي معجزن جو ظهور ٿئي ها، هن جي پڑهڻ سان جبل هلڻ لڳن ها يا زمين قاڻي پوي ها يا جنهن جي پڑهڻ سان بي جان (مرده) زندهہ ٿي وجن ها، جيڪڏهن اهڙا محسوس معجزا بہ ڪين نظر اچن ها تہ پوءِ بہ هو ايمان ڪو نہ آڻين ها. (الانعام: 7/6، الحشر 21/59) هنن جي اکين تي ضد ۽ حسد جي عينڪ لڳل آهي، حالانڪہ هي قرآن ان شخص لاءِ سراپا معجزو آهي، جيڪو ماڻهو ان مان هدايت حاصل ڪرڻ جو دل و جان سان خواهشمند آهي تہ پوءِ پٿر دل بہ ميڙ ٿي ويندي، ان ۾ رقت ۽ گداز اچي ويندو. روح کي تازگي ملندي ۽ لاشعور اندر خوابيده ايماني حقائق کي جاڳائيندو آهي. هي ڪافر کي مسلمان، ظالم کي همدرد ۽ چور کي زاهد بنائي ڇڏيندو آهي. قرآن خود معجزو آهي، جنهن جو چئلينج ڏنل آهي تہ اهڙي هڪ آيت، هڪ سورت تہ ناهي ڏيکاريو، باقي تمام اختيار الله وٽ آهن، جنهن ۾ سندس ڪو شراکتدار نہ آهي، هو جو چاهي اهو ڪري سگهي ٿو، "ڪن فيڪون" سان نيست مان هست ٿيو وجي، بيابان باغ ٿيو وجن. باهہ جو آڑاهہ گلزار بڻجي وجي ٿو. اهو

رب جيڪڏهن گهري ها ۽ سندس اهڙي مشيت هجي ها تہ پوءِ هو سيني انسانن کي هدايت نصيب ڪرڻ فرمائي ها. پر الله جو نظام هڪ پکي پختي سنت الله تي قائم آهي، جنهن مطابق چڱا برا نتيجا ظاهر ٿيندا رهن ٿا. ڪافرن کي سندن عملن جي نتيجن ۾ ڪا نہ ڪا آفت کين برابر لڳاتار پهچندي رهندي يا سندن گهرن جي ويجهو ڪڙڪندي رهندي، جيستائين الله طرفان آخري فيصلو صادر ٿي وڃي، جيڪو مهلت جي وقت ختم ٿيڻ سان شروع ٿي ويندو ۽ الله پنهنجن وعدن جي خلاف ورزي نہ ڪندو آهي.

چڱا ڪن چڱايون منايون منن
جو وڙ جڙي جن سين سو وڙ سي ئي ڪن

(شاھ رحمۃ اللہ علیہ)

نیک نے نیک، بد نے بد جانا مجھے
جو تھا جیسا، ویسا پہچانا مجھے

وَ لَقَدِ اسْتُهْزِئَ بِرُسُلٍ مِّنْ قَبْلِكَ فَاَمْلَيْتُ لِلَّذِيْنَ كَفَرُوْا ثُمَّ اَخَذْتُهُمْ ۫ فَكَيْفَ كَانَ عِقَابِ ﴿۳۲﴾ اَفَمَنْ هُوَ قَآئِمٌ عَلٰى كُلِّ نَفْسٍۭ بِمَا كَسَبَتْ ۚ وَ جَعَلُوْا لِلّٰهِ شُرَكَآءَ ؕ قُلْ سَمُّوْهُمْ ؕ اَمْ تُنَبِّـُٔوْنَهٗ بِمَا لَا يَعْلَمُ فِى الْاَرْضِ اَمْ بِظَاهِرٍ مِّنَ الْقَوْلِ ؕ بَلْ زُيِّنَ لِلَّذِيْنَ كَفَرُوْا مَكْرُهُمْ وَ صُدُّوْا عَنِ السَّبِيْلِ ؕ وَ مَنْ يُّضْلِلِ اللّٰهُ فَمَا لَهٗ مِنْ هَادٍ ﴿۳۳﴾ لَهُمْ عَذَابٌ فِى الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا وَ لَعَذَابُ الْاٰخِرَةِ اَشَقُّ ۚ وَ مَا لَهُمْ مِّنَ اللّٰهِ مِنْ وَّاقٍ ﴿۳۴﴾ مَثَلُ الْجَنَّةِ الَّتِىْ وُعِدَ الْمُتَّقُوْنَ ؕ تَجْرِىْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ ؕ اُكُلُهَا دَآئِمٌ وَّ ظِلُّهَا ؕ تِلْكَ عُقْبَى

الَّذِيْنَ اتَّقَوْا ؕ وَّ عُقْبَى الْكٰفِرِيْنَ النَّارُ ﴿۳۵﴾ وَ الَّذِيْنَ اٰتَيْنٰهُمُ الْكِتٰبَ
يَفْرَحُوْنَ بِمَآ اُنْزِلَ اِلَيْكَ وَ مِنَ الْاَحْزَابِ مَنْ يُّنْكِرُ بَعْضَهٗ ؕ قُلْ اِنَّمَآ
اُمِرْتُ اَنْ اَعْبُدَ اللّٰهَ وَ لَآ اُشْرِكَ بِهٖ ؕ اِلَيْهِ اَدْعُوْا وَ اِلَيْهِ مَاٰبِ ﴿۳۶﴾ وَ كَذٰلِكَ
اَنْزَلْنٰهُ حُكْمًا عَرَبِيًّا ؕ وَ لَئِنِ اتَّبَعْتَ اَهْوَآءَهُمْ بَعْدَ مَا جَآءَكَ مِنَ
الْعِلْمِ ۙ مَا لَكَ مِنَ اللّٰهِ مِنْ وَّلِيٍّ وَّ لَا وَاقٍ ﴿۳۷﴾ ع ۴

اي نبي مڪرم ﷺ توهان کان اڳ به رسول جو مذاق بنايو ويو. مون ڪافرن کي ڪجهه عرصي لاءِ مهلت ڏني پوءِ مون هنن کي پڪڙي ورتو ته پوءِ منهنجو عذاب ڪيئن هيو؟(32) ڇا اها مقتدر هستي جيڪا هر جان جي ڪمائيءَ جو محاسبو ڪرڻ واري آهي، (ان وانگر آهي، جنهن ۾ اها صفت ناهي) هنن الله لاءِ شريڪ ناهيا آهن، تون هنن کي چئو ته ذرا انهن جو نالو ته ٻڌايو ڇا توهان الله کي اهڙي شيءِ ٻڌائڻ ڳهرون ٿا جنهن شيءِ جو زمين ۾ وجود به ناهي يا توهان اها سطحي گفتگو ڪري رهيا آهيو، ڪافرن لاءِ سندن مڪر ۽ فريب سڀ خوبصورت بنايا ويا آهن ۽ هو سڌي رستي تي هلڻ کان روڪيل آهن. جيڪو الله وٽ گمراهه ثابت ٿئي ته ان کي ڪو به هدايت ڏيڻ وارو نه آهي.(33) هنن لاءِ دنيا جي زندگيءَ ۾ به عذاب آهي ۽ آخرت جو عذاب ان کان وڌيڪ سخت آهي ۽ ڪين الله کان بچائڻ وارو ڪير به نه هوندو.(34) جنهن جنت جو متقي ماڻهن سان وعدو ڪيو ويو آهي، ان جو مثال آهي ته ان جي دامن ۾ ندين وهندين هونديون. هن ۾ هميشه ميوا موجود هوندا ۽ ان جا سايا پاڻ به رهڻ وارا هوندا. هي انهن ماڻهن جو انجام آهي، جن تقويٰ سان

زندگي گذاري هوندي، پر ڪافرن جو انجام تہ باھہ آھي.(35) جن ماڻھن ڪي اسان ڪتاب ڏنو آھي، اھي ان قرآن تي خوش ٿي رھيا آھن، جيڪو توتي نازل ڪيو ويو آھي ۽ بعض ٽولن مان اھڙا بہ ماڻھو آھن، جيڪي ان جي بعض حصن جو انڪار ڪن ٿا. تون ھنن کي چؤ تہ مون کي تہ حڪم مليو آھي تہ مان الله جي بندگي ڪريان ۽ ان سان ڪنھن کي بہ شريڪ نہ ڪريان، مان اوھان کي ان طرف ئي سڏي رھيو آھيان ۽ ان ڏانھن ئي منھنجو واپس ورڻ آھي. (36) اھڙي طرح اسان ھن کي عربي زبان ۾ قول فيصل ڪري نازل ڪيو آھي. اي پيغمبر ﷺ جيڪڏھن تون ھنن جي خواھش جي پيروي ڪئي، ان کان پوءِ جو تو وٽ صحيح علم اچي چڪو آھي، تہ پوءِ تو لاءِ الله طرفان نہ ڪو ئي حمايتي ھوندو ۽ نہ ڪو بچائڻ وارو. (37)

حق ۽ باطل جو سلسلو روز اول کان اڃ تائين جاري آھي، جڏھن جڏھن بہ الله جا رسول سڳورا دعوتِ حق جو پيغام ڪٽي پنھنجي قومن ڏانھن آيا آھن تہ سندن قوم ھميشہ انھن تي ٺٺوليون ڪيون آھن، مذاق ڪيو آھي، جنھن ۾ خدا جي مقبول ترين بانھن جي ھتڪ عزت بہ ڪئي آھي ۽ نامناسب لقبن سان ياد ڪيو آھي. الله انھن جي بروقت گرفت نہ ڪئي آھي، پر پنھنجي رحمت ۽ ربوبيت واري قانونِ مھلت ھيٺ ڪجھہ وقت لاءِ مھلت ڏني آھي تہ جيئن اگر ھو سڌرڻ گھرن ٿا تہ سڌري وڃن، پر جڏھن اتمام حجت ٿي ويو ۽ مھلت جو وقت بہ پورو ٿي چڪو تہ پوءِ الله جي گرفت کين پڪڙي ورتو ۽ پوءِ اوھان پاڻ ڏنو تہ منھنجو عذاب ڪھڙو نہ شديد آھي. "وَ كَذٰلِكَ اَخْذُ رَبِّكَ اِذَاۤ اَخَذَ الْقُرٰى وَ هِيَ ظَالِمَةٌ ؕ اِنَّ اَخْذَهٗۤ اَلِيْمٌ شَدِيْدٌ۝" (هود: 102/11) الله جي پڪڙ سخت آھي، جڏھن ھو ڪنھن بستيءَ کي جيڪا ظلم ڪري ٿي، پڪڙ ۾ آڻي ٿو تہ ان جي گرفت سخت ترين آھي. ذرا ياد ڪريو تہ قوم نوح، قوم ھود، قوم صالح، قوم لوط، قوم شعيب عليھم السلام سان ۽ فرعون وارن سان ڇا ٿي گذريو. اھڙو عذاب ھر ان قوم جو مقدر آھي، جيڪا قوم يا امت

پنهنجن رسولن جي پيروي ڪرڻ کان انڪار ڪري، شرڪ ۽ ڪفر اختيار ڪري ٿي. حديث شريف ۾ آهي: "اِنَّ اللّٰهَ لَيُمْلِيْ لِلظَّالِمِ حَتّٰى اِذَا اَخَذَهٗ لَمْ يُفْلِتْهُ" (صحيح بخاري) الله تعالىٰ ظالم کي مهلت ڏيندو آهي، پر جڏهن کيس پڪڙيندو آهي تہ پوءِ ڇڏيندو ناهي، چوتہ مظلوم جي آهہ ۽ دانهن عرش تي بنا رڪاوٽ وڃي ٿي. "اِنَّ بَطْشَ رَبِّكَ لَشَدِيْدٌ" (البروج: 12/85) الله جي پڪڙ سخت آهي. اهڙيءَ طرح سوره هود: 102/11، ۾ آهي تہ ذرا هن طرف غور ڪريو تہ جنهن خدا جي قانون مڪافات جي وسعت ۽ همہ گيري جو اهو عالم آهي، جو هو هڪ هڪ شخص جي حال کان واقف آهي، جنهن جي نگاهہ کان نہ ڪنهن نيڪ ماڻهوءَ جي نيڪي لڪل آهي ۽ نہ وري ڪنهن بدڪار جي بديءَ کان هو ناواقف آهي، ليڪن ڪيترا ماڻهو ان يڪتا وحده بااختيار الله سان هٿ جي گهڙيل بتن ۽ مخلوق کي شريڪ اقتدار سمجهي رهيا آهن ۽ ايڏي ارڏائي ڪرڻ جي باوجود سمجهن ٿا تہ هنن کان باز پرس ڪرڻ وارو ڪير بہ ناهي. هو جن کي شرڪت دار ڪن ٿا، انهن جي شراڪت لاءِ هنن وٽ ڪا سَنَدَ يا ثبوت بہ آهي يا اهڙن خيالي معبودن کي شريڪ ڪن ٿا، جن جو زمين تي وجود بہ ناهي، جو انهن جو خدا کي ڏس پتو هجي يا اوهان پنهنجي ناقص عقيدي ۽ ڪمزور اعتقاد سبب هر بت اڳيان بنا ڪنهن غوروفڪر جي سربسجود آهيو. هي اهي بي بس بت آهن، جيڪي پنهنجي وجود جي حفاظت ڪرڻ جي استطاعت نٿا رکن، پر ڪافرن لاءِ سندن مڪر ۽ فريب خوشنما ۽ خوبصورت لڳن ٿا ۽ بداعماليءَ جي ڪري سڌي راهہ تي اچڻ کان روڪيا ويا آهن. سو جنهن جي بداعماليءَ جي نتيجي ۾ الله ان جي گمراهي جو فيصلو ڪري تہ پوءِ ان لاءِ ڪو بہ هدايت ڪرڻ وارو نہ هوندو. "اِنْ تَحْرِصْ عَلٰى هُدٰىهُمْ فَاِنَّ اللّٰهَ لَا يَهْدِيْ مَنْ يُّضِلُّ وَ مَا لَهُمْ مِّنْ نّٰصِرِيْنَ" (النحل: 37/16) جيڪڏهن تون هنن جي هدايت جي خواهش بہ رکين ٿو تہ الله تعالىٰ انهن کي هدايت نہ ڏيندو، جنهن کي هن جي مشيت ۾ گمراهي لکيل آهي. اهڙن ماڻهن لاءِ سندن هن دنيا جي زندگي ۾ بہ عذاب آهي، جنهن ۾ هو سدائين ذليل و خوار ٿيندا رهندا ۽ سڪ جو ساهہ کڻڻ لاءِ سڪندا رهندا، پر مرڻ بعد آخرت واري زندگيءَ ۾ هن دنيا واري عذاب کان بہ سخت ترين ۽ دردناڪ عذاب هوندو. هو دانهون ڪن يا فرياد، مگر ڪو بہ هنن جو حمايتي ۽ مددگار نہ هوندو.

جنهن جنت جو پرهيزگارن سان الله طرفان وعدو ڪيوويو آهي، نهايت سدا بهار باغن جو مرڪز هوندو، جنهن ۾ هر قسم جا ميويدار درخت هوندا، جيڪي رڳو خواهش ڪرڻ سان هٿن ۾ اچي ويندا ۽ جنت جي اها زندگي دائمي سڪون آرام ۽ عيش و عشرت واري هوندي. انهن باغن کي تروتازه رکڻ لاءِ سندن دامن ۾ خالص پاڻيءَ جون نهرون جاري هونديون، جتان هنن جي آبپاشي ٿيندي رهندي. انهن جا ميوا بارهي مهينا ملندا رهندا، جن سان ڪنهن موسم جو خاص تعلق نه هوندو ۽ هنن جا سايا ۽ پاڇا به پائدار ۽ پرسڪون هوندا.(ابراهيم: 25/14، محمد: 15/47) اهي نعمتون ۽ نوازشون انهن جي حصي ۾ هونديون، جن پنهنجي زندگي نهايت احتياط سان گذاري ۽ پنهنجي بچاءَ لاءِ پوري ڪوشش ڪئي. اهڙن متقي ماڻهن جي عاقبت به نهايت خوشگوار هوندي پر ڪافرن جو انجام دوزخ جي باهه هوندي، جتي هو جلندا رهندا. "اِنَّ عَذَابَ الدُّنۡيَا اَهۡوَنَ مِنۡ عَذَابِ الۡاٰخِرَةِ" (صحيح مسلم) بلاشڪ دنيا جا عذاب آخرت جي عذاب جي مقابلي ۾ آسان آهن. دنيا جي باهه کان آخرت جي باهه 69 دفعا وڌيڪ تيز آهي. (احسن البيان: حافظ صلاح الدين) ڪافرن جي بد انجام ۽ مؤمنن جي حسن انجام بنهي جو ذڪر ڪيو ويو آهي ته جيئن جنت جي حصول لاءِ رغبت ۽ شوق پيدا ٿئي، جن کي اسان ڪتاب ڏنو آهي، اهي ان تي ڏاڍا خوش آهن، جيڪو تو ڏانهن نازل ڪيو ويو آهي ۽ ان کي دل و جان سان پسند ڪن ٿا. پر ان جي برعڪس ٻيا فرقا يهود، نصاريٰ، ڪافر مشرڪ انهن مان بعض ڳالهين جا منڪر آهن، اهي ڏڪارا آهن، تون هنن کي چئو ته مون کي هڪ الله جي عبادت ۽ اطاعت جو حڪم مليو آهي، جنهن کي مان ڪائنات جي پوري نظام جو بااختيار صاحبِ اقتدار سمجهان ٿو ۽ سندس ڪنهن به هڪ ۾ ان جو ڪنهن کي شريڪ نٿو بنايان، مان اوهان کي به ان الله طرف سڏي رهيو آهيان، جنهن ڏانهن وري هلڻو آهي. يعني هت به اهو ڪارساز آهي ته آخرت ۾ به ان مالڪ يوم الدين جي حضور پيش ٿيڻو آهي. اوهان هن ۾ خوش هجو يا ناخوش، پر مون کي ان وحده لا شريڪ له جي عبادت ۽ اطاعت جو حڪم آهي.

اسان هن قرآن کي حڪم بڻائي عربي زبان ۾ نازل ڪيو آهي، ان ڪري ته تنهنجا مخاطب اولين عرب آهن، جيڪي رڳو عربي زبان ڄاڻن ٿا، پر جيڪڏهن عربي

زبان ۾ نہ هجي ها ۽ ڪنهن ٻي زبان ۾ هجي ها تہ هو ان کي نہ سمجهي سگهن ها ۽ نہ قرآن انهن تي پوري طرح اثر انداز ٿئي ها، هي ان ڪري ٻہ آهي جو هنن ڪان اڳ نازل ڪيل ڪتاب ٻہ مقامي ٻولين ۾ هئا، جيڪڏهن تون هن فصيح بليغ ڪتاب کي ڇڏي هنن جي خواهش جي پيروي ڪندين، جڏهن تہ تو وٽ وحي الاهي جو يقين ۽ صداقت وارو علم اچي چڪو آهي تہ توکي الله جي گرفت ۽ عذاب کان ڪو ٻہ بچائي نہ سگهندو. ڪافر ۽ مشرڪ گهرن ٿا تہ ڪجهہ هنن جون ڳالهيون قبول ڪيون وڃن ۽ باهمي اتفاق سان نئون قرآن ترتيب ڏجي. پر هنن جا اهي مشورا قابل قبول نہ آهن، ڇو تہ توکي هڪ يقيني علم وحي جي ذريعي خدا طرفان عطا ڪيو ويو آهي ۽ ڪفار ۽ اهل ڪتاب جي فاسد ۽ باطل خيالن کان ٻہ توکي پوري طرح آگاهہ ڪيو ويو آهي. منهنجي تعليم سراپا حق آهي ۽ ڪافرن جون خواهشون سراسر باطل آهن. باطل کي حق سان گڏبڏ ڪري نڻو سگهجي. ان هوندي ٻہ جيڪڏهن ڪو هن سڌي راهہ کي ڇڏي گمراهيءَ جو رستو اختيار ڪندو تہ ان کي الله جي عذاب کان بچائڻ وارو ڪو ٻہ نہ هوندو.

وَ لَقَدْ اَرْسَلْنَا رُسُلًا مِّنْ قَبْلِكَ وَ جَعَلْنَا لَهُمْ اَزْوَاجًا وَّ ذُرِّيَّةً ؕ وَ مَا كَانَ
لِرَسُوْلٍ اَنْ يَّاْتِيَ بِاٰيَةٍ اِلَّا بِاِذْنِ اللّٰهِ ؕ لِكُلِّ اَجَلٍ كِتَابٌ ﴿۳۸﴾ يَمْحُوا اللّٰهُ
مَا يَشَآءُ وَ يُثْبِتُ ۚۖ وَ عِنْدَهٗۤ اُمُّ الْكِتٰبِ ﴿۳۹﴾ وَ اِنْ مَّا نُرِيَنَّكَ بَعْضَ الَّذِيْ
نَعِدُهُمْ اَوْ نَتَوَفَّيَنَّكَ فَاِنَّمَا عَلَيْكَ الْبَلٰغُ وَ عَلَيْنَا الْحِسَابُ ﴿۴۰﴾ اَوَ لَمْ يَرَوْا
اَنَّا نَاْتِي الْاَرْضَ نَنْقُصُهَا مِنْ اَطْرَافِهَا ؕ وَ اللّٰهُ يَحْكُمُ لَا مُعَقِّبَ لِحُكْمِهٖ ؕ وَ
هُوَ سَرِيْعُ الْحِسَابِ ﴿۴۱﴾ وَ قَدْ مَكَرَ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ فَلِلّٰهِ الْمَكْرُ جَمِيْعًا ؕ
يَعْلَمُ مَا تَكْسِبُ كُلُّ نَفْسٍ ؕ وَ سَيَعْلَمُ الْكُفّٰرُ لِمَنْ عُقْبَى الدَّارِ ﴿۴۲﴾

وَيَقُوْلُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لَسْتَ مُرْسَلًا ؕ قُلْ كَفٰى بِاللّٰهِ شَهِيْدًا بَيْنِيْ وَبَيْنَكُمْ ۙ وَمَنْ عِنْدَهٗ عِلْمُ الْكِتٰبِ ﴿٤٣﴾ ع ١٢

اي رسول ﷺ بيشڪ تو ڪان اڳ اسان ڪيترا ئي رسول موڪليا آهن ۽ اسان هنن لاءِ زالون ۽ ناهيون ۽ اولاد ۽ ڏنو. ڪنهن ۾ رسول لاءِ اهو ممڪن ئي نه هيو تہ هو ڪو نشاني يا معجزو الله جي اذن(اجازت) ڪان سواءِ ڪڍي اچي. هر هڪ شيءِ لاءِ هڪ مقرر وقت آهي.(38) الله جنهن شيءِ کي گهري تو مٽائي ڇڏي تو ۽ جنهن کي گهري ثابت رکي تو. اصل اُمُّ الڪتاب اسان وٽ لوح محفوظ ۾ آهي (جيڪو وڏي فضيلت ۽ حڪمت وارو آهي). (39) جنهن شيءِ جي اسان هنن کي ڏمڪي ڏئي رهيا آهيون (يا انتباهہ ڪري رهيا آهيون) جيڪڏهن ان جو ڪجهہ حصو توکي زندگيءَ ۾ ڏيکاريون يا اسان توکي وفات ڏيون، سو تنهنجي ذمي رڳو (خدا جو پيغام) پهچائڻ آهي ۽ اسان جي ذمي حساب ونڊو آهي(40) ڇا هي ماڻهو ڏسي نہ رهيا آهن تہ اسان زمين کي تنگ ڪندا ٿا اچون هن جي ڪنارن کان، الله ئي فيصلو ڪري ٿو ۽ ڪير ۾ هن جي حڪم کي پٺتي هڻائڻ وارو نہ آهي ۽ هو جلد حساب ونڊ وارو آهي.(41) جيڪي هنن کان اڳ هئا انهن ۾ ڪيتريون چالون هلايون، ليڪن (انهن جي جواب ۾) سموريون تدبيرون الله وٽ ئي آهن. هو ڄاڻي ٿو جيڪو ڪجهہ هر جان ڪمائي ٿي ۽ جلد ڪافرن کي معلوم ٿي ويندو تہ ڪنهن لاءِ آخرت جي گهر حاصل ڪرڻ ئي ڪاميابي آهي.(42) ۽ هي ڪافر چون ٿا تہ تون الله جو رسول نہ آهين، هنن کي چئو تہ منهنجي ۽ توهان جي درميان الله ڪافي گواهہ آهي، جنهن وٽ ڪتاب جو علم آهي.(43)

اي پيغمبر خَاتَمُ النَّبِيِّينَ ﷺ تون پهريون رسول ناهين، جو الله طرفان ماڻهن جي هدايت لاءِ موڪليو ويو هجين ۽ هي تو تي اعراض ڪري رهيا آهن، تہ واهہ جو نبي آهي، جيڪو زال ٻچا ٻار سڀ رکي ٿو، پلا پيغمبرن کي ب نفساني خواهشات جي ڪا ضرورت آهي. حالانڪہ نبيءَ کي اهڙين ڳالهين کان پاڪ صاف هئڻ گهرجي. پر تون ڪين ٻڌاءِ تہ مون کان اڳ ڪيترا نبي ۽ رسول الله جي طرفان جدا جدا قومن ڏانهن موڪليا ويا آهن. اهي سمورا رسول انسان هئا، فرشتا نہ هئا، هنن سيني جا پنهنجا خاندان ۽ قبيلا هئا ۽ هو انهن پنهنجن قومن ۽ قبيلن جي رهبريءَ لاءِ موڪليا ويا هئا، پر جيڪڏهن فرشتا هجن ها تہ اهي انسانن سان پورا مانوس ٿي نہ سگهن ها ۽ نہ وري انهن جي درميان رهي انهن تي اثرانداز ٿي سگهن ها. ماڻهو ضرور اعتراض ڪن ها تہ هي فرشتا آهن، هنن ۾ انساني خواهشون ب نہ آهن، اسان هنن جي زندگي جي پيروي ڪرڻ کان مجبور آهيون. ان ڪري فرشتن جو رسول ٿي اچڻ فائديمند ثابت نہ ٿئي ها، (آل عمران: 18/3، يونس: 10/ 94، بني اسرائيل: 94/17، الانبياء: 8/21، الفرقان: 20/25) پر جيڪڏهن اجان کا بي مخلوق هجي ها تہ نہ انهن جو خاندان، قبيلو هجي ها نہ اولاد، ان ڪري الله پنهنجن رسولن کي انسانن ڏانهن انساني شڪل و صورت ۾ رسول موڪليا. مخالف بار بار گهر ڪن ٿا تہ هن کان اڳ موسىٰ عَلَيْهِ السَّلَامُ کي يدِ بيضا ۽ عصا ڏنا ويا. مسيح عَلَيْهِ السَّلَامُ انڌن، ڪوڙهہ وارن کي چڱو ڀلو ڪندو هو ۽ مئلن کي زندهہ ڪندو هو. حضرت شعيب عَلَيْهِ السَّلَامُ ب ڏاڇيءَ جو معجزو پيش ڪيو، پر هي رسول کا ب اهڙي نشاني ڏيکارڻ کان مجبور آهي. کين چئو تہ جنهن ب نبيءَ کو معجزو ڏيکاريو، اهو الله جي اذن سان ان وقت جي حالتن ۽ ضرورتن مطابق ڏيکاريو. هن نبي ﷺ جو معجزو خود قرآن آهي. ڪو اهڙيون چند آيتون ب ناهي ڏيکاري، ٻيو نبي ﷺ جي دعوت حق جي مقبوليت ۽ سندس پيروڪارن جي سيرت ڪردار ب هڪ معجزو آهي. هر ميعاد لاءِ هڪ خاص وقت مقرر آهي، جو ان وقت هر حالت ۾ وقوع پذير ٿئي ٿو. (الاعراف: 34/7) معجزا الله جي اذن سان الله جي مقرر ڪيل وقت تي ٿيندا آهن. ائين ناهي تہ جڏهن ب رسول گهري تہ معجزو ڏيکاري.

منڪرين حق چون ٿا تہ هن کان اڳ آيل ڪتاب موجود آهن. انهن جي هوندي هن قرآن جي ڪهڙي ضرورت پيش آئي. جيڪڏهن اهي منسوخ ٿي چڪا آهن تہ الله انهن جي حفاظت چو نہ ڪئي ۽ هينئر هن نئين دين جا طريقا حلال حرام ۽ جائز ناجائز ۾ ب

فرق آهي، جنهن جي جواب ۾ چيو ويو آهي "اُمُّ الكتاب" يعني اصل كتاب الله وٽ موجود ۽ محفوظ آهي. الله تعالىٰ پاران ان "اُمُّ الكتاب" جي ترويج لاءِ وقت بوقت موكليل كتابن ۽ صحيفن جا كجهه احكام مٽايا وجن ٽا ۽ كجهه احكام ثابت رهڻ ڏنا وجن ٽا. (الرعد: 17/13، الشورىٰ: 24/42) هي هر دؤر جي ضرورتن مطابق ٿيندو رهي ٿو، جيكو الله جي اصل احكامن ۽ اُمُّ الكتاب جي تحرير موجب ٿيندو رهي ٿو. "جَفَّ الْقَلَمُ بِمَا اَنْتَ لَاقٍ" (صحيح بخاري) حضرت ابوهريره رضي الله تعالىٰ عنه جيكو توكي ٿيٽو آهي، قلم ان كي لكي خشك ٿي چكو آهي. جيئن "لكيو منجهه نراڙ قلم كياڙي نه وهي" يعني الله تعالىٰ كي يقيني (لكت جهڙو) علم آهي ته توكي جيكو كجهه ٿيٽو آهي، الله تعالىٰ جي علم ۾ آهي ۽ ان جي قانون مشيت مطابق عمل پذير ٿئي ٿو. مخالفن جي بي جا اعتراضن ۽ دعوت حق كي قبول نه كرڻ جي كري توكي كنهن به قسم جو فكر نه هڻ گهرجي ۽ نه وري رنجيده دل ٿيڻ گهرجي، تنهنجو كم پيغام رساني آهي، انذار ۽ بشارت آهي، باقي هدايت قبول كرڻ يا نه كرڻ ۾ توتي كو وزن ناهي. هنن كمن جو نتيجو ظاهر كرڻ الله جي قدرت ۽ حكمت سان وابسته آهي، جو وقت مقرر ٿي رهندو، جنهن ۾ كنهن به قسم جو شك ناهي ته هو هك لمحو به هيڏي هوڏي ٿي سگهي ٿو. جنهن عذاب جو اسان كافرن لاءِ وعدو كيو آهي، ان جو كجهه حصو اوهان جي هن ظاهري حياتي ۾ به ڏيكاري سگهون ٿا يا اسان توكي پاڻ وٽ گهرائي وڃون. اهي بئي شيون مون (الله) جي مرضي تي آهن. توكي اسان جي پيغام رساني جو كم سپرد آهي، باقي اڳتي حساب وڃڻ اسان جو كم آهي، جيكو عين اعمال نامي جي مطابق ٿيڻ وارو آهي.

درميانِ قصرِ دريا تختہ بندم كردہ
باز مى گوئى كہ دامن تر مكن ہوشيار باش

———— * * * ————

مُون كي مُون پريَنِ، بَڏِي وڏو بارِ ۾
اُيا اِينَن چَوَنِ، مَتان پاندُ پُسائِيين.
لكيو منجهه نراڙ قلم كياڙي نه وهي

(شاهه رحمه الله)

هت جبر ۽ اڪراه جي ڳالهه نه ڪئي وئي آهي، پر اعمال جا نتيجا ضرور ظاهر ٿيندا، برا هجن يا چڱا (زلزال: 99/ 8-7) ڇا هي ڪافر ۽ مشرڪ پنهنجي اکين سان ڏسي نه رهيا آهن ته هنن جي زير تسلط زمين آهستي آهستي هنن جي پيرن هيٺان سرڪندي وڃي. اسلام جو فتوحات زور پڪڙيندیون وڃن ۽ ڪيترا علائقي روز بروز اسلام جي جهنڊي هيٺ ايندا پيا وڃن. مشرڪن لاءِ زمين تنگ ٿيندي وڃي. (الانبياء: 44/21) ۽ اسلام بتدريج غلبي ۽ فتوحات طرف وڌي رهيو آهي. الله جي فيصلن کي ڪو به پٺتي هٽائڻ منسوخ يا رد ڪرڻ وارو ڪير به ناهي. هر فيصلو يا حڪم پنهنجي پنهنجي مقرر وقت تي ضرور وقوع پذير ٿيڻو آهي ۽ الله پنهنجو حساب بنا دير جلد از جلد ونڻ وارو آهي. مڪي جي ڪافرن ۽ مشرڪن جا اهي مڪر ۽ فريب ڪا نئين ڳالهه ناهن. هن کان اڳ به مخالف رسولن خلاف هر قسم جون تدبيرون ۽ چالون هلائيندا آيا آهن، مگر هميشه الله جي تدبير جي مقابلي ۾ هنن جي ڪا به تدبير يا هيلو هلي نه سگهيو ۽ هميشه ناڪام ۽ نامراد ٿيا. الله پنهنجن رسولن ۽ ايمان قبول ڪرڻ وارن کي سندن مشڪلاتن ۽ مصيبتن کان نجات ڏياري، پر کين هميشه فتوحات ۽ ڪاميابين سان نوازيو، اها سنة الله آهي، جيڪا هر دم جاري وساري آهي. حق کي دٻائڻ ۽ مؤمن مسلمانن کي هيسائڻ هي ڪا نئين ڳالهه نه آهي. ان ڪري ان کان دڃڻ يا مرعوب ٿيڻ جي ضرورت ناهي. خدا کي چڱي طرح معلوم آهي ته ڪير ڪوڙو آهي ۽ ڪير سچو آهي. هنن جا سڀ حربا الله کي معلوم آهن ۽ هر شخص جيڪي ڪجهه ڪمائي رهيو آهي. هو ان کي پوري طرح ڄاڻي ٿو. ڪا به شيءِ هن جي علم ۽ نگراني واري اک کان لڪل نه آهي. ڪافرن کي جلد معلوم ٿي ويندو ته آخرت جو پلو گهر ڪنهن لاءِ آهي. ڪافر پنهنجن بي هوده خيالن ۽ بيجا سوالن سبب چون ٿا ته اي پيغمبر ﷺ تون الله جو رسول ناهين. اسان تنهنجي تصديق نٿا ڪريون. تنهنجون ڳالهيون اسان جي سمجهه ۽ مفاد ۾ نه آهن. اسان پنهنجي ابي ڏاڏي جي دين کي ڇڏي، هن نئين دين کي قبول ڪرڻ وارا نه آهيون. (المنافقون: 1/63، يٰس: 3/36) هنن کي چئو ته مان الله جي طرفان سچو رسول آهيان، منهنجي ۽ توهان جي درميان الله گواهه ڪافي آهي. الله جي گواهيءَ کان وڌيڪ ڪنهن جي گواهي ناهي، يا اهڙي شخص کان شهادت ورتي وڃي، جيڪو اصل ڪتاب جي علم کان پوريءَ طرح

آگاھ آھي ۽ حق جي شاھدي ڏيڻ لاءِ تيار آھي. اھڙا صالح ۽ نيڪ ٻانھا، جن جو ھن کان اڳ آيت نمبر 36 ۾ ذکر آيو آھي. وڌيڪ حوالن لاءِ آيت 30 جا حوالا ڏسو.

بشر جي خيالن ڏيانن کان ٻاھر
ثنا مصطفىٰ جي بيانن کان ٻاھر
نہ معلوم حد ابتدا انتھا جي
مقام نبي لامکانن کان ٻاھر
احد ساڻ احمد جي نسبت نرالي
زمين آسمان جي نظامن کان ٻاھر
فقط ناھ انجيل، توريت، قرآن
ثنا ٿي صحيفن ڪتابن کان ٻاھر

(مشتاق سچاروي)

●●●

الحمد لله! بتوفيقه وفضله تمت سورة الرعد اليوم 25 سبتمبر 2022 ع مطابق الصفر المظفر 28ھ.

حيدرآباد، سنڌ، پاڪستان

سُوْرَةُ اِبْرَاهِيم

هن سورت جو نالو آيت نمبر 35 "وَاِذْ قَالَ اِبْرٰهِيْمُ رَبِّ اجْعَلْ هٰذَا الْبَلَدَ اٰمِنًا وَّ اجْنُبْنِيْ وَ بَنِيَّ اَنْ نَّعْبُدَ الْاَصْنَامَ" مان ورتل آهي. نالي مان ائين سمجهڻ نه گهرجي ته سورت ۾ حضرت ابراهيم عليه السلام جي سوانح عمري بيان ٿي آهي. اڪثر سورتن وانگر علامت طور هت به "ابراهيم" لفظ اچڻ سان سجاڻڻ لاءِ سندس نالو "سوره ابراهيم" رکيو ويو آهي. قرآن ڪريم جي ترتيب ۾ هيءَ سورت 14هين نمبر تي آهي، پر نزول جي لحاظ سان76هين سورت آهي. هن کان اڳ 75 سورتون ۽ بعد ۾ 38 سورتون نازل ٿيون آهن. هن سورت سڳوريءَ جو مضمون به ساڳيو مڪي سورتن وارو آهي، يعني توحيد، رسالت ۽ قيامت جو ذڪر. شروع ۾ ٻڌايو ويو آهي ته هيءُ ڪتاب (قرآن مجيد) اي نبي ڪريم خاتم النبيين صلى الله عليه وسلم توتي نازل ڪيو ويو آهي ته تون هن جي تعليم ۾ پنهنجي اسوه حسنه سان ماڻهن کي انڌيرن مان نور طرف وٺي اچين. هدايت جو هيءُ سلسلو قديمي آهي، جو هلندو اچي. ڪافرن ۽ انڪار ڪندڙن لاءِ ويل آهي. "وَوَيْلٌ لِّلْكٰفِرِيْنَ مِنْ عَذَابٍ شَدِيْدٍ" (2/14) هيءَ سورة الرعد جي قريب زماني ۾ نازل ٿي آهي. آيت 13 ۾ آهي: "وَقَالَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لِرُسُلِهِمْ لَنُخْرِجَنَّكُمْ مِّنْ اَرْضِنَآ اَوْ لَتَعُوْدُنَّ فِيْ مِلَّتِنَا" ڪافرن پنهنجي پنهنجي رسولن کي چيو ته يا ته اوهان کي پنهنجي مِلّت ۾ واپس اچڻو پوندو، يا توهان کي ملڪ نيڪالي ڏينداسون، معلوم ٿئي ٿو ته ان وقت مڪي جي ڪافرن ۽ مشرڪن مسلمانن تي ظلم و جبر جي انتها ڪري ڇڏي هئي ۽ مسلمانن کي وڌيڪ برداشت ڪرڻ لاءِ تيار ڪو نه هئا ۽ ڪين شهر بدريءَ جو سوچي رهيا هئا. هاڻي هتي ڪافرن کي به اها ڏمڪي ڏني وئي آهي، جا هنن کان اڳ وارن قومن پنهنجي نبين کي ڏني هئي. "لَنُهْلِكَنَّ الظّٰلِمِيْنَ" اسان ظالمن

کي هلاڪ ڪري رهنداسون ۽ ايمان وارن کي تسلي ڏني وئي: "وَلَنُسْكِنَنَّكُمُ الْاَرْضَ مِنْۢ بَعْدِهِمْ " اسان ظالمن کي ختم ڪري توهان کي انهن جي زمين تي آباد ڪنداسون، جيڪي مخالفين پاڻ ڪريمن ﷺ جي رسالت کي مڃڻ کان انڪار ڪري رهيا هئا، انهن لاءِ هت سورت ۾ فهمائش ۽ تنبيه ڪئي وئي آهي، ذرا تنبيه ڪجهہ زياده آهي. ڪافر پنهنجي هٺ ڏرمي ضد عناد ۽ شرارت ۾ روز بروز وڌندا رهيا. (تفهيم القرآن) ان ڪري هن سورت ۾ ڪافرن کي فهمائش ۾ تنبيه سان گڏ حضور ﷺ کي تسلي ۽ ڏني وئي آهي. جيڪڏهن تنهنجي مشفقانه همدردانہ رويي واري اصلاح ۽ خيرخواهي جو ڪو خيال نٿا ڪن، تہ توکي ڪنهن بہ قسم جو فڪر دامن گير نہ ٿئي ۽ نہ وري رنجيده دل ٿي مايوس هئڻ گهرجي، توتي جيڪا ذميواري رکي وئي آهي، اها پوري ٿيندي رهي ۽ اهو ڏينهن ڏور ناهي جو هنن ڪافرن جو حساب چڪتو ڪيو وجي ۽ ان وقت اهي آرزو ۽ خواهش ڪن تہ ڪاش اسان هن کان اڳي پورو ڏيان ڏنو هجي ها تہ اڄ هي حال نہ ٿئي ها. هي سورت الحجر جو (توام) جوڙ آهي. ٻنهي جو مضمون ۽ وقت نزول بہ قريب آهي. يعني مڪي مڪرمه جا آخري ڏينهن. جڏهن مڪي وارن لاءِ حضور هي 13 ساله جدوجهد اتمام حجت جي مرحلي ۾ داخل ٿي رهي هئي. هن سورت ۾ حضرت موسىٰ عليه السلام جو چند آيتن جي ذڪر ڪانپوءِ ٻين رسولن جو نالي ڪٽڻ ڪانسواءِ مجموعي طور ذڪر آيو آهي ۽ آخر ۾ حضرت ابراهيم عليه السلام جون چند آيتون آهن، باقي انداز بيان اهو اڳيو ئي آخري دور وارين سورتن وارو آهي.

آیتون ۵۲ | سُورَہ ابراهیم (مكي سورت) | رکوع ۷

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

الٓرٰ ۟ قف کِتٰبٌ اَنۡزَلۡنٰہُ اِلَیۡکَ لِتُخۡرِجَ النَّاسَ مِنَ الظُّلُمٰتِ اِلَی النُّوۡرِ ۙ بِاِذۡنِ
رَبِّہِمۡ اِلٰی صِرَاطِ الۡعَزِیۡزِ الۡحَمِیۡدِ ۙ﴿۱﴾ اللّٰہِ الَّذِیۡ لَہٗ مَا فِی السَّمٰوٰتِ وَ مَا
فِی الۡاَرۡضِ ؕ وَ وَیۡلٌ لِّلۡکٰفِرِیۡنَ مِنۡ عَذَابٍ شَدِیۡدِ ۙ﴿۲﴾ الَّذِیۡنَ یَسۡتَحِبُّوۡنَ
الۡحَیٰوۃَ الدُّنۡیَا عَلَی الۡاٰخِرَۃِ وَ یَصُدُّوۡنَ عَنۡ سَبِیۡلِ اللّٰہِ وَ یَبۡغُوۡنَہَا
عِوَجًا ؕ اُولٰٓئِکَ فِیۡ ضَلٰلٍۢ بَعِیۡدٍ ﴿۳﴾ وَ مَاۤ اَرۡسَلۡنَا مِنۡ رَّسُوۡلٍ اِلَّا بِلِسَانِ
قَوۡمِہٖ لِیُبَیِّنَ لَہُمۡ ؕ فَیُضِلُّ اللّٰہُ مَنۡ یَّشَآءُ وَ یَہۡدِیۡ مَنۡ یَّشَآءُ ؕ وَ ہُوَ
الۡعَزِیۡزُ الۡحَکِیۡمُ ﴿۴﴾ وَ لَقَدۡ اَرۡسَلۡنَا مُوۡسٰی بِاٰیٰتِنَاۤ اَنۡ اَخۡرِجۡ قَوۡمَکَ مِنَ
الظُّلُمٰتِ اِلَی النُّوۡرِ ۙ وَ ذَکِّرۡہُمۡ بِاَیّٰىمِ اللّٰہِ ؕ اِنَّ فِیۡ ذٰلِکَ لَاٰیٰتٍ لِّکُلِّ
صَبَّارٍ شَکُوۡرٍ ﴿۵﴾ وَ اِذۡ قَالَ مُوۡسٰی لِقَوۡمِہِ اذۡکُرُوۡا نِعۡمَۃَ اللّٰہِ عَلَیۡکُمۡ اِذۡ
اَنۡجٰىکُمۡ مِّنۡ اٰلِ فِرۡعَوۡنَ یَسُوۡمُوۡنَکُمۡ سُوۡٓءَ الۡعَذَابِ وَ یُذَبِّحُوۡنَ اَبۡنَآءَکُمۡ
وَ یَسۡتَحۡیُوۡنَ نِسَآءَکُمۡ ؕ وَ فِیۡ ذٰلِکُمۡ بَلَآءٌ مِّنۡ رَّبِّکُمۡ عَظِیۡمٌ ﴿۶﴾ ع

الله جي نالي سان شروع جو نهايت مهربان ۽ هميشہ رحم ڪرڻ وارو آهي.
الف لام را. هي عظيم ڪتاب آهي، جيڪو اسان تو تي نازل ڪرڻ فرمايو آهي، تہ جيئن تون ماڻهن کي (ڪفر جي) اونداهين مان ڪڍي (ايمان جي) نور (روشنيءَ) طرف آڻين. ان رب جي حڪم سان ان جي راهہ طرف وٺي اچين، جيڪو غلبي وارو ۽ سڀ خوبين وارو آهي.(1) اهو الله، زمين ۽ آسمانن ۾ جو ڪجهہ آهي، ان جو ئي آهي ۽ ڪافرن لاءِ سخت عذاب جي ڪري بربادي آهي. (2) هي اهي ماڻهو آهن، جيڪي دنياوي زندگيءَ کي آخرت جي مقابلي ۾ زياده پسند ڪن ٿا ۽ ماڻهن کي الله جي راهہ کان روڪين ٿا ۽ دين ۾ خاميون تلاش ڪن ٿا. هي ماڻهو نهايت پرانهين گمراهيءَ ۾ آهن.(3) اسان هر رسول کي پنهنجي زبان وارن ۾ ئي موڪليو آهي تہ جيئن هو (حق جو پيغام) خوب واضح ڪري سگهي پوءِ ڪو الله وٽ گمراهہ ثابت ٿو ٿئي تہ ڪو الله وٽ هدايت يافتہ ٿئي ٿو. الله غالب ۽ حڪمت وارو آهي. (4) بيشڪ اسان موسىٰ عليه السلام کي پڻ نشانيون ڏئي موڪليو تہ (اي موسىٰ عليه السلام) تون پنهنجي قوم کي انڌيرن مان ڪڍي نور (روشني) طرف وٺي اچ ۽ انهن کي الله جي (اهم) ڏينهن جي ياد ڏيار بيشڪ ان ۾ هر زياده صبر ڪندڙ ۽ خوب شڪر ڪندڙ لاءِ نشانيون آهن(5) ۽ (اهو وقت ياد ڪريو) جڏهن موسىٰ عليه السلام پنهنجي قوم کي چيو تہ توهان پاڻ تي الله جي انعام (نعمتن) کي ياد ڪريو، جڏهن هن توهان کي آل فرعون کان نجات ڏياري جيڪو توهان کي سخت عذاب ڏيندو هيو. توهان جي نرينہ اولاد (چوڪرن) کي قتل ڪري ڇڏيندو هو ۽ توهان جي عورتن کي زندهہ ڇڏي ڏيندو هو، الله پاران هن ۾ نهايت وڏي آزمائش هئي. (6)

الف لام را يا حضرت مخدوم نوح سرور ﷺ مطابق منم آں خدائے کہ می بینم مان اهو الله آهيان جو ڏسان ٿو يا خداءِ عليم ورحيم جو ارشاد گرامي آهي هي قرآن حڪيم تو

ڏانهن ان ڪري نازل ڪيو آهي تہ تون هن جي ذريعي الله جي اذن (حڪم) سان نوع انسان کي انڌيرن مان ڪڍي روشنيءَ طرف وٺي اچين، جوتہ الله جي قانونِ مشيت کان سواءِ ممڪن ناهي. يعني هنن کي شيطاني رستن تان هٽائي الله جي رستن تي وٺي اچين. (ابراهيم: 51/14، الاحزاب: 43/33) "هُوَ الَّذِیۡ یُنَزِّلُ عَلٰی عَبۡدِہٖۤ اٰیٰتٍۭ بَیِّنٰتٍ لِّیُخۡرِجَکُمۡ مِّنَ الظُّلُمٰتِ اِلَی النُّوۡرِ" (الحديد: 9/57) هي اهو الله جل شانه آهي، جيڪو پنهنجي ٻانهي تي واضح آيتون نازل ڪرڻ فرمائي ٿو تان تہ هو اوهان کي انڌيرن مان ڪڍي نور طرف وٺي اچي. "اَللّٰہُ وَلِیُّ الَّذِیۡنَ اٰمَنُوۡا یُخۡرِجُہُمۡ مِّنَ الظُّلُمٰتِ اِلَی النُّوۡرِ" (البقره: 254/2) الله ايمان وارن جو دوست آهي، هو انهن کي انڌيرن مان ڪڍي نور (روشنيءَ) طرف آڻي ٿو. هن کان اڳ سمورا نبي سڳورا هڪ خاص قوم يا مخصوص علائقي لاءِ موڪليا ويا، پر حضور ﷺ کي "وَ مَاۤ اَرۡسَلۡنٰکَ اِلَّا کَآفَّۃً لِّلنَّاسِ بَشِیۡرًا وَّ نَذِیۡرًا" (سبا: 28/34) تمام انسانن ڏانهن بشير ۽ نذير ڪري موڪليو ويو آهي. حضور ﷺ جو فرمان آهي: "اُرۡسِلَ کُلُّ نَبِیٍّ اِلٰی اُمَّتِہٖ بِلِسَانِہَا وَاَرۡسَلَنِیَ اللّٰہُ اِلٰی کُلِّ اَحۡمَرَ وَاَسۡوَدَ مِنۡ خَلۡقِہٖ" الله تعالیٰ هر نبيءَ کي پنهنجي امت واري ٻوليءَ ۾ موڪليو ويو آهي، پر مون کي ڪاڙهي، ڪاري سڀ ڏانهن موڪليو ويو آهي. هو جهالت ۽ ناداني‌ءَ جي انڌيرن ۾ ٻڏڪي رهيا آهن، جنهن روشن ۽ طرز حيات جا هو قائل آهن، جنهن کي هو پنهنجي خيال ۾ روشن خيالي ۽ جدت پسنديءَ جو نالو ڏين ٿا، پر حقيقت ۾ هو گمراهي ۽ ضلالت جي اونداهہ راتين ۾ ٻڏڪي رهيا آهن، انهن کي الله جي حڪم سان صراط مستقيم (الله جي راهہ) تي وٺي اچين، جيڪو الله نهايت غالب قوي ۽ تمام خوبين جو مالڪ آهي. (البقره: 257/2، يونس: 100/10، الرعد: 9/13، الاحزاب: 43/33، الحديد: 9/57، التغابن: 1/64، الحشر: 22/59 كان24) پيغمبر جي ذمي ماڻهن تائين حق ۽ سچائي کي پيش ڪرڻ آهي. پوءِ جيڪڏهن ڪو سڌو رستو اختيار ڪري ٿو تہ اهو الله جي اذن (حڪم) يا قانون مشيت موجب آهي. ان الله طرف وٺي اچي ٿو ۽ ان جي حڪمن جي اطاعت لاءِ آماده ڪري ٿو، جنهن الله جي زمين ۽ آسمانن تي حڪمراني ۽ اقتدار آهي. انهيءَ الله کي پنهنجو معبود ڪرڻ جو انسانن کي حڪم آهي ۽ اهو ئي روشني وارو رستو آهي. جيڪو ان کي اختيار ڪندو، اهو الله جي نعمتن ۽ نوازشن جو مستحق ٿي ويندو، پر جيڪڏهن ماڻهو ان جو انڪار ڪندا ۽ ڪفر

جو رستو اختيار ڪندا تہ هنن لاءِ سخت عذاب جي برباديءَ آهي، جنهن لاءِ "وَوَيْلٌ لِّلْكٰفِرِيْنَ مِنْ عَذَابٍ شَدِيْدٍ" چيو ويو آهي. انسان کي جيڪا زندگيءَ جي مهلت ملي آهي ۽ ان کي خبر ۾ ناهي تہ اها مهلت ڪيتري وقت جي ۽ ڪيستائين آهي. زندگيءَ جي ان اهم دؤر ۾ سوچڻو آهي تہ هو پنهنجون بهترين صلاحيتون ڪٽي لڳائي رهيو آهي. خاص طرح دنيا ۽ آخرت بابت ڏسي تہ دنيا جي زندگيءَ "متاعِ غرور" لاءِ ڪيتري پڇ ڊڪ ڪري ٿو ۽ آخرت جي زندگي "خير و ابقىٰ" لاءِ ڪيتري جاکوڙ ڪري ٿو. جيڪڏهن دنيا جي مفادن کي آخرت جي انعامن تي ترجيح ڏئي ٿو ۽ آخرت جي خساري تي راضي رهي ٿو تہ ان مان معلوم ٿيو تہ هو الله جي مرضيءَ جي تابع رهڻ نٿو گهري، پر هو گهري ٿو تہ الله جو دين هن جي مرضي جو تابع رهي، ان ڪري هو هر اهو عقيدو ۽ اصول اختيار ڪري ٿو، جنهن ۾ هو زندگيءَ جي وقتي ۽ ذاتي مفادن کي هر حال ۾ حاصل ڪري سگهي ۽ پنهنجي خواهش ۽ شيطاني مشورن ۾ قيمتي گهڙيون ضايع ڪري ٿو. هو پنهنجي انهيءَ غلط روش کي بروءِ ڪار لائڻ لاءِ بين ماڻهن کي ۽ سڌي شرعي رستي تي هلڻ کان روڪي ٿو. جيڪڏهن هنن کي نٿو روڪي تہ هن جي خيال ۾ سندن مفادن کي نقصان پهچندو، ان ڪري انهن کي ۽ سڌي راهہ بدران ابتن رستن جو ڏس ڏئي ۽ دين ۾ خاميون ۽ ڪمزوريون ڪڍي، کين حق جي راهہ کان ٽيڙي ٿو، ان ڪري اهي ماڻهو هاڻي سڌرڻ کان گهڻو پري گمراهي جي رستي تي نڪري ويا آهن، جتان سندن موٽڻ (توبه ڪرڻ) مشڪل ٿي ويو آهي، جنهن کي "ضَلٰلٍۢ بَعِيْدٍ" چيو ويو آهي.

هن نبي محترم ﷺ تي قرآن عربي مبين يعني فصاحت بلاغت واري عربي زبان ۾ نازل ڪيو ويو آهي، جو هن رسول ڪريم ﷺ ۽ سندس قوم جي زبان آهي. عربي زبان آسمان جي دفتري زبان آهي. فرشتن جي زبان عربي آهي. لوح محفوظ جي زبان عربي زبان آهي. جنت ۽ اهلِ جنت جي زبان عربي آهي. (درس القرآن) اهڙي طرح هن کان اڳ جيڪي ۽ نبي ۽ رسول سڳورا آيا آهن، انهن تي ۽ سندن قوم واري زبان ۾ ڪتاب، صحيفا نازل ڪيا ويا آهن تہ جيئن سمجهڻ ۽ سمجهائڻ ۾ آساني ٿئي ۽ وڌيڪ مثبت نتيجا نڪرڻ جو امڪان ٿئي. (الاعراف: 7/ 158، الانبياء: 29/21، الفرقان: 1/25، سبا: 34/ 28) الله کنهن بيءَ زبان ۾ کو ۽ ڪتاب نہ موڪليو آهي، چو تہ

اهو هدايت جي مؤثر ٽيڪ ۾ رکاوٽ هو. اهڙيون سهولتون ۽ آسانيون هڻڻ جي باوجود جيڪڏهن کو نبين سڳورن جي تعليم جو انکار ڪري ٿو ۽ گمراهيءَ جي راهه اختيار ڪري ٿو ته الله ان کي گمراهيءَ طرف وڃڻ ڏئي ٿو، پر جيڪڏهن کو دل جي سچائين سان ايمان آڻي ٿو، حق ۽ سچ جي راهه تي گامزن رهي ٿو ته الله ان لاءِ سڌي رستي تي هلڻ جي رهنمائي جي رهبري ڪري ٿو. الله نهايت غالب، وڏي زور ۽ قوت جو مالڪ به آهي ته سندس هر ڪم حڪمت سان لبريز به آهي. ڪنهن جي هدايت ۽ ضلالت ۾ سندس قانون مڪافات عمل ڪري ٿو. انسان پنهنجي هدايت ۽ گمراهيءَ جا اسباب پاڻ پيدا ڪري ان کي اختيار ڪري ۽ مشيت خداوندي کيس ارادي ۽ اختيار جي اجازت ڏئي عمل ڪرڻ ۾ آزاد ڇڏيو آهي. آيت جي آخر ۾ آيو آهي: "اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ لِّكُلِّ صَبَّارٍ شَكُوْرٍ" يعني پوين آيتن ۾ ڪافرن لاءِ سزا ۽ عذاب جون عقوبتن يا مؤمنن لاءِ انعامن ۽ عطائن جون بشارتون صبر ۽ شڪر ڪندڙن لاءِ آهن. هن ڪان اڳ انهيءَ سلسلي جي ڪڙيءَ ۾ حضرت موسىٰ عليه السلام کي پنهنجن آيتن ۽ نشانين سان موڪليو هيو، ته جيئن هو بني اسرائيل کي فرعون جي غلاميءَ واري اونداهين مان ڪڍي روشني طرف وٺي اچي. هنن جي رهبري لاءِ "اَيَّام الله" سان نصيحت ڪري، يعني انهن خاص ايام (ڏينهن) جي ياددهاني ڪرائي، جن ڏينهن ۾ الله وڏن وڏن فيصلن مطابق قومن کي نيست و نابود ڪري ڇڏيو. گويا هنن جو وجود ئي ڪو نه هيو ۽ انهن جي جاءِ تي ٻئي ڪنهن فرمانبردار قوم کي مسلط ڪيو. "التَّذكير بِاَيَّام الله" سان گڏ "اَلتَّذكير بآلاءِ الله" جو محاورو استعمال ٿيو، يعني الله جي نعمتن ۾ ان جي نشانين جي ياد دهاني ڪرائڻ آهي يا انهن تاريخي واقعن جيڪي قوم، نوح قوم هود قوم شعيب، قوم لوط ۽ آل فرعون سان سندن سرڪشي، غرور، حسد ۽ ضد جو نتيجو نڪتو، انهن جي ٻڌائڻ سان جيڪي صبر ۽ شڪر جي نعمتن سان مالا مال آهن. انهن جي انداز ۽ بشارت لاءِ وڏي نصيحت آهن. هڪ خدا ترس مؤمن ٻانهو صبر ۽ شڪر جي هڪ نعمت سان ضرور فيضياب رهي ٿو. نبي اڪرم خاتم النبيين صلى الله عليه وسلم جو ارشاد مبارڪ آهي. "عَجَبًا لِاَمْرِ الْمُؤْمِنِ اِنَّ اَمْرَهٗ كُلُّهٗ خَيْرٌ وَلَيْسَ ذَالِكَ لِاَحَدٍ اِلَّا لِلْمُؤْمِنِ اِنْ اَصَابَتْهُ السَّرَّآءُ شَكَرَ فَكَانَ خَيْرًا لَّهٗ اِنْ اَصَابَتْهُ الضَّرَّآءُ صَبَرَ فَكَانَ خَيْرًا لَّهٗ" (صحيح مسلم) مؤمن جو معاملو به عجيب آهي، هن جي هر حال ۾ پلائي آهي ۽ اها ڳالهه مؤمن کانسواءِ

ڪنهن ٻئي لاءِ ناهي، جڏهن هن کي آسائش (آرام) ملي ٿي تہ شڪر ڪري ٿو، اهو ان جي حق ۾ بهتر آهي، پر جيڪڏهن هن کي ڪا تڪليف پهچي ٿي تہ صبر ڪري ٿو، هي بہ ان لاءِ بهتر آهي. اهو وقت بہ قابل ذڪر آهي، جڏهن موسىٰ عليه السلام پنهنجي قوم کي چيو تہ اوهان الله جون نعمتون ياد ڪريو، جنهن اوهان کي سمنڊ يا دريا مان پار ڪرايو ۽ فرعون کي لشڪر سميت غرق ڪيو. اوهان گابي کي معبود بڻايو، اوهان الله کي پنهنجي اکين سان ڏسڻ جي گهر ڪئي، اوهان کي مَنّ و سلويٰ سان نوازيو. اوهان "حِطَّة" جي بجاءِ "حِنطة" چيو، انهن سڀني نافرمانين تي اوهان کي معاف ڪيو، اوهان کي فرعون جي ظلم و جبر کان نجات ڏياري. جتي اوهان غلامن واري ذليل زندگي گذاري رهيا هئا. هو اوهان جي پٽن (نرينه اولاد) کي ذبح ڪرائي ڇڏيندو هو، تہ جيئن ڪو اسرائيلي سندس حڪومت کي خطرو نہ بڻجي ۽ اوهان جي عورتن کي زندهہ رکي نوڪراڻيون ۽ ٻانهيون بنائيندا هئا، جنهن ۾ توهان جي الله طرفان وڏي آزمائش هئي، هنن سڀني آزمائشن ۽ مشڪلاتن مان اوهان کي نجات ڏني. (البقره: 49/2) حضرت موسىٰ عليه السلام جي بيان ۾ اهل مڪه قريش لاءِ سبق آهي تہ حضور اڪرم خاتم النبيين صلى الله عليه وسلم جي آمد هڪ نعمتِ عظمىٰ آهي، ان جو فائدو حاصل ڪريو.

وَ اِذْ تَاَذَّنَ رَبُّكُمْ لَئِنْ شَكَرْتُمْ لَاَزِيْدَنَّكُمْ وَ لَئِنْ كَفَرْتُمْ اِنَّ
عَذَابِيْ لَشَدِيْدٌ ۝۷ وَ قَالَ مُوْسٰۤى اِنْ تَكْفُرُوْۤا اَنْتُمْ وَ مَنْ فِي الْاَرْضِ
جَمِيْعًا ۙ فَاِنَّ اللّٰهَ لَغَنِيٌّ حَمِيْدٌ ۝۸ اَلَمْ يَاْتِكُمْ نَبَؤُا الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِكُمْ
قَوْمِ نُوْحٍ وَّ عَادٍ وَّ ثَمُوْدَ ۛؕ وَ الَّذِيْنَ مِنْۢ بَعْدِهِمْ ۛؕ لَا يَعْلَمُهُمْ اِلَّا اللّٰهُ ؕ
جَآءَتْهُمْ رُسُلُهُمْ بِالْبَيِّنٰتِ فَرَدُّوْۤا اَيْدِيَهُمْ فِيْۤ اَفْوَاهِهِمْ وَ قَالُوْۤا اِنَّا
كَفَرْنَا بِمَاۤ اُرْسِلْتُمْ بِهٖ وَ اِنَّا لَفِيْ شَكٍّ مِّمَّا تَدْعُوْنَنَاۤ اِلَيْهِ مُرِيْبٍ ۝۹

ع ۱ عند المتقين ۱۲ الثلثة

قَالَتْ رُسُلُهُمْ اَفِی اللّٰهِ شَكٌّ فَاطِرِ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ ؕ یَدْعُوْكُمْ لِیَغْفِرَ
لَكُمْ مِّنْ ذُنُوْبِكُمْ وَ یُؤَخِّرَكُمْ اِلٰۤی اَجَلٍ مُّسَمًّی ؕ قَالُوْۤا اِنْ اَنْتُمْ اِلَّا
بَشَرٌ مِّثْلُنَا ؕ تُرِیْدُوْنَ اَنْ تَصُدُّوْنَا عَمَّا كَانَ یَعْبُدُ اٰبَآؤُنَا فَاْتُوْنَا
بِسُلْطٰنٍ مُّبِیْنٍ ۝۱۰ قَالَتْ لَهُمْ رُسُلُهُمْ اِنْ نَّحْنُ اِلَّا بَشَرٌ مِّثْلُكُمْ وَ
لٰكِنَّ اللّٰهَ یَمُنُّ عَلٰی مَنْ یَّشَآءُ مِنْ عِبَادِهٖ ؕ وَ مَا كَانَ لَنَاۤ اَنْ نَّاْتِیَكُمْ
بِسُلْطٰنٍ اِلَّا بِاِذْنِ اللّٰهِ ؕ وَ عَلَی اللّٰهِ فَلْیَتَوَكَّلِ الْمُؤْمِنُوْنَ ۝۱۱ وَ مَا لَنَاۤ اَلَّا
نَتَوَكَّلَ عَلَی اللّٰهِ وَ قَدْ هَدٰىنَا سُبُلَنَا ؕ وَ لَنَصْبِرَنَّ عَلٰی مَاۤ اٰذَیْتُمُوْنَا ؕ وَ عَلَی
اللّٰهِ فَلْیَتَوَكَّلِ الْمُتَوَكِّلُوْنَ ۝۱۲ ع ۲ ۱۴

ع (ياد كريو) جڏهن توهان جي رب اوهان کي آگاهه ڪرڻ فرمايو ته جيڪڏهن اوهان شڪر ڪندا ته مان (مهربانين ۾) ضرور اضافو ڪندس، پر جيڪڏهن اوهان نا شڪري ڪندا ته منهنجو عذاب يقيناً سخت آهي.(7) ع موسيٰ عليه السلام چيو ته جيڪڏهن توهان زمين تي رهندڙ سمورا انسان ڪفر اختيار ڪريو ته بيشڪ الله نهايت بي نياز هر حمد و ثنا جي لائق آهي.(8) چا توهان وٽ انهن ماڻهن جي خبر نه پهتي آهي، جيڪي توهان کان اڳ گذري چڪا آهن، اهي نوح عليه السلام جي قوم، عاد ۽ ثمود جون قومون هيون ۽ ڪجهه ماڻهو انهن کان پوءِ ٻه آيا، جن جي الله کانسواءِ ڪنهن کي ٻه ڄاڻ نه آهي، چو ته هنن جو نالو نشان ٻه مٽجي ويو آهي. انهن ڏانهن سندن رسول واضح آيتن (نشانين) سان آيا هئا ته پوءِ هنن (ڪافرن غصي، عناد ۽ استهزاء سبب) پنهنجا هٿ پنهنجي وات

ڏانهن ڪيا (يا پنهنجا هٿ هُنن جي وات تي رکي ڇڏيا) هنن چيو تہ اسان هن (دين) جو انڪار ڪيو آهي، جيڪو اوهان گڏ آندو آهي ۽ يقينًا اسان ان بابت جنهن جي اوهان دعوت ڏئي رهيا آهيو، اهڙي شڪ ۾ مبتلا ٿي ويا آهيون، جيڪو مونجهارا پيدا ڪري ٿو.(9) هنن جي پيغمبرن سڳورن چيو ڇا توهان الله بابت شڪ ڪيو ٿا، جيڪو آسمانن ۽ زمينن کي (عدم کان) وجود ۾ آڻڻ وارو آهي. هو اوهان کي سڏي رهيو آهي تہ توهان جي (اڳ ڪيل) گناهن کي معاف ڪري ۽ توهان کي هڪ مقرر مدت تائين مهلت ڏئي. هنن (ڪافرن) چيو تہ اوهان اسان جهڙا انسان آهيو، توهان گهرو ٿا تہ اسان کي انهن جي بندگيءَ کان منع ڪيو، جنهن کي اسان جا ابا ڏاڏا پوڄيندا آيا آهن، تہ پوءِ اسان لاءِ ڪا صحيح سَنَدَ پيش ڪريو.(10) جنهن تي سندن رسولن سڳورن جواب ڏنو تہ اسان صفت بشريت جي ناتي توڙي ڪٽي انسان آهيون، پر الله جنهن کي گهري پنهنجي احسان (نبوت ۽ رسالت جهڙي نعمت) سان نوازي ممتاز ڪري (پوءِ برابري ڪهڙي) الله جي اذن (حڪم اجازت) کانسواءِ اسان پنهنجي طرفان کو دليل يا سَنَدَ نٿا آڻيون ۽ الله تي ئي مؤمنن کي پروسو ڪرڻ گهرجي.(11) ۽ اسان الله تي پروسو چو نہ ڪريون، جڏهن انهن رستن تي هلڻ جي هدايت هن اسان کي ڪئي آهي، اوهان اسان کي جيڪا بہ اذيت ڏئي رهيا آهيو، اسان هر حال ۾ ان تي صبر ڪنداسون، چو تہ توڪل ڪندڙن کي الله تي ئي پروسو ڪرڻ گهرجي.(12)

"تَاَذَّنَ" جي معنىٰ آهي: "اَعْلَمَكُمْ بِوَعْدِهٖ لَكُمْ" يعني اوهان جي رب اوهان کي پنهنجي وعدي کان خبردار ڪيو تہ جيڪڏهن توهان منهنجي نعمتن جو حق محسوس ڪندي انهن جو صحيح استعمال ڪيو تہ ان جا نتيجا بہ مثبت ۽ هاڪاري نڪرندا ۽ زندگيءَ جون خوشگوار بهارون ۽ آخرت ۾ سدا شاد آباد باغ اوهان جو استقبال ڪندا ۽

الله پنهنجن نعمتن ۽ نوازشن ۾ اضافو آڻيندو رهندو، پر جيڪڏهن انهن نعمتن جو غلط استعمال ڪيو ۽ الله جي حڪمن مطابق راهه راست تي هلڻ کان انڪار ڪيو ۽ ڪفران نعمت ڪيو تہ پوءِ الله جي گرفت ۽ عذاب نهايت دردناڪ آهي. هت حضرت موسىٰ عليه السلام ۽ ان جي قوم جو معاملو بيان ڪري دراصل اهل مڪه کي آگاهه ڪرڻ مقصود آهي تہ الله جڏهن ڪنهن قوم تي پنهنجي فضل و ڪرم جي برسات ڪندو آهي ۽ اها قوم خدا جي ان نعمتن جي ناقدري ڪري انهن جي ابتڙ شيطاني رستن تي هلڻ جي ڪوشش ڪندي آهي تہ ڪيس بربادي ۽ تباهي وڪوڙي وٺندي آهي، پوءِ اها قوم ۽ دنيا ۾ ٻيا رهڻ وارا سمورا گڏجي الله جي نافرماني ڪن ٿا ۽ نمڪ حرامي ڪري سرڪشي ۽ حسد جو ڪفر وارو رويو اختيار ڪن ٿا تہ ان سان الله کي ڪو نقصان پهچائي نٿا سگهن، چو تہ الله نهايت بي پرواهه بادشاهه ۽ قابل حمد و ثنا هستي آهي، ان کي انهن جي نافرماني جي ڪا بہ پرواهه ناهي. هت جنهن نعمت جو ذڪر آهي، اهو پاڻ ڪريمن خاتم النبيين صلى الله عليه وسلم جو سندن درميان مبعوث ٿيڻ آهي، جيڪا الله جي وڏي مان وڏي نعمت آهي. "لَقَدْ مَنَّ اللّٰهُ عَلَى الْمُؤْمِنِيْنَ اِذْ بَعَثَ فِيْهِمْ رَسُوْلًا مِّنْ اَنْفُسِهِمْ" ... الخ (آل عمران: 3/ 164) حضور خاتم النبيين صلى الله عليه وسلم پنهنجي قريش قوم کي چوندو هيو تہ منهنجي هڪ ڳالهه مڃي وٺو تہ عرب ۽ عجم يعني پوري دنيا توهان جي تابع ٿي ويندي. (حديث)

ڪجهه تفسيرن ۾ هن آيت کي بہ حضرت موسىٰ عليه السلام جي تقرير سڏيو آهي، ڪجهه خاموش رهيا آهن ۽ ڪجهه جو چوڻ آهي تہ موسىٰ عليه السلام جي تقرير متي ختم ٿي، هاڻي براهه راست ڪفارِ مڪه کي خطاب آهي. (والله اعلم بالصواب) ڇا توهان کي انهن ماڻهن جي خبر ناهي، جيڪي توهان کان اڳ گذري چڪا آهن تہ انهن ماڻهن جي سرڪشي ۽ ضد جو ڪهڙو نتيجو نڪتو. نوح عليه السلام جي قوم جنهن ڏانهن حضرت نوح عليه السلام 950 سال لڳاتار پيغام پهچايو، رات ڏينهن دين ۽ حق جي دعوت ڏني، ڪين آهستي ۽ زوردار لفظن سان ياد دهاني ڪرائي، خدا جون نعمتون ياد ڏياريون، پر ان هوندي بہ هو پنهنجن چال بازين، مڪر ۽ فريب کان باز نہ آيا ۽ بت پرستي جاري رکي ۽ آخرڪار نوح عليه السلام کي چوٽو پيو: "وَلَا تَزِدِ الظّٰلِمِيْنَ اِلَّا تَبَارًا" (نوح: 28/71) اهڙي طرح عاد جي قوم ڏانهن حضرت هود عليه السلام کي موڪليو ويو، ثمود جي قوم ڏانهن حضرت

صالح عليه السلام کي موڪليو ويو، جنهن جي وساطت سان ڏاچيءَ جو معجزو به ظاهر ٿيو، پر عاد ۽ ثمود جي قومن به پنهنجن نبين جي پر خلوص نصيحت کي قبول ڪرڻ کان انڪار ڪيو. (الاعراف: رکوع: 8 کان 10) ۽ ان کان بعد ۾ ڪيترائي رسول ڪريم آيا، جن جي پوري انگ جي رڳو الله کي خبر آهي ۽ ٻئي ڪنهن کي پوري طرح معلوم ناهي. اهي رسول هنن ڏانهن آيا ۽ کين الله جي طرفان آيل روشن دليل پيش ڪيا، پر انهن ماڻهن سندن ڀَالهيون ٻڌي چڙ يا تعجب طور پنهنجا هٿ پنهنجي وات تي رکيا ته هي ڪهڙيون ڀَالهيون پيو ڪري، جهڙيءَ طرح آل عمران: 119/3 ۾ آهي: "عَضُّوْا عَلَيْكُمُ الْاَنَامِلَ مِنَ الْغَيْظِ" (هو ڪاوڙ ۾ پنهنجون آڱريون چٻاڙين ٿا) يا معنيٰ ٿيندي ته نبين ۽ رسولن جون ڀَالهيون ٻڌي هنن ڪافرن نبين جي وات تي هٿ رکي چيو ته بند ڪريو پنهنجي نصيحت، هنن کين چٽن لفظن ۽ وڏي واتان چيو ته جنهن پيغام سان اوهان آيا آهيو، اسان اهو مڃڻ کان انڪار ڪيون ٿا ۽ اسان ان کي درست نٿا سمجهون، تون جنهن طرف اسان کي دعوت ڏئي رهيو آهين، اسان ان ۾ اهڙي شڪ ۾ آهيون، جيڪو الجهن ۽ پريشاني پيدا ڪري رهيو آهي. (الاعراف: 75/7، هود: 62/11) رسول سڳورا کين قائل ڪرڻ لاءِ حق ۽ سچ کي تسليم ڪرڻ لاءِ اهڙن دليلن سان مخاطب ٿيا، جن کي ڪافر تسلم ڪندا هئا، جنهن موجب رسولن کين چيو ته اوهان کي ڪهڙي شيءِ ۾ شڪ آهي، اسان توهان کي جنهن هستيءَ طرف دعوت ڏيون ٿا، اهو الله آهي، جيڪو آسمانن ۽ زمين کي عدم کان وجود ۾ آڻڻ وارو ۽ ن جو انتظام ۽ اختيار رکڻ وارو يڪتا ۽ واحد مالڪ آهي. جنهن ڪانسواءِ ڪو ناهي جو هن نظام کي پيدا ڪرڻ ۽ ان جي انتظام ۾ سندس هٿ وندائي. اوهان انهيءَ خدا جي عبادت ۽ اطاعت جو ڪهڙي منهن سان انڪار ڪري سگهو ٿا. جڏهن اوهان هن الله کي تسليم به ڪيو ٿا. باقي رهيو اوهان جو اهو سوال ته اسان اوهان وانگر انسان آهيون ۽ اوهان کي هدايت ڪرڻ جا حقدار ناهيون. اسان بلڪل صفت بشريت جي حد تائين اوهان وانگر بشر آهيون، پر اسان کي الله توهان جي درميان توهان مان ئي منتخب ڪري علم، حق ۽ بصيرت ڪامله عطا ڪري نبوت ۽ رسالت جي فضيلت سان ممتاز ڪيو آهي، جنهن خاص عنايت واري صفت کان اوهان محروم آهيو. اسان کي جنهن ذميداريءَ سان موڪليو ويو آهي، ان کي اوهان تائين

پهچائڻ کان اسان اکيون بندکري نٿا سگهون. اوهان جن آيتن ۽ نشانين جي گهر ڪري رهيا آهيو، اهي الله جي اذن (حڪم ۽ اجازت) کانسواءِ اسان پنهنجي طرفان اوهان کي ڏيکاريون، اهو ممڪن ناهي. ان ڪري اهڙين نشانين جي گهر ڪرڻ بدران اوهان ان دعوت تي غور ڪريو، جيڪا سراپا حق آهي. هميشہ الله تي پروسو رکو ۽ مؤمنن کي الله تي ئي پروسو رکڻ گهرجي. اسان کي ڪهڙي شيءِ مانع آهي جو اسان الله تي توڪل نہ ڪريون. ان ڪري اسان هميشه پنهنجي پروردگار جي تعليم ان جي نتيجن ۽ الله جي وعدن تي پورو پورو پروسو ڪيون ٿا. جنهن جو وعدو آهي تہ راهہ حق تي هلڻ وارن کي ضرور ڪاميابي ملندي ۽ راهہ حق کان منهن موڙيندڙن لاءِ ذلت، خواري ۽ تباهي هوندي. هن الله اسان کي سڌي رستي تي هلڻ جي توفيق عنايت ڪرڻ فرمائي آهي. ان ڪري ان راهہ حق تي هلندي، ان جي دعوت ڏيندي جيڪڏهن اوهان کان اذيت ۽ تڪليف پهچي تي تہ اسان ان کان گهبرائڻ وارا نہ آهيون ۽ ان جو صبر و استقلال، عزم ۽ همت سان مقابلو ڪرڻ کان گهبرائڻ ورا نہ آهيون. اسان جو جنهن هستيءَ تي پروسو آهي، پروسو ڪندڙن ۽ صبر استقلال ڪندڙن کي ان تي پروسو ڪرڻ گهرجي. اهو "عروة الوثقىٰ" آهي جنهن ۾ ڪو بہ شڪ ناهي.

وَ قَالَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لِرُسُلِهِمْ لَنُخْرِجَنَّكُمْ مِّنْ اَرْضِنَآ اَوْ لَتَعُوْدُنَّ فِيْ مِلَّتِنَا ؕ فَاَوْحٰۤى اِلَيْهِمْ رَبُّهُمْ لَنُهْلِكَنَّ الظّٰلِمِيْنَ ۙ﴿۱۳﴾ وَ لَنُسْكِنَنَّكُمُ الْاَرْضَ مِنْۢ بَعْدِهِمْ ؕ ذٰلِكَ لِمَنْ خَافَ مَقَامِيْ وَ خَافَ وَعِيْدِ ﴿۱۴﴾ وَ اسْتَفْتَحُوْا وَ خَابَ كُلُّ جَبَّارٍ عَنِيْدٍ ۙ﴿۱۵﴾ مِّنْ وَّرَآئِهٖ جَهَنَّمُ وَ يُسْقٰى مِنْ مَّآءٍ صَدِيْدٍ ۙ﴿۱۶﴾ يَّتَجَرَّعُهٗ وَ لَا يَكَادُ يُسِيْغُهٗ وَ يَاْتِيْهِ الْمَوْتُ مِنْ كُلِّ مَكَانٍ وَّ مَا هُوَ بِمَيِّتٍ ؕ وَ مِنْ وَّرَآئِهٖ عَذَابٌ غَلِيْظٌ ﴿۱۷﴾ مَثَلُ الَّذِيْنَ

كَفَرُوْا بِرَبِّهِمْ اَعْمَالُهُمْ كَرَمَادِ ِۨاشْتَدَّتْ بِهِ الرِّيْحُ فِيْ يَوْمٍ عَاصِفٍ ؕ
لَا يَقْدِرُوْنَ مِمَّا كَسَبُوْا عَلٰى شَيْءٍ ؕ ذٰلِكَ هُوَ الضَّلٰلُ الْبَعِيْدُ ﴿۱۸﴾ اَلَمْ تَرَ
اَنَّ اللّٰهَ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضَ بِالْحَقِّ ؕ اِنْ يَّشَاْ يُذْهِبْكُمْ وَ يَاْتِ
بِخَلْقٍ جَدِيْدٍ ﴿۱۹﴾ وَّ مَا ذٰلِكَ عَلَى اللّٰهِ بِعَزِيْزٍ ﴿۲۰﴾ وَ بَرَزُوْا لِلّٰهِ جَمِيْعًا فَقَالَ
الضُّعَفٰٓؤُا لِلَّذِيْنَ اسْتَكْبَرُوْٓا اِنَّا كُنَّا لَكُمْ تَبَعًا فَهَلْ اَنْتُمْ مُّغْنُوْنَ عَنَّا
مِنْ عَذَابِ اللّٰهِ مِنْ شَيْءٍ ؕ قَالُوْا لَوْ هَدٰىنَا اللّٰهُ لَهَدَيْنٰكُمْ ؕ سَوَآءٌ
عَلَيْنَآ اَجَزِعْنَآ اَمْ صَبَرْنَا مَا لَنَا مِنْ مَّحِيْصٍ ﴿۲۱﴾ ع ۱۵ ۳

ڪافرن پنهنجي رسولن سڳورن کي چيو تہ اسان توهان کي ملڪ بدر ڪري
ڇڏيندا سون يا وري اوهان اسان واري مذهب ۾ موٽي اچو تہ سندن پروردگار
انهن ڏانهن وحي موڪلي تہ اسان هنن ظالمن کي ضرور هلاڪ ڪنداسون.(13)
۽ هنن کان پوءِ اسان پاڻ توهان کي ان زمين تي آباد ڪنداسون، هي بشارت
انهن ماڻهن لاءِ آهي، جيڪي (مجرم جي حيثيت ۾) منهنجي حضور پيش
ٿين ۽ جيڪي منهنجي وعيد (عذاب) کان ڊڄن(14) هنن فيصلو گهريو سو فيصلو
ٿي ويو ۽ هر سرڪش ضدي نامراد ٿيو. (15) هن کان سواءِ (اڳتي) دوزخ آهي،
جتي هنن کي پونءَ جو پاڻي پياريو ويندو.(16) جيڪو ڏڪ ڏڪ ڪري پيئندو
پر ڳهي ڪو نہ سگهندو ۽ موت هن کي هر طرف کان نظر ايندو پر هو مرندو
ڪونہ ۽ ان کانسواءِ ٻيو سخت غليظ عذاب بہ هوندو.(17) جن ماڻهن پنهنجي
رب سان ڪفر ڪيو آهي، انهن جو مثال هن طرح آهي تہ سندن اعمال راک

وانگر آهن، جن تي آنڌي واري ڏينهن تيز طوفان هلي، جو ڪجهه هنن ڪمايو ان مان ڪين ڪجهه هٿ حاصل نہ ٿيندو. اها (حق کان) گهٽو دور ٿيڻ واري گمراهي آهي.(18) ڇا تو اهو نہ ڏٺو آهي تہ الله آسمانن ۽ زمين کي حق (واري حڪمت) سان پيدا ڪيو آهي. جيڪڏهن هن جي قانون مشيت جي طلب هجي تہ اوهان کي نيست و نابود ڪري ڇڏي ۽ توهان جي جاءِ تي نئين مخلوق پيدا ڪري. (19) ۽ اهو ڪرڻ الله جي لاءِ ڪجهه مشڪل ناهي.(20) سڀ جا سڀ (محشر ۾) الله جي حضور پيش ٿي ويندا ان وقت ڪمزور ماڻهو طاقتور ماڻهن لاءِ چوندا تہ اسان تہ توهان جا تابعدار هئاسون، ڇا توهان (اڄ) الله جي عذاب کان اسان کي بچائي سگهو ٿا. هو جواب ڏيندا تہ جيڪڏهن الله جي هدايت اسان کي نصيب ٿئي ها تہ اسان ضرور اوهان کي به هدايت ڪيون ها. اڄ اسان چيخ و پڪار ڪريون يا صبر ڪريون اسان لاءِ ڪو چوٽڪارو ناهي.(21)

۽ ڪافرن جڏهن محسوس ڪيو تہ نبين سڳورن جي تعليم جو اثر روز بروز پکڙيو وڃي ۽ هر طرح جي مخالفت ۽ مخاصمت ان جي راهہ روڪڻ ۾ ناڪام ثابت ٿي آهي تہ پوءِ هنن کي ڪو بيو حاصل نظر نہ آيو ۽ پنهنجن نبين کي چوڻ لڳا تہ جيڪڏهن اوهان هر حال ۾ پنهنجي دين جي پرچار تي محڪم رهيا، تہ اسان توهان کي ملڪ بدر ڪري ڇڏينداسون يا توهان کي اسان جي مذهب طرف موٽي اچڻو پوندو. (الاعراف: 80/7، الانفال: 20/8، بني اسرائيل: 76/17، النمل: 56/27) هت اهو نہ سمجهڻ گهرجي تہ نبي سڳورا دين جي تبليغ کان اڳ انهن ڪافرن جي دين تي هئا، جو هاڻي ڪافرن کين چون ٿا تہ يا اسان جي مسلڪ ۽ مذهب تي موٽي اچو. دراصل نبوت کان اڳ هو بلڪل خاموش ۽ دين فطرت تي هئا، هو ڪافرن جي گمراهہ دين جا فرد نہ هئا، پر هت ڪافرن جو مقصد آهي يا ملڪ ڇڏي وڃو يا اسان وارو ابن ڏاڏن جو دين قبول ڪر. ڪنهن به نبي لاءِ ممڪن ناهي تہ هو ڪفر جو دين قبول ڪري. رسولن ۽ نبين کي الله جي طرفان مدد ۽ ڪاميابيءَ جون بشارتون مليل هونديون آهن. هن کي يقين آهي تہ سندن الله ڪڏهن به ناڪام ٿيڻ نہ

ڏيندو. (الصّٰفّٰت: 37 /171 كان 173) الله جو ته وعدو آهي: "كَتَبَ اللّٰهُ لَاَغْلِبَنَّ اَنَا وَرُسُلِيْ" (المجادله: 58 /21) الله اها ڳالهه لکي ڇڏي آهي ته مان ۽ منهنجا رسول غالب رهندا. ڪافرن جي سازش وعده خلافين ۽ حملن کان توهان کي گهبرائڻ يا دل شڪسته نه هئن گهرجي. اسان جو اوهان سان پڪو وعدو ۽ قول و قرار آهي ته هن ظالم قوم کي نيست و نابود ڪري، انهن جي جڳهه تي اوهان کي زمين تي آباد ڪيو ويندو. الله جو اهو وعدو قرآن حڪيم جي ڪيترن جاين تي ڪيو ويو آهي. (الاعراف: 137/7-128، الانبياء: 105/21، الصّٰفّٰت: 37 /171 كان 173، النّٰازعات: 79 /40-41) اهو الله جو وعدو انهن نيڪوڪار انسانن لاءِ آهي، جيڪي هميشه مون الله جي حضور ۾ مجرم طور پيش ٿيندا ۽ جن کي منهنجي عذاب کان بچڻ لاءِ تقويٰ جو رستو ختيار ڪندا، جنهن جو مثال پاڻ ڪريمن جو ڪافرن ۽ مشرڪن جي ظلم و يادتي سبب مڪه مڪرمه کان مدينه منوره، مجبورًا هجرت ڪرڻي پئي، پر پوءِ چند سالن ۾ فتح مڪه جي بشارت ملي ۽ الله جو وعدو پورو ٿيو.

"اِسْتَفْتَحُوْا" انهن فيصلو طلب ڪيو، هت "اِسْتَفْتَحُوْا" جو فاعل ظالم مشرڪ ڪافر ٻه ٿي سگهن ٿا. يعني انهن الله تعالىٰ کي عرض ڪيو ته جيڪڏهن هي رسول خَاتَمُ النَّبِيِّيْنَ ﷺ سچو آهي ته پوءِ الله اسان کي پنهنجي عذاب سان هلاڪ ڪرڻ جو فيصلو ڏئي. جهڙي طرح مڪي جا مشرڪ چوندا هئا ته اي الله! جيڪڏهن واقعي هي نبي (قرآن) سچ آهي ته پوءِ اسان کي سخت عذاب جي حوالي ڪر. اسان تي پٿرن جو مينهن وساءِ. (الانفال: 132/8) يا جهڙيءَ طرح جنگ بدر ۾ مشرڪن اها آروز ڪئي هئي. (الانفال: 19/8) پر جيڪڏهن "اِسْتَفْتَحُوْا" جو فاعل حضور خَاتَمُ النَّبِيِّيْنَ ﷺ جن جي ذات گرامي آهي يا رسول سڏورا آهن جن الله کان ڪافرن خلاف فيصلي جي درخواست رب العالمين جي بارگاهه ۾ پيش ڪئي، جنهن جي نتيجي ۾ هر سرڪش ضدي ظالم نامراد ٿي ويو. سندس انهيءَ بربادي ۽ تباهي جي نتيجي ۾ دنيا سان گڏ آخرت ۾ عذاب واري هوندي، جتي دنيا جي ذڪر ڪيل عذابن کان علاوه جهنم جو عذاب ۾ انهن لاءِ تيار هوندو. انهن کي رت ۽ پونءَ وارو گندو عليظ پاڻي پيئڻ لاءِ ڏنو ويندو، جنهن جو مشڪل سان هڪ هڪ ڏڪ پريندا پيئندا پر اهو ۾ سندن گلي ۾ اٽڪي پوندو ۽ نڙيءَ کان هيٺ نه

وجي سگهندو. هو انهيءَ ڪشمڪش ۾ رهندا. هنن کي هر طرف موت اچي گهيريندو ۽ جنهن طرف ڏسندا تہ موت ئي موت نظر ايندو، پر هو خواهش رکندي بہ مري ڪونہ سگهندو. اهڙي خوفناڪ منظر ۾ رهڻ کان اڳتي نهايت درد ناڪ عذاب جو منهن ڏسڻو پوندو.(سوره محمد: 8/47) سوره طٰهٰ 74/20 ۾ ان جي ڪيفيت جو اثر هنن لفظن ۾ آهي: "لَا يَمُوْتُ فِيْهَا وَلَا يَحْيٰى" جهنم ۾ موت تہ ڪونہ ايندو پر دائمي عذاب ۾ مبتلا رهندو. هي اهڙو جان ليوا درد ناڪ عذاب هوندو، جنهن جو سوچڻ بہ مشڪل هوندو. اهو عذاب رڳو انهن ماڻهن لاءِ نہ هوندو، ليڪن جيڪو بہ ماڻهو خدا جي احڪامن جو انڪار ڪري، غلط رستن جو انتخاب ڪندو، اهو ڪٿي بہ هجي ۽ ڪهڙي زماني ۾ هجي تہ انهن جي بداعمال جو مثال اهڙو ئي آهي، جيئن ڪنهن راڪ تي زور سان طوفاني آندي وارو ڏينهن اچي تہ اها ساري راڪ ڪٿي جو ڪٿي اڏامي وڃي ۽ زمين تي ان جو ذرا پر وجود نظر نہ اچي. اهڙيءَ طرح هنن ڪافرن جا اعمال بہ نوس نتيجا مرتب ڪو نہ ٿا ڪن، بلڪ رائگان ٿي وڃن ٿا. الله وٽ ڪنهن بہ عمل جي مقبول هجڻ لاءِ ايمان جو هجڻ ضروري آهي. ان ڪري ڪافرن جا ڪيترا بہ عمل هجن، انهن جي الله وٽ ڪا حيثيت ۽ وقعت نہ آهي. جنهن جا مثال بار بار آيا آهن. (النور: 39) ڪافرن جي اعمال کي سراب سان تشبيهہ ڏني وئي. سورة الفرقان 23 ۾ ڪافرن جي اعمال کي "هَبَآءً مَّنْثُوْرًا" هباءُ معنىٰ هوا ۾ اڏامندڙ ذرڙا. اهڙي طرح سورة البقره: 2 ۾ "لَنْ تَنَالُوا الْبِرَّ" لن ۾ "اَلْبِرَّ" جي تعريف ڪئي وئي آهي، جنهن ۾ الله وٽ مقبول هجڻ جو معيار ٻڌايو ويو آهي تہ متقي ۽ صديق جو ڪهڙو مقام آهي. هنن جي اعمال جو ڪو نفعو حاصل ڪري نہ سگهندا ۽ انهن جي عمر ۾ جي ساري ڪمائي نهايت پرانهين درجي جي گمراهي آهي، ان ڪري سندن خيراتي ۽ ٻلائي جا سارا ڪم، رفاهي ڪارناما، اڏيل اسپتالون ۽ ڪاليج رڳو دنيا ۾ سندن تعريف جو سامان هوندا، پر آخرت ۾ اهي سڀ راڪ جو ڍير هوندا.

غور ڪرڻ جي اها ڳالهہ آهي تہ انسان جي دنيا ۾ ڪيل ناڪام ۽ بي نتيجا ڪوششن جو ڪهڙو نہ برو مثال آهي. انسان تہ سمجهي ٿو تہ دنيا ۾ هن جي شهرت ٿي رهي آهي، ڪيس تمغا ۽ انعام ملي رهيا آهن، پر انهن سيني جي آخرت ۾ ذرا قيمت نہ آهي، ڇو تہ هن جي زندگيءَ جو نقشو اخروي نتائج واري ڪائناتي نقشي جي بلڪل

برخلاف آهي. ڪائناتي نظام ۾ هر شيءِ تعميري نتيجا ڏيڻ ٿي، پر جنهن عمل ۾ صلاحيت نٿي رهي، اهو ختم ٿي وڃي ٿو. ايمان، عمل جي صلاحيت کي برقرار رکي ٿو ۽ ايمان کان انڪار عمل جي صلاحيت کي نيست ۽ نابود ڪري ڇڏي ٿو. ڇا توهان نٿا ڏسو ته هن زمين ۽ آسمان جو ڪارخانو حق ۽ سچائي جي بنياد تي قائم ٿيو آهي، اهو باطل يا بي مقصد نہ آهي، اهو هڪ محڪم ۽ مضبوط نظام ماتحت هلي رهيو آهي ۽ نتائج ڏئي رهيو آهي. پر جن ڪمن کي پائداري نصيب ناهي، اهي پنهنجو وجود قائم رکي نٿا سگهن. جهڙي طرح پاڻيءَ تي نقش يا ريت تي عمارت ناهڻ کي جڏاءُ ناهي، اهڙيءَ طرح باطل خيالن جو ڪو بہ عمل ثمر آور ناهي. جيڪو ماڻهو بہ خدا کان سواءِ ڪنهن ٻئي جي خدائيءَ جو دعويدار هوندو ته ان جو پورو عمل ضايع ٿي ويندو. نتيجہ خيز رڳو اهو عمل هوندو، جيڪو حق ۽ سچائي تي بنياد تي ڪيل هوندو. ان ڪري زندگيءَ ۾ مليل مهلت جي هڪ هڪ سيڪنڊ کي غنيمت سمجهي پنهنجي باطل نظام ۽ عقيدي جي ناپائداريءَ کي ڄاڻندي، ان کي مضبوط بنيادن (ايمان) تي پائيدار ۽ "والباقيات الصَّالحٰت" جي مظهر ڪريو. الله جي لاءِ ڪو بہ ڪم مشڪل ناهي. هو گهري ٿو تہ باطل کي تهس نهس ڪري ڇڏي. هو گهري ٿو تہ سيني کي ايمان جي نعمت سان نوازي، پر هن جو قانون انسان کي ارادي ۽ اختيار جي اجازت ڏئي آخر وقت تائين ڪيس مهلت ڏئي ٿو ۽ ان بعد ڪافر جي هر عمل کي نيست و نابود ۽ مؤمن جي عمل کي جزا ۽ سزا جي عمل مان گذاري ٿو ۽ ان مطابق جزا ۽ سزا ڏئي ٿو. (النساء: 133/4-24، المائده: 54/5، الاعراف: 146/7، التوبه: 39/9، فاطر: 17/35-15، محمد: 38/47)

قيامت واري ڏينهن سڀ الله جي آڏو بي نقاب پڌرا ٿي پوندا. هر هڪ کي پنهنجي پنهنجي عمل جي ڄاڻ هوندي ۽ سڀ الله جي گرفت کان ڪنبي رهيا هوندا. هو پاڻ کي احڪم الحاڪمين ۽ مالڪ يوم الدين جي آڏو هڪ جوابدار جي حيثيت ۾ حاضر هوندا. سندن اعمال کان الله تہ پوري طرح باخبر هوندو پر ان وقت هو پاڻ بہ پنهنجن عملن کي ڏسي پسي رهيا هوندا. "فَمَنْ يَّعْمَلْ مِثْقَالَ ذَرَّةٍ خَيْرًا يَّرَهٗ ○ وَمَنْ يَّعْمَلْ مِثْقَالَ ذَرَّةٍ شَرًّا يَّرَهٗ" (الزلزال: 8/99-7، القارعة: 6/101-11، الهُمَزَه: 8/104، البلد: 20/90-19، الليل: 5/92 کان 11) هيءَ تنبيه ۽ ياددهاني آهي، انهن ماڻهن لاءِ جيڪي انڌي تقليد ۾ يا

حڪمرانن جي خواهش مطابق هلڻ "اَلنَّاسُ عَلٰى دِيْنِ مُلُوْكِهِمْ" وارن ماڻهن ۾ شامل آهن. ان ڪري ڪمزور ماڻهو (يعني عوام) پنهنجن انهن ليڊرن کي چوندا جن جي پٺيان دنيا ۾ سندن پيروي ڪندي هلندا هئا تہ اسان اوهان جي پيرويءَ ۾ هوندا هئاسون تہ اڄ اوهان اهو ڪجهہ ڪريو، جو هن تباهيءَ کان بچڻ جي اسان جي ڪجهہ واهر ڪري سگهو. هو جواب ڏيندا تہ جيڪڏهن اڄ اسان پاڻ کي بچائي سگهون ها تہ توهان جي بچاءَ جو بہ ڪجهہ ڪريون ها. پر هاڻي اها حالت آهي جو اسان کي پنهنجي بچاءَ جي بہ ڪا صورت نظر نٿي اچي. اسان آهہ و فغان ڪريون يا چيخ و پڪار ڪريون ۽ صبر ڪري سڀ برداشت ڪريون، اهي ٻئي عمل اسان لاءِ برابر آهن ۽ ان مان اسان کي بچڻ جي ڪا اميد ناهي.(الاعراف: 7/39-38، الاحزاب: 33/64 كان 68، سبا: 34/32، الصّٰفّٰت: 37/29-27، صٓ: 38/60، المؤمن: 40/47)

وَ قَالَ الشَّيْطٰنُ لَمَّا قُضِيَ الْاَمْرُ اِنَّ اللّٰهَ وَعَدَكُمْ وَعْدَ الْحَقِّ وَ وَعَدْتُّكُمْ فَاَخْلَفْتُكُمْ ؕ وَ مَا كَانَ لِيَ عَلَيْكُمْ مِّنْ سُلْطٰنٍ اِلَّاۤ اَنْ دَعَوْتُكُمْ فَاسْتَجَبْتُمْ لِيْ ۚ فَلَا تَلُوْمُوْنِيْ وَ لُوْمُوْۤا اَنْفُسَكُمْ ؕ مَاۤ اَنَا بِمُصْرِخِكُمْ وَ مَاۤ اَنْتُمْ بِمُصْرِخِيَّ ؕ اِنِّيْ كَفَرْتُ بِمَاۤ اَشْرَكْتُمُوْنِ مِنْ قَبْلُ ؕ اِنَّ الظّٰلِمِيْنَ لَهُمْ عَذَابٌ اَلِيْمٌ ﴿۲۲﴾ وَ اُدْخِلَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَ عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ جَنّٰتٍ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا بِاِذْنِ رَبِّهِمْ ؕ تَحِيَّتُهُمْ فِيْهَا سَلٰمٌ ﴿۲۳﴾ اَلَمْ تَرَ كَيْفَ ضَرَبَ اللّٰهُ مَثَلًا كَلِمَةً طَيِّبَةً كَشَجَرَةٍ طَيِّبَةٍ اَصْلُهَا ثَابِتٌ وَّ فَرْعُهَا فِي السَّمَآءِ ﴿۲۴﴾ تُؤْتِيْۤ اُكُلَهَا كُلَّ

حِيْنٍۭ بِاِذْنِ رَبِّهَا ؕ وَيَضْرِبُ اللّٰهُ الْاَمْثَالَ لِلنَّاسِ لَعَلَّهُمْ
يَتَذَكَّرُوْنَ ﴿۲۵﴾ وَ مَثَلُ كَلِمَةٍ خَبِيْثَةٍ كَشَجَرَةٍ خَبِيْثَةِ ِۨاجْتُثَّتْ مِنْ
فَوْقِ الْاَرْضِ مَا لَهَا مِنْ قَرَارٍ ﴿۲۶﴾ يُثَبِّتُ اللّٰهُ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا بِالْقَوْلِ
الثَّابِتِ فِى الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا وَ فِى الْاٰخِرَةِ ۚ وَيُضِلُّ اللّٰهُ الظّٰلِمِيْنَ ۙ۬ وَ يَفْعَلُ
اللّٰهُ مَا يَشَآءُ ﴿۲۷﴾ ع ۴ ۱۶

جڏهن فيصلو ٿي ويندو تہ شيطان چوندو تہ سچ اهو هيو، جيڪو الله اوهان سان وعدو ڪيو هو، مون جيڪو اوهان سان وعدو ڪيو هو، ان جي انحرافي ڪئي. منهنجو (دنيا ۾) اوهان تي ڪو زور نہ هيو، سواءِ هن جي تہ مون اوهان کي دعوت ڏني ۽ توهان اها دعوت قبول ڪري ورتي. هاڻي توهان مون کي ملامت نہ ڪريو، پر پاڻ کي ملامت ڪريو. (اڄ) نہ مان اوهان جي فرياد رسي ڪري سگهان ٿو ۽ نہ وري توهان منهنجي فرياد رسي ڪري سگهو ٿا. هن کان اڳ جيڪو توهان مون کي الله جو شريڪ ڪندا رهيا آهيو، ان جو مان (هر الزام کان) انڪار ڪيان ٿو. يقيناً ظالمن لاءِ دردناڪ عذاب آهي.(22) هنن بدنصيب ماڻهن جي برعڪس جن ماڻهن ايمان آندو، نيڪ عمل ڪيا، انهن کي اهڙن باغن ۾ داخل ڪيو ويندو، جن جي دامن ۾ نهرون وهي رهيون هونديون. هو الله جي اذن سان اتي هميشہ رهندا. انهن جو خيرمقدم دعائيہ ڪلمي سلام سان ڪيو ويندو.(23) (اهو هنن جو علم و عمل جو بنياد ڪلمه طيبه هوندو) ڇا تو نہ ڏٺو آهي تہ الله ڪلمه طيبه جو ڪهڙو مثال ڏنو آهي، پاڪيزه گفتگو ان پاڪيزه درخت وانگر آهي، جنهن جي پاڙ مضبوط آهي ۽ ان جون ٽاريون

آسمان ۾ آهن. (24) ۽ اهو درخت رب پاڪ جي حڪم سان هر وقت ميوا اپائي رهيو آهي. الله ماڻهن لاءِ مثال پيش ڪري ٿو تہ جيئن هو نصيحت حاصل ڪري سگهن.(25) ۽ ناپاڪ گفتگو (ڳالهہ) جو مثال ان ناپاڪ وڻ وانگر آهي، جنهن جي پاڙ زمين جي مٿاڇري تي آهي (ثابت ناهي) جنهن کي ڪا پختگي ناهي.(26) ايمان وارن کي الله انهيءَ محڪم ڳالهہ جي ڪري دنيا ۽ آخرت جي زندگي ۾ اثبات (مضبوطي) عطا ڪرڻ فرمائي ٿو ۽ ظالمن کي الله گمراهي طرف وڃڻ ڏيندو ۽ الله جو ڪجهہ ڪرڻ گهري ٿو. اهو ڪري ٿو.(27)

جڏهن نيڪوڪارن ۽ بدڪارن بابت فيصلو اختتام پذير ٿيندو ۽ ايمان وارا ماڻهو جنت ۾ ۽ ڪفر ۽ شرڪ وارا ماڻهو جهنم ۾ داخل ڪيا ويندا تہ ان کان پوءِ شيطان جهنم وارن کي مخاطب ٿي چوندو تہ الله جيڪي وعدا پنهنجي پيغمبرن کي ڪرايا هئا تہ نجات منهنجي پيغمبرن تي ايمان آڻڻ ۾ آهي، اهي وعدا سچا وعدا هئا، ان جي مقابلي ۾ مون جيڪي اوهان سان وعدا ڪيا هئا، اهي ڏوڪا ۽ فريب هئا. جن جي مون خلاف ورزي ڪئي چو تہ منهنجا وعدا ڪوڙا ۽ ڏوڪو هئا. "يَعِدُهُمْ وَيُمَنِّيهِمْ ۚ وَمَا يَعِدُهُمُ الشَّيْطَٰنُ إِلَّا غُرُورًا" (النساء: 120/4) شيطان هن سان وعدا ڪري ٿو ۽ آرزو ۽ اميدون ڏياري ٿو، پر شيطان ۽ هن جا اهي سمورا وعدا ڏوڪو آهن. اوهان پيغمبرن جي حق ۽ سچ وارن وعدن کي پس پشت ڪري سندن جن وعدن کي لبيڪ چئي انهن تي عمل ڪيو، حالانڪہ اوهان کي اختيار ۽ ارادي جي پوري طرح آزادي هئي. عقل و شعور بہ عطا ٿيل هو ۽ ڪائنات جو ذرو ذرو حق جي گواهي ڏئي رهيو هو، اسان جو توهان تي ڪو زور نہ هيو ۽ نہ وري اوهان مجبور هئا. اوهان پنهنجي رضا خوشي سان منهنجن مشورن ۽ وعدن تي عمل ڪيو، ان ڪري منهنجو ڪو قصور ناهي، اوهان پنهنجي غلطين جي ملامت اسان تي نہ مڙهيو. اڄ نہ مان اوهان جي ڪا فرياد رسي ڪري سگهان ٿو ۽ نہ ڪنهن طور مدد ڪري سگهان ٿو ۽ نہ وري اوهان منهنجي داد رسي ڪري سگهو ٿا. اڄ ٻئي مجبور آهيون. هن کان اڳ جو توهان مون کي الله جو شريڪ بنائيندا رهيا آهيو، اهو سارو ڪوڙ

هيو، جنهن کان مان اڄ انڪار ڪريان ٿو. مون ۾ ڪا اهڙي خاصيت نہ هئي جو اوهان مون کي الله جي قانون ۽ حڪمن ۾ برابر جو شريڪ سمجهي منهنجي اطاعت ڪريو. شرڪ انتهائي درجي جو ظلم آهي. "اِنَّ الشِّرْكَ لَظُلْمٌ عَظِيْمٌ" (لقمان: 13/31) يقيناً ظالمن لاءِ دردناڪ عذاب آهي. الله شرڪ کانسواءِ ٻيا گناهہ بخش ڪري سگهي ٿو، پر شرڪ جي گناهہ جي بخشش نہ آهي.

هنن جي برعڪس اهي ماڻهو آهن، جن دل جي سچائين سان ايمان آندو آهي ۽ قانون خداوندي ماتحت زندگي گذاري نيڪ عمل ڪيا آهن، انهن کي سدا بهار شاداب باغن، ڪاميابين واري جنت ۾ داخل ڪيو ويندو، جنهن جي بهارن کي ڪڏهن بہ خزان اچڻ واري نہ هوندي ۽ اهو سڀ ڪجهہ خدا جي اذن يعني ان جي فرمانبرداريءَ جي نتيجي ۾ هوندو. هن کان اڳ واري آيت ۾ اهل ڪفر ۽ اهل شقاوت جو ذڪر هيو، هن آيت ۾ اهل ايمان ۽ اهل سعادت جو ذڪر آهي. انهن جو گڏ بيان ان ڪري ڪيو ويو آهي تہ جيئن ماڻهن جي اندر مؤمنن وارو ڪردار حاصل ڪرڻ جو شوق ۽ رغبت پيدا ٿئي ۽ اهل شقاوت جي انجام جو ٻڌي، ان کان بچڻ جي ڪوشش ڪجي. جنتي اهل ايمان جو پاڻ ۾ هڪ ٻئي کي سلام يعني سلامتي جو تحفو هوندو ۽ فرشتا بہ روزانا جنت ۾ داخل ٿي کين سلام پيش ڪندا. جيڪي اهل ايمان ۽ اصحاب سعادت جنت ۾ خدا جي نعمتن ۽ نوازشن سان مالا مال ٿي رهيا آهن، اهي قولِ حق ۽ صالح عقيدي يعني ڪلمه طيبه، پاڪيزه گفتگو جا نمايان ڪردار آهن. ڪلمه طبيه يعني پاڪيزه گفتگو، توحيد خداوندي جو اقرار انبياء ڪرام جي اطاعت ۽ فرمانبرداريءَ جو اظهار آهي. ڪتب آسماني ۽ آخرت جو يقين آهي. اهڙي پاڪيزه زندگيءَ کي پاڪيزه گفتگو يا ڪلمه طيبه سان تعبير ڪيو ويو آهي. اها پاڪيزه زندگي هڪ اهڙي درخت جي مثال آهي، جنهن جون پاڙون زمين ۾ مضبوط ۽ مستحڪم آهن ۽ ان جا ڏار ۽ شاخون آسمان تي پهتل آهن. حديث شريف ۾ جنهن درخت جو مثال ڏنو ويو آهي، اهو ڪجيءَ جو درخت آهي، جيڪو نهايت مضبوط ۽ مستحڪم هوندو آهي. هوا طوفان غبار ۾ صحيح سلامت رهندو آهي. "مَثَلُ الْمُؤْمِنِ كَمَثَلِ النَّخْلَةِ" (صحيح بخاري) معلوم ٿيو تہ پاڪيزه عقيدي ۽ عمل صالح وارو ماڻهو هميشہ محفوظ ۽ مستحڪم آهي. هن کي ماحول جون گمراهيون، غلطيون بي

راهه رويءَ تي نڪيون آڻي سگهن، هو ڪجيءَ جي مضبوط وڻ وانگر مضبوط ۽ مستحڪم آهي، جيڪو هر وقت ڦل (ميووا) ڏيندو رهي ٿو، جنهن مان ماڻهو هر وقت فائدو حاصل ڪندا رهن ٿا. اهڙيءَ طرح صالح ماڻهو جو وجود سراپا هدايت آهي.

صحبت صالح ترا صالح کند
صحبت طالح ترا طالح کند

(شيخ سعدي رحمه الله)

اهڙي طرح نيڪ ماڻهو دعوت خير ۽ اصلاح ڪجهه ماڻهن جي تربيت ڪري ٿو ۽ اهو سلسلو هلندو رهي ٿو. جنهن مان ماڻهو فيضياب ٿيندا رهن ٿا. "مَنْ سَنَّ فِي الْاِسْلَامِ سُنَّةً حَسَنَةً فَلَهٗ اَجْرُهَا وَ اَجْرُ مَنْ عَمِلَ بِهَا بَعْدَهٗ مِنْ غَيْرِ اَنْ يُّنْقَصَ مِنْ اُجُوْرِهِمْ شَيْءٌ وَمَنْ سَنَّ فِي الْاِسْلَامِ سُنَّةً سَيِّئَةً كَانَ عَلَيْهِ وِزْرُهَا وَ وِزْرُ مَنْ عَمِلَ بِهَا مِنْ بَعْدِهٖ مِنْ غَيْرِ اَنْ يُّنْقَصَ مِنْ اَوْزَارِهِمْ شَيْءٌ" (صحيح مسلم) جنهن ماڻهو اسلام ۾ نيڪيءَ جي ڪم جو آغاز ڪيو تہ ان ڪم جو ان کي بہ اجر هوندو ۽ ان کي بہ جو بعد ۾ ان تي عمل ڪندو، پر هن جي اجر مان ڪجهه گهٽايو نہ ويندو، پر جيڪڏهن ڪنهن شخص بري ڪم جو آغاز ڪيو تہ ان جو ان کي گناهہ بہ ملندو ۽ جيڪو بہ ان تي عمل ڪندو ان جو بار بہ ان تي وڌو ويندو، پر هن جي گناهہ ۾ ڪا ڪمي نہ ٿيندي. ڪلمه توحيد جو مثال هڪ اهڙي درخت سان ڏنو ويو آهي، جنهن جون پاڙون انساني فطرت جي اندر مضبوط ڪتل آهن ۽ الله وٽ بہ سپ ڪان وڌيڪ قدر قيمت رکڻ واري آهي. گويا زمين ۽ آسمان ۾ جيڪو مقام ان کي حاصل آهي، ٻئي ڪنهن شيءِ کي حاصل ناهي. انسان جي اندر مان فطري طور ان کي قوت ملندي رهي ٿي ۽ مٿان بہ رحمت جو نزول برابر رهي ٿو. هن جون برڪتون ابدي ۽ دائمي آهن. هن جو فيض هميشہ جاري رهي ٿو، جنهن سان سيني ۾ نور رهي ٿو. ڪلمه طيبه يعني پاڪيزه گفتگو يا نيڪ عمل جي برعڪس "كلمة خبيثة" جو ذڪر آهي، جيڪو هر غلط ۽ حقيقت جي برخلاف اظهار خيال يا عمل جو نالو آهي، جنهن مان هت مراد باطل عقيدو ۽ غلط راهہ روي آهي، جنهن کي انسان پنهنجي زندگيءَ جو بنياد بنائي، ان تي عمل پيرا ٿئي ٿو، چو تہ عقيده غلط آهي ۽ عمل ناجائز آهي، ان ڪري اهو قرار ۽ ثبوت پڪڙي نٿو

سگهي، جهڙي طرح هڪ خراب وڻ جنهن جي پاڙ زمين جي مٽاڻري تي هجي، طوفان ۽ جهولي ۾ ثابت رهي نه سگهي ۽ زمين بوس ٿي وڃي ۽ نه زمين تي قرار پڪڙي سگهي ۽ نه ان جون شاخون ڪنهن طرف پکڙجي سگهن ٿيون، گويا هڪ بي ثمر ول آهي، جنهن کي شرڪ سان تشبيه ڏني وئي آهي، جو نه عقل ۽ فطرت ۾ درست آهي ۽ نه وري وحي الاهي جي ان تي ڪا تائيد آهي. بي فيض بي فائده ۽ دنيا ۽ آخرت ۾ نقصان ڏيندڙ آهي. دنيا ۾ پريشان آخرت ۾ حيراني هوندي.

وينِي جنين وٽ ڏکندو ڏور ٿئي
سا مجلس ئي مٽ جي حاصل هوءَ هزار جو.

———— * * * ————

وينِي جنين وٽ ڏکندو ڏور ٿئي
تن تنهين سين ڪٽ اوڏا اڏي پکڙا

(شاهه لطيف رحمه الله: سر ڪنيات)

الله تعالىٰ ايمان وارن کي قول ثابت جي ذريعي ثبات ۽ قرار عطا ڪندو آهي. دنيا توڙي آخرت ۾ سندن اعمال کين خدا جي نعمتن سان فيضياب ڪندا رهن ٿا. ايمان رکڻ وارو شخص پنهنجي ڪردار ۽ نظريات سبب مضبوط ۽ مستحڪم هوندو آهي. هن جي صلاحيتن کي الله طرفان استقامت ملي ٿي ۽ آخرت ۾ به اهي خوشگوار زندگيءَ جا مزا ماڻن ٿا. سيرت ۽ ڪردار جي مضبوط ۽ اخلاق و ڪردار جي استقامت نصيب ٿئي ٿي. هن جو قلب ۽ دماغ اطمينان ۾ هجن ٿا. هو غلط عقيدي ۽ غلط عمل وارين نوڪرن ۽ گمراهين کان بچيل رهي ٿو. هن جي برخلاف ڪافر جا حالات خلاف توقع پريشاني، بي قراري جي زد ۾ هوندا آهن. هن جو ذهن پريشان ۽ اعمال بي نتيجا هوندا آهن. هن جي ڪا به تدبير ڪيس سڪ جو ساهه نصيب نٿي ڪري. ظالم هميشه گمراهين جي اونداهين ۾ حيران ۽ پريشان رهي ٿو. الله جي مشيت جيڪي به نتيجا ظاهر ڪندي آهي اهي ئي برقرار رهندا آهن ۽ ظالمن جو ڪڏهن به ڪو عمل نتيجا خيز نه هوندو آهي ۽ هر ڪوشش ۽ ڪاوش رائگان ويندي آهي.

اَلَمۡ تَرَ اِلَى الَّذِيۡنَ بَدَّلُوۡا نِعۡمَتَ اللّٰهِ كُفۡرًا وَّ اَحَلُّوۡا قَوۡمَهُمۡ دَارَ
الۡبَوَارِ ﴿۲۸﴾ جَهَنَّمَ ۚ يَصۡلَوۡنَهَا ؕ وَ بِئۡسَ الۡقَرَارُ ﴿۲۹﴾ وَ جَعَلُوۡا لِلّٰهِ اَنۡدَادًا
لِّيُضِلُّوۡا عَنۡ سَبِيۡلِهٖ ؕ قُلۡ تَمَتَّعُوۡا فَاِنَّ مَصِيۡرَكُمۡ اِلَى النَّارِ ﴿۳۰﴾ قُلۡ
لِّعِبَادِىَ الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا يُقِيۡمُوا الصَّلٰوةَ وَ يُنۡفِقُوۡا مِمَّا رَزَقۡنٰهُمۡ سِرًّا وَّ
عَلَانِيَةً مِّنۡ قَبۡلِ اَنۡ يَّاۡتِىَ يَوۡمٌ لَّا بَيۡعٌ فِيۡهِ وَ لَا خِلٰلٌ ﴿۳۱﴾ اَللّٰهُ الَّذِىۡ
خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَ الۡاَرۡضَ وَ اَنۡزَلَ مِنَ السَّمَآءِ مَآءً فَاَخۡرَجَ بِهٖ مِنَ الثَّمَرٰتِ
رِزۡقًا لَّكُمۡ ۚ وَ سَخَّرَ لَكُمُ الۡفُلۡكَ لِتَجۡرِىَ فِى الۡبَحۡرِ بِاَمۡرِهٖ ۚ وَ سَخَّرَ لَكُمُ
الۡاَنۡهٰرَ ﴿۳۲﴾ وَ سَخَّرَ لَكُمُ الشَّمۡسَ وَ الۡقَمَرَ دَآئِبَيۡنِ ۚ وَ سَخَّرَ لَكُمُ الَّيۡلَ وَ
النَّهَارَ ﴿۳۳﴾ وَ اٰتٰىكُمۡ مِّنۡ كُلِّ مَا سَاَلۡتُمُوۡهُ ؕ وَ اِنۡ تَعُدُّوۡا نِعۡمَتَ اللّٰهِ لَا
تُحۡصُوۡهَا ؕ اِنَّ الۡاِنۡسَانَ لَظَلُوۡمٌ كَفَّارٌ ﴿۳۴﴾ ع ۵ ۱۷

چا تو انهن ماڻهن کي نہ ڏنو آهي، جن الله جي نعمت کي ڪفر ۾ تبديل ڪري
ڇڏيو ۽ انهن پوري قوم کي تباهي جي گهر (جهنم) پهچايو.(28) جيڪو
جهنم آهي، جنهن ۾ اڇلايا ويندا ۽ اهو برو ٺڪاڻو آهي.(29) هنن الله جا
شريڪ ٺاهيا آهن تہ جيئن ماڻهن کي هن راهہ کان گمراهہ ڪن. هنن کي چئو
تہ توهان (ڪجهہ وقت) مزا ڪريو، اوهان جو ٺڪاڻو آخرڪار دوزخ ئي آهي.
(30) اي پيغمبر ﷺ! تون منهنجي مؤمن ٻانهن کي چئو تہ نماز جو
اهتمام ڪن ۽ جو رزق اسان هنن کي عنايت ڪيو آهي، اهو ڪلم ڪلا ۽ مخفي

طور (الله جي راهه ۾) خرچ ڪندا رهن. ان کان اڳ جو اهو ڏينهن اچي وڃي، جنهن ۾ نه ڪا خريد و فروخت ڪري سگهبي ۽ نه ڪائي دوستي ڪم ايندي. (31) الله اهو آهي، جنهن آسمان ۽ زمين کي پيدا ڪرڻ فرمايو آهي. آسمان طرفان پاڻي (مينهن) لاٿو پوءِ هن اوهان جي روزيءَ لاءِ طرح طرح جا ميووا اپايا ۽ ٻيڙيءَ کي اوهان جي قبضي ۾ ڏنو ته جيئن الله جي قانون (اذن) مطابق سمنڊ ۾ هلندي رهي ۽ توهان آڏو دريائن کي مُسخّر ڪيو آهي.(32) ۽ هن سج ۽ چنڊ کي پنهنجي مدار ۾ گردش ۾ رکيو ۽ رات ڏينهن جي نظام کي توهان جي تابع ڪري ڇڏيائين.(33) توهان کي اها هر شيءِ عنايت ڪئي جيڪا اوهان هن کان گهر ڪئي، جيڪڏهن توهان الله جون نعمتون شمار ڪرڻ لڳو ته پوري طرح شمار ڪري ڪو نه سگهندؤ، انسان وڏو ظالم ۽ وڏو ناشڪرو آهي.(34)

هن تعجب ۽ ملامت واري مليل جليل خطاب جا مخاطب قريش جا مشرڪ ۽ اڳواڻ آهن، جيڪي پنهنجي قوم کي ڪفر ۽ شرڪ جي آڙاهه ڏانهن ڏکيلي آيا آهن، حضرت ابراهيم عليه السلام جي بين الاقوامي نوع انسان جي هديت واري مرڪز ڪعبة الله جا پاسبان آهن، الله تعالىٰ حضرت محمد مصطفىٰ خاتم النبيين صلى الله عليه وسلم کي رحمة للعالمين جهڙي نعمت الاهي بنائي هنن درميان هدايت ۽ رهبريءَ لاءِ موڪليو. ڪعبة الله جا خدمت گار هجڻ سبب کين عزت ۽ وقار سان رکيو. مٿن نعمتن جي برسات وسندي رهي، پر هنن الله جي نعمتن جو شڪر ادا ڪرڻ بدران ان جو ڪفر ۽ انڪار ڪيو. رڳو پاڻ کي گمراهه ڪونه ڪيائون، پر ساري قوم کي هلاڪت ۽ تباهي جي کڏ ۾ اڇلائي ڇڏيو آهي. حالانڪ هنن کي ته خدا جي انعامن ۽ عنايتن جو شڪر ادا ڪرڻ گهرجي ها، پر هنن هلاڪت جي راهه اختيار ڪئي. الله ته هنن کي پنهنجي نعمتن سان نوازيو هيو. عقل ۽ شعور استعمال ڪري ان مان فائدو حاصل ڪرڻ ۽ حق جي راهه اختيار ڪرڻ بدران، الله

جي رسول خَاتَمُ النَّبِيِّين ﷺ جي ناقدري ڪري، ڪتاب الله کان منهن موڙي، بيت الله کي بتن سان سينگاري، ڪفران نعمت ڪري، پاڻ کي پاڻ خدا جي نعمتن کان محروم ڪيو. يعني پاڻ سان گڏ هن پوري قوم کي تباهي ۽ بربادي جي جهنم ۾ وجهي ڇڏيو، جنهن هنڌ تي هن پوري قوم جي قافلي جي اڳواڻي ڪندي پوري قافلي کي جهنم ڀيڙو ڪري ڇڏيو. هنن مشرڪن جو اهو حال آهي جو الله کي ته مڃين ٿا، پر ان جي حڪمن ۽ هدايتن جي برخلاف هو پنهنجن ديوين ديوتائن، سردارن ۽ مذهبي پيشوائن ڏانهن منسوب ڪيل حڪمن کي خدا جي حڪمن تي ترجيح ڏين ٿا. اهڙي طرح هو الله جي مقابلي ۾ هنن نقلي معبودن کي مڃي، خدا جو شريڪ بنائن ٿا ۽ پنهنجن انهن غلط عقيدن سان ٻين کي به الله جي سڌي رستي تي اچڻ کان گمراهه ڪن ٿا. هنن کي چئو ته الله جي طرفان اوهان کي مهلت جو وقت مليل آهي، ان ۾ پنهنجي غلط بيانيءَ جو فائدو حاصل ڪري ونو، جڏهن مهلت جو وقت ختم ٿيندو ته مڪافات عمل جي نتيجي ۾ هنن کي دوزخ ۾ اڇٽو آهي، جتي هنن کي دوزخ جي باهه ۾ ٽڇڪٽو پوندو.

منهنجا ٻانها جيڪي منهنجي قوانين جا پابند آهن ۽ انهن جي صداقت تي پورو پورو يقين رکن ٿا، هنن کي تسلي ڏيو ته هو نه گهٻرائن ته باطل جو نظام هر طرف ڪارفرما آهي ۽ ان مان ڪهڙيءَ طرح جان آزاد ڪرائي سگهبي. ان لاءِ مؤمنن کي پنهنجي الله سان مضبوط رابطو قائم رکڻ گهرجي ۽ معاشري جي فلاح و بهبود ۽ رياست اسلامي جي ضروريات کي پورو ڪرڻ لاءِ مالي قرباني ڏيڻ گهرجي، ان لاءِ الله پنهنجي مؤمن ٻانهن لاءِ پاڻ ڪريمن خَاتَمُ النَّبِيِّين ﷺ جي وساطت سان فرمائي ٿو ته منهنجي ٻانهن کي چئو ته هو اقامتِ صلواة کي پوري خشوع ۽ خضوع سان وقت اندر باجماعت ادا ڪن، جنهن سان هنن جي ايمان ۽ اعتقاد ۾ پختگي ايندي ۽ ڪردار ۾ بلندي پيدا ٿيندي ۽ الله جي راهه ۾ پنهنجي مال مان خرچ ڪري زڪواة ڏئي، اسلامي رياست جي استحڪام ۽ مضبوطيءَ ۾ حصو ونن ۽ معاشري جي حقدار ٻائرن جي بهبود ۽ ڀلائيءَ لاءِ ڪلم ڪلا ۽ مخفي طور خرچ ڪن. اهڙي طرح سان هو الله جا شڪر گذار ٻانها ٿي ويندا ۽ الله جي توفيق ۽ مدد جا مستحق ٿي دين حق کي تمام دينن، ريتن، رسمن ۽ عقيدن کان پاڪ ڪندا. هن ۾ سستي نه هڻڻ گهرجي. هي ان ڏينهن کان اڳ ڪجي جڏهن نه پئسي

جي ڏيتي ليتي ڪر ايندي ۽ نہ وري ڪا دوستيءَ مدد لاءِ ايندي. هن دنيا ۾ بہ سست، ڪاهل ۽ غافل قوم جو اهڙو حشر ٿيڻو آهي ۽ آخرت ۾ بہ انهن کي خدا جي نعمتن جي ناشڪريءَ ۾ سخت عذاب ڏسڻو پوندو. هن ڏينهن جي حوالي طور ڏسو البقره: 13/2-48، طٰـهٰ: 109/20، المعارج: 8/70 کان 17.

هي اهو بااختيار ۽ صاحبِ اقتدار الله آهي، جنهن آسمانن ۽ زمين کي پيدا ڪيو آهي، جنهن جي قدرت ۽ قوت جي قبضي ۾ پوري ڪائنات جو نظام هلي رهيو آهي. آسمان کي چند، تارن ۽ سج سان سينگاريو آهي ۽ آسمان طرفان بادل ناهي، ان مان برسات وسائي ٿو، جنهن سان ويران ۽ غير آباد زمين سرسبز ۽ شاداب ٿي وڃي ٿي، باغن ۾ بهار اچي ٿي، ميوا ۽ ڦل رزق طور پيدا ڪري ٿو، جنهن جي ڪري هر ذي جان پنهنجو پنهنجو رزق حاصل ڪري ٿو. (هود: 6/11، العنڪبوت: 60/29-17) هو دريائن جي موجن ۽ لهرن ۾ ٻيڙيءَ کي اوهان جي قبضي ۾ رکي ٿو تہ جيئن هو الله جي امر ٿيل قانون مطابق صحيح سلامت هلندي رهي، جنهن سان ماڻهو دريا پار ڪري وٽج واپار، صنعت تجارت کي ترقي ڏئي، سمنڊ ۽ دريائن مان "لَحۡمًا طَرِيًّا" يعني مڇي ۽ ٻيا نفعا حاصل ڪري، هن بي ڪنار بحر ۽ سمنڊ بہ توهان جي تسلط ۾ ڏئي ڇڏيا آهن، جن تي اوهان جي حڪمراني هلي ٿي. افسوس آهي تہ اهڙي منعم ۽ مهربان رب جي نعمتن ۽ احسانن جو انڪار ڪيو وڃي ٿو ۽ ان جي بندگي ۽ اطاعت کان منهن موڙيو وڃي ٿو، جنهن سان هٿ جا ناهيل گڏا گڏيون شريڪ ڪيا ٿا وجن، يعني الله جي حڪمن جي ابتڙ پنهنجن ريتن رسمن، روش ۽ انڌي تقليدن کي ترجيح ڏين ٿا ۽ هن جي تمام احسانن کي وساري وينا آهن. جنهن الله تعالىٰ نظام کي اوهان جي تسلط ۽ قبضي ۾ ڏنو آهي، جنهن سان اوهان بحرو بر ۾ پنهنجي قوت جو مظاهرو ڪيو ٿا ۽ ان جي وسيلن کي پنهنجن مفادن طور استعمال ڪيو ٿا، پر هن الله نظام شمسي يا فلڪي نظام کي بہ اهڙي طرح ڪشش جي نظام ۾ جڪڙي رکيو آهي جو هميشہ پنهنجي پنهنجي مدار ۾ گردش ۾ رهي ٿو. هي عقل ۽ هوش کي حيران ڪندڙ نظام هلائي ٿو، جيڪو پنهنجي پوري مقرر ڪيل اندازي تي قائم آهي ۽ هلي رهيو آهي، جنهن نظام جا زمين تي سڌا اثر پون ٿا. انهيءَ الله رات ۽ ڏينهن کي بہ اوهان جي ڪم ۾ آڻي قابو ڪيو آهي، رات سکون لاءِ ۽ ڏينهن ڪم ڪار

ڪرڻ لاءِ آهي، جنهن ۾ مختلف موسمن، سردي، گرمي، بهار ۽ سرءُ جو موسم مقرر ڪيو آهي. اهي سڀ عنايتون نوع انسان جي نفعي لاءِ پيدا ڪيون ويون آهن، جن کي انسان پنهنجي خداداد ذهانت، فطانت، علم وشعور جي ذريعي حاصل ڪري سگهي ٿو. الله اوهان جي ضرورت جون سڀ شيون پنهنجي ربوبيت ۽ رحيميت واري صفات سان پيدا ڪيون آهن، جن جي اوهان کي طلب ۽ ضرورت هئي، جنهن لاءِ اوهان هر وقت الله کان سندس فضل و ڪرم گهرندا رهيا آهيو، اهو مهيا ڪيو ويو آهي، جيڪو ڪجهه اوهان جي بقا ۽ ارتقاءَ لاءِ ضروري آهي. (الرحمٰن: 29/55) اهو اوهان کي بنا محنت جي ملي رهيو آهي، خدا پاران بي شمار نعمتون ۽ انعام ڏنا ويا آهن، جن کي اوهان شمار ڪرڻ گهرو ته شمار ڪري نٿا سگهو، چو ته هنن جي نعمتن جو ڪو حد حساب ڪونهي. جنهن وقت جنهن شيءِ جي ضرورت ٿي ته اها مهيا ڪئي وئي. هن کان اڳ گئس ۽ پيٽرول جي ضرورت نه هئي، پر جڏهن ضرورت پيش آئي ته ان جا خزانا ملي ويا. اهڙي طرح صنعت حرفت ٽيڪنالاجي، طب، انجنيئرنگ سڀ وقت معين تي موجود مليا ۽ ملندا رهندا. هنن تمام نعمتن جو انسان شمار ڪري ته ڪري نٿو سگهي. تنهنڪري هنن جو الله در شڪر گذار هئڻ گهرجي، پر انسان ارڏو، سرڪش، جاهل ۽ بي سمجهه ٿي، ناشڪريءَ جهڙي ظلم ۽ گناهه جو مرتڪب ٿئي ٿو. (النحل: 18/16، الكهف: 109/18، لقمان: 27/31)

وَ اِذْ قَالَ اِبْرٰهِيْمُ رَبِّ اجْعَلْ هٰذَا الْبَلَدَ اٰمِنًا وَّ اجْنُبْنِيْ وَ بَنِيَّ اَنْ نَّعْبُدَ الْاَصْنَامَ ﴿۳۵﴾ رَبِّ اِنَّهُنَّ اَضْلَلْنَ كَثِيْرًا مِّنَ النَّاسِ ۚ فَمَنْ تَبِعَنِيْ فَاِنَّهٗ مِنِّيْ ۚ وَ مَنْ عَصَانِيْ فَاِنَّكَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿۳۶﴾ رَبَّنَاۤ اِنِّيْۤ اَسْكَنْتُ مِنْ ذُرِّيَّتِيْ بِوَادٍ غَيْرِ ذِيْ زَرْعٍ عِنْدَ بَيْتِكَ الْمُحَرَّمِ ۙ رَبَّنَا لِيُقِيْمُوا الصَّلٰوةَ فَاجْعَلْ اَفْئِدَةً مِّنَ النَّاسِ تَهْوِيْۤ اِلَيْهِمْ وَ ارْزُقْهُمْ مِّنَ الثَّمَرٰتِ

لَعَلَّهُمْ يَشْكُرُوْنَ ﴿۳۷﴾ رَبَّنَآ اِنَّكَ تَعْلَمُ مَا نُخْفِيْ وَمَا نُعْلِنُ ؕ وَمَا يَخْفٰى
عَلَى اللّٰهِ مِنْ شَيْءٍ فِي الْاَرْضِ وَلَا فِي السَّمَآءِ ﴿۳۸﴾ اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِيْ وَهَبَ
لِيْ عَلَى الْكِبَرِ اِسْمٰعِيْلَ وَاِسْحٰقَ ؕ اِنَّ رَبِّيْ لَسَمِيْعُ الدُّعَآءِ ﴿۳۹﴾ رَبِّ
اجْعَلْنِيْ مُقِيْمَ الصَّلٰوةِ وَمِنْ ذُرِّيَّتِيْ ۖ رَبَّنَا وَتَقَبَّلْ دُعَآءِ ﴿۴۰﴾ رَبَّنَا اغْفِرْ
لِيْ وَلِوَالِدَيَّ وَلِلْمُؤْمِنِيْنَ يَوْمَ يَقُوْمُ الْحِسَابُ ﴿۴۱﴾ ع ۱۸

جڏهن ابراهيم عليه السلام دعا گهري تہ اي منهنجا پروردگار! هن شهر کي امن جو شهر ڪر. مون کي ۽ منهنجي اولاد کي هن کان پري رک تہ اسان بتن جي پوڄا ڪريون.(35) اي پروردگار! هنن بتن گهڻن کي گمراهيءَ ۾ وڌو آهي، ان ڪري جيڪو منهنجي پيروي ڪري، اهو منهنجو آهي ۽ جنهن منهنجي ڀَالهہ نہ مجي انڪار ڪيو، ان جو معاملو تنهنجي حوالي آهي، تون بخشڻ وارو ۽ دائمي رحمت وارو آهين.(36) اي منهنجا پروردگار! مون پنهنجي ڪجهہ اولاد کي تنهنجي حرمت واري گهر لڳ هڪ غير آباد بستي ۾ آباد ڪيو آهي، منهنجا پروردگار! ان لاءِ تہ هو هن گهر ۾ نماز جو اهتمام ڪن، سو تون ماڻهن جون دليون انهن ڏانهن مائل ڪري ڇڏ ۽ انهن کي ميون جو رزق عطا ڪر، ان لاءِ تہ هو تنهنجو شڪر ادا ڪن.(37) اي منهنجا رب! تون اهو سڀ ڄاڻين ٿو، جيڪو اسان لڪايون ٿا ۽ جو ڪجهہ اسان ظاهر ڪيون ٿا ۽ الله کان نہ ڪا شيءِ زمين ۾ پوشيده آهي نہ ڪا آسمان ۾ مخفي آهي.(38) سڀ تعريفون ان الله لاءِ آهن، جنهن مون کي پيريءَ ۾ اسماعيل ۽ اسحاق عليهما السلام عطا ڪيا. بيشڪ منهنجو رب خوب دعا ٻڌڻ وارو آهي.(39) اي منهنجا پروردگار! مون

كي ۽ منهنجي اولاد كي نماز قائم كرڻ وارو كر ۽ منهنجي دعا قبول كرڻ فرماءِ.(40) اي منهنجا رب! مون كي بخش كرڻ فرماءِ ۽ منهنجي والدين كي ۽ بخش كر ۽ سمورن مؤمنن كي ۽ ان ڏينهن، جڏهن حساب قائم ٿيندو.(41)

الله پاران عام احسانن ياد ڏيارڻ كانپوءِ قريش مكه تي ٿيل خاص احسانن جو ذكر ٿي رهيو آهي. سركش ۽ نافرمان ماڻهن جي زيادتين، ظلمن ۽ قهري كارروائين جي روكڻ ۽ سدِ باب كرڻ لاءِ ابراهيم عليه السلام نظام خداوندي جو بنياد ركيو ۽ ان لاءِ هك بين الاقوامي مركز قائم كيو. (البقره: 125-129/2) ۽ پنهنجي پروردگار كان عجز و نيزاري كندي دعا گهري ته هن شهر ۽ مركز كي امن و سكون جو مقام بڻائي، سركش ۽ ظالم ماڻهن جي ظلم ۽ زيادتين كان ستايل انسانن كي آزاد كر ۽ منهنجي اولاد مان هن مركز جي محافظن كي پنهنجي توفيق سان انهن شين كان بچائي ركجانءِ، جيكي تنهنجي اطاعت واري رستي ۾ حائل هجن. قريش مكه كي ياد ڏياريو ٿو وڃي ته توهان جي جدامجد حضرت ابراهيم عليه السلام كهڙين سخت تكليف ڏيندڙ حالتن ۾ پنهنجي ننڍڙي خاندان كي هك غير آباد، ويران علائقي ۾ آباد كيو. هن مركز كعبة الله جي تعمير كئي ۽ بين الاقوامي نوع انسان جي امن ۽ پاڻ پرئي ٿيڻ جو مركز جوڙيو. امن هوندو ته دنيا پر جا ماڻهو ايندا ۽ هن مركز كان خود اعتمادي ۽ خود انحصاري جي سبب ۽ سلي ۾ بيكسي ۽ بي حسي جي دنيا مان آزاد ٿيندا ۽ ياد ركو كهڙين دعائن ۽ تمنائن سان اوهان كي هت آباد كيو. هن جي دعائن جي قبوليت ۾ اوهان تي كيترا كيترا احسان كيا ۽ هاڻي اوهان الله جي انهن احسانن ۽ بزرگن جي نيك تمنائن جو جواب پنهنجن بداعمالين ۽ گمراهين سان ڏئي رهيا آهيو. اي منهنجا رب! هنن باطل معبودن تمام گهڻن ماڻهن كي حق ۽ سچ جي راهه كان ڦيرائي گمراهي ۽ ناداني جي رستي تي لڳائي ڇڏيو آهي. حضرت ابراهيم عليه السلام پنهنجي خيرخواهي ۽ انساني همدردي واري پروگرام كي جاري ركندي چيو ته اي منهنجا رب! جيكي منهنجي دعوت قبول نٿا كن ۽ پنهنجي جهالت واري ضد كان نٿا لهن، ته هنن جو معاملو تو غفور رحيم رب جي سپرد آهي. هي بي انتها شفقت ۽ رحم جو اظهار آهي، جو انهن لاءِ بددعا بدران به الله كان انهن

لاءِ بخشش ۽ دائمي رحمت جي درخواست آهي، اها روش ۽ طريقو نبين سڳورن جو رهيو آهي. (المائده: 118/4، هود: 75/11) پر جن ماڻهن ابراهيم عليه السلام جي پيروي اختيار ڪئي، انهن کي پنهنجي جماعت سڏيو ۽ انهن لاءِ اها ئي دعا گهري، جيڪا هن پاڻ لاءِ ۽ اولاد لاءِ تمنا ڪئي هئي. اتباع ۽ پيروي جو چئي اهڙي اولاد کي به خارج ڪري ڇڏيو، جيڪو سنت ابراهيمي تي نه هجي. (البقره: 124/12، المائده: 60/5) طبعي قانون ۾ ته ڪافر ۽ مؤمن لاءِ هڪجهڙا موقعا ميسر آهن. (هود: 15/11) ان ڪري نيڪ ۽ بد جو امتياز ڪرڻ سان ئي مؤمن ٿئي ٿو ۽ ڪافر هن دنيا جي رنگيني ۾ گم ٿي وڃي ٿو.

کافر کی یہ پہچان کہ آفاق میں گم ہے
مؤمن کی یہ پہچان کہ گم اس میں ہیں آفاق

(اقبال رحمه الله)

ڪاڪ نہ جهليا ڪاپڙي نڪي موهيا مال
جي چورين ڏنا چال ته به لاهوتي لنگهي ويا

(شاهه رحمه الله)

اي منهنجا رب! تنهنجي هن توحيد جي نوع انسان لاءِ قائم بين الاقوامي مرڪز ڪي آباد رکڻ لاءِ مون پنهنجي خاندان مان حضرت اسماعيل عليه السلام کي هن عظيم مقصد لاءِ هڪ ويران ۽ غير آباد خطي ۾ تنهنجي قابل احترام گهر کي آباد ڪرڻ لاءِ سڪونت پذير ڪيو آهي ته اقامت صلواة واري نظام کي قائم ڪري يعني ان نظام جي شروعات ڪري، جنهن سان تنهنجي قوانين حڪمت جي ڪما حقه اطاعت ٿي سگهي. نماز، خدا سان مؤمن جو پهريون تعلق ۽ رابطو آهي، باقي تمام شيون احڪام ان کان بعد شروع ٿي وڃن ٿا. ابراهيم عليه السلام کي معلوم هيو ته جيڪڏهن هت نماز خشوع خضوع ۽ حضور قلب سان ادا ٿي وئي ته اها پنهنجي روح ۽ اصل جوهر ۾ موجود رهندي، جنهن کان پوءِ دين جي هر شيءِ سنورجي ويندي، ڪا به ضايع نه ٿيندي ۽ اها نماز هر شيءِ جي قيام جو ذريعو ٿي ويندي. الله تعالىٰ ابراهيم عليه السلام جي دعا جي اکر اکر لفظ لفظ کي قبوليت عطا ڪرڻ فرمائي. مڪه مڪرم حرم ٿي ويو، جتي امن ۽ سڪون هميشه لاءِ قائم ٿيو. غير آباد

زمين تي ماڻهن جا ميڙ لڳي ويا، بازارون اڏجي ويون، رونقون اچي ويون، ميوات ۽ غذا جا انبار لڳي ويا. شروع ۾ پورو عرب حج ۽ عمره جي سعادت سان فيضياب ٿيو ۽ بعد ۾ پوري عالم لاءِ حج ۽ عمره اڃ تائين جاري آهي. حاجين جي سار سنيال جو پورو پورو اهتمام آهي. "عِنْدَ بَيْتِكَ الْمُحَرَّمِ" وٽ سڪونت پذير ڪيو آهي، مان معلوم ٿو ٿئي ته ڪعبة الله حضرت آدم عليه السلام جي ڏينهن کان تعمير ٿيو هو. "اَفْئِدَةً مِّنَ النَّاسِ" ڇيو يعني انسانن مان مؤمن مسلمانن جو والهانا عشق ۽ محبت مراد آهي. "اَفْئِدَةٌ النَّاسِ" چوي ها ته مسلمان، عيسائي، يهودي ۽ ٻيا سڀ شامل هجن ها. انبياءِ پنهنجي هدايت جو سلسلو ٻه پنهنجي اهل و عيال ۽ خاندان جي هدايت سان شروعات ڪندا. "وَمِنْ ذُرِّيَّتِيْ" مان اهو ئي مراد آهي. جهڙي طرح آنحضرت خاتم النبيين صلى الله عليه وسلم جن جي ذات گرامي ۽ لاءِ "وَاَنْذِرْ عَشِيْرَتَكَ الْاَقْرَبِيْنَ" آيو آهي. اي منهنجا پروردگار! تنهنجي علم کان ڪا شيءِ ٻاهر ناهي. اسان جيڪي ظاهر ظهور ڪيون ٿا يا چئون ٿا، اهو ٻه توکي معلوم آهي، پر جيڪي اسان جي دل ۾ مخفي رهي ٿو، تون ان کان ٻه ساڳي طرح واقف آهين. منهنجن الفاظن کي ٻه ڄاڻين ٿو ته منهنجن جذباتن ۽ امنگن کان ٻه بخوبي آگاهه آهين. هن شهر جي لاءِ دعا جو اصل مقصد ٻه تنهنجي رضا حاصل ڪرڻ آهي ته تنهنجو هي گهر آباد رهي ۽ پوري عالم لاءِ هدايت ۽ روشني جو روشن مينار ٿي چمڪي. توکي معلوم آهي ته مان هڪ ڪمزور بندو آهيان. مون کي اها مشڪل پيش اچي ٿي ته مان ڪجهه چوڻ گهران ٿو، پر الفاظ سات نٿا ڏين. اي منهنجا رب! تون منهنجي اندر جي جذبن امنگن، ارادن ۽ آرزون کان پوري طرح آگاهه آهين، ڪڏهن دل جو سمورا راز زبان اکلائي نه سگهندي آهي، منهنجي دل ته ڇا پر هي آسمان ۽ زمين يعني سموري ڪائنات ازل کان ابد تائين توکان ڳجهي ناهي. جو ڪجهه پهاڙن دريائن ۾ صحرام آبادين ۾ شهرن ۾ آسمانن جي گوشي گوشي ۾ ٿي رهيو آهي، اهو تنهنجي علم ۾ آهي.

سڀ تعريفون ان الله کي سونهن ٿيون، جنهن مون کي پيريءَ ۾ 81 سالن ڪن گذرڻ بعد ۽ منهنجي گهر واريءَ جي اولاد جي صلاحيت کان محروم ٿي وڃڻ بعد پنهنجي خاص الخاص ڪرم ۽ فضل سان اسماعيل عليه السلام جهڙو فرزند ارجمند عطا ڪيو آهي، جيڪو الله جي راهه ۾ جان جي قرباني ڏيڻ لاءِ تيار آهي ته منهنجي دين جي تبليغ ۽

كعبة الله جي تعمير ۾ دل و جان سان كوشان آهي. اهڙي طرح 10 سالن بعد وري اسحاق عليه السلام جو تحفو عنايت كيو آهي، جنهن جي خاندان مان نبوت جو سلسلو جاري ركيو ۽ خاتم النبيين رسولن ۽ نبين جو سردار حضرت اسماعيل عليه السلام جي پشت مان كيو، بيشڪ منهنجا رب! تون بانهن جون دعائون ٻڌڻ وارو آهين ۽ قبول كرڻ وارو آهين، مان دل و جان سان تنهنجو شكرگذار آهيان. (البقره: 129/2-125، الصّٰفّٰت: 112/37-99، الحج: 30/22-26)

اي منهنجا پروردگار! مون كي پنهنجي توفيق ۽ اعانت عطا كر تہ مان تنهنجي گهر بيت الله كي آباد ركڻ لاءِ خود نماز جي قيام جو اهتمام كريان ۽ منهنجي اولاد كي بہ اها توفيق عنايت كر تہ تنهنجي دين جي پهرين پيڙهہ نماز، جنهن تي باقي عبادتن ۽ اطاعتن جو انحصار آهي، اهي بہ پوري تندهي ۽ خلوص دل سان ان جي قيام ۽ انتظام ۾ مشغول رهن. "اَللّٰهُمَّ اَعِنِّیْ عَلٰی ذِكْرِكَ وَشُكْرِكَ وَحُسْنِ عِبَادَتِكَ" منهنجا رب! مون كي پنهنجي ذكر (ياد) شكر ۽ حسن عبادت جي توفيق سان نوازڻ فرماءِ. تون ئي دعائون قبول كندو آهين. "وَاِذَا سَاَلَكَ عِبَادِیْ عَنِّیْ فَاِنِّیْ قَرِیْبٌ اُجِیْبُ دَعْوَةَ الدَّاعِ اِذَا دَعَانِ فَلْیَسْتَجِیْبُوْا لِیْ وَلْیُؤْمِنُوْا بِیْ لَعَلَّهُمْ یَرْشُدُوْنَ" (البقره: 186/2) جڏهن منهنجا بانها منهنجي باري ۾ توكان پڇا كن تہ تون كين آگاهہ كر تہ مان نهايت قريب آهيان ۽ جيكو پكارڻ وارو مون كي جڏهن بہ پكاري ٿو تہ ان جي دعا قبول كيان ٿو. ان كري ماڻهن كي بہ منهنجا حكم تسليم كرڻ گهرجن ۽ مون تي ايمان ركڻ جو اجر ئي انهن جي پلائيءَ جو كارڻ آهي. "قُلْ یٰعِبَادِیَ الَّذِیْنَ اَسْرَفُوْا عَلٰٓی اَنْفُسِهِمْ لَا تَقْنَطُوْا مِنْ رَّحْمَةِ اللّٰهِ اِنَّ اللّٰهَ یَغْفِرُ الذُّنُوْبَ جَمِیْعًا اِنَّهٗ هُوَ الْغَفُوْرُ الرَّحِیْمُ" (الزمر: 53/39) منهنجن بانهن كي ٻڌاءِ تہ جن پنهنجو پاڻ سان زيادتي كئي آهي، منهنجي دائمي رحمت كان نااميد نہ ٿين. الله سڀ گناهہ بخشي ٿو. الله نهايت بخشش كرڻ وارو ۽ دائمي رحمت وارو آهي. اي منهنجا پروردگار! مون كي بہ بخش كر ۽ منهنجي والدين كي بہ بخش كرڻ فرماءِ ۽ سمورن مؤمنن كي بہ پنهنجي عفو ۽ درگذر سان نواز. حضرت ابراهيم عليه السلام هن دعا ۾ پاڻ لاءِ پنهنجي والدين لاءِ ۽ تمام مؤمنن جي لاءِ دعا گهري، اسان كي اهڙي دعا اختيار كرڻ جي ترغيب ڏني آهي. اها دعا رڳو مؤمنن لاءِ آهي. حضرت ابراهيم عليه السلام پنهنجي والد لاءِ

تنهائيءَ ۾ دعا گهري هئي. (مريم: 47/19) جيڪا بعد ۾ ختم ڪري ڇڏي. (التوبه: 114/9) هتان معلوم ٿيو ته حضرت ابراهيم عليه السلام جا والدين مشرڪ نه هيا، پر موحد مسلمان هيا. والد جو نالو "تارخ" هيو. "آزر" سندس چاڪو هيو. "اَبٌ" جو اطلاق چاڪي تي مجاز آهي. "وَالْمُجَازُ لَا يُصَارُ اِلَيْهِ اِلَّا لِلضَّرُوْرَةِ وَالْقَرِيْنَةِ" پر اهو لفظ چاڪي ۽ بابي ٻنهي لاءِ استعمال ٿيندو آهي، پر والد رڳو سچي پيءُ لاءِ هوندو آهي. حضرت ابراهيم عليه السلام دعا ۾ "وَلِوَالِدَيَّ" ڇئي پنهنجي سڳي ماءُ پيءُ لاءِ دعا گهري آهي. مشرڪ لاءِ ته ڪين دعا گهرڻ کان روڪيو ويو آهي. سندس چاڪو "آزر" وڏي اثر رسوخ وارو هيو. خود بتن جو واپار ڪندو هيو، ان ڪري حضرت ابراهيم عليه السلام پنهنجي خاندان جي بااثر فرد کي دعوت ڏني.

وَ لَا تَحْسَبَنَّ اللّٰهَ غَافِلًا عَمَّا يَعْمَلُ الظّٰلِمُوْنَ ۬ؕ اِنَّمَا يُؤَخِّرُهُمْ لِيَوْمٍ
تَشْخَصُ فِيْهِ الْاَبْصَارُ ﴿۴۲﴾ مُهْطِعِيْنَ مُقْنِعِيْ رُءُوْسِهِمْ لَا يَرْتَدُّ
اِلَيْهِمْ طَرْفُهُمْ ۚ وَ اَفْـِٕدَتُهُمْ هَوَآءٌ ﴿۴۳﴾ وَ اَنْذِرِ النَّاسَ يَوْمَ يَاْتِيْهِمُ
الْعَذَابُ فَيَقُوْلُ الَّذِيْنَ ظَلَمُوْا رَبَّنَآ اَخِّرْنَآ اِلٰٓى اَجَلٍ قَرِيْبٍ ۙ نُّجِبْ
دَعْوَتَكَ وَ نَتَّبِعِ الرُّسُلَ ؕ اَوَ لَمْ تَكُوْنُوْٓا اَقْسَمْتُمْ مِّنْ قَبْلُ مَا لَكُمْ مِّنْ
زَوَالٍ ﴿۴۴﴾ وَّ سَكَنْتُمْ فِيْ مَسٰكِنِ الَّذِيْنَ ظَلَمُوْٓا اَنْفُسَهُمْ وَ تَبَيَّنَ لَكُمْ
كَيْفَ فَعَلْنَا بِهِمْ وَ ضَرَبْنَا لَكُمُ الْاَمْثَالَ ﴿۴۵﴾ وَ قَدْ مَكَرُوْا مَكْرَهُمْ وَ
عِنْدَ اللّٰهِ مَكْرُهُمْ ؕ وَ اِنْ كَانَ مَكْرُهُمْ لِتَزُوْلَ مِنْهُ الْجِبَالُ ﴿۴۶﴾

الله کي انهن کمن کان جيڪي ظالم ماڻهو ڪري رهيا آهن، بي خبر نه سمجهه، هو (الله) کين تيستائين مهلت ڏئي رهيو آهي، جڏهن خوف کان اکيون ڦاٽي ويندیون.(42) اهي ماڻهو (ميدان حشر ۾) پنهنجا سر (مٿا) جهليو

ڊوڙي رهيا هوندا. ان وقت سندن چپر ۾ حرڪت نہ ڪندا ۽ انهن جو دليون حيران پريشان هوندیون.(43) تون هنن ماڻهن کي ان ڏينهن کان خبردار ڪر، جڏهن کين عذاب ايندو، ان وقت پاڻ تي ظلم ڪرڻ وارا چوندا تہ اي اسان جا رب! اسان کي ٿوري وڌيڪ مهلت عنايت ڪر، اسان تنهنجي دعوت قبول ڪنداسون ۽ تنهنجي رسولن جي پيروي ڪنداسون، ڇا هن کان اڳ اوهان قسم نہ ڪٹندا رهيا آهيو تہ اوهان تي ڪڏهن ۾ زوال نہ ايندو.(44) توهان انهن ماڻهن جي بستين ۾ ئي آباد رهيا، جن ماڻهن پنهنجو پاڻ تي ظلم ڪيا هئا ۽ اوهان تي ظاهر ٿي چڪو هيو تہ اسان هنن سان ڪهڙي ڪارروائي ڪئي ۽ توهان لاءِ اسان هنن کي مثال بنايو هو.(45) هنن پنهنجون سڀ تدبيرون ۽ چالون استعمال ڪيون، جڏهن تہ الله وٽ هنن جي هر فريب ڪاري جو ٽوڙ موجود رهيو. توڙي ڪٹي انهن جون سازشون اهڙيون هيون جن سان پهاڙ ۾ لڏي وڃن.(46)

حضرت ابراهيم عليه السلام ۾ نهايت سرڪش ۽ مغرور قوم جي درميان دعوت دين جي شمع روشن ڪئي، ڪيس هر طرح جون مشڪلاتون ۽ صعوبتون سَهٹيون پيون. انهن امتحانن مان نڪري خالص ۽ مخلص انسان ٿي اپريو. هن جي انهن دعائن، آرزوئن ۽ التجائن سان هن نظام جو بنياد رکيو ويو. اي حبيب خاتم النبيين صلى الله عليه وسلم! اسان هن منڪر قوم جي ظلمن، ڏاڍاين ۽ ڏوهن کان بي خبر نہ آهيون. هو جو ڪجهہ ڪري رهيا آهن، اهو سندن اعمال نامي ۾ جمع ٿيندو ٿو وڃي. هنن کي هن وقت اختيار ۽ ارادي جي ڏگهي رسي مليل آهي، اسان جو قانون مڪافات سڀ ڪجهہ ڏسي رهيو آهي، مهلت جو وقت ختم ٿيڻ سان اتمام حجت ۾ ختم ٿي ويندو، پوءِ جڏهن سندن اعمال بد جا نتيجا ظاهر ٿيڻ لڳا تہ ان وقت پنهنجن تباهين ۽ بربادين کي ڏسي، سندن حالت اهڙي تہ غير ٿي ويندي، جو سندن اکيون ڦاٽل هوندیون، چپر ۾ چرپر ڪرڻ کان معذور هوندا، اکين جا پتلا (ڊيلا) ٻاهر نڪري ايندا، هو پريشاني ۽ حيراني جي حالت ۾ هيڏي هوڏي حشر جي ميدان ۾ ڊوڙي

رهيا هوندا. هنن جا سر بہ مٿي کڄي ويندا بدحواس ٿي دوڙي رهيا هوندا. "مُّهْطِعِيْنَ" جي معنىٰ آهي تيز دوڙڻ. "مُّهْطِعِيْنَ اِلَى الدَّاعِ" (القمر: 8/54) سڏيندڙ ڈانهن دوڙندا ويندا. "مُقْنِعِيْ رُءُوْسِهِمْ" پريشانيءَ ۾ سندن سر مٿي کنيل هوندا. دل جو سکون ۽ آرام ختم ٿي چکو هوندو. دل بہ پريشان ۽ پراگنده هوندي. هنن جون اکيون ڈسڻ لاءِ واپس پنهنجي هنڌ نہ ايندیون. اهڙي خوفناک ۽ خطرناک حالت ۾ هوندا، جنهن کي هو اڄ وساري وينا آهن، پر اهو ڈينهن هر هال ۾ اچڻ وارو آهي. اي حبيب ﷺ تون هنن گمراهه ۽ نادان ماڻهن کي ان ڈينهن ظاهر ٿيڻ وارن نتيجن واري هولناک عذاب، ذلت ۽ خواري کان آگاهه کر، اهو قيامت وارو ڈينهن هر حال ۾ اچڻو آهي، جنهن ڈينهن دنيا ۾ کيل تمام کارروائين جو ليکو چکتو ٿيڻو آهي ۽جزا ۽ سزا جو ملڻ يقيني آهي. جنهن ڈينهن پورو پورو انصاف کيو ويندو ۽ کنهن سان بہ سندن عملن ۾ کمي کوتاهي، غفلت يا حق تلفي کا نہ ٿيندي، ان ڈينهن پهنجون تباهيون ۽ بربادیون بي نقاب ڈسي ڈکي ويندا ۽ الله در باڈائيندا تہ اسان کي کجهہ وقت جي لاءِ مهلت عنايت ٿئي. اسان هاڻي پنهنجن ڈوهن کان باز ايناسون ۽ تنهنجي دعوت کي قبول کناسون ۽ ان مطابق زندگي گذاريناسون. تنهنجي رسولن جي پوري طرح پيروي کناسون ۽ انهن جي حکمن ۽ هدايتن موجب هلناسون. هنن جي هن بي محل ۽ بيجا درخواست جي جواب ۾ چيو ويندو تہ چا هن کان اڳ توهان قسم کٹي چوندا هئا تہ کوئي حساب کتاب کونہ ٿيندو، نہ ٻيهر زندهہ ٿيڻو آهي ۽ نہ دوزخ جنت ۾ وڃڻو آهي. هيءَ زندگي آهي، هن کان بعد موت آهي ۽ هڈيون ڳري سڙي ويندیون ان کري

بابر بعيش کوش کہ عالم دوبارہ نيست

هتي خوشيون ۽ عيش عشرت جون گهڙيون ملهائي ڈسو، ان جي هن خوشگوار ۽ سازوسامان سان مالامال زندگيءَ جي زوال جو ذرا پر فکر ناهي. هو دنياداريءَ جي دام ۾ ڦاسي چکا هئا.

چيست دنيا از خدا غافل بودن
نے قماش و نقره و فرزند زن

دنيا چا آهي، جيڪا شيءِ خدا کان غافل ڪري، ان کي دنيا چيو ويو آهي. باقي پوشاڪ، سون چاندي فرزند انهن جو نالو دنيا نہ آهي، بشرطيڪ اهي خدا کان غافل ڪرڻ جو ذريعو نہ بڻجن.

توهان انهن ماڻهن جي بستين ۾ ئي آباد ٿيا آهيو، جن دنيا ۾ ظلم جو راڄ قائم ڪيو. هيٺن، ضعيفن ۽ ڪمزورن تي قهر جا پهاڙ ڪيرائيندا رهيا ۽ پنهنجن مفادن جون عمارتون بلند بالا ڪندا رهيا هئا. هنن جو جيڪو عبرت ناڪ انجام ٿيو، اهو تاريخ جي صفحن تي چٽن اکرن ۾ رقم ٿيل آهي. توهان کي به ان جي ڄاڻ ڏني وئي هئي تہ هنن ظالمن سان آخرڪار اسان جو ڪهڙو برتاءُ رهيو. اهڙا مثال اوهان جي آڏو بار بار بيان ڪرڻ مان مقصود هو تہ اوهان انهن مان عبرت ۽ سبق حاصل ڪري، پنهنجي زندگيءَ کي نيڪ ڪردار ۽ نيڪ عمل سان بار آور ڪيو، مگر اوهان به ان مان سبق حاصل ڪرڻ ۽ سنا انسان بڻجڻ کان انڪار ڪيو. اوهان جو انجام به اهو ئي ٿيندو. اوهان پنهنجن اکين سان ڏٺو تہ توهان جي اڳ کان آيل قومن خدا جي قانون جي خلاف ورزي ڪئي ۽ رسولن کي اذيتون ۽ تڪليفون پهچايون، ڪجهہ کي تہ ناحق قتل به ڪيو، ڪجهہ کي ملڪ بدر ڪيو ۽ ڪجهہ جو معاشي، معاشرتي قطع تعلقات ڪيو ۽ نبين جي دعوت کي ناڪام بنائڻ لاءِ ڪهڙيون ڪهڙيون تدبيرون، چالون ۽ سازشون جوڙيون ۽ پنهنجي طاقت ۽ دهشتگرديءَ جي انتها ڪئي، پر الله جي هڪ تدبير سان هنن جون سڀ فريبي تدبيرون خاڪ ۾ ملي ويون. انهن سمورين وارداتن کي توهان ڏٺو ۽ ٻڌو، پر ان هوندي اوهان پنهنجن سازشن کان باز نہ آيا ۽ اهڙا اهڙا منصوبا جوڙيا، جن سان پهاڙ بہ لڏي لرزي وڃن، مگر پوءِ بہ الله جي آڏو هنن جي هڪ بہ نہ هلي ۽ ڪين ناڪامي ۽ نامرادي حاصل ٿي. "تَكَادُ السَّمٰوٰتُ يَتَفَطَّرْنَ مِنْهُ وَ تَنْشَقُّ الْاَرْضُ وَ تَخِرُّ الْجِبَالُ هَدًّا○ اَنْ دَعَوْا لِلرَّحْمٰنِ وَلَدًا○" (مريم: 19/91-90) قريب آهي تہ آسمان ڦاٽي پوي ۽ زمين چيرجي پوي ۽ جبل ريزه ريزه ٿي وڃن، هن ڳالهہ تي تہ الله کي اولاد آهي، حالانڪہ هو "لَمْ يَلِدْ وَ لَمْ يُوْلَدْ" آهي.

فَلَا تَحْسَبَنَّ اللّٰهَ مُخْلِفَ وَعْدِهٖ رُسُلَهٗ ؕ اِنَّ اللّٰهَ عَزِيْزٌ ذُو انْتِقَامٍ ۙ﴿۴۷﴾
يَوْمَ تُبَدَّلُ الْاَرْضُ غَيْرَ الْاَرْضِ وَ السَّمٰوٰتُ وَ بَرَزُوْا لِلّٰهِ الْوَاحِدِ
الْقَهَّارِ ﴿۴۸﴾ وَ تَرَى الْمُجْرِمِيْنَ يَوْمَئِذٍ مُّقَرَّنِيْنَ فِي الْاَصْفَادِ ۚ﴿۴۹﴾
سَرَابِيْلُهُمْ مِّنْ قَطِرَانٍ وَّ تَغْشٰى وُجُوْهَهُمُ النَّارُ ﴿۵۰﴾ لِيَجْزِيَ اللّٰهُ كُلَّ
نَفْسٍ مَّا كَسَبَتْ ؕ اِنَّ اللّٰهَ سَرِيْعُ الْحِسَابِ ﴿۵۱﴾ هٰذَا بَلٰغٌ لِّلنَّاسِ وَ
لِيُنْذَرُوْا بِهٖ وَ لِيَعْلَمُوْٓا اَنَّمَا هُوَ اِلٰهٌ وَّاحِدٌ وَّ لِيَذَّكَّرَ اُولُوا الْاَلْبَابِ ﴿۵۲﴾ ع ۷

الله جيڪي پنهنجن رسولن سان وعدا ڪيا آهن، انهن جي خلاف ورزي نه ڪندو آهي. بيشڪ الله غالب ۽ بدلي ونڻ وارو آهي.(47) جڏهن هي زمين ٻئي زمين سان بدلائي ويندي ۽ آسمان به تبديل ڪيا ويندا ۽ سڀ جا سڀ الله قهار (نهايت غلبي واري) واحد جي سامهون هوندا. (48) تون ان ڏينهن گنهگارن کي ڏسندين ته هو زنجيرن ۾ جڪڙيل هوندا.(49) هنن جا لباس گندڪ (ڏامر/ گندرف) مان هوندا ۽ انهن جي چهرن کي باهه وکوڙي رهي هوندي. (50) ته جيئن الله هر شخص کي ان جو بدلو ڏئي جو ڪجهه هن ڪمايو آهي. الله جلد حساب چڪتو ڪرڻ وارو آهي، جنهن ۾ ڪا به دير نه ٿيندي.(51) هن قرآن کي ماڻهن تائين پهچائڻو آهي يا هي ماڻهن لاءِ اعلان آهي ته جيئن حجت پوري ٿي وڃي ۽ هو هن اعلان يا قرآن جي ذريعي آگاهه ڪيا وڃن ته اهو رڳو هڪ معبود آهي ته جيئن دانشور ۽ عقلمند ان مان نصيحت حاصل ڪن.(52)

الله پنهنجن رسولن سان ڪيل وعدن جي خلاف ورزي ڪرڻ وارو نه آهي. يعني

هن پنهنجن رسولن کي دنيا ۽ آخرت ۾ مدد ڪرڻ جا جيڪي وعده ڪيا آهن، اهي سمورا سچا وعده آهن، جن جي وعده خلاف ممڪن ناهي. ان جي هر ڳالهه پوري ٿي رهندي. سورة المجادله: 21/58 ۾ آهي: "كَتَبَ اللّٰهُ لَاَغْلِبَنَّ اَنَا وَرُسُلِيْ" الله طئي ڪيو آهي يا لکي رکيو آهي ته مان ۽ منهنجا رسول ضرور غالب ايندا. تحريڪ دوران تڪليفون ۽ ايندیون، مخالفت ۽ ٿيندي، نقصان رسڻ جو ۽ انديشو رهندو. "وَلَنَبْلُوَنَّكُمْ بِشَيْءٍ مِّنَ الْخَوْفِ وَالْجُوْعِ وَنَقْصٍ مِّنَ الْاَمْوَالِ وَالْاَنْفُسِ وَالثَّمَرٰتِ وَبَشِّرِ الصّٰبِرِيْنَ" (البقره: 155/2) اسان توهان جي ضرور آزمائش ڪنداسون، خوف، بک، مال، جان ۽ ميوات جي نقصان سان، تون صبر ڪندڙن کي خوشخبري ڏي. سو دعوت حق جي راهه ڳلن جي سيج ناهي، پر ڪندن جو تخت آهي. حق ۽ باطل جي لڙائي ۾ تڪليفون ايندیون، پر ڪاميابي ۽ اوهان جي ئي هوندي، الله هر شيءِ تي غالب ۽ آهي ته دشمنن کان پورو پورو انتقام وٺڻ وارو ۽ آهي. هن آيت سڳوري ۾ ۽ بظاهر ڪلام جو رخ پاڻ ڪريمن ﷺ طرف آهي، پر هت ۽ مخالفن تي واضح ڪيو ٿو وڃي ته الله پنهنجن رسولن سان سندن شاندار ڪاميابي ۽ مخالفن جي ذلت آميز هزيمت جا جيڪي وعدا ڪيا آهن، اهي پورا ٿيندا. هينئر ۽ پنهنجي رسول مقبول حضرت محمد ﷺ سان اهي وعدا سچا ثابت ٿيندا. "وَ لَا تَحْسَبَنَّ اللّٰهَ غَافِلًا" ۾ قرآن شريف يا پوين حقيقتن ڏانهن اشارو آيو آهي. اوهان جي مخالفت ڪجهه بگاڙي نه سگهندي. الله پنهنجي قدرت ۽ قوت سان هر شيءِ تي غالب آهي ۽ پنهنجي رسولن جي مخالفت ۽ مخاصمت ڪرڻ وارن کان خوب بدلو وٺڻ وارو آهي. (البقره" 24/2، آل عمران: 186/3-142-174، العنكبوت: 4/29-2) جنهن ڏينهن زمين ۽ بدلي ويندي ۽ آسمان ۽. امام شوڪاني رحمه الله فرمائي ٿو ٻئي احتمال موجود آهن، يعني تبديلي صفات جي لحاظ سان يا ذاتي طور تي تبديلي ايندي. ذاتي تبديلي ۾ هي ساڳيا زمين ۽ آسمان نه رهندا. زمين ۽ بي هوندي ته آسمان ۽ ٻيو هوندو، حديث شريف ۾ آهي: "يُحْشَرُ النَّاسُ يَوْمَ الْقِيَامَةِ عَلٰى اَرْضٍ بَيْضَآءَ عَفْرَآءَ كَقُرْصَةِ النَّقِيِّ لَيْسَ فِيْهَا عَلَمٌ لِاَحَدٍ" (صحيح مسلم) قيامت واري ڏينهن ماڻهو سفيد پوري زمين تي ڪنا ٿيندا، جيڪا ميدي واري روٽيءَ وانگر هوندي، ڪنهن جو ۽ جهنڊو يا نشان نه هوندو. حضرت عائشه رضي الله عنها پڇيو ته حشر واري ان ڏينهن ماڻهو ڪٽي هوندا ته پاڻ ڪريمن ﷺ فرمايو ته پل

صراط وٽ هوندا. (قرآن مع ترجمه و تفسير) قرآن ڪريم جي بعض اشارن مان لڳي ٿو تہ محشر جو ميدان هن زمين تي ئي هوندو. هن زمين جي موجوده شڪل ۾ مناسب تبديلي ڪئي ويندي. "اِذَا دُكَّتِ الْاَرْضُ دَكًّا دَكًّا" (الفجر: 21/89) جڏهن زمين کٽي کٽي سنئين ڪئي ويندي. "وَاِذَا الْاَرْضُ مُدَّتْ" (الانشقاق: 3/84) ۽ جڏهن زمين پکيڙي ويندي. يعني پهاڙ پُري پورا ٿي ويندا، سمنڊ ٻاڦ بڻجي اڏامي ويندا، زمين پنهنجي اندر رکيل گئس تيل وغيره جا لاوا ٻاهر ڪڍي اڇلائيندي، ان وقت زمين کي کٽي کٽي هموار ۽ برابر ڪيو ويندو. ڪا اونچ نيچ يا رندڪ رکاوٽ نہ هوندي. "لَّا تَرٰى فِيْهَا عِوَجًا وَّ لَاۤ اَمْتًا" (طٰهٰ: 107/20) ان ۾ هيٺ مٿانهين (لاها چاڑها) نہ هوندا. صفا صفا بلڪل صاف هموار ڪشاده زمين هوندي. (الفجر: 22/89) اهڙي طرح نظامِ سماوي ۾ تبديل ٿي ويندو. "وَجُمِعَ الشَّمْسُ وَالْقَمَرُ" (القيامة: 9/75) جڏهن سج ۽ چنڊ گڏ ڪيا ويندا.(بيان القرآن) قيامت ۾ زمين و آسمان بلڪل نيست و نابود نہ ٿي ويندا، پر موجوده طبعي نظام درهم برهم ٿي ويندو. صدر اول ۽ صدر دوم جي درميان واري وقفي ۾ زمين و آسمان جي حيثيت تبديل ڪئي ويندي ۽ هڪ ٻيو نظام طبيعت ۽ قوانين فطرت وجود پذير ٿيندو. پوءِ آخري نفخي/ صور بعد سڀ ماڻهو جيڪي يوم اول کان يوم آخر تائين پيدا ٿيا هوندا، سڀ زندهه ٿي الله جي حضور پيش ٿي ويندا، جنهن کي قرآن "حشر" چيو آهي. حديثن مان ۾ اهڙا اشارا ملن ٿا. قيامت جي زندگي هن دنيا جي زندگي وانگر جسم جان ۽ روح سان هوندي. رڳو روح واري زندگي نہ هوندي. (مودودي رحمه الله) "وَجَآءَ رَبُّكَ وَالْمَلَكُ صَفًّا صَفًّا" (الفجر: 22/89) ۽ رب ۽ ان جا فرشتا قطار در قطار ايندا. الله ڪهڙي نموني ايندو اهو ڄاڻڻ عقل احساس ۽ ادراڪ کان برتر آهي، جهڙي طرح چيو ويو آهي تہ الله پهرين آسمان تي لهي ايندو آهي. هن آيت سڳوري ۾ حضور خاتم النبيين صلى الله عليه وسلم کي خطاب آهي تہ هن ديني دعوت سان اهڙو انقلاب ايندو، جو هيءَ زمين هڪ ٻي زمين نظر ايندي ۽ آسمان ۾ ٻيو آسمان ٿي ويندو. موجوده جهالت ۽ انڌيري واري معاشري جي جڳهه تي هڪ نئون خوشگوار روشن معاشرو جنم وٺندو ۽ سمورا انسان ان الله جي آڏو سندس حڪمن هيٺ نڪري نروار ٿيندا. جڏهن الله جي قانون کان سواءِ ٻيو ڪو ۾ قانون نہ هوندو. (الصف: 9/61) "لِيُظْهِرَهٗ عَلَى الدِّيْنِ كُلِّهٖ وَلَوْ كَرِهَ الْمُشْرِكُوْنَ" (التوبه: 33/9) اهو معاشرو جيڪو حضور اڪرم

خاتم النبيين ﷺ جي هتن مبارڪ سان دنيا تي ظهور پذير ٿيو، جنهن ڪفر و شرڪ جي سمورن نظامن، رسمن، رواجن عملن اعتقادن کي تهه و بالا ڪري ڇڏيو ۽ هر طرف لااِله الا الله محمد رسول الله جو آواز گونججڻ لڳو.

وہ بجلی کا کڑکا تھا یا صوتِ ہادی
عرب کی زمین جس نے ساری ہلادی

(مسدس حالي)

اڄ منڪرين ۽ مخالفين جيڪي پاڻ رئيس سردار ۽ مال و دولت جا مالڪ سمجهي رهيا آهن، قيامت واري ڏينهن جڏهن سندن اعمال نامو ڪين ڏنو ويندو ۽ ميزان قدرت ۾ هنن جي گناهن جو بار تمام گهڻو هوندو، جيڪي هن دنيا ۾ سرڪشي ۽ زور آوري ڪري رهيا هئا، ان ڏينهن جنگي قيدين جي صورت ۾ زنجيرن ۾ جڪڙيل هوندا، جنگ بدر ۾ به سندن اهو حال نظر آيو ته قيامت ۾ اجان ان کان به بري حال ۾ هوندا، جڏهن تمام ماڻهن جي موجودگي ۾ هو زنجيرن ۾ ٻڌل هوندا ۽ جهنم طرف هلي رهيا هوندا. هنن کي تارڪول (ڊامبر) جا ڪپڙا پاريا ويندا، جيئن هن دنيا ۾ جنگي قيدي کي POW (پرزنرس آف وار) وارا ڪپڙا پارايا ويندا آهن، اهڙي طرح هنن جي شناخت لاءِ ڪين تارڪول جا ڪپڙا پاريا ويندا. گويا اسلامي جنگن خلاف جيڪي زرهون پاتل هين، اهي تارڪول سان سندن بدن سان چنبڙايون ويندين ۽ هنن جي چهري کي دوزخ جي باهه وکوڙي ورتو هوندو ۽ تارڪول جي ڪري باهه ۾ وڌيڪ شدت ۽ تيزي اچي ويندي، جنهن جي ڪري هو سڙي جلي رهيا هوندا، دانهون ڪوڪون ڪندا، پر ڪا به مدد کين ملي نه سگهندي. هنن جو اهو برو حال ان ڪري هوندو، جو هنن هن دنيا ۾ جيڪي اعمال ڪيا هوندا، هي انهن جو نتيجو هوندا، ساڻن حساب ڪتاب ۾ ڪا زيادتي يا حق تلفي ڪا نه ڪئي ويندي. هي مڪافات عمل جو بلڪل صحيح ۽ درست فيصلو هوندو. جنهن انسان جو ڪجهه ڪمايو هوندو، ان جو پورو پورو اجورو هن کي ملي ويندو. الله وٽ حساب ڪرڻ ۾ ڪا دير به نه لڳندي. هو پوري انسان ذات جو حساب اڪيلو ڪندو. الله جي هن پيغام يعني قرآن کي هر ماڻهن تائين پهچائڻ جي ذميواري حضرت محمد مصطفيٰ خاتم النبيين ﷺ جي سپرد هئي، جيڪا هن احسن طريقي سان ادا ڪئي، جيڪا ذميواري هاڻي

امت محمديه ﷺ جي آهي. (آل عمران 3/110-103) ته جيئن قرآن ڪريم جو تذڪير ۽ تنذير جو حق ادا ٿي وڃي ۽ الله جو آخري ڪتاب آخري پيغام خاتم الانبياءِ والمرسلين جي ڪوششن سان پورو ٿي وڃي. "وَ اُوۡحِیَ اِلَیَّ هٰذَا الۡقُرۡاٰنُ لِاُنۡذِرَکُمۡ بِهٖ وَ مَنۡۢ بَلَغَ" (الانعام: 19/6، هود: 17/11) مون ڏانهن هي قرآن وحي ڪيو ويو آهي ته مان توهان کي برن عملن جي سخت نتيجن کان خبردار ڪريان ۽ جنهن تائين هي پيغام پهچي ان لاءِ به ڪيس خبردار ڪرڻ جو ڪم ڏئي. حديث شريف ۾ آهي "بَلِّغُوۡا عَنِّیۡ وَلَوۡ آیَةً" مون کان هڪ آيت به ٻڌو ته اها ٻين تائين پهچائي ڏيو. حديث شريف آهي: "مَنۡ کَتَمَ عِلۡمًا اُلۡجِمَ یَوۡمَ الۡقِیَامَةِ بِلِجَامٍ النَّارِ" جنهن علم لڪايو ۽ ٻين تائين نه پهچايو ته ان کي قيامت واري ڏينهن دوزخ جو لغام پارايو ويندو. هن پوري پيغام ۽ تمام نبين، رسولن سڳورن طرفان ڏنل دعوت ۾ الله جي توحيد ۽ وحدت جو ذڪر آهي. الله هڪ آهي، معبود هڪ آهي، ڪائنات جو خالق، مالڪ مختيار هڪ الله آهي. هي بنيادي ۽ سڀ کان پهريون پر اهم پيغام آهي ته جيئن عقل ۽ دانش وارا الله جي هن ڪتاب قرآن ۽ ڪائنات جي عظيم نظام کي ڏسي نصيحت حاصل ڪن (ص: 38/29) ۽ دائره اسلام ۾ داخل ٿي وڃن. هي سمورا واقعا ۽ حقيقتون ان ڪري بيان ڪيل آهن ته جيئن:

(1) انهن جي روشني ۾ انسانيت پنهنجي منزل مقصود تي پهچي.

(2) ماڻهن کي پٽو پئجي وڃي ته زندگي جي غلط روين جا نتيجا ڪيترا تباهه ڪن آهن.

(3) ماڻهن کي اها ٻه حقيقت معلوم ٿئي ته ڪائنات ۾ اقتدار ۽ اختيار رڳو الله وٽ آهي ۽ ٻئي ڪنهن جي هٿ وس ڪجهه ناهي.

(4) ماڻهو عقل ۽ بصيرت کان ڪم وٺي ان حقيقتن تي غور ڪن جن کي عام طور نظر انداز ڪيو ويندو آهي ته جيئن ان مان بصيرت ۽ عبرت حاصل ڪري سگهن.

بارک الله لي ولکم في القرآن العظيم ونفعني واياکم بالآيات والذکر الحکيم

الحمد لله وبتوفيقه وفضله تمت سورة ابراهيم اليوم مورخه 2 آڪٽوبر 2022 ع بمطابق 5 ربيع الاول 1444 هـ بوقت نماز ظهر

حيدرآباد، سنڌ، پاڪستان

سُوْرَةُ الْحِجْرِ

سورت الحِجر جو نالو آيت 80 جي فقري "وَلَقَدْ كَذَّبَ اَصْحٰبُ الْحِجْرِ الْمُرْسَلِيْنَ" مان ورتل آهي. هن سورة ۾ اصحابِ حِجر جو ذڪر آيو آهي، ان ڪري ان نسبت سان "الحِجر" نالو رکيو ويو آهي. قرآن ڪريم جي ترتيب ۾ هن سورت جو نمبر 15 آهي، مگر نزول جي لحاظ سان 57 آهي، يعني هن کان اڳ مڪه معظمه ۾ 56 سورتون نازل ٿي چڪيون هيون ۽ 57 سورتون بعد ۾ نازل ٿيون. "الحِجر" قوم ثمود جو مرڪزي شهر هيو. تبوڪ ۾ شام واري شاهراھ تي هن جا کنڊرات موجود آهن. قافلا هن کان اڳ گذري لنگهندا آهن، مگر ڪوبہ قافلو نبي اڪرم ﷺ جي منع ڪرڻ سبب اتي رڪندو نہ آهي. هن سورت ۾ بين مڪي سورتن وانگر نبوت ۽ رسالت جي انڪارين لاءِ عذاب ۽ هلاڪت، الله تعالىٰ جي وحدانيت ۽ قيامت جو ذڪر آهي. هن سورت جي انداز بيان ۽ مضمون مان صاف ظاهر لڳي ٿو تہ هن جي نزول جو زمانو سوره ابراهيم سان گڏ آهي. مڪي مڪرمه ۾ نبي ڪريم ﷺ کي ڪافرن ۽ مشرڪن جي عداوت، ايذاءُ ۽ استهزاء جا جواب ڏيندي 10-12 سال ٿي ويا هئا، مگر هنن جي هٺ ڏرمي، ضد ۽ مزاحمت ۾ ڪا بہ ڪمي محسوس نہ ٿي. قرآن مجيد جي برهان ۽ دلائل جا جواب تہ هو ڏئي نہ سگهيا، پر ضد ۽ هٺ ۾ اچي مخالفت براءِ مخالفت ڪرڻ لڳا. سندن دشمنيون ۽ سازشون هر ڏينهن وڌنديون ويون. ايمان وارن تي قهر ۽ ظلم جا پهاڙ ٽوڙيا ويا. دين حق جي دعوت خلاف طرح طرح جون بدگمانيون ۽ شڪ شبها پيدا ڪيا ويا. دعوت جو ڪلم ڪلا انڪار ڪري رهيا هئا ۽ خود نبي اڪرم ﷺ کي جادوگر ۽ شاعر سڏي رهيا هئا. هن سورت ۾ ڪافرن ۽ مشرڪن کي نصيحت ۽ سخت تنبيه ڪئي وئي آهي، پر اها تنبيه بہ نهايت شائستگي ۽ موثر انداز ۾ ڪيل آهي، جنهن جو جواب ڪافر بدزبانيءَ سان ڏيندا هيا ۽ اهڙيءَ طرح الله جي رسول ﷺ کي ايذاءُ پهچائي رنجيده ڪندا هيا، مگر حضور ﷺ هميشہ سندن خيرخواهي ۽ پلائيءَ جو سوچيندا رهندا هيا. ان کان علاوه حضرت آدم عليه السلام ۽ شيطان ملعون جو قصو بيان ڪري کين شيطاني روش کان بچڻ ۽ آدم عليه السلام جي توبه ڪرڻ واري رويي ڏانهن ڌيان ڇڪايو ويو آهي تہ شيطان اوهان جو بہ دشمن آهي، ان ڪري ان کان بچڻ جي ڪوشش ڪريو. کين چيو ويو آهي تہ اوهان کي هن قصي مان حضرت آدم عليه السلام جي توبه ۽ مغفرت وارو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي ها، پر اوهان شيطان واري هٺ، حسد، غرور ۽ تڪبر جي رستي تي هلي رهيا آهيو، جيڪو گمراهيءَ جو رستو آهي.

آيتون ۹۹ | سُورَةُ الْحِجْرِ (مكي سورت) | رکوع ۶

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

الٓرٰ ۚ تِلْكَ اٰيٰتُ الْكِتٰبِ وَ قُرْاٰنٍ مُّبِيْنٍ ۝١

الله جي نالي سان شروع جو نهايت مهربان ۽ هميشہ رحم ڪرڻ وارو آهي.

الف لام را هي الڪتاب جون آيتون ۽ روشن ڪندڙ (احڪام) قرآن آهي.(1)

الف لام را يا منم خدائ ڪہ مي بينم و مي دانم (مخدوم نوح سرور ﷺ) مان اهو الله آهيان، جو (سڀ ڪجهہ) ڏسان ٿو ۽ ڄاڻان ٿو يا الله عليم ۽ رحيم جو ارشاد آهي تہ هي برگزيده ڪتاب جون آيتون ۽ قرآن روشن جا احڪام آهن. هي آيتون ان ڪتاب جون آهن، جو پنهنجي مدعا صاف ۽ روشن طريقي ۽ واضح دليلن سان پيش ڪري ٿو، جنهن ۾ ڪنهن بہ قسم جي ابهام ۽ شڪ شبهي جي ڪا گنجائش ڪانهي، يا مزيد ڪنهن دليل يا وضاحت جي ضرورت ناهي. هن جا مطالب ايترا تہ واضح انداز ۾ بيان ٿيا آهن، جو دل ۾ اثرانداز ٿي وڃن ٿا. ڪي ماڻهو ان مان فائدو حاصل ڪن ٿا، جهڙيءَ طرح المائده: 15/5 ۾ آهي: "قَدْ جَآءَكُمْ مِّنَ اللّٰهِ نُوْرٌ وَّ كِتٰبٌ مُّبِيْنٌ" (المائده: 15/5) ۽ ان جي روشنيءَ ۾ پنهنجي زندگي ۽ آخرت خوشگوار ۽ سدابهار بنائين ٿا، پر ڪيترا گمراهہ ماڻهو حسد، بغض، ضد ۽ هٺ جي ڪري محروم رهجي وڃن ٿا ۽ پنهنجي دنيا ۽ آخرت تباهہ ڪن ٿا. "وَ نُنَزِّلُ مِنَ الْقُرْاٰنِ مَا هُوَ شِفَآءٌ وَّ رَحْمَةٌ لِّلْمُؤْمِنِيْنَ وَ لَا يَزِيْدُ الظّٰلِمِيْنَ اِلَّا خَسَارًا ۝" (بني اسرائيل: 82/17) اسان قرآن ۾ مؤمنن لاءِ شفا ۽ رحمت نازل ڪيون ٿا ۽ ظالم (پاڻ لاءِ) خساري جو اضافو ڪن ٿا.

رُبَمَا يَوَدُّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لَوْ كَانُوْا مُسْلِمِيْنَ ۝٢ ذَرْهُمْ يَاْكُلُوْا وَ يَتَمَتَّعُوْا
وَ يُلْهِهِمُ الْاَمَلُ فَسَوْفَ يَعْلَمُوْنَ ۝٣ وَ مَآ اَهْلَكْنَا مِنْ قَرْيَةٍ اِلَّا وَ لَهَا
كِتَابٌ مَّعْلُوْمٌ ۝٤ مَا تَسْبِقُ مِنْ اُمَّةٍ اَجَلَهَا وَ مَا يَسْتَاْخِرُوْنَ ۝٥
وَ قَالُوْا يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْ نُزِّلَ عَلَيْهِ الذِّكْرُ اِنَّكَ لَمَجْنُوْنٌ ۝٦ لَوْ مَا تَاْتِيْنَا
بِالْمَلٰٓئِكَةِ اِنْ كُنْتَ مِنَ الصّٰدِقِيْنَ ۝٧ مَا نُنَزِّلُ الْمَلٰٓئِكَةَ اِلَّا بِالْحَقِّ وَ مَا
كَانُوْۤا اِذًا مُّنْظَرِيْنَ ۝٨

كافر بار بار آرزو كندا تہ كاش هو مسلمان هجن ها.(2) تون انهن كان درگذر كر هو پلي كائيندا پيئندا ۽ عيش كندا رهن. هنن جون هنن كي سندن اميدون غافل ركنديون. هو عنقريب پنهنجو انجام معلوم كندا.(3) اسان كا بہ آبادي (بستي) هلاك نہ كئي آهي، مگر ان لاءِ هك معلوم لكت (قانون) موجود هو(4) كا بہ قوم (قانون عروج و زوال ۾) پنهنجي مقرر مدت كان نہ اڳتي وڌي سگهي ٿي ۽ نہ وري پنتي هتي سگهي ٿي.(5) كافر گستاخ چون ٿا تہ اي اهي شخص! جنهن تي قرآن نازل كيو ويو آهي، بيشك تون ديوانو آهين.(6) تون اسان ڏانهن فرشتن كي چو نٿو آڻين، جيكڏهن واقعي تون سچو آهين.(7) اسان فرشتن كي ائين (فرمائش تي) نازل نہ كندا آهيون، مگر حق يعني آخري فيصلي سان پوءِ هنن كي مهلت نہ ٿي ڏني وجي.(8)

كافر مؤمن جون كاميابيون ۽ كامرانيون ڏسي ۽ الله جي رحمت جا منظر پسي دل ئي دل ۾ خواهش كندا تہ كاش اسان نبين جي نصيحت قبولي مسلمان ٿي وجون ها

ته مسلمانن وانگر اڄ اسان ۾ نعمتن ۽ نوازشن سان نوازيل هجون ها ۽ ڪافرن وانگر هنن عذابن، ذلت ۽ خوارين جا مستحق نه ٿيون ها. هو افسوس جا هٿ ملیندا رهندا، پر ويل وقت وري موٽي ڪونہ ايندو، جو هو ان مان فائدو حاصل ڪري سگهن. هنن جي حالت زار تي رنجيده ٿيڻ بدران هنن کي پنهنجي حال تي ڇڏي ڏي ته هو خوب کائن پيئن، عياشيون ڪن. هنن جون اهي وقتي خوشيون جڏادار رهڻ واريون نہ آهن. (ابراهيم: 38/14، الزمر: 8/39، محمد: 12/47، الطور: 45/52، المعارج: 42/70، المرسلات: 46/77) هنن جيڪي ڪوڙيون اميدون قائم ڪري رکيون آهن، اهي انهن کي غفلت ۾ رهڻ ڏيندیون (التكاثر: 1/102) ۽ انهن خودساخته اميدن جي آسري تي هو گمراهي ۽ گناهن ۾ وڌيڪ غرق ٿيندا ويندا. هنن جي اها غفلت ۽ ناجائز خواهش گهٽو وقت هلي ڪانہ سگهندي ۽ جلد پنهنجي پڇاڻيءَ تي پهچندي. هنن کي عنقريب معلوم ٿي ويندو ته هو گمراهين جي ڪهڙي غار ۾ گر هئا. جڏهن مڪافات عمل جو دور شروع ٿي ويندو. اتمام حجت ٿي ويندي ۽ مهلت جو وقت ختم ٿي ويندو ته سندن بداعمالي جا نتيجا ظاهر ٿيڻ شروع ٿي ويندا ۽ هر طرف کان هنن لاءِ تباهي جا منظر اڇڻ شروع ٿي ويندا. (الرعد: 58/13) حضرت علي عليه السلام جو قول مبارڪ آهي: "اِنَّمَا اَخْشٰى عَلَيْكُمُ اِثْنَتَيْنِ طُوْلَ الْاَمَلِ وَ اِتِّبَاعَ الْهَوٰى فَاَمَّا طُوْلُ الْاَمَلِ فَيُنْسِى الْاٰخِرَةَ وَ اِتِّبَاعُ الْهَوٰى يَصُدُّ عَنِ الْحَقِّ" مان اوهان لاءِ بن شين جو خوف رکان ٿو. هڪ وڌيون اميدون ڪرڻ ۽ ٻيو خواهشن جي پيروي ڪرڻ. وڌيون اميدون آخرت وسارين ٿيون ۽ خواهشن جي پيروي حق کان روڪي ٿي. حضرت حسن بصري رضي الله تعالى عنه جو چوڻ آهي ته "مَا اَطَالَ عَبْدٌ لِاَمَلٍ اِلَّا اَسَآءَ الْعَمَلَ" ٻانهي جون وڌيون اميدون ڪرڻ عمل کي خراب ڪن ٿيون.

ہزاروں خواہشیں ایسی کہ ہر خواہش پہ دم نکلے
بہت نکلے مرے ارمان لیکن پھر بھی کم نکلے
(غالب)

ياد رکو ته اسان طرفان ڪنهن کي ٻه جلد بازي ۾ بنا ڪنهن وجه جي هلاڪ نہ ڪيو ويندو آهي، پر هر قوم کي سڌرڻ ۽ سنورڻ جا موقعا ميسر ڪيا ويندا آهن.(الرعد: 35/13) "لِكُلِّ اَجَلٍ كِتَابٌ" (الرعد: 40/13) هر اجل جو وقت مقرر آهي. ۽ انهن سيني بعد

هنن کي هلاڪ ڪيو ويندو آهي، جنهن لاءِ الله جي علم ۽ قدرت ۾ هڪ فيصلو لکيل هيو، جيڪو عمل پذير ٿيو. هت لکت مان مراد الله جو يقيني علم آهي ته فلاڻي شخص اڳتي هلي پنهنجي ارادي ۽ اختيار سان پنهنجي خلاف ڪهڙا غلط ڪم ڪندو، جن جي ڪيس سزا ملندي، جيڪا علم خداوندي ۾ ايتري ته يقيني آهي جو لکت جو درجو رکي ٿي. هي اٽل فيصلو پنهنجي پوري وقت تي جاري ٿيندو، جنهن ۾ سرڪش ۽ ظالم قومن جي سزا جو سامان هوندو. الله جو اهو فيصلو پنهنجي عين وقت کان نه ڪجهه گهڙيون اڳتي ٿيندو ۽ نه ڪجهه گهڙيون پنتي ٿيندو. ڪافر آيات الاهي ٻڌڻ بعد ان مان نصيحت حاصل ڪرڻ يا ان تي غور و فڪر ڪرڻ بدران چون ٿا ته جنهن شخص (محمد رسول الله ﷺ) تي هي ذڪر نصيحت نامو قرآن نازل ٿيو آهي، اهو ديوانو آهي. (معاذالله) جو هو اهڙيون بي تڪيون ڳالهيون ڪري ٿو. (الشعراء: 27/26) جيئن فرعون وارن موسيٰ لاءِ چيو هو ته "اِنَّ رَسُوْلَكُمُ الَّذِيْٓ اُرْسِلَ اِلَيْكُمْ لَمَجْنُوْنٌ" هي رسول جيڪو اوهان ڏانهن موڪليو ويو آهي، اهو مجنون آهي. اهڙا بيهودا الزام ۽ بي جا القاب اهڙي پاڪيزه سيرت تي لڳائن ٿا، جن جي شان ۾ سوره نون والقلم: 2/68 ۾ آهي: "وَاِنَّكَ لَعَلٰى خُلُقٍ عَظِيْمٍ" تون خلق عظيم جو مالڪ آهين. "اِنَّكَ لَمِنَ الْمُرْسَلِيْنَ ○ عَلٰى صِرَاطٍ مُّسْتَقِيْمٍ○" (يٰس: 4/36-3) يقيناً تون رسولن مان خدا جو هڪ رسول آهين. صراط مستقيم تي قائم آهين. هي ڪتاب هڪ وڏي قوت واري غالب هميشه رحمت واري رب طرفان نازل ٿي رهيو آهي، پر ڪافر چون ٿا ته جنهن شخص هن ڪتاب جي دعوىٰ ڪئي آهي، اهو (معاذ الله) مجنون آهي. ان ڪري هڪ مجنون جي دعوائن تي ڪهڙو اعتبار هجي. هڪ هوش و حواس وارو ماڻهو ته اهڙا (معاذالله) گمراهه ڪن بيان پيش نٿو ڪري سگهي. جيڪڏهن هو پنهنجي هن دعوىٰ ۾ سچو آهي ته پوءِ پنهنجي تائيد ۾ پاڻ سان گڏ فرشتا چو نٿو وٺي اچي ته اسان انهن کي ڏسي يقين ڪريون ۽ سندس تصديق ڪريون ته واقعي هي الله طرفان موڪليو ويو آهي، پر جيڪڏهن اسان جي مطالبي باوجود الله هن سان گڏ فرشتو نٿو موڪلي ته پوءِ اسان سچا آهيون ته نه هو نبي آهي ۽ نه خدا طرفان آيات جو حامل آهي. (الانعام: 8/6، بني اسرائيل: 92/17، الفرقان: 21/25-7، الزخرف: 53/43) هن کان اڳ حضرت عيسىٰ عليه السلام مردن کي زندهه ڪرڻ، ڪوڙهه وارن کي چڱو ڀلو ڪرڻ جهڙا معجزا ڏيکاريا، حضرت

موسيٰ عليه السلام عصا ۽ يدِ بيضا جو معجزو ۽ ڏيکاريو. حضرت شعيب عليه السلام معجزاتي ڏاڇي ڏيکاري تہ پوءِ جيکڏهن هي واقعي خدا جو رسول آهي تہ الله کان فرشتن لهڻ جو معجزو ئي ڏيکاري. هنن کافرن کي اهو معلوم ناهي تہ اهڙي معجزي جي گهر ڪرڻ کو کيل تماشو نہ آهي، جو سندن خواهش تي ڏيکاريو وڃي ۽ اهڙي طرح سندن خود ساختہ جاهلانا مطالبا مڃيا وڃن. اهڙي معجزي جو ظهور تہ رڳو نتيجن جي ظاهر ٿيڻ وقت ئي ٿي سگهي ٿو. جڏهن قومن جو فيصلو ٿي ويندو آهي. "فرشتا حق سان نازل ٿين ٿا" جو مطلب آهي تہ هو باطل کي مٽائي حق جو ظهور ڪرڻ لاءِ ايندا آهن ۽ الله جي حڪم سان ان جو حڪم کي نافذ ڪندا آهن، جنهن ۾ وڌيڪ مهلت جي گنجائش نہ هوندي آهي. (الانعام: 8/6، الحجر: 85/15، الفرقان: 22/25، القدر: 4/97)

إِنَّا نَحْنُ نَزَّلْنَا الذِّكْرَ وَ إِنَّا لَهُ لَحٰفِظُوْنَ ۝٩ وَ لَقَدْ اَرْسَلْنَا مِنْ قَبْلِكَ فِيْ شِيَعِ الْاَوَّلِيْنَ ۝١٠ وَمَا يَاْتِيْهِمْ مِّنْ رَّسُوْلٍ اِلَّا كَانُوْا بِهٖ يَسْتَهْزِءُوْنَ ۝١١ كَذٰلِكَ نَسْلُكُهٗ فِيْ قُلُوْبِ الْمُجْرِمِيْنَ ۝١٢ لَا يُؤْمِنُوْنَ بِهٖ وَ قَدْ خَلَتْ سُنَّةُ الْاَوَّلِيْنَ ۝١٣ وَ لَوْ فَتَحْنَا عَلَيْهِمْ بَابًا مِّنَ السَّمَآءِ فَظَلُّوْا فِيْهِ يَعْرُجُوْنَ ۝١٤ لَقَالُوْٓا اِنَّمَا سُكِّرَتْ اَبْصَارُنَا بَلْ نَحْنُ قَوْمٌ مَّسْحُوْرُوْنَ ۝١٥ ع ١٥

يقينًا اسان ئي هي ذڪر (قرآن) نازل ڪيو آهي ۽ يقينًا اسان ئي ان جي حفاظت ڪنداسون.(9) بيشڪ اسان تو کان اڳ ۾ پهرين امتن ڏانهن رسول موڪليا آهن. (10) هنن ڏانهن ڪو بہ رسول ايندو هو تہ هي ان جو مذاق ڪندا هئا.(11) اهڙي طرح استهزا ۽ مسخريءَ کي مجرم ماڻهن جي دليلن ۾ داخل ڪيون ٿا.(12) پر ماڻهو هن قرآن تي ايمان ڪو نہ آڻيندا، بيشڪ هن کان اڳ وارن جي بہ اها روش رهي آهي.(13) جيکڏهن اسان هنن لاءِ آسمان جو ڪو

دروازو کولي ڏيون ۽ هو ان مان سارو ڏينهن چڙهندا رهن.(14) تڏهن به يقيناً هي ماڻهو چوندا تہ اسان جون اکيون منديون ويون آهن، بلکہ اسان پوري قوم تي جادو کيو ويو آهي.(15)

بيشک هي ذکر (قرآن) جنهن تي اسان نازل کرڻ فرمايو آهي، اهو اسان جو منتخب شده مجتبیٰ ۽ مصطفیٰ رسول خدا ﷺ آهي، (حٰم السجده: 41/ 42، القيامه: 16/75) جنهن جي عظمت ۽ اکرام کان اوهان ناواقف آهيو ۽ ان کي مجنون جهڙن (معاذالله) برن لقبن سان منسوب کري رهيا آهيو تہ نہ اوهان جو اهو رويو ۽ فکر درست آهي ۽ نہ وري توهان هن ذکر (قرآن) جو کجهہ بگاڙي سگهو ٿا. هي سڏي طرح منهنجي حفاظت ۽ نگهباني ۽ ۾ آهي. اوهان هن جو اکر به مٽائي نٿا سگهو، نہ ان کي ڏبائي ختم کري سگهو ٿا. نہ توهان جي طعنن ۽ اعتراضن سان هن جي قدر و قيمت ۾ کا کمي ايندي، نہ اوهان هن جي دعوت کي روکي سگهو ٿا ۽ نہ وري الفاظ ۽ معنیٰ ۾ ردو بدل کري سگهو ٿا. (الانعام: 115/6) هي الله جي محفوظ هٿن ۾ محفوظ آهي. "اِنَّا نَحْنُ نَزَّلْنَا الذِّكْرَ وَ اِنَّا لَهٗ لَحٰفِظُوْنَ" (الحجر: 15/ 9) "اِنَّاۤ اَنْزَلْنٰهُ فِيْ لَيْلَةِ الْقَدْرِ" (القدر: 1/97) "تَنْزِيْلَ الْعَزِيْزِ الرَّحِيْمِ" (يٰس: 2/36، الطور: 52/3-2، الحشر: 21/59، البقره: 2/2، المائده: 67/5) قرآن حڪيم کي ذکر سڏيو ويو آهي. هي انساني روح اندر الله جي ذات جي علم کي اجاگر کري ٿو. نسيان جي پردن مان کڏي ياد دهاني ۾ آڻي ٿو. گويا هي ذکر الله سان کيل وعدن جي ياد دهاني لاءِ Reminder تذکرو آهي. هن کان اڳ 15/6 ۾ به "نُزِّلَ عَلَيْهِ الذِّكْرُ" آيو آهي. سوره ن والقلم جي آخري ٻن آيتن 51-52/68 ۾ به قرآن کي "ذکر" چيو ويو آهي. هي قيامت تائين محفوظ رهندو، جڏهن تہ اڳيان ڪتاب ۽ صحفيا بدلجي ويا آهن. هي رسول مڪرم ﷺ کو پهريون رسول نہ آهي پر هن کان اڳ نبين ۽ رسولن جو سلسلو آدم عليه السلام ۽ نوح عليه السلام کان هلندڙ آهي، جيکي هن کان اڳ پنهنجن پنهنجن قومن ڏانهن موکليا ويا آهن، جن سيني توحيد جو پيغام ڏنو. ۽ آخرت جي انجام کان خبردار کيو آهي ۽ هي رسول مڪرم ﷺ به خدا جي ساڳي پيغام کي ماڻهن تائين پهچائڻ لاءِ آيو آهي، مگر هنن منکر ماڻهن جي هميشہ ساڳي روش رهي آهي. جڏهن به کو رسول،

خدا جو توحيد وارو پيغام کٹي آيو تہ هو ان جو مذاق کرڻ لڳا تہ اسان پنهنجن ابن ڏاڏن جي معبودن کي ڇڏي رڳو هڪ خدا کي کهڙي طرح معبود سمجهون، ان کان علاوه يوم آخرت کي مڃڻ لاءِ بہ تيار نہ آهن. چون ٿا تہ جڏهن انسان مري ويندو ۽ قبر ۾ سندس هڏيون بہ ڳري ويندیون تہ اهو وري کيئن زنده ٿيندو. اهڙا معاملا پيش کري نبين جو مذاق کندا هئا. اسان پنهنجي انهيءَ ذکر (ياد دهاني) کي انهن منکرن جي دل ۾ تير ۽ نشتر بنائي داخل کيون ٿا تہ جيئن هنن کي سندن چٿر ۽ مذاق جو پورو پورو جواب ملي وڃي. اهو مولانا مودودي ﷺ جو تفسير آهي، پر ضياءُ القرآن واري "استهزاء" کي کافرن جي دل ۾ تير نشتر بنايو آهي. اهڙيءَ طرح باقي تفسيرن ۾ اختلاف راءِ موجود آهي. دراصل اهو استهزاء مذاق، چٿر سپ سندن مشترڪ نفسياتي کيفيت جو اظهار آهي. هنن کي دليل ۽ ثبوت جو جواب بہ عقل ۽ دانش سان مناسب ۽ موافق ڏيڻ گهرجي. پر هو ناداني ۽ ذاتي انا جي کري هر رسول سان ساڳيو رويو رکندا آيا آهن. ان کري مٿن عذاب بہ اهڙي طرح جا ايندا رهيا آهن.

اها ساڳي کيفيت تنهنجي قوم جي بہ آهي، جيڪا نصيحت قبول کرڻ ۾ ليت و لعل کان ڪم وٺي رهي آهي. پر جن ايمان قبول کيو آهي تہ هي ذکر انهن جي دل جو سکون ۽ روح جي راحت آهي. "اَلَا بِذِكْرِ اللّٰهِ تَطْمَئِنُّ الْقُلُوْبُ" ڇا الله جي ذکر سان قلب کي قرار ۽ روح کي راحت نٿي رسي، يقيناً رسي ٿي. مگر مجرم ماڻهن جي دل ۾ هي ذکر نشتر جو ڪم کري ٿو. سندن سکون برباد ٿي وڃي ٿو ۽ آخرت بہ تباهي ۽ بربادي سبب اونداهي نظر اچي ٿي. هي تنهنجي قوم جي اڪثريت بہ ايمان کانہ آڻيندي ۽ پنهنجن ابن ڏاڏن جي روش ريتن رسمن ۽ اعتقاد و عمل کي انهن جي نقش قدم رکندي ايندي. هي بار بار چئي رهيا آهن تہ کو معجزو ڏيکار، حالانکہ قرآن خود معجزو آهي. جيڪو پنهنجن لفظن، معنىٰ ۾ دنيا وارن لاءِ هڪ چئلينج آهي، جنهن جو اڄ تائين کو بہ جواب نہ آيو آهي. هن جي هر آيت تاثير سان لبريز آهي ۽ اصحاب ساڳورن جي زندگيءَ جو انقلاب اوهان جي اکين آڏو آهي. هن کان وڌيڪ کهڙو معجزو گهرو ٿا، جنهن معجزي جا اوهان خواهان آهيو، جڏهن اهو آيو ۽ فيصلو ٿي ويو تہ پوءِ کا بہ مهلت نہ ملندي. باقي هنن جي مطالبي مڃڻ لاءِ جيڪڏهن اسان آسمان جا در بہ کولي ڏيون ۽ هي

سارو ڏينهن مٿي چڙهندا به رهن پوءِ به عقل جا انڌا پنهنجي ضد تان نه لهندا ۽ اهڙي خرق العادت معجزي ۾ به کيڙا کيڏ شروع کندا. چوندا ته اسان جون اکيون مندين ويون آهن. ان کري اسان کي ڏسڻ ۾ کجهه اچي ٿو، پر حقيقت ۾ اهو ائين ناهي. هو چون ٿا رڳو اسان جي اکين تي جادو جو اثر ناهي پر اسان پوري جا پورا سحر زده ٿي ويا آهيون. حقيقت ڏسڻ کان اسان کي معذور کيو ويو آهي. ان کري اسان ان کي به حق مڃڻ لاءِ تيار نه آهيون. هنن جي ضد ۽ هٺ واري بري عادت ته هن انتها تي پهتي آهي جو هو فرشتي اچڻ جو معجزو طلب کن ٿا پر ان کان وڌيڪ هنن لاءِ آسمان جا دروازا به کولي ڏجن ۽ هو مٿي وڃي اکين سان الله جي قدرت جو نظارو کن پر پوءِ به ايمان کو نه آڻيندا.

وَ لَقَدْ جَعَلْنَا فِي السَّمَآءِ بُرُوْجًا وَّ زَيَّنّٰهَا لِلنّٰظِرِيْنَ ﴿١٦﴾ وَ حَفِظْنٰهَا مِنْ كُلِّ
شَيْطٰنٍ رَّجِيْمٍ ﴿١٧﴾ اِلَّا مَنِ اسْتَرَقَ السَّمْعَ فَاَتْبَعَهٗ شِهَابٌ مُّبِيْنٌ ﴿١٨﴾ وَ
الْاَرْضَ مَدَدْنٰهَا وَ اَلْقَيْنَا فِيْهَا رَوَاسِيَ وَ اَنْۢبَتْنَا فِيْهَا مِنْ كُلِّ شَيْءٍ
مَّوْزُوْنٍ ﴿١٩﴾ وَ جَعَلْنَا لَكُمْ فِيْهَا مَعَايِشَ وَ مَنْ لَّسْتُمْ لَهٗ بِرٰزِقِيْنَ ﴿٢٠﴾ وَ اِنْ
مِّنْ شَيْءٍ اِلَّا عِنْدَنَا خَزَآئِنُهٗ ۫ وَ مَا نُنَزِّلُهٗۤ اِلَّا بِقَدَرٍ مَّعْلُوْمٍ ﴿٢١﴾ وَ اَرْسَلْنَا
الرِّيٰحَ لَوَاقِحَ فَاَنْزَلْنَا مِنَ السَّمَآءِ مَآءً فَاَسْقَيْنٰكُمُوْهُ ۚ وَ مَاۤ اَنْتُمْ لَهٗ
بِخٰزِنِيْنَ ﴿٢٢﴾ وَ اِنَّا لَنَحْنُ نُحْيٖ وَ نُمِيْتُ وَ نَحْنُ الْوٰرِثُوْنَ ﴿٢٣﴾ وَ لَقَدْ عَلِمْنَا
الْمُسْتَقْدِمِيْنَ مِنْكُمْ وَ لَقَدْ عَلِمْنَا الْمُسْتَاْخِرِيْنَ ﴿٢٤﴾ وَ اِنَّ رَبَّكَ هُوَ
يَحْشُرُهُمْ ؕ اِنَّهٗ حَكِيْمٌ عَلِيْمٌ ﴿٢٥﴾ ع ٢ ٢

اسان آسمان ۾ برج (مضبوط قلعا) بڻايا آهن ۽ اسان ان کي ڏسندڙن لاءِ مزين

ڪيو آهي. (16) ۽ هر شيطان مردود کان ان کي محفوظ ڪيو آهي.(17) مگر ڪو ئي لڪي چوري ڇپي ٻڌڻ جي ڪوشش ڪري تہ روشن شعلو ان جو تعاقب ڪري ٿو. (18) زمين کي اسان پکيڙي ڇڏيو ۽ ان ۾ اسان مضبوط پهاڙ ناهي ڇڏيا ۽ هر قسم جون شيون هڪ تناسب (اندازي) سان ان ۾ اپايون(19) ۽ ان ۾ اسان توهان لاءِ معيشت جا ذريعا پيدا ڪيا ۽ انهن جي معيشت ۾ جن کي اوهان رزق ڏيڻ وارا نہ آهيو.(20) ڪا بہ اهڙي شيءِ ناهي جنهن جا خزانا اسان وٽ نہ هجن، جن کي اسان هڪ مقرر اندازي (مقدار) سان نازل ڪيون ٿا. (21) ۽ اسان هوائن کي بادل سان بار آور ڪري هلايون ٿا. پوءِ آسمان طرفان پاڻي (مينهن) وسايون ٿا ۽ توهان کي ان سان سيراب ڪيون ٿا. توهان ان جا اهي خزانا گڏ ڪري رکي نٿي سگهيا. (22) ڪو شڪ نہ آهي تہ اسان زندهه ڪيون ٿا ۽ اسان ئي موت ڏيون ٿا ۽ سڀ جا وارث اسان ئي آهيون.(23) اسان انهن کي بہ ڄاڻون ٿا جيڪا اوهان کان اڳ گذريا آهن ۽ انهن کي بہ ڄاڻون ٿا جيڪي بعد ۾ ايندا.(24) بيشڪ تنهنجو پروردگار ئي آهي جو هنن سمورن کي ڪنو ڪندو. بيشڪ اهو حڪيم ۽ عليم آهي. جنهن جو هر ڪم حڪمت وارو ۽ ان جي پوري معلومات رکڻ وارو آهي.(25)

ذرا اکيون کولي ڏسو تہ اسان آسمان ۾ مضبوط قلعا بنايا آهن. (الفرقان: 61/25، النساء: 78/4) هن مان مراد اهي مضبوط آسماني قلعا آهن، جن ۾ خدا جا فرشتا فوجي طور سرحدن جي حفاظت ڪندا آهن. قرآن ۾ آهي: "وَلَوْ كُنْتُمْ فِيْ بُرُوْجٍ مُّشَيَّدَةٍ" (النساء: 78/4، البروج: 1/85) بہ انهيءَ معنيٰ ۾ استعمال ٿيو آهي. "بُرج" مان تَبَرُّج ظاهر ٿيڻ بہ آهي. "وَقَرْنَ فِيْ بُيُوْتِكُنَّ وَلَا تَبَرَّجْنَ تَبَرُّجَ الْجَاهِلِيَّةِ الْاُوْلٰى" (الاحزب: 33/33) پنهنجن گهرن ۾ رهن ۽ جاهليت وارو هار سينگار ظاهر نہ ڪن. "غَيْرَ مُتَبَرِّجٰتٍ بِزِيْنَةٍ" (النور: 60/24) پنهنجي زينت جو اظهار نہ ڪرڻ واريون "بروج" مان مراد وڏا وڏا ستارا بہ ورتو ويو آهي.

"اِنَّا زَيَّنَّا السَّمَآءَ الدُّنْيَا بِزِيْنَةِ الْكَوَاكِبِ" (الصّافّات: 6/37) اسان دنيا جي آسمان کي ڪواڪب (وڏن ستارن سان سينگاريو آهي، هت "ڪواڪب" ۽ "بروج" هم معنيٰ آهن. يعني اهڙي مضبوط جڳهه، جيڪا نهايت محفوظ هجي. آسمان ۾ اهڙا مضبوط قلعا بڻايا ويا آهن، جيڪي غير مرئي طور هڪ ٻئي کان الڳ ٻه آهن، پر دراصل جڙيل آهن. جن ۾ فرشتن جا جٿا فوجي جٿن وانگر انهن جي نگراني لاءِ مقرر ڪيل آهن تہ جيئن ڪا ٻه شيءِ الله جي اذن کانسواءِ انهن کي پار ڪري، عالم اعليٰ طرف وڃي نہ سگهي. پر جيڪڏهن جنّ، انسان، شيطان يا ڪو ٻه جرئت ڪري چوري ڇپي راز معلوم ڪرڻ لاءِ سرحد پار ڪرڻ گهري ٿو تہ اهي فرشتا کين شهاب ثاقب روشن سياري سان ان کي ميزائيل وانگر نشانو بنائي ناڪام بڻائين ٿا. ان ڪري جادوگرن ۽ نجومين تائين عالم اعليٰ جا راز پهچي نٿا سگهن، جن کي هو ماڻهن کي ٻڌائي پنهنجي ناپاڪ ڏنڊي کي جاري رکي سگهن. هي الله جو اهو بهترين نظام آهي. "الَّذِيْٓ اَحْسَنَ كُلَّ شَيْءٍ خَلَقَهٗ" (السجده: 7/32) هن الله جيڪا شيءِ ٻه بنائي آهي، نهايت خوبصورت بنائي آهي. (نوح: 50/71) "يٰمَعْشَرَ الْجِنِّ وَالْاِنْسِ اِنِ اسْتَطَعْتُمْ اَنْ تَنْفُذُوْا مِنْ اَقْطَارِ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ فَانْفُذُوْا ؕ لَا تَنْفُذُوْنَ اِلَّا بِسُلْطٰنٍ ۝" (الرحمان: 33/55) اي جنن ۽ انسانن جا جٿا جيڪڏهن اوهان آسمانن ۽ زمين جي پاسن کان (سرحدن کان) ٻاهر نڪري سگهڻ جي سگهه رکو ٿا تہ نڪري ڏيکاريو. ڪنهن وڏي اختيار (طاقت) کانسواءِ نڪري نہ سگهندا. پر جيڪڏهن کو صاحب اختيار جي اذن کانسواءِ چوري ڇپي سرحد پار ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو تہ فرشتا (نوري مخلوقات) جِنّن (ناري مخلوقات) جو پيڇو ڪري تي ۽ ان کي شهاب ثاقب هڪ روشن گولي سان ميزائل وانگر نشانو بنائي تي. اهي ميزائيل انهن مضبوط قلعن جي نزديڪ فرشتن جي دسترس ۾ ڏنا آهن. قلعن جي ڪهڙي حيثيت ۽ صورت آهي، صرف الله کي معلوم آهي. اهڙي طرح سماوي نظام جي نگراني ۽ حفاظت جو اهتمام ٿيل آهي. "بروج" جمع آهي "بُرج" جو. قديم علمِ هيئت ۾ "برج" ان ٻارنهن منزل لاءِ استعمال ٿيندو هو، جنهن تي سج جي گردش يا مدار کي تقسيم ڪيو ويو هو. ڪجهه مفسرين جو خيال اوڏانهن ويو آهي. پر جديد تحقيق ۾ اهڙو ڪو ثبوت موجود نہ آهي. "شهاب مبين" يعني روشن شهاب روشن شعلو يا گولو جيڪو هر حد پار ڪندڙ کي هنيو

ٿو وڃي ۽ شهاب ثاقب جو اهو منظر نظر ايندو رهي ٿو. (الشعراء: 212/26 - 210، الصَّافَّات: 9/37- 8، الطّور: 38/52، الملک: 5/67، الجن: 9/72- 8، الفرقان: 16/25) جيڪي مخالف ماڻهو پنهنجي تسليءَ لاءِ بار بار معجزا طلب ڪري رهيا آهن، انهن کي چئو تہ رات جو ڪلئي ميدان ۾ سڪون سان بيهي آسمان ڏانهن نهاريو ۽ ان جي وسعت ۾ چمڪندڙ ستارن ۽ ان مان ڦٽندڙ شهاب ثاقب خدا جي عظمت ۽ جلال جو ايمان افروز منظر پيش ڪري رهيا آهن، جن کي ڏسي ماڻهو ششدر ٿيو وڃي ٿو ۽ بي اختيار پڪاري ٿو تہ "رَبَّنَا مَا خَلَقْتَ هٰذَا بَاطِلًا" (آل عمران: 191/3) آسمان ۾ حفاظت نظام جي ذميواري فرشتن جي هوندي آهي، جنهن ۾ جنّ يا انسان کي ڪو دخل نہ آهي. (حٰم السجده: 72/41، الشعراء: 210/26، الصَّافَّات: 8/37-4، الجِنّ: 9/72-8، ص: 11/38 -10) اي ڪاهن، جوڳي، عامل سڀ خودفريبيءَ جو شڪار آهن ۽ وهمي ۽ ڪمزور ايمان وارا ماڻهو انهن جو شڪار رهن ٿا.

سماوي نعمتن کان بعد ارضي نعمتن جو ذڪر ٿي رهيو آهي، يعني فضا ۾ ترندڙ اجسام بعد زمين تي موجود اجسام جو ذڪر جنهن ۾ الله جي قدرت ۽ حڪمت جي هڪ ٻئي نظاري ڏانهن ڌيان ڇڪايو ٿو وڃي. اسان زمين کي پکيڙي ڇڏيو. (الفجر: 21/89، الانشقاق: 3/84، الشمس: 6/91) گول ڪري گردش ۾ رکيو آهي، جو پنهنجي گرد ۽ سج چنڊ جي گرد گردش ۾ آهي. هن ۾ پهاڙ مضبوط ڄمايا آهن، تہ جيئن هو گردش ۾ هيڏي هوڏي نہ ٿي وڃن. پهاڙ ۾ سون، چانديءَ ۽ ٻين ڌاتن جا ذخيرا رکيا ويا آهن. تيل، گئس ۽ ان زمين ۽ پهاڙن، درياءَ ۽ سمنڊن جي تهه ۾ گهرائيءَ تي موجود آهن. زمين ۾ قسمين نباتات، سبزيون، ڦل، ٻوٽا، گل، ڪيت ۽ باغ بنايا آهن، جن ۾ ازواج جوڙا جوڙا نر ماده بنايا آهن، جن جي آب پاشي لاءِ نهرون جاري ڪيون آهن. اهي سڀ شيون ۽ ٻيون اٽڪل شيون ۽ پوري پوري مقدار توازن ذائقي ۽ فائدي سان لبريز آهن (المنافقون: 7/77، المؤمنون: 18/28، الڪهف: 41/18) جن کي انسان خصوصي طرح ۽ ڪجهه جانور پڪي ٻيا جيت جڻيا پنهنجي روزيءَ طور استعمال ڪري رهيا آهن ۽ انسان لاءِ هر قسم جو رزق اپايو آهي تہ هو پاڻ ۽ ان مان فائدو حاصل ڪن ۽ پنهنجي نشو نما جو ذريعو بنائين ۽ انهن لاءِ ۽ روزي مهيا ڪئي وئي آهي، جن کي اوهان رزق مهيا نٿا ڪري سگهو.

جنين هر نہ ٻج تنين تنهنجو آسرو،
پوءِ اپارين سج اول ڏين ان کي

(شاھ رحمۃ اللہ علیہ)

اے کریمے کہ از خزانۂ غیب
گبر ترسا وظیفہ خورداری
دوستاں را کجا کنی محرم
تو کہ با دشمنان نظرداری
اگر روزی بدانائی بہ ببودے
ز ناداں تنگ تر روزی نہ بودے
بناداناں چنان روزی رساند
کہ دانا اندراں حیرت بماند

(شیخ سعدي رحمۃ اللہ علیہ)

انسانن ۾ هر ساهہ واري لاءِ اسان جن نعمتن کي اپايو آهي، ان جا خزانا پريل آهن. اسان کي چڱي طرح رسد ۾ کپت جي پوري خبر آهي تہ ڪهڙي دور ۾ ڪيتري ۾ ڪهڙي دور ۾ ڪيتري گهرج هوندي. رزق جو ذمو اسان جي حوالي آهي. "وَمَا مِنْ دَآبَّةٍ فِي الْاَرْضِ اِلَّا عَلَى اللّٰهِ رِزْقُهَا" (هود: 6/11) زمين تي هلڻ چلڻ (اڏامڻ يا گسڪي چرپر ڪرڻ وارن) سيني جاندارن جي رزق جي ذميواري الله کي آهي. (الكهف: 41/18) نباتات هجي يا جمادات، حيوانات وغيره هوا، پاڻي، روشني، گرمي ۾ سردي، هر نوع ۾ هر جنس جا خدا وٽ خزانا آهن، جيڪي تمام جاندار مخلوقات جي زندگيءَ لاءِ ضروري آهن. الله پنهنجن انهن خزانن جو وقت ۾ ضرورت مطابق مقرر اندازو ڏيندو رهي ٿو. هر شيءِ جو توازن برقرار آهي. ان ڪري نہ ڪو خلل واقع ٿئي ٿو ۾ نہ فتور نظر اچي ٿو. (البقره: 22/2، المُلک: 3-5/67) هر شيءِ پنهنجي مقرر معياد (اندازي) مطابق نازل ٿئي ٿي. اسان هوائن کي موڪليون ٿا، جيڪي پاڻيءَ سان پريل بادلن جو بار کڻي هلن ٿيون ۾ پوءِ آسمان جي طرفان مينهن وسايون ٿا، جنهن سان اوهان کي سيراب ڪيون ٿا، کيتي باڙي، باغ سبزيون، اَنُ گاهہ اڀايون ٿا ۾ اهي هوائون ٻوٽن، گلن، ميون ۾ نرينہ ماده ملائي کين غذا

لائق ڪري ٿي. "لواقح" يا "لاقح" اهڙي شيءِ ڪٽڻ جيڪا بار آور فائديمند يا ڦل ڏيندڙ هجي. مينهن وارا بادل ڪٽڻ، ٻوٽن ۽ سبزين وغيره ڦرجڻ وارا نرينہ داره ڪٽي وجهڻ، هڪ ٻئي سان ٻوٽي کي سود مند ڪرڻ ۽ بارش سان بار آور ڪرڻ کي "لواقح" چيوويندو آهي. جڏهن ته ٻي جهڪڙ ۽ بي برڪت هوا کي "الرّيح العقيم" چوندا آهن. (الذاريٰت: 41/51، الواقعه: 56/73-58، الروم: 46/30، الاعراف: 57/7، النحل: 66/16، الفرقان: 48/25)

بر ونا ٿر ونا ونيون ترايون
پره جو پٽن تي ڪن ولوڙا وايون
مکڻ پرين هٿڙا سينگاريون سايون
ساري ڏهن سامهيون ٻولايون وائيون
ٻانهون ۽ ٻايون پکي سونهن پانهجي

(شاهه رحمه الله: سر سارنگ)

الله تعالىٰ جي پاڻي پهچائڻ جو نظام هڪ عجيب ڪرشمو آهي. اڄ جي سائنس ان کي واٽر سائيڪل جو نالو ڏئي ٿي. هي عظيم الشان نظام سان سمندن جا بخارات کڻي، بادل ٺاهي، برسات وسائي، گليشيئر شڪل ۾ وڏن جبل تي پاڻي ذخيرو ٿئي ٿو. پوءِ اهو چشمن، ندين ۽ دريائن جي وسيلي ميداني علائقن کي سيراب ڪندو، زير زمين ذخيره ڇڏيندو، وري سمندن ۾ پوي ٿو. الله جو هي پورو نظام ڪائنات کي قائم رکڻ لاءِ ڪارفرما آهي. حيات و موت جو سلسلو ب ان نظام سان جڙيل آهي. زندگي ۽ ان جا اسباب، قدرت ۽ حڪمت جو شاهڪار آهن. اهو ئي زندگي ڏئي ٿو ۽ انهن جا اسباب بنائي ٿو ۽ ان جي اذن سان ئي موت واقع ٿئي ٿو يا مرده قومن کي وري زنده قومن جي معيار تي آڻڻ لاءِ سازگار حالات جو مهيا ڪرڻ ۽ انهن کي سڏي رستي تي هلي هڪ زنده قوم جو درجو حاصل ڪرڻ ب الله جي مشيت سان آهي ۽ ان جي قانون مشيت مطابق ئي اقتدار واري قوم مرده قومن ۾ شمار ٿي وڃي ٿي ۽ توهان سيني کي مون (الله) ڏانهن موٽڻو آهي ۽ آءٌ اوهان جو وارث والي آهيان. (الواقعه: 56/63 کان 74) اوهان کي هت جو ڪجهہ مليو آهي، اهو عارضي استعمال لاءِ آهي ۽ هڪ ڏينهن توهان کي هي جهان هٿين

خالي ڇڏڻو پوندو ۽ اسان جي شيءِ اسان وٽ رهندي، جيڪا وري ٻئي ڪنهن کي عارضي استعمال لاءِ ڏبي. اسان اوهان مان انهن کي به ڄاڻون ٿا جيڪي اڳتي وڌڻ جي ڪن ٿا ۽ انهن کي به جيڪي پوئتي رهڻ وارا آهن. اسان کي معلوم آهي ته ڪير اسباب معائش تي زبردستي يا غلط طريقي سان قابض ٿيو آهي ۽ ٻين جي حق تلفي ڪري رهيو آهي ۽ اسان کي ان جي به خبر آهي، جيڪو هن دوڙ ۾ پٺتي رهجي محروم ۽ مستحق بڻجي ويندو آهي. اهو به معلوم آهي ته ڪير دعوت حق کي فورًا لبَّيک چئي، ان ۾ شامل ٿي قرآن ۽ سنت مطابق زندگي بسر ڪري رهيو آهي ته کهڙو "اَلسّٰبِقُوْنَ الْاَوَّلُوْنَ" مان آهي ته کهڙو ابرار ۽ مُقرّبين مان آهي ۽ اهو به معلوم آهي ته کهڙا بدنصيب هن سعادت حاصل ڪرڻ کان رهجي ويندا. اوهان سيني کي نيڪ توڙي بد، خوشحال توڙي تنگدست الله جي حضور ۾ حاضر ٿي زندگيءَ جي پوري روئداد پيش ڪرٽي آهي. جيڪو اوهان کي قيامت واري ڏينهن هڪ هنڌ ڪنو ڪندو ۽ توهان جو پورو چنو ڪولي اوهان جي هٿن ۾ ڏنو ويندو. هي سارو نظام الله حڪمت واري حڪيم ۽ علم رکڻ واري عليم جي پاران آهي. (الانعام: 38/6، الشوریٰ: 29/42، التغابن: 9/64، هود: 103/11، النساء: 87/4)

وَ لَقَدْ خَلَقْنَا الْاِنْسَانَ مِنْ صَلْصَالٍ مِّنْ حَمَاٍ مَّسْنُوْنٍ ﴿۲۶﴾ وَ الْجَآنَّ
خَلَقْنٰهُ مِنْ قَبْلُ مِنْ نَّارِ السَّمُوْمِ ﴿۲۷﴾ وَ اِذْ قَالَ رَبُّكَ لِلْمَلٰٓئِكَةِ اِنِّيْ خَالِقٌۢ
بَشَرًا مِّنْ صَلْصَالٍ مِّنْ حَمَاٍ مَّسْنُوْنٍ ﴿۲۸﴾ فَاِذَا سَوَّيْتُهٗ وَ نَفَخْتُ فِيْهِ مِنْ
رُّوْحِيْ فَقَعُوْا لَهٗ سٰجِدِيْنَ ﴿۲۹﴾ فَسَجَدَ الْمَلٰٓئِكَةُ كُلُّهُمْ اَجْمَعُوْنَ ﴿۳۰﴾ اِلَّآ
اِبْلِيْسَ ؕ اَبٰٓى اَنْ يَّكُوْنَ مَعَ السّٰجِدِيْنَ ﴿۳۱﴾ قَالَ يٰٓاِبْلِيْسُ مَا لَكَ اَلَّا تَكُوْنَ
مَعَ السّٰجِدِيْنَ ﴿۳۲﴾ قَالَ لَمْ اَكُنْ لِّاَسْجُدَ لِبَشَرٍ خَلَقْتَهٗ مِنْ صَلْصَالٍ مِّنْ
حَمَاٍ مَّسْنُوْنٍ ﴿۳۳﴾ قَالَ فَاخْرُجْ مِنْهَا فَاِنَّكَ رَجِيْمٌ ﴿۳۴﴾ وَّ اِنَّ عَلَيْكَ اللَّعْنَةَ اِلٰى

يَوْمِ الدِّيْنِ ﴿٣٥﴾ قَالَ رَبِّ فَاَنْظِرْنِيْٓ اِلٰى يَوْمِ يُبْعَثُوْنَ ﴿٣٦﴾ قَالَ فَاِنَّكَ مِنَ الْمُنْظَرِيْنَ ﴿٣٧﴾ اِلٰى يَوْمِ الْوَقْتِ الْمَعْلُوْمِ ﴿٣٨﴾

يقينًا اسان انسان كي چيڪي بدبودار مٽيءَ مان پيدا ڪيو، جيڪا ڪڪر وانگر وڄي رهي هئي. (26) ۽ ان (آدم) کان اڳ جنن کي جيئي (جڙي) واري باهه مان پيدا ڪيو.(27) (اهو واقعو ياد ڪيو) جڏهن تنهنجي رب فرشتن کي چيو ته مان جيڪي ليس دار بوءِ واري سڙيل گاري جي وڄندڙ مٽي مان بشر پيدا ڪرڻ وارو آهيان.(28) پوءِ جڏهن هن کي هر لحاظ سان درست ڪري ونان ۽ ان ۾ پنهنجي روح مان ڦوڪ ڏيان ته پوءِ اوهان سڀ ان جي آڏو سجده ريز ٿي وڃجو(29) ته پوءِ سڀ جا سڀ سجده ريز ٿي ويا.(30) سواءِ ابليس جي، هن سجده وارن سان گڏ سجدو ڪرڻ کان انڪار ڪيو.(31) الله فرمايو ته ابليس توکي ڇا ٿيو جو تون سجدو ڪندڙن سان گڏ نه هئين(32) هن چيو ته اهو ٿي نٿو سگهي ته مان بشر کي سجدو ڪريان، جنهن کي تو بوءِ واري ڪاري چيڪي وڄندڙ مٽيءَ مان پيدا ڪيو آهي.(33) الله فرمايو (ابليس) نڪري وڃ، بيشڪ تون مردود ۽ سنگ ساري لائق آهين.(34) ۽ بيشڪ توتي قيامت جي ڏينهن تائين لعنت آهي.(35) هن (ابليس) درخواست ڪئي ته اي پروردگار! تون مون کي ان ڏينهن تائين مهلت ڏي جڏهن ماڻهو ٻيهر زندهه ڪيا ويندا.(36) الله چيو ها تون مهلت مليل وارن مان آهين.(37) وقت مقرر جي ڏينهن يعني يومِ جزا تائين.(38)

يقينًا اسان انسان کي بوءِ واري ليس دار سياهه مٽيءَ جي گاري مان جيڪو نڪريءَ وانگر وڄندڙ هيو، مان پيدا ڪيو آهي. (الصَّافَّات: 11/37، الرحمان: 14/55، آل

عمران: 59/3، المؤمن: 67/40، السجده: 4/32، ص: 74/39) معلوم ٿيو ته انسان مٽي ۽ پاڻي جي ميلاپ سان اهڙي گاري مان پيدا ڪيو آهي، جيڪو بدبودار ٿي ليس دار بڦجي سياهه رنگ جو ٿي ويو هو ۽ بعد ۾ اهو نڪريءَ وانگر وڃي رهيو هو. قرآن مجيد ۾ آدم جي پئدائش "وَمِنْ اٰيٰتِهٖۤ اَنْ خَلَقَكُمْ مِّنْ تُرَابٍ" (الروم: 20/30) تراب مان پيدا ڪيو، پوءِ جڏهن تراب ۾ پاڻي پيو، "وَ جَعَلْنَا مِنَ الْمَآءِ كُلَّ شَیْءٍ حَیٍّ" (الانبياء: 30/21) واري مرحلي ۾ "خَلَقْتَنِیْ مِنْ نَّارٍ وَّ خَلَقْتَهٗ مِنْ طِیْنٍ" (الاعراف: 12/7) طين مان پيدا ڪيو. (گاري مان) "اِنَّا خَلَقْنٰهُمْ مِّنْ طِیْنٍ لَّازِبٍ" (الصٰفٰت: 11/37) طين لازب جيڪو چيڪي مٽي، ليس دار ٿي وڃي ان کان پوءِ "مِنْ حَمَاٍ مَّسْنُوْنٍ" (الحجر: 26/15) ياد رهي ته هن هڪ رڪوع ۾ "حَمَاٍ مَّسْنُوْنٍ" ٿي دفعا آيو آهي، جڏهن اها خشڪ ٿي وڃي، "مِنْ صَلْصَالٍ كَالْفَخَّارِ" (الرحمان: 14/55) يعني پڪي نڪري وانگر وڄندڙ پر باهه ۾ پڪل نه هجي. (بني اسرائيل: 61/17 کان 65) آدم عليه السلام جي پيدائش لاءِ ايترو ئي ڪافي هيو ته هن کي مٽيءَ مان پيدا ڪيو آهي، پر مختلف هنڌن تي تُرَابٍ، طِیْنٍ، طِیْنٍ لَّازِبٍ، حَمَاٍ مَّسْنُوْنٍ، صَلْصَالٍ كَالْفَخَّارِ چوڻ ۾ ضرور ڪا حڪمت آهي. "تُرَاب" خشڪ مٽي، "طِیْن" پاڻيءَ سان گيلي مٽي، "حَمَاٍ مَّسْنُوْن" ڪوهيل بدبودار مٽي، "صَلْصَال" خشڪ ٿي وڃڻ لڳي، "اَلْفَخَّارِ" باهه ۾ پچي وڃي نڪر ٿي پوي. هي تخليق جو مرحلو آهي. توليد ۾ "نُطْفَه" منيءَ جو قطرو، "عَلَقَهْ" جميل رت جو دڳ "مُضْغَهْ" دڳ ڪي گوشت ۾ آڻڻ، پوءِ "عِظَامًا" هڏا ناهڻ ۽ ان تي گوشت چاڙهڻ "فَخَلَقْنَا خَلْقًا آخَرَ" الاهي توانائي يعني Devine energy اَللّٰهُ اَحْسَنُ الْخَالِقِیْن آهي. اگرچه ارتقاءَ جو نظريو هن ساري روئداد جي قريب آهي، پر هو اڳ ۾ جانور هيو ۽ پوءِ ترقي ڪري انسان ٿيو، اهو غلط آهي. انسان شروع کان ئي انسان واري مادي مان جنم ورتو ۽ پوءِ جڏهن پوري طرح استقامت وارو ٿي ويو ته بين جاندارن وانگر جان آئي ۽ بعد ۾ روح خداوندي (الاهي توانائي) ڦوڪي وئي ۽ هڪ نئين مخلوق جو پيڪر ٿي سامهون آيو. قرآن ۾ انسان جي تخليق جو جتي جتي بہ ذڪر آيو آهي، اتي لفظ بشر ۽ انسان استعمال ٿيو آهي. آدم سواءِ هڪ هنڌ جي ڪٿ بہ نہ آيو آهي. "اِنَّ مَثَلَ عِیْسٰی عِنْدَ اللّٰهِ كَمَثَلِ اٰدَمَ خَلَقَهٗ مِنْ تُرَابٍ ثُمَّ قَالَ لَهٗ كُنْ فَیَكُوْنُ○" (آل عمران: 59/3) يعني عيسىٰ عليه السلام جو مثال الله تعالىٰ وٽ آدم عليه السلام وانگر آهي، هن کي مٽيءَ مان پيدا ڪيائين، پوءِ فرمايائين ته "ٿي وڃ" ۽ هو ٿي

ويو. آدم ۽ ابليس جو قصو قرآن ۾ ست ڀيرا سورة البقره، سورة الاعراف، سورة الحجر، سوره بني اسرائيل، سورة الكهف، سوره طٰهٰ ۽ سوره صٓ ۾ آيو آهي. ابليس جو اصل نالو عزازيل آهي، ابليس معنىٰ مايوس، الله جي رحمت کان مايوس، پر انسان جي پئدائش جو ذکر ان کان علاوه به آيو آهي. انهن سيني کي نزول جي اعتبار ۽ واقعات جي لحاظ سان گڏ ڪري پڙهبو ته يقينًا انسان تراب ۽ پاڻي جي ميلاپ بعد مختلف ڪيمائي حالات کان گذرندي "فَاِذَا سَوَّيْتُهٗ" جڏهن مان ان کي پوري طرح درست ڪري "وَنَفَخْتُ فِيْهِ مِنْ رُّوْحِیْ" پنهنجي الاهي توانائيءَ روح سان بهره ور ڪري ڇڏيان ته پوءِ ان آدم کي سجدو ڪيو، جنهن ۾ روح الاهي. مان يا الاهي توانائي مان عنايت ربّي ٿي آهي ۽ هڪ الڳ خاصيتن، صلاحيتن، استعداد ۽ ملکي جو مالڪ ٿي پيدا ٿيو، گويا صفات خداوندي جو مظهر آهي.

الله آدمي بڻ آيا انت بحر دي ڪل نہ ڪائي

(بلي شاهه)

"خَلَقَ اللّٰهُ آدَمَ عَلٰى صُوْرَتِهٖ" يعني انسان کي پنهنجي ذات جو مظهر بڻائي موڪليو. (وڌيڪ تفصيل لاءِ ڏسو سورة الاعراف) جڏهن آدم عليه السلام کي تخليق جي مختلف مرحلن مان گذاري، پوري طرح درست قرار ڏجي يعني اهو انسان جنهن کي فرشتن تي علمي فضيلت ملي ۽ ڪائنات جون سڀ شيون هن جي تسخير ۾ ڏيڻ جو مرحلو آيو ۽ ڪيس نظام خداوندي کي رائج ڪرڻ ۽ هلائڻ جي لائق بنايو ويو ۽ ان کي حقيقت رسائي وارين صلاحيتن سان نوازيو ويو ته پوءِ الله تعالىٰ ان ۾ پنهنجي روح کي ڦوڪيو، يعني الاهي توانائي سان بهره ور ڪيو ۽ پوري ڪائنات جي اقتدار ۽ اختيار ۾ ڪيس فيصلي جو اذن ڏنو ته پوءِ فرشتن کي سندن عظمت ۽ فضيلت آڏو سجده ريز ٿيڻ جو حڪم ڏنو ويو. ياد رهي ته هت "سجده" مان مراد نماز وارو عبادتي سجدو ناهي، جنهن ۾ پيشاني زمين تي رکبي آهي، پر عربي اصطلاح مطابق جهڪي سلام ڪرڻ مراد آهي، جنهن مان آدم عليه السلام جي عظمت ۽ فضيلت جو احترام ٿئي. پوءِ سمورن فرشتن ڪيس جهڪي سلام پيش ڪيو ۽ سندس عظمت ۽ فضيلت جو اقرار ڪيو. فرشتن کي ان وقت آدم عليه السلام جو مٽيءَ ۽ گاري مان بڻيل بوتو نظر نہ آيو، پر ان ۾ الله جي روح يعني

الاهي توانائي کي ڏسي ان کي سجدو ڪيو، پر شيطان الله جي توانائي يا روح جي عظمت کي ڏسي نہ سگهيو هو. آدم عليه السلام کي متيءَ مان ٺهيل مخلوق قرار ڏئي پاڻ کان ڪمتر قرار ڏنو ۽ چيو تہ مان باهہ مان پيدا ٿيو آهيان، جنهن ۾ دونهون بہ نہ هيو، فرشتا نور مان پيدا ٿيل آهن. منهنجي تخليق آدم عليه السلام کان وڌيڪ بهتر آهي، سو مان بهتر ٿي، ڪري ڪمتر کي سجدو چو ڪريان؟ شيطان تڪبر ڪيو. (الاعراف: 13/7، ص: 38/ 76-75)

تکبر عزازیل را خوار کرد
بزندان لعنت گرفتار کرد

(شيخ سعدي رحمه الله)

تڪبر شيطان کي خوار ڪري ڇڏيو ۽ ڪيس لعنت جي طوق ۽ قيد سان گرفتار ڪيو.

"لَا يَدْخُلُ الْجَنَّةَ اَحَدٌ فِيْ قَلْبِهٖ مِثْقَالُ ذَرَّةٍ مِّنْ خَرْدَلٍ مِّنْ كِبْرٍ" (صحيح مسلم) الله ان شخص کي جنت ۾ هرگز داخل نہ ڪندو، جنهن جي دل ۾ رائي (سرنهن جي داڻي) برابر بہ ذرو پر تڪبر موجود آهي. "اَلْعَظَمَةُ اِزَارِيْ وَالْكِبْرِيَآءُ رِدَآئِيْ فَمَنْ نَّازَعَنِيْ وَاحِدًا مِّنْهُمَا اَلْقَيْتُهٗ فِي النَّارِ" (سنن ابن ماجه، سنن ابي داؤد) الله تعالىٰ فرمائي ٿو تہ "اَلْعَظَمَةُ" منهنجي ازار (پوتي) آهي ۽ "اَلْكِبْرِيَآءُ" ڪبريائي منهنجي چادر آهي، جيڪو بہ هنن بنهي مان ڪنهن بہ هڪ ۾ مون سان جهڳڙو ڪندو ۽ پاڻ کي تڪبر ۽ غرور جو مهرو سمجهندو تہ مان ان کي جهنم رسيد ڪندس. ياد رکڻ گهرجي تہ شيطان نہ رڳو الله جي حڪم جي نافرماني ڪئي، پر تڪبر ۽ غرور جو اظهار ڪيو، جنهن ڪري هو هميشہ لاءِ ملعون ٿي ويو. ياد رهي تہ انسان انهيءَ روح جي نسيم سحر اچڻ کان اڳ ٻين جانورن وانگر هڪ جاندار هيو. پر جڏهن کيس روح الاهي جي فضيلت ملي تہ اشرف المخلوقات ٿي ويو ۽ صفات خداوندي جو مظهر بڻجي ويو. اهو روح گويا صفات الاهي جو عڪس يا پرتو آهي، جنهن جي ڪري هو "مسجود" سجود اهل قرار ٿيو، چو تہ جنهن جامعيت وارين صفتن سان هن کي نوازيو ويو، بي کا بہ مخلوق حاصل ڪرڻ کان معذور هئي. پر انسان بہ الوهيت واري صفت حاصل ڪري نٿو سگهي، اها صرف الله لاءِ آهي. (وڌيڪ ڏسو سورة البقره: رکوع 4، النساء: رکوع 18، الاعراف رکوع 2) شيطان لاءَ هيءُ حڪم هڪ امتحان هو،

جنهن مان ثابت ٿئي ٿو تہ اصل فضيلت نوري يا ناري هجڻ ۾ ناهي، پر انهن صلاحيتن جي آهي، جيڪي الله جي اطاعت ۽ فرمانبرداريءَ ۾ آهن، جن جو امين آدم آهي، فرشتا يا ابليس نہ آهن. شيطان بہ جنن مان آهي، ناري آهي، جيڪو متيءَ کان زياده نوري جي قريب آهي. هت اهو اصول بہ واضح ٿو ٿئي تہ جيڪو شيطان واري روش اختيار ڪندو، اهو هولناڪ عذاب جو مستحق هوندو، پر جيڪو آدم عليه السلام وارو رستو "رَبَّنَا ظَلَمْنَآ اَنْفُسَنَا وَاِنْ لَّمْ تَغْفِرْ لَنَا وَتَرْحَمْنَا لَنَكُوْنَنَّ مِنَ الْخٰسِرِيْنَ" اختيار ڪندو، اهو خدا جي بخشش نوازش ۽ مدامي مغفرت ۽ رحمت جو حقدار ٿي ويندو. پر شيطان پنهنجي عمل ڪري نافرمان، ناشڪر ۽ مُتڪبّر ثابت ٿيو، ان ڪري قيامت تائين لعنت جو حقدار ۽ تڙيل، ڏڪاريل بڻجي ويو. "رَجِيم" رَجَم مان آهي، يعني ڪنهن کي سنگسار ڪرڻ، گويا شيطان بہ خدا جي رحمت کان دور لعنت جي ڦٽڪار سان رجيم ٿي ويو ۽ ڪيس ان جنت (يا آسمان) مان نيڪالي ملي، جتي هو فرشتن سان گڏ رهي رهيو هو ۽ دوزخ جي باهہ جو ٻارڻ ٿي ويو. (**البقره:** 2/34-30، **الحجر:** 15/34، **الصَّافَّات:** 37/11)

هاڻي قيامت تائين تون الله جي ڦٽڪار ۾ آهين. تو تي لعنت پوندي رهندي، جيستائين فيصلي جو ڏينهن يومِ جزا اچي. جتي توکي تنهنجي سمورين نافرمانين ۽ سرڪشين جي پوري پوري سزا ملندي. جنهن تي شيطان وراڻيو تہ اي پروردگار! مون کي بہ ان ڏينهن تائين مهلت ڏي، جنهن ڏينهن ماڻهو ٻيهر حساب ڪتاب لاءِ اٿاريا ويندا. انهيءَ پوري عرصي دوران مون کي هر هنڌ پهچڻ جي آزادي هجي ۽ مون کي ڪا رڪاوٽ يا رندڪ نہ ٿئي. الله تعالىٰ ڪيس چيو تہ تون مهلت يافتہ وارن مان آهين، توکي تنهنجي عرض تي يوم جزا تائين رهڻ جي پوري آزادي آهي، جيڪو هڪ مقرر ٿيل وقت آهي. ذرو پر نہ اڳتي ٿي سگهي ٿو ۽ نہ پنتي ٿي سگهندو. جِنّن جي زندگي هونءَ بہ وڏي هوندي آهي. شيطان بہ جِنّ آهي. هن کي تہ سندس درخواست تي "يَوْمِ الدّين" تائين مهلت مليل آهي تہ جيئن هو پنهنجون ڪارستانيون جاري رکي سگهي ۽ انهن سمورين ڪارروائين جو حساب ڏئي. (**الاعراف:** 7/16، **النساء:** 4/118، **بني اسرائيل:** 17/63- 62، **سبا:** 43/20)

قَالَ رَبِّ بِمَآ اَغْوَيْتَنِيْ لَاُزَيِّنَنَّ لَهُمْ فِي الْاَرْضِ وَ لَاُغْوِيَنَّهُمْ اَجْمَعِيْنَ ﴿٣٩﴾
اِلَّا عِبَادَكَ مِنْهُمُ الْمُخْلَصِيْنَ ﴿٤٠﴾ قَالَ هٰذَا صِرَاطٌ عَلَيَّ مُسْتَقِيْمٌ ﴿٤١﴾ اِنَّ
عِبَادِيْ لَيْسَ لَكَ عَلَيْهِمْ سُلْطٰنٌ اِلَّا مَنِ اتَّبَعَكَ مِنَ الْغٰوِيْنَ ﴿٤٢﴾ وَ اِنَّ
جَهَنَّمَ لَمَوْعِدُهُمْ اَجْمَعِيْنَ ﴿٤٣﴾ لَهَا سَبْعَةُ اَبْوَابٍ ؕ لِكُلِّ بَابٍ مِّنْهُمْ جُزْءٌ
مَّقْسُوْمٌ ﴿٤٤﴾ ع

ع ٣ ٥ ٩

ابليس چيو تہ اي منهنجا پروردگار! جيئن تہ تو مون کي گمراهہ ڪيو آهي تہ هاڻي مان بہ هنن لاءِ زمين ۾ خوب زيب و زينت جو سامان پيدا ڪندس ۽ انهن سيني کي گمراهہ ڪري ڇڏيندس.(39) سواءِ تنهنجي مخلص ٻانهن جي انهن مان (40) الله فرمايو تہ هي رستو آهي جو سڌو مون ڏانهن اچي ٿو(41) بيشڪ منهنجن ٻانهن تي تنهنجو ڪو زور نہ هلندو. سواءِ انهن جي جن پٺڪي تنهنجي پيروي اختيار ڪئي.(42) ۽ بيشڪ انهن سمورن لاءِ جهنم جو وعدو ٿيل آهي.(43) جنهن جا ست دروازا آهن، هر دروازي مان انهن لاءِ خاص حصو مقرر ڪيل آهي.(44)

ابليس چيو تہ اي (منهنجا) رب! مان تنهنجي طرفان گمراهہ ٻڌايو ويو آهيان ۽ تنهنجن سمورين نعمتن ۽ نوازشن کان هميشہ لاءِ محروم ٿي چڪو آهيان. منهنجي گلي ۾ لعنت جو طوق بہ وڌو ويو آهي ۽ منهنجي معافي جا در بہ بند ٿي چڪا آهن ۽ مون کي مهلت بہ ملي آهي تہ جنهن حقير بدبودار سڙيل مٽيءَ مان پيدا ٿيل بشر کي سجدو ڪريان. ان جي فضليت ۽ بزرگي تسليم ڪيان، جنهن کان انڪار سبب مون کي هي سزا بہ ملي آهي تہ مان بہ آدم ۽ ان جي اولاد کي گمراهہ ڪرڻ لاءِ دنيا کي نهايت دلفريب ٻڌائي ڪين ڏوکو ڏيندس تہ جيئن هو تنهنجا نافرمان ٿي وڃن ۽ انهن کي حق ۽ سچ جي راهہ

تان ٿيڻڻ لاءِ انهن سمورن تي اهڙا حربا هلائيندس، جو هو توکي بلڪل وساري ڇڏيندا ۽ تنهنجن حڪمن جي ڪلم ڪلا خلاف ورزي ڪرڻ ۾ نمايان نظر ايندا. سواءِ تنهنجي چند مخلص ٻانهن جي (النحل: 100/16-99، سبا: 21/34، ابراهيم: 22/14، ص: 82/38) باقي سڀ منهنجي جهنڊي هيٺ هوندا. تنهنجن مخلص ٻانهن جو به هنن تي ڪو زور هلي نه سگهندو. ويتر منهنجو لشڪر انهن کي به گمراهه ڪرڻ ۾ رڌل رهندو. الله تعالىٰ فرمايو، مون حق ۽ ناحق جو رستو الڳ الڳ ڪري ڇڏيو آهي. ناحق وارو رستو گمراهي ۽ ناداني ۽ وارو آهي. پر هدايت وارو رستو صراط مستقيم آهي، جيڪو سڏو مون تائين پهچائي ٿو. اهو اختيار ٻانهي کي ڏنل آهي ۽ ان سڏي رستي تي هلڻ لاءِ ڪيس رهبري ۽ رهنمائي ڪرڻ لاءِ الله جا رسول وحي الاهي جي حڪمن سان انهن تائين حق ۽ سچ جو پيغام پهچائيندا، جيڪو ماڻهو انهن جي پيروي ڪندو، اهو منهنجي رحمتن جو حقدار ٿي مون تائين پهچي ويندو، پر جنهن تنهنجي دعوت قبول ڪئي اهو گمراهه ٿي ويندو ۽ منهنجي رحمت کان به محروم ٿي ويندو. ياد رکڻ گهرجي ته منهنجي مخلص، سچن ۽ وفادار ٻانهن تي تنهنجو زور نه هلندو. اهي تنهنجي شر کان محفوظ رهندا. هنن جو ايمان ۽ اعتقاد کين تنهنجن ڪوڙن وعدن ۽ ڏوڪن کان بچائي رکندو. توکي رڳو ڪنهن کي فريب ۽ ڏوڪي جي اجازت هوندي، پوءِ جيڪي ماڻهو فلاح ۽ سعادت واري راهه ڇڏي، ذاتي مفادن ۽ ريتن رسمن کي قبول ڪندا ته اهي ضرور تنهنجي ڇار ۾ ڦاسندا ۽ تون کين جتي جتي به ونڊي وڃين، هو تنهنجي سڏ ۾ سڏ ڏيندا ۽ اهي گمراهه ماڻهو ته ابليس جي پيروي ڪندا. اهڙن سمورن ماڻهن جو ٺڪاڻو جهنم هوندو.

دراصل آدم ۽ ابليس جو هتي قصو بيان ڪري ڪافرن ۽ مشرڪن کي هن حقيقت کان آگاهه ڪرڻو آهي ته توهان پنهنجي ازلي دشمن جي ڦندي ۾ ڦاسي ويا ۽ ان جي پيروي ۾ اسفل السافلين يعني پستيءَ جي انتها تي پهچي ويا ته اوهان به هن سان گڏ باهه جو ٻارڻ هوندا. توهان عجيب احمق ماڻهو آهيو، جو پنهنجي دشمن کي دوست سمجهي ان جي پڻيان هلي رهيا آهيو ۽ پنهنجي خيرخواهه همدرد جي نصيحت قبول ڪرڻ لاءِ تيار نه آهيو. هن سڏي راهه کي ڇڏي، ٻيو ڪوبه رستو اختيار ڪيو ته اهو گمراهيءَ جو هوندو. شيطان ته رڳو گناهه جي زندگي اوهان جي دل ۾ خوشنما ڪري

ڏيڪاري ٿو، ان کي قبولڻ نہ قبولڻ جو سارو اختيار اوهان وٽ آهي. جهنم ۾ وڃو يا جنت جو رستو اختيار ڪريو.اوهان جو سفر جهنم طرف آهي، جهنم جا ست دروازا آهن ۽ هر مجرم پنهنجي ڏوهه جي نوعيت مقدار ۽ سزا جي تعيين سان پنهنجي پنهنجي دروازي کان داخل ٿي ان عذاب کي پوڳيندو، جيڪو سندن اعمال نامي جي حساب سان مليو هوندو. گناهه ۽ جرم جا به مختلف قسم آهن ۽ انهن جي سزا به مختلف آهي ۽ جهنم ۾ به باهه جي چشما، شعلا، گرمائش ۽ تپش هر دروازي واري حصي ۾ الڳ الڳ هوندي. ڪو مشرڪ آهي، ڪو ڪافر يا منافق آهي، ڪو قاتل آهي ته ڪو سودخور، زاني ۽ شرابي آهي. ڪو ظالم دهشتگرد ۽ غريبن جا حق کائڻ وارو آهي ته اهو هر هڪ پنهنجي پنهنجي ڪوٺڙيءَ ۾ ان خاص دروازي کان داخل ٿيندو. پهريون درجو جهنم، پوءِ لَظیٰ، حُطَمَه، سَعِير، سَقَر، جَحيم، هاويه (ضياءُ القرآن/ تفهيم القرآن) اهڙي طرح جنت ۾ به مُقَرَّبين، ابرار صالحين، عادل، سخي ۽ غريب پرور جهڙن مختلف درجات وارن جا مختلف محل باغات ۽ نعمتون هوندیون، جن جي حد حساب به نہ هوندي ته وري جهنم ۾ انهن لاءِ تنگي هوندي جن اجمعين کي شيطان گمراهه ڪندو ۽ جواب ۾ انهن اجمعين کي الله جهنم رسيد ڪندو.

اِنَّ الْمُتَّقِيْنَ فِيْ جَنّٰتٍ وَّ عُيُوْنٍ ﴿۴۵﴾ اُدْخُلُوْهَا بِسَلٰمٍ اٰمِنِيْنَ ﴿۴۶﴾ وَ نَزَعْنَا مَا فِيْ
صُدُوْرِهِمْ مِّنْ غِلٍّ اِخْوَانًا عَلٰى سُرُرٍ مُّتَقٰبِلِيْنَ ﴿۴۷﴾ لَا يَمَسُّهُمْ فِيْهَا نَصَبٌ
وَّ مَا هُمْ مِّنْهَا بِمُخْرَجِيْنَ ﴿۴۸﴾ نَبِّئْ عِبَادِيْٓ اَنِّيْٓ اَنَا الْغَفُوْرُ الرَّحِيْمُ ﴿۴۹﴾ وَ اَنَّ
عَذَابِيْ هُوَ الْعَذَابُ الْاَلِيْمُ ﴿۵۰﴾ وَ نَبِّئْهُمْ عَنْ ضَيْفِ اِبْرٰهِيْمَ ﴿۵۱﴾ اِذْ دَخَلُوْا
عَلَيْهِ فَقَالُوْا سَلٰمًا ؕ قَالَ اِنَّا مِنْكُمْ وَجِلُوْنَ ﴿۵۲﴾ قَالُوْا لَا تَوْجَلْ اِنَّا نُبَشِّرُكَ
بِغُلٰمٍ عَلِيْمٍ ﴿۵۳﴾ قَالَ اَبَشَّرْتُمُوْنِيْ عَلٰٓى اَنْ مَّسَّنِيَ الْكِبَرُ فَبِمَ تُبَشِّرُوْنَ ﴿۵۴﴾
قَالُوْا بَشَّرْنٰكَ بِالْحَقِّ فَلَا تَكُنْ مِّنَ الْقٰنِطِيْنَ ﴿۵۵﴾ قَالَ وَ مَنْ يَّقْنَطُ مِنْ

وقف لازم

رَّحْمَةِ رَبِّهٖٓ اِلَّا الضَّآلُّوْنَ ﴿٥٦﴾ قَالَ فَمَا خَطْبُكُمْ اَيُّهَا الْمُرْسَلُوْنَ ﴿٥٧﴾ قَالُوْٓا اِنَّآ
اُرْسِلْنَآ اِلٰى قَوْمٍ مُّجْرِمِيْنَ ﴿٥٨﴾ اِلَّآ اٰلَ لُوْطٍ ؕ اِنَّا لَمُنَجُّوْهُمْ اَجْمَعِيْنَ ﴿٥٩﴾ اِلَّا
امْرَاَتَهٗ ؕ قَدَّرْنَآ ۙ اِنَّهَا لَمِنَ الْغٰبِرِيْنَ ﴿٦٠﴾ ع ١٦

بيشڪ متقي ماڻهو باغن ۽ چشمن (واري هنڌ) رهندا. (45) (ڪين چيو ويندو) تہ هن ۾ سلامتيءَ سان بنا خوف خطري داخل ٿيو.(46) ۽ اسان هنن جي سينن مان سموريون ڪدورتون (بغض) جيڪي ڪجهہ رهجي ويون هونديون، اهي ڪدي ڇڏينداسون. هو پائرن وانگر هڪ ٻئي جي آمهون سامهون تختن تي وينل هوندا.(48) هنن کي اتي ڪا بہ تڪليف نہ ٿيندي ۽ نہ وري اهي اتان ڪڍيا ويندا.(48) اي حبيب ﷺ! تون منهنجن ٻانهن کي ٻڌائي ڇڏ تہ مان ئي وڏو بخش ڪرڻ وارو ۽ هميشہ مهربان آهيان.(49) منهنجو عذاب ئي دردناڪ عذاب آهي.(50) ۽ تون هنن کي منهنجي ابراهيم عليہ السلام جي مهمانن جي خبر ٻڌاءِ(51) جڏهن هو ابراهيم عليہ السلام وٽ آيا تہ هنن سلام ڪيو، جنهن تي ابراهيم عليہ السلام کين چيو تہ مون کي توهان مان خوف لڳي ٿو. (52) ڪيس فرشتن چيو تہ ڊپ نہ ڪر، اسان توکي هڪ داناءَ فرزند جي خوشخبري ڏئي رهيا آهيون.(53) ابراهيم عليہ السلام چيو توهان مون کي هن حال ۾ خوشخبري ڏئي رهيا آهيو، جڏهن مان ٻڍڙو ٿي ويو آهيان، پوءِ مون کي ڇاجي خوشخبري ڏيو ٿا. (54) هنن چيو تہ اسان توکي سچي بشارت ڏئي رهيا آهيون، سو تون نااميد نہ ٿيءُ.(55) ابراهيم عليہ السلام چيو پنهنجي رب جي رحمت کان گمراهن کانسواءِ ڪير بہ نااميد ٿي نٿو سگهي(56) ابراهيم عليہ السلام دريافت ڪيو تہ پلا وڏيڪ ٻيو ڪهڙو ڪم آهي.(57) فرشتن چيو تہ اسان هڪ مجرم قوم طرف موڪليا ويا

آهيون.(58) سواءِ لوط عليه السلام جي گهراڻي جي، بيشڪ اسان هنن سيني کي ضرور بچائي ونڊاسون. (59) سواءِ ان جي زال جي، اسان طئي ڪري چڪا آهيون تہ اها ضرور پٺتي رهڻ وارن ۾ آهي.(60)

هنن جهنمي ماڻهن جي برعڪس جيڪي ماڻهو پاڻ کي غلط راهہ روي کان بچائي رکن ٿا، محتاط زندگيءَ گذارين ٿا، پنهنجو هر قدم ڦوڪي ڦوڪي کڻن ٿا ۽ پاڪيزہ زندگيءَ گذاري جهنم جي عذاب کان پاڻ کي محفوظ رکن ٿا. اهڙن متقي ماڻهن جي لاءِ جنت جا سرسبز باغ ۽ راحتون آهن، انهن باغن ۾ چشما ۽ نهرون جاري آهن. جن باغن کي ڪڏهن خزان بہ نہ اچڻ واري آهي ۽ نہ وري ڪنهن موسم ۾ بہ ان جو ميوو يا ڦل گهٽ ٿيڻ وارو آهي. اهڙن سدا بهار جنت جي باغن ۾ تڏا تڏا ذائقيدار چشما موجود هوندا. انهن جنت وارن سدا بهار باغن ۽ ننڍا نار چشمن ڏانهن اچڻ وقت اهڙن نيڪ انسانن کي چيو ويندو تہ پوري سلامتي ۽ امن سان هتي داخل ٿيو ۽ خدا جي نعمتن کان فيضياب ٿيو. (الذاريات: 15/51، الدخان: 51/44، الطور: 17/52، القمر: 54/54، المرسلات: 41/77) "تَحِيَّتُهُمْ يَوْمَ يَلْقَوْنَهٗ سَلٰمٌ ۚ وَاَعَدَّ لَهُمْ اَجْرًا كَرِيْمًا" (الاحزاب: 44/33) جنهن ڏينهن الله سان ملندا، تنهن ڏينهن سندن خيرمقدم (ڪيڪار) "سلام هجي اوهان تي، سلامتي هجي" سان ٿيندو ۽ انهن لاءِ پلي کان پلو اجر تيار ڪيو ويندو. ملائڪ مٿن صلاتون موڪلي رهيا هوندا. انهن جي دلين ۾ جيڪڏهن ڪدورتون، بغض ۽ ساڙ هوندو تہ اهو سڀ ختم ڪيو ويندو تہ جيئن ڪنهن کي ڪنهن جي لاءِ دل ۾ ڪا رنجش يا بدگماني نہ رهي ۽ هو نهايت محبت ۽ پيار سان هڪ ٻئي جي سامهون صندلن تي ويٺل هوندا. "وَنَزَعْنَا مَا فِيْ صُدُوْرِهِمْ مِّنْ غِلٍّ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهِمُ الْاَنْهٰرُ" (الاعراف: 43/7، الواقعه: 13/56، الرحمان: 76/55) هنن جي دلين مان هر طرح جو بغض، حسد، ڪدورت ۽ ڪينو ڪڍي ڇڏيندا سون ۽ ڪين جنت ۾ داخل ڪندا سون، جن جي دامن ۾ هميشہ نهرون جاري هونديون ۽ هو ان خوشگوار ماحول ۾ هڪ ٻئي سان ڪچهرين ۾ مشغول رهندا. جنت جي اهڙي تہ پُرفضا زندگي هوندي، جنهن ۾ هو نہ ڪو ٿڪُ محسوس ڪندا ۽ نہ ڪين کا تڪليف ٿيندي.

(فاطر: 35/35، الكهف: 107/18، ص: 54/38) جنت ۾ داخل ٿيڻ کان پوءِ کين اتان نڪري وڃڻ جو ڊپ نه هوندو، پر هو پوري صحت سلامتي سان بنا کنهن خوف خطري جي زندگيءَ جون پرمسرت گهڙيون گذاري رهيا هوندا. حديث شريف ۾ آهي ته اهل جنت کي چيو ويندو ته "هاڻي اوهان هميشه تندرست رهندو، ڪڏهن بيمار نه ٿيندا ۽ هاڻي توهان هميشه زندهه رهندا، ڪڏهن به موت نه ايندو، هاڻي اوهان سڀ جوان رهندا، ڪڏهن پيري کا نه ايندي، هاڻي توهان هميشه هت مقيم رهندا، ڪڏهن سفر ڪرڻ جي ضرورت اوهان کي نه پوندي" جنت ۾ اهل جنت کي کا محنت يا تڪليف نه ڪرڻي پوندي، هر شيءِ بنا مشقت ۽ محنت جي موجود ملندي.

اي پيارا حبيب ﷺ! تون منهنجن بانهن کي ٻڌائي ڇڏ ته مان نهايت غفور رحيم آهيان، يعني پنهنجي بانهن کي بخش ڪرڻ وارو، هر خطري کان سندن حفاظت ڪرڻ وارو ۽ هميشه هميشه رحمت ڪرڻ وارو آهيان، منهنجي بخشش ۽ رحمت جا دروازا سڀ لاءِ هميشه کليل آهن. "وَرَحْمَتِيْ وَسِعَتْ كُلَّ شَيْءٍ" (الاعراف: 156/7) هر شيءِ تي منهنجي رحمت جي وسعت آهي. مان پنهنجن بانهن تي نهايت بي حد مهربان ۽ آهيان ته هنن کي معاف ڪرڻ ۽ بخش ڪرڻ وارو ۽ آهيان، (الانعام: 54/6-12) پر ان سان گڏ وگڏ ذوانتقام ۽ آهيان ۽ عذاب اليم ڏيڻ جو قادر مطلق ۽ آهيان. "اِنَّا مِنَ الْمُجْرِمِيْنَ مُنْتَقِمُوْنَ" (السجده: 22/32) بيشڪ اسان ڏوهارين کان بدلو ونڻ وارا آهيون. "فَانْتَقَمْنَا مِنْهُمْ" (الاعراف: 136/7) "وَاللّٰهُ عَزِيْزٌ ذُو انْتِقَامٍ" (آل عمران: 4/3، ابراهيم: 47/14) اهي ماڻهو جن الله جي رسولن جي مخالفت ڪئي، ايذاءَ رساني ڪئي، استهزاءِ ۽ چٽرون ڪيون، موت کان بعد واري زندگيءَ کي کوڙو ڪوڙيو، هٿ جا معبود بنائي انهن کي خدا جو شريڪ ۽ همنوا ناهيو. ظلم ۽ سرڪشيءَ سان خلقِ خدا تي قهر نازل ڪيا. اهڙا مجرم ۽ عادي ڏوهاري خدا جي عذاب کان بچي ڪونه سگهندا ۽ نهايت دردناڪ عذاب ۾ هميشه رهندا. هنن کي ابراهيم عليه السلام جي مهمانن واري خبر ٻڌاءِ جڏهن فرشتا هن وٽ آيا هئا (هود: 75/11-69) جنهن ۾ هڪ طرف ابراهيم عليه السلام لاءِ هڪ دانا ۽ صالح فرزند جي بشارت هئي ته ٻئي طرف لوط جي قوم لاءِ فرشتن جو نزول ٿيڻ ۽ لوط جي قوم جو تباهه ٿي وڃڻ واري عذاب جي نويد هئي چو ته معجزي طور ۽ فرشتن جو اچڻ آخري وارننگ

آهي، جنهن سان متصل عذاب جي خبر هوندي آهي. هن سورت جي آيت 7-8 ۾ به ڪافرن معجزي جي گهر ڪئي آهي ته فرشتا ڇو نٿا نازل ٿين. هنن کي ابراهيم عليه السلام وارن فرشتن جو ٻڌاءِ ته توهان کي ابراهيم عليه السلام واري خوشخبري ته ڪا نه ملندي، البته قوم لوط لاءِ فرشتن جي نزول ۽ عذاب جو اعلان ته اوهان کي ملي سگهي ٿو. ڇا اوهان تيار آهيو. جڏهن هو ابراهيم عليه السلام وٽ آيا ته انهن ڪيس سلام ڪيو، جنهن مان مقصود هيو ته اسان جو اڇو امن ۽ سلامتي وارو آهي. پر ابراهيم عليه السلام کي هو اوپرا شخص لڳا. هنن آڏو پڳل گابو رکيو ويو ته ان کي هٿ به نه لاتائون. عربن وٽ جيڪڏهن مهمان دعوت نه کائي ته ان کان دشمنيءَ جو خطرو آهي. ابراهيم عليه السلام به ائين ئي محسوس ڪيو ۽ کين چوڻ لڳو ته اسان کي اوهان مان ڊپ محسوس پيو ٿئي. وڌيڪ تفصيل سورت هود: 69/11 کان 75 ۽ الذاريات: 28/51 ۾ ڏسو. فرشتن کيس چيو ته اسان مان کو به ڊپ ڊاءُ نه ڪر، اسان تنهنجا دشمن نه آهيون، پر خدا جا موڪليل فرشتا آهيون. اسان توکي هڪ دانا ۽ صالح فرزند جي پيدائش جي خوشخبري ڏيون ٿا. هي بشارت حضرت اسحاق عليه السلام جي ولادت باسعادت جي هئي. حضرت اسحاق عليه السلام جي ولادت لاءِ "اِنَّا نُبَشِّرُكَ بِغُلٰمٍ عَلِيْمٍ" (الحجر: 53/14) حضرت اسماعيل عليه السلام جي لاءِ "فَبَشَّرْنٰهُ بِغُلٰمٍ حَلِيْمٍ" (الصَّافَّات: 37/ 101) آيو آهي. (بيان القرآن) حضرت اسماعيل عليه السلام حضرت اسحاق عليه السلام کان 9 سال کن وڏو هيو، حضرت اسحاق عليه السلام سان گڏ حضرت يعقوب عليه السلام جي بشارت به ڏني وئي هئي. فرشتن کان فرزند جي ولادت جي بشارت ٻڌي ڪجهه حيرت ۾ اچي ويو ۽ فرشتن کي چيائين توهان مون کي هن حال ۾ فرزند جي بشارت ڏئي رهيا آهيو، جڏهن مان جهور پوڙهو ٿي ويو آهيان. سو ڪهڙي خوشخبري ڏئي رهيا آهيو. مان پوڙهو منهنجي زال سندِ ۽ اولاد جي بشارت؟ (آل عمران: 40/3، مريم: 8/19، الذاريات: 29/51، هود: 71/11 کان 73، الصَّافَّات: 99/37، ابراهيم: 39/14) فرشتن چيو ته اسان توکي جيڪا خوشخبري ڏني آهي، اها حق ۽ سچ آهي، ان ۾ کو به شڪ ناهي. هي الله جو فيصلو آهي. جيڪو تو تائين پهچايو آهي. الله تنهنجي گهر واري کي به اولاد جي صلاحيت عطا ڪندو "وَاَصْلَحْنَا لَهٗ زَوْجَهٗ" (الانبياء: 10/21- 9) ۽ سندس زال کي (اولاد پيدا ڪرڻ جي) صلاحيت وارو ڪيوسون، ان ڪري تون مايوسي ۽ نااميدي جو اظهار نه ڪر. "لَا تَقْنَطُوْا مِنْ رَّحْمَةِ

اللّٰهِ" (الزمر: 53/39) الله جي رحمت کان هرگز نااميد نہ ٿيو. خدا "كُن فَيَكُوْنُ" ۽ "فَعَّالٌ لِّمَا يُرِيْدُ" جو مالڪ ۽ قادر آهي. ان لاءِ ماءُ پيءَ جي هوندي اولاد پيدا ڪرڻ مشڪل نہ آهي. هو عدم مان بنا ماءُ پيءُ جي انسان پيدا ڪري سگهي ٿو تہ هن ۾ هُن لاءِ ڪهڙي مشڪل هوندي. حضرت ابراهيم عليه السلام چيو تہ مان ظاهري حالت کي ڏسي چئي رهيو آهيان، چو تہ اهڙين حالتن ۾ اولاد نہ ٿيندو آهي، پر خدا جي قدرت ۽ رحمت کان هرگز نااميد نہ آهيان. مون تي تہ الله جا وڏا ڪرم ۽ احسان آهن. مان ان جو شڪرگذار ٻانهو آهيان. خدا جي رحمت کان تہ رڳو اهي مايوس ۽ نااميد ٿيندا آهن، جيڪي گمراهہ آهن. (الانعام: 80/6، النحل: 27/16، يوسف: 87/13) جڏهن فرشتن سان ايتري گفتگو ٿي وئي. سندس خوف لهي ويو ۽ ڪيس پٽ جي بشارت ٻہ ملي وئي تہ ان بعد فرشتن کي چوڻ لڳو اوهان پنهنجي پروردگار جي پاران بشارت ڏيڻ لاءِ آيا هيو يا ايجان ڪو ٻيو معاملو ٻہ آهي، جيڪڏهن آهي تہ اهو ڪهڙو آهي، چو تہ الله جا موڪليل فرشتا بنا ڪنهن خاص مقصد جي ائين نہ ايندا آهن ۽ خاص طرح سان بلڪل انساني شڪل ۾ اچڻ ڪو نہ ٿيندو آهي. ان صورت ۾ تڏهن ايندا آهن، جڏهن ڪا وڏي مهم هجي. فرشتن چيو تہ تو وٽ فرزند جي بشارت لاءِ آيا هئاسون ۽ اهو ٻہ ٻڌائڻ گهرون ٿا تہ اسان کي مجرم قوم جي سرڪوبيءَ لاءِ موڪليو ويو آهي. (الذاريات: 33/51، العنكبوت: 29/ ، النمل: 57/27) فرشتن "مجرم" جو لفظ استعمال ڪيو، جنهن مان ابراهيم عليه السلام ٻہ سمجهي ويو تہ اها لوط عليه السلام جي قوم آهي، جيڪا انسانيت جون سڀ حدون پار ڪري وئي آهي ۽ سندن بداعمالي جي ڏيهان ڏيهہ ڏوم متل آهي. پر ان مجرم قوم ۾ "آل لوط" شامل نہ آهي. هت "آل" مان مراد ان جو گهراٽو ٻہ آهي تہ چند اهل ايمان ٻہ آهن. اهي سڀ هن عذاب کان محفوظ آهن. هنن سمورن کي خير عافيت سان نجات ڏيارينداسون ۽ سلامتيءَ سان بچائي ونندا سون. باقي مجرمن کي جيڪي هم جنس پرستيءَ جي لعنت ۾ گرفتار آهن. رستن تي ڏاڙا هڻن ٿا. غليظ ۽ گندیون محفلون قائم ڪن ٿا ۽ الله جي رسول کي ڪمزور سمجهي، ان جي ڪا ڳالهہ قبول نٿا ڪن، انهيءَ ڪري هي اٽنر عذاب انهن جو مُقدّر آهي. باقي لوط عليه السلام جي زال سندس گهراڻي ۾ شامل نہ آهي ۽ اها عذاب کان بچائي ڪانہ ويندي. هو لوط عليه السلام جي نافرمان زال ۽ الله جي ناشڪر ۽ نافرمان آهي. هن کي ٻہ

ان ٽولي ۾ شامل ڪيو ويو آهي، جنهن تي عذاب اچڻ وارو آهي. هو لوط عليه السلام سان گڏ نه ويندي، پر پوئتي رهيل ماڻهن سان رهي پوندي.

فَلَمَّا جَآءَ اٰلَ لُوْطِ ِۨالْمُرْسَلُوْنَ ﴿٦١﴾ قَالَ اِنَّكُمْ قَوْمٌ مُّنْكَرُوْنَ ﴿٦٢﴾ قَالُوْا بَلْ
جِئْنٰكَ بِمَا كَانُوْا فِيْهِ يَمْتَرُوْنَ ﴿٦٣﴾ وَ اَتَيْنٰكَ بِالْحَقِّ وَ اِنَّا لَصٰدِقُوْنَ ﴿٦٤﴾
فَاَسْرِ بِاَهْلِكَ بِقِطْعٍ مِّنَ الَّيْلِ وَ اتَّبِعْ اَدْبَارَهُمْ وَ لَا يَلْتَفِتْ مِنْكُمْ
اَحَدٌ وَّ امْضُوْا حَيْثُ تُؤْمَرُوْنَ ﴿٦٥﴾ وَ قَضَيْنَآ اِلَيْهِ ذٰلِكَ الْاَمْرَ اَنَّ دَابِرَ
هٰٓؤُلَآءِ مَقْطُوْعٌ مُّصْبِحِيْنَ ﴿٦٦﴾ وَ جَآءَ اَهْلُ الْمَدِيْنَةِ يَسْتَبْشِرُوْنَ ﴿٦٧﴾ قَالَ
اِنَّ هٰٓؤُلَآءِ ضَيْفِيْ فَلَا تَفْضَحُوْنِ ﴿٦٨﴾ وَ اتَّقُوا اللّٰهَ وَ لَا تُخْزُوْنِ ﴿٦٩﴾ قَالُوْٓا اَوَ لَمْ
نَنْهَكَ عَنِ الْعٰلَمِيْنَ ﴿٧٠﴾ قَالَ هٰٓؤُلَآءِ بَنٰتِيْٓ اِنْ كُنْتُمْ فٰعِلِيْنَ ﴿٧١﴾

پوءِ جڏهن لوط عليه السلام جي گهراڻي ڏانهن فرشتا آيا.(61) لوط عليه السلام چيو ته اوهان اوپرا ماڻهو لڳو ٿا.(62) هنن چيو ته اسان تو وٽ انهيءَ (عذاب) جي خبر کڻي آيا آهيون، جنهن ۾ هي ماڻهو شڪ ڪن ٿا.(63) اسان تو وٽ حق (سچو فيصلو) کڻي آيا آهيون ۽ اسان يقيناً سچا آهيون. (64) پوءِ تون پنهنجي اهل و عيال کي رات جي ڪنهن حصي ۾ وٺي هتان هليو وڃ. تون هنن جي پويان پويان هلندو رهه، اوهان مان ڪو به مڙي پٺتي نه ڏسي ۽ توهان کي جنهن پاسي وڃڻ جو چيو ويو آهي، اوڏانهن هليا وجو.(65) ۽ اسان لوط عليه السلام کي انهيءَ فيصلي بابت وحي ذريعي آگاهه ڪري ڇڏيو ته اوهان جي نڪرندي ئي صبح سان هنن جي پاڙ پٽجي ويندي.(66) شهر وارا خوش ٿيندا لوط عليه السلام جي گهر پهتا. (67) لوط

عليه السلام کين چيو يقينًا هي ماڻهو منهنجا مهمان آهن، توهان مون کي (انهن بابت) شرمسار نہ ڪريو.(68) الله جي غضب کان ڊجو ۽ مون کي رسوا نہ ڪريو. (69) هنن (شرير ماڻهن) چيو تہ (اي لوط عليه السلام) ڇا اسان توکي دنيا ۾ جي ماڻهن (جي حمايت) لاءِ منع نہ ڪئي آهي.(70) لوط عليه السلام کين چيو تہ هي منهنجون (قوم جون) نياڻيون آهن، جيڪڏهن اوهان ڪجهہ ڪرڻ گهرو ٿا.(71)

جڏهن اهي فرشتا لوط عليه السلام جي قوم طرف آيا تہ لوط عليه السلام هنن خوبصورت ڇوڪرو جوانن کي ڏسي چيو تہ اوهان اجنبي ماڻهو لڳو ٿا. اوهان کي اڳ ۾ ڪڏهن نہ ڏٺو آهي، لوط عليه السلام دراصل هنن خوبصورت جوانن جي اچڻ تي گهبرائجي ويو هو ۽ سخت تنگدل ٿيو، دل ۾ سوچڻ لڳو تہ اڄ نهايت سخت ڏينهن آهي. آيل مهمان نهايت خوبصورت ڇوڪرو جوان آهن ۽ سندس قوم پنهنجي بدڪاري، فحاشي، مرد پرستي جهڙن هم جنسي وارن برن ڪمن ۾ مبتلا آهي. هنن مهمانن کي انهن بدمعاشن کان بچائڻ بہ مشڪل آهي. (الاعراف: 80 کان 84، هود: آيت 77 کان 83 ۾ وڌيڪ تفصيل ڏنل آهي) فرشتن لوط عليه السلام کي گهبرايل ڏسي چيو تہ تون ڪنهن قسم جو غم نہ ڪر، هي توکي ڪا تڪليف ڏئي نہ سگهندا، اسان الله جا فرشتا آهيون، تون هنن کي بداعمالي، بداخلاقي ۽ بي حيائيءَ جي ڪمن کان روڪين ٿو. هو ستڙن تہ نٽا پر الٽو توکي بار بار چون ٿا تہ جنهن عذاب کان اسان کي ڊيڄاري رهيو آهين، جيڪڏهن واقعي تون خدا جو رسول آهين ۽ اهو عذاب آڻي سگهين ٿو تہ آڻي ڏيکار. هن منحوس ۽ فحاش قوم لاءِ الله جو اهو عذاب ڪٽي آيا آهيون، جنهن ۾ هو هميشہ شڪ ۾ مبتلا آهن. پر اڄ اهو عذاب اچي رهندو ۽ هو پنهنجن اکين سان اهو عذاب ڏسندا، جنهن ۾ ڪنهن شڪ جي گنجائش بہ نہ آهي. اسان بلڪل حق وارو فيصلو ڪٽي تو وٺ آيا آهيون ۽ اهو فيصلو الله جي طرفان آهي. جيڪو هنن جي بداعمالي کي ڇڏڻ ۽ ستڙڻ جي اميد نہ ڏسي هنن تي نازل ٿي رهيو آهي، ۽ اسان جيڪي ڪجهہ توکي بيان ڪري رهيا آهيون، اهو سراپا سچ آهي.(آيت 61 کان 64) ان ڪري تون پنهنجي اهل و عيال سان رات جي ڪنهن پهر ۾ هي شهر ڇڏي، ٻئي پاسي جتي توکي امر ٿئي اوڏانهن هليو وڃ ۽ تون پنهنجي قبيلي جي پٺيان پٺيان هلندو رهہ تہ جيئن ڪو

غفلت سبب يا باقي قوم جي همدردي ۾ پنتي رهجي نہ وجي. چو تہ جڏهن عذاب آيو تہ پوءِ سکن سان گڏ ساوا بہ سڙي ويندا، ان کري جن جن ماڻهن ايمان آندو آهي، انهن کي سلامتيءَ سان هتان کڍي وڃ. وڃڻ وقت اوهان مان کو پنتي ورائي پنهنجي قوم کي نہ ڏسي. (هود: 81/11) هنن کان بلکل قطع تعلقات کري ان طرف هليا وجو، جنهن طرف اوهان کي (الله پاران) هدايت هجي. ائين بہ نہ ٿئي جو کٹي رکجي اکين سان ڏسڻ گهرو تہ هنن تي کهڙو عذاب آيو آهي ۽ عذاب آيل قوم جو شور و غل دانهون فرياد ٻڌي اوهان جي دل ۾ هنن لاءِ کا همدردي بہ پيدا نہ ٿئي ۽ نہ وري پنهنجن رشتيدارن، دوستن، پاڙيسرين تي عذاب الاهي ڏسي اوهان جي دل ۾ ڏک ۽ اکين ۾ ڳوڙها اچن. هي الله ۽ ان جي رسول جا دشمن ٿي چکا آهن. هاڻي اوهان جو هنن سان کو بہ تعلق يا رشتو نہ آهي. رڳو ايمان وارا ئي اوهان جو "آل" آهن. اسان پنهنجي هن فيصلي کان لوط عليه السلام کي (وحي جي معرفت) آگاهہ کري ڇڏيو هو تہ صبح ٿيندي ئي هنن جي پاڙ پٽجي ويندي ۽ هو نيست و نابود ٿي ويندا، جڏڪ هنن جو کو وجود بہ نہ هيو.

لوط عليه السلام وٽ خوبصورت چوڪرن جو ٻڌي، شهر جا اوباش ۽ بدمعاش ماڻهو هڪ ٻئي کي مبارکون ۽ بشارتون ڏئي رهيا هئا تہ گهر وينِي خوبصورت چوڪرا اچي ويا آهن ۽ اسان کي عياشي ۽ فحاشي جو آسان موقعو ملي ويو آهي. (هود: 77/11) لوط عليه السلام جي قوم برائي جو کو اهڙو شعبو نہ ڇڏيو هو، جو هنن اختيار نہ کيو هجي. مرد جي مردن سان نفساني خواهش پوري کرڻ، مسافرن کي لٽ مار کرڻ، رستن تي بيهي ڏاڙا هڻڻ، گنديون گنديون محفلون رچائڻ جتي کلم کلا بدکاريون کرڻ، سندن مشغلو ٿي ويو هو. مختصر الفاظ ۾ قرآن هنن جي تصوير پيش کئي آهي ۽ ان کي "اَئِنَّكُمْ لَتَاْتُوْنَ الرِّجَالَ وَتَقْطَعُوْنَ السَّبِيْلَ ۙ وَتَاْتُوْنَ فِيْ نَادِيْكُمُ الْمُنْكَرَ" (العنكبوت: 29/29) هو اڳ ۾ ئي برا کم کندا هئا. ٻي جڳهہ تي آهي: "وَمِنْ قَبْلُ كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ السَّيِّاٰتِ" (هود: 78/11) لوط عليه السلام هنن کي چيو تہ هي منهنجا معزز مهمان آهن. هنن جي باري ۾ غلط سوچي، مون کي شرمسار نہ کريو. کجهہ شرم کريو، کجهہ خيال کريو تہ کنهن جي مهمانن سان زبردستي اهو برو فعل کرڻ کيترو خراب عمل آهي. ان کانسواءِ ماڻهو چا چوندا تہ لوط عليه السلام جي مهمانن سان بہ هي برو عمل ٿي سگهي ٿو. الله جو خوف کريو، جيکو هنن

برن ڪمن جي نتيجي ۾ سخت عذاب موڪلينڊو ته ان کي ڪير به روڪي نه سگھندو. الله جي ان عذاب کان ڊجو ۽ مون کي قوم ۽ ملڪ ۾ رسوا نه ڪريو، جنھن تي قوم جي لچن لوفرن چيو ته اي لوط عليه السلام هي تنھنجا رشتيدار نه آھن ۽ نه وري تنھنجا ڄاڻ سڃاڻ وارا آھن، اسان تو کي ڪيترا ڀيرا منع ڪري چڪا آھيون ته تنھنجو ھنن ڏارين ماڻھن جي طرفداري ڪرڻ اسان کي پسند نه آھي. اسان پنھنجي معاملي ۾ ڪا به دخل اندازي برداشت کو نه ڪنداسون. اسان ڪنھن سان ڪجھ به ڪريون اھا سان جي مرضي آھي، تون وچ ۾ ڇو ٿو ڪڏي پوين، توکي ته اسان جي مدد ڪرڻ کپي، تون ڏارين جو حمايتي وڪيل ٿيو بينو آھين. لوط عليه السلام کي ھن ساري مذاڪري وقت اھو معلوم نه ھيو ته ھي الله جا موڪليل فرشتا آھن ۽ ھن جي قوم جي عذاب لاءِ آيا آھن. لوط عليه السلام ھن اوباش ٽولي کي سمجھائڻ جي گھٽي ڪوشش ڪئي، پر نادان قوم تي ان جو ڪو به اثر نه ڏسي سندن ضمير کي جھنجھوڙڻ ۽ شرم ڏيارڻ جي آخري ڪوشش ڪندي، ڪين آخري تدبير پيش ڪندي خيال ڪيو ته شايد ھنن ۾ ڪجھ اخلاقي، انساني ٿورڙي به غيرت ۽ حميت موجود آھي ته شايد پنھنجي ارادي کان رڪجي وڃن، ان ڪري ھن پنھنجي عزت به داءُ تي لڳائي ڇڏي ۽ اھا پيشڪش نه ھئي پر سندن ضمير کي آئينو ڏيکارڻ لاءِ ڪين چيو ھن مردم خواھش نفساني کان ٽري وڃو، ھي قوم جون نياڻيون منھنجون نياڻيون آھن، جيڪي فطرت ۽ ملڪي رواج رسم، شرعي قانون مطابق توھان لاءِ حلال به آھن، انھن سان پنھنجي خواھش پوري ڪريو. ھت تفسيرن جو گھٽو اختلاف آھي ته ھن قوم جي نياڻين ڏانھن اشارو ڪري چيو ھيو، يا پنھنجن نياڻين لاءِ ٻه، قوم جون نياڻيون به نبيءَ جون نياڻيون ئي ھوندیون آھن. بھرڪيف ھڪ بري ڪم کان روڪڻ لاءِ وري بري ڪم جو مشورو نه ھيو، پر ھڪ مھذب انسان وانگر صحيح رستي جو انتخاب صحيح نموني سان ڪرڻ جي دردمندانه اپيل ھئي. ھن واقعي کي سورت ھود جي آيت 77 کان 83 تائين ۽ ان جي تفسير ۾ ڪافي وضاحت ٿيل آھي. يقينًا جڏھن لوط عليه السلام بي بس ٿي چيو: "لَوْ اَنَّ لِيْ بِكُمْ قُوَّةً اَوْ اٰوِيْۤ اِلٰى رُكْنٍ شَدِيْدٍ" ڪاش مون کي توھان جي مقابلي ڪرڻ جي طاقت ھجي ھا يا ڪو اھڙو سھارو ھجي، جنھن جي حمايت حاصل ھجي ھا ته شايد اوھان ايترو زور نه ڏيکاريو ھا ۽ مون کي مجبور ڪرڻ جي ڪوشش نه ڪيو ھا. دراصل لوط عليه السلام ھن

اضطراري حالت کان گذري رهيو هو ۽ ان حالت ۾ نياڻين ڏانهن ڏيان چڪرائي، شرم ڏيڻ وارو صحيح طريقو اختيار ڪرڻ جي خواهش ڏيکاري، جيڪا هڪ الله جي نبيءَ کان اميد رکي سگهجي ٿي، چو ته نبي سڳورو ڪڏهن بدي روکڻ لاءِ بي بدي جي راهه نه ڏسيندا آهن. پر سڌي راهه طرف ڏيان چڪائيندا آهن.

لَعَمْرُكَ اِنَّهُمْ لَفِيْ سَكْرَتِهِمْ يَعْمَهُوْنَ ﴿٧٢﴾ فَاَخَذَتْهُمُ الصَّيْحَةُ مُشْرِقِيْنَ ﴿٧٣﴾ فَجَعَلْنَا عَالِيَهَا سَافِلَهَا وَ اَمْطَرْنَا عَلَيْهِمْ حِجَارَةً مِّنْ سِجِّيْلٍ ﴿٧٤﴾ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ لِّلْمُتَوَسِّمِيْنَ ﴿٧٥﴾ وَ اِنَّهَا لَبِسَبِيْلٍ مُّقِيْمٍ ﴿٧٦﴾ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيَةً لِّلْمُؤْمِنِيْنَ ﴿٧٧﴾ وَ اِنْ كَانَ اَصْحٰبُ الْاَيْكَةِ لَظٰلِمِيْنَ ﴿٧٨﴾ فَانْتَقَمْنَا مِنْهُمْ ۘ وَ اِنَّهُمَا لَبِاِمَامٍ مُّبِيْنٍ ﴿٧٩﴾

قسم آهي تنهنجي جان(عمر) جي ته اهي ماڻهو پنهنجي بدمستي ۾ بلڪل انڌا ٿي ويا آهن.(72) پوءِ سج اپرڻ وقت هڪ شعلي، هنن کي اچي ورتو.(73) پوءِ اسان زمين کي الٽ پلٽ ڪري ڇڏي، مٿان کان هيٺ، هيٺ کان مٿي ۽ اسان وسايون هنن تي مٿيءَ جون نڪريون (پٿريون) (74) يقينًا انهيءَ ۾ انهن لاءِ نشانيون آهن، جيڪي فهم و فراست وارا هئا.(75) ۽ بستيون هڪ شاهراهه تي واقع آهن. (76) يقينًا هن ۾ اهل ايمان لاءِ نشانيون آهن.(77) ۽ بيشڪ ايڪه (جنگل) وارا وڏا ظالم هئا. (78) ته اسان هنن کان به انتقام ورتو. (79) (هي ٻئي بستيون (مدين ۽ ايڪه) به شاهراهه تي واقع آهن.)

تنهنجي (عمر) جو قسم ته هي ماڻهو پنهنجي هن بدمستي ۾ بالڪل انڌا ٿي ويا هئا، ان ڪري هنن کي صحيح راهه ڏسڻ ۾ نه ٿي آئي ۽ ٽڪندا رهيا. ”تنهنجي عمر جو

قسم" ۾ ڪن مُفسرن "اي حبيب مُڪرَّم ﷺ! تنهنجي عمر جو قسم" تفسير ڪيو آهي. گويا هت الله تعالىٰ پاڻ ڪريمن ﷺ جن جي رفعت شان ۽ عظمت جي اعلان ۾ سندن پاڪيزه زندگيءَ جو قسم کٽي چيو آهي تہ جھڙيءَ طرح ان ۾ ڪو بہ شڪ شبهو نہ آهي، اھڙيءَ طرح هن قوم جي قصي ۾ بہ ڪا ڪوتاهي يا زيادتي بيان نہ ٿي آهي، بلڪل سو في صد سچو آهي. ڪجھ مفسرن اهو قسم فرشتن کان ظاهر ڪيو آهي، جيڪو لوط عليه السلام جي زندگي جو قسم کٽي چون ٿا تہ تنهنجي قوم بي حيائيءَ جون سڀ حدون پار ڪري چڪي آهي ۽ غرور، گھمنڊ ۽ تڪبر جي نشي ۾ بدمست آهي، ان ڪري هو پٽڪي رهيا آهن، هي گمراھ ماڻھو تنهنجي هڪ ڳالھ بہ مڃڻ لاءِ تيار نہ آهن ۽ پنهنجي فحاشي، بي حيائي ۽ بداخلاقيءَ جي نشي ۾ مست آهن. فرشتن جي مشوري موجب لوط عليه السلام پنهنجي مؤمن قبيلي سان گڏ هليو ويو ۽ خدا جي عذاب کان محفوظ رهيو، پر سج اپرندي ئي سندس قوم کي سخت آگ بگولا چيخ (ڪڑڪ) گھيري ورتو. ۽ اک ڇنڀ اندر پوري بستيءَ کي نيست و نابود ڪري ڇڏيو. انهن جي ڏرتي تي اھڙو زلزلو آيو جنهن هيٺ واري مٿيءَ کي مٿي ۽ مٿي واري مٿيءَ کي هيٺ ڪري ڇڏيو ۽ پوري قوم هن زلزلي ۾ دٻجي غرق ٿي وئي. نہ رهيو ڪو ماڻھو، نہ رهيو ڪو دڪان، هر طرف ويران ئي ويران ۽ زلزلي جي اڻ پٽل واري عذاب سان لاڳيتو سخت ڪنڪرين ۽ مٿيءَ وارو طوفان بہ آيو ۽ انهن تي پٽرين جو وسڪارو ٿي ويو، جيئن وڏ ڦڙو مينهن وسندو آهي، اھڙي طرح پٿر نڪر هنن جي آجيان ڪري رهيا هئا. گويا هي آنڌي طوفان زلزلي وارو گڏيل عذاب هيو.

هن عالم آشڪار واقعي ۾ عقل و دانش ۽ فهم و فراست وارن لاءِ ڪافي نشانيون آهن، جن تي غور ۽ فڪر ڪري ماڻھو پنهنجي لاءِ سڌي راھ جو انتخاب ڪري سگھن تہ جيئن هو ڪامياب زندگي ۽ خوشگوار آخرت جو ثمر حاصل ڪري سگھن، (العنڪبوت: 35/29، الذاريات: 37/51، الشعراء: 103/26) پر جيڪي جهالت ۽ ضلالت جي انڌي گھوڙي تي سوار آهن، انهن لاءِ جهنم جي عذاب جي خوشخبري آهي. هي ماضي جا تاريخي واقعا جيڪي عوام جي زبان زد آهن، اهي انهن برباد ٿيل بستين ۽ شهرن جا آهن، جن جي مٿيءَ جا ڊير آثار قديمہ طور شاهراھ تي موجود آهن. جنهن راھ تان هنن جو

گذر ۾ ٿئي ٿو. تجارتي قافلن ۽ عام مسافرن جو هن رستن تان اڇڻ وڃڻ ٿئي ٿو ۽ هو اهي آثار پنهنجن اکين سان ڏسن ٿا، جيڪي ان علائقي ۾ اڄ تائين موجود ۽ نمايان آهن. اڄ ۾ اتي اهڙي ڀيانڪ ويراني نظر اچي ٿي، جنهن جو مثال ڪٿي ۾ موجود ناهي. بيشڪ جن کي ايمان جي دولت نصيب ٿي آهي ۽ حق ۽ سچ جا متلاشي آهن، اهڙن مؤمن ماڻهن لاءِ هنن واقعن ۾ نصيحت ونڊ لاءِ ڪيتريون ئي نشانيون موجود آهن.(بلاشڪ ايڪه جا رهائشي ۾ وڏا ظالم ماڻهو هئا. ايڪه معنيٰ گهاٽن ٻيلن ۾ رهڻ وارا ماڻهو، اهي حضرت شعيب عليه السلام جي قوم مان هئا. هن قوم کي "بني مدين" ۾ سڏيو ويندو هو. "مدين" ان جو مرڪزي شهر ۾ هيو ۽ پوري علائقي کي ۾ "مدين" سڏيو ويندو هو. هت شعيب عليه السلام رهندو هيو ۽ موسيٰ عليه السلام ۾ 10-12 سال سندس خدمت ۾ رهيو ۽ ان جي تربيت مان فيضياب ٿيندو رهيو.

اگر کوئی شعیب آئے میسر
شبلی سے کلیمی دو قدم ہے

(اقبال رحمه الله)

ايڪه، تبوڪ جو پراڻو نالو آهي، اڄ ۾ اتي هڪ جابلو نالي کي "ايڪه" چوندا آهن. "فَأَخَذَهُمْ عَذَابُ يَوْمِ الظُّلَّةِ" (الشعراء: 189/26) وڌيڪ تفصيل لاءِ الشعراء: 26 آيت 176 کان 190. مدين ۽ اصحاب ايڪه ۾ ان رستي تي آهي، جيڪو حجاز کان فلسطين ۽ شام ڏانهن وڃي ٿو. اسان انهن بستين جي رهڻ وارن کان انتقام ورتو، جنهن جنهن گناهه ۽ غلطي ۾ مبتلا هئا، ان جي مڪافات عمل هيٺ پورو پورو حساب ورتو. اڄ ۾ ان رستي تي رهگذر آهي، کنڊرات ۽ ويران هنڌ ڏسي سگهن ٿا. ۽ ان مان عبرت حاصل ڪري سگهن ٿا.

وَ لَقَدْ كَذَّبَ اَصْحٰبُ الْحِجْرِ الْمُرْسَلِيْنَ ﴿۸۰﴾ وَ اٰتَيْنٰهُمْ اٰيٰتِنَا فَكَانُوْا عَنْهَا
مُعْرِضِيْنَ ﴿۸۱﴾ وَ كَانُوْا يَنْحِتُوْنَ مِنَ الْجِبَالِ بُيُوْتًا اٰمِنِيْنَ ﴿۸۲﴾ فَاَخَذَتْهُمُ
الصَّيْحَةُ مُصْبِحِيْنَ ﴿۸۳﴾ فَمَاۤ اَغْنٰى عَنْهُمْ مَّا كَانُوْا يَكْسِبُوْنَ ﴿۸۴﴾

۽ يقينًا اصحاب حِجر بہ رسولن کي ڪوڙو ڪوٺيو.(80) انهن کي اسان پنهنجون آيتون عطا ڪيون، پر پوءِ بہ هو ان کان منهن موڙيندا رهيا.(81) ۽ هو پهاڙن کي گهڙي امن وسکون وارا گهر ناهيندا هئا.(82) تہ پوءِ هنن کي هڪ شعلي صبح جي وقت اچي ورايو.(83) پوءِ هنن جيڪي ڪجهہ ڪمايو هيو اهو هنن جي ڪم نہ اچي سگهيو.(84)

اصحاب، حجر مان مراد قوم ثمود آهي. هي هن قوم جو مرڪزي شهر هيو، جنهن جا کنڊرات ۽ ويران ڏڙا اڄ بہ مديني جي اتر اولهہ ۾ واقع شهر "العلاء" جي قريب موجود آهن. جيڪي هڪ شاهراهہ تي آهن ۽ عقل و فهم رکندڙ حق پرست ماڻهن جي لاءِ تاريخي آثار سان گڏ بگڙيل قومن جي زوال جو عبرت ناڪ داستان جي صورت ۾ موجود آهن. قوم عاد ۽ قوم ثمود جو ذڪر قرآن ۾ گهڻن جاين تي آيل آهي، قوم ثمود ڏانهن صالح عليه السلام آيو. هنن معجزي جي گهر ڪئي. هڪ ڏاڇي معجزي طور آئي. صالح عليه السلام کين چيو تہ هن ڏاڇيءَ کي کا بہ تڪليف نہ ڏجو. هن جو پاڻي مقرر وقت تي آهي، کائڻ پيئڻ ۽ چرڻ لاءِ آزاد آهي، مگر هنن هن ڏاڇيءَ کي کهي ڇڏيو ۽ مٿن "اَلرَّجفة" زلزلي جو عذاب نازل ٿيو، جنهن پوري بستيءَ کي تباهہ ڪري ڇڏيو. (الاعراف: 79/7-73) هن کان اڳ آيت 69 کان 73 تائين قوم عاد جو بيان آهي. هيستائين شعيب عليه السلام اصحاب الايکه سان آيو آهي ۽ اصحاب الحجر ۾ صالح جي قوم قوم ثمود مراد آهي. اسان هنن کي بہ پنهنجيون نشانيون ڏنيون هيون ۽ رسول موڪليا هيا، مگر هنن بہ نہ رسولن کي تسليم ڪيو ۽ نہ وري انهن جي دعوتِ دين کي قبول ڪيو. هر هر سڏي ۽ حق جي ڳالهہ کان منهن موڙيندا رهيا. هو بي خوف و خطر پهاڙن کي تراشي ان مان نهايت مضبوط قلعا ۽ محلات جوڙيندا هئا، جن ۾ سکون سان رهندا هئا. سندن دنياوي زندگي، خوشحالي ۾ گذري هئي. هنن ڏانهن الله جا رسول آيا، مگر هو هميشہ انهن جي روگرداني ڪندا رهيا ۽ حضرت صالح عليه السلام هنن کي خبردار ڪيو هيو تہ ٽن ڏينهن بعد اوهان تي الله جو عذاب نازل ٿيندو ۽ ٿيو بہ ائين تہ چوٿين ڏينهن هنن کي عذاب اچي پکڙيو ۽ صبح جي وقت

هڪ زوردار ڪڙڪ زلزلي، بجلي ۽ شعلي اچي پنهنجي گرفت ۾ ورتو. هنن پنهنجي بچاءَ لاءِ جيڪي قلعا ۽ مضبوط محل جوڙيا هئا، اهي سڀ هنن جي ڪنهن ڪم نه آيا ۽ هرطرف هنن جا لاش ئي لاش نظر آيا. مڪافات عمل جو سلسلو پوين قومن کان هلندو اچي ۽ هلندو رهندو، ان ڪري اي حبيب خَاتَمُ النَّبِيِّين صلی الله تعالیٰ علیه وآله وسلم ! تون هنن ڪافرن ۽ مشرڪن جي دين کان انڪار ۽ بداعمالي ۽ بدڪاري ۾ ڪلم ڪلا زندگي گذارڻ کي حق، سچ سمجهڻ وارن جو اهو ئي حشر نشر ٿيڻو آهي، جيڪو هن کان اڳ جي قومن جو ٿيو آهي.

وَ مَا خَلَقْنَا السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضَ وَ مَا بَيْنَهُمَآ اِلَّا بِالْحَقِّ ؕ وَ اِنَّ السَّاعَةَ لَاٰتِيَةٌ فَاصْفَحِ الصَّفْحَ الْجَمِيْلَ ﴿۸۵﴾ اِنَّ رَبَّكَ هُوَ الْخَلّٰقُ الْعَلِيْمُ ﴿۸۶﴾ وَ لَقَدْ اٰتَيْنٰكَ سَبْعًا مِّنَ الْمَثَانِيْ وَ الْقُرْاٰنَ الْعَظِيْمَ ﴿۸۷﴾ لَا تَمُدَّنَّ عَيْنَيْكَ اِلٰى مَا مَتَّعْنَا بِهٖۤ اَزْوَاجًا مِّنْهُمْ وَ لَا تَحْزَنْ عَلَيْهِمْ وَ اخْفِضْ جَنَاحَكَ لِلْمُؤْمِنِيْنَ ﴿۸۸﴾ وَ قُلْ اِنِّيْۤ اَنَا النَّذِيْرُ الْمُبِيْنُ ﴿۸۹﴾ۚ كَمَاۤ اَنْزَلْنَا عَلَى الْمُقْتَسِمِيْنَ ﴿۹۰﴾ۙ الَّذِيْنَ جَعَلُوا الْقُرْاٰنَ عِضِيْنَ ﴿۹۱﴾

اسان آسمانن ۽ زمين کي ۽ جو ڪجهه هنن جي درميان آهي ان کي عبث (بي سود) پيدا نه ڪيو آهي. يقيناً قيامت جي گهڙي اچڻ واري آهي، سو اي خلق عظيم جا مالڪ خَاتَمُ النَّبِيِّين صلی الله تعالیٰ علیه وآله وسلم ! تون نهايت حسن و خوبي سان هر (مشڪلات) درگذر ڪندو رهه(85) بيشڪ تنهنجو رب سڀ کي پيدا ڪرڻ وارو آهي ۽ ڄاڻڻ وارو آهي.(86) ۽ بيشڪ اسان توکي بار بار وري پڙهڻ واريون ست آيتون (سورة الفاتحه) ۽ وڏي عظمت وارو قرآن عطا ڪرڻ فرمايو آهي.(87) اسان جيڪي ڪجهه هنن کي ڏنو آهي، ان جو ڪو خيال نه ڪر (اڪ ڪٽي به نه

ڏس) جن سان ڪافرن جي مختلف ٽولن کي دنياوي نعمتن سان مالا مال ڪيو ويو آهي. اهو ڪجهہ بہ نہ آهي، تون پنهنجن مؤمن سان خوش خلقي ۽ شفقت وارو رويو رک (88) ۽ هنن کي چئو تہ يقيناً مان اوهان کي الله جي عذاب جو واضح خوف ڏيارڻ وارو آهيان. (89) اهڙو عذاب جيڪو اسان تقسيم ڪرڻ وارن (يهود ۽ نصاريٰ) تي نازل ڪيو هيو.(90) جن ماڻهن قرآن کي پرزا پرزا ڪري تقسيم ڪيو هيو، (يعني پنهنجي مطلب وارين آيتن کي مڃيو، باقي ٻين کي خدائي آيات سڏڻ کان انڪار ڪيو ۽ پنهنجون تدبيرون جوڙيون)(91)

اي حبيب ﷺ! توکي معلوم ٿي چڪو آهي تہ هن کان اڳ وارين قومن جو سندن غلط اعمال جي ڪري نتيجو ڪيترو تباهہ ڪن نڪتو آهي ۽ خدا جو قانون مڪافات رڳو انهن قومن لاءِ خاص نہ هيو، پر ڪائنات جو هي پورو سلسلو آسمانن ۽ زمين تي يا انهن جي درميان جو ڪجهہ بہ موجود آهي، اهو وقت تي ٿوس نتيجا ظاهر ڪندو آهي. ڪائنات ۽ ان جي هرهڪ شيءِ جي تخليق بامعنيٰ ۽ بامقصد آهي، ڪابہ فضول ۽ بي فائده نہ آهي. "رَبَّنَا مَا خَلَقْتَ هٰذَا بَاطِلًا" (آل عمران: 19/3) اي منهنجا پروردگار! تو هيءَ ڪائنات بي مقصد نہ بنائي آهي. جنهن مطابق تخريبي قوتون ۽ باطل طاقتون اهي فطرت جي هن نظام جو حصو ٿي نٿيون سگهن، ان ڪري هميشہ ڪامياب ٿي نٿيون سگهن ۽ ناڪام رهن ٿيون. اهو مڪافات عمل جو قانون جيڪو هن کان اڳ نافرمان، سرڪش ۽ ظالم قومن بابت نتيجا ظاهر ڪندو رهيو آهي، اهو ئي تنهنجي هن مخاطب قوم سان ٿيٽو آهي. گويا نبي ڪريم ﷺ کي تسڪين ۽ تسلي ڏني ٿي وڃي تہ هن تحريڪ ۽ انقلاب جي اڇ وقت بظاهر باطل قوتن جو زور ۽ غلبو آهي. توسان نهايت ڪمزور ۽ مسڪين ماڻهن جو ساٿ آهي. مشڪلاتون ۽ مصيبتون بيشمار آهن، پر جنهن الله هن ڪائنات، زمين آسمانن جو نظام حق ۽ سچ تي رکيو آهي، اهو هن عارضي ۽ وقتي ڪيفيت کي اهڙي طرح بدلائي ڇڏيندو، جهڙي طرح هن کان اڳ طاقتور قومن کي نيست و نابود ڪيو. (ڏسو سورت ابراهيم: 9/14 کان 20 ۽ آيت 25 کان

42) اها گهڙي گهٽو پري نہ آهي، تمام جلد اچڻ واري آهي، (طٰهٰ: 15/20، الحج: 7/22، الروم: 55/30، الاعراف: 187/7) تنهن ڪري تون پنهنجي حسن خلق ۽ مفادات عامہ ۾ هنن سان درگذر جو معاملو ڪر ۽ پنهنجي ڪم (تبليغ دين) کي جاري رک، توکي هن ڪائنات جي خالق جي پوري حمايت حاصل آهي. (المُزَّمِّل: 10/73) يقيناً تنهنجو رب هرشيءِ جو خالق آهي. (يٰس: 67/36، الملڪ: 14/67، البقره: 21/2، ق: 3/50) هن پوري ڪائنات کي عدم کان وجود ۾ آڻڻ سندس حڪمت ۽ ڪمال جو ڪرشمو آهي. هو هر شيءِ جي پوري حقيقت ڄاڻي ٿو. ڪا بہ شيءِ هن جي علم کان ٻاهر نہ آهي. خالق هجڻ جي حيثيت ۾ هو پنهنجي مخلوق تي پورو غلبو ۽ قبضو رکي ٿو. ڪا بہ شيءِ هن جي تسلط کان ٻاهر ناهي. ڪو بہ هن جي گرفت کان بچي نٿو سگهي. "اَلَا يَعْلَمُ مَنْ خَلَقَ وَ هُوَ اللَّطِيْفُ الْخَبِيْرُ" (الملڪ: 14/67) جنهن پيدا ڪيو، اهو ڪيئن نہ ڄاڻندو، اهو باريڪ بين ۽ خبر رکندڙ آهي. تون جيڪا خيرخواهي ۽ ڀلائي پنهنجي قوم سان ڪري رهيو آهين، الله کي اهو بہ سڀ ڪجهہ معلوم آهي. ان جي موت ۾ هو جيڪو سلوڪ توسان روا رکن ٿا، الله ان کان بہ پوري طرح آگاهہ آهي. وقتي ۽ عارضي حالتن کان گهٻرائڻ جي ضرورت ناهي. الله جي حمايت ۽ مدد توساڻ آهي. سڀ ڪجهہ نيڪ ٿي ويندو ۽ تنهنجي مخلص ڪوششن جو الله وٽ وڏو قدر آهي ۽ ڪافرن جي انجام جو بہ هن کي علم آهي. الله جا انعام ۽ احسان توتي جاري وساري آهن. بيشڪ توکي اسان بار بار ورائي ورائي پڙهڻ واريون ست آيتون (سورت الفاتحه) ۽ وڏي عظمت وارو قرآن عطا ڪيو آهي، جنهن جي مقابلي ۾ دنيا جي ٻي ڪا بہ نعمت، مال متاع، اقتدار اختيار ان جي مقابلي ۾ هيچ آهن. حديث شريف ۾ آهي: "مَنْ اُوْتِيَ الْقُرْآنُ فَرَاٰى اَحَدًا اُوْتِيَ مِنَ الدُّنْيَا اَفْضَلَ مِمَّا اُوْتِيَ فَقَدْ صَغَّرَ عَظِيْمًا وَعَظَّمَ صَغِيْرًا" (ضياءُ القرآن) ڪنهن کي الله طرفان قرآن جو علم (سوچ سمجهہ) عطا ٿيو ۽ ڪنهن کي دنيا جي دولت ملي وئي. هو دنيا جي دولت واري کي پاڻ وارو (قسمت جو ڌڻي) سمجهي ٿو تہ اهو ائين آهي، جو هن عظمت واري شيءِ کي ننڍڙو سمجهيو ۽ ننڍڙي (خسيس) شيءِ کي عظيم سمجهيو.

جَمِيْعُ الْعِلْمِ فِي الْقُرْآنِ لٰكِنْ تَقَاصَرَ عَنْ اِفْهَامِ الرِّجَالِ

سمورن علمن جو جوهر قرآن ۾ موجود آهي، پر افسوس جو ماڻهن جي فهم و فراست ان کي سمجهڻ ۾ کوتاهي ڪري ٿي.

حضرت امام بخاري رحمه الله بن مرفوع روايتن ۾ سبع المثاني مان نبي ڪريم خاتم النبيين صلى الله عليه وسلم سورة الفاتحه مراد ورتي آهي. هت حضور اڪرم خاتم النبيين صلى الله عليه وسلم جن جي ذات گرامي ۽ مؤمنن کي تسليم ۽ تسڪين ڏني وئي آهي ته بظاهر هن وقت مسلمان معاشرتي ۽ معاشي حالتن ۾ ڪمزور آهن ۽ خسته حالي ۾ مبتلا آهن. نبوت جي عظيم ڪم جي ذميواري سنيالڻ سبب خود حضور خاتم النبيين صلى الله عليه وسلم جي تجارت ختم ٿي وئي آهي. امان سائنڀ حضرت خديجة الڪبرىٰ رضي الله عنها جو سرمايو به راهه حق ۾ خرچ ٿي چڪو آهي، نومسلمان نوجوانن کي سندن وڏڙن مال و دولت کان محروم ڪري ڇڏيو آهي. معاشي قطع تعلقات مزيد تڪليف ڏني آهي. مسلمان ڪمزور ۽ بي سرو سامان آهن ان جي مقابلي ۾ دنيا جون سڀ راحتون ۽ آسائشون، ڪافرن کي مهيا آهن، اوهان هنن جي هڪ عارضي ۽ وقتي ناڪ کي نه ڏسو. توهان وٽ اخلاقي ۽ عملي دولت آهي، جا ڪٽڻ واري نه آهي، وندڻ سان روز وڌندي وڃي ٿي. ڪامياببن تي ڪامياببون حاصل ڪندي رهندي، اها الله جي رضا ۽ سندس قانونِ مشيت جو نتيجو آهي. ناڪامي ۽ نامرادي ڪافرن جو مقدر آهي، ان ڪري اوهان الله جي هن عظيم نعمتن ۽ عظمت واري قرآن تي خدا جو شڪر ادا ڪريو. ان ڪري اي حبيب خاتم النبيين صلى الله عليه وسلم تون ڪافرن جي هن مال و متاع کي ڪا وقعت نه ڏي. ان ڏانهن اک کڻي نهارڻ جي ضرورت به نه آهي. ان جو توکي ڪنهن به قسم جو غم ۽ فڪر هئڻ نه گهرجي. هنن ڪافرن جي اها وقتي ۽ عارضي خوشي جلد ختم ٿي ويندي، توتي نازل ٿيل قرآن پنهنجي عظمت ۽ بزرگي سان هر هنڌ غلبو حاصل ڪري "لِيُظْهِرَهٗ عَلَى الدِّيْنِ كُلِّهٖ" ڪفر ۽ شرڪ جا سڀ مذهب مسلڪ عقيدا ۽ اعتقاد عنقريب ختم ٿي ويندا. هنن جي مال و دولت هن قرآن ۽ سبع المثاني جو مقابلو ڪري نه سگهندا ۽ ان ڪري نهايت دلي سڪون ۽ پختي يقين سان پنهنجي دعوت کي جاري رک ۽ مؤمنن کي پنهنجي شفقت ۽ حسن سلوڪ سان آڏر ياءُ ڪندو رهه ۽ سيني سان نرميءَ سان ڳالهائيندو رهه. (آل عمران: 159/3، النحل: 94/16، الانعام: 54/6، الشعراء: 215/26،

الحجر: 94/15)

اهي نادان ۽ بي سمجهه ماڻهو پنهنجي خيرخواهه ۽ محسن کي پنهنجو دشمن سمجهي رهيا آهن ۽ پاڻ اهڙي رستي تي گامزن آهن، جيڪو تباهي ۽ بربادي جي غار تائين پهچي ٿو ۽ هنن جي مخالفت توهان کي ڪو به نقصان ۽ ضرر پهچائي نه سگهندي. هنن کي کولي کولي صاف لفظ ۾ ٻڌاءِ ته مان توهان جي غلط روش ۽ بي راهه روي کي ڏسي اوهان کي ان جي هولناڪ نتيجن واري عذاب کان خبردار ڪري رهيو آهيان. منهنجي ان ۾ ڪابه ذاتي لالچ نه آهي، پر مان گهران ٿو ته اوهان پنهنجن ابن ڏاڏن جي غلط رسمن روين ۽ رواجن کي ڇڏي، حق ۽ سچائي جو مضبوط سهارو پکڙي رکو. جيڪو الله اوهان جي هدايت ۽ رهبري لاءِ وحي ذريعي نازل ڪرڻ فرمايو آهي. جن تباهين ۽ بربادين کان تون هنن کي آگاهه ڪري رهيو آهين، ان جو ڪجهه اندازو هنن کي به محسوس ٿيڻ لڳو آهي ته جهڙيءَ طرح هن کان اڳ وارن تي جن وحي الاهي جي مخالفت ڪئي هئي، جيڪو عذاب آيو هو، اهو ساڳي قانون مڪافات عمل مطابق هنن تي اچي سگهندو. هنن دين کي پنهنجي پسند مطابق ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيو آهي. (المعارج: 37/70) جيڪو مضمون هنن جي مفادن جي رکوالي ڪري ٿو ان کي باقي ڇڏيو، ٻئي حصي کي پنهنجي منشا ۽ مفادن مطابق تبديل ڪري ڇڏيو آهي. يعني هنن الله جي ڪتاب کي پنهنجي مفاد جو دستاويز بنائي ڇڏيو. پاڻ ته گمراهه ٿي ويا آهن، پر پوري اٻوجهه ۽ ناسمجهه قوم کي پنهنجن تاويلن جي پيروي ڪندڙ بنائي ڇڏيو آهي، جهڙي طرح سورة البقره 85/2 ۾ آيو آهي: "اَفَتُؤْمِنُوْنَ بِبَعْضِ الْكِتٰبِ وَتَكْفُرُوْنَ بِبَعْضٍ" اوهان الله جي ڪتاب جي بعض حصن تي ايمان آڻيو ٿا ۽ بعض حصن جو انڪار ڪيو ٿا. اها تنبيه جيڪا اڄ ڏني ٿي وڃي، اها هن کان اڳ هر بگڙيل قوم جي ٽولي کي ڏني وئي هئي، پر هنن ان طرف ڪو توجه نه ڏنو ۽ هاجيڪار نتيجن جو شڪار ٿيا. اوهان کي غفلت ۽ گمراهي کان ڪيڏ لاءِ اهڙا مثال پيش ڪجن ٿا. توهان ان مان سبق حاصل ڪريو ۽ هاڻي سوچي ونو ته اوهان به ساڳيو انجام ڏسڻ گهرو ٿا. ڪوڙا قسم کڻي تنهنجي مخالفت ڪن ٿا ۽ ڪوڙا قسم کڻي توکي پنهنجي رفاقت جو يقين ڏيارين ٿا. يا جهڙيءَ طرح صالح عليه السلام کي رات جي انڌيري ۾ سندس قتل ڪرڻ لاءِ قسم کنيائون. (المائده: 53/5،

التوبه: 107/9، ابراهيم: 44/14، النحل: 38/16، القلم: 10/68) اهو ساڳيو منافقن ۽ ڏوڪيباز ماڻهن جو رستو توسان بہ اختيار ڪن ٿا، جنهن جو نتيجو هلاڪت ۽ بربادي آهي، "تَقَاسَمُوْا بِاللّٰهِ لَنُبَيِّتَنَّهٗ وَ اَهْلَهٗ" (النمل: 49/27) جيڪو ڪافرن جي نصيب ۾ آهي ۽ توکي ڪاميابي ملندي رهندي.

فَوَ رَبِّكَ لَنَسْـَٔلَنَّهُمْ اَجْمَعِيْنَ ﴿۹۲﴾ عَمَّا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿۹۳﴾ فَاصْدَعْ بِمَا تُؤْمَرُ وَ اَعْرِضْ عَنِ الْمُشْرِكِيْنَ ﴿۹۴﴾ اِنَّا كَفَيْنٰكَ الْمُسْتَهْزِءِيْنَ ﴿۹۵﴾ الَّذِيْنَ يَجْعَلُوْنَ مَعَ اللّٰهِ اِلٰهًا اٰخَرَ ۚ فَسَوْفَ يَعْلَمُوْنَ ﴿۹۶﴾ وَ لَقَدْ نَعْلَمُ اَنَّكَ يَضِيْقُ صَدْرُكَ بِمَا يَقُوْلُوْنَ ﴿۹۷﴾ فَسَبِّحْ بِحَمْدِ رَبِّكَ وَ كُنْ مِّنَ السّٰجِدِيْنَ ﴿۹۸﴾ وَ اعْبُدْ رَبَّكَ حَتّٰى يَاْتِيَكَ الْيَقِيْنُ ﴿۹۹﴾

سو اي محمد ڪريم ﷺ! تنهنجي پروردگار جو قسم اسان هنن سيني کان ضرور پڇا ڳاڇا ڪنداسين(92) ان اعمال بابت جيڪي هو ڪندا هئا.(93) پوءِ تون انهن کي اهي ڳالهيون علي الاعلان چئي ڇڏ، جن جو توکي حڪم ڏنو ويو آهي ۽ مشرڪن کان منهن موڙي رک. (94) بيشڪ توسان چٽر ۽ مذاق ڪندڙن کي اسان (سزا ڏيڻ لاءِ) ڪافي آهيون.(95) جيڪي الله سان ٻئي کي معبود بنائين ٿا. اهي عنقريب پنهنجو انجام ڏسي ونندا.(96) بيشڪ اسان کي معلوم آهي تہ تنهنجو سينو مبارڪ انهن ڳالهين کان تنگ ٿئي ٿو جيڪا (بڪواس) هو چون ٿا.(97) سو تون پنهنجي رب جي حمد سان گڏ سندس تسبيح جاري رکين ۽ سجدا ڪندڙن سان شامل هجين(98) پنهنجي رب جي عبادت ۾ مشغول رهين، جيستائين الله جي طرفان توکي يقين (حق جي فتح) حاصل ٿي وڃي.(99)

هنن جو معاملو الله جي سپرد آهي، جنهن جو قانون مشيت ۾ سرگرم عمل آهي تہ ان جو قانون مڪافات ۾ هر وقت هر حال ۾ نتيجن جو اعلان ڪري رهيو آهي. هنن کي الله هن دنيا ۾ خوشحالي ۾ ڏني ۽ مانُ مرتبو ۾ عطا ڪيو ۽ دنياوي نعمتن سان نوازيو، جنهن جي شڪرگذاري ۽ قدرداني هنن ڪهڙي روپ ۾ ڏني ان پوري حالات اوقات ۽ انعامات جو حساب ڪتاب ضرور ورتو ويندو. "ثُمَّ لَتُسْئَلُنَّ يَوْمَئِذٍ عَنِ النَّعِيْمِ"(التكاثر: 8/102) ان ڏينهن اوهان کان ڏنل نعمتن بابت ضرور پڇيو ويندو تہ اوهان الله جي نعمتن جو ڪهڙي طرز حيات سان جواب ڏنو. سورة الاعراف: 6/7 ۾ ۽ اهڙو مضمون آيو آهي. "فَلَنَسْئَلَنَّ الَّذِيْنَ اُرْسِلَ اِلَيْهِمْ وَلَنَسْئَلَنَّ الْمُرْسَلِيْنَ" يقيناً اسان انهن کان ۽ پڇاڳاڇا ڪنداسون جن ڏانهن رسول موڪليا ويا ۽ انهن مان ۽ جن کي رسول ڪري موڪليو ويو. ۽نهي جون گواهيون رکارڊ ڪيون ويندیون. جن تي نعمتون ٿيون، انهن ان جي شڪراني ۾ ڇا ڪيو ۽ سندن رسولن کان ۽ پڇيو ويندو تہ هنن اوهان جي هدايت ۽ دعوت جي موٽ ۾ ڪهڙو رويو اختيار ڪيو. هنن جيڪي ۽ اعمال ڪيا آهن، اهي سمورا الله جي آڏو عيان آهن. "وَاَسِرُّوْا قَوْلَكُمْ اَوِ اجْهَرُوْا بِهٖ ؕ اِنَّهٗ عَلِيْمٌۢ بِذَاتِ الصُّدُوْرِ" (الملک: 13/67) لڪائي ڳالهہ ڪريو يا زور سان ڳالهايو، بيشڪ هو (الله) دلين جا راز ۽ ڄاڻيندڙ آهي. "يَعْلَمُ خَآئِنَةَ الْاَعْيُنِ وَمَا تُخْفِي الصُّدُوْرُ" (المؤمن: 19/40) هو (الله) اکين جي خيانت کي ۽ ڄاڻي ٿو ۽ دلين جي راز کان ۽ آگاهہ آهي. "يَعْلَمُ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَمَا فِي الْاَرْضِ" (المائده: 97/5) آسمانن ۽ زمين جي ذري ذري کي ڄاڻي ٿو. "يَعْلَمُ مَا بَيْنَ اَيْدِيْهِمْ وَمَا خَلْفَهُمْ" (البقره: 110/2) جيڪي مخلوق جي اڳيان آهي يا ان جي پٺيان آهي، سڀ الله کي معلوم آهي.

هاڻي اهو وقت اچي ويو آهي ۽ اسلام جي تحريڪ قدم ڄمائي چڪي آهي. ان ڪري هاڻي دين جي دعوت کلم کلا ڏيو، منبر ۽ محراب تان وحدت جي پيغام کي "الله اڪبر" چئي عوام تائين پهچايو. هن کان اڳ تون رشتيدارن ۽ ٻين ماڻهن کي انفرادي طور دعوت ڏئي رهيو هئين. هاڻي دين جي پيغام جي مقبوليت وڌي رهي آهي. ماڻهو جوق در جوق اچڻ لاءِ آتا آهن. "اِذَا جَآءَ نَصْرُ اللّٰهِ وَالْفَتْحُ ○ وَرَاَيْتَ النَّاسَ يَدْخُلُوْنَ فِيْ دِيْنِ اللّٰهِ اَفْوَاجًا ○" (النصر: 1-2/110) هاڻي الله جي فتح ۽ نصرت اچڻ سان ماڻهو جوق در جوق اسلام ۾ داخل ٿي رهيا آهن. هن دعوت جو آغا پنهنجي اهل و عيال يا گهر ياتين سان

ٿيو پوءِ دوست ۽ هم خيال ماڻهو اسلام ۾ آيا ۽ غلام ۽ ڪمزور نوجوان وڏن جي روش ڇڏي حلقہ اسلام ۾ داخل ٿيا. هي دعوت مخفي نہ هئي پر آهستي آهستي زور پکڙيندي وئي. پاڻ ڪوه صفا تي قوم کي آگاهيءَ جو پيغام ڏنو ۽ پوءِ قريبي عزيزن کان ٿيندي عوام تائين پهتي. ان ڪري مشرڪن ۽ ڪافرن جو ڊپ ڊاڻ دل مان ڪڍي علي الاعلان دعوتِ حق جو اعلان ڪر. اسان تنهنجي مخالفت ڪندڙن ۽ حق جي آواز کي دٻائي رکندڙن جي سمورين چالن، تدبيرن ۽ سندن منصوبن کان پوري طرح آگاهہ آهيون ۽ انهن جي استهزاء، ٺٺول ۽ ڇڙ کان توکي بچائڻ ۽ محفوظ رکڻ لاءِ اسان ڪافي آهيون. توکي ڪنهن ٻئي جي نہ مدد جي ضرورت آهي ۽ نہ وري هنن جي ڪنهن بہ منصوبي جي ڪاميابي جو خوف آهي. هنن کي سندن بيهوده حرڪتن جو جواب ڏيڻ الله کي اچي ٿو. ان ڪري ڪنهن فڪر ڪرڻ جي ضرورت ناهي. تون هنن مشرڪن کان پنهنجو منهن موڙي رک ۽ هنن ڏانهن توجه نہ ڪر. اسان هنن کي سندن استهزاء ۽ بداعمالي جو پورو پورو بدلو ڏينداسون. اسان کي اهو بہ معلوم آهي تہ تنهنجي هن خير ۽ ڀلائي واري دعوت جي جواب ۾ جيڪو ڪجهہ هو تنهنجي خلاف بهتان بازي ڪري رهيا آهن. وحي الاهي کي ڪوڙ ڪوڙي رهيا آهن، ان ڪري تنهنجي مزاج مبارڪ کي ناگوار گذري رهيو آهي ۽ بعض اوقات رنجيده دل رهين ٿو، پر هنن رڳو توکي ڪوڙو قرار نہ ڏنو آهي، پر هنن ڄاڻي واڻي تنهنجي تعليم جي مخالفت ۾ هو الله کان سواءِ ٻين کي معبود بنائي وينا آهن. پنهنجن مذهبي پيشوائن ۽ ابن ڏاڏن جي رسمن ۽ رواجن کي الله جو قانون سڏي ان جي مقابلي ۾ آڻين ٿا. هنن کي سندن هن جرئت، بي جا ۽ سرڪشيءَ جي ضرور سزا ملندي، جنهن جي هنن کي جلد خبر پئجي ويندي. هو توکي پنهنجي خرافات ۾ الجهائڻ گهرن ٿا، تو تي منفي دٻاءُ وجهڻ لاءِ ذاتي رقيق حملا بہ ڪن ٿا. ڪاذب، ساحر مجنون وغيره چئي ماڻهن کي تنهنجي خلاف ايارين ٿا. ڪڏهن آسيب زده سڏين ٿا تہ ڪڏهن چون ٿا تہ اسان جي معبودن جي مخالفت ڪرڻ تي معبودن کيس (نعوذ بالله) پاڳل (باولو) ڪري ڇڏيو آهي. اهڙا دلخراش طعنا تنڪا ٻڌي تون رنجيده ٿي وڃين ٿو، جنهن جي اسان کي پوري پوري ڄاڻ آهي، اهو مضمون سورة الانعام: 33/6 ۾ بہ آيو آهي. ان ڪري تون هنن سيني ڳالهين کي قائم رکندي خدا جي بارگاهہ ۾ سربسجود رهندو ڪر. تنهنجو الله سان

جيترو رشتو مضبوط رهندو، اوترو ئي توکي يقين ۽ اطمينان نصيب ٿيندو ۽ هنن مشڪلاتن کي منهن ڏيڻ ۾ توکي ڪا ڏکيائي محسوس نہ ٿيندي. هنن تڪليفن بعد آسانيون ۽ ڪاميابيون تنهنجا پير چمنديون. "اِنَّ مَعَ الْعُسْرِ يُسْرًا" ڏکن پنيان سڪ آهن. تڪليفن جي نتيجي ۾ ڪاميابيون ۽ ڪامرانيون آهن، جڏهن پنهنجي نبوت واري دعوت دين جي تبليغ کان فراغت ٿئي تہ الله سان رابطو قائم رک، محنت ڪر ۽ الله جي رغبت طرف توجه قائم ڪر. (الم نشرح) خدا سان وڌيڪ تعلق قائم ڪرڻ ۽ ان جي دين متين کي ٻين دينن تي غلبو ڏيڻ جي ڪري تنهنجا سمورا غم ۽ وهم خوشگوار نتيجن جي اچڻ سان مٽجي ويندا. ڪفر جو غلط نظام تباهه ۽ برباد ٿيندو ۽ خدا جو فيصلو نوس حقيقت تي سامهون اچي ويندو. "كَلَّا لَوْ تَعْلَمُوْنَ عِلْمَ الْيَقِيْنِ" (التكاثر: 5/102) خبردار! جيڪڏهن پڪي ويساهه سان ڄاڻو ها. "ثُمَّ لَتَرَوُنَّهَا عَيْنَ الْيَقِيْنِ" (التكاثر: 7/102) ان کي عين اليقين ۽ حق اليقين يقين واري نگاهه سان ضرور ڏسندا. اها ڳالهه بلڪل يقين واري آهي.

بَارَكَ اللّٰهُ لِيْ وَلَكُمْ فِي الْقُرْآنِ الْعَظِيْمِ وَنَفَعَنِيْ وَاِيَّاكُمْ بِالْآيَاتِ وَالذِّكْرِ الْحَكِيْمِ

الحمد لله! سورة الحِجر جو ترجمو ۽ شرح بيان اڄ 9 آڪٽوبر 2023 بروز آچر مطابق 12 ربيع الاول1444ھ رات 11 بجي ختم ٿيو.

31 جولاءِ 2024ع تي رات جو 30: 11 بجي نظرثاني مڪمل ٿي.

سُوْرَةُ النَّحْلِ

هن سورت جي آيت 68 "وَ اَوْحٰى رَبُّكَ اِلَى النَّحْلِ" مان علامت طور نالو رکيو ويو آهي. سورة جو موضوع يا بحث جو عنوان نہ آهي. هي سورة حبشه جي هجرت کان پوءِ ۾ مدينہ هجرت کان ٿورو وقت اڳ نازل ٿي آهي. هن سورت جو قرآن حڪيم جي ترتيب ۾ 16هون نمبر آهي، پر نزول جي لحاظ سان 73هين نمبر تي آهي. هن کان اڳ 72 سورتون مڪي مڪرمه ۾ نازل ٿي چڪيون هيون، باقي 17 سورتون هجرت بعد مدينه منوره ۾ نازل ٿيون. هن جو موضوع به مڪي مڪرمه جي آخري دور ۾ نازل ٿيندڙ سورتن وارو آهي. هيءَ سورة به سوره بني اسرائيل ۽ سوره کهف جي گروپ جي آهي ۽ سوره بني اسرائيل جو قوام يعني جوڙ آهي. سورة النحل ۾ جيڪي شيون مختصر يا اشاري طور بيان ٿيل آهن، سوره بني اسرائيل ۾ انهن کي بلڪل کولي بيان ڪيو ويو آهي. هن سورة ۾ يهود سان تفصيلي خطاب، اخلاق جي فضيلت ۽ غيراخلاقي رذيل شين جي وضاحت ڪئي وئي آهي. هن جو مضمون به پوين سورتن سان لڳاتار هلندو اچي. هن سورة ۾ خطاب قريش کي آهي ۽ بني اسرائيل ۾ يهود جو بيان آهي. مڪي جا آخري ايام جي سورة مان هجڻ ڪري حضور خَاتَمُ النَّبِيِّين ﷺ کي هجرت مدينہ منور جي تياري لاءِ هدايت جا نمايان مثال ملن ٿا. آيت 11 مان معلوم ٿئي ٿو تہ هجرت حبشه ٿي چڪي هئي، جنهن جو بيان آيل آهي، ڪافرن ۽ مشرڪن پاران ظلم و ستم پوري شدت سان جاري هيو. مسلمانن کي دين اسلام ڇڏڻ لاءِ سخت اذيتون ڏسٽيون پيون، ان ڪري کين دل سان نہ، پر ظاهر زبان سان ڪفر جو اقرار ڪري جان بچائڻ جي اجازت ملي. مڪه مڪرمہ ۾ جيڪو سخت ڏکار پيو هيو، اهو هن سورة جي نزول کان اڳ ختم ٿي چڪو هو. سورة النحل: 115/16 ۾ حرام شين جو ذڪر آهي. الانعام: 119/6 ۾ به حرام حلال شين جو ذڪر آهي. النحل جي آيت 118 ۾ يهود تي حرام ڪيل شين جو بيان آهي تہ اهڙي طرح سورة الانعام ۾ آيت 118 ۾ حڪم آهي تہ جنهن تي الله جو نالو ورتو ويو آهي، اهو کائو حلال آهي. مشرڪن ۽ ڪافرن جو آيات الاهي خلاف انڪار ۽ رسول خَاتَمُ النَّبِيِّين ﷺ کي ڏمڪيون ڏيڻ جو سلسلو جاري رهيو تہ کين بداعماليءَ جي برن نتيجن کان آگاهہ ڪيو ويو. مسلمانن جي تربيت ۽ تعليم جو اهتمام ڪيو ويو. هن سورة ۾ الله جي نعمتن جو ذڪر نهايت جامعيت سان ٿيو آهي. هن سورة جا مضامين سورة الانعام ۽ سورة الرُّوم جي مضمونن سان گهري مشابهت آهي.

آيتون ١٢٨ | سُورَةُ النَّحۡلِ (مكي سورت) | رکوع ١٦

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

اَتٰۤى اَمۡرُ اللّٰهِ فَلَا تَسۡتَعۡجِلُوۡهُ ؕ سُبۡحٰنَهٗ وَ تَعٰلٰى عَمَّا يُشۡرِكُوۡنَ ۝١ يُنَزِّلُ الۡمَلٰٓئِكَةَ بِالرُّوۡحِ مِنۡ اَمۡرِهٖ عَلٰى مَنۡ يَّشَآءُ مِنۡ عِبَادِهٖۤ اَنۡ اَنۡذِرُوۡۤا اَنَّهٗ لَاۤ اِلٰهَ اِلَّاۤ اَنَا فَاتَّقُوۡنِ ۝٢ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَ الۡاَرۡضَ بِالۡحَقِّ ؕ تَعٰلٰى عَمَّا يُشۡرِكُوۡنَ ۝٣ خَلَقَ الۡاِنۡسَانَ مِنۡ نُّطۡفَةٍ فَاِذَا هُوَ خَصِيۡمٌ مُّبِيۡنٌ ۝٤

الله جي نالي سان شروع جو نهايت مهربان ۽ هميشہ رحم ڪرڻ وارو آهي.
الله جو فيصلو صادر ٿي چڪو آهي، سو ان لاءِ جلد نہ ڪريو، هو پاڪ ۽ برتر آهي. ان شين کان جن کي هي (الله جو) شريڪ بنائين ٿا.(1) هو پنهنجن بانهن مان جنهن تي گهري ٿو پنهنجي حڪم سان فرشتن کي وحي ڏئي موڪلي ٿو تہ انهن (غافل ماڻهن) کي خبردار ڪريو تہ مون کان سواءِ توهان جو ڪو بہ معبود ناهي، سو منهنجي گرفت کان پاڻ کي بچائي رکو.(2) انهيءَ (الله) آسمانن ۽ زمين کي برحق پيدا ڪيو آهي. هو انهن ڳالهين کان گهڻو مٿي آهي، جن کي هو ان جو شريڪ بنائين ٿا.(3) هن انسانن کي ذرا سي بوند (قطري) مان پيدا ڪيو آهي. ڏسو تہ اهو ئي (انسان) يڪايڪ هڪ ڪلم ڪلا حريف بڻجي سامهون آيو آهي.(4)

بگڙيل قوم جي اصلاح لاءِ الله پنهنجا رسول موڪليندو آهي، جنهن تي فرشتن

جي معرفت پنهنجي حڪم (امر) کي وحي ڪندو رهندو آهي. خدا جا رسول ان قوم جي مخالفت ۽ هٺ ڏرمي باوجود کين هدايت جو سلسلو جاري رکندا آهن ۽ هر مشڪلات ۽ مصيبت کي برداشت ڪري، پنهنجي قوم جي همدردي ۽ خير خواهيءَ ۾ مشغول رهندا آهن، پر جڏهن قوم هر حالت ۾ انڪار ۽ هٺ تي قائم رهندي آهي ۽ الله جي طرفان تمام حجت پوري ٿيڻ بعد ان قوم لاءِ فيصلو صادر ڪيو ويندو آهي ۽ کين ان امر (حڪم) جي اجراء کان اڳ مهلت جو وقت ڏنو ويندو آهي. سو اي نبي مُڪرَّم ﷺ! تون هنن کي ٻڌاءِ تہ اوهان جو بار بار عذاب جو مطالبو ڪري رهيا آهيو، ان جو فيصلو ٿي چڪو آهي، اهو پنهنجي مقرر وقت تي اچي رهندو، جنهن کي ڪو بہ روڪي نٿو سگهي، ان ڪري توهان ان جي جلدي گهر نہ ڪريو. توهان ڪفر ۽ انڪار جون سڀ حدون پار ڪري چڪا آهيو. هاڻي سزا جا حقدار آهيو، يا الله طرفان عذاب ايندو يا مؤمنن هٿان اوهان جي بيخ ڪني ڪئي ويندي. (العنڪبوت: 54/29) دنيا ڏنو تہ هجرت جي 8-10 سالن اندر مڪه فتح ٿيو ۽ پوري عرب جي جزيري تان مشرڪن ۽ منڪرن جو خاتمو اچي ويو.

الله فرشتن جي ذريعي انبيا ڪرام عليهم السلام تي پنهنجي امر کي وحي ڪندو آهي. هت "بِالرُّوح" مان مراد وحي الاهي آهي، جيڪو الله جي رسول ڏانهن نازل ٿيندو رهندو آهي. نبي اڪرم ﷺ کي بہ جبريل عليه السلام وحي ذريعي الله جي امر (حڪم) کان آگاهہ ڪندو رهيو آهي. "امر" جو لفظ بہ وضاحت طلب آهي. سورة الاعراف: 54/7 ۾ آهي: "اَلَا لَهُ الْخَلْقُ وَالْاَمْرُ" ياد رکو خلق ۽ امر ٻئي ان جا آهن. عالمِ خَلق ۽ عالم اَمر بہ الڳ عالم آهن. "عالمِ امر"، "عالمِ خلق" کان اڳ ۾ هوندو آهي. "خلق" تخليق وارو عمل آهي ۽ امر تخليق کان اڳ جو ارادو آهي. جڏهن الله پنهنجي ارادي يا منصوبي کي آڻڻ جو سوچيندو آهي تہ پوءِ "كُنْ" جي ذريعي ان کي تخليق ۾ آڻيندو آهي. جيئن انجنيئر عمارت جو هڪ تصور ۽ نقشو ذهن ۾ ٺاهيندو آهي ۽ پوءِ ان ذهني نقشي کي عمارت جي شڪل ڏيندو آهي. سورت يٰس ۾ آهي: "اِنَّمَآ اَمْرُهٗٓ اِذَآ اَرَادَ شَيْـًٔا اَنْ يَّقُوْلَ لَهٗ كُنْ فَيَكُوْنُ" الله جو ارادو امر آهي. تخليق ان کان بعد جو عمل آهي، جنهن لاءِ وقت درڪار هوندو آهي. هن ڪائنات جي تخليق بہ اهڙي طرح الله جي ڇهن تنزلات تعينات ذريعي وجود ۾ آئي. (وڌيڪ ڏسو ڪتاب روائح ريحاني شرح لوائح جامي يا تفسير شرح البيان سورت يونس: 3/10)

"روح" جو لفظ وحي الاهي ۾ حضرت جبريل عليه السلام لاءِ به آيو آهي ۽ روح الله جو امر آهي. يعني الله جي توانائي آهي. سورة البقره: 87/2 ۾ آهي: "وَاَيَّدْنٰهُ بِرُوْحِ الْقُدُسِ" سورة الشعراء: 194/26-193 ۾ آهي: "نَزَلَ بِهِ الرُّوْحُ الْاَمِيْنُ○ عَلٰى قَلْبِكَ لِتَكُوْنَ مِنَ الْمُنْذِرِيْنَ ○" الروح ٻنهي آيتن ۾ حضرت جبرئيل عليه السلام لاءِ آيو آهي. ۽ "يُنَزِّلُ الْمَلٰٓئِكَةَ بِالرُّوْحِ" ۾ "الروح" وحي الاهي لاءِ آيل آهي. "يَسْـَٔلُوْنَكَ عَنِ الرُّوْحِ ؕ قُلِ الرُّوْحُ مِنْ اَمْرِ رَبِّيْ" ۾ "اَلرُّوح" امر ربي يعني الاهي توانائي جيڪو آدم عليه السلام کي قوڪيو ويو. "فَنَفَخْنَا فِيْهَا مِنْ رُّوْحِنَا" هت آدم جي تخيلقي ۽ امر الاهي يا الاهي توانائي ٻه الڳ شيون آهن. روح قوڪڻ بعد تخليق وجود ۾ آئي. الله پنهنجي وحي کي جنهن تي ٻه گهري ٿو تہ پنهنجي ٻانهن مان ان تي نازل ڪرڻ فرمائي ٿو (بني اسرائيل: 85/17، النحل: 102/16) هن مان مراد رسالت آهي، جنهن تي وحيءَ جو نزول ٿئي ٿو (المؤمن: 15/40) جيڪا قلب محمد خاتم النبيين صلى الله عليه وسلم تي اهڙي طرح نازل ٿيندي هئي، جو بالڪل ياد رهندي هئي تہ جيئن ماڻهن کي خبردار ڪجي تہ الله کان سواءِ ڪو ٻہ معبود حقيقي نہ آهي. ان ڪري ان جي عبادت ڪريو. انحرافي ۽ انڪار جي صورت ۾ الله جي عذاب کان بچاءُ جو رستو ڳوليو، تقويٰ اختياري ڪيو. خدا جا رسول جنهن توحيد خداونديءَ جي دعوت ڏيندا آيا آهن، اها اهائي آهي تہ صرف هڪ الله آهي، جيڪو اڪيلو اطاعت ۽ عبادت جي لائق آهي. رسول جو انتخاب الله جي رضا آهي. هن تي وحي جو نزول هڪ حقيقت آهي، جنهن کي ڪوڙو نٿو ڪري سگهجي. "اَللّٰهُ اَعْلَمُ حَيْثُ يَجْعَلُ رِسَالَتَهٗ" (الانعام:124/6) "وَ كَذٰلِكَ اَوْحَيْنَآ اِلَيْكَ رُوْحًا مِّنْ اَمْرِنَا ؕ مَا كُنْتَ تَدْرِيْ مَا الْكِتٰبُ وَ لَا الْاِيْمَانُ" (الشوریٰ: 52/42) حضرت محمد مصطفيٰ خاتم النبيين صلى الله عليه وسلم خدا جو حبيب ۽ سچو رسول آهي. هن جي اطاعت الله جي اطاعت آهي ۽ هن جو انڪار الله جي وحدانيت، حڪمت ۽ قدرت جو انڪار آهي. اهو الله جنهن آسمانن ۽ زمينن کي اپايو آهي، جن جو وجود خيالي نہ پر هڪ حقيقت آهي. هن پوري ڪائنات تي هڪ الله جي حڪمراني ۽ اقتدار آهي، جيڪڏهن ضد ۽ هٺ ڇڏي عقل و دانش سان غور ڪجي تہ ڪائنات جا هي وڏا عنصر ڪهڙي طرح هڪ ضابطي، قانون ۽ توازن سان ڪارفرما آهن، جيڪو هڪ الله کان سواءِ ڪو ٻہ ٻيو ان جو اهتمام نٿو ڪري سگهي. ان ڪري ان الله کي اڪيلو معبود تسليم ڪري رڳو ان جو آڏو سربسجود ٿجي. هي جيڪي هٺ جا

گھڙيل يا هٿ نوڪيا ديوي ديوتائون ۽ مذهبي اڳواڻ سندن احڪامن ۾ شريڪ بنايا ٿا وجن، الله تعالىٰ انهن سمورين نسبتن کان پاڪ آهي ۽ کو به سندس شريڪ نه آهي. انسان جنهن کي الله هڪ مني جي قطري مان پيدا ڪيو آهي. سندس ماءُ جي پيٽ ۾ ربوبيت ڪئي آهي، ان بعد ولادت جي مرحلي کان گذاري ڪمزور ٻارڙي مان جوان بنايو آهي ۽ هن تي هر وقت پنهنجن نعمتن ۽ نوازشن جي پرمار ڪئي آهي، ڇا اهڙي ڪمزور نطفي مان پيدا ٿيل کي ان الله جي مخاصمت ۽ مخالفت جڳائي ٿي. هن جو اهو ناشڪري ۽ ناقدري وارو رويو ڪيس اها جرئت ڪٿان ٿو ڏئي، جو هو پنهنجي رب جي اطاعت بدران ان جي مقابلي ۾ اچي ويو آهي يا ائين سمجهو ته هڪ حقير نطفو اها جرئت ڪري ئي نٿو سگهي جو خصم بڻجي وڃي.

وَ الْاَنْعَامَ خَلَقَهَا ۚ لَكُمْ فِيْهَا دِفْءٌ وَّ مَنَافِعُ وَ مِنْهَا تَاْكُلُوْنَ ۝۵ وَ لَكُمْ فِيْهَا جَمَالٌ حِيْنَ تُرِيْحُوْنَ وَ حِيْنَ تَسْرَحُوْنَ ۝۶ وَ تَحْمِلُ اَثْقَالَكُمْ اِلٰى بَلَدٍ لَّمْ تَكُوْنُوْا بٰلِغِيْهِ اِلَّا بِشِقِّ الْاَنْفُسِ ؕ اِنَّ رَبَّكُمْ لَرَءُوْفٌ رَّحِيْمٌ ۝۷ وَّ الْخَيْلَ وَ الْبِغَالَ وَ الْحَمِيْرَ لِتَرْكَبُوْهَا وَ زِيْنَةً ؕ وَ يَخْلُقُ مَا لَا تَعْلَمُوْنَ ۝۸ وَ عَلَى اللّٰهِ قَصْدُ السَّبِيْلِ وَ مِنْهَا جَآئِرٌ ؕ وَ لَوْ شَآءَ لَهَدٰىكُمْ اَجْمَعِيْنَ ۝۹ ع ۹/۷

۽ هي چوپايا (جانور) به انهيءَ پيدا ڪيا آهن. جن ۾ اوهان لاءِ گرم لباس ۽ ڪيترا فائدا آهن ۽ انهن مان ڪجهه کي اوهان کائو به ٿا.(5) هنن (جانورن) ۾ اوهان لاءِ خوبصورت منظر به آهي، جڏهن توهان هنن کي شام جي وقت چاري واپس (گهر) آڻيو ٿا ۽ جڏهن صبح جو کين چارڻ لاءِ ڪاهي وجو ٿا.(6) اهي (جانور) توهان جون وزني (پاري) شيون کڻي ان شهر ڏانهن کڻي وڃن ٿا جتي اوهان وڏي مشقت بعد ئي پهچي سگهو ها، بيشڪ توهان جو رب نهايت

شفقت وارو ۽ هميشہ رحم ڪرڻ وارو آهي.(7) ۽ انهيءَ گهوڙا، خچر ۽ گڏهه پيدا ڪيا آهن تہ توهان انهن تي سواري ڪري سگهو ۽ هو توهان جي (زندگي جي) سونهن ۾ آهن ۽ ٻيون اهڙيون شيون ۾ پيدا ڪيون آهن ۽ پيدا ڪندو رهندو، جن جي (اڃ) اوهان کي خبر ناهي.(8) الله طرف وڻي وڃڻ وارو هڪ ئي سڌو رستو آهي. ان کان علاوه ٻيا ڦِڏا ۽ ٽيڙا رستا آهن. جيڪڏهن الله جي اها مشيت هجي ها تہ پوءِ توهان سيني کي سڌي رستي تي هلائي ڇڏي ها.(9)

اهو انسان جيڪو نطفي مان پيدا ڪيو ويو "خُلِقَ الْاِنْسَانُ ضَعِيْفًا" جيڪو انسان ڪمزور ۽ بي بس آهي. اهو الله جو "خصيم مُّبين" يعني کلم کلا مخالفت تي اچي ويو آهي، حالانڪ الله جون هن تي بي شمار نعمتون ۽ شفقتون آهن، هن جي طبعي زندگي ۽ روحاني زندگي جا سمورا اسباب ڪيس مهيا ڪيا آهن، جن جي ذريعي هو هڪ بوند مان جوان ٻڍجي وڃي ٿو. هن جي روحاني اصلاح لاءِ پنهنجا رسول وحي ڏئي موڪليا ويا، جن هڪ وحشي جانور کي مهذب انسان بنائڻ لاءِ هدايت ۽ رهنمائيءَ جو سلسلو جاري رکيو. کين الله جي اطاعت، ايمان ۽ نيڪ عملن جي نتيجي ۾ دنيا جي خوشگوار زندگي ۽ آخرت جي نجات واري زندگي جون واڌايون ڏنيون ۽ کين ڪفر ۽ شرڪ، بي راهہ روي اختيار ڪرڻ، سرڪشي، ظلم ۽ فتنو فساد پيدا ڪرڻ جي نتيجي ۾ هولناڪ سزا ۽ عذاب کان خبردار ڪيو ۽ کين عقل، ارادي ۽ اختيار جي نعمت بخشي، ان سان گڏوگڏ آسمانن ۽ زمين جو هوشربا نظام قائم ڪيو، جنهن ۾ انسان جي جياپي ۽ نشو و نما لاءِ زمين مان غذا، ميوا ۽ سبزيون ۽ ٻيون ڪارآمد شيون انسان جي ضرورت لاءِ پيدا ڪيون. پر اهي سڀ نعمتون هن کان وسري ويون ۽ هو خدا جي مخالف ٿي ويو آهي. ان کان علاه ۾ هن چوپايا پيدا ڪيا، جن جي اُن، پشم ۽ ڏاس منجهان سردي جي بچڻ جا ڪپڑا يا گرم لباس عنايت ڪيو. انهن کي سواري لائق بنايو، جنهن تي انسان پاڻ ۾ سواري ڪري ٿو ۽ پنهنجو سازو سامان ۾ هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ منتقل ڪري ٿو، جنهن کانسواءِ کيس وڏي مشڪل محسوس ٿئي ها. هن کان علاوه اڃان ڪوڙ ساريون

نعمتون آهن، جيڪي هر دور جي ضرورت مطابق پيدا ٿيندیون رهنديون، ڪجھ جانور غذا طور استعمال ٿين ٿا. جڏهن ضرورت پوي ٿي تہ کيتي پوکڻ يا هر هلائڻ بار کڻڻ ۽ سواري ڪرڻ لاءِ استعمال ٿين ٿا. هي انهن جانورن جو افادي پهلو آهي، ٻيو سندن تحسين و جمال جو پهلو آهي ۽ توهان جي لاءِ اهي جانور وڏي شان شوڪت ۽ سونهن سوڀيان جو نشان آهن، خاص طرح جڏهن چراگاهہ کان چري شام جو گهر ڪڏندا ڊوڙندا اچن ٿا تہ ان وقت بہ اوهان انهن جي خوبصورت ڏڻ کي گهر ۾ ايندو ڏسي خوشيءَ سان ٻهڪي اٿو ٿا ۽ وري جڏهن صبح جو گهر کان چراگاهہ ۾ چرڻ لاءِ وڃن ٿا تہ بہ منظر خوبصورت لڳي ٿو ۽ دل بهار بهار ٿئي ٿي. هت "حِيْنَ تُرِيْحُوْنَ وَ حِيْنَ تَسْرَحُوْنَ" آيو آهي، جنهن ۾ "اِرَاحَة" شام جو گهر اچڻ کي "سَرَح" صبح جي چوڑڻ کي چئبو آهي. شام جي وقت کي صبح جي وقت کان اڳ ۾ ان ڪري رکيو ويو آهي، جو هي ڪلام جي شان جي اظهار جو موقعو آهي ۽ اهو ان وقت وڌيڪ محسوس ٿئي ٿو، جڏهن جانور جهنگ يا زمينن تان چري، شام جو گهر اچن ٿا، بنسبت هن جي، جو جانور صبح جو چرڻ لاءِ وڃن ٿا. (البيان) اوهان کي هڪ شهر کان يا هڪ هنڌ کان ڪنهن ٻئي شهر ڪو وزني بار پهچائڻو آهي تہ اهو بہ اوهان هنن جانورن تي کڻو ٿا، جنهن لاءِ اوهان کي نهايت تڪليف ڪرڻي پوي ها. ان تڪليف کان الله اوهان کي بچائي سهولت ڏني آهي. بيشڪ توهان جو رب نهايت مهربان ۽ هميشہ رحم ڪرڻ وارو آهي. هي نعمتون انسان لاءِ الله جي مهرباني ۽ رحمت جو صلو آهن. هن کان علاوه گهوڙا خچر گڏهہ اوهان لاءِ پيدا ڪيا آهن تہ اوهان انهن تي سواري ڪريو ۽ انهن کي اوهان جي لاءِ هڪ خوبصورت تحفو ڪيو اٿس. جيڪو اوهان جي ضرورتن پوري ڪرڻ لاءِ هر وقت اوهان وٽ موجود آهن. هنن سهولتن ۽ نعتمن کان علاوه ڪيتريون اهڙيون نعتون آهن، جيڪي اوهان لاءِ اڀايون اٿس، جن جي اوهان کي ڪا خبر نہ هئي. مثلاً ڪار، بس، ٽرڪ، ريل گاڏي، بحري جهاز، ڪشتيون، هوائي جهاز وغيره. اجا بعد بہ خلقيندو رهندو، جن جو اوهان کو علم ناهي. يعني هن ايتريون تہ بي انداز شون ۽ نعمتون بنايون آهن، جن جو نوع انسان کي آهستي آهستي علم ٿئي پيو. گويا هن جي نشو و نما جو سمورو سامان سندس ظاهر ۽ باطن وارن خزانن ۾ محفوظ آهي ۽ ضرورت وقت خدمت بجا آوري لاءِ موجود آهي.

دنيا ۾ انسان جي غور و فڪر ڪرڻ لاءِ هدايت ۽ رهنمائي جو رستو به وحي الاهي ذريعي رسولن سڳورن جي بعثت سان پورو ڪيو آهي، جيڪو رستو صراط مستقيم جي شاهراھ نالي سان سڏيو وڃي ٿو. جيڪو به ان سڌي رستي کي اختيار ڪندو تہ اهو پنهنجي الله وٽ پهچي ويندو ۽ ڪيس الله جي قربت ۽ شفقت نصيب ٿي ويندي. ان سڌي رستي کانسواءِ ٻيا ڏنگا، اڻ سڌا ۽ گمراھ ڪندڙ رستا به آهن، جيڪي سڃائي کان خالي محرومي ۽ بدنصيبيءَ جو ڪارڻ آهن. الله تعالىٰ سڌي رستي تي هلڻ جا فائدا به ٻڌايا آهن ۽ ڏنگي ۽ ڏڌي رستي اختيار ڪرڻ جا هولناڪ نتيجا به کولي کولي بيان ڪيا آهن، جنهن لاءِ وحي الاهي جو سلسلو رسولن سڳورن جي بعثت ۽ تبليغ کان علاوه ڪائنات ۾ ڪيتريون ئي شيون غور فڪر لاءِ پيدا ڪيون اٿس، جن تي غور ڪري هدايت ۽ دعوت کي قبول ڪري منزل مقصود تي پهچي سگهن ٿا. وحي الاهي جي نعمت کانسواءِ باقي ٻيون طبعي حياتيءَ جون نعمتون تہ هڪ جاندار جي حيثيت ۾ حاصل آهن، پر رسولن جي بعثت ۽ وحي الاهي جو نزول ئي ڪيس اشرف المخلوقات جو درجو عطا ڪري ٿو. هن نعمتن جي ناشڪري ڪرڻ سان انسان هڪ Social Animal جانور ئي آهي، جيڪو هِتي هُتي ٽڪندو رهي ٿو، چو تہ حق کان سواءِ باطل جون بي شمار راهون آهن.

واٽون ويهہ ٽيون ڪه جاڻان ڪيهي ويا. (شاهہ رحمه الله)

الله لاءِ اهو به ممڪن هيو تہ نوع انسان جي رهنمائي لاءِ باقي مخلوقات وانگر ڪيس هدايت جي رستي تي هلائي ڇڏي ها ۽ ڪيس گناھ ڪرڻ يا ٽڪرڻ ۾ ڦاسڻ کان محفوظ رکي ها. پر مشيت الاهي ڪيس باقي مخلوقات کان الڳ حواس خمسه ۽ عقل و شعور سان گڏ اختيار ۽ ارادي جي نعمت سان نوازيو آهي. هاڻي هن تي آهي تہ "اِنَّا هَدَيْنٰهُ السَّبِيْلَ اِمَّا شَاكِرًا وَّاِمَّا كَفُوْرًا" (الدهر: 1/76)

هُوَ الَّذِيْٓ اَنْزَلَ مِنَ السَّمَآءِ مَآءً لَّكُمْ مِّنْهُ شَرَابٌ وَّ مِنْهُ شَجَرٌ فِيْهِ تُسِيْمُوْنَ ۝۱۰ يُنْۢبِتُ لَكُمْ بِهِ الزَّرْعَ وَ الزَّيْتُوْنَ وَ النَّخِيْلَ وَ الْاَعْنَابَ وَ مِنْ

كُلِّ الثَّمَرٰتِ ؕ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيَةً لِّقَوْمٍ يَّتَفَكَّرُوْنَ ﴿١١﴾ وَ سَخَّرَ لَكُمُ الَّيْلَ وَ
النَّهَارَ ۙ وَ الشَّمْسَ وَ الْقَمَرَ ؕ وَ النُّجُوْمُ مُسَخَّرٰتٌۢ بِاَمْرِهٖ ؕ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ
لِّقَوْمٍ يَّعْقِلُوْنَ ﴿١٢﴾ ۙ وَ مَا ذَرَاَ لَكُمْ فِي الْاَرْضِ مُخْتَلِفًا اَلْوَانُهٗ ؕ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ
لَاٰيَةً لِّقَوْمٍ يَّذَّكَّرُوْنَ ﴿١٣﴾ وَ هُوَ الَّذِيْ سَخَّرَ الْبَحْرَ لِتَاْكُلُوْا مِنْهُ لَحْمًا
طَرِيًّا وَّ تَسْتَخْرِجُوْا مِنْهُ حِلْيَةً تَلْبَسُوْنَهَا ۚ وَ تَرَى الْفُلْكَ مَوَاخِرَ
فِيْهِ وَ لِتَبْتَغُوْا مِنْ فَضْلِهٖ وَ لَعَلَّكُمْ تَشْكُرُوْنَ ﴿١٤﴾ وَ اَلْقٰى فِي الْاَرْضِ رَوَاسِيَ
اَنْ تَمِيْدَ بِكُمْ وَ اَنْهٰرًا وَّ سُبُلًا لَّعَلَّكُمْ تَهْتَدُوْنَ ﴿١٥﴾ ۙ وَ عَلٰمٰتٍ ؕ وَ
بِالنَّجْمِ هُمْ يَهْتَدُوْنَ ﴿١٦﴾

اهو (الله) ئي آهي، جنهن آسمان طرفان پاڻي نازل ڪيو آهي، جيڪو توهان پاڻ پيو ۽ ٿا ۽ ان مان ايترو چارو (نباتات) پيدا ٿئي ٿو، جنهن ۾ اوهان پنهنجا جانور ۽ چاريو ٿا. (10) هو جنهن سان اوهان لاءِ کيتي، زيتون، کجور ۽ انگور ۽ هر قسم جا ميوا پيدا ڪري ٿو، يقيناً هن ۾ انهن ماڻهن لاءِ وڏيون نشانيون آهن، جيڪي غور فڪر ڪن ٿا.(11) انهي (الله) رات ۽ ڏينهن کي سج ۽ چند کي (هڪ اٽل نظام تحت) امر هيٺ توهان جي جياپي لاءِ پابند ڪري رکيو آهي، بيشڪ ان ۾ عقل وارن لاءِ نشانيون موجود آهن. (12) ۽ هي جو طرح طرح يا رنگ رنگ جون شيون جيڪي توهان لاءِ زمين ۾ خلقيون آهن، انهن ۾ يقيناً نصيحت ونندڙن لاءِ وڏي نشاني آهي.(12) اهو ئي (الله) آهي، جنهن سمنڊ کي اوهان قبضي ۾ ڏنو آهي ته جيئن اوهان مڇيءَ جو تازو گوشت کائو ۽ ان مان زيورات جون اهي شيون ڳولي ڪيو، جيڪي اوهان پائڻ گهرو ٿا ۽

ٻيڙين کي ڏسو ٿا اهي (سمنڊ) جو سينو چيري هلندیون رهن ٿيون. ان ۾ سفر کريو، (الله جو فضل تلاش کريو ۽ الله جو شڪر ادا کريو.(14) انهيءَ (الله) زمين تي پهاڙ کڙا کيا آهن تہ جيئن اها توهان کي جهولو (لوڏو) نہ ڏئي ۽ ان (زمين) ۾ نهرون پيدا کيائين ۽ رستا جوڙيائين ان لاءِ تہ اوهان (منزل تائين) پهچڻ ۾ کامياب ٿيو.(15) ان کان علاوه ٻيون علامتون ٻہ بنايون آهن، ۽ (اهڙي طرح ماڻهو) تارن سان ٻہ رستو معلوم کن ٿا.(16)

انسانن۽ حيوانن جي جياپي لاءِ بي شمار نعمتن سان گڏ ڪائنات جي ٻين شين ڏانهن توجه تہ کريو، جنهن بادلن مان برسات جي ذريعي پاڻي مهيا کيو آهي. جنهن تي انساني زندگي ۽ هر جاندار جي زندگي جو انحصار آهي. "وَجَعَلْنَا مِنَ الْمَآءِ كُلَّ شَيْءٍ حَيٍّ" هر شيءِ پاڻي مان بنائي ۽ پاڻيءَ کي ضروري ٻہ کيو ۽ مفت مهيا ٻہ کيو، جنهن سان زمين مان بيشمار نباتات ٻہ پيد اٿين ٿا، جيڪڏهن هن برسات جي نظام تي غور ڪجي تہ ڪيئن سمنڊن مان بخار اٿن ٿا، جن مان بادل نهن ٿا، جن کي هوائون پکيڙين ٿيون ۽ برسات ميدانن، پهاڙن تي پوي ٿي. وري ساڳيو پاڻي ندي نالن ذريعي سمنڊ ۾ اچي ٿو. هي سارو نظام ٻہ حيرت انگيز ۽ هوشربا آهي. انهيءَ پاڻي کي اوهان پيئو ٿا ۽ ان سان ٻوٽا (گاهہ) ڦٽن ٿا، جن ۾ جانورن کي چاريو ٿا ۽ انهن مان فائدا حاصل کيو ٿا. الله جي هن برسات واري رحمت کان پوءِ باراني يا آب پاشي ذريعي کهڙي طرح اوهان لاءِ کيت اڳايا آهن، جن مان اناج غذا طور ونو ٿا. زيتونن، کجين ۽ انگورن جا باغ اپايا آهن، جن جي ميون مان لذت ٻہ حاصل کريو ٿا. شربت ٻہ بنايو ۽ سمورن ميون جي فراواني فرمائي اٿس. هنن سمورين شين تي غور ڪجي تہ اهي سڀ جون سڀ هڪ منزل ڏانهن وڻي وڃن ٿيون، اها آهي وحدتِ خداوندي جنهن جي رحمت، ربوبيت حڪومت ۽ قدرت هر شيءِ مان ظاهر ٿئي ٿي.

ايڪ قصر در لک کوڙئين ڪٽس ڳڙڪيون،
جيڏانهن ڪريان پرک تيڏانهن سڃڻ سامهون،

ڪوڙين ڪايائون تنهنجون لک لک هزار
هيءَ سپ ڪنهن جيءَ سين درسن ڏارو ڏار

(شاهہ ﷺ: سر ڪلياڻ)

جيڪڏهن انسان هوش حواس کان ڪم ونيو فڪر ڪري ۽ انهن سيني علامتن تي نگاهہ ڊوڙائي تہ هن لاءِ حقيقت جا دروازا کلن ٿا. باقي جيڪو سمجهڻ، سوچڻ ۽ڏڻ ويچارڻ کان پري آهي تہ پوءِ ان کي انسانن ۾ شمار ڪرڻ ئي اجايو آهي، اهو "کالانعام" جانور جهڙو آهي، ان ڪري وحي الاهي طرفان تفڪّر، تدبّر، تعقّل جو بار بار درس ڏنو ويو آهي. هن بعد ايندڙ آيت 64، 65 ۽ 67 ۾ "يَسْمَعُوْنَ"، "يَعْقِلُوْنَ" ۽ "يَتَفَكَّرُوْنَ" جا الفاظ آيل آهن، قرآن انسان جي انهن صلاحيتن کي بيدار ڪرڻ لاءِ بار بار توجه مبذول ڪرائي رهيو آهي. اهو الله جنهن رات ۽ ڏينهن، چند ۽ سج کي قانون قدرت جي مضبوط نظام جي زنجيرن ۾ اهڙي طرح جڪڙي رکيو آهي، جو اهي پنهنجي مقرر دائري اندر رهي سرگردان عمل آهن، جن سان ڪائنات جو هڪ مضبوط نظام ڪارفرما آهي. رات مجموعي طرح سڪون ۽ آرام لاءِ آهي، جنهن ۾ انسان آرام سان ننڊ ڪري تازه توانا ٿي صبح جو اٿي ٿو ۽ پورو ڏينهن محنت مزدوري جدوجهد ۽ مختلف قسم جي سرگرمين ۾ مصروف رهي ٿو. "وَجَعَلْنَا الَّيْلَ لِبَاسًا ۙ وَّجَعَلْنَا النَّهَارَ مَعَاشًا" (النبا: 78 /11-10) جنهن رات کي لباس (آرام ۽ سڪون لاءِ) ۽ ڏينهن کي روزگار لاءِ بنايو. گويا دنيا جو ڪاروبار انهي رات جي آرام ۽ ڏينهن جي جدوجهد سان آهي. اهڙي طرح سج ۽ چند جو نظام بہ حيران ڪن آهي. نظام شمسي سان موسمون، سردي، گرمي، بهار سال ۾ ڦرندا اچن، ڦل ميوا سبزيون کيت پچندا رهن، سج جي روشني يا نظام شمسي سان هن ڪائنات جو نظام هلي رهيو آهي. سج جي حرارت انسانن، حيوانن لاءِ جيتري ضروري آهي، اوتري نباتات جي وڌڻ لاءِ لازم آهي. انهن جي نشوونما کان علاوه ميوا، اناج سپ سج جي حرارت تي پچن ٿا. خود زمين بہ سج جي حرارت سان زرخيز ٿئي ٿي. رات جي ٿڌڪار، تازگي ۽ طمانت بخش ٿي، آڪسيجن جو عطيو عنايت ٿئي ٿو. چند، حج عمره جا اوقات مهيني ۽ چند جون صورتون بدلجن، تاريخ ۽ وقت کان آگاهي ڏيڻ ۽ ٻيا ڪيترائي فائدا جڙيل آهن. اهو نظام شمسي جو پورو نظام ۽ آسماني تارن ستارن، چند وغيره جو ايڙ

لهڻ سڀ انسانن جي نفع رساني لاءِ سرگرم عمل آهن. اهڙي طرح رات ڏينهن جو گهٽجڻ وڌڻ ۽ هر سال الڳ الڳ وقت تي ڦري اچڻ ۾ به وڏي حڪمت ۽ قدرت ڪار فرما آهي. هنن ۾ عقل وارن لاءِ نشانيون موجود آهن، تہ اهي ان مان نصيحت حاصل ڪن. جيڪڏهن قدرت جي زميني نظام کي ڏسبو تہ الله عزو جل ان ۾ طرح طرح جون شيون پيدا ڪيون آهن. نباتات ۾ ڏسو تہ هر طرح جا باغ، ڪيت، ميوا، سبزيون ۽ چراگاهہ اپايا اٿس، جن کي زنده رکڻ لاءِ بادل برسائي ٿو، ان اپائي ٿو، رزق جا مختلف ذريعا پيدا ڪري ٿو. معدنيات جا خزانا زمين ۽ پهاڙن ۾ محفوظ رکيا اٿس، گئس، سون، چاندي، پتل، لوهہ، لوڻ ۽ چن وغيره جا ذخيرا موجود آهن. اهڙي طرح جمادات، حيوانات جا طرح طرح ۽ رنگ رنگ جا عطيہ عطا ڪيا اٿس، انهن ۾ نشانيون موجود آهن، ان قوم لاءِ جيڪي نصيحت حاصل ڪن.

هت آيت نمبر11 ۾ "يَتَفَكَّرُوْنَ"، آيت نمبر13 ۾ "يَعْقِلُوْنَ" ۽ آيت نمبر 14 ۾ "يَذَّكَّرُوْنَ" آيو آهي. يعني خدا جي خدائيءَ ۾ تفڪر ڪيو يا ڪم از ڪم انهن شين ڏانهن ڏيان ڏريو، جيڪي الله جي خالقيت، ربوبيت، رحمت ۽ الوهيت جو چٽو دليل آهن۽ ان مان نصيحت پرايو. هت انسان جي مٿان ڪان هيٺ اچڻ وارين صلاحيتن جو ذڪر آهي، پر اڳتي هلي آيت 65 ڪان 69 ۾ "يَسْمَعُوْنَ"، "يَعْقِلُوْنَ" ۽ "يَتَفَكَّرُوْنَ" آيو آهي. يعني انسان هر ڳالهہ کي پوري ڏيان سان ٻڌي ۽ معقول ڳالهہ ڪرڻ وارن جي ڳالهہ کي عقل جي ذريعي غور ڪري. جانورن وانگر رڳو آواز ٻڌي هليو نہ وڃي، پر ان جي نتيجن، فائدن، نقصانن تي تفڪر ڪري ۽ انساني شرف حاصل ڪري. هت هيٺ ڪان مٿي وڃڻ يعني سماعت، غور ڪرڻ ۽ تفڪر ڪرڻ مراد آهي. ان ڪان بعد "تَشَكُّرُ" جو مقام ۽ مرحلو اچي ٿو. يعني الله جي نعمتن تي دل کولي شڪرانو ادا ڪري. دراصل "تَفَكُّرُ" سان صحيح علم ۽ معرفت جا دروازا کلن ٿا. (البيان)

هر گياہے کہ از زمين روید
وحده لا شريک لہ گويد

(شيخ سعدي رحمہ الله)

اهو الله جنهن بي پايان سمنڊ کي توهان جي قبضي هيٺ آندو، جنهن جو پيمانو منظر دلين کي دهڪائي ڇڏي ٿو. جنهن جون لهرون ۽ ويرون پهاڙن وانگر ايرن ۽ لهن ٿيون، پر ان جي ان هيبتناڪ قوت کي انسان آڏو تسخير ڪيو اٿس، هن جي طلاطم خيز موجن کي انسان جي تابع بنايو اٿس، اوهان ان مان مڇيءَ جو شڪار ڪري تازه گوشت کائو ٿا. هن جي تهہ مان موتي سپ ۽ جواهرات حاصل ڪريو ٿا. هن ۾ اوهان ڪشتيون، غوراب ۽ جهاز هلايو ٿا. سفر ڪريو ٿا، وڻج واپار ڪريو ٿا، ٻين ملڪن سان رابطي ۾ رهو ٿا. سمنڊن جي ذريعي الله جو فضل حاصل ڪريو ٿا. اهي سڀ نعمتون حاصل ڪرڻ وقت خدا جو شڪر ادا ڪريو. جنهن زمين کي چند، سج جي گردش سان منسلڪ ڪري هڪ ٻئي جي گرد گردش ۾ رکيو ۽ زمين جي گردش کي توازن ۾ رکڻ لاءِ پهاڙن جا نيل کوڙي ڇڏيا تہ جيئن اها پنهنجو توازن برقرار رکي سگهي ۽ توهان کي لوڏا نہ ڏئي ۽ آرام ۾ خلل نہ وجهي. هن نهرن ۽ دريائن جو جار وڇايو تہ جيئن خدا جي پاڻي واري نعمت کي زمين جي ڪوني ڪوني تائين پهچائي سگهجي ۽ انهن دريائن ۽ نهرن رستي ۽ ٻيڙي جي ذريعي سواري، واپار ۽ ميلاپ جا ذريعا بنايا. هن زمين تي هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ تي پهچڻ لاءِ رستا جوڙيا آهن، جن جي ذريعي زميني سوارين ذريعي سير سفر، وڻج واپار ۽ اقتصادي معاشي معاشرتي تعلقات قائم رکن ٿا ۽ منزل مقصود تي پهچي وڃن ٿا. (الانبياء: 31/21، لقمان: 10/31) اصل ۾ "اَنْهٰرًا وَّ سُبُلًا" جو پورو جملو آهي. "وَ فَجَّرَ فِيْهَاۤ اَنْهٰرًا وَّ مَهَّدَ فِيْهَا سُبُلًا" انهن کانسواءِ ٻيون ٻہ انهن بَري ۽ بحري طريقن سان اوهان لاءِ ڪيتريون ئي علامتون موجود آهن، جن ذريعي ۽ ستارن جي ذريعي اوهان پنهنجو رستو قائم ڪري منزل تي پهچي وڃو. هڪ طرف اهي دنياوي زندگيءَ جي سفر ۾ منزل تي پهچائڻ جا نشان آهن تہ اهڙي طرح اهي منزل حقيقي يعني الله وٽ رسائڻ جا ذريعا ٻہ آهن، تہ اوهان کي هدايت حاصل ڪري منزل تائين رسائين ٿا.

اَفَمَنْ يَّخْلُقُ كَمَنْ لَّا يَخْلُقُ ؕ اَفَلَا تَذَكَّرُوْنَ ﴿۱۷﴾ وَ اِنْ تَعُدُّوْا نِعْمَةَ اللّٰهِ لَا تُحْصُوْهَا ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَغَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿۱۸﴾ وَاللّٰهُ يَعْلَمُ مَا تُسِرُّوْنَ وَ مَا

تُعْلِنُوْنَ ﴿١٩﴾ وَ الَّذِيْنَ يَدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ لَا يَخْلُقُوْنَ شَيْـًٔا وَّ هُمْ
يُخْلَقُوْنَ ﴿٢٠﴾ اَمْوَاتٌ غَيْرُ اَحْيَآءٍ ۚ وَ مَا يَشْعُرُوْنَ ۙ اَيَّانَ يُبْعَثُوْنَ ﴿٢١﴾ ع ٢

چا جيڪو پيدا ڪري ٿو، ان جھڙو ٿي سگھي ٿو جيڪو پيدا نٿو ڪري. پر اوهان اهو به نٿا سمجھو. (17) جيڪڏهن توهان الله جي نعمتن جو شمار ڪرڻ گھرو ته انهن جو شمار ڪري ڪو نه سگھندا. يقيناً الله وڏي شفقت وارو ۽ هميشہ رحم ڪرڻ وارو آهي.(18) اوهان جيڪي ڪجھ لڪايو يا ظاهر ڪريو، الله سڀ ڪجھ ڄاڻي ٿو.(19) جنهن جنهن کي به هو الله کان سواءِ ٻاڏائين ٿا اهي ڪا به شيءِ پيدا ڪري نٿا سگھن، بلڪ اهي پاڻ مخلوق (پيش ڪيل) آهن). (20) هي مردا آهن زنده نه آهن. انهن کي اهو به شعور ناهي ته ڪڏهن اُٿاريا ويندا.(21)

اوهان هن ڪائنات جي پوري نظام تي غور ڪريو، آسمان ڏانهن نهاريو ته ڪو ان ۾ ڪنهن به قسم جو فرق، ڦوٽ يا ڏار ته ڪونهي. (الملک: 67/5-3) سج چند تارن کي ڏسو ته اهي پنهنجي مقرر دائري ۾ سرگردان آهن. (يٰس: 36/40-38) رات ڏينهن جي پوري سال جي گردش ڏسو، زمين تي موجود بحروبر ۾ موجود خدا جي بيشمار مخلوق ڏسو، انهن جو خالق الله آهي، چا جيڪو هنن سيني شين جو خالق آهي، اهو ان جي برابر ٿي سگھي ٿو جيڪو ڪا به شيءِ خلقي نٿو سگھي. سندس وجود به ٻين جي تخليق جو محتاج آهي. هنن چٽن دليلن کي ڏسي به اوهان سوچي غور ڪري نٿا سگھو ۽ هن حقيقت کان عبرت به حاصل نٿا ڪريو. هو هنن بتن ۽ مصنوعي معبودن کي زمين آسمان يا وما فيهما کي پنهنجي معبودن جي تخليق نٿا چون. الله تعالىٰ کي ئي خالق سمجھن ٿا، پر "وَ يَقُوْلُوْنَ هٰٓؤُلَآءِ شُفَعَآؤُنَا عِنْدَ اللّٰهِ" (يونس: 10/ 18) يعني هي اسان لاءِ الله وٽ سفارش ڪرڻ وارا آهن. خالق رڳو الله آهي، هي خالق نه آهن. "وَ لَئِنْ سَاَلْتَهُمْ مَّنْ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضَ

لَيَقُوْلُنَّ اللّٰهُ " (لقمان: 31/ 25) جيڪڏهن تون هنن کان پڇندين تہ زمين آسمان ڪنهن پيدا ڪيا آهن تہ چوندا الله!! (پيدا ڪيا آهن) خدا جي نعمتن جو تہ ڪو حد حساب ئي ڪونهي. هت رڳو چند نعمتن جو ذڪر ڪيو ويو آهي، ورنہ ان جي ربوبيت، رحمت، حڪمت ۽ قدرت جو ايترو تہ وسيع دائرو آهي، جو جيڪڏهن هن جون سموريون نعمتون هڪ هڪ ڪري ڳڻڻ شروع ڪريو تہ اهي اوهان جي عقل ۽ حواس جي دائري ۾ اچي نہ سگهنديون. "وَ اِنْ تَعُدُّوْا نِعْمَةَ اللّٰهِ لَا تُحْصُوْهَا" (ابراهيم: 14/ 44) جيڪڏهن توهان الله جا احسان ڳڻڻ گهرو تہ انهن کي پوريءَ طرح ڳڻي بہ ڪونہ سگهندا. "قُلْ لَّوْ كَانَ الْبَحْرُ مِدَادًا لِّكَلِمٰتِ رَبِّيْ لَنَفِدَ الْبَحْرُ قَبْلَ اَنْ تَنْفَدَ كَلِمٰتُ رَبِّيْ وَ لَوْ جِئْنَا بِمِثْلِهٖ مَدَدًا○" (الكهف: 109/18) هن کي چؤ تہ جيڪڏهن منهنجي پروردگار جا ڪلمات ڳالهيون لکڻ لاءِ سمنڊ مس بڻجي وڃن تہ منهنجي رب جون ڳالهيون ختم ٿيڻ کان اڳ اهو ختم ٿي ويندو، توڙي ڪٽي اهڙو ٻيو سمنڊ مدد ۾ وٺي اچن. "وَ لَوْ اَنَّ مَا فِي الْاَرْضِ مِنْ شَجَرَةٍ اَقْلَامٌ وَّ الْبَحْرُ يَمُدُّهٗ مِنْۢ بَعْدِهٖ سَبْعَةُ اَبْحُرٍ مَّا نَفِدَتْ كَلِمٰتُ اللّٰهِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ عَزِيْزٌ حَكِيْمٌ ○" (لقمان: 27/31) تمام زمين جا وڻ قلم ٿي وڃن ۽ سمورا سمنڊ مس بڻجي وڃن، ان کان پوءِ ست ٻيا سمنڊ هجن، تڏهن بہ الله جون ڳالهيون (ڪلما) ختم نہ ٿيندا. توهان جي سوچ، دانش ۽ علم محدود آهي، جڏهن تہ الله جون نعمتون غيرمحدود آهن. خدا جي انهن نعمتن جي ذريعي اوهان کي تخريبي قوت جي ايذاءَ رساني کان حفاظت ملي ٿي ۽ اوهان جي نشونما لاءِ هر شيءِ جي موجودگي رهي ٿي. اوهان انهن نعمتن جا قدردان ۽ شڪرگزار بندا بڻجي وڃو، اوهان جون ڪميون ڪوتاهيون سپ معاف ٿي ويندين، چو تہ الله نهايت ئي بخشش ڪرڻ وارو شفقت ۽ حفاظت ڪرڻ وارو بہ آهي تہ سندس رحمت مدامي رهي ٿي. هن کي پوريءَ طرح معلوم آهي تہ اوهان خدا جي ڪهڙين نعمتن جي حق ادائگي ڪري شڪر گذار ٿيا آهيو ۽ جنهن جي ڪري هن اوهان جي صلاحيتن کي استحڪام ۽ استقلال عطا ڪيو آهي، جنهن جي ڪري اوهان جون حالتون خوشگوار ۽ باغ بهار آهن. هن کي اهو بہ معلوم آهي تہ اوهان ڪٽي ڪٽي سندس نعمتن جي ناشڪري ۽ ناقدري ڪري پاڻ کي خساري ۾ وڌو آهي ۽ پنهنجي دنيا ۽ آخرت برباد ڪئي آهي. "وَاَسِرُّوْا قَوْلَكُمْ اَوِ اجْهَرُوْا بِهٖ ؕ اِنَّهٗ عَلِيْمٌۢ بِذَاتِ الصُّدُوْرِ○" (الملک: 13/67) "يَعْلَمُ خَآئِنَةَ الْاَعْيُنِ وَمَا تُخْفِي الصُّدُوْرُ○"

(المؤمن: 13/67) هو اکين جي خيانت ۾ سينن جي لکيل رازن کي بخوبي ڄاڻي ٿو، ان کري رات جي اونداهيءَ ۾ کيو يا ڏينهن جي روشنيءَ ۾، اکيلائي ۾ کيو يا ماڻهن جي ميڙ ۾ کيو، الله کي هر حال ۾ پورو پورو علم آهي.

الله تعالىٰ قدرت ۾ حڪمت، اقتدار ۾ اختيار جو مالڪ ۽ هر شيءِ جو خالق آهي. هر شيءِ ان جي امر "کن فيڪون" ذريعي وجود ۾ آئي آهي ۽ تمام شيون ان جي احاطي ۾ اختيار ۾ آهن. هن کي ڪنهن جي مدد يا نگهباني جي ضرورت ناهي. (البقره: 255/2) پر جن هستين کي هو پڪارين ٿا ۽ جن جي مدد طلب ڪن ٿا، اهي ته دنيا جي ننڍڙي مان ننڍڙي شيءِ به پيدا ڪري نٿا سگهن، هو بي بس آهن. هو خود مخلوق آهن. هنن جي حالتِ زار زنده انسانن واري نه آهي. هو هلڻ چلڻ ۾ ته زنده نظر اچن ٿا، مگر انهن جا روح مرده ۽ قلب ڪٽيل ڪاراٽيل آهن. هنن جا حواس حق ٻڌڻ حق ڏسڻ ۽ حق پروڙڻ کان محروم ٿي چڪا آهن. هو دنيا جي حرص ۽ هوس ۾ سڀ ڪجهه وساري وينا آهن. هنن کي هاڻي اهو شعور به باقي نه رهيو آهي ته هڪ ڏينهن هنن کي الله جي حضور ۾ حاضر ٿي هڪ مجرم ۽ ملزم جي حيثيت ۾ حساب ڪتاب ڏيڻو آهي ۽ يوم قيامت ڏينهن وري زنده ٿي سزا پوگيندا.

اِلٰهُكُمْ اِلٰهٌ وَّاحِدٌ ۚ فَالَّذِيْنَ لَا يُؤْمِنُوْنَ بِالْاٰخِرَةِ قُلُوْبُهُمْ مُّنْكِرَةٌ وَّ هُمْ مُّسْتَكْبِرُوْنَ ﴿٢٢﴾ لَا جَرَمَ اَنَّ اللّٰهَ يَعْلَمُ مَا يُسِرُّوْنَ وَ مَا يُعْلِنُوْنَ ؕ اِنَّهٗ لَا يُحِبُّ الْمُسْتَكْبِرِيْنَ ﴿٢٣﴾ وَ اِذَا قِيْلَ لَهُمْ مَّاذَاۤ اَنْزَلَ رَبُّكُمْ ۙ قَالُوْۤا اَسَاطِيْرُ الْاَوَّلِيْنَ ﴿٢٤﴾ لِيَحْمِلُوْۤا اَوْزَارَهُمْ كَامِلَةً يَّوْمَ الْقِيٰمَةِ ۙ وَ مِنْ اَوْزَارِ الَّذِيْنَ يُضِلُّوْنَهُمْ بِغَيْرِ عِلْمٍ ؕ اَلَا سَآءَ مَا يَزِرُوْنَ ﴿٢٥﴾ ع ٣

توهان سيني جو معبود فقط هڪ الله آهي ۽ آخرت ۾ ايمان نه آڻڻ وارن جون

دليون منكر آهن ۽ هو تكبر كن ٿا. (22) يقينًا الله ڄاڻي ٿو جيكي كجهه هو لكائين ٿا ۽ جو كجهه هو ظاهر كن ٿا. هو (الله) انهن ماڻهن كي پسند نٿو كري، جيكي اهڙي طرح غرور ۽ تكبر ۾ مبتلا آهن.(23) ۽ جڏهن هنن كان پڇيو وڃي ٿو ته توهان جي پروردگار ڇا نازل كيو آهي، ته جواب ڏين ٿا ته هي پوين (ماڻهن) جون كهاڻيون آهن.(24) هي ان كري قيامت واري ڏينهن پنهنجو پورو بار كڻندا ۽ انهن ماڻهن جو كجهه بار به كڻندا جن كي بي علميءَ جي كري يا بي علمي سان گمراهه كندا رهيا آهن، ياد ركو هي بار جو هنن كنيو هوندو كيترو نه برو هوندو.(25)

ازل كان ابد تائين هن پوري كائنات ۾ رڳو هكڙي قوت واري اهڙي هستي موجود آهي، جنهن جو زمين ۽ آسمان يا هن پوري كائنات تي اقتدار ۽ اختيار آهي ۽ اها ئي معبود هجڻ جي لائق آهي. اها الله جي ذات آهي، جنهن جي نشاندهي مخلوق جي هر شيءِ كري رهي آهي. انسان فطرت سليم جو مالك آهي، عقل و شعور ركي ٿو، ان كري نيكي ۽ بدي جو تصور ۽ تميز ركي ٿو. اهو هن دنيا ۽ آخرت جي حقيقت كان آگاهه ٿيڻ جي خداداد صلاحيت ركي ٿو، قرآن ۽ پيغمبر جي دعوت كي سمجهي سگهي ٿو، پر اهو رڳو وقتي ۽ عارضي مفادن جي چكر ۾ اچي دنيا كي ئي سڀ كجهه سمجهي ٿو ۽ آخرت جي نتيجن كان بي پرواهه رهي ٿو ۽ مستقبل جي مستقل ۽ پائدار زندگيءَ تي ايمان نٿو ركي ته سندس انهيءَ سوچ سبب سندس عقل خودبين هن كي فريب كاري سيكاري پاڻ كي اطمينان ڏيڻ لاءِ گمراهه كري ڇڏي ٿو ۽ حقيقت جو انكار كري غرور ۽ تكبر ۾ مبتلا رهي ٿو. "كُلُّ مَوْلُوْدٍ يُوْلَدُ عَلٰى فِطْرَةِ الْاِسْلَامِ فَاَبَوَاهُ يُهَوِّدَانِهٖ اَوْ يُنَصِّرَانِهٖ" (او كما قال- صحيحين) هر مولود جمڻ يا پيدا ٿيڻ وارو شخص فطرت سليم (اسلام) تي پيدا ٿئي ٿو، پوءِ هن جا ماءُ پيءُ هن كي يهودي يا نصاريٰ بڻائين ٿا. اسان به مسلمان جي گهر ۾ پيدا ٿياسون، سو مسلمان آهيون، حقيقت ۾ كيترا مسلمان آهيون، اهو ڄاڻڻ گهرجي. هو پنهنجا عقيدا ۽ خيال بدلڻ ۾ پنهنجي هتك ۽ بي عزتي سمجهي ٿو، جنهن

ڪري هو اصل حقيقت کان منهن موڙي گمراهي اختيار ڪري ٿو. هو آخرت جي انڪار سان گڏ هڪ الله جو به انڪاري ٿئي ٿو ۽ چوي ٿو: "اَجَعَلَ الْاٰلِهَةَ اِلٰهًا وَّاحِدًا ۚ اِنَّ هٰذَا لَشَيْءٌ عُجَابٌ ۝" (ص: 5/38، الزمر: 45/39) جيڪڏهن هڪ الله جو ذڪر ٿئي ٿو ته آخرت جي انڪارين جون دليون تنگ ٿين ٿيون. ساهه گهٽجڻ لڳي ٿو پر جڏهن الله کانسواءِ سندن جعلي معبودن جو ذڪر چڙي ٿو ته خوشيون ملهائين ٿا. حق جا انڪاري پلي پنهنجي خام خيالي ۽ خود فريبيءَ ۾ مبتلا رهن، هو ان حقيقت کي تسليم ڪرڻ جو بيشڪ اقرار نه ڪن ته هو انڪار ڇا لاءِ ڪري رهيا آهن، پر الله ته هنن جي حال کان بيخبر نه آهي، هو جيڪي ڪجهه لڪائي ڪن يا اڪيلائيءَ ۾ ڪن يا رات جي اونداهيءَ ۾ ڪن، الله هنن جي هر عمل کان پوري طرح آگاهه آهي. اهڙي طرح هو ظاهر طور ڪجهه ڪن ته به الله کي معلوم آهي، هنن کي حقيقت کان آگاهه ڪيو ويو آهي پر هو پنهنجي پراڻي روش ۽ ابن ڏاڏن جي طريقن کي ڇڏڻ لاءِ بضد آهن ۽ پنهنجي هٺڪ سمجهن ٿا ته هو پنهنجي اصول کان هيٺ لهي اچن ۽ پنهنجو عقيدو ۽ اعتقاد ڇڏي ڏين. دراصل اهو غرور ۽ هٺ ئي دوزخ ۾ داخل ڪرڻ لاءِ ڪافي آهي. حديث شريف ۾ آهي ته "لَا يَدْخُلُ الْجَنَّةَ مَنْ كَانَ فِيْ قَلْبِهٖ مِثْقَالُ ذَرَّةٍ مِّنْ خَرْدَلٍ" (صحيحين) اهو شخص هرگز جنت ۾ نه ويندو، جنهن جي دل ۾ رائي برابر به تڪبر آهي.

هن مغرور ۽ گمراهه ٽولي کي جڏهن چيو وڃي ٿو ته اوهان جي پروردگار جيڪو اوهان جي هدايت ۽ رهنمائي لاءِ نازل ڪيو آهي ته ان تي غور ڪيو ۽ ان مطابق پنهنجي زندگي گذاري دنيا ۽ آخرت جو سنو ثمر حاصل ڪيو، پر جن جي دلين ۾ حق قبول ڪرڻ، ڪنن ۾ حق ٻڌڻ ۽ اکين ۾ حق ڏسڻ جي صلاحيت ئي نه رهي آهي، انهن جو جواب آهي ته هي جو ڪجهه هن قرآن ۾ بيان ڪيو ٿو وڃي، ڪا نئين ڳالهه نه آهي، جو ان تي ڏيان ڏجي، اهي پراڻا قصا ڪهاڻيون آهن، جن جي اسان وٽ ڪا حيثيت نه آهي. اسان کي خواهه مخواهه انهن ذريعي خوفزده ڪيو وڃي ٿو. اسان نه مرعوب ٿيڻ وارا آهيون ۽ نه ڊڄڻ وارا آهيون، اسان پنهنجي عقيدي تي مضبوطيءَ سان قائم آهيون، رڳو اوهان طرفان اسان کي گمراهه ڪرڻ لاءِ هنن پراڻن قصن کي الله طرف منسوب ڪري پيش ڪيو ٿو وڃي. حديث شريف ۾ آهي ته هنن کي خود گمراهي ۽ ٻين جي گمراهيءَ جو ڪجهه بار ضرور

ڪٽڻو پوندو. (سنن ابوداؤد) پنهنجي گمراهي جو ان ڪري، جو هو عقل و شعور جي باوجود وحي الاهي جي سچي هدايت جا انڪاري آهن ۽ ٻين جي گناهن جو ڪجهه بار به هنن کي ان ڪري ڪٽڻو پوندو، جو هو هنن کي ڪم علميءَ سبب گمراهه ڪري رهيا آهن يا سندن اهو گمراهي وارو عمل بغير علم جي آهي. حالانڪ انبياءِ ڪرام جي دعوت سراپا حقيقت ۽ سچ آهي، ان ڪري ان حقيقي هدايت جي خلاف جو ڪجهه چيو وڃي ٿو، اهو سڀ بغير علم جي خيالي ۽ وهمي سوچ آهي. هنن جيڪو بار پنهنجي مٿي تي ڪٽڻ قبول ڪيو آهي، اهو ڪيترو نه برو بار آهي (العنكبوت: 13/29).

قَدْ مَكَرَ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ فَاَتَى اللّٰهُ بُنْيَانَهُمْ مِّنَ الْقَوَاعِدِ فَخَرَّ عَلَيْهِمُ السَّقْفُ مِنْ فَوْقِهِمْ وَ اَتٰىهُمُ الْعَذَابُ مِنْ حَيْثُ لَا يَشْعُرُوْنَ ﴿٢٦﴾ ثُمَّ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ يُخْزِيْهِمْ وَ يَقُوْلُ اَيْنَ شُرَكَآءِيَ الَّذِيْنَ كُنْتُمْ تُشَآقُّوْنَ فِيْهِمْ ؕ قَالَ الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْعِلْمَ اِنَّ الْخِزْيَ الْيَوْمَ وَ السُّوْٓءَ عَلَى الْكٰفِرِيْنَ ﴿٢٧﴾ الَّذِيْنَ تَتَوَفّٰىهُمُ الْمَلٰٓئِكَةُ ظَالِمِيْٓ اَنْفُسِهِمْ ۠ فَاَلْقَوُا السَّلَمَ مَا كُنَّا نَعْمَلُ مِنْ سُوْٓءٍ ؕ بَلٰٓى اِنَّ اللّٰهَ عَلِيْمٌۢ بِمَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ﴿٢٨﴾ فَادْخُلُوْٓا اَبْوَابَ جَهَنَّمَ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا ؕ فَلَبِئْسَ مَثْوَى الْمُتَكَبِّرِيْنَ ﴿٢٩﴾ وَ قِيْلَ لِلَّذِيْنَ اتَّقَوْا مَا ذَآ اَنْزَلَ رَبُّكُمْ ؕ قَالُوْا خَيْرًا ؕ لِلَّذِيْنَ اَحْسَنُوْا فِيْ هٰذِهِ الدُّنْيَا حَسَنَةٌ ؕ وَ لَدَارُ الْاٰخِرَةِ خَيْرٌ ؕ وَ لَنِعْمَ دَارُ الْمُتَّقِيْنَ ﴿٣٠﴾

اهڙيءَ طرح هن کان اڳ وارين قومن به ساڳيو مڪر ڪيو هو. پوءِ الله هنن جي عمارت بنياد کان ئي اکاڙي ڇڏي ته ان جي ڇت هنن جي مٿان اچي ڪري ۽

هنن تي عذاب اهڙي هنڌان آيو، جنهن جو هنن کي گمان به ڪو نه هيو.(26) پوءِ قيامت واري ڏينهن به الله تعالىٰ هنن کي رسوا ڪندو ۽ پڇندو ته مون سان شريڪ ناهيل ڪٽي آهن، جن بابت اوهان لڙندا جهڳڙو ڪندا هئا، پر جن کي علم ڏنو ويو هو، اهي ان وقت وڏي واڪ چوندا ته اڄ ڪافرن لاءِ رسوائي ۽ برائي آهي.(27) انهن تي جن جا روح فرشتا ان حالت ۾ ڪڍندا (قبض ڪندا) جڏهن هو پنهنجو پاڻ سان ظلم ڪري رهيا هوندا، ته ان وقت هو اطاعت گذار ٿي چوندا ته اسان برا ڪم ڪو نه ڪندا هئاسون (فرشتا چوندا چو نه) اوهان جو ڪجهه ڪندا هئا، الله ان جو پورو علم رکي ٿو.(28) پوءِ هاڻي هميشه رهڻ لاءِ دوزخ جي دروازن کان داخل ٿيو، غرور ۽ تڪبر ڪرڻ وارن لاءِ ته برو ٺڪاڻو آهي.(29) وري جڏهن متقي ماڻهن کان پڇيو ويندو ته اوهان جي رب ڇا نازل ڪرڻ فرمايو آهي ته هو چوندا ته تمام سڀ شيءِ، جن ماڻهن نيڪي ڪئي، انهن لاءِ هن دنيا ۾ به پلائي آهي ۽ آخرت جو گهر ته اڃان وڌيڪ پلو آهي، نيڪو ڪارن لاءِ.(30)

هي حق ۽ سچائيءَ جا منڪر پراڻي تاريخ ڏهرائي آهن، هن کان اڳ به گمراهه قومن پنهنجن پنهنجن رسولن خلاف ڪوڙا منصوبا جوڙيا هئا، انهن جي مخالفت ڪئي هئي ۽ سندس دعوتِ حق کي پراڻا قصا ڪهاڻيون چئي ان جي نافرماني ڪئي ۽ ان خلاف هر طرح جي سازشي چال اختيار ڪئي. تاريخ گواهه آهي ته انهن جو ڪهڙو برو نتيجو نڪتو، جيڪي تخريبي منصوبا انهن جوڙيا هئا، اهي ئي انهن لاءِ دردناڪ عذاب جو ڪارڻ بڻجي ويا ۽ تباهي ۽ بربادي کين گهيري ورتو. سندن بستيون ويران ٿي ويون، زلزلي سبب سندن ڪوٺ، قلعا سڀ مسمار ٿي ويا ۽ هو گهر جي چتين هيٺ اچي ڏبجي مري ويا. ڪو به سندس واهر لاءِ ڪو نه آيو. ٻئي طرف حق ۽ سچائي جي دعوت ڏيندڙن کي الله تعالىٰ ڪاميابيءَ سان سرخرو ڪيو ۽ هن وقت به هي ڪافر ۽ حق سچ جا انڪاري گمراهه ماڻهو به ساڳي روش اختيار ڪري رهيا آهن، هنن جو به اهو ئي برو حال ٿيندو،

جيڪو هن کان اڳ حق جي انڪاري ٿولن ۽ قومن جو ٿيو آهي، جن تي جڏهن عذاب الاهي ڪڙڪيو تہ هنن کي ان جو وهم و گمان بہ نہ هيو. "فَاَتٰىهُمُ اللّٰهُ مِنْ حَيْثُ لَمْ يَحْتَسِبُوْا" (الحشر: 2/59) پوءِ الله (جو عذاب يا گرفت) هنن وٽ اهڙي جڳهہ کان آيو، جنهن جو هنن کي وهم و گمان بہ نہ هيو. "فَلَمَّا جَآءَ اَمْرُنَا جَعَلْنَا عَالِيَهَا سَافِلَهَا" (هود: 11/82) جڏهن اسان جو امر آيو تہ اسان هنن جي بستيءَ کي الٽو ڪري ڇڏيو، يعني مٿيون حصو هيٺ اچي ويو ۽ هيٺيون حصو مٿي اچي ويو. هيءُ خطرناڪ زلزلي جو قسم آهي، جنهن ۾ زمين پينگهي يا هندوري وانگر لڏندي ناهي، پر اها ڏري پوندي آهي ۽ اٽل پٽل ۾ هيٺيون حصو اندر وارو مٿان ۽ مٿيون حصو هيٺ اچي ويندو آهي. (اعاذنا الله منها) هنن لاءِ دنيا ۾ رسوائي خواري تہ هوندي ئي هوندي، پر قيامت واري ڏينهن جڏهن تمام قومون انبياء ۽ رسول الله ﷺ جي حضور ۾ هوندا تہ دنيا ۾ سرڪشي، غرور ۽ تڪبر ڪندڙ ماڻهو انهن جي آڏو نهايت شرمساري ۽ خواري جي حالت ۾ نظر ايندا. علامہ اقبال رحمہ اللہ ان نازڪ وقت جي تصوير هن طرح پيش ڪري ٿو:

تو غنی از ہر دو عالم، من فقیر
یوم محشر عذرہائے من پذیر
گر ہمیں خواہی حسابم ناگزیر
از نگاہ مصطفیٰ پنہاں گیر

ان وقت انهن کان معلوم ڪيو ويندو تہ اهي اوهان جا جعلي معبود ۽ جعلي ديوتا ڪٿي آهن، جن کي اوهان الله عزوجل سان شريڪ بڻائيندا هئا. هو قسم ڪٽي چوندا تہ اي اسان جا رب! اسان مشرڪ ڪونہ هياسون. "وَ اللّٰهِ رَبِّنَا مَا كُنَّا مُشْرِكِيْنَ" (الانعام: 23/6) اهڙيءَ طرح سورة المجادله: 58/ 18 ۾ آهي: "يَوْمَ يَبْعَثُهُمُ اللّٰهُ جَمِيْعًا فَيَحْلِفُوْنَ لَهٗ كَمَا يَحْلِفُوْنَ لَكُمْ وَ يَحْسَبُوْنَ اَنَّهُمْ عَلٰى شَيْءٍ ؕ اَلَاۤ اِنَّهُمْ هُمُ الْكٰذِبُوْنَ○" جڏهن الله هنن سيني کي پاڻ وٽ گڏ ڪندو تہ الله جي سامهون بہ اهڙيءَ طرح (ڪوڙا) قسم ڪٽندا، جهڙيءَ طرح هينئر تنهنجي آڏو ڪٽن ٿا ۽ انهن جي حق ۾ خدا جي نيڪ بانهن سان بحث مباحثا ڪندا هئا ۽ جهيڙو ڪندا هئا. اڄ انهن کي چو نٿا سڏ ڪيو تہ اهي اوهان جي مدد ڪن ۽ اوهان کي هن

ذلت ۽ خواري کان نجات ڏيارين. ان وقت حق جي دعوت ڏيندڙ اهل علم، انبياء ۽ علماء کين چوندا تہ اوهان دنيا ۾ اسان جي خير خواهي ۽ همدردي واري دعوت کي قبول نہ ڪيو ۽ پنهنجي ذاتي انا ۽ هٺ تي قائم رهيا، ان ڪري هي اڄ جي خواري ان جو نتيجو آهي، جيڪو توهان کي مڪافاتِ عمل مطابق مليو آهي. ڪافرن جي لاءِ ان ڏينهن نهايت ذلت ۽ خواريءَ جو ماحول هوندو. اهي ڪافر هن دنيا ۾ جن غريب ۽ بي سروسامان مسلمانن تي ٽوڪون ڪندا هئا، اڄ اهي خوش خورم نظر ايندا. پر ڪافر ذلت ۽ خواري جي عذاب ۾ پريشان هوندا. اهي ڪافر ظاهري طور تي ڪمزور ماڻهن تي ظلم ڪري پنهنجي انا کي تسڪين ڏيندا هئا، پر حقيقت ۾ هو پنهنجو پاڻ سان زيادتي ڪري رهيا هئا ۽ هو انهي ظلم ۽ زيادتي واري روش تيستائين جاري رکيو ايندا هئا، جيستائين فرشتا اچي سندن ساهہ (روح) قبض ڪن پوءِ جڏهن هو قبر پيڙا ٽيندا آهن تہ اتي پنهنجي توقعات برخلاف حالات ۽ ماحول ڏسي فرشتن تي سلام موڪلي يا سر تسليم خم ڪري چوندا آهن تہ اسان کو گناهہ يا ڏوهہ نہ ڪيو آهي، پر برزخ جي هن زندگيءَ ۾ به هو عذاب ۾ مبتلا رهندا، پر فرشتا کين چوندا تہ اوهان جو ڪجهہ ڪندا رهيا آهيو، الله کي معلوم آهي. اهڙي عذاب جي خبر هجرت نہ ڪرڻ وارن کي بہ ڏني وئي آهي. (سورة النساء: 97/4) ان کان علاوہ سورة المؤمن: 45-46/40 ۾ فرعون ۽ ان جي سردارن لاءِ چيو آهي تہ انهن کي سخت عذاب گهيري رکيو آهي ۽ کين صبح و شام باهہ جي شعلن ۾ پهچايو وجي ٿو ۽ اهي ان حالت ۾ قيامت تائين رهندا، جڏهن کين چيو ويندو تہ فرعون ۽ آل فرعون جهنم جي باهہ ۾ داخل ٿي وجو ۽ هميشہ اتي جلندا سڙندا رهو. هنن دنياوي زندگيءَ ۾ غرور ۽ تڪبر ڪرڻ وارن لاءِ آخرت ۾ انهي بري عذاب جو هجڻ لازم هوندو. جهڙي طرح هت گناهگارن، ڪافرن، مشرکن ۽ منافقن جا جدا جدا درجا آهن، اهڙي طرح جهنم ۾ بہ انهن جي داخلا لاءِ الڳ الڳ دروازا ۽ رهائش لاءِ الڳ الڳ جهنم ۾ جاءِ هوندي. موت جي آخري هڏڪي ۽ قيامت واري ڏينهن جي هڪ جهلڪ وچ واري قبر جي زندگيءَ کي برزخ جي زندگي سڏيو ويو آهي. موت وقت جسم کان ساهہ نڪرڻ بعد روح معدوم ٿي نہ ويندو آهي، پر پوري شخصيت سان زندهہ رهندو آهي. ان کي عذاب ۽ عتاب ٿيندو رهندو، جهڙي طرح ڪو خواب ۾ نانگ، وحشي جانور کي حملو ڪندي ڏسي دانهون

ڪري اٽندو آهي، پگهرجي ويندو آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن سندس پيشاب ۾ نڪري ويندو آهي. پر سندس پر ۾ وينل ماڻهن کي ڪا خطرناڪ شي نظر نہ ايندي آهي. قبر جو عذاب ۽ اهڙي طرح شخصيت تي شامل روح کي ٿيندو آهي. اصل حقيقت تہ الله کي ئي معلوم آهي.

هنن سرڪشن ۽ متڪبر جهنمي ماڻهن کان علاوه مؤمنن جي اها جماعت ۽ هوندي، جنهن الله جي حڪمن جي پوري طرح تابعداري ڪئي هوندي ۽ وحي الاهي جي آيتن ۽ رسول سڳورن جي دعوت کي لبيڪ چئي، ان ۾ دل جي سچائين سان شرڪت ڪئي هوندي، انهن کان اهي ڪافر پڇندا يا پڇيو ويندو تہ الله تعالىٰ ڪهڙي شيءِ نازل ڪرڻ فرمائي هئي، جواب ۾ مؤمن ماڻهو چوندا تہ اهو سراپا خير ئي خير يعني پلائي ئي پلائي آهي. حقيقت اها اهي تہ جن ماڻهن هن دنيا ۾ چڱائي ڪئي هوندي ۽ برائي کان پنهنجو پاند بچائي رکيو هوندو، انهن ماڻهن جي لاءِ هن دنيا ۾ ۽ پلائي آهي ۽ آخرت ۾ تہ ان کان وڌيڪ بهتر اجر آهي. هي آنحضرت محمد ﷺ ۽ سندس جان نثار مخلص ساڻين جي تسلي لاءِ آهي، جن کي بالآخر غلبو ۽ اقتدار حاصل ٿيڻو هيو. (يونس: 26/10)

هن آيت سڳوري کان اڳ آيت 24 کان 29 تائين ان منڪر ٽولي جو بيان هيو، جن آيات الاهي کي ڪوڙو سڏيو ۽ پراڻين قصن ڪهاڻين جو داستان چيو ۽ سڄي حياتي ان جي مخالفت ۾ گذاري دوزخ جو ٻارڻ ٿيا، پر آيت 30 کان 32 تائين پهرئين گروه جي بالڪل برعڪس هڪ اهڙي صالح جماعت جو ذڪر خير آهي، جيڪي آيات الاهي کي سراپا خير ۽ هدايت جو ذريعو سمجهندا هئا. رسول سڳورن جي دعوت کي دل و جان سان قبول ڪري، سندن ساڻي ٻڌيا هئا. نيڪي جي هر ڪم ۾ سبقت ڪندا هئا. برن ڪمن کان پرهيز ڪندا هئا. ان ڪري مرڻ بعد ئي انهن لاءِ خوشگوار ماحول ۽ فرشتن جون واڌايون هوندیون ۽ کين چيو ويندو تہ هي اوهان جي انهن نيڪين جو بدلو آهي، جيڪي اوهان دنيا ۾ خلق خدا سان ڪندا هئا ۽ بلاشڪ آخرت جون پلايون دنيا جي نعمتن کان گهڻو گهڻو بهتر هوندیون ۽ خدا ترس ماڻهن لاءِ بهتر رهائشگاهہ هوندي. (يونس: 26/10)

جَنّٰتُ عَدْنٍ يَّدْخُلُوْنَهَا تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ لَهُمْ فِيْهَا مَا
يَشَآءُوْنَ ؕ كَذٰلِكَ يَجْزِي اللّٰهُ الْمُتَّقِيْنَ ۙ﴿٣١﴾ الَّذِيْنَ تَتَوَفّٰىهُمُ الْمَلٰٓئِكَةُ
طَيِّبِيْنَ ۙ يَقُوْلُوْنَ سَلٰمٌ عَلَيْكُمُ ۙ ادْخُلُوا الْجَنَّةَ بِمَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ﴿٣٢﴾
هَلْ يَنْظُرُوْنَ اِلَّآ اَنْ تَاْتِيَهُمُ الْمَلٰٓئِكَةُ اَوْ يَاْتِيَ اَمْرُ رَبِّكَ ؕ كَذٰلِكَ فَعَلَ
الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ ؕ وَمَا ظَلَمَهُمُ اللّٰهُ وَلٰكِنْ كَانُوْٓا اَنْفُسَهُمْ يَظْلِمُوْنَ ﴿٣٣﴾
فَاَصَابَهُمْ سَيِّاٰتُ مَا عَمِلُوْا وَحَاقَ بِهِمْ مَّا كَانُوْا بِهٖ يَسْتَهْزِءُوْنَ ﴿٣٤﴾ ع ١٠

همیشہ رهڻ وارا باغ جن ۾ هو داخل ٿيندا، جن جي دامن ۾ نهرون جاري هوندیون. هو جيڪو ڪجهہ پسند ڪندا اهو سڀ ڪجهہ اتي موجود هوندو. اهڙي طرح زندگيءَ کي غلطين ۽ گناهن کان بچائي هلڻ وارن لاءِ سنو اجر هوندو. (31) جن (نيڪوڪارن) جو روح جڏهن ان حالت ۾ فرشتا قبض ڪندا جڏهن هو پاڪ ۽ طيب هوندا تہ کين فرشتا چوندا تہ اوهان تي سلامتي هجي، اوهان پنهنجي نيڪ اعمال جي بدلي ۾ جنت ۾ وڃي رهو.(32) ڇا هي انهيءَ انتظار ۾ آهن تہ هنن وٽ خدا جا فرشتا اچي وڃن يا تنهنجي پروردگار جو فيصلو صادر ٿي وڃي. هن کان اڳ وارن (ماڻهن/قومن) بہ ائين ئي ڪيو هو، جنهن جي نتيجي ۾ هنن تي جيڪو وهيو واپريو انهن تي الله طرفان ڪا بہ زيادتي ڪا نہ ٿي هئي، پر هو پاڻ سان پاڻ ظلم ڪري رهيا هئا.(33) سو انهن جي بداعمالي جون سزائون انهن کي مليون ۽ جنهن شيءِ جو مذاق ڪري رهيا هئا. انهي (عذاب) ئي هنن کي گهير ورتو.(34)

هي نيڪ بخت اهڙن سدا بهار باغن ۾ داخل ٿيندا، جيڪي هر موسم ۾ گل وگلزار رهندا. هنن مؤمنن لاءِ سندن خواهش جي هر شيءِ ڪثرت ۾ موجود هوندي. جيڪا ڪپائڻ سان ڪٽندي ڪانه ۽ نه وري ان جي مزي ۽ لذت ۾ ڪو فرق ايندو ۽ ڪا به اهڙي شيءِ نه هوندي، جيڪا هنن جي پسند واري نه هوندي. هن دنيا جي ڪا به اهڙي نعمت ناهي، جو ان جو مقابلو ڪري سگهي. حديث شريف ۾ آهي: "مَالَا عَيْنٌ رَاَتْ وَلَا اُذُنٌ سَمِعَتْ وَلَا خَطَرَ عَلٰى قَلْبِ بَشَرٍ" (صحيح بخاري) جنت جون نعمتون ۽ انعام اهڙا آهن، جو ڪنهن اک اهڙا نه ڏٺا آهن ۽ نه ڪنهن ڪن ٻڌا آهن ۽ نه ڪنهن بشر جي ذهن (دل) ۾ ڪو اهڙو خيال ئي آيو هوندو. هڪ ٻي حديث ۾ آهي ته "جنت ۽ جهنم ۾ داخل ٿيڻ بعد هڪ فرشتو اعلان ڪندو ته جو فريق جنهن حالت ۾ آهي، انهي حالت ۾ هميشہ رهندو" يعني جتي هميشه جنت ۾ جهنمي هميشه جهنم ۾ رهندا. جنت جي زندگيءَ اهڙي ته خوشگوار هوندي جو سندس پسند جي هر شيءِ هن جي اڳيان موجود هوندي. هن جي هر آرزو پوري ٿيندي رهندي. اهڙن خدا ترس محتاط زندگي گذارڻ وارن (متقي) ماڻهن کي الله اهڙو عمدو اجر عطا ڪندو. هن کان اڳ آيت 28 ۾ "ظَالِمِيْٓ اَنْفُسِهِمْ" پاڻ سان پاڻ ظلم ڪرڻ وارن جي مقابلي ۾ هت "طَيِّبِيْنَ" جو لفظ آيو آهي. يعني اهي پاڪ سيرت انسان پنهنجي حسن عمل جي ڪري هن دنياوي زندگي ۾ به خوشگوار حياتي گذارينداپر موت کان پوءِ ته سندن ايندڙ زندگي نهايت پرسڪون ۽ طمينان بخش هوندي. فرشتا کين امن و سلامتي جون واڌايون ڏينداهڙندا ۽ سندن مستقبل جي اعزاز و اڪرام واري زندگي جون خبرون ڏينداهڙندا ۽ چوندا ته هنن باغن ۾ هميشه هميشہ لاءِ رهائش پذير ٿيو. هي اوهان جي نيڪ عملن جو الله طرفان تحفو آهي. اها جنت جنهن ۾ ڪير ۽ ماڪيءَ جون ۽ ميون جي خالص رس جون پيئڻ لاءِ نهرون ۽ ڪاڏي لاءِ هر قسم جا ميوا ۽ پسنديده غذائون هونديون، انهن نيڪ بخش ۽ خوشقسمت ماڻهن جي دنياوي زندگي جي نهايت پرسڪون ۽ امن واري هوندي. هر ڪنهن سان به زيادتي جا مرتڪب ڪونہ ٿيندا، ان ڪري دنياوي زندگي به جنت جو منظر هوندي. پر جڏهن فرشتا هنن جو روح قبض ڪرڻ ايندا ته هو پنهنجي نيڪ سيرت ۽ پاڪ طينت هجڻ ڪري آساني واري موت جي آغوش ۾ ايندا ۽ فرشتا کين "اَلسَّلام عليكم" يعني "توهان تي سلامتي هجي" جون کين بشارتون

ڏيندا رهندا ۽ هو اتي خرامان خرامان خوش خورم هوندا. کين جنت ۾ داخل ٿيڻ جون خوشخبريون ملنديون رهنديون. هت "اَلَّذِيْنَ تَتَوَفّٰىهُمُ الْمَلٰٓئِكَةُ طَيِّبِيْنَ" جو جملو هن کان اڳ آيل آيت 28 ۾ "اَلَّذِيْنَ تَتَوَفّٰىهُمُ الْمَلٰٓئِكَةُ ظَالِمِيْٓ اَنْفُسِهِمْ" جي مقابل آيل آهي. هو پنهنجي مقام ۽ حيثيت مطابق جنت ۾ "اَلسَّابِقُوْنَ الْاَوَّلُوْنَ" يا "اصحٰب اليمين" جي حيثيت ۾ داخل ٿيندا ۽ هميشه اتي رهندا. اهو سندن نيڪ عملن جو ثواب ۽ اجر هوندو. هنن کان اڳ سورة الاعراف: 43/7 ۾ آهي: "وَ نُوْدُوْٓا اَنْ تِلْكُمُ الْجَنَّةُ اُوْرِثْتُمُوْهَا بِمَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ" ۽ هنن کي سڏ ڪري چيو ويندو ته هي بهشت توهان جو آهي، اوهان هن جا ان ڪري وارث آهيو، جو اوهان نيڪ عمل ڪيا. هن آيت جي تشريح ۾ حديث آئي آهي ته "هي ڳالهه چڱيءَ طرح سمجهو ته توهان مان ڪنهن کي به هن جو رڳو عمل جنت ۾ نه وڃي ويندو، جيستائين الله تعالىٰ جي رحمت نه هوندي. صحابه ڪرام عرض ڪيو ته اي الله جا رسول (ﷺ) ڇا اوهان سان به ائين ٿيندو؟ ته پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو: ته مان به تيستائين جنت ۾ نه ويندس، جيستائين الله تعالىٰ جي رحمت مون کي پنهنجي جهولي (دامن) ۾ نه لپيٽي وڃي." هن حديث ۾ ڪو تضاد نه آهي، چوته الله تعالىٰ جي رحمت لاءِ عمل صالح هجڻ لازم آهي، يعني عمل صالح ئي رحمت جو ذريعو آهن. حديث شريف ۾ آهي: "اِنَّ اللّٰهَ لَا يَنْظُرُ اِلٰى صُوَرِكُمْ وَ اَمْوَالِكُمْ وَلٰكِنْ يَّنْظُرُ اِلٰى قُلُوْبِكُمْ وَ اَعْمَالِكُمْ" (صحيح مسلم)

عمل سے زندگی بنتی ہے جنت بھی جہنم بھی
یہ خاکی اپنی فطرت میں نہ نوری ہے نہ ناری

(اقبال رحمۃ اللہ علیہ)

وڌيڪ ڏسو: العصر، الزلزال، القارعه، حٰم السجده 41/ 30 کان 32

هنن ماڻهن کي چٽن دليلن ۽ پڪن ثبوتن سان حقيقيت کان آگاهه ڪيو ويو آهي. ڪائنات جون سموريون شيون قانون فطرت جي اطاعت ۾ رهي هڪ الله جي شهادت ڏئي رهيون آهن. هنن تمام شين تي عقل سليم سان غور فڪر ڪرڻ سان سڌي راهه جو پتو پئجي ويو آهي ۽ پوءِ به هي هٺ ۽ ضد ۾ اچي ڪفر جي راهه اختيار ڪري رهيا آهن. خبر ناهي ته ڇو هنن جو حق ۽ سچائي طرف ڌيان نٿو وڃي. شايد هو گهرن ٿا ته سندن خواهش موجب خدا طرفان فرشتو نازل ٿئي ته هي ان کي ڏسي پوءِ تصديق ڪن. پر

ڪين معلوم هئڻ گهرجي تہ نبين ۽ رسولن جي تبليغ ۽ دعوت بعد جڏهن اتمام حجت ٿي ويندي آهي تہ پوءِ الله مڪافات عمل موجب مهلت جي وقت ختم ٿيڻ شرط خدا جا فرشتا نازل ٿيندا آهن ۽ قوم جي تباهي ۽ بربادي۽ جو اجراءُ ٿي ويندو آهي. اهو سڀ ڪجهہ سندن بدعملن جي نتيجي ۾ وقوع پذير ٿيندو آهي. هنن سان ڪنهن بہ قسم جو ظلم زيادتي، حق تلفي يا ناانصافي ڪا نہ ٿيندي آهي. پر هنن پاڻ سان پاڻ ظلم ڪري جنهن عذاب کي دعوت ڏني آهي، اهو هر حالت ۾ هنن جي دروازي تي دستڪ ڏيندو ۽ تباهي آڻيندو، جنهن جي هن آيت ۾ خوب تصويرڪشي ڪئي وئي آهي: "وَجَآءَ رَبُّكَ وَ الْمَلَكُ صَفًّا صَفًّا ۝ وَ جِايْٓءَ يَوْمَىِٕذٍۭ بِجَهَنَّمَ ۙ يَوْمَىِٕذٍ يَّتَذَكَّرُ الْاِنْسَانُ وَ اَنّٰى لَهُ الذِّكْرٰى ۝" (الفجر: 89/23-22) پوءِ هنن جيڪا پوڪ پوڪي هئي، ڪين ان مطابق اجورو ڏنو ويندو، جنهن ڪري سندن برن ڪمن جي نتيجن ڪين اچي پڪڙيو ۽ دنيا ۾ جن ڳالهين جو مذاق ڪندا هئا يا مؤمنن تي ڇڙون ۽ ڪلون ڪندا هئا ۽ ڪين برن نتيجن جون ڏمڪيون ڏيندا هئا. انهن سمورين شين ڏمڪين ڇڙن ۽ مذاق ڪرڻ وارين عادتن ڪين عذاب ۾ گهيري ورتو.

وَ قَالَ الَّذِيْنَ اَشْرَكُوْا لَوْ شَآءَ اللّٰهُ مَا عَبَدْنَا مِنْ دُوْنِهٖ مِنْ شَيْءٍ نَّحْنُ وَ لَآ اٰبَآؤُنَا وَ لَا حَرَّمْنَا مِنْ دُوْنِهٖ مِنْ شَيْءٍ ؕ كَذٰلِكَ فَعَلَ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ ۚ فَهَلْ عَلَى الرُّسُلِ اِلَّا الْبَلٰغُ الْمُبِيْنُ ۝ ۳۵ وَ لَقَدْ بَعَثْنَا فِيْ كُلِّ اُمَّةٍ رَّسُوْلًا اَنِ اعْبُدُوا اللّٰهَ وَ اجْتَنِبُوا الطَّاغُوْتَ ۚ فَمِنْهُمْ مَّنْ هَدَى اللّٰهُ وَ مِنْهُمْ مَّنْ حَقَّتْ عَلَيْهِ الضَّلٰلَةُ ؕ فَسِيْرُوْا فِي الْاَرْضِ فَانْظُرُوْا كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ الْمُكَذِّبِيْنَ ۝ ۳۶ اِنْ تَحْرِصْ عَلٰى هُدٰىهُمْ فَاِنَّ اللّٰهَ لَا يَهْدِيْ مَنْ يُّضِلُّ وَ مَا لَهُمْ مِّنْ نّٰصِرِيْنَ ۝ ۳۷ وَ اَقْسَمُوْا بِاللّٰهِ جَهْدَ اَيْمَانِهِمْ ۙ لَا يَبْعَثُ اللّٰهُ مَنْ يَّمُوْتُ ؕ بَلٰى وَعْدًا عَلَيْهِ حَقًّا وَّ لٰكِنَّ اَكْثَرَ النَّاسِ لَا

يَعْلَمُوْنَ ﴿٣٨﴾ لِيُبَيِّنَ لَهُمُ الَّذِيْ يَخْتَلِفُوْنَ فِيْهِ وَ لِيَعْلَمَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْٓا اَنَّهُمْ كَانُوْا كٰذِبِيْنَ ﴿٣٩﴾ اِنَّمَا قَوْلُنَا لِشَيْءٍ اِذَآ اَرَدْنٰهُ اَنْ نَّقُوْلَ لَهٗ كُنْ فَيَكُوْنُ ﴿٤٠﴾ ع

هي مشرڪ چون ٿا تہ جيڪڏهن الله گهري ها تہ اسان ان کانسواءِ ڪنهن جي بہ عبادت نہ ڪريون ها. نہ اسان ۽ نہ اسان جا بابا ڏاڏا ۽ نہ ان جي حڪم کانسواءِ ڪنهن شيءِ کي بہ حرام قرار نہ ڏيون ها. هن کان اڳ وارن ماڻهن بہ اهو رويو اختيار ڪيو هو، سو رسولن تي رڳو صاف صاف پهچائي ڏيڻ جي ذميواري آهي. (35) اسان هر قوم ۾ هڪ رسول دعوت سان موڪليو هيو تہ الله جي بندگي ڪريو ۽ شيطان کان بچو. پوءِ انهن مان ڪجهہ کي الله هدايت بخشي پر انهن مان ڪجهہ اهڙا بہ آهن، جن تي گمراهي مسلط ڪئي وئي. سو زمين تي گهمي ڦري ڏسو تہ انڪار ڪندڙن يا ڪوڙو ڪندڙن جو ڪهڙو انجام ٿيو آهي. (36) اي پيغمبر ﷺ تون جيڪڏهن هنن جي هدايت جو خواهشمند آهين تہ الله انهن کي هدايت نٿو بخشي، جن کي هن جو قانون مشيت گمراهہ قرار ڏئي ٿو ۽ انهن جو ڪو بہ مددگار نٿو ٿئي سگهي.(37) هي الله جي نالي جا پڪا پختا قسم کڻي چون ٿا تہ جيڪي مري ويا، اهي وري زندهہ ٿي نہ اٿندا، چو نہ؟ هي هن جو سچو وعدو آهي، جيڪو هو لازمًا پورو ڪندو، پر اڪثر ماڻهن کي ان جي خبر ناهي.(38) هي ان ڪري هوندو تہ خدا هنن تي اها حقيقت واضح ڪئي، جنهن بابت هو اختلاف ڪن ٿا ۽ انڪار ڪندڙن کي خبر پوي تہ هو ڪوڙا هئا.(39) اسان جنهن بہ شيءِ جو ارادو ڪيون ٿا تہ ان لاءِ اهو چئون ٿا تہ "ڪُنْ" (ٿي وڃ) "فَيَكُوْنُ" تہ هو ٿي پوي ٿو.(40)

ع ١١

جڏهن خدا جي رسولن توحيد جو پرچار ڪيو ۽ الله تي ايمان آڻڻ وارن لاءِ دنيا ۽ آخرت جي نعمتن جو ذڪر ڪيو ۽ خدا جي پاڪ ذات ۽ ان جي حڪمن جي خلاف غيرالله جي حڪمن کي درست سمجهڻ ۽ ان مطابق زندگي گذارڻ واري عقيدي ۽ روش جو انجام دوزخ جي ٻڙڪندڙ باهه ۾ جلڻ ۽ سڙڻ جو ٻڌايو ته مشرڪ چوڻ لڳا اسان جو هي عقيدو ڪا نئين ڳالهه نه آهي، اسان جي ابن ڏاڏن کان هلندو اچي، جيڪڏهن هي طريقو شرڪ يا ڪفر هجي ها ته پوءِ الله اسان کي ان تي هلڻ جي سگهه ۾ نه ڏئي ها ۽ هو اسان کي ۾هن نئين رستي تي هلائي ها ۽ بدي ڪرڻ کان پاڻ روڪي چڏي ها ۽ رسول موڪلڻ جي زحمت نه ڪري ها. مشرڪ خدا جي رضا ۽ مشيت و مفهوم نه سمجهي سگهيا آهن. قانون مشيت الله جو اهو قانون آهي، جيڪو ماڻهن جي اختيار جو لازمي نتيجو آهي. انسان کي عقل هوش حواس سان گڏ وحي الاهي جي رهنمائي ۾ ڏني وئي آهي ۽ ارادو ڏنو ويو آهي، جنهن جي روشنيءَ ۾ هن کي پنهنجو برو ۽ ڀلو خود سوچڻو آهي. "اِنَّا هَدَيْنٰهُ السَّبِيْلَ اِمَّا شَاكِرًا وَّاِمَّا كَفُوْرًا" (الدهر: 2/76) حالانڪ الله جي رضا ۽ خوشنودي ته حق قبول ڪرڻ ۾ آهي. حق جو انڪار ۽ الله سان ڪنهن کي ذات، صفات ۽ احڪام و عمل ۾ شريڪ ڪرڻ ته الله کي پسند نه آهي ۽ نه وري ان جي رضا آهي. "وَلٰكِنَّ اللّٰهَ حَبَّبَ اِلَيْكُمُ الْاِيْمَانَ وَزَيَّنَهٗ فِيْ قُلُوْبِكُمْ وَ كَرَّهَ اِلَيْكُمُ الْكُفْرَ وَالْفُسُوْقَ وَالْعِصْيَانَ" (الحجرات: 7/49) الله اوهان جي دلين ۾ ايمان جي محبت وڌي ۽ ان کي اوهان جي دلين ۾ سينگاريائين ۽ ڪفر بي ديني ۽ گناهه کي اوهان لاءِ ناپسند ڪيائين. مشرڪن کي الله جي رضا ۽ مشيت جو فرق معلوم هئڻ گهرجي. مشرڪ اهو ۽ چون ٿا ته جهڙي طرح اسان جا اعمال خدا جي رضا جو نتيجو آهن، اهڙي طرح هنن الله جي رضا ۽ پسند کان سواءِ ڪنهن شيءِ کي پاڻ مرادو حرام نه ڪيو آهي. مشرڪن جا اهي غلط ۽ بي هوده نظريا سندن جهالت ۽ ضلالت جو نتيجو آهن. هنن ۾ اها راهه ۽ روش اختيار ڪئي آهي، جيڪا هن کان اڳ وارين قومن پنهنجن انبياء سڳورن جي مخالفت، ضد ۽ سرڪشي سبب اختيار ڪئي هئي. (الانعام: 149/6، يٰس: 47/36، الزخرف: 20/43) جنهن جو نتيجو انهن جي تباهي ۽ بربادي ۾ رونما ٿيو. هنن عقل جي انڌن ۽ جهل جي گماشتن جو ۾ ساڳي طرح عذاب استقبال ڪندو. رسول سڳون جي ذميداري وحي الاهي کي نوع انسان تائين ڪماحقه پهچائڻ آهي،

"اِڪراھ" يا جبر ڪرڻ نہ آھي. اختيار ۽ ارادي جي پوري اجازت آھي. مشرڪن کي آگاھ ڪريو تہ ھي جيڪو اوھان خود ساختہ جواز بڻائي پنھنجي مشرڪ ۽ خدا جي حلال شين کي حرام ۽ حرام شين کي حلال بڻائي ان کي خدا جو رضامندو سمجھو ٿا، اھو بلڪل بي بنياد ۽ غلط نظريو آھي. ان ۾ خدا جي رضا ۽ خوشنودگي شامل ناھي، پر وحي الاھي جي حڪمن ۽ ھدايتن جي چٽي خلاف ورزي آھي. (الكهف: 28/18) ان ڪري ھر دور ۾ انسانن جي ھدايت لاءِ انبياء ۽ رسول موڪليا ويا آھن. "لِكُلِّ قَوْمٍ هَادٍ" ھر قوم جي ھدايت لاءِ خدا جو پيغمبر آيو آھي، جنھن جي ذريعي سندن رھنمائي ڪئي وئي آھي تہ ھو صرف الله جي عبادت ڪن، ان جي حڪمت آڏو سر تسليم خم ڪن ۽ غيرالله جي بندگيءَ کان پاڻ کي بچائين. ھو الله جي بندگي لاءِ پيدا ڪيا ويا آھن. يعني الله جي ڏنل نظام ۽ قانون مطابق پاڻ ۾ زندگي بسر ڪن ۽ ٻين کي ۽ ان تي ھلڻ جي ترغيب ڏين ۽ طاغوت کان بچائن "فَمَنْ يَّكْفُرْ بِالطَّاغُوْتِ وَ يُؤْمِنْۢ بِاللّٰهِ فَقَدِ اسْتَمْسَكَ بِالْعُرْوَةِ الْوُثْقٰى لَا انْفِصَامَ لَهَا" (البقره: 2/ 256) "وَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْۤا اَوْلِيٰٓـُٔهُمُ الطَّاغُوْتُ يُخْرِجُوْنَهُمْ مِّنَ النُّوْرِ اِلَى الظُّلُمٰتِ" (البقره: 2/ 257) جيڪو طاغوت جو انڪار ڪري ٿو ۽ الله تي ايمان آڻي ٿو تہ گويا ھن اھڙي مضبوط سھاري (ڪنڊي) کي پڪڙيو آھي، جو ڇڇڻ ۽ ٽٽڻ وارو ناھي، پر جيڪي ڪفر ڪن ٿا، انھن جا ولي وارث ۽ دوست طاغوت آھن، جيڪي ھنن کي روشنيءَ مان ڪڍي انڌيرن ۾ اڇلائين ٿا ۽ اھي سراپا خساري وارا آھن. پر ان جي برعڪس ھو پنھنجن گمراھين کي خدا جي رضامندي سان ٿا جوڙين. "وَلَا يَرْضٰى لِعِبَادِهِ الْكُفْرَ ۚ وَاِنْ تَشْكُرُوْا يَرْضَهُ لَكُمْ" (الزمر: 7/39) الله پنھنجن ٻانھن جي ناشڪري پسند نٿو ڪري، پر اوھان شڪر ڪندا تہ ان ۾ راضي رھي ٿو. اھڙو ذڪر سورة الانعام ۾ آيو آھي. ھر دور ۾ پيغمبر جي اچڻ کان پوءِ ڪجھ ماڻھن تہ ان جي دعوت کي لبيڪ چئي قبول ڪيو ۽ ان مطابق زندگي گذارڻ لڳا، پر ھڪ اھڙو گروھ ٻہ ھيو، جيڪو پنھنجي گمراھي ۽ غلط رويي تي ثابت ڪندا رھيا ۽ انبياء ڪرام جي مخالفت ۾ پيش پيش رھيا. (الكهف: 29/18) الله جو قانون مشيت ۽ مھلت ڏئي ٿو ۽ اتمام حجت بعد مڪافات عمل نتيجا ڏيڻ شروع ڪري ٿو. ھن کان اڳ تاريخي حقائق قومِ نوح، قومِ ھود، قومِ صالح، قومِ لوط ۽ فرعون ۽ ان جي اميرن جو حال اکيون کولڻ لاءِ ڪافي آھن. جت الله جو قانون

عمل پذير ٿيندو رهيو آهي ۽ اڳتي به اهي ئي نتيجا بغير ڪمي پيشي ظاهر ڪندو رهندو.

اي پيارا حبيب ﷺ! تنهنجي انسان دوست، خيرخواهي ۽ همدردي ته هنن جي لاءِ تمام گهڻي خواهشمند آهي ۽ حريص آهي ته اهي هدايت قبول ڪن (آل عمران: 159/3، التوبه: 128/9) "وَإِنَّكَ لَعَلٰى خُلُقٍ عَظِيْمٍ" (القلم: 4/68) "وَمَآ اَرْسَلْنٰكَ اِلَّا رَحْمَةً لِّلْعٰلَمِيْنَ" (الانبياء: 107/21) تون تمام جماعتن لاءِ سراپا رحمت ئي رحمت آهين، يقيناً تنهنجي دل ۾ سندن پلائي جا منصوبا ۽ خيال آهن، پر جن ماڻهن پنهنجي تباهي ۽ گمراهي جو انتخاب ڪري ورتو آهي ۽ حق ۽ سچائي جا شدت سان انڪاري آهن، سڏي راهه ڇڏي، پٽڪڻ گهرن ٿا، الله به اهڙن سرڪش، مُتَڪبّر ۽ هٺيلن کي گمراهيءَ طرف وڃڻ جي اجازت ڏيندو آهي. "فَلَمَّا زَاغُوْٓا اَزَاغَ اللّٰهُ قُلُوْبَهُمْ ۭ وَاللّٰهُ لَا يَهْدِي الْقَوْمَ الْفٰسِقِيْنَ" (الصّف: 5/61) جڏهن هنن هدايت کان منهن موڙيو ته الله سندن دلين کي به انهي طرف مڙڻ جو اختيار ڏنو، جو ته بدڪار ماڻهن کي الله سڏي رستي طرف مائل نٿو ڪري. "يُّوْفَكُ عَنْهُ مَنْ اُفِكَ" (الذاريات: 9/51) جيڪو سڏي رستي کان منهن موڙي ٿو ته اسان به سندس رخ ان طرف ڪري ڇڏيون ٿا. "ثُمَّ انْصَرَفُوْا ۭ صَرَفَ اللّٰهُ قُلُوْبَهُمْ (التوبه: 27/9) جڏهن هو صحيح رستي کان قري ويا ته الله به انهن جي دلين کي قيري ڇڏيو. "وَاِنْ عُدْتُّمْ عُدْنَا" (بني اسرائيل: 8/17) اوهان وري پراڻي روش اختيار ڪئي ته اسان به پنهنجي سابقه روش (سنت) طرف ايندا سون، سو جيڪي ماڻهو پنهنجي پاڻ لاءِ پاڻ خساري جو سودو ڪندا آهن، يا پاڻ تي پاڻ ظلم ڪندا آهن ته خدا کين اختيار ڏيندو آهي ۽ جبر يا اڪراهه نه ڪندو آهي. سندن صلاحيتون سلب ٿي ويندين آهن. ائين محسوس ٿيندو آهي ته جڙ انهن کي سيل ڪري بند ڪيو ويو آهي "خَتَمَ اللّٰهُ عَلٰي قُلُوْبِهِمْ وَعَلٰي سَمْعِهِمْ ۭ وَعَلٰٓي اَبْصَارِهِمْ غِشَاوَةٌ" (البقره: 7/2) وڌيڪ تفصيل ڏسو: البقره: 7/2 ۾. ان ڪري سورة القصص: 56/28 ۾ آهي: "اِنَّكَ لَا تَهْدِيْ مَنْ اَحْبَبْتَ وَلٰكِنَّ اللّٰهَ يَهْدِيْ مَنْ يَّشَآءُ" بلاشڪ تون جنهن کي گهرين، هدايت ڏئي نٿو سگهين، اهو صرف الله آهي، جنهن کي قانون مشيت موجب گهري، هدايت ڏئي ٿو. جڏهن هنن مشرڪن ۽ ڪافرن کي چيو وڃي ٿو ته "اَلدُّنْيَا مَزْرَعَةُ الْاٰخِرَةِ" دنيا ته آخرت لاءِ ڇڳا عمل ڪرڻ لاءِ آهي، جو ته آخرت ۾ يوم حساب ٿيندو ۽ هر

انسان نئين زندگي سان الله جي حضور پيش ٿيندو، پر حق جا انڪاري مشرڪ ۽ ڪافر انسان جي مرڻ بعد وري زندهه ٿيڻ تي يقين نه رکندا هئا، هنن جي خيال ۾ جو ڪجهه آهي، اها هن دنيا جي زندگي آهي، جنهن ڪي خوب عيش و عشرت سان گذارجي. مرڻ بعد وري زندهه ٿيڻ ناممڪن آهي، ان ڪري هنن جو عقيدو آهي تہ "وَ قَالُوْۤا اِنْ هِیَ اِلَّا حَیَاتُنَا الدُّنْیَا وَ مَا نَحْنُ بِمَبْعُوْثِیْنَ○" (الانعام: 29/6) رڳو هن دنيا واري حياتي آهي ۽ مرڻ بعد زندهه ناهي ٿيڻو.

بابر بعیش کوش کہ عالم دوبارہ نیست

بابر هن دنيا کي پنهنجي لاءِ عيش و عشرت جو ذريعو بنائڻ جي پرپور ڪوشش ڪر ۽ زندگي جا پورا مزا حاصل ڪري وڻ چو تہ اها زندگي نہ ايندي.

"اَرَءَیْتَ الَّذِیْ یُكَذِّبُ بِالدِّیْنِ" (الماعون:1/107، التكاثر: 8/102، القارعة: 4/101، النبا: 1/78، یٰس: 62/36) حالانڪہ هو هڪ حقيقت جو انڪار ڪري رهيا آهن. مرڻ بعد وري زندگيءَ ڏيڻ الله جو پڪو ۽ سچو وعدو آهي، جنهن جو پورو ڪرڻ الله تعالىٰ پنهنجي ذمي لازم قرار ڏنو آهي، جيڪو هر حال ۾ وقوع پذير ٿيندو، پر ماڻهن جي اڪثريت ڪم عقلي ۽ ناداني سبب هن حقيقت کي سمجهڻ ۽ ان تي سوچڻ کان غافل آهي. هي جهان بنا مقصد تہ پيدا نہ ڪيو ويو آهي. "رَبَّنَا مَا خَلَقْتَ هٰذَا بَاطِلًا" پر هڪ منظم ۽ مضبوط ڪائنات آهي، جنهن جو هر ڪل پروزو هڪ مقرر معيار انداز ۽ توازن سان بنايو ويو آهي ۽ انسان ان پوري تخليق ۾ هڪ شاهڪار آهي، جنهن کي عقل و شعور ۽ بيان جي نعمتن سان نوازيو آهي. جهڙيءَ طرح هي دنياوي زندگيءَ هڪ حقيقت آهي تہ اهڙي طرح بعث بعد الموت ۽ قيام حشر بہ هڪ اٽٽر حقيقت آهي. انسان ان ايندڙ زندگيءَ جي هجڻ ۾ اختلاف رکن ٿا ۽ هن دنيا کي ئي پنهنجي پهرين ۽ آخري منزل سمجهن ٿا. ٻئي طرف هدايت تي هلڻ وارا آخرت جي ڏينهن جي اچڻ ۽ انسان جي الله جي حضور پيش ٿيڻ ۾ يقين رکن ٿا، تنهن ڪري ٻنهي طبقن ۾ اختلاف رهي ٿو ۽ مختلف نظريات سبب اختلاف ڄڻيير ٿي وڃي ٿو، جنهن جي ڪري وحدت انساني پورا پورا ٿي ٽٽن ۽ گروهن ۾ تقسيم ٿي وئي. ان ڪري الله هنن آڏو وحدت انساني ۽ انساني اخوت واري رشتي کي جوڙڻ ۽ سندن اختلاف ختم ڪرڻ رسولن نبين جي ذريعي حقيقت کولي کولي بيان

ڪري ٿو ته جيئن ڪين سچ ۽ حق معلوم ٿي وڃي ۽ ڪافرن کي به پتو پئجي وڃي ته هنن ڪوڙ جو رستو اختيار ڪيو هيو. (النساء: 4/1، الحجرات: 13/49) ان ڪري آخرت جو هجڻ ضروري آهي ته جيئن انسان هن دنيا ۾ شتر بي مهار ٿي وحشي جانور نہ بڻجي وڃي. ڪيس معلوم هئڻ گهرجي ته هت رڳو مايا ميڙڻ لاءِ نہ آيو آهي، پر خدا جو نائب ٿي خدا جي قانون کي ڪائنات ۾ قائم ڪرڻ جي ذميداري قبول ڪئي آهي. ان ڪري ضروري هيو ته ڪيس يقين هجي ته هن جو هر عمل نتيجا خيز آهي، جنهن جو نتيجو جزا ۽ سزا جي صورت ۾ حيات بعد الموت ملڻ وارو آهي.

جيڪي ماڻهو حيات بعد الموت جا انڪاري آهن، انهن جو خيال آهي ته ماڻهو مرڻ کان پوءِ قبر ۾ مٽيءَ جو ڪاڇ بڻجي وڃي ٿو، جتي سندس جسم ريزه ريزه ٿي بوسيده هڏين ڪانسواءِ ڪجهه به نٿو بچي. (يٰس: 36/52-51) "قَالَ مَنْ يُّحْيِ الْعِظَامَ وَهِيَ رَمِيْمٌ" (يٰس: 36/78) هنن بوسيده هڏين کي ڪير زندهه ڪري ٿو ۽ هيتري ساري مخلوقات جيڪا مري چڪي آهي، ان کي هڪ وقت هڪ هنڌ حساب لاءِ اٿارڻ ممڪن نہ آهي. (الانعام: 29/6) ڪين اها خبر نہ آهي ته "اِنَّمَآ اَمْرُهٗٓ اِذَآ اَرَادَ شَيْـًٔا اَنْ يَّقُوْلَ لَهٗ كُنْ فَيَكُوْنُ" (يٰس: 36/82) هي اهو قادر مطلق الله آهي، جيڪو جڏهن به ڪنهن شيءِ جو ارادو ڪري ٿو ان جي "ڪُنْ" سان حڪم ڪندو آهي، "فَيَكُوْنُ" پوءِ اهو ٿيو وڃي. يعني عالمِ امر، عالمِ خلق جي صورت ونڊي ٿو. ڪيس ڪنهن سرو سامان جي ضرورت نٿي پوي ۽ نہ وري ان جي اڳ ۾ ڪا صورت موجود هجي ٿي. هو "بديع السمٰوات والارض" آهي، جنهن جي حڪم هيٺ هن ڪائنات جو عدم کان وجود ۾ اچڻ هن لاءِ مشڪل نہ هيو، اهڙي طرح ايندڙ دنيا ۾ به مُردن کي زندهه ڪرڻ ڪو وڏو معاملو نہ آهي. ابتدا ۾ ڪائنات جو وجود ۾ اچڻ Big Bang جو فلسفو الله پاران تنزلات جو بحث به نهايت اهم آهي. ڊاڪٽر اسرار احمد تفسير بيان القرآن جلد چهارم (النحل: 16/40) ۾ هن تي ڪافي بحث ڪيو آهي، جيڪو حقائق جي قريب آهي. سورت الاعراف 7/54 ۾ آهي: "اَلَا لَهُ الْخَلْقُ وَالْاَمْرُ" يعني "عالمِ خلق" ۽ "عالمِ امر" ٻئي خدا جا آهن، عالمِ امر خدا جو ارادو آهي، جيئن هن آيت ۾ آهي ته ڪنهن شيءِ جو اسان ارادو ڪيون ٿا ته ان کي وجود ۾ آڻڻ لاءِ ڪجهه ڪرڻو نٿو پوي رڳو "ٿي وڃ" جي حڪم سان ٿي وڃي ٿو. (كُنْ فَيَكُوْنُ) "اِنَّ اللّٰهَ يَفْعَلُ مَا يُرِيْدُ" (الحج: 14/22) هو پنهنجي

طئي ٿيل ارادي مطابق جيڪي گهري ٿو ڪري ٿو، اڪ چنپ ۾. "فَعَّالٌ لِّمَا يُرِيْدُ" (هود: 107/11) بيشڪ تنهنجو رب پنهنجي ارادي مطابق جو گهري ٿو ڪري ٿو. "اِنَّ اللّٰهَ يَحْكُمُ مَا يُرِيْدُ" (المائده: 11/5) "يَفْعَلُ مَا يَشَآءُ"(الحج: 8/22) ڪائنات جي تخليق جو اهو پهريون "كُنْ فَيَكُوْنُ" وارو مرحلو، بغير ڪنهن مالي يا شين کي جوڙي ٺاهڻ کان اڳ جو "بَدِيْعُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ۭ وَاِذَا قَضٰٓى اَمْرًا فَاِنَّمَا يَقُوْلُ لَهٗ كُنْ فَيَكُوْنُ ○ " (البقره: 117/2) "فَاطِرِ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ" (الانعام: 14/6) اهو "كُنْ فَيَكُوْنُ" وارو الله عزو جل جي ارادي وارو عمل عالم امر آهي. جنهن تي ڪو قانون لاڳو نه آهي، هي عبث کان وجود ۾ آڻڻ وارو مرحلو آهي، جنهن کي ارادي سان تعبير ڪيو ويو آهي، جو هر قانون کان ماوراءِ آهي، پر وجود ۾ اچڻ بعد قانون فطرت يا سنة الله جي ضابطي ۾ اچي ٿو. عالم امر ۽ عالم خلق ۾ الڳ مرحلا ۽ آهن ۽ پاڻ ۾ اهڙي طرح جڙيل آهن، جو الڳ ۽ نه آهن. (بني اسرائيل: 17/ 85) جڏهن تخليق سج چنڊ ئي ڪو نه هئا تہ پوءِ ڏينهن ڪٿان آيا، هت "ستة ايام" مان مراد ست تنزلات يا مراتب، وجود مراد آهن. الله جي تجلي نور آهي ۽ "يوم" ۽ نور آهي، ان ڪري تجليات کي "ايام" (يا ادوار ۽ مرحلا) سڏيو ويو، جنهن جو پهريون مرتبو مرتبہ هويّت، احديت ذات سازج جي نالي سان آهي، جنهن "كان الله ما كان" تنزل يا تعين يا تجلي اول حقيقتِ محمدي آهي، جنهن کي بزرخ البرازح، وحدتِ اطلاق، عالمِ جبر يا عالمِ صفات جي نالي سان سڏيو وجي ٿو. ٽيون مرحلو تجلي حقيقت انسانيت آهي. چوٿين تجلي عالم ارواح آهي. هي ڪائنات عالم ڪبير آهي ۽ انسان عالم صغير آهي، جنهن ۾ پوري ڪائنات پوشيده آهي.

ياد رهي تہ هي ڪائنات زمين، آسمان، سج چنڊ تارا، جبل، دريا اتفاقي طور وجود ۾ نہ آيا آهن ۽ نہ وري ڪو حادثاتي يا اتفاقي عمل آهي. هن کي هڪ عليم قدير قوت حڪمت هيٺ پيدا ڪيو آهي ۽ پيدا ڪري کيس محڪم ۽ مضبوط قانونن ذريعي قائم رکيو ويو آهي، جيڪي خارجي ڪائنات ۽ انساني تمدني زندگي تي ب محيط آهن. انهن قانونن کي قدر يا تقدير جي نالي سان سڃاتو وجي ٿو. قانون هڪ فارمولي يا منصوبي جو اهجاڻ آهي ۽ خود تعميلي صلاحيت نٿو رکي. اهو قدرتِ خداوندي جي حڪم ۽ منشا مطابق آهي، ڪائنات جو عدم کان وجود ۾ آڻڻ الله جو امر آهي، باقي بعد ۾ اشياءِ عالم کي ملائي ڪا شيءِ تخليق ڪرڻ عالمِ خلق آهي، جيڪو انسان ب ڪري ٿو، پر عالمِ امر

۽ عالمِ خلق جيڪو هڪ ٻئي سان بلڪل جڙيل آهي، اهو الله جو امر آهي. تخليق ڪائنات جا اشارا قرآن ۾ موجود آهن. (الاعراف: 12/7) "ثُمَّ اسْتَوٰٓى اِلَى السَّمَآءِ وَهِيَ دُخَانٌ" (حٰم السجده: 11/41، الدخان: 10/44) پوءِ آسمان ڏانهن متوجه ٿيو جيڪو بالڪل دونهون هيو، تہ آسمان اڳ ۾ دونهون يعني دخان هيو. "وَكَانَ عَرْشُهٗ عَلَى الْمَآءِ" (هود: 7/11) سندس تخت پاڻيءَ تي هيو. زمين کي ۽ ان اندر مختلف معدنيات کي چئن ڏينهن ۾ ٻڌايو آسمان مان پاڻي وسايو. (الزحزف: 11/43، المؤمنون: 10/23) ۽ روءِ زمين تي رڳو پاڻي ئي پاڻي ٿي ويو. "وَجَعَلْنَا مِنَ الْمَآءِ كُلَّ شَيْءٍ حَيٍّ" هر زندگيءَ کي پاڻي مان جنم مليو. پاڻي بخارات ۾ اڏاڻو، هوا ان کي کنيو، بادل ٺهيا، مينهن ونا، ندين نالا ۾رجي ويا. آسمان ۾ فلڪي اجسام جو نظام، سج، چند، تارا ۽ ڏينهن ۾ پيدا ڪيا. اهڙي طرح قرآن ۾ آيل اشارن ۽ آيتن کي جوڙبو تہ معلوم ٿيندو ڪائنات مختلف تجليات جي اڇ سان ڏيري ڏيري وجود ۾ آئي آهي. زمين ۽ آسمان متعلق آهي تہ "كَانَتَا رَتْقًا فَفَتَقْنٰهُمَا" (الانبياء: 30/21) شروع ۾ هي سموري مادي مخلوقات هڪ ملندڙ جلندڙ هيئت (حيواني) هئي، جنهن مان مختلف اشياءِ عالم وجود ۾ آيون. (النّٰزعٰت: 32/79-28) بالڪل اهڙي طرح انسان ۽ مختلف مراحل کان گذري آدم جي صورت ۾ "خَلَقْتُ بِيَدَيَّ" (صٓ: 75/38) جنهن کي مون پاڻ دست قدرت سان پيدا ڪيو. "وَنَفَخْتُ فِيْهِ مِنْ رُّوْحِيْ" (صٓ: 72/38) جي مقام تي پهچي مسجود ملائڪه ٿيو ۽ "خليفة في الارض" جو تاج ڏڪيو. وڌيڪ تفصيل لاءِ ڏسو منهنجي تصنيف: "روائح ريحاني شرح لوائح جامي" ۾ ست تنزيلات يا مراتب، وجود هي بحث مختصر ڪري اشارن ۾ بيان ڪيو آهي. تفصيل لاءِ الڳ باب گهرجي.

وَالَّذِيْنَ هَاجَرُوْا فِي اللّٰهِ مِنْۢ بَعْدِ مَا ظُلِمُوْا لَنُبَوِّئَنَّهُمْ فِي الدُّنْيَا حَسَنَةً ؕ وَلَاَجْرُ الْاٰخِرَةِ اَكْبَرُ ۘ لَوْ كَانُوْا يَعْلَمُوْنَ ﴿۴۱﴾ الَّذِيْنَ صَبَرُوْا وَعَلٰى رَبِّهِمْ يَتَوَكَّلُوْنَ ﴿۴۲﴾ وَمَآ اَرْسَلْنَا مِنْ قَبْلِكَ اِلَّا رِجَالًا نُّوْحِيْٓ اِلَيْهِمْ فَسْـَٔلُوْٓا اَهْلَ الذِّكْرِ اِنْ كُنْتُمْ لَا تَعْلَمُوْنَ ﴿۴۳﴾ بِالْبَيِّنٰتِ وَالزُّبُرِ ؕ وَاَنْزَلْنَآ اِلَيْكَ الذِّكْرَ

وقف لازم

لِتُبَيِّنَ لِلنَّاسِ مَا نُزِّلَ اِلَيْهِمْ وَ لَعَلَّهُمْ يَتَفَكَّرُوْنَ ﴿٤٤﴾ اَفَاَمِنَ الَّذِيْنَ
السَّيِّاٰتِ السَّيِّاٰتِ اَنْ يَّخْسِفَ اللّٰهُ بِهِمُ الْاَرْضَ اَوْ يَاْتِيَهُمُ الْعَذَابُ مِنْ
حَيْثُ لَا يَشْعُرُوْنَ ﴿٤٥﴾ اَوْ يَاْخُذَهُمْ فِيْ تَقَلُّبِهِمْ فَمَا هُمْ بِمُعْجِزِيْنَ ﴿٤٦﴾ اَوْ
يَاْخُذَهُمْ عَلٰى تَخَوُّفٍ ؕ فَاِنَّ رَبَّكُمْ لَرَءُوْفٌ رَّحِيْمٌ ﴿٤٧﴾

جيڪي ماڻهو ظلم برداشت ڪرڻ بعد الله جي واسطي هجرت ڪري ويا، انهن کي اسان دنيا ۾ سڻي رهائش عنايت ڪنداسون ۽ آخرت جو اجر تمام گهڻو آهي. ڪاش هنن کي معلوم هجي.(41) هي اهي ماڻهو آهن، جن صبر ڪيو ۽ پنهنجي رب تي توڪل ڪرڻ وارا آهن.(42) اي پيغمبر ﷺ اسان توڪان اڳ به رسول موڪليا آهن، اهي مرد ئي موڪليا آهن، جن ڏانهن اسان وحي موڪليندا رهيا آهيون. جيڪڏهن توهان کي معلوم ناهي ته اوهان اهل ذڪر کان پڇي ڏسو.(43) اسان انهن (رسولن) کي به چٽيون نشانيون ۽ ڪتاب ڏئي موڪليو هيو ۽ هاڻي هي ذڪر توتي نازل ڪيو آهي ته جيئن تون ماڻهن لاءِ ان کي صاف صاف طور بيان ڪري ٻڌائين. جيڪو انهن ڏانهن نازل ڪيو ويو آهي ته ماڻهو پاڻ ان تي غور و فڪر ڪن.(44) ته پوءِ اهي ماڻهو جيڪي بدتر تدبيرون ۽ چالون ٻڌائي رهيا آهن، اهي هن کان بلڪل بي خبر ٿي ويا آهن ته الله انهن کي زمين ۾ دٻائي ڇڏي يا اهڙي پاسي کان هنن تي عذاب آڻي، جنهن جو هنن کي وهم و گمان به نه هجي.(45) يا گهمندي ڦرندي وقت کين پڪڙي ونڊي ۽ ڪيس (الله) کي ائين ڪرڻ کان ڪو روڪي نٿو سگهي.(46) يا اهڙي حالت ۾ پڪڙي جڏهن هنن کي انهيءَ پڪڙ جو ڪٽڪو (فڪر) لڳل هجي. بيشڪ اوهان جو رب نهايت نرم دل ۽ هميشه رحم ڪرڻ وارو آهي.(47)

هجرت مان مراد اهڙي هجرت آهي، جنهن ۾ ماڻهوءَ کي دين جي معاملي ۾ تمام گهڻو ستايو وڃي ۽ هو آزاديءَ سان حقوق الله جي ادائگي ڪرڻ ۾ تڪليف محسوس ڪري ۽ پاڻ ۾ دين جا ارڪان پورا نه ڪري سگهي ۽ نه ورې ٻين تائين دين جي دعوت پهچائي سگهي، ان ڪري پنهنجي وطن کي ڇڏي، اهڙي علائقي يا ملڪ ۾ وڃي، جتي هو دين جو ڪم آزاديءَ سان ڪري سگهي. هن کان اڳ منڪرين آخرت جو ذڪر ٿي رهيو هو. هاڻي هجرت جو بيان آهي، جنهن ۾ مسلمانن جي مڪي کان حبشه جي هجرت جو اشارو آهي، جنهن لاءِ ٻڌايو وڃي ٿو ته ڪافرن ۽ مڪي جي مشرڪن کي معلوم هئڻ گهرجي ته سندن ظلمن، زيادتين ۽ ناانصافين جو دور ختم ٿيندو ۽ مظلومن جي دادرسي ٿي ويندي. هت هجرت ڪندڙن يعني مظلوم طبقي کي تسلي ڏني وئي آهي ته کين دنيا ۾ خوشگوار ۽ محفوظ مقام مهيا ڪيو ويندو. هن وقت هو هر مصيبت جو مقابلو صبر ۽ برداشت سان ڪري رهيا آهن ۽ هر حال ۾ پنهنجي دين کان ذرا پر هٽڻ وارا نه آهن ۽ کين الله تي پورو پروسو آهي، ان ڪري هو جان جي قرباني ڏيڻ کي به سعادت سمجهن ٿا.

شہادت ہے مطلوب و مقصود مؤمن
نہ مالِ غنیمت نہ کشور کشائی

(اقبال رحمۃ اللہ علیہ)

عشق ناهي راند جو کيڏنس ڳيرو
سنسي نيزي پاند اڇل ته به اڏ ٽئي.

(شاھ رحمۃ اللہ علیہ)

مزا آتا ہے جن کو خاک و خون کی موت مرنے میں
نزع کے وقت ان کے نیچے سرہانے نہیں ہوتے

* * *

مقام ان کا غازی یا شانِ شہید
ادھر بھی ہے عید اور ادھر بھی ہے عید

(مشتاق سچاروي)

کين يقين آهي تہ الله جل شانه مسلمانن سان کيل وعدا ضرور پورا ڪندو ۽ کين ڪاميابي ۽ ڪامراني نصيب ڪندو ۽ هن دنيا ۾ بہ عزت وارو مقام عطا ڪندو ۽ آخرت ۾ تہ ان کان گهڻو بهتر اجر عطا ڪيو ويندو. حضرت عمر رضی الله تعالیٰ عنه جن جو فرمان آهي: "هٰذَا مَا وَعَدَكَ اللّٰهُ فِي الدُّنْيَا وَمَا ادَّخَرَ لَكَ فِي الْآخِرَةِ اَفْضَلُ" يعني هي اهو ڪجهہ آهي، جيڪو الله تعالیٰ توهان کي دنيا ۾ ڏيندو، پر آخرت ۾ جيڪو ذخيرو اوهان لاءِ رکيل آهي، سو تمام گهڻو آهي. گويا مسلمانن کي دنيا ۾ غلبي حاصل ڪرڻ ۽ ڪاميابي ماڻڻ لاءِ تسلي ۽ خوشخبري آهي ۽ ڪافرن لاءِ آگاهي آهي تہ هڪ ڏينهن هو ڪٿهڙي ۾ هوندا. ڪافرن جو چوڻ هو تہ هي الله جو رسول نہ آهي. هي تہ اسان جهڙو انسان آهي. ڪائي پيئي ٿو، اسان وانگر گهمي ڦري ٿو. الله کي جيڪڏهن اسان جي پلائي لاءِ ڪنهن کي موڪلڻو آهي تہ اهو فرشتو هجي. يا هن رسول سان گڏ سندس مدد ۾ فرشتو هجي ها. پلا هن رسول کي موڪلڻ کان سواءِ الله گهري ها تہ پاڻ ئي اسان کي سڏي رستي تي لڳائي ڇڏي ها. هنن اعتراضن جو جواب ڏنو ٿو وڃي تہ هن کان اڳ جيڪي بہ نبي ۽ رسول آيا آهن، سي مرد انسان هئا. هنن ۾ کو بہ نبي يا رسول فرشتو نہ هو ۽ نہ وري الله سڏيءَ طرح اڇي تبليغ ڪئي آهي. پر هن وحي جي ذريعي انبياء ڪرام ڏانهن پنهنجو پيغام موڪليو، جن انسانن جي هدايت ۽ رهبري جو فريضو ادا ڪيو، جيڪڏهن اهي ڪافر هن حقيقت کي نٿا ڄاڻن تہ پلي اهل ذکر يعني اهل ڪتاب کان پڇي ونن تہ اهي کين ٻڌائيندا تہ سمورا انبيا ڪرام حضرت نوح، حضرت ابراهيم، حضرت اسماعيل، حضرت اسحاق، حضرت يعقوب، حضرت عيسیٰ، حضرت موسیٰ عليهم السلام سي انسان هئا يا فرشتا هئا. اهي اهل ڪتاب خود جن رسولن جي دين تي هلن ٿا اهي سي رسول ۽ نبي مرد انسان هئا. جهڙيءَ طرح هن رسول اڪرم خاتم النبيين صلی الله تعالیٰ عليه وسلم تي قرآن نازل ڪيو ويو آهي، جيڪو سراپا هدايت، رحمت ۽ مغفرت جو ذريعو آهي. اهڙيءَ طرح هن کان اڳ بہ رسول سڳورن تي روشن آيتون ۽ ڪتاب نازل ڪيا ويا هئا. "وَمَا كُنَّا مُعَذِّبِيْنَ حَتّٰى نَبْعَثَ رَسُوْلًا" (بني اسرائيل: 15/17، الانبياء: 7/21) جيستائين رسول موڪلڻ وارو اتمام حجت نٿو ڪري تہ اسان ڪنهن کي بہ عذاب نٿا ڏيون. هي رسول خاتم النبيين صلی الله تعالیٰ عليه وسلم بہ ان لاءِ آيو آهي تہ هو ان ڪتاب ذريعي اوهان کي تعليم ڏئي، جيڪا تعليم الله جي طرفان اوهان لاءِ وحي

ڪئي وئي آهي ۽ ان جو عملي مظاهرو ٻہ پيش ڪري ۽ زبان سان ٻہ وعظ و نصيحت ڪري ان جي حڪمت ۽ اسرار کان آگاهي ڏئي. جهڙيءَ طرح سورة الرحمان ۾ "اَلرَّحۡمٰنُ○ عَلَّمَ الۡقُرۡاٰنَ ○" ۾ حضور خَاتَمُ النَّبِيِّين ﷺ جي تعليم جو ذڪر آهي. هت ٻہ "لِتُبَيِّنَ" ۾ ساڳيءَ طرح جي تعليم ۽ تبيين جو ذڪر آهي. "وَ اَنۡزَلۡنَاۤ اِلَيۡكَ الذِّكۡرَ لِتُبَيِّنَ لِلنَّاسِ مَا نُزِّلَ اِلَيۡهِمۡ" ۾ اهو ثابت آهي تہ "اَلذِّكۡرُ" يعني قرآن حڪيم جي وضاحت ۽ تفصيل ڪرڻ جو الله طرفان حضور خَاتَمُ النَّبِيِّين ﷺ کي اختيار ڏنو ويو آهي. سورة الاحزاب: 34/33 ۾ "وَ اذۡكُرۡنَ مَا يُتۡلٰى فِىۡ بُيُوۡتِكُنَّ مِنۡ اٰيٰتِ اللّٰهِ وَ الۡحِكۡمَةِ" ۾ امهات المؤمنين لاءِ الله عزوجل جو فرمان ارشاد آهي تہ توهان جي گهرن ۾ جيڪو الله جي آيتن ۽ حڪمت مان پڙهجي ٿو، ان کي ياد ڪريو. هت "حِكۡمَةِ" ان بيان کي چيو ويو آهي، جيڪو حضور خَاتَمُ النَّبِيِّين ﷺ آيات قرآني جي تشريح ۽ بيان ۾ حديث وغيره فرمائين ٿا. "وَ مَا يَنۡطِقُ عَنِ الۡهَوٰى ○ اِنۡ هُوَ اِلَّا وَحۡىٌ يُّوۡحٰى" (النجم: 53/4- 3) هن جي زبان مان رڳو وحي بيان ٿئي ٿو، ان کان سواءِ ناهي. هڪ حديث جو مفهوم آهي تہ "اُوۡتِيۡتُ مِنَ الۡقُرۡاٰنِ وَ مِثۡلَهٗ" مون کي قرآن ۽ اهڙي ٻي شيءِ (حديث پاڪ) ڏني وئي آهي. هت رسول جي اطاعت الله جي اطاعت آهي ۽ سندس اتباع خدا وٽ نهايت محبوب عمل آهي. يعني سندس سنت جي هر ڪردار کي اجاگر ڪرڻ ۾ الله جو رضامندو آهي ۽ الله جي حڪمت جي پيروي ۽ تابعداري آهي، پر جيڪي ماڻهو هن نبي اڪرم خَاتَمُ النَّبِيِّين ﷺ جي مخالفت ۾ پيش پيش آهن ۽ نبي عَلَيۡهِ السَّلَام جي دشمني ۽ عداوت ۾ بدترين تدبيرون بنائي رهيا آهن ۽ طرح طرح جون سازشون ۽ چالون گهڙي رهيا آهن. وحي الاهي کي ڪوڙ بنائي رهيا آهن ۽ عالي مرتب رسول مڪرم خَاتَمُ النَّبِيِّين ﷺ جي راهہ ۾ طرح طرح جون رڪاوٽون ڪڙي ڪري رهيا آهن، ڪين اهو ڊپ ٻہ نٿو ٿئي تہ سندن هن بداعمالي‌ءَ جي ڪري الله تعالىٰ ڪين زمين ۾ غرق ڪري ڇڏي. يا هنن تي اهڙي طرف کان ناگهاني عذاب نازل ڪري جنهن جو ڪين وهم و گمان ئي نہ هجي. ڇو تہ الله جو فرمان آهي تہ هو پنهنجن رسول ۽ مؤمنن جي مدد ڪرڻ لاءِ پنهنجي وعدي تي قائم آهي. هنن تي ڪنهن ٻہ طريقي جو عذاب اچي سگهي ٿو. هو پنهنجي عيش و عشرت ۾ گهمي ڦري رهيا هجن يا سيرو سفر ۾ هجن تہ ان وقت اوچتو الله جو عذاب هنن کي گهيري ۾ آڻي ونيءِ هو ڪنهن صورت ٻہ ان عذاب کان پاڻ ٽاري سگهن يا

الله کي عاجز ۽ بي بس ڪري سگھن يا کين عذاب ان وقت اچي پکڙي، جڏھن ھو ان عذاب جي خوف ۾ مبتلا ھجن ۽ فڪرمند ھجن تہ چا ڪجي. سندن ڪا بہ چال يا ڪوشش ان عذاب کي ھٹائي نٿي سگھي ۽ آخرڪار ختم ڪري ٿي ڇڏي. (الاعراف: 82/7، الانعام: 65/6، بني اسرائيل: 15/17) عذاب کان بچڻ جو واحد طريقو الله جي در سچي توبہ ۽ شرمساريءَ سان جھڪي معافي گھري تہ يقين ڄاڻو تہ الله نھايت نرم رويو رکڻ وارو ۽ ھميشہ رحم ڪرڻ وارو آھي.

اَوَ لَمْ يَرَوْا اِلٰى مَا خَلَقَ اللّٰهُ مِنْ شَيْءٍ يَّتَفَيَّؤُا ظِلٰلُهٗ عَنِ الْيَمِيْنِ وَ الشَّمَآئِلِ سُجَّدًا لِّلّٰهِ وَ هُمْ دٰخِرُوْنَ ﴿۴۸﴾ وَ لِلّٰهِ يَسْجُدُ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَ مَا فِي الْاَرْضِ مِنْ دَآبَّةٍ وَّ الْمَلٰٓئِكَةُ وَ هُمْ لَا يَسْتَكْبِرُوْنَ ﴿۴۹﴾ يَخَافُوْنَ رَبَّهُمْ مِّنْ فَوْقِهِمْ وَ يَفْعَلُوْنَ مَا يُؤْمَرُوْنَ ﴿۵۰﴾ السجدة ع ۶ ۱۲ وَ قَالَ اللّٰهُ لَا تَتَّخِذُوْٓا اِلٰهَيْنِ اثْنَيْنِ ۚ اِنَّمَا هُوَ اِلٰهٌ وَّاحِدٌ ۚ فَاِيَّايَ فَارْهَبُوْنِ ﴿۵۱﴾ وَ لَهٗ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ وَ لَهُ الدِّيْنُ وَاصِبًا ؕ اَفَغَيْرَ اللّٰهِ تَتَّقُوْنَ ﴿۵۲﴾ وَ مَا بِكُمْ مِّنْ نِّعْمَةٍ فَمِنَ اللّٰهِ ثُمَّ اِذَا مَسَّكُمُ الضُّرُّ فَاِلَيْهِ تَجْئَرُوْنَ ﴿۵۳﴾ ۚ ثُمَّ اِذَا كَشَفَ الضُّرَّ عَنْكُمْ اِذَا فَرِيْقٌ مِّنْكُمْ بِرَبِّهِمْ يُشْرِكُوْنَ ﴿۵۴﴾ ۙ لِيَكْفُرُوْا بِمَآ اٰتَيْنٰهُمْ ؕ فَتَمَتَّعُوْا ۫ فَسَوْفَ تَعْلَمُوْنَ ﴿۵۵﴾

ڇا الله جي پيدا ڪيل ڪنھن بہ شيءِ کي ھو نٿا ڏسن تہ ان جو پاڇو کھڙي طرح الله جي حضور سجدو ڪندي ساڄي کان کابي پاسي ڪري ٿو. سڀ جا سڀ اھڙي طرح پنھنجي عجز ۽ انڪساري جو اظھار ڪن ٿا. (48) زمين ۽ آسمانن ۾ جيڪا بہ جاندار مخلوقات آھي ۽ جيترا بہ فرشتا آھن، سڀ الله جي آڏو سربسجود آھن ۽ ھو ھرگز سرڪشي نٿا ڪن.(49) ھو پنھنجي مٿي واري

رب کان ڊڄندا رهن ٿا ۽ کين جيڪو حڪم ڏنو ٿو وڃي، ان مطابق ڪم ڪن ٿا.(50) الله جو فرمان آهي ته ٻہ خدا نہ ناهيو الله ته هڪ ئي آهي. ان ڪري توهان مون کان ڊڄندا رهو. (51) جيڪو ڪجهہ آسمانن ۽ زمين ۾ آهي، اهو سڀ ڪجهہ هن (الله) جو آهي، جنهن جي تابعداري لازم آهي، ڇو الله کي ڇڏي ڪنهن ٻئي جي حڪمت جي اطاعت ڪندا.(تقویٰ ڪندا)(52) اوهان کي جيڪا ٻہ نعمت حاصل آهي، اها الله جي طرفان آهي، پر جڏهن ڪو سخت وقت اوهان تي اچي ٿو تہ اوهان ان وقت الله طرف ئي ڊوڙندا اچو ٿا.(53) پر جڏهن الله اها مصيبت اوهان تان ٽاري ڇڏي ٿو تہ يڪدم توهان مان هڪ ٽولو پنهنجي پروردگار سان ٻين کي شڪرگذاريءَ ۾ شريڪ ڪري ٿو.(54) تہ جيئن هو الله جي احسان جي ناشڪري ڪري. ڇڪو في الحال مزا ماڻي ونو، عنقريب اوهان کي معلوم ٿي ويندو.(55)

پوين پنجن آيتن جو خلاصو هي آهي تہ انسانن کي الله جي حڪمن جي اطاعت ڪرڻ لاءِ وقت بوقت رسول موڪليا ويا تہ بگڙيل انسان الله جي حڪمن آڏو سر تسليم خم ڪن، پر ڪجهہ ماڻهو خدا جي حڪمن جي اطاعت ڪرڻ کان انڪاري رهيا آهن. هينئر ٻہ هي رسول خَاتَمُ النَّبِيِّينَ ﷺ ان احڪامن جي عمل درآمد لاءِ ڪوشش ڪري رهيو آهي، جيڪو وحي ذريعي قرآن جي صورت ۾ هنن ڏانهن موڪليا ويا آهن، پر هنن ماڻهن ٻہ اها ئي اڻگي روش اختيار ڪري قانون شڪني ۾ مبتلا ٿي ويا آهن ۽ غلط تدبيرون ۽ سازشون ٻڌائي خدا جي نظام جي خلاف جنگ آزما آهن. حالانڪہ کين خبر هئڻ گهرجي تہ هو الله جي گرفت کان بچي ڪو نہ سگهندا تہ جيئن انسانيت نظام ربوبيت ۽ رحمت هيٺ اچي وڃندي رهي ۽ نظام خداوندي جيڪو خارجي ڪائنات ۾ ڪم ڪري رهيو آهي، انساني دنيا ۾ ٻہ اطاعت جو اهو شعور پيدا ٿئي. انسان کانسواءِ باقي سموري مخلوقات قانون فطرت جي پابند آهي ۽ تمام اشياءِ عالم ان قانون جي پابندي ڪري رهيون آهن. انهن اشياءِ عالم کي تہ ڇڏيو، هنن جو پنهنجو مادي ڍانچو آهي پر انهن شين

جي پاڇي کي ڏسي جن جو پنهنجو ذاتي وجود ڪونهي. اهي بہ پنهنجن مادي شين جي ساڃي ۽ کاڌي پاسي سج، چنڊ يا روشني جي عڪس جي ابتڙ هڪ قانون مطابق گھٽجن وڌن ظاهر ٿين ۽ غائب ٿين ٿا. ان ڪري سج کي انهن لاءِ دليل چيو ويو آهي. روشنيءَ جي ابتڙ پاڇا جھڪن ۽ سجده ريز ٿين ٿا. سج اوپر کان ايري ٿو تہ پاڇا اولھ طرف جھڪن ٿا، پر جڏهن سج اولھ طرف وڃي ٿو تہ پاڇا اوپر طرف اچن ٿا، گويا سنتِ ابراهيمي موجب سج جا پوڃاري نہ آهن، پر الله آڏو جھڪيل آهن. وري توهان آسمانن جي فلڪي نظام ۽ زمين جي زميني نظام تي نظر وجھو تہ زمين جا سڀ جاندار (سواءِ انسان جي) ۽ آسمان جا سڀ عناصر فرشتا وغيره خدا جي حڪم جي پوري طرح اطاعت ڪن ٿا ۽ پنهنجي خود سري نٿا ڪن. (النور: 41/24) پاڇا جن جو پنهنجو ڪو وجود نہ آهي، اهي بہ قانون فطرت کان روگرداني نٿا ڪن تہ پوءِ انسان جنهن کي وحي الاهي جي رهبري عقل و شعور جي رهنمائي ۽ ڪائنات جي سڀني شين جي اطاعت ۽ فرمانبرداريءَ جا ذريعا موجود آهن تہ ڪيس خدا جي حڪمن کي تسليم ڪرڻ لاءِ آماده ڇو نٿا ڪن. ڪين مليل اختيار ۽ ارادو گمراهي ڏانهن ڇو وڃي ٿو وڃي، جيڪو تباهيءَ جو رستو آهي. اهي اجرام فلڪي يا زميني مخلوقات خدا جي اطاعت واري قانون کان پوري طرح آگاهہ آهن ۽ ان جا پابند آهن. (النور: 41/24، يٰس: 40/36-37) ۽ جنهن الله جي هنن مٿان حڪمراني آهي، ان جي خلاف ورزي کان ڊڄن ٿا ۽ اهو ئي ڪن ٿا، جنهن مطابق ڪين "فطرة الله" يا "سنة الله" جو قانون حڪم ڪري ٿو. هت اشياءِ عالم جي سجدي مان مراد اطاعت قانون فطرت آهي. پر اسان جهن کي قانونِ خداوندي جو پابند هجڻ لازم آهي، اهوئي اڪثر احڪام الاهي جو انڪاري ٿئي ٿو، جنهن جا نتيجا تباهہ ڪن آهن. (الانبياء: 21/21-19، العنڪبوت: 29/67-60، الزخرف: 43/84) هن ڪائنات جي نظام تي غور ڪيو تہ خارجي ڪائنات ۾ تہ هر جاءِ تي هڪ خدا جو اقتدار ۽ اختيار نظر ايندو. سماوي نظام هجي يا ارضي انتظام هجي، ان ۾ يڪسوئي ۽ هڪ ئي قانون جي حڪمراني ڪم ڪري رهي آهي. سج، چنڊ ۽ زمين جي گردش هجي، رات ڏينهن جو هڪ ٻئي پٺيان هڪ انداز ۾ اچڻ هجي، سردي گرمي جا اسباب ۽ ڪارڻ هجن، نباتات جو وڌڻ ويجھڻ هجي، برسات ۽ بادلن جو هوا جي زور تي هلڻ، پکين جو اُپ ۾ پرن سان اڏامڻ، پر بند ڪري بيھڻ، سمنڊ ۾ ٻيڙين جو پاڻي

کي چيري سفر جاري رکڻ ۽ ٻيا کيترا اهجاڻ آهن، جيکي هڪ مضبوط ۽ مربوط نظام ۾ بنا خلل خرابي کار فرما آهن. اُن الله جو فرمان آهي ته اوهان پنهنجو حاجت روا، مشکل ڪشا، حامي ۽ هادي هڪ خدا کي سمجهي ان جي قوانين ۽ فرمان جي اطاعت ۽ تابعداري ڪيو ۽ ان جي خلاف ورزي کان پاڻ کي بچائي رکو ۽ خدا جي حڪمن کي ڇڏي، ٻين جي حڪمن، قانون، رواج، رسمن تي هلڻ ۽ انهن باطل بوتن کي خدائي درجو ڏيڻ کان بچو. جنهن جا پيانڪ نتيجا نڪرندا. بس هڪ الله جا ٻانها ٿي ان جي اطاعت ڪريو. جيڪڏهن آسمانن ۽ زمين ۾ ٻہ معبود هجن ها ته نظام قائم نہ رهي سگهي ها. "لَوْ كَانَ فِيْهِمَآ اٰلِهَةٌ اِلَّا اللّٰهُ لَفَسَدَتَا" (الانبياء: 22/21) جيڪڏهن هنن ٻنهي (زمين ۽ آسمان) ۾ هڪ الله کان سواءِ ڪو ٻيو الله هجي ها ته هي ٻئي تباهه ٿي وڃن ها. ان ڪري ان هڪ الله جي عبادت لازم آهي. "وَاصِبًا" معنيٰ لازم. "وَّ لَهُمْ عَذَابٌ وَّاصِبٌ" (الصَّافَّات: 9/37) انهن لاءِ عذاب لازم آهي. ان ڪري الله جي خالص بندگي ڪرڻ جو حڪم آهي. "فَاعْبُدِ اللّٰهَ مُخْلِصًا لَّهُ الدِّيْنَ○ اَلَا لِلّٰهِ الدِّيْنُ الْخَالِصُ" (الزمر: 32/39) اطاعت ۽ بندگي رڳو الله لاءِ خاص ڪندي، ان جي عبادت ڪريو. خبردار رڳو هڪ الله جي عبادت ڪريو.

وہ ایک سجدہ جسے تو گراں سمجھتا ہے
ہزار سجدوں سے دیتا ہے آدمی کو نجات

(اقبال رحمۃ اللہ علیہ)

جنهن الله جي قدرت ۽ حڪمت سان هن ڪائنات جو نظام روان دوان آهي، جنهن جي آسمانن تي حڪمراني هلي ٿي ۽ پورو شمسي نظام فلڪي عناصر سندس قانون جا تابعدار آهن، اهڙي طرح ارضي نظام جو وسيع ۽ بسيط ڪارونهوار ۽ انهيءَ هڪ قانون جي هيٺ هلي رهيو آهي، جنهن جو انداز قدر ۽ تقدير جو مقرر ڪرڻ وارو ۽ ڪاميابي سان جاري رکڻ وارو هڪ الله آهي. اشياءِ عالم جي هر نندي وڏي شيءِ تي سندس دين يعني احڪام جي اطاعت جي قدرت ڪارفرما آهي ۽ هميشہ ان جي دين جي اطاعت لازم ۽ ضروري آهي. ڇا اوهان ان بااختيار يڪتا واحد کي ڇڏي ٻين باطل، جعلي ۽ عارضي هستين کان خوف زده آهيو، جيڪي نہ ڪو نفعو ڏئي سگهن ٿا ۽ نہ وري ڪو نقصان رسائي سگهن ٿا. اهي سمورا بي بس، بي اختيار عاجز ۽ ڪمزور آهن.(الانبياء:

19-21/21، **العنكبوت:** 62/29، **الزخرف:** 84/43)

سيئي سبحان جي ڪر حوالي غم،
ٿي تحقيق تسليم ۽ لاهي غم وهم،
تہ قادر ساڻ ڪرم حاصل ڪري حاج تو

(شاهہ ﷺ: سريراڳ)

ڪڏهن توهان پنهنجي روزمره جي زندگيءَ تي غور ڪيو آهي تہ هي نعمتون جيڪي شب و روز حاصل آهن، هي مال متاع، عهدا اڪرام جيڪي مليل آهن، اهي سڀ ڪنهن جي طرفان عطا ٿيل آهن ۽ جڏهن انهن نعمتن جي ڪسجي وڃڻ يا مصيبت ۽ مشڪلات اچڻ وقت اوهان کان پنهنجا اهي سڀ نقلي معبود وسري وڃن ٿا ۽ پنهنجي حاجت روائي ۽ مشڪل ڪشائي يا انعام و اڪرام جي باقي رهڻ لاءِ اوهان هڪ الله ڏانهن رجوع ڪيو ٿا ۽ ان ڏانهن ڊوڙي اچو ٿا. (الانعام: 64/6-63، يونس: 22/10) ۽ سمجهو ٿا تہ ان کانسواءِ ڪوبہ معبود جي هٿ وس ناهي جو اوهان جي فرياد رسي ڪري. التجائن ۽ دعائن کي قبول ڪندي جڏهن توهان جا ڏڪ ڏور ٿي وڃن ٿا ۽ مصيبت ختم ٿي وڃي ٿي تہ هو ان وقت الله وحده جو شڪر ادا ڪرڻ بدران پنهنجن ديوين ديوتائن، بزرگن ۽ مذهبي اڳواڻن جا ٿورا مڃڻ شروع ڪن ٿا. انهن کي خوش ڪرڻ لاءِ نذر و نياز ڏين ٿا ۽ الله اڪيلي جو شڪر ڪرڻ کان در در جا پانڌيڙا ۽ غلام بڻجي وڃن ٿا. (القصص: 28/ 78) حالانڪ هنن پاڻ ڏٺو آهي تہ اهي بي بس ۽ ڪمزور بوتا سندن کا بہ مدد ڪري نٿا سگهن ۽ صرف الله ئي سندن حمايت ۽ مدد ڪري ٿو ۽ مشڪلاتن ۽ مصيبتن کان نجات ڏياري ٿو. اهو سڀ ڪجهہ معلوم هوندي بہ بين کي شريڪ ڪري، هو ڪفران نعمت جا مرتڪب ٿين ٿا ۽ احسان فراموشي واري گروه جا فرد ٿي وڃن ٿا. ڪين چئو تہ پلي ڪجهہ ڏينهن مزا ماڻي ونو. الله اوهان جي ناشڪريءَ جو وقت اچڻ تي حساب ونندو، في الحال ڪائو پيئو عيش و عشرت ڪريو. عنقريب اوهان کي اصل حقيقت جو پتو پئجي ويندو، جڏهن توهان جي اعمال نامن جا نتيجا اوهان جي آڏو پڌرا ٿي ايندا. سورة ابراهيم: 30/14 ۾ آهي: "قُلْ تَمَتَّعُوْا فَاِنَّ مَصِيْرَكُمْ اِلَى النَّارِ○" چند روزه زندگيءَ جو فائدو ونڻ ونو، پوءِ آخرڪار توهان جو ٺڪاڻو جهنم آهي.

وَ يَجْعَلُوْنَ لِمَا لَا يَعْلَمُوْنَ نَصِيْبًا مِّمَّا رَزَقْنٰهُمْ ؕ تَاللّٰهِ لَتُسْـَٔلُنَّ عَمَّا كُنْتُمْ
تَفْتَرُوْنَ ﴿٥٦﴾ وَ يَجْعَلُوْنَ لِلّٰهِ الْبَنٰتِ سُبْحٰنَهٗ ۙ وَ لَهُمْ مَّا يَشْتَهُوْنَ ﴿٥٧﴾ وَ اِذَا
بُشِّرَ اَحَدُهُمْ بِالْاُنْثٰى ظَلَّ وَجْهُهٗ مُسْوَدًّا وَّ هُوَ كَظِيْمٌ ﴿٥٨﴾ ۚ يَتَوَارٰى مِنَ
الْقَوْمِ مِنْ سُوْٓءِ مَا بُشِّرَ بِهٖ ؕ اَيُمْسِكُهٗ عَلٰى هُوْنٍ اَمْ يَدُسُّهٗ فِى التُّرَابِ ؕ
اَلَا سَآءَ مَا يَحْكُمُوْنَ ﴿٥٩﴾ لِلَّذِيْنَ لَا يُؤْمِنُوْنَ بِالْاٰخِرَةِ مَثَلُ السَّوْءِ ۚ وَ لِلّٰهِ
الْمَثَلُ الْاَعْلٰى ؕ وَ هُوَ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ﴿٦٠﴾ ع ١٣

هي ماڻهو جن جي حقيقت کان بي خبر آهن، انهن لاءِ اسان جي عطا ڪيل رزق مان حصو مخصوص ڪن ٿا. خدا جو قسم ته اوهان کان ضرور پڇاڻو ڪيو ويندو ته هي ڪوڙ ۽ بهتان اوهان ڇو گهڙيا هئا. (56) اهي الله لاءِ ڏيئرون (اولاد ڪري) تجويز ڪن ٿا، حالانڪ هو ان کان پاڪ آهي ۽ خود پنهنجي لاءِ هو جيڪي گهرن ٿا. (57) جڏهن هنن مان کنهن کي نياڻي (جي ولادت) جي خوشخبري ڏجي ٿي ته هن جو چهرو سياهه ٿي وڃي ٿو ۽ اندر ۾ ساهه گهٽبو رهي ٿو.(58) هو ماڻهن کان منهن لڪائيندو رهي ٿو ۽ لڪندو رهي ٿو، ان بري خبر جي ڪري جيڪا هن کي ڏني وئي آهي ۽ سوچي ٿو ته هن ذلت باوجود هن کي پاڻ وٽ روڪي رکي يا ان کي مٽيءَ ۾ دفن ڪري ڇڏي. ياد رکو هي فيصلو برو آهي، جيڪو هو ڪن ٿا.(59) جيڪي ماڻهو آخرت ۾ يقين نٿا رکن، اهي سمورين بري صفتن جا مستحق آهن. الله سمورين سڀين صفتن جي لائق آهي، اهو ئي سڀ تي غالب ۽ خالص حڪمت وارو آهي.(60)

هي گمراهه ماڻهو پنهنجن جعلي معبودن ديوي ديوتائن يا مذهبي ۽ قومي سردارن بابت جو ڪجهه چون ٿا، اهو بغير ڪنهن علمي سَنَدَ يا دستاويز جي ڪن ٿا. هنن

وٽ کو بہ اهڙو ثبوت موجود نہ آهي، جنهن جي بنا تي هو هنن بي بس بوتن کي خدا جو شريڪ بنائين ٿا. هو ان غلط فهميءَ ۾ مبتلا آهن تہ هي معبود خدا جا پيارا آهن ۽ الله پنهنجا ڪجهہ اختيار هنن جي حوالي ڪيا آهن، ان ڪري جيڪو رزق هنن کي الله طرفان عطا ٿئي ٿو ان مان ڪجهہ حصو هو هنن جعلي معبودن کي خوش ڪرڻ لاءِ انهن جي لاءِ نذر و نياز ڪري ڇڏين ٿا. هن فضول ڪم بابت ڪائنئن ضرور پڇيو ويندو تہ اوهان الله جي نعمتن ۽ نوازشن کي پنهنجا ڪوڙ گهڙي گهڙي طرح ڪفران نعمت ڪيو آهي. (التكاثر: 8/102) ۽ باطل کي پنهنجو ڪارساز سمجهي انهن جي نالي تي ڪجهہ مال خرچ ڪري سمجهو ٿا تہ هاڻي سمورو مال پاڪ ٿي ويو ۽ معبود بہ راضي ٿي ويا. توهان جيڪي الله جو حصو نذر نياز لاءِ رکو ٿا، ان ۾ تہ ڪمي ڪريو ٿا، پر جيڪو حصو پنهنجن ڪوڙن معبودن (بتن) لاءِ رکو ٿا، اهو تہ پورو پورو ڏيو ٿا. (الانعام: 136/6) عرب جي مشرڪن جي معبود هجڻ ۾ ديوين جو انگ گهڻو هيو. ان ڪري هو الله جي اولاد بہ ڏيئرن جي ناتي سان ڪندا هئا. ديوين جي مقابلي ۾ ديو يا ديوتا گهٽ هئا. هنن جو خيال هيو تہ هي الله جو نياڻيون آهن. الله کي پياريون آهن، هنن کي خوش رکڻ نذر و نياز ڏيڻ سان سندن سڀ ڏک دور ٿي ويندا ۽ پنهنجي نياڻي جو اولاد پسند نٿا ڪن. فرشتن کي خدا جون ڏيئرون سڏين ٿا. خبر ناهي تہ جنهن کي پاڻ لاءِ باعث شرم سمجهن ٿا، ان جنس کي الله جون پياريون نياڻيون سمجهڻ ۽ انهن جو خوشنودي لاءِ ڪفران شڪر ڪري هنن جا شڪرگذار رهن ٿا. سورة الانعام: 136/6 ۾ صاف صاف بيان ٿيل آهي تہ الله، ديوين ۽ ديوتائن ۾ ڪهڙيءَ طرح پنهنجا نذر ونياز، مال متاع تقسيم ڪن ٿا ۽ وري قيرقار ڪن ٿا. هو فرشتن کي الله جون نياڻيون سڏين ٿا، پر پاڻ لاءِ نياڻيون پسند نٿا ڪن، رڳو پٽ پسند ڪن ٿا ۽ هي ڪهڙي نہ يونڊي ۽ قابل نفرت تقسيم آهي. "اَلَكُمُ الذَّكَرُ وَلَهُ الْاُنْثٰى ○ تِلْكَ اِذًا قِسْمَةٌ ضِيْزٰى ○ " (النجم: 21-22/35) جڏهن هنن کي نياڻيءَ جو اولاد ٿئي ٿو تہ هنن جا چهرا ڪارا ٿي وڃن ٿا. مايوسي ۽ صدمي کان سندن شڪل تي ئي ڏک جا آثار نمايان ٿي وڃن ٿا ۽ زهر جا ڏڪ پيريندا رهن ٿا. هو نياڻيءَ جي پيدا ٿيڻ کان پاڻ لاءِ ذلت ۽ بدنامي جو ڪارڻ سمجهن ٿا، جيڪڏهن ڪو ماڻهو هنن کي اولاد جي مبارڪ پيش ڪري ٿو تہ هو ان خبر بڏڻ کان پاڻ کي ماڻهن کان لڪائيندا رهن ٿا ۽ هر وقت انهيءَ سوچ ۾ غرق رهن ٿا تہ ڇا هو هن ذلت ۽ خواري کي قبول ڪري پاڻ وٽ رکن يا روز روز جي خواري کان

هنن کي زنده درگور ڪري پنهنجي جان ڇڏائين. هي ماڻهو پاڻ لاءِ يا خدا جي عطا ڪيل نعمت لاءِ جيڪو فيصلو ڪري رهيا آهن، اهو ڪيترو نہ خراب آهي. حالانڪہ حديث شريف آهي: "عَنْ عَائِشَةَ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا قَالَتْ قَالَ النَّبِيُّ ﷺ مَنِ ابْتُلِيَ مِنَ الْبَنَاتِ بِشَيْءٍ فَأَحْسَنَ إِلَيْهِنَّ كُنَّ لَهُ سِتْرًا مِّنَ النَّارِ" جنهن ماڻهوءَ کي ہ نياڻيون پيدا ٿيون ۽ هن انهن سان احسان وارو برتاءُ ڪيو تہ اهي هن ماڻهوءَ لاءِ جهنم جي عذاب کان آڙ بڻجي ويندیون. "قَالَ رَسُوْلُ اللهِ ﷺ مَنْ عَالَ جَارِيَتَيْنِ حَتّٰى تَبْلُغَا جَآءَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ اَنَا وَهُوَ وَ ضَمَّ اَصَابِعَهٗ" جنهن ہن نياڻين جي پرورش ڪئي، ايستائين جو هو بالغ ٿي ويون، اهو شخص قيامت جي ڏينهن مون سان گڏ هوندو، پاڻ ڪريم ﷺ پنهنجي آڱريون ملائي اشارو ڪيو.

نياڻي تہ رحمت آهي، پر ان وقت عرب ان کي زحمت ۽ ذلت سمجهندا هئا. دنياداري ۽ شرڪ و ڪفر جي عقيدي هنن جي اکين مان بصيرت ڪڍي ڇڏي هئي. اصل حقيقت اها آهي تہ برين صفتن وارا ماڻهو اهي ئي ٿي سگهن ٿا، جيڪي آخرت جو يقين نٿا رکن ۽ هن عارضي دنيا جي پرڪشش زيب و زينت جا خواهان ٿي هر جائز ناجائز، حق ناحق، ڪوڙ ۽ سچ کي برابر سمجهي، بنا هبڪ ڪندا رهن ٿا جو تہ آخرت جو يقين نہ هجڻ معنيٰ هنن کان سندن برن عملن جو حساب ورتو نہ ويندو، اها گندي ۽ غليظ سوچ ۽ روش اهڙن بدڪردار ۽ بدصفات ماڻهن جي آهي. "وَ لِلّٰهِ الْاَسْمَآءُ الْحُسْنٰى" الله تہ تمام خوبين، صفتن ۽ ساراهہ لائق آهي، جيڪو هميشہ انسان لاءِ خير خواهان آهي ۽ هو هر هڪ تي پوري قدرت ۽ غلبو رکي ٿو ۽ وڏي حڪمت ۽ دانائي جو مالڪ آهي. (الروم: 30/ 27)

کارسازِ ما بفکرِ کار ما
فکرِ ما در کار ما آزار ما

ڪارساز يعني الله تعالیٰ تہ هميشہ اسان جي معاملن ۽ ڪمن لاءِ فڪرمند آهي، پر اسان جي ڪمن بابت آزار کان سواءِ ڪجهہ نہ آهي.

جيڏو تنهنجو ناءُ، باجهہ بہ اوڏائي مڱان
رئ ٽنيين رئ ٽوٽيين، تون چپر، تون چانءُ
ڪڇاڙو ڪهانءُ، توکي معلوم مڙيوئي.

(شاهہ رحمۃ اللہ علیہ)

وَ لَوْ يُؤَاخِذُ اللّٰهُ النَّاسَ بِظُلْمِهِمْ مَّا تَرَكَ عَلَيْهَا مِنْ دَآبَّةٍ وَّ لٰكِنْ
يُّؤَخِّرُهُمْ اِلٰٓى اَجَلٍ مُّسَمًّى ۚ فَاِذَا جَآءَ اَجَلُهُمْ لَا يَسْتَاْخِرُوْنَ سَاعَةً وَّ لَا
يَسْتَقْدِمُوْنَ ﴿٦١﴾ وَ يَجْعَلُوْنَ لِلّٰهِ مَا يَكْرَهُوْنَ وَ تَصِفُ اَلْسِنَتُهُمُ الْكَذِبَ اَنَّ
لَهُمُ الْحُسْنٰى ؕ لَا جَرَمَ اَنَّ لَهُمُ النَّارَ وَ اَنَّهُمْ مُّفْرَطُوْنَ ﴿٦٢﴾ تَاللّٰهِ
لَقَدْ اَرْسَلْنَآ اِلٰٓى اُمَمٍ مِّنْ قَبْلِكَ فَزَيَّنَ لَهُمُ الشَّيْطٰنُ اَعْمَالَهُمْ فَهُوَ
وَلِيُّهُمُ الْيَوْمَ وَ لَهُمْ عَذَابٌ اَلِيْمٌ ﴿٦٣﴾ وَ مَآ اَنْزَلْنَا عَلَيْكَ الْكِتٰبَ اِلَّا
لِتُبَيِّنَ لَهُمُ الَّذِى اخْتَلَفُوْا فِيْهِ ۙ وَ هُدًى وَّ رَحْمَةً لِّقَوْمٍ يُّؤْمِنُوْنَ ﴿٦٤﴾
وَاللّٰهُ اَنْزَلَ مِنَ السَّمَآءِ مَآءً فَاَحْيَا بِهِ الْاَرْضَ بَعْدَ مَوْتِهَا ؕ اِنَّ فِىْ ذٰلِكَ
لَاٰيَةً لِّقَوْمٍ يَّسْمَعُوْنَ ﴿٦٥﴾ ع ١٤

جيڪڏهن الله ماڻهن جي ظلم تي ڪين پڪڙي ها تہ زمين تي ڪنهن بہ جاندار
ڪي نہ ڇڏي ها، پر هو هڪ مقرر وقت تائين انهن کي مهلت ڏئي ٿو. پوءِ جڏهن
هنن جو مقرر وقت اچي ٿو تہ پوءِ اهي هڪ گهڙي نہ پنتي هٿي سگهندا ۽ نہ
وري اڳتي وڌي سگهندا.(61) هي الله لاءِ اهي شيون تجويز ڪن ٿا، جيڪي هو
پاڻ لاءِ پسند نٿا ڪن ۽ هنن جون زبانون ڪوڙ بڪن ٿيون تہ هنن لاءِ ڀلائي ئي
ڀلائي آهي. هنن لاءِ دوزخ مخصوص آهي ۽ هي سڀ کان اول داخل ڪيا
ويندا.(62) اي محمد ڪريم خاتم النبيين صلي الله تعالى عليه وسلم ! توکان اڳ ڪيترين ئي امتن ۾ رسول
موڪلي چڪا آهيون تہ شيطان سندن برا اعمال بہ هنن کي خوبصورت ڪري
ڏيکاريا، اڄ اهو ساڻيو شيطان هنن جو ساٿي بڻيل آهي. اهي دردناڪ عذاب

جا مستحق آهن.(63) اسان هي ڪتاب توتي ان ڪري نازل ڪيو آهي تہ تون ان اختلاف جي اصل حقيقت کولي بيان ڪرين، جنهن ۾ هو ورتل آهن، هي ڪتاب انهن لاءِ هدايت ۽ رحمت آهي، جيڪي ان تي ايمان آڻين ٿا.(64) حقيقت اها آهي تہ برسات ۾ الله آسمان طرفان مينهن وسائي ٿو، جنهن سان هڪ مرده زمين (بنجر غيرآباد) کي زندگي (شادابي) بخشي ٿو، يقيناً ان ۾ غور سان ٻڌندڙن لاءِ نشاني آهي.(65)

هي خدا جو حلم آهي ۽ ان جي حڪمت ۽ مصلحت جي تقاضا آهي تہ هو انسانن جون نافرمانيون ۽ ناانصافيون ڏسي بہ ٿو پوءِ بہ پنهنجون نعمتون روڪي نٿو ۽ نہ وري يڪدم مؤاخذو ڪري ٿو. يعني تخريبي ۽ تعميري نتيجا في الفور نمودار نہ ٿيندا آهن.

منهنجي مداين جي ڪَل پريان پئي
ڪڏهن ڪوسا نہ ٿيا ڏوراپو ڏئي
سڄڻ سيوئي ڏيکيون ڏول ڏلائيون

* * *

ڪانڊيين ڪيترا مون ور وڏي ڪاند
پاڻان ڏکي پاند جي ڏسي ڏوهہ اکين سان

* * *

الله جيئن نالو تيئن مون وڏو آسرو
خالق تنهنجي ڪاند جو پرو پاند نہ ڪو
نالو رب سندوءِ رهيو آهيم روح ۾

(شاهہ رحمۃ اللہ علیہ)

هي ان حڪيم، حليم الله جو حلم آهي، جو گناهہ جو جلد مؤاخذو نٿو ڪري، پر مهلت ڏئي ٿو، پر عذاب اچي ٿو تہ پوءِ دنيا ۾ سڪن سان گڏ ساوا بہ سڙيو وڃن. قيامت ۾ هرهڪ جو انفرادي عمل جزا سزا لاءِ هوندو. "اِذَا اَنْزَلَ اللّٰهُ بِقَوْمٍ عَذَابًا اَصَابَ الْعَذَابُ

مَنۡ كَانَ فِيۡهِمۡ ثُمَّ بُعِثُوۡا عَلٰٓى اَعۡمَالِهِمۡ" (صحيحين)

وقت کرتا ہے پرورش برسوں
حادثہ ایک دم نہیں ہوتا

اهي حادثا يا واقعا آهستي آهستي نمودار ٿيندا آهن. جيڪڏهن انساني زندگي جي ارتقائي مراحل ۾ خدا جون قانون مڪافات ماڻهن تي فورًا گرفت ڪري ها تہ پوءِ هن زمين تي ڪو هلندو ڦرندو انسان بہ نظر نہ اچي ها. (الفاطر: 35/45) پر هو ائين نٿو ڪري، ڏيڪ ڏيکي ٿو. مهلت ڏئي ٿو.

ڪانڌ ٻين ڪيترا، مون ور وڏي ڪاند
پاڻ ڏيکي پاند، جي ڏسي ڏوهہ اکين سين

(شاهہ رحمۃ اللہ علیہ - سر ڏهر)

پر جيڪڏهن هر ظلم جو بنا دير حساب وني تہ پوءِ معصيت شرڪ، ڪفر، ظلم زيادتي ايتري تہ عام آهي، جو پوءِ روءِ زمين تي هڪ انسان بہ نظر نہ اچي. (فاطر: 45/35) "اِنَّ الشِّرۡكَ لَظُلۡمٌ عَظِيۡمٌ" (لقمان: 13/31) شرڪ نهايت وڏو ظلم آهي. قرآن مجيد ڪفر ۽ شرڪ کي هر هنڌ ظلم چيو آهي. پر هو اتمام حجت ۽ اسباب هدايت جا سمورا موقعا عطا ڪري مهلت ڏئي ٿو ۽ پوءِ مڪافات عمل جو فيصلو ڪري ٿو ۽ جڏهن اهڙو فيصلو ٿئي ٿو تہ پوءِ اهو نہ هڪ ساعت دير ڪري ٿو ۽ نہ هڪ ساعت سوير اچي ٿو. "ظلم" لفظ جي معنيٰ آهي حق تلفي ڪرڻ، ڇو تہ شرڪ ڪفر سڀ کان وڏي حق تلفي آهي، جنهن جي ڪرڻ سان ناشڪر ۽ نافرمان انسان پنهنجي رب جي نعمتن، نوازشن ۽ حقن جي حق تلفي ڪري ٿو ۽ پنهنجي جان تي بہ وڏو ظلم ڪندو آهي.

"رَبَّنَا ظَلَمۡنَاۤ اَنۡفُسَنَا ۖ وَاِنۡ لَّمۡ تَغۡفِرۡ لَنَا وَتَرۡحَمۡنَا لَنَكُوۡنَنَّ مِنَ الۡخٰسِرِيۡنَ" (البقره: 23/2)
"اِنَّ فِىۡ ذٰلِكَ لَاٰيَةً لِّقَوۡمٍ يَّسۡمَعُوۡنَ" (يونس: 65/10) هنن جي خرابي انهيءَ حد تائين وڌي وئي آهي تہ جنهن شيءِ کي هو پاڻ لاءِ پسند نٿا ڪن ۽ خراب سمجهن ٿا، اها الله لاءِ تجويز ڪن ٿا ۽ اهڙو ڪوڙ هٽن ٿا تہ جڏهن اسان هت خوشحال آهيون ۽ هر پلائي اسان جو استقبال ڪري رهي آهي، اڃتي بہ اسان انهيءَ عزت ۽ اڪرام سان هوندا سون. يقينًا هنن

جو انجام اهڙو سنو هوندو، جو هو دوزخ جي باهه ۾ ٻين دوزخين جي قيادت ڪري رهيا هوندا. "فَرَط" جي اها معنيٰ هن حديث مان ثابت آهي، پاڻ ڪريمن خَاتَمُ النَّبِيِّينَ ﷺ فرمايو "اَنَا فَرَطُكُمْ عَلَى الْحَوْضِ" (صحيح بخاري) مان حوض ڪوثر تي اوهان جو پيش رو هوندس. هي هنن جي خوشفهمي آهي ته هو هت خوشحال آهن ته اڳتي به خوشحال هوندا، حقيقت حال اها آهي ته هو پاڻ کي ڏوکو ڏئي رهيا آهن. هن دنيا ۾ به سندن ساريون ڪوششون ناڪام نتيجا ڏيندیون ۽ اڳتي به جهنم جي باهه ۾ سندن تباهي جو سازو سامان بڪثرت موجود هوندو. جتي هميشه لاءِ جلندا سڙندا رهندا ۽ ٻين دوزخين جا اڳواڻ ٿي هنن کي پاڻ سان دوزخ ۾ ونی ويندا ۽ جنتي ماڻهو "اَلسَّابِقُوْنَ السَّابِقُوْنَ" (الواقعه: 10/56) آهن. جهڙي طرح الله طرفان انسانن جي هدايت جو سلسلو پوين نبين سڳورن جي ڏينهن ڪان ساڳيو هلندو اچي، اهڙي طرح انساني معاشري جا گناهه به لڳ ڀڳ ساڳيا آهن، جنهن جنهن دور ۾ به انسان امت ڏانهن رسول موڪليا آهن ۽ هنن هدايت جو سلسلو شروع ڪيو ته بدڪردار شيطانن هنن کي سندن بداعمال نهايت خوشنما ۽ مفيد ڪري پيش ڪيا، جنهن جي ڪري هو رسولن جي دعوت ۽ محنت کي قبول ڪرڻ بدران شيطان جي عيش و عشرت وارين ڳالهين کي اختيار ڪيو. اڄ به اهوئي شيطان هنن جو ساٿي ۽ دوست آهي، جنهن جي ڪري هنن لاءِ نهايت دردناڪ عذاب آهي. (البقره: 257/2، النحل: 100/16-99)

اسان هاڻي هي ڪتاب (قرآن) توتي انهي مقصد لاءِ موڪليو آهي ته هنن ۾ سندن عقيدي، اعتقاد، اعمال ۽ اقوال ۾ جيڪي اختلاف پيدا ٿي ويا آهن، جنهن ڪري يهودي پاڻ کي حق تي سمجهن ٿا ته عيسائي پاڻ کي درست سمجهن ٿا، مشرڪ ۽ مجوسي به پنهنجن ريتن رسمن تي مضبوطيءَ سان قائم آهن ۽ سندن عقيدي جي اختلاف هنن جي قومي ۽ سماجي اتحاد کي به پاره پاره ڪري ڇڏيو آهي. هي قرآن جيڪو توريت، انجيل زبور ۽ ٻين صحيفن جو نگهبان به آهي ۽ پنهنجي اصلي صورت ۾ موجود آهي. اي پغمبر حق خَاتَمُ النَّبِيِّينَ ﷺ! تون هن فرقان جي وسيلي سندن اختلاف جو نبيرو ڪرين ۽ خاتمو آڻين. هي ڪتاب سراپا رحمت ۽ هدايت آهي، اهڙن ماڻهن لاءِ جيڪي هن ڏانهن رجع ڪن ۽ ايمان آڻين. (البقره: 23/2، النساء: 82/4، بني اسرائيل: 41/17-9، طٰهٰ: 113/20، الروم: 58/30، الزمر: 27/39، يونس: 58/10-57) هنن کي بهترين موقعو ملي

ويو آهي ته هو پنهنجن غلط عقيدن، طريقن ۽ مذهبي مسلکن کي ڇڏي، الله جي طرفان نازل ڪيل سڌي رستي تي هلي پنهنجا سمورا ويڇا ختم ڪن، جيڪو انسان ۾ نيڪ نيتي ۽ صدق دل سان هن ڪتاب تي عمل پيرا ٿيندو ته اهو ئي رحمت ۽ برڪتن سان مالا مال ٿيندو. خارجي دنيا ۾ خدا جي ڪائناتي نظام تي غور ڪريو ته سالن کان زمين خشڪ غيرآباد ۽ بنجر بڻجي ويندي آهي، پر جڏهن الله آسمان طرفان مينهن وسائيندو آهي ته ان مرده زمين ۾ جتي رڇ پئي ريحون ڪندي آهي، هر طرف هريالي ۽ خوشحالي نظر ايندي آهي، يعني هڪ غير آباد يا مرده زمين ۾ زندگيءَ جا آثار نمايان ٿي ويندا آهن ته ڏڻ ڏنار جنگلي جيوت، پکي پکڙ سپ خوشيون ملهائيندا آهن.

بر ونا ٿر ونا ونيون ترايون
پرهه جو پٽن تي ڪن ولوڙا وايون
مکڙ پرين هٿڙا سنگهاريون سايون
ساري ڏهن سامهون ٻولايون راتيون
ٻانهيون ۽ ٻايون پکن منهن پانهنجي

(شاهه رحمه الله: سر سارنگ)

اهڙي طرح هي "الڪتاب" قرآن ڪريم هڪ مرده قوم کي نئين زندگيءَ بخشي ٿو. ماڻهن ۾ ايمان جي توانائي دلين ۾ موجزن ٿئي ٿي، ظلم و استبداد جو راڄ ختم ٿئي ٿو. امن ۽ خوشحالي جا ڏينهن اچن ٿا، عدل ۽ انصاف طاقتور ۽ ڪمزور کي هڪ نگاهه سان ڏسي ٿو. ماڻهن جا ڏک ڏولاوا ڏور ٿي وڃن ٿا، گويا هن دنيا جي زندگي توڙي آخرت جي حيات جنت جو منظر پيش ڪري ٿي. هن مان فائدو اهي حاصل ڪن ٿا جيڪي دل جي ڪنن سان ٻڌن ٿا. "وَ فِيۡۤ اَنۡفُسِكُمۡ ؕ اَفَلَا تُبۡصِرُوۡنَ" (الذاريات: 20/51) توهان پنهنجي اندر (جهاتي پايو) ته ڇا ڇا آهي. ڇا اوهان ڏسو نٿا. توهان جي وچ ۾ رباني توانائي (Devine Energy) آهي، جيڪا توهان کي هڪ نئين بصارت ۽ سماعت عطا ڪري ٿي، جنهن سان حقيقت جي ڄاڻ ٿئي ٿي، ورنه اها اکين واري بصارت ۽ ڪنن واري سماعت ته جانورن کي به آهي. "ثُمَّ اَنۡشَاۡنٰهُ خَلۡقًا اٰخَرَ" (المؤمنون: 14/23) اوهان جي تخليق الڳ آهي. "فَنَفَخۡنَا فِيۡهِ مِنۡ رُّوۡحِنَا" (التحريم: 12/66) واري نعمت سان نوازيل آهيو.

وَ اِنَّ لَكُمْ فِي الْاَنْعَامِ لَعِبْرَةً ؕ نُسْقِيْكُمْ مِّمَّا فِيْ بُطُوْنِهٖ مِنْۢ بَيْنِ فَرْثٍ وَّ
دَمٍ لَّبَنًا خَالِصًا سَآئِغًا لِّلشّٰرِبِيْنَ ﴿٦٦﴾ وَ مِنْ ثَمَرٰتِ النَّخِيْلِ وَ الْاَعْنَابِ
تَتَّخِذُوْنَ مِنْهُ سَكَرًا وَّ رِزْقًا حَسَنًا ؕ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيَةً لِّقَوْمٍ
يَّعْقِلُوْنَ ﴿٦٧﴾ وَ اَوْحٰى رَبُّكَ اِلَى النَّحْلِ اَنِ اتَّخِذِيْ مِنَ الْجِبَالِ بُيُوْتًا وَّ مِنَ
الشَّجَرِ وَ مِمَّا يَعْرِشُوْنَ ﴿٦٨﴾ ثُمَّ كُلِيْ مِنْ كُلِّ الثَّمَرٰتِ فَاسْلُكِيْ سُبُلَ رَبِّكِ
ذُلُلًا ؕ يَخْرُجُ مِنْۢ بُطُوْنِهَا شَرَابٌ مُّخْتَلِفٌ اَلْوَانُهٗ فِيْهِ شِفَآءٌ لِّلنَّاسِ ؕ
اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيَةً لِّقَوْمٍ يَّتَفَكَّرُوْنَ ﴿٦٩﴾ وَ اللّٰهُ خَلَقَكُمْ ثُمَّ يَتَوَفّٰىكُمْ ۟
وَ مِنْكُمْ مَّنْ يُّرَدُّ اِلٰٓى اَرْذَلِ الْعُمُرِ لِكَيْ لَا يَعْلَمَ بَعْدَ عِلْمٍ شَيْـًٔا ؕ اِنَّ اللّٰهَ
عَلِيْمٌ قَدِيْرٌ ﴿٧٠﴾ ع ١٥

۽ اوهان جي لاءِ چوپاين جانورن ۾ بہ يقينًا وڏو سبق موجود آهي، جنهن جي پيٽ اندر فضلو (چيڙ، پيشاب) ۽ رت جي درميان اسان هڪ شيءِ (کير) اوهان کي پياريون ٿا. خالص کير جو پيئندڙ لاءِ نهايت خوشگوار آهي(66) اهڙي طرح کجور جي وڻن ۽ انگور جي ولهين مان اوهان (سڪر) نشي واريون شيون بہ ٺاهيو ٿا ۽ پاڪ رزق بہ، يقينًا عقلمند انسانن لاءِ ان ۾ بہ (حق آگهي جون) نشانيون موجود آهن.(67) (ڏسو تہ) اوهان جي رب شهد جي مکي کي وحي ڪئي آهي تہ هو پهاڙن، وڻن (ٻيلن) ۽ جڳهن ۽ ولين جي اڏاوتن تي پنهنجا (گهر) مانارا ٺاهي (68) پوءِ هر قسم جي گلن جو رس چوسي ۽ پنهنجي رب طرفان هموار ۽ آسان ڪيل راهن تي هلندي رهي، ان مکي جي پيٽ اندر

رنگ برنگ جو شربت (شهد) نڪري ٿو، جنهن ۾ ماڻهن لاءِ شفا آهي، يقينًا غور فڪر ڪرڻ وارن لاءِ هن ۾ (حق شناسي جي) نشاني موجود آهي.(69) ۽ اهو به منظر اکين آڏو آهي ته الله اوهان کي پيدا ڪيو ۽ پوءِ موت ڏئي ٿو. ڪو وري اوهان مان عمر جي بدترين حصي ۾ پهچايو وڃي ٿو ته سڀ ڪجهه ڄاڻڻ بعد وري ڪجهه نه ڄاڻي سگهي. حق ڳالهه اها آهي ته الله تي پنهنجي علم ۾ ڪامل ۽ قدرت ۾ يگانو آهي. هي سڀ ڪجهه قانوني طبع مطابق ٿئي ٿو.(70)

سورة النحل ۾ شروعات کان وٺي آيت 83 تائين خدا جي انهن نعمتن جو ذڪر آهي، جيڪي الله عزو جل طرفان بنا مزد جي ربوبيت ۽ رحمت ذريعي حاصل ٿيندیون رهن ٿيون. اهي سموريون نعمتون ياد دهاني آهن ته ان خدا جا شڪرگذار ۽ فرمانبردار بندا ٿيو، جنهن اسان جي طبعي زندگي جي نشونما ۽ بقا لاءِ بي شمار نعمتون خلقي، آساني ڪئي آهي. بالڪل اهڙي طرح روحاني زندگي کي تروتازو رکڻ وڌڻ ويجهڻ ۽ ترقي جون منزلون طئي ڪرڻ لاءِ قرآن شريف جو نزول رحمت ۽ هدايت ۽ شفا بنايو آهي. (النحل: 16 / 64 -44) هن آيت سڳوري ۾ به انسانن لاءِ عبرت جو هڪ سبق موجود آهي ۽ الله جي قدرت حڪمت، ربوبيت ۽ رحمت جو بهترين مثال آهي. "وَ اِنَّ لَكُمۡ فِى الۡاَنۡعَامِ لَعِبۡرَةً" (المؤمنون: 21/23) توهان لاءِ چوپاين ۾ به يقينًا وڏو سبق آهي. لفظ "عِبۡرَة" جي معنىٰ آهي "هڪ حقيقت کان پي حقيقت تائين پهچڻ". جيڪڏهن انسان غور ڪري ته اها عبرت ئي سندس سموري علم و دانش جي ڪليد آهي. کير ڏيڻ وارن جانورن تي ئي غور ڪريو ته ساڳئي پيٽ اندر رت، پون۽، پيشاب ۽ فضلو (چيٽا) وغيره موجود آهن، پر انهن جي درميان خالص کير به ڏئي ٿو، جيڪو انساني غذا جو نهايت اهم جزو آهي ۽ پيئندڙن لاءِ نهايت خوشگوار ۽ وٽندڙ آهي. انهيءَ خدا اوهان لاءِ کجيءَ جي درخت مان کجور ۽ انگور جي بيل (ولهه) مان انگور پيدا ڪيا آهن، جنهن مان اوهان رس حاصل ڪيو ٿا، انهن ميون جي اها رس جوس جي صورت ۾ اوهان جي لاءِ نهايت خوشگوار غذا آهي، جنهن سان اوهان جون جسماني ضرورتون به پوريون ٿيون ٿين ۽ تندرستي ۽ توانائي به

حاصل ٿئي ٿي. انهن جي ان خوشگوار رس مان اوهان سڪر (نشيدار) شراب ۽ ناهيو ٿا، جيڪو رزق حسنه نه آهي، پر سڪر بعد "رِزْقًا حَسَنًا" چئي، نشي واري سڪر ۽ شراب کان الڳ ڪيو آهي. اهو شرب بعد ۾ ٽن حڪمن ذريعي بتدريج حرام ٿيو. (البقره: 2/ 219، النساء: 43/4، المائده: 90/5) واضح هجي ته هيءَ سورت مڪي آهي، هن سورة نازل ٿيڻ تائين اڃان شراب جي ممانعت جو صاف حڪم نه آيو هو، اهو حڪم مدينه منوره ۾ آيو، پر هتي ڪير ۽ گوبر جو ذڪر ڪري رزق حسنه ۽ سڪر جو بيان ڪري خود شراب کي سنو نه سمجهڻ آهي. هن ساري سلسلي ۾ به هدايت جون نشانيون موجود آهن، اهڙي قوم لاءِ جيڪا عقل کان ڪم وني ٿي.

ڪائنات ۾ اشياءِ عالم جي رنگ برنگي دل آويز مناظر ۽ پرڪشش حسن ۽ خوبصورتي جا جلوا هر طرف ان ڪري نظر اچي رهيا آهن ته عقل ۽ شعور وارا انسان انهن تي غور فڪر ڪري، اصل حقيقت تائين پهچي سگهن ۽ خدا جي بي انتها رحمت ۽ حڪمت جا شاهڪار سندس ربوبيت، رافت سان گڏ نهايت ڪامل مڪمل وحدت ۽ يڪتائي جي روشني ۾ پنهنجن ذميدارين ۽ فرائض جي ادائگي جو احساس پيدا ڪن. الله جي انهن عجيب و غريب ۽ عقل کي حيران ڪندڙ شهد جي مکي تي وحي جو اڇڻ آهي ته جبلن ۾ جهگلن ۾ ڪيت ۽ آبادين ۾ پنهنجو گهر جوڙي رهي، "وحي" جي معنيٰ آهي لطيف اشارو يا محض اطلاع، جنهن کي وحي الهام ۽ القاءَ وغيره جي اصطلاح ۾ استعمال ڪيو ويو آهي. آسمان ۾ به وحي الاهي سان سارو نظام هلندو رهي ٿو. "وَاَوْحٰى فِيْ كُلِّ سَمَآءٍ اَمْرَهَا" (حٰمٓ السجده: 12/41) زمين تي به وحي ٿيندي آهي. "يَوْمَئِذٍ تُحَدِّثُ اَخْبَارَهَا" (الزلزال: 5/99-4) فرشتن تي به وحي ٿئي ٿي. "اِذْ يُوْحِيْ رَبُّكَ اِلَى الْمَلٰٓئِكَةِ اَنِّيْ مَعَكُمْ" (الانفال: 12/8) خدا جي انهيءَ مخفي اشاري جو اظهار مڃيءَ جو پاڻيءَ ۾ ترڻ، پکيءَ جي هوا ۾ اڏامڻ، هر نوزائيده ٻچي (انساني يا جانور جو) کي ماءُ جي ٿڌن مان ڪير پيئڻ، اهڙيءَ طرح "وَاَوْحَيْنَآ اِلٰٓى اُمِّ مُوْسٰٓى" (القصص: 7/28) ايتريقدر جو دنيا ۾ نيون نيون ايجادات پيدا ڪندڙ ۽ غور و فڪر تجسس ۽ تفڪر جي نتيجي ۾ ڪنهن خاص راءِ جو مستحڪم ٿيڻ به وحي يا مخفي اشاري کان خالي ناهي. شهد جي مکيءَ کي قدرت طرفان مخفي اشارو ڪجهي رهنمائي ڪارفرما ٿئي ٿي، شهد جي مکين جو هڪ وڏو

جهنڊ (ميڙ) گڏ اڏامي، گڏ رهي، گڏ پنهنجو گهر يا مانارو ناهي ٿو. هو مختلف ميوون، گلن ۽ سرسبز باغن، کيتن مان رس چوسي ماناري ۾ آڻي شهد گڏ ڪرڻ شروع ڪن ٿيون. اهو عمل سندن سيني ۾ اهڙي طرح ذهن نشين ڪرايو ويو آهي جو ان کي عملي جامو پهرائڻ لاءِ کين کا رڪاوٽ محسوس نٿي ٿئي ۽ سڀ راهون ۽ رستا هنن لاءِ هموار ۽ آسان ڪيا ويا آهن، جنهن لاءِ کين ڪنهن غور فڪر ڪرڻ جي بہ ضرورت ناهي. پر هڪ خاص انداز ۾ شهد ناهڻ جا بي شمار ڪارخانا عرصي دراز کان مصروف عمل آهن، جنهن مان نهايت مفيد ۽ لذيذ غذا شفا ۽ رحمت جو ذريعو آهي. هي سڄو نظام ايترو تہ حيرت انگيز آهي جو انسان ان جي تحقيق ۾ ئي سالن جا سال سرگردان رهي ٿو.

حضور خَاتَمُ النَّبِيِّين صلی اللہ علیہ وسلم جي دعوتِ دين ۽ تبليغ جا بہ اهم جز هئا. الله جي وحدت کي قبول ڪرڻ ۾ شرڪ ۽ بت پرستي جي فرسودو نظام کان نجات حاصل ڪرڻ، ٻيو آخرت ۾ الله جي حضور ۾ حاضر ٿي، جزا سزا جا نتيجا حاصل ڪرڻ، دعوتِ محمد خَاتَمُ النَّبِيِّين صلی اللہ علیہ وسلم انهن بنهي موضوعن ڏانهن متوجہ ڪرڻ لاءِ هت ڪائنات ۾ رونما ٿيندڙ اهڙن آثار ۽ حقيقتن کي الله طرفان پيش ڪيو آهي. برسات زمين جي هڪ مرده خطي کي زندگي بخشي ٿي تہ چا خدا جي نعمتن ۽ نوازشن واري وحي الاهيءَ جي برسات مئل ۽ گمراهه ماڻهن کي زندهه ۽ هدايت وارو نہ ڪري سگهندي؟ ان لاءِ "اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيَةً لِّقَوْمٍ يَّسْمَعُوْنَ"، "اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيَةً لِّقَوْمٍ يَّعْقِلُوْنَ" ۽ "اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيَةً لِّقَوْمٍ يَّتَفَكَّرُوْنَ" جو مرحليوار ذڪر آهي، يعني غور سان ٻڌن ٿا، عقل کان ڪم ونن ٿا ۽ تدبر ۽ تفڪر ڪن ٿا. اهي صلاحيتون ئي شرف استاني جو اصل جوهر آهن، جن کي هڪ پرحڪمت انداز ۾ تربيت وار پيش ڪيو ويو آهي. تفڪر ۽ تدبر آخري ۽ اعليٰ صلاحيت آهي، جنهن جي وسيلي اهڙا انسان اسرار ڪائنات تي غور فڪر ڪندا رهندا آهن. هنن سمورين شين جو دارومدار هڪ مربوط ۽ مضبوط نظام تي قائم آهي، يعني انهن جي تقدير جنهن مطابق هو انهي هڪ مقرر ڪيل اصول تي ڪار فرما رهي، وحدتِ خداوندي جي گواهي ڏين ٿا.

جڙ تڙ تک تنوار وڻ ٽڻ وائي هيڪڙي

* * *

منجهان منهن جي روح جي وجي ساجن وسري
مر لڳي لوهه، ٿر ٻابيهو ٿي مران
(شاهه رحمه الله)

هاڻي انسان جو شعور، سوچ ۽ سمجهه کي ڏسڻو آهي ته هي سارو عظيم نظام هڪ الله جي قدرت ۽ حڪمت جو ڪمال آهي يا هنن بي حسن بي بس ديوين ۽ ديوتائن جو ڪجهه حصو پتي آهي. حقيقت رڳو ايتري نه آهي ته الله تعالىٰ هن ڪائنات ۾ رڳو اسباب حيات ۽ وسائل زندگي پيدا ڪيا آهن، پر انهن سمورين نعتمن جي مهيا ڪرڻ کان سواءِ زندگي ۽ موت جو پورو سرشتو به سندس قبضه قدرت ۾ آهي. (الملک: 2/67) ان هڪ الله کانسواءِ ٻيو ڪو به نه آهي، جيڪو زندگي ڏئي ٿو ۽ موت آڻي ٿو. جنهن ۾ انفرادي زندگي ۽ موت سان گڏوگڏ اجماعتي قومي زندگي ۽ موت به يعني زوال و عروج به شامل آهي. ماءُ جي پيٽ ۾ ٻار پلجڻ، جنم ونڻ، ٻاراڻي اوستا کان پيريءَ تائين پهچڻ تائين سندس رزق روزي ۽ اهم ضرورتن جو هر هنڌ ملڻ سڀ الله جي ربوبيت جو اظهار آهي. تمام مخلوقات تي علمي برتري جو شرف به انسان کي ئي مليو آهي. آيت نمبر65 ۾ آهي: "اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيَةً لِّقَوْمٍ يَّسْمَعُوْنَ○" آيت نمبر67 ۾ آهي: "اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيَةً لِّقَوْمٍ يَّعْقِلُوْنَ○" ۽ آيت نمبر69 ۾ آهي: "اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيَةً لِّقَوْمٍ يَّتَفَكَّرُوْنَ○" سماعت، آگهي ۽ غور و فڪر ڪرڻ جهڙيون صفتون ئي انسان جو اصل جوهر آهن، جن ۾ نهايت حڪيمانا ترتيب ۽ تدريج آهي. هڪ معقول ماڻهو قدرت جي هنن حڪمتن سان لبريز نعمتن مان فائدو حاصل ڪرڻ لاءِ ڪن کولي ٻڌڻ (سماعت) آهي، پوءِ ان جي علم و آگهي معلوم ڪرڻ ۽ بعد ۾ ان تي پوري غور و خوض سان تفڪّر ڪرڻ آهي. هن کان اڳ آيت نمبر11، 12 ۽ 13 ۾ "يَتَفَكَّرُوْنَ"، "يَعْقِلُوْنَ" ۽ "يَتَذَكَّرُوْنَ" بابت بحث ٿي چڪو آهي. جو شخص سن بلوغ کان جواني ۽ پيري تي پهچڻ تائين عقل ۽ هوش جي نعمتن جو اظهار ڪندو هيو، اهو پيريءَ جي ان حصي ۾ پهچي وجي ٿو جتي کيس پنهنجي خبر به نٿي هجي. (يٰس: 68/36) موت برحق آهي جو هر ساهه واري کي اچڻو آهي، پر موت ڪنهن کي بچپن ۾ ڪنهن کي جواني ۾ ڪنهن کي پيريءَ ۾ اچي ٿو. پر کي اهڙا به ماڻهو آهن، جيڪي تمام وڏي عمر کي پهچي وڃن ٿا، پر انهن جي ساهه جي تند جڙيل رهي ٿي. هن کان اڳ ته اهو ماڻهو پاڻ کي علم و عقل جو افلاطون سڏائيندو هيو ۽ پاڻ کي الائي ڇا ڇا

سمجهندو هيو. مگر جڏهن هو هن ارذل العمر ۾ پهچي وڃي ٿو. معلوم ٿيو ته اصل قدرت علم و حڪمت ته الله وٽ آهي، انسان کي جو ڪجهه ملي ٿو، اهو ان جو عطيو آهي. سندس ذاتي موڙي نه آهي. ان ڪري جيڪو ماڻهو علم و عقل جو لقمان هيو، اڄ پنهنجي پاڻ کي به سنيالي نٿو سگهي. ان ڪري حق اهو ئي آهي ته فقط ان الله جي ذات ئي عليم، قدير، حَيٌّ، قَيُّوم آهي، باقي سڀ محتاج آهن. (الرحمان: 55/27-26)

وَ اللّٰهُ فَضَّلَ بَعْضَكُمْ عَلٰى بَعْضٍ فِي الرِّزْقِ ۚ فَمَا الَّذِيْنَ فُضِّلُوْا بِرَآدِّيْ
رِزْقِهِمْ عَلٰى مَا مَلَكَتْ اَيْمَانُهُمْ فَهُمْ فِيْهِ سَوَآءٌ ؕ اَفَبِنِعْمَةِ اللّٰهِ
يَجْحَدُوْنَ ﴿٧١﴾ وَ اللّٰهُ جَعَلَ لَكُمْ مِّنْ اَنْفُسِكُمْ اَزْوَاجًا وَّ جَعَلَ لَكُمْ مِّنْ
اَزْوَاجِكُمْ بَنِيْنَ وَ حَفَدَةً وَّ رَزَقَكُمْ مِّنَ الطَّيِّبٰتِ ؕ اَفَبِالْبَاطِلِ يُؤْمِنُوْنَ وَ
بِنِعْمَتِ اللّٰهِ هُمْ يَكْفُرُوْنَ ﴿٧٢﴾ وَ يَعْبُدُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ مَا لَا يَمْلِكُ لَهُمْ
رِزْقًا مِّنَ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ شَيْـًٔا وَّ لَا يَسْتَطِيْعُوْنَ ﴿٧٣﴾ فَلَا تَضْرِبُوْا لِلّٰهِ
الْاَمْثَالَ ؕ اِنَّ اللّٰهَ يَعْلَمُ وَ اَنْتُمْ لَا تَعْلَمُوْنَ ﴿٧٤﴾ ضَرَبَ اللّٰهُ مَثَلًا عَبْدًا
مَّمْلُوْكًا لَّا يَقْدِرُ عَلٰى شَيْءٍ وَّ مَنْ رَّزَقْنٰهُ مِنَّا رِزْقًا حَسَنًا فَهُوَ يُنْفِقُ
مِنْهُ سِرًّا وَّ جَهْرًا ؕ هَلْ يَسْتَوٗنَ ؕ اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ ؕ بَلْ اَكْثَرُهُمْ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿٧٥﴾
وَ ضَرَبَ اللّٰهُ مَثَلًا رَّجُلَيْنِ اَحَدُهُمَاۤ اَبْكَمُ لَا يَقْدِرُ عَلٰى شَيْءٍ وَّ هُوَ كَلٌّ
عَلٰى مَوْلٰىهُ ۙ اَيْنَمَا يُوَجِّهْهُّ لَا يَاْتِ بِخَيْرٍ ؕ هَلْ يَسْتَوِيْ هُوَ ۙ وَ مَنْ يَّاْمُرُ
بِالْعَدْلِ ۙ وَ هُوَ عَلٰى صِرَاطٍ مُّسْتَقِيْمٍ ﴿٧٦﴾ ع ١٦

ڏسو تہ الله اوهان مان بعض کي بعض تي روزيءَ ۾ برتري ڏني آهي، پوءِ جن کي برتري ڏني وئي آهي، اهي پنهنجي روزي، پنهنجي نوڪرن کي نٿا ڏين تہ هو هنن جي برابر ٿي وڃن (پر وري خدا بابت سمجهن ٿا تہ هن پنهنجي خدائي تقسيم ڪري ڇڏي آهي) ڇا هي الله جي نعمتن جو انڪار ڪري رهيا آهن. (71) هي اهو الله آهي جنهن اوهان لاءِ اوهان جون هم جنس زالون بڻايون ۽ انهن زالن مان اوهان جا پٽ پوٽا عطا ڪيا ۽ پاڪ صاف سٿيون شيون ڪائڻ لاءِ ڏنيون پوءِ بہ هي ماڻهو باطل کي قبول ڪن ٿا ۽ الله جو احسان مڃڻ کان انڪار ڪن ٿا.(72) ۽ الله کان سواءِ انهن جي پوڄا ڪن ٿا جن جي هٿ وس نہ آسمانن مان هنن کي ڪجهہ رزق ڏيڻو آهي ۽ نہ وري زمين مان ۽ نہ وري هنن جي وس ۾ آهي تہ ائين ڪري سگهن.(73) پوءِ الله لاءِ (خيالي) مثالَ نہ گهڙيو، حقيقت اها آهي تہ الله عزو جل کي ئي پنهنجو پتو آهي، اوهان کي ڪا خبر ناهي.(74) الله هڪ مثال ڏئي ٿو تہ هڪ نوڪر آهي، جيڪو ٻئي جي حڪم هيٺ آهي ۽ هو پنهنجو اختيار نٿو رکي، وري ٻيو اهڙو شخص آهي، جنهن کي اسان پنهنجي طرفان سٺو رزق عطا ڪيو آهي، هو ان مان جيئن گهري ظاهر يا مخفي طور خرچ ڪري ٿو، ڇا اهي ٻئي برابر ٿي سگهن ٿا (پوءِ بي اختيار بندن کي الله سان برابر چو ٿا ڪريو.) شڪر جو حقدار تہ الله آهي. الحمد لله، پر اڪثر ماڻهو بي سمجهہ ۽ نادان آهن ڪجهہ نٿا ڄاڻن. (75) الله هڪ (ٻيو) مثال پيش ڪري ٿو. ٻہ ماڻهو آهن، انهن مان هڪ گونگو ٻوڑو آهي، ڪو ڪم ڪري نٿو سگهي. پنهنجي مالڪ تي بار بڻيل آهي، هن کي جيڏانهن بہ موڪلي ٿو تہ ڪو بہ چڱو ڪم نٿو ڪري سگهي. ٻيو اهڙو شخص آهي، جيڪو انصاف جو حڪم ڏئي ٿو ۽ سڌي رستي تي گامزن آهي. ٻڌايو تہ ڇا اهي ٻئي شخص برابر ٿي سگهن ٿا. (76)

پوين آيتن ۾ لڳاتار شرڪ جي انڪار ۽ توحيد جي اثبات ۾ دليل ڏنا ويا آهن. هن آيت توڙي هن بعد ايندڙ آيتن ۾ ساڳيو مضمون جاري آهي. هن آيت مان اهو اشتراڪي نظريو جوڙڻ تہ دولت مند پنهنجو مال نوڪرن ۽ محتاجن ۾ وندي برابري پيدا ڪن، اهو غلط آهي، پر هت بہ انهيءَ هلندڙ مضمون کي مثال ڏئي مزيد جاري رکيو ويو آهي تہ اوهان مان دولت جا مالڪ آهيو، اوهان ان مال ۾ پنهنجن ملازمن کي برابر جو شريڪ سمجهڻ لاءِ تيار نہ آهيو تہ پوءِ جنهن الله اوهان تي ايڏيون مهربانيون ڪيون آهن، بي شمار نعمتون عطا ڪيون آهن، اوهان انهن نعمتن جو شڪر غير الله ديوين ديوتائين جي نالي ڪري، خدا جي ناشڪريءَ جا مرتڪب ٿيو ٿا ۽ پنهنجن بي اختيار نقلي معبودن کي ان نعمت ۾ خدا جو شريڪ بنايو ٿا، سمجهو ٿا تہ الله جا اهي ٻانها ان جا برابر حصيدار آهن. جيڪي دولتمند پنهنجي دولت ۾ پنهنجن مملوڪ (نوڪرن) کي برابر ڪرڻ ۽ شريڪ بنائڻ لاءِ تيار ناهن تہ پوءِ الله تعالىٰ وڏي قوت، غلبي ۽ علم و حڪمت وارو، پنهنجي حڪمراني ۽ مملڪت ۾ ٻين کي ڪيئن شريڪ ڪرڻ پسند ڪندو. بالڪل اهو ساڳيون مضمون ساڳئي دليل سان سورت الروم: 28/30 ۾ آيو آهي. گويا هي ٻئي آيتون هڪٻئي جو تفسير آهن. ٻنهي جو ساڳئي مثال سان استدلال ڪيو ويو آهي. هر انسان ۾ جدا جدا صلاحيتون رکيون ويون آهن (الزخرف: 32/43) جيئن سيني جي ڪوشش سان نظام هلي سگهي. خدا جي نعمتن مان هي بہ آهي، جنهن اوهان جا هم جنس جوڙا ٻڌايا آهن. مرد زال جو ۽ زال مرد جو زوج يعني جوڙو آهي ۽ ٻئي هڪ جان مان پيدا ٿيل آهن. (النساء: 6/4) انهن زالن جي ذريعي هن توهان جو نسل وڌايو، اوهان لاءِ زالن کي اوهان جي لاءِ سڪون ۽ راحت جو ذريعو بنايائين ۽ اوهان ۾ محبت يعني پٽ پوٽا پيدا ڪيا ۽ نوع انسان جي بقا جو ذريعو ٻڌايو، جيڪو اڄ تائين قائم آهي ۽ قيامت تائين قائم رهندو، هن اولاد سان گڏ اوهان جي پاڪيزه رزق جو اهتمام بہ ڪيو آهي تہ جيئن هنن جي نشو نما ۽ زندهه رهڻ لاءِ ڪم اچي. اهي تمام الله جون نعمتون آهن، جن ۾ ڪنهن ٻئي جي ڪا بہ شراڪت داري نہ آهي، ان جي باوجود هو باطل جا مجيندڙ ۽ پوڄاري آهن. هي ان جا اقراري آهن تہ زمين آسمان ۽ سموريون شيون الله ئي پيدا ڪيون آهن، پر دنيا ۾ اهي ديوتا يا ديويون ۽ مذهبي اڳواڻ بہ اثر رسوخ ۽ اختيار رکن ٿا ۽ الله جي ڪمن ۾ هٿ

وندائين تا، دعائون قبول كرائين تا، مشكلاتون حل كرائين تا. كاميابيون ڏيارين تا، بيمارين كان شفا بخشن تا. ان كري هنن جو شكر كرڻ ضروري آهي، چو تہ هنن جي سفارش كانسواءِ كو بہ كم تي نٿو سگهي. هن دعويٰ لاءِ هنن وٽ كا سند يا ثبوت بہ نہ آهي. خدا جي نعمتن كي كنهن ٻئي ڏانهن منسوب كري ان جو شكريو كرڻ بہ شرك آهي تہ كنهن كي خدا جي اختيار ۾ اقتدار ۾ ياڳيوار بنائي ان جو حصيدار كرڻ بہ شرك آهي. حالانكہ جن معبودن جي هي پوڄا كن تا، هنن جي هٿ وس كجهہ ناهي، بي بس بوتا هنن كي نہ آسمان كان رزق ڏئي سگهن ۾ نہ وري زمين مان كو نفعو پهچائي سگهن تا. هو تہ ايترو كمزور آهن جو پنهنجي جسم تان مك يا مڇر كي بہ هٽائي نٿا سگهن ۾ هنن جي هٿ وس بہ كجهہ ناهي جو هو كنهن جي مدد كن. پنهنجي هن خام خياليءَ كي تقويت ڏيڻ لاءِ الله كي دنيا جي بادشاهن، راجائن ۾ حكمرانن سان تشبيهہ ڏين تا. چون تا تہ بادشاهن كان كنهن جي سفارش سان ئي كم ونبو آهي. هي بوتا بت ديوتا ديويون الله جا پيارا آهن ۾ ديويون تہ الله جون نياڻيون آهن ۾ انهن جي سفارش سان سندن سپ مسئلا حل ٿين تا. حالانكہ بادشاهن سان الله كي مشابهت ڏيڻ جهڙا مثال ناقابل قبول آهن. سورة الشوریٰ: 11/42 ۾ صاف صاف بيان آهي: "لَيْسَ كَمِثْلِهٖ شَيْءٌ" هن جي مثال جهڙي كا شي ناهي، پنهنجي ذات ۾ صفات كان الله پاڻ واقف آهي. ٻئي كنهن كي بہ هن جي خبر ناهي. "وَلِلّٰهِ الْاَسْمَآءُ الْحُسْنٰى" (الاعراف: 180/7) سپ سنا نالا الله جا آهن. "وَلِلّٰهِ الْمَثَلُ الْاَعْلٰى" (النحل: 16/ 60) "لَيْسَ كَمِثْلِهٖ شَيْءٌ" الشوریٰ: 11/26) هو احد آهي، كنهن جي مدد جو محتاج ناهي، بلك بي نياز ۾ خود كفيل آهي. حَيٌّ قيُّوم آهي، هميشہ رهڻ وارو ٻين كي زندگي ڏيڻ وارو. پاڻ قائم آهي ۾ ٻين جو قيام هن جي طفيل آهي، جن كان هو پاڻ آگاهہ آهي، پر ٻين كي سندس حقيقت جو ادراك يا احاطو نہ آهي.

دريں ورطہ گم گشت كشتی ہزار
كہ پيدا نہ شد تخت اش بر كنار

(شيخ سعدي رحمہ الله: بوستان)

يعني: الله جي كن يا غيب كي جاڻڻ لاءِ هن بي كنار بحر ۾ كئي كشتيون گم تي ويون، جن جو تختو بہ كناري تي نہ پهتو.

پورو هن جو گواهه آهي ته وڌيڪ تفصيل لاءِ آيت الڪرسي، "قُلِ اللّٰهُمَّ مٰلِكَ الْمُلْكِ"، "هُوَ اللّٰهُ الَّذِيْ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ" ۽ سورة الاخلاص جو تفسير ڏسو ۽ انهن آيتن تي غور ڪريو، جيڪي الله جي احديت ۽ وحدت تي دليل آهن. الله تعالىٰ هنن جي شرڪ واري دليل جي رد ۾ هي مثال پيش ڪيو ته هڪ شخص جو ڪنهن ملازم ۽ خريد بانهو آهي، اهو مالڪ جي مرضيءَ ڪانسواءِ ڪجهه به ڪري نٿو سگهي. هن جي اختيار ۾ ڪجهه به ناهي، هو مالڪ جي حڪم جو منتظر رهي ٿو ۽ ان جو پابند آهي، ان جي مقابلي ۾ هڪ ٻيو اهڙو شخص آهي، جنهن کي اسان جي پاران نهايت پاڪ صاف سترو رزق مليو آهي، جنهن ۾ هن جو پورو پورو اختيار آهي. هو پنهنجي اختيار ۽ ارادي سان پنهنجي پسند مطابق خرچ ڪري ٿو. هو علي الاعلان ظاهر ظهور ۾ بنا ڏڙڪ خرچ ڪري ٿو ته اهڙي طرح ڳجهه ڳوهه ۾ به ڏئي ٿو، جنهن ۾ ڪوبه هن کي روڪڻ وارو يا پڇڻ وارو نه آهي، هو پنهنجون ضرورتون به بخوبي پوريون ڪري رهيو آهي ۽ ٻين جا معاملا به حل ڪرڻ ۾ مدد ڏئي ٿو. ڇا اهي ٻئي شخص برابر ٿي سگهن ٿا؟ هرگز نه! هن مثال مان ظاهر آهي ته هڪ شخص بي اختيار آهي، صلاحيتن کان محروم ۽ معذور آهي، جنهن ڪري هو ڪجهه به ڪري نٿو سگهي. ان جي مقابلي ۾ ٻيو شخص بااختيار آهي. مال دولت ۽ وسيلن جو مالڪ آهي، هي شخص جو چاهي ڪري سگهي ٿو. جڏهن هي ٻه شخص پاڻ ۾ برابر ٿي نٿا سگهن ته پوءِ هڪ بااختيار غالب قوت قدرت ۽ بادشاهت جو مالڪ هنن بي بس ۽ بي حس بتن جي برابر ڪيئن ٿي سگهندو. هر طرح جو شڪر ۽ حمد جو لائق صرف الله آهي. الله ته اهڙن مثالن جي حڪمت به ڄاڻي ٿو ته حقيقت کان به آگاهه آهي، مگر (افسوس) جو ماڻهن جي اڪثريت ناواقف نادان ۽ نا سمجهه آهي.

هت 'الحمدلله' جو چوڻ معنىٰ خيز آهي. يعني مشرڪ ۽ ڪافر هي مثال ٻڌي يا ته چوڻ لڳا برابر نه آهن، يا جواب ڏيڻ کان خاموش رهيا، خاموشي به قبوليت آهي انڪار ناهي. ان ڪري الحمد لله نهايت محل ۽ موقعي جو شڪرانو آهي. هت الله طرفان انهيءَ سلسلي ۾ هڪ ٻيو مثال به ڏنو ويو آهي ته پهرئين مثال ۾ الله ۽ باطل معبودن ۾ اختيار ۽ بي اختيار هجڻ جو فرق ٻڌايو ويو هو. هاڻي وري هن مضمون ۾ سندن انهيءَ فرق کي وڌيڪ کولي بيان ڪيو ويو آهي ۽ ٻنهي صفات ۾ وضاحت ڪئي وئي آهي، جنهن

مطابق ۾ شخص آهن، جن مان هڪ گونگو آهي ۽ پنهنجو پاڻ ڪرڻ جي قوت ۽ استعداد نڏو رکي ۽ سارو بوجھ مالڪ تي آهي. يقيناً جو ٻڌڻ ۽ سمجھڻ جي صلاحيت کان محروم آهي، ان کي سندس مالڪ جنهن طرف ۾ ڪنهن ڪم سان موڪلي ۾ ٿو هو اهو ڪم بگاڙي اچي ٿو ۽ کا خير جي خبر نڏو آڻي، جنهن جي ڪري مالڪ هميشہ ناراض رهي ٿو، ٻلا اهڙو شخص ان شخص جي برابر تي سگھي ٿو جيڪو عدل ۽ انصاف قائم ڪري ٿو ۽ سڌي رستي تي رهي ٿو. الله هنن ٻن آيتن ۾ ٻن ٻانهن يا ملازمن ۽ ٻن عادل، انصاف ڪندڙ سڌي راھ تي هلندڙ ۽ بااختيار شخص جيڪو پنهنجي مال ۾ خود مختار آهي، انهن جا مثال ڏئي ٻڌائي ٿو. هڪڙا مالڪ کي خوش ڪرڻ وارا ۽ ٻيا مالڪ تي بار آهن. اهڙي طرح مشرڪ ۽ ڪافر خدا جا مغضوب ۽ مؤمن الله جا محبوب ٻانها آهن، اهي پاڻ ۾ برابر نہ آهن. (آل عمران: 162/3، الانعام: 122/6، الرعد: 16/13، الجاثيه: 21/45، (الحشر: 26/59، السجده: 18/32، الغافر: 19/35 كان 22، الزخرف: 33/43، المعارج: 24/70، الروم: 28/30)

وَ لِلّٰهِ غَيْبُ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ ؕ وَ مَاۤ اَمْرُ السَّاعَةِ اِلَّا كَلَمْحِ الْبَصَرِ اَوْ هُوَ
اَقْرَبُ ؕ اِنَّ اللّٰهَ عَلٰى كُلِّ شَیْءٍ قَدِیْرٌ ﴿۷۷﴾ وَ اللّٰهُ اَخْرَجَكُمْ مِّنْۢ بُطُوْنِ
اُمَّهٰتِكُمْ لَا تَعْلَمُوْنَ شَیْـًٔا ۙ وَّ جَعَلَ لَكُمُ السَّمْعَ وَ الْاَبْصَارَ وَ الْاَفْـِٕدَةَ ۙ
لَعَلَّكُمْ تَشْكُرُوْنَ ﴿۷۸﴾ اَلَمْ یَرَوْا اِلَى الطَّیْرِ مُسَخَّرٰتٍ فِیْ جَوِّ السَّمَآءِ ؕ مَا
یُمْسِكُهُنَّ اِلَّا اللّٰهُ ؕ اِنَّ فِیْ ذٰلِكَ لَاٰیٰتٍ لِّقَوْمٍ یُّؤْمِنُوْنَ ﴿۷۹﴾ وَ اللّٰهُ جَعَلَ
لَكُمْ مِّنْۢ بُیُوْتِكُمْ سَكَنًا وَّ جَعَلَ لَكُمْ مِّنْ جُلُوْدِ الْاَنْعَامِ بُیُوْتًا
تَسْتَخِفُّوْنَهَا یَوْمَ ظَعْنِكُمْ وَ یَوْمَ اِقَامَتِكُمْ ۙ وَ مِنْ اَصْوَافِهَا وَ اَوْبَارِهَا وَ
اَشْعَارِهَاۤ اَثَاثًا وَّ مَتَاعًا اِلٰى حِیْنٍ ﴿۸۰﴾ وَ اللّٰهُ جَعَلَ لَكُمْ مِّمَّا خَلَقَ ظِلٰلًا

وَّجَعَلَ لَكُمْ مِّنَ الْجِبَالِ اَكْنَانًا وَّجَعَلَ لَكُمْ سَرَابِيْلَ تَقِيْكُمُ الْحَرَّ وَ سَرَابِيْلَ تَقِيْكُمْ بَاْسَكُمْ ؕ كَذٰلِكَ يُتِمُّ نِعْمَتَهٗ عَلَيْكُمْ لَعَلَّكُمْ تُسْلِمُوْنَ ﴿٨١﴾ فَاِنْ تَوَلَّوْا فَاِنَّمَا عَلَيْكَ الْبَلٰغُ الْمُبِيْنُ ﴿٨٢﴾ يَعْرِفُوْنَ نِعْمَتَ اللّٰهِ ثُمَّ يُنْكِرُوْنَهَا وَاَكْثَرُهُمُ الْكٰفِرُوْنَ ﴿٨٣﴾ ع ١١ ١٧

۽ زمين ۽ آسمان جي پوشيده حقيقتن جو علم ته الله کي ئي آهي، قيامت جو معاملو بس ايترو آهي جيترو اک چنيڙ جيترو يا ان کان به گهٽ، حقيقت اها آهي ته الله سي کجهه ڪري سگهي ٿو. (77) الله اوهان کي توهان جي مائرن جي پيٽ مان ڪڍيو. ان وقت اوهان کي ڪجهه معلوم نه هيو. هن توهان کي ڪن ڏنا، اکيون ڏنيون ۽ سوچڻ واريون دليون ڏنيون ته جيئن اوهان شڪر گذار ٿيو.(78) ڇا هنن ماڻهن پکين کي نه ڏٺو آهي ته کڻي طرح آسمان جي فضاء ۾ حڪم (تقدير) جا پابند آهن، پلا الله کانسواءِ هنن کي ڪنهن به روڪي نه رکيو آهي. هن ۾ ايمان وارن لاءِ وڏيون نشانيون آهن.(79) الله اوهان لاءِ اوهان جي گهرن کي سڪون جو هنڌ بنايو. هن جانورن جي کلن مان توهان لاءِ اهڙا گهر ناهيا آهن، جن کي اوهان سفر توڙي قيام جي ٻنهي حالتن ۾ هلڪو محسوس ڪيو ٿا. هن جانورن جي اُن پشم ۽ وارن مان اوهان جي لاءِ اوڍڻ (پوشاڪ) ۽ استعمال جون ڪيتريون ئي شيون پيدا ڪيون آهن، جيڪي زندگي جي مقرره مدت تائين ڪم اچن ٿيون. (80) ۽ الله ئي پنهنجي پيدا ڪيل ڪيترين ئي شين جا توهان لاءِ پاڇا پيدا ڪيا. پهاڙن ۾ توهان لاءِ پناهه گاهون ناهيون ۽ اوهان کي اهڙيون پوشاڪون ڏنيون، جيڪي اوهان کي گرمي کان بچائن ٿيون ۽ ڪجهه پوشاڪون اوهان کي جنگ ۾ اوهان جي

حفاظت ڪن ٿيون. اهڙي طرح هو توهان تي پنهنجن نعمتن جي تڪميل ڪري ٿو تہ ممڪن آهي اوهان فرمانبردار ٿي وڃو.(81) ان هوندي بہ جيڪڏهن هو هاڻي منهن موڙين ٿا تہ اي پيغمبر ﷺ تو تي حق جو پيغام صاف صاف پهچائڻ کان زياده ڪا بہ ذميداري نہ آهي. (82) هي الله جي احسان کي ڄاڻن ٿا ۽ ان جو انڪار ڪن ٿا. هنن ۾ اڪثر اهڙا ماڻهو آهن، جيڪي حق مڃڻ لاءِ تيار ناهن.(83)

توحيد جي تقدير دوران قيامت جو ذڪر ڪري ماڻهن کي تنبيه ڪئي وئي آهي تہ هو توحيد ۽ شرڪ جي درميان واضح فرق محسوس ڪري توحيد جي رستي کي اختيار ڪن ۽ شرڪ کان پاڻ بچائين. هنن جو اهو چوڻ تہ اسان شرڪ ڪيون ٿا. تون قيامت جا دڙڪا ڏين ٿو تہ ان قيامت کي ظاهر ڪر تہ ڪٽي آهي؟ ڪين ٻڌايو ٿو وڃي تہ قيامت برحق آهي. اها آهستہ آهستہ داخل ٿيڻ واري نہ آهي جو اوهان ان جا آثار ڏسي ان کان بچڻ جا حيلا بهانا ڪريو. پر قيامت تہ اڪ چنيڻ يا ان کان بہ گهٽ وقت ۾ برپا ٿي ويندي. اوهان کي سنيلڻ ۽ سوچڻ جو موقعو بہ ڪونہ ڏنو ويندو. ان ڪري خوابِ غفلت ۾ نہ رهو تہ جڏهن قيامت ايندي تہ ان وقت ان کان بچڻ جو رستو بہ ڪڍي ونڊاسون. ان ڪري سندن شعور ۾ اهو وڏو ٿو وڃي تہ قيامت اچانڪ ايندي ۽ ان وقت اوهان پنهنجو بچاءُ يا توبه ڪري بہ ڪونہ سگهندا. "اِنَّ اللّٰهَ يَقْبَلُ تَوْبَةَ الْعَبْدِ مَالَمْ يُغَرْغِرْ" (جامع ترمذي، مسند احمد) الله ٻانهي جي توبه ان وقت تائين قبول ڪري ٿو جيستائين هن تي نزع جي حالت طاري نہ ٿي ٿئي. فرعون بہ جڏهن درياءَ ۾ غرق ٿيڻ لڳو تہ موسىٰ عليه السلام جو الله ياد آيس، پر حڪم ٿيو تہ "اَلْآنَ" ڇا هاڻي توبه ٿو ڪرين؟ توبه جو وقت گذري چڪو، سو موت ۽ قيامت اچڻ وقت اوهان جي ڪا بہ توبه يا عذر وغيره قبول نہ ڪيو ويندو. هيءُ وقت آهي، ان جو فائدو ونو، اچانڪ اچڻ واري جو ڪو يقين ناهي تہ ڪڍهن اچي؟

هن تنبيه کان پوءِ وري ساڳيو سلسلو شروع ٿئي ٿو، جيڪو مٿان هلندو اچي، توهان خود پنهنجي وجود تي غور ڪيو آهي تہ اوهان ماءُ جي پيٽ ۾ پنهنجي توانائي جي تڪميل تائين پهچڻ ۾ ڪهڙن ڪهڙن مرحلن کان گذرڻو پيو آهي ۽ هڪ قطري کي گهر

تائين پهچڻ ۾ کهڙين کهڙين صلاحيتن سان کيس آراسته کيو آهي. پهرئين تخليق (تراب) مٽيءَ مان ٿي، جتان نفس واحد جنم ورتو، ان بعد توليد جو سلسلو شروع ٿيو، پاڻيءَ جي قطري بعد نطفه علقه ٿيو، وري مُضغه ٿيو، وري هڏيون جوڙيون، گوشت پوست آيو، کن، اکيون ۽ دل وغيره آيا. ايستائين هڪ جاندار واريون صلاحيتون ڏنيون ويون، پر ان کان پوءِ هن کي سوشل اينيمل جي درجي کان کڄي "ثُمَّ اَنْشَاْنٰهُ خَلْقًا اٰخَرَ" هڪ خاص درجي جي مخلوق بنايو. (المؤمنون: 12-14/23، الحج: 5/22، الدهر: 3/76) "فَجَعَلْنٰهُ سَمِيْعًۢا بَصِيْرًا" يعني الاهي توهانائي جون صفات "اِنَّهٗ هُوَ السَّمِيْعُ الْبَصِيْرُ" (بني اسرائيل: 1/17) جيڪو صورت ۽ لائيٽ جي توانائي سان مالا مال آهي ۽ ان کانسواءِ "اَفْئِدَةٌ" يعني سوچڻ سمجهڻ ۽ نتيجا اخذ ڪرڻ جي صلاحيت، جيڪا کيس تمام جاندارن ۽ فرشتن کان بہ کيس ممتاز ڪري ٿي. اهو عقل آهي، جنهن کي الله سڀ کان اول پيدا کيو ۽ نور نبوت جو عطيو آهي.(سبحان الله) انسان کي گهرجي تہ هو الله جي انهن اهم نعمتن جو شڪر ادا ڪري ۽ غور ڪري تہ پاڻيءَ جي هڪ غليظ، ناپاڪ قطري مان جنم ونڊي، ٻاراڻي اوستا کان جواني ۽ جوانيءَ کان پيريءَ تائين پهچڻ ۾ جيڪي نعمتون ۽ نوازشون هن تي ٿيون، جو هڪ خاڪ جي مٺ يا نطفي کان ڪمزور ترين ٻار وڏي قوت حاصل، علم و دانش جو مالڪ ٿيندو. ڪڏهن ان تي غور ڪري الله جو شڪر ادا ڪيو آهي. حديث شريف ۾ آهي تہ ٻانهي لاءِ منهنجي قرب حاصل ڪرڻ جو ذريعو فرائض جي ادائگي آهي. وڌيڪ نوافل سان بہ قرب حاصل ڪري ٿو تہ مان هن سان محبت ڪرڻ شروع ڪندو آهيان ۽ جڏهن مان ان سان محبت ڪندو آهيان تہ مان ان جا ڪن ٿي ويندو آهيان، جن سان هو ٻڌي ٿو، اک ٿي ويندو آهيان، جنهن سان هو ڏسي ٿو، هٿ ٿي وجان ٿو جن سان هو پڪڙيندو آهي. پير ٿي وجان ٿو جنهن سان هو هلندو آهي هو مون کان ڪجهہ گهري ٿو تہ کيس ڏيان ٿو، پناهہ پني ٿو تہ پناهہ ڏيان ٿو.(صحيح بخاري) هي رضا جو مقام آهي. (البينه: 8/98)

خودی کو کر بلند اتنا کہ ہر تقدیر سے پہلے
خدا بندے سے خود پوچھے بتا تیری رضا کیا ہے

(اقبال رحمۃ اللہ علیہ)

سندس ڪن يا قوت سماعت سي ڳالهيون ٻڌي، پر خدا جي ڳالهه نه ٻڌي، اکيون ۽ قوت بصارت سي ڪجهه ڏسن، پر الله جي آيتن ۽ نشانين تي نظر نه پوي. دل دماغ ۽ سوچ ويچارين وارين صلاحيتن سان سي ڪجهه سوچي، پر اهو نه سوچي ته منهنجو محسن ڪير آهي، جنهن هي سي نادر صلاحيتون عطا ڪيون آهن. (بني اسرائيل: 17/36) شڪر وري پنهنجن هٿ ٺوڪيل بتن جو ڪري ۽ خدا جو ڪفران نعمت ڪري، غضب الاهي جو مستحق ٿئي. چو ته نعمتن جو صحيح استعمال خدا جو شڪر ادا ڪرڻ آهي، پر نعمتن جو غلط استعمال ڪرڻ ڪفران نعمت آهي. هي هيو بتدريج تخليق ۽ تڪميل تائين خدا جي نعمتن جو ذڪر، پر هاڻي اوهان هڪ ٻي مخلوق پڪين تي نظر وجهو ته اهي ڪهڙي طرح هڪ محڪم حڪم ۽ قانون جي ذريعي فضا ۾ اڏامي به رهيا آهن ته ڪنهڙاٿيون بند ڪري فضا ۾ بنا سهاري بينل نظر اچن ٿا. (النور: 41/24) پلا خدا جي قانون ڪانسواءِ ٻي ڪهڙي شيءِ آهي جيڪا هنن ڪي فضا ۾ روڪي رکي ٿي. خدا جو اهو قانون پوري نظام شمسي ڪي پنهنجي پنهنجي مقرر حدن ۾ رکي سج، چنڊ ۽ زمين جي گردش ڪي توازن ۽ مقرره تقدير سان هلائي رهيو آهي، جنهن ۾ ڪو خلل نظر نٿو اچي. (الملڪ: 3-4/67) سورت الملڪ جي آيت 19 ۾ به پکين جو هوا ۾ اڏامڻ ۽ مُعلق هجڻ جو ذڪر آهي. ياد رکو ته هن ڪائنات ۾ خدا جو نظام نهايت توازن ۽ حڪومت سان ڪارفرما آهي. خدا جي نعمتن ڪي شمار ڪرڻ شروع ڪندؤ ته اهي شمار ٿي نه سگهنديون. "وَاِنۡ تَعُدُّوۡا نِعۡمَةَ اللّٰهِ لَا تُحۡصُوۡهَا " (النحل: 18/16) توهان الله جي نعتمن جو شمار ڪرڻ گهرو ته شمار ڪري نٿا سگهو. (ابراهيم: 34/14، الكهف: 109/18، لقمان: 27/31) يقيناً هن ۾ انهن ماڻهن لاءِ نشانيون آهن، جيڪي ايمان رکن ٿا. الله اوهان جي رهائش لاءِ گهرن جو انتظام ڪيو آهي ته سڪون سان رهو، پر اوهان کي گهرن کان ٻاهر وڃي به روزگار لاءِ محنت مزدوري ڪرڻي پوي ٿي. توهان جي ان ضرورت کي پورو ڪرڻ لاءِ اوهان جي جانورن جي ڪلن مان خيما ڏنا، جن کي اوهان سفر ۾ هڪ هنڌان ٻئي هنڌ آساني سان کڻي وجو ٿا ۽ ان کي گهر بنائي ان ۾ سڪونت اختيار ڪيو ٿا. اهي خيما هلڪا ڦلڪا آهن، هڪ هنڌ قيام توڙي لڏ پلاڻ لاءِ آسان آهن. ان ڪانسواءِ انهن جانورن مان ريڍ، دنبي جي اون، اٺ جي وارن واري پشم، ٻڪريءَ جي وارن مان اوهان جي پائڻ لاءِ

ڪپڙا ۽ ٻيو ڪيترو سامان مهيا ڪيو آهي، جيڪو زندگي ۾ اوهان جون ضرورتون پوريون ڪندو رهي ٿو. هن سورت جي شروعاتي آيتن 5 کان 8 تائين ۾ انهن جانورن جي فائدن جو ذڪر آهي تہ اوهان انهن جي اون، پشم ۽ وارن مان پوشاڪون ناهيو ٿا. هنن جو گوشت کائو ٿا. هنن تي بار برداري ڪري تجارت ڪريو ٿا. انهن تي سواري ڪريو ٿا ۽ صبح جو چرڻ لاءِ وڃڻ وقت ۽ خاص طرح شام جو گهر ڏانهن واپس اچن ٿا تہ اوهان جي خوشين جي حد نٿي رهي. هي نعمتون ڪنهن جي طرفان آهن. شڪر تہ ان الله جو ڪيو، جنهن جون هي نوازشون آهن. اهو رب رحيم جو ناشڪرن جي روزي رزق جاري رکي ٿو.

منهنجي مداين جو ڪل پريان پيئي،
ڪڏهن ڪو سا نہ ٿيا ڏوراپو ڏيئي،
سڃڻ سيوئي ڏيکيون دول ڏيلائيون

(شاھ رحمۃ اللہ علیہ)

ای کریمی کہ از خزانہ، غیب گبر ترسا وطیفہ خورداری
دوستان را کجا کنی محرم تو کہ بادشمان نظر داری

(گلستان: شیخ سعدي رحمۃ اللہ علیہ)

اي ڪريم رحيم رب! تون پنهنجي غيب جي خزاني مان بت پرست مشرڪ ملحد کي روزي رسائين ٿو، پلا دوستن کي پنهنجي ڪرم کان ڪيئن محروم ڪندين، جڏهن تون دشمنن جي پرگهور بہ ڪرين ٿو.

الله جي ڪهڙي احسان جو شڪر ڪجي؟ "فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ" (الرحمان) انسان جي هر ضرورت جنهن کان خود انسان بہ آگاهہ ناهي، الله تعالىٰ طرفان ان جو انتظام ڪيو ويو آهي. هينئر دنيا ترقيءَ جي عروج طرف گامزن آهي، پر انسان جو ابتدائي دور پٿر وارو دور هو ۽ پوءِ آهستہ ان ۾ پيش قدمي دوران انسان کي سر ڏيڪڻ ۽ پهاڙن جون غارون گهر طور استعمال ڪرڻيون پيون. جانورن جي اچڻ سان کين سير سپاٽي بار وغيره منتقل ڪرڻ ۽ غذا طور استعمال ڪرڻ ۽ هنن جي کلن مان خيما ناهي گهر اڏڻ جهڙيون نعمتون ميسر ٿيون. جانورن جي اون پشم ۽ وارن مان پوشاڪ ۽ زرهون ناهڻ جو هنر مليو، جيڪي کين گرمي جي تپش ۽ جنگ جي تباهيءَ کان بچاءَ جو سبب

بٹيون. گويا الله تعالىٰ ڪٿي ڪٿي سندن ضرورت جو سامان بنا مزدوريءَ مهيا ڪيو. الله طرفان انهن نعمتن جو لڳاتار ۽ همیشه هجڻ ربوبيت ۽ رحمت جو اظهار آهي. ٻانهي کي گهرجي تہ هو ان الله جو شڪر ادا ڪري. يعني خدا جي نعمتن جو صحيح صحيح استعمال ڪري، نظام خداوندي کي مضبوط رکڻ ۾ پنهنجو حصو ادا ڪري. هڪ طرف الله جي بي انتها احسانن جي بارش ٿي رهي آهي، جنهن سان هر ٻئي بشر پوري طرح مستفيض ٿي رهيو آهي تہ ٻئي طرف وري اهو ناشڪرو انسان آهي، جو هنن صريحًا نعمتن ۽ نوازشن جي موت ۾ ڪفران نعمت جو مرتڪب آهي.

اي نبي مڪرم خَاتَمُ النَّبِيِّينَ صلى الله عليه وسلم! جيڪڏهن هي تنهنجي هدايت تي عمل نٿا ڪن ۽ پنهنجي ضد، هٺ، حسد سبب مخالفت ڪن ٿا ۽ اهنج ايذاءِ رسائين ٿا تہ تون هنن جي هن ڪافرانا روش تي رنجيده دل نہ ٿيءُ. تنهنجو فرض منصبي هيو تہ هنن تائين دين حق جو پيغام پهچي، سو تو پهچايو، تون دل شڪستہ ٿيڻ بدران پنهنجو ڪم زور شور سان جاري رک. (النحل: 81-84/16) هي مخالف گروهہ جن شرڪ ۽ ڪفر جي راهہ اختيار ڪئي آهي، جڏهن هنن ڪان پڇجي ٿو تہ هي زمين آسمان ڪنهن پيدا ڪيا آهن. هي برسات جو نظام ڪنهن جي قدرت ۾ آهي. هي رات ڏينهن جي گردش، سج چنڊ جو لهڻ ايرڻ ڪير ڪري ٿو تہ هو چون ٿا، اهو الله ئي ڪري ٿو. پر سندن چوڻ آهي تہ اسان جون دعائون اسان جي هنن معبودن جي معرفت ۽ سفارش سان پوريون ٿيون ٿين، اسان جون مشڪلاتون ۽ انهن جي طفيلي آهي. اسان نذر نياز ۽ انهن کي خوش ڪرڻ لاءِ ڪيون ٿا، چو تہ اهي ئي اسان جي ڏڪ سڪ ۾ اسان جا ساٿي آهن. اصل حقيقت ان جي برخلاف آهي. اهي معبود هنن جو ڪجهہ بگاڙي سگهن ٿا ۽ نہ وري بنائي سگهن. هي نادان خدا جي احسانن کي سجاڻن ۽ ٿا، پر انهن جو انڪار ڪن ٿا ۽ هنن جي وڏي اڪثريت انهيءَ ڪفران نعمت جي لعنت جو شڪار آهي. (النحل: 17/16)

وَ يَوْمَ نَبْعَثُ مِنْ كُلِّ اُمَّةٍ شَهِيْدًا ثُمَّ لَا يُؤْذَنُ لِلَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَ لَا هُمْ يُسْتَعْتَبُوْنَ ﴿۸۴﴾ وَ اِذَا رَاَ الَّذِيْنَ ظَلَمُوا الْعَذَابَ فَلَا يُخَفَّفُ عَنْهُمْ وَ لَا هُمْ

يُنْظَرُوْنَ ﴿٨٥﴾ وَ اِذَا رَاَ الَّذِيْنَ اَشْرَكُوْا شُرَكَآءَهُمْ قَالُوْا رَبَّنَا هٰٓؤُلَآءِ شُرَكَآؤُنَا
الَّذِيْنَ كُنَّا نَدْعُوْا مِنْ دُوْنِكَ ۚ فَاَلْقَوْا اِلَيْهِمُ الْقَوْلَ اِنَّكُمْ لَكٰذِبُوْنَ ﴿٨٦﴾ ۚ وَ
اَلْقَوْا اِلَى اللّٰهِ يَوْمَئِذِ ِالسَّلَمَ وَ ضَلَّ عَنْهُمْ مَّا كَانُوْا يَفْتَرُوْنَ ﴿٨٧﴾ اَلَّذِيْنَ
كَفَرُوْا وَ صَدُّوْا عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ زِدْنٰهُمْ عَذَابًا فَوْقَ الْعَذَابِ بِمَا كَانُوْا
يُفْسِدُوْنَ ﴿٨٨﴾ وَ يَوْمَ نَبْعَثُ فِيْ كُلِّ اُمَّةٍ شَهِيْدًا عَلَيْهِمْ مِّنْ اَنْفُسِهِمْ
وَجِئْنَا بِكَ شَهِيْدًا عَلٰى هٰٓؤُلَآءِ ؕ وَ نَزَّلْنَا عَلَيْكَ الْكِتٰبَ تِبْيَانًا لِّكُلِّ شَيْءٍ
وَّ هُدًى وَّ رَحْمَةً وَّ بُشْرٰى لِلْمُسْلِمِيْنَ ﴿٨٩﴾ ع

هي ان ڏينهن کي ياد رکن، جنهن ڏينهن اسان هر امت مان هڪ گواهه بيهارينداسون، پوءِ ڪافرن کي اجازت نه هوندي ته هو ڪو عذر پيش ڪن ۽ نه هنن کان توبه و استغفار جو مطالبو ڪيو ويندو.(84) ظالم ماڻهن جڏهن هڪ دفعو (پنهنجو) عذاب ڏسي ونندا ته ان کان پوءِ انهن جي عذاب ۾ نه ڪا تخفيف ڪئي ويندي ۽ نه انهن کي مهلت ڏني ويندي.(85) ۽ هي مشرڪ جڏهن پنهنجن شريڪ بڻايل (بتن) کي ڏسندا ته چوندا اي اسان جا پروردگار! توکي ڇڏي، اسان جن کي تنهنجو شريڪ بنايو هيو، هي ته اهي آهن. ان تي سندن معبود کين جواب ڏيندا ته اوهان بلڪل ڪوڙا آهيو. (86) ان وقت هو الله جي آڏو جهڪي ويندا ۽ سندن سموريون چال بازيون جيڪي دنيا ۾ ڪندا هئا، غائب ٿي ويندیون.(87) جن ماڻهن خود به ڪفر ڪيو ۽ ٻين کي خدا جي راهه (تي هلڻ) کان روڪيندا رهيا ته هنن جي انهي فتني فساد جي ڏوهه ۾ کين عذاب تي عذاب کي وڌائينداسون. (88) هي ان ڏينهن کي ضرور ياد

رکن، جنهن ڏينهن اسان هر امت مان انهن مان ئي هڪ گواهه هنن خلاف آڻينداسون ۽ توکي انهن تي شاهدي ڏيڻ لاءِ آڻينداسون. اسان هي ڪتاب تو تي نازل ڪيو آهي، جنهن ۾ هر شيءِ جي وضاحت آهي ۽ هن ڪتاب کي مڃيندڙن لاءِ رهبري رحمت ۽ بشارت آهي.(89)

هنن ڪافرن ۽ مشرڪن جي بداعمالي جو چئو پيش ڪرڻ لاءِ شاهد خود انهن جي درميان مان ئي هوندو. شهادت جو اهو مضمون هن سورت ۾ ٻه دفعا (النحل: 89/16-84، البقره: 143/2، النساء: 41/4) ۾ آيو آهي. سورة الاعراف: 6/7 ۾ آهي: "" اسان ضرور انهن کان پڇنداسون، جن ڏانهن رسول موڪليو ويو آهي ۽ اسان رسولن کان ٻه (شاهد طور) پڇنداسون، يعني رسول Prosecution witness سرڪاري گواهه جي حيثيت ۾ گواهي ڏيندو. پوءِ اهو نبي هجي يا نبيءَ کان بعد ان جو نمائندو، جنهن هنن کي خالص حق پرستي جي دعوت ڏني هوندي، شرڪ، ڪفر ۽ گمراهه ڪندڙ ريتن رستمن کان روڪيو هوندو ۽ کين بار بار ياد دهاني ڪرائي هوندي تہ قيامت جو ڏينهن اچڻ وارو آهي، جنهن ۾ ڪو شڪ ناهي، ان ڏينهن اوهان کي هن دنيا ۾ ڪيل ڪمن جو حساب ڏيڻ لاءِ خدا جي حضور پيش ٿي، جزا يا سزا جو فيصلو ونڻو آهي. اهو رسول يا ان جو نمائندو هنن جي سامهون الله وٽ گواهي ڏيندو تہ مون وحي الاهي جي پيغام کي هنن تائين ڪولي ڪولي بيان ڪيو ۽ پهچايو هو. هنن جيڪي پڇڪڙيون ڪيون آهن، اهي بي خبري سبب نہ ڪيون آهن، پر هنن کي چڱي طرح ذهن نشين ڪرايو ويو هو ۽ ان جي باوجود هنن قانون شڪني ڪئي. هنن کي پنهنجي صفائيءَ جو موقعو تہ ڏنو ويندو، پر ان وقت سندن ڪو ٻہ عذر، بهانو قبول ڪيو نہ ويندو ۽ نہ وري توبه استغفار جي اجازت هوندي، جو تہ توبه استغفار جو هنڌ هي دنيا آهي، مرڻ بعد يا مرڻ وقت ۾ توبه قبول نہ ٿيندي آهي. (حٰمٓ السجده: 24/41) "اِنَّ اللّٰهَ يَقْبَلُ تَوْبَةَ الْعَبْدِ مَالَمْ يُغَرْغِرْ" ان ڏينهن هر هڪ کي سندس اعمال نامي مطابق بدلو ڏنو ويندو ۽ جڏهن اهو ظالم شخص جنهن دنيا ۾ سرڪشي ڪئي، زيادتي ڪئي، ظلم ۽ فساد ڪيو ۽ هر قسم جي ڏوهه ۾ شرڪت ڪئي تہ ان کي اهو عذاب اکين آڏو ڏسڻ ۾ ايندو ۽ کيس عذاب وکوڙي ويندو. ذرا پر جي مهلت نہ ڏيندو ۽

ان ۾ وقفو بہ نہ هوندو، لڳاتار کيس اذيت ۾ رکندو. يعني کيس جلد از جلد پکڙي زنجيرن ۾ جکڙي کيس جهنم جي برندڙ باهه ۾ اڇلايو ويندو. (الحاقه: 33/69-30) جتي هو هميشہ رهندو. اهي مشرڪ ۽ ڪافر جڏهن پنهنجن جعلي معبودن کي سڏيندا تہ ان وقت اهي چوندا تہ اي اسان جا پروردگار! هي اهي ئي تہ آهن جن کي اسان توکي ڇڏي پڪارينداهئاسون ۽ پنهنجو مشڪل ڪشا سمجهنداهئاسون. هنن جي آڏو جهڪي مدد جي درخواست ڪندا هئاسون. هنن کي خوش رکڻ لاءِ سندن آستانن تي نذر و نياز پيش ڪندا هئاسون. مشرڪن جا اهي ٻول ٻڌي اهي شريڪ ڪيل معبود کين جواب ڏيندا تہ اوهان اهو سارو ناٽڪ پاڻ رچايو هو. هن ۾ اسان جي ڪا بہ رضامندي نہ هئي. اسان توهان کي نہ چيو هو تہ الله جي اطاعت ۽ فرمانبرداري نہ ڪريو. يا الله کي ڇڏي اسان جي تابعداري ڪريو، اسان کي تہ اها خبر بہ نہ آهي تہ توهان اسان کي پڪارينداهئا. توهان جيڪڏهن اسان کي پنهنجو حاجت روا ۽ مشڪل ڪشا سمجهيو هو تہ اها اوهان جي پل هئي. پنهنجي غلطي ۾ اسان کي ڪوڙ هٽي ملوث چو ٿا ڪريو؟

جيڪي ماڻهو الله تعالىٰ سان بتن، ديوين، ديوتائن جن کي بہ هو الله تعالىٰ جو شريڪ بنائيندا هيا، قيامت جي ڏينهن اهي سمورا معبود چوندا تہ هي ماڻهو ڪوڙ هٽن ٿا. نہ اسان هنن کي پنهنجي عبادت جو چيو آهي ۽ نہ وري اسان کي ڪا خبر آهي. هي جو ڪجهہ چون ٿا، ڪوڙ هٽن ٿا. حالانڪہ هو دنيا ۾ تہ هنن کي شريڪ ڪندا هيا، پر پوءِ بہ سندن محبوب معبود کين ڪوڙو ڪونيندا. "فَكَفٰى بِاللّٰهِ شَهِيْدًا بَيْنَنَا وَ بَيْنَكُمْ اِنْ كُنَّا عَنْ عِبَادَتِكُمْ لَغٰفِلِيْنَ۝" (يونس: 29/10) اسان ۽ توهان جي درميان الله گواهہ ڪافي آهي تہ اسان کي معلوم ئي نہ هيو تہ توهان اسان جي عبادت ڪريو ٿا. اهڙيءَ طرح الاحقاف: 46/ 65، مريم: 28/19، العنڪبوت: 56/29، الڪهف: 52/18 وغيرها ۾ بہ ساڳيءَ طرح آيو آهي. ان وقت هي سمورا الله جي آڏو سربسجود ٿي جهڪي ويندا. اطاعت ۽ عاجزي جو اظهار ڪندا. هو جيڪا بهتان بازي ڪندا هئا ۽ ڪوڙا ناهہ ناهي پيش ڪندا هئا، سندن اهي چالبازيون گم ٿي ويندیون، لاجواب ۽ هڪا ٻڪا ٿي بانهپ جو اظهار ڪري رهيا هوندا، تہ جيئن سمجهيو وڃي تہ دنيا ۾ بہ هنن چال بازيون نہ ڪيون هيون. هنن جا سڀ سهارا ۽ حيلا وسيلا گم ٿي ويندا. نہ ڪوئي سندن فرياد رسي ڪرڻ وارو هوندو ۽ نہ وري مشڪل

ڪشائيءَ لاءِ ڪين ڪو مشڪل ڪشا يا حمايتي ملندو، جو سندن سفارش ڪري سگهي. جيڪي ماڻهو پاڻ ۾ ڪفر ۽ شرڪ جا مرتڪب ٿين ٿا. نبين ۽ رسولن جي ڏسيل هدايت جا انڪاري رهن ٿا ۽ پنهنجا معاملا خدا جي قانون بدران پنهنجن ذاتي مفادن ۽ خيالن مطابق ڪن ٿا ۽ ٻين انسانن کي ۾ الله جي راهه تي اڇڻ ۽ ان جي قانون تي عمل پيرا ٿيڻ کان روڪين ٿا. انهن تي عذاب تي عذاب وڌندو رهندو، ان ۾ ڪا ۾ ڪمي نه ايندي. ڇو ته هو پاڻ ته گمراهه رهيا، پر ٻين کي ۾ گمراهه ڪرڻ جا مرتڪب ٿيا، ان ڪري انهن جو عذاب ۾ ٻيڻو ٽيڻو ۽ چوڻو ٿيندو رهندو.

ياد رهي ته جهڙيءَ طرح اهل جنت جا جدا جدا درجا آهن، اهڙيءَ طرح ڪافرن، مشرڪن ۽ گناهگان جا ۾ دروزخ ۾ مختلف درجا ۽ ڪوٺيون هوندیون، جن ۾ هو پنهنجي سزا جي لحاظ سان رکيا ويندا. (الحجر: 44/15، الواقعه: 9-10/56) اي پيغمبر ﷺ! هنن کي ان ڏينهن کان خبردار ڪر، جنهن ڏينهن اسان هر امت منجهان انهن تي شاهدي ڏيندڙ گواهه، گواهيءَ لاءِ ڪڙو ڪنداسون ۽ توکي انهن ماڻهن تي گواهه ڪري پيش ڪنداسون. هنن کان اڳ آيت 84 ۾ اهو ئي مضمون آيو آهي ته هر امت لاءِ رسول موڪليو ويو آهي ۽ هر رسول پنهنجي پنهنجي امت تي گواهي ڏيندو ته هن خدا جو پيغام هنن تائين پوري جو پورو پهچايو هو. رات ڏينهن هنن جي ڀلائي ۽ خير خواهي لاءِ ڪين سڏي رستي تي آڻڻ جي ڪوشش ڪئي. هن سلسلي ۾ هنن ڪافرن طرفان پهتل ايذاءُ ۽ رنجشون برداشت ڪيون، پوري ڪوشش ڪئي ته هي راهه راست تي اچي وڃن، مگر هنن هڪ به نه ٻڌي ۽ پنهنجين مستين ۽ گمراهين ۾ گم رهيا. هنن اهو انڪار اڻ ڄاڻائي سبب نه ڪيو آهي، پر هنن کي پوري طرح خبردار ڪيو ويو هو. اهڙي شاهديءَ بعد اي پيارا حبيب ﷺ! تو کان هنن جي خلاف شاهدي ورتي ويندي. خاص طور مڪي جي مشرڪن ۽ ڪافرن کي الله جي پيغام پهچائڻ ۾ تو ڪا به ڪمي ناهي ڪئي. توکي هنن تي گواهه ڪيو ويندو ته هنن حق جو پيغام ٻڌڻ بعد به حق قبول ڪرڻ کان انڪار ڪيو، شهادت جو اهو مضمون (البقره: 143/2، النساءِ: 41/4 ۽ النحل: 84-89/16) ۾ به آيو آهي. هنن جي هدايت لاءِ هي ڪتاب القرآن نازل ڪيو ويو آهي. جيڪي ماڻهو ان کي قبول ڪندا ۽ ان جي ٻڌايل طريقي جي اطاعت ڪندا ته هي ڪتاب انهن کي زندگيءَ جي

هر معاملي ۾ صحيح رهنمائي ڏيندو ۽ ان جي پيروي سان هنن تي الله جون رحمتون ۽ نوازشون ٿيندیون رهنديون ۽ هي کتاب کين بشارت ڏيندو ۽ حساب واري ڏينهن الله جي عدالت مان هو کامياب موٽندا. پر جيڪي هن کتاب کي کونہ مجيندا ۽ ان جي حڪمن جي انحرافي کندا ۽ هي کتاب انهن خلاف ثبوت جو دستاويز هوندو. حضرت علي رضی اللہ تعالیٰ عنہ جو شعر آهي.

جَمِيْعُ الْعِلْمِ فِي الْقُرْاٰنِ لٰكِنْ
تَقَاصَرَ عَنْهُ اَفْهَامُ الرِّجَالِ

قرآن کريم ۾ تمام علمن جو سرچشمو آهي، پر ماڻهن جا ذهن ان کي سمجهڻ کان قاصر آهن.

هن آيت ۾ "هٰٓؤُلَآءِ" يعني مشارالیه (جنهن ڏانهن اشارو ٿيو آهي) مان مراد امت محمد خَاتَمُ النَّبِيِّيْنَ صلی اللہ تعالیٰ علیہ وسلم آهي. پاڻ امت جي هر فرد تي گواهي ڏيندا، پاڻ کريم خَاتَمُ النَّبِيِّيْنَ صلی اللہ تعالیٰ علیہ وسلم جن جو فرمان آهي: (ترجمو) منهنجي زندگي ۾ اوهان لاءِ بهتر آهي ۽ هتان انتقال کري وڃڻ ۾ توهان لاءِ بهتر آهي. (ٻنهي صورتن ۾) توهان جا اعمال منهنجي آڏو پيش کيا وڃن ٿا. جيڪڏهن اوهان جي نيڪيءَ کي ڏسان ٿو ۾ الله جو حمد کيان ٿو ۽ جيڪڏهن اوهان جا گناهہ ڏسان ٿو ۾ توهان جي حق ۾ استغفار کيان ٿو. سورة البقره: 143/2 ۾ "وَيَكُوْنَ الرَّسُوْلُ عَلَيْكُمْ شَهِيْدًا" جو تفسير حضرت شاهہ عبدالعزيز محدث دهلوي رحمۃ اللہ علیہ کيو آهي:

"باشد رسول شما بر شما گواه زيرانکه او مطلع است بنور نبوت بر رتبه هر متدين بدين خود که در کدام درجه در دين من رسيده و حقيقتِ ايمان او چيست و حجاب که بدان از ترقی محجوب مانده است، پس او می شناسد گناهان شماراو درجات ايمان شماراو اعمالِ نيک و بد شماراو اخلاص و نفاق شمارا" (تفسير عزيزي)

(اوهان جو رسول توهان تي گواهي ڏيندو، ۾ ته هو پنهنجي نبوت واري نور سان پنهنجي دين جي هر مجيندڙ جي مرتبي کي ته منهنجي دين ۾ ان جو کهڙو درجو (مقام) آهي ۽ هن جي ايمان جي حقيقت چا آهي ۽ اهو کهڙو حجاب (پردو) آهي، جنهن جي هن

جي ترقي رکيل آهي ۽ پوءِ هو توهان جي گناهه کي بہ ڄاڻي ٿو. توهان جي ايمان جي درجن کي توهان جي نيڪ ۽ بد ساري اعمال کي ۽ اوهان جي اخلاص ۽ نفاق کي.)

سورة البقره: 143/2 ۾ بہ اهو مضمون آيو آهي تہ حضور خَاتَمُ النَّبِيِّينَ ﷺ جي امت باقي نبين جي امت تي گواهي ڏيندي تہ سندن نبين کين حق جي دعوت ڏني هئي، هنن جو چوڻ تہ اسان کي دعوت نہ ملي هئي، غلط آهي. ۽ حضور پاڪ خَاتَمُ النَّبِيِّينَ ﷺ پنهنجي امت تي گواهي ڏيندو ۽ کين ٻڌائيندو تہ اڳين نبين بہ دعوت ڏني هئي، پر سندن ماڻهن مان ڪن قبول نہ ڪئي. اوهان بہ دعوت حق قبول نہ ڪندا. يا ڪندا تہ ٻنهي حالتن ۾ اوهان تي گواهي ڏني ويندي. (النساء: 41/4)

امام قرطبي رحمه الله حضرت سعيد بن مسيب رضي الله عنه جو قول نقل ڪيو آهي: "لَيْسَ مِنْ يَوْمٍ اِلَّا تُعْرَضُ عَلَى النَّبِيِّ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ اُمَّتَهٗ غُدُوَّةً وَّ عَشِيَّةً فَيَعْرِفُهُمْ بِسِيْمَاهُمْ وَاَعْمَالِهِمْ فَلِذَالِكَ يَشْهَدُ عَلَيْهِمْ" حضور ﷺ وٽ هر صبح و شام حضور ﷺ جي امت پيش ڪئي ويندي آهي، حضور ﷺ پنهنجي هر امتيءَ جو چهرو ۽ سندس اعمال ڄاڻي سڃاڻي ٿو. انهي ڪامل ۽ علم جي ڪري حضور ﷺ قيامت جي ڏينهن ساري امت جا گواهہ هوندا." (الاحزاب: 46/33-45) اي نبي عليه التحية والسلام! اسان توکي يقينًا گواهي ڏيندڙ، خوشخبري ڏيندڙ ۽ خبردار ڪندڙ ۽ الله طرف سندس حڪم سان سڏيندڙ ۽ روشن چراغ ڪري موڪليو آهي. سورة النساء: 41/4 ۾ آهي: "يٰٓاَيُّهَا النَّبِيُّ اِنَّآ اَرْسَلْنٰكَ شَاهِدًا وَّ مُبَشِّرًا وَّ نَذِيْرًا ۝ وَّدَاعِيًا اِلَى اللّٰهِ بِاِذْنِهٖ وَسِرَاجًا مُّنِيْرًا ۝" ان ڏينهن ڪهڙي صورتحال هوندي جڏهن اسان هر امت مان هڪ گواهہ آڻيندا سون ۽ اي حبيب اسان توکي هنن سمورن تي گواهہ ڪنداسون. سورة المزمل: 15/73 ۾ آهي: "اِنَّآ اَرْسَلْنَآ اِلَيْكُمْ رَسُوْلًا شَاهِدًا عَلَيْكُمْ كَمَآ اَرْسَلْنَآ اِلٰى فِرْعَوْنَ رَسُوْلًا ۝" اسان توهان ڏينهن هڪ رسول کي شاهد بنائي موڪليو آهي، جيئن اسان فرعون ڏانهن رسول موڪليو هيو. سورة البقره: 143/2 ۾ آهي: "وَ كَذٰلِكَ جَعَلْنٰكُمْ اُمَّةً وَّسَطًا لِّتَكُوْنُوْا شُهَدَآءَ عَلَى النَّاسِ وَ يَكُوْنَ الرَّسُوْلُ عَلَيْكُمْ شَهِيْدًا" اهڙيءَ طرح اسان توهان کي امت وسط (معتدل اُمّت) بنايو آهي تہ جيئن اوهان ماڻهن تي گواهہ ٿيو ۽ رسول ﷺ اوهان تي گواهہ ٿئي. هي ڪتاب قرآن حڪيم تو تي نازل ڪيو آهي، جو هر شيءِ جي صاف صاف وضاحت ڪري ٿو. حلال کي حرام کان، ناجائز کي

جائز كان، كوڙ كي سچ كان، ناحق كي حق كان الڳ كري وضاحت كري ٿو، سڌي راهه جي رهنمائي كري ٿو، ان تي هلڻ واري كي خوشگوار زندگي ۽ خوبصورت عاقبت جي بشارت ڏئي ٿو، جنهن جو هر حرف رحمت بڻجي قاريءَ جي كاميابي جو پيغام ڏئي ٿو. (وڌيڪ تفصيل لاءِ ڏسو النحل: 76/16 ۽ البقره: 7/2 جو تفسير) ۽ اهو سڀ فائدو انهن كي نصيب ٿئي ٿو، جيكي الله آڏو سر تسليم خم كري ايمان ۽ عمل صالح جا پابند آهن.

اِنَّ اللّٰهَ يَاْمُرُ بِالْعَدْلِ وَ الْاِحْسَانِ وَ اِيْتَآئِ ذِي الْقُرْبٰى وَ يَنْهٰى عَنِ
الْفَحْشَآءِ وَ الْمُنْكَرِ وَ الْبَغْيِ ۚ يَعِظُكُمْ لَعَلَّكُمْ تَذَكَّرُوْنَ ﴿٩٠﴾ وَ اَوْفُوْا بِعَهْدِ
اللّٰهِ اِذَا عٰهَدْتُّمْ وَ لَا تَنْقُضُوا الْاَيْمَانَ بَعْدَ تَوْكِيْدِهَا وَ قَدْ جَعَلْتُمُ اللّٰهَ
عَلَيْكُمْ كَفِيْلًا ؕ اِنَّ اللّٰهَ يَعْلَمُ مَا تَفْعَلُوْنَ ﴿٩١﴾ وَ لَا تَكُوْنُوْا كَالَّتِيْ نَقَضَتْ
غَزْلَهَا مِنْۢ بَعْدِ قُوَّةٍ اَنْكَاثًا ؕ تَتَّخِذُوْنَ اَيْمَانَكُمْ دَخَلًۢا بَيْنَكُمْ اَنْ
تَكُوْنَ اُمَّةٌ هِيَ اَرْبٰى مِنْ اُمَّةٍ ؕ اِنَّمَا يَبْلُوْكُمُ اللّٰهُ بِهٖ ؕ وَ لَيُبَيِّنَنَّ لَكُمْ
يَوْمَ الْقِيٰمَةِ مَا كُنْتُمْ فِيْهِ تَخْتَلِفُوْنَ ﴿٩٢﴾ وَ لَوْ شَآءَ اللّٰهُ لَجَعَلَكُمْ اُمَّةً
وَّاحِدَةً وَّ لٰكِنْ يُّضِلُّ مَنْ يَّشَآءُ وَ يَهْدِيْ مَنْ يَّشَآءُ ؕ وَ لَتُسْـَٔلُنَّ عَمَّا
كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ﴿٩٣﴾ وَ لَا تَتَّخِذُوْۤا اَيْمَانَكُمْ دَخَلًۢا بَيْنَكُمْ فَتَزِلَّ قَدَمٌۢ بَعْدَ
ثُبُوْتِهَا وَ تَذُوْقُوا السُّوْٓءَ بِمَا صَدَدْتُّمْ عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ۚ وَ لَكُمْ عَذَابٌ
عَظِيْمٌ ﴿٩٤﴾ وَ لَا تَشْتَرُوْا بِعَهْدِ اللّٰهِ ثَمَنًا قَلِيْلًا ؕ اِنَّمَا عِنْدَ اللّٰهِ هُوَ خَيْرٌ لَّكُمْ
اِنْ كُنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ ﴿٩٥﴾

الله عدل، احسان ۽ صله رحميءَ جو حڪم ڏئي ٿو ۽ هو روڪي ٿو بي حيائي، برائي ۽ سرڪشيءَ کان، هو توهان کي نصيحت ڪري ٿو تہ سبق حاصل ڪريو. (90) الله سان عهد پورو ڪريو، جڏهن توهان حق سان ڪو عهد ڪيو آهي، پکا قسم کٹي انهن کي ٽوڙڻ جي نہ ڪريو، جڏهن توهان الله کي پاڻ تي گواهہ بنايو آهي. الله توهان جي سڀ افعال کان آگاهہ آهي.(91) توهان ان عورت وانگر نہ ٿيو جنهن پنهنجو سٹ سنيءَ طرح ڪتيو ۽ پوءِ پاڻ ئي ان کي ادیڙي، ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيو. اوهان پنهنجن قسمن کي پنهنجن معاملن ۾ نڱڻ جو ذريعو بنايو ٿا تہ جيئن هڪ گروهہ ٻئي گروهہ کان وڌا فائدا حاصل ڪري حالانڪہ الله هن عهد و پيمان جي ذريعي اوهان کي آزمائي ٿو. اهو قيامت واري ڏينهن توهان جي سمورن اختلافن جي حقيقت توهان تي ضرور کولي بيان ڪندو. (92) جيڪڏهن الله جي اها مشيت هجي ها تہ اوهان ۾ ڪو اختلاف نہ ٿئي تہ هڪ امت بنائي ڇڏي ها. قانون مشيت موجب ڪو گمراهہ ٿئي ٿو تہ ڪو سندس مشيت موجب هدايت حاصل ڪري ٿو ۽ توهان کان توهان جي اعمال جو ضرور پڇاڻو ٿيندو.(93) (اي مسلمانو!) توهان پنهنجن قسمن کي پاڻ ۾ هڪٻئي کي ڏوکو ڏيڻ لاءِ استعمال نہ ڪريو. ائين نہ ٿئي تہ اوهان جا قدم جمي وڃڻ کانپوءِ تِرکي وڃن ۽ اوهان انهيءَ ڏوهہ جي سزا ۾ تہ اوهان ماڻهن کي الله جي رستي کان روڪيو ٿا برو عذاب ڏسٹو پوي ۽ سخت سزا جا مستحق ٿي وجو. (94) الله سان ڪيل عهد کي دنيا جي حقير خزانن عوض نہ وڪٹو، جيڪو ڪجهہ اوهان لاءِ الله وٽ آهي اهو بهتر آهي، جيڪڏهن اوهان سمجهي سگهو. (95)

هن آيت ۾ دين اسلام جي نهايت اهم احڪامن جو بيان ٿي رهيو آهي، جنهن ۾ ٿي حڪم معروف جا ۽ ٿي حڪم نهيءَ جا آهن. الله تعالىٰ عدل، احسان ۽ صله

رحميءَ جو حڪم ڏئي ٿو، بي حيائي، برائي ۽ ظلم و زيادتي کان روڪي ٿو. هن آيت ڪريمہ ۾ خير ۽ شر جا اهم بنيادي نقطا بيان ڪيا ويا آهن، جيڪي بلڪل فطري آهن. قرآن ۾ اوامر ۽ نواهي جو ذڪر آيو آهي، جيڪڏهن غور سان ڏسجي تہ سمورن قرآني اوامر جو بنياد عدل احسان ۽ قريبي رشتيدارن جي سارسنڀال جو تاڪيدي حڪم آهي، جن ۾ پهريون معاشري ۾ عدل قائم ڪرڻ آهي، جنهن جو مطلب آهي تہ هر حقدار کي هر حال ۾ سندس حق کان محروم نہ ڪيو وجي، پر بنا ڪم وڪاست ۽ صاف ستري نموني هن کي سندس حق ملي وجي. اهو شخص پلي معاشري جو ڪمزور ۽ بي سهارا فرد هجي يا اقتدار، مال و دولت جو ڏٽي هجي، عدل جي تارازيءَ ۾ ڪنهن طرف ناجائز جهڪاءُ نہ ڪري، ڇوتہ معاشرو عدل ڪانسواءِ امن وسلامتيءَ سان نٿو هلي سگهي. عدل معنيٰ اعتدال ۽ اچي ٿو، يعني افراط ۽ تفريط کان بچڻ، دين ۾ ۽ افراط يعني غلو نہ ڪجي ۽ تفريط ۾ ڪوتاهي نہ ڪجي. (النساء: 135/4، المائده: 28/5-8-2، الانعام: 152/6) عدل ۾ انصاف يعني نصف نصف وارو تصور غلط آهي. بن ڏرين ۾ برابر برابر ڪرڻ عدل نہ آهي. عدل تہ جنهن جو جيترو حق آهي، ان کي اوترو ڏيڻ، يعني انساني حقن ۾ توازن ۽ تناسب رکڻ. احڪام الاهي جو ٻيو بنيادي نقطو احسان آهي. يعني معاملي ۾ مخالف ڏر سان چڱو برتاءُ ڪرڻ، فياضي ۽ سخا سان معاملو ڪرڻ، همدردانہ رويو، رواداري، خوش خلقي ۽ در گذر ڪرڻ. ياد رهي تہ منصف کي بن ڏرين جي فيصلي ۾ بلڪل توازن، مناسب ۽ انصاف قائم ڪرڻو آهي. حقدار کي ان جو پورو پورو حق ڏيارڻ آهي، پر احسان بن ڏرين جو پاڻ ۾ معاملو طي ڪرڻ آهي. ان ۾ احسان يعني حسن سلوڪ جو مظاهرو ڪرڻ آهي، جنهن ۾ هڪ ڏر پنهنجي حق کان گهٽ وٺي ۽ مخالف کي وڌيڪ ڏيڻ ۾ خوشي محسوس ڪري. يعني ٻئي سان عدل ۽ انصاف کان وڌي احسان ڪري وڌيڪ ڏئي تہ احسان آهي. احسان جي معنيٰ نيڪ ڪم ڪرڻ وقت سمجهي تہ هو خدا کي ڏسي رهيو آهي. پر جيڪڏهن اها ڪيفيت پيدا نہ ٿئي تہ ائين سمجهي الله هن کي ڏسي رهيو آهي.(حديث جبرئيل) احسان جو بدلو احسان ئي آهي.(الرحمان 55/60) اهڙي طرح زال مڙس جي طلاق واري معاملي ۾ ۽ مرد کي احسان جو تاڪيد ڪيل آهي.

ڪو ماڻهو هڪ عورت کان ٻڪري خريد ڪرڻ آيو، قيمت پڇيائين تہ ڪيس هڪ هزار روپيا ٻڌائي هئي. همراهہ ڪيس چيو منهنجي ضرورت آهي، مون تي احسان ڪر،

عورت سوچي کيس چيو تہ پنجاھ روپيا ڏي. ماڻھو حيران ٿي چيو تہ ڪٿي ھڪ هزار ڪٿي پنجاھ روپيا؟ عورت چيو تہ تو مون کي احسان ڪرڻ جو چيو آھي، مان تہ ٻکري احسان ۾ ئي ڏئي ڇڏيان ھا، پر پنجاھ روپيا قرضدار کي اڄ ڏيڻا آھن، رڳو اھي پئي گھران. ان کي چئبو آھي احسان. ياد رھي تہ جنھن معاشري ۾ عدل جي ضرورت آھي، اتي احسان جو ھجڻ لازم آھي. احسان انساني خلق ۽ رحم دلي جو خوبصورت ۽ دلپذير اظھار آھي، جنھن سان محبت، ايثار، خلوص، ھمدردي، اعليٰ ظرفي ۽ خيرخواھي جا جذبا پروان چڙھن ٿا ۽ ڏرين ۾ شڪرگذاريءَ جا پيغام جاري رھن ٿا. ۽ جيڪي عھد توھان الله تعالىٰ سان ڪيا آھن، اھي ضرور پورا ڪريو، جن جو قرآن ۾ بار بار ذڪر آيو آھي. (البقره:63/2)

ھن سلسلي ۾ ٽين شيءِ جيڪا معاشري ۾ ھم آھنگي ۽ خير خواھي کي ذوي القربىٰ يعني قريبي رشتيدارن جي سار سنيال لھڻ، غم خوشي ۾ شريڪ ٿيڻ ۽ سندن مالي معاونت ڪرڻ آھي. جنھن انسان ۾ پنھنجي قريبي عزيزن جي تڪليف، بيماري، بک، اجھي لٽي جي نہ ھجڻ جو ذرا پر خيال نہ آھي، اھو معاشري جو ڪھڙو ھمدرد ۽ ھڏڏوکي ٿي سگھي ٿو. عدل ۽ انصاف کان ٻہ اڳتي احسان آھي، ان کان چار قدم اڳتي ذوي القربىٰ تي انفاق ڪرڻ جو حق آھي. مالدار ماڻھوءَ کي ھن جي مدد عدل يا احسان نہ آھي، پر ھنن مٿان خدائي فريضو آھي. جنھن جي ادا نہ ڪرڻ جو پڇاڙو ٿيندو ۽ سزا ملندي. نعمت وارن ماڻھن کي مسڪينن جي مدد ٻہ لازم آھي. (الحاقة: 34/69، الدهر: 8/76، الفجر: 18-20/89، اليل: 14-16/92) مٿي ذڪر ڪيل امر بالمعروف جي ٽن بنيادي ارڪان تي عمل ڪرڻ بعد الله تعالىٰ معاشري جي ٽن بنيادي براين کان روڪڻ جو حڪم ڏئي ٿو، فحشاء ھر بي حيائي، بيھوده ۽ شرمناڪ عمل جو نالو آھي ۽ ھر طرح جو برو ڪم ڪرڻ، جنھن کي معاشرو گندو سمجھي ٿو، ان کي "اَلمُنڪَر" سڏيو ويو آھي. يعني ھر معروف ۽ ڄاتل سڃاتل راھ کي ڇڏي، ابتو رستو اختيار ڪرڻ "مُنڪر" آھي.

قرآن مجيد ۾ امر بالمعروف ۽ نھي عن المنڪر کي اسلامي معاشري جي اصلاح، خوشحالي ۽ ترقيءَ جو ضامن قرار ڏنو آھي. انھي مان مراد آھي، حد کان تجاوز ڪرڻ ۽ ٻين جي حق تي زبردست قبضا ڪرڻ، دست درازي ڪري ٻين کي ناحق نقصان ڏيڻ. خدا توڙي مخلوق جي حقن کان منھن موڙي، زيادتي ۽ ظلم ڪرڻ "البغي" آھي.

هي اخلاقي اقدار ان ڪري بيان ڪيا ويا آهن تہ توهان نصيحت حاصل ڪريو. انساني زندگي جي بلند مقصدن کي هميشہ پيش نظر رکو ۽ انساني زندگيءَ کي حيواني زندگي نہ بڻايو. اوهان الله سان جيڪو عهد ڪيو آهي، اهو عهد ضرور پورو ڪريو. (التوبه: 111/9) جنهن ۾ مؤمنن کان سندن جان ۽ مال جو نذرانو الله جي رضا لاءِ پيش ڪرڻ جو عهد ورتو ويو آهي. الله سان ڪيل عهد جي خلاف ورزي نہ ڪريو. (التوبه: 11/9)

جان دی، دی ہوئی اسی کی تھی
حق تو یہ ہے کہ حق ادا نہ ہوا۔

جڏهن توهان الله جو قسم کڻي يعني الله کي پنهنجي وعده وفائيءَ جو گواهہ بنائي وعدو ڪيو ٿا تہ ان جي وعده وفائي هر حال ۾ لازم آهي، ڪڏهن بہ اهڙي پڪي وعدي جي ٽوڙڻ جو سوچيو بہ نہ. هي نهايت وڏي بدعهدي ٿيندي. ڇو تہ اوهان پنهنجي هن قسم تي الله کي گواهہ بنائي چڪا آهيو ۽ الله توهان جي تمام افعال کان آگاهہ آهي. هڪ عهد اهو آهي، جيڪو الله سان ڪيو آهي. اهڙو عهد وڏي ذميداري آهي، جنهن جو پورو ڪرڻ لازم آهي. هن جي اهميت توتي سڀ کان وڌيڪ آهي. (البقره: 10/2 کان 42) ٻيو عهد اهڙو آهي، جو هڪ انسان ٻئي انسان سان يا هڪ قوم ٻي قوم سان الله کي گواهہ بنائي عهد ڪندي آهي. ٽيون عهد اهڙو آهي جيڪو هڪ ڌر يا هڪ انسان ٻي ڌر يا انسان سان معاهدي طور ڪندي آهي. پر ان ۾ الله جو قسم نہ هوندو آهي. اهي ٽئي عهد ترتيب وار نمبر اول، نمبر دوئم ۽ نمبر سوئم جو درجو رکن ٿا، پر ٽنهي وعدن جو پورو ڪرڻ لازم آهي. (البقره: 100/2-63-40-20، المائده: 1/5، الاعراف: 172/7، المؤمنون: 8/23) ٻن شخصن جي درميان عهد شڪني تہ برائي آهي ئي آهي، پر ٻن قومن يا جماعتن ۾ عهدشڪني ڪري، ان کي سياسي چال جي ڪاميابي سڏڻ ۽ ان تي فخر ڪرڻ، نوع انسان کي فساد ۽ جنگ جدل ۾ وجهڻ جو احمقانہ طريقو آهي، هي بلڪل مديني جي يهود وارو طريقو آهي، جنهن ۾ هو چوندا هئا: "لَيْسَ عَلَيْنَا فِي الْأُمِّيِّينَ سَبِيلٌ" (آل عمران: 75/3) يعني اهل ڪتاب کان سواءِ ٻين سان ڏوکو ڪرڻ، ٺڳي ڪرڻ وعده خلافي ڪرڻ يا سندن حق هضم ڪرڻ لاءِ اسان کان پڇاڙو نہ ٽيندو. پنهنجي قول و اقرار جي عهد شڪني نہ ڪيو، اوهان الله کي گواهہ بنائي چڪا آهيو. اوهان جيڪي ڪجهہ ڪيو ٿا، ان جو الله

كي پورو علم آهي.

هت يهودين جي انهن فتنه انگيز ۽ فساد ڦهلائڻ وارين ناڪام ڪوششن جو ذڪر آهي ته پهريان توهان خوشي خوشي عهد ڪريو ٿا ۽ ان عهد کي محڪم ۽ مضبوط ڏيکارڻ لاءِ الله جا قسم کڻي الله کي پنهنجن وعدن تي گواهه بنايو ٿا. (البقره: 63/2) ٻي ڏر کي يقين اچي ٿو ته اوهان قسم کڻڻ ۽ عهد ڪرڻ ۾ سچا هوندا. پر جڏهن ان کيل عهد اقرار جي پوري ڪرڻ جو وقت اچي ٿو ته ان عهد کي اهڙي طرح پاش پاش ڪيو ٿا، (الحديد: 20/57) جهڙيءَ طرح ڪا عورت وڏي محنت سان سٽ ڪتي صاف ڪري، استعمال ڪرڻ جهڙو ٻٽائي ته اچانڪ ان ڪتيل سٽ کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏي ۽ سندس عمر پر جي ساري محنت برباد ٿي وڃي. توهان پنهنجن قسمن کي پنهنجي درميان دخل اندازيءَ جو ذريعو بنايو ٿا ته جيئن هڪ قوم ٻي قوم تي سبقت حاصل ڪري سگهي ۽ ٻي قوم شڪست کائي وڃي. پنهنجي هن ذاتي مفادن واري خام خياليءَ کي، الله کي گواهه بنايل پڪن پختن وعدن تي ترجيح ڏيو ٿا. (الحديد: 20/57) الله تعالىٰ اوهان جي ايمانن جي آزمائش ڪري رهيو آهي ته توهان حق ۽ سچ جا پيروڪار آهيو يا نسل پرست آهيو. جيڪڏهن اوهان حقيقت کي نڪرائي نسل پرستي يا قوم پرستي کي ترجيح ڏني ته پوءِ الله سان اوهان جو ڪو تعلق نه آهي. (التوبه: 11/9) پر جيڪڏهن حقيقت پسند آهيو ته اي اهل ڪتاب (يهود) اهو وقت ياد ڪريو جڏهن اوهان اهل عرب کي اهو ڇئي مرعوب ڪندا هئا ۽ ڏمڪائيندا هئا ته اسان جي ڪتابن ۾ نبي آخر زمان عليه الصلواة والسلام جي آمد جي بشارت ڏني وئي آهي.(الصف: 6/61)

ابن مريم جي بشارت يا تمنائي ڪليم
يا خليل الله جي دل جي دعا پيدا ٿيو

(مشتاق سچاروي)

جڏهن اهي نبي تشريف فرما ٿيندا ۽ نبوت جو اعلان ڪندا ته اسان ان سان ملي اوهان تي غلبو حاصل ڪنداسون، پر جڏهن اهو آيو ته يهودين جو سارو زور ان نبي ﷺ جي خلاف ٿي ويو. جنهن جو محرڪ هنن لاءِ اهو هيو ته حضرت محمد ﷺ بني اسماعيل آهي. بني اسرائيل يعني حضرت اسحاق ۽ حضرت يعقوب عليهما السلام جي سلسلي مان نه آهي.

يهود پاڻ کي اهل ڪتاب ۽ بني اسماعيل کي اُمِيّين يعني "ڪتاب الاهي جي هدايت کان ڪورا" سمجهندا هئا. ان ڪري يهود پاڻ ڪريمن ﷺ جا مخالف ٿي ويا. اسلام ڏانهن مائل ٿيندڙ مؤمنن کي اسلام کان روڪي رهيا هئا. اهل عرب سان ملي اسلام جي شمع اجهائڻ لاءِ پنهنجو سرمايو ۽ مذهبي حيثيت استعمال ڪري رهيا هئا. (الصف 61/81) قسم کٽي ماڻهن کي غلط معلومات ڏئي رهيا هئا تہ اسان جي ڪتابن ۾ هن نبي ﷺ جو ڪو ذڪر ناهي ۽ نہ وري اسان جي نبين ئي هن جي ڪا خبر ڏني آهي. يهود مذهبي قيادت هجڻ سبب ماڻهن کي گمراهہ ڪرڻ ۾ ڪوشان هئا ۽ سندن ڪوشش هئي تہ هي نئون دين هنن جي پراڻي دين تي غالب نہ اچي ۽ مسلمانن کي عرب جي خطي تي غلبو حاصل نہ ٿئي. ان ڪري هو شروع شروع ۾ ڪيل عهد ٽوڙي موافقت بدران مخالفت ڪرڻ لڳا تہ جيئن مسلمانن کي غلبو حاصل نہ ٿئي. هنن کي ياد رکڻ گهرجي تہ قيامت جي ڏينهن کين سمورن اختلاف جي حقيقت کان آگاهہ ڪيو ويندو. جيڪڏهن الله جي اها مشيت هجي ها تہ هو توهان سيني کي هڪ امت بڻائي ڇڏي ها. پر خدا توهان کي علم و شعور جي نعمتن عطا ڪري اختيار ۽ ارادي جي آزادي ڏني آهي. جيڪڏهن ڪي ماڻهو يا قوم پاڻ کي الله جو طرفدار سمجهي جائز ۽ ناجائز يعني هر طريقي سان پنهنجي مذهب ۽ عقيدي کي فروغ ڏيڻ لاءِ ٻين جي مذهب ۽ عقيدي کي هيٺ ڏيکارڻ لاءِ ڪوشش ڪري رهيا آهن تہ سندن اهڙي ڪوشش ۽ ڪارروائي الله جي منشا ۽ قانون فطرت جي خلاف آهي. الله گهري ها تہ هو پوري نوع انسان کي هم خيال جماعت بنائي سگهيو ٿي. جنهن ۾ ڪيس اهڙن ڪوڙي دعويٰ وارن جي ڪا ضرورت ڪانهي، سڀ ماڻهو ڪفر ۽ معصيت کان محفوظ رهي. مؤمن ۽ فرمانبردار ٿي وڃن ها. مگر اهو قانون مشيت جي خلاف هيو. انسانن جون راهون ان ڪري الڳ آهن جو کين اختيار ۽ ارادي جي مهلت مليل آهي. (الكهف: 29/18) ان ڪري ان کي گمراهہ ڪري ٿو، جيڪو گمراهي اختيار ڪري ٿو ۽ هدايت ان کي ڏئي ٿو، جيڪو هدايت گهري ٿو. جيڪو ڪجهہ اوهان ڪري رهيا آهيو، ان جو توهان کان ضرور پڇاڻو ٿيندو. اوهان وٽ نبي آخرالزمان ﷺ آيو آهي. اوهان کي توهان جي ڪتابن ۾ بہ ٻڌايو ويو آهي، جيڪڏهن اوهان حق تي ڪفر کي ترجيح ڏني ۽ ان جي دعوتِ دين جي تصديق نہ ڪئي ۽ ان کي ڪوڙو ڪوٺڻ ۾

لڳا رهيا تہ توهان کان ان جو پڇاڙو ضرور ٿيندو. (البقره: 41/2-40). ان ڪري توهان ڪفر جي ابتدا نہ ڪجو. (البقره: 41/2)

قريا پسي ڦيٽ، ڪرين ڪير نہ چڪيو
دنيا ڪارڻ دين وڃائي ولها ٿيا

(شاهہ رحمۃ اللہ علیہ: سر ڈهر)

ياد رکو تہ عهد ۽ پيمان نهايت اهم معاملا آهن، جن کي معمولي ۽ غير سنجيده نہ سمجهو. وري وري اوهان کي تاکيد ڪيو وجي ٿو. هن کان اڳ آيت 92 ۾ بہ هن جي اهميت جو ذڪر ٿي چڪو آهي. هت بہ ارشاد رباني آهي تہ اي مسلمانؤ! اوهان هڪ ٻئي کي ڏوکو ڏيڻ ۽ دنياوي مفاد حاصل ڪرڻ لاءِ قسمن جي بي حرمتي ڪري نہ ٽوڙيو. هن جو اوهان جي ذات تي تہ لازمي اثر پوندو، پر ان جي ڪري ڪنهن مؤمن جي دل ۾ اوهان جا ڪوڙا قسم اهڙا خدشا پيدا نہ ڪن، جن سبب هو ايمان جي راهہ ڇڏي ڏئي ۽ سندس مضبوط قدم ترڪي وجن ۽ هو وري گمراهيءَ جي غار ۾ هليو وجي ۽ هو اهڙي گمراهہ ماڻهن جي دام ۾ اچي ڪفر ۽ گمراهيءَ جو رستو ختيار ڪري. اوهان ذاتي فائدن حاصل ڪرڻ لاءِ عهد پيمان ٽوڙي، پاڻ سان گڏ ٻين کي گمراهہ ڪرڻ جا ذريعا ٻڌجو ٿا. "وَ لَا تَكُوْنُوْٓا اَوَّلَ كَافِرٍۭ بِهٖ" (البقره: 41/2) توهان ان جا اولين انڪاري نہ ٿيو، ان جي باوجود اوهان سچي گواهي لڪائي رهيا آهيو. "وَ مَنْ اَظْلَمُ مِمَّنْ كَتَمَ شَهَادَةً عِنْدَهٗ مِنَ اللّٰهِ" (البقره: 140/2) ۽ ان کان وڌيڪ ظالم ڪير هوندو، جنهن گواهي لڪائي، جيڪا هن وٽ الله طرفان آهي. جنهن معاشري ۾ عهد و پيمان کي اهميت نہ ڏني وجي ان کي نہ استقلال نصيب ٿي سگهي ٿو نہ امن. اهو معاشرو لوپي ۽ ٽوڪي ماڻهن جو آماجگاهہ رهي ٿو. جيڪي گرهہ جي لالچ تي دين وڪرو ڪريو ڇڏين.

جنهن سناسي سانڊيو گندي ۽ گراهہ
انهيءَ کان الله اجان آڳاهون ٿيو.

(شاهہ رحمۃ اللہ علیہ)

اوهان پنهنجي پروردگار سان ٻانهپ جو عهد ڪيو آهي (التوبه: 111/9) جنهن ۾ پنهنجو پاڻ الله جي حوالي ڪري چڪا آهيو ۽ ان جي دين ۽ فرمان الاهي جي دنيا ۾

غلبي ۽ قوت آڻڻ جو عزم مصمم ڪيو آهي. جيڪو الله جي وڏي نعمت آهي ۽ دنيا جي ڪا به شيءِ ان جي مقابلي ۾ هيچ ۽ ناچيز آهي. ان ناچيز، فاني ۽ بي بقا دنيا جي عيوض الله سان ڪيل عهد و پيمان پورو ڪرڻ خدا جي عظيم ترين نعمت آهي. ان ڪري هڪ بي بها شيءِ کي نهايت ڪمتر ۽ خسيس شيءِ جي عيوض وڪٽي نه ڇڏيو. "ثَمَنًا قَلِيلًا" يعني "ٿوري قيمت" مان ائين سمجهڻ نه گهرجي، گهٽي قيمت تي وڪڻڻ جي منع ناهي. دراصل دنياداري جي هر شيءِ دين داري جهڙي هن اهم فريضي آڏو بلڪل هيچ ۽ ناچيز آهي، پر الله سان ڪيل عهد و پيمان پورا ڪرڻ ۾ اوهان لاءِ خير ئي خير آهي. جيڪڏهن اوهان ۾ تميز ڪرڻ جو علم ۽ ايمان آهي.

مَا عِنْدَكُمْ يَنْفَدُ وَ مَا عِنْدَ اللّٰهِ بَاقٍ ؕ وَ لَنَجْزِيَنَّ الَّذِيْنَ صَبَرُوْۤا اَجْرَهُمْ بِاَحْسَنِ مَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿۹۶﴾ مَنْ عَمِلَ صَالِحًا مِّنْ ذَكَرٍ اَوْ اُنْثٰى وَ هُوَ مُؤْمِنٌ فَلَنُحْيِيَنَّهٗ حَيٰوةً طَيِّبَةً ۚ وَ لَنَجْزِيَنَّهُمْ اَجْرَهُمْ بِاَحْسَنِ مَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿۹۷﴾ فَاِذَا قَرَاْتَ الْقُرْاٰنَ فَاسْتَعِذْ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ﴿۹۸﴾ اِنَّهٗ لَيْسَ لَهٗ سُلْطٰنٌ عَلَى الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَ عَلٰى رَبِّهِمْ يَتَوَكَّلُوْنَ ﴿۹۹﴾ اِنَّمَا سُلْطٰنُهٗ عَلَى الَّذِيْنَ يَتَوَلَّوْنَهٗ وَ الَّذِيْنَ هُمْ بِهٖ مُشْرِكُوْنَ ﴿۱۰۰﴾ ع ١٣ ١٤ ١٩

جيڪو اوهان وٽ آهي، اهو (هڪ ڏينهن) ختم ٿي ويندو ۽ جيڪو ڪجهه الله وٽ آهي، اهو ئي باقي رهڻ وارو آهي ۽ اسان ضرور صبر سان ڪم ڪرڻ وارن کي اجر سندن بهترين عملن مطابق ڏينداسون. (96) جو شخص به چڱو ڪم ڪندو، خواهه مرد هجي يا عورت ۽ مؤمن آهي تہ اسان دنيا ۾ ان کي پاڪيزه زندگي عطا ڪنداسون ۽ آخرت ۾ اهڙن ماڻهن کي سندن بهترين اعمال مطابق اجر عطا ڪنداسون.(97) پوءِ جڏهن اوهان قرآن پڙهڻ لڳو تہ شيطان

رجيم کان (بچڻ جي) پناھ گھرو.(98) ھن (شيطان) کي انھن ماڻھن تي ڪو زور نٿو ھلي جيڪي ايمان آڻين ۽ پنھنجي رب تي پروسو رکن ٿا. (99) ھن جو زور (حڪم) تہ انھن ماڻھن تي ھلي ٿو جيڪي ھن کي پنھنجو دوست بنائين ٿا ۽ ھن جي صحبت ۾ شرڪ ڪن ٿا. (100)

اوھان جنھن ڏن ۽ دولت تي غرور ڪري رھيا آھيو تہ اوھان جو مال ھر حال ۾ توھان جو محافظ رھندو، ياد رکو تہ ھي جيڪي ڪجھ اوھان وٽ آھي، اھو فاني آھي، ختم ٿي ويندو. ھن کي ڪو دائمي بقا ناھي. ھن جو وجود پاڻيءَ جي ڦڙي وانگر آھي. بقا واري صرف اھا نعمت آھي، جيڪا الله وٽان عطا ٿئي. (ص: 54/38) ان ڪري جيڪي ماڻھو حرص، ھوس، طمع ۽ خواھش کان پاڻ بچائي رکن ٿا، حق ۽ سچائي تي مضبوطي سان قائم رھن ٿا ۽ ھن راھ ۾ ايندڙ تڪليفن ۽ مشڪلاتن جو استقلال سان مقابلو ڪن ٿا ۽ ھر ان نفعي کي ٺڪرائي ڇڏين ٿا، جيڪو ناجائز ۽ باطل طريقي سان حاصل ٿئي، اھڙن ماڻھن لاءِ اجر سندن نيڪ ڪمن مطابق ھوندو. جنھن ۾ ڪا ڪمي نہ ھوندي. جنھن بہ شخص جو عمل جنھن بہ درجي جو ھوندو، ھن کي ان مطابق اجر ملندو. ڇو تہ جھڙيءَ طرح گنھگار جا بہ جدا جدا درجا آھن، اھڙي طرح نيڪوڪارن جا بہ الڳ الڳ درجا آھن.

ھزاروں خواھشيں ايسی ڪہ ھر خواھش پر دم نڪلے
بہت نڪلے ميرے ارمان ليڪن پھر بھی ڪم نڪلے

حديث شريف آھي: "جَاهِدُوْا اَهْوَآئَكُمْ كَمَا تُجَاهِدُوْنَ اَعْدَآئَكُمْ" پنھنجي (غلط) خواھشن سان ائين مقابلو ڪريو، جھڙيءَ طرح دشمن جو مقابلو ڪيو ٿا. يعني خواھشون دشمن وانگر آھن. حضرت علي ڪرم الله وجھ کان روايت آھي: "اِنَّمَا اَخْشٰى عَلَيْكُمْ اِثْنَيْنِ طُوْلِ الْعَمَلِ وَاتِّبَاعِ الْهَوٰى فَاِنَّ طُوْلَ الْاَمَلِ يُنْسِى الْاٰخِرَةَ وَاتِّبَاعَ الْهَوٰى يَسُدُّ مِنَ الْحَقِّ" مان اوھان لاءِ بن شين کان ڊڄان ٿو، وڏيون اميدون رکڻ ۽ خواھشن جي تابعداري ڪرڻ. وڏي وڏي اميد رکڻ سان آخرت وسري وڃي ٿي ۽ خواھش جي تعبيداري حق کان روڪي ٿي. حضرت حسن بصري رحمۃ اللہ علیہ چيو آھي: "مَآ اَطَالَ عَمَدِ الْاَمَلِ اِلَّا اَسَآءَ الْعَمَلِ" وڏيون اميدون برن ڪمن لاءِ لاڙين ٿيون.

ڪو بہ شخص مرد هجي يا عورت، جيڪو بہ ايمان قبول ڪري ٿو ۽ عمل صالح ڪندو رهي ٿو تہ اسان ان کي هن دنيا ۾ بہ پاڪيزه زندگيءَ سان نوازينداسون ۽ آخرت ۾ بہ سندس نيڪ عملن جي لحاظ سان بهترين اجر عطا ڪنداسون. (النساءِ: 124/4، آل عمران: 195/3، المؤمن: 40/40) هت انهيءَ عام تاثر کي رد ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ ڪجهہ ماڻهو مسلم توڙي ڪافر سمجهن ٿا تہ سچائي، پرهيزگاري ۽ ايمانداري جي زندگي گذارڻ وارن کي آخرت ۾ ڪٽي ڪجهہ ملي وڃي، پر هن دنيا ۾ هنن کي ڏکي زندگي گذارڻي ٿي پوي. واپار يا ڪاروبار وڏائڻ لاءِ سچ ۽ ديانتداري جي ضرورت ناهي، پر چرب زباني ۽ ڏوکي جو وڏو دخل آهي. سو ايماندار، ديانت دار، حق ۽ سچ جو عملبردار تہ ائين ڪونہ ڪندو، پوءِ اهو مال دولت ڪٽان ميڙيندو. سدائين تنگ دست ۽ بدحال رهندو، پر کين ٻڌايو ٿو وڃي تہ اهو تصور ۽ روش غلط آهي. الله نيڪ ۽ پرهيزگار ماڻهن جي زندگيءَ ۾ بہ خوشحالي، پاڪيزگي، اطمينان ۽ خوشنودي آڻيندو آهي تہ آخرت ۾ سندس نيڪ عملن جو بهترين بدلو بہ ڏيندو آهي. اهو بہ غلط خيال آهي تہ مردن جي مقابلي ۾ عورتن کي گهٽ اجورو ملندو. عمل صالح ۽ ايمان جي دولت سان مالا مال مرد ۽ عورتن لاءِ جنس جي بنياد تي اجر ۾ ڪو فرق نہ ايندو ۽ نہ ڪمي ايندي. نيڪ ماڻهوءَ کي جيڪو قلبي سڪون ۽ راحت هوندي آهي، اها بدنصيب دولت مند کي نصيب ناهي. هن آيت ۾ مرد ۽ عورت کي تسلي ڏني وئي آهي تہ جنس جي بنياد تي ڪنهن کي وڏيڪ ترجيح نہ ڏني ويندي، پر نيڪي مرد ڪري يا عورت، ان کي ساڳيو اجر ملندو ۽ بدي مرد ڪري يا عورت، انهن کي ساڳي سزا ۽ بدلو ملندو.

انساني هدايت لاءِ قرآن حڪيم ئي وڏو ذريعو آهي. ان ڪري جڏهن بہ قرآن ڪريم جي تلاوت ڪريو تہ "اعوذ بالله من الشيطان الرجيم" يعني شيطان رجيم جي شر کان محفوظ رهڻ جي ضرور الله جي مدد ۽ پناهہ حاصل ڪريو. قرآن هدايت، رحمت ۽ شفاعت جو ڪتاب آهي، جيڪو انسان جي هدايت جو ذريعو آهي. (بني اسرائيل: 9/17) "اعوذ بالله" مان مراد آهي تہ رڳو اهي لفظ اچارڻا ناهن، پر في الواقع دل ۾ اهڙي ڪيفيت ۽ رقت پيدا ڪرڻي آهي تہ الله هن قرآن مان هدايت جا رستا کولي. سڏي رستي تي هلائي ۽ شيطان جي برن ڪمن، خواهشن ۽ سوچن کان پناهہ ۾ رکي. شيطان تہ ڪوشش ڪندو تہ ماڻهو هن تياق مان فائدو حاصل ڪرڻ کان محروم رهي ۽ سندس ذهني، قلبي ۽

روحاني تشويش باقي رهي. ان ڪري سڀ کان اول الله جي پناھ ۾ اچي، شيطان جي شر کان پاڻ کي محفوظ ڪري، بعد ۾ پيغامِ خداوندي تي غور و فڪر ڪري، پنھنجن شبھن ۽ گمانن جو گردن مروڙي. يقين ۽ ايمان جي روشني ۾ اڳتي وڌندو رهي. شيطان کي پنھنجو ازلي دشمن سمجھي ۽ ان جي خوشنما ۽ دلربا گمراھين کان بچڻ جي ڪوشش ڪري. ھت قرآن بابت اھا آيت ان لاءِ آئي آھي تہ ايندڙ آيتن ۾ ٻڌايو ويندو تہ شيطان اوھان جي ايمان تي حملو ڪرڻ وارو آھي، ان ڪري اوھان الله جي ھن رسيءَ کي مضبوطي سان پکڙي رکو. (البقره: 156/2، آل عمران: 103/3، بني اسرائيل: 89/17-88) يقينًا جيڪي صدقِ دل ۽ خلوصِ نيت سان پنھنجي اصلاح ۽ بھتريءَ لاءِ ھن قرآن طرف متوجه ٿين ٿا تہ انھن جي ھر زحمت ۽ مصيبت رحمتِ خداونديءَ سان دور ٿي وڃي ٿي ۽ انھن کي ديني، دنياوي روحاني جسماني بيمارين کان نجات ملي ٿي وڃي ۽ دائمي شفا سان نوازيا وڃن ٿا، پر ظالم ۽ زيادتي ڪندڙ ماڻھو ھميشه وڏي خساري ۽ نقصان جا مرتڪب ٿين ٿا. (بني اسرائيل: 82/17) جوتہ انھن ظالمن جي دوستي شيطان سان ٿي وئي آھي. ھو شيطان کي پنھنجو سرپرست سمجھي، ان جي اشارن تي ھلن ٿا، پر جن ماڻھن قرآن جي تعليم مان حصو حاصل ڪيو آھي ۽ ان جي نور سان پنھنجي اندر ۾ روشنيءَ جو چراغ روشن ڪيو آھي. الله تي دل جي گھراين ۽ سچائين سان ايمان رکن ٿا ۽ ان جو زبان سان برملا اقرار ڪن ٿا ۽ پنھنجي رب تي پورو پورو پروسو ۽ توڪل رکن ٿا، انھن تي شيطان جو زور يا تسلط نٿو ھلي. انھن جي چوڪٽ تان ڏڪا ڪائي واپس وري ٿو. (النحل: 63/16) پر شيطان انھن تي حڪمراني ھلائي ٿو ۽ ڪين نڪ ۾ نوڙي وجھي گھمائي ٿو، جن جو ھن سان يارانو ٿي وڃي ۽ ھن جي مشوري سان ھو الله سان شرڪ ڪن ٿا. جيڪڏھن تعوّذ يعني شيطان کان پناھ گھرڻ رڳو الفاظن جو مجموعو آھي، تہ پوءِ ان جو قاريءَ تي ڪو اثر نہ ٿيندو، پر جيڪڏھن دل جي رقت ۽ سوز سان تَعوّذ گھري ٿو ۽ پوءِ الله جي پناھ ۾ اچي ٿو.

وَ اِذَا بَدَّلْنَآ اٰيَةً مَّكَانَ اٰيَةٍ ۙ وَّ اللّٰهُ اَعْلَمُ بِمَا يُنَزِّلُ قَالُوْٓا اِنَّمَآ اَنْتَ مُفْتَرٍ ؕ
بَلْ اَكْثَرُهُمْ لَا يَعْلَمُوْنَ ۝۱۰۱ قُلْ نَزَّلَهٗ رُوْحُ الْقُدُسِ مِنْ رَّبِّكَ بِالْحَقِّ

لِيُثَبِّتَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَ هُدًى وَّ بُشْرٰى لِلْمُسْلِمِيْنَ ﴿١٠٢﴾ وَ لَقَدْ نَعْلَمُ اَنَّهُمْ
يَقُوْلُوْنَ اِنَّمَا يُعَلِّمُهٗ بَشَرٌ ؕ لِسَانُ الَّذِيْ يُلْحِدُوْنَ اِلَيْهِ اَعْجَمِيٌّ وَّ
هٰذَا لِسَانٌ عَرَبِيٌّ مُّبِيْنٌ ﴿١٠٣﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ لَا يُؤْمِنُوْنَ بِاٰيٰتِ اللّٰهِ ۙ لَا
يَهْدِيْهِمُ اللّٰهُ وَ لَهُمْ عَذَابٌ اَلِيْمٌ ﴿١٠٤﴾ اِنَّمَا يَفْتَرِي الْكَذِبَ الَّذِيْنَ لَا
يُؤْمِنُوْنَ بِاٰيٰتِ اللّٰهِ ۚ وَ اُولٰٓئِكَ هُمُ الْكٰذِبُوْنَ ﴿١٠٥﴾

ءِ جڏهن اسان هڪ آيت کي بدلي ان جي جاءِ تي بي آيت نازل ڪيون ٿا ءِ الله خوب ڄاڻي ٿو جو ڪجهہ نازل ڪري ٿو. جنهن تي هي ماڻهو چون ٿا تہ تون هي قرآن پاڻ ٺاهين ٿو، اصل ڳالهہ اها آهي تہ اهي ماڻهو اصل حقيقت کان واقف نہ آهن. تون هنن کي چئو تہ هن (قرآن) کي روح القدس پنهنجي پروردگار طرفان بلڪل حق ڪري وقفي وقفي سان نازل ڪيو آهي تہ جيئن ايمان وارن جو ايمان پختو رکي ءِ فرمانبردار لاءِ زندگي جي معاملن ۾ سڌي راهہ ڏيکاري ءِ کين سعادت ءِ فلاح جي بشارت ڏئي. (102) اسان کي معلوم آهي هي ماڻهو تولاءِ چون ٿا تہ هن (محمد ﷺ) کي هڪ ماڻهو سيکاري ٿو، حالانڪہ جنهن ماڻهو ڏانهن هو منسوب ڪن ٿا، ان جي زبان عجمي آهي ءِ هي صاف فصيح و بليغ عربي زبان آهي.(103) حقيقت اها آهي تہ جيڪي ماڻهو الله جي آيتن کي نٿا مڃين، الله انهن کي سڌي راهہ تي اچڻ جو توفيق نٿو ڏئي ءِ اهڙن ماڻهن لاءِ دردناڪ عذاب آهي.(104) ڪوڙ اسان جو پيغمبر ﷺ نہ ڳالهائي رهيو آهي. پر ڪوڙ اهي ماڻهو گهڙي اچن ٿا، جيڪي الله جي آيتن کي نٿا مڃين. حقيقت ۾ اهي ماڻهو ئي ڪوڙا آهن، جن ڪوڙ گهڙيو آهي.(105)

۽ جڏهن اسان هڪ آيت کي ٻئي آيت سان بدليون ٿا تہ ان ۾ جيڪا حڪمت ۽ مصلحت آهي، ان کي توهان جو الله خوب ڄاڻي ٿو ۽ ان مطابق ردوبدل ڪري ٿو. (الرعد: 39/13، البقره: 106/2) مگر ڪافر چون ٿا تہ هي ڪلام محمد ڪريم ﷺ پاڻ گهڙي اڇي ٿو، جو تہ الله ائين نٿو ڪري سگهي تہ اڄ هڪڙو حڪم ڏئي ۽ ٻئي ڏينهن ان کي بدلي ٻيو حڪم ڏئي، ائين رڳو انسان ڪري سگهي ٿو. خدا کي تہ سڀ معلوم آهي، اهو پنهنجا حڪم بار بار ڇو بدليندو رهندو، ان لاءِ الله چيو تہ هي بي سمجهہ ۽ نادان خدا جي حڪمتن ۽ مصلحتن کان واقف نہ آهن، آيتن ۽ حڪمت جي تنسيخ ۽ تبديل (البقره: 106/2) ۾ بہ آيو آهي، جنهن ۾ بہ ساڳيو ذڪر آهي تہ وقت ۽ حالات جي مد نظر تنسيخ يا تبديليءَ ۾ هڪ حڪم کي بلڪل ختم ڪري، ان جي بدلي نئون حڪم ڏيون، ٻيو طريقو اهو آهي تہ پهرئين حڪم کي تلاوت لاءِ رکيو وجي ۽ ان بعد اڇڻ وارو حڪم بہ موجود هجي، پر عمل رڳو پوئين حڪم تي ٿيندو هجي. پهرين ۽ پوئين حڪم جو هجڻ وقت ۽ حالات موجب آهستي آهستي تعميل لاءِ ڏنل آهي، گويا پهرين حڪم کي وساريو ويو آهي. هن تنسيخ يا تبديلي جي اصل حڪمت کي الله ڄاڻي ٿو ۽ اهو سڀ انسانن جي ڀلائي ۽ سهولت لاءِ ڪيل آهي. اهل ڪتاب جو چوڻ آهي تہ قرآن ۾ ڪيترا اهڙا حڪم آيا آهن، جيڪي تورات جي حڪمن جي خلاف آهن. تورات بہ خدا جو نازل ڪيل فرمان آهي پوءِ الله کي ڪهڙي ضرورت پئي، جو هن تورات جي حڪمن کي بدلي نوان حڪم ڏنا. خدا کي پنهنجن حڪمن بدلڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي. ان ڪري هي قرآن محمد ڪريم ﷺ جي هٿ جو جوڙيل ڪتاب آهي، جيڪو افتراء آهي، حقيقت ناهي، ڪين ٻڌايو وجي ٿو تہ اوهان غلط بياني ڪري رهيا آهيو، هي قرآن محمد ڪريم ﷺ جو پنهنجو گهڙيل ۽ ناهيل ناهي، پر هن کي حضرت جبرئيل عليه السلام جهڙي پاڪيزه هستي حق ۽ سچائي سان الله جي طرفان پاڻ ڪريمن ﷺ جي قلب مبارڪ تي نقش ڪيو آهي. "نَزَلَ بِهِ الرُّوْحُ الْاَمِيْنُ ۙ عَلٰى قَلْبِكَ لِتَكُوْنَ مِنَ الْمُنْذِرِيْنَ ۙ" (الشعرآء: 193/26 کان195، الفرقان: 25/32، البقره: 97/2-92) روح الامين معرفت تنهنجي قلب اطهر تي ناز ڪيو ويو آهي، جيڪو مسلمانن جي لاءِ ڪين ايمان تي ثابت قدم رکڻ، هدايت ۽ بشارت جو ذريعو آهي. جهڙي طرح برسات سان سڻي صاف ستري زمين تي گل ڦل پيدا ٿي ويندا آهن ۽

كلراني ۽ خراب زمين تي ڪڪ ڪندا نڪرندا آهن.

باراں کہ در لطافت طبعش خلاف نیست
در باغ لالہ روید در شور خار خس

(گلستان: شيخ سعدي رحمۃ اللہ علیہ)

اهڙيءَ طرح قرآن بہ نيڪ ۽ صالح انسانن لاءِ جن جون دليون صاف شفاف ۽ پاڪ آهن، اهي قرآن جي تعليم ۽ برڪت سان منور ٿي ويندا آهن، پر ڪافر، جن جون دليون بغض، حسد ۽ سرڪشيءَ جي ڪري ڪاريون ۽ ڪلرانيون ٿي چڪيون آهن، جن جو اندر گمراهي ۽ ضلالت سان پريل آهي، ان کي مزيد خساري ۽ نقصان ڏي وڃڻ ڏين ٿا. (بني اسرائيل: 82/17-46، طٰهٰ: 124/20) تبديليءَ مان اهو بہ مراد ٿي سگهي ٿو تہ ڪنهن آيت جي مضمون کي هڪ هنڌ هڪ مثال سان پيش ڪيو ويو آهي تہ وري ساڳي آيت کي ٻئي هنڌ ٻئي مثال سان پيش ڪيو ويو آهي. ڪٿي مجمل بيان آهي تہ ڪٿي وڌيڪ مفصل بيان آهي يا الڳ الڳ دليل ڏنا ويا آهن، جنهن کي ڪافر تبديلي قرار ڏيندا هئا، حالانڪہ هي هڪ مضمون کي هر پهلو ۽ گوشہ کان چڱي طرح بيان ڪرڻ مقصود آهي، جنهن جي حڪمت کان الله ۽ ان جو رسول ﷺ واقف آهن. پر مؤمن ۽ ڪافر جي سوچ ۽ سمجهہ ۾ فرق آهي.

کافر کی یہ پہچان کہ آفاق میں گم ہے
مؤمن کی یہ پہچان کی گم اس میں آفاق

* * *

پرواز ہے دونوں کی اسی ایک فضا میں
کرگس کا جہاں اور ہے شاہیں کا جہاں اور

(اقبال رحمۃ اللہ علیہ)

مؤمن تي جيڪي ظلم جا پهاڙ ڪيرايا ٿي ويا ۽ روز جنهن اذيت ۽ تڪليف کان گذرڻو ٿي پيو، انهن کي تسلي ۽ دلجاءِ بہ ڏني وئي آهي تہ اوهان جنهن ڪتاب جا پيروڪار آهيو، اهو اوهان کي سڏي رستي تي هلائي، منزل مقصود تي پهچائي ڇڏيندو ۽ اوهان کي خوشخبري بہ ڏئي ٿو تہ "ڏڪ سڪ جي سونهن گهوريا سڪ ڏکن ري"

اوهان جي ڪاميابي، فلاح ۽ بهبود جي يقيني خوشخبري آهي. اهو پيغام ٻڌي مؤمن مطمئن ٿي وڃن ۽ هنن جي استقلال وارن قدمن ۾ ڪا لغزش نه اچي. اسان برابر مخالفن جي اعتراضن کي ٻڌي رهيا آهيون، اهي جيڪا بڪواس ڪري رهيا آهن، ان کي چڱي طرح ڄاڻون ٿا. جيڪڏهن هنن جاهلن کي قرآن جي معنيٰ ۽ حقائق جي ڄاڻ نه آهي ته ڪم از ڪم هو اهل زبان ٿي ڪري ان جي بي مثال، فصاحت، بلاغت ۽ اندازِ بيان تي غور ڪري سگهيا ٿي. جنهن مان ڪين چڱي طرح معلوم ٿي وڃي ها ته هنن جي اها بيهوده لغو بياني ڪيتري قدر قابل قبول يا لائق مذمت آهي. هو چون ٿا ته ڪجهه عجمي غلام جن اسلام قبول ڪيو آهي، انهن مان ڪو هن کي اهي آيتون جوڙي ڏئي ٿو. هنن کي اهو فرق به معلوم نٿو ٿئي ته ڪٿي هڪ عجميءَ جي ٺٽل قٽل عربي هن ڪلامِ مبين جو مقابلو ڪري سگهي ٿي، جيڪو عربي زبان جو نادر شاهڪار آهي، جيڪڏهن هو مغز قرآن يا معاني ۽ حقائق قرآن کان آگاهه نه آهن ته ڪم از ڪم قرآن جي بيان، زبان، الفاظ جي ندرت تي غور ڪن. ڇا هنن جا شاعر، اديب ۽ اهل زبان اهڙي هڪ آيت به پيش ڪري سگهن ٿا. خود نبي اڪرم ﷺ ۽ قرآن جي زبان ۾ واضح فرق آهي.

ويا سي وينجهار هيرا لال ونڊين جي
اڄ پٽ تن جا پويان سهي لهن نه سار
ڪٽين ڪٽ لوهار اڄ پٽ انهيءَ

حقيقت هي آهي ته جيڪڏهن ماٺهو الله جي آيتن کي مجن ئي ڪو نه ٿا، ڪڏهن انهن کي ڪوڙ ۽ افتراء سڏين ٿا، ڪڏهن شاعر جو ڪلام ته ڪڏهن ساحر جي شعبده بازي سمجهن ٿا، اهڙن گمراهه ماٺهن کي الله ڪڏهن به صحيح ۽ سچي ڳالهه تائين پهچڻ جي توفيق نٿو بخشي. "اِنَّ اللّٰهَ لَا يُغَيِّرُ مَا بِقَوْمٍ حَتّٰى يُغَيِّرُوْا مَا بِاَنْفُسِهِمْ ؕ" جيستائين هو پاڻ سڌي راهه تي اچڻ جي ڪوشش نه ڪندا ته کين جبر ۽ زور زبردستي هدايت جي توفيق نه ڏني ويندي. "فَلَمَّا زَاغُوْٓا اَزَاغَ اللّٰهُ قُلُوْبَهُمْ ؕ" جنهن طرف هو لڙڻ گهرندا ته الله به انهن جي دلين کي ان طرف لڙڻ ڏنو. هن آيت جو اهو به مطلب ٿي سگهي ٿو ته ڪوڙ (افتراء) ته اهي گهڙيندا آهن، جيڪي الله جي آيتن جا انڪاري آهن. اهڙن ماٺهن لاءِ دردناڪ عذاب آهي. (البقره: 6/2) ڪوڙيون حڪايتون خدا جو رسول ﷺ ڪونه ٿو گهڙي

يا پنهنجي طرفان بيان ڪري. هي ته وحي الاهيءَ جو پيغام نوع انسان تائين پهچائڻ گهري ٿو، ڪوڙ انهن کي چوڻو ۽ گهڙڻو پوي ٿو، جن ايمان آڻڻ کان انڪار ڪيو آهي ۽ هو هرحال ۾ حق ۽ سچائي جي مخالفت ۾ ڪوڙا ڪوڙا ناهه ۽ بهتان ناهين ٿا. اهي بلڪل ڪوڙا آهن. هنن جي ڪنهن ڳالهه تي به اعتبار ڪرڻ ڪفر آهي. هي نبي محترم ﷺ ته الله جو منتخب ۽ محبوب نمائندو آهي، اهو الله تي ڪوڙا بهتان ڪيئن مڙهي سگهي ٿو. هي انهن اوباش ماڻهن جو ڪارنامو آهي، جنهن هدايت جو قبول ڪرڻ کان انڪار ڪيو آهي.

مَنْ كَفَرَ بِاللّٰهِ مِنْۢ بَعْدِ اِيْمَانِهٖۤ اِلَّا مَنْ اُكْرِهَ وَ قَلْبُهٗ مُطْمَئِنٌّۢ بِالْاِيْمَانِ وَ لٰكِنْ مَّنْ شَرَحَ بِالْكُفْرِ صَدْرًا فَعَلَيْهِمْ غَضَبٌ مِّنَ اللّٰهِ ۚ وَ لَهُمْ عَذَابٌ عَظِيْمٌ ﴿۱۰۶﴾ ذٰلِكَ بِاَنَّهُمُ اسْتَحَبُّوا الْحَيٰوةَ الدُّنْيَا عَلَى الْاٰخِرَةِ ۙ وَ اَنَّ اللّٰهَ لَا يَهْدِي الْقَوْمَ الْكٰفِرِيْنَ ﴿۱۰۷﴾ اُولٰٓئِكَ الَّذِيْنَ طَبَعَ اللّٰهُ عَلٰى قُلُوْبِهِمْ وَ سَمْعِهِمْ وَ اَبْصَارِهِمْ ۚ وَ اُولٰٓئِكَ هُمُ الْغٰفِلُوْنَ ﴿۱۰۸﴾ لَا جَرَمَ اَنَّهُمْ فِي الْاٰخِرَةِ هُمُ الْخٰسِرُوْنَ ﴿۱۰۹﴾ ثُمَّ اِنَّ رَبَّكَ لِلَّذِيْنَ هَاجَرُوْا مِنْۢ بَعْدِ مَا فُتِنُوْا ثُمَّ جٰهَدُوْا وَ صَبَرُوْۤا ۙ اِنَّ رَبَّكَ مِنْۢ بَعْدِهَا لَغَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿۱۱۰﴾ ع ۱۴ ۱۰ ۲۰

جيڪو شخص ايمان آڻڻ بعد ڪفر ڪري، ان کي (ڪفر لاءِ) مجبور ڪيو ويو هجي ۽ هن جي دل ايمان تي مطمئن هجي ته کو مؤاخذه ناهي، مگر جنهن دل جي رضامندي سان ڪفر قبول ڪيو ته ان تي الله جو غضب آهي ۽ ان کي وڏي سخت سزا ملندي. (106) اهو ان لاءِ ته هنن آخرت جي بدلي ۾ دنيا جي زندگي کي پسند ڪيو ۽ الله جو قانون آهي ته الله انهن ماڻهن کي هدايت جي راهه تي نٿو هلائي، جيڪي ڪفر جي واٽ اختيار ڪن ٿا.(107) اِهي اُهي ماڻهو آهن جن جي دلين، ڪنن ۽ اکين تي الله مهر هڻي ڇڏي آهي.(108) لازمي طور

آخرت ۾ اهي خساري ۾ هوندا.(109) پر جيڪي ماڻهو ستايا ويا ۽ انهن هجرت ڪئي ۽ جدوجهد ڪندا رهيا ۽ ثابت قدمي ۽ صبر سان رهيا، اهڙن ماڻهن لاءِ تنهنجو رب بخشش ۽ حفاظت ڪرڻ وارو ۽ لڳاتار مٿن رحم ڪرڻ وارو آهي.(110)

هن کان اڳ انهن ٽولن جو ذڪر هيو، جيڪي سري کان ئي ايمان آڻڻ جا انڪاري آهن ۽ ڪفر جو ڪلمو ڪلا پرچار ڪرڻ وارا ۽ ان کي تقويت پهچائڻ وارا هئا. هت اهل ايمان جو ذڪر ٿي رهيو آهي، جن تي ڪافرن طرفان ناقابل برداشت ظلم ٿي رهيا هئا. غريب، مسڪين، مسلمانن خاص طرح سان غلام مسلمانن سان جان ليوا زيادتيون ٿي رهيون هيون، جيڪڏهن ڪنهن مؤمن مسلمان تي جبر ۽ ظلم ڪيو وڃي تہ ڪفر جو ڪلمو اختيار ڪر تہ هو ان وقت بہ دل ۾ سچو ايمان رکندڙ آهي ۽ جان بچائڻ لاءِ وقتي طور مجبورًا ڪيس ڪفر جو ڪلمو چوڻ تي مجبور ڪيو ويو آهي ۽ اهو ڪري ٿو تہ اهڙي اضطراري ۽ مجبوري واري حالت ۾ ان کي رخصت آهي تہ هو جان بچائي ۽ دل ۾ ايمان کي مضبوط رکي. (البقره: 2/256-217، المائده: 54/5) پر جيڪڏهن ڪو شخص ايمان آڻڻ بعد ٿوري مشڪلات کي ڏسي، ڪفر جي راهہ اختيار ڪري ٿو تہ الله بہ هن کي هدايت کان محروم رکي ٿو. (البقره: 2/217) ياد رهي هڪ اهڙو مؤمن آهي جيڪو دل جي سچائين سان ايمان آڻي ٿو ۽ زبان سان ان جو اظهار ڪري ٿو. ٻيو اهڙو شخص آهي، جو دل جي اطمينان سان تہ مؤمن آهي پر اجان زبان سان ايمان نہ آندو اٿس، انهن بنهي لاءِ ساڳيو حڪم آهي. مصيبت ۽ مشڪلات ۾ مجبورًا رڳو زبان سان ڪفر ڪرڻ جي اجازت آهي حڪم ناهي، ورنہ مسلمانن جا ڪيترا مثال ملندا، جن جي جسم کي ذرا ذرا ڪيو ويو مگر آخر تائين انهن ايمان کان انڪار نہ ڪيو. حضرت خباب بن ارت رضی اللہ تعالیٰ عنہ کي باهہ جي برندڙ ڪوئلن جي شعلن ۾ وڌو ويو، سندس چربي پگهري وئي، باهہ وسائي وئي پر سندس ايمان جا شعلا روشن رهيا. حضرت بلال حبشي رضی اللہ تعالیٰ عنہ کي لوهي زرهہ پارائي، ساڙيندڙ ڏڀ ۾ بيهاريو ويو، وري گرم ريت تي ليٽايو ويو، گهليو ويو، مگر زبان تي "احد احد" جو ورد جاري رهيو. حضرت حبيب بن زيد بن عاصم رضی اللہ تعالیٰ عنہ جي جسم کي ذرا ذرا

ڪري ڪاڻيو ويو تہ هو مسيلمه ڪذاب کي تسليم ڪري، پر هو ڪيس ڪوڙو ڪوڻيندو رهيو ۽ شهادت جو پيالو پي امر ٿي ويو. حضرت عمار بن ياسر جي اکين آڏو سندس ماءُ پيءُ کي عذاب ڏئي شهيد ڪيو ويو، ان بعد ڪيس تڪليف ڏني وئي، مگر سندس دل ايمان سان لبريز رهي. تاريخ اسلام جا اهڙا ڪيترائي مثال گواهہ آهن تہ سچا مؤمن شهيد ٿي ويا، مگر اضطراري حالت ۾ بہ ڪفر جو لفظ نہ چيائون.

عاشق زهر پياڪ، وهہ ڏسي وهسن گهٽو
ڪڙي ۽ قاتل جا هميشہ هيراڪ
لڳين لوڪ لطيف چئي فنا ڪيا فراق
توڙي چڪن چاڪ تہ بہ آهہ نہ سلن عام سين

(شاهہ ؒ-سر ڪلياڻ)

ايمان آٽڻ کان پوءِ آزمائش ۾ ڪفر جو رستو اهي ماڻهو اختيار ڪن ٿا، جيڪي هن دنيا جي طبعي زندگي جيڪا چار ڏينهن جي آهي، ان تي يقين رکن ٿا.

عمر دراز مانگ کر لائے تھے چار دن
دو آرزو میں کٹ گئے دو انتظار میں

(بهادر شاهہ ظفر)

هن عارضي زندگيءَ کي مستقل ۽ پائدار آخرت واري زندگي تي ترجيح ڏين ٿا ۽ وقتي مفادن جا اسير ٿي وڃن ٿا. اهو تڏهن ٿئي ٿو، جڏهن هڪ مؤمن جي آڏو دنياوي زندگيءَ جون رونقون ۽ ڪششون هن کي مستقل زندگي جي مقابلي ۾ وڌيڪ پسند اچن ٿيون تہ هو آخرت کي وساري دنياوي زندگي جي موج مستين ۾ محو ٿي وڃي ٿو. هن ٽڪراءَ ۾ هو نفعي بدران نقصان کي ترجيح ڏئي ٿو. مفاد عاجل جي تلاش ۾ لڳي وڃي ٿو ۽ مستقل حيات کي ان تي قربان ڪري ڇڏي ٿو، جيڪو ماڻهو پنهنجي هوش وحواس سان پاڻ کي گمراهيءَ ڏانهن ڌڪيلي ٿو تہ ان کي زندگيءَ جي صحيح منزل طرف رهنمائي ڪٽي نصيب ٿي سگهندي. هي اهي بدنصيب انسان آهن، جن پنهنجو پاڻ لاءِ هدايت جا دروازا بند ڪري ڇڏيا آهن، هنن تي غلط جذبات ايترو تہ غالب ٿي وڃن

ٿا، جو هو سوچڻ سمجهڻ، ٻڌڻ ڏسڻ جي صلاحيتن کي حق ۽ سچ کي ڏسڻ ٻڌڻ ۽ ان تي غور ڪرڻ وارين صلاحيتن کان گويا محروم ٿي چڪا آهن. (البقره: 7/2، الجاثيه: 23/45، الاحقاف: 26/46، الانفال: 22/8، يونس: 43/10) جڏهن هنن پنهنجي لاءِ پاڻ راهون محدود ڪري ڇڏيون آهن ته الله به انهن کي مهر هڻي ڇڏي آهي ۽ هو پنهنجي نفعي نقصان ۾ تميز ڪرڻ کان محروم ٿي وڃن ٿا. هو غفلت جي غار ۾ گم ٿي چڪا آهن، الله اهڙن ماڻهن کي هدايت کٽي ڏيندو، جيڪي ايمان ۽ اسلام جي صداقت کي سمجهن ٿا، مگر آزمائش ۽ مشڪلات ۾ گهبرائجي، ڪفر کي زندگي جو سازو سامان سمجهن ٿا. الله تعالىٰ هدايت جي راهه انهن لاءِ کولي ٿو جيڪي اهڙي مشڪل حالت ۾ اچي به وڃن ته اهي زبان مان به اهڙو جملو ادا نٿا ڪن، يا ٻڙڪ ٻاهر نٿا ڪن جيڪا وقتي طور انهن کي مصيبت کان بچائي سگهي.

اصل عاشقن جو سر نہ سانڍڻ ڪم،
سو سسئان آڳرو سنڌو دوسان دم
هي هڏو ۽ چم پک پريان جي نہ پڙي

(شاهه ﷺ — سر ڪلياڻ)

اها ڳالهه يقيني آهي ته اهي ماڻهو ئي آخرت ۾ خساري ۾ هوندا. دنياوي زندگي لاءِ ڪيل سندن سموريون ڪوششون ڪاوشون هنن کي آخرت جي حياتِ جاويد لاءِ ڪو به فائدو نہ ڏئي سگهنديون. (البقره: 200/2، هود: 15/11، بني اسرائيل: 18/17، الشورىٰ: 20/42) پر جن ماڻهن جي دل ايمان جي نور سان منور آهي ۽ اسلام جي هر ڏک سک ۾ مطمئن رهن ٿا، انهن کي سخت تڪليفون ڏنيون وڃن، اذيت جي آڳاهه مان گذاريو وڃي، ايتري قدر جو زندگيءَ جي قرباني ڏيڻي پوي ته به هو ثابت قدم رهن ٿا. سندن دل ۾ ذرا پر ڊپ ڊاءُ نٿو اچي، جڏهن اهڙن ماڻهن اڳيان ايمان قربان ڪرڻ يا وطن کي ڇڏڻ جو موقعو ملي ٿو ته هو وطن، گهر بار، مال ملڪيت ۽ دوست رشتيدار سڀ کي ايمان تي قربان ڪري ڇڏين ٿا ۽ هٿين خالي هجرت ڪرڻ لاءِ به راضي ٿي وڃن ٿا، پر ايمان جي موڙي سنيالي محفوظ رکن ٿا ۽ ان طرف هجرت ڪن ٿا، جتي هو دين ۽ ايمان جي حفاظت رکي سگهن ۽ ان جي تبليغ لاءِ جدوجهد جاري رکن ۽ هر مصيبت جو خنده پيشاني ۽ جرئت

سان مقابلو ڪندا رهن ٿا. صبر ۽ استقلال جو پيڪر ثابت ٿين ٿا، جيڪڏهن هنن ڪان ڪا ننڍي لغزش ٻه ٽي وڄي ٽي ته الله انهن کي بخش ڪري ٿو، سندس حفاظت ڪري اهو رب جيڪو هميشه هميشه مهربان آهي. (البقره: 155/2، آل عمران: 179/3-169-158-151)

یہ آنسو کیا، یہ آہیں کیا، یہ اک دل کا دھڑکنا کیا
محبت کے تقاضے زندگی سے کم نہیں ہوتے

(چراغ عالم چراغ)

مڇ مڙين ماءُ ڪٽاريان قريب جي،
جي ان کات ڪنا سي جا نڪيتائين جئرا

يَوْمَ تَاْتِيْ كُلُّ نَفْسٍ تُجَادِلُ عَنْ نَّفْسِهَا وَ تُوَفّٰى كُلُّ نَفْسٍ مَّا عَمِلَتْ وَ
هُمْ لَا يُظْلَمُوْنَ ﴿۱۱۱﴾ وَ ضَرَبَ اللّٰهُ مَثَلًا قَرْيَةً كَانَتْ اٰمِنَةً مُّطْمَئِنَّةً
يَّاْتِيْهَا رِزْقُهَا رَغَدًا مِّنْ كُلِّ مَكَانٍ فَكَفَرَتْ بِاَنْعُمِ اللّٰهِ فَاَذَاقَهَا اللّٰهُ
لِبَاسَ الْجُوْعِ وَ الْخَوْفِ بِمَا كَانُوْا يَصْنَعُوْنَ ﴿۱۱۲﴾ وَ لَقَدْ جَآءَهُمْ رَسُوْلٌ مِّنْهُمْ
فَكَذَّبُوْهُ فَاَخَذَهُمُ الْعَذَابُ وَ هُمْ ظٰلِمُوْنَ ﴿۱۱۳﴾ فَكُلُوْا مِمَّا رَزَقَكُمُ اللّٰهُ حَلٰلًا
طَيِّبًا ۪ وَّ اشْكُرُوْا نِعْمَتَ اللّٰهِ اِنْ كُنْتُمْ اِيَّاهُ تَعْبُدُوْنَ ﴿۱۱۴﴾ اِنَّمَا حَرَّمَ عَلَيْكُمُ
الْمَيْتَةَ وَ الدَّمَ وَ لَحْمَ الْخِنْزِيْرِ وَ مَاۤ اُهِلَّ لِغَيْرِ اللّٰهِ بِهٖ ۚ فَمَنِ اضْطُرَّ
غَيْرَ بَاغٍ وَّ لَا عَادٍ فَاِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿۱۱۵﴾ وَ لَا تَقُوْلُوْا لِمَا تَصِفُ
اَلْسِنَتُكُمُ الْكَذِبَ هٰذَا حَلٰلٌ وَّ هٰذَا حَرَامٌ لِّتَفْتَرُوْا عَلَى اللّٰهِ الْكَذِبَ ؕ اِنَّ
الَّذِيْنَ يَفْتَرُوْنَ عَلَى اللّٰهِ الْكَذِبَ لَا يُفْلِحُوْنَ ﴿۱۱۶﴾ ؕ مَتَاعٌ قَلِيْلٌ ۪ وَّ لَهُمْ

عَذَابٌ اَلِيْمٌ ﴿١١٥﴾ وَ عَلَى الَّذِيْنَ هَادُوْا حَرَّمْنَا مَا قَصَصْنَا عَلَيْكَ مِنْ قَبْلُ ۚ
وَ مَا ظَلَمْنٰهُمْ وَ لٰكِنْ كَانُوْۤا اَنْفُسَهُمْ يَظْلِمُوْنَ ﴿١١٨﴾ ثُمَّ اِنَّ رَبَّكَ لِلَّذِيْنَ
عَمِلُوا السُّوْٓءَ بِجَهَالَةٍ ثُمَّ تَابُوْا مِنْۢ بَعْدِ ذٰلِكَ وَ اَصْلَحُوْۤا ۙ اِنَّ رَبَّكَ مِنْۢ
بَعْدِهَا لَغَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿١١٩﴾ ع ١٥ ٢١

فيصلي واري ڏينهن جڏهن هر شخص پنهجي بچاءَ جي فڪر ۾ لڳل هوندو ۽ هر هڪ کي ان جي ڪمائيءَ جو پورو پورو معاوضو ڏنو ويندو ۽ ڪنهن سان ڪا به ظلم زيادتي نہ ٿيندي. (111) الله هڪ اهڙي بستيءَ جو مثال پيش ڪري ٿو جيڪا امن ۽ اطمينان جي زندگي بسر ڪري رهي هئي ۽ هر طرف کان ان کي رزق جي فراواني حاصل هئي. پوءِ ان (بستيءَ وارن) الله جي نعمتن جي ناشڪري ڪئي، تڏهن الله سندن بداعمالي جي سزا ۾ ڪين بک ۽ خوف جو لباس پارايو. (112) هنن ڏانهن هنن منجهان ئي هڪ رسول آيو تہ ان کي انهن ڪوڙو سمجهيو، جنهن ڪري ڪين عذاب وڪوڙي ورتو. اهڙيءَ طرح هو پاڻ تي پاڻ عذاب وٺي آيا جو هو ظالم ٿي چڪا هئا.(113) پوءِ الله جيڪي حلال ۽ پاڪ رزق اوهان کي عطا ڪيو آهي، اهو کائو ۽ الله جي احسان جو شڪر ادا ڪريو. جيڪڏهن واقعي توهان ان جي بندگي ڪرڻ وارا آهيو.(114) الله جو ڪجهہ اوهان لاءِ حرام ڪيو آهي، اهو مردار، خون (وهندڙ رت) سوئر جو گوشت ۽ اهو جانور جنهن تي (ذبح وقت) الله کان سواءِ ڪنهن ٻئي جو نالو ورتو ويو هجي، پر جيڪڏهن اضطراري واري مجبوريءَ ۾ انهن کي کائي ٿو، پر اهو کائڻ بنا ضرورت ۽ ضرورت کان ذرو پر وڌيڪ نہ هجي، اهڙي حالت ۾ کائي ٿو تہ الله معاف ڪرڻ وارو ۽ دائمي رحم ڪرڻ واور آهي.(115) توهان

پنهنجن زبانن جي گهڙيل ڪوڙ جي بنا تي اهو نہ چئو تہ هي حلال آهي ۽ هي حرام آهي، اهڙي طرح خود ساختہ ڪوڙ کي الله ڏانهن منسوب ڪرڻ لڳو. ياد رکو جو الله ڏانهن خود ساختہ ڪوڙ منسوب ڪندو، اهو ڪڏهن بہ فلاح ۽ ڪاميابي حاصل ڪري ڪو نہ سگهندو.(116) هي چند روزه عيش آهي، جنهن جي نتيجي ۾ درد ناڪ عذاب انهن جو منتظر آهي.(117) اهي شيون اسان خاص طرح يهودين لاءِ ان ڪري حرام ڪيون هيون، جن جو ذڪر هن ڪان اڳ توسان ڪري چڪا آهيون. هي اسان جو هنن تي ظلم ڪونہ هيو، پر هنن پاڻ تي پاڻ ظلم ڪيو.(118) البتہ جن ماڻهن جهالت جي ڪري برا ڪم ڪيا ۽ بعد ۾ توبہ ڪري پنهنجن عملن جي اصطلاح ڪئي تہ يقيناً توبہ ۽ اصلاح بعد تنهنجو رب انهن کي معاف ڪرڻ وارو ۽ هميشہ رحم ڪرڻ وارو آهي.(119)

هي جو ڪجهہ مٿي ذڪر ٿي چڪو آهي تہ غلط روش اختيار ڪرڻ وارن جو انجام تباهي هوندو(النحل:109/16) هي ان وقت هوندو، جڏهن هر انسان جي اعمال نامي جا نتيجا بي نقاب ٿي سامهون ايندا ۽ هو پاڻ پنهنجي اکين سان ڏسندو ۽ پنهنجي بچاءَ جي لاءِ فڪرمند هوندو. هن جا پنهنجا اعضاء هٿ، پير، اکيون سڀ سندس بداعمالي جي شهادت ڏيندا ۽ هو پنهنجي پاڻ کي ملامت ڪندو تہ مون ائين ڇو ڪيو. سندس اها شرمساري ان کي ڪو فائدو ڏئي ڪو نہ سگهندي. "لِكُلِّ امْرِءٍ مِّنْهُمْ يَوْمَئِذٍ شَأْنٌ يُّغْنِيْهِ" (عبس: 37/80) هر هڪ کي سندن اعمال جو پورو پورو اجر ڏنو ويندو ۽ ڪنهن سان بہ ناانصافي نہ ڪئي ويندي ۽ نہ حق تلفي ٿيندي، هن کي برائي جي سزا ايتري ملندي جيتري برائي هوندي، پر الله نيڪيءَ جو اجر نيڪي کان ٻيڻو ٽيڻو يا ڏهوڻو ڏئي تہ ان ۾ ڪو بہ شڪ نہ آهي. قومن جي مٿان اهڙيون تباهيون ۽ مصيبتون اچانڪ ناهن ايندیون، پر انهن کي سڌرڻ ۽ سڌي رستي تي اچڻ لاءِ مهلت جو وقت بہ ملندو آهي.

وقت کرتا ہے پرورش برسوں
حادثہ ایک دم نہیں ہوتا

جڏهن قومون هر سهولت کي ٺڪرائي، پنهنجي روش تي محڪم رهنديون آهن تہ انهن جو محاسبو ٿيڻ لازم هوندو آهي، جيڪو هن مثال مان سمجهي سگهجي ٿو تہ هڪ بستي هئي، جنهن کي هر طرح جو امن سڪون حاصل هو، ان کي ڪنهن خارجي خطرن جو ڪو بہ خوف نہ هو. ان ڏانهن هر طرف کان رزق جا سامان مهيا ٿيندا هئا. تجارت جا قافلا بلاخوف و خطر ايندا رهندا هئا. ماڻهو نهايت خوشحال هئا ۽ نهايت خوشگوار زندگيءَ جا مزا ماڻي رهيا هئا. پر هنن انهن سمورين نعمتن جي لاءِ خدا جي شڪر گذاري نہ ڪئي. سندن خيال هيو تہ هي سڀ ڪجهہ هن جي پنهنجن ڪوشش جو نتيجو آهي، حالانڪہ موسم تي برساتن جو وسڻ، کيت ۽ باغ جو سردي گرمي کان محفوظ رهيا ۽ ٻيو سهولتون سڀ الله جي طرفان هيون، ايتري قدر جو سندن صحت، امن سڪون جو دارومدار بہ الله جي عنايت تي هيو، پر هنن ڪفران نعمت ڪري، نافرمانيءَ وارو رستو اختيار ڪيو ۽ خوشحاليءَ جي نشي ۾ گمراهيءَ جي راهہ تي هلڻ لڳا. دولت کي ذاتي مفادن ۾ استعمال ڪرڻ لڳا، محروم ۽ مسڪين طبقي کان بلڪل بي خبر رهيا، جنهن جي نتيجي ۾ هنن جي خوشحالي ختم ٿيڻ لڳي. بک بيماري، خوف ۽ خطرن جو شڪار ٿي ويا. هنن پنهنجن بداعمالن سان پنهجي لاءِ اهي حالات پيدا ڪيا هيا. (الانعام: 44/6) خدا هنن تي ظلم ڪونہ ڪيو هو، پر هنن پنهنجن پيرن تي پاڻ ڪهاڙا هنيا هئا. اهو سندن ڪڏن ڪرتوتن جو لازمي نتيجو هيو، جيڪو ظهور پذير ٿيو. انهن ڏانهن خود انهن منجهان خدا جو هڪ پيغمبر آيو، جنهن هنن کي آگاهہ ڪيو تہ هي جيڪا تباهي آئي آهي، اها اوهان جي خود ساختہ نظام جو نتيجو آهي. اوهان جي غلط روش ۽ روين هنن عذاب کي دعوت ڏني آهي. اوهان خدا جي فلاح و ڪاميابيءَ واري پروگرام تي عمل پيرا ٿيو، حق ۽ سچائي جي راهہ اختيار ڪيو تہ وري زندگيءَ جون اهي خوشگوار بهارون موٽي ايندیون ۽ اوهان جا ڏڪ، سڪن ۾ بدلجي ويندا. هنن خدا جي نبيءَ جي خيرخواهي ۽ پلائي واري نصيحت ۽ دعوت کي قبول ڪرڻ کان صاف صاف انڪار ڪري ڇڏيو ۽ ان جي خلاف سرڪشي ۽ مخالفت ۾ ڪمر بستہ ٿي ويا، جنهن جو نتيجو اهو نڪتو جو هنن جي تباهيءَ ۾ اضافو اچي ويو. هت بستيءَ جو نالو نہ ڪنيو ويو آهي، ڪن مفسرن ان کي قوم سبا چيو آهي، جنهن جو تفصيلي بيان سوره سبا ۾ آيو آهي، پر

ڪجهہ تفسيرن ۾ خاص طرح حضرت ابن عباس رضي الله تعالى عنهما جي قول کي مڪ مڪرمہ جو اهو قحط قرار ڏنو آهي، جيڪو نبي ڪريم خاتم النبيين صلى الله تعالى عليه وسلم کي اذيت ڏيڻ بعد مڪي جي ڪافرن تي آيو هو، جنهن جو ذڪر سورة الانعام: 142/6 ۾ سورة الاعراف: 94/7 ۾ آيو آهي.

ان ڪري اي مخاطبين! هن مثال مان سبق حاصل ڪريو، پنهنجو هٿ ۾ غرور ڇڏي ڏيو. جيڪو رزق الله اوهان لاءِ حلال ۽ پاڪيزه بنايو آهي، رڳو اهو هن جي ٻڌايل قانون مطابق استعمال ڪريو ۽ اهڙي طرح عملي طور خدا جي شڪرگذاريءَ جو اظهار ڪريو ۽ ثبوت ڏيو. اهو تڏهن ٿي سگهي ٿو، جڏهن اوهان پنهنجن خود ساخته ريتن رسمن کي ڇڏي، ذاتي جذبات ۽ انفرادي مفادات کان قطع تعلقات ڪري، رڳو الله جي قانونن جي اطاعت ۽ تعبيداري ڪندا ته سڀ ڏک ڏولاوا دور ٿي ويندا ۽ زندگيءَ جون گڏريل خواهشون ۽ بهارون وري ميسر ٿي ويندیون. جيڪڏهن واقعي سچي دل ۽ سچي نيت سان الله جي حڪمن جي پيروي ڪرڻ گهرو ٿا، جنهن جي اوهان دعویٰ ۾ ڪري رهيا آهيو ته پوءِ پاڻ مرادو حلال حرام جا فيصلا نہ ڪريو، جنهن رزق کي الله تعالیٰ طيب، پاڪ ۽ حلال سڏيو آهي، اوهان ان کي ئي پنهنجي لاءِ جائز سمجهي استعمال ڪريو. (المائده: 1/5) ۽ خدا جو شڪر ڪريو، جنهن اوهان جي جياپي لاءِ ڪيترا وسيلا مهيا ڪيا آهن، پر ڪجهہ شيون خدا جي قانون ۾ حرام ۽ خبيث قرار ڏنيون ويون آهن، جن جي ڪري ذهن، سوچ ۽ عمل سڀ غلط راهہ اختيار ڪن ٿا. انهن کان پوري طرح پرهيز ڪريو. الله جن شين کي اوهان لاءِ حرام قرار ڏنو آهي. هنن حرام شين جو ذڪر ٿي دفعا آيو آهي. (البقره: 173/2، المائده: 3/5، الانعام: 145/6-138-125-119) اهي آهن: مردار، وهندڙ خون، سوئر جو گوشت ۽ اهو جانور، جنهن تي ذبح ڪرڻ وقت غير الله جو نالو ورتو ويو هجي ۽ ان ڏانهن منسوب ڪيل هجي. اهي سڀ شيون اوهان لاءِ حرام ڪيل آهن. انهن جي ويجهو به نہ وڃو، پر جيڪڏهن بک جي سخت اضطراري مجبوري هجي ۽ حرام شيءِ کان سواءِ ڪا به حلال شيءِ ميسر نہ هجي ته پوءِ ان حرام شيءِ جي ڪائڻ ۾ اجازت آهي، پر ياد رکو اهو ڪائڻ شوقيہ يا بنا ضرورت جي نہ هجي ۽ نہ وري ضرورت کان وڌيڪ ڪائڻ گهرجي. رڳو حياتي جي بچاءَ لاءِ قدرِ ضرورت استعمال ڪري. اهڙي طرح ڪيل قانون شڪني جي ڪا سزا ناهي، هي مضمون(البقره: 173/2، المائده: 30/5، الانعام: 145/6) ۾ به اچي چڪو آهي. باقي حلال حرام شين جو تذڪرو يا حڪم ٻئي هنڌ موجود آهن. انسانن

لاءِ شين کي حلال ۽ حرام ڪرڻ جي فيصلي جو حق صرف الله کي آهي، هي نهايت سنجيده معاملو آهي، ان کي پنهنجي پسند سان جو منهن ۾ اچي زبان ذريعي ظاهر ڪندو رهي، جنهن جو هن وٽ ڪو ثبوت يا دليل به نه هجي، درست ناهي. اهو اعلان ڪوڙو هوندو، جنهن کي ڪو به عقل ۽ شعور وارو قبول ڪونه ڪندو. اهڙا غلط فيصلا ڪندڙ ماڻهو دراصل پنهنجي حد کان گذري وڃن ٿا. هن ڪوڙي بيان کي افتراء ۽ الله تي بهتان ان ڪري سڏيو وڃي ٿو، جو اهڙيون تدبيرون ۽ سازشون ڪرڻ وارو ماڻهو گويا سمجهي ٿو ته الله پنهنجو اختيار هن کي ڏنو آهي يا هو احڪام الاهي ۾ تبديليءَ جو حق رکي ٿو. اهڙي سوچ ۽ عمل افترا ۽ بهتان آهي. اهي ماڻهو ڪڏهن به فلاح حاصل ڪري نه سگهندا، چو ته جيڪڏهن انسانن کي اهڙا اختيار ڏنا وڃن ته پوءِ جيترا ماڻهو اوترا قانون هوندا، جيڪو فتني ۽ فساد جو سبب بڻبا. هي پنهنجي خود ساخته شريعت مان ڪجهه عرصو يا ٿورڙو دنياوي فائدو ته حاصل ڪري سگهن ٿا، پر آخرت ۾ انهن لاءِ نهايت اذيتناڪ عذاب آهي. هنن جو هڪ اعتراض اهو هو ته بني اسرائيل جي شريعت ۾ ڪجهه شيون حرام هيون، جن کي اوهان پاڻ لاءِ حلال ڪري ڇڏيو آهي، جيڪڏهن بني اسرائيل يعني اهل ڪتاب جي شريعت به الله جي طرفان آهي ۽ اوهان جي دعويٰ آهي ته هي شريعت (محمدي) به الله جي طرفان آهي ته پوءِ انهن ۾ ايڏو اختلاف چو آهي. اهڙي طرح بني اسرائيل وٽ 'سبت' جو قانون هيو، ان کي به اوهان هٿائي ڇڏيو آهي. هي اوهان جو پنهنجو ڪارنامو آهي يا الله ساڳي شيءِ جا به الڳ الڳ حڪم ڏنا آهن. اسان يهودين تي هن کان اڳ جيڪي ڪجهه حرام ڪيو هيو ان جو ذڪر ٿي چڪو آهي.(الانعام: 146/6، آل عمران: 93/3، النساء: 140/4) اهي سخت احڪام هئا ۽ اهي سخت احڪام هنن جي ظلم و زيادتي جي نتيجن ۾ هئا. اسان پاران هنن تي ڪو به ظلم نه ڪيو ويو هو. هاڻي ان سخت حڪمن کي نرم حڪمن ۾ تبديل ڪيو ويو آهي. شريعت جي تبديلي ناهي پر ان وقت بني اسرائيل جي بيجا زيادتين ۽ ظلمن ڪري هنن جي لغام کي ٿورو وڌيڪ ڇڪيو ويو هو. پر هاڻي هن وقت ان سخت قانون کي نرم قانون ۾ تبديل ڪيو ويو آهي. اها سختي ان ڪري هئي جو بني اسرائيل قانون شڪني کي پنهنجو وطيرو بنائي ڇڏيو هو ۽ احڪام الاهي کي نظرانداز ڪري پنيءَ پنيان اچلائي ڇڏيو هو. جنهن ڪري خدا جي گهربل نظام ۾ خلل اچي ويو هو ۽ پوءِ جيڪي ماڻهو اهڙي طرح هر حد گذري وڃن،

خدا ۽ ان جي قانون جي نفي کن انهن کي سندن اعمال جي سزا ملڻ لازم آهي، پر جيڪڏهن کنهن جا نادانيءَ ۽ اڻ ڄاڻائي سبب پير ترکي ويا آهن ۽ هن کان کا خطا سرزد ٿي آهي ۽ هنن کي سندن غلطيءَ جو احساس ٿي وجي ۽ هو شرمندگيءَ سان ان غلطي کان بچڻ جو پکو پهه کن ٿا ته اهي وري ساڳئي خوشگوار مقام تي موٽي ايندا ۽ اهڙي طرح پنهنجي اصلاح کري حسنات جي ذريعي سيئات کي ختم کرائيندا سين ۽ الله به اهڙن پانهن کي معاف کري ٿو، هو نهايت رحم وارو آهي.

اِنَّ اِبْرٰهِيْمَ كَانَ اُمَّةً قَانِتًا لِّلّٰهِ حَنِيْفًا ؕ وَ لَمْ يَكُ مِنَ الْمُشْرِكِيْنَ ۙ﴿۱۲۰﴾
شَاكِرًا لِّاَنْعُمِهٖ ؕ اِجْتَبٰىهُ وَ هَدٰىهُ اِلٰى صِرَاطٍ مُّسْتَقِيْمٍ ﴿۱۲۱﴾ وَ اٰتَيْنٰهُ فِي
الدُّنْيَا حَسَنَةً ؕ وَ اِنَّهٗ فِي الْاٰخِرَةِ لَمِنَ الصّٰلِحِيْنَ ﴿۱۲۲﴾ ثُمَّ اَوْحَيْنَاۤ اِلَيْكَ اَنِ
اتَّبِعْ مِلَّةَ اِبْرٰهِيْمَ حَنِيْفًا ؕ وَ مَا كَانَ مِنَ الْمُشْرِكِيْنَ ﴿۱۲۳﴾ اِنَّمَا جُعِلَ
السَّبْتُ عَلَى الَّذِيْنَ اخْتَلَفُوْا فِيْهِ ؕ وَ اِنَّ رَبَّكَ لَيَحْكُمُ بَيْنَهُمْ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ
فِيْمَا كَانُوْا فِيْهِ يَخْتَلِفُوْنَ ﴿۱۲۴﴾ اُدْعُ اِلٰى سَبِيْلِ رَبِّكَ بِالْحِكْمَةِ وَ الْمَوْعِظَةِ
الْحَسَنَةِ وَ جَادِلْهُمْ بِالَّتِيْ هِيَ اَحْسَنُ ؕ اِنَّ رَبَّكَ هُوَ اَعْلَمُ بِمَنْ ضَلَّ عَنْ
سَبِيْلِهٖ وَ هُوَ اَعْلَمُ بِالْمُهْتَدِيْنَ ﴿۱۲۵﴾ وَ اِنْ عَاقَبْتُمْ فَعَاقِبُوْا بِمِثْلِ مَا
عُوْقِبْتُمْ بِهٖ ؕ وَ لَئِنْ صَبَرْتُمْ لَهُوَ خَيْرٌ لِّلصّٰبِرِيْنَ ﴿۱۲۶﴾ وَ اصْبِرْ وَ مَا
صَبْرُكَ اِلَّا بِاللّٰهِ وَ لَا تَحْزَنْ عَلَيْهِمْ وَ لَا تَكُ فِيْ ضَيْقٍ مِّمَّا يَمْكُرُوْنَ ﴿۱۲۷﴾
اِنَّ اللّٰهَ مَعَ الَّذِيْنَ اتَّقَوْا وَّ الَّذِيْنَ هُمْ مُّحْسِنُوْنَ ﴿۱۲۸﴾ ع ١٦ ٩ ٢٢

يقينًا ابراهيم عليه السلام هڪ پوري امت هيو. الله جو فرمانبردار (بانهو) ۽ هڪ طرف (يڪسو) متوجه ٿيندڙ هو ۽ هو مشرڪن مان نه هو.(120) الله جي نعمتن جو شڪر ڪندڙ هو. الله هن کي منتخب ڪيو ۽ ڪيس سڌي رستي تي محڪم رکيو.(121) دنيا ۾ هن کي پلائي ڏني ۽ آخرت ۾ به يقينًا هو صالح بانهن مان هوندو.(122) پوءِ اسان تو ڏانهن وحي ڪئي ته يڪسو ٿي ڪري ابراهيم جي رستي تي هلو ۽ هو (ابراهيم عليه السلام) مشرڪن مان ڪو نه هيو. (123) باقي سبط جو معاملو سو اسان انهن ماڻهن تي مسلط ڪيو هو، جن ماڻهن هن جي حڪمن ۾ اختلاف ڪيو هو. يقينًا تنهنجو رب قيامت جي ڏينهن انهن ۾ فيصلو ڪندو، جنهن ۾ هو اختلاف ڪندا هئا.(124) اي نبي اڪرم صلى الله عليه وسلم! تون پنهنجي رب جي طرف حڪمت ۽ عمده نصيحت سان دعوت ڏي ۽ ماڻهن سان بهترين طريقي سان مباحثو ڪر، تنهنجو پروردگار ئي سڀ کان وڌيڪ بهتر ڄاڻي ٿو ته ڪير پٽڪيل آهي، ته ڪير سنئين راهه تي آهي. (125) جيڪڏهن اوهان ڪنهن ماڻهوءَ کان بدلو ونڊ گهرو ته بس ايتري قدر هجي جيتري اوهان سان زيادتي ٿي آهي. پر جيڪڏهن اوهان صبر ڪريو ته يقينًا صبر ڪرڻ وارن لاءِ هي بهتر عمل آهي.(126) اي نبي اڪرم صلى الله عليه وسلم! صبر کان ڪم ونو، توهان جو اهو صبر به الله جي توفيق سبب آهي. هنن جي حرڪتن تي رنجيده دل نه ٿيو ۽ نه وري هنن جي چالبازين کان تنگ دل ٿيو. (127) الله انهن ماڻهن جو ساٿ ڏيندو آهي، جيڪي ماڻهو هن جي قانون جي نگهباني ڪندا ۽ تقويٰ جو رستو اختيار ڪري، احسان جي نيڪ عمل تي عمل پيرا ٿيندا آهن.(128)

حضرت ابراهيم عليه السلام هڪ انسان جي صورت ۾ پوري امت يا انجمن هيو، هو نهايت صبر آزما آزمائش مان گذري الله جو خليل ٿيو. هن ان وقت اسلام جو علم بلند

ڪيو، جڏهن پوري جهان ۾ هن جي آواز سان آواز ملائڻ وارو هڪ موحد به موجود نه هو. (البقره: 124/2 ڪان 126، ابراهيم: 35/14 ڪان 37) پوري دنيا ڪفر جي انڌيرن ۾ گهيريل هئي، ڪفر ۽ شرڪ جي اهڙي خوفناڪ ماحول ۾ تن تنها شرڪ ۽ ڪفر خلاف نعره حق چوڻ سبب ڪيس برندڙ باهه ۾ وڌو ويو. پر هن خدا جي پيغمبر عليه السلام دعوت اسلام کي اهڙي طرح ته عام ماڻهن تائين پهچايو جو چئجي ته هڪ امت جو ڪارنامو هجي. هو پنهنجي ذات ۾ انجمن هيو، الله تعالىٰ طرفان پوري نوع انسان جي اجتماعي مفادن ۽ مصلحتن لاءِ بيت الله جي تعمير ڪئي. (البقره: 126/2-124، ابراهيم: 37/14-35، الحج: 26/22 ڪان 28) هو الله جو فرمانبردار ۽ شڪرگذار بانهو هو. (النحل: 114/16) يڪسو ٿي صرف الله وحده لاشريڪ له طرف متوجه هو.

اتي ئي آهين جتي اوهان ڇڏيون،
اکيون عبداللطيف ڇئي ماڳ نه متائين،
جي ٻئي در واجهائين ته ڪيي ڪانگن کي ڏيان

(شاهه رحمه الله)

هن غير الله جو جرئت سان مقابلو ڪيو، شرڪ ڪرڻ وارن مان ڪو نه هيو. الله تعالىٰ پنهنجي هن شڪر گذار بانهي کي پنهنجو خليل ڪري منتخب ڪيو. الله پنهنجي گهر بيت الله جي تعمير سندس هٿان ڪرائي، جنهن کي عالمگير هدايت جو مرڪز بڻايو ۽ الله تعالىٰ کيس وڏي مان، مرتبي ۽ عزت و عظمت وارو رسول ڪري مقرر ڪيو ۽ هن کي صراط مستقيم تي مضبوطي سان هلڻ وارو بنايو. هن جي حڪمن کي بعد جي شريعت جو جز بنايو ويو. پاڻ ڪريمن جو ارشاد آهي ته تمام انبياء ڪرام ولي آهن ۽ منهنجو ولي ابراهيم عليه السلام آهي. دين محمدي صلى الله عليه وسلم ۾ سنت ابراهيم جو خاص مقام ۽ احترام آهي. هو دنيا ۾ به نيڪين ۽ خوبين جو مظهر هيو ته آخرت ۾ ان کي صالح بانهن جي جماعت ۾ نمايان مقام هوندو. هو پڪو موحد هيو ۽ ساري زندگي توحيد جي پرچار ۾ شرڪ ۽ ڪفر خلاف نبرد آزما رهيو. هو ڪنهن صورت به شرڪ ڪرڻ وارن مان نه هيو. ان ڪري ان جي سنت کي زندهه رکيو ويو آهي. هاڻي توڏانهن به جيڪا وحي الاهي ٿي رهي آهي، ان ۾ توکي ابراهيم عليه السلام جي ملت جي پيروي ڪرڻي هوندي ۽ ان وارو

طريقو اختيار ڪرڻو هوندو.

ياد رهي خدا جي شريعت (دين) ۾ تضاد نہ آهي. يهودين جي شريعت يا مذهبي قانون ۾ ڪجهہ اهڙيون شيون هيون جيڪي شريعت محمدي ﷺ ۾ نہ آهن، يهودين تي اهي پابنديون سندن حد کان وڌيڪ نافرمانين جو نتيجو هو. هينئر اها فضا نہ آهي، ان ڪري ان خاص قانون کي عام ڪرڻ جي ضرورت ناهي، يهودين جي نافرماني لاءِ خاص سزا جو قانون ٻين تي لڳائڻ مناسب ناهي. اهي بندشون ابراهيم عليه السلام جي دور ۾ نہ هيون، بعد ۾ يهودين جي ظلم سبب لڳايون ويون هيون. ملت ابراهيم ۾ اُٺ جو گوشت، شتر مرغ، بطخ، خرگوش وغيره سڀ حلال هئا. اهي يهودين تي حرام ٿيا، پر بعد ۾ انهن ابراهيمي سنتن جو اجراءُ جاري رهيو. اهڙي طرح 'سبت' جو معاملو آهي، جنهن لاءِ بہ بني اسرائيل اهو اعتراض ڪن ٿا تہ 'سبت' کي شريعت محمدي ﷺ ۾ خارج ڪيو ويو آهي، حالانڪہ هو پاڻ کي دين ابراهيمي عليه السلام جو پيرو ڪار سڏائين ٿا ۽ سندن دعويٰ آهي تہ هو دين ابراهيم جي پوري طرح پيروي ڪري رهيا آهن تہ پوءِ کين اها خبر بہ هئڻ گهرجي تہ سبت يعني ڇنڇر ڏينهن شڪار نہ ڪرڻ جو حڪم حضرت ابراهيم عليه السلام کان بعد ۾ آيو هو. (البقره: 65/2، النساء: 27/4 ، الاعراف: 163/7) ان کي دين ابراهيم سڏڻ غلط آهي. هنن جو سبت واري اختلاف ۾ بہ اختلافِ راءِ آهي. (البقره: 65/2، النساء: 45/4 کان 47، الاعراف: 163/7) ڪجهہ جو چوڻ آهي تہ موسىٰ عليه السلام بني اسرائيل کي جمعي جو ڏينهن عبادت لاءِ مقرر ڪيو هيو، پر هنن جمعي بدران ڇنڇر کي عبادت لاءِ خاص ڪيو، جنهن تي الله تعالىٰ کين مستحڪم رهڻ جو حڪم ڏنو،پر بعض چون ٿا تہ بني اسرائيل کي الله تعالىٰ جمعي جو ڏينهن تعظيم لاءِ مقرر ڪيو هيو، پر هنن پنهنجي اجتهاد تي ڇنڇر جو ڏينهن مقرر ڪيو تہ عيسائين وري آچر جو ڏينهن مقرر ڪيو. اهڙيءَ طرح يهودين سان اختلاف ڪندي پاڻ لاءِ بيت المقدس جو ايرندو حصو عبادت لاءِ مقرر ڪيو تہ يهودين بيت المقدس جو مغربي حصو قائم ڪيو. الله تعالىٰ جمعي جو ڏينهن مسلمانن کي عطا ڪيو ۽ بيت المقدس بدران بيت الله کي نوع انسان لاءِ مرڪز عبادت ۽ مرڪز اجتماعيت مقرر ڪيو. يهودين ۽ نصارىٰ جو فيصلو قيامت ڏينهن الله جي حضور ۾ ٿيڻو آهي. اي نبي محترم ﷺ! تون پنهنجا منصبي فرض ادا ڪندو رهہ. ڪافرن جي بي تڪي ۽ بي بنياد ڳالهين تي ڌيان نہ ڏي. اهي اعتراض هو رڳو پنهنجي

ضد ۾ پنهنجي انا جي گمراهه ڪن منصوبن ماتحت ڪري رهيا آهن، جنهن ۾ هو بدزباني ۽ فحش ڪلامي جا مرتڪب ٻه ٽين ٿا، تون خلق عظيم جو ٻي مثل پيڪر آهين، تون هنن جاهلن کي الله طرف سڏڻ لاءِ حڪمت ۽ دلپزير نصيحت ذريعي دعوت جاري رک. حڪمت مان مراد آهي ته دانائيءَ سان ٻڌندڙ جي لاءِ نرم ۽ اثرانداز ۾ بيان ڪر جيئن هنن جي دل ۽ دماغ ۾ رچي وڃي. ڪافرن وارا انڌاڌنڌ حملا ۽ تلخ جواب جاهلن جو وطيرو آهي. هنن جي اعتراضن ۽ سوالن جا جواب نهايت بهترين گفتگو واري مباحثي ۾ هٿ گهرجن. هر مخاطب کي سندس استطاعت مطابق نصيحت ڏجي ۽ هر هڪ جي مرض جي پوري طرح شناخت ڪري پوءِ ان جو علاج يا سرجري ڪجي ته جيئن هنن جي مرض جي بيخ ڪني ڪري سگهجي. مخاطب کي ٽوڪ ڪرڻ بدران نهايت نفيس ۽ عزت واري طريقي سان پيش ٿجي. گويا هن آيت ۾ امت جي انهن قائدين کي آگاهه ڪيو ٿو وڃي، جيڪي تبليغ جي اهم ذميداريءَ جو فرض نيائي رهيا آهن. الله کي سڀ ڪجهه معلوم آهي ته ڪير گمراهيءَ واري واٽ تي آهي ته ڪير حق ۽ هدايت واري سڌي سنئين رستي تي آهي. جيڪڏهن توهان کي هنن جو پيڇو ڪرڻو پوي ۽ ڪين زيادتيءَ جو بدلو ڏيڻ گهرو ته پوءِ انهن جو پيڇو ان حد تائين ڪيو، جيترو هنن ڪيو هو، حد کان وڌيڪ بدلو ونڻ جو نه سوچيو. پر جيڪڏهن اوهان هن جو پيڇو نه ڪريو ۽ ڪين ادلي جو بدلو نه ڏيو ته اهو الله کي وڌيڪ پسند آهي ۽ صبر ڪرڻ وارن لاءِ ان جو نتيجو ۽ اجر سٺو آهي. ان ڪري هميشه صبر کان ڪم وٺو. اهڙين تڪليفن ۽ اذيتن ۾ صبر جو دامن مضبوط رکڻ الله جي توفيق سان آهي. هنن جي اخلاق کان ڪريل ۽ انساني وقار جي خلاف جملن ۽ حملن جو جواب خوش اخلاقي ۽ بلند خيالي سان ڏيندو رهه ۽ ڪنهن ٻه قسم جو تنگ دل يا رنجيده دل نه ٿي ۽ هنن جي مڪر آميز شرارتي چالبازين تي پوري طرح نگاهه رک.

ياد رکو ته الله جو ساٿ ۽ مدد انهن لاءِ آهي، جيڪي الله جي قانون جي حفاظت ڪن ٿا ۽ پاڻ کي الله جي ناراضپي کان بچائي رکن ٿا ۽ هنن جو رويو احسان ڪرڻ وارو آهي. ياد رهي ته آيت 125 کان 128 تائين هن سورت جي اختتام ۾ دين جي دعوت ڏيڻ لاءِ جيڪي شيون طريقه ڪار لاءِ بنيادي حيثيت رکن ٿيون ۽ نهايت اهم آهن، انهن جو ذڪر بظاهر پاڻ ڪريمن ﷺ جي ذات اقدس ڏانهن منسوب آهي، پر حقيقت ۾ اهو حڪم امت جي انهن تمام افراد لاءِ خاص طرح ۽ عام طرح هر امتيءَ لاءِ آهي ته هو دين جي دعوت ۾

هميشہ حڪمت، حسن موعظت ۽ احسن مقالي سان جاري رکجي. (الزمر: 18/39، العنڪبوت: 46/29، المؤمنون: 96/23، حٰم السجده: 34/41، بني اسرائيل: 53/17، طٰهٰ: 20/ 44، القصص: 54/28) گفتگو دليل ۽ سند سان هجي، بي تڪي بي بنياد گفتگو يا هلو غلو ڪرڻ جي هرگز اجازت ناهي، خيرخواهي، شفقت ۽ محبت سان لبريز هجي، ذاتي مفاد کان خالي محض الله جي رضا لاءِ هجي، مخالف اشتعال انگيزي ۾ اچي وجي تہ ڪيس سختي سان پيش اچڻ بدران مهذب ۽ شائستگي جو طريقو اختيار ڪري. دعوت ڏيندڙ جي ذميداري دعوت حق، سڻي طريقي پهچائڻ آهي، باقي ان کي قبول ڪرڻ نہ ڪرڻ بي ڏر جو اختيار آهي، ان ڪري مبلغ پنهنجي ذميداري جي حدن اندر رهي ۽ ان کان ٻاهر نہ نڪري، جيڪڏهن مخاطب ڪاوڙجي ظلم ۽ زيادتي تي اچي وجي ٿو تہ اخلاقي دائري اندر رهي ڪيس ايترو بدلو ونڻ جو حق حاصل آهي جيتري ڪيس تڪليف پهتي آهي. (الحج: 60/22-40-39) اهو بدلو جرگي يا عدالت معرفت هجي تہ بهتر آهي. پر الله کي صبر وڌيڪ پسند آهي، ان ڪري صبر کان ڪم ونڻ گويا خدا جي رضا حاصل ڪرڻ آهي. ذاتي انتقام ونڻ کان پرهيز ڪري، جنهن جا نتيجا الله طرفان هت توڙي ايندڙ زندگي ۾ ضرور سڻا رونما ٿيندا. حديث شريف آهي: "مَا انْتَقَمَ رَسُوْلُ اللهِ ﷺ لِنَفْسِهٖ اِلَّا اَنْ تُنْتَهَكَ حُرُمَاتِ اللهِ" (صحيحين) پاڻ ڪريمن ﷺ ڪڏهن بہ ڪنهن کان ذاتي بدلو نہ ورتو آهي، رڳو ان حالت ۾ جڏهن الله جي حرمات جي خلاف ورزي نہ ڪئي وجي. جيڪڏهن ڪافر الله تعالىٰ کان سواءِ ڪنهن ٻئي جي عبادت ڪن ٿا تہ توهان ڪاوڙ ۾ اچي انهن کي گار گند نہ ڪريو، چوتہ هو بہ بدلي ۾ الله تعالىٰ کي گار گند ڪندا.

نہ ورتو ڪنهن کان بدلو ۽ نہ ڪنهن کي رنج پهچايو
برن سان بہ ڪئي بهتر کان بهتر بهتري اهڙي

(مشتاق سچاروي)

الحمد لله والشكر له بتوفيقه واعانته تعالىٰ تمت شرح البيان سورة النحل اليوم 17 ربيع الثاني 1444ھ بمطابق نومبر 13، سنہ 2022 ع بمطابق بارک الله لي ولكم في القرآن العظيم ونفعني واياكم بالآيات والذكر الحكيم. نحمده ونصلي ونسلم علىٰ رسوله الكريم. سبحان ربک رب العزة عما يصفون و سلام علي المرسلين والحمد لله رب العالمين آمين يا رب العالمين

سُوْرَهُ بَني اِسرائِيل

سوره بني اسرائيل جو نالو آيت 4 "وَ قَضَيْنَآ اِلٰى بَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ فِي الْكِتٰبِ لَتُفْسِدُنَّ فِي الْاَرْضِ مَرَّتَيْنِ وَ لَتَعْلُنَّ عُلُوًّا كَبِيْرًا" کان علامت طور ورتو ويو آهي. هن جو موضوع بحث بني اسرائيل نہ آهي، پر قرآن جي ٻين سورتن وانگر هن جو نالو بہ هن آيت سڳوري سان منسوب آهي. سوره بني اسرائيل ۽ سوره کهف ٻئي ملي هڪ خوبصورت جوڙو بنائين ٿيون. هي هڪ ٻئي جو جوڙ بہ آهن ۽ مضمون جي مشابهت بہ رکن ٿيون. قرآن مجيد جي ترتيب ۾ هن سورت جو نمبر 17 آهي، پر نزول جي حساب سان 67 نمبر آهي. هن کان اڳ 66 سورتون نازل ٿي چڪيون آهن. پهرين آيت ئي ٻڌائي ٿي تہ هي معراج جي موقعي تي نازل ٿي آهي. معراج هجرت مکہ کان هڪ سال اڳ جو واقعو آهي ۽ هي سورة بہ مکي مڪرمہ جي آخري دور جي ڏسجي ٿي. هن وقت تائين الله جي رسول ﷺ کي توحيد جي پيغام پهچائيندي 12 سال گذري چڪا هئا ۽ سندس آواز جي تاثير کجهہ ماڻهن کي هر هنڌ پهچي چڪي هئي. مسلمانن جو بہ هڪ ننڍڙو جٿو قائم ٿي ويو هو. مخالفت بہ ڏينهون ڏينهن وڌندڙ هئي. عنقريب هجرت جي نويد ملڻي هئي ۽ مدينہ منوره ۾ ان جو پيغام پهچي چڪو هو. مدينہ منوره جي اوس ۽ خزرج جي طاقتور قبيلن مان بہ ڪافي بااثر ماڻهو اسلام جا سپاهي بڻجي چڪا هئا. سوره بني اسرائيل جي شروعات "سُبْحٰنَ الَّذِيْٓ" سان ٿئي ٿي ۽ سورة الکهف جي شروعات "اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِيْٓ" سان ٿئي ٿي. حضور ڪريم ﷺ جو فرمان مبارڪ آهي: "اَلتَّسْبِيْحُ نِصْفُ الْمِيْزَانِ وَالْحَمْدُ لِلّٰهِ يَمْلَؤُهٗ" يعني سبحان الله چوڻ سان خدا جي معرفت جو ميزان اڌ ڀرجي وڃي ٿو ۽ الحمد لله ان ميزان کي ٽمٽار ڪري ڇڏي ٿو. اهڙيءَ طرح بنهي سورتن جي شروعات هڪ ٻئي جي تائيد ۾ آهي. سوره بني اسرائيل جون آخري بہ آيتون "قُلْ" سان شروع ٿين ٿيون، اهڙي طرح سورة الکهف جون آخري بہ آيتون بہ "قُلْ" سان شروع ٿين ٿيون. سوره بني اسرائيل هن

حڪم تي ختم ٿي ٿئي: "قُلِ الْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِیْٓ" چئو هر قسم جو حمد الله لاءِ آهي ۽ سورة الكهف جي شروعات ائين لڳي ٿو ته هن حڪم جي تعميل ٿي رهي آهي. يعني سوره بني اسرائيل جو اختتام ۽ سورة الكهف جي ابتدا ملي هڪ حڪم جي تعميل آهي. ان كان علاه ڪجهه مضمونن ۾ به كافي مشابهت آهي. هن سورة ۾ ڪفارِ مڪ لاءِ تنبيه آهي ته بين قومن جي اعمال ۽ انجام كان سبق سکڻ ۽ الله جي طرفان مليل مهلت كي غنيمت سمجهي، سڌري وڃڻ جو خيال ڪريو. مهلت جو وقت ڪڏهن به ختم ٿي ويندو ۽ توهان جو انجام آخرڪار عذاب الاهي هوندو. دعوت دين قبول نه ڪندا ته اوهان كي هٽائي بئي قوم كي آباد ڪيو ويندو. ان ڪري عبرت حاصل ڪريو ۽ خدا طرفان موكليل هن رسول اكرم خَاتَمُ النَّبِيِّيْنَ ﷺ جي دعوت كي قبول ڪري، پاڻ كي دوزخ جي باهه ۽ دنيا جي تباهيءَ كان بچائي ونو. اوهان كي سمجهائڻ لاءِ توحيد، آخرت، نبوت ۽ قرآن جي برحق هجڻ جا ثبوت ۽ دليل ڏنا ويا آهن، جن سان شبهات كي رفع دفع ڪري سگهجي ٿو. ان كانسواءِ توهان جي تعليم ۽ تربيت لاءِ اخلاق حسنه، ڪردار، خير خواهي، همدردي ۽ انسان دوستي سان گڏ توحيدِ خداوندي جو سبق ڏنو ٿو وڃي. هن سبق پڙهڻ ۽ پروڙڻ كان پوءِ اوهان حلقه اسلام كان باهر نٿا وڃي سگهو.

مکتب عشق کے انداز کا انداز نرالا دیکھا
اس کو چھٹی نہ ملی جس نے سبق یاد کیا

عارف ۽ مشتاق پسڻ گهرن پرين جو،
جنت جا مشتاق اجان اوراهان ٿيا

(ابيات سنڌي: مخدوم محمد زمان رحمۃ اللہ علیہ لنواري شريف)

آیتون ۱۱۱ | سُورَه بني اسرائيل (مكي سورت) | رکوع ۱۶

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

الجزء ۱۵ منزل ۴

سُبۡحٰنَ الَّذِیۡۤ اَسۡرٰی بِعَبۡدِهٖ لَیۡلًا مِّنَ الۡمَسۡجِدِ الۡحَرَامِ اِلَی الۡمَسۡجِدِ الۡاَقۡصَا الَّذِیۡ بٰرَکۡنَا حَوۡلَهٗ لِنُرِیَهٗ مِنۡ اٰیٰتِنَا ؕ اِنَّهٗ هُوَ السَّمِیۡعُ الۡبَصِیۡرُ ۝۱ وَ اٰتَیۡنَا مُوۡسَی الۡکِتٰبَ وَ جَعَلۡنٰهُ هُدًی لِّبَنِیۡۤ اِسۡرَآءِیۡلَ اَلَّا تَتَّخِذُوۡا مِنۡ دُوۡنِیۡ وَکِیۡلًا ؕ ۝۲ ذُرِّیَّةَ مَنۡ حَمَلۡنَا مَعَ نُوۡحٍ ؕ اِنَّهٗ کَانَ عَبۡدًا شَکُوۡرًا ۝۳ وَ قَضَیۡنَاۤ اِلٰی بَنِیۡۤ اِسۡرَآءِیۡلَ فِی الۡکِتٰبِ لَتُفۡسِدُنَّ فِی الۡاَرۡضِ مَرَّتَیۡنِ وَ لَتَعۡلُنَّ عُلُوًّا کَبِیۡرًا ۝۴ فَاِذَا جَآءَ وَعۡدُ اُوۡلٰىهُمَا بَعَثۡنَا عَلَیۡکُمۡ عِبَادًا لَّنَاۤ اُولِیۡ بَاۡسٍ شَدِیۡدٍ فَجَاسُوۡا خِلٰلَ الدِّیَارِ ؕ وَ کَانَ وَعۡدًا مَّفۡعُوۡلًا ۝۵

الله جي نالي سان شروع جو نهايت وڏو مهربان ۽ هميشہ رحم ڪرڻ وارو آهي. پاڪ آهي اها ذات جيڪا وڻي وئي رات جي ڪجھ حصي ۾ پنهنجي ٻانهي کي مسجد حرام کان مسجد اقصىٰ (پري واري مسجد) تائين جنهن جي ماحول کي اسان بابرڪت ڪيو آهي تہ اسان پنهنجي ٻانهي کي پنهنجون نشانيون ڏيکاريون. يقيناً اُهو ئي سڀ ڪجھ ٻڌڻ وارو ۽ ڏسڻ وارو آهي.(1) اسان (هن کان اڳ ۾) موسىٰ (عليہ السلام) تي ڪتاب نازل ڪيو. ان کي بني اسرائيل جي لاءِ هدايت جو ذريعو ڪيو هيو. انهيءَ تاڪيد سان تہ مون کان سواءِ ڪنهن کي بہ پنهنجو ڪارساز نہ بنايو. (2) ان ماڻهوءَ جي اولاد جن کي

اسان نوح (عليه السلام) سان گڏ (ٻيڙيءَ ۾) سوار ڪيو هو. هو(نوح عليه السلام) خدا جو شڪرگذار ٻانهو هيو.(3) اسان پنهنجي ڪتاب ۾ بني اسرائيل کي هن ڳالهه کان خبردار ڪيو هو ته توهان زمين تي ٻه دفعا وڏو فساد برپا ڪندا ۽ تمام گهڻي سرڪشي (زور آوري) ڏيکارينداِ. (4) پوءِ جڏهن انهن ۾ مان پهريون موقع آيو ته پوءِ اي بني اسرائيل! توهان جي مقابلي ۾ اسان پنهنجا اهڙا ٻانها اوهان تي مسلط ڪري آندا، جيڪي ڪافي زوردار جنگجو هئا. اهي توهان جي بستين ۾ داخل ٿي هر طرف پکڙجي ويا. هيءُ هڪ وعدو هو، جيڪو هر حال ۾ پورو ٿيڻو هو. (5)

هيءَ سورت مڪي زندگيءَ جي آخري دور ۾ نازل ٿي آهي. هنن پوين اٺن نون سالن ۾ ڪافرن طرفان مسلمانن ۽ پاڻ ڪريم خاتم النبيين صلى الله عليه وسلم تي ظلم و ستم جي هر حد پار ڪري ڇڏي هئي. "وَاصْبِرْ وَ مَا صَبْرُكَ اِلَّا بِاللّٰهِ وَ لَا تَحْزَنْ عَلَيْهِمْ وَ لَا تَكُ فِيْ ضَيْقٍ مِّمَّا يَمْكُرُوْنَ○" (النحل: 127/16) صبر ۽ استقامت اختيار ڪندو رهه، اهو صبر تون توفيق الاهيءَ کان سواءِ نٿو ڪري سگهين. هنن جي روش تي غمگين نه ٿيءُ ۽ جيڪو مڪر وفريب اهي ڪن تا، ان سان دل رنجيده نه ٿيءُ. اهڙي سخت ماحول ۾ الله تعالىٰ پنهنجي رسول اڪرم خاتم النبيين صلى الله عليه وسلم کي ڪاميابيءَ جي خوشخبري ڏئي رهيو آهي. سورة النحل: 127/16 ۾ ان طرف اشارو ڪيو ويو آهي ته مخالفن سازشن ۽ ظلمن جي انتها ڪري ڇڏي هئي، تنهنڪري هي هجرت جو سفر ڪرائڻ لاءِ هن معراج جي ضرورت پئي. الله تعالىٰ طرفان آسماني انقلاب ڪامياب ڪرڻ لاءِ مديني جو انتخاب ڪيو ويو. (طٰهٰ: 23/20)

معراج جو واقعو نهايت عظيم واقعو آهي، جيڪو "معراج" ۽ "اسراء" جي نالي سان مشهور آهي. اڪثر معتبر روايتن مطابق هي واقعو هجرت کان هڪ سال ڪن اڳ مڪ مڪرمه ۾ پيش آيو. ڪافي وڏن اصحابن سڳورن کان هن جي حديثن ۾ تصديق ٿيل آهي، جنهن ۾ نبي اڪرم خاتم النبيين صلى الله عليه وسلم کي براق جي ذريعي مسجد الحرام (مڪه) کان مسجد اقصىٰ (بيت المقدس- يرو شلم) تائين نيو ويو، جيڪو نهايت پري آهي. اهو

ان کري آهي تہ الله ان شيءِ کي پوريءَ طرح ظاهر کرڻ فرمايو، جنهن جو کيترو وقت کان وعدو کيو ويو آهي. (طٰهٰ: 23/20) اتي حضور خَاتَمُ النَّبِيِّيْنَ ﷺ کان تمام انبياء اکرام جي امامت کرائي وئي. هن سفر کي "اسراء" يعني رات جو سير سڏيو ويو آهي، جنهن جو ذکر هن آيت سڳوريءَ ۾ آهي. باقي مسجد اقصىٰ کان ست آسمان کان عرش عظيم تائين پهچي الله جي ذات پاڪ جو عيني مشاهدو کرڻ کي "معراج" سڏيو ويو آهي، جنهن جو ذکر سورة النجم ۽ حديثن ۾ موجود آهي. الله تعالىٰ جي حکم سان پهريون الله جو گهر هڪ غير آباد پهاڙي علائقي مکه مکرمه ۾ بيت الله (مسجد الحرام) جي نالي سان حضرت ابراهيم ۽ حضرت اسماعيل عَلَيْهِمَا السَّلَامُ هٿان تعمير ٿيو. (آل عمران: 96/3) ۽ پي مسجد هڪ نهايت زرخيز زمين فلسطين يروشلم ۾ تعمير ٿي، جيڪا ابتدا ۾ هيڪل سليماني سڏبي هئي. هن علائقي ۾ کيترن نبين سڳورن جي بعثت ٿي ۽ کيترا عبادت گذار بندا عبادت الاهي ۾ مشغول رهيا.

معراج جو واقعو جسماني مشاهدو هو، کو خواب وغيره نہ هيو، جنهن کي آيت نمبر 60 ۾ "رؤيا" سڏيو ويو آهي. "رؤيا" اکين واري ڏسڻ کان زياده مشاهدو هوندو آهي، جيکو زياده قطعي ۽ وسيع ۽ هزارين درجا عميق، ڏور رس ۽ حقيقت رسا هوندو آهي. اک مغالطو کري سگهي ٿي، پري کان سراب کي پاڻي سمجهي سگهي ٿي، پر "رؤيا" جو مشاهدو عين حقيقت جو مشاهدو آهي. "مَا كَذَبَ الْفُؤَادُ مَا رَاٰى ○" (النجم: 11/53) "مَا زَاغَ الْبَصَرُ وَمَا طَغٰى ○ لَقَدْ رَاٰى مِنْ اٰيٰتِ رَبِّهِ الْكُبْرٰى ○" (النجم: 17-18/53) سوره طٰهٰ: 23/20 جي آيت "لِنُرِيَكَ مِنْ اٰيٰتِنَا الْكُبْرٰى" اکثر تفسيرن ۾ انهيءَ معراج واري واقعي جو هوش و حواس سان عيني مشاهدي جو ذکر آهي، جيکو هڪ رؤيا، عين حق مشاهدو آهي. مکه مکرمه جي بيت الحرام مسجد کان ڏگهي مسافت مسجد اقصىٰ تائين ۽ اتي تمام انبياء جي امامت کرائڻ الله تعالىٰ طرفان اعلان جو عملي مظاهرو هيو تہ هاڻي بني اسحاق يعني بني اسرائيل جي امامت جو دور ختم ٿي رهيو آهي ۽ نوع انسان جي هدايت ۽ رهنمائي مسجد الحرام (بيت الله) طرفان منتقل ٿي رهي آهي. جيکو نوع انسان جي سيني قومن، قبيلن، ملکن، علائقن، کاري گوري سپ لاءِ قيامت تائين جو اجتماعي مرکزي مقام هوندو ۽ نبي آخر زمان خَاتَمُ النَّبِيِّيْنَ ﷺ ان جي قيادت کندو (البقره:

127-129/2، آل عمران: 96-97/3) ان ڪري سمورن انبياء ڪرام ڪي حضور خَاتَمُ النَّبِيِّيْنَ ﷺ جي امامت ۾ مقتدیٰ بنائي اعلان ڪيو ويو تہ هي آخري ڪتاب، آخري نبي خَاتَمُ النَّبِيِّيْنَ ﷺ ۽ خدا جو هي اولين ۽ آخري گهر بيت الله تمام نوع انسان جي رهبري ۽ رهنمائيءَ جا علمبردار هوندا. هي واقعو عقل هوش حواس جي پروڙ کان مٿي جو هيو، ماڻهو ان واقعي ۾ شڪ نہ ڪن. ان ڪري "سُبْحٰنَ الَّذِیْٓ اَسْرٰی بِعَبْدِہٖ" چئي الله پاڪ ڪي هر نقص ۽ خامي کان پاڪ قدرت ۽ حڪمت جو ڏٽي ڪري بيان ڪيو، جنهن ذات پاڪ نهايت قليل عرصي ۾ "اسرا" ۽ "معراج" وارو سفر مڪي مڪرمه کان بيت المقدس ۽ اتان عرش معليٰ ۽ وري مڪه مڪرمه آڻڻ لاءِ جو اهتمام ڪيو. ان لاءِ سبحان الله ئي چوڻ مناسب ٿيندو.

سَرَيْتَ مِنْ حَرَمٍ لَيْلًا اِلٰى حَرَمٍ
كَمَا سَرَى الْبَدْرُ فِيْ دَاجٍ مِّنَ الظُّلَمِ
وَ بِتَّ تَرْقٰٓى اِلٰٓى اَنْ نِّلْتَ مَنْزِلَةً
مِنْ قَابَ قَوْسَيْنِ لَمْ تُدْرَكْ وَلَمْ تُرَمِ

معنیٰ: توهان هڪ رات جي ٿورڙي حصي ۾ هڪ حرم شريف بيت الحرام مڪه مڪرمه کان ٻئي حرم شريف مسجد اقصیٰ يروشلم جو سير ڪيو، جهڙيءَ طرح چوڏهين جو چند اونداهي رات ۾ هڪ افق کان ٻئي افق تائين ويندو آهي. رات جي انهي ننڍڙي حصي ۾ لڳاتار ترقي ڪندا ويا، تان جو قاب قوسين تي پهتا. اهڙو مقام، جڳهہ هن کان اڳ نہ ڪنهن حاصل ڪيو ۽ نہ ان جو ارادو ڪيو.

هن سفر جي حقيقت ۽ ماهيت نہ انسان جي محدود استعداد ۽ احاطي ۾ اچي سگهي ٿي ۽ نہ وري الفاظ تفصيل پيش ڪري سگهن ٿا.

بَلَغَ الْعُلٰى بِكَمَالِهٖ كَشَفَ الدُّجٰى بِجَمَالِهٖ
حَسُنَتْ جَمِيْعُ خِصَالِهٖ صَلُّوْا عَلَيْهِ وَآلِهٖ

سواءِ آمَنَّا وَصَدَّقْنَا ٻيو ڪو رستو ناهي.

نہ معلوم حد ابتدا انتها جي
مقام نبي لامڪانن ڪان ٻاهر
احد ساڻ احمد جي نسبت نرالي
زمين آسمان جي نظامن ڪان ٻاهر
فقط ناهه انجيل، توريت، قرآن
ثنا ٿي صحيفن ڪتابن ڪان ٻاهر

(مشتاق سچاروي)

بيت المقدس صرف بني اسرائيل جو روحاني مرڪز هيو. بيت الله تمام نوع انساني جو اجتماعي مرڪز آهي. يعني حضور ﷺ ڪي بيت الله ۽ بيت المقدس ٻنهي جي امامت عطا ٿي. تمام انبياء ڪرام جا مسلڪ، مذهب ۽ دين سڀ دين اسلام جي نالي سان منسوب ٿي شامل ٿي ويا ۽ پاڻ ڪريمن ﷺ ڪان بعد نبوت ۽ رسالت جو سلسلو هميشه لاءِ ختم ٿي ويو. هي سفر ان لاءِ ڪرايو ويو تہ جيئن الله جون آيات ۽ نشانيون هن ڪي عيني مشاهدي وارين نگاهن سان ڪرايون وڃن. سورة النجم ۾ به اهو ذڪر آهي: "لَقَدْ رَاٰى مِنْ اٰيٰتِ رَبِّهِ الْكُبْرٰى" (النجم: 18/53) هيءُ سفر سميع ۽ بصير رب طرفان ڪرايو ويو. سماعت جو تعلق صوت Sound يا آواز سان آهي، بصارت جو تعلق روشني Light سان آهي، جنهن رب جي قدرت ۾ آواز ۽ روشني يعني Light & Sound آهن، اهو رب ئي براق Light ذريعي هيءُ سفر اهڙي ذات اقدس ڪي ڪرايو، جيڪو نور من نورالله آهي. سوره اسراءِ يا سوره بني اسرائيل جو نزول معراج ۽ اسراء ڪان بعد ۾ ٿيو. هن ڪان اڳ پاڻ ڪريمن ﷺ سان طائف ۽ شعبِ ابي طالب ۾ جيڪو بي انتها برو سلوڪ ٿيو ۽ قريشِ مڪه پاران اعلان نبوت بعد جيڪو رويو رهيو، ان جي اثرات ڪان روشن مستقبل جي خوشخبري ڏيڻ ۽ ايندڙ ڪاميابين ۽ ڪامرانين ڪان آگاهه ڪرڻ ۽ بيت المقدس ۽ بيت الحرام ٻنهي جي ولايت، امامت ۽ قيادت عطا ڪرڻ لاءِ ڪين اسراء ۽ معراج جي دلڪشا سفر جو اهتمام ڪيو تہ الله جي حضور ٿي عجائب قدرت ڪان ڪيس آگاهي ڏيڻ لاءِ جسماني طور اکين ۽ دل جي بصيرت واري مشاهدي سان نوازيو ويو. اسراء ۽ معراج جي واقعي واري آيت بعد حضرت موسىٰ عليه السلام جو ذڪر آهي تہ اسان

موسیٰ عليه السلام کي "الکتٰب" (تورات) ڏنو، جنهن کي بني اسرائيل جي هدايت جو ذريعو بنايو ۽ کين حڪم ڏنو تہ مون الله کانسواءِ ڪنهن ٻئي کي پنهنجو ڪارساز قرار نہ ڏيو ۽ ياد ڏياريو تہ اوهان ان ماڻهوءَ جي اولاد آهيو، جيڪي نوح عليه السلام سان ڪشتي ۾ سوار ٿيا هئا. اهڙيءَ طرح کين يقين ڏيارڻ لاءِ تہ الله تعالیٰ جون تدبيرون امن ۽ حفاظت جون ضامن هوندیون آهن، جهڙيءَ طرح هن کان اڳ ڪارگذار ٿيون. هاڻي بہ اهڙيءَ طرح ثابت ٿيندیون. بيشڪ نوح عليه السلام الله جو شڪر گذار ٻانهو هو. گويا هن تشبيه ذريعي قريش مڪه کي ٻڌايو ويو تہ هي نبوت جو سلسلو نئون ناهي. موسیٰ عليه السلام بہ نبي هيو ۽ ان تي الله طرفان تورات ڪتاب نازل ٿيو، جنهن ۾ بني اسرائيل جي هدايت لاءِ احڪام هئا تہ انهن جي روشنيءَ ۾ هڪ الله کي عبادت جي لائق ۽ پنهنجي ڏڪ سڪ غم خوشي جو ڪارساز سمجهو. پر جن ماڻهن انهن احڪامن تي غور نہ ڪيو ۽ عمل پيرا ٿيڻ کان انڪار ڪيو تہ متن خدا جا عذاب ايندا رهيا، جن جو ڪجهہ ذڪر ايندڙ آيتن 4 کان 8 تائين ۾ آيو آهي. قريش مڪه کي تنبيه ڪئي وئي آهي تہ بني اسرائيل الله جي نبي حضرت موسیٰ عليه السلام ۽ الله جي ڪتاب تورات کي مڃڻ کان انڪار ڪيو تہ الله طرفان عذاب ئي عذاب جا مستحق ٿيا. اوهان وٽ بہ الله جو آخري رسول محمد ڪريم خاتم النبيين صلى الله تعالى عليه وسلم ۽ آخري ڪتاب "القرآن" واضح آيتن ۽ نشانين سان اوهان جي آڏو آهن. جيڪڏهن اوهان هي آخري هدايت جو موقعو بہ ضايع ڪيو تہ اوهان جو حشر بني اسرائيل وانگر يا ان کان بہ بدتر ٿيڻ وارو آهي. جڏهن اوهان آزمائشن مان عبرت حاصل ڪئي تہ توهان جون حالتون سازگار ۽ خوشگوار ٿي ويون، پر جڏهن وري سرڪشي ۽ نافرماني ڪئي تہ اوهان وٽ وري عذاب آيو. هينئر خدا تعالیٰ جو آخري رسول خاتم النبيين صلى الله تعالى عليه وسلم ۽ آخري ڪتاب قرآن مجيد آيو آهي، ان مان فائدو ونو ۽ پنهنجي عاقبت خراب ڪرڻ کان بچو. (الاعراف: 158/7-157) خدا جو قانون مڪافات هر وقت جاري آهي. اوهان انهن نيڪ ماڻهن جي اولاد آهيو، جيڪي نوح عليه السلام سان ٻيڙي تي سوار ٿيا هئا ۽ الله تي ايمان آندو هيو. اهي نوح عليه السلام جا ٿي پٹ حام، سام ۽ يافث هئا. نوح عليه السلام جي چوٿين پٹ يام (ڪنعان) ايمان نہ قبوليو ۽ ڪشتيءَ ۾ سوار نہ ٿيو، پر غرق ٿي ويو. اقوام ايشيا سام جي اولاد، اقوام افريقہ حام جي اولاد ۽ اقوام يورپ آمريڪا چين جاپان وغيره يافث جي اولاد سان منسوب ڪيا وڃن

ٿا. اها نوح عليه السلام جي صالح اولاد هئي، جيڪو الله جي نعمتن ۽ نوازشن جو شڪر گذار بانهو هيو. اوهان انهن چڱن جي اولاد بہ آهيو ۽ اوهان ڏانهن حضرت موسىٰ عليه السلام ۽ تورات وانگر خاتم الانبياءِ حضرت محمد مصطفىٰ خاتم النبيين صلى الله عليه وسلم بہ آيو ۽ قرآن بہ نازل ٿيو پوءِ بہ دين حق قبول نہ ڪيو تہ پوءِ پنهنجي عاقبت جي حساب ڪتاب جا اوهان ذميوار آهيو. (وڌيڪ تفصيل لاءِ ڏسو: سورة البقره:23/2)

حضرت موسىٰ جي قصي عليه السلام جي مماثلت اها بہ آهي تہ حضرت موسىٰ 1400 قبل مسيح بني اسرائيل کي مصر کان وٺي صحراءِ سينا ۾ جبل طور وٽ وٺي آيو هو، جيڪا بہ هڪ رسول جي هجرت سڏبي، جنهن مان نبي اڪرم خاتم النبيين صلى الله عليه وسلم جي ٿيڻ واري هجرت جو پڻ اشارو آهي. هن کان اڳ حضرت موسىٰ عليه السلام تورات ۽ بني اسرائيل جو ذڪر ڪري آيات قرآني جي مخاطبين کي آگاهہ ڪيو ويو تہ اوهان بہ بني اسرائيل وارو انڪاري رويو اختيار ڪيو تہ ان جا نتيجا مختلف نہ نڪرندا. آسماني انقلاب واري دعوت جا مثبت نتيجا حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجو ديس ڇڏي هجرت ڪرڻي پوندي آهي. اهڙو واقعو گهٽن رسولن سان پيش آيو آهي. حضرت موسىٰ عليه السلام جو قوم سان مصر مان نڪرڻ، انهيءَ سنت الاهيءَ جو ذريعو هيو، جيڪو عنقريب پاڻ ڪريم خاتم النبيين صلى الله عليه وسلم کي بہ پيش اچڻو هيو.

هاڻي هت آيت 8 تائين انهن بن واقعن جو اجتماعي طور بيان آهي تہ هڪ پيرو بني اسرائيل گناهن جي انتها ڪري ڇڏي تہ بادشاهہ مصر مٿن حملو ڪري شهر، عمارتن ۽ هيڪل سليماني کي تهس نهس ڪري ڇڏيو ۽ ٻئي واقعي ۾ بابل جي بادشاهہ بخت نصر حملو ڪري يروشلم فتح ڪري ڪيترن بني اسرائيلين کي قيدي ڪري وٺي ويو ۽ پوري شهر ۾ لٽ مار ڪري مال مايا گڏ ڪٽي ويو. يهود جلاوطن ٿي 70 سالن تائين بابل ۾ قيد ۽ غلاميءَ جي زندگي گذاري. بني اسرائيل جي لڳاتار قانون شڪني ۽ شرارتن جي ڪري بعد ۾ حملي ۾ 40 هزار يهودي قيدي ۽ 40 هزار يهودي قتل ڪيا ويا. بيت المقدس ۽ يروشلم کي ويران ڪيو ويو ۽ هڪ حملي ۾ رومي بادشاهہ سندن تباهي آندي. يعني يهودين يا بني اسرائيل جي لڳاتار انحرافين سبب مٿن حملا جاري رهيا، جن مان ٻن جو ذڪر هت آهي، جيڪي عراق جي بادشاهہ بخت نصر ۽ بعد ۾ رومي جرنيل جي ڪيل تباهين ڏانهن اشارو آهي. پهرين حملي ۾ نهايت جنگجو بخت نصر جي لشڪر سندن تباهي آندي ۽ خدا جو ڪيل وعدو پورو ثابت ٿيو.

ثُمَّ رَدَدْنَا لَكُمُ الْكَرَّةَ عَلَيْهِمْ وَ اَمْدَدْنٰكُمْ بِاَمْوَالٍ وَّ بَنِيْنَ وَ جَعَلْنٰكُمْ اَكْثَرَ
نَفِيْرًا ۝۶ اِنْ اَحْسَنْتُمْ اَحْسَنْتُمْ لِاَنْفُسِكُمْ ۫ وَ اِنْ اَسَاْتُمْ فَلَهَا ؕ فَاِذَا جَآءَ
وَعْدُ الْاٰخِرَةِ لِيَسُوْٓءٗا وُجُوْهَكُمْ وَ لِيَدْخُلُوا الْمَسْجِدَ كَمَا دَخَلُوْهُ اَوَّلَ مَرَّةٍ
وَّ لِيُتَبِّرُوْا مَا عَلَوْا تَتْبِيْرًا ۝۷ عَسٰى رَبُّكُمْ اَنْ يَّرْحَمَكُمْ ۚ وَ اِنْ عُدْتُّمْ
عُدْنَا ۘ وَ جَعَلْنَا جَهَنَّمَ لِلْكٰفِرِيْنَ حَصِيْرًا ۝۸ اِنَّ هٰذَا الْقُرْاٰنَ يَهْدِيْ لِلَّتِيْ
هِيَ اَقْوَمُ وَ يُبَشِّرُ الْمُؤْمِنِيْنَ الَّذِيْنَ يَعْمَلُوْنَ الصّٰلِحٰتِ اَنَّ لَهُمْ اَجْرًا
كَبِيْرًا ۝۹ وَّ اَنَّ الَّذِيْنَ لَا يُؤْمِنُوْنَ بِالْاٰخِرَةِ اَعْتَدْنَا لَهُمْ عَذَابًا اَلِيْمًا ۝۱۰ ع

وقف لازم

ان کان پوءِ اسان توهان کي هنن تي غلبي جو موقعو ڏنو ۽ توهان کي مال ۽ اولاد سان مدد ڪئي ۽ توهان جي نفري (تعداد) اڳ کان وڌائي ڇڏي.(6) جيڪڏهن توهان چگا ڪم ڪيا تہ پاڻ لاءِ چڱائي ڪئي، پر جيڪڏهن برائي ڪئي تہ اُها بہ پنهنجي لاءِ ڪئي. وري جڏهن بئي وعدي جو وقت آيو تہ اسان دشمنن جي بئي زور آور ٽولي کي اوهان تي مسلط ڪيو تہ جيئن هو توهان جا چهرا بگاڙي ڇڏين ۽ مسجد (بيت المقدس) ۾ اهڙي طرح داخل ٿي وجن جهڙي طرح هن کان اڳ وارا داخل ٿي ويا هئا تہ جيئن جتي جتي ڪين دسترس ٿئي ان کي تباهہ ڪري ڇڏين.(7) ممڪن آهي تہ هاڻي بہ توهان جو رب توهان تي رحم ڪرڻ فرمائي، پر جيڪڏهن توهان وري بہ سابق روش جو اعادو ڪيو تہ پوءِ اسان بہ پنهنجي گرفت جو اعادو ڪنداسون. (ياد رکو تہ) اسان ڪافرن لاءِ جهنم قيد خانو ناهي ڇڏيو آهي.(8) حقيقت اها آهي تہ هي قرآن اها راهہ ڏيکاري ٿو، جيڪا بلڪل سڌي آهي، جيڪي ماڻهو ان کي قبول ڪري نيڪ

ڪم ڪرڻ لڳن ٿا تہ انهن کي هيءَ خوشخبري ڏئي ٿو تہ هنن لاءِ اجر عظيم آهي.(9) ۽ اهي ماڻهو جيڪي آخرت کي نٿا مڃين، انهن کي خبر ڏئي ٿو تہ اسان انهن لاءِ درد ناڪ عذاب تيار ڪري رکيو آهي.(10)

بخت نصر جي حملي ۽ غلبي بعد يهودي تباهيءَ جي ڪناري تي پهچي ويا ۽ انهيءَ غلامي ۽ بي ڪسي واري زندگي ۾ ڇڇ عرصو گذاريڻ بعد يهود ۾ اصلاح جا آثار نمايان ٿيا ۽ رجوع الي الله جي ڪيفت پيدا ٿي تہ بابل جي سلطنت کي شڪست ملي ۽ شاهہ ايران سائرس يهودين کي بابل مان نڪرڻ ۽ غلامي واري زندگيءَ کان آزاد ٿيڻ جي اجازت ڏني ۽ هو پنهنجي وطن واپس وريا ۽ هيڪل سليمانيءَ کي نئين سري سان آباد ڪيو ۽ حضرت عُزير عليه السلام جي رهنمائيءَ ۾ ڪافي حد تائين تعمير ۽ ترقي حاصل ڪئي. خوشحالي، مال و دولت جي فراواني ٿي، اولاد ۽ نفري ۾ اضافو ٿيو. ان عرصي دوران اوهان جيڪي چڱا ڪم ڪيا، تن جو فائدو بہ توهان کي پهتو، جنهن جي ڪري اوهان جا ڏکيا ڏينهن سک ۽ ساهت ۾ بدلجي ويا، پر آهستہ آهستہ يهودين جا پاڻ ۾ اختلاف ايرڻ لڳا ۽ رومي بادشاهہ کي دعوت ڏئي پاڻ تي غالب ڪيائون. انهيءَ سبب اڳتي هلي يهودين جي ديني ۽ اخلاقي حالت ڪمزور ٿيندي وئي ۽ نيٺ زوال جي آخري حد تائين پهتي، خدا جي نبي حضرت يحيٰ عليه السلام کي قتل ڪيو ۽ ان جو سر قلم ڪيو، پر هن ايڏي وڏي ظلم خلاف آواز نہ اٺاريو. مسيح عليه السلام لاءِ موت جي سزا جو مطالبو ڪيو، جڏهن ظلم ۽ زيادتيءَ جون سڀ حدون پار ڪري ويا تہ يهودين ۽ رومين درميان سخت ڪشمڪش شروع ٿي وئي. يهودين ڪلي بغاوت ڪري ڇڏي. رومي سلطنت سخت ڪارروائي ڪندي، يروشلم فتح ڪري ورتو ۽ هر شيءِ کي درهم برهم ڪري ڇڏيو. (بني اسرائيل: 106/17) جنهن ۾ هڪ لک 33 هزار ماڻهو ماريا ويا ۽ 67 هزار گرفتار ٿي غلام بنيا. ڪيترن کي شهر بدر ڪيو ويو. آيت نمبر7 ۾ اهو مفهوم هن طرح آهي: "لِيَسُوٓءٗا وُجُوْهَكُمْ" تہ توهان جا چهرا بگاڙين. (بني اسرائيل: 17/ 104)

روم جي قيصر ٻيهر يروشلم آباد ڪيو، ان جو نالو "ايليا" رکيو، پر يهودين کي ان شهر ۾ اچڻ جي اجازت نہ هئي. هنن چند آيتن ۾ بني اسرائيل جي ٻن هزار سالن جي

نشيب و فراز ۽ زوال و عروج جو بيان ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ هنن ۾ دفعا عروج ۾ ڏنو ۽ ۾ دفعا زوال ۾ ڏنو آهي. ڪين ياد ڏياريو ٿو وجي ته اوهان جيستائين قانونِ خداوندي جي پابندي ڪندا رهيا ته اوهان خدا جي نعمتن کان ۾ سرفراز ٿيندا رهيا ۽ جيستائين اوهان جو اهو نيڪيءَ جو عمل جاري رهيو آهي ته اميد آهي الله جي پاران سندس رحمت جا در ڪليل رهندا، پر جيڪڏهن اوهان وري پنهنجي پراڻي روش تي موٽي آيا ۽ عهد شڪني ڪري سرڪشي ۽ زيادتي جي راهه اختيار ڪئي ته الله جو قانونِ مڪافات، مهلت وارو وقت گذرڻ بعد عمل پيرا ٿي ويندو. بني اسرائيل جو نشيب و فراز جو احوال حوالي طور پيش ڪري قريش مڪه ۽ ان وقت جي ڪافرن ۽ مشرڪن کي الله جي سنت يعني قانون مڪافات جو ٻڌايو وجي ٿو ته جيڪڏهن اوهان ۾ سڏي واٽ ورتي ته الله جون رحمتون جاري رهنديون، پر جيڪڏهن بني اسرائيل وانگر سرڪشي ۽ نافرماني ڪئي ته اوهان ۾ ان گرفت ۽ عذاب کان پاڻ بچائي ڪو نه سگهندا. ان ڪري ياد رکو ته هاڻي اوهان لاءِ هدايت جي راهه اهائي هوندي، جن جي نشاندهي ۽ رهبري هيءُ ڪتاب (قرآن مجيد) ڪري رهيو آهي. جيڪو هدايت جو آخري ڪتاب آهي ۽ آخري نبي حضرت محمد مصطفىٰ خاتم الانبياءِ والمرسلين ﷺ تي نازل ٿيو آهي. هيءُ ڪتاب هڪ اهڙي مضبوط رسي آهي، جنهن جو هڪ سرو الله جي دستِ قدرت ۾ آهي ۽ ٻيو سرو ان جي هٿ ۾ آهي، جيڪو هن قرآن کي پنهنجو رهبر ۽ رهنما تسليم ڪري ٿو. جيڪڏهن انسان الله جي رحمتن جو خواهشمند آهي ته اهو هن رستي تي هلي الله جي رحمت جي پناهه ۾ اچي وجي ٿو. هي مؤمنن لاءِ هدايت آهي، رحمت آهي، برڪت ۽ شفاعت آهي ۽ الله وٽ نجات جو ذريعو ۽ هن تي عمل ڪرڻ وارن لاءِ انهن تمام برڪتن ۽ فضيلتن جو حصول ممڪن ٿي وجي ٿو، جنهن جو حضور خَاتَمُ النَّبِيِّيْنَ ﷺ سان الله جو وعدو آهي ۽ انهن خوشنصيب مؤمنن کي جيڪي نيڪ عمل ڪن ٿا "لَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَ لَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ" جهڙيون بشارتون ڏئي ٿو.

قُرَّتْ بِهَا عَيْنٌ قَارِيْهَا فَقُلْتُ لَهٗ
لَقَدْ ظَفِرْتَ بِحَبْلِ اللّٰهِ فَاعْتَصِمِ

جنهن جي پڑهڻ سان قاريءَ جون اکيون ٺري پون ٿيون. ان ڪري قاريءَ کي چوندو آهيان ته تون الله جي رسيءَ کي مضبوطيءَ سان جهلڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو آهين.

لَهَا مَعَانٍ كَمَوْجِ الْبَحْرِ فِيْ مَدَدٍ
فَوْقَ جَوْهَرُهٗ فِي الْحُسْنِ وَالْقِيَمِ

(قصيده برده شريف)

اهي قرآني آيتون بي شمار معنائون ۽ فائدا رکن ٿيون. جن جي وضاحت ڪرڻ لاءِ سمنڊ جي چولين ۽ موجن وانگي آيتون هڪ ٻئي جي پنيان اچن ٿيون، اهي آيتون پنهنجي معنيٰ ۾ لطافت ۽ نورانيت جي ڪري سمنڊ جي موتي کان ۽ وڌيڪ حسين ۽ قيمتي آهن.

پر جيڪي ماڻهو پنهنجي عاقبت ۽ آخرت تي ايمان نٿا رکن، يعني زندگيءَ شتر بي مهار ٿي گذارڻ گهرن ٿا ۽ هن ڪتاب جي واضح هدايت جي تعميل ڪرڻ سان خوشگوار نتيجن جي اميد نٿا رکن، انهن کي بداعماليءَ جي برن نتيجن کان آگاهه ڪري ٿو. اهڙن نافرمان ماڻهن لاءِ اسان نهايت درد ناڪ عذاب تيار ڪري رکيو آهي، جنهن ۾ هو هميشه جلد سڙندا رهندا. هي قابل غور نقطو آهي ته جتي ڪٿي بداعماليءَ جو ذڪر آهي، اتي ايمان بالآخرة جو تذڪرو ضروري آهي. معلوم ٿيو ته بداعمالي ۽ ايمان بالآخرة ان جو گڏ هلڻ مشڪل آهي. "اِنْ عُدْتُّمْ عُدْنَا" ۾ مڪافات عمل بنا دير عذاب جي اچڻ جو هڪ خوفناڪ اشارو آهي، جنهن جي وڌيڪ وضاحت هن آيت جي آخري ۾ "اَعْتَدْنَا لَهُمْ عَذَابًا اَلِيْمًا" ذريعي ڪئي وئي آهي. يعني هي ڪتاب مؤمنن ۽ ڪافرن يعني جيڪي هن تي ايمان رکن ٿا، يا جيڪي ان جو انڪار ڪن ٿا، انهن ٻنهي جي نتيجن کان واضح طريقي سان آگاهه ڪري ٿو، يعني ماڻهو يا الله جي رحمت جي دامن ۾ هوندو يا جهنم جي دردناڪ عذاب جو ڪاڇ هوندو. سڏو رستو صرف قرآن مجيد جو رستو آهي، جيڪو متوازن ۽ سڌي راهه تي هلائي ٿو. هن جي صداقتن کي تسليم ڪرڻ ۾ ڪاميابي ملي ٿي، پر جيڪي ماڻهو آخرت جي حياتيءَ ۾ يقين نٿا رکن، انهن لاءِ دردناڪ عذاب آهي.

وَ يَدْعُ الْاِنْسَانُ بِالشَّرِّ دُعَآءَهٗ بِالْخَيْرِ ؕ وَ كَانَ الْاِنْسَانُ عَجُوْلًا ﴿۱۱﴾ وَ
جَعَلْنَا الَّيْلَ وَ النَّهَارَ اٰيَتَيْنِ فَمَحَوْنَآ اٰيَةَ الَّيْلِ وَ جَعَلْنَآ اٰيَةَ النَّهَارِ
مُبْصِرَةً لِّتَبْتَغُوْا فَضْلًا مِّنْ رَّبِّكُمْ وَ لِتَعْلَمُوْا عَدَدَ السِّنِيْنَ وَ الْحِسَابَ ؕ وَ
كُلَّ شَيْءٍ فَصَّلْنٰهُ تَفْصِيْلًا ﴿۱۲﴾ وَ كُلَّ اِنْسَانٍ اَلْزَمْنٰهُ طٰٓئِرَهٗ فِيْ عُنُقِهٖ ؕ وَ
نُخْرِجُ لَهٗ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ كِتٰبًا يَّلْقٰىهُ مَنْشُوْرًا ﴿۱۳﴾ اِقْرَاْ كِتٰبَكَ ؕ كَفٰى بِنَفْسِكَ
الْيَوْمَ عَلَيْكَ حَسِيْبًا ﴿۱۴﴾ ؕ مَنِ اهْتَدٰى فَاِنَّمَا يَهْتَدِيْ لِنَفْسِهٖ ۚ وَ مَنْ ضَلَّ
فَاِنَّمَا يَضِلُّ عَلَيْهَا ؕ وَ لَا تَزِرُ وَازِرَةٌ وِّزْرَ اُخْرٰى ؕ وَ مَا كُنَّا مُعَذِّبِيْنَ
حَتّٰى نَبْعَثَ رَسُوْلًا ﴿۱۵﴾ وَ اِذَآ اَرَدْنَآ اَنْ نُّهْلِكَ قَرْيَةً اَمَرْنَا مُتْرَفِيْهَا
فَفَسَقُوْا فِيْهَا فَحَقَّ عَلَيْهَا الْقَوْلُ فَدَمَّرْنٰهَا تَدْمِيْرًا ﴿۱۶﴾

انسان (پنهنجي لاءِ) شر اهڙيءَ طرح گهري ٿو، جهڙي طرح خير گهرڻ گهرجي. انسان وڏو جلد باز آهي.(11) (ڏسو) اسان رات ۽ ڏينهن کي ٻہ نشانيون ٻڌايو آهي. رات جي نشانيءَ کي اسان تاريڪ ٻڌايو ۽ ڏينهن جي نشانيءَ کي روشن ڪيو تہ جيئن اوهان پنهنجي پروردگار جو رزق طلب (حاصل/ تلاش) ڪري سگهو ۽ مهيني ۽ سال جو حساب معلوم ڪري سگهو ۽ نظام الاوقات جو اهتمام ڪيو. اهڙيءَ طرح اسان هر شيءِ کي الڳ الڳ چٽو ڪري بيان ڪيو آهي.(12) ۽ هر انسان جي قسمت (اعمال نامو) سندس ڳچي ۾ لٽڪائي رکيو آهي ۽ قيامت جي ڏينهن اسان هن کي هڪ ڪليل ڪتاب ڪري ڏيندا سون، جنهن کي هو ڏسندو. (13) تون پاڻ پنهنجو اعمال

نامو پڑھ ۽ پنهنجو حساب لڳائڻ لاءِ تون پاڻ ڪافي آهين.(14) پوءِ جيڪو سڌو رستو اختيار ڪري تہ سندس اها راست روي هن لاءِ ئي مفيد آهي ۽ جيڪو گمراهہ ٿي وڃي ان جي گمراهي هن جي جان جو ئي وبال آهي. ڪو بہ بار ڪڻڻ وارو بئي جو بار نہ ڪڻندو. اسان ايستائين ڪنهن کي بہ عذاب ڏيڻ وارا نہ آهيون، جيستائين ماڻهن کي حق ۽ باطل ۾ فرق ڄاڻڻ لاءِ هڪ پيغمبر نہ موڪليون(15) جڏهن اسان ڪنهن بستيءَ کي هلاڪ ڪرڻ جو ارادو ڪيون ٿا تہ ان (شهر/ بستي) جي دولتمند ماڻهن کي حڪم ڏيندا آهيون (بااختيار ڪندا آهيون) تہ اهي نافرماني ڪرڻ لڳندا آهن، تڏهن ان بستيءَ تي عذاب جو فيصلو لاڳو ٿي ويندو آهي ۽ (آخرڪار) اسان ان کي برباد ڪري ڇڏيندا آهيون.(16)

هن آيت ڪريمہ ۾ گهڻ رخي معاني جاڻ موجود آهي، انسان مستقبل جي زندگيءَ جو انڪار ۽ دنيا جي طبعي زندگيءَ جي حصول ۾ سرگردان ٿي وڃڻ سان پنهنجي اصل نصب العين ۽ منزل مقصود کان ڪٽجي، رڳو عارضي ۽ وقتي ناپائدار مفادن پٺيان لڳي وڃي ٿو ۽ انهن کي جلدي جلدي ميڙن جي ڪوشش ڪري ٿو. (الانبياء: 37/21) حرص و هوس ۾ ايترو تہ گرفتار ٿي وڃي ٿو، جو هو پنهنجي نفعي ۽ نقصان ۾ فرق محسوس ڪرڻ کان بہ محروم ٿي وڃي ٿو ۽ نقصان ڏيندڙ شين جو بہ اهڙيءَ طرح طالب ٿي وڃي ٿو، جهڙيءَ طرح ڪو نفعي وارين شين جو خواهشمند هوندو آهي. اهڙيءَ طرح انسان پنهنجي لاءِ خير جي عوض اڪثر نقصان گهرندو رهندو آهي. (سورة البقره: 2 /216) ۾ آهي: "عَسٰٓى اَنۡ تَكۡرَهُوۡا شَيۡـًٔا وَّهُوَ خَيۡرٌ لَّكُمۡ‌ ۚ وَعَسٰٓى اَنۡ تُحِبُّوۡا شَيۡـًٔا وَّهُوَ شَرٌّ لَّكُمۡ‌ ؕ وَاللّٰهُ يَعۡلَمُ وَاَنۡتُمۡ لَا تَعۡلَمُوۡنَ ○" يعني اوهان ڪنهن شيءِ کي پسند نٿا ڪيو، پر اها اوهان جي لاءِ خير آهي ۽ ڪنهن شيءِ کي اوهان پسند ڪريو ٿا، پر اها اوهان جي لاءِ شر آهي. اصل حقيقتن کان الله تعالىٰ ئي واقف آهي. اوهان کي ان جي ڪا خبر ناهي.

سيئي سبحان جي ڪر حوالي ڪم
ٿي تحقيق تسليم ۾ لاهي غم و هم
ته قادر ساڻ ڪرم حاصل ڪري حاج تو

(شاھ لطيف رحمۃ اللہ علیہ)

سپردم بتو مایۂ خویش را
تو دانی حسابِ کم وبیش را

* * *

کارسازِ ما بفکر م کار ما
کار ما در فکر ما آزار ما

ائين ٻه سمجهو ته هت مڪي مڪرمه جي ڪافرن جي انهن احمقانا ڳالهين جو جواب آهي جنهن ۾ هو بار بار نبي اڪرم خاتم النبیین صلی اللہ علیہ وسلم کي چوندا هئا ته جنهن عذاب کان ڊيڄارين ٿو اهو پلي وٺي اچ. جنهن تي ڪافرن کي خبردار ڪيو ٿو وڃي ته اوهان کي ڪجهه اندازو ٻه آهي ته الله جي عذاب بعد ان قوم جي ڪهڙي تباهي ۽ بربادي ايندي آهي. اوهان الله جي رحمت بدران الله جي عذاب جي گهر ڪرڻ ۾ اڳرا ڇو آهيو؟ يا هت مسلمان مؤمنن کي ٻه تلقين آهي ته ڪافرن جي ظلم بعد هنن جي تباهيءَ جي دعا گهرڻ بدران سندن لاءِ هدايت جي گهر ڪيو. انهن ڪافرن ۾ ڪيترا اهڙا شخص ٻه آهن، جيڪي هدايت جي راهه اختيار ڪندا. ان ڪري هنن جي نقصان بدران سندن مفاد جي گهر ڪيو. نقصان جي گُهر ۾ جلد بازي نه ڪريو. اوهان خدا جي عذاب جي گُهر ڪرڻ بدران نظامِ خداونديءَ جون آفاق ۾ موجود دلڪش نشانيون ڏسو ۽ انهن تي غور ڪري صحيح فيصلو ڪريو. اوهان جو ناقص عقل صحيح فيصلو ڪرڻ ۾ غلطي ڪري سگهي ٿو. ان ڪري وحي خداوندي تي غور ڪري معلوم ڪيو ته ڪهڙي شيءِ خير يا شر آهي. مثال طور رات ڏينهن جي گردش تي غور ڪريو. بظاهر هڪ ٻئي جو ضد آهن، هڪ اوندهه آهي ته هڪ روشني آهي، ٻئي هڪ ئي نظام جا ٻه رخ. هنن جي ڦيري سان اوهان ڏينهن جي

روشنيءَ ۾ محنت مزدوريءَ ۾ مشغول رهو ٿا ۽ رزق جي تلاش ڪريو ٿا ۽ رات جي پرسڪون ماحول ۾ آرام ڪري پنهنجون خرچ ڪيل توانائيون وري حاصل ڪري نوبنو ٿي وجو ٿا. مهينن سالن جو حساب رکو ٿا. (الانعام: 97/6، يونس: 5/10) بظاهر ٻئي هڪ ٻئي جي تضاد جون شيون گڏجي نظام جو حصو آهن. رات جي تاريڪيءَ کي روشني ۾ بدلڻ لاءِ ڏينهن کي آندو ويو آهي. اهڙي طرح گمراهه ماڻهن جي تاريڪي زندگي کي روشن ڪرڻ لاءِ وحي الاهي جو سلسلو جاري آهي ۽ هر هڪ شيءِ کي الڳ الڳ تفصيل سان بيان ڪيو ويو آهي.

خيرو شر جي ڪشمڪش ۾ انساني زندگيءَ ۾ رهندي آهي، جنهن جي مطابق هن جو اعمال نامو ۽ روزنامچو لکبو وجي ٿو. جيڪو هن جي ڳچيءَ ۾ لٽڪيل رهي ٿو. "طَائِر" جو لفظ عام طور تي نحوست ۽ بدقسمتيءَ لاءِ ايندو آهي، پر هت خوشقسمتي ۽ بدبختيءَ لاءِ آيو آهي. ان اعمال نامي جي نتيجن کي تبديل ڪرڻ جو هن کي ڪو اختيار ڪونهي ۽ اهو اعمال نامو سندس گلي جي هار وانگر تيستائين لٽڪندو رهي ٿو، جيستائين حساب ڪتاب پرکڻ واري ڏينهن ان جي نتيجن کي ظاهر ڪيو وجي ۽ ڪيس هڪ ڪلئي ڪتاب وانگر آڏو اچي تہ هو پنهنجا ڪارناما پاڻ اکين سان ڏسي، جن جي نتيجي ۾ هينئر مجرم جي حيثيت ۾ الله جي حضور حاضر آهي. هر انسان نيڪ بختي ۽ بدبختيءَ جو سمورو رڪارڊ ۽ ان جي بدلي يا نتيجي ۾ ملندڙ سزا يا ثواب سڀ پاڻ سان گڏ رکي ٿو. هن جي سعادت يا شقاوت پنهنجي هٿن جي ڪمائي آهي. اها هن تي ٻاهران نہ مڙهي وئي آهي، پر سندس سوچ ۽ عقل جو نتيجو آهي، جو هن وٽ اهڙي طرح موجود آهي، جو جڏهن انهن کي ڪليل ڪتاب وانگر باب در باب ڏسندو تہ ان جو انڪار ۽ ڪري ڪو نہ سگهندو. خارجي شهادت کان علاوه سندس اکيون، ڪن، زبان، هٿ پير هن خلاف شاهدي ڏيندا.(يٰسٓ: 36/65)

عمل سے زندگی بنتی ہے جنت بھی جہنم بھی
یہ خاکی اپنی فطرت میں نہ نوری ہے نہ ناری

(علامہ اقبال رحمۃ اللہ علیہ)

"فَمَنْ يَّعْمَلْ مِثْقَالَ ذَرَّةٍ خَيْرًا يَّرَهٗ ۝ وَمَنْ يَّعْمَلْ مِثْقَالَ ذَرَّةٍ شَرًّا يَّرَهٗ ۝" (الزلزال: 99/7-8) جڏهن اعمال نامو هڪ ڪليل ڪتاب جي صورت ۾ انسان اڳيان اچي ويندو ۽ هن جا سمورا ڪارناما بلڪل پڌرا ٿي پوندا تہ ان وقت ڪيس چيو ويندو تہ هي پنهنجو اعمال نامو ڏس، پڙهہ ۽ هن ۾ تنهنجو سمورو داستان حيات داخل آهي. تون پاڻ ئي پنهنجو حساب لڳائي سگهين ٿو تہ توکي ڪهڙي جزا يا سزا ڏني وجي. هن ذاتي رڪارڊ جي موجودگيءَ ۾ ڪنهن بہ ٻاهرين مُحاسِب (حساب وٺندڙ) کي آڻڻ جي ضرورت ناهي. خود تنهنجي پنهنجي ذات تنهنجو محاسبو ڪرڻ لاءِ ڪافي آهي. (المزمل: 20/73، الانشقاق: 7-13/84) سائنس هڪ ننڍري چپ (Chip) ۾ هڪ وڏو جهان سمائي رکيو آهي، جنهن ۾ سڀ تفاسير، احاديث، فقه جا ڪتاب ڏسي پڙهي سگهجن ٿا ۽ ان جي فلم اسڪرين تي اچي وجي ٿي. جڏهن انسان هڪ Chip ۾ اهو سڀ ڪجهہ ڪري سگهي ٿو تہ پوءِ الله تعالیٰ پاران ان ڏينهن بہ انساني زندگيءَ جي پوري فلم هن جي اکين آڏو اچي ويندي، جنهن جي شهادت هن جا خود عضوا ڏيندا. (يٰسٓ: 36/65) ٻاهر جي محاسب جي ضرورت نہ هوندي. اهو اعمالنامو هن حقيقت جي زندهہ شهادت آهي، جيڪو شخص سڌو رستو اختيار ڪندو تہ ان جا سمورا فائدا ان کي ئي حاصل ٿيندا، پر جيڪڏهن ڪو غلط راهہ جو انتخاب ڪندو تہ ان جو نقصان بہ ان کي ئي پوڳٽو پوندو، تنهن ڪري هرهڪ کي معلوم هئڻ گهرجي تہ راهہ راست اختيار ڪري ڪو بہ شخص الله، ان جي رسول مڪرم ﷺ تي احسان ڪونہ ڪري، پر هو پنهنجي ئي ڀلائي ڪري رهيو آهي. اهڙي طرح گمراهي اختيار ڪري ڪو ماڻهو ڪنهن ٻئي جو نقصان نٿو ڪري، پر دراصل پنهنجو ئي نقصان ڪري ٿو. سورة النساء:65/4 ۾ آهي: "رُسُلًا مُّبَشِّرِيْنَ وَ مُنْذِرِيْنَ لِئَلَّا يَكُوْنَ لِلنَّاسِ عَلَى اللّٰهِ حُجَّةٌ بَعْدَ الرُّسُلِ" الله تعالیٰ بشارت ڏيڻ وارا ۽ خبردار ڪرڻ وارا موڪليا تہ رسولن بعد ماڻهن کي الله جي مقابلي ۾ حجت نہ رهي. وحي الاهي پيغمبر حق ۽ داعيان حق تہ اصلاح ۽ خير خواهي جو طريقو ٻڌائيندا آهن. عقلمند انسان جو ڪم آهي تہ هو پنهنجي ڀلي بري جو فيصلو خود ڪري. هن وقت قرآن اها رهبري ڪري رهيو آهي، جنهن جي حڪمن جي بجا آوري دنيا ۽ آخرت جي مسرتن ۽ خوشين جو ضامن آهي، ڪير بہ ڪنهن ٻئي جو بوجهہ يا بار کڻڻ وارو نہ آهي. هر هڪ کي پنهنجي ڪيتي جو حساب ڏيڻو آهي.

الله تہ تيستائين ڪنهن کي بہ عذاب ۾ گرفتار نہ ڪندو آهي، جيستائين ان قوم ۾ رسول موڪلي کين هدايت جا سمورا وسيلا مهيا ڪري. اتمام حجت بعد ئي عذاب ايندو آهي. (النساء: 16/4، الانفال: 53/8، الرعد: 11/13)

قومن جي تباهيءَ ۾ خدا جو قانون کين يڪدم گرفت ۾ نہ آڻيندو آهي، پر ان قوم جا صاحب ثروت مالدار ۽ اثر رسوخ وارا ماڻهو محنت ۽ مزدوري ڇڏي آرام پسند ٿي ويندا آهن ۽ بين جي ڪمائيءَ تي عيش و عشرت ۽ عياشي ڪري، خواهشات جو شڪار ٿي ويندا آهن. ملڪ ۾ سرڪشيءَ ذريعي فتنو فساد پيدا ڪندا آهن ۽ پنهنجي زندگي غلط رستن تي گذاريندا آهن ۽ الله جي پاران موڪليل رسولن جي نافرماني ڪندا آهن. اصلاح جي حجت پوري ٿيڻ ۽ مهلت جي وقت گذرڻ بعد اها قوم عذاب الاهي جي مستحق ٿي ويندي آهي. (الانفال: 53/8، الرعد: 11/13) هتان معلوم ٿيو تہ خوشحال ۽ دولتمند ماڻهو ئي پنهنجي فسق و فجور، فساد ۽ فتني سبب پوري معاشري جو بگاڙ ٻڌجي ويندا آهن ۽ خدا جي عذاب جا مستحق قرار ٿيندا آهن. معاشرو بہ هنن جي اصلاح ڪرڻ بدران سندن هم نوا، هم پيالا ۽ هم قدم ٿي ويندو آهي.

وَ كَمْ اَهْلَكْنَا مِنَ الْقُرُوْنِ مِنْۢ بَعْدِ نُوْحٍ ؕ وَ كَفٰى بِرَبِّكَ بِذُنُوْبِ عِبَادِهٖ خَبِيْرًۢا بَصِيْرًا ﴿۱۷﴾ مَنْ كَانَ يُرِيْدُ الْعَاجِلَةَ عَجَّلْنَا لَهٗ فِيْهَا مَا نَشَآءُ لِمَنْ نُّرِيْدُ ثُمَّ جَعَلْنَا لَهٗ جَهَنَّمَ ۚ يَصْلٰىهَا مَذْمُوْمًا مَّدْحُوْرًا ﴿۱۸﴾ وَ مَنْ اَرَادَ الْاٰخِرَةَ وَ سَعٰى لَهَا سَعْيَهَا وَ هُوَ مُؤْمِنٌ فَاُولٰٓئِكَ كَانَ سَعْيُهُمْ مَّشْكُوْرًا ﴿۱۹﴾ كُلًّا نُّمِدُّ هٰٓؤُلَآءِ وَ هٰٓؤُلَآءِ مِنْ عَطَآءِ رَبِّكَ ؕ وَ مَا كَانَ عَطَآءُ رَبِّكَ مَحْظُوْرًا ﴿۲۰﴾ اُنْظُرْ كَيْفَ فَضَّلْنَا بَعْضَهُمْ عَلٰى بَعْضٍ ؕ وَ لَلْاٰخِرَةُ اَكْبَرُ دَرَجٰتٍ وَّ اَكْبَرُ تَفْضِيْلًا ﴿۲۱﴾ لَا تَجْعَلْ مَعَ اللّٰهِ اِلٰهًا اٰخَرَ فَتَقْعُدَ مَذْمُوْمًا مَّخْذُوْلًا ﴿۲۲﴾ ع ۲ ۱۲ ۲

ڏسو! نوح عليه السلام کان بعد اسان جي حڪم (قانون مڪافات) سان ڪيتريون ئي قومون هلاڪ ٿيون، تنهنجو پروردگار پنهنجي بانهن جي گناهن کان پوري طرح باخبر آهي. هو سڀ ڪجهه ڏسي رهيو آهي.(17) جيڪو ماڻهو به هن عاجله (جلد اچڻ واري) يعني دنيا جو خواهشمند آهي، اسان ان کي هتي ئي (هن دنيا) ۾ ڏيندا آهيون، جيڪو ڪجهه به اسان جي مشيت ۾ آهي، پوءِ اسان هن لاءِ جهنم بنائي آهي، جنهن ۾ هو خوار ۽ رحمت کان محروم هوندو.(18) پر جيڪو آخرت جو خواهشمند هوندو ۽ مؤمن جي حيثيت ۾ جيتري ڪوشش ڪرڻ گهرجي، اوتري محنت ڪري ٿو تہ اهڙا انسان ئي آهن، جن جي ڪوشش قبول ڪئي وڃي ٿي.(19) هتي ٻنهي مان هر هڪ کي تنهنجي پروردگار پاران بخشش طور ملندو رهي ٿو ۽ هي رب جو عطيو آهي، جنهن کي کو به روڪڻ وارو ناهي.(20) ڏسو! اسان هن دنيا ۾ هڪ گروهه کي ٻئي گروهه تي فضيلت ڏني آهي ۽ آخرت ۾ تہ ان کان به وڌيڪ وڏا درجا ملندا ۽ انهن جي فضيلت به وڏ مان وڏ هوندي.(21) الله سان ڪنهن به ٻئي کي معبود نہ بنايو. ورنہ (هر طرف کان) ملامت زده ۽ بي آسرو بي واهہ ٿي ويندين.(22)

هت نبي اڪرم خاتم النبيين صلى الله عليه وسلم کي تسلي ڏني ٿي وڃي تہ تنهنجا مخالف جو ڪجهه سوچي رهيا آهن، يا ڪري رهيا آهن، انهن کي معلوم ڪرڻ لاءِ خدا کي ڪنهن ٻئي جي مدد ونڻ جي ضرورت ناهي، پر هو سندن هر سازش ۽ عمل کان آگاهہ آهي، ان ڪري توکي پوريءَ طرح مطمئن هئڻ گهرجي تہ جڏهن سندن گرفت جو وقت اچي ويندو تہ ان جو فيصلو ڪرڻ ۾ ذرا پر به دير نہ ٿيندي، جنهن لاءِ تاريخ عالم گواهہ آهي تہ هر بدڪار ۽ حق و سچ جي انڪاريءَ کي سندن بداعماليءَ جو نتيجو ضرور مليو آهي. حضرت نوح عليه السلام جي قوم ۽ ان کان بعد ڪيتريون قومون آيون، جن ۾ عاد، ثمود، لوط، شعيب عليهم السلام ۽ آل فرعون سڀ شامل آهن ۽ عبرت ناڪ انجام جو نشان ٿيون آهن. جهڙيءَ طرح هنن

گمراھ ۽ مغضوب قومن جو وقت اچڻ تي حساب چڪتو ڪيو ويو، سنت الاهي مطابق هينئر ۾ اي پيارا حبيب ﷺ! توکي يقين ۽ اطمينان هجي ته تنهنجا منڪر ۽ حق جا انڪاري الله جي عذاب کان بچي ڪو نه سگهندا. ڪنهن کي ۾ اهو گمان نه هڻڻ گهرجي ته جڏهن هي ڪافر حق ۽ سچائيءَ جو ڪلم ڪلا انڪار ڪري رهيا آهن، خدا جي نبين ۽ رسولن کي اذيتون ۽ اهنجائي ڏئي رهيا آهن، نبين سڳورن کي ناحق قتل ڪرڻ ۾ ۾ ملوث آهن. دنيا ۾ فتنو فساد برپا ڪري معاشري ۾ هيجان جي صورت پيدا ڪري رهيا آهن ۽ الله جو قانون اهڙو ته محڪم ۽ مضبوط آهي، جو اهو هنن جي هر بد عمل کي ڏسي رهيو آهي ۽ هو نه خدائي قانون جو احترام ڪن ٿا ۽ نه وري مستقبل جي زندگيءَ ۾ ايمان رکن ٿا ۽ پوءِ ۾ هو ايتري مادي ترقي ۽ خوشحالي سان ڇو نوازيا وڃن ٿا. سندن هن غلط فهمي ۽ بدگمانيءَ جي جواب ۾ ڪين ٻڌاءِ ته اسان جو قانون اهو آهي ته جيڪو ماڻهو ۾ دنيا ۾ طبعي زندگيءَ جو خواهشمند ۽ مفاد عاجله يعني جلد فائدا حاصل ڪرڻ جو خواهان هوندو ۽ ان ۾ ڀرپور ڪوشش ڪندو، اسان پنهنجي قانون مشيت ۽ رب العالمين واري ربوبيت مطابق ڪيس اختيار ۽ ارادي جي اجازت ڏيندي دنيا ۾ ئي سندن ڪوششن جو ثمر ڏيندا آهيون. جيڪو هن دنيا لاءِ هوندو آهي ۽ ان جو آخرت سان ڪو ۾ واسطو نه آهي. هنن ۾ مؤمن ۽ ڪافر ۾ ڪا ۾ تميز نه آهي، پر هن جو مستقبل واري آخرت جي زندگي سان ڪو تعلق نه آهي. (البقره: 200/2، هود: 15-16/11، بني اسرائيل: 37/17 الاحقاف: 120/46) ان ڪري هنن جي دنياوي شين ۾ مادي ترقي جيڪا وقتي ۽ عارضي آهي، ان کي خدا جي رضا سان مشروط ڪرڻ درست ناهي. خدا ته ايمان ۽ اسلام کي پسند ڪري ٿو ۽ ڪفر ۽ عصيان ۽ فسوق کي ناپسند ڪري ٿو.(الحجرات: 7/69) ان ڪري جن ۾ هن عاجله يعني عارضي وقتي دنياوي مفادن جو سوچيو آهي، ان لاءِ آخرت ۾ جهنم ٺڪاڻو آهي، جنهن ۾ هو دنيا ۾ جي ملامتن مذمتن ۽ ڦٽڪار سان گڏ خدا جي رحمت کان محروم هوندا. ۽ اهڙن ناعاقبت انديش گمراھ ٽولي جي برعڪس جيڪا قوم يا جيڪي ماڻهو هن دنيا جي عاجله يعني عارضي ۽ وقتي جلد ملڻ واري نفعي سان گڏ (البقره: 201/2، بني اسرائيل: 19/17، الانبياء: 9/21) آخرت جي زندگي جو ثمر گڏ ڪن ٿا ۽ ان لاءِ پنهنجي ڪوشش ۽ محنت ۾ مشغول رهن ٿا، هو مؤمن ۾ آهن ته پوءِ هنن جي

محنت خلوص ۾ استقلال جو قدر ڪيو ويندو "اَنْ لَّيْسَ لِلْاِنْسَانِ اِلَّا مَا سَعٰى" ۾ ڪيس نيڪ عملن جو دل جي تصديق ڪيل ايمان جي ڪري ڪيس جنت جي باغن ۾ هميشہ هميشہ لاءِ شاد آباد رکيو ويندو. اسان پنهنجي قانون ربوبيت مطابق ٻنهي گروهن يعني فقط عاجلہ نفعي جي خواهش رکندڙن ۾ عاجلہ سان گڏ آخرت جي لاءِ محنت ۾ ڪوشش ڪندڙ مؤمنن لاءِ جيڪي مستقبل جون مستقل خوشگوار راحتون گهرن ٿا، انهن کي سندن طبعي قوانين مطابق ڪوشش کي ڪاميابي ڏيون ٿا. (الشوریٰ: 42/ 20) پر الله جو رزق سيني لاءِ يڪسان طور ڪليل آهي.

اے کریمی کہ از خزانہ غیب
گبر و ترسا وظیفہ خورداری
دوستان را کجا کنی محروم،
تو کہ بادشمنان نظر داری

(گلستانِ شیخ سعدي رحمۃ اللہ علیہ)

اي منهنجا رحيم ڪريم رب! تون پنهنجي غيب واري خزاني مان بت پرست ڪافرن کي بہ روزي رسائين ٿو، يا الله تون پنهنجي دوستن کي محروم ڪٽي رکندين، جڏهن تون دشمنن جي بہ خبر رکين ٿو.

خدا جي اها عنايت رکجڻ واري نہ آهي، سڀ مخلوق لاءِ ڪليل آهي، ائين نہ آهي جو دنيا ۾ ڪافر محنت ڪري تہ ان کي سندس محنت کان محروم ڪيو وڃي ۾ مؤمن کا بہ محنت ۾ ڪوشش نہ ڪري، پر ان جي باوجود هن کي خوشحاليءَ سان نوازيو وڃي. (الشوریٰ: 20/42) "وَمَا مِنْ دَآبَّةٍ فِي الْاَرْضِ اِلَّا عَلَى اللّٰهِ رِزْقُهَا" (هود: 6/11)

جنين ڏاند نہ ٻج، تنين تنهنجو آسرو
پوءِ ايارين سڄ اول ڏين انهن کي

(شاھ رحمۃ اللہ علیہ)

اگر روزی بدانائی بودے
ز ناداں تنگ تر روزی نہ بودے
بناداناں چناں روزی رساند
کہ دانا اندراں حیرت بماند

(شيخ سعدي رحمۃ اللہ علیہ)

رزق روزيءَ جو ربوبيت وارو اهو نظام جنهن ۾ دنيا پرست ۽ حق شناس پنهنجو پنهنجو حصو حاصل ڪري رهيا آهن، اهو رب جي رحمت جو مظهر آهي. نہ دنيا پرستن ۾ اهڙي طاقت آهي، جو اهي حق پرست جي روزي رزق روڪي سگهن ۽ نہ وري مؤمنن ۾ اهڙي استطاعت آهي تہ بت پرستن جي رزق جو حصو ختم ڪري سگهن. الله جو اهو اٽل قانون ئي آهي، جنهن جي سبب توهان پاڻ ڏسي رهيا اهيو تہ ڪهڙي طرح هڪ ماڻهو ٻئي ماڻهو کان يا هڪ قوم ٻئي قوم کان پنهنجي محنت ۽ مسلسل ڪوشش جي ڪري فوقيت ۽ خوشحالي حاصل ڪري رهيا آهن. هن دنيا ۾ رزق لاءِ ڪا بہ تميز نہ آهي، پر ان جو فرق آخرت جي خوشگوار ۽ امن وسڪون واري زندگي ۾ محسوس ٿئي ٿو. طبعي قانون کان علاوه خدا جو قانون وحي الاهي بہ آهي، جنهن جي اطاعت ۽ اتباع سان دنيا جي خوشگوارين سان گڏ آخرت جي پرڪشش ۽ پرسڪون زندگي بہ شامل آهي، جنهن ۾ سندن درجات جي بلندي، نيڪ اعمال جي وزن موجب مقرر ٿيندي ۽ ان جو مستقبل ئي درخشنده رهندو. "اِنَّ اللّٰهَ لَا يَنْظُرُ اِلٰى صُوَرِكُمْ وَاَمْوَالِكُمْ وَلٰكِنْ يَّنْظُرُ اِلٰى قُلُوْبِكُمْ وَاَعْمَالِكُمْ" (صحيح بخاري) الله تعالىٰ اوهان جي صورت ۽ شڪل يا مال ۽ دولت کي نٹو ڏسي، پر هو اوهان جي دل ۽ اعمال کي قدر جي نگاهہ سان ڏسي ٿو. "فَمَنْ يَّعْمَلْ مِثْقَالَ ذَرَّةٍ خَيْرًا يَّرَهٗ ۝ وَمَنْ يَّعْمَلْ مِثْقَالَ ذَرَّةٍ شَرًّا يَّرَهٗ ۝" (الزلزال: 99/7-8، القارعه: 101/6-7) تڏهن تہ ڪنهن الله واري چيو آهي تہ دوزخ لاءِ ٽانڊو ماڻهو هتان پاڻ سان گڏ ڪنيو ٿا وڃن. آخرت تہ رڳو مؤمنن جي لاءِ آهي، جيڪي ان ۾ يقين رکن ٿا ۽ عمل صالح ڪن ٿا، اتي تہ درجات جي بلندي ۽ فوقيت مؤمنن جي درميان هوندي، پر هن دنيا ۾ بہ مؤمن کي هڪ دنياپرست انسان تي فوقيت ضرور آهي تہ هن جو سارو سرمايو ديانت، صداقت، امانت ۽ حق پرستي

سان وابسته آهي، پر دنيا پرست حرص و هوا، فتني فساد، سرڪشي، زيادتي، بددياڻتي ۽ وعده خلافيءَ سبب هڪ انسان مان مرتبي ۾ مؤمن کان گهٽو گهٽ ۽ ڏکاريل آهي. پاڪيزه پرسڪون زندگي ۽ پليد حرام تي مبني معاش ۽ دنياپرستيءَ جي لالچ انسان کي جانور بنايو ڇڏي.(آل عمران: 145/3) دنيا جي زندگيءَ جون لڏتون آخرت جي آرام، آسائش ۽ ابدي حيات جي برابر نه هوندیون. سورة الواقعه: 56/ 89 ۾ آهي: "فَرَوْحٌ وَّ رَيْحَانٌ وَّ جَنَّتُ نَعِيْمٍ ○" جنت جي نعمتن بابت حديث شريف ۾ آهي: "مَا رَاَتْ عَيْنٌ وَلَا سَمِعَتْ اُذُنٌ وَلَا خَطَرَ فِيْ قَلْبِ بَشَرٍ" (صحيح بخاري) ان لاءِ ضروري آهي ته توهان در در جون ٺوکرون کائڻ بدران هڪ الله جي بارگاهه عالي ۾ سجده ريز ٿي دنيا ۾ جي غلامي ۽ محڪومي کان نجات حاصل ڪري سگهو ٿا.

وہ ایک سجدہ جسے تو گراں سمجھتا ہے
ہزار سجدوں سے دیتا ہے آدمی کو نجات

(علامہ اقبال رحمۃ اللہ علیہ)

الله جي اعليٰ اقتدار کي تسليم ڪرڻ سان باقي سڀ صاحبِ اقتدار آڏو جهڪڻ بند ڪريو، پنهنجن ريتن، رسمن ۽ رواجن کي الله جي قانون تي فوقيت نه ڏيو، ائين به نه سمجهو ته رڳو چند اخلاقيات دين خداوندي آهي. باقي دنيا جا ٻيا سارا معاملا انسان جي پنهنجي مرضي منشا مطابق آهن. ائين هرگز نه آهي. "اِنَّ الدِّيْنَ عِنْدَ اللّٰهِ الْاِسْلَامُ" (آل عمران: 85-91/3) جيڪڏهن الله جي قانون ۽ هدايت واري رستي کي ڇڏي، گمراهي اختيار ڪندا ته اوهان هر طرف کان ملامت جو نشانو ٿيندا ۽ الله جي رحمت ۽ بخشش کان به محروم ٿي جهنم واصل ٿيندا.

وکر سو وهاءِ جو پئي پراڻو نه ٿئي
وچيندي ولايت ۾ ذرو ٿئي نه ضايع
سا ڪا هڙ هلاءِ آڇه جنهن جي ايئين

وَ قَضٰى رَبُّكَ اَلَّا تَعْبُدُوْۤا اِلَّاۤ اِيَّاهُ وَ بِالْوَالِدَيْنِ اِحْسَانًا ؕ اِمَّا يَبْلُغَنَّ
عِنْدَكَ الْكِبَرَ اَحَدُهُمَاۤ اَوْ كِلٰهُمَا فَلَا تَقُلْ لَّهُمَاۤ اُفٍّ وَّ لَا تَنْهَرْهُمَا وَ قُلْ
لَّهُمَا قَوْلًا كَرِيْمًا ﴿۲۳﴾ وَ اخْفِضْ لَهُمَا جَنَاحَ الذُّلِّ مِنَ الرَّحْمَةِ وَ قُلْ رَّبِّ
ارْحَمْهُمَا كَمَا رَبَّيٰنِيْ صَغِيْرًا ﴿۲۴﴾ ؕ رَبُّكُمْ اَعْلَمُ بِمَا فِيْ نُفُوْسِكُمْ ؕ اِنْ تَكُوْنُوْا
صٰلِحِيْنَ فَاِنَّهٗ كَانَ لِلْاَوَّابِيْنَ غَفُوْرًا ﴿۲۵﴾ وَ اٰتِ ذَا الْقُرْبٰى حَقَّهٗ وَ الْمِسْكِيْنَ وَ
ابْنَ السَّبِيْلِ وَ لَا تُبَذِّرْ تَبْذِيْرًا ﴿۲۶﴾ اِنَّ الْمُبَذِّرِيْنَ كَانُوْۤا اِخْوَانَ الشَّيٰطِيْنِ ؕ
وَ كَانَ الشَّيْطٰنُ لِرَبِّهٖ كَفُوْرًا ﴿۲۷﴾ وَ اِمَّا تُعْرِضَنَّ عَنْهُمُ ابْتِغَآءَ رَحْمَةٍ مِّنْ رَّبِّكَ
تَرْجُوْهَا فَقُلْ لَّهُمْ قَوْلًا مَّيْسُوْرًا ﴿۲۸﴾ وَ لَا تَجْعَلْ يَدَكَ مَغْلُوْلَةً اِلٰى عُنُقِكَ وَ
لَا تَبْسُطْهَا كُلَّ الْبَسْطِ فَتَقْعُدَ مَلُوْمًا مَّحْسُوْرًا ﴿۲۹﴾ اِنَّ رَبَّكَ يَبْسُطُ الرِّزْقَ
لِمَنْ يَّشَآءُ وَ يَقْدِرُ ؕ اِنَّهٗ كَانَ بِعِبَادِهٖ خَبِيْرًۢا بَصِيْرًا ﴿۳۰﴾ ع ۳

توهان جي رب جو فيصلو آهي ته توهان رڳو ان هڪ الله جي عبادت ڪريو. ماءُ پيءُ سان نهايت سٺو سلوڪ (برتاؤ) ڪريو. انهن مان ڪو به هڪ يا ٻئي اوهان جي سامهون جيڪڏهن پيرسني کي پهچي وڃن ته انهن کي "اُف" به نه چئو ۽ نه وري انهن کي جهڙڪ سان جواب ڏيو. انهن سان ادب ۽ احترام سان ڳالهايو.(23) ۽ نرمي ۽ عاجزي سان انهن آڏو جهڪيل رهو ۽ دعا ڪندا رهو ته اي اسان جا پروردگار! هنن تي رحم ڪرڻ فرماءِ جهڙي طرح (شفقت ۽ رحمت سان) هنن مون کي پاليو هيو. جڏهن مان ننڍڙو ٻار هوس(24) الله پوري طرح ڄاڻي ٿو ته اوهان جي دلين ۾ ڇا آهي. جيڪڏهن اوهان سڌري صالح ٿي رهو ته

هو اهڙن سمورن ماڻهن تان درگذر ڪرڻ وارو آهي، جيڪي ماڻهو پنهنجي غلطي محسوس ڪري دل و جان سان بندگي طرف واپس اچي وڃن(25) رشتيدارن کي سندن حق ڏيو ۽ مسڪينن ۽ مسافرن جا به حق ادا ڪريو، فضول خرچي نه ڪريو.(26) فضول خرچ ڪندڙ شيطان جي برادري آهي ۽ شيطان پنهنجي پروردگار جو ناشڪرو آهي. (27) جيڪڏهن حالات جي تنگي سبب تون انهن (قريبي رشيدارن، مسڪين ۽ يتيمن) جي مدد ڪري نٿو سگهين ته به ڪم از ڪم انهن سان نرمي سان گفتگو ڪر. (28) نه پنهنجا هٿ (ڪنجوسيءَ سبب) پنهنجي ڪنڌ سان لڳائي رکو ۽ نه وري ان کي بلڪل کليو ڇڏي ڏيو، جنهن جي ڪري ماڻهن جي ملامت ۽ عاجزي جو پيڪر بڻجي وجو.(29) تنهنجو رب جنهن لاءِ گهري ٿو ته رزق جي فراواني جاري رکي ٿو ۽ جنهن لاءِ گهري ٿو ته ان کي تنگي طرف وجڻ ڏئي ٿو. يقيناً هو پنهنجن ٻانهن جي خبر ۽ ڄاڻ رکڻ وارو آهي.(30)

هن کان اڳ آيت 9 ۾ ارشاد رباني آهي ته هي قرآن ان رستي جي رهنمائي ڪري ٿو، جيڪو بلڪل سڌو رستو آهي، هينئر هت ان سڌي رستي جي خدوخال يا اهم احڪامن جي وضاحت ٿي رهي آهي. هت ٻه وڏا بنيادي اصول بيان ڪيا ويا آهن، جن تي دين اسلام جي پوري انساني زندگيءَ جي نظام جي عمارت قائم آهي، جنهن سان معاشري ۽ رياست جي فڪري، نظرياتي، معاشي ۽ معاشرتي، تهذيبي ۽ تمدني، اخلاقي ۽ قانوني اصولن جو مختصر احاطو ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ حقوق الله کي اوليت ڏني وئي آهي. الله جو سڀ کان پهريون حق ئي اهو آهي ته ان کي يڪتا، احد، وحده لاشريڪ له ۽ رب سمجهي ان جي عبادت ۽ حڪمن جي اطاعت ڪئي وڃي. الله جي عبادت کانسواءِ جهڙيءَ طرح ٻين جي پرستش ۽ عبادت کان روڪيو ويو آهي، اهڙيءَ طرح ٻين جي حڪمن کي اکيون ٻوٽي قبول ڪرڻ ۽ انهن جي پيروي ۽ اطاعت ڪرڻ کان به منع ٿيل آهي. مڪي مڪرمه جي آخري ايام ۽ مدينه منوره جي جلد اچڻ واري دور لاءِ حضور

خاتم النبيين ﷺ کي دستور ۽ منشور الاهي جو اجراءُ ٿي رهيو آهي. اسلام چند رسمن يا عبادتن جو نالو نہ آهي، پر پوري طرح زندگي جي تمام معاملن ۽ مرحلن کي اسلام جي احڪامن جو اختيار ڪرڻ آهي. "اُدۡخُلُوۡا فِي السِّلۡمِ كَآفَّةً" مطابق عبادات، معاملات ۽ زندگيءَ جي شب وروز ۾ اسلام جي جهلڪ نظر اچي. الله جي عبادت سان ان جي اطاعت جو رجحان مضبوط ٿئي ٿو. عبادات ۽ تسبيح، تحميد، دعا، مناجات، رڪوع، سجود، نذر، نياز، قرباني، اعتڪاف وغيره جي خدائي اختيارات ۾ ٻين کي شريڪ ڪرڻ، غير الله جي هر حڪم کي تسليم ڪرڻ جهڙا معاملا آهن. انهن سمورين شين ۾ ڪنهن کي به خدا سان شريڪ ڪرڻ کان منع ڪيل آهي.

وحده لا شريڪ له اي هيڪڙائي حق
ٻيائي کي ٻڪ جن وڏو سي ورسئا

(شاھ رحمہ اللہ - سر ڪلياڻ)

الله کان بعد سڀ کان ڏو حق ماءُ پيءُ جو آهي، پر اهي به خدائي عبادت ۽ اطاعت ۾ شريڪ نٿا ٿي سگهن، پر اهي حسن سلوڪ جا سڀ کان وڌيڪ حقدار آهن. قرآن حڪيم ۾ والدين سان حسن سلوڪ ڪرڻ ۽ انهن سان الجهڻ يا تون مون ڪرڻ کان سخت منع ٿيل آهي. (العنكبوت: 8/29، لقمان: 15/31-14، الاحقاف: 15-17/46، يٰس: 36/ 68) ۾ به اها ئي تلقين ٿيل آهي. دراصل والدين ئي هر انسان جي پيدا ٿيڻ ۽ پرورش پائڻ جو ذريعو آهن. ان ڪري پروردگار کان بعد انسان کي سڀ کان وڌيڪ انهن جو شڪرگذار ۽ فرمانبردار هئڻ گهرجي. والدين جي جواب ۾ ڪڏهن "اُف" به نہ ڪري ۽ نہ ڪڙا لفظ ڳالهائي يا زور زور سان گستاخانا جملا چوي. ڪيس هميشہ لب و لهجو نرم رکڻ ۽ شائسته طريقي سان پيش اچڻ گهرجي. جڏهن به والدين جي سامهون اچو تہ اوهان جو والدين سان برتاءُ، چال چلت، گفتگو، اندازِ بيان عزت پريو ۽ عاجزي ۽ انڪساري وارو هجي. پلي ڪيڏي به وڏي رتبي تي فائز هجو، يا ڏن دولت جا مالڪ هجو، پر والدين جي توهان اها ئي ننڍڙي اولاد آهيو، جن اوهان کي آڳر کان وٺي هلڻ سيکاريو ۽ هڪ ڪمزور ترين ٻارڙي مان طاقتور جوان بڻايو. ان ڪري انهن سان سعادتمندي، شرافت، شفقت ۽

محبت جو اسلوب اختيار ڪريو. پيريءَ ۾ هنن لاءِ آڻت ۽ آسرو ٻڌجو. جوانيءَ جي نشي ۾ اچي والدين کي پاڻ تي بوجھ نہ سمجھو، پر اھو اوھان تي قرض آھي ۽ قرض جي فرض طور ادائگي ڪريو. ماءُ پيءُ جي انھن احسانن کي نہ وساريو، جن جي طفيل اوھان ھڪ ڪمزور ناتوان ٻارڙي مان ھينئر صاحب اختيار جوان ٿي ويا آھيو. ان جو شڪريو ادا ڪريو. الله تعالىٰ جي حقن کان فورًا بعد والدين جي حقن جي ادا ڪرڻ ڪرڻ جو سخت تاڪيد ٿيل آھي. سورة البقره: 183/2، النساء 36/4 ۾ به ان شيءِ جو ذڪر آيل آھي. ان کان بعد سورة لقمان جي آيت 14 ۾ اھو ساڳيو حڪم چوٿين مرتبہ به آيو آھي، جيڪو ان معاملي جي اھميت جو نشان آھي.

الله اوھان جي دلين جا راز ڄاڻي ٿو تہ اوھان جو ڪجھ ڪيو ٿا اھو ڏيکاءُ يا ريا طور ڪيو ٿا، يا واقعي دل جي سچائيءَ سان ڪيو ٿا. جيڪڏھن نيڪ نيتي سان پوري طرح فرض ادائگي ڪندا ۽ حسن سلوڪ سان پيش ايندا تہ الله جي رحمتن جا حقدار ھوندا. ان ۾ جيڪڏھن بنا ارادي کا ننڍي ڪمزوري يا غلطي سرزد ٿي وئي تہ اھا الله معاف ڪري ڇڏيندو، چو تہ الله ڄاڻي ٿو تہ اوھان اھو ڄاڻي ٻجھي نہ ڪيو آھي. ھن آيت ڪريمہ جو ھي ٽيون اھم حڪم آھي تہ پنھنجي قريبي رشتيدارن، مسڪينن، مسافرن جو حق ادا ڪريو. ثابت ٿيو تہ معاشري جي قريبي رشتيدارن، مسڪينن، غريبن، يتيمن، بي واھن، مسافرن، قيدين، غلامن جي مدد ڪرڻ خدا جو حق آھي، جو ادا ڪرڻ ضروري آھي. الله تعالىٰ طرفان عطا ٿيل نعمتون، مال دولت رکو انسان جي پنھنجي پيٽ پرڻ لاءِ نہ آھن، پر انھن ۾ ٻين حقدارن جو حق به شامل آھي. ضرورت کان زياده کي ٻئي ضرورتمند تائين پھچائڻ ئي انسانيت جي علامت آھي. جانور پنھنجي پيٽ پرڻ جي فڪر ۾ ھوندو آھي، پر انسان ٻئي انسان جي پيٽ جي باھ اجھائڻ جي ڪوشش ڪندو آھي.

نيم نانے گر خورد مردِ خدا
بذل درويشان کند نيمے دگر

الله جي ٻانھي کي ھڪ نان ملي ٿو تہ اڌ پاڻ کائي ٿو ۽ ٻيو اڌ درويشن جي حوالي ڪري ٿو.

رزق ۽ الله جا عطا ڪيل سارا وسيلا الله جي امانت آهن ۽ انسان ان امانت جو امين آهي، جيڪا امانت حقدارن تائين پهچائڻ خدا جو حق آهي. دولت کي رڳو پنهنجي عيش و عشرت ۽ بي جا اسراف ڪرڻ کان روڪيو ويو آهي. ياد رهي ته جهڙيءَ طرح هڪ داڻي پوکڻ سان ست سؤ داڻا نڪرن ٿا. يا هڪ ككڙيءَ مان ڏل دار درخت پيدا ٿئي ٿو، اهڙيءَ طرح انفاق في سبيل الله ۾ اصل کان سوين دفعا وڌيڪ فائدو حاصل ٿئي ٿو. (البقره: 195/2-261، آل عمران: 180/3-117، النساء: 38/4) الله جي هن عطا ڪيل دولت، ثروت ۽ خوشحاليءَ کي بي جا اسراف ۽ فضول خرچيءَ جي پيٽ نہ چاڙهيو، چو ته هن ۾ بين جو حق بہ لازم آهي. انهن جي حق کي نظرانداز ڪري عيش و عشرت ۾ دولت وڃائڻ انهن ماڻهن جو فعل آهي، جيڪي شيطان جي برادريءَ منجهان آهن. چو ته انهن جو اهو سارو پئسو شيطاني ڪمن ۾ خرچ ٿئي ٿو، جنهن مان ڪو بہ فائدو ناهي، پر سراپا نقصان ئي نقصان آهي. شيطان خدا جو نافرمان آهي، ان ڪري الله جي نافرمان ناشڪري لعنتي ابليس سان لاڳاپو رکڻ الله سان دشمنيءَ برابر آهي، چو ته شيطان خدا جو ڏڪاريل ملعون آهي. "وَ كَانَ الشَّيْطٰنُ لِرَبِّهٖ كَفُوْرًا" الله تعالىٰ سورة المائده: 91/5 ۾ فرمايو آهي "اِنَّمَا يُرِيْدُ الشَّيْطٰنُ اَنْ يُّوْقِعَ بَيْنَكُمُ الْعَدَاوَةَ وَ الْبَغْضَآءَ فِي الْخَمْرِ وَ الْمَيْسِرِ" معلوم ٿيو ته شراب ۽ جوا جهڙن ڪمن ۾ مال لٽائڻ دشمنيون پيدا ڪري ٿو ۽ معاشري ۾ بگاڙ پيدا ڪري ٿو. جيڪڏهن حقدارن مان ڪوبہ تو وٽ مدد جي لاءِ اچي ٿو ۽ ان وقت تون اهڙي حيثيت ۾ نہ آهين، جو ان جي مدد ڪري سگهين، پر تون پاڻ الله جي رزق حاصل ڪرڻ ۾ رڌل آهين ته ان صورت ۾ بہ ضرورتمند سان نرمي ۽ خوش اخلاقي سان گفتگو ڪر، غصي ۾ اچي بيزاري ڏيکاريندي، سخت ۽ دل آزاريندڙ جملا استعمال نہ ڪر. "فَاَمَّا الْيَتِيْمَ فَلَا تَقْهَرْ ۝ وَ اَمَّا السَّآئِلَ فَلَا تَنْهَرْ ۝" (الضحىٰ: 9/93-10) يتيم سان زيادتي نہ ڪر ۽ نہ وري سائل کي جهٽڪي ڏي. "قُوْلُوْا لِلنَّاسِ حُسْنًا" (البقره: 83/2) ماڻهن سان سڻي نموني ڳالهايو. جيڪڏهن ڪنهن کي ڏئي نٿو سگهين ته ڪم از ڪم ان کي ڏڪوئڻ واري ته نہ ڪريو. "وَ فِيْٓ اَمْوَالِهِمْ حَقٌّ لِّلسَّآئِلِ وَ الْمَحْرُوْمِ ۝" دولت مندن جي مال ۾ سوالي ۽ محروم ماڻهن جو (الله طرفان) حق آهي. (البقره: 200/2، بني اسرائيل: 34/17، الدهر: 8/76، الفجر: 17-20/89،

البلد: 90/16-14، **الذاريات)**

معلوم ٿيو تہ معاشري جي ڪمزور طبقي مسڪين، يتيم، مسافر جي ضرورتن جو خيال رکڻ ۽ قريبي رشتيدارن سان سٺا تعلقات رکڻ سان الله جو رضامندو حاصل ٿئي ٿو. ارشاد رباني آهي: "رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمْ وَ رَضُوْا عَنْهُ" (المائده: 119/5، **التوبه:** 100/9، **المجادله:** 22/58، **البينه:** 8/98) **هن کان الله خوش رهي ٿو ۽ هو الله جي عنايتن تي خوشيون ملهائن ٿا. انسان جون ضرورتون کٽڻ واريو نہ آهن. هر روز نئين خواهش جنم ونڊي ٿي ۽ نوان نوان خيال دل ۾ پيدا ٿين ٿا.**

ہزاروں خواہشیں ایسی کہ ہر خواہش پر دم نکلے
بہت نکلے ارمان میرے لیکن پھر بھی کم نکلے

(غالب)

ائين ٻہ نہ ٿئي تہ خدا جي ڏنل مال دولت کي رڳو پاڻ لاءِ مخصوص رکين، حاجتمند ماڻهن جي حاجت ۽ مشڪل ڪشائي نہ ڪرين، توڙي جو تو وٽ تنهنجي ضرورت کان مال دولت گهڻو وڌيڪ هجي ۽ ڪنجوسي ڪري پنهنجا هٿ گردن سان ٻڌي ڇڏين ۽ ڪنهن ٻہ ضرتمند جي ضرورت پوري ڪرڻ کان اکيون ٻوٽي رکين. نہ وري ايترو ڦڪڙ ٿي هٿ ڏڳها ڪرين جو سڀ ڪجهہ لٽائي پنهنجي آل و عيال پاڻ سان واسطيدار ماڻهن کي سندن جائز حق کان محروم ڪري ڇڏين. (الفرقان: 205/25) **جنهن سبب عاجز ۽ بي بس ٿي افسوس جا هٿ ملين يا بخل جي ڪري هر طرف کان مذمت ۽ ملامت جو نشانو ٻڌجي وڃين. ياد رهي تہ جائز ضرورتن کان هٿي عيش عشرت نام نمود، شهرت ۽ مرتبت حاصل ڪرڻ لاءِ بي جا ڏن دولت لٽائڻ ۽ پاڙي ۾ رهندڙ يا گهر ۾ ڪم ڪندڙ ڪنهن مجبور مسڪين جي نهايت مجبوري ۽ بي بسي واري حالت ۾ ان جي امداد نہ ڪرڻ سان معاشري ۾ نفرتون جنم ونڻ ٿيون ۽ ان جي نتيجي ۾ اهڙا هاجيڪار حادثا شيطان جي رهنمائي ۾ ٿين ٿا، جن سان پورو معاشرو لرزي وڃي ٿو. رزق ۽ روزي الله جي عنايت آهي. پنهنجن ٻانهن ۾ رزق جي حصول جو جيڪو گهٽ وڌ وارو فرق موجود آهي، اهو خدا جي حڪمتن تي مبني آهي. انسان ان جي مصلحتن کي سمجهڻ کان**

قاصر آهي. (النحل: 71/16) الله هر هڪ جي عمل کان بہ آگاھ آهي تہ هر هڪ جي جستجو ۽ طلب جي بہ خبر رکي ٿو. سندس اهو اصول آهي تہ جيڪو جيتري تگ و دو ۽ ڪوشش ڪاوش ڪري ٿو ان کي اوترو اجورو ملي ٿو. الله تعالیٰ جي حقن کان فوڑًا بعد والدين جي حقن ادا ڪرڻ جو سخت تاڪيد آهي. سورة البقره: 183/2 ۽ سورة النساء:36/4 ۾ بہ ان جو تاڪيدي ذڪر آيو آهي. ان کان بعد سوره لقمان: 14/ ۾ اهو ساڳيو حڪم چوٿين مرتبہ آيو آهي، جنهن مان والدين جو خيال رکڻ نهايت ضروروي قرار ڏنو ويو آهي. پيريءَ ۾ والدين سان حسن سلوڪ جو حڪم ڪما حقه ادا ڪرڻ آسان ڪم ناهي، چوتہ پيريءَ ۾ انسان ارذل العمر جي مرحلي ۾ داخل ٿي وجي ٿو. "لِكَيْ لَا يَعْلَمَ بَعْدَ عِلْمٍ شَيْئًا" (النحل: 16 /70) ۾ اچي وجي ٿو.

خدا طرفان مال و دولت ۾ تمام ماڻهن جي رياست طرفان مساوات قائم ڪرڻ يا ان مساوات تي قابض ٿي دولت کي چند خاندانن جي هٿ ۾ ڏيڻ، اهي ٻئي صورتون افراط ۽ تفريط ۾ شامل آهن. پر سمورن انسانن لاءِ مساوي موقعا ۽ وسيلن جا حالات پيدا ڪري هر هڪ کي پنهنجي محنت جو جائز اجورو حاصل ڪرڻ ۾ ڪا بہ بندش نہ آهي. پر اهڙي صورتحال ۾ جن وٽ وڌيڪ مايا گڏ ٿي وجي تہ اهي پنهنجي جائز ضرورت کان وڌيڪ سماجي بهبود، انساني ٻلائي ۽ اسلامي رياست جي استحڪام لاءِ رضا خوشيءَ سان خرچ ڪرڻ جي ترغيب ڏئي. انفاق في سبيل الله جو نظام قائم ڪرڻ سان ئي دائمي خوشحالي نصيب ٿيندي. اهو سڀ ڪجهہ الله جي قانون مشيت ماتحت ڪشادگي، رزق ۽ تنگي رزق جو سلسلو جاري آهي. الله پنهنجن ٻانهن جي صلاحيتن، استعداد، ڪوششن ۽ ڪاوشن کان آگاھ آهي تہ سندن طلب رسد سڀ جي خبر رکي ٿو، مگر انسانن کي توازن، اعتدال ۽ احسان کان ڪم ونڻ گهرجي تہ جيئن ڪنهن جي حق تلفي نہ ٿئي ۽ رياست تمام ضرورتمندن ۽ معذور ماڻهن تائين پهچڻ ۾ ڪا بہ ڪوتاهي نہ ڪري.

جس کھیت سے دہقاں کو میسر نہ ہو روزی
اس کھیت کے ہر خوشہ خرمن کو جلادو

(علامہ اقبال رحمۃ اللہ علیہ)

وَ لَا تَقْتُلُوْٓا اَوْلَادَكُمْ خَشْيَةَ اِمْلَاقٍ ؕ نَحْنُ نَرْزُقُهُمْ وَ اِيَّاكُمْ ؕ اِنَّ قَتْلَهُمْ
كَانَ خِطْاً كَبِيْرًا ۝۳۱ وَ لَا تَقْرَبُوا الزِّنٰٓى اِنَّهٗ كَانَ فَاحِشَةً ؕ وَ سَآءَ سَبِيْلًا ۝۳۲ وَ
لَا تَقْتُلُوا النَّفْسَ الَّتِىْ حَرَّمَ اللّٰهُ اِلَّا بِالْحَقِّ ؕ وَ مَنْ قُتِلَ مَظْلُوْمًا فَقَدْ
جَعَلْنَا لِوَلِيِّهٖ سُلْطٰنًا فَلَا يُسْرِفْ فِّى الْقَتْلِ ؕ اِنَّهٗ كَانَ مَنْصُوْرًا ۝۳۳ وَ لَا
تَقْرَبُوْا مَالَ الْيَتِيْمِ اِلَّا بِالَّتِىْ هِىَ اَحْسَنُ حَتّٰى يَبْلُغَ اَشُدَّهٗ ۪ وَ اَوْفُوْا
بِالْعَهْدِ ۚ اِنَّ الْعَهْدَ كَانَ مَسْئُوْلًا ۝۳۴ وَ اَوْفُوا الْكَيْلَ اِذَا كِلْتُمْ وَ زِنُوْا
بِالْقِسْطَاسِ الْمُسْتَقِيْمِ ؕ ذٰلِكَ خَيْرٌ وَّ اَحْسَنُ تَاْوِيْلًا ۝۳۵ وَ لَا تَقْفُ مَا لَيْسَ
لَكَ بِهٖ عِلْمٌ ؕ اِنَّ السَّمْعَ وَ الْبَصَرَ وَ الْفُؤَادَ كُلُّ اُولٰٓئِكَ كَانَ عَنْهُ
مَسْئُوْلًا ۝۳۶ وَ لَا تَمْشِ فِى الْاَرْضِ مَرَحًا ۚ اِنَّكَ لَنْ تَخْرِقَ الْاَرْضَ وَ لَنْ
تَبْلُغَ الْجِبَالَ طُوْلًا ۝۳۷ كُلُّ ذٰلِكَ كَانَ سَيِّئُهٗ عِنْدَ رَبِّكَ مَكْرُوْهًا ۝۳۸ ذٰلِكَ
مِمَّآ اَوْحٰٓى اِلَيْكَ رَبُّكَ مِنَ الْحِكْمَةِ ؕ وَ لَا تَجْعَلْ مَعَ اللّٰهِ اِلٰهًا اٰخَرَ فَتُلْقٰى فِىْ
جَهَنَّمَ مَلُوْمًا مَّدْحُوْرًا ۝۳۹ اَفَاَصْفٰىكُمْ رَبُّكُمْ بِالْبَنِيْنَ وَ اتَّخَذَ مِنَ
الْمَلٰٓئِكَةِ اِنَاثًا ؕ اِنَّكُمْ لَتَقُوْلُوْنَ قَوْلًا عَظِيْمًا ۝۴۰ ع ۴

توهان پنهنجي اولاد کي مفلسيءَ جي ڊپ کان قتل نہ ڪريو. اسان ئي هنن کي رزق ڏيون ٿا ۽ توهان کي ب. هنن جو قتل ڪرڻ تمام وڏو ڏوهہ آهي.(31) ۽ زنا جي قريب نہ وڃو ڇو تہ اها چٽي بي حيائي ۽ وڏي بري راهہ آهي.(32) الله تعالیٰ جنهن جان کي محترم ناهيو آهي، ان کي ناحق قتل نہ ڪريو، جنهن کي

مظلومیءَ جي حالت ۾ قتل ڪيو ويو تہ ان جي ولي وارث کي اسان اختيار ڏنو آهي تہ اهو بہ قتل ۾ حد کان تجاوز نہ ڪري. ان ڪري جو ان جي مدد ڪئي وئي آهي.(33) توهان يتيم جي مال جي ويجها بہ نہ وجو، پر سڻي طريقي سان جيستائين هو پنهنجي جوانيءَ کي پهچي وڃي ۽ عهد پورا ڪريو، يقينًا عهد جي باري ۾ باز پرست ٿيندي.(34) ۽ جڏهن ماپ ڪريو تہ پيمانو پورو پريو ۽ وزن سڌي ترازو سان ڪريو، اهو ئي بهتر آهي ۽ انجام جي لحاظ سان بہ بهترين آهي.(35) ۽ ان شيءِ جي پٺيان پئجي نہ وجو، جنهن جو توهان کي ڪو علم ناهي. يقينًا سماعت بصارت ۽ عقل جي باري ۾ پڇاڻو ٿيندو.(36) ۽ زمين تي اڪڙجي متان هلو، چو تہ نہ توهان زمين کي ڦاڙي سگهندا ۽ نہ وري جبلن جي بلنديءَ کي پهچي سگهندا.(37) هنن سمورن ڳالهين جي برائي، توهان جي پروردگار کي سخت ناپسند آهي.(38) هي انهيءَ حڪمت وارين ڳالهين مان آهي، جيڪا تنهنجي رب تو ڏانهن وحي ڪئي آهي. الله سان ڪنهن بہ ٻئي کي معبود نہ بڻايو، نہ تہ ڏڪاريل، ملامت زده ٿي ڪري جهنم ۾ وڌا ويندا.(39) ڇا الله تعالىٰ اوهان جي لاءِ پٽن جو انتخاب ڪيو ۽ پنهنجي لاءِ فرشتن مان نياڻيون ورتيون، حقيقت اها آهي تہ اوهان نهايت سنگين گستاخي جي ڳالهہ ڪريو ٿا.(40)

يادرهي تہ حمل ٿي وڃڻ کان پوءِ ٻار پيٽ ۾ اچڻ ۽ ان کي ختم ڪرڻ "قتلِ اولاد" ۾ اچي ٿو، پر حمل ٽيڻ کان اڳ دوائون کائڻ کان روڪيو نہ ويو آهي. (ڊاڪٽر اسرار احمد: بيان القرآن) مفلسيءَ جي خوف کان پنهنجي اولاد کي قتل نہ ڪريو. انهن جو قتل ڪرڻ نهايت وڏو ڏوهہ آهي. حديث شريف ۾ آهي: "اَنْ تَقْتُلَ وَلَدَكَ خَشْيَةَ اَنْ يَّطْعَمَ مَعَكَ" (صحيح بخاري) يعني جيڪڏهن تون پنهنجي اولاد کي هن مفلسيءَ کان قتل ڪرين تہ هو توسان کاڏو کائيندو، اهو شرڪ کان بعد وڏو گناهہ آهي. هن کان اڳ واري

آيت ۾ آيو آهي ته "اِنَّ رَبَّكَ يَبْسُطُ الرِّزْقَ لِمَنْ يَّشَآءُ وَ يَقْدِرُ" جنهن ۾ انسانن جي رزاق کي قانون مشيت خداوندي سان جوڙيو ويو آهي، جنهن جو ڪجهه بيان ٿي چڪو آهي. "وَمَا مِنْ دَآبَّةٍ فِي الْاَرْضِ اِلَّا عَلَى اللّٰهِ رِزْقُهَا" (هود: 6/11) زمين تي جيترا به هلندڙ چلندڙ جاندار آهن، انهن سيني جون روزيون رزق الله جي ذمي آهن. "وَ كَاَيِّنْ مِّنْ دَآبَّةٍ لَّا تَحْمِلُ رِزْقَهَا ۖ اَللّٰهُ يَرْزُقُهَا وَ اِيَّاكُمْ ۖ وَ هُوَ السَّمِيْعُ الْعَلِيْمُ ○" (العنڪبوت: 60/29) ڪيترائي جانور آهن، جيڪي پنهنجي روزي ڪنيو نٿا وتن، انهن سيني کي ۽ توهان کي الله ئي روزي ڏئي ٿو. "اِنَّ الَّذِيْنَ تَعْبُدُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ لَا يَمْلِكُوْنَ لَكُمْ رِزْقًا فَابْتَغُوْا عِنْدَ اللّٰهِ الرِّزْقَ وَ اعْبُدُوْهُ وَ اشْكُرُوْا لَهٗ ؕ اِلَيْهِ تُرْجَعُوْنَ ○" (العنڪبوت: 17/29) توهان الله ڪان سواءِ جنهن جي پرستش ڪريو ٿا، اهي توهان جي روزيءَ جا مالڪ نه آهن. ان ڪري اوهان کي گهرجي ته الله ڪان ئي روزي رزق طلب ڪريو. ان جي عبادت ڪريو. ان جي شڪر گذاري ڪيو ۽ مرڻ بعد به ان ڏانهن ئي موٽايا ويندو. رزق ۽ روزي جو معاملو نه رڳو انسانن جو پر ڪيڙن مڪوڙن جانورن، پکين ۽ مڇين جو مطلب ته سمورن ساهوارن جو الله جي مشيت، رحمت ۽ ربوبيت واري مضبوط نظام سان جڙيل آهي. انسان کي ته محنت مزدوري ڪرڻي پوي ٿي. هو پنهنجي علم عقل ۽ محنت سان حاصل ڪري ٿو. الله تمام انسانن جي انفرادي ۽ اجتماعي حصول رزق جي ڪوششن کان به پوري طرح آگاهه آهي ته ان جي طلب ۽ رسد کان به باخبر آهي. "الَّذِيْ جَعَلَ لَكُمُ الْاَرْضَ فِرَاشًا وَّ السَّمَآءَ بِنَآءً ۖ وَّ اَنْزَلَ مِنَ السَّمَآءِ مَآءً فَاَخْرَجَ بِهٖ مِنَ الثَّمَرٰتِ رِزْقًا لَّكُمْ ۚ فَلَا تَجْعَلُوْا لِلّٰهِ اَنْدَادًا وَّ اَنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ ۝" (البقره: 22/2) جنهن الله زمين کي رهائش گاهه بنايو ۽ آسمان کي ڇت ڪيو ۽ آسمان طرفان بادل برسايا، جنهن جي ڪري ميوا قسم قسم رزق طور عطا ڪيا، ڪيت آباد ڪيا. اهو پالٽهار ئي رزق جا وسيلا پيدا ڪري ٿو. اهو الله ئي هڪ داڻي مان سنگ يا سنگن جو ڳڇو پيدا ڪري، ست سؤ ڪان وڌيڪ داڻا اپائي ٿو. اهو رب تي هر دور جي ضرورتن مطابق معدنيات ۽ نباتات جا خزانا کولي ٿو. انسان اختيار ۽ ارادي جو مالڪ ۽ پنهنجي هر عمل جو ذميوار آهي. ان ڪري ان کي رزق جي حصول لاءِ ڊڪ ڊوڙ ۽ محنت مزدوري ڪرڻي پوي ٿي. پر انسان کانسواءِ ٻين جاندارن جي رزق جو اهتمام به ربوبيت ۽ رحمت جو انوکو ۽ بي بدل مثال آهي.

جنين ڏاند نہ ٻج، تنين تنهنجو آسرو
پوءِ ايارين سج اول ڏين انهن کي

(شاھ رحمۃ اللہ علیہ)

اگر روزی بدانائی ببودے
ز ناداں تنگ تر روزی نہ بودے
بناداناں چناں روزی رساند
کہ دانا اندراں حیرت بماند

(شیخ سعدي رحمۃ اللہ علیہ)

رزق روزيءَ جو دارومدار بہ رڳو عقل ۽ دانائي سان جڙيل نہ آهي، جي ائين هجي ها تہ پوءِ نادان بک مرن ها، مگر رزق جي معاملي ۾ مشيت خداوندي اهڙي طرح ڪارفرما آهي، جو نادانن کي بہ روزي اهڙي طرح رسائي ٿي جو داناء ۽ صاحب عقل محو حيرت رهن ٿا. دنيا ۾ رزق جو سلسلو مؤمن ڪافر سڀ لاءِ ڪليل آهي. هو دوستن ۽ دشمنن جي روزي ۾ پنهنجي قانون مشيت، ربوبيت ۽ رحمت ماتحت نظام هلائي ٿو.

اے کریمی کہ از خزانہ غیب
گبر و ترسا وظیفہ خورداری
دوستاں را کجا کنی محروم،
تو کہ بادشمنان نظر داری

(گلستانِ شیخ سعدي رحمۃ اللہ علیہ)

اي منهنجا رحيم ڪريم رب! تون پنهنجي غيب جي خزاني مان آتش پرست کي بہ رزق جو وظيفو جاري رکين ٿو تہ پوءِ تون دوستن کي محروم ڪيئن ڪندين، جڏهن پنهنجي دشمنن کي بہ تون سنيالين ٿو.

رزق الله تعالىٰ جي نعمت آهي، ان ۾ پنهنجي گهر، اولاد ۽ ٻئي غريب حقدار جو

حق آهي. (التوبه: 111/9، طٰهٰ: 118/20) اشتراكي نظام، جنهن ۾ سمورن انسانن کمائيندڙن ۽ نہ کمائيندڙن جي گڏيل برابر ملکيت آهي. ان کري غلط آهي جو هن ۾ محنت کندڙن جي دلشکني ۽ ٽوٽين کاهل ۽ سست ماڻهن کي وڌيک ٽوٽي سست ناهڻ آهي. سرمايه واري نظام ۾ دولت چند خاندانن جي ملکيت ٿي وجي ٿي، جيکي خدائي وسيلن تي قبضو کري ٻين صلاحيت ۽ استعداد وارن کي اڳتي وڌڻ کان محروم رکن ٿا. جنهن ۾ غريب، غريب تر ۽ امير، امير تر ٿيندو ٿو وجي. پر دين اسلام الله طرفان عطا ٿيل وسيلن کي سڀني لاءِ عام رکيو آهي، هر انسان کوشش ۽ محنت جو ثمر حاصل کري سگهي ٿو. جيکي ماڻهو وڌيک خوشحال آهن، انهن کي پنهنجي ضرورت بعد بقايا موڙي مان محروم، مسکين، يتيم، بيواهه معذور ۽ بيمار ماڻهن جي بهبود ۽ بهتري لاءِ رياست ۽ مؤمن مسلمانن جي ذميداري آهي، جنهن کي الله تعالىٰ حق سڏيو آهي. ان کري اولاد جو قتل کرڻ يا اسقاط حمل تہ هن آيت جي روشني ۾ ممنوع ۽ حرام آهي، باقي کنهن طبي عذر سبب اولاد ۾ وقفو رکڻ ممکن آهي تہ ممنوع نہ هجي.

هيستائين توحيد تسبيح والدين جي حق، ذوالقربىٰ مسکينن ۽ معاشري جي ڏٺڙيل طبقن جي سار سنيال رکڻ جهڙن بنيادي موضوعن تي بحث بعد هينئر سماج جي نهايت اهم معاملي جو ذکر ۽ ان بابت هدايت ۽ احڪامات جو بيان آهي. هن حڪم ۾ افراد معاشرو ۽ رياست سڀ اچي وجن ٿا. افراد لاءِ اهو حڪم آهي تہ اهي زنا کرڻ کان پاڻ بچائين، اهڙو کو بہ عمل يا برو فعل نہ کن، جيکو زنا ۾ تبديل ٿي وجي. ان کري اهڙين حرکتن اشارن ۽ علامتن جي ويجهو وڃڻ کان بہ روکيو ويو آهي، جيکي شيون فحشاءِ، منکر ۽ بغي ۾ اچن ٿيون، انهن ۾ سڀ کان وڌيک خراب عمل زنا کي کڻيو ويو آهي، جو تہ زنا هڪ کلي بي حيائي آهي، ان کري اسلام نڪاح تي زور ڏنو آهي، جيکو معروف طريقي سان شاهدن جي سامهون ڏرين (عورت مرد) جي رضامندي سان پاکدامني اختيار کرڻ ۽ اولاد پيدا کرڻ جي منصوبي هيٺ پکو پختو معاهدو هجي، پر زنا يا ڳجهي بدکاري لاءِ نہ هجي. (النساء: 31/4) جن عورتن سان نڪاح حرام يا ممنوع آهي، انهن سان نڪاح نہ هجي. حق مهر ۽ عورت جي پوري خرچ پکي جو انتظام هجي. زور زبردستي سان نہ هجي ۽ نہ وري يتيم عورتن ۽ يتيم چوڪرين جو مال هڙپ

ڪرڻ لاءِ هجي. (الانعام: 52/6) جنهن ۾ مرد ۽ عورت هڪ ٻئي جا ساٿي آهن. هي رشتو شهوت راني لاءِ نہ، پر اولاد جي خواهش سان گڏ تسڪين ۽ محبت جو رشتو هجي، ان ڪري زنا جي سزا سخت مقرر ڪئي وئي آهي. (النور: 2/42) نڪاح ازدواجي زندگيءَ جو مضبوط عقد ۽ عهد آهي. زنا سماجي نظام ۾ بدڪاري ۽ فحاشي کي تقويت ڏئي ٿي. (المؤمنون: 7/23-4، الفرقان: 68/25) حديث شريف جو مفهوم آهي تہ جنهن وقت مؤمن زنا ڪري ٿو تہ ايمان کان خالي ٿي وڃي ٿو. اسلام انسان جي جان، مال ۽ عزت آبروءَ جي حفاظت لاءِ سخت حڪم ڏنا آهن. ان ڪري ڪنهن بہ جان کي ناحق قتل نہ ڪريو، ڪنهن بہ انسان جو قتل وڏو جرم ۽ حرام عمل آهي. المائده: 32/5، الفرقان: 68/25، النساء: 93/4-92 ۽ البقره: 2/ 178 ۾ قتل بالعمد قتل بالخطا جي سزا جو تفصيلي ذڪر آهي. قتل عمد جو قاتل جهنمي آهي حديث شريف آهي: "سِبَابُ الْمُسْلِمِ فُسُوْقٌ وَقِتَالُهٗ كُفْرٌ" (صحيح بخاري) مؤمن کي گارگند فسق و فجور آهي، پر مؤمن جو قتل ڪرڻ ڪفر آهي. هڪ ٻئي حديث آهي: "مَنْ حَمَلَ عَلَيْنَا السِّلَاحَ فَلَيْسَ مِنَّا" (صحيح ابن ماجه) جنهن مسلمان تي هٿيار سڌو ڪيو، اهو اسان مسلمانن جي جماعت مان نہ آهي. "اَلْمُسْلِمُ مَنْ سَلِمَ الْمُسْلِمُوْنَ مِنْ لِّسَانِهٖ وَيَدِهٖ" (صحيح بخاري) اهو ئي شخص مؤمن آهي جنهن جي هٿن ۽ زبان کان ٻيو مسلمان محفوظ آهي.

قتل جو معاملو رڳو الله تعالىٰ سان يا معاشري ۽ حڪومت سان نہ آهي، پر مقتول جي وارثن سان بہ آهي، جنهن ۾ وارث قاتل کي لله في الله معاف ڪري ڇڏين يا جان جي بدلي جان جي سزا جو مطالبو ڪن يا خون بها ونڊي صلح تي راضي ٿي وڃن. اهي اختيار مقتول جي وارثن کي ئي آهن. عدالت يا سربراهہ حڪومت مقتول جي وارثن جي مرضي خلاف حاصل نہ آهن. جيڪڏهن وارث قصاص ونڊڻ تي اصرار ڪن تہ انهن جي پوري طرح مدد ڪئي ويندي. قاتل ڏر خون بهار ڏيڻ ۾ ڪا بہ هيري ڦيري نہ ڪري ۽ نہ وري مقتول جا وارث حدود کان تجاوز ڪن. (المائده: 45/5، الانعام: 152/6، الشورىٰ: 40/42) جي حڪمن تي ضرور عمل ڪيو وڃي. يعني قاتل کي ئي سزا ڏيڻي آهي. پلي اهو ماڻهو (قاتل) ڪهڙي بہ حيثيت جو هجي. قتل ۾ اهو پاڻ قتل ٿيندو، هن جي جاءِ تي ٻيو ڪو بہ قتل نہ ٿيندو.

توهان يتيم جي مال جي ويجها بہ نہ وجو، پر هڪ وجهو تہ نهايت سڻي ۽ صحيح طريقي سان وجهو. (الانعام: 153/6) يعني يتيمن جو مال هڙپ ڪرڻ يا ان ۾ هير ڦير ڪرڻ يا فضول خرچ ڪرڻ کان پرهيز ڪريو، انهن کي ڏڪاري ڪيڻ، يا کين طعام کان محروم ۽ بکيو رکڻ کان پاڻ بچايو. (البقره: 230/2، النساء: 10/4-6-2، الانعام: 152/6، يٰس: 47/36، الذاريات 19/51، الدهر: 76، البلد: 16/90-14، الفجر: 16/89-17، الماعون: 3/107-2) ٻئي هنڌ آيو آهي: "وَ لَا تَقْرَبُوْا مَالَ الْيَتِيْمِ اِلَّا بِالَّتِيْ هِيَ اَحْسَنُ حَتّٰى يَبْلُغَ اَشُدَّهٗ " (الانعام: 152/6) يتيم جي مال ۾ خيانت نہ ڪريو. جڏهن جواني کي پهچن تہ کين سندن مال پوري طرح امانت ۽ حفاظت سان واپس ڪريو. ڪيل معاهدن جو احترام ڪريو. معاهدو هڪ امانت آهي، جيڪو بن ڏرين جي وچ ۾ هجڻ سان گڏ هن ڪائنات جي پروردگار سان بہ آهي ۽ الله ان جو شاهد بہ آهي تہ معاهدو ڪندڙن جو الله سان بہ تعلق آهي. عهد ۽ معاهدو دشمن سان هجي يا دوست سان، پنهنجن سان يا غيرن سان ان جو الفاظ ۽ معنىٰ مطابق عهد ڪرڻ لازمي آهي. حديث شريف آهي: "لَا دِيْنَ لِمَنْ لَّا عَهْدَ لَهٗ" (الترغيب والترهيب) جيڪو ماڻهو وعده خلافي ڪري ٿو، ان جو ڪو دين ناهي. سورة المائده: 1/5 ۾ آهي: "يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اَوْفُوْا بِالْعُقُوْدِ" وعدا پورا ڪريو. "وَ الَّذِيْنَ هُمْ لِاَمٰنٰتِهِمْ وَ عَهْدِهِمْ رٰعُوْنَ" (المؤمنون: 8/23) ڪامياب مؤمن اهي آهن، جيڪي امانت ۽ عهد پورا ڪن ٿا. معاهدي ۾ جيستائين بي ڏر خلاف ورزي نٿي ڪري تہ ان کي ان مدت تائين پورو ڪرڻ فرض آهي، اهو تقوىٰ جو لازم جز ۽ ايمان جو حصو آهي. عهد شڪني اهڙو جرم آهي، جنهن جو الله وٽ پڇاڻو ٿيندو. جيڪڏهن معاهدن جي حرمت جو خيال نہ رکيو ويو تہ هي سماج هي معاشرو زوال پذير ٿي ويندو. معاشري جا سمورا ڪاروبار معاهدي جي مرهون منت آهن، انسان الله سان بہ عهد ڪري ٿو، نڪاح وقت رفيق حيات سان عهد ڪري ٿو، تجارت ۽ ڪاروبار هلائڻ لاءِ معاهدا ڪري ٿو. حڪومتون هڪٻئي سان معاهدا ڪن ٿيون. مطلب تہ معاهدو هڪ فرد جو ٻئي فرد کان وڌي حڪومت جي عهد ۽ پروردگار سان عهد جي مضبوط زنجير ۾ بڌل آهي.

جڏهن اوهان تجارت ۽ واپار ۾ هڪ ٻئي سان ڏيتي ليتي ڪري رهيا آهيو تہ ماپ ڪرڻ وقت پيمانو پورو رکو، پر جيڪڏهن وزن ڪرڻو آهي تہ تارازو جا ٻئي پڙ برابر هجن.

لين دين وقت ماپ تور ۾ خيانت ڪرڻ سان معاشي نظام درهم برهم ٿي ويندو، جنهن جو اثر معاشري ۾ سوسائٽيءَ تي پوندو. مال ۾ دولت جو حرص ۾ ان کي غلط ۾ ناجائز طريقي سان حاصل ڪرڻ لاءِ جدوجهد پوري معاشري کي ڏانوان ڏول ڪري ڇڏيندي. انصاف ۾ ايمان جو جنازو نڪري ويندو، جنهن جي عذاب کان آگاهه ڪيو ويو آهي. سورة المطفّفين: 3/83-1 ۾ آيو آهي تہ تور ۾ ماپ ۾ ڪوٽ ڪندڙن لاءِ ويل (تباهي) آهي. جڏهن ڪنهن کان خريد ڪن ٿا تہ پوري طرح ماپ تور ڪري وٺن ٿا، پر جڏهن هنن کي ڏين ٿا تہ ان ۾ ڪوٽ ڪن ٿا. اهڙي خراب حرڪت ڪرڻ وقت اهو نٿا سوچين تہ انهن کي هڪ عظيم ڏينهن اٿاريو ويندو ۾ پورو حساب ورتو ويندو. اهڙي طرح سوره هود: 85/11-84 ۾ حضرت شعيب عليه السلام پنهنجي قوم کي مڪيال ۾ ميزان ۾ خيانت ۾ بددياني‌تي جو ذڪر ڪري کين الله جي ان عذاب کان خبردار ڪرڻ لاءِ بار بار ڊيڄايو، جيڪو "اَلصَّيۡحَة" يعني رڙيا ڪڙڪيدار آواز جي صورت ۾ آيو ۾ شعيب عليه السلام جي قوم تباهه ٿي وئي. قوم جو چوڻ هيو تہ واپار، تجارت، ڏيتي ليتي ۾ اسان آزاد آهيون، جيڪي گهرون، سو ڪري ٻہ سگهون. اهڙي طرح قومِ شعيب جو اهو ماپ تور جو اهم معاملو سورة الاعراف آيت 90 کان 93 تائين ۾ مذڪور بالا آيات 23 کان آيت 35 تائين جو پورو مضمون سورة الانعام جي آيت 151 ۾ 152 ۾ آيو آهي.

ياد رکو تہ ماپ ۾ تور ۾ ديانتداري ڪرڻ جو هن معاشري کي خوشگوار بنائڻ ۾ اهم ڪردار آهي تہ آخرت ۾ ٻہ ان جو بهترين انعام (نتيجو) آهي. سوره هود: 86/11 ۾ ٻہ شعيب عليه السلام جو پنهنجي قوم لاءِ پيغام آهي: "بَقِيَّتُ اللّٰهِ خَيۡرٌ لَّكُمۡ اِنۡ كُنۡتُمۡ مُّؤۡمِنِيۡنَ" الله طرفان ڏنل منافعو ئي اوهان جي حق ۾ بهتر آهي. هي غلط ۾ ناجائز طريقي جو نفعو، دراصل نفعو نہ آهي، پر سراپا خسارو ۾ نقصان آهي. جنهن شيءِ جي باري ۾ توهان کي علم ناهي ان جو پيڇو نہ ڪريو، پهريان اوهان پنهنجي فهم و فراست ۾ عقل ۾ درايت جي ذريعي ان جي حقيقت معلوم ڪريو ۾ معلومات حاصل ڪرڻ بعد پنهنجو ذهن استعمال ڪندي، فيصلو ڪريو تہ جيئن اوهان صحيح حقيقت تي پهچي سگهو. پر جيڪڏهن بغير سوچڻ سمجهڻ جي ناقص فيصلو ڪيو تہ پڇتائڻو پوندو، جنهن جو ڪو فائدو نہ هوندو. سوچي سمجهي قدم کڻڻ هڪ ذميداري آهي. انسان مشين وانگر مجبور

ناهي، پر اختيار ۽ ارادي جو مالڪ آهي. تڪڙو قدم کٹڻ شرمساريءَ جو سبب ٿي پوندو (الحجرات: 6/48-12) بنيادي طور تي انساني علم حاصل ڪرڻ جا ٻہ طريقا آهن: هڪ اڪتسابي علم آهي ۽ ٻيو الهامي علم آهي. اڪتسابي علم اهوئي آهي، جيڪو حضرت آدم عليه السلام کي "وَ عَلَّمَ اٰدَمَ الْاَسْمَآءَ كُلَّهَا" جي طريقي سان سيکاريو ويو، جنهن جو ذڪر سوره بقره ۾ آيو آهي. هن علم جو تعلق انساني حواس ۽ ذهن سان آهي. انسان حواس جي ذريعي معلومات پنهنجي ذهن ۾ محفوظ ڪندو آهي، جيئن: انسان ترقي ڪندو ويندو آهي، تيئن سندس علم جو دائرو ٻہ وڌي ويندو آهي، جنهن جو مثال هن دور جو مسلسل ارتقاءِ علم آهي. جيڪڏهن "اِنَّ السَّمْعَ وَ الْبَصَرَ وَ الْفُؤَادَ كُلُّ اُولٰٓئِكَ كَانَ عَنْهُ مَسْـُٔوْلًا" (بني اسرائيل:17/36) ۾ ٻہ "سَمَعْ" مان مراد دل جي سماعت" ۽ "بَصَرْ" مان مراد دل جي بصيرت" ۽ "فُؤَاد" مان مراد اهڙو فائدو آهي، جنهن جو اصل مقصود حصولِ حقيقت آهي. "فؤاد" جو مادو فائدي مان لڳي ٿو، يعني اهڙو فائدو، جنهن جو ڪو بدل نہ هجي. پر وهبي علم الله جي طرفان ملي ٿو، جنهن ۾ ڪنهن ٻہ شڪ ۽ تردّد جو گمان ٻہ رکي نٿو سگهجي. حضرت آدم عليه السلام کي اڪتسابي علم کان بعد الهامي علم هن آيت مان ظاهر ٿئي ٿو: "فَاِمَّا يَاْتِيَنَّكُمْ مِّنِّيْ هُدًى فَمَنْ تَبِعَ هُدَايَ فَلَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَ لَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ" قرآن حڪيم کي ٻہ "هدیٰ" سڏيو ويو آهي. معلوم ٿيو تہ حضرت آدم کان پاڻ ڪريمن صلى الله عليه وسلم تائين تمام نبين ۽ رسولن کي "اَلْهُدٰى" يعني الهامي علم عطا ٿيو آهي، جنهن جو کين حسب استطاعت ۽ مقام مشاهدو ٻہ ڪرايو ويو آهي، تہ جيئن هو جنهن ٻہ حقيقت بابت ڳالهہ ڪن، اها سندن مشاهدي ۾ آيل هجي.

اسلام بدگماني ۽ الزام بازي کان روڪي ٿو. شڪ ۽ شبهن جي بنياد تي افواهہ ۽ بي بنياد ڳالهيون بهتان بازي، غيبت گلا جهڙي بيمارين کان بچي رهڻ جو حڪم ڏئي ٿو. الله تعالىٰ انسان کي حواس ڏنا آهن، جن جي ذريعي معلومات حاصل ڪري ٿو. ان مان خاص سماعت ۽ بصارت آهي. سماعت جو تعلق صوت آواز Sound سان آهي ۽ بصارت روشني نور جو تعلق Light سان آهي ۽ ان سان گڏ فرد عقل ۽ فراست جو مرڪز آهي. جڏهن Sound ۽ Light يعني سماعت بصارت واريون قوتون علم و فراست جي مرڪز کان گذري نتيجو ڏيندیون تہ اهو حق اليقين جو درجو هوندو. اهي خدا جون نهايت انمول نعمتون

آهن، جن جي صحيح غلط استعمال جو پچاڻو ٿيندو. "ثُمَّ لَتُسْـَٔلُنَّ يَوْمَئِذٍ عَنِ النَّعِيْمِ" (التكاثر: 8/102) قرآن بار بار تدبر تفكر يعني غور و فكر سوچ ويچار جو سبق ڏئي ٿو.

ستاروں سے آگے جہاں اور بھی ہیں
ابھی عشق کے امتحاں اور بھی ہیں
قناعت نہ کر عالم رنگ و بو پر
زمیں اور بھی ہیں، آسمان اور بھی ہیں
کافر کی یہ پہچان ہے کہ آفاق میں گم ہے
مؤمن کی یہ پہچان کہ گم اس میں ہیں آفاق

(علامہ اقبال رحمۃ اللہ علیہ)

الله جي زمين تي آکڙجي غرور ۽ وڏائي کري هلڻ جي نہ ڪر. اوهان جي انهي ڦوڪجي ۽ سيڙجي هلڻ سان نہ زمين ۾ زلزلو ايندو ۽ نہ وري قدوقامت ۾ پهاڙن واري بلندي ايندي، پنهنجي رفتار، گفتار ۽ ڪردار کي پنهنجي حيثيت اندر رکو. آکڙ، وڏائي ۽ خواهہ مخواهہ ڦوندڙ انسان جي سيرت ۽ ڪردار تي اثرانداز ٿئي ٿي. ماڻهن تي رعب رکڻ لاءِ زمين تي پنهنجي وڏائيءَ جا مظاهرا ڪري، پاڻ کي بيوقوف نہ بنايو. ماڻهن ۾ عزت بدران تو لاءِ نفرت پيدا ٿيندي. نقلي ۽ عارضي وڏائيءَ جو پاندو ڦاٽي پوندو ۽ تنهنجي ڦوڪڻي مان هوا نڪري ويندي. اهو ڪمينہ پن وارو عمل ظاهر ٿي پوندو. ان ڪري رفتار ميانہ روي اختيار ڪريو. (لقمان: 18-19/31) آکڙ اهو ڪندو آهي، جيڪو وڏ ماڻهپ ۽ بزرگيءَ کان محروم هوندو آهي ۽ پاڻ پڏائڻ جي ناڪام ڪوشش ۾ مصروف رهندو آهي. (آل عمران: 188/3، المومن: 75/40)

تکبر عزازیل را خوار کرد
بزندان لعنت گرفتار کرد

(شيخ سعدي رحمۃ اللہ علیہ)

حديث شريف آيو آهي: "لَا يَدْخُلُ الْجَنَّةَ اَحَدٌ فِيْ قَلْبِهٖ مِثْقَالُ ذَرَّةٍ مِّنْ خَرْدَلٍ " (صحيح مسلم) اهو شخص جنت ۾ داخل ڪو نہ ٿيندو جنهن جي دل ۾ سرنهن جي داڻي جيترو به تڪبر، غرور سندس دل ۾ آهي. "اَلْعَظَمَةُ اِزَارِيْ وَالْكِبْرِيَآءُ رِدَآئِيْ فَمَنْ نَّازَعَنِيْ وَاحِدًا مِّنْهُمَا اَلْقَيْتُهٗ فِي النَّارِ" (سنن ابوداؤد، ابن ماجه) عظمت منهنجي ازار (پوشاڪ) آهي ۽ ڪبريائي منهنجي چادر آهي، ڪو به انهن مان ڪنهن هڪ ۾ تڪرار ڪندو تہ ان کي دوزخ ۾ اڇو ڪيو ويندو. حديث شريف آهي: "اَلْكِبْرُ بَطَرُ الْحَقِّ وَغَمْطُ النَّاسِ" تڪبر آڪڙ ڇا آهي؟ حق جو انڪار ڪرڻ ۽ ماڻهن کي (پاڻ کان) حقير سمجهڻ.

مٿي بيان ڪيل ڏهہ نقطا ۽ اخلاقي اقدار نهايت اهم آهن، جن جو تنهنجي عبديت، دين ايمان، والدين سان حسن سلوڪ، فضول خرچي، بخل، اولاد جو رزق جي تنگي کان ڊڄي قتل ڪرڻ، زنا، ناحق قتل، يتيم جي مال ۾ خيانت ڪرڻ، عهد جي بيوفائي، ماپ تور ۾ ديانتداري، وهم و گمان جا تير هلائڻ، زمين تي اڪڙجي هلڻ اهي سڀ الله وٽ برا عمل آهن، جن کان بچڻ لاءِ سورة الانعام ۾ به نهايت تفصيل سان تاڪيد ٿيل آهي، جيڪي پنهنجي پروردگار طرفان توتي وحي ڪيا ويا آهن.(البقره: 269/2) تنهنجي لاءِ زندگيءَ جو بنيادي اصول اهو آهي تہ خدا کان سواءِ ڪنهن جي به عبادت يا حاڪميت کي تسليم ناهي ڪرڻو، جنهن سان ڪنهن کي شريڪ ناهي ناهڻو، پر جيڪڏهن توهان خدا جا شريڪ ناهڻ شروع ڪيا ۽ هن جي اهم احڪامن کي نظرانداز ڪيو تہ پوءِ ذلت خواري ۽ تباهي توهان جو مقدر هوندي. دنيا ۽ آخرت جي ذلت ۾ جهنم رسيد ٿيندا. اهو ئي دين جو اصل اصول ۽ جوهر آهي، جيڪو تنهنجي پروردگار پاران توتي وحيءَ ذريعي نازل ڪيو ويو آهي. يعني هن ڪائنات ۾ اصل اختيار ۽ اقتدار ذات باري تعالىٰ جو آهي، جنهن ۾ هن جو ڪو به شريڪ يا مددگار نہ آهي، جنهن جي تصديق هن آيت جي شروع وارن لفظن "وَ قَضٰى رَبُّكَ اَلَّا تَعْبُدُوْٓا اِلَّآ اِيَّاهُ" ۽ مضمون جي آخر ۾ "وَ لَا تَجْعَلْ مَعَ اللّٰهِ اِلٰهًا اٰخَرَ" ۾ سختيءَ سان توحيد جو ذڪر آهي. ڪائنات جي هر شيءِ گواهي ڏئي رهي آهي تہ الله هڪ آهي، پر عقل جي انڌن کي ڇٽا دليل ۽ صاف ثبوت به نظر نٿا اچن ۽ نقلي هٿ جي ناهيل ديوتائن جي پوڄا پاٺ ۾ مشغول آهن ۽ سمجهن ٿا تہ اهي ديو ۽ ديويون خدا جي اختيار ۾ حصيدار آهن ۽ انهن جي وسيلي سان ئي اسان جون مشڪلاتون

دور ٹين ٹيون ۽ اميدون پوريون ٹين ٹيون. هو فرشتن کي الله جون ڏيئرون ڪوٺين ٿا (النحل: 16/ 57) ۽ پاڻ لاءِ نرينہ اولاد جو انتخاب ڪن ٿا. هي الله تي ايڏو وڏو بهتان هڻن ٿا، جنهن جو نہ هنن کي علم آهي ۽ نہ وري کا سَندَ يا ثبوت آهي. هو ابن ڏاڏن جي نقش قدم تي هلي، خود ساخته شريعت تي هلن ٿا ۽ خدا جي دين ۽ حڪمن جي پيروي ڪرڻ جا انڪاري آهن ۽ خدا تي ڪوڙا بهتان هڻي هڪ وڏي گمراهي جا قائل آهن.

وَ لَقَدْ صَرَّفْنَا فِیْ هٰذَا الْقُرْاٰنِ لِیَذَّكَّرُوْا ؕ وَ مَا یَزِیْدُهُمْ اِلَّا نُفُوْرًا ﴿۴۱﴾ قُلْ لَّوْ كَانَ مَعَهٗۤ اٰلِهَةٌ كَمَا یَقُوْلُوْنَ اِذًا لَّابْتَغَوْا اِلٰی ذِی الْعَرْشِ سَبِیْلًا ﴿۴۲﴾ سُبْحٰنَهٗ وَ تَعٰلٰی عَمَّا یَقُوْلُوْنَ عُلُوًّا كَبِیْرًا ﴿۴۳﴾ تُسَبِّحُ لَهُ السَّمٰوٰتُ السَّبْعُ وَ الْاَرْضُ وَ مَنْ فِیْهِنَّ ؕ وَ اِنْ مِّنْ شَیْءٍ اِلَّا یُسَبِّحُ بِحَمْدِهٖ وَ لٰكِنْ لَّا تَفْقَهُوْنَ تَسْبِیْحَهُمْ ؕ اِنَّهٗ كَانَ حَلِیْمًا غَفُوْرًا ﴿۴۴﴾ وَ اِذَا قَرَاْتَ الْقُرْاٰنَ جَعَلْنَا بَیْنَكَ وَ بَیْنَ الَّذِیْنَ لَا یُؤْمِنُوْنَ بِالْاٰخِرَةِ حِجَابًا مَّسْتُوْرًا ۙ﴿۴۵﴾ وَّ جَعَلْنَا عَلٰی قُلُوْبِهِمْ اَكِنَّةً اَنْ یَّفْقَهُوْهُ وَ فِیْۤ اٰذَانِهِمْ وَقْرًا ؕ وَ اِذَا ذَكَرْتَ رَبَّكَ فِی الْقُرْاٰنِ وَحْدَهٗ وَلَّوْا عَلٰۤی اَدْبَارِهِمْ نُفُوْرًا ﴿۴۶﴾

اسان هن قرآن ۾ اسلوب بدلي بدلي بيان ڪيو آهي تہ جيئن ماڻهو نصيحت حاصل ڪن، پر (افسوس) هنن جي نفرت (بيزاري) وڌي رهي آهي.(41) هنن کي چؤ تہ جيڪڏهن الله سان گڏ ٻيا معبود بہ هجن ها جهڙيءَ طرح هي چون ٿا تہ اهي ضرور عرش ڏانهن تي لڙائي جو رستو ڳولي ڪڍن ها.(42) الله ان کان پاڪ ۽ برتر آهي جيڪو (بڪواس) هي ڪن ٿا. آسمان زمين ۽ جو ڪجهہ

آهي، سڀ ان جي تسبيح ڪن ٿا. ڪا بہ شيءِ ناهي، مگر هن جي حمد سان سندس تسبيح ڪري ٿي، پر اوهان هنن جي تسبيح کي نٿا سمجهو، بيشڪ هو بردبار ۽ غفار آهي.(44) اي حبيب ﷺ! جڏهن توهان قرآن جي تلاوت ڪرڻ فرمايو ٿا تہ اسان تو ۽ انهن ماڻهن ۾ جيڪي آخرت تي ايمان نٿا رکن، حجاب در حجاب ڪري ڇڏيون ٿا(45) ۽ انهن جي دلين تي پردو وجهون ٿا ۽ ڪنن کان ٻوڑو ڪيون تہ (نہ ٻڌي سگهن) ۽ نہ سمجهي سگهن، ۽ جڏهن تون قرآن پاڪ ۾ پنهنجي اڪيلي رب جو ذڪر ڪرين ٿو تہ اهي ٽاهُ ڪائي پنهنجي پٺين پر ڀجن ٿا.(46)

هنن ماڻهن جا مختلف خيال ۽ مختلف سوچون آهن. سندن ذهني سطح بہ ساڳي نہ آهي. ان ڪري هنن جي نصيحت لاءِ قرآن جي مضمون کي الڳ الڳ اسلوب سان بيان ڪيو آهي. رڳو هن سورة ۾ بہ قرآن جو تلفظ بار بار نئين نئين رنگ ۾ پيش ڪيو آهي. آيت 9 ۾ آهي: "اِنَّ هٰذَا الْقُرْاٰنَ يَهْدِیْ لِلَّتِیْ هِیَ اَقْوَمُ " هن قرآن ۾ توحيد جي حقيقت بہ طرح طرح سان بيان ڪري سمجهائي وئي آهي تہ مشرڪ جي منحوسيت کي بہ صاف صاف پيش ڪيو ويو آهي. (تفصيل لاءِ البقره: 23/2 جا حوالا ڏسو) ان ڪري هر انسان ان جي سمجهڻ کان رهجي نٿو وڃي. هي ڪتاب پنهنجي اجمال جو خود تفصيل ۽ وڏي بحث کي ٿورڙن دل آويز جملن ۾ پيش ڪري ٿو. دنيا ۾ ڪو بہ ڪتاب هن ڪتاب وانگر نہ آهي. هن سورة ۾ قرآن بابت چار آيتون آيل آهن. ٻين لفظن ۾ هيءَ سورة سڄوري قرآن ڪريم جو مختصر حوالو آهي.

جَمِيْعُ الْعِلْمُ فِی الْقُرْآنِ لٰكِنْ
تَقَاصَرَ عَنْهُ اِفْهَامُ الرِّجَالِ

سمورا علم قرآن ۾ موجود آهن. پر ماڻهن جي فهم و فراست سمجهڻ ۾ ڪوتاهي آهي.

"مَنْ اُوْتِیَ الْقُرْآنُ فَرَاٰی اَحَدًا اَوْلٰی مِنَ الدُّنْيَا اَفْضَلَ مِمَّا اُوْتِیَ فَقَدْ صَغَّرَ عَظِيْمًا وَ عَظَّمَ صَغِيْرًا" (حضرت عبدالله بن عمر رضی اللہ تعالیٰ عنہ) جيڪڏهن ڪنهن کي قرآن جي نعمت ملي ۽ ان

دنياداريءَ کي هن کان وڌيڪ سمجهيو تہ جڻ هن عظيم شيءِ کي ننڍڙو ڪري پيش ڪيو ۽ ننڍڙي شيءِ کي وڏو ڪري پيش ڪيائين. (النساء: 82/4، يونس: 10/57-37، هود: 13/11، بني اسرائيل: 82/17، الکهف: 54/18، طٰهٰ: 113/20، الفرقان: 32/25، الروم: 58/30، الزمر: 39 /37-23، حٰم سجده: 44/41) هي ڪافر جيڪي الله سان ٻين کي معبود سمجهن ٿا تون هنن کي چؤ تہ جيڪڏهن هڪ الله کان وڌيڪ معبود ۽ الله هجن ها تہ اهي هر حال ۾ عرش جي مالڪ خلاف ضرور حمله آور ٿين ها. جڏهن گهٽا صاحب اقتدار ۽ اختيار هوندا آهن تہ اهي پنهنجي انا کي تسڪين ڏيڻ لاءِ ٻين کي پنهنجي راهہ کان هٽائڻ جي ڪوشش ڪندا آهن ۽ خاص طرح عرش جي مالڪ کي رام ڪرڻ لاءِ عرش جو رستو پڇي پهچي وڃن ها. "لَوْ كَانَ فِيْهِمَآ اٰلِهَةٌ اِلَّا اللّٰهُ لَفَسَدَتَا" (الانبياء: 22/21) جيڪڏهن هڪ الله کان وڌيڪ الله هجن ها تہ زمين ۽ آسمان جو سارو نظام تباهہ ٿي وڃي ها.

هفت اقليم ار بگيرد بادشاه
هم چنان در بند اقلم دگر

جيڪڏهن ڪنهن بادشاهہ کي ست رياستون Cotenant ملي وڃن تہ ٻہ هن جو خيال هوندو تہ انين رياست هجي ها تہ هٿ ڪريان ها. ڪافرن جيڪي هيترا معبود بنايا آهن، اهي جيڪڏهن واقعي اختيار جا مالڪ هجن تہ پوءِ خاموش ڇو وينا آهن ۽ بغاوت جو نٿا ڪن. جيڪڏهن واقعي الله جا شريڪ هجن ها تہ ضرور مهم جوئي ڪن ها ۽ هن ڪائنات جو نظام درهم برهم ٿي وڃي، حالانڪہ حقيقت اها آهي تہ نظام ڪائنات ۾ ڪٿي ٻہ فساد ۽ خلفشار نہ آهي. (الملڪ: 67/5-4) الله جي ذات شراڪت کان پاڪ آهي، ڪو ٻہ سندس شريڪ ناهي. قُلْ هُوَ اللّٰهُ اَحَدٌ اَللّٰهُ الصَّمَدُ الله احد آهي. احد جو ٻيو ڪو ثاني نہ هوندو آهي. هو ڪنهن جو شراڪت جو محتاج ناهي، بلڪل بي نياز، بي پرواهہ سرڪار آهي. اَللّٰهُ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ اَلْحَيُّ الْقَيُّوْمُ . هڪ الله کانسواءِ ڪو ٻہ الله هجڻ جي لائق نہ آهي. هو پاڻ ۾ پرو آهي. خود ڪفيل آهي. هميشہ رهڻ وارو، ٻين کي زندگي بخشڻ وارو ۽ قيام ڏيڻ وارو آهي. تمام اسماءُ الحسنىٰ جو مالڪ آهي. سڀ صفات ان کي ئي سونهن ٿيون. ڪو ٻہ سندس هڪ صفت جي برابر ٻہ نہ آهي.(الحشر: 59/24-23) هو پنهنجي اختيار، اقتدار

جو اڪيلو مالڪ آهي، نهايت بلند بالا صفات وارو آهي ۽ هي ڪافر جو ڪجهہ چون ٿا هو انهن کان گهڻو بلند ۽ پاڪ آهي.

هنن احمقن جي خام خيالي تہ ڏسو جو هو الله سان هنن بي حسب، بي بس، بي جان ديون ديوين کي پنهنجو معبود بڻائي وحده لا شريڪ له رب سان ڪين برابريءَ جو درجو ڏئي رهيا آهن. اهي مجسما تہ پنهنجي جسم تان مک ۽ مڇر کي بہ هٽائي نٿا سگهن، اهي بت ان بااختيار ۽ بااقتدار مالڪ ڪل خداوند جي مد مقابل ڪيئن ٿا ٿي سگهن، جنهن جي حڪمراني زمين ۽ آسمانن تي آهي. جتي رڳو هڪ الله جي تسبيح ۽ تحميد ڪئي وجي ٿي. اهي سڀ شيون گواهي ڏين ٿيون تہ الله توهان جي هنن بي هودا تهمتن ۽ الزامن کان پاڪ ۽ گهڻو برتر بالا آهي. هي پوري ڪائنات ان جي تسبيح ۽ حمد ۾ هر وقت مشغول آهي، پر اوهان ان بصارت ۽ بصيرت کان ڪورا آهيو، جيڪا ان تسبيح ۽ حمد کي ٻڌي سمجهي سگهي. (ص: 18/38، البقره: 74/2)

وَفِيْ كُلِّ شَيْءٍ لَّهٗ آيَةٌ
تَدُلُّ عَلٰى اَنَّهٗ وَاحِدٌ

معنیٰ هر شيءِ الله جي نشاني آهي ۽ دلالت ڪري ٿي تہ الله وحده لا شريڪ آهي.

ہر گیاہے کہ از زمین روید
وحدہ لا شریک لہ گوید

(شيخ سعدي رحمه الله)

جيڪو بہ سلو زمين مان نڪري ٿو، اهو وحده لا شريڪ له چوي ٿو.

تون چؤ الله هڪڙو، وائي بي نہ ٻول
هُو هُلاچو هُل، بالله سندو سڃٽين

(شاهہ لطيف رحمه الله)

ڪائنات جي هر شيءِ جاندار هجي، يا بي جان هجي، اها پنهنجي خالق جي خلاقي ۽ صانع جي صناعيءَ جي شهادت ڏئي رهي آهي، نہ رڳو پنهنجي خالق ۽ پروردگار

ڪي هر نقص ۽ عيب کان پاڪ هجڻ جو بيان ڪري رهي آهي، پر هن جي تمام ڪمالات ۽ صفات جي گواهي ڏئي رهي آهي. صوفين مطابق ته هڪ الله جو ئي وجود آهي. باقي ڪنهن جو ذاتي وجود ناهي، پر اهي الله جي نور ۽ جلوي جو عڪس آهن. بس الله ئي الله آهي، اها به سنت الاهي آهي ته جيڪڏهن ڪو فرد يا گروهه حق جي مقابلي ۾ سرڪشي ڪري ٿو ته ڪجهه وقت جي مهلت واري عرصي بعد هن جي صلاحيت ۽ استعداد سلب ٿي وڃن ٿا ۽ هر روز روشن کي به تاريڪ رات سمجهي ٿو ۽ حقيقت جو ادراڪ ڪري نٿو سگهي ۽ نه ڪنهن جي نصيحت قبول ڪري. غلطي جو اعتراف ڪري ٿو.

قصور وار ہیں سب اعتراف کون کرے
سزا کا فیصلہ اپنے خلاف کون کرے

پر حساب واري ڏينهن جڏهن انسان جا پنهنجا عضوا سندس خلاف گواهي ڏيندا ته هن اهو برو ڪم اسان جي هٿان ڪرايو آهي ته حيران ٿي پڇندو ته هي سڀ ڇا آهي. "قَالُوْٓا اَنْطَقَنَا اللّٰهُ الَّذِيْٓ اَنْطَقَ كُلَّ شَيْءٍ" (حٰم السجده: 20-22/41، يٰس: 65/36) هن وقت هنن منڪران حق کي مهلت مليل آهي. الله برد بار آهي ۽ يڪدم سزا نٿو ڏئي، پر مهلت ڏئي ٿو ۽ جيڪو توبه ۽ استغفار ڪري واپس اچي ٿو ته ان کي بخش ڪرڻ وارو مهربان رب آهي. هن جي حلم ۽ بردباري ته ڏسو جو هو گستاخين جي باوجود به برد بار آهي. بهتان بازي ۾ به خاموش آهي. (بني اسرائيل: 41/17) نه رزق بند ڪري، نه ڪاوڙ ظاهر ڪري ٿو. گناهن جي انبار بعد به ڪو گناهگار الله طرف رجوع ڪري ٿو ته الله ايترو ته غفور رحيم آهي جو ان کي بخش ڪري ڇڏي ٿو.

منهنجي مداين جي ڪل پريان پيئي،
ڪڏهن ڪوسا نه ٽيا ڏوراپو ڏيئي،
سڄڻ سيوئي ڏيکيون ڏول ڏلائيون

(شاهه رحمۃ اللہ علیہ)

ايمان انسان ۾ شرح صدر ۽ نور جي روشني پيدا ڪري ٿو. ڪفر ۽ آخرت جو انڪار انسان جي دلين ۽ اکين تي جهالت ۽ غفلت جا پردا وجهي ڇڏي ٿو، يعني آخرت

تي ايمان نہ آڻڻ وارن جي دل تي قلف لڳي ٿا وڃن، جنهن ڪري هو حق کي پروڙڻ ۽ ان تي عمل ڪرڻ کان محروم تي وڃن ٿا ۽ هنن جا ڪن دعوتِ حق جو آواز ٻڌڻ کان بند تي وڃن ٿا. ان ڪري هو قرآن جي دلڪشا ۽ حق نما هدايت ۽ نصيحت ٻڌڻ ۽ ان تي غور ڪرڻ کان محروم آهن. ان ڪري جڏهن تون هنن آڏو قرآن جون اهي آيتون پيش ڪرين ٿو جيڪي سراپا هدايت، رحمت، شفاعت ۽ نجات آهن تہ تنهنجي ۽ هنن جي درميان پردو اچي ٿو وڃي. هي هڪ غيرمرئي پردو آهي، جيڪو مؤمن ۽ ڪافر جي وچ ۾ حائل ٿي ويندو، جنهن جي لاءِ "وَ مَا يَزِيْدُهُمْ اِلَّا نُفُوْرًا" ۽ اهي قرآن مان فائدو حاصل ڪرڻ بجاءِ خسارو پرائيندا آهن. قرآن مجيد ۾ هن آيت بابت چار آيتون آيل آهن، جنهن ۾ قرآن شريف جو مختصر بيان ٿيل آهي. ڇو تہ هنن جي سمجهہ ۽ سوچ جي صلاحيت سندن سرڪشي، جهالت ۽ ضد سبب سلب ٿي چڪي آهي. ان ڪري هو آخرت جو انڪار ڪري رهيا آهن. حالانڪہ توحيد، ايمان ۽ اعمال جو سارو نتيجو آخرت تي ئي ظاهر ٿيندو آهي، ان ڪري آخرت جو انڪار ڪرڻ گويا هنن سيني شين جو انڪار آهي. ڇو تہ هنن جون دليون پردي ۾ ويڙهجي ويون آهن ۽ ڪن ٻوڑا ٿي چڪا آهن، ان ڪري نہ هو ٻڌي سگهن ٿا ۽ نہ وري غور ڪري سمجهي سگهن ٿا. جڏهن تون قرآن ۾ پنهنجي رب جي وحدت جو ذڪر ڪرين ٿو تہ هو نفرت سان منهن موڙي ڇڏين ٿا.(الزمر: 45/39، المؤمن: 121/40) جنهن جي شهادت ڪفار مڪہ جا اهي خيال آهن جيڪي حٰمٓ سجده ۾ نقل ڪيا ويا آهن. "وَ قَالُوْا قُلُوْبُنَا فِيْٓ اَكِنَّةٍ مِّمَّا تَدْعُوْنَآ اِلَيْهِ وَ فِيْٓ اٰذَانِنَا وَقْرٌ وَّ مِنْۢ بَيْنِنَا وَ بَيْنِكَ حِجَابٌ فَاعْمَلْ اِنَّنَا عٰمِلُوْنَ" ۽ چوندا آهن تہ جنهن ڏانهن تون اسان کي سڏين ٿو، تنهن کان اسان جون دليون پردي ۾ آهن ۽ اسان جي ڪنن ۾ ٻوڑائپ (گراني) آهي. هي ڪا خرابي ناهي پر الله جي قدرت آهي، جو سندن سوچ سمجهہ ۽ فيصلي ڪرڻ واريون صلاحيتون سلب ٿي چڪيون آهن ۽ هو انساني شرف کان هيٺ ڪِري، درنده صفت جانور ٿي ويا آهن جو پنهنجي خالق مالڪ ۽ رازق رب کي سجاڻڻ ۽ مڃڻ کان محروم ٿي ويا آهن.

نَحْنُ اَعْلَمُ بِمَا يَسْتَمِعُوْنَ بِهٖٓ اِذْ يَسْتَمِعُوْنَ اِلَيْكَ وَ اِذْ هُمْ نَجْوٰٓى اِذْ يَقُوْلُ الظّٰلِمُوْنَ اِنْ تَتَّبِعُوْنَ اِلَّا رَجُلًا مَّسْحُوْرًا ﴿۴۷﴾ اُنْظُرْ كَيْفَ ضَرَبُوْا لَكَ

الْاَمْثَالَ فَضَلُّوْا فَلَا يَسْتَطِيْعُوْنَ سَبِيْلًا ﴿۴۸﴾ وَ قَالُوْٓا ءَاِذَا كُنَّا عِظَامًا وَّ رُفَاتًا
ءَاِنَّا لَمَبْعُوْثُوْنَ خَلْقًا جَدِيْدًا ﴿۴۹﴾ قُلْ كُوْنُوْا حِجَارَةً اَوْ حَدِيْدًا ﴿۵۰﴾ اَوْ
خَلْقًا مِّمَّا يَكْبُرُ فِيْ صُدُوْرِكُمْ ۚ فَسَيَقُوْلُوْنَ مَنْ يُّعِيْدُنَا ؕ قُلِ الَّذِيْ فَطَرَكُمْ
اَوَّلَ مَرَّةٍ ۚ فَسَيُنْغِضُوْنَ اِلَيْكَ رُءُوْسَهُمْ وَ يَقُوْلُوْنَ مَتٰى هُوَ ؕ قُلْ عَسٰٓى
اَنْ يَّكُوْنَ قَرِيْبًا ﴿۵۱﴾ يَوْمَ يَدْعُوْكُمْ فَتَسْتَجِيْبُوْنَ بِحَمْدِهٖ وَ تَظُنُّوْنَ اِنْ
لَّبِثْتُمْ اِلَّا قَلِيْلًا ﴿۵۲﴾

اسان خوب ڄاڻون ٿا جڏهن هي ماڻهو تو ڏانهن ڪن لڳائي ٻڌن ٿا (۽ جنهن نيت سان هو ٻڌن ٿا) ۽ جڏهن هو سرگوشيون ڪن ٿا ۽ ظالم ماڻهو چون ٿا ته توهان اهڙي شخص جي پيروي ڪيو ٿا، جنهن تي جادوءَ جو اثر آهي.(47) ڏسو هو توتي ڪهڙا ڪهڙا مثال پيوست ڪن ٿا، هو گمراهه ٿي رهيا آهن ۽ رستو نٿا لهي سگهن(48) ۽ چون ٿا ته جڏهن اسان مري بوسيده هڏيون ٿي وينداسون ته ڇا پوءِ نئين سر پيدا ٿي وينداسون.(49) ڪين چئو ته خواهه پٿر ٿي وجو يا لوهه(50) يا ڪا بي اهڙي شيءِ جيڪا اوهان جي سوچ ۾ پٿرءِ لوهه ڪان به وڌيڪ سخت هجي ته يڪدم چون ٿا ته اسان کي ٻيهر ڪير زندهه ڪندو، چئو ته اهو جنهن اوهان کي پهريون پيرو پيدا ڪيو ته پوءِ تنهنجي آڏو سر لوڏيندي چوندا ته ائين ڪڏهن ٿيندو ڪين چئو ته اميد آهي جلد ٿيندو(51) جنهن ڏينهن هو توهان کي پڪاريندو ته اوهان ان جو حمد ڪندي سندس حڪم مجيندو ۽ توهان خيال ڪندا ته توهان ٿورو وقت رهيا آهيو.(52)

قريش مكه جي هن چال جو ذڪر اڳ ٻه ٽي چڪو آهي، وڏا سردار ۽ اثر رسوخ وارا ماڻهو پنهنجي عوام کي ڏوکو ڏيڻ لاءِ حضور خَاتَمُ النَّبِيِّيْنَ ﷺ جي مجلس ۾ ايندا هئا ۽ اهڙو نمونو ڏيکارينداهئا، جڏ سچي دل سان ٻڌڻ آيا آهن، پر جڏهن هو واپس پنهنجن ماڻهن ۾ ويندا هئا تہ اهو تاثر ڏيندا هئا تہ اسان حضور خَاتَمُ النَّبِيِّيْنَ ﷺ جون ڳالهيون ٻڌيون آهن، پر افسوس انهن ۾ ڪجهہ ٻہ نہ آهي. عوام پنهنجن سردارن جي هن سازش کي حقيقت سمجهي چوندا هئا تہ اسان جا سردار ۽ سمجهدار ٻہ جڏهن هن نئين دين کان مطمئن ناهن تہ پوءِ اسان هرويرو چو ان کي قبول ڪريون. حقيقت اها آهي تہ اهي ماڻهو ان لاءِ مجلس ۾ نہ ايندا هئا تہ کو نفعو حاصل ڪري وڃن، پر سندن مقصد هيو تہ نڪتہ چيني ۽ مخالفت لاءِ ڪجهہ مواد هٿ ڪري، ماڻهن کي گمراهہ رکن ۽ چون ٿا تہ هي هڪ جادوگر آهي. اوهان هن جي هرگز پيروي نہ ڪجو. الله تعالىٰ هنن جي هن سازش ۽ خفيہ سرگوشي کان پوري طرح واقف آهي. (الاعراف: 198/7، يونس: 42/10، محمد: 45/47) هي ڪافر پنهنجي خلاف مختلف مختلف الزام ۽ تهمتون مڙهي رهيا آهن ۽ عجيب و غريب مثال ڏئي ماڻهن کي گمراهہ ڪري رهيا آهن. ڪڏهن چون ٿا تہ تون جادوگر آهين، ڪڏهن چون ٿا تہ توتي جادوءَ جو اثر آهي. ڪڏهن چون ٿا توتي اسان جي معبودن جي مخالفت جو برو اثر آهي. ڪي چون ٿا تہ شاعر آهين تہ ڪي توکي مجنون سڏين ٿا. جنهن لاءِ هو ڪوڙا ناهہ ناهي پيش ڪن ٿا. هو پاڻ توکي سمجهڻ کان بلڪل ناڪاره ۽ گمراهہ آهن، ان ڪري گمراهيءَ وارا سي مثال ڏئي رهيا آهن. دراصل تنهنجي طرفان اهڙو حق ۽ سچ جو رستو ٻڌايو ٿو وڃي، جنهن جو مقصود حصول منزل آهي. پر هي هٺ ۽ حسد ۾ اچي ان جي مخالف ۽ تردید ڪن ٿا ۽ ڪاهن، ساحر ۽ مجنون شاعر جهڙا پوندا الزام لڳائي، فرار جو رستو تلاش ڪن ٿا. هنن جو صداقت ۽ حقيقت سان ڪو ٻہ واسطو نہ آهي. پر هو محض عداوت ۽ خرافات ۾ اچي ڪوڙ تي ڪوڙ، بهتان تي بهتان هڻي رهيا آهن. هو اصل راهہ راست کان ڀٽڪي گمراهہ ٿي ويا آهن.

هي عقل جا انڌا جيڪي الله جي قدرت ۽ حڪمت کان آگاهہ نہ آهن، اهي حيرانگيءَ سان چون ٿا تہ جڏهن اسان مرڻ کان پوءِ بوسيده ۽ چور چور هڏيون هوندا سون تہ اهي وري زندهہ ڪيئن ٿيندیون. (بني اسرائيل: 98/17) هنن جي سوچ ۽ عقل جي دائري

کان اها حقیقت دور آهي ته جنهن الله نیست مان هست کیو، یعني عدم مان وجود ۾ آندو، ڇا اهو انهن بوسیده هڏین کي جیاري نٿو سگهي؟ جیکا شيءِ هنن کي مشکل نظر اچي ٿي، اها خالقِ کائنات آڏو آسان ۽ ممکن آهي، (یٰس: 81/36) هنن کي چئو ته اوهان هڏیون نہ پر پٿر ۽ لوهه جا ٽکرا ٿي وجو ته به الله اوهان ۾ جان وجهندو ۽ اوهان جو حساب کتاب ٿیندو. پٿر ۽ لوهه ته ڇا پر اوهان اهڙیون مخلوق ٻڌجي وجو جنهن جو اوهان جي سینن ۾ تصور آهي ته اهو به الله جي لاءِ اهڙو آسان آهي جهڙو عدم کان وجود ۾ آڻڻ. وري پڇن ٿا ته پلا اهو کیر آهي، جیکو اسان کي مري وڃڻ ۽ بوسیده هڏیون ٿي وڃڻ کان پوءِ زندهه انسان کري وري اٹاریندو. کین ٻڌاءِ ته جنهن اوهان کي اول پیدا کیو آهي، اهو ئي قدرت ڏٹي اوهان کي وري زندهه کندو، جنهن لاءِ ائین کرڻ مشکل نہ آهي. هن حقیقت ٻڌڻ کان پوءِ به هو پنهنجا سر لوڏي چوندا ته اهو الائي کڏهن ٿیندو. بالفرض ته هن جي ڳالهه وقتي طور تسلیم به کیون پر اهو ٿیندو نظر نٿو اچي. کین یقین ڏیار ته هي هوائي ڳالهیون نہ آهن، پر هي وحي الاهي جو بیان آهي، جیکو هر حالت ۾ پورو ٿیندو ۽ اهو وقت قریب کان قریب تر آهي، جیکي شامت جي گهڙي اوهان تي ٽٽڻ واري آهي. هي اهو یقیني ڏینهن آهي، جنهن جي اچڻ ۾ کو به شک ناهي. جنهن ڏینهن هو اوهان کي آواز ڏیندو ته اوهان سندس پکار تي لبیک چوندا، حمد کندا حاضر ٿیندا. (یٰس: 54/36-51) اوهان جون بوسیده هڏیون گوشت پوست پاڻ مرادو زندهه انسان جي صورت ۾ ڊوڙندا ایندا ۽ سمورن انسانن، مسلمان ۽ کافرن جي زبان تي تنهنجي (الله جي) حمد ۽ تعریف جا جملا هوندا. مسلمان ته ان کري جو هن دنیا ۾ به هو الله جي حمد کندا هئا. پر کافر به ان ڏینهن جي نزاکت ۽ دهشت کان جڏهن مالک یوم الدین پنهنجي جلال ۾ هوندو ته کافر به حمد جا گیت ڳائیندا حاضر ٿیندا. دنیا واري جهان جا سارا حجاب هٹي ویندا. سڀ ماڻهو ائین محسوس کندا ته مرڻ واري گهڙي کان حشر ۾ اچڻ واري ڏینهن تائین جو وچیون عرصو ائین محسوس ٿیندو ته جڻ هاڻي ستا هیاسون ۽ جاڳي پیا آهیون ۽ تمام ٿورڙو وقت گذریو آهي. "كَاَنَّهُمْ يَوْمَ يَرَوْنَهَا لَمْ يَلْبَثُوْٓا اِلَّا عَشِيَّةً اَوْ ضُحٰىهَا" (النازعات: 46/79) یعني قبر ۽ برزخ وارو دور ائین محسوس ٿیندو ته جڻ هاڻي اک لڳي هئي ۽ جاڳي پیاسون.

وسيلي جي معنىٰ آهي "قرب حاصل ڪرڻ". حضرت عمر رضی اللہ تعالیٰ عنہ جي دور ۾ سخت ڏڪار ٿيو تہ پاڻ رضی اللہ تعالیٰ عنہ نبي اڪرم خاتم النبیین صلی اللہ تعالیٰ علیہ وسلم جن جي چاچي حضرت عباس رضی اللہ تعالیٰ عنہ کي وسيلو ڪري دعا ڪرائي تہ اسان هن کان اڳ الله تعالىٰ ۽ رسول الله خاتم النبیین صلی اللہ تعالیٰ علیہ وسلم جو وسيلو ونندا هئاسين تہ برسات جي نعمت ملي ويندي هئي. هاڻي رسول الله خاتم النبیین صلی اللہ تعالیٰ علیہ وسلم جي چاچي حضرت عباس رضی اللہ تعالیٰ عنہ جو وسيلو بنايون ٿا، اسان تي برسات جي نوازش ڪر. جنهن سان برسات وسي پوندي هئي.

وَ قُلْ لِّعِبَادِیْ یَقُوْلُوا الَّتِیْ هِیَ اَحْسَنُ ؕ اِنَّ الشَّیْطٰنَ یَنْزَغُ بَیْنَهُمْ ؕ اِنَّ
الشَّیْطٰنَ كَانَ لِلْاِنْسَانِ عَدُوًّا مُّبِیْنًا ﴿۵۳﴾ رَبُّكُمْ اَعْلَمُ بِكُمْ ؕ اِنْ یَّشَاْ
یَرْحَمْكُمْ اَوْ اِنْ یَّشَاْ یُعَذِّبْكُمْ ؕ وَ مَاۤ اَرْسَلْنٰكَ عَلَیْهِمْ وَكِیْلًا ﴿۵۴﴾ وَ رَبُّكَ
اَعْلَمُ بِمَنْ فِی السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ ؕ وَ لَقَدْ فَضَّلْنَا بَعْضَ النَّبِیّٖنَ عَلٰی بَعْضٍ وَّ
اٰتَیْنَا دَاوٗدَ زَبُوْرًا ﴿۵۵﴾ قُلِ ادْعُوا الَّذِیْنَ زَعَمْتُمْ مِّنْ دُوْنِهٖ فَلَا یَمْلِكُوْنَ
كَشْفَ الضُّرِّ عَنْكُمْ وَ لَا تَحْوِیْلًا ﴿۵۶﴾ اُولٰٓئِكَ الَّذِیْنَ یَدْعُوْنَ یَبْتَغُوْنَ اِلٰی
رَبِّهِمُ الْوَسِیْلَةَ اَیُّهُمْ اَقْرَبُ وَ یَرْجُوْنَ رَحْمَتَهٗ وَ یَخَافُوْنَ عَذَابَهٗ ؕ اِنَّ
عَذَابَ رَبِّكَ كَانَ مَحْذُوْرًا ﴿۵۷﴾ وَ اِنْ مِّنْ قَرْیَةٍ اِلَّا نَحْنُ مُهْلِكُوْهَا قَبْلَ یَوْمِ
الْقِیٰمَةِ اَوْ مُعَذِّبُوْهَا عَذَابًا شَدِیْدًا ؕ كَانَ ذٰلِكَ فِی الْكِتٰبِ مَسْطُوْرًا ﴿۵۸﴾ وَ مَا
مَنَعَنَاۤ اَنْ نُّرْسِلَ بِالْاٰیٰتِ اِلَّاۤ اَنْ كَذَّبَ بِهَا الْاَوَّلُوْنَ ؕ وَ اٰتَیْنَا ثَمُوْدَ
النَّاقَةَ مُبْصِرَةً فَظَلَمُوْا بِهَا ؕ وَ مَا نُرْسِلُ بِالْاٰیٰتِ اِلَّا تَخْوِیْفًا ﴿۵۹﴾ وَ اِذْ قُلْنَا
لَكَ اِنَّ رَبَّكَ اَحَاطَ بِالنَّاسِ ؕ وَ مَا جَعَلْنَا الرُّءْیَا الَّتِیْۤ اَرَیْنٰكَ اِلَّا فِتْنَةً

لِّلنَّاسِ وَ الشَّجَرَةَ الْمَلْعُوْنَةَ فِي الْقُرْاٰنِ ؕ وَ نُخَوِّفُهُمْ ۙ فَمَا يَزِيْدُهُمْ اِلَّا طُغْيَانًا كَبِيْرًا ﴿۶۰﴾ ع ۶ ۸ ۲

ۼ منهنجي ٻانهن کي ٻڌائي ڇڏ تہ (ماڻهن سان) اهڙي گفتگو ڪن، جيڪا گهڻو پسنديده هجي. ڇو تہ شيطان (گندي گفتگو ذريعي) هنن ۾ فساد ڪرائي ٿو. هن ۾ ڪو بہ شڪ ناهي تہ شيطان انسان جو کلم کلا دشمن آهي.(53) توهان جو پروردگار توهان کان خوب واقف آهي. هو گهري تہ اوهان تي رحم ڪري يا گهري تہ توهان کي عذاب ڏئي ۽ اي حبيب ﷺ اسان اوهان کي هنن تي نگهبان (داروغو) ڪري نہ موڪليو آهي.(54) ۽ جو ڪجهہ بہ آسمانن ۽ زمين ۾ آهي تنهنجو پروردگار انهن کان خوب واقف آهي ۽ اسان بعض پيغمبرن کي بعض پيغمبرن تي فضيلت بخشي آهي ۽ دائود (عليه السلام) کي زبور عنايت ڪئي.(55) هنن کي چئو تہ اي مشرکو! جن (ماڻهن ديوين ۽ ديوتائن) بابت توهان کي معبود هجڻ جو گمان آهي تہ انهن کي پڪاري ڏسو تہ اهي توهان جون تڪليفون دور ڪرڻ يا انهن جي تبديل ڪرڻ جو ڪو بہ اختيار نٿا رکن. (56) هي ماڻهو جن کي (الله کي ڇڏي) پڪارين ٿا اهي خود پنهنجي پروردگار جي تقريب جو وسيلو تلاش ڪندا رهن ٿا تہ ڪير انهن مان خدا جو وڌيڪ مقرب آهي ۽ ان جي رحمت جا اميدوار رهن ٿا ۽ ان جي عذاب جو ڊپ رکن ٿا. بيشڪ تنهنجي رب جو عذاب ڊڄڻ واري شيءِ آهي.(57) ۽ ڪفر ڪرڻ وارن جي ڪا بہ اهڙي بستي ناهي، جنهن کي اسان قيامت کان اڳ ئي هلاڪ نہ ڪيون يا سخت عذاب ۾ پيڙي نہ ڇڏيون. هي ڪتاب (يعني مقدر) ۾ لکت وانگر آهي.(58) ۽ اسان نشانيون موڪلڻ بند ڪيون ڇو تہ اڳين قومن

(ماڻهن) ان کي ڪوڙو ڪونيو هو. اسان قوم ثمود کي (صالح عليه السلام جي نبوت جي) چٽي شاني ڏني تہ هنن ان تي ظلم ڪيو ۽ اسان نشانيون (نتيجن جي) ڏيڃارڻ لاءِ موڪليندا آهيون.(59) جڏهن اسان توکي چيو تہ تنهنجو رب ماڻهن کي احاطي (گهيري) ۾ رکيو آهي ۽ جيڪو مشاهدو اسان توکي ڪرايو، اهو ماڻهن لاءِ آزمائش هو. اهڙي طرح (ٿوهر جي) درخت کي جنهن تي قرآن ۾ لعنت ڪئي وئي آهي(آزمائش ڪيو آهي) اسان هنن کي برن ڪمن جي برن نتيجن جو خوف ڏياريون ٿا پر هنن ۾ اجان وڏيڪ سخت سرڪشي پيدا ٿئي ٿي.(60)

يار رهي تہ مڪي دور جي سورتن ۾ اهل ايمان کي براهہ راست خطاب نہ ڪيو ويو آهي، تحويل ڪعبہ بعد جڏهن کين امت مسلمہ جي منصب تي فائز ڪيو ويو تہ ان کان پوءِ کين "يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا" چئي خطاب ڪيو ويو. هن کان مؤمنن کي رسول الله خادم النبيين صلى الله تعالى عليه وسلم جي وساطت سان مخاطب ڪيو ويندو هو. (بيان القرآن: ڊاڪٽر اسرار احمد) ان ڪري هت بہ حضور خادم النبيين صلى الله تعالى عليه وسلم کي چيو ٿو وڃي تہ تون منهنجي ٻانهن کي منهنجي طرفان ٻڌاءِ تہ هو هر حال ۾ خوش اخلاقيءَ جو مظاهرو ڪن. اهڙي عمده گفتگو ڪن، جيڪا سڻي هجي، جنهن ۾ ترشي تلخي نہ هجي ۽ نہ وري گارگند چٽر يا ٽوڪ واري ذليل ڪندڙ گفتگو هجي. سڀني جي سامهون بهترين اخلاق جو نمونو پيش ڪن. اشتعال يا غصي ۾ اچي اعليٰ اخلاق جو دامن پنهنجي هٿان ڇڏي نہ ڏين. يار رکو، بدزباني يا عدم احترام واري گفتگو شيطان جو شيوه آهي. شيطان تہ مؤمنن جي دل ۾ نفرت جا ٻج پوکي ٿو ۽ جهگڑا لڙايون ڪرائي ٿو. "اِنَّ الشَّيْطٰنَ يَنْزَغُ بَيْنَهُمْ ؕ اِنَّ الشَّيْطٰنَ كَانَ لِلْاِنْسَانِ عَدُوًّا مُّبِيْنًا○" جنهن جو نتيجو تفريق ۽ تباهي آهي، جنهن ۾ هو ڪامياب تي وڃي ٿو. ان ڪري سڻي گفتگو ڪري ماڻهن جون دليون جيتڻ گهرجن. "اِدْفَعْ بِالَّتِيْ هِيَ اَحْسَنُ فَاِذَا الَّذِيْ بَيْنَكَ وَ بَيْنَهٗ عَدَاوَةٌ كَاَنَّهٗ وَلِيٌّ حَمِيْمٌ " (حٰم السجده: 34/41) برائيءَ جو پلائيءَ سان دفاع ڪريو تہ جيئن جاني دشمن بہ دلي دوست بنجي وڃي. نيڪي ۽ برائي برابر نہ آهن، ٻنهي جو

نتيجو الڳ الڳ آهي. "اُدْعُ اِلٰى سَبِيْلِ رَبِّكَ بِالْحِكْمَةِ وَ الْمَوْعِظَةِ الْحَسَنَةِ وَ جَادِلْهُمْ بِالَّتِيْ هِيَ اَحْسَنُ" (النحل: 125/16) پنهنجي الله جي طرف ماڻهن کي حڪمت ۽ بهترين نصيحت سان دعوت ڏي. هنن سان بهترين طريقي سان گفتگو ڪر. حضرت موسىٰ عليه السلام ۽ حضرت هارون عليه السلام کي جڏهن الله تعالىٰ فرعون ڏانهن وڃڻ جو چيو تہ ڪيس فرمايو: "فَقُوْلَا لَهٗ قَوْلًا لَّيِّنًا لَّعَلَّهٗ يَتَذَكَّرُ اَوْ يَخْشٰى" (طٰهٰ: 44/20) توهان ٻئي فرعون وٽ وڃو، هن وڏي سرڪشي ڪئي آهي، پر اوهان هن سان عزت سان پيش اچو تہ جيئن سمجهي وڃي يا ڊڄي وڃي.

جو دل تم جیت سکتے ہو زباں کے چند جملوں سے
وہ دل جیتے نہیں جاتے دنیا بھر کے خزینوں سے

(مشتاق سچاروي)

توهان جو رب توهان جي احوال کان خوب واقف آهي. هن جي قانون مشيت موجب جيڪڏهن اوهان کي ايمان جي توفيق ملي وڃي تہ پوءِ اوهان هنن جي رحم و ڪرم جا مستحق ٿي ويا، يا جيڪڏهن سندس قانونِ مشيت موجب اوهان جو خاتمو ڪفر ۾ ٿئي، تہ پوءِ توهان کي عذاب ڏئي. مٿي چيو ويو تہ گفتگو ۾ احسن طريقو ڪريو. هت "رَبُّكُمْ اَعْلَمُ بِكُمْ" چئي ٻڌايو ويو تہ ڪافرن کي آگاهہ ڪيو تہ توهان جو رب توهان جي احوال کان خوب واقف آهي. الله کي پورو علم آهي تہ ڪنهن جو خاتمو ڪهڙي طرح ٿيندو. اهي ڪافر ايمان بہ آڻي سگهن ٿا. ان ڪري انهن سان تلخ ڪلامي ۽ دل آزاريءَ واري گفتگو نہ ڪريو ۽ نہ وري کين دوزخيءَ جو طعنو ڏيو، پر احسن طريقي سان گفتگو ڪري کين راهہ راست تي وٺي اچو. ظلم جو جواب انصاف سان، غضب جو پيار سان ۽ سخت ڪلاميءَ جو نرم لهجي سان جواب ڏيو. اوهان جو ڪم رهنمائي ڪرڻ آهي، باقي هنن جي هدايت تہ الله جي قانون مشيت تي آهي. زمين ۽ آسمانن ۾ جو ڪجهہ يا جو ڪوئي بہ آهي، الله ان کان خوب آگاهہ آهي. هو هر هڪ جي استعداد ۽ اهليت جي ڄاڻ رکي ٿو، ڪا بہ شيءِ هن جي علم کان ڳجهي نہ آهي. اهو ئي ڄاڻي ٿو تہ ڪير نبوت ولايت ۽ هدايت جي قابل آهي. ڪير سعادت جي راهہ تي گامزن آهي تہ ڪير انڌيرن ۾ ڀٽڪي رهيو آهي. هو انهيءَ گمراهي ۾ مبتلا هئا تہ هڪ يتيم بي سرو سامان ڪهڙي

طرح نبي ٿي سگهي ٿو. قريش جا هيترا سردار ۽ شرفاءَ موجود آهن، جن جو اثر رسوخ ۽ دٻدبو بہ مشهور آهي، انهن کي ڇڏي هڪ اُمّي يتيم کي نبي بنائڻ ممڪن نہ آهي. يلا الله بہ بلال ۽ صهيب جهڙن محتاج ۽ مسڪين ماڻهن کي پنهنجي ولايت لاءِ منتخب ڪيو آهي. ڇا الله کي مڪه ۾ ڪو بيو معتبر ماڻهو نظر نہ آيو. هن آيت ۾ انهن عقل جي انڌن جي بي هوده خيالن جي تردید ڪئي وئي آهي تہ الله کان وڌيڪ ڪير بہ نہ آهي، جيڪو ڪنهن جي اهليت ۽ صلاحيت کان واقف هجي. ظاهري عزت، رعب، دٻدبو، رنگ و بو، نسل نسب، مال دولت، قابليت جو معيار نہ آهن. فطري جوهر ڪنهن کي عنايت ٿيو آهي ۽ ڪنهن کي خلق خدا جي رهبري ۽ رهنمائي لاءِ منتخب ڪرٿو آهي، ان کان صرف الله ئي واقف آهي. ڪير نبوت جي لائق آهي. خود انبياءَ سڳورن مان بعض کي بعض تي فضليت آهي.(البقره: 253/2، الانعام: 165/6-132، الرعد: 4/13، بني اسرائيل: 55/17) الله تعالیٰ انبياءِ ڪرام کي نبوت جو مقام عطا ڪري، باقي انهن کي نبوت جي لحاظ کان ذميداريون وقت ۽ حالات جي مطابق ڪيون آهن. ڪن انبيائن کي تمام وڏي آزمائش مان گذاريو ويو آهي، جنهن ۾ حضرت نوح، حضرت ابراهيم، حضرت موسیٰ، حضرت عيسیٰ عليهم السلام ۽ حضرت محمد مصطفیٰ ﷺ شامل آهن، باقي انبياءِ سڳورا پنهنجي پنهنجي قومن ۽ علاقن ڏانهن آيا هئا، پر نبي ڪريم ﷺ پوري نوع انسان لاءِ رسول ۽ نبي ٿي آيو آهي، جنهن جو سلسلو تاقيامت هلندو. بين انبيائن کي قوم ڏانهن موڪليو ويو آهي، پر نبي ڪريم ﷺ کي اُمّت لاءِ لاءِ موڪليو ويو آهي، يعني جنهن دور ۾ جيڪو ماڻهو انهن حڪمن جي پيروي ڪندو ۽ اسوهءِ حسنه جو طريقو حاصل ڪندو، اهو اُمّت محمديه ۾ شامل ٿي ويندو، پوءِ يلي هن جو تعلق ڪهڙي بہ قوم سان هجي، رنگ يا زبان سان هجي، علائقي يا ملڪ سان هجي، جتي جتي حضور ﷺ جو پيغام پهچندو، اهو اُمّت محمديه ٿي ويندو. پاڻ ڪريمن ﷺ کي الله تعالیٰ سيد الانبياءَ و المرسلين ۽ خاتم النبيين ڪري موڪليو آهي.

وہ نبیوں میں رحمت لقب پانے والا
مرادیں غریبوں کی بر لانے والا

(مسدس حالي)

فَاقَ النَّبِـيِّيْنَ فِيْ خَلْقٍ وَّ فِيْ خُلُقٍ
وَّ لَمْ يُدَانُوْهُ فِيْ عِلْمٍ وَّ لَا كَرَمٍ

آنحضرت ﷺ تمام انبياء عليهم السلام کان پنهنجي صورت توڙي سيرت اخلاق ۽ عادات ۾ فائق ۽ مٿيرا هئا ۽ علم و شرافت ۾ کيس کو به قريب پهچي نٿو سگهي.

مَوْلَایَ صَلِّ وَسَلِّمْ دَآئِمًا اَبَدًا
عَلٰی حَبِيْبِكَ خَيْرِ الْخَلْقِ كُلِّهِمِ

(قصيده برده شريف)

ياد رهي حضور اڪرم ﷺ جن جي فضيلت ۽ فوقيت بيان ڪندي ڪنهن به نبي جي تحقير نه ٿئي. هر نبي خدا جو انتخاب آهي، ان ڪري حضور ﷺ جن فرمايو: "لَا تُفَضِّلُوْا بَيْنَ اَنْبِيَآءِ اللّٰهِ" (صحيح بخاري) الله جي نبين درميان درجه بندي نه ڪريو. "وَلَا يَنْبَغِيْ لِعَبْدٍ اَنْ يَّقُوْلَ اَنَا خَيْرٌ مِنْ يُوْنُسَ بْنِ مَتّٰى" (صحيح بخاري) ڪنهن به شخص لاءِ روا ناهي جو چوي ته مان (محمد ﷺ) يونس بن متّيٰ کان افضل آهيان.

اسان دائود عليه السلام کي زبور ڏنو هو. هنن مشرڪن کي چئو ته اوهان الله کانسواءِ جن جي پوڄا ڪيو ٿا، اهي ته خود مجبور ۽ بي بس آهن، نه اهي توهان جي تڪليف ۽ مصيبت کي دور ڪرڻ جو اختيار رکن ٿا ۽ نه وري توهان جي حالت بدلي سگهن ٿا.

ماڻهن ۾ شرڪ ڪرڻ وارا بن قسمن جا ماڻهو هوندا آهن: هڪ اهي، جيڪي هٿ جي جوڙيل ديوين، ديوتائن، بتن ۽ مورتين کي خدا جو شريڪ سمجهي، انهن جي عبادت ڪندا آهن، نذر و نياز ڏيندا آهن ۽ حاجت روائي ۽ مشڪل ڪشائيءَ جو ذريعو سمجهندا آهن. ٻيا اهي آهن، جيڪي الله جي فرشتن، اولياء الله ۽ پيرن فقيرن کي پنهنجو حاجت روا سمجهندا آهن، اهڙيءَ طرح وقت جي حاڪم ۽ بستيءَ جي اثررسوخ واري ماڻهو جي تعبيداريءَ ۾ ڪين الله سان شريڪ ڪرڻ به شرڪ آهي ۽ شرڪ کي "اِنَّ الشِّرْكَ لَظُلْمٌ عَظِيْمٌ" (لقمان: 13/31) چيو ويو آهي. آيت نمبر 57 ۾ "يَبْتَغُوْنَ اِلٰى رَبِّهِمُ الْوَسِيْلَةَ" جي ساڳئي مضمون واري سوره مائده: 35/5 جو ذڪر آيو آهي.

اهي توهان جا ديو ديويون جيڪي جعلي معبود بٹايا ويا آهن، اهي نه توهان جو

افلاس دور ڪري سگھن ٿا ۽ نہ ڪنھن قحط سالي، آفت، زلزلي کي روڪي سگھن ٿا ۽ نہ وري اوھان جي اندوھناڪ حالتن ۾ تبديلي آڻي خوشحالي پيدا ڪري سگھن. ڪافر ۽ مشرڪ جن کي پڪاريندا رھن ٿا، انھن لاءِ نذر و نياز پيش ڪن ٿا، جن جي آڏو جھڪي سجده ريز ٿين ٿا ۽ سمجھن ٿا تہ ھو ھنن جون مشڪلاتون ۽ مصيبتون دور ڪندا. پر ھنن جون بريون حالتون خوشحالي ۾ بدلي ڇڏيندا سين. اھي خود الله جو قرب حاصل ڪرڻ گھرن ٿا. وسليه وصيله وصل ۽ قربت حاصل ڪرڻ آھي.(المائده: 35/5) ۾ به لفظ وسيله آيو آھي. پٽرن جا گھڙيل بت بوتا تہ بي جان آھن، پر خود انبياء، اولياء، فرشتا سي الله جي قربت جا ذريعا ۽ وسيلا استعمال ڪن ٿا. الله ئي آھي، جيڪو مشڪل ڪشا، حاجت روا، مجيب الدعوات، رزق روزيءَ جو مالڪ آھي. ھن جا انبياء ۽ اولياء الله ۽ الله جي رضا ۽ قربت حاصل ڪرڻ لاءِ الله جي احڪامن جي اطاعت ۽ پيروي ڪرڻ جو ڏس ڏين ٿا. اھڙيءَ طرح اھي انسان کي الله طرف رجوع ڪرڻ جو ذريعو ۽ وسيلو ضرور آھن، پر "اَلْاَمْرُ لِلّٰهِ" فيصلو ۽ حڪم الله جاري ڪري ٿو. اھي سي الله جي رحمت ۾ اميد رکن ٿا ۽ ان کي ناراض ڪري، ان جي عذاب کان ڊڄن ۽ ڪنبن ٿا، تہ پوءِ اوھان جن کي معبود سمجھو ٿا، اھي خود الله جي رحمت جا طلبگار آھن ۽ ان جي گرفت کان بچڻ جا ذريعا ڳولي رھيا آھن. ڇو تہ الله جو عذاب اھڙي خوفناڪ حقيقت آھي، جنھن کان ڊڄڻ ئي گھرجي ڇ جائيڪ ان جو شريڪ ناھي، ان جي غضب ۽ قھر کي دعوت ڏجي. ھنن حق جي انڪاري سرڪش قومن جي ڪا اھڙي بستي نہ آھي، جنھن کي سندن حدود پار ڪرڻ وڃڻ ۽ خلقِ خدا لاءِ آزار جي علامت بڻجڻ وقت، قيامت کان اڳ ئي تباھ ڪري ڇڏيون يا قيامت ۾ ذلت جي عذاب جو نشانو بنايو.

ھت "بستي" مان اھي حڪومتي مرڪز ۽ مراد آھن، جتي ظالم حڪومتون خدا جي خلق کي پنھنجي طاقت جي زور تي ڏاڍ، ڏھڪاءُ، ظلم، زيادتي، بي انصافيءَ جو شڪار بڻائيندا آھن. جيئن ھن اڳ عاد، ثمود، فرعون وغيره جون بستيون اجاڑيون ويون. اھي ۽ اڄ جي واشنگٽن، دھلي، ماسڪو، وغيره وانگر ھئا. ھن وقت ۽ ايٽمي بم، ميزائل ۽ موتمار ھٿيار انسانن ۽ بستين جي تباھيءَ لاءِ ناھيا ويا آھن. ۽ انھن کي وڌيڪ خطرناڪ بنائڻ جون ڪوششون جاري آھن. اھو عذر تہ ذاتي دفاع لاءِ آھن، پر استعمال تہ

مخالف ملڪ تي ٿيندا. وهي الاهي تہ امن جو پيغام آهي، جيڪو "لِّيُنْذِرَ بَأْسًا شَدِيْدًا مِّنْ لَّدُنْهُ" (الكهف: 2/18) تہ جيئن هو (ڪافرن کي) الله جي سخت پڪڑ کان ڊيڄاري. قرآن سڌي راهہ جو ڏس ڏيندڙ آهي ۽ ان تباهي ۽ هلاڪت کان آگاهہ ڪري ٿو، جيڪو انحرافي جي صورت ۾ پيدا ٿيندي، جنهن کي احاديث ۾ "اَلْمُلْحَمَةُ الْعُظْمٰى (عظيم جنگ) جو نالو ڏنو ويو آهي. (معاذ الله) اهو الله جي ڪتاب ۾ لکيل آهي، يعني الله جو پورو پورو يقيني علم آهي، جيڪو وقت تي ٿي گذرندو. بقاءِ دائمي نہ رڳو الله ذوالجلال والاڪرام کي آئي آهي. "كُلُّ مَنْ عَلَيْهَا فَانٍ ○ وَّيَبْقٰى وَجْهُ رَبِّكَ ذُو الْجَلٰلِ وَالْاِكْرَامِ ○" (الرحمٰن: 27/55-26) الله جي حَيُّ قَيُّوْمُ ذات کي ئي بقا ۽ دوام آهي، باقي سڀ فنا آهن. فنا جو قانون جهڙيءَ طرح افراد لاءِ آهي، اهڙي طرح قومن ۽ بستين تي بہ لاڳو آهي. دولت، اقتدار ۽ طاقت جي نشي ۾ جيڪي قومون سرڪش ۽ قانون شڪن ٿي ويندیون آهن، سي پنهنجو پاڻ ئي تباهہ ٿي ويندیون آهن، يا انهن تي بي قوم مسلط ٿي ويندي آهي. تاريخ جا ورق هن سان ڀريا پيا آهن. اتمام حجت بعد اهو سڀ ڪجهہ رونما ٿئي ٿو. اها خدا جي غير متزلزل سنت آهي. هينئر بہ الله جو رسول ﷺ اوهان کي ان هولناڪ عذاب کان آگاهہ ڪري رهيو آهي. جيڪو اوهان جي بداعمالي جو بدلو هوندو. اوهان ان تنبيه تي عمل ڪرڻ بدران بار بار عذاب جي گهر ڪري رهيا آهيو، تہ اسان کي ان جي نشاني ڏيکار. ياد رهي تہ توهان کان اڳ وارين قومن کي نشانيون ڏيکاريون ويون، پر هنن انهن نشانين تي ڌيان نہ ڏريو ۽ ڪوڙو قرار ڏنو. ثمود جي قوم لاءِ ڏاڇيءَ کي الله جي نشاني طور موڪليو ويو، پر هنن ان کي بہ قتل ڪري ڇڏيو. جڏهن اڳين قومن الله جي نشانين جي خلاف ورزي ڪئي ۽ هاڻي اوهان ان جي گهر ڪري رهيا آهيو، اوهان بہ ساڳيءَ طرح نافرماني ڪندا. ان ڪري الله جي هنن نشانين کي اوهان ڏانهن موڪلڻ جو ڪو بہ فائدو ناهي. اسان آيتون انهيءَ عذاب کان ڊيڄارڻ يا خبردار ڪرڻ لاءِ ئي موڪليندا آهيون ۽ هي قرآن هڪ وڏي آيت ۽ نشاني آهي. هنن کي مهلت جو وقت مليل آهي، جڏهن اهو عرصو پورو ٿيو تہ سنت الاهي عمل پيرا ٿي ويندي. جيڪڏهن هي الله جي آيتن تي غور و فڪر ڪن ها تہ هنن کي پوري طرح معلوم ٿي وڃي ها تہ سندن بداعماليءَ جو نتيجو ڇا نڪرندو. هو ائين نہ سمجهن تہ هنن کي ڪو بہ خطرو ناهي، پر اسان جو قانونِ مڪافات ڪين گهيري

ورتو آهي. (البروج: 20/82) ۾ هو خود بخود تباهيءَ طرف قدم وڌائي رهيا آهن. جيڪڏهن هو ديوار تي لکيل حقيقت پڙهي سگهن ها تہ کين خبر پئجي وڃي ها تہ ڇا درست آهي. هو هوا جو رخ بہ نہ ڏسي رهيا آهن ۾ حالات ۾ تبديلي جا آثار بہ نہ ٿا ڄاڻن. هو آيات الاهي تي غور ڪرڻ بدران بحث مباحثي ۾ جهگڙي ۾ مشغول ٿي وڃن ٿا، هنن کي عبرت پکڑڻ ۾ نصيحت حاصل ڪرڻ لاءِ جيڪو مشاهدو اسان توکي ڪرايو هيو، اهو هنن لاءِ آزمائش ٿي ويو ۾ ان کي مجڻ بدران کوڙو ثابت ڪرڻ لڳا. (الفتح: 27/48) هي مشاهدو اهو آهي، جيڪو اکين جي ڏسڻ کان وڌيڪ عميق ۾ دور رس آهي، اهو مشاهدو معراج واري رات وقوع پذير ٿيو. هڪ صادق امين الله جي نبي ۾ رسول جي هن سچي دعويٰ کي نڪرائڻ ئي هنن جي ايمان کان دوريءَ جي علامت بڻجي ويو، جنهن کي هو سر بازار بار بار بيان ڪري معراج جا منڪر ٿي رهيا هئا. اهڙي طرح ٿوهر جو وڻ (الصّٰفّٰت: 64/37، الدخان: 45/44- 43) جنهن کي قرآن ۾ خدا جي لعنت سڏيو ويو آهي، جيڪو جهنم جي باهه ۾ وڌي ويجهي رهيو آهي ۾ کافرن جي غذا ٿيندو، ان کي بہ غلط سمجهن ٿا ۾ چون ٿا باهه ۾ کيئن هڪ درخت موجود رهندو. حالانڪہ الله باهه، پاڻي، هوا ۾ جو ڪجهہ پيدا ڪري ٿو، ان جو انڪار الله جي قدرت جو انڪار آهي. بظاهر اسان کي ڏسڻ يا سمجهڻ ۾ نہ اچي، پر الله جو علم نهايت وسيع ۾ قدرت باڪمال آهي. اسان هنن کي هنن ڳالهين ذريعي سڌرڻ لاءِ تنبيه ڪيون ٿا، پر اها تنبيه يا آگاهي هنن جي سرڪشيءَ ۾ اضافو آڻي رهي آهي. قرآن هنن واضح آيتن جي ذريعي کين خراب، غفلت کان جاڳائڻ ۾ ان جي خطرناڪ نتيجن کان آگاهہ ڪرڻ جو ڏس ڏئي رهيو آهي. پر هنن بدبخت ماڻهن جي شقاوت ۾ بدبختي کين الله تي ايمان آڻڻ بدران وڌيڪ گمراهي ۾ سرڪشي ڏانهن ڌڪيلي رهي آهي. "وَ لَا يَزِيْدُ الظّٰلِمِيْنَ اِلَّا خَسَارًا " (بني اسرائيل: 82/17) ظالمن جي نقصان ۾ خساري ۾ اضافو ايندو آهي. قرآن مجيد ۾ اهو جملو بار بار دهرايو ويو آهي. سورة البروج: 20/85 ۾ آهي: "وَ اللّٰهُ مِنْ وَّرَآئِهِمْ مُّحِيْطٌ " يعني الله تعالىٰ انهن جو هر طرف کان احاطو ڪيو آهي.

وَ اِذْ قُلْنَا لِلْمَلٰٓئِكَةِ اسْجُدُوْا لِاٰدَمَ فَسَجَدُوْٓا اِلَّآ اِبْلِيْسَ ؕ قَالَ ءَاَسْجُدُ لِمَنْ
خَلَقْتَ طِيْنًا ﴿۶۱﴾ قَالَ اَرَءَيْتَكَ هٰذَا الَّذِيْ كَرَّمْتَ عَلَيَّ ۫ لَئِنْ اَخَّرْتَنِ اِلٰى
يَوْمِ الْقِيٰمَةِ لَاَحْتَنِكَنَّ ذُرِّيَّتَهٗٓ اِلَّا قَلِيْلًا ﴿۶۲﴾ قَالَ اذْهَبْ فَمَنْ تَبِعَكَ
مِنْهُمْ فَاِنَّ جَهَنَّمَ جَزَآؤُكُمْ جَزَآءً مَّوْفُوْرًا ﴿۶۳﴾ وَ اسْتَفْزِزْ مَنِ اسْتَطَعْتَ
مِنْهُمْ بِصَوْتِكَ وَ اَجْلِبْ عَلَيْهِمْ بِخَيْلِكَ وَ رَجِلِكَ وَ شَارِكْهُمْ فِي الْاَمْوَالِ وَ
الْاَوْلَادِ وَعِدْهُمْ ؕ وَ مَا يَعِدُهُمُ الشَّيْطٰنُ اِلَّا غُرُوْرًا ﴿۶۴﴾ اِنَّ عِبَادِيْ لَيْسَ
لَكَ عَلَيْهِمْ سُلْطٰنٌ ؕ وَ كَفٰى بِرَبِّكَ وَكِيْلًا ﴿۶۵﴾

ءِ جڏهن اسان فرشتن کي چيو تہ آدم کي سجدو ڪيو تہ سيني سجدو ڪيو، مگر ابليس نہ ڪيو. چيائين تہ ڇا اهڙي شخص کي سجدو ڪريان، جنهن کي تو مٽيءَ مان پيدا ڪيو آهي. (61) (طنز ڪندي) چوڻ لڳو تہ هن کي تو مون تي فضيلت ڏني آهي. جيڪڏهن مون کي قيامت تائين مهلت ملي تہ مان چند ماڻهن کان سواءِ باقي سمورن جي پاڙ پٽيندو رهندس. (62) الله ڪيس فرمايو تون هتان نڪري وڃ، جيڪو شخص بہ تنهنجي پيروي ڪندو تہ انهن سمورن جي جزا جهنم آهي، جيڪا سندن ڪارنامن مطابق آهي. (63) انهن مان جنهن کي گمراهہ ڪري سگهين، انهن کي پنهنجي آواز سان گمراهہ ڪندو رهہ. هنن تي پنهنجي فوج جي سوار ءِ پيادن (سپاهين) کي حملي لاءِ وڻي اڇ. هنن جي مال ءِ اولاد ۾ شريڪ ٿي وڃ ءِ هنن سان (ڪوڙا) وعدا ڪندو رهہ. حالانڪہ شيطان جا سارا وعدا ڏوڪو آهن. (64) منهنجي مخلص بانهن تي تنهنجو زور نہ هلندو. (اي پيغمبر ﷺ!) تنهنجو پروردگار ڪارساز ڪافي آهي. (65)

هنن بيوقوفن بہ شيطان جي راهہ اختيار ڪري ورتي آهي. اهو شيطان جيڪو انسان جو ازلي دشمن آهي، جنهن جو ذڪر هتي چوٿون دفعو وري ڌرايو ٿو وڃي تہ ڪين ياد ڏياريو تہ جڏهن اسان فرشتن کي چيو هيو تہ آدم کي سجدو ڪريو تہ اهي سڀ جا سڀ سجده ريز ٿي ويا، مگر ابليس سجدي ڪرڻ کان ا نڪار ڪيو ۽ طنز ۽ حقارت وارن لفظن ۾ چيو تہ ڇا مان ان کي سجدو ڪيان، جنهن کي مٽيءَ مان پيدا ڪيو آهي. (البقره: 40/2-39، الاعراف: 14/7، الحجر: 40/15-28) هن کي مون تي ترجيح ڏيڻ سمجهہ کان ٻاهر آهي. مزيد چيو تہ ڇا هن کي تو مون تي وڌيڪ عزت ڏني آهي، مان ٻاهہ جي پئدائش آهيان. آدم مٽيءَ جي تخليق آهي. هن کي مون تي ڪابہ برتري ۽ فضيلت ناهي. مان پاڻ کان حقير مخلوق کي سجدو ڇو ڪريان، جيڪڏهن مون کي منهنجي هن اصول تي لعنتي قرار ڏنو ويو آهي ۽ آدم کي معزز بڻايو ويو آهي تہ پوءِ مون کي قيامت تائين رهڻ جي مهلت ڏني وڃي،پوءِ پتو پئجي ويندو تہ جنهن کي معتبر ڪيو ويو آهي، ان جو ڇا حال آهي. ٿورڙن ماڻهن کان سواءِ هڪ وڏي اڪثريت ۾ سندس اولاد جي بيخ ڪني ڪري ڇڏيندس. خدا تعالىٰ ڪيس فرمايو تہ ڇڪو، تون وچ جيڪو ڪرڻ گهرين ٿو ڪر، توتي ڪا بندش نہ آهي. جيڪي ماڻهو بہ وحي الٰهيءَ جي هدايت کي ڇڏي، تنهنجي گمراهيءَ واري واٽ اختيار ڪندا، اهي سڀ دوزخ جي باهہ جو ٻارڻ هوندا، چوتہ جهنم ئي توهان سيني جي لاءِ پورو پورو بدلو هوندو. پلي هنن انسانن مان جنهن تي بہ تنهنجو وس هلي تہ تون پنهنجي دعوت گناهہ سان هن جا پير ترڪائي ڇڏ. هت هڪ تشبيه آهي، جيئن هڪ سرغنو پنهنجي ماتحت غندن کي حملي جي پلاننگ ڪندو آهي تہ اڳيان حملو ڪيو، پويان حملو ڪيو، هڪڙا پياده حملو ڪن تہ وري ٻيا گهوڙي سوار ٿي حملو ڪن.

ياد رهي تہ جيڪو بہ الله جي نافرمانيءَ جي دعوت ڏئي، اهو ابليس جي جماعت مان آهي. ايترو شور ڪر، جو هو گهٻرائجي وڃن. هنن تي پنهنجي لشڪرن سان حملہ آور ٿيءُ. تاريخ گواهہ آهي تہ شيطان جا چيلا ڪيترا پيرا داعيانِ حق ۽ سچن مؤمنن جي خلاف پنهنجن فوجن سان حملہ آور ٿيندا رهيا آهن، هنن جي مال ۽ اولاد ۾ شريڪ ٿي وڃ. مال جي شرڪت ۾ ڪين حرام ۽ ناجائز مال ميرڻ تي آماده ڪر ۽ اهو مال فضول خرچي، عيش عشرت ۽ گناهہ جي ڪمن تي خرچ ڪرڻ آهي. ديوين ۽ ديوتائن کي راضي رکڻ لاءِ سندن نالي نذرونياز ڪرڻ آهي ۽ اولاد جي شرڪت ۾ سندن اولاد کي

ناخلف ڪرڻ، ماءُ پيءُ لاءِ آزار بڻايل ڪرڻ آهي، ناجائز اولاد يا بگڙيل اولاد جيڪا والدين لاءِ درد سر هجي، ڪين ڪوڙا دلاسا ۽ وعدا ڏيندو رهڻ، غلط اميدون ۽ ناجائز ڪوششون ڏسيندو رهڻ. شيطان جو هر وعدو، هر مشورو سڀ گمراهي ڏوڪو آهن. پر ياد رهي منهنجن ٻانهن تي تنهنجو وس ۽ حڪم هلي ڪو نه سگهندو، پلي تون ڪيترو به زور لڳائين. ڪوڙيون اميدون ڏئين، ڪوڙا دلاسا ڏئين، تنهنجون اهي سڀ تدبيرون ۽ سازشون انهن تي ڪوبه اثر نه ڪنديون، جيڪي ماڻهو پنهنجي ايمان ۽ يقين تي پختا هوندا ۽ پنهنجو پاڻ ڪي پوري طرح رب جي حوالي ڪري چڪا هوندا. الله انهن جو ڪارساز آهي. هو سخت کان سخت حالتن ۾ به پنهنجي نيڪ ٻانهن جي حفاظت ڪندو آهي ۽ سندن ايمان کي بچائي رکندو آهي.(الحج 15/42-40، الحجر: 15/ 40 کان 42)

رَبُّكُمُ الَّذِیْ یُزْجِیْ لَكُمُ الْفُلْكَ فِی الْبَحْرِ لِتَبْتَغُوْا مِنْ فَضْلِهٖ ؕ اِنَّهٗ كَانَ
بِكُمْ رَحِیْمًا ﴿۶۶﴾ وَ اِذَا مَسَّكُمُ الضُّرُّ فِی الْبَحْرِ ضَلَّ مَنْ تَدْعُوْنَ اِلَّاۤ اِیَّاهُ ۚ
فَلَمَّا نَجّٰىكُمْ اِلَى الْبَرِّ اَعْرَضْتُمْ ؕ وَ كَانَ الْاِنْسَانُ كَفُوْرًا ﴿۶۷﴾ اَفَاَمِنْتُمْ اَنْ
یَّخْسِفَ بِكُمْ جَانِبَ الْبَرِّ اَوْ یُرْسِلَ عَلَیْكُمْ حَاصِبًا ثُمَّ لَا تَجِدُوْا لَكُمْ
وَكِیْلًا ﴿۶۸﴾ اَمْ اَمِنْتُمْ اَنْ یُّعِیْدَكُمْ فِیْهِ تَارَةً اُخْرٰى فَیُرْسِلَ عَلَیْكُمْ قَاصِفًا
مِّنَ الرِّیْحِ فَیُغْرِقَكُمْ بِمَا كَفَرْتُمْ ۙ ثُمَّ لَا تَجِدُوْا لَكُمْ عَلَیْنَا بِهٖ تَبِیْعًا ﴿۶۹﴾ وَ
لَقَدْ كَرَّمْنَا بَنِیْۤ اٰدَمَ وَ حَمَلْنٰهُمْ فِی الْبَرِّ وَ الْبَحْرِ وَ رَزَقْنٰهُمْ مِّنَ الطَّیِّبٰتِ
وَ فَضَّلْنٰهُمْ عَلٰى كَثِیْرٍ مِّمَّنْ خَلَقْنَا تَفْضِیْلًا ﴿۷۰﴾ ع ۷

توهان جو پروردگار اهو آهي، جيڪو دريا (سمنڊ) ۾ ٻيڙيون هلائي ٿو ته جيئن اوهان هن جو فضل (روزي) تلاش ڪريو، بيشڪ هو توهان تي ڏاڍو مهربان

آهي. (66) ۽ جڏهن اوهان کي درياهه ۾ تڪليف پهچندي آهي، يعني ٻڏڻ جو خطرو لاحق ٿيندو آهي تہ هن الله کان سواءِ ٻيا سڀ گم ٿي ويندا آهن، پوءِ جڏهن هو اوهان کي (ٻڏڻ کان) بچائي خشڪيءَ تي وٺي اچي ٿو تہ توهان منهن موڙي ٿا ڇڏيو ۽ انسان آهي ئي ناشڪرو.(67) ڇا توهان کي خدا خشڪيءَ تي زمين ۾ دفن ڪري يا ڏبائي ڇڏي ان کان بي خوف آهيو؟ يا اوهان تي پٿرن واري آندي هلائي ڇڏي ۽ (ان وقت) توهان کو ہ پنهنجو نگهبان نہ ڏسو.(68) يا وري ٻيهر توهان کي درياءَ ۾ وٺي وڃي ۽ اتي اوهان تي تيز آندي آڻي، ڇا توهان ان کان ہ بي خوف آهيو ۽ انهيءَ ۾ غرق ٿي وڃڻ لاءِ اوهان کي کو ہ اهڙو (سهارو) نہ ملندو، جو اسان جو پيڇو ڪري.(69) اسان بني آدم کي عزت بخشي ۽ ان کي اسان جهنگ ۽ درياءَ ۾ سواري ڏني ۽ پاڪيزه روزي ڏني ۽ پنهنجي گهڻي مخلوقات تي ان کي فضيلت عطا ڪئي.(70)

پوين آيتن ۾ آيو آهي تہ شيطان انسان جي گمراهيءَ پڻيان لڳل آهي. ان جي دام کان رڳو اهو بچي سگهي ٿو، جنهن پنهنجو صحيح ۽ مضبوط تعلق الله جي عبديت ۾ رکيو آهي، جيڪي ماڻهو شرڪ تي اصرار ڪن ٿا، اهي توحيد جي دعوت کي رد ڪري ڇڏيندا آهن ۽ پنهنجو پاڻ لاءِ تباهيءَ جا اسباب پيدا ڪندا آهن. ايندڙ آيتن ۾ توحيد جي اثبات ۽ شرڪ جي ابطال جو بيان آهي. مهربان الله تعالىٰ پنهنجا احسان وقت بوقت پنهنجن ٻانهن کي ياد ڏياري رهيو آهي تہ جڏهن توهان طلبِ معاش، تجارت يا ٻئي ڪاروبار لاءِ بحر يعني درياءَ يا سمند ۾ ڪشتيءَ تي وجو ٿا ۽ سمند جي موجن ۽ لهرن ۾ وڏو طوفان اچي وڃي ٿو ۽ ان وقت بچاءَ جا سمورا اسباب ۽ وسيلا نظر نہ ٿا اچن. ڪا تدبير نٿي سجهي، مايوسي ئي مايوسي گهيري رکي ٿي. هلاڪت ۽ تباهي اکين آڏو ڦيرا ڏئي رهي آهي ۽ ڪنهن طرف کان نجات جو رستو نظر نٿو اچي. نقلي خدا ڪا مدد ڪري نٿا سگهن ۽ ديوين ۽ ديوتائن کان ڪنهن ہ مدد جي اميد نٿي رهي تہ ان وقت اوهان پنهنجن فرضي معبودن ۽ باطل خدائن کي وساري هڪ الله طرف رجوع ڪريو ٿا.

گڙگڙائي ان کان مدد گهرو ٿا، عاجزي ۽ انڪساري سان هن جي بزرگي ۽ عظمت جو اقرار ڪيو ٿا ۽ ان هڪ الله کي ئي پنهنجو نجات دهنده سمجهو ٿا، ان وقت شرڪ جا سڀ بت چڪنا چور ٿي وڃن ٿا ۽ توحيد خداوندي جو ذڪر جاري رهي ٿو ته الله مهربان کين گرداب جي ڪُن مان ڪڍي، ساحل تي سلامتيءَ سان پهچائي ڇڏي ٿو ۽ هو خشڪيءَ تي اچي وڃي ٿو ته وري پنهنجي باطل معبودن طرف رجوع ڪري ٿو. الله تعالىٰ کي وساري ويهي ٿو. واقعي انسان ڪيترو نہ غافل ۽ ناشڪرو آهي. الله تعالىٰ انسان جي انهيءَ غفلت، ناداني ۽ ناشڪريءَ طرف توجهه ڏيارينديِ ڪيس تنبيه ڪرڻ فرمائي ٿو ته ياد رکو سمنڊ جي لهرن يا دريائَ جي موجن سان اوهان جي ڪشتيءَ کي سلامتيءَ سان ڪڍي ڪناري تي پهچائڻ جو اهو مطلب نہ آهي ته هاڻي توهان خدا جي گرفت کان نڪري چڪا آهيو ۽ توهان کي آزاديءَ جي فضا ميسر ٿي وئي آهي. ڇا جنهن خدا جي پاڻيءَ تي حڪمراني آهي، زمين ۽ آسمانن جو اقتدارِ اعلىٰ بلا ڪنهن شرڪت جي حاصل آهي، توهان کي ان جي پڪڙ کان زمين تي آزادي ملي وئي آهي. اهو الله زمين تي به ساڳي قدرت رکي ٿو ۽ اوهان کي ان زمين اندر دٻائي ڇڏي يا زبردست جهڪڙ وارو طرفان آڻي مليا ميٽ ڪري ڇڏي يا آسمان کان پٿرن جو مينهن وسائي، تهس نهس ڪري ڇڏي يا توهان کي وري سمنڊ ۾ وڃڻ بعد سخت طوفان موڪلي تباهه ۽ برباد ڪري ڇڏي. خدا لاءِ انهن مان ڪا به شيءِ ناممڪن ۽ مشڪل نہ آهي. توهان کي هن طرح هلاڪ ڪرڻ وقت ڪو به خدا کان باز پرس ڪرڻ وارو يا پڇڻ ۽ جواب دهي ڪرڻ وارو نہ آهي. بس اهو هڪ خدا ئي آهي جيڪو سمنڊ ن جي لهرن، دريائَ جي موجن، خشڪيءَ جي طوفانن، زميني زلزلن، آسماني آفتن کان بچائڻ ۽ محفوظ رکڻ وارو آهي. سمندن ۽ زمين مان روزي به اهو ڏئي ٿو ۽ برسات وسائي ويرانيون به اهو ئي آباد ڪري ٿو ۽ سمندن، دريائن جا وهڪرا جاري رکي ٿو. اهو ئي دک درد، خوشي ۽ شادي جو نگهبان آهي ۽ اهو ئي عذاب ۽ عتاب ڏيڻ وارو آهي، جنهن کان بچائڻ يا بدلي ونڻ وارو يا پيڇو ڪرڻ وارو ڪو به نہ آهي.

گذريل آيتن ۾ الله جي بي بها نعمتن جي ذڪر بعد ناشڪري ۽ نافرمانيءَ جي عذاب جو ذڪر هيو، جنهن جو مقصد توحيد جي اثبات ۽ شرڪ جي ابطال جو نتيجہ خيز بيان هيو. هينئر وري انهن نعمتن جو خاص طرح ذڪر ٿي رهيو آهي، جيڪي اولاد آدم

يعني نوع انسان کي خصوصيت سان عطا ٿيون آهن، جنهن ۾ حق تعالىٰ اولادِ آدم کي بعض خاص صفتن سان نوازيو آهي. عزت ۽ احترام جو مقام عطا ڪيو آهي. هن جي خوبصورت تخليق ڪئي آهي. "لَقَدْ خَلَقْنَا الْاِنْسَانَ فِيْٓ اَحْسَنِ تَقْوِيْمٍ" (التّين: 4/95) بيشڪ انسان کي اسان متوازن، بهترين صورت ۾ پيش ڪيو آهي. هن کي عقل و شعور فهم و فراست ۽ هوش و حواس جي خاص عنايتن سان سينگاريو آهي. هن لاءِ هدايت ۽ گمراهيءَ جا رستا کولي بيان ڪيا آهن. هن جو فرض آهي ته هو پاڻ چڱي بري ۾ فرق سمجهي دنيا ۽ آخرت جو نفعو نقصان ڏسي. هر طرف ترقي ۽ عروج جون منزلون هن لاءِ ڪليل آهن. هن کي زمين تي سواري بار برداري لاءِ جانور ڏنا آهن. (النحل: 40/16) سمنڊ ۽ دريائن ۾ ٻيڙيون، جهاز ۽ غوراب سواري ۽ تجارت لاءِ عطا ڪيا آهن.(النحل: 14/16) جنهن ڪري اوهان هڪ شهر کان ٻئي شهر ۽ هڪ ملڪ کان ٻئي ملڪ آسانيءَ سان اڃ وڃ جو سفر جاري رکي سگهو، توهان جي غذا لاءِ عمدا ڪاڌا، ميووا، مٹايون ۽ زيب و زينت ۽ جسم کي ڍڪڻ لاءِ اوني، سوتي ڪپڙا، رهڻ لاءِ گهر ۽ دنياوي سازو سامان جي سمورين سهولتن سان آراسته ڪيو آهي. آدم عليه السلام کي مسجودِ خلائق ناهيو، تمام مخلوقات کي انسان جي ضرورتن ۽ حاجتن کي پورو ڪرڻ ۽ ڪيس ترقي ۽ عروج ڏيڻ لاءِ پيدا ڪيو، مخلوقات جي ڪيترين شين ۾ هن کي فضيلت ڏني ۽ مخلوقات جي سرداري عطا ڪئي. انسان کي فضيلت، عزت ۽ اڪرام عطا ڪري پنهنجي گهڻي مخلوقات تي فضيلت عطا ڪئي. انسان کي الله جي انهن نعمتن جي قدرداني ڪرڻ گهرجي. ان جو حق ادا ڪري، شڪر گذار ٻانهو هجڻ جو ثبوت ڏئي. هڪ پروردگار جي اطاعت ۽ عبادت ۾ مشغول رهي.

کافر کی یہ پہچان کہ آفاق میں گم ہے
مومن کی یہ پہچان کہ گم اس میں ہیں آفاق

(اقبال رحمۃ اللہ علیہ)

انسان الله تعالىٰ جي تخليق جو شاهڪار يا چئجي ته مِعراج (Climax) آهي. هن جو ذڪر سورة النحل جي آيت 40 ۾ ٿي چڪو آهي. انسان عالم صغير آهي ۽ هي پوري ڪائنات عالمِ ڪبير آهي، يعني هن پوري ڪائنات جو نچوڙ ۽ جوهر حضرت انسان آهي.

میرے ساقی نے عطا کی مجھ کو مئے بے دُرد و صاف
رنگ جو دیکھتے ہو میرے پیمانے کی ہے

منهنجي نااهلي ۽ ناشڪري سبب محروميون
ورنہ منهنجي مهربان جون مهربانيون بي حساب
(مشتاق سچاروي)

"وَاِنْ تَعُدُّوْا نِعْمَتَ اللّٰهِ لَا تُحْصُوْهَا" (ابراهيم: 34/14، النحل: 18/16، العنكبوت: 29/46، الزمر: 18/39، المؤمنون: 96/23 كان 98، بني اسرائيل: 53/17، طٰه: 44/20، حٰم السجده: 33/41 كان 35) جيڪڏهن اوهان الله جي نعمتن کي شمار ڪيو تہ شمار ڪري ڪو نہ سگهندا. الله جون اهي بيشمار نعمتون جن سان نوع انسان کي نوازيو ويو آهي. الله جي ڪيتري مخلوقات تي ڪيس نمايان فضيلت عطا ڪري ٿو.

يَوْمَ نَدْعُوْا كُلَّ اُنَاسٍۭ بِاِمَامِهِمْ ۚ فَمَنْ اُوْتِيَ كِتٰبَهٗ بِيَمِيْنِهٖ فَاُولٰٓئِكَ يَقْرَءُوْنَ كِتٰبَهُمْ وَ لَا يُظْلَمُوْنَ فَتِيْلًا ﴿۷۱﴾ وَ مَنْ كَانَ فِيْ هٰذِهٖٓ اَعْمٰى فَهُوَ فِي الْاٰخِرَةِ اَعْمٰى وَ اَضَلُّ سَبِيْلًا ﴿۷۲﴾ وَ اِنْ كَادُوْا لَيَفْتِنُوْنَكَ عَنِ الَّذِيْٓ اَوْحَيْنَآ اِلَيْكَ لِتَفْتَرِيَ عَلَيْنَا غَيْرَهٗ ۖ وَ اِذًا لَّاتَّخَذُوْكَ خَلِيْلًا ﴿۷۳﴾ وَ لَوْ لَآ اَنْ ثَبَّتْنٰكَ لَقَدْ كِدْتَّ تَرْكَنُ اِلَيْهِمْ شَيْـًٔا قَلِيْلًا ﴿۷۴﴾ اِذًا لَّاَذَقْنٰكَ ضِعْفَ الْحَيٰوةِ وَ ضِعْفَ الْمَمَاتِ ثُمَّ لَا تَجِدُ لَكَ عَلَيْنَا نَصِيْرًا ﴿۷۵﴾ وَ اِنْ كَادُوْا لَيَسْتَفِزُّوْنَكَ مِنَ الْاَرْضِ لِيُخْرِجُوْكَ مِنْهَا وَ اِذًا لَّا يَلْبَثُوْنَ خِلٰفَكَ اِلَّا قَلِيْلًا ﴿۷۶﴾ سُنَّةَ مَنْ قَدْ اَرْسَلْنَا قَبْلَكَ مِنْ رُّسُلِنَا وَلَا تَجِدُ لِسُنَّتِنَا تَحْوِيْلًا ﴿۷۷﴾ ع ۸

جنهن ڏينهن اسان سمورن ماڻهن کي سندن اڳواڻن سان گڏ سڏينداسون تہ جن کي سندن اعمال جو ڪتاب سندن سڄي هٿ ۾ ڏينداسون تہ اهي خوش ٿي پنهنجو ڪتاب پڙهندا ۽ انهن تي ذاڻي برابر يعني ذرا پر ظلم نہ ٿيندو.(71) ۽ جيڪو شخص هن دنيا ۾ انڌو هوندو، اهو آخرت ۾ بہ انڌو هوندو ۽ (نجات جي) رستي کان گهڻو دور هوندو(72) اي پيغمبر خَاتَمُ النَّبِيِّيْن ﷺ! جيڪا وحي اسان تو ڏانهن ڪئي آهي، امڪان هيو تہ هي ڪافر ماڻهو اوهان کي ان کان هٽائي (ڦسلائي) ڇڏين تہ جيئن تون ان (وحي) کانسواءِ ٻيون ڳالهيون اسان ڏانهن منسوب ڪرين ۽ ان وقت هي توکي پنهنجو دوست بنائين.(73) جيڪڏهن اسان توکي ثابت قدم نہ رکون ها تہ عين ممڪن هو تہ تون انهن طرف ڪجهہ نہ ڪجهہ جهڪي وڃين ها.(74) جيڪڏهن ائين ٿي وڃي ها تہ اسان توکي زندگيءَ ۾ بہ ٻيٽي سزا ڏيون ها ۽ آخرت جو عذاب بہ ٻيٽو ڪيون ها تہ پوءِ تون اسان جي مقابلي ۾ ڪنهن کي بہ مددگار نہ ڏسين ها.(75) هي ان منصوبي تي محڪم آهن تہ هو تنهنجا پير هن (مڪہ مڪرمہ جي) زمين تان اکاڙي ڇڏين ۽ توکي جلاوطن ڪري ڇڏين(خدانخواستہ ائين ٿيو بہ تہ) توکان پوءِ هو پاڻ بہ رهي ڪو نہ سگهندا، مگر ٿورڙو وقت(76) توکان اڳ جن رسول ڪريمن کي اسان موڪليو انهن سان بہ اسان جو اهو ساڳيو طريقو رهيو ۽ تون اسان جي هن سنت (طريقي) ۾ ڪا بہ تبديلي ڪو نہ ڏسندين.(77)

پوئين آيت ۾ آيو آهي تہ انسان کي بي مخلوقات تي فضيلت ڏني آهي تہ پوءِ ان جي ذميداري بہ اوتري آهي. هن کي هن اعليٰ مقام ۽ مرتبي سان نوازيو ويو آهي تہ ان جو محاسبو بہ اوترو ئي هوندو، انسان جيترو بار، امانت کڻڻ جو ذمو قبول ڪيو آهي، ان بار امانت جي ادائگي جو پورو حساب ڪتاب ورتو ويندو.(الاحزاب: 72/33) ان ڪري ان ڏينهن ڏانهن بہ ڏيان ڏريو، جڏهن سمورن انسانن جي الله عزوجل جي بارگاهہ اقدس آڏو

حاضري ٿيندي ۽ کين اهڙي طرح سڏيو ويندو، جو هو پنهنجي رهنما يا ليدر سان گڏ ايندا. ڪن عالمن "اِمَام" مان مراد اعمال نامو ورتو آهي. جڏهن ته "امام" مان مراد ليدر آهي ته پوءِ کين فلاڻي امام، فلاڻي نبيءَ يا فلاڻي ليدر جي قوم حاضر ٿئي. يا چيو ويندو ته فلاڻي ڪتاب يا اعمال نامي وارا حاضر ٿيو، يا نيڪ ماڻهن کي سندن نيڪوڪار اڳواڻن سان گڏ سڏيو ويندو ته جيئن هو پاڻ اکين سان ڏسي سگهن ته دعوتِ حق جو جيڪو فريضو هنن ادا ڪيو، الحمدلله! اڄ ان جو اجر عزت ۽ اڪرام ڪيترو نه ڇڪو آهي. اهڙي طرح بري عملن وارن جا اڳواڻ پنهنجن اکين سان ڏسي سگهن ته سندن پکڙيل برائيءَ جو ڪهڙو برو نتيجو آهي، جنهن ۾ برائي وارن اڳواڻن تي سندن بري جماعت لعنتون ۽ ڦٽڪار وجهندي ته وري نيڪوڪارن لاءِ سندن نيڪ جماعت شڪراني جا الفاظ ادا ڪندي ۽ سندن احسان جا گيت ڳائيندي. پوءِ ان ڏينهن جنهن جو اعمال نامو سندس سڄي هٿ ۾ ڏنو ويندو، اهي پنهنجو اعمال نامو پڙهي ڏسي ونندا ۽ انهن سان ذرو پر به ظلم يا ناانصافي ڪا نه ڪئي ويندي. اهي پنهنجن عملن جو پورو پورو نتيجو حاصل ڪندا، ڇڪ نتيجن وارن لاءِ الله پاران خوشخبريون ۽ بشارتون هوندیون ته برن ڪمن وارن لاءِ دوزخ جي برندڙ باهه جو عذاب هوندو. گويا قيامت واري ڏينهن ان مظهر ۽ فضيلت واري مخلوق يعني انسان کي جاچيو ويندو ته هن پنهنجي فضيلت کي ڪيترا چار چند لڳايا آهن يا هن پنهنجي فضيلت کي مٽيءَ ۾ ملائي ڇڏيو آهي. توکي غور ڪرڻ تي مجبور ڪري رهيون آهن. جنهن دنيا ۾ راهه حق کي قبول ڪيو ۽ خداداد فطري صلاحيت ۽ شرافت ۽ انساني عظمت ۽ ڪرامت جو عَلم بلند رکيو ۽ خير و شر، بدي ۽ نيڪي، حق ۽ باطل جي درميان فرق ڪري صحيح چونڊ ڪري، قدم کنيو ته ان جو اعمال نامو سندس سڄي هٿ ۾ ڏنو ويندو، جيڪو ڪاميابي ۽ ڪامراني جي علامت هوندو. (الحاقه: 24/69-19) پر جنهن شخص پنهنجي حرص ۽ حوس ۾ اچي، انسانيت جي اعليٰ مقام کي حيوانيت ۽ وحشانيت ۾ تبديل ڪيو ته ان جو اعمال نامو سندس کبي هٿ ۾ ڏنو ويندو. (الحاقة: 29/69-24) سڄي هٿ ۾ اعمال نامو ونڊ وارا خوش ۽ شادمان هوندا ته کبي هٿ ۾ اعمال نامو ونڊ وارا غمگين افسرده ۽ پشيمان هوندا. (الحجر: 13/15) جن جو حال اڳئين آيت ۾ هن طرح بيان ڪيو ويو آهي ته جيڪو شخص دنيا ۾ نجات ۽

فلاح جو رستو ڏسڻ کان انڌو رهندو ۽ پنهنجون اکيون بند رکندو تہ اهو آخرت ۾ بہ نجات ۽ کاميابي واري واٽ تي هلڻ کان انڌو رهندو. (طٰهٰ: 124/20) الله جي هن کائنات ۾ هر طرف قدرت جا آثار وحدانيت جا ثبوت، الوهيت جا چٽا دليل ۽ ربوبيت جا نرالا رنگ جنهن کي هن دنيا ۾ نظر نہ ايندا تہ اهو انڌو انسان آخرت ۾ بہ خدا جي نعمتن جي حصول واري واٽ کان انڌو رهندو.

هاڻي هت دنيا ۾ حق جي راهہ کان منهن موڙيندڙ انڌن يعني کافرن ۽ مشرکن جي بي جا عداوت جو بيان اچي رهيو آهي، جيڪي الله جي رسول مقبول خَادِمُ النَّبِيِّ ﷺ جي مخالفت ۾ انسانيت جون سڀ حدون پار ڪري چڪا هئا. (بني اسرائيل: 46/17) تون هنن جي خيرخواهي، پلائي ۽ همدرديءَ ۾ سندن ايمان آڻڻ لاءِ حريص آهين، تنهنجي هن مشفقانہ رويي جو فائدو ونندي توکي هن فتني ۾ ڦاسائڻ گهرن ٿا تہ اسان تنهنجي هن مخلصانا نصيحت کي قبول ڪرڻ لاءِ ايمان ۽ اسلام طرف اڇڻ لاءِ آماده آهيون، پر ڪجهہ قدم اسان اڳتي وڌايون، ڪجهہ قدم توکي هٽڻو پوندو، جنهن ڪري پنهنجي دعوت ۾ ڪجهہ ترميم آڻيندين تہ ٻنهي جو پلو ٽي ويندو. "وَدُّوْا لَوْ تُدْهِنُ فَيُدْهِنُوْنَ" (القلم: 9/68) هو گهرن ٿا تہ جيڪڏهن تون ڪجهہ ترميم آڻين تہ پوءِ اسان بہ پنهنجي سختيءَ ۾ نرمي آڻينداسون. يعني تون پنهنجي اصل دعوت جا ڪجهہ احڪام چوڻ ڇڏي ڏين، ڳالهيون تسليم ڪرين تہ اسان ساڻ ڏئي سگهون ٿا. اهڙي طرح جي خواهش سورة يونس: 15/10 ۾ بہ آئي آهي: "اِئْتِ بِقُرْاٰنٍ غَيْرِ هٰذَآ اَوْ بَدِّلْهُ" اي محمد ڪريم خَادِمُ النَّبِيِّ ﷺ! تو هن قرآن جي بدلي ٻيو قرآن وني اڇ، يا هن قرآن ۾ خاطر خواهہ تبديلي ڪر تہ پنهنجو معاملو گڏ هلي سگهندو. مگر ائين ڪرڻ ناممڪن هيو چو تہ الله جي وحي کي تبديل ڪرڻ يا ان ۾ ترميم آڻڻ جو ڪو بہ نبي سوچي بہ نٿو سگهي. پر اي نبي ڪريم خَادِمُ النَّبِيِّ ﷺ! جيڪڏهن اسان توکي ثابت قدم نہ رکون ها، عين ممڪن هيو تہ تنهنجو هنن طرف ڪجهہ جهڪاءُ ٿي وڃي ها. اهڙي حالت ۾ اسان توکي هن زندگي توڙي آخرت ۾ ٻيڻي عذاب جو مزو چکايون ها ۽ تنهنجو ڪوبہ مددگار نہ هجي ها. توڙي ڪٽي هي خطاب نبي ڪريم خَادِمُ النَّبِيِّ ﷺ جن کي ڪيو ويو آهي، پر هن جو اصل مقصود اهي ڪافر آهن، جيڪي پنهنجي ضد ۽ هٺ ڌرمي سبب غلط زبان استعمال ڪري رهيا آهن. هت کين

چيو ويو آهي تہ اي بدبختؤ! توهان جيڪي ڪرڻ گهرو ٿا، بيشڪ ڪريو. توهان جي هن دڀاءَ سبب اسان جو نبي ﷺ اوهان جا ناجائز مطالبا مڃڻ وارو ناهي. ان ڪري حضور ﷺ سندن اهڙي مفاهمت ۽ مصالحت کان انڪار ڪيو. هن کان علاوه ڪافر بار بار مطالبو ڪري رهيا هئا تہ جيڪڏهن واقعي تون خدا جو رسول آهين تہ پوءِ الله جي طرفان ڪا اهڙي نشاني پيش ڪر، جنهن کي ڏسي اسان سمجهون تہ واقعي تون سچو رسول آهين. قرآن مجيد جي تبديل ڪرڻ لاءِ الله تعالىٰ طرفان نبي ڪريم ﷺ کي سورة الانعام: 35/5 ۾ سخت تنبيه ٿيل آهي. الله تعالىٰ قرآن جي موجودگي ۾ حضور ﷺ جي سيرت طيبه کان وڌيڪ ڪا بہ نشاني نہ آهي، جو هنن کي راهہ راست تي آڻي سگهي. ان ڪري حضور ﷺ لاءِ فرمان خداوندي آيو: "وَاِنۡ كَانَ كَبُرَ عَلَيۡكَ اِعۡرَاضُهُمۡ فَاِنِ اسۡتَطَعۡتَ اَنۡ تَبۡتَغِىَ نَفَقًا فِى الۡاَرۡضِ اَوۡ سُلَّمًا فِى السَّمَآءِ فَتَاۡتِيَهُمۡ بِاٰيَةٍ" (الانعام: 35/6) جيڪڏهن هنن جو منهن موڙڻ (حق قبول نہ ڪرڻ) توکي ڏکيو لڳي ٿو تہ پوءِ جيڪڏهن تون زمين ۾ ڪا سرنگهہ هڻي سگهين يا آسمان تي ڏاڪڻ ناهي پهچي وڃين تہ پوءِ پلي ڪين (سندن خواهش جي) معجزو ڏيکار. جيڪڏهن تون هنن جي اهڙي خواهش پوري ڪندين تہ پوءِ هو توکي دوست بڻائيندا. هنن جو مقصد اسلام قبولڻ نہ آهي، پر سندن شرارت جو مقصد توکي راهِ حق کان ٽيڙڻ آهي. هنن توکي پنهنجي دولت، زر ۽ زيورن جهڙين لالچن سان بہ لبائڻ چاهيو ۽ هر طرح جون تڪليفون اذيتون ڏئي راهہ حق تان هٽائڻ گهريو. هاڻي هو هي سازشي حربو هلائي رهيا آهن. هي سڀ اهڙيون سازشون انهن جي عزم ۽ استقلال ۾ ڪا بہ جنبش آڻي نٿيون سگهن، پر ڪافرن جون لڳاتار اهڙيون سازشون توکي غور ڪرڻ تي مجبور ڪري رهيون آهن. هنن جي هيءَ شرارت تہ ايتري تيز ۽ خطرناڪ هئي، جيڪڏهن اي حبيب ﷺ! اسان توکي ثابت قدم نہ بنايو هجي ها ۽ توکي عزم و استقلال جي غيبي قوت نہ عطا ڪئي وڃي ها تہ تنهنجي طرفان ڪجهہ نہ ڪجهہ قدمن ۾ لغزش اچڻ جو امڪان هيو. (هود: 113/11، يونس: 15/10، القلم: 9/68) هي نبيءَ جي معصوميت جو الله طرفان هڪ اهتمام آهي، جهڙي طرح سورة يوسف: 24/12 ۾ آيو آهي: "وَلَقَدۡ هَمَّتۡ بِهٖ ۚ وَهَمَّ بِهَا لَوۡلَاۤ اَنۡ رَّاٰ بُرۡهَانَ رَبِّهٖ" يعني يوسف عليه السلام کي الله جي حفاظت ۽ پناهہ نہ هجي ها تہ عورت جي ارادي ڏانهن هن جو ارادو نظر

اچي ها. ۽ بالفرض اهڙو رجحان يا ميلان ٿي وجي ها تہ پوءِ توکي دنيا توڙي آخرت ۾ بيٹو عذاب ملي ها ۽ تون اسان جي مقابلي ۾ ڪنهن کي بہ مددگار نہ ڏسين ها. پر چو تہ تنهنجي ذات اقدس کي هر غلطي ۽ خطا کان معصوم ۽ محفوظ بنايو آهي، ان ڪري تنهنجو ثابت قدم هئڻ ان طرف نهاري بہ نہ ڏنو ۽ وهي الاهي جي روشني ۾ دعوت حق ۽ تبليغ دين اسلام جو ڪاروان جاري رکيو. هن آيت ڪريمہ ۾ هڪ طرف جلال خداوندي جي جهلڪ نظر اچي رهي آهي تہ ٻئي طرف پاڻ ڪريمن ﷺ جي اعليٰ ڪردار ۽ مرتبي جو ذڪر ٿي رهيو آهي.

مَوْلَایَ صَلِّ وَسَلِّمْ دَآئِمًا اَبَدًا
عَلٰی حَبِیْبِكَ خَیْرِ الْخَلْقِ كُلِّهِمِ

جڏهن ڪافرن جي اها سازش بہ ناڪام وئي تہ هو خدا جي رسول ﷺ ڪي پنهنجي فتني ۾ مبتلا ڪري قرآن ڪي تبديل ڪرڻ يا ان ۾ ترميم آڻڻ ۾ قائل نہ ڪري سگهيا تہ پوءِ هنن دارالنُّدوه ۾ گڏ ٿي فيصلو ڪيو تہ حضور ﷺ ڪي مڪي مان زبردستي نيڪالي ڏني وجي تہ جيئن هو پنهنجن ماڻهن ڪي هن جي تبليغ واري اثر کان بچائي سگهن. ان ڪري هنن ايذائن ۽ تڪليفن جو دائرو وسيع ڪري ڇڏيو تہ جيئن خود بخود دل برداشتہ ٿي عرب ملڪ ڇڏي ڪنهن ٻئي ملڪ هليو وڃي. هنن جو پهريون منصوبو اهو هيو تہ حضور ﷺ خود تنگ دل ٿي هليو وڃي. ليڪن ڪافرن ڪي اها خبر ناهي تہ جڏهن الله جي رسول ڪي ملڪ ڇڏڻ ۽ هجرت ڪرڻ تي مجبور ڪيو ويو ۽ هو ملڪ ڇڏي هجرت ڪري وڃڻ سان ان قوم ڪي الله جو امان ڪڍي وڃي ٿو ۽ عذاب جو فيصلو ٿي وڃي ٿو. (انفال: 98/8) اها الله جي سنت آهي، جنهن ۾ ڪا هير ڦير يا ڪمي نٿي ٿئي. هت بہ اها پيشنگوئي انهيءَ سنت االاهيءَ مطابق آهي، جيڪا پاڻ ڪريمن ﷺ جي هجرت ڪرڻ بعد مڪه ۾ حرف بحرف صادق ۽ سچي ثابت ٿي. تقريباً ڏيڍ سال بعد بدر جي ميدان ۾ مسلمانن جي بي سرو سامان مجاهدن ڪافرن جي ئي چار گنا وڌيڪ مسلح لشڪر کي شڪست فاش ڏني. هنن جا ستر سردار تہِ تيغ ٿي جهنم رسيد ٿيا ۽ ڪيترا قيدي ٿي مدينه ۾ آندا ويا. ان کان ست اٺ سال بعد فتح مڪه ۾ مسلمانن کي شاندار ڪاميابي ملي ۽ اهڙي طرح ڪافرن جو قلع قمع ٿي ويو ۽ عرب جي

زمين تان شرڪ ۽ ڪفر جا سايا ختم ٿي ويا. اها سنت الاهي يعني رسولن ۽ مؤمنن کي ڪافرن ۽ مشرڪن تي فتح و نصرت عطا ڪرڻ جو سلسلو انبياءِ ڪرام جي ابتدا کان وقوع پذير آهي، هي الله جو وعدو آهي ۽ الله کان وڌيڪ ڪير به وعده پوري ڪرڻ وارو نه آهي. هن کان اڳ به جڏهن منڪرن الله جي رسول کي رهڻ نه ڏنو ۽ ڪيس ملڪ ڇڏڻ تي مجبور ڪيو تہ نبيءَ جي وڃڻ بعد اها قوم به باقي نه رهي. ان ڪري پاڻ ڪريمن خَاتَمُ النَّبِيِّيْن ﷺ کي تسلي ڏني وئي تہ تون ڪافرن جي منصوبہ بندين جو ڪو به فڪر نه ڪر ۽ پنهنجي مالڪ سان رابطو مضبوط رک. "فَاِذَا فَرَغْتَ فَانْصَبْ○ وَاِلٰى رَبِّكَ فَارْغَبْ ○" (الم نشرح: 7-8/94) جيئن جيئن فراغت حاصل ٿئي عبادت لاءِ تيار ٿي وڃ ۽ پنهنجي پالڻهار سان دلي رغبت رک.

اَقِمِ الصَّلٰوةَ لِدُلُوْكِ الشَّمْسِ اِلٰى غَسَقِ الَّيْلِ وَ قُرْاٰنَ الْفَجْرِ ؕ اِنَّ قُرْاٰنَ الْفَجْرِ كَانَ مَشْهُوْدًا ﴿۷۸﴾ وَ مِنَ الَّيْلِ فَتَهَجَّدْ بِهٖ نَافِلَةً لَّكَ ۖ عَسٰۤى اَنْ يَّبْعَثَكَ رَبُّكَ مَقَامًا مَّحْمُوْدًا ﴿۷۹﴾ وَ قُلْ رَّبِّ اَدْخِلْنِيْ مُدْخَلَ صِدْقٍ وَّ اَخْرِجْنِيْ مُخْرَجَ صِدْقٍ وَّ اجْعَلْ لِّيْ مِنْ لَّدُنْكَ سُلْطٰنًا نَّصِيْرًا ﴿۸۰﴾ وَ قُلْ جَآءَ الْحَقُّ وَ زَهَقَ الْبَاطِلُ ؕ اِنَّ الْبَاطِلَ كَانَ زَهُوْقًا ﴿۸۱﴾ وَ نُنَزِّلُ مِنَ الْقُرْاٰنِ مَا هُوَ شِفَآءٌ وَّ رَحْمَةٌ لِّلْمُؤْمِنِيْنَ ۙ وَ لَا يَزِيْدُ الظّٰلِمِيْنَ اِلَّا خَسَارًا ﴿۸۲﴾ وَ اِذَاۤ اَنْعَمْنَا عَلَى الْاِنْسَانِ اَعْرَضَ وَ نَاٰ بِجَانِبِهٖ ۚ وَ اِذَا مَسَّهُ الشَّرُّ كَانَ يَـُٔوْسًا ﴿۸۳﴾
قُلْ كُلٌّ يَّعْمَلُ عَلٰى شَاكِلَتِهٖ ؕ فَرَبُّكُمْ اَعْلَمُ بِمَنْ هُوَ اَهْدٰى سَبِيْلًا ﴿۸۴﴾ ع ٩

اي خدا جا رسول خَاتَمُ النَّبِيِّيْن ﷺ! سج لڙڻ کان رات جي انڌيري تائين (ظهر، عصر، مغرب، عشا جي) نمازون ۽ صبح جو قرآن پڙهندا ڪيو. فجر جو قرآن پڙهڻ

(فرشتن جي) حضوريءَ جو وقت آهي.(78) ۽ رات جي ڪجهه حصي ۾ اٿو (تهجد پڙهو) جي تولاءِ مزيد (قربت جو ذريعو) آهي، قريب آهي ته الله تعالىٰ توکي مقام محمود ۾ داخل ڪري.(79) ۽ ائين چؤ ته منهنجا الله! مون کي (مديني ۾) سهڻي نموني داخل ڪجانءِ ۽ (مکي کان) چڱي طرح خروج ڏئي ۽ پنهنجي طرفان زور ۽ قوت کي منهنجو مددگار ڪرڻ فرماءِ.(80) ۽ چئو ته حق اچي ويو آهي ۽ باطل نابود ٿي ويو آهي. بيشڪ باطل کي نابود ٿيڻو ئي آهي.(81) ۽ اسان قرآن جي ذريعي اها شيءِ عطا ڪئي آهي (نازل ڪئي آهي) جيڪا مؤمنن جي لاءِ شفا ۽ رحمت آهي ۽ ظالمن جي حق ۾ ته نقصان جو اضافو آهي.(82) ۽ جڏهن اسان انسان کي نعمت سان نوازيون ٿا ته منهن ڦيري ڇڏي ٿو ۽ پاسو ورائي ڇڏي ٿو ۽ جڏهن هن سان ڪا سختي ٿئي ٿي ته ناميد ٿي وڃي ٿو.(83) چؤ ته هر شخص پنهنجي طريقي سان عمل پيرا آهي. پوءِ توهان جو رب ان انسان کان خوب واقف آهي، جيڪو سڀ کان وڌيڪ سڌي رستي تي آهي.(84)

سج جي لڙڻ (زوال جي وقت کان) کان وٺي رات جي چانڊڪي وڃڻ تائين ۽ فجر جي لمبي قرئت واري نماز قائم ڪرڻ جو اهتمام ڪريو. گويا هت ظهر، عصر، مغرب، عشا ۽ فجر جي پنج گانه نماز جو بالاجمال ذڪر آهي. نماز جي انهن پنج وقتن جو پوري طرح پتو هيو، پر هتي انهن جو اجتماعي طور ذڪر ڪري پنج گانه نماز جي اهميت جو ذڪر آهي. النساء: 4 ۾ ته نماز کي پوري وقت تي ادا ڪرڻ جو حڪم آهي: "اِنَّ الصَّلَاةَ كَانَتْ عَلَى الْمُؤْمِنِيْنَ كِتٰبًا مَّوْقُوْتًا" نماز جو وقت شروع ٿيڻ سان ان وقت جي نماز فرض ٿئي ٿي، جيڪا وقت کان اڳ پڙهي نٿي سگهجي ۽ نه وري پوءِ، پر قضا ڪري پڙهي سگهجي ٿي. نماز دين اسلام جو ٿنيو آهي، جنهن تي دين جي عمارت بيٺل آهي. "اَلصَّلَاةُ مِعْرَاجُ الْمُؤْمِنِيْنَ" نماز مؤمن جو معراج آهي. شب معراج تي الله تعالىٰ پنهنجي رسول خَاتَمُ النَّبِيِّيْنَ ﷺ نماز سندس امت لاءِ تحفو ڪري عنايت ڪئي. "وَاَقِمِ الصَّلٰوةَ اِنَّ الصَّلٰوةَ تَنْهٰى عَنِ

الْفَحْشَاءِ وَالْمُنْكَرِ" (العنكبوت: 45/29) نماز بي حيائي ۽ برائيءَ کان روکي ٿي. نماز ۾ خاص طرح پنج دفعا روزانو الله سان ملاقات ٿئي ٿي، جنهن جي اثر سبب نمازي براين، بيحيائين کان محفوظ رهي ٿو. يوم محشر ۾ به سڀ کان اول نماز جو پڇاڙو ٿيندو.

يوم محشر كه جاں گداز بود
اولين پرسش نماز بود

(شيخ سعدي رحمه الله)

فجر جي نماز کي "قُرْاٰنَ الْفَجْرِ" سڏيو ويو آهي، ته فجر ۾ آواز واري لمبي قرآن سان نماز ادا ڪريو. هت قرآن جي لمبي قرئت کي نماز سڏيو ويو آهي. جهڙي طرح سجدي يا رڪوع مان به نماز مراد هوندي آهي. "اِنَّ قُرْاٰنَ الْفَجْرِ كَانَ مَشْهُوْدًا" فجر جي اهڙي تسڪين واري خشوع ۽ خضوع سان باجماعت ادا ڪيل نماز جو منظر قابل ديد ۽ پرڪشش هوندو آهي. صبح وقت رات وارا فرشتا ڏينهن وارن فرشتن حوالي چارج ڪندا ۽ ان وقت اڇڻ ۽ وڃڻ وارا ٻئي فرشتا خدا جي ٻانهن جو هي دلربا ۽ دلڪش منظر ڏسندا رهندا آهن ۽ داخل دفتر ڪندا آهن. راتين ۾ جاڳي پنهنجي نماز قرآن جي وڏي قرئت سان جاري رک. تولاءِ هي هڪ اضافي عبادت آهي، پڪي اميد آهي ته الله توکي مقام محمود تي فائز ڪندو. "فَتَهَجَّدْ بِهٖ" ۾ "بِهٖ" اشارو قرآن ڏانهن آهي، جهڙي طرح سورة الانعام ۾ "اَنْذِرْ بِهٖ" ۽ "ذَكِّرْ بِهٖ" ۾ "بِهٖ" جو اشارو قرآن طرف آهي. "تَهَجُّدْ- اَلْهَجُوْدُ" سمهڻ ۽ جاڳڻ ٻنهي لاءِ ايندو آهي. "اَلْهَاجِدُ" ننڊ ڪرڻ واري کي سڏيندا آهن ۽ "هَجَدْتُّهُ فَتَهَجَّدَ" جي معنيٰ آهي "مون هن کي ننڊ کان دور ڪيو ۽ هو جاڳي پيو". باجماعت نماز به مشاورت جو ڪم ڏئي ٿي. هت رات جي وقت جاڳڻ ۽ ان ۾ ڏگهي قرئت سان نوافل ادا ڪرڻ کي "تَهَجُّدْ" سڏيو ويو آهي. سورة مزمل: 2/73 ۾ آهي: "قُمِ الَّيْلَ اِلَّا قَلِيْلًا" رات جي ڪجهه حصي ۾ قرآن سان نفل ۾ جاڳو. صاحبِ محيط موجب "هَجُوْدُ" ڏينهن جو سمهڻ ۽ "هَجُوْعُ" رات جي سمهڻ کي چوندا آهن. "كَانُوْا قَلِيْلًا مِّنَ الَّيْلِ مَا يَهْجَعُوْنَ ○ وَبِالْاَسْحَارِ هُمْ يَسْتَغْفِرُوْنَ ○" (الذاريات: 17/51- 18) رات جو گهٽ سمهن ٿا ۽ سحر جي وقت استغفار ڪن ٿا. "وَالْمُسْتَغْفِرِيْنَ بِالْاَسْحَارِ" (آل عمران: 17/3) ۽ رات جي پوئين پهر الله کان بخشش ۽ استغفار گهرن ٿا. "وَاذْكُرِ اسْمَ رَبِّكَ بُكْرَةً وَّاَصِيْلًا ○" (الدهر: 25/76) ۽ پنهنجي

پروردگار جي نانءُ جو صبح شام ذڪر ڪندا رهو. عام اصطلاح ۾ مروج طريقو تهجد جو رات جو ڪجهه وقت سمهڻ بعد وري اٿي ڏڳها ڏڳها نفل خشوع ۽ خضوع ۽ يڪسوئي سان ادا ڪرڻ تهجد آهي.

عطار ہو رومی ہو رازی ہو غزالی ہو
کچھ ہاتھ نہیں آتا بے آہِ سحر گاہی

(اقبال رحمۃ اللہ علیہ)

نوافل سان گناهن جو ڪفارو ٿئي ٿو. الله جو قرب حاصل ٿئي ٿو، درجات ۾ بلندي اچي ٿي. تهجد نماز نفل يعني سنت آهي. موڪده سنت آهي يا مستحبه، جنهن لاءِ ڪو واضح حڪم ناهي، پر حضور ﷺ جي مواظبت ۽ همیشگي واري عمل ۽ ان جي فوائدِ ڪثير کي ڏسي آءٌ ڪيس سنت موڪده جو مقام سمجهان ٿو. (والله اعلم بالصواب) امان سائنڍ حضرت عائشه صِدّيقه رضی اللہ عنہا کان روايت آهي تہ عشاء جي نماز کان فراغت بعد فجر تائين حضور ﷺ 11 رڪعتون نفل ادا ڪندا هئا، جيڪي هر ٻہ رڪعت بعد سلام ورائيندا هئا ۽ آخر ۾ هڪ رڪعت ادا ڪندا هئا. سجدو ڏڳهو ڪندا هئا.

حضور پر نور خاتم النبیین ﷺ کي الله تعالیٰ "مقامِ محمود" تي فائز ڪرڻ فرمائيندا. مقامِ محمود اهڙو اعلیٰ کان اعلیٰ ۽ افضل کان افضل رتبو، مرتبو ۽ مقام آهي، جنهن جي تعريف اڳيان پويان سڀ يڪزبان يڪسان ڪندا رهندا، ڪي ان کي عرش سمجهن ٿا تہ ڪي شفاعت چون ٿا. بهرڪيف هي اهڙو حمد ۽ تعريفن جوڳو اعلیٰ مقام آهي، جيڪو هنن سيني صفتن سان موصوف ۽ نسبتن سان منسوب آهي.

بشر جي خيالن ڏيانن کان ٻاهر
ثنا مصطفیٰ جي بيانن کان ٻاهر
نہ معلوم حد ابتدا انتها جي
مقامِ نبي لامڪانن کان ٻاهر
احد سان احمد جي نسبت نرالي
زمين آسمان جي نظامن کان ٻاهر

(مشتاق سچاروي)

حضور ﷺ جن فرمايو تہ جنهن شخص اذان بعد هيءَ دعا پڙهي: "اَللّٰهُمَّ رَبَّ هٰذِهِ الدَّعْوَةِ التَّآمَّةِ وَالصَّلٰوةِ الْقَآئِمَةِ اٰتِ مُحَمَّدَنِ الْوَسِيْلَةَ وَالْفَضِيْلَةَ وَابْعَثْهُ مَقَامًا مَّحْمُوْدًا الَّذِیْ وَعَدْتَّه" (صحيح بخاري) تہ قيامت جي ڏينهن اهو منهنجي شفاعت جو خاص طور تي مستحق هوندو. هن آيت ۾ آنحضرت ﷺ کي ڪافرن جي زيادتين ۽ ظلمن کان نجات ڏيڻ لاءِ روحاني ۽ قلبي اطمينان حاصل ڪرڻ لاءِ اقامت صلواة جو هٿيار ۽ مقام محمود جي بشارت ڏني وئي آهي.

ڪافرن حضور ﷺ لاءِ زمين تنگ ڪري ڇڏي هئي. اذيت، ٺٺولي، طعنہ زني، حقارت ۽ نفرت جو طوفان کڙو ڪري ڇڏيو هو. دينِ حق جي آزاديءَ سان تبليغ ۽ تعليم کي روڪڻ جا سمورا حربا استعمال ڪيا هئا. گويا ان وقت مڪہ ۾ دينِ اسلام جي ترويج ترقي ۽ عروج لاءِ ڪم ڪرڻ مشڪل ٿي چڪو هو. ان ڪري مشيت ايزدي مطابق هاڻي هجرت جو ارادو دامن گير ٿيو تہ پاڻ بارگاهہ ايزدي ۾ دست بدعا ٿيا تہ اي منهنجا مهربان پروردگار! توکي پوري طرح معلوم آهي تہ قريش مون کي قبول ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهن، هو مون کي مڪي کان ڪيڏ جا طريقا اختيار ڪري رهيا آهن، هاڻي تون مون کي جتي داخل ڪرڻ گهرين ٿو، اهڙيءَ طرح داخل ڪر، جيڪو هڪ عزت اڪرام، مانَ مرتبي وارو هجي ۽ جتان ڪيڏو آهي، اهو خروج بہ عزت پريو ۽ مانائتو هجي. سوره يونس: 93/10 ۾ بني اسرائيل کي سڻي رهائش عطا ڪرڻ جي لاءِ "مُبَوَّاَ صِدْقٍ" جا لفظ آيا. هن جو ذڪر سوره بقره:286/2 ۾ بيان ڪيو ويو آهي آهي. حديث شريف ۾ آهي: "اَلنَّاسُ مَعَادِنُ" انسان معدنيات وانگر آهي. سون جي سانچي مان سون، چانديءَ جي سانچي مان چاندي يا لوهہ جي سانچي مان لوهہ نهي سگهي ٿو. اهڙيءَ طرح هر انسان پنهنجي خصوصيات مطابق هوندو آهي، جنهن سان الله تعالیٰ بخوبي واقف آهي. هي بظاهر هڪ دعائيہ اپيل هئي، پر دراصل اها حضور ﷺ جن جي لاءِ هڪ عظيم بشارت هئي. خدا جي اها بشارت حرف بحرف ثابت ٿي. سندن مڪي مان نڪرڻ بہ الله جي حفاظت ۽ نگهباني ۾ رهيو ۽ سندن مدينہ ۾ پهچڻ بہ شاهانا استقبال سان ٿيو. ٻنهي جاين تي ڪافرن جون تدبيرون، سازشون ناڪام ويون ۽ پاڻ باوقار ۽ شاندار نموني مڪي کان نڪري، مدينہ ۾ سڪونت پذير ٿيا. سندن دعا جي هنن لفظن تہ مون کي پنهنجي پاران مددگار قوت عطا فرما جو پورو پورو اهتمامِ ربي رهيو.

وَقَايَتُهُ اللّٰهِ اَغْنَتْ عَنْ مُّضَاعَفَةٍ
مِّنَ الدُّرُوْعِ وَ عَنْ عَالٍ مِّنَ الْاُطُمِ

(قصيده برده شريف)

خداوند ڪريم جي اهڙي حفاظت ۽ پناهه پاڻ ڪريمن خَاتَمُ النَّبِيِّيْنَ ﷺ کي ملي، جنهن کي مضبوط ٻيٽي زره پائڻ يا محفوظ ۽ مضبوط قلعن ۾ پناهه ونڻ کان بلڪل بي نياز ۽ بي پرواهه ڪري ڇڏيو، چنانچه مديني شريف پهچڻ تي شاهانا استقبال ٿيو، نياڻين دف وڄائي آڏرياءُ ڪيو. مديني جي طاقتور قبيلن اوس ۽ خزرج کين پنهنجو حاڪم تسليم ڪيو، يهودين جا ئي قبيلا سندس مرضيءَ جا مطيع ٿي ويا. دين جي تبليغ لاءِ مناسب فضا ۽ ماحول ميسر ٿيو، جتان رياستِ مدينہ جو بنياد پيو ۽ چند سالن ۾ پوري جزيره عرب تي اسلام ڇانئجي ويو.

حضرت عبدالله بن عباس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُمَا ڪان روايت آهي تہ 20 رمضان المبارڪ يوم جمعه فتح مڪ جو ڏينهن پاڻ ڪريم خَاتَمُ النَّبِيِّيْنَ ﷺ ڏاڇي تي سوار ٿي ويئي وينِي ڪعبة الله جو طواف ڪيو. ان وقت ڪعبة الله ۾ شيشي جي فريم ۾ جڙيل سينگاريل 360 بت موجود هئا. پاڻ ڪريمن جي هٿ ۾ لٺ هئي، جنهن سان بتن ڏانهن اشارو ڪندو ويندو هيو ۽ هي آيت تلاوت ڪندو هيو "جَآءَ الْحَقُّ وَ زَهَقَ الْبَاطِلُ ؕ اِنَّ الْبَاطِلَ كَانَ زَهُوْقًا " يعني حق آيو ۽ باطل مٽجڻ وارو آهي ۽ جنهن بت ڏانهن لٺ جو اشارو ڪندو هيو تہ اهو زمين بوس ٿي ويندو هيو. هي هيو ان گذشتہ آيت ۾ حق ۽ باطل جو ذڪر ڪري حق يعني توحيد ۽ دين اسلام جي غالب اچڻ ۽ باطل يعني ڪفر شرڪ ۽ بت پرستي جي مليا ميٽ هئڻ جي پيشين گوئي جي بشارت ڏني وئي هئي. هينئر هن آيت ۾ قرآن ڪريم طرف متوجہ ڪيو ٿو وڃي، جنهن ۾ حق ۽ باطل کي بار بار ڪولي ڪولي بيان ڪيو ويو آهي. ان ڪري جيڪو بہ ماڻهو ان کي حق سمجهي ان تي دل و جان سان عمل پيرا ٿيندو تہ اهو ان لاءِ سراسر هدايت، رحمت، مغفرت ۽ نجات جو ذريعو آهي پر جيڪڏهن ڪو ڪلفت، ضد، هٺ ۽ شرارت ڪري ان کان انڪار ڪندو ۽ مخالفت ڪندو ۽ ان جي هدايتن ۽ حڪمت کي نظرانداز ڪندو يا هن ڏانهن توجه نہ ڏيندو. هن کي وساري ويهندو تہ اهو

سراسر نقصان ۽ خساري ۾ هوندو. هن جون سڀ ڪوششون ڪاوشون ناڪاره هونديون. جهڙي طرح حق جي اچڻ سان باطل ائين مٽجي وڃي ٿو، جيئن بلب ٻارڻ سان اونداهي گم ٿي ويندي آهي. اهڙي طرح هي قرآن نوع انسان جي سمورين روحاني ۽ جسماني بيمارين جو اهڙو علاج آهي جو هن سان انسان جون مثبت صفتون خوبصورت سڃائي، امانت، عدل انصاف، ايثار، سخا، وعده وفا، عفو درگذر، صبر، شڪر، ايمان، اعتقاد ۽ يقين جهڙيون خوبيون پروان چڙهن ٿيون، جنهن سان انسان خوشحال، پرسڪون، مطمئن ۽ معتدل رهي ٿو. هن مان منفي اوصاف ڪوڙ، خيانت، ظلم، زيادتي، گلا، غيبت، بخل، ڪنجوسي، وعده شڪني، انتقام، بي صبري، ناشڪري، بدگماني، بي اعتمادي جهڙيون بيماريون ختم ٿي وڃن ٿيون. پر ان ڪتاب جي انڪاري روش سبب مثبت خوبيون ختم ۽ منفي وصفون وڌي وڃن ٿيون ۽ هن کي سراپا خساري طرف ڌڪيلين ٿيون. هي قرآن حڪيم عليم طرفان آهي.(النمل) "اَلرَّحْمٰنُ○ عَلَّمَ الْقُرْاٰنَ○"(الرحمان: 1-2/55)

جَمِيْعُ الْعِلْمُ فِي الْقُرْآنِ لٰكِنْ
تَقَاصَرَ عَنْهُ اِفْهَامُ الرِّجَالِ

سمورن علمن جو سرچشمو قرآن آهي. مگر انساني (محدود) عقل ۽ فهم ان جي سمجهڻ کان قاصر آهي.

هڪ روايت آهي "مَنْ اُوْتِيَ الْقُرْآنُ فَرَاٰى اَحَدًا اَوْلٰى مِنَ الدُّنْيَا اَفْضَلَ مِمَّا اُوْتِيَ فَقَدْ صَغَّرَ عَظِيْمًا و عَظَّمَ صَغِيْرًا" جنهن کي قرآن جي دولت نصيب ٿي هجي ۽ دنياوي مال کي ان تي فوقيت ڏئي ٿو تہ گويا نندڙي شيءِ کي وڏو ۽ وڏي شيءِ کي نندڙو ڪري پيش ڪري ٿو. "يٰٓاَيُّهَا النَّاسُ قَدْ جَآءَتْكُمْ مَّوْعِظَةٌ مِّنْ رَّبِّكُمْ وَ شِفَآءٌ لِّمَا فِي الصُّدُوْرِ" (يونس: 57/10) اي انسانو! الله جي طرفان اوهان ڏانهن پند و نصيحت سان لبريز ڪتاب توهان جي پروردگار پاران اچي چڪو آهي، جيڪو اوهان جي سينن (جي مرض) جي بيماري جي لاءِ شفا ۽ مؤمنن جي لاءِ هدايت ۽ رحمت آهي. يعني قرآن هڪ مؤمن جي سيني جون سموريون بيماريون، غلاظتون ڪڍي صاف پاڪ ڪري ٿو. (البقره: 23/2، النساء: 82/4،

الانعام: 191/6، **يونس:** 39/10، **هود:** 13/11، **بني اسرائيل:** 106/17-41-9، **الكهف:** 34/18، **طٰهٰ:** 113/20، **الروم:** 58/30، **الزمر:** 28/39-27-23، **سبا:** 34/ 49، **محمد:** 50/ 64، **الصَّفّ:** 61/ 8، **التوبه:** 9/ 33)

سمورا انسان هر خيال هر فڪر ۽ همراءِ نہ آهن، ڪافر هجي يا مؤمن، پنهنجي پنهنجي طريقي سان مسلڪ ۽ مذهب تي رهي ٿو ۽ هو پنهنجن عقيدن ۽ خيالن ۾ مست مگن هجي ٿو. انهن کي درست سمجهي هو ٻين کي منهن موڙي ٿو. انسان اهڙو ته ناشڪرو آهي، جو جڏهن الله تعالىٰ کا نعمت عطا ڪري ٿو ته اهو بعد ۾ الله ۽ ان جي احڪامن کان منهن موڙي ڇڏي ٿو ۽ ڪروَٽ بدلي بيگانو ٿي وڃي ٿو ۽ جڏهن کيس کا تڪليف يا مشڪلات پيش اچي ٿي ته هو خدا جي رحمت کان نااميد ٿي وڃي ٿو.(حٰم السجده: 51/41) يعني هو پنهنجي پالڻهار کان قطع تعلقات ڪري ڇڏي ٿو. حالانڪ انسان تي الله جون نعمتون جسماني صحت سلامتي مالي وسعت ۽ قرآن جي نزول سان روحاني نعمت ۽ ملي ٿي، پر هو انهن سيني خداداد نعمتن کي وساري الله ۽ ان جي دين اسلام جي انحرافي ڪري ٿو. (الاعراف: 7/ 15، هود: 11/ 122-121) هر انسان ڪافر توڙي مؤمن پنهنجي پنهنجي متعيّن ۽ مُتشڪّل ممڪنات Potentialities ۾ ئي رهي ٿو ۽ ان مطابق ڪارگذاري ڪري ٿو، ڪيس معلوم هئڻ گهرجي ته خدا جو علم بسيط جي احاطي کان ڪنهن شخص جو ڪو به عمل ٻاهر ناهي. هو هر هڪ جي استطاعت مطابق سندس هر عمل، حرڪات ، سڪنات کي پوري طرح ڏسي رهيو آهي ۽ ڪيس ڇڪي طرح معلوم آهي ته ڪير ڪيترو پنهنجي دائري ۾ رهي، سڌي راهه تي هلي رهيو آهي ۽ ڪير ڪج روائي ۽ ڪج راهي جو شڪار آهي، ان ڪري هو ان سان انهيءَ مطابق ئي تعميل جي تقاضا ڪندو ۽ ان جي روشنيءَ ۾ سندس جزا ۽ سزا جو مطالبو ڪندو. "لَا يُكَلِّفُ اللّٰهُ نَفْسًا اِلَّا وُسْعَهَا" هر جان کي سندس وسعت ۽ استطاعت مطابق آزمايو ويندو. "شَاكِلَتِهٖ" جومفهوم سمجهڻ لاءِ عرض آهي ته ڪائنات جي هر شي ۾ ان جي ممڪنات مقدر ڪئي وئي آهي، جهڙي طرح انب جي ڪوڪڙيءَ ۾ انب جو پورو وڻ شاخن پتن ۽ انبن سان موجود آهي. ٻير جي ٻج ۾ ڪنڊا ۽ وڏو سايه دار وڻ موجود آهي. اهڙي طرح انسان جي غليظ قطري (منيءَ) ۾ پورو انسان موجود آهي، جيئن هڪ مخصوص سانچي Pattern ۾

جهڙو مادو پگهرائي وجهبو ته بلڪل اهڙي ساڳي صورت شڪل واري شيءِ نڪري ايندي. انسان جي تخليق واري مادي ۽ سندس حد استطاعت يا ممڪنات کي رکيو ويو آهي ۽ کا به شيءِ پنهنجي ان حد کان اڳتي نڪي ٿي سگهي ۽ جيستائين هن جي شَاكِلَه هن کي پهچڻ ڏئي ٿي. هن آيت جو مطلب به اهو ئي آهي ته هر شيءِ پنهنجي شَاكِلَه جي حد تائين پهچي سگهي ٿي. ان کان اڳتي وڌي نڪي سگهي. خارجي ڪائنات ۾ هر شيءِ جي شَاكِلَه متعين ٿئي ٿي، پر جيستائين انسان جو تعلق آهي. بلاشڪ سندس ممڪنات جي انتها يا حد ضرور آهي، پر موجوده زندگي جو دائرو ان جي آخري حد ناهي.

عروجِ آدمی خاکی سے انجم سہمے جاتے ہیں
کہ یہ ٹوٹا ہوا تارا مہ کامل نہ بن جائے

ستاروں سے آگے جہاں اور بھی ہیں
ابھی عشق کے امتحاں اور بھی ہیں
قناعت نہ کر عالم رنگ و بو پر
زمیں اور بھی ہیں، آسمان اور بھی ہیں

(اقبال رحمۃ اللہ علیہ)

شايد علامہ اقبال رحمۃ اللہ علیہ انسان جي انهي "ممڪنات" ۽ "استطاعت" طرف توجه مبذول ڪرائي رهيو آهي. "يٰمَعْشَرَ الْجِنِّ وَ الْاِنْسِ اِنِ اسْتَطَعْتُمْ اَنْ تَنْفُذُوْا مِنْ اَقْطَارِ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ فَانْفُذُوْا ؕ لَا تَنْفُذُوْنَ اِلَّا بِسُلْطٰنٍ○" (الرحمان: 33/55) اي جنن ۽ انسانن جا جٿا! جيڪڏهن اوهين آسمان ۽ زمين کان ٻاهر نڪري سگهندا آهيو ته نڪرو، وڏي همت کانسواءِ ٻي طرح سان نڪري نه سگهندو.(ترجمو مولانا امروٽي رحمۃ اللہ علیہ) معلوم ٿيو ته هو آسمانن ۽ زمين جون حدون پار ڪري سگهي ٿو.

ضرورت آشيان جي طائرِ لاهوت کي ڪهڙي
وجي ٿو آسمان جنهن وقت ان جو آشيان ٻڌجي

رهن ٿا رابطا اهلِ زمين جا عرش وارن سان
وجن ٿا صاحب دل جا مڪان بہ لامڪان بڌجي

(مشتاق سچاروي)

ليڪن موروثي اثرات معاشرتي ماحول، تعليم، تربيت ۽ جذباتي لاڙا اهڙا زنجير آهن، جن سان هن جا قدم بَڌجي وجن ٿا، پر قرآن ڪريم ان لاءِ اهڙو معاشرو، ماحول، تعليم، تربيت ۽ ذهني لڳاءُ پيدا ڪري ٿو، جنهن سان هن جون مڈم ۽ مضمر ٿيل صلاحيتون بہ ڪامل نشو نما حاصل ڪري وٺن ٿيون، بلڪل اهڙي طرح جيئن هڪ زنگ آلود تلوار سراڻ تي چمڪائي ويندي آهي. قرآن معاشري ۾ ۽ خداوندي قانون ۾ هر فرد تي سندس شَاڪِلَه مطابق ذميداري جزا ۽ سزا آهي.

وَ يَسْـَٔلُوْنَكَ عَنِ الرُّوْحِ ؕ قُلِ الرُّوْحُ مِنْ اَمْرِ رَبِّیْ وَ مَاۤ اُوْتِیْتُمْ مِّنَ الْعِلْمِ اِلَّا
قَلِیْلًا ﴿۸۵﴾ وَ لَىِٕنْ شِئْنَا لَنَذْهَبَنَّ بِالَّذِیْۤ اَوْحَیْنَاۤ اِلَیْكَ ثُمَّ لَا تَجِدُ لَكَ بِهٖ
عَلَیْنَا وَكِیْلًا ﴿۸۶﴾ۙ اِلَّا رَحْمَةً مِّنْ رَّبِّكَ ؕ اِنَّ فَضْلَهٗ كَانَ عَلَیْكَ كَبِیْرًا ﴿۸۷﴾ قُلْ
لَّىِٕنِ اجْتَمَعَتِ الْاِنْسُ وَ الْجِنُّ عَلٰۤی اَنْ یَّاْتُوْا بِمِثْلِ هٰذَا الْقُرْاٰنِ لَا یَاْتُوْنَ
بِمِثْلِهٖ وَ لَوْ كَانَ بَعْضُهُمْ لِبَعْضٍ ظَهِیْرًا ﴿۸۸﴾ وَ لَقَدْ صَرَّفْنَا لِلنَّاسِ فِیْ هٰذَا
الْقُرْاٰنِ مِنْ كُلِّ مَثَلٍ ۫ فَاَبٰۤی اَكْثَرُ النَّاسِ اِلَّا كُفُوْرًا ﴿۸۹﴾ وَ قَالُوْا لَنْ نُّؤْمِنَ
لَكَ حَتّٰی تَفْجُرَ لَنَا مِنَ الْاَرْضِ یَنْۢبُوْعًا ﴿۹۰﴾ۙ اَوْ تَكُوْنَ لَكَ جَنَّةٌ مِّنْ نَّخِیْلٍ وَّ
عِنَبٍ فَتُفَجِّرَ الْاَنْهٰرَ خِلٰلَهَا تَفْجِیْرًا ﴿۹۱﴾ۙ اَوْ تُسْقِطَ السَّمَآءَ كَمَا زَعَمْتَ
عَلَیْنَا كِسَفًا اَوْ تَاْتِیَ بِاللّٰهِ وَ الْمَلٰٓىِٕكَةِ قَبِیْلًا ﴿۹۲﴾ۙ اَوْ یَكُوْنَ لَكَ بَیْتٌ مِّنْ

زُخْرُفٍ اَوْ تَرْقٰى فِي السَّمَآءِ ؕ وَ لَنْ نُّؤْمِنَ لِرُقِيِّكَ حَتّٰى تُنَزِّلَ عَلَيْنَا كِتٰبًا نَّقْرَؤُهٗ ؕ قُلْ سُبْحَانَ رَبِّيْ هَلْ كُنْتُ اِلَّا بَشَرًا رَّسُوْلًا ﴿۹۳﴾ ع ۱۰

هي ماڻهو تو کان روح بابت سوال پڇن ٿا، تون کين چئو تہ روح منهنجي رب جو امر آهي، توهان کي تمام ٿورڙو علم ڏنو ويو آهي.(85) جيڪڏهن اها اسان جي مشيت هجي ها تہ جيڪو ڪتاب اسان تو تي وحي ڪيو آهي، ان کي (دلين) تان محو ڪري ڇڏيون ۽ تون ان لاءِ اسان جي مقابلي ۾ ڪنهن کي بہ مددگار نہ ڏسندين.(86) پر (هن جو قائم رهڻ) تنهنجي پروردگار جي رحمت آهي، بلاشڪ تو تي هن جو وڏو فضل آهي.(87) تون (هنن ڪافرن کي) چئو تہ جيڪڏهن انسان ۽ جِنَّ هن ڪَالهہ تي هڪ ٿي وجن تہ هو هن قرآن جهڙو (ٻيو قرآن) ناهي ايندا تہ هو نہ ناهي سگهندا، توڙي ڪٽي هو هڪ ٻئي جي مدد ڪن.(88) اسان هن قرآن ۾ ورائي ورائي هر طرح جون نشانيون بيان ڪيون آهن، مگر اڪثر ماڻهو انڪار ڪرڻ کان باز نہ آيا.(89) ۽ چوڻ لڳا اسان توتي تيستائين ايمان نہ آڻينداسون، جيستائين اسان لاءِ زمين مان چشما جاري ڪري نڪو ڏيکارين.(90) يا تنهنجو کجين يا انگورن جو ڪوئي باغ هجي ۽ ان جي دامن ۾ نهرون جاري هجن.(91) يا جيئن چوين ٿو اسان تي آسمان جا ٽڪرا ڪيراءِ، يا خدا ۽ ان جي فرشتن کي اسان جي (اکين) آڏو سامهون آڻي ڏيکار.(92) يا تنهنجو سون جو گهر هجي يا تون آسمان ڏانهن چڙهي ڏيکار، پر ها! تنهنجي آسمان ڏانهن چڙهي وڃڻ کي بہ تيستائين نہ مڃينداسون جيستائين ڪو ڪتاب نہ آڻين ۽ ان کي اسان پڙهي بہ سگهون. هنن کي چئو تہ منهنجو پروردگار پاڪ آهي، مان تہ ان جو پيغام رسان انسان آهيان.(93)

اي نبي محترم ﷺ! هي كافر تو كان پڇن ٿا تہ روح ڇا آهي، ان جي حقيقت ۽ ماهيت ڇا آهي، هنن کي ڇئو تہ روح يا وحيءَ جو تعلق خدا جي امر سان آهي. توهان جي علم جو دائرو محسوسات تائين محدود آهي ۽ غير محسوسات تائين ان جي رسائي نہ آهي، ان ڪري توهان عالمِ امر بابت اصل حقيقت جي ماهيت کي نٿا سمجهي سگهو. هن جو علم انبياءِ ڪرام کي ڏنو ويو آهي يا ان مقربين اولياءِ کي رسائي ٿي آهي، جنهن کي الهام، ڪشف يا علم لدني ذريعي روشن ضمير ڪيو ويو آهي، جيڪي هنن ظاهري اکين، ڪنن ۽ حراس ذريعي معلومات حاصل نٿا ڪن، مگر انهن جي دل جي بصيرت واريون اکيون، ڪن ۽ حس هن نعمت کان آگاهي رکن ٿا. ياد رهي تفسيرن "اَلرُّوْحُ" کي هت بن نمونن ۾ پيش ڪيو آهي. هڪڙا "اَلرُّوْحُ" مان مراد وحي الاهي ونن ٿا ۽ ٻيا "اَلرُّوْحُ" مان مراد الاهي توانائي بيان ڪن ٿا، جيڪا انسان کي حد بشريت يا پنهنجي پنهنجي ممڪنات اندر رهي ڪيس اشرف المخلوقات جو درجو عطا ڪري ٿي. جن جو خيال آهي تہ الروح مان مراد وحي الاهي آهي، اهي چون ٿا تہ هن آيت جي اڳيان پويان وارين آيتن تي غور ڪبو تہ "اَلرُّوْحُ" کي وحي الاهي(قرآن) ئي ڇئي سگهجي ٿو. هن وحي الاهي جو اچڻ ۽ سمجهڻ نبي لاءِ تہ آسان ڪيو ويو آهي، پر ٻين عام ماڻهن، فلاسفرن، دانشورن جي سمجهہ کان ٻاهر آهي. وحيءَ جي ماهيت ۽ حقيقت عالمِ امر سان جڙيل هڪڙ سبب ان جي ڄاڻ محسوس ذريعن سان نٿي ٿي سگهي. عالم امر جو تعلق عالم غيب سان آهي، جتي انساني علم۽ حواس جي رسائي ناهي. ان ڪري عام انسانن کي عالمِ امر کي ائين مجڙو پوندو، جهڙي طرح عالم غيب تي ايمان آڻبو آهي. (البقره: 3/2) ۾ آيو آهي: "اَلَّذِيْنَ يُؤْمِنُوْنَ بِالْغَيْبِ" سورة الاعراف: 54/7) ۾ آهي: "اَلَا لَهُ الْخَلْقُ وَ الْاَمْرُ" خبردار! تخليق ۽ امر هن جو شان آهي. سورة النحل: 40/16 ۾ آهي: "اِذَآ اَرَدْنٰهُ اَنْ نَّقُوْلَ لَهٗ كُنْ فَيَكُوْنُ○" جڏهن اسان ڪنهن شي جو ارادو ڪيون ٿا تہ ان کي ڇئون ٿا تہ "ٿي ڇؤ" پوءِ هوءَ ٿي پوي ٿي. تخليق يعني خلق ڪان اڳ ارادو امر آهي. تخليق تائين تہ محسوسات يا حواس ۽ علم جي رسائي آهي، پر عالم امر الله جي ان ارادي يعني نقش اول جو پتو ناهي. گويا "اَلرُّوْحُ" الاهي توانائي آهي. "فَنَفَخْنَا فِيْهِ مِنْ رُّوْحِنَا" ۾ اها الاهي توانائي آهي، جيڪا انسان کي الله سان هم ڪلامي ڪرائي ٿي ۽ الله جي اها قربت نصيب ٿئي ٿي، جنهن جو ذڪر هن حديث ۾ آهي تہ الله باري تعالىٰ فرمايو تہ منهنجو

ٻانهو نفلن جي ذريعي منهنجو تقرب حاصل ڪندو رهي ٿو. ايتري قدر جو مون کي ان سان محبت ٿي وجي ٿي ۽ جڏهن منهنجي هن سان محبت ٿي وجي ٿي ته مان هن جا ڪن ٿي ٿو وجان، جن سان هو ٻڌي ٿو ۽ مان هن جون اکيون ٿي وجان ٿو جن سان هو ڏسندو آهي، يعني هن جو ٻڌڻ منهنجو ٻڌڻ ۽ هن جو ڏسڻ منهنجو ڏسڻ ٿي ويندو آهي. هو ڪنهن شيءِ کي هٿ سان پکڙي ٿو ته گويا مان پکڙيان ٿو ۽ هو پنهنجن قدمن سان هلي ٿو ته گويا مان هلان ٿو. (صحيح بخاري: راوي ابوهريره) "اِنَّ فِیْ جَسَدِ آدَمَ لَمُضْغَةٌ وَفِی الْمُضْغَةِ فُؤَادٌ وَفِی الْفُؤَادِ سِرٌّ وَفِی السِّرِّ خَفِیٌّ وَفِی الْخَفِیِّ اِخْفٰی وَفِی الْاِخْفَا اَنَا" (حديث- روائح ريحاني) انسان جي جسم ۾ گوشت جو ٽڪرو آهي، ان گوشت جي ٽڪري ۾ فواد (دل) آهي ۽ ان فواد ۾ سِرّ آهي ۽ ان سرّ ۾ خفيّ آهي ۽ ان خفيّ ۾ اخفا آهي ۽ ان اِخفا ۾ آءٌ (ذات پاڪ باري تعالیٰ) آهيان.

دل بدست آور کہ حج اکبر است
از ہزاران کعبہ یک دل بہتر است
کعبۂ بنیاد خلیل آور آراست
دل گذر گاہ جلیل اکبر است

ماڻهن جون دليون موهي وڃ، چو ته اهو حج اڪبر آهي ۽ هزار ڪعبن کان هڪ دل بهتر آهي، چو ته ڪعبت الله ته خليل الله جي تعمير آهي، پر دل خدا جو گذرگاهه آهي.

هن آيت ڪريمه ۾ بظاهر خطاب پاڻ ڪريمن ﷺ ڏانهن آهي، پر اصل مقصد ماڻهن (ڪافرن) کي ٻڌائڻ آهي ته اي انسانو! هن قرآن کي الله جي هڪ وڏي نعمت ۽ نوازش سمجهو. هن تي ايمان آڻي ان مطابق عمل ڪريو. هن نعمت جي ناقدري ۽ الله جي ناشڪري نه ڪريو، ورنہ ڇڪي طرح سمجهي وٺو ته جنهن حق تعالیٰ اوهان تي ايڏي نوازش ڪئي آهي، اهو قادر مطلق الله پنهنجي اها نعمت (قرآن) واپس ٻه وٺي سگهي ٿو ۽ اوهان خدا جي هن عظيم رحمت، هدايت، برڪت ۽ مغفرت جهڙي انمول نعمت کان محروم ٿي ويندا ۽ ان کي وري حاصل ڪرڻ لاءِ اوهان کي ڪو حمايتي ۽ مددگار ٻه ڪو نه ملندو، جو اوهان جي مدد ڪري سگهي.(الانعام: 116/6) هي ته توهان جي پروردگار جو فضل، ڪرم ۽ احسان آهي ته قرآن سراپا هدايت ۽ رحمتن جو علم آهي،

جيڪو آنحضرت ﷺ جي ذريعي اوهان جي اصلاح لاءِ وحي ٿي رهيو آهي.(البقره: 10/2) ۽ وحي "وهبي" آهي، "ڪسبي" نه آهي.(الانعام: 116/6، ابراهيم: 11/14، الحجر: 15/ 9، الاعلیٰ: 6-7/87) خدا کي ذرا پر دير نه لڳندي ته ان کي واپس ونئي ڇڏي. پر خدا جي رحمت جو قانونِ مهلت آهي، جو اوهان کي موقعو ڏنو ٿو وڃي ته هن نسخه ڪيميا مان فائدو حاصل ڪري، حياتِ جاويد جو مرتبو ماڻي ونو. خدا جو اوهان تي ڪيڏو نه وڏو ڪرم ۽ فضل آهي، جو پنهنجو پيارو رسول ﷺ رحمت للعالمين، رؤف رحيم، هادئ رهبر بنائي اوهان ڏانهن ان جي ذريعي هن قرآن کي موڪليو ويو آهي ته ان تي عمل ڪريو ۽ وحشي جانورن مان مهذب انسان ٿي وجو. هي بي نظير ۽ بي مثال ڪلام اوهان جي جسماني ۽ روحاني بيمارين جي لاءِ شفا ۽ الله سان رابطي کي قائم رکڻ لاءِ هڪ اهڙي مضبوط رسي آهي، جنهن جو هڪ سرو الله ذوالجلال جي دست رحمت ۾ آهي ته ٻيو سرو اوهان جي هٿن ۾ آهي.

فاش گويم آنچه در دل مضمراست
ايں کتابے نيست چيزے ديگر است
مثل حق پنهاں وہم پيدا ست ايں
زنده و پائنده گويا ست ايں

(اقبال رحمۃ اللہ علیہ)

جيڪو راز منهنجي سيني ۾ مخفي آهي، اهو مان صاف صاف ٻڌايان ٿو ته هي (قرآن حڪيم) ڪو ڪتاب نه آهي، پر هي ڪا شيءِ ئي بي آهي. هي ذات باري تعالیٰ وانگر پوشيده به آهي ته ظاهر به آهي ۽ هي هميشه رهڻ وارو زنده جاويد باقي رهڻ وارو فنا نه ٿيڻ وارو به آهي ته هر وقت هم ڪلام به آهي.

قرآن جي تلاوت مان ائين محسوس ٿو ٿئي ته هي ڪتاب پاڻ حق ۽ سچائي بيان ڪري رهيو آهي. هن ڪتاب جي حفاظت جو ذمو رب العزت پاڻ کنيو آهي ۽ اهو ئي هن جي اڪر اڪر، زير زبر، لفظ لفظ، معنیٰ مفهوم جو محافظ ۽ نگران آهي. اهو ئي هن کي مؤمن حافظ ڪرام جي دلين ۾ محفوظ رکي ٿو ۽ اهو ئي هن جي نشرو اشاعت لاءِ ذميدار نگران منتخب ڪري ٿو. هي ڪتاب هدايت ۽ شفا جو انمول نسخو آهي. هن کي

خوبصورت ڪپڙن ۾ ويڑهي رکڻ يا قرآن کي پنهنجي زندگي جو رهنما نہ بنائڻ قرآن سان ظلم يا زيادتيءَ برابر هوندو، جنهن لاءِ سورة الفرقان: 30/25 ۾ آهي: "وَقَالَ الرَّسُوْلُ يٰرَبِّ اِنَّ قَوْمِي اتَّخَذُوْا هٰذَا الْقُرْاٰنَ مَهْجُوْرًا " (ڏجو ان ڏينهن کان) جڏهن الله جي رسول ﷺ ذوالجلال والا نتقام آڏو دانهين ٿيندو تہ مسلمانن هن قرآن جي مثالي زندگيءَ کان پاڻ کي شتر بي مهار ڪري ڇڏيو هو. قرآن کي چمندا بہ هئا، سيني سان لڳائيندا بہ هئا، پر هنن پنهنجن خود ساختہ رسمن رواجن ۾ ان کي جڪڙي رکيو هو. هن کي چراغ راهہ بنائڻ ۽ زاويءِ حيات ڪرڻ بدران پنهنجي من ماني طرز ۽ روش کي هن جي صراط مستقيم تي ترجيح ڏيندا هئا (بني اسرائيل: 41/17 ۽ 59) ۽ هن جي حقيقي پيغام تي ڪن نہ ڌريون. (التڪوير: 25/81-22، الحاقه: 42/69) وڌيڪ حوالا آيت 82 جي آخر ۾ ڏسو. هيءُ ڪتاب الله طرفان نازل ڪيو ويو آهي، جنهن جو وڏو ثبوت اهو آهي تہ ساري دنيا جا انسان ۽ جنّ سڀ گڏجي ڪوشش ڪن تہ هن قرآن جهڙو هوبهو ٻيو قرآن ناهي سگهن ٿا تہ ڪين ڪليو چئلينج آهي تہ ناهي ڏيکارين، پر اهو ممڪن نہ آهي جو ائين ڪري سگهن. (البقره: 23/2، النساء: 82/4، يونس: 38/10، هود: 13/11، الزمر: 27/39، الطور: 32-33/52) وڌيڪ حوالن لاءِ ڏسو سورت البقره جي آيت23. پلي هو هڪ ٻئي جي گڏجي مدد ڪن. قرآن جي هن معجزي وڏن وڏن دانشورن، فصاحت بلاغت جي ماهرن في البديه شاعرن عربي زبان جي مشهور ليککن ، عالمن اديبن، سمورن کي اهو چئليج مليو، مگر هن ڪلام جي مضامين جي نزاڪت، بلاغت انداز بيان، محاسن معنوي ۽ ترتيب لفظ جو مقابلو نہ ٿي سگهيو آهي ۽ نہ وري ٿي سگهندو. هي قرآن حڪيم جو اعجاز آهي، جو تمام مخلوقات هن جي مقابلي کان عاجز آهي. جهڙي طرح ذات باري تعالىٰ بي مثل بي نظير ۽ بي شريڪ آهي، اهڙي طرح هن جو هي ڪلام بہ بينظير ۽ بي مثال آهي. ڪافرن جو اهو الزام تہ هيءُ قرآن محمد ڪريم ﷺ پاڻ ناهي پيش ڪري رهيو آهي، ان جي ترديد ۾ ٻڌايو ويو تہ هي ڪلام الاهي آهي. هيءُ قرآن جيڪو توحيد ۽ آخرت ۾ الله جي حضور پيش ٿيڻ ۽ انساني فلاح ۽ بهبود جي حڪمن کي طرح طرح جي مثالن سان ورائي ورائي بيان ڪري ٿو، سو جيڪو انسان بہ حق ۽ سچ جو متلاشي هوندو، هي قرآن ان کي منزل رسيد ڪري ڇڏيندو ۽ هو زندگيءَ جون خوشگوار بهارون ۽ اُخروي حيات

جون بي مثال ڪاميابيون ماڻي ويندو. (البقره: 23/2 ۽ 105، الانعام: 125/6، ابراهيم: 14/ 11، يونس: 38/10) پر افسوس آهي جو انسان انڌ جي گهوڙي تي سوار ٿي پنهنجي ضد، هٺ يا ريتن رسمن جو غلام ٿي، حق ۽ باطل سچ ۽ ڪوڙ نفعي ۽ نقصان ۾ تميز ڪرڻ جي صلاحيت بہ وجائي وينو آهي ۽ حق ۽ سچائي جي متحرڪ ۽ پرڪشش سيرت رسول ﷺ، حڪمت ۽ هدايت جي سرچشمي قرآن جي فيض کان محروم آهي ۽ انڪار ڪري ڪم عقلي ۽ جهالت جو ثبوت ڏئي رهيو آهي. وحي الاهي ۽ سيرت نبوي ﷺ جي موجودگي ۾ ڪنهن ٻئي معجزي جا خواهان آهن، حالانڪ هي قرآن ۽ حضور ﷺ جي زندگي کان وڌيڪ ڪو بہ معجزو ٿي نٿو سگهي. هو اهڙي روشن ۽ بي مثل معجزي هوندي چون ٿا تہ هي تہ اسان جهڙو بشر آهي. اسان وانگر کائي پيئي اٿي ويهي ٿو. الله تعالىٰ عرب جي رؤساءِ ۽ امراءَ کي ڇڏي هن يتيم، بي مال و متاع ثروت و اقتدار واري يتيم شخص کي رسول ڪيئن بنايو. جيڪڏهن هو واقعي الله جو رسول ﷺ آهي تہ پوءِ چشما ناهي ڏيکاري، يا انگورن ۽ کجي جا باغ اپائي ڏيکاري، سونو محل بڻائي يا اسان کي سزا ڏيڻ لاءِ آسمان جا ٽڪرا ڪيرائي. (الشعراء: 187/26) يا الله ۽ فرشتن کي اسان جي سامهون ڏيکاري. (الانعام: 35/6) هنن کي جواب ۾ چئو تہ "سُبْحَانَ رَبِّيْ هَلْ كُنْتُ اِلَّا بَشَرًا رَّسُوْلًا" منهنجو پروردگار پاڪ آهي، جو ڪو ئي هن جي قدرت ڪامل ۾ شريڪ ٿي سگهي، مان بشر آهيان، جنهن کي الله اوهان جي هدايت لاءِ موڪليو آهي. منهنجي پوري عمر اوهان جي آڏو ڪليل ڪتاب آهي ۽ قرآن الله جو اهڙو ڪلام آهي، جنهن جو ڪو مثال يا نظير ناهي، اوهان کي ڇڏي ڪڏهن روح، ڪڏهن وحي تہ ڪڏهن رسالت ۽ نبوت جي حقيقت ۽ ماهيت ڄاڻڻ ۾ مشغول آهيو. اوهان کي هن ڪتاب تي ايمان آڻڻ کان ڪهڙي شيءِ مانع آهي. ڪنهن بہ پيغمبر يا انسان کي خدائي اختيارات حاصل نہ آهن ۽ نہ وري هي ان جو شان آهي، جو وحي الاهي جي هوندي اهڙيون بي ضرورت نمائشي فرمائشون پوريون ڪري. رسول جو فرض منصبي اهو آهي تہ هو الله جي پيغام کي الله جي ٻانهن ڏانهن جيئن جو تيئن پيش ڪري، ان ۾ نقطي ۽ اعراب جو فرق بہ نٿو آڻي سگهي. مان بشر جي صفت سان گڏ الله جو رسول بہ آهيان. رسول جو ڪم تہ امانت، ديانت ۽ صداقت سان حق تعالىٰ جو پيغام ۽ شريعت جا احڪام خلق خدا

تائين پهچائڻ آهي. منهنجي صداقت ۽ نبوت ۽ رسالت جو دارومدار معجزن تي نہ آهي، جيڪڏهن ان هوندي بہ هو حق تسليم ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهن ۽ هٹ گهڙيا معجزا گهري رهيا آهن تہ هنن کي پنهنجي حالت تي ڇڏي ڏي. هنن جي اکين ۽ دل جي بصيرت ڪنن ۽ دل جي سماعت ۽ سوچ ۽ فڪر ۽ حق جي تلاش واري صلاحيت ختم ٿي چڪي آهي. هي انهيءَ ساڳي سرزمين تي اوهان سان گڏ رهي رهيا آهن، پر هو پنهنجي سوچ، عمل، ڪردار ۽ گفتار ۽ اوهان کان بلڪل الڳ آهن.

پرواز ہے دونوں کی اسی ایک فضا میں
کرگس کا جہاں اور ہے شاہیں کا جہاں اور

کافر کی یہ پہچان کہ آفاق میں گم ہے
مؤمن کی یہ پہچان کہ گم اس میں ہیں آفاق

(اقبال رحمۃ اللہ علیہ)

ڪريا ڏسي ڪيڏ، ڪرين ڪير نہ چڪيو
دنيا ڪارڻ دين وڃائي ولها ٿيا

(شاھ لطیف رحمۃ اللہ علیہ)

وَ مَا مَنَعَ النَّاسَ اَنْ يُّؤْمِنُوْٓا اِذْ جَآءَهُمُ الْهُدٰٓى اِلَّآ اَنْ قَالُوْٓا اَبَعَثَ اللّٰهُ
بَشَرًا رَّسُوْلًا ﴿۹۴﴾ قُلْ لَّوْ كَانَ فِي الْاَرْضِ مَلٰٓئِكَةٌ يَّمْشُوْنَ مُطْمَئِنِّيْنَ لَنَزَّلْنَا
عَلَيْهِمْ مِّنَ السَّمَآءِ مَلَكًا رَّسُوْلًا ﴿۹۵﴾ قُلْ كَفٰى بِاللّٰهِ شَهِيْدًۢا بَيْنِيْ وَ بَيْنَكُمْ ؕ
اِنَّهٗ كَانَ بِعِبَادِهٖ خَبِيْرًۢا بَصِيْرًا ﴿۹۶﴾ وَ مَنْ يَّهْدِ اللّٰهُ فَهُوَ الْمُهْتَدِ ۚ وَ مَنْ
يُّضْلِلْ فَلَنْ تَجِدَ لَهُمْ اَوْلِيَآءَ مِنْ دُوْنِهٖ ؕ وَ نَحْشُرُهُمْ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ عَلٰى
وُجُوْهِهِمْ عُمْيًا وَّ بُكْمًا وَّ صُمًّا ؕ مَاْوٰىهُمْ جَهَنَّمُ ؕ كُلَّمَا خَبَتْ زِدْنٰهُمْ

سَعِيْرًا ﴿۹۷﴾ ذٰلِكَ جَزَآؤُهُمْ بِاَنَّهُمْ كَفَرُوْا بِاٰيٰتِنَا وَ قَالُوْٓا ءَاِذَا كُنَّا عِظَامًا وَّ
رُفَاتًا ءَاِنَّا لَمَبْعُوْثُوْنَ خَلْقًا جَدِيْدًا ﴿۹۸﴾ اَوَ لَمْ يَرَوْا اَنَّ اللّٰهَ الَّذِيْ خَلَقَ
السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضَ قَادِرٌ عَلٰٓى اَنْ يَّخْلُقَ مِثْلَهُمْ وَ جَعَلَ لَهُمْ اَجَلًا لَّا رَيْبَ
فِيْهِ ؕ فَاَبَى الظّٰلِمُوْنَ اِلَّا كُفُوْرًا ﴿۹۹﴾ قُلْ لَّوْ اَنْتُمْ تَمْلِكُوْنَ خَزَآئِنَ رَحْمَةِ
رَبِّيْٓ اِذًا لَّاَمْسَكْتُمْ خَشْيَةَ الْاِنْفَاقِ ؕ وَ كَانَ الْاِنْسَانُ قَتُوْرًا ﴿۱۰۰﴾ ع ۱۱

جڏهن هنن وٽ هدايت اچي وئي تہ انهن ماڻهن جي ايمان آڻڻ ۽ اها شيءِ رڪاوٽ ٿي تہ چا الله هڪ انسان کي رسول ڪري موڪليو آهي.(94) تون هنن کي چئو تہ جيڪڏهن زمين تي فرشتا هجن ها ۽ اطمينان سان گهمي ڦري رهيا هجن ها تہ اسان آسمان مان هنن تي فرشتن کي ئي رسول ڪري موڪليون ها. (95) هنن کي چئو تہ منهنجي ۽ اوهان جي درميان الله گواهہ طور ڪافي آهي، اهو (الله) پنهنجن ٻانهن جي پوري خبر رکي ٿو ۽ مٿن نظر رکي ٿو(96) ۽ جنهن شخص کي الله هدايت ڏئي ٿو اهو ئي هدايت يافتہ ٿئي ٿو، پر جنهن کي گمراهہ ڪري ٿو تہ ان جو ڪو بہ والي وارث (رفيق) نہ هوندو ۽ اسان هنن کي قيامت جي ڏينهن اونڌي منهن انڌو گونگو ۽ ٻوڙو ڪري (بنائي) قيامت ڏينهن اٿاريندا سون، هنن جو ٺڪاڻو دوزخ هوندو. جڏهن ان جي باهہ اجهامڻ لڳندي تہ ان کي وري ٻڙڪايو (تيز ڪيو) ويندو.(97) انهن جي اها سزا آهي جو هو اسان جي آيتن جو ڪفر ڪندا هئا ۽ چوندا هئا تہ اسان مري بوسيده (پورا پورا) هڏيون ٿي ويندا سون تہ چا وري نئين سر پيدا ڪيا ويندا سون.(98) چا هو اهو نٿا ڄاڻن تہ جنهن الله آسمان ۽ زمين پيدا ڪيا آهن، اهو هن ڳالهہ تي بہ قدرت رکي ٿو تہ هنن جهڙا (ماڻهو) پيدا ڪري ۽ هن انهن لاءِ هڪ وقت مقرر

ڪري ڇڏيو آهي. جنهن جي اڇڻ ۾ ڪو به شڪ ناهي. هن تي به ظالم انڪار ڪرڻ کان باز نہ آيا.(99) هنن کي چئو ته جيڪڏهن منهنجي رب جي رحمت جا خزانا اوهان جي هٿ ۾ هجن ها ته توهان خرچ ڪرڻ جي خوف کان بند رکو ها ۽ انسان تمام تنگ دل آهي.(100)

هن کان اڳ ڪافرن جي ان خواهش بي جا جو ذڪر هيو ته جيڪڏهن محمد ڪريم ﷺ خدا جو نبي آهي ته پوءِ هي هتي معجزا ڪري ڏيکاري. جنهن تي کين ٻڌايو ويو ته اوهان جو شايد اهو خيال آهي، جيڪو شخص خدا جو رسول ٿي آيو آهي ته ان کي هر شيءِ هر ڪالهه ڪرڻ جي قدرت ۽ اختيار هجي ته اهو خيال به غلط ۽ فاسد آهي. خدا جو رسول الله جي سمورن اختيار ۽ قدرت جو مالڪ نہ هوندو آهي، پر هن جو منصبي فرض الله جو پيغام پهچائڻ آهي. نہ وري اهڙي دعويٰ ڪئي آهي ته مان الله آهيان ۽ هر شيءِ منهنجي مٺ ۾ آهي، جيڪو گهران ڪري سگهان ٿو. معجزن جو ظهور الله جي مشيت سان ٿيندو آهي. اهو ئي ڪلي قدرت اختيار ۽ اقتدار جو مالڪ آهي. هن دليل کان لاجواب ٿي چوڻ لڳا ته الله انسانن جي هدايت ۽ رهبريءَ لاءِ هڪ بشر کي نبي ڪري ڇو موڪليو آهي. جيڪو شخص اسان وانگر کائي پيئي، نڪاح ڪري، اولاد ڄڻي ٿو وغيره وغيره. الله ڪنهن فرشتي کي اها ذميواري ڇو نہ ڏني آهي، جنهن ۾ اهي جسماني ضرورتون ۽ ڪمزوريون نہ هجن ها. هو هر ڪثافت کان پاڪ هجي ها، خالص نور هجي ها ۽ شمع هدايت ٻڙجي ها. هر دور جا هينئلا ضدي ۽ سرڪش ماڻهو جن پيغمبرن جي مخالفت ۽ مخاصمت ڪئي آهي ۽ هميشہ اها ٻولي ٻولیندا رهيا آهن، بشر رسول ٿي نٿو سگهي. نوح عليه السلام کي چيو ويو "بَشَرٌ مِّثْلُنَا" (هود: 27/11) شعيب عليه السلام کي چيو ويو: "مَا هٰذَآ اِلَّا بَشَرٌ مِّثْلُكُمْ" (المومنون: 23/34-33) صالح عليه السلام کي چيو ويو: "مَآ اَنْتَ اِلَّا بَشَرٌ مِّثْلُنَا" (الشعراء: 154/26) موسیٰ ۽ هارون عليهما السلام کي چيو ويو: "اَنُؤْمِنُ لِبَشَرَيْنِ مِثْلِنَا" (المومنون: 47/23) هنن ڪافرن جي هميشہ اها غلط فهمي رهي آهي ته بشر رسول ٿي نٿو سگهي، ڇو ته هو بشر آهي. اهو ئي سبب آهي جو مڪي جي ڪافرن به آنحضرت ﷺ جي ذات اقدس تي به اهو ئي اعتراض ڪيو ته تون بشر آهين ۽ بشر رسول ٿي نٿو سگهي. نور هدايت جي اڇڻ بعد به هن منڪر ٽولي جون اکيون نہ کليون ۽ چوڻ لڳا ته

الله کي نبي موکلٹو هو تہ کنهن فرشتي کي موکلي ها. کين ٻڌايو وجي ٿو تہ جيکڏهن زمين تي رهندڙ انسان نہ پر فرشتا هجن ها تہ پوءِ انهن لاءِ فرشتو ئي رسول ٿي اچي ها. (الزخرف: 60/43) جيکڏهن انسانن ڏانهن فرشتي کي اصل صورت ۾ موکلجي ها تہ ماڻهن جون اکيون ۽ دل برداشت ڪري نہ سگهن ها ۽ اهو به چون ها تہ هي تہ فرشتو آهي هن جي ڪا خواهش آهي، نہ ضرورت، نہ ڪو رشتو آهي نہ ناتو، نہ جذبا آهن نہ احساس. اسان جو هن سان ڪهڙو مقابلو؟ اسان جو اهل وعيال آهي، مجبوريون ۽ ضرورتون آهن، طرح طرح جا ڏک ڏکڙا آهن، اسان هنن جي پيروي ڪيئن ڪري سگهون ٿا. پر جيکڏهن فرشتن کي انساني صورت ۾ موکلجي ها تہ پوءِ ساڳيو اعتراض اٿاريو وجي ها. (الزخرف: 60/43) ان ڪري الله رسول ۽ نبين جو انتخاب انسانن مان ئي ڪيو آهي تہ جيئن هڪ انسان ٻئي انسان جي سيرت ۽ عمل جي پيروي ڪري سگهي ۽ امتحان جو حجاب باقي رهي. انهن کي نبوت ۽ رسالت جي اعلیٰ وحيءَ نعمت سان نوازيو آهي. انسان ئي انسان آڏو زندگيءَ جو عملي نمونو پيش ڪري ٿو.

درد دل کے واسطے پیدا کیا انسان کو
ورنہ اطاعت کے لیے کچھ کم نہ تھی کروبیاں

انسان کي تہ دل جي درد لاءِ پيدا ڪيو آهي، باقي عبادت لاءِ تہ فرشتا ئي کوڙ هئا.

عروج آدم خاکی سے انجم سہمے جاتے ہیں
کہ یہ ٹوٹا ہوا تارا مہ کامل نہ بن جائے

(اقبال رحمۃ اللہ علیہ)

جيکڏهن اهي ڪافر پنهنجي ضد تي قائم آهن ۽ واضح ۽ روشن دليلن ۽ ثبوتن جي باوجود هنن جا خود ساخته خدشا ۽ شڪ شبها دور نٿا ٿين تہ پوءِ تون هنن کي صاف صاف ٻڌائي ڇڏ تہ مان الله جو موڪليل رسول آهيان. منهنجي ۽ اوهان جي درميان الله گواهه آهي، جيڪو ڄاڻي ٿو تہ مان ان جو سچو رسول آهيان. جيکڏهن اوهان نٿا مڃو تہ نہ مڃو. ڪو زور زبردستي ناهي. ”لَآ اِكْرَاهَ فِي الدِّيْنِ ۙ قَدْ تَّبَيَّنَ الرُّشْدُ مِنَ الْغَيِّ“ دين ۾ زبردستي ناهي. هن صريح انڪار جا نتيجا به اوهان کي يوگهٽا پوندا. الله پنهنجن بانهن جي احوال کان بخوبي واقف آهي. اوهان جي عناد ۽ ضد کي به ڏسي ٿو ۽ ڄاڻي ٿو. ان جي

سزا اوهان کي ملندي.(المنافقون: 1/63)

داتا جي در تي وڃند وينو پس
تنهن روڳي کي رس جو آلودو آزار سين

(شاھ لطيف ﷺ - سر بلاول شاھ)

هن حقيقت کي ياد رکو تہ صحيح رستي تي اهو انسان هوندو آهي، جيڪو خدا جي عطا ڪيل هدايت ۽ رهنمائيءَ جي مطابق هلندو آهي، پر جيڪو ان رستي کي ڇڏي ڏيندو تہ ان جو ڪو بہ ڪارساز نہ هوندو. انسان جي چڱائي ۽ برائي جي نتيجن جو مدار قانون مشيت ايزدي تي آهي. جيڪو پوکبو اهو لڻبو. (بني اسرائيل: 54/17، طٰہٰ: 101/20-100) نيڪوڪارن لاءِ الله رضامند ۽ جنت جا باغ آهن، جتي هو هميشہ هميشہ خوشگوار زندگي گذارينداء. پر برن اعمالن وارن کي قيامت جي ميدان ۾ اونڌي منهن رکيو ويندو ۽ اڌاريو ويندو. هو جهڙي طرح هن دنيا جي زندگي ۾ ذليل و خوار هوندا، اهڙي طرح آخرت ۾ بہ انڌا، گونگا، بوڑا ۽ عقل و فڪر کان عاري هوندا. (بني اسرائيل: 74/17، طٰہٰ 127/20-124) ۽ بالا آخر هنن کي جهنم جي باهہ ۾ داخل ڪيو ويندو ۽ اها باهہ جيئن اجهامڻ لڳندي تہ ان کي وري تيز ڪيو ويندو. هنن جي انهيءَ غلط فهمي جو نتيجو آهي جو هو چوندا آهن تہ اسان مري هڏا ٿي ويناسون ۽ هڏيون بہ پورا پورا ٿي ويندیون، اهو ڪيئن ممڪن ٿيندو جو وري زندهہ ٿي پون. اها ڳالهہ عقل قبول نٿو ڪري. (بني اسرائيل: 49/17) پر هنن اهو نہ سوچيو آهي تہ جنهن الله آسمانن ۽ زمين کي پيدا ڪيو آهي ۽ اجرام فلڪي سان ان کي سينگاريو آهي ۽ بنا ٿنڀ ٿوڻي قائم آهي، اهو قادر مطلق خدا انهن هڏين ۾ جان وجهي سگهي ٿو. هت تہ انساني جسم جو ن هڏيون تہ موجود آهن، پر جڏهن متيءَ مان آدم پيدا ڪيو ويو تہ ان وقت نہ انساني ڌانچو هيو نہ هڏيون هيون، مگر خاڪ ئي خاڪ هئي. الله تعالیٰ هر جان لاءِ هڪ مدت مقرر ڪري رکي آهي. جنهن جي اچڻ ۾ ڪو شڪ نہ آهي. ان هوندي بہ هي ظالم انڪار ڪرڻ کان رهي نہ سگهيا آهن. هنن کي گهربو هو تہ هو ان جي تياري ڪن ها پر ان جي برعڪس هو فضول سوالن ۾ پاڻ الجهائي رهيا آهن.

خدا جي توفيق ۽ دستگيري سان منزل مقصود تائين اهي پهچي سگهن ٿا، جن

کي راهہ حق تي هلڻ جو پکو پختو عزم آهي، پر جنهن جي بدبختي سبب هڻ ڏرمي عناد ۽ راهہ حق کان فرار رهڻ جو شيوه ٿي ويو آهي تہ اهو الله جي دستگيري ۽ توفيق کان بہ محروم ٿي وڃي ٿو ۽ آخرڪار جهنم جو ٻارڻ ٿئي ٿو ۽ جڏهن اها باهہ جَهڪي ٿئي ٿي تہ ان کي وري تيز ڪيو وڃي ٿو. هڪ کل سڙي وڃي ٿي تہ ٻئي کل اچي وڃي ٿي ۽ عذاب جاري رهي ٿو. جيڪي ماڻهو مستقبل جي مستقل ۽ بقادار زندگي جو انڪار ڪن ٿا ۽ هن دنيا جي زندگي کي پنهنجو سارو سرمايو سمجهن ٿا، جنهن جي نتيجي ۾ هو آخرت جي احتساب کان بي خوف ٿي، هر حال ۾ دنياوي زندگي جي عيش و عشرت لاءِ مال و دولت گڏ ڪرڻ ۾ رڌل رهن ٿا، جنهن کي مفاد عامہ کان روڪي رکن ٿا ۽ ذاتي مفادن تي خرچ ڪن ٿا، جيڪڏهن هنن کي انساني فلاح بهبود ۽ اصلاح لاءِ چيو وڃي ٿو تہ ان تي ڪجهہ خرچ ڪريو تہ هو چون ٿا، اسان جي پاڻ پورت ناهي، اسان ٻين جي ڪيئن مدد ڪريون، جيڪڏهن الله گهري ها تہ هو هنن جي مدد ڪري ها.(يٰس: 47/36) هنن کي چؤ تہ مال ۽ دولت جي حرص ۾ اوهان جي ذهنيت بدلجي وئي آهي، جيڪڏهن اوهان وٽ خدا جي نعمتن جا ذخيرا بہ هجن تہ توهان ضرور ڪنجوسيءَ سبب يا مسڪينيءَ جي خوف کان خرچ ڪرڻ کان انڪار ڪندا ۽ هٿ روڪي رکندا، ڇو تہ محض طبعي زندگي کي سڀ ڪجهہ سمجهڻ وارو انسان تنگ دل، بخيل ۽ ڪنجوس ٿئي ٿو، پر جيڪو ماڻهو آخرت تي يقين رکي ٿو، ان جا هٿ توڙي ڪيسا هميشہ ڪشادا رهن ٿا. هي ڪافر ۽ حق جا انڪاري جڏهن نبوت الاهي جهڙي عظيم رتبي ۽ حضور ڪريم خَاتَمُ النَّبِيِّيْنَ ﷺ جهڙي سيد الانبياءِ والمرسلين حبيب خدا کي ان جي شايان شان مقام ڏيڻ ۾ ڪنجوسي ڪن ٿا تہ پوءِ اهي طبعي زندگي ۾ بہ ڪنجوس ۽ بخل اختيار ڪندا. نبوت ۽ رسالت الله جو انتخاب آهي، اهو ڪنهن جي دولت، سرداري يا اميري عيوض عطا نہ ٿيندا آهن. الله جنهن کي رسول ڪري موڪليو آهي، تنهنجو منصبي فرض پيغام خداوندي انسانن تائين پهچائڻ آهي. معجزا ڏيکارڻ نہ آهي. اوهان جو خدا جي هن فضل کي قبول ڪرڻ ۾ بخل ڪيو ٿا. جيڪڏهن توهان کي خدا طرفان رحمت جي خزانن جو ڪنجيون بہ ڏنيون وڃن تہ بہ توهان طبعي بخل سبب بخل ئي ڪندا.

وَ لَقَدْ اٰتَيْنَا مُوْسٰى تِسْعَ اٰيٰتٍۭ بَيِّنٰتٍ فَسْـَٔلْ بَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ اِذْ جَآءَهُمْ فَقَالَ
لَهٗ فِرْعَوْنُ اِنِّيْ لَاَظُنُّكَ يٰمُوْسٰى مَسْحُوْرًا ﴿۱۰۱﴾ قَالَ لَقَدْ عَلِمْتَ مَآ اَنْزَلَ هٰٓؤُلَآءِ
اِلَّا رَبُّ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ بَصَآئِرَ ۚ وَ اِنِّيْ لَاَظُنُّكَ يٰفِرْعَوْنُ مَثْبُوْرًا ﴿۱۰۲﴾ فَاَرَادَ
اَنْ يَّسْتَفِزَّهُمْ مِّنَ الْاَرْضِ فَاَغْرَقْنٰهُ وَ مَنْ مَّعَهٗ جَمِيْعًا ﴿۱۰۳﴾ۙ وَّ قُلْنَا مِنْۢ بَعْدِهٖ
لِبَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ اسْكُنُوا الْاَرْضَ فَاِذَا جَآءَ وَعْدُ الْاٰخِرَةِ جِئْنَا بِكُمْ لَفِيْفًا ﴿۱۰۴﴾ؕ وَ
بِالْحَقِّ اَنْزَلْنٰهُ وَ بِالْحَقِّ نَزَلَ ؕ وَ مَآ اَرْسَلْنٰكَ اِلَّا مُبَشِّرًا وَّ نَذِيْرًا ﴿۱۰۵﴾ۙ وَ قُرْاٰنًا وقف لازم
فَرَقْنٰهُ لِتَقْرَاَهٗ عَلَى النَّاسِ عَلٰى مُكْثٍ وَّ نَزَّلْنٰهُ تَنْزِيْلًا ﴿۱۰۶﴾ قُلْ اٰمِنُوْا بِهٖٓ اَوْ لَا
تُؤْمِنُوْا ؕ اِنَّ الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْعِلْمَ مِنْ قَبْلِهٖٓ اِذَا يُتْلٰى عَلَيْهِمْ يَخِرُّوْنَ لِلْاَذْقَانِ
سُجَّدًا ﴿۱۰۷﴾ۙ وَّ يَقُوْلُوْنَ سُبْحٰنَ رَبِّنَآ اِنْ كَانَ وَعْدُ رَبِّنَا لَمَفْعُوْلًا ﴿۱۰۸﴾ وَ يَخِرُّوْنَ
لِلْاَذْقَانِ يَبْكُوْنَ وَ يَزِيْدُهُمْ خُشُوْعًا ﴿۱۰۹﴾ السجدة قُلِ ادْعُوا اللّٰهَ اَوِ ادْعُوا الرَّحْمٰنَ ؕ السجدة ۴
اَيًّا مَّا تَدْعُوْا فَلَهُ الْاَسْمَآءُ الْحُسْنٰى ۚ وَ لَا تَجْهَرْ بِصَلَاتِكَ وَ لَا تُخَافِتْ بِهَا
وَ ابْتَغِ بَيْنَ ذٰلِكَ سَبِيْلًا ﴿۱۱۰﴾ وَ قُلِ الْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِيْ لَمْ يَتَّخِذْ وَلَدًا وَّ لَمْ
يَكُنْ لَّهٗ شَرِيْكٌ فِي الْمُلْكِ وَ لَمْ يَكُنْ لَّهٗ وَلِيٌّ مِّنَ الذُّلِّ وَ كَبِّرْهُ تَكْبِيْرًا ﴿۱۱۱﴾ ع ۱۲

ءِ اسان موسیٰ (عليه السلام) کي نو چٹيون نشانيون ڏنيون پلي بني اسرائيل کان پڇي ڏسو ته جڏهن هو هنن وٽ آيو ته فرعون ان کي چيو ته موسیٰ! (عليه السلام) مان سمجهان ٿو ته تو تي جادو ڪيو ويو آهي.(101) جنهن تي هن (موسیٰ عليه السلام) چيو ته چا اوهان اهو نٿا ڄاڻو ته توهان جي سڀاري لاءِ آسمانن ءِ زمين جي

پروردگار کانسواءِ کنهن ٻئي هن کي نازل نہ ڪيو آهي. فرعون مان سمجهان ٿو تہ تون هلاڪ ٿي ويندين.(102) تہ هن (فرعون) گهريو ٿي تہ هو انهن کي (موسىٰ عليه السلام وارن کي مصر) مان) جلاوطن ڪري ڇڏي تہ اسان هن (فرعون) کي ۽ سندن ساٿين کي غرق ڪري ڇڏيو(103) ۽ ان کانپوءِ اسان بني اسرائيل کي چيو تہ توهان هن ملڪ ۾ رهو، پوءِ جڏهن آخرت وارو وعدو ايندو تہ اسان توهان سيني کي هڪ هنڌ گڏ ڪري آڻينداسون(104) اسان هن قرآن کي سچائيءَ سان نازل ڪيو آهي ۽ هو بہ سچائي سان ئي سراپا حق آهي. اي محمد ڪريم (خاتم النبيين صلى الله عليه وسلم)! اسان توکي بشارت ڏيندڙ ۽ خبردار ڪندڙ ڪري موڪليو آهي.(105) ۽ اسان هن قرآن کي ٿورو ٿورو ڪري ان ڪري نازل ڪيو آهي تہ تون آهستي آهستي پڙهي ٻڌائين. انهيءَ مقصد خاطر اسان هن (قرآن) کي نهايت اهتمام سان نازل ڪيو آهي.(106) هنن کي (کولي کولي) چئو توهان هن تي ايمان آڻيو يا نہ آڻيو(هي سراپا حق آهي) جن ماڻهن کي هن کان الڳ (الله طرفان) اهو علم ڏنو ويو هيو، جڏهن انهن آڏو ان جي تلاوت ڪجي ٿي تہ هو ڪاڏين(منهن) ڀر سجدي ۾ ڪري پوندا آهن(107) ۽ چون ٿا تہ اسان جو پروردگار پاڪ آهي. بيشڪ اسان جي پروردگار جو وعدو پورو ثابت ٿيو. (108) ۽ روئندي روئندي ڪاڏين(منهن) ڀر ڪري پوندا آهن ۽ اهو (قرآن) هنن ۾ عاجزي ۽ انڪساري ۾ اضافو آڻيندو آهي.(109) هنن کي چئو تہ اوهان (پنهنجي پالڻهار کي) الله ڪري پڪاريو يا رحمان ڪري سڏ ڪيو، جنهن نالي سان بہ هن کي پڪاريو هن جا سڀ سهڻا سنا نالا آهن ۽ نماز ۾ پنهنجو آواز نہ زور سان بلند ڪريو ۽ نہ وري صفا هوريان ڪريو، ان جي درميان جو طريقو اختيار ڪيو(110) ۽ چئو تہ هر تعريف جي لائق رڳو الله آهي، جنهن جو نہ ڪو فرزند آهي ۽ نہ وري ان جي بادشاهيءَ ۾ ڪو شريڪ آهي تہ هو پاڻ

عاجز ۽ ڪمزور آهي ۽ نہ وري هن جو ڪو مددگار آهي. الله جنهن وڏائيءَ جي لائق آهي اوتري سندس وڏائي بيان ڪريو.(111)

جهڙيءَ طرح الله تعالىٰ پنهنجي حبيب حضرت محمد ﷺ کي پنهنجي فضل ۽ رحمت سان قرآن مجيد جو معجزو عطا ڪيو، اهڙي طرح موسىٰ عليه السلام جي صداقت لاءِ ڪيس نو ڪليون نشانيون عنايت ڪرڻ فرمايون ويون هيون ، تہ جيئن فرعون ۽ ان جي ماڻهن کي سڏي دڳ لڳائي سگهي. جن مان ستن نشانين جو ذڪر جنهن ۾ طوفان مڪڙ، جونءَ ڏيڏر ۽ رت جو ذڪر آهي سورة الاعراف:7/ 130 کان 133 ۽ النمل: 12/27 ۾ آهي، باقي ٻہ معجزا عصا ۽ يد بيضا جو اڳ ۾ ذڪر ٿي چڪو آهي فرعون اهڙا معجزا ۽ نشانيون ڏسي سڏرڻ بدران موسىٰ عليه السلام کي چوڻ لڳو تہ توتي جادو ٿي ويو آهي. تون سحر زده ٿي ويو آهين. تنهنجو دماغي توازن بگڙي ويو آهي ۽ ناممڪن ڳالهين جي دعوىٰ ڪري رهيو آهين. ياد رهي تہ مڪي جي ڪافرن ٻہ نبي ڪريم ﷺ کي ساحر ۽ سحر زده سڏيندا هئا ۽ نهايت حقارت آميز زبان استعمال ڪندا هئا. هو جن معجزن جي طلب ڪندا هئا. اهڙا معجزا تہ اڳين رسولن مخالفن جي گهر ڪرڻ تي ڏيکاريا هئا، انهن معجزن تي انهن مخالفن ڪهڙو عمل ڪيو هو، جو هاڻي اوهان ڪندا. ان ڪري ڪين ياد ڏياريو ٿو وڃي تہ جهڙيءَ طرح موسىٰ عليه السلام کي فرعون "سحر زده" چئي ان جي مخالفت ڪئي ۽ ان جي نتيجي ۾ پنهنجي لشڪر سميت غرق آب ٿي ويو. اي مڪي جا ڪافرو! اوهان ٻہ اهو ئي فرعونين وارو رستو اختيار ڪيو آهي ۽ اوهان جو انجام ٻہ انهن وانگر هلاڪت ۽ بربادي ڪانسواءِ ڪجهہ نہ آهي. ياد رهي تہ موسىٰ عليه السلام کي نو احڪامات ڏنا ويا يا نو معجزا مليا، جن ۾ تفسيرن جو اختلاف آهي، بهر ڪيف معجزا هجن يا احڪام، سمورا فرعونين جي اصلاح لاءِ هئا، مگر فرعون غرور، تڪبر ۽ وڏائي جي گهوڙي تي سوار هيو، جنهن جو نتيجو غرق آب جي صورت ۾ رونما ٿيو. موسىٰ عليه السلام فرعون کي چيو تہ تون زبان سان تہ انڪار ڪرين ٿو، پر دل ۾ اهو ضرور محسوس ڪرين ٿو تہ هي عظيم الشان نشانيون تنهنجون اکيون کولڻ لاءِ ان الله قادر مطلق ۽ ذوالجلال والاڪرام طرفان آيون آهن، جنهن جو آسمانن ۽ زمين تي حڪم هلي ٿو، جيڪڏهن ڪو انسان محض ضد، هٺ ۽ ذاتي انا جي ڪري تڪبر ۽ غرور جو رستو اختيار ڪري تہ پوءِ ان جي

تباهيءَ جي گهڙي هن متان جلد ڪڙڪي پوي ٿي. اي فرعون مان (نبوت جي بصيرت سان) ڏسان پيو تہ تنهنجي تباهيءَ جي گهڙي پهچڻ واري آهي. جڏهن فرعون ڏٺو تہ موسيٰ عليه السلام جا معجزا بہ سچا پيا نڪرن ۽ ان جو مثبت اثر قبول ڪرڻ لڳا آهن تہ هن مشيرن سان گڏجي فيصلو ڪيو تہ موسيٰ عليه السلام جا هن زمين کان پير اکاڙيا وڃن. هڪ طرف فرعون موسيٰ جي ملڪ نيڪالي جو پهہ پچائي رهيو هو تہ ٻئي طرف الله تعالیٰ جي تقدير ٻيو ڪجهہ بنائي رهي هئي. الله جا منصوبا زياده ڪامياب ڪامران ثابت ٿيا ۽ فرعون پنهنجي وڏائي ۽ هٺ جي نتيجي ۾ پنهنجن ساٿين سميت غرق آب ٿيو.

اهو هيو نتيجو ان عمل جو، جنهن ۾ موسيٰ عليه السلام جي نبوت ۽ رسالت کي تسليم نہ ڪيو ويو. اهل مڪه بہ پنهنجي هن هٺيلي روش کان باز نہ آيا تہ پوءِ سندن نتيجو بہ فرعونين واري نتيجي کان مختلف نہ هوندو. فرعون ۽ سندس سردارن اميرن جي غرق ٿي وڃڻ کانپوءِ اسان بني اسرائيل کي چيو تہ هاڻي توهان آرام ۽ سکون سان هن زمين تي رهو. پنهنجي غلامي وارا طوق گردنن مان ڪڍي، آزاد شهريءَ جي حيثيت ۾ آباد ٿيو، ڪائو پيئو، پر ياد رکو تہ جڏهن آخرت واري وعدي جو وقت پورو ٿيڻ تي هوندو تہ اسان توهان سمورن کي ڪنو ڪري قيامت واري ميدان ۾ حاضر ڪنداسون. جتي خدا آڏو هڪ مجرم جي حيثيت ۾ پيش ٿيندو. (بني اسرائيل: 7/16-4) يا هن دنيا ۾ بہ گهيري ۾ آڻيندا سون ۽ هلاڪ ڪنداسون. آخرت جي ياد دهاني ۾ گويا بني اسرائيل کي خبردار ڪيو ٿو وڃي تہ هن کان بعد توهان کي وري ڪاميابي ڏيندا سون جنهن جي خوشيءَ ۾ اُهو پلجي نہ وجو تہ هاڻي اوهان جو گهرو سو ڪيو، جهڙي طرح فرعون وارن سرڪشي، ظلم ۽ زيادتي ڪئي تہ انهن کي غرق آب ڪيو ويو، اوهان کي بہ آخرت جي احتساب کي هميشہ ياد رکڻ گهرجي. توهان وٽ اسان جو آخري رسول ايندو، جنهن بہ ان تي ايمان آندو تہ ان کي نئين زندگي ملي ويندي.

هن کان اڳ موسيٰ عليه السلام جي معجزن جو ذڪر ٿي رهيو هو. هاڻي پاڻ ڪريمن خادم النبيين صلى الله عليه وسلم تي ان عظيم معجزي جو ذڪر آهي، جو روءِ زمين تي اڃڻ بعد قيامت تائين معجزو آهي، يعني قرآن حڪيم، جيڪو سڀ معجزن کان عظيم معجزو آهي، جنهن جي سلاست، بلاغت، جامعيت ۽ پرڪشش تلاوت جو جواب ڪافر نہ ڏئي سگهيا تہ پوءِ الزامن جي بوڇاڙ شروع ڪري ڏني، هي ساحر آهي، جادوگر آهي. ڪو ماڻهو هن کي

سيڪاري ٿو يا ڪاهن آهي يا ڪنهن شيطان جي تابع آهي. جنهن جي جواب ۾ الله تعالىٰ فرمائي ٿو قرآن ڪي حق ۽ سچائيءَ سان نازل ڪيو آهي ۽ اهو سراپا حق ئي نازل ٿيو آهي. هن ۾ ڪنهن شيطان، انسان، ساحر ۽ ڪاهن جو ڪو به عمل دخل نه آهي. هي حڪمت ۽ موعظت وارو ڪتاب الله جو صحيفو آهي، جنهن جو مقابلو ڪو به انسان ۽ جن ڪري نٿو سگهي. هي ڪتاب سراپا سچ آهي، سچائي سان نازل ٿيو آهي ۽ سچائي سان تو تائين پهچايو ويو آهي. هر غلطي ۽ نسيان کان صاف پاڪ آهي، مجسمِ حق آهي. هن جو اکر اکر سلامت آهي ۽ سلامت رهندو. "اِنَّا نَحۡنُ نَزَّلۡنَا الذِّكۡرَ وَاِنَّا لَهٗ لَحٰفِظُوۡنَ○" (الحجر: 9/15) اسان ئي ان ڪتاب ڪي نازل ڪرڻ فرمايو آهي ۽ ان جي حفاظت به اسان جي حوالي آهي. جنهن تي هي ڪتاب نازل ڪيو ويو آهي اهو رسول ڪريم ﷺ به صادق ۽ امين آهي، جنهن جي زبان تان غلط بياني، خودسازي يا جادوگريءَ جو نڪرڻ ناممڪن آهي. "وَمَا يَنۡطِقُ عَنِ الۡهَوٰى○ اِنۡ هُوَ اِلَّا وَحۡىٌ يُّوۡحٰى○" (النجم: 53/4-3) "اِنَّهٗ لَقَوۡلٌ فَصۡلٌ○ وَّمَا هُوَ بِالۡهَزۡلِ○" (الطارق: 86/14-13) يعني هيءُ قرآن قولِ فيصل آهي. مذاق يا چرچو ناهي. پيارا حبيب ﷺ! تون هنن ڪافرن جي طعنن ۽ الزامن تي ڏيان نه ڏر ۽ نه وري هنن جي معجزن وارن مطالبن تي دل آزرده ٿيءُ، تون الله جو رسول آهين، توکي اها ذميداري ڏني وئي آهي ته تون نوع انسان کي سندن برن ڪمن، اخلاق ۽ قانون کان منهن موڙڻ کان روڪي سڌي رستي تي آڻي ڪين دنيا جي خوشگوار طرز حيات ۽ آخرت جي فلاح ۽ ڪاميابي جي بشارت ڏيڻ جي تبليغ ۽ تربيت ڪرين ۽ جيڪي هن هدايت کان منهن موڙين ٿا ۽ نافرماني جي بازار گرم رکن ٿا، اهڙن ظالمن ۽ باطل ماڻهن کي سندن بداعمالي جي نتيجي ۾ ظاهر ٿيندڙ نتيجن کان آگاهه ۽ خبردار ڪرين. ڪافرن کي اهو اعتراض به هيو ته جيڪڏهن واقعي هي الله جو ڪلام آهي ته پوءِ هن کي هڪ ڪتاب جي صورت ۾ مڪمل هڪ وقت ۾ نازل نه ڪيو ويو آهي، جڏهن ته الله کي ماضي، حال ۽ مستقبل جو پورو پورو علم آهي پوءِ هي ٿورڙو ٿورڙو ڪري نازل ڇو ڪيو ٿو وڃي. اسان کي ائين محسوس ٿئي ٿو ته جيئن محمد ڪريم ﷺ کي ڪجهه معلوم ٿئي ٿو، يا ڪو واقعو پيش اچي ٿو ته ان جي مناسبت سان آيتون گهڙي ونيٿو، جنهن جي جواب ۾ چيو ويو آهي ته قرآن جو آهستي آهستي نازل ڪرڻ ۾ مطلوب مصلحت تبليغ آهي. ٿورو ٿورو نازل ڪري انسانن کي عمل ڪرڻ لاءِ آساني پيدا ڪئي وئي، پر

جيڪڏهن سارو قرآن ڪَنو نازل ڪجي ها تہ عرب جا بدوي ۽ اُمّي ماڻهو ان ساري تي يڪدم عمل پيرا ٿيڻ ۾ مشڪلات محسوس ڪن ها ۽ ان تي پوري طرح عمل ڪرڻ ڪان قاصر رهن ها. اوهان تي هي ۽ الله جي رحمت جو ظهور آهي، جنهن اوهان جي حالتن، قوت، فهم ۽ عمل کي مدنظر رکي آهستہ آهستہ احڪام الاهي کي ڏهرائي ڏهرائي پيش ڪيو ويو آهي تہ اوهان ان مان پوريءَ طرح مستفيد ٿي سگهو. جنهن تزڪيہ ۽ تطهير انداز ۽ بشارت جي لاءِ نازل ڪيو آهي، ان ۾ ٿورن ٿورن حڪمن کي پيش ڪرڻ ۽ ان تي عمل ڪرائڻ ۾ اوهان جي آساني ۽ سهولت لاءِ آهي.

اوهان ڏانهن هي حڪمت ۽ موعظت سان لبريز ڪتاب ۽ ان الله جو صادق امين رسول ڪريم ﷺ الله جي نظام رحمت هيٺ آهي. اوهان کي عقل شعور جي نعمت سان ۽ نوازيو ويو آهي ۽ اختيار ۽ ارادي جي اجازت آهي. اوهان جو اصل امتحان ۽ ان ڳالهہ ۾ آهي تہ اوهان هن قرآن کي مڃو يا نہ مڃو ان تي عمل ڪيو يا نہ ڪيو، ان جو فائدو يا نقصان اوهان جو آهي، الله عزو جل ۽ ان جي رسول ﷺ جو ڪو ۽ غرض نہ آهي. اوهان ايمان آڻيندا تہ ان جو ۽ فائدو اوهان جو ئي آهي. هي تہ الله جي اوهان تي شفقت ۽ رحمت آهي، جنهن اوهان جي قوت صلاحيت ۽ سهولت لاءِ قرآن ٿور ٿورو ڪري نازل ڪيو. رسول خدا ﷺ ان جي عملي تصوير پيش ڪري اوهان کي هدايت جي راهہ ٻڌائي آهي ۽ هدايت نامو پهچايو آهي. هاڻي ان تي عمل ڪرڻ يا نہ ڪرڻ اوهان جي اختيار ۽ ارادي ۾ آهي، هن کان اڳ اهل ڪتاب ۾ اهڙا ماڻهو ۽ هئا، جيڪي آيات الاهي ٻڌي الله جي وعدن جي تصديق ڪندا هئا ۽ انتهائي خشوع ۽ خضوع سان سجده ريز ٿي گڙگڙائيندا هئا، روئندا ۽ توبہ ڪندا هئا. اهڙي طرح هينئر ۽ اهي نيڪ بخت شخص موجود آهن، جيڪي قرآن کي ٻڌڻ سان اکين مان نير هاري رهيا آهن ۽ رات ڏينهن رب جي حضور سجده ريز آهن. (المائده: 83/5) اهي نيڪ انسان سجده ريز ٿي الله جي پاڪائي بيان ڪندي چون ٿا سبحان ربنا، الله تنهنجي ذات پاڪ، هر نقص عيب، ڪمي ڪوتاهي ڪان بلند بالا آهي. تنهنجو هر قول سچو آهي، قرآن ۾ جيڪي تنهنجا وعده ڪيل آهن، اهي سڀ سچا آهن ۽ پورا ٿي رهيا آهن. هن جڳهہ تي "الحق" جو لفظ ۽ دفعا استعمال ٿيو آهي يعني اسان ۽ هن کي حق ۽ سچ ڪري موڪليو آهي ۽ هو پاڻ ۽ پنهنجي بيان ۾ سراپا سچ ۽ حق آهي. هت لفظ "حق" کي ۽ دفعا چوڻ سان هن ڳالهہ جي اهميت بيان

ڪئي وئي آهي، تنهن جو مثال سوره الطارق: /آيت 13 ۽ 14 ۾ آهي: "اِنَّهٗ لَقَوْلٌ فَصْلٌ ○ وَّمَا هُوَ بِالْهَزْلِ ○" هي ڪتاب قول فيصل آهي، جنهن جي قول جي وضاحت ڪندي، حضرت عمر رضي الله تعالىٰ عنه هي حديث نبوي خاتم النبيين صلى الله تعالىٰ عليه وسلم فرمائي آهي: "اِنَّ اللّٰهَ يَرْفَعُ بِهٰذَا الْكِتَابِ اَقْوَامًا وَ يَضَعُ بِهٖ آخَرِيْنَ" يقينًا الله تعالىٰ هن ڪتاب جي بدولت ڪيترين قومن کي عروج بخشي ٿو ۽ ڪيترين نامراد قومن کي زوال پذير ڪري ٿو. جهڙيءَ طرح سوره طٰه ۾ آهي. "وَ لَا يَزِيْدُ الظّٰلِمِيْنَ اِلَّا خَسَارًا" ۽ ظالمن کان سواءِ خساري جي زيادتيءَ کان سواءِ ڪجهه نٿو ملي. ۽ "يَهْدِيْ لِلَّتِيْ هِيَ اَقْوَمُ" (بني اسرائيل:9/17) تنهنجي ذات ۾ ڪوبه شڪ شبهو ڪرڻ ناشڪري ۽ ڪفر آهي. دراصل آيت 107 ۽ 108 ۾ اهل ڪتاب جي انهن صالح ۽ نيڪ انسانن جو ذڪر آهي، جيڪي پنهنجي نبين جي صحيفن جي پيش گوين جي روشنيءَ ۾ هڪ نبيءَ جو انتظار ڪري رهيا هئا. جن جي هن کان اڳ بشارت ڏني وئي هئي. (البقره: 129/2، الصف: 6/61)

ابن مريم جي بشارت يا تمنائي ڪليم
يا خليل الله جي دل جي دعا پيدا ٿيو.

(مشتاق سچاروي)

نبي ڪريم خاتم النبيين صلى الله تعالىٰ عليه وسلم کي هدايت ڪئي وئي ته تون قريش ۽ بني اسرائيل جي منڪرين حق کي ٻڌائي ڇڏ ته اوهان ايمان آڻيو يا نه آڻيو، منهنجي اطمينان لاءِ اها شيءِ ڪافي آهي ته اهل ڪتاب ۾ به اهڙو اهل علم گروهه موجود آهي، جيڪو هن قرآن کي ٻڌي سجده ريز ٿي روئي ٿو ۽ گڙگڙائي ٿو، جن ۾ خشوع ۽ خضوع، عجز ۽ نيزاري موجود آهي. انهن کي الله جي وعدن تي يقين آهي.

هيءَ سورة خاتمي طرف وڌي رهي آهي. هن جي ابتدا "سُبْحٰنَ الَّذِيْ" ڇئي تسبيح سان ڪئي وئي هئي ۽ هاڻي آخري آيت ۾ الله جي حمد جو بيان آهي. حديث شريف ۾ به آهي ته تسبيح کان بعد تحميد سان جام رحمت لبريز ٿي وڃي ٿو. هت ٻڌايو ٿو وڃي ته پاڻ ڪريمن خاتم النبيين صلى الله تعالىٰ عليه وسلم هڪ دفعو "يا الله، يا رحمان" چوڻ فرمايو هو. مشرڪن اهو ٻڌي ورتو ۽ چوڻ لڳا ته محمد ڪريم (خاتم النبيين صلى الله تعالىٰ عليه وسلم) اسان کي ته بن معبودن جي چوڻ ۽ مجڻ کان روڪي ٿو، پر هو پاڻ بن معبودن کي پڪاري ٿو. هڪ معبود الله ۽ ٻيو معبود رحمان آهي. ان تي هن آيت جو نزول ٿيو، جنهن ۾ چيو ويو ته الله ۽ رحمان هڪ ئي پاڪ

ذات جا ۾ نالا آهن، اوهان ان کي "الله" ڪري پڪاريو يا ان کي "رحمان" چئي پڪاريو، ٻئي شيون اصل ۾ هڪ ئي آهن، ۾ نہ آهن، الله تعالیٰ جون متعدد صفتون آهن ۽ هر هڪ صفت جي لحاظ سان هن جو الڳ الڳ شان آهي، الله هڪ آهي، پر ان جون صفتون ۽ اسماءَ الحسنیٰ گهٽا آهن ۽ اهي سڀ ان هڪ ذات جون صفتون آهن.

ايڪ قصر در لک، ڪوڙئين ڪٽس ڳڙڪيون
جيڏانهن ڪريان پرک، تيڏانهن سڄڻ سامهون
ڪوڙين ڪايائون تنهنجون لک لک هزار
جئي سڀ ڪنهن جي سين درسن ڏارون ڏار
پريم تنهنجا پار ڪهڙا چئي ڪهڙا چوان

(شاھ لطیف رحمۃ اللہ علیہ: سر ڪلياڻ)

خوار از مہجوریٔ قرآن شدی
شکوہ سنج گردشِ دوراں شدی
اے چوں شبنم بر زمیں افتندہ
در بغل داری کتاب زندہ

(اقبال رحمۃ اللہ علیہ)

مسلمان قرآن جي تلاوت نماز ۾ زور سان ڪندا هئا، جنهن تي آس پاس بيٺل يا ويٺل ڪافر ٽوڪون ڪندا هئا ۽ خرافات بڪيندا هئا، جنهن سبب قرئت توڙي نماز ۾ خلل پيدا ٿيندو هو. مسلمانن کي هدايت ڪئي ٿي وڃي تہ اوهان پنهنجي جهري نماز ۾ قرآن شريف ڏاڍيان آواز سان نہ پڙهو، جو مشرڪ ان جي جواب ۾ خرافات بڪڻ شروع ڪن ۽ اوهان جي خشوع خضوع ۽ حضوريءَ ۾ فرق آڻين ۽ نہ وري ايترو آهستي پڙهو جو مقتدي ٻڌي نہ سگهن. ان ناساز حالات کان بچڻ لاءِ بهتر آهي تہ توازن جو رستو اختيار ڪجي جيڪو درميانو هجي.

آخري آيت ۾ ڪافرن جي رد ۾ حضور خاتم النبیین صلی اللہ علیہ وسلم جن کي هدايت ٿي رهي آهي تہ اوهان بلا خوف و خطر اهو علي الاعلان چئي ڏيو تہ سموريون خوبيون ۽ تعريفون خاص الله تعالیٰ لاءِ ئي آهن، جيڪو پنهنجي ذات ۽ هر صفت ۾ يگانو ۽ احد آهي. "قُلْ هُوَ اللّٰهُ

اَحَدٌ○ اَللّٰهُ الصَّمَدُ○" هو هر قسم جي عيب، قصور، نقص، فتور، مثل مثال كان بلكل پاڪ ۽ منزّه آهي، هن جي ذات ۾ ڪا به ڪمزوري نه آهي، جنهن جي تلافيءَ لاءِ هن کي ڪنهن جي مدد جي ضرورت پوي. "لَمْ يَلِدْ○ وَلَمْ يُوْلَدْ○وَلَمْ يَكُنْ لَّهٗ كُفُوًا اَحَدٌ○" هن جو ڪو اولاد نه آهي ۽ نه وري ڪو شريڪ ڪار آهي. هو هميشه حيّ ۽ قيوم آهي، خود پاڻ دائم موجود آهي ۽ ٻين جي موجودگيءَ جو مادو آهي. هو بلڪل پاڻ ۾ پرو آهي ۽ ٻين کي قيام عطا ڪرڻ وارو آهي. هو تنها پوري ڪائنات جو مالڪ، مختيار ۽ صاحب اقتدار آهي، هن ۾ ڪا به اهڙي ڪمزوري ناهي، جو هن جو ڪو مددگار هجي ۽ ان جي وڏ مان وڏ بزرگي ۽ ڪبريائيءَ جو بيان جاري رکو. ان الله برتر بالا جي نظام کي تمام نظامن ۽ قانون کي تمام قانونن تي اهڙو غالب ڪجي، جو هر طرف ان جو نالو هجي. (المائده: 47/5-45-44، التوبه: 20/9، الجاثيه: 27/45، المدثر: 3/74)

هن آيت سڳوريءَ جو اهو اعجاز ۽ اعزاز آهي، جو هن جي شروعات تسبيح سان ٿي، پڇاڙي حمد ۽ تعريف سان ٿي ۽ باقي مضمون "وَكَبِّرْهُ تَكْبِيْرًا" يعني وحدت ۽ توحيد ربي سان اختتام پذير ٿيو. حديث شريف ۾ آهي: "اَلْعَظَمَةُ اِزَارِیْ وَالْكِبْرِيَآءُ رِدَآئِیْ فَمَنْ نَّازَعَنِیْ وَاحِدٍ مِّنْهُمَا اَلْقَيْتُهٗ فِی النَّارِ" (سنن ابن ماجه، سنن ابوداؤد) عظمت بزرگي منهنجي پوشاڪ آهي ۽ ڪبريائي (وڏائي) منهنجي چادر آهي، جنهن به هنن مان ڪنهن هڪ سان به جنگ جوٽي ته ان کي دوزخ ۾ ٽوڙو ڪندس. قرآن حڪيم جو واضح ارشاد آهي ته جيڪي ماڻهو هن جي راسخ حڪمن باوجود پنهنجي حڪمن کي ترجيح ڏين ٿا، انهن کي سورة المائده 44/5 ۾ آهي: "وَمَنْ لَّمْ يَحْكُمْ بِمَآ اَنْزَلَ اللّٰهُ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْكٰفِرُوْنَ " يعني جيڪو حڪمران الله جي ڪتاب جي حڪم خلاف پنهنجن حڪمن کي ترجيح ڏئي، انهن کي هلائي ٿو، اهو ڪافر آهي. آيت نمبر45 ۾ آهي: "فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الظّٰلِمُوْنَ " يعني اهڙا نامراد ۽ نافرمان انسان ظالم آهن ۽ ظلم کي سوره لقمان ۾ "شرڪ" ڏيو ويو آهي. ساڳي سورت جي آيت نمبر47 ۾ آهي: "فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْفٰسِقُوْنَ " اهڙا نامراد انسان فاسق آهن.

الحمد لله وما توفيقي الا بالله العلي العظيم ! اڄ بروز اڱارو 3 جمادي الثاني 1444هـ بمطابق 27 ڊسمبر 2022ع سوره بني اسرائيل جو شرح البيان پورو ٿيو. بارک الله لي ولکم في القرآن العظيم ونفعني واياکم بالآيات والذکر الحکيم.

سُوْرَةُ الْكَهْفِ

سورت جي آيت نمبر 9 ۾ اصحاب الكهف جو ذكر آهي، جنهن تي علامتي طور هن سورة جو نالو آهي. مكي جي مشركن مديني جي اهل كتاب يهودين جي چوڻ تي پاڻ كريمن خَاتَمُ النَّبِيِّيْنَ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَسَلَّمَ كي نبيءَ طور آزمائڻ لاءِ ٽي سوال پڇيا هوا، جن ۾ اهو شرط هيو ته تنهي سوالن جا جواب نه ڏئي سگهي يا تنهي جا جواب ڏئي وڃي ته پوءِ نبي نه آهي، پر جيكڏهن بن سوالن جا جواب ڏئي ۽ هك سوال جو جواب نه ڏئي ته نبي آهي. هك سوال هيو ته روح ڇا آهي؟ ٻيو سوال اصحاب كهف متعلق ۽ ٽيون سوال ذوالقرنين بابت هو. "اَلرُّوح" بابت ته جواب سورة بني اسرائيل ۾ اچي ويو، جنهن جو جواب هيو ته اهو "امر ربي" آهي، جنهن جو علم سمجهه كان ٻاهر آهي، باقي اصحاب كهف ۽ ذوالقرنين جو تفصيلي بيان هن سورة ۾ اچي ويو آهي. كجهه تفسيرن ۾ "اَلرُّوح" جي بدران خضر ۽ موسىٰ عَلَيْهِمَا السَّلَامُ جي حقيقت ڇا آهي، بابت لكيو آهي. هي سورة به مكي آهي، جنهن دور ۾ مسلمانن تي مخالفن طرفان ظلم، ستم ۽ مزاحمت شدت اختيار كري وئي هئي. ان وقت مظلوم مسلمانن كي تسلي ڏيڻ لاءِ اصحاب كهف جو قصو ٻڌايو ويو آهي ته همت ونو صبر ۽ استقلال سان مصيبتن ۽ مشكلاتن جو منهن ڏيو ۽ ايمان بچائڻ لاءِ ڇا ڇا كرڻو پوي ٿو، اصحاب كهف توحيد جا قائل هئا ۽ قرآن به اهائي دعوت ڏئي رهيو آهي ته توحيد ۽ آخرت سراسر حق آهن. هن سورة ۾ حضرت خضر عَلَيْهِ السَّلَامُ ۽ حضرت موسىٰ عَلَيْهِ السَّلَامُ جو بيان به ڏنو ويو آهي، جنهن ۾ حضرت خضر عَلَيْهِ السَّلَامُ ٻيڙي ۾ سوراخ كري ٿو. هك نوجوان كي قتل كري ٿو ۽ بغير اجرت ونڻ جي يتيمن جي گهر جي كرندڙ ڀِت كي مضبوط كري ٿو. حالانكه ان شهر وارن كين بك جي حالت ۾ ماني به نه ڏني هئي. بظاهر ته اهي ٽئي كم اعتراض جوڳا هئا ۽ موسىٰ عَلَيْهِ السَّلَامُ اعتراض به كيو، پر هنن تنهي كمن جي پنيان جيكا مصلحت ۽ پلائي هئي، اها رڳو حضرت خضر عَلَيْهِ السَّلَامُ كي معلوم هئي، جيكا كيس "علم لدني من الله" طرفان كيس عطا ٿيل هئي. يعني قدرت جا كي

ڪم شريعت جي خلاف نظر ايندا آهن، پر انهن جي حڪمت کان رڳو الله واقف هوندو آهي، اهڙي طرح ذوالقر نين جو قصو آيو آهي. هن سورة جون گهڻيون فضيلتون ۽ برڪتون بيان ڪيون ويون آهن، حضرت علي ڪرم الله وجهه ٻڌايو ته جيڪو ماڻهو سورة الكهف هڪ جمعي ڏينهن پڙهندو ته ٻئي جمعي تائين هر شر هر بلا کان محفوظ رهندو. هڪ روايت ۾ آهي ته جمعي ڏينهن سورة الكهف پڙهڻ سان پڙهندڙ جي قدمن کان وٺي آسمان جي بلنديءَ تائين نور ئي نور ٿي ويندو، جيڪو قيامت ڏينهن روشني ڏيندو ۽ هڪ جمعي کان ٻئي جمعي تائين جا گناهه معاف ٿي وڃن ٿا. حضرت انس رضی اللہ تعالیٰ عنہ جي روايت مطابق هي پوري جي پوري سورة هڪ وقت ۾ ئي نازل ٿي، سورة جي شروعات الله جي حمد سان شروع ٿي آهي. هن ۾ الله جي ڪبريائي ۽ قرآن حڪيم جي صفت "وَلَمْ يَجْعَلْ لَّهٗ عِوَجًا" يعني هن ڪتاب ۾ ذرا ڪمي يا ڪجي نه آهي، پر سراپا نور آهي. هدايت آهي، شفا ۽ رحمت آهي. هي قرآن ڪريم جي 18 هين سورة آهي، پر نزول جي حساب سان 69هون نمبر آهي، هن کان اڳ مڪه مڪرمه ۾ 68 سورتون نازل ٿي چڪيون هيون، هجرت کان اڳ ۽ هن سورة جي نازل ٿيڻ بعد به مڪه مڪرمه ۾ 21 سورتون نازل ٿيون، باقي 24 سورتون مدني آهن. هي سورة بني اسرائيل جو به جوڙ آهي ته سورة مريم جو به جوڙ لکيو وڃي ٿو.

آيتون ۱۱۰ | سُورَةُ الْكَهْفِ (مكي سورت) | رکوع ۱۲

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِیْۤ اَنْزَلَ عَلٰی عَبْدِهِ الْكِتٰبَ وَ لَمْ یَجْعَلْ لَّهٗ عِوَجًا ؕ۬ قَیِّمًا
لِّیُنْذِرَ بَاْسًا شَدِیْدًا مِّنْ لَّدُنْهُ وَ یُبَشِّرَ الْمُؤْمِنِیْنَ الَّذِیْنَ یَعْمَلُوْنَ
الصّٰلِحٰتِ اَنَّ لَهُمْ اَجْرًا حَسَنًا ۙ۬ مَّاكِثِیْنَ فِیْهِ اَبَدًا ۙ۬ وَّ یُنْذِرَ الَّذِیْنَ
قَالُوا اتَّخَذَ اللّٰهُ وَلَدًا ۚ مَا لَهُمْ بِهٖ مِنْ عِلْمٍ وَّ لَا لِاٰبَآىِٕهِمْ ؕ كَبُرَتْ
كَلِمَةً تَخْرُجُ مِنْ اَفْوَاهِهِمْ ؕ اِنْ یَّقُوْلُوْنَ اِلَّا كَذِبًا ۝ فَلَعَلَّكَ بَاخِعٌ
نَّفْسَكَ عَلٰۤی اٰثَارِهِمْ اِنْ لَّمْ یُؤْمِنُوْا بِهٰذَا الْحَدِیْثِ اَسَفًا ۝ اِنَّا جَعَلْنَا مَا
عَلَی الْاَرْضِ زِیْنَةً لَّهَا لِنَبْلُوَهُمْ اَیُّهُمْ اَحْسَنُ عَمَلًا ۝ وَ اِنَّا لَجٰعِلُوْنَ مَا
عَلَیْهَا صَعِیْدًا جُرُزًا ؕ

الله جي نالي سان شروع جو نهايت وڏو مهربان ۽ هميشہ رحم ڪرڻ وارو آهي.

سڀ تعريفون الله جي لاءِ آهن، جنهن پنهنجي ٻانهي ﷺ تي هي ڪتاب نازل ڪرڻ فرمايو ۽ ان ۾ ڪنهن بہ قسم جي ڪمي ڪوتاهي (پيچيدگي) نہ رکي آهي(1) بلڪل سليس سڌو تہ جيئن ماڻهن کي سخت عذاب کان ڊيڄاري، جيڪو (الله) جي طرفان اچڻ وارو آهي ۽ جيڪي مؤمن نيڪ عمل ڪن ٿا، تن کي خوشخبري ٻڌائي تہ انهن لاءِ سنو اجر آهي. (2) جنهن ۾ هو هميشہ هميشہ

رهندا(3) ۽ انهن ماڻهن کي به ڊيڄاري، جيڪي چون ٿا ته خدا کنهن کي پٽ ناهيو آهي(4) هنن کي ان ٻالهه جو ڪجهه علم به نه آهي ۽ نه وري سندن ابي ڏاڏي کي هيو. تمام سخت ٻالهه آهي، جيڪا هنن جي واتان نڪتي آهي. هي جو ڪجهه چون ٿا، سارو ڪوڙ آهي.(5) اي پيغمبر ﷺ! جيڪڏهن هي ايمان نٿا آڻن ته تون شايد انهيءَ ڏک ۾ پاڻ کي هلاڪ ڪري ڇڏين(6) جيڪا شيءِ به زمين تي موجود آهي، اسان ان کي زمين جو سينگار بنايو آهي ته جيئن ماڻهن کي آزمائي سگهجي ته ڪير ڇڳا ڪم ڪرڻ وارو آهي(7) ۽ جو ڪجهه زمين تي موجود آهي، اسان ان کي (ڇٽو) ميدان بنائي ڇڏينداسون.(8)

هيءَ سورت، بني اسرائيل جي سورت جي دعا واري آيت بعد آيل آهي. هن ۾ اصحاب ڪهف جي هڪ سچي مسلمان جو مثال ڏنل آهي، جيڪي نشانيون اصحاب ڪهف ۾ موجود آهن. سوره بني اسرائيل جي آخر کان پهرين آيت ۾ لفظ "صَلَاة" آيل آهي ۽ ان بعد سوره ڪهف جي شروع ۾ ان دعا جو مثالي اصحاب ڪهف پيش ڪيا ويا آهن. اهو الله تعريف جي لائق آهي، جنهن هي ڪتاب (قرآن مجيد) پنهنجي خاص بندي تي نازل ڪيو آهي. ياد رهي ته سورة بني اسرائيل ۾ "اَسْرٰی بِعَبْدِهٖ" ۽ هت به "اَنْزَلَ عَلٰی عَبْدِهِ" چئي ٻڌايو ويو آهي، ته الله جي عبديت واري مقام جي برابر کو مقام يا خطاب ناهي.

حبيبِ خدا "عبده" جي لقب سان
زماني جي اعلیٰ خطابن کان ٻاهر
(مشتاق سچاروي)

قرآن الله جي وڏي نعمت آهي. هي انسانيت جي تڪميل جو رستو ٻڌائي ٿو. معاش ۽ معاد کي درست ڪرڻ واري تعليم ڏئي ٿو. ٻانهن کي گهرجي ته اهي هن عظيم نعمت ملڻ جي شڪرگذاريءَ ۾ الله جو حمد ڪن. هن قرآن جي نه عبارت ۽ الفاظ ۾ خرابي آهي، نه وري ان جي معاني ۾ ڪا ڪمي يا ڪجي آهي. "عَوَج" عين جي زبر سان

خارجي خرابي ۾ "عِوَجَ" عين جي زير سان معاني ۾ ڪمي ڪمزوري هوندي آهي. مطلب آهي ته قرآن مجيد پنهنجي الفاظ توڙي معاني ۾ هر نقص ۽ عيب کان پاڪ صاف آهي، نه پنهنجي اصل مقصد بيان ڪرڻ ۾ مقصد کان انحرافي ڪري ٿو ۽ نه وري حڪمت ۽ مصلحت کان هٽيل آهي. نهايت سڌي ڇڻي صاف ستري ۽ بلڪل متوازن حقيقت بيان ڪري ٿو، جنهن جي صداقت ۾ ڪو به شڪ نه آهي، الله طرفان انسانن جي هدايت جو انمول تحفو آهي، پر جيڪڏهن ڪو ماڻهو ان جي حق ۽ سچائي هجڻ کان انڪار ڪري ٿو ۽ ان تي عمل ڪرڻ کان بيزاري ڏيکاري ٿو، ته اهڙي غافل انسان کي سندس غلط روش جي ڪري نهايت هلاڪت انگيز نتيجن کان آگاهه ڪري ٿو. (وڏيڪ حوالن لاءِ ڏسو سورة البقره: 23/2) ۽ جيڪڏهن ڪو شخص پنهنجي زندگيءَ جا شب و روز ان جي روشني ۾ گذاري ٿو ۽ پنهنجي عملي زندگي جو اڻ مٽ نقش بنائي ٿو، ته اهو قرآن پنهنجن برڪتن سان هن جي نيڪ عملن جي خوشگوار ۽ سدابهار نتيجن جي بشارت ڏئي ٿو (ابراهيم: 25/14) زندگيءَ توڙي حيات بعدالموت ۾ ڪاميابي ۽ ڪامراني جي نويد ٻڌائي ٿو.

هي ڪتاب "قَيِّمًا" آهي. يعني نوع انسان جي ٻنهي جهانن جي سعادت جي ڪسوٽي ۽ راهه راست جي دنياوي ۽ اخروي پلاين جو متڪفّل آهي. "قَيِّمٌ" اهڙي شخص کي چوندا آهن، جيڪو ڪنهن جي خير خواهي ۽ پلائيءَ جو مُتڪفِّل (ذميدار) هجي. هي قرآن مؤمنن کي دائمي خوشي ۽ ابدي راحت ۽ سڪون جي خوشخبري ڏئي ٿو. (ابراهيم: 25/14) اهڙن مؤمنن کي جن جا اعمال نيڪ آهن، يعني ايمان ۽ عمل صالح ٻئي موجود هجن. "اَجْرًا حَسَنًا" يعني اهڙو بدلو ڏئي ٿو، جيڪو نهايت بهترين ۽ بي بدل تحفو آهي. اهو آهي، خوشحالي ۽ سڪون واري حيات. ابدي جنت جي زندگي، جنهن جي باغن کي تروتازه رکڻ لاءِ دامن ۾ نهرون جاري هوندیون. "مَاكِثِيْنَ فِيْهِ اَبَدًا" جنهن ۾ هميشه هميشه عيش و عشرت ۾ رهندا، جتي کين کو به غم يا فڪر نه هوندو. (ابراهيم: 25/14، بني اسرائيل: 17 /111) ۽ هو خراب عملن جي هولناڪ نتيجن کان ڊيڄاري ٿو، هڪ اهڙا بد اعمال جن جو مٿي ذکر ٿي آيو، ٻيا اهڙا بد کان بدتر اعمال ۽ اعتقاد جنهن ۾ شرڪ آهي. جيئن: فرشتن کي نعوذ بالله خدا جون نياڻيون سمجهي، انهن جي پوڄا پاٺ ڪن

ٿا، انهن آڏو سجده ريز ٿين ٿا. انهن کي خوش رکڻ لاءِ سندن نالي تي نذر و نياز ڪن ٿا. هن شرڪ کان علاوه عيسائي حضرت عيسىٰ عَلَيْهِ السَّلَام کي خدا جو پٽ ۽ يهودي به حضرت عزير عَلَيْهِ السَّلَام بابت ساڳيو اعتقاد رکن ٿا. خاص طرح اهڙن ڪم عقل ماڻهن کي قرآن سندن غلط عقيدن جي خطرناڪ نتيجن کان ڊيڄاري ٿو. هن باطل عقيدي جو هنن وٽ ڪو يقيني دليل به نه آهي ۽ نه وري ڪو علمي ثبوت آهي. اهو عقيدو کين سندن وڏڙن يعني ابن ڏاڏن کان مليو آهي. دراصل سندن ابن ڏاڏن وٽ به ڪو اهڙو ثبوت نه هيو، جنهن کي هو پيش ڪري سگهن. بس وڏڙن جي روش جي انڌي تقليد آهي. هو هيڏا پاري بهتان مڙهي رهيا آهن، حالانڪ خدا جي قدوس ۽ سبوح ذات اهڙن وهمن گمانن ۽ انڌن اعتقادن کان گهڻو بلند بالا آهي. ايڏي وڏي گستاخي ڪندي کين نه شرم اچي ٿو ۽ نه وري خوف محسوس ٿئي ٿو. حالانڪ هي عقيدو سراپا ڪوڙ ئي ڪوڙ آهي. اي رسول محترم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّم! تنهنجي بعثت پوري دنيا جي اصلاح ۽ خيرخواهيءَ لاءِ آهي. تون رحمة للعالمين آهين. تو لاءِ پنهنجا پراوا سڀ هڪ جهڙا آهن ۽ توکي انهن سمورن جي اصلاح ۽ هدايت جو فڪر دامنگير آهي. تون رات ڏينهن هنن طرفان تڪليفون ايذاءَ اذيتون سهڻ ۽ بهتان ۽ بي هوده بڪواس ٻڌڻ جي باوجود ڪوشش ڪري رهيو آهين ته هو جهالت جي گمراهيءَ کان نڪري معرفت حق حاصل ڪري سگهن.

برو هو ينپور جو آرياڻي اجاريو،
لاڻو سڀ لوڪ تان هاڙهي ڏڻي هور
چورين چرڻ سکيو پنهون ڪيائون پور
آيو سو اتور جنهن ڏِڪيون ڏِک ويهاريون

(شاهه رَحِمَهُ اللهُ: سر حسيني)

تنهنجي هن بي لوث انسان دوست ۽ شفقت ۽ رحمت جي ڪري تون سندن غم ۽ فڪر ۾ ايترو ته سرگردان رهين ٿو، جو خدا نه ڪري پاڻ کي هلاڪ ڪري ڇڏين. ان ڪري تون هنن جي ضد ۽ هٺ تي غمگين نه ٿيءُ، تو پنهنجو فرض ادا ڪيو آهي. هاڻي هي هنن تي منحصر آهي ته پاڻ لاءِ دردناڪ عذاب ۽ دوزخ جي باهه خريد ڪري يا خوشگوار نو بهار ماحول جا متلاشي ٿين. ان ڪري سندن انڪار ڪرڻ جي غم ۾ پنهنجي زندگيءَ کي

هلاڪ ڪرڻ جي ضرورت ناهي.

ڪئي ساري انسانيت سان محبت
چڱائي ٿي پنهنجن پراون کان ٻاهر
پٿر ۾ سهي ٿو دعا ۾ ڪري ٿو
هي "مشتاق" وهم وگمانن کان ٻاهر

(مشتاق سچاروي)

هن آيت ۾ لفظ "بَاْسًا" آيو آهي. جيڪڏهن هي لفظ واحد آهي تہ پوءِ ان جو مطلب جنگ هوندو، پر جيڪڏهن جمع آهي تہ معنیٰ سختي، مصيبت، بک ۽ تڪليف وغيره. جهڙيءَ طرح سورة البقره: 2/ 177 ۾ آهي: "وَ الصّٰبِرِيْنَ فِي الْبَاْسَآءِ وَ الضَّرَّآءِ وَ حِيْنَ الْبَاْسِ" اسان زمين کي گلن، ٻوٽن، ڪيتن، ٻيلن، دريائن، سمندن، معدنيات، نباتات، حيوانات جي هر قسم جي موجودگيءَ سان ڪيس سينگاريو آهي، جنهن ۾ ڪيترائي دلڪش منظر، آبشار، ڏنڏيون، ڏورا، چشما، رستا، راهون، پکي، پرندا، مڇيون وغيره خوبصورت ۽ دلربا بنايو آهي. جيڪي زمين ۽ اهل زمين نوع انسان جي لاءِ سونهن سراپا خوشي مسرت لاءِ سامان، زيب و زينت آهن. جهڙي طرح يونس: 24/10 ۾ ارشاد آهي: "حَتّٰٓى اِذَآ اَخَذَتِ الْاَرْضُ زُخْرُفَهَا وَ ازَّيَّنَتْ" (تان جو جنهن مهل زمين ساوڪ سان ڏڪجي وئي ۽ سينگارجي پئي) ۽ سورة الزخرف: 35/43 ۾ "زُخْرُفًا" سون يا سامان آرائش ۽ سينگار آهي. (الڪهف: 46/18-31- 30، الملڪ: 67: 2) زمين تي موجود طرح طرح جون نعمتون اهل زمين يعني نوع انسان لاءِ امتحان ۽ آزمائش جو سامان آهن. ڪو ماڻهو انهن شين کي ڏسي انهن جو گرويده ۽ دلداده ٿي وڃي ٿو ۽ انهن شين جي حصول کي ئي پنهنجي زندگيءَ جو مقصد ۽ زندگي جي ڪاروان جي منزل سمجهي ٿو، جنهن انسان کي مختلف گروهن ۾ ونڊي ڇڏيو ۽ هر هڪ ٽولي الڳ الڳ لبادو اوڙهيو آهي. ڪي مڪرو فريب ۽ ڏوڪيبازي سان ماڻهن کي گمراهہ ڪرڻ لڳا.

اي بسا ابليس آدم روءِ هست
پس بهر دستِ نبايد داد دست

يعني: ياد رکو ڪيترا ابليس آدم جي شڪل ۾ موجود آهن. ان ڪري هر هڪ جي هٿ تي هٿ رکڻ يعني ان جي اطاعت ۾ صحبت قبول ڪرڻ کان پاسو ڪجانءِ.

هر چمڪندڙ شيءِ سون نہ آهي ۽ هر ماڻهو به مسيحا نہ آهي. زمين جون رونقون آزمائش آهن تہ ڪير ٿو انهن جي دام ۾ وکوڙجي وڃي ۽ ڪير ٿو انهن مان حق ۽ سچ جو رستو ٿو ڳولي ڪڍي ۽ پنهنجي لاءِ نيڪ عملن جو ذخيرو گڏ ڪري. (آل عمران: 14/3، الحجر: 39/15، الکهف: 46/18، المنافقون: 9/63، التغابن: 15/64، التحريم: 7/66) "اَلْمَالُ وَ الْبَنُوْنَ زِيْنَةُ الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا ۚ وَ الْبٰقِيٰتُ الصّٰلِحٰتُ خَيْرٌ عِنْدَ رَبِّكَ ثَوَابًا وَّ خَيْرٌ اَمَلًا ○" مال ۽ اولاد دنيا جو سينگار آهن ۽ سدائين رهڻ واريون نيڪيون آهن، جيڪي تنهنجي پالڻهار وٽ ثواب جي لحاظ سان بهتر آهن ۽ اميد رکڻ لاءِ به بهترين آهن. دنيا جون اهي رونقون ۽ زينتون ان لاءِ آهن، تہ ڪير انهن جي استعمال ۾ اعتدال ۽ توازن قائم رکي ٿو، جيڪو حقيقت ۾ زندگي جي بهترين راهہ آهي.(الکهف: 46/18-30-31، الملک: 2/67)

ڪاڪ نہ جهليا ڪاپڙي موهيا نہ مال
جي چورين ڏنا چال تہ لاهوتي لنگهي ويا.

(شاهہ رحمۃ اللہ علیہ)

هن دنيا جي عارضي عيش و عشرت زيب و زينت کي ڏسي ان تي فريفته ٿي وڃڻ نهايت خساري جو سودو آهي. هڪ ڏينهن اچڻ وارو آهي، جڏهن الله تعالىٰ هن دنيا ۽ ان جون سموريون رونقون نيست و نابود ڪري ڇڏيندو. هي زمين هڪ ڇٽو ميدان ٿي ويندي، جنهن ۾ گاهہ ڪيت، درخت پن، پهاڙ ۽ دريا ڪجهہ به نظر نہ ايندو. جيڪي ماڻهو هن جي سونهن، سوڀيا ۽ سينگار تي دل لڳائي رهيا آهن، انهن کي يقين هئڻ گهرجي، هي سڀ فنا ٿي ويندو، رهندو نانءُ الله جو. "كُلُّ مَنْ عَلَيْهَا فَانٍ ○ وَّيَبْقٰى وَجْهُ رَبِّكَ ذُو الْجَلٰلِ وَ الْاِكْرَامِ ○" (الرحمٰن: 26-27/55) ڪل فنا بس الله باقي. معلوم ٿيو تہ هن دنيا جا سمورا مال اسباب حاصل ڪري ونو، مادي ترقيءَ سان ڪيترو ئي زمين کي لالہ زار بنائي ڇڏيو، وڏا شاهي محل ڪوٺ قلعا جوڙي رکو، خطرناڪ اسلحي جا انبار لڳائي ڇڏيو. اقتدار ۽ اختيار جا صاحب بڻجي وڃو، مال متاع ۽ دولت جا خزانا بڻايو تہ اهي سڀ اڏامي ويندا.

کا بہ شي باقي نہ رهندي. ابدي نجات ۽ اصلاح انهن جي حصي ۾ هوندي، جن روحاني دولت ميڙي، عمل صالح جا انبار لڳايا ۽ دنيا جي فاني ۽ زائل ٿيڻ طرف مائل نہ ٿيا ۽ راهِ حق تي هلڻ جو عزم مصمم ڪيو ۽ ان راهه ۾ ايندڙ رڪاوٽون، مشڪلاتون ۽ محروميون انهن جي استقلال کي لوڏي نہ سگهنديون، پر جن ماڻهن پنهنجا ڪن، اکيون ۽ دل بند رکيا آهن، حق ۽ سچائي قبول ڪرڻ لاءِ هرگز تيار نہ آهن تہ الله تعالىٰ بہ انهن جي بدڻ، ڏسڻ ۽ سمجهڻ واري صلاحيت کي ختم ڪري ڇڏيو ٿو. جيڪو گندا ڪم ڪندو، اهو وڏي نقصان ۾ هوندو. (النساء: 4/ 119) نيڪ عمل ڪرڻ وارن لاءِ جيڪي رحمتون، نوازشون ۽ نعمتون الله تعالىٰ طرفان ملنديون تہ اهي ڪامياب ۽ ڪامران ٿين ٿا (البقره: 2/ 7) هيءَ آزمائش آهي، ڏسجي تہ ڪير ٿو چڱا ڪم ڪري. "لِنَبْلُوَهُمْ اَيُّهُمْ اَحْسَنُ عَمَلًا " (الملک: 67/ 7) جنهن جو هڪ مثال اصحاب ڪهف جو آهي، جو هاڻي شروع ٿيڻ وارو آهي، جيڪو هاڻي شروع ٿيڻ وارو آهي.

اَمْ حَسِبْتَ اَنَّ اَصْحٰبَ الْكَهْفِ وَ الرَّقِيْمِ ۙ كَانُوْا مِنْ اٰيٰتِنَا عَجَبًا ۝۹ اِذْ اَوَى الْفِتْيَةُ اِلَى الْكَهْفِ فَقَالُوْا رَبَّنَاۤ اٰتِنَا مِنْ لَّدُنْكَ رَحْمَةً وَّ هَيِّئْ لَنَا مِنْ اَمْرِنَا رَشَدًا ۝۱۰ فَضَرَبْنَا عَلٰۤى اٰذَانِهِمْ فِي الْكَهْفِ سِنِيْنَ عَدَدًا ۝۱۱ ثُمَّ بَعَثْنٰهُمْ لِنَعْلَمَ اَيُّ الْحِزْبَيْنِ اَحْصٰى لِمَا لَبِثُوْۤا اَمَدًا ۝۱۲ ع ۱۳

چا توهان خيال ڪريو ٿا تہ غار ۽ رقيم (ڪتبو) اسان جي نشانين مان عجيب نشاني هئا. (9) جڏهن انهن نوجوانن غار ۾ پناهه ورتي تہ چوڻ لڳا تہ اي اسان جا پروردگار! اسان تي پنهنجي طرفان رحمت ڪرڻ فرماءِ ۽ اسان جي هن معاملي ۾ تون اسان جي رهنمائي جو سامان مهيا ڪرڻ فرماءِ.(10) پوءِ اسان هنن کي ڪيترن سالن تائين غار ۾ سندن ڪنن تي پردو وجهي ڇڏيو. (11) پوءِ

هنن کي جاڳائي اٹاريوسون تہ اسان معلوم ڪريون تہ ڪيترو وقت هو غار ۾ رهيا تہ جيئن ٻنهي جماعتن مان ان (عرصي) جي مقدار جو ڪنهن کي پتو ناهي، معلوم ڪري سگهون تہ هو ڪيترو وقت غار ۾ رهيا.(12)

توهان "اصحاب ڪهف" يعني ڪهف/ غار ۾ پناهه وٺندڙ جنهن غار تي "الرقيم" اصحاب ڪهف جا نالا لکيل آهن، جي سرگزشت کي نهايت عجيب سمجهو ٿا. دين جي علمبردارن تي وقت بوقت الله تعالىٰ جيڪي عبرت ناڪ نشانيون نازل ڪيون آهن، اصحاب ڪهف جي ڪهاڻي بہ انهن نشانين مان هڪ نشاني آهي. هي نشانيون الله طرفان ظاهر ٿيون ۽ اڳتي بہ ظاهر ٿي سگهن ٿيون. سورة البقره: 2/ 259 ۾ بہ اهڙي قسم جو واقعو بيان ٿيل آهي، جنهن ۾ حضرت عزير عليه السلام کي موت کان هڪ سؤ سال پوءِ زنده ڪيو ويو هو. جيڪي ان اصحابِ حق جي باري ۾ هوندیون، جن کي توهان عذاب جو نشانو بنائي رهيا آهيو. اهو خدا لاءِ مشڪل ناهي. "اصحابِ ڪهف" موحد راسخ العقيده نوجوان هئا. توحيد جي تبليغ ۾ مصروف هئا. (الكهف: 18/ 16) ان وقت جي بت پرست بادشاهه کين توحيد جو ورد چڏي، بت پرستي اختيار ڪرڻ جو حڪم فرمايو. ورنہ هنن کي ڦاهي تي لٽڪايو ويندو. بادشاهه کين سوچڻ جو ڪجهه موقعو ڏنو، جنهن دوران هو شهر چڏي هڪ وڏي غار ۾ سڪونت پذير ٿي ويا ۽ پاڻ مان هڪ شخص کي ويس بدلي موڪليندا هئا تہ ماحول جي خبر چار بہ لهي اچي ۽ کاڌي پيتي جو اهتمام ڪري. هڪ ڏينهن هن پنهنجن ساٿين کي ٻڌايو تہ بت پرست بادشاهه هنن جي تلاش ۾ آهي ۽ کين ڦاسي چاڙهڻ جو ارادو رکي ٿو. بادشاهه هنن نوجوانن جي عزيزن قريبن جي زندگي بہ هنن جي تلاش ۾ زهر ڪري چڏي هئي. ان ڪري هن موحد گروهه الله در ٻاڏائڻ شروع ڪيو تہ اي اسان جا پروردگار! اسان جي معاملي ۾ درستيءَ جو سامان مهيا ڪر. حق تعالىٰ سندن فرياد جي شنوائي ڪئي ۽ کين 300 يا 309 سال گهري ننڊ ۾ مدهوش رکيو ۽ غار ۾ هنن جي ڪنن کان ٻڌڻ جي صلاحيت سلب ڪري چڏي. جڏهن ننڊ مان بيدار ٿيا تہ اسان اهو معلوم ڪرڻ ٿي گهريو تہ هنن ٻنهي گروهن مان ڪنهن کي معلوم آهي تہ هو ڪيترو وقت غار ۾ رهيا آهن. غار ۾ هنن سان هڪ ڪتو بہ هيو، جيڪو چائڻ وٽ وينو رهيو. ٽن

صدين گذرڻ بعد ڪيترا بادشاهه بدليا، هن وقت اهڙو بادشاهه هيو جيڪو عيسائي مذهب جو هيو ۽ بت پرست ڪونه هو. هنن اصحاب ڪهف جو اوچتو گم ٿي وڃڻ جو مشهور واقعو هيو، جنهن جو ذڪر ماڻهن کي ياد هو. هي به ٽي سؤ سال کن ننڊ ۾ هجڻ بعد اڪ ڪولي هڪ ٻئي کان معلوم ڪرڻ لڳا تہ اسان کيتري وقت ننڊ ڪئي آهي. هنن لاءِ تہ هي ننڊ چند ڪلاڪ يا چند پهر جي هئي، جنهن کي هو تازو واقعو سمجهي رهيا هئا، پر ٻئي طرف ٽي صديون گذرڻ بعد آثار قديمہ جو انوکو ۽ عجيب واقعو هيو، ٻنهي ڏرين مان ڪنهن کي به صحيح وقت جو پتو ڪونہ هيو.

"اَلرَّقِيْمُ" معنیٰ "مرقوم" يعني لکيل ڪتبو. هن جون ٻيون به گهڻيون معنائون آهن. "اَلْكَهْفُ" ان غار کي چون ٿا، جنهن ۾ اصحاب ڪهف پناهه ورتي هئي.

نَحْنُ نَقُصُّ عَلَيْكَ نَبَاَهُمْ بِالْحَقِّ ؕ اِنَّهُمْ فِتْيَةٌ اٰمَنُوْا بِرَبِّهِمْ وَ زِدْنٰهُمْ
هُدًى ﴿۱۳﴾ وَّ رَبَطْنَا عَلٰى قُلُوْبِهِمْ اِذْ قَامُوْا فَقَالُوْا رَبُّنَا رَبُّ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ
لَنْ نَّدْعُوَاْ مِنْ دُوْنِهٖۤ اِلٰهًا لَّقَدْ قُلْنَاۤ اِذًا شَطَطًا ﴿۱۴﴾ هٰۤؤُلَاۤءِ قَوْمُنَا اتَّخَذُوْا
مِنْ دُوْنِهٖۤ اٰلِهَةً ؕ لَوْ لَا يَاْتُوْنَ عَلَيْهِمْ بِسُلْطٰنٍۭ بَيِّنٍ ؕ فَمَنْ اَظْلَمُ مِمَّنِ
افْتَرٰى عَلَى اللّٰهِ كَذِبًا ﴿۱۵﴾ وَ اِذِ اعْتَزَلْتُمُوْهُمْ وَ مَا يَعْبُدُوْنَ اِلَّا اللّٰهَ فَاْوٗۤا اِلَى
الْكَهْفِ يَنْشُرْ لَكُمْ رَبُّكُمْ مِّنْ رَّحْمَتِهٖ وَ يُهَيِّئْ لَكُمْ مِّنْ اَمْرِكُمْ
مِّرْفَقًا ﴿۱۶﴾ وَ تَرَى الشَّمْسَ اِذَا طَلَعَتْ تَّزٰوَرُ عَنْ كَهْفِهِمْ ذَاتَ الْيَمِيْنِ
وَ اِذَا غَرَبَتْ تَّقْرِضُهُمْ ذَاتَ الشِّمَالِ وَ هُمْ فِيْ فَجْوَةٍ مِّنْهُ ؕ ذٰلِكَ مِنْ
اٰيٰتِ اللّٰهِ ؕ مَنْ يَّهْدِ اللّٰهُ فَهُوَ الْمُهْتَدِ ۚ وَ مَنْ يُّضْلِلْ فَلَنْ تَجِدَ لَهٗ
وَلِيًّا مُّرْشِدًا ﴿۱۷﴾ ع ۲ ۱۵ ۱۴

اسان انهن جو احوال توهان کي صحيح صحيح طور ٻڌايون ٿا، اهي ڪجهه جوان هئا، جن پنهنجي پروردگار تي ايمان آندو هو ۽ اسان هنن کي گهڻي هدايت سان نوازيو هو.(13) ۽ اسان هنن جي دلين کي مضبوط ڪيو، جڏهن هو (دعوت توحيد جو عَلم کڻي) اٿيا ۽ اعلان ڪيو ته اسان جو پروردگار اهو ئي آهي، جيڪو آسمانن ۽ زمين جو رب آهي. اسان ان کانسواءِ ٻئي ڪنهن به معبود کي نہ پڪاريندا سون، جيڪڏهن ائين ڪيو ته سمجهو ته نهايت غلط ڳالهه چئي.(14) هي اسان جي قوم جا ڪجهه افراد آهن، جن هن (الله) کان سواءِ ٻين کي معبود بڻايو آهي. هي انهن جي حق ۾ ڪو واضح دليل پيش ڇو نٿا ڪن، پوءِ ان کان وڌو ظالم ڪير هوندو، جيڪو الله تي ڪوڙا بهتان لڳائي.(15) ۽ جڏهن تون هنن کان ۽ هنن جي معبودن کان ڪناره ڪشي ڪئي ته غار ۾ هلي رهو. توهان جو پروردگار توهان لاءِ پنهنجي رحمت وسيع ڪندو ۽ اوهان جي ڪمن ۾ آسانيءَ جا (اسباب) مهيا ڪندو.(16) ۽ جڏهن تون سج کي طلوع هوندي وقت ڏسين ته ڏوپ (اُسَ) کهف غار جي سڄي پاسي طرف هٿي وڃي ٿي ۽ جڏهن غروب ٿئي ٿو ته روشني ان جي ڪٻي پاسي کان هلي وڃي ٿي ۽ هو کلي جڳهه ۾ (ستل) هئا. هي الله جي نشانين مان آهي، جنهن کي الله هدايت ڏيندو آهي، اهو ئي هدايت يافته آهي ۽ جنهن کي هو گمراهيءَ ڏانهن وڃڻ ڏئي، ان کي ڪو به سندس دوست يا رهبر نہ هوندو.(17)

هنن جا سرسري حالات ڪجهه بيان ٿي چڪا آهن ۽ اسان هاڻي هت ان اجمال جي تفصيل ڏئي رهيا آهيون، جيڪي نهايت صحيح، بلڪل درست ۽ سؤ في صد سچي آهي. اهي نوجوان اُهي آهن، جن پنهنجي رب تي حقيقي ايمان آندو آهي. "حقيقي ايمان" ۽ مجازي يا عام محاوري وارو ايمان ۾ الڳ حقيقتون آهن، زبان سان ايمان آڻڻ ۽ ان جي دل سان تصديق ڪرڻ مجازي ايمان آهي. "حقيقي ايمان" نفس کي فنا ڪرڻ بعد نصيب ٿيندو آهي، يعني نفسِ اماره جي سرڪشي ۽ انانيت کي فنا ڪرڻ سان حقيقي

ايمان نصيب ٿيندو آهي، شرڪ سان گڏ خدا تي ايمان ڪفر آهي. هنن نوجوانن جو ايمان نهايت پختو ۽ مضبوط هيو، جنهن کي الله پنهنجي رحمت سان وڌيڪ استقلال عطا ڪيو هو. سندن عزم ۾ پختگي ۽ دلين ۾ همت ۽ جرئت پيدا ڪئي هئي. هنن هڪ ظالم جابر بادشاهه جي آڏو حق جي ڪلمي کي بلند ڪيو هو ۽ بادشاهه جي ڏمڪين ۽ سزائن کان ڊڄڻ وارا نه هئا. اسان جو رب ته اهو ئي آهي، جيڪو آسمانن ۽ زمينن جو رب آهي ۽ جنهن جي حڪمراني، اقتدار ۽ اختيار ۾ ڪائنات جو نظام صحيح طور روان دوان آهي. اسان لاءِ اهو ممڪن ئي ناهي ته هڪ حقيقي الله کي ڇڏي، بتن ۽ مصنوعي معبودن جي پوڄا ڪريون. هي اسان جي عقل جي خلاف ۽ سمجهه کان ٻاهر آهي. اهڙي پروردگار کي ڇڏي، جيڪو جهانن کي پالي سنيالي ۽ هلائي ٿو، ڪنهن ٻئي نقلي معبود جي آڏو سر جهڪايون، خدانخواسته ائين ٿئي ته اها بيحد حماقت، جهالت ۽ بي عقلي هوندي.

وہ ایک سجدہ جسے تو گراں سمجھتا ہے
ہزاروں سجدوں سے دیتا ہے آدمی کو نجات

(اقبال رحمۃ اللہ علیہ)

اسان تنهنجا عابد تون معبود آهين،
اسان تنهنجا حامد تون محمود آهين

(مشتاق سچاروي)

ان بعد هنن جوانن چيو ته معلوم نه آهي ته اسان جي قوم جي عقل تي ڪهڙي بلا ڪري آهي، جو قادر مطلق الله کي جيڪو سڀ کي پالي ٿو، هر هڪ جي ضرورت جو سامان مهيا ڪري ٿو، جنهن جي رحمت ۽ ربوبيت، ڪائنات جي ڪوني ڪوني ۾ جلوه گر آهي، جنهن جي بخشش جي ڪا انتها ڪانهي، جنهن جو رحم و ڪرم بي حدو حساب آهي. اهڙي مهربان رب ۽ دائمي رحمت ڪرڻ واري مالڪ کي ڇڏي، بتن جي پوڄا ڪجي يا ديوين ۽ ديوتائن آڏو سر جهڪائجي. هنن جن کي پنهنجو معبود ٻڌايو آهي، انهن جو ڪو دليل يا ثبوت ناهي. هڪ الله کي ميڙ لاءِ ته ڪائنات جو ذرو ذرو گواهي ڏئي رهيو آهي.

ہر گیاہے کہ از زمیں روید
وحدہ لا شریک لہ گوید

(گلستان: شیخ سعدي رحمۃ اللہ علیہ)

هن وٽ ڪفر ۽ شرڪ لاءِ ڪا سند يا ثبوت ناهي، فقط جهالت ۽ گمراهي آهي. الله جي ذات پاڪ تہ حَيّ ۽ قَيُّوم آهي. قادر مطلق ۽ بي پرواهہ بادشاهہ آهي. يڪتا، يگانو ۽ وحدہ لاشريڪ آهي. ان کي ڇڏي اهڙن بي حس، بي بس بتن کي معبود سمجهڻ، انهن کي پنهنجو حاجت روا ۽ مشڪل ڪشا ڪوٺڻ، جيڪي پنهنجي جسم تان مک بہ اڏاري نٿا سگهن. اهو اهڙو ظلم آهي، جيڪو الله تي ڪوڙ ۽ فريب سان مڙهيو ٿو وڃي. حالانڪہ سبحانہ و تعالیٰ هر شيءِ کان پاڪ ۽ مُبرَّه آهي. هي پنهنجن توهمات جي جڳ ۾ ڦاسي چڪا آهن، هنن سان گڏ رهڻ يا حق جي راهہ ڇڏي ڏيڻ سراپا خسارو آهي تہ هنن پاڻ ۾ اهو فيصلو ڪيو تہ جڏهن توهان هنن کان ۽ هنن جي معبودن کان پاسيرا ٿي ويا آهيو ۽ بلڪل ڪناره ڪشي اختيار ڪئي آهي تہ پوءِ تہ هن شهر ۽ بستيءَ کي الوداع ڪري غار ۾ پناهہ ونو ۽ اتي رهائش اختيار ڪريو. هن مشرڪ قوم کان پري رهو. اوهان اهو سڀ ڪجهہ الله جي راهہ ۾ ڪيو ٿا. بادشاهہ جي قانون کي ڏڏي، الله جي حڪمن جي پيروي ڪريو ٿا تہ يقيناً الله اوهان کي ڪو نہ ڇڏيندو، هو توهان تي پنهنجي رحمت نازل ڪندو ۽ اهڙا سازگار حالات پيدا ڪندو، جنهن سان اوهان جي دل کي سڪون ۽ سرور نصيب ٿيندو ۽ هن ظالم بادشاهہ جي ظلم کان بہ بچي پوندا. غار ۾ الله جي اطمينان سان عبادت بہ ڪنداسون. هن قصي مان نصيحت ملي ٿي تہ:

(1) جيڪو شخص الله تي ايمان صادق رکي ٿو، ان لاءِ الله جي حمايت ۽ رحمت يقيني آهي.
(2) مؤمن کي الله کانسواءِ ڪنهن جو ڊپ يا خوف نہ هجي. جبر ۽ قهر آڏو نہ جهڪي نہ مرعوب ٿئي.
(3) ڪفر ۽ شرڪ اهڙو باطل آهي، جنهن جو ڪو ثبوت ناهي.
(4) پنهنجن فاسد عقيدن ۽ ناقص خيالن کي الله ڏانهن منسوب ڪرڻ الله تي ڪوڙا بهتان هڻڻ آهي.

وَ تَحْسَبُهُمْ اَيْقَاظًا وَّ هُمْ رُقُوْدٌ ۚ وَّ نُقَلِّبُهُمْ ذَاتَ الْيَمِيْنِ وَ ذَاتَ الشِّمَالِ ۚ
وَ كَلْبُهُمْ بَاسِطٌ ذِرَاعَيْهِ بِالْوَصِيْدِ ؕ لَوِ اطَّلَعْتَ عَلَيْهِمْ لَوَلَّيْتَ مِنْهُمْ فِرَارًا
وَّ لَمُلِئْتَ مِنْهُمْ رُعْبًا ﴿١٨﴾ وَ كَذٰلِكَ بَعَثْنٰهُمْ لِيَتَسَآءَلُوْا بَيْنَهُمْ ؕ قَالَ قَآئِلٌ
مِّنْهُمْ كَمْ لَبِثْتُمْ ؕ قَالُوْا لَبِثْنَا يَوْمًا اَوْ بَعْضَ يَوْمٍ ؕ قَالُوْا رَبُّكُمْ اَعْلَمُ
بِمَا لَبِثْتُمْ ؕ فَابْعَثُوْۤا اَحَدَكُمْ بِوَرِقِكُمْ هٰذِهٖۤ اِلَى الْمَدِيْنَةِ فَلْيَنْظُرْ اَيُّهَاۤ
اَزْكٰى طَعَامًا فَلْيَاْتِكُمْ بِرِزْقٍ مِّنْهُ وَ لْيَتَلَطَّفْ وَ لَا يُشْعِرَنَّ بِكُمْ
اَحَدًا ﴿١٩﴾ اِنَّهُمْ اِنْ يَّظْهَرُوْا عَلَيْكُمْ يَرْجُمُوْكُمْ اَوْ يُعِيْدُوْكُمْ فِيْ مِلَّتِهِمْ وَ
لَنْ تُفْلِحُوْۤا اِذًا اَبَدًا ﴿٢٠﴾ وَ كَذٰلِكَ اَعْثَرْنَا عَلَيْهِمْ لِيَعْلَمُوْۤا اَنَّ وَعْدَ اللّٰهِ حَقٌّ
وَّ اَنَّ السَّاعَةَ لَا رَيْبَ فِيْهَا ۚ اِذْ يَتَنَازَعُوْنَ بَيْنَهُمْ اَمْرَهُمْ فَقَالُوا ابْنُوْا
عَلَيْهِمْ بُنْيَانًا ؕ رَبُّهُمْ اَعْلَمُ بِهِمْ ؕ قَالَ الَّذِيْنَ غَلَبُوْا عَلٰۤى اَمْرِهِمْ
لَنَتَّخِذَنَّ عَلَيْهِمْ مَّسْجِدًا ﴿٢١﴾ سَيَقُوْلُوْنَ ثَلٰثَةٌ رَّابِعُهُمْ كَلْبُهُمْ ۚ وَ
يَقُوْلُوْنَ خَمْسَةٌ سَادِسُهُمْ كَلْبُهُمْ رَجْمًۢا بِالْغَيْبِ ۚ وَ يَقُوْلُوْنَ سَبْعَةٌ وَّ
ثَامِنُهُمْ كَلْبُهُمْ ؕ قُلْ رَّبِّيْۤ اَعْلَمُ بِعِدَّتِهِمْ مَّا يَعْلَمُهُمْ اِلَّا قَلِيْلٌ ۬ۗ فَلَا
تُمَارِ فِيْهِمْ اِلَّا مِرَآءً ظَاهِرًا ۪ وَّ لَا تَسْتَفْتِ فِيْهِمْ مِّنْهُمْ اَحَدًا ﴿٢٢﴾ ع

ع تون ائين سمجهندين ته هو جڻ جاڳي رهيا آهن، پر هو ستل آهن ع اسان هنن کي سڄي پاسي ع کٻي پاسي ڪروٽ بدلائيندا رهنداسون. ع هنن جو ڪتو

نِصْفُ الْقُرْآنِ بِاعْتِبَارِ عَدَدِ الْحُرُوْفِ بِاَنَّ التَّاءَ بَعْدَ الْيَاءِ مِنَ النِّصْفِ الْاَوَّلِ وَالْلَامَ الثَّانِيَةَ مِنَ النِّصْفِ الْاَخِيْرِ

چوڪٽ تي پنهنجون ٽنگون ڦهلايون پيو هو، جيڪڏهن تون هنن جي جهاتي پائي ڏسين ها تہ پٺ ڏئي پوجي وجين ها ۽ انهن جي دهشت ۾ اچي وجو (18) اهڙي طرح اسان هنن کي اڌاريو تہ جيئن پاڻ ۾ هڪٻئي کان دريافت ڪن. انهن مان هڪ چيو تہ اوهان ڪيترو عرصو رهيا آهيو. هن چيو تہ هڪ ڏينهن يا ان کان بہ گهٽ. هنن چيو تہ ڪيترو وقت رهيا آهيون، خدا کي ئي پوري طرح معلوم آهي. توهان پاڻ مان ڪنهن کي بہ پئسا ڏئي شهر موڪليو تہ اهو ڏسي تہ شهر ۾ ڪٽي پاڪيزه کاڌو ملي ٿو تہ اهو وٺي اچي. هو خفيہ طور وڃي ۽ نرم گفتگو ڪري تہ جيئن ڪنهن کي بہ اوهان جي خبر نہ ڏئي(19) جيڪڏهن هنن کي اوهان جو پتو پئجي ويو تہ هو توهان کي سنگسار ڪري ڇڏيندا يا پنهنجي مذهب ۾ واپس آڻيندا ۽ پوءِ اوهان کي ڪا فلاح ۽ ڪاميابي نہ ملندي.(20) اهڙي طرح اسان کين سندن حال کان آگاهہ ڪري ڇڏيو تہ الله جو وعدو برحق آهي ۽ قيامت (جي اچڻ ۾) ڪو شڪ ناهي، جڏهن هنن (اهل ڪهف) بابت هو (شهر وارا) پاڻ ۾ بحث ڪرڻ لڳا، ڪجهہ ماڻهن چيو تہ هنن جي غار تي هڪ عمارت تعمير ڪريو، هنن (اهل ڪهف) جي احوال کان الله چڱي طرح واقف آهي، پر هنن جي مقابلي جيڪو گروهہ غالب رهيو، انهن چيو تہ توهان هنن جي غار وٽ مسجد تعمير ڪيو.(21) هاڻي هي ماڻهو چون ٿا تہ اهي ٽي هئا، چوٿون انهن جو ڪتو هيو، هنن مان وري ڪجهہ چون ٿا تہ پنج هئا، ڇهون انهن جو ڪتو هو. هي سڀ خيالي اندازا ڊوڙائي رهيا آهن. ڪجهہ چون ٿا تہ ست هئا ۽ اٺون انهن جو ڪتو هو. تون چئو تہ منهنجو پروردگار ئي هنن جي انگ کان چڱي طرح آگاهہ آهي، هنن جي تعداد کي نٿا ڄاڻن، مگر ٿورا ماڻهو سو (اي نبي محترم ﷺ) تون هن معاملي ۾ گهٽي بحث ۾ پاڻ کي الجهائي نہ رک، بس سرسري بحث يا گفتگو ڪري ڇڏ ۽ نہ وري هنن جي باري ۾ ڪانئن تون پڇا ڪر.(22)

الله تعالىٰ اصحاب کهف لاءِ اهڙي غار فراهم ڪئي، جنهن جي اندر هوا روشني ۽ حرارت ته برابر پهچندي رهي، پر آفتاب جي گرمي کان محفوظ رهيا. گويا الله تعالىٰ بغير ڪنهن محنت مزدوريءَ جي سندن زندگيءَ جون سڀ ضروتون مهيا ڪري ڇڏيون هيون. جڏهن سج ايري مٿي ٿئي ٿو ته ان جي ڏوپ (اُس) هنن جي سڄي پاسي کان گذري ٿي وڃي ۽ وري جڏهن سج لهڻ طرف وڃي ٿو ته ڏوپ کٻي پاسي طرف هٿيو وڃي، يعني هنن کي ڏينهن جي روشنيءَ جو فائدو ته ملندو رهي، پر سندن سڪون ۽ آرام ۾ ڪو خلل نه پوي، چو ته کين سج جي اُس واري گرميءَ کان هو بچيل رهن ٿا. اهڙو انتظام فقط الله طرفان ئي سندن نيڪ بانهن کي نصيب ٿيندو آهي، جيڪو الله جي نشانين مان آهي. هن طرح جون خدائي نشانيون ڏسي ۽ ٻڌي، سڀ ماڻهو توحيد جا قائل ٿي وڃڻ گهرجن، پر هدايت ان کي نصيب ٿئي ٿي، جنهن جي شامل حال توفيق الاهي ٿئي ٿي ۽ جن کي سندن لڳاتار بداعماليءَ سبب گمراهي ۾ ڇڏي ڏئي ٿو ته انهن جي راهه راست تي اچڻ ممڪن ناهي. هنن اصحابِ کهف جو هي وڏو عرصو ننڊ ۾ هڪ اعجازي ننڊ هئي، هنن جي چهرن تي نوراني جهلڪ ۽ تازگي ۽ اکين ۾ چمڪ کي ڏسي ائين محسوس ٿيندو ته هو جاڳي رهيا آهن ۽ حالانڪه هو ننڊ ۾ هئا ۽ انهن جو رعب ۽ هيبت کي برقرار رکيو ويو ته جيئن ڪو هنن جي آرام ۾ خلل نه وجهي. هو ننڊ ۾ هوندي ۾ ڪڏهن سڄي پاسي ته ڪڏهن کٻي پاسي ڪروٽ بدليندا رهيا ته جيئن سندن نظامِ حيات جو سلسلو جاري رهي، گويا الله تعالىٰ پنهنجن فرشتن کي هنن جي سار سنيال لاءِ نرسنگ ڊيوٽيءَ تي مامور ڪري ڇڏيو هيو، چو ته جسم جو هڪ شڪل ۽ هڪ هنڌ سالن جا سال رهڻ سان خون ۾ جمود ۽ بدن ۾ آڪڙ اچي ويندي ۽ هنن جو ڪتو جيڪو هنن سان گڏ هليو آيو هو، اهو چوڪ ٽي ٽنگون پکيڙي ائين ليٽي رهيو هيو ته جڏ ڪنهن تي حملا آور ٿيڻ وارو آهي. هي به اهل کهف جي نگرانيءَ جو هڪ انوکو نمونو هو. هن ڪتي جا ياڳ ڏسو، جو نيڪن جي صحبت ۾ رهڻ ڪري ان جو قرآن ۾ ذڪر خير آيو آهي.

سگِ اصحابِ کہف روزے چند
صحبت مرد کرد مردم شد

(شیخ سعدي رحمه الله)

اصحاب کھف جو کتو ٿورڙا ڏينهن نيڪن جي صحبت ڪئي تہ ماڻھو ٿي ويو.

هي سمورا اسباب هنن جي حفاظت لاءِ هئا ۽ سمورا اسباب اهڙا هئا، جو هنن کي ڪو ماڻھو پري کان ئي اهڙي حالت ۾ ڏسي تہ دهشت زده ٿي پوڄي وجي. جهڙيءَ طرح الله تعالىٰ عزو جل پنهنجي قدرت سان اصحابِ کهف کي هڪ ڏگهي عرصي تائين بنا کنهن تغير ۽ تبديلي جي جسماني ۽ ذهني طرح سان محفوظ رکيو ۽ کين ايڏو وڏو عرصو ننڊ ۾ سکون سان رکيو، اهڙي طرح پنهنجي ڪمال قدرت سان انهن کي باهوش و حواس بيدار ڪيو ۽ جڏهن هو هن طبعي عرصي واري ننڊ کان بيدار ٿيا تہ هڪ ٻئي سان خيال وندڻ لڳا ۽ هڪ ٻئي کان پڇڻ لڳا تہ هو ڪيترو عرصو ستا آهن، انهن مان هڪ چيو تہ هڪ ڏينهن يا هڪ ڏينهن جو ڪجهہ حصو ستا هونداسون. ڪنهن چيو تہ پلا اهو معلوم ڪرڻ تہ ڪيترو ستا آهيون، ڪجهہ ضروري ناهي. دراصل اهو الله کي معلوم آهي تہ اسان هت ڪيترو وقت ستا هونداسون. هنن کي اهو معلوم نہ هيو تہ هنن جي ننڊ کي صديون گذري ويون آهن ۽ هاڻي جڏهن هنن جي اک کلي آهي تہ هنن جي دور وارو بت پرست ظالم بادشاهہ مري ڳري چڪو آهي ۽ هن وقت هڪ مسيحي پيروي جو بادشاهہ آهي، جيڪو بت پرست ۽ ظالم نہ آهي. هاڻي هنن کي بک بہ محسوس ٿي ۽ اڄ بہ لڳي. کاڌي پيتي جو سامان گڏ بہ ڪونہ هو، ان ڪري پاڻ منجهان هڪ شخص کي ڪجهہ رقم ڏئي شهر وڃڻ لاءِ چيو ۽ کيس پوري طرح تاڪيد ۽ هدايت ڪئي تہ احتياط ۽ خوش تدبيري سان وڃجان ۽ دانشمنديءَ سان ڪٽان حلال ۽ پاڪيزه کاڌو ونڻي اچجانءِ، چو تہ هنن جي پهرين دور ۾ بتن تي ذبيحه جو عام رواج هيو. هي سارو ڪم اهڙي عقلمندي سان ڪيو وڃي جو ڪنهن کي بہ اسان جي خبر نہ پوي. ائين نہ ٿئي جو هنن کي خبر پئجي وجي ۽ شاهي سپاهي اسان کي پڪڙي گرفتار ڪري بادشاهہ وٽ پيش ڪن ۽ پوءِ يا تہ اسان کي سنگسار ڪري ماريو ويندو يا جبر ۽ اڪراهہ ڪري زور زبردستي سان دين حق کي ڇڏي بت پرستي اختيار ڪرڻ لاءِ مجبور ڪيو وجي. خدانخواستہ ائين ٿو تہ اسان جنهن اعلىٰ مقام ۽ مرتبي جا متلاشي آهيون، ان کان محروم ٿي ويندا سون. حاصل مطلب تہ ظاهر ٿي پوڻ ۾ خسارو ئي خسارو ۽ خرابي ئي خرابي آهي.

اسان پنهنجي قدرت سان جهڙيءَ طرح اصحاب کهف کي ظالم بادشاهہ جي

دائره اختيار مان ڪڍي غار ۾ آندو، ڏگهي ننڊ سمهاريو، وري جاڳايو ۽ انهن جي حال کان ان وقت جي ماڻهن کي باخبر ڪيو. ان مان ثابت ٿيو ته بعث بعد الموت يعني قيامت ۾ ٻيهر زندهه ٿيڻ جو وقوع سؤ في صد سچ آهي ۽ اهو ان وقت ظاهر ڪيو ويو، جڏهن بت پرستيءَ جو دؤر ختم ٿي چڪو هو ۽ موجوده بادشاهه عيسائي عقيدي جو هجڻ سبب بت پرستي ته بند هئي، پر بعث بعدالموت يعني قيامت ۾ وري اٿڻ جو بحث زور شور سان ملڪ ۾ هلي رهيو هو. جڏهن ماڻهن کي معلوم ٿي ويو ته هي رقم ڪٽي ايندڙ ماڻهو اصحاب ڪهف وارن مان آهي ته اها خبر بادشاهه تائين پهچي وئي ۽ ماڻهو ان شخص سان گڏ غار تائين آيا. اهو شخص غار ۾ آندر ويو ۽ پوءِ چا ٿيو. ان جي خبر ناهي ته اصحاب ڪهف وري ابدي ننڊ ۾ هليا ويا يا ڪا بي روءِ داد ٿي. بهر ڪهف بادشاهه ۽ ان وقت جي ماڻهن کي يقين ٿي ويو ته 309 اڳ مري ويل ماڻهو زندهه ٿي سگهن ٿا ته موت بعد قيامت ۾ وري زندهه ٿيڻ ۾ ڪهڙي شيءِ رڪاوٽ آهي. الله قادر قدير آهي، جو چاهي ڪري سگهي ٿو. ماڻهن اصحاب ڪهف کي خدا جي نشاني سمجهي ان جي يادگار قائم ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. ڪجهه ماڻهن چيو ته غار ويجهو مسافر خاني جي عمارت جوڙي وجي، جتي زيارت ڪرڻ ۽ عبرت حاصل ڪرڻ وارا ماڻهو آرام ڪري سگهن، پر جن ماڻهن جو وڌيڪ اثر رسوخ هيو ۽ زياده بااثر ۽ بااختيار هئا، هنن چيو ته غار جي ويجهو مسجد تعمير ڪئي وجي ته هو زيارت لاءِ ايندڙ مسجد ۾ خدا جي حمد ۽ تسبيح بہ ڪري ۽ تسڪين ۽ آرام حاصل ڪري ۽ اصحاب ڪهف جي زيارت ڪري. چو ته ان وقت هنن نيڪ ماڻهن سان پنهنجو تعلق ۽ واسطو هر شخص ڏيکاري رهيو هو. بقول حضرت مولانا جلال الدين رومي رحمۃ اللہ علیہ:

هر کسے در ظنِ خود شد یار من
و ز درونِ من نجست اسرار من

هر شخص ته پنهنجي پنهنجي خيال ۾ منهنجو دلي دوست هيو، پر (افسوس جو) ڪنهن بہ منهنجي هن راز کي سمجهڻ جي ڪوشش نہ ڪئي.

شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحمۃ اللہ علیہ بہ چيو آهي.

ساري رات سبحان جاڳي جن ياد ڪيو،
ان جي عبداللطيف چئي مٺي لڏو مان
ڪوڙين ڪن سلام آڳهه اچيو ان جي.

هتان اهو به معلوم ٿيو ته اولياءَ الله جي مزارات پرسان مسجد تعمير ڪرڻ گهرجي ته جيئن الله جا ٻانها انهن حضرات جي زيارت ۽ قرآن خواني ڪرڻ وارا مسجد ۾ خدا جي وحدت جا گيت ڳائن ۽ خدا آڏو سجده ريز ٿين. "لَعَنَ اللّٰهُ الْيَهُوْدَ وَالنَّصَارٰى اِتَّخَذُوْا قُبُوْرَ اَنْبِيَآءِهِمْ مَسَاجِدَ" (صحيح بخاري) هن حديث شريف ۾ يهودين ۽ نصارن تي لعنت وڌي وئي آهي، ڇوته انهن پنهنجن بزرگن جي قبرن کي مسجد جو درجو ڏيئي، قبرن جي پوڄا ڪندا هيا، پر مسلمانن جي قبرستان ۾ نهيل مسجدون قبرن کان الڳ، الله جي عبادت لاءِ ناهيل آهن، جتي شرڪ جو ڪو خطرو ناهي. هن کان اڳ اصحاب ڪهف جو قصو بيان ڪيو ويو، جنهن جو مطالبو قريش ڪيو هيو. هاڻي هت انهيءَ اصحاب ڪهف جي تعداد بابت گفتگو ٿي رهي آهي، جن جي صحيح تعداد جو ڪنهن کي به يقيني علم ناهي. پوين آيتن ۾ به "فِتْيَةٌ" جو لفظ بمعنيٰ چند نوجوان آيو آهي. "فِتْيَةٌ" جمع آهي، جنهن جو واحد "فَتًى" آهي. يعني چند نوجوان هئا، جنهن ۾ ڪو خاص انگ مقرر نه ڪيو ويو آهي، ان ڪري اصحاب ڪهف جو قصو ٻڌي ماڻهو پنهنجي پنهنجي خيال ۽ دانش موجب اندازا لڳائڻ لڳا. ڪن چيو ٿي هئا، چوٿون سندن ڪتو هيو ۽ ڪي چون ٿا پنج، ڇهون سندن ڪتو هيو. ڪي چون ٿا ست هئا ۽ اٺون ڪتو هيو. "سَبْعَةٌ وَّثَامِنُهُمْ" ۾ "و" آيو آهي، جڏهن ته هن کان اڳ عدد ٻڌائڻ ۾ "و" نه آيو، "ثَلٰثَةٌ رَّابِعُهُمْ" ۽ "خَمْسَةٌ سَادِسُهُمْ" چيو ويو، پر بعد ۾ "سَبْعَةٌ وَّثَامِنُهُمْ" ۾ "و" اچي هن عدد کي وڌيڪ زوردار طريقي سان ظاهر ڪيو آهي. اهڙي طرح ٿي دفعا "يَقُوْلُوْنَ" چئي جمع جو صيغو استعمال ڪيو ۽ جمع ۾ ٿي يا ان کان ڏيڪ ايندا آهن. ان ڪري ست اصحاب ڪهف ۽ اٺون ڪتو ٿي سگهي ٿو. هي ماڻهو خيالي اندازا لڳائي رهيا آهن. اصل خبر ڪنهن کي به نه آهي، ان ڪري سندن گفتگو ۽ تعداد ۾ اختلاف آهي. ان ڪري پاڻ ڪريمن خَاتَمُ النَّبِيِّيْنَ ﷺ کي هدايت ڪئي ٿي وڃي ته تون هنن ٽُڪي بازن سان الجهڻ بجاءِ کين سرسري بحث ۾ ٻڌائي ڇڏ ته اصحاب ڪهف جي صحيح ۽ اصل انگ ڄاڻڻ جي اهڙي ڪا ضرورت ناهي. هنن جي مقصد ڄاڻڻ

جي ضرورت آهي تہ بعث بعدالموت يعني قيامت ڏينهن وري اٿڻ بابت کو بہ شک نہ آهي. جيڪو الله چند اصحاب کهف کي ظالم بادشاهہ جي ظلم کان بچائڻ ۽ سندس سچي ايمان جي حفاظت لاءِ کين شهر کان غار ۾ وڃي آيو، انهن کي 309 سال ننڊ ۾ زنده رکيو ۽ بعد ۾ صحيح سلامت اٿاريو، جيڪو رب ائين ڪري سگهي ٿو، اهو بوسيده هڏين کي دوباره جان وجهي زندهہ ڪري سگهي ٿو.

وَ لَا تَقُوْلَنَّ لِشَایْءٍ اِنِّیْ فَاعِلٌ ذٰلِكَ غَدًا ﴿۲۳﴾ اِلَّاۤ اَنْ یَّشَآءَ اللّٰهُ ۫ وَ اذْكُرْ رَّبَّكَ اِذَا نَسِیْتَ وَ قُلْ عَسٰۤى اَنْ یَّهْدِیَنِ رَبِّیْ لِاَقْرَبَ مِنْ هٰذَا رَشَدًا ﴿۲۴﴾ وَ لَبِثُوْا فِیْ كَهْفِهِمْ ثَلٰثَ مِائَةٍ سِنِیْنَ وَ ازْدَادُوْا تِسْعًا ﴿۲۵﴾ قُلِ اللّٰهُ اَعْلَمُ بِمَا لَبِثُوْا ۚ لَهٗ غَیْبُ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ ؕ اَبْصِرْ بِهٖ وَ اَسْمِعْ ؕ مَا لَهُمْ مِّنْ دُوْنِهٖ مِنْ وَّلِیٍّ ۫ وَّ لَا یُشْرِكُ فِیْ حُكْمِهٖۤ اَحَدًا ﴿۲۶﴾

۽ ڪنهن ڪم بابت ائين نہ چئجو تہ مان اهو سياڻي ڪندس،(23) مگر ان شاءَ الله ضرور چئو تہ جيڪا خدا جي مشيت هوندي تہ ڪندس. جيڪڏهن الله پاڪ جو نالو ونڻ وسري وڃي تہ ياد اچڻ تي نالو ونو ۽ اهو چئي ڏيو تہ اميد آهي تہ منهنجو پروردگار مون کي هن کان بہ وڌيڪ هدايت جون نصيحتون بڌائي(24) اصحاب کهف پنهنجي غار ۾ ٽي سؤ سال واڌو نو سال رهيا (25) چئو تہ جيترو وقت بہ اهي (غار ۾) رهيا، ان جي الله کي پوري ڄاڻ آهي. آسمانن ۽ زمين جا سارا ڳجهہ هن کي ئي معلوم آهن. هو ڪيترو نہ بهتر ڏسڻ وارو ۽ بهتر ٻڌڻ وارو آهي. هن کان علاوه ڪو بہ هنن جو ڪارساز نہ آهي ۽ نہ وري هو ڪنهن کي بہ پنهنجي حڪم ۾ شريڪ نٿو ڪري.(26)

اوهان کي پنهنجي مستقبل جو کو علم نہ آهي تہ سياڻي يا پنج ڏينهن يا مهيني بعد چا ٿيندو، ان کري جيڪو کم اڳتي کرڻو آهي، ان لاءِ ائين نہ چئو تہ فلاڻو فلاڻو کم مان سياڻي کندس. پر هن سان گڏ ان شاءَ الله ضرور چئو تہ وڌيڪ جا الله جي مشيت هوندي تہ اهو کم الله جي توفيق ۽ امانت سان ٿي ويندو.

سيئي سبحان جي کر حوالي کم
ٿي تحقيق تسليم ۾ لاهي غم وهم
تہ قادر سان کرم حاصل کري حاج تو

پر جيڪڏهن ويسر ٿي وجي تہ جڏهن ياد اچي تہ پوءِ ان وقت ان شاءَ الله چئي پنهنجي رب کي ياد رک. هتي ان شاءَ الله چوڻ جو حکم پاڻ کريمن خَاتَمُ النَّبِيِّين صلی اللہ علیہ وسلم کي ان کري ڏنو ٿو وجي تہ جيڪڏهن مشيت خداوندي کي چڏي چوندا تہ مان فلاڻو کم سياڻي کندس يا کو آئنده جو وعدو کيو ٿا، جنهن ۾ الله جي حکمت جو تقاضا اهو هجي تہ ان جو جواب ڏيڻ نہ گهرجي، يا جواب اچڻ ۾ وقت لڳي وجي ۽ فورًا جواب نہ ڏيڻ سبب دل آزردگي ٿئي. ان کري مشيت خداوندي يعني ان شاءَ الله چوڻ ضروري آهي. الله کان سواءِ کنهن کي بہ غيب جي خبر ناهي، اميد آهي تہ منهنجو رب هن کان بہ گهٽ مدت ۾ صحيح ڳالهہ ڏانهن منهنجي رهنمائي کري چڏي. ان کري هر شيءِ خدا جي حوالي ڪجي.

سپردم بتو مايۂ خويش را
تو دانی حساب کم و بيش

(بوستان: شيخ سعدي رحمۃ اللہ علیہ)

جهڙي طرح متي ذکر ٿي آيو آهي تہ ماڻهو اصحاب کهف ۾ تعداد معلوم کرڻ لاءِ پنهنجي پنهنجي راءِ زني کندا هئا تہ ٿي هيا، چار هيا، پنج هيا، ست هيا، حالانکہ کين صحيح تعداد جي خبر نہ هئي. اهڙي طرح هو اصحاب کهف جي غار ۾ رهڻ لاءِ بہ ڏڪا هٽندا هئا. کي ٿي سؤ سال چوندا هئا تہ کي وري وڌيڪ نو ملائي ٿي سؤ نو چوندا هئا. ان کري قتاده جي قول موجب اهل ڪتاب اصحاب کهف جي غار ۾

سڪونت ٿي سو سال يا ٿي سو نو سال ڪندا هئا. ان ڪري اڳئين آيت ۾ آيو آهي: "قُلِ اللّٰهُ اَعْلَمُ بِمَا لَبِثُوْا" هو غار ۾ ڪيترو وقت هئا، ان جو پورو علم صرف الله کي آهي، باقي ٻيا پنهنجو پنهنجو خيالي پلاءُ پچائين ٿا، جنهن جو حقيقت سان ڪو به واسطو ناهي. پر ڪجهه تفسيرن ان کي هنن جي غار ۾ سمهڻ جو عرصو شمسي ڪيلينڈر مطابق ٿي سو سال ۽ قمري ڪيلينڈر مطابق ٿي سو نو سال ڄاڻايو آهي. جيڪڏهن هي انگ خدا پاران ڏنل هجي ها ته پوءِ ايندڙ آيت ۾ اهو چوڻ ته هنن جو غار ۾ رهڻ وارو عرصو صرف الله کي معلوم آهي، ان ڪري اي پيغمبر حق ﷺ! هن اهل اختلاف کي صاف صاف ٻڌائي ڇڏ ته غار ۾ اصحاب ڪهف جي رهڻ جي مدت کي توهان سيني کان زياده ۽ صحيح اهوئي ڄاڻي ٿو. اصحاب ڪهف جو ته ايڏو وڏو معاملو نه آهي. الله تعلىٰ کي ته ان کان به تمام گهڻن وڏن معاملن جو پورو پورو علم آهي. هن جو شان عزو جل اهو آهي ته سمورن آسمانن ۽ زمين جو ۽ ان ۾ موجود پوري موجودات جو جنّ بشر هجن، برّ و بحر، ٻيلا، انسان، جانور، فرشتا، پکي مڇيون مطلب ته ڪائنات جي ڪوني ڪوني تائين موجود هر مخلوق جو پورو پورو علم آهي. جو الله ئي هن ڪائنات جو خالق آهي. ان ڪري هن جي علم غيب سان ڪنهن جو مقابلو نه آهي. هو هن ڪائنات جي ذري ذري کي پوري طرح نظرداري ڪرڻ وارو ۽ ٻڌڻ سڌڻ وارو آهي. الله کانسواءِ ڪو به اهڙو ناهي جو اهلِ اختلاف جو مددگار هجي. ان ڪري علم محيط يا علم غيب جي مالڪ سان معلومات ۾ مقابلو ڪو به نه ڪري. هن جو علم وسيع آهي. قدرت اختيار ۽ اقتدار سڀ ۾ حاوي آهي. ۽ ڪير به هن جي علم غيب ۾ اختيار ۽ اقتدار ۾ ڪو شريڪ ناهي. (الانعام: 6/ 52، عبس: 80/ 1-10)

وَاتْلُ مَآ اُوْحِيَ اِلَيْكَ مِنْ كِتَابِ رَبِّكَ ۚ لَا مُبَدِّلَ لِكَلِمٰتِهٖ ۚ وَلَنْ تَجِدَ مِنْ دُوْنِهٖ مُلْتَحَدًا ﴿۲۷﴾ وَاصْبِرْ نَفْسَكَ مَعَ الَّذِيْنَ يَدْعُوْنَ رَبَّهُمْ بِالْغَدٰوةِ وَ الْعَشِيِّ يُرِيْدُوْنَ وَجْهَهٗ وَلَا تَعْدُ عَيْنٰكَ عَنْهُمْ ۚ تُرِيْدُ زِيْنَةَ الْحَيٰوةِ

الدُّنْيَا ۚ وَلَا تُطِعْ مَنْ اَغْفَلْنَا قَلْبَهٗ عَنْ ذِكْرِنَا وَاتَّبَعَ هَوٰىهُ وَكَانَ اَمْرُهٗ
فُرُطًا ﴿۲۸﴾ وَقُلِ الْحَقُّ مِنْ رَّبِّكُمْ ۫ فَمَنْ شَآءَ فَلْيُؤْمِنْ وَّمَنْ شَآءَ فَلْيَكْفُرْ ۙ
اِنَّآ اَعْتَدْنَا لِلظّٰلِمِيْنَ نَارًا ۙ اَحَاطَ بِهِمْ سُرَادِقُهَا ؕ وَاِنْ يَّسْتَغِيْثُوْا يُغَاثُوْا
بِمَآءٍ كَالْمُهْلِ يَشْوِى الْوُجُوْهَ ؕ بِئْسَ الشَّرَابُ ؕ وَسَآءَتْ مُرْتَفَقًا ﴿۲۹﴾ اِنَّ
الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ اِنَّا لَا نُضِيْعُ اَجْرَ مَنْ اَحْسَنَ عَمَلًا ۚ ﴿۳۰﴾
اُولٰٓئِكَ لَهُمْ جَنّٰتُ عَدْنٍ تَجْرِىْ مِنْ تَحْتِهِمُ الْاَنْهٰرُ يُحَلَّوْنَ فِيْهَا مِنْ
اَسَاوِرَ مِنْ ذَهَبٍ وَّيَلْبَسُوْنَ ثِيَابًا خُضْرًا مِّنْ سُنْدُسٍ وَّاِسْتَبْرَقٍ
مُّتَّكِـِٕيْنَ فِيْهَا عَلَى الْاَرَآئِكِ ؕ نِعْمَ الثَّوَابُ ؕ وَحَسُنَتْ مُرْتَفَقًا ﴿۳۱﴾ ع ۴ ۱۲

اي پيغمبر خَاتَمُ النَّبِيِّين صلی اللہ تعالیٰ علیہ وآلہ وسلم ! تنهنجي پروردگار طرفان جيڪي ڪتاب تو ڏانهن وحي ٿي رهيو آهي، اهو ماڻهن کي پڙهي ٻڌايو. الله جي قانون کي بدلڻ وارو ڪير به ناهي ۽ تون هن کان سواءِ کا به پناهه جي جاءِ نه لهندين(27) ۽ جيڪي ماڻهو صبح ۽ شام پنهنجي پروردگار کي پڪارين ۽ ٿا ۽ هن جي خوشنوديءَ جا طالب آهن، انهن سان پنهنجو رابطو مضبوط رک. تنهنجون اکيون دنياوي زندگي جي رونق خاطر هنن کان هٽڻ نه گهرجن ۽ ائين محسوس نه ٿئي ته تون دنياوي زندگيءَ جي زيبائش ۽ آرائش گهرين ٿو. تون اهڙي شخص جي ڪا به ڀالهه نه ڪر، جنهن جي دل اسان جي ياد کان غافل ٿي چڪي آهي ۽ جيڪو پنهنجي خواهش جو پوئلڳ ٿي ويو آهي ۽ هن جو معاملو حد کان گذري چڪو آهي.(28) هنن کي چئو ته اهو ئي توهان جي رب طرفان حق آهي، هاڻي جيڪو

گهري ايمان آڻي جيڪو گهري ڪفر ڪري. اسان ظالمن لاءِ دوزخ جي باهه تيار ڪري رکي آهي. جنهن جون قناتون هنن کي گهيري ونديون ۽ جيڪڏهن هو پاڻيءَ لاءِ فرياد ڪندا تہ انهن جي فرياد رسي اهڙي پاڻي سان ڪئي ويندي، جيڪو پگهريل گرم ٽامي وانگر هوندو، جيڪو چهري کي پُڄي ڇڏيندو. هي پيئڻ جي نهايت خراب شيءِ هوندي ۽ (هنن لاءِ) جهنم بري جڳهه هوندي، آرام ڪرڻ لاءِ (29) يقيناً جن ماڻهن ايمان آندو ۽ نيڪ عمل ڪيا، تہ اسان ان شخص جو (ذري برابر) عمل ضايع نہ ڪنداسون(30) انهن ماڻهن جي رهائش لاءِ اهڙا باغ آهن، جن جي دامن ۾ ندين وهنديون هونديون. هنن کي سونا ڪنگڻ پارايا ويندا ۽ هو باريڪ ريشم ۽ ٿلهي ريشم جي سبز رنگ جا ڪپڑا زيب تن ڪندا. هو تختن تي ٽيڪ لڳايون وينا هوندا. ڪهڙو نہ بهترين بدلو هوندو ۽ ڪهڙي نہ تمام سڻي آرامگاهه هوندي.(31)

اي حبيب محترم نبي مڪرم ﷺ! تنهنجو فرض منصبي رڳو ايترو آهي تہ تون پنهنجي اصل ڪم ۾ مشغول هجين. (البقره: 23/2، الانعام: 6/ 19 ۽ 116) هي سراپا رحمت، برڪت هدايت وارو جامع ۽ مانع ڪافي ۽ شافي ڪتاب آهي، جيڪو تنهنجي رب جي رحمتن، فضل ۽ ڪرم سان تنهنجي ذاتِ اقدس تي مرحمت ٿي رهيو آهي. (الانعام: 19/6) اهو هنن کي پڙهي ٻڌائيندو رهہ. هنن جو تزڪيو ۽ تصفيو ڪندو رهہ ۽ حڪمت ۽ دانائي کان روشناس ڪرڻ فرمائيندو رهہ. (البقره: 120/2، الاعراف: 157/7، الجمعه: 2/62، الانفال: 8/ 62 کان 64، الفجر: 30/89-29) الله تعالىٰ جيڪي احڪام هن ۾ نازل ڪيا آهن ۽ جيڪي وعدا ڪيا اٿس. کا بہ اهڙي طاقت نہ آهي، جو انهن کي بدلي سگهي. (الانعام: 115/6) يا غلط ثابت ڪري سگهي. پر جيڪڏهن ڪو ماڻهو اهڙي جسارت ڪري ٿو ۽ انهن محڪم آيتن کي بدلڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. يا ان مان غلطيون ڪڍڻ جو ارادو رکي ٿو، يا ان کان منهن موڙي ڇڏي ٿو تہ سمجهو هن الله سان

جنگ جوٽڻ جي کوشش ڪئي آهي، جنهن ۾ هن کي ذلت آميز شڪست ايندي ۽ اهڙي مجرم کي سزا کان بچڻ لاءِ ڪٽي پناهه نه ملندي، پر الله جي قانون جي فرمانبرداري ڪندڙن اطاعت گذار ٻانهن لاءِ خدا جي وسيع ۽ دائمي رحمت جا در هميشه کليل رهندا. جنهن جو مثال اکين آڏو اصحاب ڪهف جو آهي. هنن الله جي اطاعت ڪئي ۽ سندس حڪمن جي فرمانبردار ٻانهي وانگر تابعداري ڪئي تہ الله انهن کي ڪهڙي طرح پنهنجي پناهه ۾ آڻي محفوظ ڪيو ۽ سندن اعليٰ مقام ۽ مرتبو ڪيو.

الله جي دين جي تبليغ ۽ تعليم ۾ هر طرح جي مخالفتن کي منهن ڏيڻو ٿو پوي، صعوبتون ۽ تڪليفون برداشت ڪرڻيون ٿيون پون. ان کري ڪاميابي حاصل ڪرڻ لاءِ صبر، استقلال ۽ استقامت سان گڏوگڏ پنهنجي جماعت سان رابطو ۽ تعلق استوار رکڻ لازمي آهي. تنهن جي ڪري اي رسول ﷺ! تون به پنهنجن انهن رفيقن سان جڙيل رهه، جيڪي صبح و شام، گرمي سردي، بک اڃ هر حال ۾ خدا جي رضا خاطر سندس نظام ۽ قانون جي دعوت کي عام ڪرڻ لاءِ تنهنجي قيادت ۾ سرڏڻ جي بازي لڳائي رهيا آهن. هنن جو سارو ڌيان ۽ توجهه انهيءَ مقصد جو حصول آهي، تون به نهايت صبر ۽ استحڪام سان پنهنجي منصبي فرض جي ادائگي ۾ لڳو رهه. (الانعام: 52/6، الانفال: 64/8-62، الفجر: 189/ 30-29، عبس: 80/11-10) حضرت بلال حبشي، حضرت عمار بن ياسر، حضرت خباب ۽ حضرت عبدالله بن اُمِّ مڪتوم رضی اللہ تعالیٰ عنہم جهڙا مخلص ۽ نادار الله جي نظر ۾ نهايت اهم آهن. اهي وليد بن مغيره جهڙن با اثر شخصيات ۽ قريش جي سردارن ۽ اميرن کان تنهنجا وڌيڪ خيرخواهه، جان نثار ساٿي ۽ الله جا محبوب ۽ مقبول ٻانها آهن، انهن کان منهن موڙي، ڪافرن جي سردارن سان تعلق رکڻ کان پرهيز ڪريو. تنهنجي دعوت جي دوران هن امراء ۽ شرفاء جي مال و اسباب يا دنياوي جاهه و جلال طرف نظر کٽڻ يا کنهن به نعمت وقعت لائق نه آهي. جهڙي طرح سورة الحجر ۾ آيو آهي: "لَا تَمُدَّنَّ عَيْنَيْكَ اِلٰى مَا مَتَّعْنَا بِهٖۤ اَزْوَاجًا مِّنْهُمْ وَ لَا تَحْزَنْ عَلَيْهِمْ وَ اخْفِضْ جَنَاحَكَ لِلْمُؤْمِنِيْنَ○" تون ان مال متاع ڏانهن اک کٽي به نه ڏسجانءِ جيڪو اسان تنهنجي مخالف گروهن کي ڏئي رکيو آهي ۽ هن امراءِ طبقي ڏانهن نهارڻ يا فڪر ڪرڻ نه گهرجي، پر اهل ايمان لاءِ شفقت سان پنهنجو جهڪاءُ جاري رک. پر معاشري جي بااثر رسول، دولتمند ماڻهن يا سردارن کي

دين جي دعوت ڏيڻ لاءِ کين پنهنجي قريب آڻڻ کان منع نہ آهي، پر هنن جي مال و دولت ۽ مرتبي مقام کان مرعوب ٿيڻ جي ضرورت نہ آهي. هر حال ۾ پنهنجن مخلص ۽ جان نثار ساٿين کي ٻين تي ترجيح ڏيڻ گهرجي. جنهن شخص جي دل اسان جي ياد کان غافل ٿي چڪي آهي، جيڪو پنهنجي خواهشن جو پوئلڳ ٿي چڪو آهي، "مَنِ اتَّخَذَ اِلٰهَهٗ هَوٰىهُ" جنهن پنهنجي خواهشن کي خدا جو درجو ڏنو آهي ۽ انهن جي پورائيءَ ۾ رات ڏينهن مصروف آهي ۽ الله جي حڪمن کي تسليم ڪرڻ کان انڪاري آهي، اهڙي بدنصيب شخص جي ڪا به ڳالهه قبول نہ ڪجانءِ. هن جو معاملو تمام حدون پار ڪري چڪو آهي. هن پاڻ تي پاڻ لاءِ رحمت ۽ هدايت جا در بند ڪري ڇڏيا آهن. پاڻ ڪريمن ﷺ جو پنهنجن هنن بي سروسامان مسڪين جان نثار مؤمنن سان به اهڙو شفقت محبت عزت ۽ احترام جو رشتو هيو، جو هو به شمع رسالت تي پروانہ وار قربان ٿيڻ لاءِ تيار هئا.

غلامن سان گڏجي کاڌو کائن تا ٿانءُ هڪڙي ۾
نہ ڪنهن ڪئي نوڪرن جي چاهه سان آ چاڪري اهڙي
يتيمن بي وسيلن ۽ ابوجهن جو اَجهو آڻت
غريبن جي غمن جو ناهه ڪو غمخوار تو جهڙو

(مشتاق سچاروي)

هن آيت ڪريمه ۾ پاڻ ڪريمن خَاتَمُ النَّبِيِّيْنَ ﷺ لاءِ مزيد ارشاد رباني آهي تہ توهان ڪافر مڪه جي هنن رئيسن، اميرن ۽ مالدار ماڻهن کي صاف صاف چئي ڏيو تہ دين حق توهان جي پالٹهار پاران اوهان جي پلائي ۽ اصلاح لاءِ آيو آهي، جيڪو سراپا سچ ۽ حق آهي، جنهن ۾ ڪنهن به قسم جو شڪ شبهو نہ آهي، اوهان پنهنجي مرضي جا مالڪ آهيو. پنهنجو ارادو ۽ اختيار رکو، مون اوهان جي خيرخواهي ۾ اوهان جو سموريون تڪليفون، اذيتون ۽ شرارتون برداشت ڪندي به ڪوشش جاري رکي آهي. هاڻي اوهان پنهنجي پلائي لاءِ ايمان اختيار ڪريو يا پنهنجي خساري ۽ نقصان لاءِ ڪفر جو رستو ونو. توهان جي عمل ۽ سوچ جو نفعو نقصان به اوهان لاءِ هوندو. "اِنَّا هَدَيْنٰهُ السَّبِيْلَ اِمَّا شَاكِرًا وَّ اِمَّا كَفُوْرًا" (الدهر: 76/ 3) يعني اسان انسان کي سڌو رستو ٻڌايو آهي، هاڻي هن جي مرضي آهي تہ هو الله جو شڪر ڪري يا انڪار ڪري. ان جو ڪنهن ٻئي تي ڪو اثر

نہ ٹيندو. حق ۽ سچائي واري انساني بهبود ۽ فلاح وارو پيغام عام آهي، مجڻ وارن لاءِ به ۽ نہ مجڻ وارن لاءِ به. ٻئي ڏريون پنهنجو پنهنجو انجام ٻڌي ونڻن. جيڪي ايمان نٿا آڻن ۽ ان جو انڪار ڪن ٿا انهن لاءِ جهنم جي باهه تيار آهي، جنهن ۾ هنن کي اهڙي طرح رهڻو پوندو جو باهه جي تيزي سبب سندن جسم هميشه هميشه لاءِ رهڻو پوندو. باهه جي تيزي سبب جيڪڏهن کين پاڻيءَ جي پياس لڳندي تہ کين گرم ڊامبر يا اهو سون چاندي جيڪو هنن ميڙيو هيو ۽ رت پون وارو پيالو پياريو ويندو.(التوبه: 35/9-34) باهه ۽ گرمي جي سختي سندن جسم کي ڇڄي ڇڏيندي ۽ انهن جي کل به سڙي بسم ٿي ويندي. ان جي برعڪس مؤمنن لاءِ جن عمل صالح ڪيا، جنت جا اهي سدا بهار باغ هوندا، جن جي دامن ۾ نهرون جاري هونديون ۽ کين خدا جو مزيد رضامندو حاصل هوندو، هنن جي چڱن ڪمن جو اجر ضايع نہ ڪيو ويندو. کين هر ننڍي وڏي نيڪيءَ جو پورو پورو بدلو ملندو. انهن جي دائمي رهڻ واري جنت، جنهن جي باغن کي انهن جي هيٺان وهندڙ نهرون سرسبز ڪري رهيون هونديون، اتي هنن جي رهڻ لاءِ عاليشان محلات ۽ بالا خانہ هوندا. هنن کي شاهاڻو ريشمي لباس باريڪ ريشم ۽ مرئي ريشم، زيورات ۾ سونا ڪنگڻ زيب تن هوندا، هو نرم نازڪ صوفن تي نهايت وڏي عزت ۽ احترام سان ويٺل هوندا. اهو سارو دلڪش نظام الله طرفان کين نيڪ عملن ڪرڻ جي بدلي ۾ عنايت ڪيو ويندو. هي سونا ڪنگڻ ۽ ريشمي لباس حديث موجب مسلمان مردن لاءِ حرام آهن پر مسلمان عورتن لاءِ اجازت آهي. پر بهشت ۾ اهي نعمتون مردن لاءِ به موجود هونديون. "وَلَكُمْ فِيْهَا مَا تَشْتَهِيْٓ اَنْفُسُكُمْ وَ لَكُمْ فِيْهَا مَا تَدَّعُوْنَ" (حٰم السجده: 41/ 31) جنهن به شيءِ جي اوهان جي دل چاهيندي، ۽ جو ڪجهہ اوهان گهرندؤ، اهو ملي ويندو. هت جنت جي ڪجهہ نعمتن جو ذڪر آهي، پر جنت ۾ ڇا هوندو؟ "مَا لَا عَيْنٌ رَاَتْ وَلَا اُذُنٌ سَمِعَتْ وَلَا خَطَرٌ عَلٰى قَلْبِ بَشَر" (صحيح بخاري) جنت ۾ اهو سڀ ڪجهہ هوندو، جيڪو نہ ڪنهن جي اکين ڏٺو آهي ۽ نہ ڪنن ٻڌو آهي ۽ نہ ڪنهن انسان جي تصور ۾ ئي آيو آهي. قرآن رڳو ان جي ڪجهہ تفصيل بيان ڪئي آهي، جيڪا جنت ۾ وڃڻ بعد ئي معلوم ٿيندي. دوزخ جي سختي ۽ باهه جو ذڪر آيو آهي. اهو به تفصيلي آهي، دوزخ جي اصل باهه اصل سختي ڇا هوندي، الله پناهه ۾ رکي.

وَ اضْرِبْ لَهُمْ مَّثَلًا رَّجُلَيْنِ جَعَلْنَا لِاَحَدِهِمَا جَنَّتَيْنِ مِنْ اَعْنَابٍ وَّ
حَفَفْنٰهُمَا بِنَخْلٍ وَّ جَعَلْنَا بَيْنَهُمَا زَرْعًا ﴿۳۲﴾ كِلْتَا الْجَنَّتَيْنِ اٰتَتْ اُكُلَهَا وَ لَمْ
تَظْلِمْ مِّنْهُ شَيْـًٔا ۙ وَّ فَجَّرْنَا خِلٰلَهُمَا نَهَرًا ﴿۳۳﴾ وَّ كَانَ لَهٗ ثَمَرٌ ۚ فَقَالَ
لِصَاحِبِهٖ وَ هُوَ يُحَاوِرُهٗۤ اَنَا اَكْثَرُ مِنْكَ مَالًا وَّ اَعَزُّ نَفَرًا ﴿۳۴﴾ وَ دَخَلَ جَنَّتَهٗ وَ
هُوَ ظَالِمٌ لِّنَفْسِهٖ ۚ قَالَ مَاۤ اَظُنُّ اَنْ تَبِيْدَ هٰذِهٖۤ اَبَدًا ﴿۳۵﴾ وَّ مَاۤ اَظُنُّ
السَّاعَةَ قَآئِمَةً ۙ وَّ لَئِنْ رُّدِدْتُّ اِلٰى رَبِّيْ لَاَجِدَنَّ خَيْرًا مِّنْهَا مُنْقَلَبًا ﴿۳۶﴾
قَالَ لَهٗ صَاحِبُهٗ وَ هُوَ يُحَاوِرُهٗۤ اَكَفَرْتَ بِالَّذِيْ خَلَقَكَ مِنْ تُرَابٍ ثُمَّ مِنْ
نُّطْفَةٍ ثُمَّ سَوّٰىكَ رَجُلًا ﴿۳۷﴾ لٰكِنَّا۠ هُوَ اللّٰهُ رَبِّيْ وَ لَاۤ اُشْرِكُ بِرَبِّيْۤ اَحَدًا ﴿۳۸﴾

اي نبي خَاتَمُ النَّبِيِّينَ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَسَلَّمَ توهان هنن جي آڏو بن ماڻهن جو مثال پيش ڪيو. انهن مان هڪ کي اسان انگورن جا ٻه باغ ڏنا هئا ۽ انهن جي چوڌاري کجين جا درخت لڳايا هئا ۽ انهن ٻنهي باغن جي درميان کيتي جو به انتظام ڪيو هو. (32) ٻئي باغ پنهنجو خوب ڦل ڏيندا هئا، جنهن ۾ ڪا به ڪمي نه هوندي هئي ۽ انهن جي وچ ۾ هڪ نهر وهندي هئي.(33) ۽ سموري پيدائش به هن جي هئي. هو پنهنجي دوست سان گفتگو ڪري رهيو هيو ۽ چوڻ لڳو مان توکان مال دولت ۾ به زياده آهيان ته نفري (جماعت) جي لحاظ سان به زياده معزز آهيان.(34) اهڙي شيخي هٽندي، هو پنهنجي باغ ۾ داخل ٿيو ۽ پاڻ تي ظلم ڪري رهيو هو. چوڻ لڳو ته مان نٿو سمجهان ته باغ ويران ٿيندو.(35) ۽ نه وري سمجهان ٿو ته قيامت ايندي (بالفرض) مان الله ڏانهن واپس ڪيو به ويس ته

اتي ب ضرور سنو مقام ماڻيندس.(36) انهي گفتگو دوران کيس ساڻي چيو ڇا تو ان هستيءَ جو انڪار ڪيو آهي، جنهن توکي مٽيءَ مان پيدا ڪيو پوءِ (منيءَ جي) نطفي (بوند) مان پوءِ توکي تندرست توانا انسان ٻٽايو.(37) مان تہ مڃان ٿو تہ الله منهنجو پروردگار آهي، مان پنهنجي رب سان ڪنهن کي شريڪ ڪرڻ وارو نہ آهيان.(38)

هن کان اڳ اهل ايمان ۽ بي ايمان يعني ڪافر جو ذڪر ۽ انهن جي آخري نتيجي جو بيان هيو، تہ مؤمن سان خدا جو ڪهڙو رويو آهي، هن لاءِ جنت جا سدا بهار باغ محلات گدا يا صوفا سيٽ موجود هوندا ۽ ڪافر لاءِ دوزخ جي باهہ، پگهريل ڏامر جو گرم پاڻي، رت پونءِ وارو پاڻي پياريو ويندو ۽ باهہ سندس منهن ۽ بدن کي ساڙيندي رهندي. ان کان پوءِ وري هنن بن ماڻهن جي ذهنيت سوچ فڪر ۽ فهم قريش مڪه آڏو بيان ڪر تہ کين زندگيءَ جي ٻئي رخ ۽ انهن جا نتيجا معلوم ٿي سگهن. "ضَرَبَ" مثال جي معنيٰ ۾ ب ايندو آهي. (الکهف: 18/ 32، يٰس: 36/ 13) هو پنهنجي مال جي وسعت اولاد جي ڪثرت ۽ وقتي عزت و شهرت تي ناز ڪن ٿا ۽ مسڪين فقراءَ صحابہ ڪرام جي افلاس ۽ تنگدستيءَ کي معاذ الله حقير ۽ قابل نفرت سمجهن ٿا. مخلص، متقي مؤمن ڪم مايہ سبب هنن جي نظرن ۾ ذليل لڳن ٿا، انهن لاءِ هن بن ماڻهن جو تمثيل طور ذڪر ٿي رهيو آهي، ب شخص هئا، جن مان هڪ مالدار هيو، جنهن کي الله تعالیٰ انگورن جا ب باغ ڏنا هئا، ان جي چوڌاري کجين جا درخت هئا ۽ درميان ۾ خالي زمين تي کيتي ٻاڙي، اناج، سبزيون وغيره پيدا ٿيندیون هيون. هي ٻئي باغ ڪثرت سان پيداوار ڏيندا هئا ۽ سندن اپت ۾ ڪا ب ڪمي نہ هوندي هئي. ٻنهي باغن کي سرسبز رکڻ لاءِ دامن ۾ نهرون وهندڙ هيون. دائمي آب پاڻي سبب ٻئي باغ سدا سرسبز ۽ آباد هوندا هئا، جن کي ڏسي سندن اکيون ٺري پوندیون هيون. مالڪ کي خوب پيداوار ملندي هئي، جنهن جي ڪري هو نهايت خوشحال، وڏي مال ملڪيت وارو هيو. هو پنهنجي هن خوشحاليءَ تي شيخيون هڻي پاڻ پڏائي رهيو هو. باغ جي پيداوار ۽ ڪمائيءَ تي آکڙجي رهيو هو. هن جو ٻيو

ساڻي مسڪين ۽ ايماندار شخص هيو. جنهن کي هو مالدار باغ جو مالڪ ڦوندِ غرور ۽ آکڙ ۾ اچي چوڻ لڳو تہ ڏس تنهنجي مقابلي ۾ مان مالداري، عزت آبرو ۽ ڪثرت اولاد ۽ احباب، جاهہ وحشم نوڪر چاڪر ۾ توکان ڪيترو وڌيڪ آهيان. ڏس مون وٽ زندگيءَ کي آسان بنائڻ لاءِ ڪيترو سازو سامان آهي، ڪيڏو وڏو اثر رسوخ آهي. هن مال دولت جي ڪري ڪيتري عزت ملي ٿي. تو مفلس ۽ مسڪين کي ڪو گلي لڳائڻ وارو ڪونهي. پوءِ توکي انهيءَ پرهيزگاري ۽ ايمانداري مان ڇا لاڀ مليو. هي تقويٰ ۽ ديانتداري جا وعظ توکي ڪهڙي ڪم آيا. اهڙي پنهنجي غرور ۽ وڏائي واري گفتگو جاري رکندي مغرور شخص هن سان گڏ پنهنجي باغ ۾ داخل ٿيو. هن کي اهو خيال بہ نہ ٿيو تہ هو پاڻ تي ڪيڏو ظلم ڪري رهيو آهي ۽ پنهنجن پيرن تي پاڻ ڪهاڑي هڻي رهيو آهي. هو پنهنجي ساڻيءَ کي ٻڌائي رهيو هو تہ منهنجا هر سرسبز کيت ميوي سان ڀرپور وڻ، هي سدا وهندڙ نهرون، ممڪن ئي ناهي تہ فنا ٿي وڃن. مون وٽ هر بلا کان بچاءُ جو سامان موجود آهي. نہ قيامت اچڻي آهي ۽ نہ وري ڪا بربادي، پر جي خدانخواستہ قيامت آئي بہ تہ مان هت بہ خدا جو پيارو آهيان ۽ اُتي بہ مون کي ئي اهميت ملندي. مون کي ئي باغ ۽ سرسبز کيت ڏنا ويندا. اتي بہ مون کي خوشحال رکيو ويندو. جهڙي طرح هن دنيا ۾ زندگيءَ جون سموريون سهولتون حاصل آهن. آخرت ۾ بہ منهنجو قدر ڪيو ويندو ۽ اهڙو ساز وسامان ۽ مال متاع اتي بہ مون کي عنايت ڪيو ويندو. "وَّلَئِنْ رُّجِعْتُ اِلٰى رَبِّيْٓ اِنَّ لِيْ عِنْدَهٗ لَلْحُسْنٰى" (حٰمٓ السجده: 41/ 50) پر جيڪڏهن مون کي الله تعالیٰ وٽ پيش ڪيو ويو تہ مون کي ان الله وٽان بہ ٻيلي کان ٻيلي شيءِ ملندي.

هن متڪبر ۽ مغرور مالدار جو احوال ٻڌي ڪيس ان مسڪين مؤمن چيو تہ تو پنهنجي باغ کي غير فاني چيو، قيامت جو انڪار ڪيو، ڇا تون ان قادر مطلق جو منڪر ٿي ويو آهين، جنهن توکي متيءَ مان پيدا ڪيو ۽ پوءِ هڪ نطفي ناچيزي قطري مان جنم ڏنو. (القصص: 78/28، الواقعه: 56/ 63 کان 73) زندگي بخشي ۽ هڪ مضبوط طاقتور مرد بنائي ڇڏيو. تون ان جو شڪرگذار ٻانهو هئڻ بدران هن جو نافرمان ناشڪرگذار ٿي ويو آهين. "وَكَانَ الْاِنْسَانُ كَفُوْرًا " (بني اسرائيل: 67/17) انسان نهايت ناشڪرو آهي. ۽ ٻئي هنڌ آهي: "لَئِنْ شَكَرْتُمْ لَاَزِيْدَنَّكُمْ " (ابراهيم: 7/14) جيڪڏهن اوهان شڪر ڪندؤ تہ مان ان

جي بدلي گهٽي نعمت عطا ڪندس. حديث شريف ۾ آهي: "مَنْ لَّمْ يَشْكُرِ النَّاسَ لَا يَشْكُرُ اللّٰهَ" جيڪو ماڻهو ڪنهن ٻئي جي احسان جو شڪر ادا نٿو ڪري، الله جو به شڪر ادا نه ڪندو. ڇا هي باغ تنهنجي هنرمنديءَ جو نتيجو آهن. ۽ هن ۾ الله جي عنايت ۽ عطا جو عمل دخل ناهي، توکي اها صلاحيت ۽ اهو استعداد ڪنهن ڏنو آهي ۽ هن باغ جي پيداوار کي وڌائڻ گهٽائڻ ۾ ڪنهن جي قوت ڪار فرما آهي ۽ تنهنجي محنت جو ڪيترو حصو آهي ۽ اها محنت به ڪنهن جي مرهون منت آهي. (القصص: 78/28، الواقعه: 56/ 63 کان 73) تون ڪفران نعمت ڪري ان الله جو انڪار ڪري رهيو آهين تہ پلي ڪر، مان تہ ان الله کي پنهنجو پروردگار سمجهان ٿو، جنهن جي خدائي ۾ هن جو ڪو به شريڪ نہ آهي. هن ڪائنات تي رڳو ان يڪتا ۽ اڪيلي الله جو اقتدار ۽ اختيار آهي، جنهن جي اختيار آڏو ڪو دم هڻي نٿو سگهي، اهو ئي مالڪ الملڪ آهي، ان جي منشا سان ئي ملڪ ملي ٿو ڪسجي ٿو عزت ملي ٿي ۽ ذلت ٿئي ٿي. (آل عمران: 3/26) هر شيءِ حڪم الاهي جي تابع آهي. هن جي منشا ۽ رضا خلاف ڪو به دم هڻي نٿو سگهي. هو عطا ڪري يا سلب ڪري، ڪير پڇڻ وارو ناهي.

وَ لَوْ لَآ اِذْ دَخَلْتَ جَنَّتَكَ قُلْتَ مَا شَآءَ اللّٰهُ ۙ لَا قُوَّةَ اِلَّا بِاللّٰهِ ۚ اِنْ تَرَنِ اَنَا
اَقَلَّ مِنْكَ مَالًا وَّ وَلَدًا ﴿۳۹﴾ فَعَسٰى رَبِّيْٓ اَنْ يُّؤْتِيَنِ خَيْرًا مِّنْ جَنَّتِكَ وَ
يُرْسِلَ عَلَيْهَا حُسْبَانًا مِّنَ السَّمَآءِ فَتُصْبِحَ صَعِيْدًا زَلَقًا ﴿۴۰﴾ اَوْ يُصْبِحَ
مَآؤُهَا غَوْرًا فَلَنْ تَسْتَطِيْعَ لَهٗ طَلَبًا ﴿۴۱﴾ وَ اُحِيْطَ بِثَمَرِهٖ فَاَصْبَحَ يُقَلِّبُ
كَفَّيْهِ عَلٰى مَآ اَنْفَقَ فِيْهَا وَ هِيَ خَاوِيَةٌ عَلٰى عُرُوْشِهَا وَ يَقُوْلُ يٰلَيْتَنِيْ لَمْ
اُشْرِكْ بِرَبِّيْٓ اَحَدًا ﴿۴۲﴾ وَ لَمْ تَكُنْ لَّهٗ فِئَةٌ يَّنْصُرُوْنَهٗ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ وَ مَا
كَانَ مُنْتَصِرًا ﴿۴۳﴾ هُنَالِكَ الْوَلَايَةُ لِلّٰهِ الْحَقِّ ؕ هُوَ خَيْرٌ ثَوَابًا وَّ خَيْرٌ عُقْبًا ﴿۴۴﴾ ع ۵ ۱۳ ۱۷

۽ جڏهن تون پنهنجي باغ ۾ داخل ٿيو هئين تہ تو ماشاءَ الله لاقوة الا بالله چو نہ چيو؟ (يعني سپ ڪجهہ الله جي فضل و ڪرم سان آهي، بغير الله جي ڪنهن کي بہ ڪا قوت ۽ طاقت حاصل نہ آهي). جيڪڏهن تون ڏسين ٿو تہ مان توکان مال ۽ اولاد ۾ گهٽ آهيان.(39) تہ اميد آهي منهنجو رب مون کي تنهنجي باغ کان بہ سنو باغ عطا ڪري ۽ هو تنهنجي هن باغ تي آسمان مان ڪا آفت ڪيرائي ۽ پڌرو پٽ ٿي وڃي.(40) يا هن جو پاڻي گَهِرائيءَ ۾ هليو وڃي ۽ پوءِ تون ان (پاڻيءَ) کي آڻي نہ سگهين(41) يا هن جو سمورو ڦل (ميوو) (عذاب جي) گهيري ۾ اچي وڃي ۽ هن جيڪو باغ تي خرچ ڪيو ان جي ڪري هٿ ملیندو رهيو ۽ انگورن جو باغ پنهنجي ڇتري تي ڪري پوي ۽ پوءِ پٽيندو رهيو، هاءِ شامت! ڪاش مان پنهنجي رب سان ڪنهن کي شريڪ نہ ڪيان ها.(42) ان وقت الله کانسواءِ کا بہ جماعت ان جي مددگار نہ هوندي ۽ نہ وري هو (هن نقصان جو) بدلو وٺي سگهندو(43) هتان ثابت ٿيو تہ اصل حڪومت ۽ اقتدار الله جو آهي، اهو ئي بهتر آهي انعام ڏيڻ ۾ ۽ عاقبت سنوارڻ ۾ (44)

تو پنهنجي عاجزي و انڪساري ۽ الله جي قدرت ڪامل جو اقرار چو نہ ڪيو ۽ ائين چو نہ چيو الله جي توفيق ۽ عنايت کان بغير اهڙي باغ جو حصول، ان جي رکوالي، انتظام، اهتمام جي سهولت اڪيلي انسان جي وس ۾ نہ آهي ۽ هي جو ڪجهہ آهي، الله جي قانون مشيت جي دين آهي، جنهن کانسواءِ ٻئي ڪنهن ۾ بہ قوت ناهي، جو اهڙيون شيون پيدا ڪري سگهي ۽ انهن کي ترو تازو پرڪشش ۽ نفعي وارو بنائي سگهي، توکي غرور ۽ وڏائي ڪرڻ بدران چوڻ گهرجي ها تہ جيڪو الله کي منظور هوندو آهي، اهو ئي ٿيندو آهي ۽ ان جي قدرت ۽ قوت کان سواءِ ڪجهہ بہ نہ ٿيندو آهي. الله جي نعمت جو شڪر ڪرڻ لاءِ پنهنجي سرڪشي ۽ غرور ڇڏي "مَا شَآءَ اللّٰهُ لَا قُوَّةَ اِلَّا بِاللّٰهِ" ۽

"اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ" چئجي. برابر مان توکان مال توڙي اولاد جي نسبت گهٽو گهٽ آهيان. پر کو عجب ناهي، جو منهنجو پروردگار مون کي تنهنجي باغ کان بہ وڌيڪ باغ عنايت ڪري، جيڪو الله جو ايمان وارن سان وعدو آهي ۽ تنهنجي باغ تي ڪا آسماني آفت وڃ، يا سخت پار پوي ۽ بلڪل تباهہ ٿي وڃي ۽ پوءِ تون افسوس جا هٿ ملیندو رهين تہ هي مون پاڻ سان پاڻ ڪهڙو ظلم ڪيو، جو سي ڪجهہ برباد ٿي ويو. ياد رهي تہ خدا کي مڃڻ ۽ زبان سان ايمان آڻڻ ئي ڪافي نہ آهي، جيڪڏهن کو الله جو بہ اقرار ڪري ٿو ۽ پوءِ ٻين کي بہ اختيار ڏئي سمجهي ٿو يا مال و دولت جي نشي ۾ اچي مغرور ٿي ان کي فقط پنهنجي قابليت جو ثمر سمجهي ٿو، تہ اهو بہ شرڪ ۽ ناشڪري آهي جو تہ هن جو خناس نفس يا نفس اماره هن جي غرور ۽ وڏائيءَ کي خدائي جو درجو ڏئي ٿو(نعوذ بالله). هن وقت جيڪي باغ ۾ پاڻيءَ جون نهرون وهي رهيون آهن ۽ باغ کي سرسبز ۽ سدا بهار بنائي رکيو آهي. انهن جو پاڻي خشڪ ٿي وڃي ۽ زمين ۾ ايترو تہ اونهو هليو وڃي جو ان جو وري ملڻ مشڪل يا ناممڪن ٿي پوي. (الملک: 30/67)

هن گفتگوءَ کان پوءِ هن مرد مؤمن جي نصيحت جا آڻا ظاهر ٿيا ۽ مغرور متڪبر انسان جي هٽ ۽ ڪبريائيءَ جي احتساب جو وقت اچي ويو، مهلت وارو دور گذري ويو ۽ آسماني آفت گهيري ورتو، باغ تہ سمورو تهس نهس ٿي ويو، پر ان تي لڳايل رقم بہ ٻڏي وئي. افسوس ۽ پشيمانيءَ جا هٿ ملیندو رهيو، حيراني ۽ پريشاني ۾ موڳو ۽ منجهيل ٿي ويو. انگورن جو سارو باغ چترين تي ڪريل ڏسي چوڻ لڳو تہ مون پنهنجي پير تي پاڻ ڪهاڙو هنيو آهي. مون کي گهرجي ها تہ پنهنجي الله سان شرڪ نہ ڪريان ها ۽ ڪفران نعمت جا ڪلما نہ ڏهرايان ها. معلوم هئڻ گهرجي تہ مڪافات عمل شروع ٿيڻ کان پوءِ توبه قبول ناهي ٿيندي. جهڙيءَ طرح فرعون مرڻ وقت چيو هو: "اٰمَنْتُ اَنَّهٗ لَاۤ اِلٰهَ اِلَّا الَّذِیْۤ اٰمَنَتْ بِهٖ بَنُوْۤا اِسْرَآءِیْلَ وَ اَنَا مِنَ الْمُسْلِمِیْنَ" (يونس: 10/ 90) مان ان الله تي ايمان آڻيانٿو، جيڪو بني اسرائيل جو الله آهي. اهڙيءَ طرح سورة المؤمن: 40/ 85-84 موجب نافرمان ۽ ناشڪري قوم لاءِ بہ عذاب وقت نجات نہ ٿي هئي. هاڻي تہ سندس اولاد ڪم جو آهي ۽ نہ وري عزيز و اقارب يا دوست احباب مدد ڪري سگهن ٿا. اصل مدد تہ الله جي هوندي

آهي، جنهن کان هو انڪاري رهيو ۽ ايڏي وڏي خساري جو نشانو ٿيو. نہ ڪو حمايتي حمايت لاءِ آيو ۽ نہ وري پاڻ بدلي ونڻ لائق آهي. سندس بيجا هٺ ۽ غرور هن دنيا ۾ تہ خساري جو باعث ٿيو، پر آخرت ۾ بہ ان جو برو انجام هوندو. هن دنيا جي مصيبتن ۽ مشڪلاتن ۾ جيڪو مشڪل ڪشا ۽ مددگار مولىٰ ڪريم آهي، ايندڙ جهان ۾ بہ ان جو اختيار ۽ اقتدار برحق هوندو. هن دنيا جو مثال هوا جي هڪ جهوٽي يا پاڻيءَ جي بلبلي وانگر فاني ۽ بي بقا آهي. (يونس: 10/ 24، الزمر: 21/39، الحديد: 20/57) اهو ئي والي ۽ ولي هوندو، اهو ئي مالڪ يوم الدين آهي، لفظ "وَلَايَة" وَاوَ جي زبر سان بمعنىٰ حڪومت اقتدار ۽ اختيار اچي ٿو. جنهن مان والي ۽ ولي جو لفظ آهي "اَللّٰهُ وَلِيُّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا" (البقره: 2/ 257، يونس: 10/ 62) الله مؤمن جو دوست مددگار آهي. حديث قدسي آهي: "مَنْ عَادٰى لِيْ وَلِيًّا فَقَدْ آذَنْتُهُ بِالْحَرْبِ" جيڪو شخص منهنجي ولي الله سان دشمني ڪندو، تہ گويا منهنجي طرفان هن جي خلاف اعلان جنگ آهي. "وَلِيٌّ"، "وَلّٰى" جو لفظ متضاد معنائون ڏيندو آهي.

وَ اضْرِبْ لَهُمْ مَّثَلَ الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا كَمَآءٍ اَنْزَلْنٰهُ مِنَ السَّمَآءِ فَاخْتَلَطَ بِهٖ
نَبَاتُ الْاَرْضِ فَاَصْبَحَ هَشِيْمًا تَذْرُوْهُ الرِّيٰحُ ؕ وَ كَانَ اللّٰهُ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ
مُّقْتَدِرًا ﴿۴۵﴾ اَلْمَالُ وَ الْبَنُوْنَ زِيْنَةُ الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا ۚ وَ الْبٰقِيٰتُ الصّٰلِحٰتُ خَيْرٌ
عِنْدَ رَبِّكَ ثَوَابًا وَّ خَيْرٌ اَمَلًا ﴿۴۶﴾ وَ يَوْمَ نُسَيِّرُ الْجِبَالَ وَ تَرَى الْاَرْضَ
بَارِزَةً ۙ وَّ حَشَرْنٰهُمْ فَلَمْ نُغَادِرْ مِنْهُمْ اَحَدًا ﴿۴۷﴾ ۚ وَ عُرِضُوْا عَلٰى رَبِّكَ صَفًّا ؕ
لَقَدْ جِئْتُمُوْنَا كَمَا خَلَقْنٰكُمْ اَوَّلَ مَرَّةٍ ۭ بَلْ زَعَمْتُمْ اَلَّنْ نَّجْعَلَ لَكُمْ
مَّوْعِدًا ﴿۴۸﴾ وَ وُضِعَ الْكِتٰبُ فَتَرَى الْمُجْرِمِيْنَ مُشْفِقِيْنَ مِمَّا فِيْهِ وَ يَقُوْلُوْنَ

يٰوَيْلَتَنَا مَالِ هٰذَا الْكِتٰبِ لَا يُغَادِرُ صَغِيْرَةً وَّلَا كَبِيْرَةً اِلَّآ اَحْصٰىهَا ۚ وَ
وَجَدُوْا مَا عَمِلُوْا حَاضِرًا ۭ وَلَا يَظْلِمُ رَبُّكَ اَحَدًا ﴿۴۹﴾ ع ۶ ۱۸

ءِ هن سان دنيا جي زندگيءَ جو مثال بيان ڪريو. جهڙي طرح پاڻي جنهن کي اسان آسمان کان وسايو، جنهن سبب زمين سبزه زار ٿي وئي ۽ پوءِ چورا چورا ٿي وئي، جنهن کي هوائون اڏارين ٿيون، الله هر شيءِ تي وس وارو آهي.(45) مال ۽ پٽ ته دنيا جي زندگيءَ جي زينت آهن ۽ نيڪيون جيڪي باقي رهڻ واريون آهن، اهي ثواب جي لحاظ سان الله وٽ نهايت سنيون ۽ اميدن جي لحاظ کان بهترين آهن.(46) ۽ جنهن ڏينهن اسان جبلن کي هلائينداسون ۽ زمين کي صاف ميدان ڏسندين ۽ انهن ماڻهن کي اسان جمع ڪنداسون ته پوءِ ڪنهن کي به نه ڇڏينداسون.(47) ۽ سمورا تنهنجي پروردگار آڏو قطارون (صفن) ۾ پيش ڪيا ويندا. ڪين چونداسون ته اوهان اهڙي طرح اسان وٽ آيا آهيو، جهڙي طرح اسان توهان کي پهريون پيرو پيدا ڪيو هو. توهان جو ته اهو خيال هو ته اسان توهان لاءِ ڪو به وقت مقرر نه ڪيو هو(48) ۽ اعمال نامو رکيو ويندو پوءِ تون ڏسندين ته مجرم ان ۾ پنهنجو لکيو ڏسي ڊڄي رهيا هوندا ۽ چوندا ته هاءِ گهوڙا! اسان جي شامت، هي ڪهڙو اعمال نامو آهي. هن ته نه ڪنهن ننڍڙي شيءِ جو ذڪر ڇڏيو آهي نه وري وڏي شيءِ جو، پر هر شيءِ محفوظ رکي اٿس. هن جيڪو ڪجهه ڪيو هوندو ان جو عوض موجود حاصل ڪندا ۽ تنهنجو رب ڪنهن سان به ظلم نه ڪندو آهي.(49)

مذڪوره بالا شخص جو اهڙو تباهه ڪن انجام چو ٿيو؟ ان ڪري جو ان جي ڪوتاهه بين نگاهه رڳو وقتي ۽ عارضي مفادن جي گرويده ٿي هئي، جن جو ڪو جٽاءُ

ناهي، هن طبعي زندگيءَ کي ابدي حيات يا مقصدِ حيات سمجهيو هو. هو انهن خداوندي قانونن کي نظرانداز ڪندو رهيو، جن سان دنيا ۾ آخرت سنورجي وڃي. اهڙي قسم جي روش اختيار ڪرڻ وارن لاءِ ائين مثال سمجهو ته گهنگهور بادلن مان زوردار مينهن وٺو، ساري زمين جي پياس اجهامي وئي. زمين ڪِلي پئي ۾ هر طرف سبزو ساوڪ نڪري آئي، هر طرف گل و گلزار ٿي ويا، جنهن کي ڏسي ڪو ماڻهو سمجهي ته هاڻي ائين ئي رونق رهندي، پر ٽيو ڇا اهو سمورو من موهيندڙ منظر سڪي ٽوٽ ٿي چورا چورا ٿي ويو، جنهن کي هوا جا جهونڪا اڏاريندا پکيڙيندا رهيا. هن سورت جي آيت 46 ۾ دنيا جي زندگيءَ جي زيب زينت جو ذڪر ٽيون پيرو آيو آهي، ٻيو پيرو آيت 28 ۾ هو ۽ پهريون پيرو آيت 7 ۾ آيو آهي. هن دنياوي ڪائنات ۾ خداوندي قانون مطابق ائين ئي ٿيندو رهندو آهي. جيڪڏهن انسان ان طبعي زندگيءَ تي قناعت ڪندو يا ان تي پروسو رکندو ته ان جو مثال مذڪور بالا مغرور شخص جهڙو هوندو ۽ ساڳيو نتيجو نڪرندو، پر جيڪڏهن هر نعمت تي الله جي عنايت سمجهندو ۽ وحي الاهي جي اتباع ڪندو ته "الباقيات الصَّالحات" جو حقدار هوندو. باقي دنيا جي بهار اهڙي طرح خزان زده ٿي وڃي ٿي، پر ماڻهو ان کي لازوال سمجهي، ان جي پنڃيان ديوانا ٿي فهم و فراست ۽ هوش و حواس وڃائي ويهن ٿا ۽ اهو وساري ويهن ٿا ته الله ئي هر شيءِ تي قدرت رکي ٿو. جڏهن دنيا جي هر شيءِ زوال پذير آهي، فنا ٿيڻ واري آهي، هميشہ باقي رهڻ واري نہ آهي ته اهڙي طرح مال ۽ اولاد سي وقتي ۽ عارضي شيون آهن، انهن کي بہ دائمي بقا ناهي. اهڙيون شيون جن تي دولتمند ماڻهو فخر ڪن ٿا ۽ پاڻ کي مٿيرو سمجهن ٿا، ان جي مقابلي ۾ باقي رهڻ وارا اعمال صالحه آهن، جيڪي آخرت ۾ انسان کي سرخرو ڪرڻ جو سبب آهن. انهن جو الله وٽ بہ وڏو اجر ۽ ثواب آهي ۽ ڇڪي انجام جي اميد ۽ آروز رکڻ لاءِ بهتر آهي. (مريم: 76/19) پر هتان اهو بہ سمجهڻ نہ گهرجي ته اهي دنيا جون زيب و زينت جون شيون اولاد قابلِ نفرت نہ آهن، اهي بہ خدا جون نعمتون آهن، خدا هنن کي حرام قرار نہ ڏنو آهي. (الاعراف: 32/7) اهي دنياوي زندگي جو خوبصورت حصو آهن، پر انهن کي پنهنجو مقصود ۽ منتهيٰ نہ سمجهيو وڃي. هي طبعي زندگي جون ضرورتون ضرور آهن، پر منزل مقصود نہ آهن. هي سڀ تغيّر پذير آهن، جلد فنا ٿيڻ واريون شيون

آهن، باقي رهڻ واري اهو سرمايهِ حيات آهي، جنهن سان انسان جون اندروني صلاحيتون نشو نما ۾ ترقي حاصل ڪن، اهي وحي الاهي جي روشني ۾ عمل صالح جو ذخيرو ميڙڻ آهي. (مريم: 76/19)

چیست دنیا از خدا غافل بُدن
نے قماش و نقره و فرزندزن

دنيا داري چا آهي، جيڪا شيءِ الله کان غافل رکي، باقي لباس سون چاندي، فرزند ۽ زال دنيا نہ آهن. اهي دنياوي زندگي جو سامان آهن.

گذريل آيت ۾ بڌايو ويو تہ دنيا فاني ۽ عملِ صالح باقي رهڻ وارا آهن. جنهن جو مقصد هيو تہ دنيا جي فريب کان بچي عمل صالح لاءِ ڪوشش ڪريو، اهي ئي آخرت يعني قيامت ۾ فائدي وارا هوندا. قيامت اها شيءِ آهي، جنهن ۾ پهاڙن جهڙي مضبوط شيءِ بہ پنهنجي هنڌ کان اکيڙي هوا ۾ اهڙي طرح اڏاريندا سون، جهڙي طرح پيجيل ان جا ذرا هوا ۾ اڏامندا رهندا آهن. (القارعة: 5/101، طٰہٰ: 105-107/20، الطور: 9-10/52، النمل: 88/27) زمين تي موجود مليامیٹ ٽي ويندیون ۽ هڪ صاف ستڙو هر طرف هموار ميدان نظر ايندو. نہ ڪو درخت هوندو يا عمارت هوندي. نہ وري هيٺاهين مٿاهين هوندي، ان ڏينهن سمورا انسان قبرن مان نڪري الله جل شانه جي بارگاهہ اقدس ۾ صف بستہ ٽي سامهون بيٺل هوندا. کين چيو ويندو تہ توهان هينئر اسان وٽ ائين آيا آهيو، جهڙي طرح اوهان کي اول پيدا ڪيو ويو هو، پر اختلاف بعد ۾ ٿيو. (يونس: 10/ 19، البقره: 213/2) جهڙي طرح انسان هن دنيا ۾ هٿين خالي آيو هيو، بلڪل اهڙي طرح سڀ مال مڏيون عاليشان عمارتون تخت و تاج ۽ حشمت و جاهہ ڇڏي هٿين خالي حاضر ٽي ويندو. هر انسان تن تنها بي يارو مددگار نفسا نفسي جي عالم ۾ حيران پريشان پنهنجن سوچن ۽ خيالن ۾ سرگردان هوندو. سندس اعمالنامو هن جي اکين آڏو هوندو، جيڪو هڪ اسڪرين تي هلندڙ داستان وانگر نظر اچي رهيو هوندو. ان مهل مجرمن کي ڏسندين تہ هو پنهنجي سياهہ و سفيد ڏسي ان جي سزا جي خوف کان ڪنبي رهيا هوندا. کين چيو ويندو تہ اوهان هن يوم آخرت کي ڪونہ مجيندا هئا. ڏسو اڄ تہ اهو ڏينهن اچي ويو ۽

اوهان جي ڪارنامن جو ڪتاب ڪلي ويو آهي، جنهن ۾ پنهنجي اعمال جي سزا ڪي ڏسي چوندا هاءِ اسان جي بدقسمتي ۽ بدبختي جو اسان آڏو اهو سپ ڪجهه ظاهر ڪيو ويو آهي، جيڪو اسان دنيا ۾ ڪيو. جنهن ۾ صغيرا ڪبيرا يعني ننڍا وڏا سمورا ڏوهه وضاحت سان درج آهن، جن مان ڪو ذرو به نه ڇڏيو ويو آهي. هر شيءِ هن ۾ موجود آهي، اهو سمورو ڪارنامو انسان جو پنهنجو هوندو. الله طرفان ڪنهن به قسم جو ظلم يا زيادتي نه هوندي نه ڪو گناهه وڌيڪ لکيو ويندو ۽ نه وري ڪا نيڪي گهٽ ڪئي ويندي. الله جي عدالت انصاف تي قائم هوندي.

وَ اِذْ قُلْنَا لِلْمَلٰٓئِكَةِ اسْجُدُوْا لِاٰدَمَ فَسَجَدُوْٓا اِلَّآ اِبْلِيْسَ ؕ كَانَ مِنَ الْجِنِّ
فَفَسَقَ عَنْ اَمْرِ رَبِّهٖ ؕ اَفَتَتَّخِذُوْنَهٗ وَ ذُرِّيَّتَهٗٓ اَوْلِيَآءَ مِنْ دُوْنِيْ وَ هُمْ لَكُمْ
عَدُوٌّ ؕ بِئْسَ لِلظّٰلِمِيْنَ بَدَلًا ﴿۵۰﴾ مَآ اَشْهَدْتُّهُمْ خَلْقَ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ وَ
لَا خَلْقَ اَنْفُسِهِمْ ۪ وَ مَا كُنْتُ مُتَّخِذَ الْمُضِلِّيْنَ عَضُدًا ﴿۵۱﴾ وَ يَوْمَ يَقُوْلُ
نَادُوْا شُرَكَآءِيَ الَّذِيْنَ زَعَمْتُمْ فَدَعَوْهُمْ فَلَمْ يَسْتَجِيْبُوْا لَهُمْ وَ جَعَلْنَا
بَيْنَهُمْ مَّوْبِقًا ﴿۵۲﴾ وَ رَاَ الْمُجْرِمُوْنَ النَّارَ فَظَنُّوْٓا اَنَّهُمْ مُّوَاقِعُوْهَا وَ لَمْ
يَجِدُوْا عَنْهَا مَصْرِفًا ﴿۵۳﴾ ع ۷ ۱۹

۽ اهو وقت ياد ڪريو جڏهن اسان فرشتن کي حڪم ڏنو هو ته آدم کي سجدو ڪريو ته سڀني سجدو ڪيو، مگر ابليس نه ڪيو. هو جنّات مان هيو، جنهن الله جي حڪم جي نافرماني ڪئي ته پوءِ ڇا اوهان هن کي ۽ هن جي اولاد کي مون کي ڇڏي دوست ناهيو ٿا. حالانڪ اهي توهان جا دشمن آهن. ڪهڙو نه خراب

بدل آهي ظالمن جو، جو هنن الله جي دوستي ڇڏي شيطان سان دوستي ڪئي .
(50) مون هنن کي آسمانن ۽ زمين جي پيدا ڪرڻ وقت سڏايو هيو ۽ نه کين
پيدا ڪرڻ وقت چيو هو. مون کي ڪا اهڙي ضرورت نه هئي جو گمراهه
ڪندڙن کي پنهنجو مددگار بنايان (51) جنهن ڏينهن الله هنن (مشرڪن) کي
چوندو ته اوهان جن کي منهنجو شريڪ بنايو هيو ته انهن کي سڏ ڪيو ۽ هو
انهن کي سڏيندا، پر هو انهن کي ڪو جواب نه ڏيندا ۽ اسان انهن جي درميان
هلاڪت جي ڪاهي حائل ڪري ڇڏيندا سون.(52) ۽ مجرم ماڻهو دوزخ کي
ڏسندا ۽ کين يقين ٿي ويندو ته هو ان ۾ پوڻ وارا آهن ۽ ان کان بچڻ جو ڪو به
رستو نه ڏسندا.(53)

۽ ياد ڪريو ان واقعي کي جڏهن اسان فرشتن کي چيو هو ته آدم جي آڏو سجدو
ڪريو. هنن حڪم جي پيروي ڪندي سيني سجدو ڪيو "لَّا يَعْصُوْنَ اللّٰهَ مَآ اَمَرَهُمْ وَ
يَفْعَلُوْنَ مَا يُؤْمَرُوْنَ" (التحريم: 6/66) فرشتا ڪڏهن به الله تعالىٰ جي حڪمن جي
نافرماني ڪونه ڪندا آهن، پر جيڪي حڪم کين الله تعالىٰ طرفان ملن ٿا، اهي پورو
ڪندا آهن. مگر ابليس سجدو نه ڪيو. "مَا مَنَعَكَ اَلَّا تَسْجُدَ اِذْ اَمَرْتُكَ" (الاعراف: 7/ 12)
الله تعالىٰ طرفان حڪم ٿيو ته تو ڪهڙي سبب ڪري سجدو نه ڪيو، جڏهن مون توکي
سجدي ڪرڻ جو چيو هيو. هو جنن مان هيو ۽ انڪار ڪرڻ سان پنهنجي رب جي حڪم
جي هن نافرماني ڪئي. (وڏيڪ تفصيل ڏسو البقره: 30/2)

تکبر عزازيل را خوار کرد
بزندان لعنت گرفتار کرد

(شيخ سعدي رحمه الله)

تڪبر شيطان کي ذليل ۽ خوار ڪيو ۽ هميشہ جي لاءِ لعنتي ڪيو.

حضرت آدم عليه السلام جو هي واقعو قرآن حڪيم ۾ ستن جاين تي آيو آهي. سورة

البقره، سورة الاعراف، سورة الحجر، سوره بني اسرائيل، سورة الكهف، سوره طٰه ۽ سوره ص. هي قصو ڇهه دفعا مكي سورة ۾ ۽ هڪ دفعو مدني سورة البقره ۾ آيو آهي. هي قصي طور بار بار پيش نه ڪيو ويو آهي، پر مختلف متعدد مقامات تي مختلف مقاصد جي تمهيد طور فرشتن کي آدم آڏو سجدو ڪرڻ ۽ ابليس جو انڪار ڪرڻ بيان ڪيو ويو آهي. هتي به هن واقعي کي خاص مقصد لاءِ هن واقعي جو ذڪر آيو آهي. مال متاع، دنيا دولت، حسب نسب، عزت آبروءَ تي غرور ۽ وڏائي ڏيکارڻ ۽ مسڪين مؤمن کي حقارت نگاهه سان ڏسڻ ۽ ذلت آميز الفاظن سان ياد ڪرڻ جو بيان آيو ته ان روش جي مذمت ڪرڻ لاءِ "آدم ۽ ابليس" جو قصو ڏهرايو ويو آهي ته معلوم ٿئي ٿو ته الله جي حڪم جي مقابلي ۾ غرور ۽ تڪبر ڪرڻ ابليس جي حرڪت آهي، ڇا توهان شيطان جي هن انسان دشمن حربن ۽ الله جي صريح حڪمن جو انڪار معلوم هوندي به شيطان ۽ ان جي ڇاڪاڻ سان دوستي رکو ٿا ۽ الله کان پنهنجو ناتو ٽوڙيو ٿا. اوهان پنهنجي ازلي دشمن کي پنهنجو همدرد ۽ همنوا بنايو آهي. اوهان اهو نٿا سمجهو ته الله جي دوستي ڇڏي بدلي ۾ شيطان جي رفاقت ونڻ ظالمانا روش نه آهي. (البقره: 2/ 30 کان 38)

عرب جا مشرڪ فرشتن کي الله جون ڏيئرون قرار ڏيندا هئا ۽ پوڄيندا هئا. اهڙي طرح جنن جو به خدا سان رشتو قائم ڪيو هيو ۽ هو انهن کي خوش رکڻ لاءِ به انهن جي پوڄا ڪندا هئا ۽ نذر و نياز ڏيندا هئا. هو ديوين ۽ ديوتائن کي به خدا جي حڪمن ۾ شريڪ ڪار سمجهندا هئا، جڏهن مون آسمانن ۽ زمين جي تخليق ڪئي ۽ هن ڪائنات جو سارو سلسلو وجود ۾ آندو ته مؤمن هنن کي ڪڏهن به پنهنجي مدد لاءِ نه چيو. مدد جو چوڻ ته ڇا، خود انهن جو وجود به منهنجي تخليق جو مرهون منت آهي. اصل ڳالهه اها آهي ته جڏهن انسان الله کان لاتعلق ٿي وڃي ٿو ۽ ان جي بڏايل رستي تان هٽي پري ٿي وڃي ٿو ته پوءِ هو خدا سان بين کي شريڪ ڪري ڇڏي ٿو ۽ انهن آڏو سجده ريز ٿئي ٿو.

وہ ایک سجدہ جسے تو گراں سمجھتا ہے
ہزاروں سجدوں سے دیتا ہے آدمی کو نجات

(اقبال رحمۃ اللہ علیہ)

حالانڪ هي سڀ هستيون مخلوق آهن، جيڪي ڪائنات جي تخليق وقت يا بعد ۾ وجود ۾ آيون آهن، پوءِ جيڪا شيءِ خود مخلوق آهي، اها مختارِ ڪل خالق سان ڪارِ شريڪ ڪٽي ٿي سگهندي. پوءِ به انسان ڪيترو احمق آهي، جو هنن شين کي پنهنجو معبود بڻائي الله سان شريڪ ڪن ٿا. قيامت واري ڏينهن هنن مشرڪن کي چيو ويندو ته توهان جن هستين کي الله جو شريڪ بڻايو هيو ۽ اوهان جو خيال هو ته اهي اوهان جا معبود الله جي ڪمن ۾ سندس مددگار آهن ۽ ان سان گڏجي ڪم ڪن ٿا، اڄ انهن کي پنهنجي مدد لاءِ پڪاريو ته هو هن مصيبت جي وقت اچي اوهان جي مدد ڪن ۽ مصيبت کان ڇوٽڪارو ڏيارين. ان وقت مشرڪن جي نقلي معبودن سان رفاقت ۽ دوستي جو پتو پئجي ويندو. هو دانهون ڪوڪون ڪندا، پر سڀ صدا بصحرا هوندي ڇو ته اهي معبود پاڻ مجبور ۽ بي بس آهن. هن ناڪاميءَ بعد مشرڪن ۽ سندن معبودن جي وچ ۾ خطرناڪ باهه جي شعلن واري خندق (ڪاهي) درميان ۾ حائل هوندي. مشرڪن کي يقين ٿي ويندو ته هاڻي نه فرار جو رستو آهي ۽ نه وري معافي تلافي جي اميد آهي، هاڻي هميشه هميشه لاءِ هن جهنم جي باهه ۾ رهڻو آهي ۽ ان ۾ داخل ٿيڻ بعد نڪرڻ جي ڪا واهه نه آهي ۽ نه وري بچڻ جي اميد آهي.

وَ لَقَدْ صَرَّفْنَا فِیْ هٰذَا الْقُرْاٰنِ لِلنَّاسِ مِنْ كُلِّ مَثَلٍ ؕ وَ كَانَ الْاِنْسَانُ
اَكْثَرَ شَیْءٍ جَدَلًا ﴿۵۴﴾ وَ مَا مَنَعَ النَّاسَ اَنْ یُّؤْمِنُوْۤا اِذْ جَآءَهُمُ الْهُدٰى وَ
یَسْتَغْفِرُوْا رَبَّهُمْ اِلَّاۤ اَنْ تَاْتِیَهُمْ سُنَّةُ الْاَوَّلِیْنَ اَوْ یَاْتِیَهُمُ الْعَذَابُ
قُبُلًا ﴿۵۵﴾ وَ مَا نُرْسِلُ الْمُرْسَلِیْنَ اِلَّا مُبَشِّرِیْنَ وَ مُنْذِرِیْنَ ۚ وَ یُجَادِلُ
الَّذِیْنَ كَفَرُوْا بِالْبَاطِلِ لِیُدْحِضُوْا بِهِ الْحَقَّ وَ اتَّخَذُوْۤا اٰیٰتِیْ وَ مَاۤ اُنْذِرُوْا
هُزُوًا ﴿۵۶﴾ وَ مَنْ اَظْلَمُ مِمَّنْ ذُكِّرَ بِاٰیٰتِ رَبِّهٖ فَاَعْرَضَ عَنْهَا وَ نَسِیَ مَا

قَدَّمَتْ يَدٰهُ ؕ اِنَّا جَعَلْنَا عَلٰى قُلُوْبِهِمْ اَكِنَّةً اَنْ يَّفْقَهُوْهُ وَ فِيْۤ اٰذَانِهِمْ وَقْرًا ؕ وَ اِنْ تَدْعُهُمْ اِلَى الْهُدٰى فَلَنْ يَّهْتَدُوْۤا اِذًا اَبَدًا ﴿۵۷﴾ وَ رَبُّكَ الْغَفُوْرُ ذُو الرَّحْمَةِ ؕ لَوْ يُؤَاخِذُهُمْ بِمَا كَسَبُوْا لَعَجَّلَ لَهُمُ الْعَذَابَ ؕ بَلْ لَّهُمْ مَّوْعِدٌ لَّنْ يَّجِدُوْا مِنْ دُوْنِهٖ مَوْئِلًا ﴿۵۸﴾ وَ تِلْكَ الْقُرٰۤى اَهْلَكْنٰهُمْ لَمَّا ظَلَمُوْا وَ جَعَلْنَا لِمَهْلِكِهِمْ مَّوْعِدًا ﴿۵۹﴾ ع ۸ ۲۰

اسان هن قرآن ۾ ماڻهن جي هدايت لاءِ طرح طرح جا مثال بيان ڪرڻ فرمايا آهن، مگر انسان جهڳڙالو واقع ٿيو آهي.(54) ۽ جڏهن ماڻهن طرف هدايت اچي وئي تہ پوءِ انهن کي ايمان آڻڻ ۽ پنهنجي پروردگار کان بخشش طلب ڪرڻ کان ڪهڙي شيءِ روڪيو آهي تہ جا هن سان بہ پوين (قومن) وارو طريقو اختيار ڪجي يا عذاب هنن جي آڏو اچي وجي. (55) اسان رسولن کي رڳو بشارت ڏيڻ ۽ خبردار ڪرڻ لاءِ موڪليندا آهيون. ڪافر باطل جي دليلن سان جهڳڙو ڪن ٿا تہ جيئن حق کي ٽيڙي چڏين ۽ هنن اسان جي آيتن کي ۽ جنهن شيءِ کان هنن کي خبردار ڪيو ويو آهي، ان جو مذاق بڻائين.(56) پلا انهن کان وڌيڪ ظالم ڪير هوندو، جن کي پروردگار جي آيتن ذريعي ياد دهاني ڪرائي وجي ۽ هو ان کان منهن موڙي وڃن ۽ جيڪي اعمال هن اڳتي اماڻيا آهن، انهن (جي نتيجن) کي وساري چڏي. اسان هنن جي دلين تي پردا وجهي چڏيا آهن تہ جيئن هو هن قرآن کي سمجهي نہ سگهن ۽ هنن جي ڪنن ۾ گوراني (ٻوڑائپ) وڌي آهي تہ جيئن ٻڌي نہ سگهن، جيڪڏهن تون هنن کي هدايت طرف سڏيندين تہ ڪڏهن بہ هدايت قبول نہ ڪندا.(58) توهان جو

پروردگار نهايت درگذر ڪرڻ وارو ۽ رحم ڪرڻ وارو آهي، جيڪڏهن هو هنن ڪي سندن عملن جي بدلي پڪڙڻ گهري ته هنن تي جلد عذاب موڪلي، پر هنن لاءِ هڪ وقت مقرر آهي (جڏهن اهو آيو ته) ان جي مقابلي ۾ ڪا به پناهه جي جڳهه نه هوندي.(58) هي شهر (ويران پيل) آهن، جڏهن هنن جي رهائشين ظلم ڪيا ته اسان انهن کي هلاڪ ڪري ڇڏيو ۽ انهن جي هلاڪت جو به اسان هڪ وقت مقرر ڪري رکيو هو.(59)

هي قرآن سراپا هدايت ۽ رحمت آهي. هن ۾ ماڻهن جي آسانيءَ سان هدايت حاصل ڪرڻ جي لاءِ اسان ان جي حڪمن کي هر طرح جي مثالن سان ورائي ورائي بيان ڪيو آهي. جيڪي سمنڊ جي موجن وانگر هڪ ٻئي جي مدد ۽ وضاحت لاءِ موجود آهن ته جيئن وحي الاهي جي هر گوشي، هر پهلوءَ کي هر طرح سان صاف ۽ واضح ڪجي. قرآن ۾ تصريفِ آيات (بار بار دهرائڻ) جو فائدو تڏهن حاصل ٿيندو جڏهن ان مضمون جو سمورين آيتن کي هڪ ٻئي جي تشريح ۽ تصديق ڪندي پڙهيو وڃي. اهو مضمون سوره بني اسرائيل17/89 ۾ به آيو آهي. (وڏيڪ حوالن لاءِ ڏسو البقره: 23/2) قرآن ته دليل ۽ برهان سان هر اهم مسئلي جي اهڙي وضاحت ڪئي آهي، جو حق رسا ذهن ان کي سمجهڻ ۾ ڪا به تڪليف يا رڪاوٽ محسوس نٿو ڪري، پر ان هوندي ڪجهه اهڙا نادان انسان آهن، جيڪي خوامخواهه جي بحث ۾ الجهڻ ۽ جهگڙو ڪرڻ وارا آهن. اهي گهرن ٿا ته هو عذاب اچڻ بعد ان کي ڏسي مڃڻ قبول ڪن، قرآن ته نعمت عظميٰ يا مائدهِ آسماني آهي، پر ان کي ڇڏي، اهي ڪافر قهر خدائي گهري رهيا آهن. اهڙن بدبخت ماڻهن جو ڪهڙو علاج؟ ڪين اها خبر ناهي ته عذاب الاهي هنن جو ديدار ڪرڻ نه ايندو، پر سندن سڪا ساوا ساڻي ڇڏيندو. (بني اسرائيل: 94/17) ان بعد هو ڪنهن طرح ايمان آڻيندا. اهو ممڪن ئي ناهي. حالانڪ واضح هدايت جي روشني ۾ هو راهه راست اختيار ڪن، الله کان بخشش جي دعا ڪندا رهن، ان کان اڳ جو هنن تي مڪافات عمل جو عذاب اچي، وبا اچي، طوفان يا زلزلو اچي، قحط يا سيلاب نوح اچي ته پوءِ هنن جي اک

ڪلندي. هنن ڪي الله جي هن مهلت مان فائدو حاصل ڪرڻ گهرجي ۽ پنهنجي عاقبت سنوارڻ جو فڪر ڪن. الله جا رسول سڳورا ته انهيءَ مقصد سان موڪليا ٿا وڃن ته اهي انسانن آڏو پلي بري ۽ حق و ناحق ڪي چٽو ڪري ٻڌائين ۽ سمجهائن ته الله جي حڪمن جي پيروي ڪرڻ سان اوهان ڪي الله پاران بشارتون ۽ نعمتون ملنديون ۽ اندر جي حڪمن جي انحرافي ۽ انڪار ڪرڻ سان دوزخ جو هولناڪ عذاب ايندو. هي مضمون هن آيت ۾ تمام رسولن لاءِ آيو آهي، پر سوره بني اسرائيل: 105/17 ۾ آهي: "وَمَآ اَرْسَلْنٰكَ اِلَّا مُبَشِّرًا وَّ نَذِيْرًا" هت صرف چيو ويو آهي ته اي محمد ﷺ! اسان توکي مبشّر يعني بشارت ڏيڻ وارو ۽ نذير، خبردار ڪرڻ وارو ڪري موڪليو آهي. رسول سڳورن جو منصب بشارت ڏيندڙ ۽ خبردار ڪندڙ آهي، مگر ناسمجهه ڪافر ڪوڙيون ڪوڙيون ڳالهيون ناهي پاڻ ڪي جهڳڙالو بنائي رهيا آهن. هنن جو مقصد هي آهي ته حق ۽ سچ تي پردو وجهي ڪوڙ ۽ ڪفر ڪي نروار ۽ نشانبر ڪن. هنن جو چوڻ آهي ته تون نبي ۽ رسول نه آهين، پر اسان جهڙو بشر آهين. اهي بدنصيب ڪلام الله تي چٽر ڪن ٿا ۽ مذاق ڪن ٿا ۽ جنهن عذاب کان کين ڊيڄاريو وڃي ٿو، ان تي ٺٺوليون ڪن ٿا.

مٿي بيان ٿي آيو ته قرآن هدايت طرف سڏي ٿو، مگر منڪر ماڻهو قبولِ حق کان انڪاري آهن. هت ٻڌايو وڃي ٿو ته ان ماڻهوءَ کان وڌيڪ ڪير ظالم ٿي سگهي ٿو، جنهن جي آڏو پالڻهار جو پاڪ ڪلام پڙهيو وڃي ۽ هو ان ڏانهن ذرو به ڌيان نه ڏري. هن سان مانوس ٿيڻ بدران منهن موڙي ڇڏي. هو جيڪي بداعماليون ۽ سياهه ڪاريون ڪري ٿو يا حق کي ڪوڙو ڪوڙي ٿو ۽ ان تي ٺٺوليون ۽ استهزاءُ ڪري ٿو، جيڪو گناهن جو ذخيرو اڪٿي موڪلي ٿو، ڪيس اها خبر ئي ناهي ته ان جي ڪهڙي سزا آهي. هنن منڪرين جي هن بداخلاقي، ٺٺولي، مسخري ۽ استهزاءَ جي نتيجي ۾ سندن دلين تي پردا پئجي وڃن ٿا ۽ ڪنن تي گراني (ٻوڑائپ) اچي وڃي ٿي. ان ڪري حق کي ٻڌڻ ۽ سمجهڻ جي صلاحيت ختم ٿي وڃي ٿي. اهڙي صورتحال ۾ هو حق کي ٻڌڻ ۽ سمجهڻ کان محروم ٿي وڃن ٿا. هنن بدبخت ماڻهن جي سڌرڻ جي ڪا به اميد نه آهي. ڪرتوت ۽ ڪارناما ته هنن جا اهڙا آهن جو عذاب اچڻ ۾ دير نه لڳي، مگر تنهنجو رب نهايت غفور رحيم آهي. هن جو حلم ۽ ڪرم فورًا تباهه ڪرڻ کان مانع آهي. پنهنجي وسيع رحمت جي ڪري هڪ

خاص حد تائين الله تعالىٰ درگذر ڪرڻ فرمائي ٿو ۽ وڏي کان وڏي مجرم کي به قانون مهلت هيٺ موقعو ڏئي ٿو، هاڻي به توبه ڪري ونيو. خطائون بخشرائي ونيو ۽ ايمان آڻي الله جي بي ڪران رحمت جو مستحق ٿي وڃي. جيڪڏهن هو گناهن تي فورًا سزا ڏئي تہ پوءِ زمين تي ڪوئي باقي نہ بچي سگهي. هي ساڳيو مضمون سورة النحل: 61/16، الفاطر: 45/35 ۾ به وڏي وضاحت سان بيان ٿيو آهي. اهڙيءَ طرح سورة الڪهف: 55/18 ۾ پڻ آهي. هن جو حلم ۽ ڪرم ظالمن کي به مهلت ڏئي ٿو، پر ڪو ائين نہ سمجهي تہ گرفت کا نہ ٿيندي. عذاب ۾ تاخير هڪ مقرر وقت تائين آهي، جڏهن حجت پوري ٿي ۽ عذاب متعين وقت تي آيو تہ سپ جا سپ ڇڪجي ايندا. ڪو به فرار ٿي نہ سگهندو. عاد ۽ ثمود جا واقعا مشهور آهن. هو ظلم تي جميا رهيا تہ ڪهڙي طرح مقرر وقت تي تباهہ ۽ برباد ٿي ويا، جن جو اڄ نالو نشان به نہ آهي. ان ڪري اي ڪافرو! اوهان کي به الله جي ان عذاب ۽ پڪڙ کان بچڻ گهرجي، ورنہ جڏهن عذاب الاهي آيو تہ توهان کي ڪٽي پناهہ نہ ملندي، ان ڪري هن مهلت واري وقت کي جو تاخير ڪري رهيو آهي ان تي ڏوڪو کائڻ نہ گهرجي. مڪافات عمل هر حال ۾ اچي رهندو.

ڪانڌ ٻين ڪيترا، مون ور وڏي ڪاند
پاڻان ڏڪي پاند جي ڏسي ڏوهہ اکين سان

———— * * * ————

منهنجي مداين جي ڪل پريان پيئي،
ڪڏهن ڪوسا نہ ٿيا ڏورا پو ڏيئي،
سڄڻ سيوئي ڏيکيون ڏول ڏلائيون

(شاهہ رحمۃ اللہ علیہ)

وَ اِذْ قَالَ مُوْسٰى لِفَتٰىهُ لَاۤ اَبْرَحُ حَتّٰۤى اَبْلُغَ مَجْمَعَ الْبَحْرَيْنِ اَوْ اَمْضِيَ حُقُبًا ۝ فَلَمَّا بَلَغَا مَجْمَعَ بَيْنِهِمَا نَسِيَا حُوْتَهُمَا فَاتَّخَذَ سَبِيْلَهٗ

فِي الْبَحْرِ سَرَبًا ﴿٦١﴾ فَلَمَّا جَاوَزَا قَالَ لِفَتٰىهُ اٰتِنَا غَدَآءَنَا ۫ لَقَدْ لَقِيْنَا مِنْ
سَفَرِنَا هٰذَا نَصَبًا ﴿٦٢﴾ قَالَ اَرَءَيْتَ اِذْ اَوَيْنَآ اِلَى الصَّخْرَةِ فَاِنِّيْ نَسِيْتُ
الْحُوْتَ ۫ وَ مَآ اَنْسٰنِيْهُ اِلَّا الشَّيْطٰنُ اَنْ اَذْكُرَهٗ ۚ وَ اتَّخَذَ سَبِيْلَهٗ فِي
الْبَحْرِ ۖ عَجَبًا ﴿٦٣﴾ قَالَ ذٰلِكَ مَا كُنَّا نَبْغِ ۖ فَارْتَدَّا عَلٰٓى اٰثَارِهِمَا قَصَصًا ﴿٦٤﴾
فَوَجَدَا عَبْدًا مِّنْ عِبَادِنَآ اٰتَيْنٰهُ رَحْمَةً مِّنْ عِنْدِنَا وَ عَلَّمْنٰهُ مِنْ لَّدُنَّا
عِلْمًا ﴿٦٥﴾ قَالَ لَهٗ مُوْسٰى هَلْ اَتَّبِعُكَ عَلٰٓى اَنْ تُعَلِّمَنِ مِمَّا عُلِّمْتَ رُشْدًا ﴿٦٦﴾
قَالَ اِنَّكَ لَنْ تَسْتَطِيْعَ مَعِيَ صَبْرًا ﴿٦٧﴾ وَ كَيْفَ تَصْبِرُ عَلٰى مَا لَمْ تُحِطْ بِهٖ
خُبْرًا ﴿٦٨﴾ قَالَ سَتَجِدُنِيْٓ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ صَابِرًا وَّ لَآ اَعْصِيْ لَكَ اَمْرًا ﴿٦٩﴾ قَالَ
فَاِنِ اتَّبَعْتَنِيْ فَلَا تَسْـَٔلْنِيْ عَنْ شَيْءٍ حَتّٰٓى اُحْدِثَ لَكَ مِنْهُ ذِكْرًا ﴿٧٠﴾ ع ۹ ۱۱ ۲۱

ءِ جڏهن موسىٰ عليه السلام پنهنجي نوجوان (همسفر) کي چيو تہ مان هلندو ئي رهندس، جيستائين بن دريائن جي سنگم تائين نٹو پهچي وڃان. ڪٹي سالن جا سال هلٹو پوي.(60) جڏهن هو انهن (دريائن) جي ملڻ واري هنڌ پهتا تہ پنهنجي مڇي ڳلجي ويا، جيڪا دريا ۾ سرنگهہ وانگر رستو بنائي هلي وئي (61) جڏهن اڳتي هليا تہ موسىٰ عليه السلام پنهنجي ساٿيءَ کي چيو تہ هاڻي اسان کي ڪاڏو ڏي، هن سفر ۾ اسان کي ٹڪ ٹي پيو آهي.(62) تہ هن (ساٿي) وراڻيو تہ اسان جنهن پٹر وٹ آرام ڪيو هيو تہ مان مڇي (اتي) ڳلجي ويس ءِ توکي نہ ٻڌائي سگهيس ءِ اها ويسر مون کان شيطان ڪرائي ءِ ان (مڇي) عجيب نموني سان درياهہ ۾ پنهنجو رستو اختيار ڪيو(63) (موسىٰ عليه السلام) چيو اهو ئي هنڌ

هيو جنهن جي اسان کي تلاش هئي ۽ هو ٻئي پنهنجي پيرن جي نشان تي واپس موٽيا. (64) اتي هنن اسان جي ٻانهن مان هڪ ٻانهو ڏٺو، جنهن کي اسان پنهنجي خاص رحمت سان نوازيو هيو ۽ ان کي پنهنجي طرف خاص علم عطا ڪيو هو.(65) موسىٰ عليه السلام ان کي چيو ته مون کي اجازت ڏيو ته مان انهيءَ شرط سان اوهان سان گڏ رهان ته جيڪو علم توکي عطا ٿيو آهي ان مان ڪجهه مون کي سيکارين.(66) هن وراڻيو ته تون مون سان گڏ رهي صبر نه ڪري سگهندين. (67) ۽ جنهن بابت توکي ڪجهه معلوم ناهي ان تي تون صبر ڪري ڪيئن سگهندين.(68) موسىٰ عليه السلام چيو ته ان شاءَ الله تون مون کي صبر وارو ڏسندين ۽ مان تنهنجي حڪم جي خلاف ورزي ڪو نه ڪندس.(69) هن (موسىٰ عليه السلام کي) چيو ته جيڪڏهن تون مون سان گڏ رهڻ گهرين ٿو ته پوءِ مون کان ڪا به ڳالهه نه پڇجانءِ جيستائين مان پاڻ تو سان ان جو ذڪر نه ڪريان.(70)

گذريل آيتن ۾ حق کان انڪار ڪندڙن ۽ مشرڪن کي ٻڌايو ويو آهي ته اوهان جنهن عذاب جي جلدي اچڻ جي گُهرَ ڪري رهيا آهيو ۽ سمجهو ٿا ته نبي اڪرم خاتم النبيين صلى الله عليه وسلم توهان جي بداعماليءَ جي نتيجن ۾ جنهن عذاب کان آگاهه ڪري رهيو آهي، جيڪڏهن اهو سچ هجي ها ته پوءِ ضرور عذاب اچي وجي ها. ياد رکو اهو سچ آهي. الله جي قانون مهلت موجب عذاب ۾ دير آهي، پر جڏهن تمام حجت ٿي وئي ته عذاب ضرور ايندو. اهي خدا جا راز ۽ حڪمتون آهن، جن کي هو ئي ڄاڻي ٿو. ايتري قدر جو موسىٰ عليه السلام جو قصو بيان ڪري ٻڌايو ويو آهي ته ڪجهه راز انبياءِ ڪرام کان به مخفي رکيا ويا آهن. جهڙي طرح حضرت موسىٰ عليه السلام ان شخص جي تلاش ۾ نڪتو جنهن کي الله عزو جل پنهنجي بيسط ۽ بي ڪنار علم مان ڪجهه علم عنايت ڪيو هيو، جيڪو مجمع البحرين وٽ رهي ٿو. موسىٰ عليه السلام پنهنجي ساٿيءَ سميت سفر جو پڪو ارادو ڪري نڪتو ۽ چوڻ لڳو ته پلي ڪيترو به مفاصلو هجي آءٌ هلندو رهندس،

جيستائين منزل مقصود (مجمع البحرين) تائين نٿا پهچون. پوءِ جڏهن هو انهيءَ هنڌ پهچي ويا تہ هو ٻئي مڇيءَ کان پلجي ويا. دراصل اها مڇي اُن هنڌ جي نشاني هئي، جتي هو اجل الله شخص رهندو هيو. هو بي خيال رهيا تہ ان مڇيءَ دريا جو رخ ڪيو ۽ پاڻيءَ رستي (سرنگهہ) ناهي هلي وئي. چيو وجي ٿو تہ مڇي رڌل هئي ۽ الله طرفان موسىٰ عليه السلام کي وحي ٿيل هيو تہ جتي اها پڪل ۽ رڌل مڇي زندهہ ٿي پاڻي ۾ ترڻ لڳي تہ اهو الله جو خاص بندو ان جڳهہ جي نزديڪ هوندو.

جڏهن ڪچ سفر ڪيائون تہ ٿَڪُ محسوس ڪرڻ لڳا، ان ڪري هنن ڪجهہ وقت آرام ڪرڻ جو ارادو ڪيو. ٿَڪُ انهيءَ ڪري ٻہ محسوس ٿيو جو هو بي مقصد سفر ڪيو، ۽ موسىٰ عليه السلام ساٿيءَ کي چيو تہ پلا کاڌو ڪڍ تہ کائون. اهو کاڌو هنن پاڻ سان گڏ ڪنيو هوندو. جهڙي طرح هر ماڻهو شهر کان پري سفر ۾ ويندو آهي تہ کاڌو ساڻ کڻندو آهي، سو موسىٰ عليه السلام کي سندس ساٿيءَ چيو تہ هن کان اڳ دريا جي ڪناري پيل وڏي پٿر تي اسان آرام ڪيو هيوسون، اها مڇي ان وقت درياهہ ۾ پنهنجو رستو ناهي عجيب نموني سان هلي وئي هئي. (الكهف: 63/18) مون کي ان هنڌ ٻڌائڻ وسري ويو ۽ مون کان اها ساري ويسر شيطان ڪرائي. موسىٰ عليه السلام ساٿيءَ کي چيو تہ اهو ئي تہ هنڌ هيو جتي اسان کي پهچڻو هو. هي هيترو سارو فضول سفر ٿي ويو. ان ڪري هو پنهنجي پيرن جي نشان تي واپس وريا ۽ هلندي هلندي ان پٿر واري مقام تي پهتا، جتي مڇي درياهہ ۾ رستو ناهي هلي وئي هئي. اتي پرپاسي خدا جي ان نيڪ بندي (خضر عليه السلام) کي ڳولڻ لڳا. سو نيٺ هنن انسان جي نيڪ ٻانهن مان نيڪ بندي (خضر عليه السلام) کي ڳولي لڌو، جنهن کي اسان پنهنجي رحمت جي بي شمار نوازشن سان نوازيو هيو ۽ هن کي علم الاهي جي بسيط بحر مان ڪجهہ بهره ور ڪيو هو. جڏهن موسىٰ عليه السلام ان سان مليو تہ پنهنجو مدعا پيش ڪئي ۽ ڪيس درخواست ڪئي تہ جيڪڏهن تون راضي هجين ۽ مون کي پنهنجي ان علم مان آگاهي ڏين جيڪا تو تي رب پاران عنايت ٿي آهي تہ پوءِ مان توهان سان گڏ هلان ۽ تنهنجي علم مان ڪجهہ حاصل ڪيان. جنهن تي ان الله جي نيڪ ٻانهي موسىٰ عليه السلام کي چيو تہ تون مون سان گڏ تہ هلندين، پر مون کان اهڙا خرق العادات واقعا رونما ٿيندا، جن تي تون صبر ڪري نہ سگهندين ۽ اعتراض ڪري ويهندين. ۽ اها ٻہ حقيقت

آهي تہ جنهن شيءِ جي توکي خبر ئي ناهي، ان تي تون صبر ڪٽي ڪري سگهندين.

ياد رهي تہ الله تعالىٰ پنهنجي هر نبي محترم کي پنهنجي طرفان شرعي احڪامن کان پوري طرح آگاهي ڏيندو آهي. جيڪي هن جي فرض منصبي جي ادائگي لاءِ ضروري هوندا آهن. انهي علم يا علم غيب کان وڌيڪ ڪيس خبر ڏيڻ جي ضرورت نہ هوندي آهي. جنهن تي موسىٰ عليه السلام ڪيس چيو تہ ان شاءَ الله تون مون کي پوري طرح صبر ڪرڻ وارو ڏسندين ۽ مان ڪنهن بہ قسم جو اعتراض يا سوال کو نہ ڪندس، پر صبر ۽ اطمينان سان حقائق الاهي کان آگاهہ ٿيندو رهندس. ڪنهن بہ صورت ۾ تنهنجي هن حڪم جي انحرافي کو نہ ڪندس. جنهن تي هن نيڪ بندي (خضر عليه السلام) ڪيس چيو تہ جيڪڏهن تون مون کان کو بہ سوال جواب نہ ڪرين ۽ جو ڪجهہ بہ ڏسندو رهين ان تي صبر ۽ اطمينان سان رهين تہ پوءِ تون مون سان گڏ هلي سگهين ٿو، ٻي صورت ۾ مون سان گڏ هلڻ تو لاءِ مفيد نہ ٿيندو. ان ڪري جيستائين مان پاڻ توکي انهن عجيب غريب حقيقتن کان آگاهہ نہ ڪيان تہ توکي ڪجهہ بہ پڇڻو نہ آهي. جيڪڏهن هن عهد تي قائم رهڻ جو عزم آهي تہ پوءِ پلي مون سان گڏ هلڻ جي ڪر.

فَانْطَلَقَا ۖ حَتّٰۤى اِذَا رَكِبَا فِى السَّفِيْنَةِ خَرَقَهَا ؕ قَالَ اَخَرَقْتَهَا لِتُغْرِقَ اَهْلَهَا ۚ لَقَدْ جِئْتَ شَيْـًٔا اِمْرًا ﴿۷۱﴾ قَالَ اَلَمْ اَقُلْ اِنَّكَ لَنْ تَسْتَطِيْعَ مَعِىَ صَبْرًا ﴿۷۲﴾ قَالَ لَا تُؤَاخِذْنِىْ بِمَا نَسِيْتُ وَ لَا تُرْهِقْنِىْ مِنْ اَمْرِىْ عُسْرًا ﴿۷۳﴾ فَانْطَلَقَا ۖ حَتّٰۤى اِذَا لَقِيَا غُلٰمًا فَقَتَلَهٗ ۙ قَالَ اَقَتَلْتَ نَفْسًا زَكِيَّةًۢ بِغَيْرِ نَفْسٍ ؕ لَقَدْ جِئْتَ شَيْـًٔا نُّكْرًا ﴿۷۴﴾

پوءِ هو ٻئي روانا ٿيا ۽ هڪ ڪشتيءَ ۾ سوار ٿيا تہ هن (الله جي خاص ٻانهي)

ڪشتيءَ ۾ سوراخ ڪري ڇڏيو(موسىٰ عليه السلام) چيو تہ تو سوراخ ان ڪري ڪيو آهي تہ تون سوارين کي غرقِ آب ڪرين، تو تہ هي عجيب ڪم ڪيو آهي. (71) جنهن تي هن نيڪ بانهي(خضر عليه السلام) ڪيس چيو تہ مون توکي ٻڌايو نہ هو تہ مون سان گڏ تون صبر ڪري ڪونہ سگهندين.(72) موسىٰ عليه السلام چيو تہ مون کان پُل ٽي وئي ان تي گرفت نہ ڪر ۽ منهنجي معاملي ۾ مشڪل نہ ڪر(73) وري اڳتي هليا تہ رستي ۾ هڪ ڇوڪري سان ملاقات ڪئي ۽ هن (الله جي خاص بانهي) انهيءَ ڇوڪري کي قتل ڪري ڇڏيو. جنهن تي موسىٰ عليه السلام ڪيس چيو تہ تو ناحق بي گناهہ جو قتل ڪيو، تو هي برو ڪم ڪيو آهي.(74)

طئي ٿيل فيصلي مطابق هو گڏجي نڪري پيا ۽ اڳتي هلي دريا ۾ هلندڙ هڪ ڪشتيءَ تي سوار ٿيا تہ ان خدا جي نيڪ بانهي ڪشتيءَ ۾ سوراخ ڪيو. موسىٰ عليه السلام درياهہ ۾ هلندڙ ڪشتيءَ ۾ سوراخ ڏسي حيران ٿي ويو ۽ ان ولي الله کي چوڻ لڳو تہ هي تو ڇا ڪيو، اسان سيني کي ٻوڙڻ گهرين ٿو. هي تو نهايت عجيب حرڪت ڪئي آهي، جنهن ۾ ٻڏڻ جو خطرو آهي ۽ ڪو بہ فائدو نظر نٿو اچي. جنهن تي هن خدا جي نيڪ بانهي (خضر عليه السلام) وراڻيو تہ مون توکي چيو هيو تہ تون مون سان گڏ تہ هلين ٿو، پر صبر ڪونہ ڪري سگهندين. موسىٰ عليه السلام چيو تہ مون کان اڳ ڳالهہ ذهن تان لهي وئي ۽ ويسر ۾ هي سوال ڪري وينو آهيان. مون ڄاڻي ٻجهي سوال نہ ڪيو آهي، ان ڪري مون کي ويسر جي ڪري گرفت نہ ڪر ۽ مون سان زياده سخت رويو اختيار نہ ڪر ۽ درگذر ڪر تہ اڳتي هلون. پوءِ وري اڳتي وڌيا ۽ سفر جاري رکيو، رستي ۾ ڪين هڪ ڇوڪرو جوان ڇوڪرو نظر آيو، جڏهن ان ڇوڪري سان ملاقات ٿي تہ الله جي نيڪ بندي ان ڇوڪري کي قتل ڪري ڇڏيو. موسىٰ عليه السلام بي سبب قتل ڏسي خاموش رهي نہ سگهيو ۽ وري پنهنجي ڪيل وعدي کي وساري وينو ۽ چوڻ لڳو تہ هي تو ڇا ڪيو هڪ بي گناهہ انسان کي قتل ڪري ڇڏيو. حالانڪہ هن ڪنهن جو قتل نہ ڪيو آهي، جيڪو هن جي قتل جو جواز ٻڌجي ها. واقعي هي تہ نهايت خراب ڪم ڪيو آهي.

قَالَ اَلَمْ اَقُلْ لَّكَ اِنَّكَ لَنْ تَسْتَطِيْعَ مَعِيَ صَبْرًا ﴿٧٥﴾ قَالَ اِنْ سَاَلْتُكَ
عَنْ شَيْءٍ بَعْدَهَا فَلَا تُصٰحِبْنِيْ ۚ قَدْ بَلَغْتَ مِنْ لَّدُنِّيْ عُذْرًا ﴿٧٦﴾ فَانْطَلَقَا ۗ
حَتّٰٓى اِذَآ اَتَيَآ اَهْلَ قَرْيَةِ ِۨاسْتَطْعَمَآ اَهْلَهَا فَاَبَوْا اَنْ يُّضَيِّفُوْهُمَا فَوَجَدَا
فِيْهَا جِدَارًا يُّرِيْدُ اَنْ يَّنْقَضَّ فَاَقَامَهٗ ۭ قَالَ لَوْ شِئْتَ لَتَّخَذْتَ عَلَيْهِ
اَجْرًا ﴿٧٧﴾ قَالَ هٰذَا فِرَاقُ بَيْنِيْ وَ بَيْنِكَ ۚ سَاُنَبِّئُكَ بِتَاْوِيْلِ مَا لَمْ تَسْتَطِعْ
عَّلَيْهِ صَبْرًا ﴿٧٨﴾ اَمَّا السَّفِيْنَةُ فَكَانَتْ لِمَسٰكِيْنَ يَعْمَلُوْنَ فِي الْبَحْرِ فَاَرَدْتُّ
اَنْ اَعِيْبَهَا وَ كَانَ وَرَآءَهُمْ مَّلِكٌ يَّاْخُذُ كُلَّ سَفِيْنَةٍ غَصْبًا ﴿٧٩﴾ وَ اَمَّا
الْغُلٰمُ فَكَانَ اَبَوٰهُ مُؤْمِنَيْنِ فَخَشِيْنَآ اَنْ يُّرْهِقَهُمَا طُغْيَانًا وَّ كُفْرًا ﴿٨٠﴾ ۚ
فَاَرَدْنَآ اَنْ يُّبْدِلَهُمَا رَبُّهُمَا خَيْرًا مِّنْهُ زَكٰوةً وَّ اَقْرَبَ رُحْمًا ﴿٨١﴾ وَ اَمَّا الْجِدَارُ
فَكَانَ لِغُلٰمَيْنِ يَتِيْمَيْنِ فِي الْمَدِيْنَةِ وَ كَانَ تَحْتَهٗ كَنْزٌ لَّهُمَا وَ كَانَ
اَبُوْهُمَا صَالِحًا ۚ فَاَرَادَ رَبُّكَ اَنْ يَّبْلُغَآ اَشُدَّهُمَا وَ يَسْتَخْرِجَا كَنْزَهُمَا ۖ رَحْمَةً
مِّنْ رَّبِّكَ ۚ وَ مَا فَعَلْتُهٗ عَنْ اَمْرِيْ ۭ ذٰلِكَ تَاْوِيْلُ مَا لَمْ تَسْطِعْ عَّلَيْهِ صَبْرًا ﴿٨٢﴾ ع ١٠ ١٢

خضر عليه السلام کيس چيو تہ مون توکي چيو نہ هيو تہ تون مون سان گڏ صبر ڪري ڪو نہ سگهندين.(75) موسيٰ عليه السلام چيو تہ هن کان پوءِ مان توکان ڪجهہ سوال ڪريان تہ پوءِ پلي مون کي گڏ نہ وڃي هلجانءِ. هي منهنجو آخري عذر آهي. (76) وري ٻئي هليا تہ هڪ شهر ۾ پهتا. هنن شهر وارن کان کاڏو طلب ڪيو، پر انهن کاڏي ڏيڻ کان انڪار ڪيو. پوءِ هنن (موسيٰ عليه السلام ۽ خضر عليه السلام) هڪ

ديوار ڏني، جيڪا ڪِرڻ تي هئي، جنهن کي خضر عليه السلام مضبوط بيهاري ڇڏيو. موسيٰ عليه السلام چيو تہ هنن کان پئسا (مزدوري) ونڻين ها تہ چڱو هيو.(77) جنهن تي خضر عليه السلام چيو تہ هاڻي پنهنجي جدائي آهي ۽ توکي جلد ٻڌائيندس تہ اصل حقيقت ڇا هئي، جنهن تي تون صبر ڪري ڪو نہ سگهيو آهين.(78) ٻيڙي مسڪين ماڻهن جي هئي، جنهن تي هو دريا ۾ روزي ڪمائيندا هئا، مون ان ۾ عيب ان ڪري ڪيو تہ جيئن بادشاهہ اها ٻيڙي ضبط نہ ڪري سگهي، جيڪو ان وقت ٻيڙيون ضبط ڪري رهيو هو.(79) هو جيڪو ڇوڪرو هيو، ان جا والدين مؤمن انسان هئا، خطرو ڏٺوسون تہ اهو ڇوڪرو هن جي سرڪشي ۽ ڪفر جي ڪري ڪٽي مؤمن ماءُ پيءُ کي ٻڌڪائي نہ ڇڏي.(80) تہ اسان گهريو تہ هن (سرڪش) ٻار جي بدلي ۾ خدا کين هن کان وڌيڪ سٿو پاڪ طبيعت ۽ محبت ڪرڻ وارو فرزند عطا ڪري.(81) پر اها هن شهر واري ديوار ٻن يتيم ٻارن جي هئي، جنهن جي هيٺان خزانو لڪايل هيو، هنن ٻارن جو والد صالح انسان هيو، توهان جي رب جي اها مشيت هئي تہ هو پنهنجي جوانيءَ تي پهچن ۽ پاڻ پنهنجو خزانو ڪڍي ڪڍن. اها هنن تي الله جي رحمت هئي. مون هي فضل پنهنجي خيال سان نہ ڪيو آهي، دراصل اها حقيقت هئي جنهن تي تون صبر ڪري نہ سگهيو آهين.(82)

هن خدا جي ٻانهي وري موسيٰ عليه السلام کي چيو تہ تون مون سان نہ هل، چو تہ تون صبر ڪري ڪو نہ سگهندين.(75) جنهن تي موسيٰ عليه السلام ڪيس چيو تہ منهنجي طرف کان خبر نہ ڪرڻ تي ٻہ دفعا ٻچڪڙي ٿي آهي، هاڻي اها نہ ٿيندي، پر جيڪڏهن ان جي باوجود مان ٿيهر ٻہ سوال ڪريان يا ڪجهہ چوان تہ پوءِ مون کي پلي گڏ هلڻ کان روڪي ڇڏجانءِ منهنجي طرفان سمورا عذر پورا ٿي ويا، هاڻي يا رفاقت رهندي يا جواب. وري سفر جاري رهيو. هلندا هلندا هڪ شهر ۾ پهچي ويا. ماني کائڻ جو وقت ٻہ هيو ۽ هنن کي بک ٻہ لڳي هئي، سو هنن ان بستيءَ وارن کان کاڌو گهريو، مگر انهن ماڻهن کين کاڌو کارائڻ

كان انكار ڪيو. نبي اڪرم خَاتَمُ النَّبِيِّينَ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ مهمان نوازي ۽ مهمان جي عزت کي ايمان جو حصو سڏو آهي. حديث ۾ آهي: "مَنْ كَانَ يُؤْمِنُ بِاللهِ وَالْيَوْمِ الْآخِرِ فَلْيُكْرِمْ ضَيْفَهُ" يعني جيڪو ماڻهو الله تعالىٰ تي ۽ آخرت جي ڏينهن تي ايمان رکي ٿو، اهو پنهنجي مهمان جي عزت ۽ توقير ڪري. هي انهن کان ناميد ٿي هليا تہ هنن اتي هڪ اهڙي ٻت (ديوار) ڏني جيڪا ڪِرڻ تي هئي. ان خدا جي نيڪ ٻانهي ڪرندڙ ديوار کي وري مضبوط ڪري بيهاريو. موسىٰ عَلَيْهِ السَّلَامُ کيس چيو تہ هنن اسان کي کاڌو کارائڻ کان بہ انڪار ڪيو آهي. تو هنن جي اها ديوار مفت ۾ درست ڇو ڪئي. ڪجهہ نہ ڪجهہ رقم وٺين ها. ڳوناٽا اهڙا ڪنجوس آهن، جو هو اسان جي ميزباني ڪرڻ جا بہ انڪاري آهن ۽ تون اهڙن بخيل ۽ ڪنجوس ماڻهن جي بنا مزدوري ونڊ جي مدد ڪري رهيو آهين.(77) موسىٰ عَلَيْهِ السَّلَامُ جي هن آخري سوال بعد ان الله جي نيڪ ٻانهي کيس وڌيڪ گڏ رهڻ کان انڪار ڪيو ۽ ڇيائينس تہ هاڻي تو ۾ ۽ مون ۾ جدائيءَ جو وقت اچي ويو آهي. هن بعد گڏجي هلي نٿا سگهون. هت ان سفر جو اختتام اهو بہ ٻڌائي ٿو تہ موسىٰ عَلَيْهِ السَّلَامُ جنهن مقصد لاءِ آيو هو، اهو مقصد حاصل ٿي ويو. هاڻي مان توکي انهن ڳالهين جي حقيقت ٻڌايان ٿو، جن تي تون صبر ڪري نہ سگهيو آهين. هنن ۾ الله عزوجل پاران ڪهڙي حڪمت رکيل هئي، جن جي تعميل منهنجي هٿان ٿي آهي ۽ تون انهن تي صبر ڪرڻ کان قاصر رهيو آهين. هنن ٽنهي واقعن پٺيان جيڪا حڪمت الاهي پوشيده هئي، ان راز تان پردو کڻي توکي ٻڌائڻ گهران ٿو تہ اها ٻيڙي مسڪين ماڻهن جي ملڪيت هئي، جيڪي هن جي ذريعي درياءَ مان پنهنجو گذر سفر حاصل ڪندا هئا ۽ اها هڪ ٻيڙي ئي هنن جي روزگار جو ذريعو هئي. وقت جو بادشاهہ (حڪمران) پنهنجي ضرورتن لاءِ ٻيڙيون ضبط ڪري رهيو هو، مون کي انهن مسڪين ماڻهن کي بادشاهہ جي انهي جابرانا حڪم کان بچائڻو هيو. جنهن لاءِ مون هن ڪشتيءَ ۾ سوراخ ڪري ان کي عيب وارو ڪري ڇڏيو ۽ بادشاهہ کي سنيون ٻيڙيون گهربل هيون. هو هن ٻيڙيءَ ۾ سوراخ ڏسي ان کي ضبط ڪو نہ ڪندو ۽ هي مسڪين ماڻهو پنهنجو پيٽ پالينڊا رهندا. جيڪو نوجوان ڇوڪرو هيو، ان بابت اهو حڪم هيو تہ هي ڪافر ٿي ويندو ۽ پنهنجي والدين لاءِ آزار جو سبب بڻبو. ان ڪري هن کي اهڙي وقت اچڻ کان اڳ ئي قتل ڪيو ويو آهي. "قَتْلُ الْمُؤْذِيْ قَبْلَ الْإِيْذَآءِ" موذي يعني ايذاءُ رسائيندڙ کي ايذاءُ رسائڻ جو موقعو ڏيڻ کان اڳ ئي ان کي روڪيو يا قتل

ڪيو وڃي. اها الله عزوجل جي هڪ چوڪري جي نيڪ والدين تي عنايت آهي، جو ڪين هڪ وڏي شر کان محفوظ رکيو ويو. لفظ "خَشِيْنَا" (اسان کي ڊپ ٿيو) چئي اهو ٻڌايو ويو آهي ته الله جي حڪمتن کي پوري ڪرڻ لاءِ اها اسان جي ادنيٰ ڪوشش ۽ گويا هن چوڪري جي قتل وقت اهي سڀ شريڪ ڪار هئا. اسان هن چوڪري کي قتل انهي ڪري ڪيو ته الله انهن نيڪ والدين کي هن جي شر کان محفوظ رکي ۽ هن نافرمان اولاد (چوڪري) جي عوض کين بدلي ۾ نيڪ صالح ۽ پاڪيزه صفات وارو پٽ ڏئي، جيڪو وڌيڪ محبت ۽ شفقت ڪرڻ وارو هجي ۽ والدين لاءِ اڪين جو نار ثابت ٿئي. جيتري قدر ديوار جي درست ڪرڻ جو آهي، مون اها مدد انهن ڪنجوس ۽ بخيل ماڻهن جي نه ڪئي آهي، اهي ته اهڙي رعايت جا حقدار ئي نه آهن، اهي ته مسافرن کي ماني ڳيو ڏيڻ لاءِ تيار نه آهن. اهي هن مدد ۽ نعمت جا مستحق ڪٿي ٿي سگهن ٿا. اها عنايت دراصل انهن ٻن يتيم ٻارن تي ڪئي وئي آهي، جن جي والد هنن معصوم ۽ يتيم ٻارن لاءِ انهيءَ ديوار هيٺان سندن ڪفالت لاءِ خزانو لڪائي رکيو هو ته جيئن هو وڏا ٿين ۽ ان وقت ديوار ڪرڻ واري ٿئي ته اهي ڪيس ڪيرائي هيٺ پيڙهه ۾ لڪل خزانو کوٽي ڪڍي ونن. هي الله عزو جل جي هنن نيڪ والدين جي ڪري يتيم معصوم ٻارن سان عنايت آهي ته جيئن هو چوڪرا وڏا ٿيندا ته پٽ ڌاهي پاڻ کوٽيندا ته کين خزانو نظر اچي ويندو ۽ هو ان وقت پنهنجي ضرورت پوري ڪندا. پر جيڪڏهن اها ڪمزور ديوار هنن جي جوان ٿيڻ کان اڳ ۾ ئي ڪري پوي ته پوءِ ان کي ٻيهر ناهڻ وقت مزدور اهو لڪل خزانو کڻي وڃن ۽ هي ٻار ان کان محروم ٿي وڃن ها. هي سمورا ڪم مون الله جي اذن ۽ حڪمت هيٺ سر انجام ڏنا آهن. هن ۾ منهنجو ذاتي خيال نه آهي. پر حڪمت الاهي جي تعميل آهي. هي آهي سمورن واقعن جي اصل حقيقت جن تي تون صبر ڪرڻ کان قاصر رهيو آهين.

ياد رهي ته هي موسيٰ عليه السلام کي الله عزو جل پاران آگاهي ڏيڻ هئي ته تو تائين الله پاران ان علم کي پهچايو ويو، جيڪو منهنجو ان وقت جي نبوت جي ضرورت هئي. باقي الله جو علم وسيع آهي. اهو ان مان ڪنهن کي ڪيترو بهره ور ڪري ٿو، اهو ان ذات پاڪ رب جي مصلحت ۽ حڪمت آهي. ان ڪري توکي اهو سمجهڻ نه گهرجي ته الله جو سارو علم توکي عطا ٿي چڪو آهي. هن قصي بيان ڪرڻ ۾ محسوس ٿئي ٿو ته نبوت ملڻ کان اڳ نبي حق جي تلاش ۾ سرگردان رهندو آهي. جهڙي طرح پاڻ ڪريمن خاتم النبيين صلى الله عليه وسلم

لاءِ ارشاد رباني آهي: "وَ وَجَدَكَ ضَآلًّا فَهَدٰى " (الضحیٰ: 7/93) توکي تلاشِ حقيقت ۾ سرگردان ڏٺو تہ توکي صحيح رستي جي رهنمائي (نبوت) عطا ڪئي ۽ حضرت موسیٰ عليه السلام جي بہ قبل نبوت اها تلاش حق ۾ سرگردان واري ڪيفيت هجي. خضر عليه السلام جو نالو ڪٿي نہ آيو آهي، هو نبي هيو يا نہ پر "وَ مَا فَعَلْتُهٗ عَنْ اَمْرِیْ " (الكهف: 83/18) مان ظاهر آهي تہ اهو حڪم وحي هيو. اهي ٽئي واقعا عجيب ضرور آهن، پر انهن ۾ جوان ڇوڪري جو قتل وڌيڪ توجه طلب آهي. اهو سرڪش قانون شڪن ۽ گمراهہ ٽي ڇڪو هيو، جنهن جي ڪري سندس والدين کي سندس هن لاقانونيت، ظلم، فساد، غارتگري جي ڪري تڪليف پهچي ۽ پورو معاشرو فساد جي زد ۾ اچي وجي، جنهن کي الله بهتر کان بهتر ڄاڻي ٿو، ان ڪري وحي جو فيصلو عقل ۽ دانش جي سوچ کان وڌيڪ صحيح ۽ معتبر آهي. هت بہ اهو سمجهڻ گهرجي تہ ظاهر ۾ اهي ٽئي قصا عقل جي سمجهہ کان ٻاهر آهن، پر انهن جي اصل حقيقت رڳو وحي الاهي ئي ٻڌائي ٿو.

ہر دو امیرِ کارواں ہر دو بمنزل رواں
عقل بحیلہ برد عشق برد کشاں کشاں

(اقبال رحمۃ اللہ علیہ)

وَ يَسْـَٔلُوْنَكَ عَنْ ذِی الْقَرْنَيْنِ ؕ قُلْ سَاَتْلُوْا عَلَيْكُمْ مِّنْهُ ذِكْرًا ﴿۸۳﴾ اِنَّا مَكَّنَّا لَهٗ
فِی الْاَرْضِ وَ اٰتَيْنٰهُ مِنْ كُلِّ شَیْءٍ سَبَبًا ﴿۸۴﴾ فَاَتْبَعَ سَبَبًا ﴿۸۵﴾ حَتّٰۤی اِذَا بَلَغَ
مَغْرِبَ الشَّمْسِ وَجَدَهَا تَغْرُبُ فِیْ عَيْنٍ حَمِئَةٍ وَّ وَجَدَ عِنْدَهَا قَوْمًا ؕ قُلْنَا
يٰذَا الْقَرْنَيْنِ اِمَّاۤ اَنْ تُعَذِّبَ وَ اِمَّاۤ اَنْ تَتَّخِذَ فِيْهِمْ حُسْنًا ﴿۸۶﴾ قَالَ اَمَّا مَنْ
ظَلَمَ فَسَوْفَ نُعَذِّبُهٗ ثُمَّ يُرَدُّ اِلٰی رَبِّهٖ فَيُعَذِّبُهٗ عَذَابًا نُّكْرًا ﴿۸۷﴾ وَ اَمَّا مَنْ
اٰمَنَ وَ عَمِلَ صَالِحًا فَلَهٗ جَزَآءَ ِۨالْحُسْنٰی ۚ وَ سَنَقُوْلُ لَهٗ مِنْ اَمْرِنَا يُسْرًا ﴿۸۸﴾

ثُمَّ اَتۡبَعَ سَبَبًا ﴿٨٩﴾ حَتّٰۤى اِذَا بَلَغَ مَطۡلِعَ الشَّمۡسِ وَجَدَهَا تَطۡلُعُ عَلٰى قَوۡمٍ لَّمۡ نَجۡعَلۡ لَّهُمۡ مِّنۡ دُوۡنِهَا سِتۡرًا ﴿٩٠﴾ كَذٰلِكَ ؕ وَقَدۡ اَحَطۡنَا بِمَا لَدَيۡهِ خُبۡرًا ﴿٩١﴾

۽ هو تو کان ذوالقرنين بابت دريافت ڪن ٿا. ڪين چؤ ته مان هن جو ڪجهه بيان اوهان کي ٻڌايان ٿو.(83) اسان هن کي زمين تي حڪمراني عطا ڪئي هئي ۽ هر قسم جو سازو سامان به عطا ڪيو هيو(84) هن پهريان هڪ مهم لاءِ تياري ڪئي(85) اها مهم مغرب طرف هئي، جتي هو ان جڳهه تي پهتو جتي هن سج کي هڪ گدلي پاڻي ۾ لهندو ڏٺو. جنهن جي قريب هن هڪ قوم کي ڏٺو. اسان ذوالقرنين کي چيو ته تنهنجي مرضيءَ تي موقوف آهي ته تون هنن کي سزا ڏين يا هنن سان حسن سلوڪ ڪرين.(86) ذوالقرنين چيو ته جيڪو به ظلم ڪندو ته اسان به ان کي عذاب ڏينداسون ۽ پوءِ جڏهن هو الله طرف واپس واريو ويندو ته ان کي اهو به نهايت خراب عذاب ڏينڊو.(87) پر جيڪو ايمان آڻيندو ۽ نيڪ ڪم ڪندو ته ان لاءِ نهايت سٺو بدلو هوندو. اسان ان سان به نرمي وارو رويو اختيار ڪنداسون.(88) ان بعد وري هن ٻي مهم جي تياري ڪئي.(89) اها مهم مشرق طرف هئي، جتان سج اپري ٿو. اتي اهڙي قوم رهندي هئي، جن تي سج جي ڪرڻن کان بچڻ لاءِ ڪا اوٽ ڪا نه هئي(90) هتي به اهو ئي هيو (يعني ذوالقرنين جو قبضو هيو) ۽ اسان هن ساري احوال کان باخبر هياسون.(91)

هي ماڻهو تو کان ذوالقرنين جو احوال پڇڻ گهرن ٿا. انهن کي ٻڌاءِ ته مان ان جو ذکر به اوهان آڏو بيان ڪيان ٿو. ذوالقرنين جي معنيٰ آهي ٻن سڱن وارو، اهو لقب ان ڪري آهي جو هن به سلطنتون فتح ڪري، ان تي پنهنجي حڪومت قائم ڪئي ۽ ڪيس ذوالقرنين سڏيو ويو، جنهن مان مراد قديم ايراني بادشاهه خسرو (سائرس) آهي، جيڪو

صاحب ايمان ۽ عادل بادشاھ ھيو. ھن شروع ۾ مادا جي حڪمران کي زير نگران ڪري سندس ملڪ فتح ڪيو. مادا ۽ فارس کي ملائي مضبوط سلطنت ٺاھي ۽ بعد ۾ وڌيڪ فتوحات جو سلسلو جاري رکيو، ھت ھن جي ٽن اھم واقعن جو ذڪر آھي. اسان ذوالقرنين کي مضبوط حڪمراني عطا ڪئي ھئي، جنھن لاءِ ڪيس ھر قسم جو سازو سامان مھيا ڪيو ويو ھو، جنھن جي ڪري ھن پنھنجي حڪمراني مغرب ۽ مشرق طرف موجود ملڪن تي قائم ڪري ورتي ۽ ھن پنھنجي مخالفن کي شڪست ڏني. شروع شروع ۾ ھن ھڪ مھم جي تياري ڪئي. ھو پھريان مغرب طرف ڏانھن روانو ٿيو، جتي ھو سج جي غروب ٿيڻ واري ھنڌ تائين پھتو، يعني ان ڪانپوءِ سمنڊ ھيو، جنھن جو ٻيو ڪنڌي ڪنارو نظر نہ ٿي آيو. شام جو سمنڊ جو پاڻي ڪاراڻ وارو نظر ايندو آھي ۽ سج ان کي ڪيچڑ نما پاڻيءَ ۾ لھندو نظر آيو، جنھن کي "بحيره روم" سڏيو وڃي ٿو، جتان اڳتي ڪيس پاڻي ئي پاڻي نظر آيو ۽ زمين جو آخري دنگ ھيو. اتي ھڪ قوم آباد ھئي، جن ذوالقرنين جو سخت مقابلو ڪيو ۽ وڏي ويڑھ بعد آڻ مجي ورتي، ان وقت ذوالقرنين کي اختيار ڏنو ويو تہ جيڪڏھن تون ھنن کي سزا ڏيڻ گھرين تہ سزا ڏئي سگھين ٿو، پر جيڪڏھن ساڻن حسن سلوڪ اختيار ڪرين تہ بہ تنھنجي رضا. جنھن تي ذوالقرنين چيو تہ سزا ۽ جزا جو دارومدار ھن قوم جي رويي تي آھي. ھن گمراھ جابر قوم کي ايمان جي دعوت ڏني وڃي. ذوالقرنين ايمان جي دعوت ڏيندي کين چيو تہ ھن دعوت بعد جيڪو بہ ماڻھو يا قوم ظالم ۽ ڪافر رھندي تہ ان کي نھايت سخت عذاب ڏينداسون. اھا سندن ھن دنيا جي سزا ھوندي، ان کان علاوہ سندن مالڪ حقيقي جي بارگاھ آڏو پيش ڪيو ويندو ۽ پوءِ کين سندن ظلم ۽ فساد وارن برن ڪمن جي نتيجي ۾ کين دوزخ جي سزا ڏني ويندي، جيڪا سزا ھڪ ھولناڪ عذاب ھوندو. پر جيڪڏھن ڪو ماڻھو يا قوم منھنجي ايمان واري دعوت دل و جان سان قبول ڪندو ۽ ايمان آڻيندو ۽ نيڪ اعمال ڪندو تہ ان کي آخرت ۾ بہ سندس ايمان ۽ عمل صالح جي بدلي ۾ تمام سڻي پلائي نصيب ٿيندي ۽ ھن دنيا ۾ بہ اسان جو ھن سان رويو آسان ھوندو ۽ ھن سان نرم ۽ شائسته نموني ۾ گفتگو ڪئي ويندي. يعني ھن سان ڪنھن بہ قسم جي سختي ڪا نہ ڪئي ويندي.

معلوم ٿيو تہ ذوالقرنين (خسرو/ سائرس) مؤمن، مُوَحِّد، عادل ۽ رحمدل

حڪمران هيو، جنهن الله عزو جل طرفان زمين تي مضبوط حڪماني ۽ تمام ضروري سازو سامان عطا ڪيو هيو. جنهن جو فائدو ونندي هن مغرب جا ملڪ فتح ڪري، اتي امن و امان، دين و ايمان واري حڪومت قائم ڪئي. هن بعد هن ٻي مهم جي تياري ڪئي ۽ ضروري اسباب ۽ سامان حاصل ڪري، مشرق (بلخ) طرف آخري حدن تائين پهتو. اتي اهڙي قوم آباد هئي، جن تي سج جي تپش ۽ شعاعون سڌيون اچي رهيون هيون، يعني هنن جا گهر پڪا پختا نه هئا. وٽن جي پاڻي يا ڪچن پکن ۾ رهندا هئا. يا جهڙي طرح جهوپڙين ۾ خانه بدوش رهندا آهن، جن وٽ پنهنجي دفاع جو ڪو به سامان موجود ڪو نه هيو. هتي به اهو ئي هيو يعني هڪ طرف پوري وقت ۽ سازو سامان سان ذوالقرنين هيو ته ٻئي طرف بي سرو سامان ننگي پير ننگي سر بنا دفاعي اسلحه جهنگلن جا رهواسي هئا، يعني ٻنهي ڌرين ۾ ڪو مقابلو نه هيو. ان ڪري هنن ڪي فتح ڪري واپس وريو. "اسان ذوالقرنين کي جيڪي ڪجهه ڏنو هو ان جي اسان کي پوري خبر هئي" اهڙو جملو سورة الانبياء: 21/ 51 ۾ حضرت ابراهيم عليه السلام لاءِ چيل آهي.

ثُمَّ اَتۡبَعَ سَبَبًا ﴿۹۲﴾ حَتّٰۤى اِذَا بَلَغَ بَيۡنَ السَّدَّيۡنِ وَجَدَ مِنۡ دُوۡنِهِمَا قَوۡمًا ۙ لَّا يَكَادُوۡنَ يَفۡقَهُوۡنَ قَوۡلًا ﴿۹۳﴾ قَالُوۡا يٰذَا الۡقَرۡنَيۡنِ اِنَّ يَاۡجُوۡجَ وَ مَاۡجُوۡجَ مُفۡسِدُوۡنَ فِى الۡاَرۡضِ فَهَلۡ نَجۡعَلُ لَكَ خَرۡجًا عَلٰۤى اَنۡ تَجۡعَلَ بَيۡنَنَا وَ بَيۡنَهُمۡ سَدًّا ﴿۹۴﴾ قَالَ مَا مَكَّنِّىۡ فِيۡهِ رَبِّىۡ خَيۡرٌ فَاَعِيۡنُوۡنِىۡ بِقُوَّةٍ اَجۡعَلۡ بَيۡنَكُمۡ وَ بَيۡنَهُمۡ رَدۡمًا ﴿۹۵﴾ اٰتُوۡنِىۡ زُبَرَ الۡحَدِيۡدِ ؕ حَتّٰۤى اِذَا سَاوٰى بَيۡنَ الصَّدَفَيۡنِ قَالَ انۡفُخُوۡا ؕ حَتّٰۤى اِذَا جَعَلَهٗ نَارًا ۙ قَالَ اٰتُوۡنِىۡۤ اُفۡرِغۡ عَلَيۡهِ قِطۡرًا ﴿۹۶﴾ فَمَا اسۡطَاعُوۡۤا اَنۡ يَّظۡهَرُوۡهُ وَ مَا اسۡتَطَاعُوۡا لَهٗ نَقۡبًا ﴿۹۷﴾ قَالَ هٰذَا رَحۡمَةٌ مِّنۡ رَّبِّىۡ ۚ فَاِذَا جَآءَ وَعۡدُ رَبِّىۡ جَعَلَهٗ دَكَّآءَ ۚ وَ كَانَ وَعۡدُ رَبِّىۡ حَقًّا ﴿۹۸﴾ وَ تَرَكۡنَا بَعۡضَهُمۡ يَوۡمَئِذٍ

يَّمُوْجُ فِيْ بَعْضٍ وَّ نُفِخَ فِي الصُّوْرِ فَجَمَعْنٰهُمْ جَمْعًا ﴿٩٩﴾ وَّ عَرَضْنَا جَهَنَّمَ
يَوْمَئِذٍ لِّلْكٰفِرِيْنَ عَرْضَا ﴿١٠٠﴾ الَّذِيْنَ كَانَتْ اَعْيُنُهُمْ فِيْ غِطَآءٍ عَنْ ذِكْرِيْ
وَ كَانُوْا لَا يَسْتَطِيْعُوْنَ سَمْعًا ﴿١٠١﴾ ع ١١ ١٩ ٢

پوءِ وري هن هڪ ٻي مهم جي تياري ڪئي.(92) تان تہ هو ٻن پهاڙن جي درميان پهتو، جتي ڏنائين تہ هن (وادي) طرف هڪ اهڙي قوم رهي ٿي، جيڪا هن جي ٻولي سمجهي نٿي سگهي(93) ان ماڻهن ڪيس چيو تہ اي ذوالقرنين! ياجوج ۽ ماجوج زمين ۾ فساد ڪن ٿا. اسان توکي اخراجن جي رقم ڏيون، جيڪڏهن تون اسان جي ۽ هنن جي درميان ديوار کڑي ڪري ڇڏين.(94) ذوالقرنين چيو تہ مون کي جو ڪجهہ الله طرفان عطا ٿيل آهي، اهو ڪجهہ ڪافي آهي. البتہ توهان منهنجي مالي مدد نہ، پر نفري مهيا ڪريو تہ مان توهان جي ۽ هنن جي درميان مضبوط ديوار(بند) بنائي ڏيان. (95) توهان لوهہ جا وڏا تختا ڪٽي اچو (جيڪي اچي ويا) هن انهن لوهہ جي تختن کي جوڙي پهاڙن جي وچ وارو خال پُر ڪري ڇڏيو. پوءِ چيائين تہ هاڻي ڦوڪيو ۽ باهہ ٻڙڪايو، پوءِ اهي لوهہ جا تختا گرم ٿي باهہ وانگر سرخ ٿي ويا، چيائين هاڻي ٽامو آڻيو. ان کي پگهاري هن تي وجهو(96) هاڻي هو (ياجوج ماجوج) نہ ان تي رهي سگهندا ۽ نہ وري ان ۾ سرنگهہ لڳائي سگهندا. (97) هن (ذوالقرنين) چيو تہ هي منهنجي رب جي رحمت آهي، پر جڏهن منهنجي رب جي وعدي جو وقت آيو تہ اهو هن کي پورا پورا ڪري ڇڏيندو ۽ منهنجي رب جو وعدو برحق آهي.(98) ان ڏينهن اهڙيون رڪاوٽون بي معنيٰ هونديون ۽ هي قومون سمنڊ جي موجن وانگر هڪ ٻئي تي يلغار ڪري ڏيندیون ۽ صور ڦوڪيو ويندو تہ سڀ کي جمع ڪيو ويندو.(99) ان ڏينهن جهنم کي ڪافرن

جي سامهون آڻينداسون(100) جن ماڻهن جون نگاهون منهنجي ياد کان پردي ۾ هيون ۽ قوت سماعت سلب ٿي چڪي هئي.(101)

پوءِ وري هن ٻي مهم اختيار ڪئي (جيڪا ڪاڪيشيا (ڪيسپين) طرف هئي.) هو اهڙي وادئ ۾ پهتو، جيڪا ٻن پهاڙن جي درميان هئي. سندن رڪاوٽ بند يا ديوار کي چوندا آهن، هت پهاڙ کي "سَدّ" رڪاوٽ هجڻ سبب سڏيو ويو آهي. هن اتي پهاڙ جي هڪ طرف اهڙي قوم کي ڏٺو، جيڪا هن جي ٻولي سمجهڻ کان قاصر هئي. يعني هو هڪ ٻئي جي ٻولي سمجهڻ وارا نه هئا. لڳي ٿو ته هي قوم غير متمدن هئي. ٻولي سان ته هو پنهنجو مقصد بيان ڪري نٿي سگهيا، پر اشارن ڪنائن سان پنهنجو مطلب پهچائڻ ۾ ڪامياب ويا. ڇيائون ته اي ذوالقرنين ياجوج ۽ ماجوج يعني وحشي قبيلا حملا ڪري گهٽي لٽ مار ڪن ٿا ۽ فساد برپا ڪن ٿا، جن جو هميشه خطرو رهي ٿو ۽ اسان پنهنجو دفاع به ڪري ڪو نه ٿا سگهون. اسان توکي خراج (اخراجات) واري رقم مهيا ڪريون ته تون اسان جي ۽ هنن جي درميان اهڙي ديوار ذريعي رڪاوٽ تيار ڪر، جنهن سان اسان هنن جي آزار کان محفوظ ٿي وڃون ۽ سکون جي زندگي گذاري سگهون. (الانبياء: 21/ 96)(ياجوج ماجوج حضرت آدم عليه السلام جي پٽ يافث جي اولاد مان آهن. وحشي ۽ غير مهذب قبيلا هيا. لٽ مار، قتل وغارت ۽ فتنه فساد ۾ مشهور هئا، جن جو ذڪر سورت الانبياء: 21/97-96 ۾ آيو آهي.) ذوالقرنين کين چيو ته مون کي اوهان جي خراج يا اخراجات لاءِ مالي مدد جي ضرورت نه آهي. مون کي منهنجي رب سازو سامان ۽ مال دولت سان خوب نوازيو آهي. اوهان رقم ڏيڻ جي آڇ نه ڪريو، پر نفري جي مدد ڪريو ته جيئن مان توهان ۽ هنن جي درميان هڪ مضبوط ديوار ناهڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃان. ديوار ناهڻ لاءِ گهربل مٽيريل مان ڏيان ٿو، اوهان محنت مزدوري ۾ هٿ وندايو. ان ڪري لوهه جون چادرون مون تائين پهچايو ۽ انهن کي ٻنهي پهاڙن جي وچ ۾ هڪ ٻئي مٿان جوڙي رکو، جڏهن اهي ديوار جي صورت ۾ ٻنهي پهاڙن جي درميان جڙي تيار ٿي وڃن ته پوءِ انهن ۾ باهه کي ڀڙڪايو ته جيئن اهي لوهه جون چادرون گرم لال ٿي، باهه جي صورت اختيار ڪن ۽ پوءِ ٽامو ڪٽي اچو ته ان کي پگهاري هنن لوهي چادرن کي مضبوط پهاڙ

وانگر مضبوط ديوار بڻايون، جنهن بعد هنن جو هن طرف اچڻ مشڪل ڪان مشڪل ٿي ويندو، يا ناممڪن ٿيندو. هن آيت ۾ لفظ "اَلصَّدَفَيْنِ" آهي، جنهن جي معنىٰ آهي بن پهاڙن جي وچ ۾ سوراخ. جڏهن اها ديوار نهي تيار ٿي وئي، اها اٽڪيهه فوٽ اونچي ويهه فوٽ ويڪري ۽ پنجاهه ميل ڊگهي آهي، جنهن جا آڻا اڄ به "بحيره ڪيسپين" جي الهندي طرف ساحل سان گڏ داريال ۽ دربند جي وچ ۾ موجود آهن. اهڙي وڏي مضبوط ديوار جوڙڻ ان وقت جي ڪاريگريءَ جو اعلىٰ نمونو آهي، هاڻي ياجوج ۽ ماجوج نه ان ديوار تي چڙهي ان کي سر ڪري سگهندا ۽ نه وري ان ۾ سرنگهه لڳائي رستو ٺاهي ٻئي طرف اچي سگهندا.

جڏهن ذوالقرنين هن محنت طلب ۽ مشڪل ڪم کي تيار ڪڻ بعد فارغ ٿيا ته هن عظيم ڪارنامي تي رب العالمين جي بارگاهه ۾ شڪراني جا سجدا ادا ڪيا ۽ چيائين ته هي عظيم ڪارنامو رب العالمين طرفان رحمت طور عطا ڪيل سازو سامان، قوت بصيرت ۽ عزم مصمم ذريعي سر انجام ٿيو آهي. هاڻي هي ديوار ايتري ته مضبوط آهي، جو ان کي ڪو به شخص نقصان رسائي نٿو سگهي، پر جيڪڏهن الله جي مشيت سان ڪو وڏو حادثو يا هولناڪ زلزلو يا بي پناهه سيلاب اچي ته ان کي ڪير روڪي نٿو سگهي. اهو مضبوط بند الله جي حڪم ۽ امر آڏو ڪچي تند وانگر آهي، جيڪو هن کي پرزا پرزا ڪري ڇڏيندو. ذوالقرنين هن ڪارنامي کي به الله جي عنايت ۽ رحمت جو نتيجو سڏي ٿو ۽ ان جي مضبوطيءَ کي قدرت جي طاقت آڏو مڪڙيءَ جي جار برابر ڪمزور سمجهي ٿو. اهو ئي هڪ موحد مومن جو وطيرو آهي.(هن وقت اها ديوار آثار قديمه طور کنڊرات جي صورت ۾ آهي.)

مٿي آيت نمبر 94 ۾ ٻڌايوويو آهي ته سورت الانبياءِ جي آيت 96 ۽ 97 ۾ به ياجوج ماجوج جو ذڪر آيو آهي ته هنن جي عالمگير شورش ۽ سرڪشيءَ سان قيامت نمودار ٿيندي ۽ اهو قرب قيامت جو زمانو هوندو، جڏهن ياجوج ۽ ماجوج (يعني وحشي ماڻهو) هر طرف سمنڊ جي موجن وانگر هڪ ٻئي پٺيان حملا ڪري ڏيندا ۽ هن قسم جون رڪاوٽون ڪين روڪي نه سگهنديون. ياجوج ماجوج جي يلغار جو نقشو سورة الانبياءِ: 96/21 ۾ آهي: "وَ هُمۡ مِّنۡ كُلِّ حَدَبٍ يَّنۡسِلُوۡنَ" ۽ هو (ياجوج ماجوج) هر پهاڙ جي چوٽيءَ کان) هيٺ لهندا نظر ايندا. خدا جي وعدي يعني حڪم ۽ امر آڏو هي پورا پورا ٿي ويندي

۽ الله جي اها مشيت ۽ وعدو (حڪم ۽ امر) برحق آهي، جيڪو هر حال ۾ ٿيڻو آهي. قيامت کان اڳ ۾ قيامت صغريٰ يعني آفات، زلزلا يا جنگي جنون جا بم ۽ گولا هن ديوار کي ٽوڙي ۾ سگهندا ته اهي موج در موج قومون (فوجون) هن کي سر ڪري ۾ سگهنديون، جنهن ڏينهن صور ڦوڪيو ويندو يا جنگ جا بگل وڄي ويندا ۽ سڀ ماڻهو گڏ ٿيندا. ان ڏينهن انهن ماڻهن لاءِ جن اسان جي آيتن ۽ احڪامن جو انڪار ڪيو، خدا سان ڪفر اختيار ڪيو ته ان وقت سندن سزا طور جهنم جون تباهيون هنن آڏو نڪري ظاهر ٿي ايندیون، جنهن کي ڏسي هو ڪنبي رهيا هوندا. هي اهي ڪم بخت ۽ ڪم عقل انسان هئا، جن کي نصيحت ڪرڻ وقت سندن بداعمالين جي بدلي ۾ جهنم جي ياد دهاني ڪرائي وئي هئي ۽ کين ان جي درد ناڪ عذاب کان ۾ آگاهه ڪيو ويو هيو، پر ان کي هو اکين تي بصيرت کان محروم رکڻ وارن پردن جي ڪري ڏسي نه سگهيا هئا، گويا هنن جي بصيرت ختم ٿي چڪي هئي ۽ هو حق جي صدا کي ڪن لائي ٻڌڻ وارا ۾ نه هئا، بلڪ هنن جي ڪنن تي ٻوڑائپ اهڙي هئي، جو هو سماعت واري صلاحيت کان محروم ٿي چڪا هئا. سورة الاعلیٰ: 87/ 9 کان 11، المدثر: 74/ 54 کان 56، الفجر: 89/ 21 کان 26، عبس: 4/80، ق: 50/ 45، الذاريات: 51/ 55، البقره: 7/2 ۽ الكهف: 18/ 104 کان 106 تائين ۾ هن مضمونن کي وضاحت سان بيان ڪيو ويو آهي. اهڙيءَ طرح هي مضمون سوره بني اسرائيل: 17/ 18 کان 20 تائين ۾ پڻ آيو آهي.

اَفَحَسِبَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْٓا اَنْ يَّتَّخِذُوْا عِبَادِيْ مِنْ دُوْنِيْٓ اَوْلِيَآءَ ؕ اِنَّآ اَعْتَدْنَا
جَهَنَّمَ لِلْكٰفِرِيْنَ نُزُلًا ﴿١٠٢﴾ قُلْ هَلْ نُنَبِّئُكُمْ بِالْاَخْسَرِيْنَ اَعْمَالًا ﴿١٠٣﴾ اَلَّذِيْنَ
ضَلَّ سَعْيُهُمْ فِي الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا وَهُمْ يَحْسَبُوْنَ اَنَّهُمْ يُحْسِنُوْنَ صُنْعًا ﴿١٠٤﴾
اُولٰٓئِكَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا بِاٰيٰتِ رَبِّهِمْ وَلِقَآئِهٖ فَحَبِطَتْ اَعْمَالُهُمْ فَلَا نُقِيْمُ
لَهُمْ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ وَزْنًا ﴿١٠٥﴾ ذٰلِكَ جَزَآؤُهُمْ جَهَنَّمُ بِمَا كَفَرُوْا وَاتَّخَذُوْٓا

اٰيٰتِیْ وَ رُسُلِیْ هُزُوًا ﴿۱۰۶﴾ اِنَّ الَّذِیْنَ اٰمَنُوْا وَ عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ كَانَتْ لَهُمْ جَنّٰتُ
الْفِرْدَوْسِ نُزُلًا ﴿۱۰۷﴾ خٰلِدِیْنَ فِیْهَا لَا یَبْغُوْنَ عَنْهَا حِوَلًا ﴿۱۰۸﴾ قُلْ لَّوْ كَانَ الْبَحْرُ
مِدَادًا لِّكَلِمٰتِ رَبِّیْ لَنَفِدَ الْبَحْرُ قَبْلَ اَنْ تَنْفَدَ كَلِمٰتُ رَبِّیْ وَ لَوْ جِئْنَا
بِمِثْلِهٖ مَدَدًا ﴿۱۰۹﴾ قُلْ اِنَّمَاۤ اَنَا بَشَرٌ مِّثْلُكُمْ یُوْحٰۤی اِلَیَّ اَنَّمَاۤ اِلٰهُكُمْ اِلٰهٌ
وَّاحِدٌ ۚ فَمَنْ كَانَ یَرْجُوْا لِقَآءَ رَبِّهٖ فَلْیَعْمَلْ عَمَلًا صَالِحًا وَّ لَا یُشْرِكْ
بِعِبَادَةِ رَبِّهٖۤ اَحَدًا ﴿۱۱۰﴾ ع ۱۲ ۹ ۳

چا ڪافرن اهو سمجهيو آهي تہ هو منهنجي بانهن ڪي منهنجي مقابلي ۾ پنهنجو حمايتي بنائين، يقيناً اسان اهڙن ڪافرن لاءِ جهنم ڪي سندن مهماني طور تيار ڪري رکيو آهي.(102) هنن ڪي چئو تہ چا اسان توهان ڪي ٻڌايون تہ پنهنجي اعمال جي اعتبار سان سڀ کان وڌيڪ خساري ۾ ڪير آهي.(103) هي اهي ماڻهو آهن، جن جي پوري ڪوشش ۽ ڪاوش دنياوي زندگيءَ ۾ گم ٿي وئي ۽ هو سمجهن ٿا تہ هو چڱا ڪم ڪن ٿا. (104) هي اهي ماڻهو آهن، جن پنهنجي رب جي آيتن ۽ ان سان ملاقات جو انڪار ڪيو آهي. سندن سمورا عمل برباد ٿي ويا، ان ڪري قيامت واري ڏينهن ڪوئي وزن قائم نہ ڪنداسون.(105) ان جو بدلو جهنم آهي، ڇو تہ هن ڪفر ڪيو ۽ منهنجي آيتن ۽ رسولن جو مذاق ڪيو.(106) (هن جي برعڪس) جن ماڻهن ايمان آندو ۽ هنن چڱا ڪم ڪيا، انهن جي مهمانيءَ لاءِ جنت جا باغ آهن.(107) هو انهن ۾ هميشہ رهندا. جتان اهي جڳهہ جي تبديلي نہ ڪندا.(108) (اي نبي محترم ﷺ) تون چئو تہ جيڪڏهن سمنڊ مس ٻڌجي وڃن تہ الله جون آيتون

نشانيون (عجائب قدرت و حڪمت) لکڻ وقت سمنڊ ختم ٿي ويندا، پر الله جا ڪلمات يعني آياتِ عجائب، قدرت و حڪمت ختم نہ ٿيندا. توڙي اهڙا ٻيا سمنڊ بہ مدد ۾ آڻجن.(109) اي نبي محترم ﷺ تون هنن کي چئو تہ مان اوهان وانگر بشر آهيان، مون تي وحي نازل ٿئي ٿي (ڪئي وجي ٿي) توهان جو معبود رڳو هڪ ئي معبود آهي تہ پوءِ جيڪو شخص بہ الله سان ملاقات جي اميد رکندو هجي تہ ان کي گهرجي تہ هو نيڪ عمل ڪري ۽ پنهنجي رب سان عبادت ۾ ڪنهن کي شريڪ نہ ڪري.(110)

ڇا هي ڪافر ۽ مشرڪ اهو سمجهن ٿا تہ هو الله سان تعلق ٽوڙي هن جي مخلوق جي محڪوم ۽ مملوڪ ٻانهن کي پنهنجو ڪارساز ۽ حمايتي سمجهي، پنهنجي بگڙي بڻائڻ ۾ ڪامياب ويندا تہ اها سندن پُل آهي. اهي ديو ديويون ۽ نقلي معبود، جيڪي هن دنيا ۾ هن جي حمايت کان عاجز ۽ بي بس آهن، اهي قيامت واري ڏينهن بہ کين الله جي انتقام واري غضب کان کين بچائي ڪونہ سگهندا. انهن جي لاءِ جهنم جي باهہ جو عذاب مهمانيءَ طور کين ڏنو ويندو تہ اي دنيا ۾ غرور ۽ دهشت جي تصوير بڻيل اڄ جا ڪمزور ترين عاجز انسانو! هي عذاب جيڪو جهنم جي باهہ جي صورت ۾ آهي، اوهان جي مهماني آهي. دنيا ۾ بہ اسان جو قانون قائم هيو، جنهن ماتحت هي اوهان جا سمورا معبود اسان جي مخلوق هئي ۽ اسان جي حڪمراني هيٺ هلندي هئي. اتي بہ هنن اوهان جو ڪو ساٿ نہ ڏنو ۽ هتي يوم حساب وقت بہ هو توهان جي کا بہ مدد ڪري نٿا سگهن.

ياد رهي تہ هن سورت جي شروعات جنهن مضمون ۽ مدعا سان شروع ٿي هئي، ان تي اختتام پذير آهي. يعني توحيد ۽ آخرت تي شرڪ ڪفر ۽ بت پرستي کان بيزاري ڪرڻ. افسوس جو اهي نادان انسان زهر قاتل کي تریاق ۽ خساري کي فائدو سمجهي رهيا آهن. هنن جي عقل تي جهالت جا پردا چڙهي ويا آهن. هنن جي ساري تگ و دو، جدوجهد، ڪوشش ۽ ڪاوش دنياوي عارضي شهرت ۽ عيش و عشرت جي حصول ۾ صرف ٿي رهي آهي. هو هت وڏا وڏا عهدا ماڻڻ، مال متاع ميڙڻ ۾ مصروف آهن، جنهن جي ڪري هو آخرت کي وساري وينا آهن. خدا جي رضا جا طلبگار نہ آهن ۽ نہ وري نيڪ

ڪمن طرف سندن خيال آهي. هو پنهنجي گمراهه خيالن ۾ سوچن سبب پنهنجي هن نفساني خواهش کي ڪار خير سمجهن ٿا. هو پنهنجي هن مسلڪ ۾ روش کي ئي راهه راست سمجهن ٿا. هن جو مقصدِ حيات به زر، زمين ۾ زن رهجي ويو آهي. جنهن لاءِ هو هر طرف جائز ۾ ناجائز حيلا هلائي رهيا آهن. حق ۾ ناحق جو ڪو تصور ناهي، جي ڪجهه آهي تہ هو هر ذاتي مفاد واري عارضي شيءِ کي ئي منزل مقصود سمجهن ٿا، جيڪو سراپا خسارو ۾ نقصان آهي. سورة العنڪبوت: 29/ 64 ۾ آهي: "وَإِنَّ الدَّارَ الْآخِرَةَ لَهِيَ الْحَيَوَانُ".

وائے ناکامیٔ متاعِ کارواں لٹتا رہا
اور کارواں کے دل سے احساس زیاں جاتا رہا

(اقبال رحمۃ اللہ علیہ)

هي ناسمجهه ۾ نادان انسان آهن، جن خدا جي حڪمن ۾ آيتن تي عمل پيرا ٿيڻ بدران ڪفر ۾ انڪار جي راهه اختيار ڪئي آهي. هو حق ۾ سچائيءَ کان منهن موڙي، سرڪشي ۾ زيادتي جو طريقو اختيار ڪري رهيا آهن. هو پنهنجي گمراهيءَ ۾ اهڙي انڌي کوهه ۾ ڪري چڪا آهن، جتان ڪرڻ ۾ مڪافات عمل جو نشانو ٿيڻ جو يقين نہ آهي، پر ڪين هر حال ۾ هڪ ڏينهن احتساب جي عمل کان گذرڻو پوندو ۾ هر گهڙي هر عمل ننڍي توڙي وڏي جو حساب ڏيڻو پوندو. هنن ڪافرن جا سمورا اعمال بنا نتيجي ۾ فائدي ختم ٿي ويا آهن. هنن الله جي نشانين ۾ ان سان ملاقات ڪرڻ يعني حساب ڪتاب واري ڏينهن هڪ مجرم جي حيثيت ۾ ان آڏو حاضر ٿيڻ جو صريح انڪار ڪيو آهي. هنن جي ڪاتي ۾ ڪجهه باقي ناهي رهيو، جيڪو هنن جي چوٽڪاري جو سبب بڻجي. هو هٿين خالي حيران ۾ پريشان هوندا. هنن جو ميزان به قائم نہ ٿيندو، چو تہ هنن جي نيڪ اعمال جا سارا صفحا صاف آهن. انهن تي نيڪيءَ جو هڪ اکر تہ ڇا، پر هڪ نقطو يا اعراب به موجود ناهي، اهڙين برن حالتن ۾ به هنن کي ڪفر تي شديد نتيجن نڪرڻ جو ذرا پر خيال نہ آهي. ۾ مون مهربان رب رحيم کان منهن موڙي بي بس ۾ ڪمزور هستين جا پوڄاري ٿي، هنن جي مان ۾ خاص مهمانيءَ جو اهتمام ڪري دوزخ جي باهه جي شعلن کي تيز ڪري سندن مهماني طور آجيان ڪئي ويندي. ڪين چيو ويندو

ته هي توهان جي انهن اعمال جو نتيجو ۽ ثمر آهي، جنهن تي توهان هميشہ ناز ڪندا هئا ۽ پنهنجي وقتي ۽ عارضي خوشحالي جي نشي ۾ اچي اوهان الله جي حڪمن کي قبول ڪرڻ کان انڪار ڪيو. انهن کي ڪوڙو ڪوني، مذاق بڻايو ۽ اسان جي رسولن جي اطاعت ڪرڻ بدران کين ايذاءُ رسايو، انڪار ڪيو ۽ استهزاء ۽ مسخري سان ذلت آميز رويو اختيار ڪيو، هي اوهان جي انهن ڪمايل ڪرتوتن جو بدلو آهي، جيڪو اوهان کي پوڳٽو پوندو.

هنن آخري چار آيتن سان سورت اختتام پذير ٿي رهي آهي. هن کان اڳ توحيد ۽ رسالت جي انڪار تي ڪافرن لاءِ سخت عذاب جي وعيد ۽ نويد ٻڌائي وئي هئي. هينئر ان جي برعڪس مخلص مؤمنن جو بيان ٿي رهيو آهي، جن جي اطاعت، خلوص ۽ استقلال تي کين بشارتن سان نوازيو ٿو وڃي، ايمان آڻڻ وارن يعني الله عزو جل، ان جي رسول خَاتَمُ النَّبِيِّيْن ﷺ جي دل سان تصديق ڪرڻ ۽ انهن جي حڪمن ۽ فرمانن مطابق عمل صالح اختيار ڪرڻ سان، اهي بهترين شاداب، خدابهار، جنت جي باغن ۾ هوندا. اها سندن اعمال جي عيوض الله طرفان سندن مانَ ۾ مهماني هوندي، جنهن ۾ هو هميشہ شاد آباد رهندا، کين کو بہ غم و فڪر نہ هوندو. اهو انهن جي رهائش ۽ آرام جو پڪو ٺڪاڻو هوندو. جتان کين ڪنهن ٻئي طرف منتقل ڪو نہ ڪيو ويندو.

وڪر سو وهاءِ جو پئي پراڻو نہ ٿئي
ويچيندي ولايت ۾ ذرو ٿئي نہ ضياع
اها ڪا هڏ هلاءِ آڳ جنهن جي ابهين

(شاهہ رحمۃ اللہ علیہ: سر سريراڳ)

جنهن الله جو اوهان شرڪ ڪري رهيا آهيو ۽ ان جي آيتن جو جيڪي سندن عجائب قدرت ۽ حڪمت جون نشانيون آهن ۽ ڪائنات جي ڪوني ڪوني ۾ سندن وحدانيت جي شاهدي ڏئي رهيون آهن ته هن ڪائنات جو خالق مالڪ ۽ اختيار ڏاڻي صرف الله وحده لا شريڪ له آهي، ان جي انهن آيتن ۽ عقل کي حيران ڪندڙ نشانين جو ڪاڻو ڪرڻ ممڪن ئي نہ آهي،جيڪڏهن هي سمنڊ مس ٻڏجي وڃن ۽ الله عزو جل جي انهن ڪلمات ۽ آيات کي لکڻ گهرجي، سمنڊ سڪي ويندا، پر الله جون آيتون پوريون ڪو نہ

ٽيندیون، پلي توهان ان سمنڊ کان پوءِ ٻيو سمنڊ آڻيو، پر الله جي حڪمتن، آيتن ۽ عجيب قدرتن جو اندازو لڳائي کو نہ سگهبو. (لقمان: 27/31)

دریں ورط گم گشت کشتیٔ ہزار
کہ پیدا نہ شد تختہ اش بر کنار

(بوستان: شيخ سعدي رحمۃ اللہ علیہ)

الله جي حقائق ۽ آيات کي ڄاڻڻ جي غرض سان ڪيئي ڪشتيون هن بحر بي ڪنار جي ڪُنن ۾ غرق ٿي ويون، جن جو ڪو تختو پرزو ڪيل ڪائي بہ ڪناري کا نہ پهچي سگهي.

اي رسول محترم خاتم النبیین صلی اللہ علیہ وسلم هي ڪافر توڪان عجيب عجيب نشانيون گهرن ٿا ۽ چون ٿا تہ توسان فرشتا چو گڏ نظر نٿا اچن، تون سون جو محل ناهي ڏيکار، يا هن قرآن کان سواءِ ڪو ٻيو قرآن ناهہ وغيره. تون کين چئو تہ آيات ۽ نشانيون موڪلڻ منهنجي الله جي صفات ۾ آهي. اهو جڏهن بہ ڏسي ٿو تہ هن معجزي جي ضرورت آهي تہ اهو وحيءَ ذريعي نازل ڪري ٿو. معجزا، عذاب، جزا، سزا سڀ هن جي قدرت جا مظاهر آهن. هن آيت وارو ساڳيو مضمون سوره لقمان: 27/31 ۾ بہ آيو آهي. هن آيت ۾ آيل لفظ "كَلِمَاتُ" "كَلِمَةٌ" جو جمع آهي، جنهن جي هت مراد عجائبِ قدرت ۽ حڪمت آهي. مان ظاهري تخليق ۾ اوهان جهڙو بشر لڳان ٿو، پر مون تي منهنجي مهربان رب جو وڏو احسان آهي، جو هن مون کي هن پوري ڪائنات جو جيڪو موجود آهي يا اچڻ واري آهي، ان جو رسول ڪري موڪيو آهي ۽ مون تي وحي الاهي جو نزول ٿئي ٿو. جنهن جي ڪري منهنجي بشري صفت سان گڏ الله سان هم ڪلامي ٿيڻ واري اعلیٰ ۽ افضل صفت ۾ مون ۾ موجزن آهي. جنهن جي ڪري مان بشر هوندي بہ بشر جي سمورن عيبن، خامين کان پاڪ صاف آهيان، اوهان وحي الاهي جي هن نوازشن ۽ خيرالوریٰ، خير البشر هجڻ جهڙي صفات عالي کان محروم آهيو. ان ڪري منهنجو پاڻ سان ظاهري رنگ روپ ڏسي مقابلو نہ ڪريو.

بشر جي خيالن ڏيانن کان ٻاهر
ثنا مصطفیٰ جي بيانن کان ٻاهر

نہ معلوم حد ابتدا انتها جي
مقام نبي لا مڪانن ڪان ٻاهر
احد احمد جي نسبت نرالي
زمين آسمان جي نظامن ڪان ٻاهر

(مشتاق سچاروي)

رسول جي حيثيت ۾ خالص اوهان جي ڀلائي ۽ خيرخواهيءَ ۾ اوهان کي آگاهه ڪيان ٿو، جيڪو به انسان هن حياتي ختم ٿيڻ بعد الله سان ملاقات ڪرڻ يعني ان جي بارگاهه اقدس و اعليٰ جي حضور ۾ پيش ٿيڻ جي اميد رکي ٿو تہ اهو ضرور نيڪ عمل ڪري پاڻ سان گڏ نيڪين جو ٿمر ساڻ ڪنيو وڃي، جتي ڪير به ڪنهن جي مدد ڪرڻ وارو نہ هوندو، اهو الله يگاني سان ڪنهن به ٻئي کي شريڪ نہ ڪري، جيڪڏهن شرڪ ڪندو تہ هميشہ هميشہ لاءِ جهنم جو ٻارڻ ٿيندو ۽ الله عزوجل جي انتقام واري صفت جو نشانو ٿيندو. سوره بني اسرائيل: 111/17 ۾ به اهو ساڳيو مضمون آيو آهي تہ عبادت رڳو الله تعالىٰ جي ڪرڻي آهي. هن سان ڪنهن کي به شريڪ ناهي ڪرڻو، نہ ڪيس اولاد آهي ۽ نہ والي وارث آهي، ان کري ان جي تڪبير بيان ڪريو، جيترو ان جي تڪبير جو حق آهي. سوره بني اسرائيل: 23/17 ۾ آهي: "وَقَضٰى رَبُّكَ اَلَّا تَعْبُدُوْٓا اِلَّآ اِيَّاهُ" يعني الله تعالىٰ فيصلو ڪري ڇڏيو آهي تہ توهان رب کان سواءِ ڪنهن جي عبادت نہ ڪيو. الله تعالىٰ سان گڏ ڪنهن کي شريڪ ڪرڻ ظلم عظيم آهي. (الفرقان: 13/25)

•••

الحمد لله! ان ٻاجهاري نهايت مهربان ۽ هميشه رحم ڪرڻ واري رب جا لک لک احسان، جنهن اڄ خميس ڏينهن تاريخ 16 جمادي الثاني 1444هجري بمطابق 19 جنوري 2023ع تي سوره ڪهف جو شرح البيان لکي پورو ڪرڻ جي توفيق ۽ اعانت عطا فرمائي. سبحان الله والحمد لله. وما توفيقي الا بالله العلي العظيم بحق سيد الانبياءِ والمرسلين خاتم النبيين مولانا و ملجانا حضرت محمد ﷺ.
باركڪم الله لي ولكم في القرآن العظيم ونفعني و اياكم بالآيات والذكر الحكيم (آمين)

تفسير تبيان القرآن جو عالمن لاءِ ڪتاب جو اڀار

بسم الله الرحمن الرحيم

إِنَّ هَٰذَا الْقُرْآنَ يَهْدِي لِلَّتِي هِيَ أَقْوَمُ (بني اسرائيل: 9/71)

قرآن پاڪ جي امتياز ۽ انفراديت ۾ ڪنهن به نوع انسانيت جي هدايت ۽ رهنمائي جو سڀ کان اعليٰ ذريعو ۽ علم ۽ معرفت جو زوال خزان ۾ آهي، اهوئي سبب آهي، جو مسلمان امت جي انفرادي ۽ اجتماعي زندگيءَ جي هر شعبي ۾ قرآن پاڪ جي بي پناهه عظمت ۽ تربيت سان سلهاڙيل رهي آهي. ان لحاظ کان قرآن پاڪ جي معنيٰ ۽ مفهوم ڪي واضح ۽ عام فهم انداز ۾ عام ۽ خاص مسلمانن تائين پهچائڻ ڏاڍي سعادت آهي، جنهن کان وڌيڪ ڪنهن بي سعادت جو تصور ئي نٿو ڪري سگهجي.

تاريخي لحاظ کان برصغير هند و پاڪ ۾ انهي ڏس ۾ عربي، اردو، فارسي ۽ ٻين علمن ۾ قرآن پاڪ جي ترجمي ۽ تفسير جي وڏي علمي ۽ تحقيقي ڪم ڪيو آهي. اها هڪ حقيقت آهي ته انهي لسلسلي ۾ جيترو ڪم سنڌي زبان ۾ ٿيو آهي، اوترو پاڪستان جي ڪنهن بصر بائي زبان ۾ نٿيو آهي ۽ اهو سلسلو اڄ تائين جاري ۽ ساري آهي.

جنوري 0202ع کان سائين ڪپتان الم رحسين سچاروي صاحب جا تصنيف ڪيل **شرح البيان في فهم القرآن** جا پهريان جلد جي مرتظر عام تي اچي چڪا آهن ۽ باقي جلد ڇپائي جي مرحلن جي قطار ۾ منتظر آهن. سائين سچاروي صاحب پنهنجي تفسير جي ترتيب ۽ ستاءَ ڪي انهيءَ ساڳئي انداز ۾ ترتيب ڏنو آهي، جنهن کي اڪثر مفسرن اختيار ڪيو آهي. آيتن جي ترجمي بعد ان جي تشريح ڪندي، قرآن پاڪ جي آيتن ۽ حديثن کي مضمون جي مناسبت سان پيرا طور سان عنوان ڏئي، ڏوگڻ پنهنجي بيان کي اهڙيءَ سهڻي سليقي ۽ پيرائي ۾ خاص طور تي بيان ڪيو

ٿيڻا ۽ جو سمورو توجه سڀني حياتياتي نصن جي چونڊ ڪرڻ ۽ ان جو
سنڌ جي ماحول سان مطابقت جو جائزو وٺڻ تي ڏنو ويو. منهنجي خيال ۾ اها هڪ
جديد ۽ وڏي خوبي آهي. ڇاڪاڻ ته عام طور تي آسان، سلیس ۽ عام فهم ٻولي
۾ ڪتاب آندا ويندا آهن. مضمون جي اسباق سان لاڳاپيل، فارسي، اردو ۽ سنڌي شاعرن جي
شعرن ۽ بيتن کي برمحل استعمال ڪيو ويو آهي، جنهن ڪري عبارت ۾ ادبي لحاظ کان
جاذبيت ۽ دلڪشي جو عنصر نمايان نظر اچي ٿو. سڀني سچاروي صاحب کي
صحت ۽ عافيت سان نوازي ته جيئن سندس رهنمائي سڀني جو ڪم خير و خوبي سان
تڪميل کي پهچي. اميد ته هي ڪتاب سڀني جو رهنمائي سڀني ۾ پنهنجي نوعيت جي
بهترين ڪتاب ثابت ٿيندو.

25 نومبر 2024ع

ڊاڪٽر غلام رسول گوهر

پروفيسر

شعبه سنڌي، جامشورو، سنڌ

بسم الله الرحمن الرحيم

محترم غلام حسين شتاق سچاروي صاحب

دعا الم

هڪ سال جي اندر قرآن مجيد جو فوٽو سير ٿيل ايڊيشن في فهم القرآن (3 جلد) تيار ڪري ڇپرائي، پڙهندڙن جي هٿن ۾ ڏيڻ مراد وڏو ڪم آهي. اندازو آهيته او هان پنهنجي ٿيل ڪم جو ٽيون حصو مڪمل ڪري ويتو آهي. وڏي جمار، صحت جو نيڪ نه هجڻ ۽ وڏو ڪم هٿ ۾ ڪڻڻ، او هان جي همٿ ڪيس الم آهي. قرآن مجيد جي شرح تيار ڪرڻ، ڪمپوزنگ ڪان پوءِ پروف ريڊنگ ڪرڻ ڪو آسان ڪم نه آهي. ان طرح او هان جي ارادي جي پختگي ۽ تقويٰ جو فيصلو سير جي ٻول ي آسان ۽ عام فهم آهي شرح جو ويان به دل کي ڇُهڻ ڏڙ آهي. الله پاڪ کان دڙ دل سان دعا آهي ته او هان کي صحت ۽ وڏي جمار ڏيئه جيئن فوٽو سير جو ڪم مڪمل ڪري سگهو. وڏي ڳالهه ته هڙان وڙان خرچ ڪري فوٽو سير ٿيل ڪاپين جو ڳٽ ڪيڏي پهچي ويو آ. اسين هڪ ڀيرو ان ڏيئا ۾ رهون ٿا، ڪيترو ثواب جو اهڙو ڪم ڪري، جيئن او هان کي ويو آ. مرڪب ادا ۽ دعائون قبول ڪون.

مخلص

ڊاڪٽ غلام محمد لغاري

ريٽائرڊ پروفيسر

سنڌ يونيورسٽي، جام شورو، سنڌ

17 نومبر 2024ع

انتباھ

وَاعْتَصِمُوْا بِحَبْلِ اللّٰهِ جَمِيْعًا (النساء: 4/ 103)

ياد رکو تہ اوھان سڀ جا سڀ يڪ قدم ۾ يڪ آواز ٿي اجتماعي طور الله جي رسي يعني قانون خداوندي کي مضبوطي سان پکڙيو. قرآن ڪريم مضبوط رسي آھي، جنھن کي سمورا ڳڌجي اتفاق ۽ اتحاد سان مضبوط پکڙي رکو. فرمانبرداري ڪريو.

حضرت علي رضی اللہ تعالیٰ عنہ کان حضور خاتم النبیین صلی اللہ علیہ وسلم جا اھي الفاظ نقل ٿيل آھن: "وَھُوَ حَبْلُ اللّٰهِ الْمَتِيْنُ" (سنن ترمذي) قرآن ئي الله سان رابطي جو مضبوط ذريعو آھي. حضرت عبدالله بن مسعود رضی اللہ تعالیٰ عنہ کان روايت آھي تہ حضور خاتم النبیین صلی اللہ علیہ وسلم جن فرمايو: "كِتَابُ اللّٰهِ حَبْلٌ مَّمْدُوْدٌ مِّنَ السَّمَآءِ اِلَى الْاَرْضِ" (سنن ترمذي) الله جي ڪتاب (قرآن حڪيم) کي مضبوطيءَ سان پکڙي رکو، اھو ئي اھا مضبوط رسي آھي، جيڪا آسمان کان زمين تائين لڙڪيل آھي. حضور خاتم النبیین صلی اللہ علیہ وسلم فرمايو: "اَبْشِرُوْا اَبْشِرُوْا فَاِنَّ ھٰذَا الْقُرْآنَ سَبَبٌ طَرَفُهٗ بِيَدِ اللّٰهِ وَطَرَفُهٗ بِاَيْدِيْكُمْ" (مسلمانو) خوش ٿيو، خوش ٿيو..! هيءُ قرآن هڪ واسطو آھي، جنھن جو هڪ سرو الله جي هٿ ۾ آھي ۽ هڪ سرو اوھان جي هٿ ۾ آھي. (بيان القرآن)

وَقَالَ الرَّسُوْلُ يٰرَبِّ اِنَّ قَوْمِي اتَّخَذُوْا ھٰذَا الْقُرْاٰنَ مَهْجُوْرًا ○ (الفرقان: 25/ 30)

۽ رسول خاتم النبیین صلی اللہ علیہ وسلم خدا جي حضور ۾ چوندو تہ اي منھنجا پروردگار! منھنجي قوم ھن قرآن کي مھجور بنائي ڇڏيو ھيو. يعني رسول الله خاتم النبیین صلی اللہ علیہ وسلم الله عزوجل وٽ فرياد ڪرڻ فرمائيندا تہ مسلمانن ھن قرآن ڪريم کي پنھنجن خودساخته اعتقادن، خيالن، رسمن ۾ جڪڙي رکيو ھيو ۽ ان جي تعليم ڏانھن توجه نہ ڏنو ھيو.

وَمَنْ اَعْرَضَ عَنْ ذِكْرِيْ فَاِنَّ لَهٗ مَعِيْشَةً ضَنْكًا وَّنَحْشُرُهٗ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ اَعْمٰى ○ (طٰهٰ: 20/ 124)

جيڪو منھنجي ذڪر (قرآن) کان منھن موڙيندو، تنھن لاءِ حياتي نهايت اھنجي ٿيندي. قيامت جي ڏينھن اسان ان کي انڌو ڪري اٿارينداسين (يعني سندن اکين جي بصيرت کسي ڇڏينداسين).

پر جيڪڏھن کو شخص قرآن کي دل سان سانڊيندي ۽ پاڻ کي قرآن جو مثالي انسان بڻائيندو تہ: وَنُنَزِّلُ مِنَ الْقُرْاٰنِ مَا ھُوَ شِفَآءٌ وَّرَحْمَةٌ لِّلْمُؤْمِنِيْنَ ۙ وَلَا يَزِيْدُ الظّٰلِمِيْنَ اِلَّا خَسَارًا ○ (بني اسرائيل: 82/17) اسان قرآن کي نازل ڪيون ٿا، جو اھو (ساري جو سارو) مؤمنن لاءِ شفا ۽ دائمي بي پايان رحمت آھي، پر ظالمن (قرآن کان منھن موڙيندڙن) لاءِ نقصان ئي نقصان آھي.

خوار از مہجوریٔ قرآن شدی — شکوہ سنجِ گردشِ دوران شدی

ای تو شبنم بر زمین افتندہِ — در بغل داری کتابے زندہِ (اقبال رحمۃ اللہ علیہ)

(اي مسلمان!) تنھنجي ذلت ۽ خواريءَ جو اصل سبب هي آھي تہ تون قرآن کان پري ۽ بي تعلق ٿي ويو آھين، پر تون پنھنجي ھن زبون حاليءَ جو الزام زماني جي گردش کي ڏئي رھيو آھين. اي اھا قوم! جيڪا ماڪ جي داڻن وانگر زمين تي پکڙي پئي آھي (۽ پيرن ھيٺ لتاڙي پئي وڃي) اُٺ، تنھنجي بغل ۾ ھڪ زندھ ڪتاب موجود آھي.